سيرت النبي ﷺ

(جلد پهريون)

(نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي باري ۾ مقدس ڪتابن ۾)

پيشنگوئيون

(حصو پهريون)

ليکڪ ۽ محقق

پروفيسر احسان الله جمالي

مرڪ پبليڪيشن ڪراچي

حق۽ واسطا محفوظ

اداري ۽ ليکڪ جي اجازت کان سواءِ ڪو بہ هن ڪتاب جي ڪاپي يا ڇپائي ڪري نہ ٿو سگهي.

ڪتاب جو نالو: سيرت النبي ﷺ
ليکڪ ۽ محقق: پروفيسر احسان الله جمالي
ڇاپو: پهريون
ڇپائيءَ جو سال: 2022 ع
تعداد: 1000
ڪمپوزنگ: شيخ ڪاظم حسين معصومي
ٽائيٽل لي آئوٽ: زين ڪمپيوٽرس ڪراچي
تعاون:
ڇپائيندڙ: ولايت اڪيڊمي سنڌ پاڪستان
مُلهہ: 1000 رپيا

Published By: Murk publication,
Room No: 305 3rd Floor Sabir Manzil 98
Behind Gul Plaza, Marston Road Karachi
murk.publication@gmail.com
murtazalaghari64@gmail.com
021-32772494
03005182494

ملڻ جو هنڌ:

1_ قم: ميدان جانبازان، خيابان شهيد فاطمي، ڪوچہ18، فرعي16، پلاڪ19؛
فون0098،37830316 :www.montazer.com
2_ قم: خيابان باجڪ، فلڪ جهاد، مجتمع آموزش عالي امام خميني &؛
شيخ ڪاظم حسين معصومي0098،9192512406
3_ مجتمع آموزش عالي فقہ و اصول (مدرسہ حجتيہ)
معشوق علي مهدوي0098،936707378

بسم الله الرحمن الرحیم

فهرست

❖ پيش لفظ: پروفيسر احسان الله جمالي 17
❖ مقدمو ـ 1 21
(الف) لفظ انسان جي معني لغات القرآن مطابق 21
(ب) لفظ انسان جي معني المنجد مطابق 22
(ت) لفظ بَشَر جي معني 23
(ث) لفظ آدم جي معني 24
(ج) لفظ Human Being جي معنيٰ 26
(ح) اينترو پالاجي 26Anthropology 26
❖ مقدمو ـ 2 27
(الف) الله جي خلقت جو عظيم شاهڪار ـ انسان 27
(ب) انسان پابندين ۽ ذميوارين جي جڪڙ ۾ 31
(ت) انسانن ڪان ميثاق 33
(ث) ڇا انسان کي عالم ذر ۾ ورتل ميثاق ياد آهي؟ 34
(ج) ميثاق ذر جي اهميت ، افاديت، ضرورت 35
(ح) انسان جي پيدائش دين فطرت تي 37
(خ) هادي ۽ رهبر جي ضرورت 39
(د) نبي ڪريم صہ جي باري ۾ انبياء ڪان عهد ۽ اقرار 41
❖ ڪتاب پيدائش جو تعارف 51
(الف) بائيبل جون ٻين ڪتابن سان اختلاف رکندڙ ڳالهيون 52
(ب) بيهوده ڳالهيون 58
(ت) محرمات سان ناجائز رشتا 59
(1) الله تبارڪ وتعالي جو حضرت ابراهيم عہ سان واعدو 66
(الف) پراڻي عهدنامي ۾ 66
(ب) حضرت بيبي هاجره رضہ کي خوشخبري 69
(ت) حضرت ابراهيم عہ سان الله جي عهد بابت وڏيڪ پيشنگوئيون 71
(ث) قرآن شريف ۾ حضرت ابراهيم عہ جي دعا 73
(2) شيلوه - امن جو شهزادو 76
(الف) لفظ ”اسرائيل“ جي معني 76
(ب) لفظ ”شيلوه“ جي معني 78
(ت) لفظ ”شيلوه“ کي مسخ ڪرڻ جي ڪوشش 79
(ث)لفظ ”شيلوه“جي جاءِ تي ٻيو لفظ استعمال ڪري جملي کي تبديل ڪرڻ 80
(ج) لفظ ”شيلوه“ کي مڪمل طور حذف ڪري ڇڏڻ 82
(ح) لفظ ”شيلوه“ کي حضرت عيسىٰ عہ تي فٽ ڪرڻ جي ڪوشش 83
❖ ڪتاب استثنا (شريعت جو دور) جو تعارف 91
(3) موسيٰ عہ جهڙو نبي صہ 93
(الف) ايندڙ نبي بني اسرائيل جي ڀائرن مان هوندو. 94

(i) احمد ديدت جو بيان 96
(ii) عرب ۽ يهودي 97
(iii) جان گلڪرسٽ (John Gilchrist) جو موقف 98
(iv) جان گلڪرسٽ جي موقف جو پوسٽ مارٽم 100
(v) قرآن جو طريقو 103
(ب) توجهڙو هڪ نبي اٿاريندس 110
(ت) حورب واري درخواست 124
(ث) الله تبارڪ وتعالي پنهنجو ڪلام هن جي وات ۾ وجهندو 134
(ج) جيڪي آءٌ هن کي فرمائيندس سو هو هنن کي ٻڌائيندو 140
(ح) هو نبي الله جون ڳالهيون الله جو نالو وٺي ڪري چوندو 142
(خ) ڪو ڪونہ ٻڌندو تہ آءٌ انهيءَ کان حساب وٺندس 143
(د) گستاخ نبي ماريو ويندو144
(ذ + ر) اهو نبي غير خدا جي پرستش کان منع ڪندو ۽ توحيد جو واعظ ڪندو 149
(ز) ان نبيءَ جون سيئي پيشنگوئيون پوريون ٿينديون 152
(س) سچي نبيءَ کان خوف ڪر، ڪوڙي نبيءَ کان خوف نہ ڪر 163
(4) **خداوند فاران جبل مان چمڪيو** 168
(الف) خداوند سينا مان آيو 169
(ب) شعير مان انهن تي ظاهر ٿيو 169
(ت) هو فاران (Paran) جبل مان چمڪيو 172
(ث) لکن پاڪ ماڻهن منجهان آيو 177
(ج) هن جي ساڄي هٿ ۾ 185
(ح) هنن لاءِ باهہ جهڙي شريعت هئي 185
❖ **ڪتاب زبور جو تعارف** 188
(5) وَلَقَدْ كَتَبْنَا فِي الزَّبُورِ مِنْ بَعْدِ الذِّكْرِ 191
(الف) ذڪر مان مراد 193
(ب) صالح بندن مان مراد 194
(ت) زمين جي وراثت هن دنيا لاءِ يا آخرت لاءِ؟ 195
(ث) انتظار امام مهدي عہ يا انتظار حضرت عيسيٰ عہ 197
(6) **هڪ بادشاه جو بيان** 201
(7) **پاڪ بندا _ جن قرباني ڪري عهد ٻڌو آهي** 210
(8) **جيڪو رڻ پٽ مان سواري ڪري ٿو لنگهي تنهن لاءِ سڙڪ تيار ڪريو** 211
(الف) خدا جي حضور ۾ گيت ڳايو 211
(ب) رڻ پٽ مان لنگهندڙن لاءِ سڙڪ تيار ڪريو 211
(ت) يتيمن جو پيءُ ۽ بيوهہ زالن جو منصف 212
(ث) خدا اڪيلن کي خاندانن وارو ٿو ڪري 212
(ج) جڏهن تون بيابان مان لنگهئين 213
(9) **مجبورن ۽ بيڪسن جو واهر وسيلو تنهن تي هزارين درود و سلام** 214
(10) **واديءِ بُڪہ** 220

(الف) ڪجھ زبور جي باري ۾ 220
(ب) آيتن جي تفسير 221
(11) خداوند جي حضور ۾ نئون گيت ڳايو 232
(الف) نئون گيت ڳايو 232
(ب) روزبروز سندس نجات بيان ڪريو 234
(ت) محمد ﷺ 235
(12) ڪنڊ جو پھڻ 236
(13) وات ۾ خداوند جي تعريف، هٿن ۾ ٻہ ڌاري ترار 238
(الف) خداوند جي تعريف 238
(ب) خداوند جي حضور ۾ نئون گيت ڳايو 238
(ت) جماعت ۾ تعريف ڳايو 239
(ث) اسرائيل پنھنجي خالق ۾ خوش رهي 239
(ج) وات ۾ خدا جي تعريف ۽ هٿن ۾ ٻہ ڌاري ترار 239
❖ ڪتاب راڳن جو راڳ جو تعارف 240
(الف) ڪتاب جو موضوع 240
(ب) راڳن جو راڳ جون پيشنگوئيون حضرت عيسىٰ عہ لاءِ 241
(ت) قرآن شريف جو بيان 242
(14) محمديم 245
(الف) لفظ محمدﷺ 246
(ب) ڪجھ اعتراضن جا جواب 248
(ت) حضورصلي الله عليہ وآلہ وسلم جي باري ۾ وڏيڪ پيشنگوئيون 249
(ث) سيھڙ ڄنگھان تي چوٿون پيچ 252
(ج) ميثاق النبيين واري جي تحقيق 253
(ح) احمد ديدت جو بيان 260
❖ ڪتاب يسعياه جو تعارف 271
(15) سلامتيءَ جو شھزادو 275
(الف) قومن جو گليل 275
(ب) اونداهيءَ ۾ هلندڙن روشني ڏٺي 276
(ت) هو تنھنجي اڳيان خوشي ٿا ڪن 276
(ث) اسان کي هڪڙو ٻار ڄائو آهي 276
(ج) ڪجھ ٻيون نشانيون 277
(16) هجرت مدينہ ۽ جنگ بدر 279
(الف) عرب بابت ڪلام 279
(ب) دوان جا قافلا 280
(ت) عرب جو ٻيلو 281
(ث) تيما جي اولاد 281
(ج) پيگلن سان اڃي گڏيا 281
(ح) هو ترارين . . . . . جنگ جي سختيءَ کان اٿي ڀڳا 281

(خ) هڪ سال اندر قيدار جي وڏائي گم ٿيندي 281
(17) ٻي ٻوليءَ سان ڳالهائيندو 282
(الف) حڪم تي حڪم، حڪم تي حڪم آهي 282
(ب) ڌارين چپن وارن ماڻهن وسيلي 282
(ت) هيءَ فرحت جي جاءِ آهي 284
(ث) جيڪي ٿڪل آهن انهن کي آرام ڪرڻ ڏيو 285
(ج) انهيءَ لاءِ تہ اهي وڃن ۽ پٺ تي ڪرن شڪست، ڪائين 285
(18)ڪنڊ جي سري وارو قيمتي پٿر 286
(الف) دوزخ سان انجام 286
(ب) صيون (Zion) 293
(ت) آزمايل پٿر 295
(ث) پڪي بنياد وارو پٿر 296
(ج) ڪنڊ جي سري وارو قيمتي پٿر 296
(ح) خداوند جو ملڪ کي تباه ڪرڻ جو پڪو ارادو 307
(19) اڻ پڙهيل (امي) کي ڪتاب ڏنو ويو 309
(الف) صُمٌّۢ بُكۡمٌ عُمۡىٌ فَهُمۡ لَا يَرۡجِعُوۡنَ 309
(ب) اڻ پڙهيل کي ڪتاب ڏنو ويندو 310
(ت) حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي صفت ”امي“ جو قرآن ۾ ذڪر 314
(ث) تاريخ مان تصديق 317
(ج) توريت ۽ انجيل ۾ قرآن جو ذڪر 320
(ح) انڌا ڏسندا ٻوڙا ٻڌندا 321
(20) بني اسرائيل تي الله جو غصو 322
(الف) هڪڙيءَ تختي تي لک ۽ هڪڙي ڪتاب ۾ داخل ڪر 323
(ب) باغي امت 323
(ت) ڪوڙا ٻار 324
(ث) بني اسرائيل جي سزا 325
(ج) گهوڙن تي چڙهي ڀڄي ويندا سين 325
(ح) هڪڙي جي ڌمڪيءَ سان هڪ هزار ڀڄندا 325
(خ) جيڪي هنجا منتظر آهن، سي سڀ مبارڪ آهن 326
(21) راستباز بادشاهہ 327
(الف) راستباز بادشاه ۽ ان جا سردار 327
(ب) راستباز بادشاه جون خصوصيتون 328
(ت) ڪميٽي جي ڪميٽائي 328
(ث) پر سخي سخاوت جا ڪم ڪندو رهندو 329
(22) سلامتيءَ وارو گهر 330
(23) انهن جون سڀ خطائون معاف ڪيون وينديون 335
(24) بيابان ۽ ويران پٽ سرهو ٿيندو 337
(25) بيابان ۾ خداوند جو رستو تيار ڪريو 339
(الف) لفظ بيابان مان مراد 339

(ب) خداوند جو رستو تيار ڪرڻ يا واٽون سنيون ڪرڻ جو مطلب 340
(ت) عيسائين جو موقف 341
(ث) مسلمانن جو موقف 343
(26) خداوند خدا طاقتمند وانگي ايندو 353
(الف) يهوداه جي شهرن کي چئو 353
(ب) خداوند خدا طاقتمند وانگي ايندو 353
(ت) هن جي ٻانهن سندس لاءِ حڪم هلائيندي 354
(ث) هن جو انجام ساڻس آهي 354
(ج) هن جو عيوضو سندس اڳيان آهي 355
(ح) هو پنهنجو ڌڻ ڌنار وانگر چاريندو 355
(27) ڪوڙ ساريون خصوصيتون 356
(الف) ڏسو منهنجو ٻندو...! 357
(ب) هو رڙ نہ ڪندو، نڪي هل ڪندو...! 372
(ت) ڦٽل ڪانو ٻہ هو ڪين ڀڃيندو ۽...! 373
(ث) هو سچائي سان عدالت جاري ڪندو...! 375
(ج) خداوند خدا جنهن آسمان پيدا ڪيا...! 377
(ح) مون خداوند تو کي سچائيءَ سان سڏيو آهي...! 377
(خ) تہ تون انڌن جون اکيون کولين...! 380
(د) آءٌ خداوند آهيان: اهو منهنجو نالو آهي...! 383
(ذ) ڏسو اڳوڻيون ڳالهيون اچي پوريون ٿيون آهن....! 390
(ر) اي ٻيٽ ۽ ان جا رهاڪو، خداوند جي لاءِ نئون گيت ڳايو...! 390
(ز) يلي تہ قيدار جا آباد ڪيل ڳوٺ پنهنجو آواز مٿي ڪن...! 391
(س) يلي تہ اهي خداوند جو جلال ۽ هن جي تعريف پڌري ڪن...! 397
(ش) خداوند بهادر مرد وانگي نڪرندو...! 397
(ص) آءٌ گهڻو وقت ماٺ ڪري ويٺو آهيان...! 401
(ض) آءٌ جبلن ۽ ٽڪرين کي ويران ڪندس...! 402
(ط) آءٌ انڌن کي انهيءَ رستي کان آڻيندس...! 405
(ظ) اهي جي اڪريل مورتن تي ڀروسو ٿا رکن...! 409
(28) الله جو چونديل 411
(29) آءٌ بيابان ۾ رستو ٺاهيندس 414
(الف) ڪوريئڙو، جهنگلي ڪبوتر ۽ وڻ ٽڻ ٻوٽا 415
(ب) شينهن جو پاڻ سڳورن ﷺ جي غلام سفينہ جي خدمت ڪرڻ 417
(ت) سرڪش اٺ کي قابو ڪرڻ 418
(30) ڏهاڳڻ جو اولاد سهاڳڻ کان گهڻو آهي 420
(31) هميشہ جي سلامتيءَ وارو عهد 423
(الف) بني اسرائيل تي الله ۽ رسول جي لعنت 423
(ب) يسعياه جو ابدي عهد بابت بيان 424
(32) امتن مٿان شاهد ۽ سردار 428
(الف) امتن لاءِ شاهد 428

(ب) امتن لاءِ مهندار ۽ سردار 439
(ت) تون انهيءَ قوم کي سڃندين جنهن کي تون نہ ٿو سڃاڻين...! 443
(ث) اهو خداوند تنهنجي خدا ۽ اسرائيل جي قدوس جي ڪري ٿيندو 443
❖ **ڪتاب حزقي ايل جو تعارف** 445
(33) **پڇاڙيءَ جي سزا ـ حق جو حقدار کي ملڻ** 450
(الف) پڇاڙيءَ جي سزا جو وقت 450
(ب) پنهنجي پڳ ۽ چٽ لاهي ڇڏ 450
(ت) آءٌ هن کي اونڌو ڪندس 451
(ث) جيستائين اهو اچي جنهن جو حق آهي 451
(ج) ترار ڪڍي وئي آهي 451
(ح)جنهن زمين ۾ تون ڄائو آهين انهيءَ جاءِ تي تنهنجي عدالت ڪندس 452
(خ) جهنگلي ماڻهن جي حوالي ٿيندين 452
(د) تون وري ياد نہ ڪيو ويندين 452
❖ **ڪتاب داني ايل جو تعارف** 453
(34) **هميشہ رهڻ واري بادشاهت** 454
❖ **ڪتاب يوايل جو تعارف** 456
(35) **۽ چنڊ ٻہ ٽڪر ٿي ويو** 457
(الف) قرآن سان مطابقت 457
(ب) شق القمر حديث ۽ روايتن جي روشني ۾ 459
(ت) مالابار جي راجا جو چنڊ کي ٻہ ٽڪر ٿيندي ڏسڻ 460
(ث) چين جي هڪ قديم عمارت جي پٿرن ۾
چنڊ جي ٻہ ٽڪر ٿيڻ جو ذڪر 461
(ج) جديد سائنسدانن جي تصديق 462
(ح) سچ جو حضرت علي عہ لاءِ موٽڻ 462
(خ) پراڻي عهدنامي ۾ سچ چنڊ جي معجزن جو ذڪر 464
❖ **ڪتاب حبقوق جو تعارف** 465
(36) **هن زماني ۾ انهيءَ کي ظاهر ڪر** 467
(الف) هن ئي زماني ۾ هن کي ظاهر ڪر 497
(ب) خداوند تيمان مان آيو ۽ پاڪ خدا فاران جي جبل تان 469
❖ ڪتاب حجي جو تعارف 471
(37) **اِسْمُهٗ اَحْمَدُ** 472
(الف) عبدالاحد دائود جو بيان 473
(ب) عيسائين جو لفظ حمده (hem-dat) کي مسخ ڪرڻ جا طريقا 477
❖ **ڪتاب ملاڪي جو تعارف** 480
(38) **عهد (يعني طوهر) جو رسول صہ** 481
(الف) عهد جي معنيٰ 483
(ب) عهد مان مراد 484
(1) حضرت ابراهيم عہ جي اولاد کي وڏائڻ ۽ ڪيس ملڪ ڏيڻ جو واعدو 484

(2) ختني جو عهد ۽ ختني وارو رسول صہ موڪلڻ جو واعدو 487
(i) شبلي نعماني جي تحقيق 492
(ii) اسلام قبول ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ وڏي پادري ضغاطر جو قتل 495
(3) پٽ کي ذبح ڪرڻ جو امتحان، ماڻهن جو امام مقرر، هميشہ جو عهد 496
(i) اِسۡمٰعِيۡلُ ذَبِيۡحُ اللّٰهِ 497
(ii) حضرت بيبي هاجره رضہ ٻانهي يا شهزادي؟ 502
(a) اسلامي روايت 502
(b) عيسائي ۽ يهودي روايتون 505
(iii) يهودين ۽ عيسائين جا مقدس غلام ۽ ٻانهيءَ جا ٻار 513
❖ **ڪتابيات** 519

پيش لفظ

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ مِنۡ اَوَّلِ الدُّنۡيَا اِلٰى فَنَآئِهَا وَ مِنَ الۡاٰخِرَةِ اِلٰى بَقَآئِهَا ؕ وَ الۡحَمۡدُ لِلّٰهِ عَلٰى كُلِّ نِعۡمَةٍ وَّ اَسۡتَغۡفِرُوا اللّٰهَ مِنۡ كُلِّ ذَنۡبٍ وَّ اَتُوۡبُ اِلَيۡهِ يَا اَرۡحَمَ الرّٰحِمِيۡنَ ؕ

(سڀ تعريفون الله لاءِ آهن، دنيا جي ابتدا کان وٺي ڪري هن جي فنا ٿيڻ تائين ۽ آخرت کان وٺي هن جي باقي رهڻ تائين. الله جو شڪر آهي هن جي هر نعمت تي. مان هر گناهه لاءِ الله کان مغفرت جو طلبگار آهيان ۽ هن جي بارگاهه ۾ توبه ڪريان ٿو. اي سڀني رحم ڪرڻ وارن کان وڌيڪ رحم ڪرڻ وارا.)

”اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِ مُحَمَّدٍ كَمَا صَلَّيۡتَ عَلٰى اِبۡرٰهِيۡمَ وَ عَلٰى اٰلِ اِبۡرٰهِيۡمَ اِنَّكَ حَمِيۡدٌ مَّجِيۡدٌ. اَللّٰهُمَّ بَارِكۡ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِ مُحَمَّدٍ كَمَا بَارَكۡتَ عَلٰى اِبۡرٰهِيۡمَ وَ عَلٰى اٰلِ اِبۡرٰهِيۡمَ اِنَّكَ حَمِيۡدٌ مَّجِيۡدٌ.“

(يا الله تون حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم تي ۽ سندس آل تي ائين درود (برڪت، رحمت ۽ سلامتي) موڪل جيئن تو حضرت ابراهيم عہ ۽ ان جي آل تي درود (برڪت، رحمت ۽ سلامتي) موڪلي آهي.)

سيرت النبي صلي الله عليه وآله وسلم لکڻ هڪ مسلمان لاءِ وڏي سعادت جي ڳالهه آهي. منهنجي به خواهش هئي ته مان به هن سعادت کان بهرور ٿيان. سڀ کان گهڻو پنهنجي گناهن جو احساس هو ۽ انهن گناهن کان ڇوٽڪاري جو سبب به ڳولهڻو هو.

دل چوي پئي ته منهنجو لکيل سيرت النبي صلي الله عليه وآله وسلم هن وقت تائين لکيل سڀني سيرتن کان مختلف هجي. هن سيرت ۾ هر واقعي جي هر پهلو کي پيش ڪري ان جي چنڊ ڇاڻ ڪرڻ ڪپي. ان کان علاوه پنهنجن جي لاپرواهي جي ڪري غيرن کي حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليه وعلي آله واصحابه وسلم جي شان ۾ گستاخي جو موقعو ملڻ تي دلي تڪليف به محسوس ٿئي پئي.

مثال طور پهرين وحي جي نزول جو واقعو اهڙي نموني بيان ڪرڻ جڻ ته سڀني نبين جي سردار حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليه وعلي آله واصحابه وسلم کي سمجهه ئي نه ويني ته پاڻ سڳورن صہ سان ڪهڙي قسم جو واقعو پيش آيو هو. ايتري تائين جو هڪ عيسائي عالم هن کي ٻڌائي ٿو ته توٽي روح القدس يعني حضرت جبرائيل عہ نازل ٿيو هو ۽ ان سان ڳڻوڳڻ هو ٻڌائي ٿو ته پاڻ سڳورن صہ کي

مستقبل ۾ ڪهڙا واقعا پيش ايندا، جنهن تي پاڻ سڳورن صہ جو تعجب جو اظهار ڪرڻ. يعني هڪ عيسائي عالم کي بہ پاڻ سڳورن صہ کان وڌيڪ سوچ، سمجهہ ۽ علم هو.

يا وري سيني نبين جي سرتاج حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جو خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ.

يا حضرت بيبي عائشہ رضہ جي شاديءَ وقت عمر بابت غلط روايتن تي انڌو اعتماد ڪرڻ.

هنن ڳالهين کي وٺي ڪري عيسائي توڙي يهودي مسلمانن جو وڏو مذاق اڏاريندا آهن. بلڪ دشمنن کي نبيءِ آخرالزمان حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي شان ۾ گستاخي جو موقعو ملي ويندو آهي. هن ڳالهہ ۾ هندو بہ عيسائين جو ساٿ ڏيندي نظر ايندا آهن.

منهنجي خواهش هئي تہ مان اهڙين سيني غلط روايتن جي تحقيق ڪيان. پر انهيءَ لاءِ ظاهر آهي تہ هڪ سني علمي استطاعت جي ضرورت هئي. سو مان قلم کڻڻ تي گهبرائي رهيو هيس. پر پوءِ هڪ ڏينهن اسان جي ڪاليج جي سينيئر ترين پروفيسر محترم سيد گل محمد شاه اهڙي ڳالهہ ڪئي جو مون چيو تہ "ابھی نہیں تو کبھی نہیں". مون کي اڄ بہ سائينءَ جا جملا ياد آهن. سائينءَ فرمايو تہ:

"جمالي صاحب جيڪي ڪجهہ لکڻو اٿئي لکي وٺ. وڏي عمر ۾ پهچي پوءِ ماڻهو لکڻ کان رهجي ٿو وڃي."

سو مون جهڙو تهڙو لکڻ شروع ڪري ڏنو.

پهريان منهنجو خيال هو تہ هي موضوع يعني "نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي باري ۾ مقدس ڪتابن ۾ پيشنگوئيون"، "سيرت النبي صلي الله عليہ وآلہ وسلم" جو بس هڪ ننڍو باب هوندو. پر جڏهن مون هن تي لکڻ شروع ڪيو تہ هي سلسلو ڪٽڻ جو نالو ئي نہ پيو وٺي. منهنجي لکڻ جي رفتار بہ سست هئي ۽ وچ وچ ۾ مختلف سببن جي ڪري وقفا بہ پئجي وڃن پيا. مٿان وري هي باب ايترو ڊيگهہ وٺندو وڃي پيو جو هڪ مستقل ڪتاب جي صورت اختيار ڪندو پيو وڃي.

آخرڪار دوستن مشورو ڏنو تہ ڪم کي ڪٽائڻ جي ڪوشش ڪر ۽ جيڪي جيترو لکيو اٿي انهيءَ کي ڪتابي شڪل ڏي ۽ انهيءَ کي جلد پهريون جو نالو ڏي. جيڪو بعد ۾ لکندين انهيءَ کي جلد ٻيو ۽ ٽيون ڪري شايع ڪجانءِ. تيستائين ماڻهو اوهان جي ڪم ۽ ان جي معيار کان بہ واقف ٿي ويندا. جيڪڏهن ماڻهن کي اوهان جو ڪم سنو لڳو تہ آئينده هو اوهان جي ايندڙ ڪتابن جو انتظار ڪندا.

مون کي ٻه دوستن جو مشورو صحيح لڳو. سو ڪتاب جهڙو آهي تهڙو آهي، اوهان آڏو آهي. اميد ته پنهنجي مشورن کان مستفيد ڪندا رهندا، جيئن ايندڙ جلدن کي بهتر کان بهتر بڻائي سگهجي.

مون نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي باري ۾ جيڪي به پيشنگوئيون پيش ڪيون آهن، انهن پيشنگوئين جو نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي باري ۾ هجڻ جي تصديق لاءِ:

(1) خود انهن جي ڪتابن بائيبل، تلمود ۽ هنن جي تفسير جي ڪتابن کان ثبوت پيش ڪيا آهن.

(2) قرآن ۽ تفسير قرآن مان ثبوت پيش ڪيا آهن.

(3) حديث ۽ ان جي شرحن کان ثبوت پيش ڪيا آهن.

(4) تاريخ جي ڪتابن کان ثبوت پيش ڪيا آهن.

(5) انهن سڀني کي ملائي ان مان منطقي طور تي ثابت ڪيو آهي ته پيش ڪيل پيشنگوئي صرف اسان جي پياري پيغمبر حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليه وعلي آله واصحابه وسلم جي باري ۾ ئي آهي.

مون ڪوشش ڪئي آهي ته "پراڻي عهدنامي" ۾ نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي باري ۾ الله تعالي طرفان مقدس نبين جي معرفت پيش ڪيل پيشنگوئين جي فيچرز تي يهودين ۽ خصوصن عيسائين طرفان جمايل دز کي صاف ڪري پيش ڪريان. هن ۾ مان ڪيترو ڪامياب ويو آهيان، انهيءَ جو فيصلو اوهان جي هٿ ۾ آهي.

الله تبارڪ وتعالي انسان کي آزاد پيدا ڪيو آهي. هن کي ڀلائي جي راهه به ڏسيائين ۽ برائي جي راهه به ۽ پوءِ ڪيس آزادي ڏنائين ته هو ڪهڙو رستو اختيار ٿو ڪري تاڪه انهيءَ جي بنياد تي آخرت ۾ ڪيس جزا ۽ سزا ڏني وڃي. انسان کي غور ۽ فڪر جي آزادي ملي ته هو هر ڳالهه ۾ اختلاف ڪرڻ لڳو. هو الله جي ڏسيل راهه سان به اختلاف ڪرڻ لڳو. هو حقيقت پسند ٿيڻ جي بجاءِ پنهنجي خواهشن جي ڪڍ لڳي پيو. نتيجي ۾ دنيا ۾ الائي ڪيترا مذهب، مڪتب، سوچن جا اسڪول پيدا ٿيا، ايتريقدر جو بي دين ۽ لامذهب به پيدا ٿي ويا. وري ايئن ٿيو جو هڪ ئي مڪتب، هڪ ئي مذهب، هڪ ئي سوچ رکندڙ ماڻهن جو ڪنهن نه ڪنهن ڳالهه تي پاڻ ۾ اختلاف ٿي پيو. توهان کي هر شخص جو ڪنهن نه ڪنهن ڳالهه تي ٻئي سان اختلاف نظر ايندو. پوءِ ڪٿي اهي هڪ گهر جا ڀاتي ئي ڇو نه هجن.

سو مون کي به اندازو آهي ته منهنجي هن ڪتاب جي باري ۾ ماڻهن جو منهنجي سوچ، سمجهه، تشريح يا تفسير سان سو فيصد متفق هجڻ ڏکي ڳالهه آهي. پر مان پوري يقين سان چوان ٿو ته ڪو شخص مسلمان

هجي يا هندو، يهودي هجي يا عيسائي، دوست هجي يا دشمن، يا منهنجو ڪيڏو بہ مخالف هجي، مون سان ڪيترو بہ اختلاف رکندو هجي، اهو منهنجي ڪتاب جي سيني پيشنگوئين جي سيني تشريحن کي يڪسر مسترد نہ ٿو ڪري سگهي. پوءِ ڀلي ڪٽي هو ڪهڙي بہ مڪتب سان تعلق رکندو هجي، ڪهڙي بہ مذهب سان تعلق رکندو هجي. ڀلي اهو يهودي يا عيسائي هجي. جيڪڏهن پنهنجي مڪتب يا مذهب جي مجبوري ڪان ڪليل اظهار نہ بہ ڪري پر دل ۾ هن کي يقين ٿي ويندو تہ ها ٻيلي! هيءَ پيشنگوئي حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم ڪان سواءِ ٻئي ڪنهن لاءِ ٿي ئي نہ ٿي سگهي. اهو هر پڙهندڙ محسوس ڪندو، چاهي اسان جو موافق هجي يا مخالف.

جيڪڏهن اسان هڪ بہ پيشنگوئي حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي باري ۾ سچي ثابت ڪري سگهياسين تہ اها ان حقانيت جو ثبوت هوندي تہ اسان جو پيارو نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم الله تبارڪ وتعالي جو سچو نبي آهي.

بس! اها ئي اسان جي مقصد جي ڪاميابي هوندي.

اسان کي يقين آهي تہ هن ڪتاب جي پڙهڻ سان مسلمانن جو پنهنجي پياري پيغمبر حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم تي ايمان ۾ اضافو ٿيندو.

آخر ۾ الله تبارڪ وتعالي ڪان دعا آهي تہ هو اسان جا گناهہ بخشي، آئنده اسان کي گناهن ڪان بچڻ جي توفيق عنايت فرمائي ۽ اسان کي انهيءَ لائق بڻائي جو قيامت جي ڏينهن اسان سندس محبوب بندي ۽ رسول صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي شفاعت حاصل ڪرڻ جي قابل بڻجي سگهون. آمين يا رب العالمين.

دعائن جو طلبگار

احسان الله جمالي

مقدمو_1

(الف) لفظ انسان جي معني لغات القرآن مطابق

مولانا محمد عبدالرشيد نعماني پنهنجي ڪتاب "لغات القرآن" ۾ لفظ "انسان" ۽ ان سان تعلق رکندڙ لفظن جي معني هن ريت ڪئي آهي:

"أُنَاسٌ= ماڻهو، نوسٌ مان اخذ ٿيل آهي. جنهن جي معني حرڪت ڪرڻ جي آهي. "اِنْسَانُ" جي جمع علي غير لفظه."[1]

وَ مَا كَانَ جَوَابَ قَوْمِهٖٓ اِلَّآ اَنْ قَالُوْٓا اَخْرِجُوْهُمْ مِّنْ قَرْيَتِكُمْ ۚ اِنَّهُمْ اُنَاسٌ يَّتَطَهَّرُوْنَ.[2]

"أَنَاسِيَّ= ماڻهو. سيبويه مطابق "اِنْسَانُ" جي جمع آهي. فراء، مبرد ۽ زجاج جو بيان آهي ته "اِنْسِيٌّ" جي جمع آهي. فراء جو هڪ قول هي به آهي ته هي "اِنْسَانُ" جي جمع آهي. اصل ۾ "اَنَاسِيْنَ" هيو، جيئن: سرحان ۽ سراحين ۽ بستان ۽ بساتين. هتي ۾ "يا" نون جي عيوض آندي وئي آهي."[3]

لِّنُحْيِ بِهٖ بَلْدَةً مَّيْتًا وَّ نُسْقِيَهٗ مِمَّا خَلَقْنَآ اَنْعَامًا وَّ اَنَاسِيَّ كَثِيْرًا.[4]

"اِنْسَانُ= ماڻهو. مذڪر ۽ مونث ٻنهي لاءِ استعمال ٿيندو آهي."[5]

يُرِيْدُ اللّٰهُ اَنْ يُّخَفِّفَ عَنْكُمْ ۚ وَ خُلِقَ الْاِنْسَانُ ضَعِيْفًا.[6]

"اِنْس" = ماڻهو. "اَنَسٌ" کان مشتق آهي. جنهن جي معني "مانوس هجڻ" جي آهي. جيئن ته انسان ذاتي طور تي تمدن وارو واقع ٿيو آهي، ان ڪري هن جي زندگي پاڻ ۾ ميل جول ۽ انسيت کان بغير نه ٿي ٿي سگهي. ماڻهن جو اهو "اُنس" آهي، جنهن جي ڪري هن جو نالو "اِنْس" پئجي ويو."[7]

فَيَوْمَىِٕذٍ لَّا يُسْـَٔلُ عَنْ ذَنْۢبِهٖٓ اِنْسٌ وَّ لَا جَآنٌّ.[8]

"اَلنَّاس"= اسم جمع يا جمع. گهڻن ماڻهن جي خيال ۾ "اَلنَّاس" جي اصل "اُنَاس" هئي. همزه محزوفه جي عيوض الف لام آندو ويو. انهيءَ

---

1. نعماني، محمد عبدالرشيد، "لغات القرآن مع فهرست الفاظ"(اردو)، دارالاشاعت، اردوبازار، ڪراچي، طباعت:1994ع، جلد اول، ص 465
2. سورة الاعراف: 82
3. "لغات القرآن"، جلد اول، ص 466 (بحواله فتح القدير ج4،ص78، طبع مصر 1350هه)
4. سورة الفرقان: 49
5. "لغات القرآن"، جلد اول، ص 277
6. سورة النّسَاء: 28
7. "لغات القِرآن"، جلد اول، ص 277
8. سورة الرحمان: 74

ڪري، الف لام، همزه سميت نه ٿو اچي ۽ ”اَلاُناس“ نه چيو ويندو آهي. (بيضاوي)

ڪن چيو ته هن جو ماخذ ”نسی“ (وسارڻ) آهي، سين ۽ يا جي جڳهه

ڪي بدلائي ”نيس“ ڪيو ويو. پوءِ ”نيس“ ڪان ”ناس“ بڻايو ويو. انهيءَ صورت ۾ ”انسان“ جي اصل ”انسيان“ ٿيندي. ڪن اهل لغت وارن ”ناس“ جو ماخذ ”ناس“، ”ينوس“، ”نوسا“ ڪي قرار ڏنو آهي. ”نوس“ جي معني ”لهرون هڻڻ“، ”مضطرب ٿيڻ“ هڪ يمني شهزادي جي ڪلهن تي زلف يا گيسو لهرائيندا هئا، انهيءَ ڪري، هن ڪي ”ذونواس“ چيو ويندو هو. انهي صورت ۾ ”ناس“ جي تصغير ”نويس“ ٿيندي ۽ وا اصلي قرار ڏنو ويندو.

الناس اسم جمع آهي. مرد عورت، ننڍي وڏي، سٺي خراب، مسلمان ڪافر، دانا نادان، سڀ ڪي هي لفظ شامل آهي. ڪڏهن اهل فضل ۽ دانش ئي مراد هوندا آهن. يعني اهي ماڻهو جيڪي انساني خصوصيتن ۾ ڪامل هجن.

حضرت ابن عباس جو قول آهي ته جتي يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ جي لفظ سان خطاب ڪيو ويو آهي اتي اهل مڪه مخاطب آهن. ابن عباس جو مراد هي آهي ته سڀ ڪان پهريون مخاطب اهل مڪه آهن ۽ جيڪڏهن حڪم صرف اهل مڪه لاءِ مخصوص نه هجي ته سڀ انسان مخاطب آهن، ڪنهن زمان ۽ مڪان جي قيد ڪانسواءِ. خطابي صورت ۾ الناس ڪان مراد اهي انسان هوندا آهن جن ۾ مخاطب ٿيڻ جي صلاحيت آهي. يعني: عاقل، بالغ، ٻار ۽ ديوانا جيتوڻيڪ لغت جي حساب سان الناس ۾ شامل آهن، پر خطابي شڪل ۾ خطاب جو رخ انهن طرف نه آهي.[1]

(ب) لفظ انسان جي معني المنجد مطابق

المنجد ۾ لفظ انسان ۽ ان سان تعلق رکندڙ ٻين لفظن جي معني هن ريت بيان ٿيل آهي:

اَنِسَ (س) و اَنَسَ (ك) اَنَسًا و اَنَسَةً و اَنُسَ (ض) اَنُسًا = مانوس ٿيڻ، ڪنهن سان محبت ڪرڻ، ڪنهن سان دل لڳڻ.

اَنَّسَہ = مانوس ڪرڻ.

اَنَسَ الشَيءَ = ڪنهن شيءِ ڪي ڏسڻ، ان ڪي ڄاڻڻ.

اَنَسَہ' يُوَانِسُہ' مُوَانِسَةً = لطف ۽ مهرباني ڪرڻ، محبت ڪرڻ، تسلي ڏيڻ.

اَنَسَہ' يُونِسُہ' اِيْنَا سًا = مانوس ڪرڻ.

---

1. نعماني، محمد عبدالرشيد، ”لغات القرآن مع فهرست الفاظ“ (اردو)، دارالاشاعت، اردوبازار، ڪراچي، طباعت:1994ع، جلد ششم، ص 11

آنَسَ الصَّو تَ = آواز ٻڌڻ ___ الشَيءَ: ڪنهن شيءِ کي ڏسڻ _ جيئن آنَسَ مِنۡ جَانِبِ الطُّوۡرِ نَارًا[1] يعني حضرت موسىٰ عہ طور طرف باھہ ڏٺي.
الۡاَنَسُ= اهو ماڻهو جنهن سان توهان کي انس هجي، وڏو گروھہ ج: اَناس.

الۡاِنۡس = ماڻهو _ واحد (اِنۡسِيٌّ وَاَنَسِي) ج: اُناس واَنَاسِيّ.
الۡاَنِسَةُ = پاڪيزه طبيعت واري ڇوڪري، ج: اَوَانِسُ.
الۡاِنۡسَان = انسان، ماڻهو (مذڪر ۽ مونث ٻنهي لاءِ).
انسان العين = اک جي پتلي.
الاَنۡسَانِيَّه = انسان جي خصوصيات.
الۡاَنُوۡسَ = گهڻو انس ڪرڻ وارو. ج: اُنُس.
الۡاَنِيۡس = انس ڪرڻ وارو، اهو شخص جنهن سان انس هجي.
الۡاَنَيۡس = هڪ آبي پکي کي چيو ويندو آهي، جنهن جو آواز ڳئون جي آواز جهڙو هوندو آهي.
الۡمُؤۡنِس = انس ڏيڻ وارو.[2]

(ت) لفظ بَشَر جي معني

مولانا عبدالرشيد نعماني فرمائين ٿا تہ:

”بَشَر معني انسان _ اصل ۾ “بَشَرَةٌ” کل جي ظاهري سطح کي چيو ويندو آهي ۽ “اَدَمَةٌ” باطني سطح کي چيو ويندو آهي. سيني اديبن جو اهو قول آهي. پر ابو زيد ان جي برعڪس چيو آهي. انهيءَ ڪري، ابوالعباس وغيره هن جي ترديد ڪئي آهي. “بَشَرَةٌ” جي جمع “بَشَرٌ” ۽ “اَبۡشَارٌ” آهي. انسان کي بہ بشر انهيءَ ڪري چوندا آهن تہ ٻين حيوانن ۾ تہ ڪنهن جي کل ان سان ڍڪيل هوندي آهي تہ ڪنهن جي وارن سان، پر انسان جي کل سيني حيوانن جي برخلاف کليل آهي. لفظ بشر جو استعمال واحد ۽ جمع ٻنهي ۾ هڪجهڙو هوندو آهي. ها تثنيہ ۾ “بشرين” آيو آهي. قرآن مجيد انسان جي ظاهري جسم ۽ جثي کي بشر جي لفظ سان تعبير ڪيو آهي. ڪافرن جڏهن انبياءَ تي طعني بازي ڪئي تہ انهيءَ وصف بشريت کي نشانو بڻايو.

قرآن مجيد جواب ۾ انهيءَ حقيقت کي قائم رکيو تہ بيشڪ بشريت ۾ سڀ برابر آهن، پر الله تعالي جنهن کي چاهي معرف جليلہ ۽ اعمال جميلہ جي ذريعي امتياز ۽ خصوصيت سان سرفراز ڪري. تنهن ڪري، رسولن چيو تہ:

---

1. سورة القصص : 29
2. المنجد (عربي_اردو)، دارالاشاعت، ڪراچي، ڇاپو يارهون، سال 1994ع، ص 45

قَالَتْ لَهُمْ رُسُلُهُمْ اِنْ نَّحْنُ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ يَمُنُّ عَلٰى مَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ ؕ .[1] (انهن رسولن انهن کي چيو تہ بيشڪ اسان توهان وانگر بشر آهيون. پر الله پنهنجن ٻانهن مان جنهن تي چاهي احسان فرمائي) ۽ قُلْ اِنَّمَآ اَنَا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ يُوْحٰٓى اِلَيَّ.[2] (چئو تہ مان توهان جهڙو ئي انسان آهيان، مون طرف وحي ايندي آهي).

انهن ٻنهي آيتن ۾ مٿين حقيقتن کي قائم رکي فرق ۽ امتياز کي واضع ڪيو ويو آهي. سورة مريم ۾ فَتَمَثَّلَ لَهَا بَشَرًا سَوِيًّا[3] (هو پورو انسان ٿي کري هن جي سامهون ظاهر ٿيو) آيل آهي. هن ۾ فرشتي جو خوبصورت انسان جي شڪل ۾ اچڻ جو بيان آهي ۽ سورة يوسف ۾ وَقُلْنَ حَاشَ لِلّٰهِ مَا هٰذَا بَشَرًا ؕ اِنْ هٰذَآ اِلَّا مَلَكٌ كَرِيْمٌ [4] (عورتون چوڻ لڳيون حاش لله هي بشر نہ آهي. يقينن هي ڪو بزرگ فرشتو آهي) آيل آهي. هتي حضرت يوسف عہ جي باري ۾ انسان هجڻ جي نفي مقصود نہ آهي، بلڪ عورتن جي حيرت ۽ تعجب جي اظهار جو بيان آهي." [5]

(ث) لفظ آدم جي معني

مولانا محمد عبدالرشيد نعماني لغات القرآن جلد 1 ۾ لفظ آدم جي لغوي معني بيان ڪندي فرمائي ٿو تہ: "لفظ آدم جي متعلق علماءِ لغت ۾ اختلاف آهي تہ هي عربي آهي يا عجمي؟

ابو منصور جواليقي "ڪتاب المعرب" ۾ تصريح ڪئي آهي تہ انبياءعہ جا سي نالا عجمي آهن. سواءِ چئن نالن جي: "آدم"، "صالح"، "شعيب" ۽ "محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم." جوهري بہ هن کي عربي نالو ٻڌايو آهي.[6]

عربي هجڻ جي صورت ۾ هن جو اشتقاق يا تہ اديم سان آهي. اديم ارض يعني زمين جي صفحي کان پيدا ڪيا ويا آهن. انهيءَ ڪري، مسند احمد بن حنبل ۽ ترمذي جي صحيح حديث ۾ موجود آهي تہ: "الله تعالي زمين جي سطح جي چپي چپي کان هڪ مٺ خاڪ جي وٺي آدم جي تخليق ڪئي. اهو ئي سبب آهي جو انسان مختلف رنگ روپ جا پيدا ٿيا."[7]

---

1 سورة ابراهيم: 11

2. سورة الڪهف: 110

3. سورة مريم: 17

4. سورة يوسف: 31

5. نعماني، محمد عبدالرشيد، "لغات القرآن مع فهرست الفاظ" (اردو)، دارالاشاعت، اردوبازار، ڪراچي، طباعت:1994ع، جلد 2، ص32

6. ايضا: جلد اول، ص56 (بحوالہ عمدة القاري، ج7، ص 307 طبع مصر)

7. ايضا: جلد اول، ص56 (بحوالہ عمدة القاري، ج7، ص307 طبع مصر)

مجاهد حضرت ابن عباس رضہ کان روايت ڪئي آهي تہ: ”آدم جو اشتقاق ادمت کان آهي، جنهن جي معني ”ڪڻڪ رنگو هجڻ“ جي آهي.[1]

گهڻن عالمن جو خيال آهي تہ آدم ادمہ کان مشتق آهي، جنهن جي معني موافقت ۽ شرڪت آهي. جو تہ هن جو ضمير پاڻي ۽ مٽيءَ سان ملائي ناهيو ويو آهي. انهيءَ ڪري، هن جو نالو آدم ٿيو. گهڻن جي نزديڪ ادمہ کان ماخوذ آهي، جنهن جي معني قابل تقليد ۽ لائق اتباع جي آهي. عربي هجڻ جي صورت ۾ هي افعل جي وزن تي ٿيندو ۽ غير منصرف علميت ۽ وزن فعل جي ڪري گهڻا عالم آدم کي سرياني زبان جو لفظ ٻڌائيندا آهن. اهل ڪتاب هن کي آدم بر وزن فاعال پڙهندا آهن. ابو اسحاق ثعلبي تصريح ڪئي آهي تہ عبراني زبان ۾ آدام خاڪ کي چوندا آهن. انهيءَ مناسبت سان هن جو نالو آدم يعني خاڪي ٿيو ۽ ٻيو الف حذف ڪيو ويو.[2]

”هن اعتبار کان ثعلبي جي نزديڪ هي لفظ عبراني ٿيو. علامہ زمخشري تفسير ڪشاف ۾ سوره البقره ۾ لکيو آهي تہ ماڻهن جو آدم کي ادمتہ يا اديم الارض سان مشتق ٻڌائڻ ايئن آهي، جيئن يعقوب کي عقب کان ۽ ادريس کي درس کان ۽ ابليس کي ابلاس سان مشتق ٻڌائڻ. حالانڪ آدم قطعي عجمي نالو آهي، جنهن جو فاعل جي وزن تي هجڻ زياده قرين قياس آهي. جيئن آذر، عاذر، عابر، شالخ، فالغ وغيره آهن.

مگر ياد رهي تہ ادريس ۽ ابليس جي غير منصرف هجڻ جي جيڪا دليل علامہ موصوف بيان ڪئي آهي، اها هتي نہ ٿي هلي. جو تہ ادريس ۽ ابليس کي جيڪڏهن عجمي نہ مڃيو وڃي تہ ان جي غير منصرف هجڻ لاءِ ڪافي نہ آهي. انهيءَ ڪري، ان جو غير منصرف هجڻ ان جي عجمي هجڻ جي دليل آهي. پر آدم ۾ ايئن نہ آهي. جو تہ، جيڪڏهن ان کي عجمي نہ مڃيو وڃي تہ ان جي غير منصرف هجڻ تي ڪو بہ اثر نہ ٿو پئجي سگهي. ان ڪري، ان جي غير منصرف هجڻ لاءِ ان ۾ علميت جي علاوه وزن فعل موجود آهي.

انهيءَ صورت ۾ ادم دراصل اادم هيو، جنهن ۾ بہ همزه آهن. وري جيئن تہ همزه ثانيہ ساڪن آهي ۽ ماقبل هن جو مفتوح. ان ڪري ان کي الف ۾ تبديل ڪيو ويو. ها آدم جي جمع اوادم ۽ تصغير جو اويدم واو سان اچڻ زمخشري جي خيال جي تائيد ڪري ٿو. جو تہ جيڪڏهن آدم آآدم هجي ها تہ ان جي جمع بہ آدم ۽ تصغير بہ آويدم همزه سان هجي ها“.

---

1. نعماني، محمد عبدالرشيد، ”لغات القرآن مع فهرست الفاظ“: جلد اول، ص 56 (بحوالہ: روح المعاني، ج1، ص205، طبع مصر،1345ع)
2. ايضاً: جلد اول، ص 56- 57

(ج) لفظ Human Being جي معنيٰ

آفريقا ۾ جنس Homo ۽ Hominines کان ڌار رخ اختيار ڪيو. هن جنس Chimpanzee کان پنهنجي الڳ سڃاڻپ پيدا ڪئي. عام طور تي لفظ Human جنس Homo جي واحد زنده رهندڙ نسل يا نوع جي نمائندگي ڪري ٿو. پر سائنسي طور تي نين دريافتن سبب ۽ آڳاٽي انساني آثارن جي دريافت جي ڪري پراڻي انسان ۽ ٻندرن جي وچ ۾ حد بندي ڏنڌلي ٿيڻ لڳي ۽ هاڻيHuman ۾ گهڻا ئي نسل اچي وڃن ٿا.

لفظ Humanus لاطيني لفظ آهي. جنهن جي صفت Homo يعنيMan آهي.

Humain وري فرانسيسي لفظ آهي. جتان انگريزي ۾ ڦري Human ٿي ويو. انهيءَ سلسلي ۾ اڃان به گهڻي ڊگهي بحث آهي. پر اها اسان جي موضوع جي مناسبت سان نہ آهي. هتي اسان جو مقصد صرف انگريزي لفظ Human Being ڏانهن اشارو ڪرڻ هو. چالاءِ تہ انگريزيءَ ۾ اهو لفظ انسان جي مترادف استعمال ٿي رهيو آهي. هتي آخر ۾ اسان هڪ ٽيبل پيش ڪنداسين جيڪو ماليڪيولر بائلاجي وارا پيش ڪندا آهن.



Evidence from Molecular Biology

(ح) اينترو پالاجي Anthropology

اصل ۾ Anthrop انسان يا انسان نما بن مانس کي چيو ويندو آهي.

Anthropologyجي معني بشريات يا انسانيات آهي.

Anthropologyاهو علم آهي، جنهن ۾ انسانذات جو اڀياس ڪيو ويندو آهي. خصوصي طور تي انسان جي سماجن، تهذيبن ۽ انهن جي ترقين جو تقابلي جائزو ورتو ويندو آهي ۽ انساني سائنس يعني زولاجي، اوپليوشن ۽ ايڪالاجي سان بحث ڪري ٿو.[1]

Anthropoglot اهڙي جانور کي چيو ويندو آهي، جنهن جي زبان انسان جي زبان جهڙي هوندي آهي. مثال طور: طوطو.

Anthropoidea اها فيملي آهي، جنهن ۾ انسان، جانور ۽ گوريلا اچي وڃن ٿا.

هي ڪجهہ اصطلاحات هئا جن ڏانهن اشارو ڪرڻ مون ضروري سمجهيو.

---

1. انٽرنيٽ

مقدمو- 2

(الف) الله جي خلقت جو عظيم شاهڪار - انسان

هن ڪائنات ۾ الله جي خلقت جو جيڪڏهن ڪو شاهڪار آهي ته اهو انسان آهي. جڏهن الله هن جي تخليق جو ارادو ڪيو ته فرشتن کي ٻڌايائين:

اِنِّیْ جَاعِلٌ فِی الْاَرْضِ خَلِیْفَةً ؕ

”مان زمين ۾ پنهنجو خليفو بڻائڻ وارو آهيان.“

ملائڪن سمجهيو ته هي به ساڳي قسم جي مخلوق ٿيندي: جاهل، جٽ، گنوار، اڻ پڙهيل، پنهنجي نفساني خواهشن جو اسير، خونريز، جهيڙيڪارءِ فسادي. سو عرض ڪيائون ته:

اَتَجْعَلُ فِیْهَا مَنْ یُّفْسِدُ فِیْهَا وَیَسْفِكُ الدِّمَآءَ ۚ وَنَحْنُ نُسَبِّحُ بِحَمْدِكَ وَنُقَدِّسُ لَكَ ؕ

”ڇا تون زمين ۾ ڪنهن اهڙي کي مقرر ڪرڻ وارو آهين، جيڪو ان جي انتظام ۾ خلل وجهندو ۽ رتوڇاڻ ڪندو؟ اسان تنهنجي حمد ۽ ثنا سان گڏ تسبيح ۽ تو لاءِ پاڪائي بيان ته ڪريون پيا؟“

يعني جيڪو ڪجهه اسان ڪريون پيا اهو ڪافي آهي. ٻئي ڪنهن شئي جي ڪهڙي ضرورت؟

الله تبارڪ و تعالي فرمايو ته:

اِنِّیْٓ اَعْلَمُ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ.[1]

”مان جيڪي ڄاڻان ٿو سو توهان نه ٿا ڄاڻو.“

آخرڪار آدم خلق ٿي ويو ۽ ملائڪن جو امتحان به ٿي ويو. تڏهن ملائڪن اعتراف ڪيو ۽ چيائون ته:

سُبْحٰنَكَ لَا عِلْمَ لَنَآ اِلَّا مَا عَلَّمْتَنَا ؕ اِنَّكَ اَنْتَ الْعَلِیْمُ الْحَكِیْمُ[2]

”پاڪ آهي تنهنجي ذات. اسان کي ته بس ايترو ئي علم آهي جيترو تو اسان کي ڏنو هو. بيشڪ تون ئي سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ ۽ سمجهندڙ آهين.“

الله تبارڪ و تعالي حڪم ڪيو ته بس جڏهن توهان پنهنجي هيٺائي ۽ آدم جي برتري جو اعلان ڪري چڪا آهيو ته، هاڻي سڀ جو سڀ آدم جي آڏو سجدي ۾ ڪري پئو.

قرآن ۾ آهي ته سڀ جو سڀ آدم آڏو سجدي ۾ جهڪي ويا، سواءِ

---

1. سورة البقره: 30
2. سورة البقره: 32

ابليس جي.

فَسَجَدُوْٓا اِلَّآ اِبْلِيْسَ ۭ اَبٰى وَاسْتَكْبَرَ ڭ وَكَانَ مِنَ الْكٰفِرِيْنَ [1]

"بس سيئي سجدي ۾ جهڪي ويا، سواءِ ابليس جي. هو پنهنجي وڏائي ۽ هٺ (تڪبر) ۾ پئجي ويو ۽ ڪافرن ۾ شامل ٿي ويو."

الله تبارڪ و تعالي ابليس کان پڇيو ته:

مَا مَنَعَكَ اَلَّا تَسْجُدَ اِذْ اَمَرْتُكَ ۭ

"تو کي ڪهڙيءَ ڳالهه سجدي ڪرڻ کان روڪيو، جڏهن جو مون حڪم ڏنو هو؟"

چيائين:

اَنَا خَيْرٌ مِّنْهُ ۚ خَلَقْتَنِيْ مِنْ نَّارٍ وَّخَلَقْتَهٗ مِنْ طِيْنٍ [2]

"مان انهيءَ کان ڀلو آهيان. تو مونکي باهه مان پيدا ڪيو آهي ۽ هن کي مٽيءَ مان."

يعني پنهنجي غلطيءَ جو اعتراف ڪرڻ جي بجاءِ (جيئن ملائڪن ڪيو يا بعد ۾ حضرت آدم عہ غلطي ڪرڻ بعد ڪري ٿو)، خود الله تبارڪ و تعالي تي ئي اعتراض ڪري ڇڏيائين ته توهان جو حڪم درست نه آهي.

الله تبارڪ و تعالي حڪم ڏنس ته:

فَاهْبِطْ مِنْهَا فَمَا يَكُوْنُ لَكَ اَنْ تَتَكَبَّرَ فِيْهَا فَاخْرُجْ اِنَّكَ مِنَ الصّٰغِرِيْنَ [3]

"ڇڱو هتان هيٺ لهي وڃ. تون انهيءَ لائق نه آهين جو هتي ويهي تڪبر ڪرين. بيشڪ تون ذليلن مان آهين."

هن جي گمراهيءَ مٿان گمراهي ته ڏسو! وري به معافي نه ٿو وٺي ۽ چوي ٿو ته:

اَنْظِرْنِيْٓ اِلٰى يَوْمِ يُبْعَثُوْنَ [4]

"مونکي انهيءَ ڏينهن تائين مهلت ڏي جڏهن اهي سيئي وري ڀيهر اٿاريا ويندا."

الله تبارڪ و تعالي فرمايو ته:

اِنَّكَ مِنَ الْمُنْظَرِيْنَ [5]

"بيشڪ تو کي مهلت آهي."

چيائين ته:

فَبِمَآ اَغْوَيْتَنِيْ لَاَقْعُدَنَّ لَهُمْ صِرَاطَكَ الْمُسْتَقِيْمَ. ثُمَّ لَاٰتِيَنَّهُمْ مِّنْۢ بَيْنِ اَيْدِيْهِمْ وَ مِنْ خَلْفِهِمْ وَ عَنْ

---

1. سورة البقره: 34
2. سورة الاعراف: 12
3. سورة الاعراف: 13
4. سورة الاعراف: 14
5. سورة الاعراف: 15

اَيۡمَانِهِمۡ وَعَنۡ شَمَآئِلِهِمۡ ؕ وَلَا تَجِدُ اَكۡثَرَهُمۡ شٰكِرِيۡنَ[1]

"ڇگو پوءِ جيئن تو مونکي گمراهيءَ ۾ وڌو آهي، تيئن مان بہ هاڻي سڌي راهہ تي گهٽ جهلي ويهندس ۽ انسانن کي اڳيان، پنيان، ساڄي کان، کاٻي کان هر طرف کان ورائي ويندس ۽ تون انهن مان گهڻن کي شڪرگذار نہ لهندين."

هن لعنتير پنهنجي پوري خباثت جو اظهار ڪندي پنهنجو پورو پروگرام الله تبارڪ و تعالي آڏو بيان ڪيو. الله تبارڪ و تعالي بہ ڪيس پنهنجو پروگرام هن ريت ٻڌايو:

اخۡرُجۡ مِنۡهَا مَذۡءُوۡمًا مَّدۡحُوۡرًا ؕ لَمَنۡ تَبِعَكَ مِنۡهُمۡ لَاَمۡلَئَنَّ جَهَنَّمَ مِنۡكُمۡ اَجۡمَعِيۡنَ[2]

"نڪر هتان ذليل ۽ تڙيل ٿي! پڪ ڄاڻ تہ انهن مان جيڪي تنهنجي ڪڍ لڳا، تو سميت تن سيني سان جهنم کي پري ڇڏيندس."

هن واقعي کي بيان ڪرڻ مان اسان جو مقصد صرف انسان جي عظمت جو اظهار هو، تہ: الله تبارڪ و تعالي انسان کي اهڙو بڻايو، جنهن فرشتن کي لاجواب ڪري ڇڏيو ۽ ابليس انسان کي سجدي کان انڪار ڪيو تہ تا قيامت "**لعنتير**" بڻجي ويو ۽ آخرت ۾ بہ "**لعنتيرن جو سردار**" بڻجي اٿندو.

انسان اها واحد مخلوق آهي جنهن بابت الله تبارڪ وتعالي فرمائي ٿو تہ مون هن کي پنهنجن ٻنهي هٿن سان بڻايو آهي:

لِمَا خَلَقۡتُ بِيَدَيَّ ؕ[3]

"جنهن کي مون ٻنهي هٿن سان بڻايو آهي."

ٻنهي هٿن سان بڻائڻ مان اها مراد نہ آهي تہ ڪو الله کي پنهنجي مخلوق وانگر هٿ پير بہ آهن. بلڪ هتي ٻنهي هٿن مان مراد پوري قدرت ڪاملہ کان ڪم وٺڻ آهي. تفسير نمونہ ۾ هن آيت جي تفسير ۾ لکيل آهي تہ:

"هيءَ ڳالهہ ظاهر آهي تہ: "يدي" (ٻنهي هٿن) جي تعبير حسي هٿن جي معني ۾ نہ آهي. ڇو تہ هو هر قسم جي جسم ۽ جسمانيت کان پاڪ ۽ منزه آهي. بلڪ هتي قدرت جي معني لاءِ ڪنايو آهي. ڇو تہ عام طور تي انسان پنهنجي طاقت کي هٿ سان عمل ۾ آڻيندو آهي. انهيءَ ڪري، روزانہ جي گفتگو ۾ هي لفظ قدرت جي معني ۾ تمام گهڻو استعمال ٿيندو آهي. ڇيو ويندو آهي تہ فلاڻو ملڪ فلاڻي گروهہ جي هٿ ۾ آهي، يا فلاڻو عبادتخانو يا عمارت فلاڻي شخص جي هٿ سان نهيل آهي. ڪڏهن

---

1. سورة الاعراف: 16 ـ 17
2. سورة الاعراف: 18
3. سورة ص: 75

چيو ويندو آهي تہ منهنجو هٿ اوستائين نہ ٿو پهچي. يا تنهنجو هٿ پريل آهي. تہ انهن مان ڪٿي بہ لفظ هٿ مخصوص عضوي جي معني ۾ نہ آهي. بلڪہ هي سڀ جا سڀ قدرت ۽ تسلط جي مفهوم جي لاءِ ڪنايو آهن.

جيئن تہ، انسان اهم ڪمن کي ٻنهي هٿن سان انجام ڏيندو آهي ۽ ٻنهي هٿن کي ڪم ۾ لڳائڻ انسان جي ڪنهن شئي لاءِ انتهائي توجهہ ۽ لڳاءُ جي نشاني آهي. تنهن ڪري، زير بحث آيت ۾ انهيءَ تعبير جو بيان، انسان جي خلقت ۾ پروردگار جي خصوصي عنايت ۽ هن جي قدرت مطلقہ کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ ڪنايو آهي"[1]

بحرحال الله تبارڪ و تعالي پنهنجي شاهڪار تخليق کي پوري توجهہ ۽ لڳاءُ سان پيدا فرمايو ۽ انسان کي ٻڌايائين تہ بهترين شڪل و صورت ۾ ٻڌايائين. ٻي ڪا بہ مخلوق هن وانگر صرف ٻن پيرن تي هلڻ واري نہ ٻڌايائين. باندر جيڪڏهن ٻن پيرن تي هلندو آهي تہ چئن پيرن تي بہ هلندو آهي. هي واحد مخلوق آهي جيڪا صرف ٻن پيرن تي هلندي آهي.

احسن الخالقين قرآن شريف ۾ قسم کڻي چوي ٿو تہ اسان انسان کي خوبصورت ترين ڍانچي ۾ خلق ڪيو آهي:

وَالتِّيْنِ وَالزَّيْتُوْنِ ۙ وَطُوْرِ سِيْنِيْنَ ۙ وَهٰذَا الْبَلَدِ الْاَمِيْنِ ۙ لَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ فِيْٓ اَحْسَنِ تَقْوِيْمٍ ۡ[2]

ترجمو: "قسم آهي انجير ۽ زيتون جو ۽ طور سينا ۽ هن پرامن شهر (مڪي) جو، (تہ) اسان انسان کي بهترين ساخت ۾ پيدا ڪيو آهي."

مولانا مودودي صاحب هن (4 نمبر) آيت جي تفسير ڪندي فرمائي ٿو تہ:

"هي اها ڳالهہ آهي، جنهن تي انجير ۽ زيتون جي علائقي يعني شام ۽ فلسطين ۽ ڪوهہ طور ۽ مڪي جي پرامن شهر جو قسم کنيو ويو آهي. انسان جو بهترين ڍانچي ۾ پيدا ڪيو وڃڻ جو مطلب هي آهي تہ هن کي اعلي درجي جو جسم عطا ڪيو ويو آهي. جو ڪنهن ٻئي مخلوق کي نہ ڏنو ويو ۽ هن کي فڪر ۽ فهم ۽ علم ۽ عقل جون اهي بلند ترين قابليتون بخشيون ويون آهن، جو ڪنهن ٻي مخلوق کي نہ بخشيون ويون. وري جيئن تہ نوع انساني جي هن فضل ۽ ڪمال جو سڀ کان وڏيک بلند نمونو انبياءَ عليهم السلام آهن ۽ ڪنهن مخلوق جي لاءِ انهيءَ کان مٿي ڪو مرتبو نہ ٿي سگهي ٿو، جو الله تعالي هن کي منصب نبوت عطا ڪرڻ لاءِ منتخب فرمائي. انهيءَ ڪري، انسان جي احسن تقويم تي هجڻ جي شهادت ۾ انهن مقامن جون قسمون کنيون ويون آهن،

---

1. شيرازي، ناصر مڪارم، آيت الله العظمي، "تفسير نمونہ" (اردو)، مترجم: نجفي، صفدر حسين، سيد، مصباح القرآن ٽرسٽ، لاهور، تاريخ اشاعت ربيع الثاني 1421هہ، جلد 10 ، ص 689

2. سورة التين: 1 ـ 4

جيڪي خدا جي پيغمبرن سان نسبت رکن ٿيون. شام ۽ فلسطين جو علائقو اهو علائقو آهي جتي حضرت ابراهيم عہ کان وٺي ڪري حضرت عيسیٰ عہ تائين ڪثرت سان انبياءَ مبعوث ٿيا. ڪوهہ طور اها جڳهہ آهي جتي حضرت موسیٰ عہ کي نبوت عطا ڪئي وئي. رهيو مڪو تہ انهيءَ جو بنياد ئي حضرت ابراهيم عہ ۽ حضرت اسماعيل عہ جي هٿان پيو هو. انهن جي ڪري اهو عرب جو مقدس ترين شهر بڻيو. حضرت ابراهيم عہ ئي هي دعا گهري هئي تہ:

رَبِّ اجْعَلْ هٰذَا بَلَدًا اٰمِنًا[1]

”اي منهنجا رب ! هن کي پرامن شهر بڻاءِ.“ ۽ انهيءَ دعا جي برڪت هئي جو عرب ۾ هر طرف پکڙيل بدامني جي وچ ۾ صرف هي هڪ شهر اڍائي هزار سالن کان امن جو گهوارو بڻيل هو. بس ڪلام جو مقصود هي آهي تہ اسان نوع انساني کي اهڙي بهترين ڍانچي ۾ بڻايو جو هن ۾ نبوت جهڙي عظيم مرتبي جا حامل انسان پيدا ٿيا.“[2]

(ب) انسان پابندين ۽ ذميوارين جي جڪڙ ۾

هاڻي جڏهن انسان کي هيتري مان، شان، عزت، آبرو ۽ احترام وارو ڪري پيدا ڪيو ويو تہ هن مٿان ذميواريون بہ اوتريون ئي رکيون ويون. ظاهر آهي تہ وزير اعظم تي جهڙيون ۽ جيتريون ذميواريون ۽ پابنديون هونديون آهن، پٽيوالن تي اوتريون وڏيون ذميواريون ڪو نہ هونديون آهن ۽ نہ ئي هو اهڙيون ذميواريون ڪڻڻ جي لائق هوندو آهي.

حڪم ٿيو تہ توکي پنهنجي سموري زندگي الله جي حڪمن ماتحت گذارڻي آهي. چاهي تنهنجي اها ذاتي زندگي هجي، يا سياسي هجي، يا سماجي. هر قسم جي حياتيءَ ۾ ڪجهہ پابندين جو احترام ڪرڻو پوندو. توکي هي حياتي جانورن، حيوانن، جيت جڻن ۽ پکين وانگر چڙواڳ ۽ بي لغام نہ گذارڻي آهي. بلڪ ڪجهہ حدون آهن انهن ۾ رهي ڪري گذارڻي آهي. هن جهان ۾ توکي الله جو مجڻو آهي، (جيڪو آهي بہ هر قسم جي تنهنجي ڀلائي لاءِ) تہ روز آخر تنهنجي ڳالهہ مڃي ويندي. تو کي هيءَ زندگي الله جي عبادت ڪندي گذارڻي آهي. يعني جيڪڏهن تو هي زندگي الله جي حڪمن مطابق گذاري تہ، تنهنجي سموري زندگي الله جي عبادت ۾ تصور ڪئي ويندي ۽ اهوئي تنهنجي خلقت جو بنيادي مقصد آهي.

وَمَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَالْاِنْسَ اِلَّا لِيَعْبُدُوْنِ[3]

---

1. سورة البقره: 126

2. مودودي، ابوالاعلي، ”تفهيم القرآن“(اردو)، ترجمان القرآن، لاهور، 19اشاعت: ربيع الاول 1411هہ، سيپٽمبر 1990ع، جلد ششم، ص 387

3. سورة الذاريات: 56

ترجمو: ”۽ مون پيدا نہ ڪيو آهي جنن ۽ انسانن کي پر فقط پنهنجي عبادت لاءِ.“

سو توکي پنهنجي زندگي الله جي عبادت ۾ ئي گذارڻي آهي. انهيءَ ۾ ئي تنهنجي هن زندگي ۽ آخرت جي زندگي جو راز لڪل آهي. جيڪڏهن تو هي زندگي الله جي حڪمن مطابق گذاري ۽ الله جيڪي حدون مقرر ڪيون آهن انهن حدن جي پاسداري ڪندي گزاري تہ تنهنجي زندگي جي هر پل کي عبادت ۾ شمار ڪيو ويندو ۽ روز آخر توکي الله جي محبن سان گڏ جنت ۾ جاءِ ملندي. پر جيڪڏهن تو الله جون مقرر ڪيل حدون ٽوڙيون ۽ الله جي نافرماني ڪئي تہ توکي دوزخ ۾ ابليس ۽ ان جي ساٿين سان گڏ رهڻو پوندو. چو تہ هي طئي ٿي چڪو آهي تہ الله جهنم کي نافرمان انسانن ۽ جنن سان پيري ڇڏيندو. جيئن هيٺين آيت ۾ بيان ٿيل آهي:

وَلَقَدْ ذَرَأْنَا لِجَهَنَّمَ كَثِيرًا مِّنَ الْجِنِّ وَالْإِنسِ ۖ لَهُمْ قُلُوبٌ لَّا يَفْقَهُونَ بِهَا وَلَهُمْ أَعْيُنٌ لَّا يُبْصِرُونَ بِهَا وَلَهُمْ آذَانٌ لَّا يَسْمَعُونَ بِهَا ۚ أُولَٰئِكَ كَالْأَنْعَامِ بَلْ هُمْ أَضَلُّ ۚ أُولَٰئِكَ هُمُ الْغَافِلُونَ[1]

ترجمو: ”۽ اسان گهڻا ئي جن ۽ انسان جهنم لاءِ پيدا ڪيا آهن. انهن کي دليون آهن پر ان سان سمجهن نہ ٿا، انهن کي اکيون آهن، پر انهن سان ڏسن نہ ٿا ۽ هنن کي ڪن بہ آهن پر انهن سان ٻڌن نہ ٿا. هي ماڻهو (بلڪل) جانورن وانگر آهن، بلڪ انهن کان بہ وڌيڪ ڀٽڪيل. اهي ئي اهي آهن جيڪي غفلت ۾ پيل آهن.“

۽ هي فيصلو بہ ٿي چڪو آهي تہ جهنم جو ٻارڻ انسان ۽ پٿر هوندا:

فَاتَّقُوا النَّارَ الَّتِي وَقُودُهَا النَّاسُ وَالْحِجَارَةُ ۖ أُعِدَّتْ لِلْكَافِرِينَ[2]

ترجمو: ”بس ڊڄو انهيءَ باهہ کان جنهن جو ٻارڻ انسان ۽ پٿر هوندا. جيڪا ڪافرن لاءِ تيار ڪئي وئي آهي.“

يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا قُوا أَنفُسَكُمْ وَأَهْلِيكُمْ نَارًا وَقُودُهَا النَّاسُ وَالْحِجَارَةُ عَلَيْهَا مَلَائِكَةٌ غِلَاظٌ شِدَادٌ لَّا يَعْصُونَ اللَّهَ مَا أَمَرَهُمْ وَيَفْعَلُونَ مَا يُؤْمَرُونَ[3]

ترجمو: ”اي ايمان وارو! بچايو پنهنجن گهر ڀاتين کي انهيءَ باهہ کان جنهن جو ٻارڻ انسان ۽ پٿر هوندا. جنهن تي ڏاڍا ڪنور دل، سختي ڪندڙ ملائڪ مقرر ٿيل آهن. جيڪي ڪڏهن بہ الله جي حڪم جي ابتڙ نہ ڪندا آهن ۽ جيڪو بہ حڪم کين ملي ٿو سو پورو ڪن ٿا.“

---

1. سورة الاعراف: 179
2. سورة البقره: 24
3. سورة التحريم: 6

(ت) انسانن کان ميثاق

جڏهن هي سڀ مرحلا ۽ ماملا طئي ٿي وڃن ٿا تہ الله تبارڪ و تعالي انسان کان پنهنجي باري ۾ عهد ڦو وٺي. ڇو تہ ڪيس خبر آهي انسان ڀلڪڙ آهي. ويسر ۽ نسيان هن جي سرشت ۾ آهي ۽ جنهن جهان ۾ وڃي رهيو آهي تہ اتي تہ انسان جو پنهنجي نفساني خواهشن ۾ گم ٿي وڃڻ جو گهڻو امڪان آهي. انهيءَ ڪان اول جو انسان الله مٿان ڪا پنهنجي حجت قائم ڪري، الله انسان مٿان پنهنجي حجت قائم ڪري ڇڏي. قرآن ۾ عهد، انهيءَ ميثاق جو ذڪر هن ريت مليو ٿو:

وَاِذْ اَخَذَ رَبُّكَ مِنْۢ بَنِيْٓ اٰدَمَ مِنْ ظُهُوْرِهِمْ ذُرِّيَّتَهُمْ وَاَشْهَدَهُمْ عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ ۚ اَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ ۭ قَالُوْا بَلٰى ۚ شَهِدْنَا ۚ اَنْ تَقُوْلُوْا يَوْمَ الْقِيٰمَةِ اِنَّا كُنَّا عَنْ ھٰذَا غٰفِلِيْنَ ۙ اَوْ تَقُوْلُوْٓا اِنَّمَآ اَشْرَكَ اٰبَاۗؤُنَا مِنْ قَبْلُ وَكُنَّا ذُرِّيَّةً مِّنْۢ بَعْدِهِمْ ۚ اَفَتُهْلِكُنَا بِمَا فَعَلَ الْمُبْطِلُوْنَ [1]

ترجمو: ”۽ (اي پيغمبر ياد ڪر) جڏهن تنهنجي پالڻهار آدم جي اولاد مان (يعني) پٺين مان سندس اولاد کي پيدا ڪيو ۽ سندن وجود کي مٿن شاهد ڪيائين. (۽ پڇيائين) تہ (آءُ) اوهان جو پالڻهار نہ آهيان ڇا؟ چيائون تہ هائو (آهين). گواهہ ٿيا آهيون. (اها گواهي هن لاءِ ورتي هئي) تہ متان قيامت جي ڏينهن چئو تہ اسين هن (ڳالهہ) کان بي خبر هواسون تہ متان چئو تہ اڳئي شرڪ اسان جي ابن ڏاڏن ڪيو هو ۽ اسين ڪانئن پوءِ اولاد هئاسون. تنهنڪري، جيڪي بيهودن ڪيو تنهن سببان اسان کي ڇوٿو هلاڪ ڪرين؟“

هن آيت جي تشريح ڪندي مولانا مودودي صاحب فرمائين ٿا تہ:

”جيئن تہ ڪيترن ئي حديثن کان معلوم ٿو ٿئي تہ هي معاملو آدم جي تخليق جي موقعي تي پيش آيو هو. ان وقت جهڙيءَ طرح فرشتن کي گڏ ڪري انسان اول کي سجدو ڪرايو ويو هو ۽ زمين تي انسان جي خلافت جو اعلان ڪيو ويو هو. اهڙيءَ طرح آدم جي پوري نسل کي بہ، جيڪا قيامت تائين پيدا ٿيڻ واري هئي، الله تعالي هڪ ئي وقت وجود ۽ شعور بخشي ڪري پنهنجي سامهون حاضر ڪيو هو ۽ ان کان پنهنجي ربوبيت جي شهادت ورتي هئي. هن آيت جي تفسير ۾ حضرت ابي بن ڪعب غالبا نبي صلي الله عليہ وسلم کان استفاده ڪري جيڪو ڪجهہ بيان ڪيو آهي اهو هن مضمون جي بهترين شرح آهي. هو فرمائين ٿا:

الله تعالي سيني کي گڏ ڪيو ۽ (هڪ هڪ قسم يا هڪ هڪ دور جي) ماڻهن کي الڳ الڳ گروهن جي شڪل ۾ ترتيب ڏيئي ڪري انهن کي انساني صورت ۽ ڳالهائڻ جي طاقت عطا ڪيائين پوءِ انهن کان عهد ۽ ميثاق ورتائين ۽ انهن کي پنهنجي پاڻ تي گواهہ ڪندي پڇيائين:

---

1. سورة الاعراف : 172 ـ 173

”ڇا مان توهان جو رب نہ آهيان؟“
انهن عرض ڪيو: ”ضرور توهان اسان جا رب آهيو.“
تڏهن الله تعالي فرمايو تہ:
”مان توهان تي زمين ۽ آسمان سڀ ڪي ۽ خود توهان جي پيءُ آدم کي گواهہ ڪريان ٿو تاڪہ توهان قيامت جي ڏينهن هي نہ چئي سگهو تہ اسان کي انهي جو علم نہ هو. خوب ڄاڻي وٺو تہ مون کان سواءِ ڪوبہ عبادت جو مستحق نہ آهي ۽ مون کان سواءِ ڪوبہ رب نہ آهي. توهان مون سان ڪنهن کي شريڪ نہ ڪجو. مان توهان ڏانهن پنهنجا پيغمبر موڪليندس، جيڪي توهان کي هي عهد ۽ ميثاق جيڪو توهان مون سان ٻڌي رهيا آهيو ، ياد ڏياريندا ۽ توهان تي پنهنجا ڪتاب بہ نازل ڪندس.“
انهي تي سڀني انسانن چيو تہ: ”اسان گواهہ ٿياسين، اوهان ئي اسان جا رب ۽ اوهان ئي اسان جا معبود آهيو. اوهان کان سواءِ نہ ڪو اسان جو رب آهي ۽ نہ ڪو ئي معبود.“[1]

(ث) ڇا انسان کي عالم ذر ۾ ورتل ميثاق ياد آهي؟

هن سلسلي ۾ عالم حضرات ڪو تشفي بخش جواب ڏيڻ کان قاصر ٿا نظر اچن. اڪثر مفسرين ڪرام انهي سوال کي ٽچ ئي ڪو نہ ڪندا آهن. هن سوال جي جواب ۾ عالم حضرات ڪا بہ صحيح حديث يا روايت کي پيش ڪندي قاصر نظر ايندا آهن.
تفسير نعيمي ۾ متئين سوال جي جواب ۾ لکيل آهي تہ:
”ها! ڪجهہ ٻانهن کي ياد رهيو.“ حضرت علي عہ فرمائين ٿا تہ:
”مون کي اهو عهد ۽ پيمان سموري جو سمورو ياد آهي.“
سهل سري فرمائين ٿا تہ:
”مان انهيءَ ڏينهن کان پنهنجي مريدن، شاگردن کي سڃاڻي ورتو.“
ڪنهن ذوالنون مصري کان پڇيو:”ڇا توهان کي اهو عهد ياد آهي؟“
فرمايائين:”ڄڻ هاڻي بہ اهو هنن ڪنن ۾ گونجي رهيو آهي، جنهن کي مان ٻڌي رهيو آهيان.“(روح البيان).
اسان جي پنجاب جا حضرت قبلہ پير مهر علي شاهہ صاحب قدس سره فرمائين ٿا_ شعر
قالو بلي تي ڪل دي گل اي، اسان اگي هئي پريت لگائي؛
مهر علي جدون بيني سن، دتي سي ميم گواهي!“[2]

---

1. مودودي، ابوالاعلي، ”تفهيم القرآن“(اردو)، ترجمان القرآن، لاهور، 19 اشاعت: ربيع الاول 1411هہ، سيپٽمبر 1990ع، جلد دوم، ص 96
2. نعيمي، احمد يار خان، ”تفسير نعيمي“ (اردو)، مڪتبہ اسلاميہ، لاهور، جلد 9، ص 324

علامہ غلام الرسول سعيدي صاحب ذوالنون مصري وارو مٿيون مقالمو لکي فرمائين ٿا ته:

۽ ڪن عارفن هي چيو ته:

”لڳي ٿو هي ميثاق ڪالهہ ورتو ويو هو.“[1]

هي سڀ عارفن جا ڪلام آهن. باقي هن سوال جي جواب ۾ ڪا به مستند حديث يا روايت نه ٿي ملي. ڏيئي وني ڪري حضرت علي ع جي هڪ غير معروف حديث بيان ڪئي وئي آهي، جيڪا سندن خود نهج البلاغہ جي مستند خطبن جي خلاف آهي؛ جتي پاڻ ع هڪ سائل جي جواب ۾ ته:”چا توهان الله کي ڏٺو آهي؟“

فرمائين ٿا:”مان هن دل جي اکين سان الله کي ڏٺو آهي.“

جيڪڏهن عالم ذر وارو واقعو هر ڪنهن جي ياد ڪرڻ جهڙو هجي ها ته سائل جي جواب ۾ فرمائين ها ته:”اسان سڀني الله سان ڪلام ڪيو آهي. چا تو کي ”الست بربڪم“ وارو واقعو ياد نه آهي؟“

جيڪڏهن ”الست بربڪم“ وارو واقعو انسانن جي ذهنن ۾ چڱيءَ طرح محفوظ هجي ها ته هر نبي صرف انهيءَ واقعي تي ئي پنهنجي سموري تبليغ جو بنياد رکي ها ۽ ماڻهن کي ياد ڏياري ها ته:

”ياد ڪريو! توهان الله سان عهد ڪري چڪا آهيو!“

۽ انسان جواب ۾ يا ته سندس تبليغ قبول ڪن ها. يا وري چون ها ته:

”ها! اسان عهد ته ڪيو هو، پر هن وقت انهيءَ ڳالهہ کي نه ٿا مڃون.“

پر اسان ڏسون ٿا ته انسان کي انهيءَ عهد وارو واقعو ذرو به ياد نه آهي ۽ هڪ وڏو تعداد اهڙو آهي جو مورڳو الله جي وجود جو ئي انڪاري آهي. يعني: دهريہ.

سڀني عالمن سڳورن، هيڏن وڏن قرآن جي مفسرن جڏهن هن سوال جي جواب ۾ قلم کنيو ته ڪڏهن به ڪو عالم سڳورو خود پاڻ لاءِ اها دعوي نه ڪري سگهيو ته:

”ها! واقعي مون کي اهو عهد چڱيءَ طرح ياد آهي.“

بلڪ ڪجهہ غير معروف قول ۽ بيان پيش ڪري پار ٽپي ويو. جڏهن قرآن جي ايڏن وڏن مفسرن جي حالت اها آهي ته عام انسان ۽ غير مسلمن جي حالت چا هوندي؟ انهن کي چا ياد هوندو؟

(ج) ميثاق ذر جي اهميت ، افاديت، ضرورت

هاڻي جڏهن اهو ڪنفرم ٿي ويو ته انسان کي اهو عهد چٽيءَ طرح يا واضع نموني ياد نه آهي ته پوءِ سوال آهي ته انهيءَ ميثاق وٺڻ جي

---

1. سعيدي، غلام الرسول، ”تبيان القرآن“ (اردو)، فريد بڪ اسٽال، لاهور، الطبع عشر: ربيع الثاني 1434هہ مئي 2013ع، جلد 4، ص 412

ضرورت ڪھڙي ھئي ۽ اھو ميثاق انسان تي حجت ڪيئن ٿي سگھي ٿو؟ اسان کي خبر آھي تہ الله تبارڪ و تعالي جو ڪو بہ ڪم غلط، عبث يا غير ضروري نہ ھوندو آھي. تہ پوءِ ھن عھد جي بہ ڪا نہ ڪا اھميت، افاديت يا ضرورت يقينن آھي. ھاڻي، جيڪڏھن ڪا ڳالھہ اسان کي سمجھہ ۾ نہ اچي تہ اھا اسان جي علم جي ڪوتاھي آھي. الله تبارڪ و تعالي جي ڪنھن فعل ۾ ڪا ڪوتاھي نہ ھوندي آھي.

اصول ڪافي ۾ ھڪ حديث آھي جيڪا انھيءَ ميثاق وٺڻ جي اھميت، افاديت ۽ ضرورت ڏانھن اشارو ڪري ٿي:

”جناب زراره بيان ڪن ٿا تہ مون حضرت ابو جعفر(امام محمد باقرعہ) کان خدا جي ھن قول جي باري ۾ سوال ڪيم:

حُنَفَآءَ لِلّٰهِ غَيۡرَ مُشۡرِكِيۡنَ بِهٖ ؕ [1]

”الله سان مخلص ٿي وڃو. ھن سان ڪنھن کي شريڪ قرار نہ ڏيو.“

پاڻ عہ فرمايائون: ”حنيفيت اھا خدا جي فطرت آھي، جنھن تي ھن سيني ماڻھن کي خلق ڪيو آھي ۽ اھا فطرت حنفيہ يعني مستقيم آھي. جنھن ۾ انحراف نہ ٿو ملي ۽ ان تي ئي خدا سيني انسانن کي خلق ڪيو آھي ۽ خدا پنھنجي خلقت ۾ تبديلي نہ ڪندو آھي.“

فرمايائون:”خدا سيني کي معرفت تي خلق ڪيو آھي.“

زراره: مون خدا جي ھن قول جي باري ۾ سوال ڪيو:

وَاِذۡ اَخَذَ رَبُّكَ مِنۡۢ بَنِىۡۤ اٰدَمَ مِنۡ ظُهُوۡرِهِمۡ ذُرِّيَّتَهُمۡ وَاَشۡهَدَهُمۡ عَلٰٓى اَنۡفُسِهِمۡ‌ ۚ اَلَسۡتُ بِرَبِّكُمۡ‌ ؕ قَالُوۡا بَلٰى‌ ۛۚ شَهِدۡنَا‌ ۛۚ اَنۡ تَقُوۡلُوۡا يَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ اِنَّا كُنَّا عَنۡ هٰذَا غٰفِلِيۡنَ [2]

ترجمو: ”۽ (اي پيغمبر ياد ڪر) جڏھن تنھنجي پالڻھار آدم جي اولاد مان (يعني) پٺين مان سندس اولاد کي پيدا ڪيو ۽ سندن وجود کي مٿن شاھد ڪيائين. (۽ پڇيائين) تہ (آءٌ) اوھان جو پالڻھار نہ آھيان ڇا؟ چيائون تہ ھائو (آھين). گواھہ ٿيا آھيون. (اھا گواھي ھن لاءِ ورتي ھئي) تہ متان قيامت جي ڏينھن چئو تہ اسين ھن (ڳالھہ) کان بي خبر ھواسون.“

فرمايائون: ”الله آدم عہ جي پٺيءَ کان قيامت تائين اچڻ واري ھن جي ذريت کي ٻاھر ڪڍيو ۽ ھن کي ڪيولين وانگر ڪڍيو. پوءِ ھنن کي پنھنجي معرفت ڏنائين ۽ جيڪڏھن خدا انھن کي پنھنجي معرفت نہ ڏئي ھا تہ ڪو ھڪ بہ خدا جي معرفت حاصل نہ ڪري سگھي ھا. رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم فرمايو!

”ھر مولود کي فطرت تي پيدا ڪيو ويو آھي.“

مراد آھي انھيءَ معرفت تي پيدا ڪيو ويو آھي تہ ھو توھان جو خالق

---

1. سورة الحج: 31
2. سورة الاعراف: 172

آهي. ايئن ئي خدا جو هي قول آهي، جنهن ۾ خدا فرمايو:

”جيڪڏهن تون هنن کان سوال ڪندين ته تنهنجو خالق ڪير آهي؟ ته سڀ جواب ڏيندا ته الله اسان جو خالق آهي.“[1]

آيت الله محمد حسين نجفي جيڪو تفسير فيضان الرحمان ۾ لکيو آهي، سو انهيءَ موقف جي تشريح ڪري رهيو آهي. هو لکي ٿو ته:

”حالانڪ حقيقت هي آهي ته جيڪڏهن ڏکهو زمانو گذري وڃڻ، هن واقعي ۽ اسانجي موجوده زماني جي وچ ۾ جنين ۽ طفوليت وغيره ڪوائف جي حائل ٿي وڃڻ ڪري، هي واقعو اسان جي ذهن ۽ شعور ۾ موجود نه آهي، ته گهٽ ۾ گهٽ تحت الشعور ۾ ته اڄ به موجود آهي ۽ انساني فطرت ۾ اڄ به اهڙيءَ طرح راسخ آهي جو جيڪڏهن اڄ به انهيءَ جي صحيح تعليم ۽ تربيت ۽ رهنمائي جو اهتمام ڪيو وڃي ته خارج ۾ هن جي ظهور پذير ٿيڻ ۾ ٿوري به دير نه لڳندي.

۽ اهو ئي حال اسانجي تحت الشعور جي علمن ۽ فنون جو آهي، جو اهي بالقوه اسان جي اندر موجود آهن ۽ خارجي محرڪات ۽ داخلي تحريڪات ملي ڪري هن کي بالفعل وجود ڏيئي ڇڏين ٿيون. بهرڪيف جيئن ته هي واقعو اڪيلو روح سان پيش آيو هو ۽ ان وقت هن تي موجوده جسم جو مادي غلاف چڙهيل ڪو نه هو. پر جڏهن هو هاڻي هن ڪثيف جسم ۾ قيد ٿي ويو آهي ته گذريل واقعو فراموش ڪري وينو آهي. ته جيڪڏهن ڪو شخص هي چاهي ٿو ته هن کي اهو وسريل سبق ياد اچي وڃي ته هن کي کپي ته علائق جسمانيه ۽ شهوانيه سان تعلق ٽوڙي ڇڏي ۽ نور ايمان کي روشن ڪري ۽ شرعي رياضت جي ذريعي سان پنهنجي روح کي نفساني ڪثافتن کان صاف ۽ شفاف ڪري. پوءِ ڏسي ته وسريل ڳالهيون ڪهڙي طرح ياد اچن ٿيون.

هان مجرد شو مجرد را ببين جناب
ديدن هر چيز را شرط است اين.“[2]

(ح) انسان جي پيدائش دين فطرت تي

جيستائين انسان الله تبارڪ و تعالي جي حضور ۾ هوندو آهي ته هو دين فطرت تي هوندو آهي. جڏهن زمين تي ايندو آهي، هن جهان ۾ ايندو

---

1. ڪليني رحه الشيخ بن محمد يعقوب، ”الشافي ترجمہ اصول ڪافي“(اردو)، مترجم: رضوي، منير حسين، سيد، مصباح القرآن ٽرسٽ، لاهور، جلد سوم، ص 240_239

2. نجفي، محمد حسين، الشيخ، آيت الله، ”فيضان الرحمان في تفسير القرآن“(اردو)، مصباح القرآن ٽرسٽ، لاهور، سال اشاعت: 2015ع، جلد سوم، ص438

آهي ته بعد ۾ پنهنجي سوچ سمجهه ۽ فهم مطابق پنهنجو دين به اختيار ڪندو آهي. سورة روم ۾ آهي ته:

فَاَقِمْ وَجْهَكَ لِلدِّيْنِ حَنِيْفًا ؕ فِطْرَتَ اللّٰهِ الَّتِيْ فَطَرَ النَّاسَ عَلَيْهَا ؕ لَا تَبْدِيْلَ لِخَلْقِ اللّٰهِ ؕ ذٰلِكَ الدِّيْنُ الْقَيِّمُ ۙ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ[1]

ترجمو: ”سو توهان باطل پرستن کان الڳ ٿي ڪري پنهنجو پاڻ کي دين حق تي قائم رکو. قائم ٿي وڃو انهيءَ فطرت تي جنهن تي الله تعالي انسانن کي پيدا ڪيو آهي. الله جي تخليق ۾ ڪا تبديلي نه آهي. اهو ئي سنئون سڌو دين آهي. پر اڪثر ماڻهو نه ٿا ڄاڻين.“

اصول ڪافي ۾ آهي ته:

جناب هشام بن سالم بيان ڪن ٿا ته حضرت ابو عبدالله امام صادق عه فرمايو.

مون عرض ڪيو:

”اها الاهي فطرت جنهن تي ماڻهن کي خلق ڪيو ويو آهي، ان کان مراد ڇا آهي؟“

پاڻ فرمايائون: ”اها فطرت توحيد آهي.“[2]

اصول ڪافي ۾ هڪ ٻي روايت ڪجهه هن ريت آهي:

عبدالله بن سنان بيان ڪن ٿا ته مون ابو عبدالله امام صادق عه کي عرض ڪيم: ”اي مولا! خدا جي هن فرمان کان ڇا مراد آهي؟ جنهن ۾ خدا فرمايو آهي:

فِطْرَتَ اللّٰهِ الَّتِيْ فَطَرَ النَّاسَ عَلَيْهَا ؕ

”خدا جي فطرت جو جنهن تي ماڻهن کي خلق ڪيو ويو آهي. اها فطرت ڪهڙي آهي؟“

پاڻ فرمايائون:

”اها فطرت اسلام آهي، جنهن تي الله هنن کي انهيءَ وقت قرار ڏنو آهي جنهن وقت هنن کان توحيد تي ميثاق ورتو هو ۽ فرمايو هئائين: ڇا مان توهان جو رب نه آهيان؟ انهيءَ ۾ مومن ۽ ڪافر سڀ هئا.“[3]

هتي مٿين آيت ۾ فطرت مان مراد پهرين پيدائش، شروع واري پيدائش آهي. جڏهن انسان هر قسم جي گناهن جي آلائش کان پاڪ هو. صاف، سٿرو. ان وقت هن سان نه ايمان هوندو آهي، نه ڪفر، نه انڪار ۽ نه معرفت. انهيءَ وقت هن ۾ ڪا سمجهه ڪا نه هوندي آهي.

الله تبارڪ و تعالي فرمائي ٿو ته:

---

1. سورة الروم : 30
2. ڪليني رحه الشيخ بن محمد يعقوب، ”الشافي ترجمه اصول ڪافي“ (اردو)، مترجم: رضوي، منير حسين، سيد، مصباح القرآن ٽرسٽ، لاهور، جلد سوم، ص 239
3. ايضاً

وَاللّٰهُ اَخْرَجَكُمْ مِّنْۢ بُطُوْنِ اُمَّهٰتِكُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ شَيْـًٔا[1]

ترجمو: ”الله توهان کي توهان جي مائرن جي پيٽن هن حال ۾ ڪڍيو جو توهان ان وقت ڪجهه نه ڄاڻيندا هئا.“ يعني ان وقت هو بلڪل ٻي سمجهه هوندو آهي. انهيءَ ڪان پوءِ جڏهن هو بالغ ٿي ويندو آهي ۽ شين ۾ تميز ڪرڻ جو اهل ٿيندو آهي ته پوءِ هو ڪفر يا ايمان جو اعتقاد رکندو آهي. ٿئي ايئن ٿو جو جيئن جيئن هو وڏو ٿيندو ويندو آهي، هن جي مٿان اردگرد جي ماحول جو اثر ٿيندو ويندو آهي. ماءُ جي روين جو، پيءُ جي روين جو، ڀيڻ، ڀاءُ ۽ ٻين گهر جي ڀاتين جي روين جو. وڏو ٿئي ٿو ته دوستن، احبابن جو، ڏنڌي ڌاڙي جو، تعليم تربيت جو ۽ اهڙيءَ طرح هن جي فطرت مٿان مختلف پردا پوندا ويندا آهن.

چوندا آهن ته ٻار جڏهن ماءُ جي پيٽ ۾ هوندو آهي تڏهن ڪان ئي هن جي مٿان اهي اثرات مرتب ٿيندا رهندا آهن. يعني ماءُ جي خوشي ۽ غمي، ڏک ڏاکڙا ۽ تڪليفون، سڀ پنهنجو پنهنجو اثر ڏيکاريندڀون آهن.

حديث شريف ۾ به اها ڳالهه ملي ٿي ته انسان پيدا ٿيڻ وقت دين فطرت يعني اسلام تي هوندو آهي. پوءِ هن جا ماءُ پيءُ هن کي يهودي، نصراني يا مجوسي بڻائي ڇڏيندا آهن.

(خ) هادي ۽ رهبر جي ضرورت

ويسارو انسان جي سرشت ۾ آهي. مٿي اسان بيان ڪري چڪا آهيون ته ڪن عالمن جو خيال آهي ته لفظ انسان ”نسي“ ڪان ماخوذ آهي. ”نسي“ معني ڀل، ويسارو. سو انسان جڏهن هن دنيا ۾ ايندو آهي ته پنهنجي اچڻ جو مقصد وساري ويهندو آهي. جيئن ته الله تبارڪ وتعالي انسان جو خالق آهي ۽ هن جي رڳ رڳ ڪان واقف آهي ۽ هن جي هر ڪمزوريءَ کي به ڄاڻي ٿو. سو، الله تبارڪ وتعالي انسان جي هن ڪمزوري ڪان به چڱيءَ طرح واقف آهي. انهيءَ ڪري الله تبارڪ وتعالي پاڻ مٿان فرض ڪري ڇڏيو آهي ته هو انسان کي ڀٽڪڻ ڪان بچائڻ لاءِ ۽ هن کي وسريل سبق ياد ڏيارڻ لاءِ هن ڏانهن پنهنجا چونڊيل نمائندا موڪليندو رهندو.

قرآن شريف ۾ آهي ته دنيا ۾ اهڙي ڪا به قوم نه آهي جنهن ڏانهن الله تبارڪ وتعالي جو ڪو چونڊيل نمائندو نه آيو هجي.

سورة رعد ۾ آهي ته:

وَّلِكُلِّ قَوْمٍ هَادٍ[2]

ترجمو: ”۽ هر قوم لاءِ هڪ رهنما هوندو آهي.“

سورة النساءَ ۾ آهي ته:

---

1. **سورة النحل** : 78
2. **سورة الرعد**: 7

فَكَيْفَ إِذَا جِئْنَا مِنْ كُلِّ أُمَّةٍ بِشَهِيْدٍ وَّ جِئْنَا بِكَ عَلٰى هٰۤؤُلَاۤءِ شَهِيْدًا[1]

ترجمو: ”ڀلا! انهيءَ ڏينهن ڇا حال هوندو جڏهن اسان هر امت مان هڪ گواهه آڻينداسين ۽ انهن مٿان اوهان کي گواهه ڪري آڻينداسين.“

هتي هر امت مٿان گواهه هجڻ مان مراد به اها آهي ته هر امت ڏانهن ڪو نه ڪو هدايت ڏيندڙ موڪليو ويو آهي. سورة فاطر ۾ آهي ته:

اِنَّاۤ اَرْسَلْنٰكَ بِالْحَقِّ بَشِيْرًا وَّنَذِيْرًا ؕ وَاِنْ مِّنْ اُمَّةٍ اِلَّا خَلَا فِيْهَا نَذِيْرٌ[2]

ترجمو: ”اسان توهان کي حق سان خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ بڻائي موڪليو آهي ۽ ڪا به امت اهڙي نه گذري آهي جنهن ۾ ڪو ڊيڄاريندڙ نه گذريو هجي.“

سورة شعراءَ ۾ آهي ته:

وَمَاۤ اَهْلَكْنَا مِنْ قَرْيَةٍ اِلَّا لَهَا مُنْذِرُوْنَ[3]

ترجمو: ”۽ اسان ڪنهن وسندي کي هلاڪ نه ڪيو مگر هن جي لاءِ نصيحت ڪرڻ وارا (ڀهريون) موڪليندا هئاسون.“

سورة نحل ۾ آهي ته:

وَلَقَدْ بَعَثْنَا فِيْ كُلِّ اُمَّةٍ رَّسُوْلًا اَنِ اعْبُدُوا اللّٰهَ وَاجْتَنِبُوا الطَّاغُوْتَ[4]

ترجمو: ”۽ اسان هر امت ۾ رسول موڪليو ته الله جي عبادت ڪريو ۽ ٻتن (جي پرستش) کان پرهيز ڪريو.“

۽ سورة يونس ۾ ارشاد باري تعالي آهي ته:

وَلِكُلِّ اُمَّةٍ رَّسُوْلٌ[5]

ترجمو: ”۽ هر هڪ امت ڏانهن رسول موڪليو ويو.“

سو اها غلط فهمي نه هجڻ کپي ته صرف اسان ئي يا صرف حضرت ابراهيم ع جي امت ئي نبوت جي حامل امت آهي، بلڪ اهڙي ڪا به امت نه آهي جنهن ڏانهن هدايت ڏيندڙ نه آيو هجي. اهو ئي سبب آهي جو دنيا ۾ جيڪي به مذهبي رهنما آيا آهن انهن مٿان نبي يا رسول هجڻ جو شڪ ٿئي ٿو ۽ جيڪي به مذهبي ڪتاب آهن انهن تي الهامي ڪتاب هجڻ جو شڪ ٿئي ٿو ۽ اهو ئي سبب آهي جو اسان مسلمان اهل ڪتاب يعني يهودين ۽ عيسائين جي ڪتابن کان علاوه هندن، پارسين ۽ ٻڌمت وارن جي مذهبي ڪتابن ۾ به پنهنجي پياري پيغمبر حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليه وعلي آله واصحابه وسلم جي باري ۾ پيشنگوئيون ڳولهيندا وتندا آهيون. هن ڪتاب ۾ به اها ڪوشش ڪئي

1. سورة النساء: 41
2. سورة الفاطر: 24
3. سورة الشعراء: 208
4. سورة النحل: 36
5. سورة يونس: 47

وئي آهي تہ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ جيڪي بہ مذهب آهن انهن جي مقدس ڪتابن مان نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم بابت پيشنگوئيون تلاش ڪري عوام الناس آڏو پيش ڪيون وڃن.

(د) نبي ڪريم ﷺ جي باري ۾ انبياء کان عهد ۽ اقرار

الله تبارڪ و تعالي جي هي بہ سنت رهي آهي تہ هر نبي ڪي سندس بعد ۾ ايندڙ نبيءَ بابت مطلع ڪري ڇڏيندا هئا. نہ صرف ايترو بلڪ ڪيس تاڪيد ڪندا هئا تہ هر نبي پنهنجي امت کي بہ انهيءَ جي باري ۾ مطلع ڪري ڇڏي، جيئن ايندڙ نبيءَ جي اچڻ وقت هن جي سڃاڻپ ۾ ماڻهن کي ڏکيائي پيش نہ اچي. جيئن تہ هر نبي صرف پنهنجي قوم جي سڌاري لاءِ ايندو هو تنهن ڪري هو صرف انهيءَ قوم ڏانهن ايندڙ نبيءَ بابت ئي پيشنگوئي ڪري ٻڌائيندو هو. پر حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم سموري ڪائنات ڏانهن رسول ٿي ڪري اچي رهيا هئا. تنهنڪري، سندس جي اچڻ بابت اطلاع بہ سموري ئي ڪائنات کي ڏنو ويو. سيني نبين ۽ رسولن کان سندس جي باري ۾ خصوصي طور تي عهد ورتو ويو.

سورة آل عمران ۾ آهي تہ:

وَ اِذْ اَخَذَ اللّٰهُ مِيْثَاقَ النَّبِيّٖنَ لَمَآ اٰتَيْتُكُمْ مِّنْ كِتٰبٍ وَّ حِكْمَةٍ ثُمَّ جَآءَكُمْ رَسُوْلٌ مُّصَدِّقٌ لِّمَا مَعَكُمْ لَتُؤْمِنُنَّ بِهٖ وَلَتَنْصُرُنَّهٗ ؕ قَالَ ءَاَقْرَرْتُمْ وَ اَخَذْتُمْ عَلٰى ذٰلِكُمْ اِصْرِىْ ؕ قَالُوْٓا اَقْرَرْنَا ؕ قَالَ فَاشْهَدُوْا وَ اَنَا مَعَكُمْ مِّنَ الشّٰهِدِيْنَ. فَمَنْ تَوَلّٰى بَعْدَ ذٰلِكَ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْفٰسِقُوْنَ[1]

ترجمو: ”۽ (ياد ڪر) جڏهن الله (سيني) پيغمبرن کان انجام ورتو تہ جيڪي ڪتاب ۽ حڪمت اوهان کي ڏيان تنهن کان پوءِ هڪ پيغمبر جيڪو (علم) اوهان وٽ آهي تنهنجو سچو ڪندڙ اوهان وٽ اچي تہ ڪيس ضرور مڃجو ۽ ڪيس ضرور مدد ڏجو. (الله) چيو تہ اوهين اقرار ڪري چڪؤ ۽ ان تي منهنجي (حڪم جي) بار کي ڪنيؤ؟ چيائون تہ اقرار ڪيوسون. الله چيو تہ اوهين شاهد هجو ۽ آءٌ (بہ) اوهان سان گڏ شاهد آهيان. پوءِ جيڪي هن پڄاڻان ڦرندا سي ئي بي دين آهن.“

هي ٻئي آيتون معرڪتہ الآراءِ قسم جون آيتون آهن ۽ هي ٻئي آيتون ڪيترن ئي قسمن جون بحثون پاڻ اندر سميٽيون وينيون آهن. ٿي سگهي ٿو تہ اسان مختلف مقامن تي هنن آيتن جي مختلف رخن کي زير بحث آڻيون پر هن مقام تي اسان جي بحث جو موضوع صرف هڪ عنوان آهي ۽ اهو عنوان آهي الله تبارڪ وتعالي جو حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي نبوت بابت نبين ۽ نبين جي معرفت هنن جي امتن کان عهد ۽

---

1. سورة آل عمران : 81 ـ 82

اقرار ونڻ.

ظاهري طور تي لڳي رهيو آهي تہ هي اقرار سيني سوالک نبين کان ورتو ويو هو تہ توهان جي پنيان جيکو نبي اچي انهيءَ جي مدد کجو ۽ انهيءَ تي تہ بحث جي گنجائش ئي نہ ٿي رهي تہ اهو شرط خود بخود انهيءَ نبيءَ جي امت تي بہ لاڳو ٿي وڃي پيو. هن موقف جي تائيد ۾ اسان کي حديث ۽ تفسير جي ڪتابن ۾ ڪجهہ روايتون ملن ٿيون.

تفسير ابن ڪثير ۾ آهي تہ:

"طائوس، حسن بصري ۽ قتاده فرمائين ٿا تہ نبين کان الله عهد ورتو تہ هڪٻئي جي تصديق ڪن."[1]

پر هنن آيتن جا واضح مصداق حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم آهن. اهوئي سبب آهي جو حديث ۽ تاريخ جي ڪتابن ۾ اسان کي نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جو فرمان ملي ٿو تہ:

"موسيٰ زنده هجي ها تہ منهنجو اتباع ڪري ها."[2]

تاريخ ۽ حديث جي ڪتابن ۾ انهي سلسلي ۾ بيشمار روايتون آهن تہ سيني نبين کان عهد ورتو ويو تہ جيڪڏهن حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم انهن جي عهد ۾ مبعوث ٿي آيا تہ هو ۽ هنن جي امت حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم مٿان ايمان آڻيندا. تفسير در منثور ۾ آهي تہ:

"امام ابن جرير حضرت علي بن ابي طالب رضي الله عنه کان روايت نقل ڪئي آهي تہ الله تعالي ڪو بہ نبي مبعوث نہ ڪيو آهي، اهو حضرت آدم هجي يا بعد ۾ اچڻ وارو نبي، مگر ان کان حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي باري ۾ وعدو ورتو تہ جيڪڏهن حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم مبعوث ٿين، جڏهن تہ هو (توهان) زندهہ هجن، تہ هن تي ضرور ايمان آڻيندو ۽ پاڻ سڳورن صہ جن جي مدد ڪندو ۽ الله تعالي انهي نبي کي حڪم ڏئي ٿو ۽ هن جي قوم تي هن کان وعدو وٺي ٿو. پوءِ هن آيت، "وَإِذْ أَخَذَ اللّٰهُ مِيثَاقَ النَّبِيِّينَ" جي تلاوت ڪيائون."[3]

---

1. ابن ڪثير، عمادالدين، علامہ، تفسير ڪثير (اردو)، دارالاشاعت، اردو زبان، ڪراچي ، آڪٽوبر 2002ع جلد اول، ص 397

2. سعيد، غلام الرسول، علامہ، تبيان القرآن، فريد بوڪ اسٽال، اردو بازار، لاهور، الطبع الثالث عشر، جمادي الاول 1434ھ / اپريل 2013ع، جلد دوم ، ص231

3. السيوطي، عبدالرحمن بن ابي بکر جلال الدين، امام، "تفسير دُرمنثور" مترجم (اردو)، مترجمين: سيد محمد اقبال شاهہ، محمد بوستان، محمد انور مگهالوي، ضياءُالقرآن پبلي ڪيشنز لاهور، ڪراچي، پاڪستان، سال نومبر 2006ع، جلد دوم، ص 133 (بحوالہ: تفسير طبري، هن آيت جي هيٺ جلد 3 صفحہ 387)

تقريبا تفسير جي سيني وڏين ڪتابن ۾ اها حديث نقل ٿيل آهي. هن موضوع جي مناسبت سان قرآن شريف ۾ هڪ ٻي آيت هن ريت آهي:

وَ اِذْ اَخَذْنَا مِنَ النَّبِيّٖنَ مِيْثَاقَهُمْ وَ مِنْكَ وَ مِنْ نُّوْحٍ وَّ اِبْرٰهِيْمَ وَ مُوْسٰى وَ عِيْسَى ابْنِ مَرْيَمَ ۠ وَ اَخَذْنَا مِنْهُمْ مِّيْثَاقًا غَلِيْظًا ۙ . لِّيَسْـَٔلَ الصّٰدِقِيْنَ عَنْ صِدْقِهِمْ ۚ وَ اَعَدَّ لِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابًا اَلِيْمًا[1]

ترجمو: ”۽ (ياد ڪر) جڏهن پيغمبرن ڪان سندن انجام ورتوسون ۽ (پڻ) توکان ۽ نوح ۽ ابراهيم ۽ موسي ۽ عيسي پٽ مريم جي ڪان به ۽ (هن لاءِ) ڪانئن پڪو انجام ورتو سون ته (الله) سچن ڪان سندن سچائي بابت پڇي ۽ ڪافرن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب تيار ڪيو اٿس.“

مفسرين ڪرام جو چوڻ آهي ته هي عهد دين جي تبليغ ۽ ترويج بابت ورتل آهي.

هڪ عهد اهو به آهي جيڪو اهل ڪتاب جي عالمن ڪان ورتو ويو. قرآن شريف ۾ آهي ته:

وَ اِذْ اَخَذَ اللّٰهُ مِيْثَاقَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ لَتُبَيِّنُنَّهٗ لِلنَّاسِ وَ لَا تَكْتُمُوْنَهٗ ۠ فَنَبَذُوْهُ وَرَآءَ ظُهُوْرِهِمْ وَ اشْتَرَوْا بِهٖ ثَمَنًا قَلِيْلًا ؕ فَبِئْسَ مَا يَشْتَرُوْنَ[2]

ترجمو: ”۽ (ياد ڪر) جڏهن الله ڪتاب وارن ڪان هن لاءِ (پڪو) انجام ورتو ته ان (ڪتاب) کي ماڻهن لاءِ بيان ڪجو ۽ ان کي نه لڪائجو، پوءِ ان (انجام) کي پنهنجين پٺين پوئتان اڇلايائون ۽ ان جي عيوض ٿورڙو ملهه ڳڏائون. پوءِ جيڪو ڳنهندا آهن سو بڇڙو آهي.“

مولانا نعيمي صاحب هن تفسير جو خلاصو هن ريت لکيو آهي ته:

”اي محبوب صلي الله عليه وآله وسلم اهو وقت ياد ڪريو. يا مسلمانن کي يا اهل ڪتاب کي ياد ڏياريو ته جڏهن الله تعالي بني اسرائيل جي عالمن ڪان، جن کي ڪتاب جو علم ڏنو ويو آهي، ميثاق جي ڏينهن يا توريت ۽ انجيل ۾ نهايت پختو ۽ مضبوط واعدو ورتو هو ته توهان هي ڪتاب يا ان جي نعت جون آيتون يا نبي آخر الزمان ﷺ جي ذات ۽ صفات عام ماڻهن سان، خاص ڪري پنهنجي عقيدتمندن سان خوب بيان ڪندا رهجو ۽ انهن آيتن ۾ ڪا تاويل ۽ توجيهه نه ڪجو. ماڻهن جي دلين ۾ شبهات نه وجهجو تاڪه توهان جي هدايت سان ايمان آڻين ۽ توهان کي ثواب ملي. تحرير ۽ تقرير جي ذريعي جلسن جلوسن ۽ عليحدگي ۾ بيان ڪندا رهجو. پر انهن بدنصيبن اسان جي انهي عهد کي بلڪل ئي پري، پٺين جي پٺيان اڇلائي ڇڏيو. جو ان تي عمل ته ڇا ڪن ها، ڪڏهن انهي طرف ڌيان به نه ڏنائون ۽ سڀ ڪجهه اتفاق نه ٿيو هو. پر فقط دنيا ڪمائڻ خاطر ڄاڻي واڻي ڪيائون، جو پنهنجي ماتحتن ڪان نذرانا ۽ هديا ورتا ئون

---

1. سورة الاحزاب: 7 ـ 8
2. سورة آل عمران: 187

۽ حضور انور صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي نعتن جون آيتون لڪايائون ئي نہ بلڪ بدلي ڇڏيائون. جيئن پنهنجي عقيدتمندن تي هنن جي نمبرداري ۽ چوڌراهٽ قائم رهي. خيال رکو تہ انهن جي هي تجارت وڏي گهاٽي جي آهي، جو انهن مال سان قيمت خريد ڪئي آهي: جنهن جي وبال ۾ هيمشہ رهندا."[1]

انبياءَ عليهم السلام کان جيڪو عهد ورتو ويو هنن انهي جي پوري پوري پاسداري ڪئي. انهي عهد جو پورو پورو حق ادا ڪيو. مثال طور: حضرت عيسىٰ ع پنهنجي تبليغ دوران پنهنجي قوم سان مخاطب ٿيندي فرمايو:

وَ اِذْ قَالَ عِيْسَى ابْنُ مَرْيَمَ يٰبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ اِنِّيْ رَسُوْلُ اللّٰهِ اِلَيْكُمْ مُّصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيَّ مِنَ التَّوْرٰىةِ وَ مُبَشِّرًاۢ بِرَسُوْلٍ يَّاْتِيْ مِنْۢ بَعْدِي اسْمُهٗٓ اَحْمَدُ ؕ [2]

ترجمو: "۽ (اهو وقت ياد ڪر) جڏهن عيسي پٽ مريم جي چيو تہ اي بني اسرائيلو بيشڪ آءُ اوهان ڏانهن الله جو موڪليل آهيان جيڪو توريت منهنجي اڳيان آهي تنهنجو سچو ڪندڙ آهيان ۽ هڪ اهڙي پيغمبر جي خوشخبري ڏيندڙ آهيان جو مون کان پوءِ ايندو جنهنجو نالو احمد هوندو."

انبياءَ ڪرام سلام الله عليهما حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم جون ايتريون تہ واضح ۽ چٽيون نشانيون بيان فرمايون هيون، جو قرآن دعوي ڪري ٿو تہ اهل ڪتاب حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم کي اهڙي طرح سڃاڻن ٿا جيئن پنهنجن پٽن کي.

اَلَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ يَعْرِفُوْنَهٗ كَمَا يَعْرِفُوْنَ اَبْنَآءَهُمْ ؕ وَ اِنَّ فَرِيْقًا مِّنْهُمْ لَيَكْتُمُوْنَ الْحَقَّ وَ هُمْ يَعْلَمُوْنَ [3]

ترجمو: "جن کي اسان ڪتاب ڏنو آهي سي ان کي (ائين) سڃاڻن ٿا جيئن پنهنجن پٽن کي سڃاڻين ٿا ۽ منجهائن ڪا ٽولي ڄاڻو هوندي بيشڪ سچ کي لڪائيندي آهي."

تفسير نعيمي ۾ آهي تہ:

"(اهل ڪتاب) پنهنجي ڪتابن جي پيشنگوئين ۽ موجوده معجزن کان هن محبوب صلي الله عليہ وآلہ وسلم کي صرف (سندن) پاڪ صورت کان ائين سڃاڻين ٿا، جيئن پنهنجن ڇوڪرن کي سڃاڻي وٺندا آهن. جو هن جي صورت ڏسي ڪري، هن جو آواز ٻڌي ڪري، هن جي چال ڍال ڏسي ڪري، بنا ڪنهن هٻڪ جي چوندا آهن تہ هي منهنجو ٻار آهي. لڪن ٻارن

---

1. نعيمي، احمد يار خان، مفتي، حڪيم الامت، "تفسير نعيمي"، مڪتب الاسلاميہ 40- اردو بازار، لاهور، جلد چهارم، ص 407
2. سورة الصف: 6
3. سورة البقره: 146

جي وچ ۾ هن جي سڃاڻپ ڪري وٺندا آهن. بلڪ هن جا ڪپڙا به سڃاڻيندا آهن ۽ هن جي شين کي به سڃاڻيندا آهن ته هي منهنجي ٻار جا آهن."[1]

سورة الانعام ۾ آهي ته:

اَلَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ يَعْرِفُوْنَهٗ كَمَا يَعْرِفُوْنَ اَبْنَآءَهُمْ ۘ اَلَّذِيْنَ خَسِرُوْٓا اَنْفُسَهُمْ فَهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ[2]

ترجمو: جن کي ڪتاب ڏنو سون سي ان (پيغمبر) کي اهڙيءَ طرح سڃاڻيندا آهن جهڙيءَ طرح پنهنجن پٽن کي سڃاڻيندا آهن. جن پاڻ کي ڇيئي ۾ وڌو سي ايمان نه آڻيندا."

قرآن شريف ۾ انهن اهل ڪتاب ماڻهن جي تعريف ٿيل آهي جيڪي حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم جي تعريف توريت ۽ انجيل ۾ ڏسي مٿس ايمان آڻيندا آهن. سورة الاعراف ۾ آهي ته:

اَلَّذِيْنَ يَتَّبِعُوْنَ الرَّسُوْلَ النَّبِيَّ الْاُمِّيَّ الَّذِيْ يَجِدُوْنَهٗ مَكْتُوْبًا عِنْدَهُمْ فِي التَّوْرٰىةِ وَ الْاِنْجِيْلِ ۫ يَاْمُرُهُمْ بِالْمَعْرُوْفِ وَ يَنْهٰىهُمْ عَنِ الْمُنْكَرِ وَ يُحِلُّ لَهُمُ الطَّيِّبٰتِ وَ يُحَرِّمُ عَلَيْهِمُ الْخَبٰٓئِثَ وَ يَضَعُ عَنْهُمْ اِصْرَهُمْ وَ الْاَغْلٰلَ الَّتِيْ كَانَتْ عَلَيْهِمْ ؕ فَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِهٖ وَ عَزَّرُوْهُ وَ نَصَرُوْهُ وَ اتَّبَعُوا النُّوْرَ الَّذِيْٓ اُنْزِلَ مَعَهٗٓ ۙ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ[3]

ترجمو: "(۽ پڻ آخرت جي رحمت انهن لاءِ لکندس) جيڪي انهيءَ نبي امي پيغمبر جي تابعداري ڪندا آهن. جنهن جون وصفون توريت ۽ انجيل ۾ پاڻ وٽ لکيون لهندا آهن. (اهو) انهن کي چڱن ڪمن جو حڪم ڪندو آهي ۽ مندن ڪمن کان انهن کي جهليندو آهي ۽ سنيون شيون انهن لاءِ حلال ڪندو آهي ۽ پليت شيون مٿن حرام ڪندو آهي ۽ سندن ڳرو بار ۽ جيڪي تڪليفون مٿن هيون سي ڪانئن لاهيندو آهي پوءِ جن ان تي ايمان آندو ۽ سندس تعظيم ڪئي ۽ کيس مدد ڏنائون ۽ انهي نور (ڪلام الله) جي تابعداري ڪيائون جيڪو ساڻس لاٿو ويو سي ئي ڇٽيل آهن."

تفسير تنوير الايمان ۾ آهي ته:

"تفسير خازن ۽ معالم التنزيل ۾ لکيل آهي ته حضرت عمر رض حضرت عبدالله بن سلام رض کي چيو ته:

"خدا فرمائي ٿو ته اهل ڪتاب وارا حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم کي ايئن سڃاڻن ٿا جيئن پنهنجن پٽن کي . ان جو مطلب ڇا آهي؟"

تڏهن حضرت عبدالله بن سلام رض جو پهريان يهودي هو تنهن چيو ته:

"اي عمر! جڏهن مون حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم کي ڏٺو ته ان وقت توريت جي ڄاڻايل نشانين موجب مون سڃاتو ته هي آخر

1. نعيمي، احمد يار خان، مفتي، حڪيم الامت، "تفسير نعيمي"، مڪتب السلاميه، 40- اردو بازار، لاهور، جلد دوم، ص 44-45

2. سورة الانعام: 20

3. سورة الاعراف: 157

زماني جو نبي آهي ۽ درحقيقت جيتري قدر آئون حضرت محمد ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم کي سڃاڻان اوتري قدر پنهنجي پٽ کي بہ نہ.
”تڏهن حضرت عمرؓ چيس تہ: ”اهو وري ڪيئن؟“

عبدالله چيو تہ: ”توريت ۾ ڄاڻايل نشانين موجب شاهدي ٿو ڏيان تہ محمد ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم الله جو رسول آهي. پر پٽ بابت ايڏي يقين سان چئي نہ ٿو سگهان. ڇو تہ عورتن جي پاڪدامني تي ڀروسو نہ آهي.“

اهو ٻڌي حضرت عمرؓ حضرت عبدالله رضہ جي مٿي تي چمي ڏيئي چيو تہ:

”خدا توکي توفيق ڏني آهي. تو سچ چيو آهي.“[1]

صحيح بخاري ۽ مسند احمد بن حنبل ۾ هڪ روايت اهڙي آهي، جيڪا اسان جي رهنمائي ڪري ٿي تہ يهودين جي ڪتابن ۾ نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جون ڪهڙيون نشانيون موجود هيون جن کي ڏسي يهودي پاڻ سڃورن کي سڃاڻي وٺندا هئا. حديث شريف جو عربي متن ڪجهہ هن ريت آهي:

حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ سِنَانٍ، حَدَّثَنَا فُلَيْحٌ، حَدَّثَنَا هِلاَلٌ، عَنْ عَطَاءِ بْنِ يَسَارٍ، قَالَ: لَقِيتُ عَبْدَ اللهِ بْنَ عَمْرِو بْنِ الْعَاصِ رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا، قُلْتُ: أَخْبِرْنِي عَنْ صِفَةِ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فِي التَّوْرَاةِ، قَالَ: أَجَلْ، وَاللهِ إِنَّهُ لَمَوْصُوفٌ فِي التَّوْرَاةِ بِبَعْضِ صِفَتِهِ فِي القُرْآنِ: {يَا أَيُّهَا النَّبِيُّ إِنَّا أَرْسَلْنَاكَ شَاهِدًا وَمُبَشِّرًا وَنَذِيرًا} [الأحزاب: 45]، وَحِرْزًا لِلْأُمِّيِّينَ، أَنْتَ عَبْدِي وَرَسُولِي، سَمَّيْتُكَ المتَوَكِّلَ لَيْسَ بِفَظٍّ وَلاَ غَلِيظٍ، وَلاَ سَخَّابٍ فِي الأَسْوَاقِ، وَلاَ يَدْفَعُ بِالسَّيِّئَةِ السَّيِّئَةَ، وَلَكِنْ يَعْفُو وَيَغْفِرُ، وَلَنْ يَقْبِضَهُ اللهُ حَتَّى يُقِيمَ بِهِ المِلَّةَ العَوْجَاءَ، بِأَنْ يَقُولُوا: لاَ إِلَهَ إِلَّا اللهُ، وَيَفْتَحُ بِهَا أَعْيُنًا عُمْيًا، وَآذَانًا صُمًّا، وَقُلُوبًا غُلْفًا.

ترجمو: ”اسان سان محمد بن سنان بيان ڪيو، (انهيءَ چيو تہ) اسان سان فليح بيان ڪيو، (انهيءَ چيو تہ) اسان سان هلال (بن علي) بيان ڪيو، انهن عطاءِ بن يسار کان ٻڌو. هن چيو تہ مان عبدالله بن عمرو بن العاص کي گڏيس ۽ پڇيو مانس تہ:

”مون کي خبر ڏيو تہ رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي صفت توريت ۾ ڪهڙي طرح لکيل آهي؟“

چيائين تہ: ”چڱو! الله جو قسم! رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم جون ڪيتريون ئي صفتون توريت ۾ اهي (ساڳيون) ذڪر ٿيل آهن جيڪي قرآن شريف ۾ آهن.

يعني: ”اي نبي اسان توکي شاهد ڪري ۽ خوشخبري ڏيندڙ ۽

1. نورنگ زاده، محمد عثمان، مخدوم، ”تفسير تنويرالايمان“(سنڌي)، اداره اشاعت ڪتب وتاجران، شاهي بازار، شڪارپور، 1988ع، جلد پهريون، ص281_282

ڊيڄاريندڙ ڪري موڪليو آهي ۽ امن امان امِيين (اڻپڙهيلن يعني عربن) جي لاءِ. تون منهنجو ٻانهو آهين ۽ تون منهنجو رسول آهين. تنهنجو نالو متوڪل يعني توڪل ڪندڙ رکيو آهي. نہ آهين ترش روءِ، سخت دل جو. نہ ڪي آهين وڏو آواز ڪندڙ بازارين ۾ ۽ نہ ڪي بدي جو بدلو ٿو ڏئين بدي سان. بلڪ معاف ٿو ڪرين ڏوهہ ۽ بخشين ٿو خطائون ۽ هرگز نہ قبض ڪندو خدا تعالي ان ڪي تيستائين تان جو سئون ڪندو انهي جي مٿان دين ڏنگي ڪي. جيئن چوائيندو ماڻهن ڪان ڪلمو لاالہ الا الله جو ۽ ڪوليندو الله ان جي هٿان اکين جي انڌي ڪي ۽ ڪنن جي ٻوڙن ڪي ۽ دلين جي ڪٺلين ڪي."[1]

موجوده انجيل شريف پڙهڻ سان بہ اسان کي خبر پوي ٿي تہ پيغمبرن جي تبليغ سبب حضرت عيسىٰ عہ جي اچڻ وقت بہ اهل ڪتاب جا ماڻهو ڪن نبين جي اچڻ جو انتظار ڪري رهيا هئا.

مثال طور:

(i) "۽ يوحنا جي شاهدي هي آهي. تہ جڏهن يهودين يروشلم مان ڪاهن ۽ لاوي وٺس موڪليا تہ پڇي اچوس تہ تون ڪير آهين. تڏهن هن قبول ڪيو ۽ انڪار ڪونہ ڪيائين، پر اقرار ڪيائين تہ آءُ مسيح نہ آهيان. هنن پڇيس تہ تڏهن ڪير آهين؟ ڇا تون ايليا آهين؟ هن چيو تہ آئون اهو نہ آهيان. ڇا تون اهو نبي آهين؟ هن جواب ڏنو تہ نہ."[2]

(ii) انجيل يوحنا ۾ آهي تہ حضرت عيسىٰ عہ جي تعليمات ۽ معجزن کي ڏسي ماڻهو چوڻ لڳا:

"تنهن تي ماڻهن مان ڪي اهي ڳالهيون ٻڌي چوڻ لڳا ، تہ هي سچ پچ اهو نبي آهي ۽ ٻيا چوڻ لڳا تہ هي مسيح آهي. پر ڪن وري چيو تہ مسيح ڪو گليل مان ايندو ڇا؟ پاڪ ڪلام ۾ ڪين چيل آهي تہ مسيح دائود جي نسل مان ۽ بيٿلئم، جو دائود جو ڳوٺ آهي، تنهن مان ايندو؟"[3]

اهڙيون ٻيون بہ گهڻيون آيتون آهن جن کي تفصيل طور اسان "اهو نبي" جي عنوان سان پنهنجي جاءِ تي الڳ بيان ڪنداسين.

هن مطلب جون تاريخ، حديث ۾ گهڻيون ئي روايتو ملن ٿيون تہ مديني ۾ رهندڙ عيسائي توڙي يهودي حضرت محمد رسول الله خاتم

---

1. (i) بخاري، محمد بن اسماعيل، "صحيح بخاري" (اردو)، ترجمو ۽ شرح : وحيدالزمان، علامہ، تاج ڪمپني لميٽيڊ، ڪراچي لاهوري راولپنڊي. ڪتاب البيوع، باب ڪراهيت السخب في السوق، جلد سوم، ص 225

(ii) المڪتبة الشاملة، جلد 3، ص 66،حديث نمبر 2125

(iii) احمد بن حنبل، امام، "مسند احمد بن حنبل"(اردو)، مترجم: محمد ظفر اقبال، مولانا، مڪتبہ رحمانيہ، اردو بازار، لاهور، جلد سوم، ص545

2. يوحنا 1: 19-21

3. يوحنا 7: 40-42

النبيين صلي الله عليه وعلي آله واصحابه وسلم جي ظهور جو انتظار ڪري رهيا هئا. جيئن اڄڪلهه مسلمان حضرت محمد مهدي ع ۽ حضرت عيسىٰ ع جي ظهور جو انتظار ڪري رهيا آهن. عيسائي حضرت عيسىٰ ع جي ظهور جو انتظار ڪري رهيا آهن. ٻڌمت وارا هڪ نئين ٻڌ جي اچڻ جو انتظار ڪري رهيا آهن ۽ دنيا جا ٻيا مذهب به دنيا جي هن ظلم ۽ زيادتي واري نظام کان ڪنهن نه ڪنهن نجات ڏياريندڙ جي اچڻ جو انتظار ڪري رهيا آهن. عيسائين جي مديني ۾ رهڻ جو مقصد ئي حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليه وعلي آله واصحابه وسلم جي ظهور جو انتظارهو ۽ يهودي به لڏي اچي مديني ۽ ان جي پرپاسي اچي رهيا. ڇو ته هنن پنهنجي ڪتابن مان معلوم ڪري ورتو هو ته حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليه وعلي آله واصحابه وسلم جي هجرت ڪري اچڻ جي جاءِ اها آهي.

خوش نصيبي عيسائين جي جو جڏهن حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليه وعلي آله واصحابه وسلم هجرت ڪري مديني پهتا ته اڪثر عيسائي مسلمان ٿي ويا ۽ بد نصيبي يهودين جي جن تعصب ۾ اچي ڪري سندن انڪار ڪيو ۽ ساڻس جنگيون ڪيون. تفصيل پنهنجي موقعي تي بيان ڪنداسين.

قرآن شريف ۾ متن وڏي تنقيد ٿيل آهي ته حق کي سڃاڻڻ کان بعد ان جا پهريان انڪاري توهان نه ٿيو. ڇو ته توهان ڪتاب پڙهو ٿا ۽ حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم جون ان ۾ نشانيون ڏسو ٿا. حضور صلي الله عليه وآله وسلم جي اچڻ کان اڳ يهودي ڪافرن کي حضور صلي الله عليه وآله وسلم جي ظهور جي بابت ٻڌائيندا هئا ۽ چوندا هئا ته انهي جي اچڻ کان بعد هو هنن سان جنگيون ڪندا. قرآن ۾ آهي ته:

وَلَمَّا جَآءَهُمْ كِتٰبٌ مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ مُصَدِّقٌ لِّمَا مَعَهُمْ ۙ وَكَانُوْا مِنْ قَبْلُ يَسْتَفْتِحُوْنَ عَلَى الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ۚ فَلَمَّا جَآءَهُمْ مَّا عَرَفُوْا كَفَرُوْا بِهٖ ۡ فَلَعْنَةُ اللّٰهِ عَلَى الْكٰفِرِيْنَ[1]

ترجمو: ”۽ جڏهن الله وٽان ڪتاب (قرآن) انهي (توريت) جو سچو ڪندڙ آين جيڪو وٽن آهي ۽ (هن کان) اڳ ڪافرن تي سوڀ جون (دعائون) گهرندا هئا. پوءِ جڏهن وٽن آيو جنهن کي سڃاتائون تڏهن ان جو انڪار ڪيائون، پوءِ ڪافرن تي الله جي لعنت آهي.“

بحرحال اهل ڪتاب وارن انبيائن جي تبليغ کي تبديل ڪري ڇڏيو.

حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم بابت آيتن کي لڪائي ڇڏيائون يا تبديل ڪري ڇڏيائون. جيڪي ڪجهه ڄاڻي واڻي ڪيائون، الله کين اهڙي عمل تي درد ناڪ عذاب جي بشارت ڏئي ٿو. قرآن شريف ۾

1. سورة البقره : 89

آهي تہ:

اِنَّ الَّذِيۡنَ يَكۡتُمُوۡنَ مَآ اَنۡزَلَ اللّٰهُ مِنَ الۡكِتٰبِ وَ يَشۡتَرُوۡنَ بِهٖ ثَمَنًا قَلِيۡلًا ۙ اُولٰٓـئِكَ مَا يَاۡكُلُوۡنَ فِىۡ بُطُوۡنِهِمۡ اِلَّا النَّارَ وَلَا يُكَلِّمُهُمُ اللّٰهُ يَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ وَلَا يُزَكِّيۡهِمۡ ۚ وَلَهُمۡ عَذَابٌ اَلِيۡمٌ. اُولٰٓـئِكَ الَّذِيۡنَ اشۡتَرَوُا الضَّلٰلَةَ بِالۡهُدٰى وَ الۡعَذَابَ بِالۡمَغۡفِرَةِ ۚ فَمَآ اَصۡبَرَهُمۡ عَلَى النَّارِ. ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ نَزَّلَ الۡكِتٰبَ بِالۡحَقِّ ؕ وَاِنَّ الَّذِيۡنَ اخۡتَلَفُوۡا فِى الۡكِتٰبِ لَفِىۡ شِقَاقٍۢ بَعِيۡدٍ[1]

ترجمو: ”الله ڪتاب مان جيڪي لاٿو سو جيڪي ماڻهو لڪائيندا آهن ۽ ان جي بدلي ٿورو ملھ وٺندا آهن اهي پنھنجن پيٽن ۾ باھ کان سواءِ نہ کائيندا آهن ۽ الله ساڻن قيامت جي ڏينھن نہ ڳالھائيندو ۽ نڪي کين سنواريندو ۽ انھن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي. اهي (اهي) آهن جن هدايت جي بدران گمراهي ۽ بخشش جي بدران عذاب ڳڌو، پوءِ عجب آهي تہ کين (دوزخ جي) باھ تي ڪهڙيءَ (ڳالھ) صبر ڪريو. اهو هن ڪري آهي جو الله سچ سان ڪتاب (توريت) لاٿو ۽ جن ڪتاب بابت تڪرار ڪيو سي ضرور وڏي ڦيٽي ۾ آهن.“ وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو سورة البقرة:89، سورة آل عمران: 71-77.

اسان هن جلد ۾ حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم بابت اهي پيشنگوئيون پيش ڪنداسين جيڪي اهل ڪتاب جي هٿ چراند کان بچي ويل آهن، يا انھن جا ڪجھ آثار توريت ، زبور ۽ انجيل ۾ ملن ٿا.

---

1. سورة البقره : 174 ـ 176

(حصو پهريون)

پراڻو عهدنامو

ڪتاب پيدائش جو تعارف

هي بائيبل مقدس جو سڀ کان پهريون ڪتاب آهي ۽ اسان ﻫ حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي باري ۾ پيشنگوئين جي شروعات هن ڪتاب کان ئي ڪنداسين. اسان ڪوشش ڪنداسين تہ جنهن ﻫ ڪتاب کان اوهان آڏو نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم بابت ڪا پيشنگوئي پيش ڪريون تہ سڀ کان پهريون انهيءَ ڪتاب بابت اوهان کي ڪجهہ معلومات فراهم ڪريون.

يهودي حضرات پراڻي عهدنامي جي ڪتابن کي خدا جو ڪلام ڪري مڃيندا آهن ۽ عيسائي حضرات بائيبل جي سڀني ڪتابن يعني سموري بائيبل کي خدا جو ڪلام ڪري مڃيندا آهن. عيسائين ۾ ﻫ گهڻا ئي فرقا آهن. ڪن فرقن يعني پروٽيسٽنٽ وغيره آڏو بائيبل جي ڪتابن جو تعداد 66 آهي، تہ ڪن فرقن يعني رومن ڪيٿولڪ وغيره آڏو انهن ڪتابن جو تعداد 72 آهي. جيڪڏهن بائيبل مقدس جي ڪتابن جو تعداد 72 آهي تہ پروٽيسٽنٽ وغيره فرقا خدا جي ڪلام جي هڪ وڏي حصي کان محروم آهن. پرجيڪڏهن پروٽيسٽنٽ فرقي جي معلومات مطابق انهن ڪتابن جو تعداد 66 آهي تہ پوءِ رومن ڪيٿولڪ فرقي وارا جيڪي هيڏا سارا ڇهہ ڪتاب خدا جي ڪلام جي نالي سان بائيبل ۾ شامل ڪيون وينا آهن، سي سڀ ڪوڙا سڏبا. اسان جو تہ بائيبل مٿان وڏو اعتراض اهو هوندو هو تہ هن جي عبارتن ۾ تحريف ڪئي وئي آهي، پر هي تہ پاڻ ثابت ڪن ٿا تہ صرف ايتري ۾ بس نہ آهي، بلڪ هن ۾ هٿ ٺوڪيا ڪتابن جا ڪتاب شامل ڪيا ويا آهن.

هي ڪتاب انهن پنجن ڪتابن مان هڪ ڪتاب آهي، جيڪي حضرت موسي عہ کي مليا هيا، جن کي ملائي گڏيل طور "توريت" سڏيو ويندو آهي.

موضوع جي لحاظ کان هي ڪتاب ٻن حصن ۾ ورهايل آهي.

(i) شروعاتي تاريخ: هي باب 1 کان باب 11 تائين مشتمل آهي.

(ii) بني اسرائيل جي آباء واجداد جي تاريخ: هي باب 12 کان آخري باب 50 تائين مشتمل آهي.

شروعاتي تاريخ ۾: خدا جو ڪائنات کي خلق ڪرڻ ۽ انساني نسل جي ابتدائي ۽ قديم تاريخ جو بيان آهي، جنهن ۾ حضرت آدم عہ ۽ حضرت بيبي حوا عليها السلام جي پيدائش، شيطان جو هنن کي ڀٽڪائڻ، هابيل

۽ قابيل جو قصو، حضرت نوح عہ ۽ طوفان نوح عہ ۽ بابل جي برج جا حالات جا بيان شامل آهن.

بني اسرائيل جي آباء واجداد جي تاريخ ۾: حضرت ابراهيم عہ، هن جا مختلف ملڪن ڏانهن سفر، حضرت اسمائيل عہ، حضرت اسحاق عہ، حضرت يعقوب عہ ۽ هن جي ٻارنهن پٽن، خصوصي طور تي حضرت يوسف عہ، بني اسرائيل جو مصر ۾ آباد ٿيڻ جو بيان آهي.

هن کان بعد ڪتاب الخروج ۾ حضرت موسي عہ جي اچڻ جو بيان آهي.

هي ڪتاب بہ انهن ڪتابن مان آهي جيڪو بخت نصر جي يروشلم تي ڪاه وقت بلڪل ناپيد ٿي ويو هيو ۽ سو سال کان پوءِ حضرت عزيرعہ پنهنجي حافظي جي بنياد تي هن ڪتاب کي لکرايو هو. لڳي ٿو تہ انهيءَ ڳالھ خراب ذهن رکندڙ عالمن کي دلير بڻائي ڇڏيو تہ هن ۾ پنهنجي من ماني ڏيکارين ۽ پنهنجي مرضيءَ مطابق گهوٻيون هڻين.

هن ڪتاب ۾ خدا جي ڪلام جي نالي سان اهڙيون شرمناڪ ڳالهيون لکيون ويون آهن، جيڪي ڪنهن بہ مذهب ۾ جائز نہ اڳ رهيون آهن ۽ نہ ئي هاڻي آهن. نہ ئي يهودين يا عيسائين ۾ اها جرئت آهي جو هن وقت انهن کي جائز تسليم ڪن.انهيءَ کان علاوه هن ڪتاب ۾ بيان ٿيل ڪجھ ڳالهيون بائيبل جي ئي ٻين ڪتابن سان اختلاف رکن ٿيون. اهي بہ اسان پنهنجي قارئين آڏو پيش ڪنداسين.

(الف) بائيبل جون ٻين ڪتابن سان اختلاف رکندڙ ڳالهيون

(i) انسان جيئري آسمان تي چڙهي سگهي ٿو يا نہ؟

پراڻي عهدنامي جي ڪتاب پيدائش مطابق انسان جيئري آسمان تي چڙهي سگهي ٿو.

”۽ حنوڪ خدا ساڻ هلندو رهيو ۽ گم ٿي ويو، ڇا لاءِ جو خدا هن کي کڻي ورتو.“[1]

پراڻي عهدنامي جو ڪتاب 2 ـ بادشاه بہ اهڙي ڳالھ بيان ڪندي نظر اچي ٿو.

”۽ هيئن ٿيو تہ جيئن هو (ايلياه ۽ اليشع) ڳالهائيندا هليا ٿي ويا تيئن ڏس، هڪڙو باھ جو رٿ ۽ باھ جا گهوڙا ڏسڻ ۾ آيا، جن هنن ٻنهي کي ڌار ڪري ڇڏيو؛ ۽ ايلياه هڪڙي واچوڙي ۾ آسمان ڏانهن چڙهي ويو.“[2]

نئون عهدنامو جو ڪتاب لوقا بہ مٿين ڳالهين جي تائيد ڪندي نظر اچي ٿو.

---

1. پيدائش 5: 24
2. 2 ـ بادشاه 2: 11

”۽ جڏهن هو (حضرت عيسىٰ ع) هنن کي برڪت ڏيئي رهيو هو ته ايئن ٿيو جو هنن کان جدا ٿي ويو ۽ آسمان تي کڄي ويو.“[1]

اسلام به هن موقف جي تائيد ڪري ٿو ته الله تبارڪ و تعالي چاهي ته ڪنهن به انسان کي جيئري آسمان تي کڻي سگهي ٿو ۽ اسان وٽ به اهو ملي ٿو ته الله تبارڪ وتعالي حضرت عيسىٰ ع کي جيئري آسمان تي کڻي ورتو ۽ حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم کي ته نه صرف جيئري آسمان جو سير ڪرايائين بلڪ وري موٽائي واپس زمين تي به آندائين.

بالمقابل

پر نئون عهدنامو جو ڪتاب يوحنا جو چوڻ آهي ته حضرت عيسىٰ ع کان سواءِ ڪوبه شخص جيئري آسمان تي چڙهي ڪونه ويو آهي.

”ڪو به ماڻهو آسمان ۾ چڙهي ڪونه ويو آهي، سواءِ انهيجي جو آسمان مان لهي آيو آهي، يعني ابن آدم، جو آسمان ۾ آهي.“[2]

هي بيان بائيبل جي مٿين بيان سان اختلاف رکي ٿو، جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته حضرت عيسىٰ ع کان علاوه حضرت الياس ع کي به جيئري آسمان تي کنيو ويو هو. يقينن ٻنهي بيانن مان هڪڙو بيان صحيح آهي ۽ هڪڙو غلط آهي. هي سڀ ڪجهه خدا جي ڪلام جي ناليِ سان بيان ٿيل آهي، پر خدا ڪڏهن به ٻه مختلف ڳالهيون نه ٿو ڪري سگهي. بائيبل جا تفسير ڪندڙ هن اختلاف کي چڱيءَ طرح محسوس ڪندا آهن ۽ ڪوشش ڪندا آهن ته ڪنهن حل تائين پهچن. وليم ميڪڊونلڊ ”تفسيرالڪتاب“ ۾ لکي ٿو ته:

”جڏهن هن چيو ته: ”ڪو به ماڻهو آسمان ۾ چڙهي ڪونه ويو آهي“ ته انهيءَ جو مطلب هي نه هو ته حنوڪ ۽ ايلياه جهڙا پراڻي عهدنامي جا مقدسين آسمان تي نه ويا. بلڪ هي ته اهي ”آسمان تي“ کنيا ويا هئا. جڏهن ته هي عمل خود انهي (مسيح) جي قدرت سان ٿيو هو.

ٻي تشريح هي آهي ته ڪنهن انسان کي خدا جي حضوري ۾ اها مسلسل رسائي حاصل نه آهي جيڪا مسيح کي آهي. هو هڪ ٻي مثال طريقي سان خدا جي رهائش گاهه تائين وڃي سگهي ٿو، ڇو ته هو انهيءَ آسمان کان زمين تي لٿو هو. جڏهن خداوند يسوع زمين تي بيٺي نيڪديمس سان ڳالهه ٻولهه ڪري رهيو هو ته هن چيو ته مان هن وقت به ”آسمان ۾“ آهيان. هي ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟ حقيقت هي آهي ته خداوند يسوع خدا آهي. انهيءَ ڪري هڪ ئي وقت ۾ سيني جاين تي حاضر آهي. جڏهن اسان چوندا آهيون ته هو ”هر جاءِ تي موجود“ آهي ته اهو مطلب

---

1. لوقا 24: 50
2. يوحنا 3: 13

هوندو آهي. ڪيترائي جديد عالم ”جيڪو آسمان ۾ آهي“ جا لفظ قبول نہ ڪن ٿا. پر مسودن ڪان انهن لفظن جي تصديق ٿئي ٿي تہ هي متن جو حصو آهن.“[1]

ڏسو تہ هو ڪيئن نہ پنهنجي خواهش مطابق آيتن جي تفسير ڪري رهيو آهي. جڏهن تہ مٿين آيتن ۾ اهڙي ڪنهن بہ مطلب ڏانهن اشارو ئي ڪونہ ملي ٿو.

اڃو تہ هن جي ڪوڙ ۽ منافقيءَ جو پاندو خود هن جي زباني ئي ڦوڙيون. هو مٿي بيان ٿيل نئون عهدنامو جي ڪتاب لوقا جي باب 24 آيت 50 جي تشريح ڪندي لکي ٿو تہ:

”مسيح جو صعود هن جي جيئري ٿي اٿڻ جي چاليهہ ڏينهن ڪان پوءِ ٿيو. هو پنهنجي شاگردن کي ”بيت عنياہ جي سامهون تائين ٻاهر وٺي ويو.“ هيءَ جاءِ زيتون جي پهاڙ جي اوڀر طرف هئي. اتي هن ”پنهنجا هٿ کڻي کين برڪت ڏني“ ۽ ايئن ڪندي هو ”آسمان تي کڄي ويو“.[2]

هتي هو خود چوي ٿو تہ حضرت عيسىٰ عہ آسمان تي کڄي ويو. يعني هو خود پنهنجي طاقت سان آسمان تي ڪونہ ويو، بلڪہ ڪا ٻي قوت هئي جنهن کيس آسمان ڏانهن کڻي ورتو ۽ اهو ئي مطلب مٿين آيت جو آهي. جڏهن تہ هو مٿي اها ڳالهہ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو تہ حضرت عيسىٰ عہ پاڻ تہ پنهنجي مرضيءَ سان آسمان تي اڃي وڃي سگهي ٿو بلڪہ حضرت الياس عہ ۽ اليشع کي آسمان تي کڻڻ وارو بہ هو خود هو. انهيءَ ڪان علاوہ بہ وليم ميڪڊونلڊ جو بيان گهڻو بحث طلب آهي. پر جيئن تہ هتي اسان جو مقصد صرف بائيبل ۾ اختلافي ڳالهين کي بيان ڪرڻ آهي. تنهن ڪري وقتي طور تي ٻين بحثن ڪان پرهيز ڪيون ٿا. صرف هڪ ڳالهہ ضرور بيان ڪنداسين تہ وليم ميڪڊونلڊ صاحب جو اعترافي بيان آهي تہ ”ڪيترائي جديد عالم ”جيڪو آسمان ۾ آهي“ جا لفظ قبول نہ ڪن ٿا.“ مطلب تہ بائيبل جي انهن عالمن جو چوڻ اهو ٿيو تہ بائيبل مڪمل طور تي خدا جو ڪلام نہ آهي. هن ۾ انساني يا اضافي ڪلام بہ موجود آهي. بائيبل ۾ هٿ چراند جون اهڙيون گهڻيون ئي ثابتيون اسان کي هن ڪتاب ۾ مختلف آيتن جي تشريح ڪندي اڳتي بہ ملنديون رهنديون.

(ii) خدا کي ڏسي سگهجي ٿو يا نہ؟

ڪتاب پيدائش مطابق خدا کي روبرو ڏسي سگهجي ٿو:

”۽ يعقوب انهيءَ هنڌ جو نالو فني ايل رکيو، جو چياءِ تہ مون خدا

---

1. ميڪڊونلڊ، وليم، ”تفسيرالڪتاب (لوقا ـ يوحنا)“ اردو، مترجم: سموئيل، جيڪب، مسيحي اشاعت خانہ، 36 فيروزپور روڊ، لاهور، سال اشاعت: 2016ع، ص 270

2. ايضاً ـ ص 213

ڪي روبرو ڏٺو تڏهن بہ منهنجي جان بچي ويئي.“[1]

اهڙيءَ طرح ئي ڪتاب خروج ۾ لکيل آهي تہ:

”تڏهن موسي، هارون، ندب، ابيهو ۽ اسرائيل جا ستر بزرگ مٿي چڙهي ويا ۽ انهن اسرائيل جي خدا کي ڏٺو: ۽ انهي جي پيرن جي هيٺان جڻ تہ نيلم جي پهڻ جهڙو فرش لڳل هو ۽ اهڙو صاف هو جهڙو آسمان.“[2]

ڪتاب خروج ۾ ئي هڪ ٻي جاءِ تي هن طرح لکيل آهي تہ:

”۽ جيئن ڪو ماڻهو پنهنجي دوست سان ڳالهائيندو آهي، تيئن خداوند موسي سان منهن سامهون ڳالهائيندو هو.“[3]

هن قسم جا ڪيترائي مثال آهن پر اسان صرف انهن تي اڪتفا ڪيون ٿا.

بالمقابل

انهن مٿين آيتن جي مقابلي ۾ بائيبل ۾ ڪيتريون ئي اهڙيون آيتون آهن جيڪي چون ٿيون تہ خدا کي ڏسي ئي نہ ٿو سگهجي. ڪتاب يوحنا ۾ آهي تہ:

”ڪنهن بہ ماڻهوءَ خدا کي ڪڏهن ڪونہ ڏٺو آهي: هڪڙو ئي فرزند، جو پيءُ جي هنج ۾ آهي تنهن ئي ظاهر ڪيو اٿس.“[4]

ڪتاب 1 ـ ٿموٿي ۾ بہ صاف صاف لکيل آهي تہ هن کي نہ ڪنهن ڏٺو آهي ۽ نہ ئي ڪو ڪيس ڏسي سگهي ٿو:

”بقا فقط انهي کي ئي آهي ۽ هو انهي روشنيءَ ۾ ٿو رهي، جنهن تائين ڪوبہ پهچي نہ ٿو سگهي: جنهن کي نہ ڪنهن ماڻهوءَ ڏٺو آهي، نڪي ڏسي ٿو سگهي: انهيجي عزت ۽ قدرت شل هميشہ تائين رهي. آمين.“[5]

۽ ڪتاب خروج ۾ آهي تہ:

”پر تون منهنجو منهن ڏسي ڪين سگهندين: ڇا لاءِ جو اهڙو ڪو بہ انسان ڪونهي، جو مون کي ڏسي ۽ جيئرو رهي.“[6]

توهان ڏسندو تہ هڪ ئي ڪتاب خروج ۾ بہ مختلف موقف بيان ٿيل آهن ۽ هي سڀ ڪجهہ کليل طور تي، ظاهر بہ ظهور پڪاري پڪاري چئي رهيا آهن تہ اسان سان هٿ چراند ٿيل آهي.

مسلمان هن ڳالهہ جا قائل آهن تہ الله تبارڪ وتعالي کي هن جهان ۾ ڪنهن بہ انسان هنن ظاهري اکين سان نہ ڏٺو آهي ۽ نہ ئي ڏسي

---

1. پيدائش 32: 30
2. خروج 24: 9 ـ 10
3. خروج 33: 11
4. يوحنا 1: 18
5. 1 ـ ٿموٿي 6: 16
6. خروج 33: 20

سگھندو. باقي آخرت جي باري ۾ اختلاف آهي تہ آخرت ۾ الله تبارڪ وتعالي جيڪو ديدار ڪرائيندو انهيءَ جي حالت ڇا هوندي؟

اچو تہ ڏسون تہ عيسائي حضرات بائيبل ۾ هن اختلاف جي باري ۾ ڇا فرمائي رهيا آهن.

وليم ميڪڊونلڊ ڪتاب خروج جي باب 33 آيت 18 کان 23 جي تشريح ڪندي لکي ٿو تہ:

”موسي خدا کي ٻي درخواست هي ڪئي تہ هو هن کي پنهنجو جلال ڏيکاري. خدا وعدو ڪندي هي جواب ڏنو تہ هو هن تي پنهنجو پاڻ کي خداءِ رحيم جي صورت ۾ ظاهر ڪندو (ڏسو 34: 6 ـ 7) هو خدا جي منهن کي ڏسي جيئرو نہ رهي پيو سگهي. پر هن هن کي اجازت ڏني تہ جڏهن خدا جو جلال هن وٽان گذري تہ هو پهاڙ تي بيٺو رهي ۽ هو خدا جي جلال کي پٺ جي طرف کان ڏسندو. هي تشبيهي زبان آهي ڇو تہ خدا جو ڪو جسم نہ آهي (يوحنا 4: 24).

ڪوبہ شخص خدا کي ڏسي ڪري جيئرو رهي نہ ٿو سگهي (آيت 20). هن جو هي مطلب آهي تہ ڪوبہ شخص خدا جي ظاهر ۽ ٻاهر جلال کي ڏسي نہ ٿو سگهي. ”هو انهي روشنيءَ ۾ ٿو رهي، جنهن تائين ڪوبہ پهچي نہ ٿو سگهي؛ جنهن کي نہ ڪنهن ماڻهوءَ ڏٺو آهي، نڪي ڏسي ٿو سگهي“ (1 ـ تموٿي 6: 16). هن لحاظ کان خدا کي ڪڏهن ڪنهن نہ ڏٺو (1 ـ يوحنا 4: 12).“

هن کان بعد هو پنهنجو پاڻ سوال ڪري ٿو تہ:

”اسان بائيبل مقدس جي انهن حوالن جي تشريح ڪيئن ڪري سگهون ٿا جتي ماڻهن خدا کي ڏٺو ۽ نہ مئا؟

مثلا: هاجره (پيدائش 16: 13)، يعقوب (پيدائش 32: 30)، موسي، هارون، ندب، ابيهو ۽ اسرائيل جي ستر بزرگن (پيدائش 24: 9 ـ 11)، جدعون (قاضي 6: 22 ـ 23)، منوحہ ۽ هن جي زال (قاضي 13: 22)، يسعياه (يسعياه 6: 1)، حزقي ايل (حزقي ايل 1: 26، قب 10: 2) يوحنا (مڪاشفو 1: 17).“

انهيءَ کان پوءِ هو پنهنجي انهيءَ سوال جي جواب ۾ لکي ٿو تہ:

”انهيءَ جو جواب هي آهي تہ انهن خدا کي ڏٺو، جيئن خداوند يسوع مسيح ان کي پيش ڪيو. ڪڏهن هو خداوند جي فرشتي جي روپ ۾ ظاهر ٿيو. ڪڏهن هڪ شخص جي روپ ۾ ۽ هڪ دفعي هن پنهنجو پاڻ کي هڪ آواز جي طور ظاهر ڪيو (خروج 24: 9 ـ 11، قب استثنا 4: 12). سڪيلڊو پٽ جيڪو پيءَ جي جهولي ۾ آهي انهيءَ ظاهر ڪيو (يوحنا 1 : 18). مسيح خدا جي جلال جو پرتو ۽ هن جي ذات جو نقش آهي (عبراني 1 : 3) انهيءَ بنياد تي هو چئي سگهي پيو ”جنهن مون کي ڏٺو انهيءَ پيءُ

ڪي ڏنو“ (يوحنا 14 : 9).“[1]

ڏسو ته ڪيتري نه چسي قسم جي تشريح آهي ته خدا کي فرشتي جي روپ ۾ يا ڪنهن شخص جي روپ ۾ ڏسي سگهجي ٿو يا وري جنهن حضرت عيسىٰ عہ کي ڏٺو سمجهو ته تنهن خدا کي ڏٺو. انهيءَ جو صاف مطلب ته اهو ٿيو ته خدا کي ڏسي سگهجي ٿو ۽ اهو موقف انهن آيتن جي خلاف آهي جيڪي صاف ۽ چٽيءَ طور چون ٿا ته خدا کي ڪنهن به صورت ۾ ڏسي نه ٿو سگهجي.

(iii) ڇا خدا آزمائيندو آهي؟

”۽ هي سڀ ڪجهه ٿي وڃڻ کان بعد خداوند ابراهام کي آزمايو.....“[2]

بالمقابل

”جڏهن ڪو آزمايو وڃي ته هي نه چوي ته منهنجي آزمائش خدا جي طرف کان ٿيندي آهي. ڇو ته نه ئي خدا بدي سان آزمائجي سگهبو آهي ۽ نه هو ڪنهن کي آزمائيندو آهي.“[3]

(iv)حضرت بيبي قطوره رضہ حضرت ابراهيم عہ جي زال هئي يا ڪنيز؟

”پوءِ ابرهام وري ٻي زال پرڻيو، جنهن جو نالو قطوره هو.“[4]

بالمقابل

”۽ قطوره جا پٽ، جا ابرهام جي سريت هئي: انهيءَ زمران، يقسان، مدان ۽ مديان، اسباق ۽ سوخ ڄڻيا.“[5]

متان ڪو ماڻهو سمجهي ته بائيبل ۾ زال ۽ سريت ۾ فرق نه هوندو آهي، ته انهن لاءِ عرض آهي ته ايئن نه آهي. بائيبل ۾ حضرت سليمان عہ جي حرم جو ذڪر ڪندي بيان ڪيو ويو آهي ته:

”۽ هن کي (يعني حضرت سليمان عہ کي) ست سو زالون هيون، جي شهزاديون هيون ۽ ٽي سو سريتون هيس.“[6]

سوال هي آهي ته جيڪڏهن بائيبل جا سڀ ڪتاب الله تبارڪ و تعالي جو ڪلام آهن ته الله تبارڪ وتعالي کي ته چڱيءَ طرح ياد هجڻ کپي ته حضرت بيبي قطوره رضہ حضرت ابراهيم عہ جي زال هئي يا سريت؟ ۽ هن کي هڪ جڳهه تي زال ۽ ٻئي جڳهه تي سريت سڏڻ جي ڀل نه ڪرڻ کپي ها.

هن مان ثابت ٿئي ٿو ته هڪڙي آيت خدا جو ڪلام آهي ۽ ٻي آيت

---

1. ميڪڊونلڊ، وليم، ”تفسيرالڪتاب (پيدائش ـ استثنا)“ اردو، مترجم: سموئيل، جيڪب، مسيحي اشاعت خانہ 36 فيروزپور روڊ، لاهور، سال اشاعت: 2016ع، ص 177
2. پيدائش 22: 1
3. يعقوب 1: 13
4. پيدائش 25: 1
5. 1 ـ تواريخ 1: 32
6. 1 ـ بادشاه 11: 3

يا تہ مڪمل طور تي خدا جو ڪلام نہ آهي يا هن ۾ تحريف ڪئي وئي آهي. ٽين صورت هي آهي تہ اهي ٻئي عبارتون خدا جو ڪلام نہ آهن.

هاڻي ڪنهن شخص کي هي بحث نہ ڪرڻ کپي تہ هي تحريف ڄاڻي واڻي ٿيل آهي يا اڻڄاڻائيءَ ۾ ٿيل آهي. بلڪ تحريف تحريف ئي هوندي آهي، چاهي اها ڄاڻي واڻي ٿيل هجي يا ڀل چڪ ۾ ٿي وڃي.

ثابت ٿيو تہ بائيبل مڪمل طور تي خدا جو ڪلام نہ آهي. سو هن جي هر ڳالهہ ڀروسي جوڳي نہ آهي.

(v) ڇا خدا غلط بياني ڪري سگهي ٿو؟

ڪتاب پيدائش ۾ لکيل آهي تہ:

”پرنيڪيءَ ۽ بدي جي سڃاڻپ واري وڻ جو ڦل متان کائين، ڇالاءِ تہ جنهن ڏينهن تون اهو کائيندين، تنهن ڏينهن ضرور مرندين:“[1]

پر اسان ڏسون ٿا تہ حضرت آدم عہ انهيءَ وڻ کائڻ کان پوءِ بہ ڪئي صديون زنده رهيو ۽ انهيءَ کان بعد وفات ڪيائين.

”۽ آدم جي سموري عمر نو سو ٽيهہ ورهيہ هئي، پوءِ هو مري ويو.“[2]

هن قصي ۾ اسان ڏسون ٿا تہ شيطان خدا جي نسبت گهڻو سچو ٿو نظر اچي، ڇو تہ هن حضرت بيبي حوا عليہ السلام کي چيو هو تہ:

”تڏهن نانگ زال کي چيو تہ پڪ اوهين ڪين مرندا:“[3]

(ب) بيهوده ڳالهيون

(i) الله جو پڇتائڻ: ”تڏهن خداوند زمين تي انسان پيدا ڪرڻ کان پشيمان ٿيو ۽ دل ۾ رنج ٿيس.“[4]

(ii) پيغمبر نوح عہ جو شراب پيئڻ ۽ اگهاڙو ٿي سمهڻ:

”پوءِ نوح پوک ڪرڻ لڳو ۽ هڪڙو ڊاک جو باغ لڳاياءِ ۽ انهي جي مئي پيتاءِ، جنهن ڪري نشو چڙهي ويس ۽ پنهنجي تنبوءَ ۾ وڃي اگهاڙو ٿيو ۽ ڪنعان جي پيءُ حام، پنهنجي پيءُ جي اوگهڙ ڏسي، ٻاهر وڃي پنهنجن ٻين ڀائرن کي ٻڌايو. تنهن تي سم ۽ يافث هڪڙي چادر پنهنجي ڪلهن تي کنئي ۽ پٺيرا وڃي پنهنجي پيءُ جي اوگهڙ ڍڪيائون. انهن جا منهن ابتا هئا ۽ انهن پنهنجي پيءُ جي اوگهڙ ڪانہ ڏٺي.“[5]

هاڻي هن تي ڪنهن تبصري جي ضرورت نہ آهي. هي قصو پنهنجي تشريح پاڻ ڪري رهيو آهي. يعني هي سڀ ڪجهہ ايتري شرم جي ڳالهہ

---

1. پيدائش 2: 17
2. پيدائش 5: 5
3. پيدائش 3: 4
4. پيدائش 6: 6
5. پيدائش 9: 20 ـ 23

هئي جو حضرت نوح عہ جي اولاد ان تي نظر ڪرڻ ڪان بہ پرهيز ڪئي.

(ت) محرمات سان ناجائز رشتا

(i) ڇا يهوداه جو سمورو نسل ناجائز آهي؟

”۽ انهن ڏينهن ۾ هيئن ٿيو، جو يهوداه پنهن جن ڀائرن ڪان ڌار ٿي، حيره نالي هڪڙي ادولامر جي رهندڙ زال وٽ ويو. اتي هن هڪڙي ڪنعاني جي ڌي ڏٺي، جنهن جو نالو سوع هو ۽ هن انهي سان شادي ڪئي ۽ ساڻس ستو ۽ هو حامله ٿي ۽ پٽ ڄايس؛ جنهن جو نالو عير رکياءِ ۽ هو وري بہ حامله ٿي ۽ پٽ ڄايس: ۽ انهي جو نالو اونان رکياءَ ۽ هن کي وري بہ هڪڙو پٽ ڄائو، جنهن جو نالو سيله رکياءِ. جڏهن هو ڄائو، تڏهن يهوداه ڪزيب ۾ رهندو هو ۽ يهوداه پنهنجي وڏي پٽ عير جي شادي ڪرائي ۽ انهيءَ زال جو نالو تمر هو. هاڻي، يهوداه جو وڏو پٽ عير خداوند جي نظر ۾ بدڪار هو، تنهن ڪري خداوند هن کي ماري وڌو. تڏهن يهوداه اونان کي چيو تہ:

”تون پنهنجي ڀاءُ جي زال وٽ وڃ ۽ ڏير جو فرض ادا ڪري، پنهنجي ڀاءُ جو نسل جاري ڪر.“

اونان کي خبر هئي تہ اهو اولاد منهنجو نہ سڏبو: سو هيئن ٿيو تہ جڏهن هو پنهنجيءَ ڀاڄائيءَ وٽ ويندو هو، تڏهن مني زمين تي هاري ڇڏيندو هو، تہ متان هن مان سندس ڀاءُ جي لاءِ اولاد پيدا ٿيئي. پر هن جو اهو ڪم خداوند جي نظر ۾ خراب هو، سو هن انهي کي ماري وڌو.

پوءِ يهوداهہ پنهنجي ننهن تمر کي چيو تہ:

”جيسين منهنجو پٽ سيله وڏو ٿئي، تيسين پنهنجي پيءُ جي گهر ۾ بيوه ٿي گذار.“

چالاڪ جو چياءِ تہ متان هو بہ پنهنجن ڀائرن وانگي مري وڃي. تڏهن تمر وڃي پنهنجي پيءُ جي گهر ۾ رهڻ لڳي.

۽ ڪيتري وقت ڪان پوءِ سوع جي ڌيءَ، يهوداه جي زال مري وئي؛ ۽ جڏهن يهوداه جو غم لٿو، تڏهن هو پنهنجي ادولامي دوست حيراه سان گڏجي، تمنت ۾ پنهنجين رڍن جي ان ڪترڻ وارن وٽ ويو ۽ ماڻهن تمر کي ٻڌايو تہ:

”ڏس! تنهنجو سهرو تمنت ۾ پنهنجين رڍن جي ان ڪترڻ تو وڃي.“

تڏهن هن پنهنجي عذر جا ڪپڙا لاهي، برقعو ڍڪيو ۽ پاڻ کي ويڙهي سيڙهي عينيم جي دروازي وٽ اچي ويني، جو تمنت جي رستي تي هو؛ چالاڪ جو هن ڏٺو تہ سيله وڏو ٿيو آهي ۽ اڃا سندس شادي هن سان نہ ڪرائي اٿن. پوءِ جڏهن يهوداه هنڪي ڏٺو، تڏهن سمجهياءِ تہ هيءَ ڪا ڪسبياڻي آهي؛ ڇو تہ هنجو منهن ڍڪيل هو ۽ هو واٽ تان ڦري، هن ڏانهن ويو ۽ چيائينس تہ:

”مون کي پاڻ وٽ اچڻ ڏي.“

ڇالاءِ جو هنکي اها خبر ڪانہ هئي تہ هيءَ سندس ننهن آهي. تڏهن هن چيو تہ:

”مون وٽ اچڻ لاءِ مونکي ڇا ڏيندين؟“

هن چيو تہ: ”آءٌ تو لاءِ ڌڻ مان هڪڙو ڇيلو موڪليندس.“

تنهن تي هن چيس تہ: ”جيسين اهو موڪلين، تيسين ڪا سوتي ڏيئي وڃ؟“

هن چيو تہ: ”ڪهڙي سوتي ڏيانءِ؟“

هن چيو تہ: ”پنهنجي منڊي، ڏوري ۽ لٺ جا هٿ ۾ اٿيئي.“

تنهن تي هن اهي شيون ڪيس ڏنيون ۽ پوءِ هو وٽس ويو ۽ هو منجهانس حاملہ ٿي. پوءِ هو اتان اٿي هلي ويئي ۽ برقعو لاهي پنهنجا عذر جا ڪپڙا پاتاءِ ۽ يهوداہ پنهنجي ادولاميءَ دوست جي هٿان ڇيلو موڪليو، تہ انهيءَ زال وٽان سندس سوتي موٽائي وٺي اچي: پر هوءَ لڌيس ئي ڪانہ. تڏهن انهي هنڌ جي ماڻهن کان پڇا ڪياءِ تہ: ”جيڪا ڪسبياڻي رستي جي پرسان عينيم وٽ ويٺي هئي، سا ڪٿي آهي؟“

هنن چيو تہ: ”هتي تہ ڪا بہ ڪسبياڻي ڪانہ هئي.“

تڏهن هو موٽي يهوداہ وٽ آيو ۽ ٻڌائينس تہ: ”مون کان تہ هوءَ ڪانہ لڌي، بلڪ انهي هنڌ جي ماڻهن چيو تہ هتي تہ ڪابہ ڪسبياڻي ڪانہ آهي.“

تڏهن يهوداہ چيو تہ: ”ڀلي تہ هوءَ پاڻ وٽ اهي شيون رکي، متان اسين بدنام ٿيون: ڏس، مون تہ ڇيلو موڪليو، پر تو کان هوءَ ڪانہ لڌي.“

۽ هيئن ٿيو جو اٽڪل ٽن مهينن کان پوءِ ڪن ماڻهن يهوداہ کي خبر ڏني تہ سندس ننهن تمر، ڪسبياڻي وارو ڪم ڪيو آهي، بلڪ ڏس هو حرام مان حاملہ ٿي آهي.

تڏهن يهوداہ چيو تہ: ”هن کي وٺي اچو ۽ ساڙي ڇڏيوس.“

پر جڏهن هنکي وٺي آيا، تڏهن هن پنهنجي سهري ڏانهن چوائي موڪليو، تہ:

”جنهن ماڻهوءَ جون هي شيون آهن، تنهن مان آءٌ حاملہ ٿي آهيان:“ ۽ چياءِ تہ: ”ڀلائي ڪري سڃاڻ تہ هيءَ منڊي، ڏوري ۽ لٺ ڪنهنجيون آهن؟“

۽ يهوداہ اهي شيون سڃاڻي چيو تہ: ”هوءَ مون کان وڌيڪ راستباز آهي؛ ڇالاءِ جو مون پنهنجي پٽ سيلہ سان هن جي شادي نہ ڪرائي.“

۽ انهي کان پوءِ هو وري وٽس نہ ويو.

۽ هيئن ٿيو جو ويم جي سورن مهل ڏٺائون تہ هنجي پيٽ ۾ جاڙا ٻار آهن ۽ ويامڻ وقت هڪڙي ٻار جو هٿ ٻاهر نڪتو ۽ دائيءَ هنجي هٿ تي قرمزي ڌاڳو ٻڌي ڇڏيو ۽ چياءِ تہ: ”هي پهريون ٻاهر نڪتو.“

۽ هيئن ٿيو تہ جڏهن هن پنهنجو هٿ وري اندر ڇڪي ورتو، تہ

ڏسن ته سندس پاڻ نڪري آيو: تنهن تي دائيءَ چيو ته:

”تو ڪيئن پنهنجي لاءِ جاءِ ڪئي؟“

تنهن ڪري انهي جو نالو فارص رکيو ويو. تنهن کان پوءِ سندس ڀاءُ نڪتو، جنهن جي هٿ تي قرمزي ڌاڳو ٻڌل هو: ۽ انهي جو نالو زارح رکياءُ.[1]

هي ڪتاب پيدائش جو 38 نمبر مڪمل باب آهي. هن ۾ اهڙيون ته بيهوده ڳالهيون لکيل آهن جو ڪو به شريف ماڻهو پنهنجي گهر جي ڀاتين کي ٻڌائيندي به شرم محسوس ڪندو.

سڀ کان پهرين بيهوده ڳالهه اها ڪئي وئي آهي ته عير شرير هو تنهن ڪري الله تبارڪ و تعالي هن کي ماري ڇڏيو ۽ اونان به پسند نه هو تنهن ڪري انهيءَ کي به ماري ڇڏيائين.

هي الله جي سنت نه آهي ۽ نه ئي هي طريقو الله جو طريقو آهي. پر الله تبارڪ وتعالي جيڪڏهن اهڙي ڳالهه ڪندو آهي ته ان جو متبادل انهيءَ کان بهتر يا نه ته به انهيءَ جهڙي شيءِ ضرور پيش ڪندو آهي. جيئن قرآن شريف ۾ آهي ته:

مَا نَنْسَخْ مِنْ اٰيَةٍ اَوْ نُنْسِهَا نَاْتِ بِخَيْرٍ مِّنْهَآ اَوْ مِثْلِهَا ؕ اَلَمْ تَعْلَمْ اَنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَىْءٍ قَدِيْرٌ.[2]

ترجمو: ”اسان جنهن آيت کي منسوخ ڪندا آهيون، يا فراموش ڪرائي ڇڏيندا آهيون ته ان کان بهتر يا انهيءَ جهڙي ئي ٻي آيت موڪليندا آهيون. ڇا توهان نه ٿا ڄاڻو ته الله هر شيءِ تي قدرت رکندڙ آهي؟“

يا وري جيئن سوره ڪهف ۾ جڏهن حضرت خضر ؑ هڪ نوجوان کي مارڻ جي بابت حضرت موسیٰ ؑ کي وضاحت ڏيندي فرمائين ٿا ته:

وَ اَمَّا الْغُلٰمُ فَكَانَ اَبَوٰهُ مُؤْمِنَيْنِ فَخَشِيْنَآ اَنْ يُّرْهِقَهُمَا طُغْيَانًا وَّ كُفْرًا . فَاَرَدْنَآ اَنْ يُّبْدِلَهُمَا رَبُّهُمَا خَيْرًا مِّنْهُ زَكٰوةً وَّ اَقْرَبَ رُحْمًا[3]

ترجمو: ”۽ اهو جيڪو ڇوڪرو هو، هن جا ماءُ پيءُ مومن هئا. اسان کي خوف ٿيو ته هو (وڏو ٿي ڪر بد ڪردار ٿيندو ۽) هنن کي پنهنجي سرڪشي ۽ ڪفر کان عاجز ۽ پريشان ڪري ها. سو اسان چاهيو ته هنن جو پروردگار هنن کي انهيءَ جاءِ تي هڪ ٻيو ٻار عطا فرمائي، جيڪو پاڪيزگي ۽ محبت جي ويجهو هجي.“

توهان ڏٺو ته الله تبارڪ وتعالي جيڪڏهن ڪنهن شخص کان هن جو پٽ کسي ٿو ته انهيءَ جي جاءِ ته هن کي هڪ ٻيو پاڪ ۽ پاڪيزه ٻار عنايت فرمائي ٿو.

---

1. پيدائش 38: 1 ـ 30
2. البقره: 106
3. الڪهف: 80 ـ 81

پر بائيبل جي مٿين قصي ۾ اسان کي ان جو الٽ ملي ٿو. اسان ڏسون ٿا تہ يهوداھ کي ان جو متبادل بهتر ملڻ جي بجاءِ اجان بہ وڌيڪ خراب صورتحال کي منهن ڏيڻو پيو. تفصيل هيٺ اچي رهيو آهي.

ٻي بيهوده ۽ شرمناڪ ڳالھ اها آهي جو عير جي مرڻ کان پوءِ يهوداھ اونان کي تمر سان زنا ڪرڻ لاءِ موڪلي ٿو، جيئن عير جي نالي تي اولاد پيدا ٿئي. هتي ڪو ماڻهو چئي سگهي ٿو تہ هڪڙي ڀاءُ جي مرڻ سان انهيءَ جي زال سان پرڻجڻ جي هر شريعت ۾ اجازت آهي. پر اسان ڏسون ٿا تہ هتي پرڻجڻ جي ڪا ڳالھ ئي ڪا نہ ملي ٿي. بلڪ هتي تہ عير جي نالي تي نسل پيدا ڪرڻ جي ڳالھ ڪئي وڃي ٿي ۽ اها ئي ڳالھ هئي جنهن کي اونان پسند نہ پيو ڪري.

ٽين بيهوده ڳالھ هي ٿي جو تاريخ ۾ پهريون پيرو ڪنهن شخص پنهنجي مني کي هيٺ زمين تي هارڻ شروع ڪيو. جيئن تہ انهيءَ فعل جو اڳ ۾ ڪو مثال نہ ٿو ملي تنهن ڪري هن فعل کي نالو ئي ”اونان ازم“ (Onanism) پئجي ويو. ڊڪشنري ۾ اونان ازم جي ٻي معني مٺ هڻڻ (Masturbation) ملي ٿي.

چوٿين بيهوده ۽ شرمناڪ ڳالھ هي آهي جو هڪ سهرو پنهنجي ننهن سان زنا جو مرتڪب ٿئي ٿو ۽ سهرو ڪو معمولي يا عام ماڻهو ڪونهي پر حضرت يعقوب ع جو پٽ آهي. هڪ وڏي هستي آهي. ايتري وڏي هستي جو هن وقت تائين يهودي قوم انهيءَ شخص جي پنيان يهودي سڏجي رهيا آهن. يهوداھ ئي آهي جنهن کي حڪومت ۽ مذهبي بزرگي ملي ٿي ۽ حضرت يعقوب ع پنهنجي آخري وقت ۾ ڪيس دعا ڪندي نظر اچن ٿا تہ:

”اي يهوداھ، تنهنجا ڀائر تنهنجي ساراھ ڪندا: تنهنجو هٿ تنهنجن دشمنن جي ڳچيءَ تي رهندو؛ تنهنجي پيءُ جا پٽ تنهنجي اڳيان ڪنڌ نمائيندا. يهوداھ شينهن جو ٻچو آهي؛ اي منهنجا پٽ تون شڪار تان آيو آهين: هو شينهن وانگي ۽ شينهڻ وانگي ڇَپ ماري وينو، ڪير هن کي اٿاريندو؟ جيسين شيلوه نہ ايندو، تيسين يهوداھ کان بادشاهي نہ ويندي. نڪي حڪومت جو عصو سندس پيرن هيٺيان نڪري ويندو؛ ۽ قومون هنجي فرمانبرداري ڪنديون. هو پنهنجو وڇو ڊاک سان ۽ پنهنجو ڪودڙو عمدي ڊاک سان ٻڌندو. هو پنهنجا ڪپڙا مئي ۾ ڌوئيندو ۽ پنهنجي پوشاڪ انگور جي رس ۾: هنجون اکيون مئي سان ڳاڙهيون ٿينديون ۽ سندس ڏند کير سان اڇا ٿيندا.“[1]

اهڙيءَ ريت محرمات سان جنسي تعلق (Incest) جو هي ٻيو واقعو هن هڪ ئي باب ۾ موجود آهي. اهڙي ناجائز تعلق جي نتيجي ۾ بہ ٻار

---

1. پيدائش 49: 8 ـ 12

پيدا ٿين ٿا. اسان وڏيڪ خراب لفظ استعمال ڪرڻ نہ ٿا چاهيون، جو تہ يهودي ۽ عيسائي حضرات وڏن نبين حضرت دائود ع، حضرت سليمان ع، حضرت عيسىٰ ع جي امڙ حضرت بيبي مريم عليہ السلام وغيره جو حسب نسب انهن ناجائز ٻارن (يعني فارص ۽ زارح) سان ملائيندا آهن. فاعتبرو يا اولي الابصار.

هي ناقابل قبول ڳالهيون آهن ۽ هنن کي ”خداوند جو ڪلام“ نہ ٿو چئي سگهجي.

هر نبيءَ جي حسب نسب ۾ ايندڙ ماڻهو خصوصي طور تي ٻن برائين کان محفوظ هوندا آهن. هڪ شرڪ ٻيو زنا ۽ انهن ۾ بہ زنا کي وڏيڪ اهميت ڏني ويندي آهي.جو تہ شرڪ بابت ڪجھ عالم اختلاف ڪندا آهن ۽ حضرت ابراهيم ع جي پيءُ کي مشرڪ مڃيندا آهن (هن موضوع تي مڪمل بحث اسان سيرت النبي صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي باب ”حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي آباء واجداد جو ايمان“ ۾ ڪنداسين). پر زنا جي باري ۾ سڀ عالم متفق آهن تہ نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي آباء واجداد ۾ ڪو بہ زاني نہ رهيو آهي. اهڙيءَ طرح ٻين وڏن نبين جي حسب نسب ۾ بہ زاني هجڻ کي تسليم نہ ٿو ڪري سگهجي. پر هتي تہ اجان بہ حدن کي ڪراس ڪري وڏن وڏن نبين جو رشتو انهيءَ زنا جي پيداوار ٻارن سان جوڙيو ٿو وڃي.

هتي ڪنهن کي اها غلط فهمي نہ ٿيڻ کپي تہ ان وقت ۾ اهڙن رشتن جي اجازت هئي. خود يهوداه ڪسبياڻيءَ سان ملڻ کي برو فعل سمجهي پيو. جڏهن سندس ادولامي دوست واپس اچي ڪيس ٻڌائي ٿو تہ هن کا اها ڪسبياڻي نہ ملي تہ يهوداه چوي ٿو تہ: ”ڀلي تہ هو پاڻ وٽ اهي شيون رکي، متان اسان بدنام ٿيون.“

وري جڏهن ماڻهو يهوداه کي خبر ڏين ٿا تہ سندس ننهن تمر ڪسبياڻيءَ وارو برو ڪم ڪيو آهي تہ ان سان گڏ اهو بہ چوندي نظر اچن ٿا تہ: ”ڏس! هوءَ حرام سان حاملہ ٿي آهي.“

انهيءَ تي خود يهوداه بہ انهيءَ ڳالھ کي انتهائي وڏو گناه سمجهندي تمر کي ساڙي ڇڏڻ جي فتوي ڏيئي ٿو. پر پوءِ هر گناه جو پاڻ کي ذميوار سمجهي ڪيس ڇڏي ڏيئي ٿو.

اڇو تہ ڏسون تہ حرام مان ڄاول ٻار بابت توريت جو حڪم ڪهڙو آهي؟ ڪتاب استثنا ۾ آهي تہ:

”ڪوبہ حرام مان ڄاول خداوند جي جماعت ۾ داخل نہ ٿئي: انهي جي ڏهين پيڙهيءَ تاءِ سندس نسل مان ڪوبہ خداوند جي جماعت ۾ داخل نہ ٿئي.“[1]

---

1. استثنا 23 : 2

۽ اسان ڏسون ٿا تہ متي ۽ لوقا حضرت عيسىٰ عہ جو حسب نسب بيان ڪندي ٻڌائين ٿا تہ فارص جي ڏهين پشت ۾ حضرت دائود عہ پيدا ٿين ٿا.

هن شرمناڪ گناہ جي ڪابہ تاويل يا توجيهہ نہ ٿي سگهي ٿي.

بائيبل اهڙين ڳالهين (يعني محرمات سان زنا) سان پريل آهي. هيٺ اسان ڪجهہ وڌيڪ واقعا اوهان آڏو پيش ڪري رهيا آهيون ۽ جيئن تہ اسان جي بحث جو محور ”ڪتاب پيدائش“ آهي، تنهن ڪري، اسان اهڙا واقعا صرف ڪتاب پيدائش ڪان ئي نقل ڪنداسين.

(ii) پيءُ ۽ ڌيءُ جو ناجائز رشتو

”۽ لوط ضغر ڪان نڪري وڃي جبل ۾ رهيو ۽ سندس بہ ڌيون بہ ساڻس هيون؛ چالاءِ جو هو ضغر ۾ رهڻ ڪان ڊنو ٿي، تنهن ڪري پنهنجين ٻنهي ڌيئرن سوڌو وڃي جبل جي غار ۾ رهيو.

پوءِ وڏيءَ ننڍيءَ کي چيو تہ:

”اسانجو پيءُ ٻڍو آهي ۽ زمين تي ڪو بيو ماڻهو ڪونهي جو ساري جهان جي دستور موجب اسان وٽ اچي. تنهن ڪري اچ تہ اسين پنهنجي پيءُ کي مئي پياري ساڻس گڏ سمهون، تہ اسين پنهنجي پيءُ جو نسل قائم رکون.“

سو هنن انهيءَ رات پنهنجي پيءُ کي مئي پياري ۽ وڏي وڃي پنهنجي پيءُ سان گڏ ستي؛ پر هن کي اهو سماءُ ڪونہ رهيو تہ هوءَ ڪڏهن ستي ۽ ڪڏهن اٿي ۽ صبوح جو هيئن ٿيو جو وڏيءَ ننڍيءَ کي چيو تہ:

”ڏس! ڪالهہ رات آءٌ پنهنجي پيءُ سان ستي هيس: اچ تہ اڄ رات بہ هن کي مئي پياريون ۽ تون وڃي ساڻس گڏ سمهہ، تہ اسين پنهنجي پيءُ جو نسل قائم رکون.“

سو انهن انهيءَ رات بہ پنهنجي پيءُ کي مئي پياري ۽ ننڍي اٿي وڃي ساڻس گڏ ستي؛ پر هن کي اهو سماءُ ڪونہ رهيو تہ هو ڪڏهن ستي ۽ ڪڏهن اٿي.

انهيءَ طرح لوط جون ٻئي ڌيون پيءُ مان پيٽ سان ٿيون. پوءِ وڏيءَ کا پٽ ڄائو، جنهن جو نالو موآب رکياءِ ۽ اڄ ڏينهن تاءِ جيڪي موآبي آهن، تن جو هو ابو آهي ۽ ننڍيءَ کي بہ پٽ ڄائو، جنهن جو نالو بن عمي رکياءِ ۽ اڄ ڏينهن تاءِ جيڪي امون جو اولاد ٿا سڏجن، تن جو اهو ابو آهي.“[1]

(iii) پٽ ۽ ماءُ جو ناجائز رشتو

”۽ هيئن ٿيو تہ جڏهن اسرائيل (يعني حضرت يعقوب عہ) انهي ملڪ ۾ رهيو پيو هو، تڏهن روبن پنهنجي پيءُ جي سريت بلها سان وڃي ستو

[1] پيدائش 19 : 30 ـ 38

۽ اسرائيل کي انهيءَ ڳالھ جي خبر پئجي ويئي."[1]

هيءَ بلهاه حضرت يعقوب عہ جي ٻن پٽن دان ۽ نفتالي جي ماءُ هئي.

زنا ۽ اها بہ محرمات سان ۽ اها بہ نبين ۽ نبين جي نيک صالح اولاد کان صدور ٿيل هجي تہ انسان پنهنجي زنا جي واقعن کي تہ ڪنهن حساب ۾ ئي نہ آڻيندو. سو نتيجو اهو آهي جو يورپ جا اڪثر ملک سيڪس فري (Sex Free) ملک آهن.

عيسائي حضرات جڏهن زچ ٿيندا آهن تڏهن مسلمانن مٿان اعتراض ڪندي هي آخري سوال ڪندا آهن تہ:

"جيڪڏهن اسان جا ڪتاب ڪوڙا ۽ هٿ ٺوڪيا آهن تہ پوءِ توهان ڪيئن انهن ڪوڙن ۽ هٿ ٺوڪين ڪتابن مان پنهنجي نبيءَ حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي باري ۾ پيشنگوئيون ڳولهي اسان آڏو حجت طور پيش ڪيو ٿا؟"

مسلمانن جو جواب هوندو آهي تہ:

"يقينن بائيبل ۾ ڪجھ ڪتاب اهڙا آهن جيڪي "خدا جو ڪلام" چورائڻ جي لائق ئي نہ آهن. پر هنن ۾ اهي ڪتاب بہ آهن جيڪي هيا تہ "خدا جو ڪلام" پر پوءِ انهن ۾ تحريف ڪئي وئي ۽ هينئر هو پنهنجي اصلوڪي حالت ۾ نہ آهن ۽ اهو بہ هڪ سبب هو جنهن جي ڪري الله تبارک و تعالي کي پنهنجو ڪلام نئين سري سان موڪلڻو پيو."

۽ مٿيون ڳالهيون ثابت ڪن ٿيون تہ ڪتاب پيدائش بہ انهن ڪتابن مان آهي جيڪو انساني هٿن جي خيانتن کان محفوظ نہ رهيو آهي.

---

[1] پيدائش 35 : 22

(1) الله تبارڪ وتعاليٰ جو حضرت ابراهيم عہ سان واعدو

(الف) پراڻي عهد نامي ۾

الله تبارڪ وتعاليٰ حضرت ابراهيم عہ کي فرمايو تہ:

(i) ”آءُ تو مان هڪڙي وڏي قوم پيدا ڪندس، توکي برڪت ڏيندس، تنهنجو نالو سرفراز ڪندس ۽ تون برڪت جو سبب ٿيندين. جيڪي توکي مبارڪ چوندا، تن کي آءُ برڪت ڏيندس ۽ جيڪي توکي پٽيندا تن تي لعنت ڪندس. توکان زمين جي سڀني قبيلن کي برڪت ملندي.“[1]

(ii) ”(وري) لوط جي ڌار ٿيڻ کان پوءِ، خداوند ابرام کي چيو تہ پنهنجون اکيون مٿي کڻ ۽ جتي تون بيٺو آهين، اتان اتر، ڏکڻ، اڀرندي ۽ الهندي پاسي نهار: ڇالاءِ تہ جيڪو ملڪ تون ڏسين ٿو. سو سڀ آءُ توکي ۽ تنهنجي اولاد کي هميشہ لاءِ ڏيندس ۽ آءُ تنهنجو اولاد زمين جي واريءَ جيترو ڪندس، اهڙو جو جيڪڏهن ڪو ماڻهو واريءَ جي ذرن کي ڳڻي سگهندو، تہ تنهنجي اولاد کي بہ ڳڻي سگهندو. اٿي هن زمين جي ڊيگهہ ۽ ويڪر گهمي ڏس، چو تہ اها آءُ توکي ڏيندس.“[2]

پر هڪ وڏو عرصو گذرڻ کان بعد بہ جڏهن حضرت ابراهيم عہ کي اولاد ڪانہ ٿي تہ هن الله تبارڪ وتعاليٰ آڏو وري شڪايت ڪئي:

”ابرام چيو تہ: اي خداوند خدا تون مونکي ڇا ڏيندين؟ آءُ تہ بي اولاد آهيان ۽ منهنجي گهر جو مختيار اليعزر دمشقي آهي. وري ابرام چيو تہ ڏس، تو مون کي اولاد ڪونہ ڏنو آهي ۽ هڪڙو غلام جو منهنجي گهر ۾ ڄائو آهي سو منهنجو وارث ٿيندو.“[3]

حضرت ابراهيم عہ جي چوڻ جو مطلب هي هو تہ هن کي پنهنجي ڪابہ اولاد ڪانہ آهي. تنهنڪري، سندس وارث حضرت ابراهيم عہ جو غلام اليعزر ٿيندو پر الله تبارڪ وتعاليٰ کيس تسلي تہ ڏني تہ نہ- ائين نہ ٿيندو- بلڪ هن جو وارث هن جي نسل مان ئي پيدا ٿيندو. توريت ۾ اها ڳالهہ هن ريت لکيل آهي تہ:

(iii) ”تڏهن خداوند جو ڪلام هن تي نازل ٿيو ۽ چيائينس تہ: هي ماڻهو تنهنجو وارث نہ ٿيندو. پر جيڪو تومان پيدا ٿيندو سوئي تنهنجو وارث ٿيندو ۽ هو کيس ٻاهر وٺي ويو ۽ چيائينس تہ هاڻي آسمان ڏانهن

---

1. پيدائش 12 : 2 ـ 3
2. پيدائش 13 : 14 ـ 17
3. پيدائش 15 : 2 ـ 3

نهار ۽ جي تارن کي ڳڻي سگهين تہ ڳڻ: ۽ چيائينس تہ تنهنجو اولاد ايترو ٿيندو ۽ هن خداوند تي ايمان آندو ۽ هن اهو سندس لاءِ راستبازي شمار ڪيو.“[1]

وري اڳتي هلي اسان کي ملي ٿو تہ الله تبارڪ وتعالي حضرت ابراهيم ع سان هڪ وڏيڪ واعدو فرمائي ٿو. توريت ۾ آهي تہ:

(iv) ”انهي ڏينهن خداوند ابرام سان هڪڙو عهد ڪيو ۽ چيائينس تہ مون هي ملڪ مصر جي نديءَ کان وٺي وڏي ندي يعني فرات ندي تاءِ تنهنجي اولاد کي ڏنو آهي.“[2]

اها ڳالهہ تالمود ۾ هن ريت بيان ٿيل آهي تہ:

”اٿ ۽ ڪنعان جي زمين تي واپس وڃ. تون تنهنجي زال ۽ اهي سڀ جيڪي تنهنجي گهر ۾ پيدا ٿيا ۽ اهي سڀ جانون جيڪي تو حاران ۾ تيار ڪيون. چو تہ مان توکي مصر جي دريا کان وٺي وڏي دريا يعني درياءِ افرات تائين جي زمين ڏئي چڪو آهيان“[3]

بيشڪ الله تبارڪ وتعالي جو وعدو سچو آهي. هڪ طرف اسان ڏسون ٿا تہ انهي علائقي ۾ رهندڙ قومن ۾ اڪيلي حضرت ابراهيم ع جي اولاد اڪثريت ۾ رهي ٿي. نہ صرف رهي ٿي پر حڪومت بہ سندن جي ئي هٿ ۾ آهي. ٻئي طرف اسان ڏسون ٿا تہ هي پيشنگوئيون ۽ هي وعدا حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي حقانيت جا بہ ثبوت آهن. چو تہ اهو سمورو علائقو حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي امت جي هٿ ۾ آهي. اُردن ۾ تہ شاهہ عبدالله اصلي ۽ حقيقي سيدن مان آهي.

مٿين پيشنگوئي ۾ لفظ ”مصر جي نديءَ“ مان ذهن مصر جي مشهور عالم ندي ”نيل“ ڏانهن ويندو آهي. پر وليم ميڪڊونلڊ (William MacDonald) مطابق:

”عام خيال آهي تہ هي ننڍڙي ندي غزه جي ڏکڻ ۾ آهي ۽ اڄڪلهہ انهي کي ”وادي العرش“ چيو ويندو آهي. مصر جي نديءَ مان نيل ندي مراد نہ آهي.“[4]

پر اها غلط ڳالهہ آهي. مصر جي نديءَ مان مراد نيل ندي ئي آهي. جنهن کان مراد مصر، حبشہ ۽ سوڊان وغيره وارو علائقو آهي ۽ فرات

---

1. پيدائش 15: 4 ـ 6

2. پيدائش 15: 18

3. تالمود (اردو)، اصل زبان عبراني کان انگريزي ترجمو: ايچ ـ پولانو، اردو مترجم: سٽيفن بشير، ناشر: مڪتبہ عناويم پاڪستان، جي ٽي روڊ ساڊوڪي، ضلع گوجرانوالہ، بار دوم مئي 2006ع، ص 40

4. ميڪڊونلڊ، وليم، تفسيرالڪتاب (پيدائش-استثنا) اردو، مترجم: ڊي- چند، سموئيل، بشپ، مسيح اشاعت خانہ، 36- فيروزپور روڊ، لاهور 2016ع، ص 40

نديءَ مان مراد عراق شام ۽ ترڪي وغيره آهن. جيڪي سڀ هن وقت مسلمانن يعني حضرت ابراهيم عہ جي سچي پيروڪارن وٽ آهن.

هن علائقي جو ڪجهہ تفصيل اسان کي استثنا ۾ بہ ملي ٿو. جنهن ۾ لکيل آهي تہ:

”پوءِ موسي موآب جي ميدان مان نبو جبل جي پسگہ نالي چوٽيءَ تي چڙهي ويو، جا يريحو جي سامهون آهي ۽ خداوند هن کي جلعاد جو سڄو ملڪ دان تائين ۽ نفتاليءَ جو سڄو ملڪ ۽ افرائيم ۽ منسيءَ جو سڄو ملڪ ۽ يهوداهہ جو سڄو ملڪ، پڇين سمنڊ تائين ۽ ڏکڻ جو ملڪ ۽ کجين جي وڻن واري شهر يريحو جي ماٿري واري ميدان صغر تائين ڏيکاريو ۽ خداوند هن کي چيو، تہ هي اهو ملڪ آهي، جنهن بابت مون ابرهام سان، اضحاق سان ۽ يعقوب سان، قسم کڻي چيو هو تہ اهو تنهنجي اولاد کي ڏيندس: اهو مون توکي تنهنجين اکين سان ڏيکاريو آهي، پر تون لنگهي انهي تائين نہ ويندين. سو خداوند جي ٻانهي موسي، خداوند جي حڪم موجب، موآب جي ملڪ ۾ وفات ڪئي.“[1]

الله تبارڪ وتعالي حضرت موسیٰ عہ کي سمورو ملڪ ڏيکاريو تہ سهي پر اهو بہ ٻڌايو تہ تون انهي ملڪ ۾ وڃي ڪونہ سگهندين.

بحرحال پيدائش جي باب 13 جون 14 کان 17 تائين آيتون ۽ پيدائش باب 15 جي آيت 18 ۾ پيشنگوئي مطابق؛ عرب جو سمورو علائقو ۽ ان جي چئني طرفن وارو علائقو حضرت ابراهيم عہ جي اولاد حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي مجيندڙن جي هٿ ۾ آهي ۽ مٿين پيشنگوئي مطابق تہ اهو علائقو قيامت تائين هنن جي هٿ هيٺ رهڻ کپي.

اسان اڳتي هلي پنهنجي جڳهہ تي اهو بہ ثابت ڪنداسين تہ جيڪي جنهن جا پوئلڳ آهن، اهي انهي جا اهل سڏجي سگهجن ٿا ۽ جيڪي حضرت ابراهيم عہ جي ملت تي آهن اهي سندس جا اهل سڏجي سگهجن ٿا. پر جيڪڏهن ڪو ڪنهن جي دين تي نہ آهي اهو ڀلي گهر جو ڀاتي هجي پر سندس اهل نہ ٿو سڏجي سگهجي. جيئن حضرت نوح عہ جي گهرواري ۽ پٽ ۽ حضرت لوط عہ جي گهرواري، سندن گهرجا ڀاتي هوندي بہ سندن جا اهل سڏجي نٿا سگهجن.

پيشنگوئي نمبر (iv) ۾ وڌيڪ هيئن آهي تہ:

”يعني قيني، قنزي، قدموني، حتي، فرزي، رفائني، اموري، ڪنعاني، جرجاسي ۽ يبوسي، انهن سيني جو ملڪ مون تنهنجي اولاد کي ڏنو آهي.“[2]

---

1. استثنا 34: 1 ـ 5
2. پيدائش 15: 19 ـ 21

ياد رهي ته هي سڀ پيشنگوئيون ان وقت جون آهن جڏهن اجان حضرت ابراهيم عہ کي ڪا اولاد ڪانه ٿي هئي. هاڻي اسان سينٽرل ايشيا ۽ ڏکڻ ايشيا تي نظر وجهون ٿا ته اسان کي پوري عرب علائقي ۾ انهن جي چوڌاري ملڪن ۾ اهي مٿيون قومون نظر ئي ڪونه اچن ٿيون. پر حضرت ابراهيم عہ جي اولاد (اسماعيلين) جي هر طرف اڪثريت نظر اچي ٿي. يا وري حضرت ابراهيم عہ جي اولاد مان حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي پوئلڳن يعني مسلمانن جي وڏي اڪثريت نظر اچي ٿي. ڪتاب داني ايل ۾ مسلمانن کي هن بادشاهي جي ملڻ بابت پيشنگوئي هن ريت ٿيل آهي:

”۽ انهن بادشاهن جي ڏينهن ۾ آسمان وارو خدا هڪڙي بادشاهت برپا ڪندو جا ڪڏهن بہ ناس نہ ٿيندي ۽ نہ انهي جي بادشاهت ٻي ڪنهن قوم کي ملندي؛ پر اها ٻيون سڀ بادشاهتون پيچي پرزا پرزار ڪري چٽ ڪندي ۽ پاڻ هميشہ لاءِ قائم رهندي.“[1]

هي پيشنگوئيون ايتريون تہ چٽيون آهن جو هنن جي وڌيڪ وضاحت جي ضرورت ئي ڪونہ آهي. يا تہ اهو ٻڌبو تہ هميشہ لاءِ قائم رهندڙ بادشاهت جي بابت هي پيشنگوئي ڪوڙي آهي، يا وري هي ٻڌبو تہ انهي سموري علائقي تي مسلمانن جي حڪومت نہ آهي. جيڪي ٻئي ڳالهيون غلط آهن. جڏهن فرشتا حضرت ابراهيم عہ کي حضرت اسحاق عليہ السلا جي پيدائش جي خوشخبري ڏيڻ آيا تڏهن بہ الله تبارڪ وتعالي پنهنجو عهد دهرايو تہ هو ضرور حضرت ابراهيم عہ کي برڪت ڏيندو.

(v) ”ابرهام مان تہ ضرور هڪڙي وڏي ۽ زور واري قوم پيدا ٿيندي ۽ زمين جي سڀني قومن کي هن جي وسيلي برڪت ملندي: ڇالاءِ جو مونکي هنجي خبر آهي تہ هو ضرور پنهنجن ٻارن کي ۽ پنهنجي خاندان کي، جو ڪانئس پوءِ ٿيندو، تنهن کي حڪم ڪندو تہ هو خداوند جي واٽن تي قائم رهن، انصاف ۽ عدالت ڪن: انهي لاءِ تہ خداوند جيڪي ابرهام جي بابت چيو آهي سو پورو ڪري.“[2]

(ب) حضرت بيبي هاجرہ رض کي خوشخبري

توريت ۾ آهي تہ جڏهن حضرت ابراهيم عہ کي حضرت ساره رضہ کان ڪا اولاد نہ ٿي تڏهن حضرت ساره رضہ (مايوس ٿي) حضرت ابراهيم عہ کي چيو:

”تہ هاڻي ڏس، خداوند مون کي اولاد ڪان وانجهيل رکيو آهي، سو تون پنهنجيءَ ٻانهيءَ وٽ وڃ شايد ان مان مون کي ڪي ٻار ملن ۽ ابرام ساري جي ڳالهہ قبول ڪئي.“[3]

---

1. داني ايل 2: 44
2. پيدائش 18: 18 ـ 19
3. پيدائش 16: 2

جڏهن حضرت ابراهيم عہ حضرت بيبي هاجره رضہ سان مليو تہ هوءَ پيٽ سان ٿي وئي. هتان کان ئي حضرت بيبي ساره رضہ ۽ حضرت بيبي هاجره رضہ ۾ اختلاف شروع ٿيا. نتيجي ۾ توريت مطابق حضرت بيبي ساره رضہ حضرت بيبي هاجره رضہ تي سختي ڪرڻ لڳي ۽ هوءَ وٽائنس ڀڄي وئي. توريت مطابق:

(vi) ”۽ رڻ پٽ ۾ شور جي رستي تي جيڪو پاڻيءَ جو چشمو آهي، تنهن وٽ خداوند جو فرشتو هن کي ڳڌيو ۽ چيائينس تہ ساري جي ٻانهي هاجره تون ڪٿان ٿي اچين ۽ ڪيڏانهن ٿي وڃين؟ هن چيو تہ آءٌ پنهنجي ڌياڻيءَ وٽان ڀڄي آئي آهيان. تڏهن خداوند جي فرشتي چيس تہ تون پنهنجيءَ ڌياڻيءَ وٽ موٽي وڃ ۽ سندس هٿ هيٺ رهہ ۽ خداوند جي فرشتي هن کي چيو تہ آءٌ تنهنجو اولاد ايترو وڌائيندس جو شمار کان ٻاهر ٿيندو ۽ خداوند جي فرشتي چيوتہ ڏس تون حامله آهين ۽ پٽ ڄڻيندينءَ: ۽ انهي جو نالو اسماعيل رکج: ڇالاءِ جو خداوند تنهنجي ڏک جي دانهن ٻڌي آهي. هو ماڻهن ۾ جهنگلي گڏه، جهڙو آزاد رهندو: هن جو هٿ سيني جي برخلاف ۽ سيني جو هٿ هن جي برخلاف ٿيندو: ۽ هو پنهنجن سيني ڀائرن جي روبرو رهندو ۽ جنهن خدواند ساڻس ڳالهايو تنهنجو نالو هن اتاايل روئي رکيو يعني اي خدا تون ڏسين ٿو: ڇالاءِ جو هن چيو تہ سچ پچ مون خدا کي ڏٺو ۽ پوءِ بہ جيئري آهيان؟ تنهنڪري انهي چشمي جو نالو بيرلحي روئي پئجي ويو: ۽ ڏسو، اهو قادس ۽ برد جي وچ ۾ آهي ۽ هاجره کي ابرام مان هڪڙو پٽ ڄائو ۽ ابرام پنهنجي انهي پٽ جو نالو، جو هاجره کي ڄائو، اسماعيل رکيو. جڏهن هاجره کي ابرام مان پٽ ڄائو، تڏهن ابرام ڇهاسي ورهين جو هو.“[2]

۽ وري جڏهن حضرت ابراهيم عہ حضرت بيبي هاجره رضہ ۽ حضرت اسماعيل عہ کي مڪي جي غير آباد علائقي ۾ ڇڏي هليا ويا ۽ هنن جو ڪاڏو ۽ پاڻي ختم ٿي ويو. انهيءَ پريشاني جي حالت ۾ الله تبارڪ وتعالي حضرت بيبي هاجره رضہ جي دل جوئي لاءِ پنهنجو فرشتو موڪلي ٿو. جيڪو کيس اچي تسلي ڏئي ٿو تہ غمگين نہ ٿي الله جي رحمت مٿس قائم آهي.

(vii) ”۽ خدا جي فرشتي آسمان مان هاجره کي سڏي چيو تہ اي

---

1. مٿي حضرت اسمائيل عہ جو ذڪر ڪندي کيس ”جهنگلي گڏه“ جي مثل قرار ڏنو ويو آهي. بائيبل سوسائٽي طرفان شايع ٿيل اردو زبان واري ڪتاب مقدس ۾ لفظ **”گورخر“** استعمال ٿيل آهي. سياره ڊائجسٽ ”رسول نمبر“ جلد اول نومبر 1973 واري شماري ۾ هن پيشنگوئي کي بيان ڪندي لفظ **”عربي“** استعمال ٿيل آهي. انگريزي بائيبل **”گاڊس ورڊ فار يو“** (God's Word For You) **ڪنگ جيمز ورشن** (King James Version) ۾ **لفظ ”وائلڊ مين“** (Wild man) استعمال ٿيل آهي. هي هڪ معمولي جهلڪ آهي جنهن مان خبر پوي ٿي تہ عيسائي حضرات بائيبل مقدس جو ترجمو ڪندي سندس ڪهڙو حشر نشر ڪندا آهن.

2. پيدائش 16: 7 ـ 16

هاجره، توکي ڪهڙي تڪليف آهي؟ ڊڄ نه، جتي ڇوڪر پيو آهي، اتان ئي خدا هن جو آواز ٻڌو آهي. اٿ ڇوڪر کي ڪٺي پنهنجن هٿن ۾ ڪر: ڇالاءِ جو آءٌ هن کي هڪڙي وڏي قوم بڻائيندس."[1]

(ت) حضرت ابراهيم عہ سان الله جي عهد بابت وڏيڪ پيشنگوئيون

(viii) "پوءِ خداوند ابرهام کي چيو ته ساري، جا تنهنجي زال آهي، تنهن کي اڳتي ساري نه سڏج، پر هن جو نالو ساره ٿيندو. آءٌ هن کي برڪت ڏيندس ۽ سندس پيٽان توکي هڪڙو پٽ ڏيندس. هائو آءٌ هن کي برڪت ڏيندس ۽ هو قومن جي ماءُ ٿيندي ۽ امت جا بادشاهہ منجهانس پيدا ٿيندا. تڏهن ابرهام جهڪي سجدو ڪيو ۽ کِلي دل ۾ چيائين ته جنهن ماڻهوءَ جي عمر سو ورهيہ آهي، تنهن مان ڪو ٻار پيدا ٿيندو ۽ ساره جا نوي ورهين جي آهي، سا ڪو ٻار ڄڻيندي؟ ۽ ابرهام خدا کي چيو ته شل اسماعيل تنهنجي حضور ۾ جيئرو رهي! پر خدا ابرهام کي چيو ته نه، تنهنجي زال ساره تولاءِ پٽ ڄڻيندي، تون انهي جو نالو اضحاق رکج: آءٌ انهي سان ۽ انهي کان پوءِ سندس اولاد سان پنهنجو عهد، جو ابدي عهد آهي، سو قائم ڪندس."[2]

(ix) "باقي اسماعيل بابت مون تنهنجو عرض قبول ڪيو: مون هن کي برڪت ڏني آهي، آءٌ کيس گهڻي اولاد وارو ڪندس ۽ تمام گهڻو وڌائيندس: هن مان ٻارهن سردار پيدا ٿيندا ۽ آءٌ هن کي هڪڙي وڏي قوم بڻائيندس. پر ايندڙ سال جي هن مند ۾ ساره جيڪو پٽ اضحاق ڄڻيندي، تنهن سان آءٌ پنهنجو عهد قائم ڪندس."[3]

(x) "جڏهن ابرام نوانوي ورهين جو ٿيو، تڏهن خداوند ابرام کي ڏيکاري ڏني ۽ چيائينس ته آءٌ قادر مطلق خدا آهيان، تون منهنجي حضور ۾ هل ۽ ڪامل ٿي. آءٌ پنهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾ عهد ڪندس ۽ توکي گهڻو وڌائيندس. تڏهن ابرام جهڪي سجدو ڪيو: ۽ خدا ساڻس ڳالهايو ۽ چيائينس ته ڏس، منهنجو تو سان عهد آهي. تون گهڻن قومن جو پيءُ ٿيندين. اڳتي تنهنجو نالو ابرام نه پر ابرهام سڏبو، ڇالاءِ جو مون توکي گهڻين قومن جو پيءُ ڪيو آهي. آءٌ توکي گهڻي اولاد وارو ڪندس. تومان قومون پيدا ڪندس ۽ تنهنجي اولاد مان بادشاهہ نڪرندا. آءٌ پنهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾ ۽ توکان پوءِ تنهنجي نسل جي وچ ۾، انهن جي سيني پيڙهين لاءِ ابدي عهد ڪندس. آءُ تنهنجو ۽ توکان پوءِ تنهنجي اولاد جو خدا ٿيندس. آءٌ توکي ۽ توکان پوءِ تنهنجي اولاد کي هيءَ زمين، يعني ڪنعان جو سارو ملڪ جنهن ۾ تون پرديسي آهين، سو هميشہ جي لاءِ قبضي ۾

---

1. پيدائش 21: 17 ـ 18
2. پيدائش 17: 15 ـ 19
3. پيدائش 17: 20 ـ 21

ڏيندس ۽ آءٌ انهن جو خدا ٿيندس ۽ خدا ابرهام کي چيو تہ تون منهنجو عهد مجيندو رهج، تون ۽ توکان پوءِ تنهنجو اولاد، سيني پيڙهين تائين اهو مجيندا رهجو ۽ منهنجو عهد، جيکو منهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾ ۽ توکان پوءِ تنهنجي نسل جي وچ ۾ آهي، جو اوهين مجيندا رهندا سوهي آهي؛ تہ اوهان مان سڀ کنهن مرد جو ختنو کيو وڃي. اوهين پنهنجي بدن جي کل جو ختنو ڪرائجو؛ اهو منهنجي ۽ اوهان جي وچ ۾ ڪيل عهد جو نشان ٿيندو. اوهان جي سيني پيڙهين ۾ سڀ ڪنهن ڇوڪر جو جڏهن هو اٺن ڏينهن جو ٿئي، تڏهن ختنو ڪيو وڃي. پوءِ توڙي هو تنهنجي گهر ۾ ڄاول هجي يا ڪنهن ڌارئي ماڻهوءَ کان، جو تنهنجي نسل مان نہ آهي، پر پيسن تي خريد ڪيل آهي. سيڪو مرد جو تنهنجي گهر ۾ ڄاول هجي، يا پيسن تي خريد ڪيل هجي، تنهنجو ختنو ڪيو وڃي: منهنجو عهد اوهان جي جسم ۾ ابدي عهد ٿيندو ۽ نامختون مرد جنهنجي جسم جي کل جو ختنو ٿيل نہ هجي سو امت مان ٻاهر ڪڍيو وڃي؛ ڇالاءِ جو هن منهنجو عهد ڀڳو آهي."[1]

(xi) "مون پنهنجو قسم ڪنيو آهي تہ آءٌ توکي برکت تي برکت ڏيندس ۽ تنهنجي اولاد کي وڌائيندي وڌائيندي ايترو ڪندس، جيترا آسمان جا تارا آهن ۽ جيتري سمنڊ جي ڪناري جي واري آهي ۽ تنهنجو اولاد پنهنجن دشمنن جي دروازي تي قبضو ڪندو. تنهنجي نسل جي وسيلي زمين جي سيني قومن کي برکت ملندي، ڇالاءِ جو تو منهنجو چوڻ مڃيو آهي."[2]

هي اهي واعدا ۽ وعيد هئا جيڪي الله تبارڪ وتعالي حضرت ابراهيم عہ ۽ حضرت بيبي هاجره رضہ سان ڪيا هئا ۽ اهي اڄ بہ توريت ۾ نقل ٿيل ملن ٿا. بحرحال الله تبارڪ وتعالي حضرت ابراهيم عہ کي ۽ سندس اولاد کي ايتري برکت ڏني جو جڏهن حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم کي برکت ڏيڻ جو وارو آيو تہ حضرت ابراهيم عہ کي ڏنل برکت کي مثال بڻائي پيش ڪيو ويو ۽ اڄ بہ مسلمان جڏهن حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم تي درود پڙهندا آهن تہ ان ۾ اهوئي چوندا آهن تہ:

"اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِ مُحَمَّدٍ كَمَا صَلَّيْتَ عَلٰى اِبْرٰهِيْمَ وَعَلٰى اٰلِ اِبْرٰهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ.

اَللّٰهُمَّ بَارِكْ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِ مُحَمَّدٍ كَمَا بَارَكْتَ عَلٰى اِبْرٰهِيْمَ وَعَلٰى اٰلِ اِبْرٰهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ."

يعني: "يا الله تون حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله

---

1. پيدائش 17: 1 ـ 14
2. پيدائش 22: 16 ـ 18

عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم تي ۽ سندس آل تي ائين درود (برڪت، رحمت ۽ سلامتي) موڪل جيئن تو حضرت ابراهيم ع ۽ ان جي آل تي درود (برڪت، رحمت ۽ سلامتي) موڪلي آهي."

يعني اسان وٽ انهي ڪان وڏيڪ برڪت، رحمت ۽ سلامتي جو تصور ئي ڪونہ آهي جيتري برڪت، رحمت ۽ سلامتي الله تبارڪ وتعالي حضرت ابراهيم ع ۽ سندس اولاد کي عطا فرمائي. ٻئي طرف اسان ڏسون ٿا تہ هي درود، برڪت، رحمت ۽ سلامتي وري بہ حضرت ابراهيم ع ۽ سندس اولاد ڏانهن ئي موٽي ٿي. ڇو تہ حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وآلہ وسلم وري بہ حضرت ابراهيم ع جي ئي اولاد آهن ۽ هو پاڻ ۽ هن جي آل اولاد بہ حضرت ابراهيم ع جي ئي آل اولاد سڏبي ۽ ڳڻپ ۾ ايندي.

(ث) قرآن شريف ۾ حضرت ابراهيم ع جي دعا

هن ڪان بعد اسان هڪ نظر قرآن شريف تي وجهون ٿا ۽ ڏسون ٿا تہ اتي حضرت ابراهيم ع ڇا گهرندي نظر اچي ٿو ۽ الله تبارڪ وتعالي ساڻس ڪهڙو عهد ڪندي نظر اچي ٿو.

سورة بقره ۾ آهي تہ:

وَاِذِ ابۡتَلٰۤی اِبۡرٰهٖمَ رَبُّهٗ بِكَلِمٰتٍ فَاَتَمَّهُنَّ ؕ قَالَ اِنِّیۡ جَاعِلُكَ لِلنَّاسِ اِمَامًا ؕ قَالَ وَمِنۡ ذُرِّیَّتِیۡ ؕ قَالَ لَا یَنَالُ عَهۡدِی الظّٰلِمِیۡنَ[1]

ترجمو: "۽ جڏهن ابراهيم ؑ کي سندس پالڻهار ڪن ڳالهين سان پرکيو پوءِ اهي پوريون ڪيائين ۽ (الله) فرمايو تہ آءُ توکي ماڻهن لاءِ امام مقرر ڪرڻ وارو آهيان. (تڏهن ابراهيم) چيو تہ منهنجي اولاد مان بہ امام ڪندين؟ (الله) فرمايو تہ ظالمن کي اهو منهنجو انجام نہ پهچندو."

ياد رهي تہ حضرت ابراهيم ع کي هي امامت نبوت ڪان بعد ملي آهي يعني امامت نبوت ڪان مٿاهين شئي آهي.

نبوت ۽ امامت ۽ انهي ٻنهي جي وچ ۾ فرق بابت اسان پنهنجي جاءِ تي بحث ڪنداسين.

هتي صرف اهو ٻڌائڻ مطلوب هو تہ الله تبارڪ وتعالي نہ صرف حضرت ابراهيم ع کي ماڻهن جو امام مقرر فرمايو پر اهو بہ واعدو ڪيو تہ حضرت ابراهيم ع جي اولاد مان ڪن نيڪ ٻانهن کي ماڻهن جو امام بڻائيندو.

هونئن تہ الله تبارڪ وتعالي حضرت ابراهيم ع جي ٽنهي گهروارين جي اولاد مان نبي ۽ رسول پيداڪيا. جيئن حضرت بيبي هاجره رضہ مان حضرت اسماعيل ع، حضرت بيبي ساره رضہ مان حضرت اسحاق

---

1. البقره: 124

ع ۽ حضرت بيبي قطوره رض جي پٽ مدين مان حضرت شعيب ع[1]. پر قرآن شريف ۾ حضرت ابراهيم ع مڪي وارن لاءِ خصوصي دعا گهرندي ۽ انهن جي پارت ڪندي نظر اچي ٿو ته يا الله هنن ۾ پنهنجو رسول موڪل جيڪو تنهنجي دين ۽ حڪمت جي تبليغ ڪري ۽ هنن کي پاڪ ۽ پاڪيزه ڪري. حضرت ابراهيم ع ۽ حضرت اسماعيل ع جي اها دعا قرآن ۾ هن ريت نقل ٿيل آهي:

وَاِذْ قَالَ اِبْرٰهٖمُ رَبِّ اجْعَلْ هٰذَا بَلَدًا اٰمِنًا وَّ ارْزُقْ اَهْلَهٗ مِنَ الثَّمَرٰتِ مَنْ اٰمَنَ مِنْهُمْ بِاللّٰهِ وَ الْيَوْمِ الْاٰخِرِ ؕ قَالَ وَمَنْ كَفَرَ فَاُمَتِّعُهٗ قَلِيْلًا ثُمَّ اَضْطَرُّهٗۤ اِلٰى عَذَابِ النَّارِ ؕ وَبِئْسَ الْمَصِيْرُ. وَاِذْ يَرْفَعُ اِبْرٰهٖمُ الْقَوَاعِدَ مِنَ الْبَيْتِ وَاِسْمٰعِيْلُ ؕ رَبَّنَا تَقَبَّلْ مِنَّا ؕ اِنَّكَ اَنْتَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ. رَبَّنَا وَاجْعَلْنَا مُسْلِمَيْنِ لَكَ وَمِنْ ذُرِّيَّتِنَاۤ اُمَّةً مُّسْلِمَةً لَّكَ ۪ وَاَرِنَا مَنَاسِكَنَا وَتُبْ عَلَيْنَا ۚ اِنَّكَ اَنْتَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ.[2]

ترجمو: ”۽ جڏهن ابراهيم چيو ته اي منهنجا پالڻهار هن شهر (مڪي) کي امن جو هنڌ ڪر ۽ سندس رهندڙن مان انهن کي ميون جي روزي ڏي جيڪي منجهائن الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃين (تڏهن الله) فرمايو ته جنهن نه مڃيو (تنهن کي به) پوءِ ان کي (حياتيءَ جا) ٿورڙا ڏينهن آسودو ڪندس وري ڪيس باهه جي عذاب ڏانهن بيوس ڪندس ۽ اها بڇڙي جاءِ آهي ۽ جڏهن ابراهيم ۽ اسماعيل بيت الله جا بنياد اوساريندا هئا (تڏهن چوندا هئا) ته اي اسان جا پالڻهار (هيءُ پورهيو) اسان کان قبول ڪر، چو ته تون ئي ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهين ۽ اي اسان جا پالڻهار اسان کي فرمانبردار ڪر ۽ اسان جي اولاد مان (به) هڪ ٽوليءَ کي پنهنجو فرمانبردار ڪر ۽ اسان کي حج جا ارڪان سيکار ۽ اسان جون (خطائون) معاف ڪر. چوته تون ئي وڏو معاف ڪندڙ مهربان آهين ۽ اي اسان جا پالڻهار منجهائن هڪ پيغمبر منجهن موڪل جو تنهنجون آيتون مٿن پڙهي ۽ کين ڪتاب ۽ حڪمت سيکاري ۽ کين سڌاري. چو ته تون ئي غالب حڪمت وارو آهين.“

هتي اهو نه سمجهيو وڃي ته ڪو هي دعا حضرت ابراهيم ع حضرت اسماعيل ع لاءِ گهري رهيا هئا. چو ته حضرت اسماعيل ع خود پاڻ به دعا گهرندڙن ۾ ساڻس شريڪ آهن. علماء ۽ مفسرين هن آيت جي تفسير ۾ لکن ٿا ته حضرت ابراهيم ع هي دعا حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليه وعلي آله واصحابه وسلم لاءِ گهري هئي. تنهنڪري حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليه وعلي آله واصحابه وسلم کي ”دعاءِ خليل“ جي لقب سان به ياد ڪيو ويندو آهي.

---

1. ”شعيب بن صفوان بن عيفا بن نابت بن مدين بن ابراهيم ع“ (قصص الانبيا(اردو)، علامه محمد محمدي اشتهاردي، مترجم: علامه آزاد حسين مشهدي، اداره منهاج الصالحين، لاهور، ص 720 (بحواله: بحارالانوار، ج12،ص375 ۽ مسعودي)
2. البقره : 126 ـ 128

حالانڪ دعا گهرڻ وارن ۾ حضرت اسماعيل ع بہ شريڪ هئا.

تفسير الميزان ۾ آهي تہ:

"(خود) پاڻ سڳوراصہ ارشاد فرمائيندا هئا تہ:

"انا دعوة ابراهيم." (مان ابراهيم جي دعا آهيان)[1]

قرآن شريف ۾ بہ بہ آيتون اهڙيون آهن جيڪي ثابت ڪن ٿيون تہ مٿين دعا حضرت ابراهيم ع ۽ حضرت اسماعيل ع حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم لاءِ ئي گهري هئي. پهرين آيت سورة آل عمران ۾ هن ريت آهي:

لَقَدْ مَنَّ اللّٰهُ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ اِذْ بَعَثَ فِيْهِمْ رَسُوْلًا مِّنْ اَنْفُسِهِمْ يَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِهٖ وَيُزَكِّيْهِمْ وَيُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ ۚ وَاِنْ كَانُوْا مِنْ قَبْلُ لَفِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ[2]

ترجمو: "بيشڪ الله مؤمنن تي وڏو احسان ڪيو آهي جڏهن تہ انهن ۾ سندن قوم مان پيغمبر موڪليائين جو ڪين سندس آيتون پڙهي ٻڌائيندو آهي ۽ ڪين پاڪ ڪندو آهي ڪين ڪتاب ۽ دانائي سيڪاريندو آهي ۽ بيشڪ هن ڪان اڳ پڌري ڀل ۾ (ڀليل) هوا. "

ٻي آيت سورة الجمعہ ۾ هن ريت ۾ آهي:

هُوَ الَّذِىْ بَعَثَ فِى الْاُمِّيّٖنَ رَسُوْلًا مِّنْهُمْ يَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِهٖ وَيُزَكِّيْهِمْ وَيُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ ۗ وَاِنْ كَانُوْا مِنْ قَبْلُ لَفِىْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ۙ[3]

ترجمو: "(الله) اهو آهي جنهن اڻ پڙهيلن ۾ انهن (جي قوم) مان هڪ پيغمبر پيدا ڪيو جو وٽن سندس آيتون پڙهندو آهي ۽ ڪين پاڪ ڪندو آهي ۽ ڪين ڪتاب ۽ دانائي سيڪاريندو آهي ۽ بيشڪ اهي (هن ڪان) اڳ پڌري گمراهي ۾ هئا."

مٿين ٻنهي آيتن تي غور ڪبو تہ معلوم ٿيندو تہ حضرت ابراهيم ع پنهنجي دعا ۾ جيڪي الفاظ استعمال ڪيا هئا هتي هنن آيتن ۾بہ اهي ساڳيائي جملا دهرايا ويا آهن.

هن ڪان بعد اسان حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي باري ۾ اهي پيشنگوئيون پيش ڪري رهيا آهيون جيڪي الله تبارڪ وتعالي مختلف وقتن ۾ پنهنجن پيارن پيغمبرن جي واتان پنهنجي پنهنجي امت کي ٻڌائون يا هدايت فرمايائون.

---

1. طباطبائي، محمد حسين، سيد، آيت الله، "الميزان في تفسيرالقرآن" (اردو)، اردو مترجم: غديري، حسن رضا، آيت الله، الغدير اڪيڊمي، پاڪستان، جولاءِ 2002 ع، جلد 1، ص 676

2. آل عمران: 164

3. الجمعة: 2

(2) شيلوه ـ امن جو شهزادو

توريت ۾ آهي تہ:

”(حضرت يعقوب عہ موت جي بستري تي) پنهنجن پٽن کي سڏي چيو تہ اوهين اچي گڏ ٿيو تہ آءٌ اوهان کي ٻڌايان تہ پوين ڏينهن ۾ اوهان سان ڇاڇا ٿيندو؟ اي يعقوب جي اولاد اوهين اچي گڏ ٿيو ۽ ٻڌو، پنهنجي پيءُ اسرائيل جي ڳالهہ ڌانهن ڪن ڏيو.“[1]

جڏهن هو سڀئي اچي گڏ ٿيا تڏهن حضرت يعقوب عہ پنهنجي هڪ هڪ پٽ جي صفت بيان ڪئي ۽ هن جي نسل جي مستقبل بابت پيشنگوئيون ڪيون. جڏهن يهوداهہ جو وارو آيو تہ هن پيشنگوئي ڪندي چيو:

”اي يهوداهہ تنهنجا ڀائر تنهنجي ساراهہ ڪندا: تنهنجو هٿ تنهنجن دشمنن جي ڪنڌيءَ تي رهندو؛ تنهنجي پيءُ جا پٽ تنهنجي اڳيان ڪنڌ نمائيندا. يهوداهہ شينهن جو ٻچو آهي؛ اي منهنجا پٽ تون شڪار تان آيو آهين: هو شينهن وانگي ۽ شينهڻ وانگي ڇپ ماري وينو، ڪير هن کي اٿاريندو؟ جيسين شيلوه نہ ايندو، تيسين يهوداهہ کان بادشاهي نہ ويندي. نڪي حڪومت جو عصو سندس پيرن هيٺيان نڪري ويندو؛ ۽ قومون هنجي فرمانبرداري ڪنديون. هو پنهنجو وڇو ڊاک سان ۽ پنهنجو ڪودڙو عمدي ڊاک سان ٻڌندو. هو پنهنجا ڪپڙا مئي ۾ ڌوئيندو ۽ پنهنجي پوشاڪ انگور جي رس ۾: هنجون اکيون مئي سان ڳاڙهيون ٿينديون ۽ سندس ڏند کير سان اڇاٽيندا.“[2]

(الف) لفظ ”اسرائيل“ جي معني

”اسرائيل“ حضرت يعقوب عہ جو لقب هو. جيئن پيدائش باب 49 جي آيت 2 مان بہ ظاهر ٿي رهيو آهي، جتي حضرت يعقوب عہ جي پٽن کي پهريون ”يعقوب جي اولاد“ ۽ ٻيهر ”پنهنجي پيءُ اسرائيل“ جي لفظن سان مخاطب ڪيو ويو آهي.

قرآن شريف ۾ بہ هڪ جاءِ تي حضرت يعقوب عہ کي ”اسرائيل“ ڪري سڏيو ويو آهي. سورة آل عمران آيت نمبر 93 ۾ آهي تہ:

كُلُّ الطَّعَامِ كَانَ حِلًّا لِّبَنِيْٓ اِسْرَاۗءِيْلَ اِلَّا مَا حَرَّمَ اِسْرَاۗءِيْلُ عَلٰي نَفْسِهٖ مِنْ قَبْلِ اَنْ تُنَزَّلَ التَّوْرٰىةُ ۭ[3]

ترجمو: ”سڀ کاڌ جون شيون بني اسرائيل تي حلال هيون، سواءِ

---

1. پيدائش 49: 1 ـ 2
2. پيدائش 49: 8 ـ 12
3. سورة آل عمران: 93

انهن جي جيڪي "اسرائيل" پنهنجي پاڻ تي حرام ڪري ڇڏيون هيون، توريت جي نازل ٿيڻ کان اڳ."

هتي "اسرائيل" مان مراد حضرت يعقوب عہ آهي. حضرت يعقوب عہ کان بعد هن جي اولاد "بني اسرائيل" سڏجڻ لڳي. هن وقت بہ اسرائيل نالي ملڪ حضرت يعقوب عہ جي لقب پنيان ئي سڏجي ٿو.

حضرت يعقوب عہ کي هن "اسرائيل" جي لقب ملڻ پنيان بہ هڪ عجيب داستان آهي. توريت ۾ آهي تہ حضرت يعقوب عہ خدا سان ڪشتي وڙهيو. جنهن ۾ هن کي فتح ملي تہ خدا هن کي "اسرائيل" جو لقب ڏنو. توريت ۾ اها ڪهاڻي هن ريت آهي تہ هڪ سفر دوران دريا پار ڪرڻ وقت حضرت يعقوب عہ جي سموري فيملي دريا جي پار پهچي وجي ٿي پر حضرت يعقوب عہ پنتي رهجي ٿو وجي. انهيءَ موقعي تي هڪ شخص هن سان ڪشتي وڙهڻ اچي ٿو:

"۽ پرھ ڦٽيءَ تائين هڪ ماڻهو هن سان ڪشتي وڙهندو رهيو. جڏهن هن ڏٺو تہ هو هن تي غالب نہ ٿي سگهيو آهي تہ هن هن جي ران جي رڳ کي ڇهيو جيڪو فورًا سنگڙجي ويو. تڏهن هن چيو تہ:

"مون کي وجڻ ڏي جو پرھ ٿيڻ واري آهي."

هن چيو: "مان توکي وجڻ نہ ڏيندس، جيستائين تون مون کي برڪت نہ ڏيندين."

تڏهن هن هن کي چيو: "تنهنجو نالو ڇا آهي؟"

هن چيو: "يعقوب."

هن چيو: "تنهنجو نالو اڳتي يعقوب نہ هوندو، بلڪ اسرائيل هوندو. جو تون خدا ۽ ماڻهن سان وڙهئين ۽ غالب اچي وئين."

تڏهن يعقوب پڇيو ۽ چيو تہ: "مان تنهنجي منٿ ڪريان ٿو تہ پنهنجو نالو ٻڌاءِ."

هن چيو تہ: "تون منهنجو نالو ڇو پڇين ٿو؟"

۽ هن هن کي اتي برڪت ڏني ۽ يعقوب انهيءَ جڳهہ جو نالو فنوئيل رکيو ۽ چيو: "مون خدا کي روبرو ڏٺو ۽ منهنجي جان بچيل رهي."

۽ جڏهن هو فنوئيل کان گذرندو هو تہ آفتاب هن تي طلوع ٿيو ۽ هو پنهنجي ران کان منڊڪائيندو هو. انهيءَ سبب کان بني اسرائيل انهيءَ رڳ کي جيڪا يعقوب جي ران ۾ سنگڙجي وئي هئي، اڄ تائين نہ کائيندا آهن. ڇو تہ هن يعقوب جي ران کي ڇهيو هو."[1]

هن ڪهاڻيءَ تي تبصرو ڪرڻ اسان جي موضوع کان ٻاهر آهي. بحرحال اهڙيءَ ريت حضرت يعقوب عہ "اسرائيل" سڏجڻ لڳو.

---

1. پيدائش 32 : 24 ـ 32

لفظ ”اسرائيل“ جي معني آهي: اسرا معنيٰ ٻانهو + ايل معنيٰ خدا. يعني خدا جو ٻانهو يا عبدالله. تفسير تسنيم ۾ آهي تہ:

”اسرائيل: اسرائيل جنهن جي معنيٰ قوت الله، عبدالله يا صفوت الله آهي، يعقوب بن اسحاق (عليهما السلام) جو لقب آهي ۽ بني اسرائيل ۾ ٻئي (قومون) مسيحي قوم ۽ يهودي قوم شامل آهن. جو تہ اهي اسرائيل جا فرزند آهن، جو بعد ۾ اسحاق ۽ پوءِ ابراهيم ع، ابراهيمي نبين جي عظيم خانداني سلسلي جي سربراهہ، تائين پهچن ٿا ۽ الله تبارڪ وتعالي هنن کي ”يَاَهْلَ الْكِتٰبِ“، ”يٰبَنِىٓ اِسْرَآءِيْلَ“ ۽ ”يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ هَادُوْٓا“ سان ياد ڪري ٿو.“[1]

(ب) لفظ ”شيلوہ“ جي معني

هنن پنجن آيتن ۾ سڀ کان اهم ڳالهہ جيڪا ڪئي وئي آهي، اها ”**شيلوہ**“ جي اچڻ جي ڳالهہ آهي ۽ هي چيو ويو آهي تہ ”**شيلوہ**“ جي اچڻ سان يهوداھ جي قبيلي مان بادشاهي نڪري ويندي ۽ هن جي پيرن هيٺان حڪومت جو عصو نڪري ويندو.جيستائين ”**شيلوہ**“ جي لفظي معني آهي اها هن وقت تائين يهودي يا عيسائي عالمن وٽ صاف ۽ واضح نہ آهي. گوگل ۾ آهي تہ:

“**Shiloh** was the major Israelite Worship Centre before the first Temple was built in Jerusalem.The meaning of the word “**Shiloh**” is unclear.Sometimes, it is translated as a Messianic Title that means “He Whose It Is” or as Pacific, Pacificator or Tranquility that refers to the Samaritan Pentateuch.”

ترجمو: ”**شيلوہ**“ پهرين عبادتگاھ جي نهڻ کان اڳ اسرائيلين جو مکيو عبادت جو مرڪز هو. لفظ ”**شيلوہ**“ جي معني چٽي نہ آهي. ڪڏهن ڪڏهن هن جو ترجمو هن ريت ڪيو ويندو آهي، مسيحي لقب جنهن جو مطلب آهي ”اهو جنهن جو هي آهي“ يا ”صلح جو“، ”امن جو شهزادو“ يا ”پر اطمينان“ جيڪو سميرين رسم الخط مطابق آهي“.

يا وري توهان وڪيپيڊيا ۾ ڏسو تہ اتي لکيل آهي تہ:

“Shiloh ,Shilo OR Silo is mainly known as the name of the biblical city which preceded Jerusalem as the central worship site of the early Israelites. One Bible line might indicate that it was also used as the personal name of a biblical figure.”

ترجمو: ”شيلوہ، شيلو يا سيلو خاص طور تي هڪ بائيبل جي شهر جي طور سڃاتو ويندو آهي، جيڪو يروشلم کان پهريان اڳين اسرائيلين جي مرڪزي عبادت جي جاءِ هئي. بائيبل جي ڪا سٽ اشارو ڪري سگهي ٿي تہ اهو ڪنهن بائيبل جي فگر جي ذاتي نالي طور بہ استعمال ٿيو هو.“

---

1. آملي، جوادي، آيت الله، ”تفسير تسنيم“ (فارسي)، جلد چهارم، زير تفسير سورت بقره، آيت 40، انٽرنيٽ: http://www.aviny.com/quran/tasnim/jeld-4/tasnim-01.aspx

هن وقت دنيا ۾ لفظ "شيلوه" ڳوٺن، شهرن، ماڻهن جي نالن، ڪتابن جي نالن، درسگاهن جي نالن ۾ نہ ڄاڻ ڇاڇا طور استعمال ٿي رهيو آهي. پر جيڪڏهن خبر نہ آهي تہ اها هن جي لفظي معني جي. ڪڏهن "شيلوه" لکيو ٿو وڃي، ڪڏهن "شيلو" تہ ڪڏهن "سيلو". عيسائي هن ۾ فرق ئي نہ ڪري رهيا آهن. ڇو تہ ڪنهن بہ لفظ جي معني جي تہ هنن کي خبر ئي نہ آهي، تنهنڪري، اهي سڀ لفظ هنن لاءِ هڪجهڙا آهن.

جيڪڏهن معني جي خبر هجين ها تہ هنن کي اها بہ خبر پئجي سگهي ها تہ لفظ کي گهٽ وڌ ڪرڻ سان لفظ جي معني بہ مٽجي يا تبديل ٿي سگهي ٿي. جيئن سنڌي، اردو ۽ عربيءَ ۾ زير، زبر يا پيش جي مٽجي وڃڻ سان لفظ جي معني ئي مٽجي ٿي وڃي.

بحرحال "شيلوه" جي جيڪا بہ هو تعريف ڪري رهيا آهن، اها بائيبل جي آيتن جي بلڪل خلاف آهي.

"شيلوه" ڪنهن "شهر" يا "عبادتگاه" جو نالو نہ ٿي سگهي ٿو. آيت ۾ صاف لکيل آهي تہ "شيلوه" جي اچڻ سان "يهوداه" کان بادشاهي ۽ حڪومت جو عصو کسجي ويندو. سو اها ڪا شخصيت ئي ٿي سگهي ٿي جنهن جي اچڻ سان يهوداه کان بادشاهي ۽ حڪومت جو عصو کسجي ويندو. عيسائي عالمن کي انهيءَ ڳالهہ جو مڪمل ادراڪ هو. تنهنڪري، هو هن آيت کي حضرت عيسىٰ عہ لاءِ فٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن تہ هيءَ پيشنگوئي حضرت عيسىٰ عہ جي اچڻ بابت آهي. جنهن ۾ هو بري طرح ناڪام ويندا آهن.

يهوداه کان بادشاهي ۽ حڪومت جو عصو کسجڻ جي ڳالهہ يهودين توڙي عيسائين بنهني جي خواهشن جي خلاف آهي. هو ڏسن ٿا تہ هي آيتون مسلمانن جي نبي حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي لاءِ آهن. تنهنڪري، هو عجيب عجيب حرڪتون ڪرڻ لڳندا آهن.

ڪڏهن هو هن لفظ کي گهٽ وڌ ڪري لکندا آهن. يا هن جي معني مٽائي يا تبديل ڪري ڇڏيندا آهن. جيئن مسلمانن کي سچائي جو پتو نہ پوي. يا وري جڏهن ڏسندا آهن تہ هن سان مسئلو حل نہ ٿو ٿئي تہ پوري جو پورو جملو ئي تبديل ڪري ڇڏيندا آهن.

ڪي تہ وري بلڪل هن جملي کي ئي عبارت کان حذف ڪري ڇڏيندا آهن. اچو تہ هنن جي ڪارستانين جا ڪجهہ مثال اوهان آڏو پيش ڪريون.

(ت) لفظ "شيلوه" کي مسخ ڪرڻ جي ڪوشش

(i) انٽر نيشنل بائيبل سوسائٽي (IBS) آمريڪا کان شايع ٿيل اردو (New Urdu Bible Version) ۾ لفظ "شيلوه" جي جاءِ تي "شيلو" لکيل آهي.

(ii) انٽر نيشنل بائيبل سوسائٽي (IBS) آمريڪا ڪان شايع ٿيل فارسي نسخي ۾ بہ لفظ "شيلوه" جي جاءِ تي "شيلو" لکيل آهي.

(iii) ڊراڪٽ (آمريڪا) ڪان شايع ٿيل عربي بائيبل ۾ لفظ "شيلوه" جي جاءِ تي "شيلون" لکيل آهي:

"لايزول قضيب من يهوذا و مشترع من بين رجليہ حتي ياتي "شيلون" ولہ يکون خضوع شعوب"[1] [2]

(ث)لفظ "شيلوه"جي جاءِ تي ٻيو لفظ استعمال ڪري جملي ڪي تبديل ڪرڻ

(i) "يونگز لٽرل ٽرانسليشن" (واءِ ايل ٽي) بائيبل ۾ لکيل آهي: "ٽل هز سيڊ ڪم" (Till his Seed come) يعني "جيستائين هن جو ٻج اچي".

[10] The sceptre turneth not aside from Judah, And a lawgiver from between his feet, Till his Seed come; And his [is] the obedience of peoples.
Yong's Literal Translation (YLT)[3]

(ii) ڪرسچن اسٽينڊرڊ بائيبل (سي ايس بي) ۾ لکيل آهي: "انٽل هي وهوز رائيٽ اٽ از ڪمز" يعني: "جيستائين اهو اچي جنهن جو اهو حق آهي".

[10] The scepter will not depart from Judah or the staff from between his fee until he whose right it is comes[e] and the obedience of the peoples belongs to him.
Christian Standard Bible (CSB)[4]

(iii) "ڪمپليٽ جيوئش بائيبل (سي جي بي) ۾ لکيل آهي: "انٽل هي ڪمز ٽہ وهوم (اوبيڊينس) بلانگس" يعني: "جيستائين اهو اچي جنهن سان اطاعت جو تعلق آهي".

[10] The scepter will not pass from Y'hudah, nor the ruler's staff from between his legs, until he comes to whom [obedience] belongs; [e] and it is he whom the peoples will obey.
Complete Jewish Bible (CJB)[5]

(iv) "ڊُوئي رهيمز 1899 آمريڪن ايڊيشن" (ڊي آر اي) ۾ لکيل آهي: "ٽل هي ڪم ديٽ از ٽہ بي سينٽ" يعني: "جيستائين اهو اچي جنهن کي موڪليو ويندو".

---

1. پيدائش 49: 10

2. مصباحي، جاويد احمد عنبر، "بائيبل مين نقوش محمدي"، انس پبليڪيشنز، لاهور، سن اشاعت بار اول، جمادي الاول سن 1434 ھ/مارچ 2013ع، ص74 (بحوالہ: ڊراڪٽ آمريڪا سن 2005 ع)

3. https://www.biblegateway.com/passage/?search=Genesis+49&version=YLT

4. https://www.biblegateway.com/passage/?search=Genesis+49&version=CSB

5. https://www.biblegateway.com/passage/?search=Genesis+49&version=CJB

10 The sceptre shall not be taken away from Juda, nor a ruler from his thigh, till he come that is to be sent, and he shall be the expectation of nations.

Douay-Rheims 1899 American Edition (DRA)[1]

(v) ”ايزي ٽـ ريڊ ورشن“ ۾لکيل آهي: ”بفور دي ريئل ڪنگ ڪمز.“ يعني: حقيقي بادشاهہ جي اچڻ کان اڳ“.

10 Men from Judah's family will be kings. The sign that his family rules will not leave his family before the real king comes.[a] Then many people will obey and serve him.

Easy-to-Read Version (ERV)[2]

هي بائيبل پنهنجي فوٽ نوٽس (Foot Notes) ۾ لفظ ”شلوه“ جون مختلف معنائون پيش ڪري ٿو. هو لکي ٿو تـ:

Genesis 49:10 *before the real king comes* Or "until Shiloh comes," "until the man it belongs to comes," or "until his tribute comes.

ترجمو: ”پيدائش 10:49 حقيقي بادشاه جي اچڻ کان اڳ يا ”جيستائين شلوه اچي“، ”جيستائين اهو ماڻهو جنهن سان هن جو تعلق آهي اچي“، يا ”جيستائين هن جو خراج تحسين اچي“.

(vi) ”انگلش اسٽينڊرڊ ورشن“ (اي ايس وي) ۾ لکيل آهي: ”انٽل ٽرائيبيوٽ ڪمز ٽـ هم“، يعني: ”جيستائين خراج تحسين هن وٽ اچي ٿو.“

10 The scepter shall not depart from Judah, nor the ruler's staff from between his feet, until tribute comes to him;[a] and to him shall be the obedience of the peoples.

English Standerd Version (ESV)[3]

(vii) ”انٽرنيشنل اسٽينڊرڊ ورشن“ (آءِ ايس وي)، ۾ لکيل آهي: ”انٽل دي ون ڪمز، وهو اونز بوٿ ديم“، يعني: ”جيستائين اهو اچي، جيڪو انهن ٻنهي کي پنهنجو ڪري“.

10 The scepter will not depart from Judah, nor the ruler's staff from between his feet, until the one[a] comes, who owns them both,[b] and to him will belong the allegiance[c] of nations.

International Standerd Version (ISV)[4]

(viii) ”دي ميسيج“ (ايم ايس جي) ۾ لکيل آهي: ”انٽل دي الٽيميٽ رولر ڪمز“، يعني: ”جيستائين آخري حڪمران اچي“.

The scepter shall not leave Judah; he'll keep a firm grip on the command staff Until the ultimate ruler comes and the nations obey him.

---

1 https://www.biblegateway.com/passage/?search=Genesis+49&version=DRA

2. https://www.biblegateway.com/passage/?search=Genesis+49&version=ERV

3. https://www.biblegateway.com/passage/?search=Genesis+49&version=ESV

4. https://www.biblegateway.com/passage/?search=Genesis+49&version=ISV

The Messege (MSG)[1]

”دي التيميٽ“ (The, Ultimate) معني آخري، حتمي، جنهن کان بعد نہ ڪجهہ موجود هجي نہ ممڪن هجي. جيئن چيو ويندو آهي ”التيميٽ ٽرٿ“ (Ultimate truth) يعني ”ماوراءِ تجزيہ سچائيون“.

(ix) ”دي وئائس“ (وي او آءِ سي اي) ۾ لکيل آهي: ”انٽل دي ون ڪمز ٽہ وهوم ٽرو رائلٽي بلونگس“، يعني: ”جيستائين اهو اچي جنهن سان سچي وفاداري جو تعلق آهي“.

[10] The scepter will not depart from Judah; the ruler's staff will rest *securely* between his feet. Until the One comes to whom true royalty belongs, all people will *honor and* obey him.

The Voice (VOICE)[2]

(x) ”وائڪلف بائيبل“ ۾ لکيل آهي: ”ٽل هي ڪم ديٽ شل بي سينٽ“. يعني: ”جيستائين اهو اچي جنهن کي موڪليو ويندو.“

[10] The sceptre shall not be taken away from Judah, and a duke (out) of his hip (nor a ruler from between his hips, *or out of his loins*), till he come that shall be sent, and he shall be the abiding of heathen men;

Wycliffe Bible (WYC)[3]

(ج) لفظ ”شيلوه“ کي مڪمل طور حذف ڪري ڇڏڻ

لفظ ”شيلوه“ کي حذف ڪري پنهنجي طرفان جملو لکڻ:

(i) ”ڪامن انگلش بائيبل“ (سي اي بي) ۾ شيلوه جي اچڻ جي ڳالهہ ئي نہ آهي ۽ يهوداهہ کان عصو کسجڻ جي ڳالهہ بہ نہ آهي.

[10] The scepter won't depart from Judah, nor the ruler's staff from among his banners.[e] Gifts will be brought to him; people will obey him.

Common English Bible (CEB)[4]

(ii) ڪانٽيمپرري انگلش ورشن (سي اي وي) ۾ بہ نہ ”شلوه“ جو ذڪر آهي نہ ”عصي“ جو.

[10] You will have power and rule until nations obey you[a] and come bringing gifts.

Contemporary English Version (CEV)[5]

(iii) ”گڊ نيوز ٽرانسليشن“ (جي اين ٽي) ۾ شلوه جي معني مٽائي وئي آهي ۽ عصي يا حڪومت جي کسجڻ جي ذڪر کي تبديل ڪيو ويو آهي:

[10] Judah will hold the royal scepter, And his descendants will always rule.

1.https://www.biblegateway.com/passage/?search=Genesis+49&version=MSG

2.https://www.biblegateway.com/passage/?search=Genesis+49&version=VOICE

3.https://www.biblegateway.com/passage/?search=Genesis+49&version=WYC

4.https://www.biblegateway.com/passage/?search=Genesis+49&version=CEB

5.https://www.biblegateway.com/passage/?search=Genesis+49&version=CEV

Nations will bring him tribute؛ And bow in obedience before him.
Good News Translation (GNT)[1]

هي هنن جون تازيون تحريفون ٿيل آهن توهان سمجهي سگهو ٿا تہ هنن باقي بائيبل جو ڇا حشر ڪيو هوندو؟ ۽ خاص طور تي جڏهن هنن ڪي پڪ ٿي ويندي هجي تہ هيءَ آيت حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي متعلق آهي تہ انهيءَ آيت جو ڇا حشر ڪندا هوندا؟

بحرحال پوءِ بہ هنن جي هٿ چراند کان ايترو ڪجھ بچيل آهي جنهن تي غور ڪرڻ سان حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم بابت پڌريون نشانيون ملن ٿيون.

(ح) لفظ "شيلوه" کي حضرت عيسيٰ ع تي فٽ ڪرڻ جي ڪوشش

يهوداہ کان بادشاهي ۽ حڪومت جو عصو کسجڻ عيسائين لاءِ هڪ وهشتناڪ خواب آهي. هو پنهنجي پوري ڪوشش ڪندا آهن تہ هن پيشنگوئي کي حضرت عيسيٰ ع لاءِ ثابت ڪن. اچو تہ ڏسون تہ هو پنهنجي هن ڪوشش ۾ ڪيتري حد تائين ڪامياب وڃن ٿا. وليم ميڪڊونلڊ (William MacDonald) هنن آيتن جي تفسير ڪندي لکي ٿو تہ:

"يهوداھ (جنهن جو مطلب آهي ستائش يا تعريف) جا پائر دشمنن تي فتح جي باعث هن جي تعريف ۽ عزت ڪندا. يهوداھ شير ببر وانگر آهي، جيڪو شڪار ڪرڻ ويندو آهي ۽ آرام لاءِ واپس ايندو آهي ۽ هن جي آرام ۾ ڪنهن کي خلل وجهڻ جي جرات نہ آهي. جيئن يوسف کي علائقي جي وراثت جو حق مليو. بلڪل اهڙيءَ طرح يهوداھ کي حڪومت جي وراثت ملي. **شيلوه** (مسيح) جي اچڻ تائين انهي قبيلي ۾ سلطنت جاري رهندي ۽ مسيح ۾ هي سلطنت دائمي طور قائم رهندي. هن جا ماڻهو اقتدار جي ڏينهن ۾ رضامندي سان هن جي فرمانبرداري ڪندا. لفظ **شيلوه** جو مطلب مبهم آهي. ڪجھ ماڻهن جو خيال آهي تہ هن جو مطلب آهي "**سلامتيءَ جو شهزادو**"، "**پراطمينان**"، "**يهوداھ جو نسل**"، "**هن جي اولاد**"، "**جنهنجو آهي**."[2]"

وليم ميڪڊونلڊ **شيلوه** جون هينيون معنائون ڏئي ٿو:

(i) سلامتيءَ جو شهزادو
(ii) پر اطمينان
(iii) يهوداھ جي نسل
(iv) **هن جي اولاد**
(v) **جنهن جو آهي**

۽ بريڪيٽ ۾ هو مراد وني ٿو (6) **مسيح**.

1.https://www.biblegateway.com/passage/?search=Genesis+49&version=GNT

2. ميڪڊونلڊ، وليم، تفسيرالڪتاب (پيدائش-استثنا) اردو ، مترجم: ڊي- چند، سموئيل، بشپ، مسيح اشاعت خانہ، 36- فيروزپور روڊ ، لاهور 2016ع، ص 106

(i) سلامتيءَ جو شهزادو:

جي ٽي مينلي لفظ **شيلوه** جي معني ڪندي لکي ٿو تہ:

”(1) **شيلوه** خاص نالو آهي ۽ مسيح لاءِ لقب مسلمہ آهي ۽ ”**سلامتيءَ جي شهزادي**“ جو هم مطلب آهي. غالبا هي لفظ بابلي لفظ ”**شيلو**“ جو هم اصل آهي جنهن جو مطلب شهزادو آهي.

(02) **شيلوه** ان جڳهہ جو نالو آهي جتي يشوع عبادت جو خيمو اڏيو ۽ هن آيت جو هڪ ترجمو هي بہ ٿي سگهي ٿو تہ ”**جيستائين اهو (يهوواه) شيلوه ۾ نہ اچي**“ جيئن هو هتي خاص رتبو حاصل ڪري.“[1]

جي ٽي مينلي لفظ ”**شيلوه**“ جي هڪ معني بي بہ ٻڌائي آهي. پر انهيءَ تي بحث اسان اڳتي پنهنجي جاءِ تي ڪنداسين.

جي ٽي مينلي غلط ڳالهہ ڪئي آهي تہ مسيح لفظ ”**سلامتيءَ جي شهزادي**“ جو هم مطلب آهي. بلڪ هي معني حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم تي بلڪل ٺهڪي اچي ٿو. ڇو تہ سندن دين جو نالو اسلام آهي، جنهن جي معني ”**سلامتي**“ آهي. يعني دين ئي سلامتيءَ وارو آهي. اسان جي پليڪار چوڻ جو لفظ بہ ”**السلام عليڪم**“ آهي جنهن جي بہ معني آهي ”**اوهان تي سلامتي هجي**“.

حديث شريف ۾ آهي جنهن جو مطلب آهي تہ:

جڏهن بہ بہ مسلمان پاڻ ۾ گڏجي هلن ۽ سندن وچ ۾ هڪ وڻ اچي وڃي تہ وڻ کي ڪراس ڪرڻ کان پوءِ وري بہ هڪٻئي کي سلام ڪن.

سنن ابو دائود شريف ۾ آهي تہ: ”رسول الله صلي الله وآلہ وسم فرمايو تہ جڏهن بہ ڪو توهان مان پنهنجي ڀاءُ سان ملي تہ توهان هن کي سلام ڪريو. جيڪڏهن بنهي جي وچ ۾ هڪ وڻ يا ڀِت يا پٿر جي اوٽ اچي وڃي ۽ وري ملن تہ وري سلام ڪن.“[2]

عربيءَ ۾ پوري روايت هن ريت آهي:

(1) حدَّثَنَا أَحمَدُ بِنُ سَعِيدِ الهَمدَانِیُّ ، حَدَّ ثَنَا ابنُ وَهبٍ قَالَ أَخبَرَنِی مُعاوِيَتهُ بنُ صَالِحٍ عَن أَبِی مُوسَی مَريَمَ عَن أَبِی هُرَيرَتهُ قَالَ إِذَّالقِیَ أَحدُكُم أَخَاهُ فَليُسَلَّم عَليهِ فَإِنَّ حَالَت بَينَهُمَا شَجَرَةٌ، أَوجِدَارٌ أَوحَجَرٌ ثُمَّ لَقِيَهُ فَليُسَلِمُ عَلَيهِ أَيُضاً. قَالَ مُعَاوِيتُ وَحَدَّثَنِی عَبدُالوهَّابِ بنُ بُختِ عَن أَبِی الزِّنَادِعَنِ الأَعرَجِ عَن أَبِی هُرَيرَةَ عَن رَسُولِ اللهِ صَلِی اللهُ عَلَيهِ وَ سَلِّم مِثلَهُ سَوَاءٌ.[3]

---

1. مينلي، جي ٽي، ”هماري ڪتب مقدسہ“ (اردو)، مترجمين: امام الدين، جي ايس، پروفيسر ۽ مسز ناصر، ڪي ايل، مسيحي اشاعت خانہ، 36 فيروزپور روڊ، لاهور، 2017ع، ص 385.

2. سبستاني،سليمان بن شعث،ابودائود،”سنن ابودائود شريف“(اردو)،مترجم:وحيد الزمان، علامہ، اسلامي ڪتب خانہ، فضل الهي مارڪيٽ، اردو بازار لاهور، جلد سوم، ص 484.

3. (i) ايضاً

(ii) المڪتب الثالمت سنن ابي دائود، جلد 4، ص 351، حديث نمبر 5200

(iii) المڪتبت الشاملت، مسند ابي يعلي الموصلي، ج، ص 233، حديث 6350.

يعني هر هر هڪڙي تي سلامتي موڪليو. قرآن شريف ۾ سلام ڪرڻ بابت لاتعداد آيتون آهن. اهڙيءَ طرح اڻ ڳڻيون حديثون آهن. جيڪڏهن اهي سڀ هتي جمع ڪيا وڃن ته انهيءَ لاءِ هڪ الڳ باب جي ضرورت پئجي ويجي.

آخر ۾ اسان امام جعفر صادق عليہ السلام جو فرمان پيش ڪنداسين. پاڻ عہ فرمائين ٿا ته:

اَلسَلامُ تَحيتَ المَلتَنَاوَ اَمان لذمتنا.[1]

ترجمو: "سلام اسان جي ملت جو تحفو آهي ۽ اسان طرفان امان جي ضمانت آهي."

هتي ڪنهن کي غلط فهمي ٿي سگهي ٿي ته جيڪڏهن اسلام اهرو امن ۽ سلامتيءَ وارو دين آهي ته پوءِ مسلمان ملڪن ۾ جيڪي فساد ۽ شورشون آهن انهن کي ڇا چئجي؟

انهيءَ جو جواب هي آهي ته بيشڪ انهن ملڪن ۾ مسلمانن جي اڪثريت آهي ۽ اتي جا حڪمران به مسلمان آهن. پر هڪ ته اتان جون حڪومتون ۽ رياستون اسلامي نه آهن ٻيو ته انهن ملڪن ۾ ملڪي نظام اڌ اسلامي ۽ اڌ يورپي آهي. يعني:

"منهن ريڇو، پڇ ٻاڪرو."

اردو ۾ چوندا آهن ته:

"کوا چلے ھنس کی چال تو اپنی چال بھی بھول جائے"

ته اهي ملڪ اسلامي ملڪ سڏرائڻ جي لائق نه آهن. هن وقت دنيا ۾ صرف هڪ ملڪ آهي جيڪو پاڻ کي اسلامي ملڪ سڏرائي ٿو ۽ ان جي طرز حڪومت به اسلام آهي. اُهو آهي ايران. اهو ئي سبب آهي جو هن وقت امريڪا، يورپ، سعودي عرب، اسرائيل وغيره جي هن مٿان ڪاهه ڪاهان آهي. پر هو پنهنجون پوريون توانائيون استعمال ڪرڻ ڪان پوءِ به هن کي پنهنجي جاءِ تان چوري به نه ٿا سگهن. انهيءَ ملڪ ۾ سموري دنيا لاءِ سلامتي ئي سلامتي آهي.

مطلب ته دين اسلام هر وقت ۽ هميشه لاءِ سلامتيءَ جو درس ڏئي ٿو. انهي ڪان وڌيڪ ڪو "سلامتيءَ جو شهزادو" ٿي سگهي ٿو ڇا؟

۽ جي ٿي مينلي لفظ "شيلوه" جي جيڪا ٻي معني ٻڌائي آهي اها ته بلڪل ڪل جوڳي آهي: يعني يهوداهه وٽ اها سلطنت ۽ حڪومت جو عصو ان وقت تائين رهندو جيستائين هو يشوع جي عبادت جي خيمي ۾ نه اچي. مطلب ته يشوع جي خيمي ۾ اچڻ ڪان بعد هن ڪان سلطنت ۽

---

1. "آداب اسلامي" (اردو)، مؤلفين: مدرسين حذه علميہ قم المقدس: معراج ڪمپني، اردو بازار، لاهور، ص 183. (بحواله: بحارالانوار، ج 76، باب 97، حديث 46)

حڪومت جو عصو ڪسجي ويندو ۽ سلطنت ۽ حڪومت جي ڪسجڻ ڪي هو خاص مرتبو سڏي ٿو. يا تہ جي ٿي مينلي جي ذهن ۾ انهي ڪان بہ وڏيڪ رتبو ذهن ۾ آهي تہ سلطنت ۽ حڪومت جو عصو تہ ڪسجي ويندو، پر هن ڪي هڪ وڏو مان ۽ مرتبو ملندو؟ پر ظاهر ۾ هو اهڙي ڪنهن مان مرتبي جو اظهار بہ نہ ٿا ڪن. جو تہ هنن ڪي اهڙو ڪو مان مرتبو سجهي ئي ڪو نہ ٿو جنهن جو هو نالو ڪڻي اظهار ڪن.

بحر حال هي جيڪي ڳالهيون ڪن ٿا تنهن مان هنن جي پريشاني ۽ وائڙائپ صاف ظاهر آهي. پر هو چاهين ٿا ۽ هنن جي دلي خواهش آهي تہ ڪهڙيءَ بہ ريت هنن آيتن ڪي حضرت عيسىٰ عہ جي متعلق ڪري پيش ڪجن.

(ii) پر اطمينان

اڇو تہ ڏسون تہ هي معني حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم تي ڪيئن درست بيهي ٿي.

اسان حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي سيرت مبارڪ تي نظر وجهون ٿا تہ اسان جي نظرن جي سامهون اهڙا ڪيترائي خوفناڪ ۽ وهشتناڪ واقعا ڦري وجن ٿا جن ڪي ڏسي پهاڙ بہ ڏڪي ۽ ڪنبي وجن. پر انهن حالتن ۾ بہ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي سڪون ۽ اطمينان ۾ ذري جو بہ فرق نہ آيو.

هجرت واري واقعي دوران جڏهن سمورو مڪو ڪين قتل ڪرڻ جي ارادي سان سندرو ٻڌي اچي سندس گهر ڪي گهيرو ڪري بيٺا تہ ان وقت الله تبارڪ و تعالي ڪافرن ڪي انڌو ڪري ڇڏيو ۽ پاڻ سڳورا صلي الله عليہ وآلہ وسلم پنهنجي بستري تي حضرت علي عہ ڪي سمهاري پاڻ سوره ياسين جي تلاوت ڪندا پوري سڪون ۽ اطمينان سان دشمنن جي وچان نڪتا هليا ويا.

وري جڏهن اهي ئي دشمن سندن تعاقب ڪندا غار ثور جي منهن وٽ پهچن ٿا، جتي پاڻ صلي الله عليہ وآلہ وسلم ۽ حضرت ابوبڪر رضہ لڪيا وينا هئا تہ حضرت ابوبڪر رضہ تہ تمام گهڻو پريشان ٿي وجن ٿا ۽ چون ٿا تہ:

"سائين! جيڪڏهن دشمن پنهنجي پيرن ڏانهن ڏسندا تہ بہ اسان نظر اچي وينداسين."

پر پاڻ سڳورا صلي الله عليہ وآلہ وسلم ان وقت بہ پوري سڪون سان چون ٿا تہ:

"غم نہ ڪر! الله اسان سان ساڻ آهي."

جنگ احد ۾ ۽ جنگ حنين دوران جڏهن مسلمان هيڪر شڪست

ڪائي پڪڙجي وڃن ٿا ۽ پاڻ صلي الله عليہ وآلہ وسلم وٽ آڳرين تي ڳڻڻ جيترا صحابہ وڃي رهن ٿا. تہ بہ پاڻ صلي الله عليہ وآلہ وسلم پوري سڪون سان چون ٿا تہ:

”مان الله جو رسول آهيان. مان عبدالمطلب جو پٽ آهيان.“

ٻئي طرف اسان ڏسون ٿا تہ حضرت عيسىٰ ع کي عيسائين جي قول مطابق جڏهن ڪين صليب تي چاڙهيو ٿو وڃي تہ پاڻ ع وڏي واڪي پڪاري چون ٿا تہ:

”ايلي ايلي لما سبقتني!“

يعني: ”اي منهنجا خدا! اي منهنجا خدا! تو مون کي ڇو ڇڏي ڏنو آهي؟“[1]

هن معني مطابق بہ اها پيشنگوئي حضرت عيسىٰ ع تي فٽ نہ ٿي اچي پر حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم ئي هن پيشنگوئي جا مصداق نظر اچن ٿا.

(iii) يهوداه جو نسل + (vi) مسيح

شيلوه جون هي ٻئي معنائون جيڪي وليم ميڪڊونلڊ پيش ڪيون آهن، بنا دير جي يڪسر مسترد ڪرڻ جهڙيون آهن. ڇو تہ مٿيون آيتون صاف طور تي هنن ٻنهي معنائن جي خلاف آهن.

آيت ۾ صاف طور لکيل آهي تہ:

”جيسين **شيلوه** نہ ايندو، تيسين يهوداه کان بادشاهي نہ ويندي، نڪي حڪومت جو عصو سندس پيرن هيٺان نڪري ويندو.“

يعني آيت صاف طور تي چوي ٿي تہ شيلوه جي اچڻ سان يهوداه کان بادشاهي ۽ حڪومت هلي ويندي. تہ پوءِ شيلوه ”يهوداه جي نسل“ مان ڪيئن ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن شيلوه يهوداه جي نسل مان ٿيڻو آهي تہ پوءِ تہ بادشاهي تہ يهوداه کان نہ وئي، نڪي حڪومت جو عصو سندس پيرن هيٺان نڪري ٿو.

اهڙيءَ طرح مسيح بہ هن مان مراد نہ ٿو ٿي سگهي. ڇو جو حضرت عيسىٰ ع جي امڙ حضرت بيبي مريم عليہ السلام جو حسب نسب بہ يهوداه سان وڃي ملي ٿو ۽ حضرت بيبي مريم عليہ السلام جي (عيسائي عقيدي مطابق) مڙس، يوسف جو حسب نسب بہ يهوداه سان ملي ٿو.

ٻي ڳالهہ هي تہ هتي عيسائي حضرات اهو بہ نہ ٿا چئي سگهن تہ حضرت عيسىٰ ع يهوداه جي نسل مان نہ هو ۽ هو خدا جو پٽ هو. ڇو تہ جيڪڏهن يوسف ڪٽي حضرت عيسىٰ ع جي پيءُ طور ڳڻپ ۾ ڪٽي نہ بہ اچي پر حضرت بيبي مريم عليہ السلام کي سندس حسب نسب مان خارج نہ ٿو ڪري سگهجي.

---

1. متي 27 : 46

ٽين ڳالھ هي تہ هتي حڪومت جي عصي مان مراد نبوت آهي ڇو تہ يهودين جي تہ حضرت عيسىٰ عہ جي ظهور وقت بہ پنهنجي ڪا حڪومت ڪانہ هئي، پر هو ٻين جي زيردست هئا. تاريخ ۾ يهودي اڪثر ڪري ٻين جي زيردست رهيا آهن ۽ هنن مٿان فرعون ۽ بخت نصر جهڙا ظالم حڪمران قابض رهيا. تہ پوءِ اها ڪهڙي حڪومت هئي، جيڪا شيلوه جي اچڻ تائين هنن جي هٿ ۾ رهڻ جي پيشنگوئي ڪئي وئي هئي؟ اها هئي نبوت جيڪا هميشہ هنن وٽ رهي؛ ايتري تائين جو **شيلوه** يعني حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جو ظهور پر نور ٿيو: ۽ نبوت ۽ رسالت ۽ حڪومت هنن ڪان هرشي ڪسجي وئي.

(iv) هن جي اولاد

انجيل ۾ اسان ڪي هي طرز تخاطب ملي ٿو جڏهن ماڻهو حضرت يحىٰ عہ کان پڇن ٿا تہ: "ڇا تون اهو نبي آهين؟"[1]

يعني اهو نبي ايترو تہ مشهور هو جو انهيءَ لاءِ وڌيڪ ڪنهن تفصيل ٻڌائڻ جي ضرورت ئي ڪانہ هئي. اهڙي طرح هتي بہ تي سگهي ٿو تہ اشارو ڪندي فرمايو ويو هجي "هن جي اولاد".

پر پوءِ بہ هي لفظ "هن جي اولاد" مضمون جي مناسبت سان درست نہ آهي.

(v) جنهن جو آهي.

عيسائي مصنف جملو "جنهن جو هي آهي" لکي وري اشارو ڪندا آهن حزقي ايل جي باب21 آيت 27 ڏانهن تہ هي انهيءَ مطابق آهي. اچو تہ ڏسون تہ حزقي ايل 27:21 ۾ ڇا لکيل آهي؟

"پوءِ اي سخت قتيل شرير شخص، اسرائيل جا سردار، جنهن جو ڏينهن اچي پهتو آهي، يعني پڇاڙيءَ جي سزا جو وقت. خداوند خدا هيئن ٿو فرمائي تہ پنهنجي پڳ ۽ ڇٽ لاهي ڇڏ: هي اڳتي اهڙو ساڳيو نہ رهندو: جيڪي هيٺ آهن تنکي مٿي ڪر ۽ جيڪي مٿي آهن تنکي هيٺ ڪر. آءٌ انهي کي اونڌو ڪندس. اونڌو، اونڌو ڪندس، پوءِ هي اڳتي اهڙو نہ رهندو، جيستائين اهو نہ اچي جنهن جو حق آهي ۽ آءٌ اهو انهيڪي ڏيندس."[2]

هتي بہ صاف صاف لکيل آهي تہ بني اسرائيل جو آخري وقت اچي پهتو آهي. هن کي پنهنجي نافرمانين جي سزا ملڻي آهي. سو الله تبارڪ وتعالي فرمائي ٿو تہ هاڻي تون نبوت جي پڳ ۽ حڪومت جو ڇٽ لاهي ڇڏ. اڳتي اها شيءِ توکي نصيب ٿيڻي نہ آهي. هي سڀ ڪجھ اونڌو ٿي

1. يوحنا 1: 21

2. حزقي ايل 21: 25 ـ 27

ويندو. بس ايترو انتظار ڪر جيستائين انهي جو صحيح حقدار نہ اچي وڃي. پوءِ هي انهيڪي ملندو.

اهو آهي انهيءَ جملي **"جنهن جو هي آهي"** جي وضاحت. اسان جي نظر ۾ بہ لفظ **"شيلوه"** جي صحيح معني اها ئي ٿي سگهي ٿي، يعني **"جنهن جو هي آهي."** ٻين لفظن ۾ اسان چئون تہ **"حقدار."** حقيقت ۾ هنن لفظ **"حقدار"** جي ئي معني ڪي گهمائڻ شروع ڪيو آهي. جي ٽي مينلي "هماري ڪتب مقدسہ" ۾ هن ترجمي جي تفسيرڪندي لکي ٿو تہ:

"شيلوه ڪي قديم ترجمن وانگر بہ لفظ سمجهو جنهن جو ترجمو ٿيندو**"جنهن جو هي آهي"**. تنهن ڪري ربي جي_ايچ_هرٽز ترجمو ڪري ٿو:

"يهوداہ کان سلطنت نہ کسبي، نہ هن جي نسل کان حڪومت جي لٺ موقوف ٿيندي، جيستائين اهو جنهن جو هي آهي نہ اچي".

جنهن کان مراد آهي تہ جيستائين هو پنهنجن ۾ نہ اچي ۽ سڀ قبيلا هن جا ماتحت نہ ٿين."

اهو لکي ڪري جي ٽي مينلي پنهنجي طرفان تبصرو ڪندي لکي ٿو تہ:

"خواہ ڪهڙي طرح بہ ترجمو هجي، مسيح ڏانهن اشارو لکي نہ ٿو سگهي."[1]

اسان سمجهون ٿا تہ عيسائين ڪي بہ حق آهي تہ پنهنجي مذهب، مڪتب جي حق ۾ ڳالهہ ڪن، پر ڪٿي هو حد کان بہ وڌيڪ نا معقول ڳالهہ ڪري وجهندا آهن. هن پيشنگوئي ۾ بہ عيسائي عالم تمام گهڻو وائڙا ۽ پريشان نظر اچي رهيا آهن ۽ اڻ نهندڙ ڳالهيون ڪندي نظر اچن ٿا. هتي تہ صاف نظر اچي رهيو آهي تہ يهوداہ کان سلطنت حڪومت جو عصو يا نبوت کسڻ وارو ڪو پنهنجو ڪونہ هوندو بلڪ هنن جو غير هوندو. هتان ڪنهن بہ صورت ۾ اها معني نہ ٿي وٺي سگهجي تہ ڪو يهوداہ قبيلي کان سلطنت يا حڪومت جو عصو کسڻ وارو ڪو يهوداہ قبيلي جو هوندو. جيڪڏهن يهوداہ قبيلي جي ڪنهن فرد کان سلطنت ۽ حڪومت جو عصو ڪنهن يهوداہ قبيلي واري ئي کسيو، تہ پوءِ اها سلطنت ۽ اهو حڪومت جوعصو وري بہ تہ يهوداہ قبيلي ۾ ئي رهندو ۽ يهوداہ قبيلي کان کسيل نہ ليکبو ۽ هتي جملي جي معني هي ئي ٿي سگهي ٿي تہ: "هي سلطنت ۽ حڪومت جو عصو يهوداہ قبيلي کان کسجي انهيءَ ڪي واپس نہ ملندو .بلڪ اها سلطنت ۽ اهوحڪومت جو عصو هنن کان هميشہ هميشہ لاءِ کسجي ويندو."

1. مينلي، جي ٽي، "هماري ڪتب مقدسہ" (اردو)، مترجمين: امام الدين، جي ايس، پروفيسر ۽ مسز ناصر، ڪي ايل، مسيحي اشاعت خانہ 36 فيروزپور روڊ، لاهور، 2017ع، ص 385

بحرحال عيسائي حضرات هنن آيتن جي تشريح ڪندي وائڙا نظر ايندا آهن. جي ٽي مينلي انهيءَ مسئلي کي سمجهندي اعتراف ڪندي لکي ٿو ته: ”هي مشڪل عبارت آهي. پر وڏي مدت ۽ وڏي عرصي کان هن کي مسيح جي طرف اشارو تسليم ڪيو ويندو آهي. متن جي باري ۾ مختلف خيالات آهن.“[1]

هاڻي جيڪڏهن کي ماڻهو مدت کان پٽڪيل هجن ته ضروري آهي ڇا ته بعد وارا به پنهنجي سمجهه کان ڪم نه وٺن ۽ لڪير جا فقير ٿيا بيٺا هجن؟ عيسائي عالمن کي يقين آهي ته پيدائش باب 49 جي آيتن کي حضرت عيسىٰ عہ لاءِ ثابت ڪرڻ تمام مشڪل ڪم آهي. تڏهن به هو عجيب عجيب حرڪتون ڪرڻ لڳندا آهن. ڪڏهن لفظ **”شيلوه“** کي اڌورو يا غلط نموني لکڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ته متان مسلمان لفظ شيلوه کان به ڪنهن نئين سچائي تي پهچي وڃن. ڪڏهن **”شيلوه“** لفظ کي ڪنهن ٻئي لفظ **”حاڪم“** وغيره سان تبديل ڪري پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ ڪڏهن ته وري انهي لفظ **”شيلوه“** کي ئي مڪمل طور هٽائي جملي جي معني کي ئي باقاعدي تبديل ڪري ڇڏيندا آهن. هنن جي انهن عجيب حرڪتن جا ڪجهه مثال اسان پيش ڪري چڪا آهيون.

اسان عيسائين جي مشڪل سمجهي سگهون ٿا. يهوداهہ جي نسل مان حڪومت جو عصو ڪسجڻ واري ڳالهہ هنن کان هضم نہ ٿي سگهجي ٿي. ڳالهہ آئيني مثل آهي ۽ يسعياه باب 3 ۾ واضح طور تي لکيل آهي تہ يهوداهہ مان هرشيءِ ڪسجي ويندي.

”ڇالاءِ جو ڏسو، خداوند، لشڪرن جو خداوند، يروشلم ۽ يهوداهہ مان سهارو ۽ ٽيڪ ۽ مانيءَ جي ۽ پاڻيءَ جي اميد ڪٽي وٺندو؛ يعني پهلوان ۽ جنگي مرد؛ قاضي ۽ نبي؛ فال وجهڻ وارو ۽ ڪهن سال؛ پنجاهہ جو سردار ۽ عزت وارو ماڻهو؛ ۽ مشير ۽ استاد ڪاريگر ۽ جادوگر.“[2]

ڪيڏيون نہ صاف ۽ چٽيون آيتون آهن تہ يروشلم ۽ يهوداهہ مان هرشيءِ نڪري ويندي قيادت، سيادت کان وٺي نبوت تائين هر شيءِ ڪسجي ويندي. اهڙيون ٻيون بہ ڪيتريون ئي آيتون هن ڪتاب جي پڙهڻ دوران اوهان آڏو پيش ڪيون وينديون. هن وقت صورتحال هي آهي تہ:

(i) عيسائي حضرات **”شيلوه“** مان مراد حضرت عيسىٰ عہ کي وٺندا آهن.

(ii) مسلمان حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم کي مراد وٺندا آهن.

(iii) ۽ يهودي اڄان بہ **”شيلوه“** جي اچڻ جو انتظار ڪري رهيا آهن.

---

1. مينلي، جي ٽي، ”هماري ڪتب مقدسہ“ (اردو)، مترجمين: امام الدين، جي ايس، پروفيسر ۽ مسز ناصر، ڪي ايل، مسيحي اشاعت خانہ، 36 فيروزپور روڊ، لاهور، 2017ع، ص 385

2. يسعياه 3 : 1 ـ 3

ڪتاب استثنا (شريعت جو دور) جو تعارف

اسان جي اڳيان نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم بابت ايندڙ پيشنگوئيون انهيءَ ڪتاب مان آهي. تنهنڪري، بہ اکر انهيءَ ڪتاب جي تعارف طور پيش ڪجن ٿا.

هي ڪتاب انهن پنجن ڪتابن مان هڪ ڪتاب آهي، جيڪي الله تبارڪ وتعالي حضرت موسیٰ عہ کي ڪوهہ طور تي ڏنا هئا ۽ جن کي ملائي ڪري گڏيل طور تي ”توريت“ سڏبو آهي. پراڻي عهدنامي جا باقي ڪتاب ٻين نبين ڏانهن منسوب آهن، جن منجهان هڪ ڪتاب ”زبور“ بہ آهي، جيڪو حضرت دائود عہ تي نازل ٿيل آهي. انهيءَ ڪتاب بابت تفصيلي تعارف پنهنجي جاءِ تي پيش ڪيو ويندو.

هن ڪتاب ۾ گهڻي قدر شريعت ۽ عقائد جو بيان آهي. انهيءَ ڪري، هن ڪتاب کي ”شريعت جو دور“ ڪري بہ سڏيو ويندو آهي. جيئن تہ هي ڪتاب حضرت موسیٰ عہ کي الله تبارڪ وتعالي طرفان لکيل هٿو هٿ مليل هو، تنهنڪري، هن ڪتاب ۾ ڪنهن قسم جو ڦير ڦار نہ هجڻ کپي ها. پر هاءِ ڙي قسمت! يهودي حضرات هن ڪتاب جي بہ حفاظت نہ ڪري سگهيا ۽ هن ڪتاب جو بہ حشرنشر ڪري ڇڏيائون. هن وقت هن ڪتاب جي حالت اهڙي ٿيل آهي جو خود ڪتاب پڪاري پڪاري چوي ٿو تہ:

”هو نہ الله تبارڪ تعالي جو لکيل ڪلام آهي ۽ نہ ئي حضرت موسیٰ عہ جو لکيل آهي. پر هي ڪنهن ٽئين شخص جو لکيل ڪتاب آهي.“

اسان پنهنجي موقف جي تاعيد ۾ ڪجهہ مثال هيٺ پيش ڪري رهيا آهيون:

(1) ڪتاب استثنا جي شروعات ۾ ئي هيئن لکيل آهي تہ:

”هي اهي ڳالهيون آهن جيڪي موسي يردن جي هن پار بيابان ۾ يعني انهي ميدان ۾ جيڪو سوف جي مقابل ۽ فاران ۽ طوفل ۽ لابن ۽ حصيرات ۽ ديذهب جي وچ ۾ آهي، سيني اسرائيلين کي چيون.“[1]

صاف ظاهر آهي تہ هي نہ الله تبارڪ وتعالي جو ڪلام آهي ۽ نہ

---

1. استثنا 1: 1

ئي حضرت موسىٰ عہ جو، پر هي ڪنهن ٽئين شخص جو بيان آهي.

(2) ”۽ موسي انهيءَ ڏينهن ماڻهن کي تاڪيد ڪري چيو ته،“[1]

(3) ”۽ موسي وڃي ڪري هي ڳالهيون سڀني اسرائيلين کي ٻڌايون.“[2]

(4) ”۽ موسي انهيءَ شريعت کي لکي ڪري انهيءَ کي ڪاهنن جي جيڪي بني لاوي ۽ خداوند جي عهد جو صندوق کڻڻ وارا هئا ۽ اسرائيل جي سڀني بزرگن جي حوالي ڪيو.“[3]

(5) ”بس خداوند جي ٻانهي موسي خداوند جي چوڻ مطابق اتي موآب جي ملڪ ۾ وفات پاتي ۽ هن هن کي موآب جي هڪ وادي ۾ بيت فغور جي مقابل دفن ڪيو، پر اڄ تائين ڪنهن ماڻهوءَ کي هن جي قبر معلوم نه آهي ۽ موسي پنهنجي وفات جي وقت هڪ سو ويهه سالن جو هو......“[4]

مٿين آيتن ۾ بيان ٿيل آهي ته حضرت موسىٰ عہ هيئن ڪيو، هونئن ڪيو، هي چيو، هي ڏنو، وفات ڪيائين، دفن ٿيو ۽ مرڻ جي وقت هن جي عمر هڪ سو ويهه سال هئي. هي سڀ ڳالهيون ۽ اهڙيون ڪيتريون ئي ڳالهيون جيڪي غير ضروري طوالت سبب اسان ذڪر نه ڪيون آهن، بيان ڪن ٿيون ته هي ڪتاب جيتوڻيڪ الله تبارڪ وتعالي جو ڪلام هيو پر هاڻي اهو مڪمل طور تي نه الله جو ڪلام آهي ۽ نه ئي مڪمل طور تي حضرت موسىٰ عہ جو ڪلام آهي، پر هي ڪنهن ٽئين شخص جي محنت آهي.

عيسائي حضرات جڏهن مٿين سوالن جا تسلي بخش جواب نه ڏيئي سگهندا آهن ته اهي سوال ڪندا آهن ته: ”جيڪڏهن هي ڪوڙو ڪتاب آهي ته پوءِ توهان هن ڪتاب مان پنهنجي پيغمبر صہ جي سچائي جي باري ۾ پيشنگوئيون ڇو پيش ڪندا آهيو؟“

اسان جو جواب هوندو آهي ته:

”هي ڪتاب ڪوڙو نه آهي. پر هن ڪتاب ۾ ڪوڙ داخل ڪيو ويو آهي. تنهنڪري، جيڪڏهن هي ڪتاب ڪا سچائي پيش ڪري رهيو آهي ته انهيءَ جو انڪار ڪيئن ڪري سگهجي ٿو؟“

---

1. استثنا 27: 11
2. استثنا 31: 1
3. استثنا 31: 9
4. استثنا 34: 5 ـ 7

(3) موسيٰ عہ جهڙو نبي ﷺ

اِنَّآ اَرۡسَلۡنَآ اِلَيۡكُمۡ رَسُوۡلًا ۙ شَاهِدًا عَلَيۡكُمۡ كَمَآ اَرۡسَلۡنَآ اِلٰى فِرۡعَوۡنَ رَسُوۡلًا .[1]

ترجمو: ”توهان ماڻهن وٽ اسان اهڙي طرح هڪ رسول توهان تي شاهدي ڏيندڙ موڪليو آهي جهڙيءَ طرح اسان فرعون ڏانهن هڪ رسول موڪليو سين.“

ڪتاب استثنا ۾ آهي ته:

”خداوند تنهنجو خدا تو منجهان، يعني تنهنجن ڀائرن منجهان تنهنجي لاءِ مون جهڙو هڪ نبي اٿا ريندو؛ اوهين انهيءَ ٻڌجو؛ هي تنهنجي انهي درخواست موجب ٿيندو، جڏهن تو حورب ۾ جماعت واري ڏينهن خداوند پنهنجي خدا کي چيو هو، ته شل آءٌ خداوند پنهنجي خدا جو آواز وري نه ٻڌان، نڪي آءٌ وري ڪڏهن هي باهه ڏسان، متان مري وڃان. تڏهن خداوند مونکي چيو، ته هننجو چوڻ برابر آهي. آءٌ هنن جي لاءِ سندن ڀائرن منجهان توجهڙو هڪڙو نبي اٿاريندس؛ ۽ آءٌ پنهنجو ڪلام انهيءَ وات ۾ وجهندس، جيڪي آءٌ هن کي فرمائيندس، سو هو هنن کي ٻڌائيندو ۽ هيئن ٿيندو ته جيڪي منهنجيون ڳالهيون هو منهنجي نالي چوندو، سي جيڪڏهن ڪو نه ٻڌندو، ته آءٌ انهيءَ کان حساب وٺندس. پر جيڪو نبي گستاخي ڪري ڪا اهڙي ڳالهه منهنجي نالي چوندو. جنهن جو مون هن کي حڪم نه ڏنو هوندو، يا جيڪو ٻين معبودن جي نالي کي چوندو، ته اهو نبي ضرور ماريو ويندو. پر جيڪڏهن تون پنهنجي دل ۾ چوين، ته اسان کي ڪيئن خبر پوي ته هي ڳالهيون خداوند فرمايون آهن؟ تنهن لاءِ اهو ياد رک ته جڏهن ڪو نبي خداوند جي نالي کي چوي ۽ هن جي چوڻ موجب نه ٿئي ۽ هن جي ڳالهه پوري نه ٿئي ته اها ڳالهه خداوند جي طرفان نه آهي: پر انهي نبيءَ گستاخي ڪري چئي آهي. تون انهيءَ کان متان ڊڄين.“[2]

هن بشارت مان اسان کي هيٺين ڳالهين جي خبر پوي ٿي ته:

(الف) ايندڙ نبي بني اسرائيل جي ڀائرن مان هوندو.

(ب) اهو نبي حضرت موسيٰ عہ جي مثل ان جهڙو هوندو.

(ت) اها ڳالهه بني اسرائيل وارن جي درخواست موجب ٿيندي، جيڪا هنن حورب ۾ جماعت واري ڏينهن خداوند کي ڪئي هئي.

---

1. المزمل: 15

2. استثنا 18: 15 ـ 22

(ث) الله تبارڪ وتعالي پنهنجو ڪلام هن جي وات ۾ وجهندو.
(ج) الله تبارڪ وتعالي جيڪو ڪجھ انهي نبيءَ کي فرمائيندو، هو سڀ چئي ڏيندو.
(ح) هو نبي الله جون ڳالهيون الله جو نالو وٺي ڪري چوندو.
(خ) جيڪو شخص انهي نبيءَ جي مخالفت ڪندو ۽ چوڻ نه وٺندو سزا ڪائيندو.
(د) اهو نبي جيڪڏهن خدا جي حڪم کان سواءِ ڪجھ چوندو ته ماريو ويندو.
(ذ) اهو نبي غير خدا جي پرستش کان منع ڪندو.
(ر) اهو نبي توحيد جو واعظ ڪندو.
(ز) ان نبي جون پيشنگوئيون پوريون ٿينديون.
(س) ان سچي نبي جي هي علامت آهي ته تون ان کان خوف ڪر. ڪوڙو نبي جلد هلاڪ ٿي ويندو. تون انهيءَ کان خوف نه ڪر.
اسان انهن سڀني نقطن تي هڪ هڪ ڪري الڳ الڳ بحث ڪنداسين.

(الف) ايندڙ نبي بني اسرائيل جي ڀائرن مان هوندو.

"آءٌ هنن جي لاءِ سندن ڀائرن منجهان توجهڙو هڪڙو نبي اٿاريندس."

لفظ "ڀائرن" جو اطلاق:

(i) حقيقي ڀائرن تي ٿيندو آهي.
(ii) ماٽيلن ڀائرن تي به ٿيندو آهي.
(iii) سئوٽن تي به ٿيندو آهي.
(iv) ڪٽنب يا خاندان تي به ٿيندو آهي.

مثال طور: مان شاهوزي جمالي بلوچ آهيان.

(i) اسان سڀ شاهوزي پاڻ ۾ ڀائر سڏجي سگهون ٿا.
(ii) جمالين جو حساب ڪبو ته سڀ جمالي پاڻ ۾ ڀائر سڏجي سگهون ٿا.
(iii) بلوچ جو حساب ڪبو ته سڀ بلوچ پاڻ ۾ ڀائر سڏجي سگهون ٿا.
(iv) اهڙيءَ طرح اسان سنڌ ۾ رهون ٿا ته سڀ سنڌي پاڻ ۾ ڀائر سڏجي سگهون ٿا.
(v) ملڪ جي حساب سان سڀ پاڪستاني پاڻ ۾ ڀائر سڏجي سگهون ٿا.
(vi) آمريڪا يا برطانيہ وڃون ته سڀ ايشيائي پاڻ ۾ ڀائر سڏجي سگهون ٿا.
(vii) پيشي جي لحاظ کان جيڪڏهن مان استاد آهيان ته اسان سڀ

استاد پاڻ ۾پيائر سڏجي سگهون ٿا.

(viii) رنگ ۽ نسل جي لحاظ کان يورپ ۽ برطانيه وارن کي گورا سڏيو ويندو آهي. آفريڪين کي ڪارا ۽ ايشين کي رنگين سڏيو ويندو آهي.

اهڙي طرح ٻيا به ڀائپي ۽ برادري جا مثال ڏئي سگهن ٿا. پر هتي مون کي صرف اهو ثابت ڪرڻو آهي ته:

”ڇا بني اسماعيل وارا بني اسرائيل وارن جا ڀائرسڏجي سگهجن ٿا يا نه؟“

انهيءَ سلسلي ۾ اسان پنهنجا ثبوت بائيبل کان ئي پيش ڪنداسين. ڪتاب پيدائش ۾ آهي ته:

”۽ عيسواهو به ڏٺو ته ڪنعان جون ڇوڪريون منهنجي پيءُ اضحاق کي نٿيون وڻن. تڏهن عيسو اسماعيل وٽ ويو ۽ جيڪي زالون اڳيئي هيس، تن کان سواءِ ابراهام جي پٽ اسماعيل جي ڌيءُ نبايوت سان شادي ڪيائين.“[1]

”هاڻي عيسو (يعني ادوم) جو نسب نامو هن ريت آهي. عيسو ڪنعاني ڇوڪرين سان شادي ڪئي هئي، يعني عده، جا ايلون حتيءَ جي ڌيءُ هئي ۽ اهليبامه جا صبعون حوي جي پوٽي ۽ عنه جي ڌي هئي ۽ بشامه، جا اسماعيل جي ڌي هئي ۽ نبايوت جي ڀيڻ هئي.“[2]

بائيبل جو هي مسئلو رهيو آهي ته هن جي آيتن ۾ حد کان زياده اختلاف هوندو آهي. پر عيسائي پوءِ به هن کي خدا جو ڪلام ئي سڏيندا آهن. حالانڪه الله جي ڪلام ۾ ڪوبه اختلاف ٿي نه ٿو سگهي. خود قرآن ۾ الله جي ڪلام جي سچائپ اها ٻڌائي وئي ته جيڪڏهن هي بندن جو ڪلام هجي ها ته هن ۾ وڏو اختلاف هجي ها. انهيءَ تي تفصيلي بحث پنهنجي جڳهه تي پيش ڪئي ويندي.

پر هتي اسان جو بحث انهي موضوع سان نه آهي. هتي اسان جو بحث هن ڳالهه سان آهي ته ڇا بني اسماعيل وارا بني اسرائيل وارن جا ڀائر سڏجي سگهجن ٿا يا نه؟

سو هتي ثابت ٿيو ته اضحاقؑ پنهنجي پٽن جي ٻين قومن ۾ شادي کي ناپسند ڪندو هو. تنهنڪري، عيسو بني اسماعيل وارن مان شادي ڪئي. ڇو ته هو بني اسماعيل وارن کي پنهنجو ڀاءُ سمجهندا هئا.

مٿيون آيتون ته هي ثابت ڪرڻ لاءِ هيون ته بني اسرائيل وارا بني اسماعيل وارن کي ڀاءُ سمجهي انهن جي عورتن سان شاديون ڪندا هئا. پر ڪجهه آيتون اهڙيون به آهن جيڪي ثابت ڪن ٿيون ته بني اسرائيل

---

1. پيدائش 28: 9
2. پيدائش 34: 1 ـ 3

وارا پنهنجون نياڻيون بني اسماعيل وارن کي شادي ڪري ڏيندا به هئا.
ڪتاب 1_ تواريخ جو بيان آهي ته:

”چهون عوضم، ستون دائود ۽ انهن جون ڀينرون هيون ضروياه ۽ ابيجيل ۽ ضروياه جا پٽ: ابي شئي ۽ يوآب ۽ عساهيل، تي ڄڻا ۽ ابيجيل کي عماسا ڄائو: ۽ عماسا جو پيءُ يتر اسماعيلي هو.“[1]

هي ته هيون رشتيدارن جون ڳالهيون. پر هاڻي بائيبل کان ڪجهه اهڙيون آيتون پنهنجي قارئين جي خدمت ۾ پيش ڪنداسين جن ۾ بني اسماعيل ۽ بني اسرائيل وارن کي پاڻ ۾ ڀائر سڏيو ويو آهي.

ڪتاب پيدائش ۾ آهي ته الله تعالي طرفان موڪليل فرشتي حضرت بيبي هاجرهؓ کي مخاطب ٿيندي چيو ته:

”۽ خداوند جي فرشتي چيو ته ڏس تون حامله آهين ۽ پٽ ڄڻيندينءَ: انهي جو نالو اسماعيل رکجءِ: ڇالاءِ جو خداوند تنهنجي ڏک جي دانهن ٻڌي آهي. هو ماڻهن ۾ جهنگلي گڏه جهڙو آزاد رهندو: هنجو هٿ سڀني جي برخلاف ۽ سڀني جو هٿ هن جي برخلاف ٿيندو: ۽ هو پنهنجن سڀني ڀائرن جو روبرو رهندو.“[2]

”اسماعيل جي عمر هڪ سو ستٽيهه ورهيه هئي: پوءِ هن ساهه ڏنو ۽ وڃي پنهنجن ۾ گڏيو ۽ اهي حويله کان شور تاءِ رهندا هئا، جو اسور ڏانهن ويندي مصر جي سامهون آهي ۽ هو پنهنجن سڀني ڀائرن جي سامهون رهندو آيو.“[3]

هنن آيتن ۾ حضرت اسماعيل ع جي جن ڀائرن ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي: ڇا اهي حضرت اسحاق ع ۽ مدين کان سواءِ ڪي ٻيا ٿي سگهن ٿا ڇا؟

(i) احمد ديدت جو بيان

احمد ديدت صاحب پنهنجي ڪتابچي ”واٽ دي بائيبل سيز اباؤٽ محمد (صلي الله عليه وآله وسلم)“ (What the Bible Says About Muhammad[P.B.U.H]) ۾ هن پيشنگوئي جي لفظ ”هنن جي ڀائرن مان“ جي وضاحت ڪندي لکي ٿو ته:

”هتي حضرت موسيٰ ع ۽ هن جي قوم، يهودين کي نسل جي لحاظ کان خطاب ڪيو ويوآهي ۽ جيئن ته بنا شڪ ۽ شبهه جي ”هنن جا ڀائر“ عرب ئي ٿي سگهن ٿا. توهان ڏسو ٿا ته، بائيبل مقدس حضرت ابراهيم ع سان ”الله جو دوست“ وانگر ڳالهائي ٿو. حضرت ابراهيم ع کي ٻه گهرواريون هيون. ساره رضہ ۽ هاجره رضہ. هاجره رضہ حضرت ابراهيم ع کي پٽ ڄڻي ڏنو. هن جو پهريون پٽ.

---

1. 1ـ تواريخ 2: 15 ـ 17
2. پيدائش 16: 11 ـ 12
3. پيدائش 25: 17 ـ 18

”۽ هاجره کي ابرام مان هڪڙو پٽ ڄائو ۽ ابرام پنهنجي انهيءَ پٽ جو نالو، جو هاجره کي ڄائو، اسماعيل رکيو.“[1]

”پوءِ ابرهام انهي ڏينهن خدا جي حڪم موجب پنهنجي پٽ اسماعيل جو ۽ جيڪي سندس گهر ۾ پيدار ٿيا هئا ۽ جيڪي هن پيسن تي خريد ڪيا هئا، يعني ابرهام سندس گهر جي ماڻهن مان سيني مردن جي جسم جي کل جو ختنو ڪرايو.“[2]

”۽ جڏهن سندس پٽ اسماعيل جي کل جو ختنو ٿيو. تڏهن هو تيرهن ورهين جو هو.“[3]

تيرهن سالن جي عمر تائين حضرت اسماعيل ع حضرت ابراهيم ع جو اڪيلو پٽ ۽ ٻج هو. جڏهن حضرت ابراهيم ع ۽ الله جي وچ ۾ عهد قائم ٿيو.

الله حضرت ابراهيم ع کي حضرت بيبي ساره رضہ کان هڪ ٻيو پٽ ڏئي ٿو؛ جنهن جو نالو اسحاق ع هو، جيڪو پنهنجي ڀاءُ حضرت اسماعيل ع کان تمام ننڍو هو.

(ii) عرب ۽ يهودي

جيڪڏهن حضرت اسماعيل ع ۽ حضرت اسحاق ع ساڳي پيءُ حضرت ابراهيم ع جا پٽ آهن، تہ پوءِ هو پائر آهن ۽ اهڙي طرح هڪڙي جا ٻار ٻئي جي ٻارن جا پائر آهن. حضرت اسحاق ع جا ٻار يهودي آهن ۽ حضرت اسماعيل ع جا ٻار عرب آهن. سو اهي هڪٻئي جا پائر آهن. بائيبل بہ انهيءَ ڳالهہ کي تسليم ٿو ڪري:

”هو(حضرت اسماعيل ع) پنهنجن سيني پائرن جي روبرو رهندو.“[4]

”اسماعيل جي عمر هڪ سو ستٽيهہ ورهيہ هئي؛ پوءِ هن ساهہ ڏنو.. ۽ هو پنهنجن سيني پائرن جي سامهون رهندو آيو.“[5] (1)

حضرت اسحاق ع جا ٻار اسماعيلين جا پائر آهن. اهڙيءَ طرح حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم اسرائيلين جي پائرن مان آهي. چو تہ هو حضرت ابراهيم ع جي پٽ حضرت اسماعيل ع جي اولاد مان آهي.

---

1. پيدائش 16: 15
2. پيدائش 17: 23
3. پيدائش 17: 25
4. پيدائش 16: 12
5. پيدائش 25: 7 ـ 18 هتي احمد ديدت صاحب جيڪو جملو بائيبل کان نوٽ ڪيو آهي اهو هن ريت آهي،

"AND HE (ISHMAEL) DIED IN THE PRESENCE OF ALL HIS BRETHEREN." پر مونکي ڪنگ جيمز ورشن بائيبل ۾ جملو ائين ڪونہ مليو. ٿي سگهي ٿو تہ احمد ديدت صاحب اهو جملو بائيبل جي ڪنهن ٻئي نسخي مان نوٽ ڪيو هجي. چو تہ وٽن بائيبل جا لاتعداد نسخا هوندا هئا.

هي بلڪل ائين آهي جهڙيءَ طرح پيشنگوئي ۾ آهي ”انهن جي ڀائرن مان“ (استثنا 18: 18). پيشنگوئي صاف طور تي ٻڌائي ٿي ته ايندڙ پيغمبر جيڪو حضرت موسىٰ ع جهڙو ٿيندو، اهو ”اسرائيل جي ٻارن“ يا ”هنن منجهان“ يقينن نه ٿيندو، پر ”هنن جي ڀائرن منجهان.“ سو حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم هنن جي ڀائرن مان هو.“[1]

(iii) جان گلڪرسٽ (John Gilchrist) جو موقف

جان گلڪرسٽ (John Gilchrist) مسلمانن جي مٿين دعوي تي تنقيد ڪندي لکي ٿو ته:

”مسلمان دعوي ڪن ٿا ته استثنا 18:18 ۾ بيان ٿيل ”هنن جي ڀائرن“ مان مراد اسرائيلي آهن. هن ڪيس ۾ جيڪڏهن اسان سچ پچ ۾ موسىٰ ع جهڙي نبي جي صحيح شناخت ڳولهيون ته اسان کي هن جي مندرجات کي ذهن ۾ رکڻو پوندو.

خدا چيو ته: ”آءٌ هنن جي لاءِ سندن ڀائرن منجهان تو جهڙو هڪڙو نبي اٿاريندس.“

خدا ڪنهن جي باري ۾ ڳالهائي ٿو جڏهن هو فرمائي ٿو ”هنن لاءِ ۽ ”هنن جي““؟

جڏهن اسان استثنا باب 18 جي پهرين ٻن آيتن ڏانهن واپس وڃون ٿا ته اسان کي جواب ملي ٿو.

”لاوي ڪاهنن کي، يعني لاوين جي سڄي قبيلي کي، اسرائيل سان گڏ ڪوبه حصو يا ورثو ڪونه ملندو: اهي خداوند جي لاءِ باهه سان ساڙيل قربانيون ۽ انهنجو مقرر حصو کائيندا. انهيءَ ڪري، انهن کي سندن ڀائرن سان گڏ ڪوبه ورثو ڪونه ملندو.“[2]

”۽ ساري اسرائيل ۾ جيڪي تنهنجا ڳوٺ آهن، تن مان جي ڪنهن ۾ به لاوي رهندو هجي ۽ جيڪڏهن اهو پنهنجيءَ دل جي پوري ارادي سان، انهي جاءِ تي اچي جا خداوند چونڊيندو. ته هو پنهنجن سڀني لاوي ڀائرن وانگر، جي اتي خداوند جي حضور ۾ حاضر هجن، خداوند پنهنجي خدا جي نالي خدمت ڪندو رهي“.[3]

مٿين ٻنهي آيتن مان صاف ظاهر آهي ته ”انهن لاءِ“ لاوي قبيلي کي ظاهر ڪري ٿو ۽ ”هنن جي ڀائرن“ اسرائيل جي رهيل ٻارهن قبيلن ڏانهن اشارو ڪري ٿو. هي اها حقيقت آهي جنهن کي نظرانداز نه ٿو ڪري

---

1. ديدت، احمد، واٽ دي بائيبل سيز اباؤٽ محمد صہ (What the Bible Says About Muhammad P.B.U.H)، PRINTED AT THE EXPENSE OF MINISTRY OF AWQAF AND ISLAMIC AFFAIRS, ISLAMIC AFFAIRS DEPARTMENT, STE OF QATAR (GRATIS), 15TH MARCH 2005. Pages 12-13
2. استثنا 18: 1 ـ 2
3. استثنا 18: 4 ـ 7

سگهجي. ڪو بہ تشريح، تفسير جو ايماندارانہ طريقو، امڪاني طور ئي اجازت نہ ٿو ڏئي تہ ڪو استثنا 18:18 لاوي قبيلي ۾ اسرائيل جي باقي يارهن قبيلن کان سواءِ ڪنهن ٻئي کي ظاهر ڪري ٿو. اڃو تہ ”هنن جي ڀائرن“ جي صحيح تفسير ۾ سڃاڻپ ڏانهن رهنمائي ڪندڙ ممڪن طور تي فقط ۾ اڪيلي حقيقت کي ظاهر ڪندڙ پيشنگوئي جي تفصيلي جاچ ڪيون.

اسان کي فقط اڪيلي ۾ ممڪن نتيجي کي، جيڪو ڪڍي سگهجي ٿو، کي لهڻ لاءِ استثنا 18: 1-2 جي واسطيدار لفظن کي ثبت ڪرڻو آهي. متن چئي ٿو تہ:

”لاوي قبيلي کي اسرائيل سان گڏ ڪو بہ حصو يا ورثو ڪو نہ ملندو. انهن کي سندن ڀائرن سان گڏ ڪوبہ ورثو ڪونہ ملندو.“

تنهنڪري، استثنا 18:18 جي لاجيڪل (Logical) تفسير فقط هي ٿي سگهي ٿي:

”آءٌ هنن (لاوين) لاءِ سندن ڀائرن (هي لاوي کان سواءِ اسرائيل جو ڪو قبيلو آهي) منجهان تو جهڙو هڪڙو نبي اٿاريندس.“

حقيقت ۾ڪوبہ ماڻهو سموري پراڻي عهدنامي مان ”هنن جي ڀائرن“ مان مراد، اڪثر ڪري، خصوصي طور تي خطاب ٿيل قبيلي کان علاوه رهيل اسرائيلي قبيلن کي ليندو.

”پر بني بنيمين پنهنجن ڀائرن بني اسرائيل جي ڳالهہ نہ مڃي.“[1]

(هتي مصنف پنهنجي دعوي کي اڃان بہ مضبوط ڪرڻ لاءِ بائيبل کان ڪجهہ حوالا پيش ڪري ٿو. اهي ايترا ضروري ۾ بحث جوڳا نہ آهن. اسان غير ضروري طوالت سبب اهي حوالا هتي پيش نہ ڪري رهيا آهيون.) انهيءَ کان بعد مصنف لکي ٿو.

حقيقت ۾ اسان استثنا 15:17 ۾ پڙهون ٿا تہ موسىٰ هڪ موقعي تي اسرائيلين کي چيو تہ:

”تون پنهنجي ڀائرن منجهان ڪنهنکي پنهنجي مٿان بادشاهہ مقرر ڪج: ڪوبہ ڌاريو ماڻهو، جو تنهنجو ڀاءُ نہ آهي، تنهن کي پنهنجي مٿان مقرر نہ ڪج.“

تنهنڪري، هن جڳهہ تي اسان کي انهيءَ نظريي تي تہ استثنا 18:18 ۾ محمدﷺ جي پيشنگوئي آهي، سخت اعتراض آهي. هو اسماعيلي هو ۽ انهيءَ مطابق هن آيت ۾ پيغمبر جنهنجي پيشنگوئي ٿيل آهي لاءِ خود بخود نااهل آهي. پيغمبر صاف طور تي لاوي قبيلي کان علاوه ٻئي ڪنهن اسرائيلي قبيلي کان ايندڙ هو. خدا چيو تہ هو لاوي جي قبيلي ڏانهن موسىٰ جهڙو هڪ پيغمبر ”هنن جي ڀائرن“ جيڪو بني اسرائيل جي

---

1. قاضي 20: 31

ڪنهن بہ ٻئي قبيلي مان هوندو، اتاريندو. جيئن تہ اسان اهو ثابت ڪرڻ جو ارادو ڪيو هو تہ عيسي اهو پيغمبر هو جنهن جي اچڻ جي پيشنگوئي ٿيل هئي، هن جاءِ تي اهو ٻڌائڻ مناسب ٿيندو تہ هو يهوداھ جي قبيلي مان هو(متي1: 2، عبرانيون7 : 14). تنهنڪري، هو لاوي جي پائرن مان اٿڻ وارو پيغمبر ٿيڻ جو اهل آهي."[1]

(iv) جان گلڪرسٽ جي موقف جو پوسٽ مارٽم

سطحي نظر سان ڏسڻ وارو، جان گلڪرسٽ جي هي تقرير پڙهي واھ واھ ڪرڻ تي مجبور ٿيندو. پر حقيقتن تي نظر رکڻ وارو ۽ علم رکڻ وارو شخص هن جي تھ تائين پهچڻ ۾ دير نہ ڪندو. هونئن بہ جان گلڪرسٽ جي نظر مسلمانن کان وڌيڪ پنهنجن عيسائين تي آهي .جيڪي هن زبردست پيشنگوئي کان متاثر ٿي ڪري پنهنجو دين ڇڏڻ تي تيار ٿي وڃن ٿا. اهڙن عيسائين کي گلڪرسٽ متاثر ڪري سگهي ٿو. جان گلڪرسٽ جي سڄي تقرير جو حاصل مطلب هي آهي تہ:

هن پيشنگوئي ۾ جيڪو لفظ "هنن لاءِ" استعمال ٿيل آهي، اهو لاوي قبيلي لاءِ استعمال ٿيل آهي ۽ لفظ "هنن جي پائرن" مان مراد لاوي کان علاوہ بني اسرائيل جا ٻارهن قبيلا آهن ۽ حضرت عيسىٰ عہ يهوداھ قبيلي سان تعلق رکي ٿو. تنهن ڪري، هن پيشنگوئي جو مصداق حضرت عيسىٰ عہ آهي ۽ حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم جيئن تہ بني اسرائيل جي ڪنهن بہ قبيلي مان نہ آهي. سو هو بني اسرائيل وارن جو ڀاءُ سڏجڻ جو اهل نہ آهي ۽ اهڙي طرح هو هن پيشنگوئي جو مصداق نہ ٿو ٿي سگهي.

آدم گلڪرسٽ جيڪڏهن سچائي کي سمجهي ها تہ ايتري بحث ئي نہ ڪري ها. هن سچائيءَ کان اکيون بند ڪري ڇڏيون آهن. اسان جڏهن هي ڳالھ بيان ڪريون ٿا تہ بني اسمائيل وارا بني اسرائيل وارن جا پائر آهن تہ انهيءَ مان اها مراد ڪٿان ٿي اچي تہ ڪو بني اسرائيل وارا قبيلا پاڻ ۾ پائر نہ آهن. پر ڀاءُ نہ ڀاءُ سڏڻ جو بہ قرينو هوندو آهي، طريقو هوندو آهي، موقعو هوندو آهي، ضرورت هوندي آهي. ڪڏهن تہ حقيقي ڀاءُ کان سواءِ ماٽيلو ڀاءُ بہ ڀاءُ نہ هوندو آهي. ڪنهن جاءِ تي سوٽ کي بہ ڀاءُ سڏبو آهي. ڪنهن جاءِ تي ذات واري کي بہ ڀاءُ سڏبو آهي. ڪٿي قبيلي واري کي بہ ڀاءُ سڏبو آهي. ڪنهن جاءِ تي وري وطن واري کي بہ ڀاءُ سڏبو آهي. اهوئي سبب آهي جو اسان جي نبي صلي الله عليہ وآلہ وسلم کي هاشمي بہ سڏيو ويو آهي تہ قرشي بہ سڏيو ويو آهي تہ عربي بہ سڏيو ويو آهي تہ حجازي بہ سڏيو ويو آهي تہ تهامي بہ سڏيو ويو آهي. حضورصلي الله عليہ وآلہ وسلم جا هي سڀ نالا هي ظاهر ڪري رهيا آهن تہ مختلف قبيلن، قومن ۽ وطن

---

1. گلڪرسٽ، جان، "از محمد فورٽولڊ ان دي بائيبل؟"، ص 4 ـ 7 (انٽرنيٽ)

جي حساب سان سندن پائپي جو تعلق کھڙن کھڙن ماڻھن سان آهي.

جيڪڏهن ڪٺي چئون تہ حضرت عبداللہ رضہ بن عبدالمطلب رضہ ۽ حضرت ابوطالب رضہ بن عبدالمطلب رضہ پاڻ ۾ پائر هئا، تہ ڇا هاڻي حضرت محمد رسول اللہ خاتم النبيين صلي اللہ عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم ۽ حضرت علي عہ پاڻ ۾ پائر نہ رهيا؟ سئوت ٿي ويا؟

حضور صلي اللہ عليہ وآلہ وسلم جو فرمان آهي تہ:

"اي علي! تون منهنجو هن دنيا ۾ بہ ڀاءُ آهين تہ آخرت ۾ بہ ڀاءُ آهين."[1]

يعني سئوت بہ ڀاءُ سڏجي سگهجن ٿا.

اهڙيءَ ريت بني اسماعيل وارا بني اسرائيل وارن جا سؤٽ تہ آهن پر هن موقعي تي هنن کي ڀاءُ ڪري سڏيو ويو آهي. جيڪو قائدي مطابق درست آهي. اهو ئي سبب آهي جو نبي ڪريم صلي اللہ عليہ وآلہ وسلم گھڻن ئي موقعن تي حضرت موسيٰ عليہ السلام جو بيان ڪندي کيس پنهنجو ڀاءُ ڪري ڪوٺيو آهي. نبي ڪريم صلي اللہ عليہ وآلہ وسلم يهودين ڏانهن خد لکندي ڪين هن ريت خطاب فرمائين ٿا:

"مِن مُحَمَّدٍ رَسُولِ اللهِ أَخِي مُوسَى وَ صَاحِبِهِ، بَعَثَهُ اللهُ بِمَا بَعَثَهُ بِهِ، إِنِّي أَنشُدُكُم بِاللهِ وَمَا أَنزَلَ عَلَى مُوسَى يَومَ طُورِ سَينَاءَ، وَ فَلَقَ لَكُمُ البَحرَ، وَ أَنجَاكُم، وَ أَهلَكَ عَدُوَّكُم، وَ أَطعَمَكُم المَنَّ وَ السَلوَى، وَ ظَلَّلَ عَلَيكُمُ الغَمَامَ، هَل تَجِدُونَ فِي كِتَابِكُم أَنِّي رَسُولُ اللهِ إِلَيكُم وَ إِلَى النَّاسِ كَافَّتَ؟ فَإِن كَانَ ذَلِكَ كَذَلِكَ فَاتَّقُوا اللهَ وَ أَسلِمُوا، وَ إِن لَم يَكُن عِندَكُم فَلَا تَبَاعَتَ عَلَيكُم."[2]

ترجمو: "موسيٰ عہ جي ڀاءُ ۽ ساٿي محمد رسول اللہ طرفان، خدا هن کي (يعني محمد صہ کي) مبعوث ڪيو جنهن هن کي (يعني موسيٰ عہ کي) مبعوث ڪيو هو، مان توهان کي خدا جو قسم ڏيان ٿو، جنهن موسيٰ تي سينا جي ڏينهن نازل ڪيو ۽ توهان لاءِ سمنڊ کي تقسيم ڪيو ۽ توهان کي بچايو ۽ توهان جي دشمن کي تباھ ڪيو ۽ توهان کي من ۽ سلويٰ کارايو ۽ ڪڪر سان توهان تي ڇانو ڪئي، ڇا توهان پنهنجي ڪتاب ۾ ڏٺو آهي تہ مان توهان ڏانهن ۽ سيني ماڻهن ڏانهن خدا جو رسول صہ آهيان؟ جيڪڏهن ايئن آهي تہ پوءِ خدا کان ڊڄو ۽ اسلام قبول ڪريو ۽ جيڪڏهن توهان وٽ نہ آهي تہ پوءِ توهان تي ڪابہ ذميواري نہ آهي."

هتي نبي ڪريم صلي اللہ عليہ وآلہ وسلم حضرت موسيٰ عليہ السلام کي پنهنجو ڀاءُ ڪري سڏين ٿا.

يعني بني اسرائيل ۽ بني اسماعيل وارا پاڻ ۾ هڪٻئي جا ڀاءُ

---

1. ترمذي، محمد بن عيسي، ابو عيسي، امام، "جامع ترمذي" (اردو)، مترجم: وحيدالزمان، علامہ، اسلامي ڪتب خانہ لاهور، جلد دوم، ص 616

2. المڪتبہ الشاملہ، البيهقي، احمد بن الحسين بن علي، ابوبڪر، حافظ، "السنن الڪبريٰ" (عربي) جلد 10، ص 303، حديث نمبر 20717

سڏجي سگهن ٿا. يا هڪ پيغمبر ٻئي پيغمبر کي پنهنجو ڀاءُ سڏي سگهي ٿو.

توريت ۾ هڪ پيشنگوئي آهي. جنهن مطابق الله تبارڪ وتعالي حضرت ابراهيم ع سان هڪ عهد ڪري ٿو ته عرب جو سمورو علائقو سندس جي اولاد کي ڏنو ويندو.

"انهيءَ ڏينهن خداوند ابرام سان هڪڙو عهد ڪيو ۽ چيائينس ته مون هي ملڪ مصر جي نديءَ کان وٺي وڏي ندي يعني فرات ندي تائين تنهنجي اولاد کي ڏنو آهي."[1]

هن پيشنگوئي مطابق نيل نديءَ کان وٺي فرات ندي تائين اهو سمورو علائقو حضرت ابراهيم ع جي اولاد کي ملڻو هيو. هن وقت جيڪڏهن نظر ڪجي ته بيشڪ اهو سمورو علائقو حضرت ابراهيم ع جي اولاد کي ئي مليل آهي. پر اها اولاد اسماعيلي آهي، اسرائيلي نه آهي. هڪ ته عيسائين کي ۽ يهودين کي ٻه اهو يقين هجڻ کپي ته اهو سڀ ڪجھ انهيءَ پيشنگوئي مطابق ئي ٿيو آهي. الله جي واعدي مطابق ٿيو آهي. ٻيو ته اولاد ابراهيم ع جي هجڻ جي ناتي اسماعيلي ئي اسرائيلين جا ڀائر سڏجي سگهجن ٿا. نه ڪ اسرائيلي هڪٻئي جا ڀائر سڏجي سگهجن ٿا. انهيءَ ڳالھ جي وضاحت اجان ٻه اڳتي هلي اسان وڌيڪ ڪليل نموني ڪنداسين.

قرآن شريف ۾ ٻه عرب قبيلن "اسماعيلين" کي اولاد ابراهيم سڏيو ويو آهي.

ڪتاب ميثاق النبيين ۾ آهي ته:

"بني اسماعيل بني اسرائيل وارن جا ڀائر ۽ قريبي رشتيدار آهن. قرآن شريف خود اها دعوي پيش ڪئي آهي:

وَ جَاهِدُوْا فِی اللهِ حَقَّ جِهَادِهٖ ؕ هُوَ اجْتَبٰىكُمْ وَ مَا جَعَلَ عَلَیْكُمْ فِی الدِّیْنِ مِنْ حَرَجٍ ؕ مِلَّةَ اَبِیْكُمْ اِبْرٰهِیْمَ ؕ هُوَ سَمّٰىكُمُ الْمُسْلِمِیْنَ ۙ۬ مِنْ قَبْلُ وَ فِیْ هٰذَا لِیَكُوْنَ الرَّسُوْلُ شَهِیْدًا عَلَیْكُمْ وَ تَكُوْنُوْا شُهَدَآءَ عَلَى النَّاسِ ۚ فَاَقِیْمُوا الصَّلٰوةَ وَ اٰتُوا الزَّكٰوةَ وَ اعْتَصِمُوْا بِاللهِ ؕ هُوَ مَوْلٰىكُمْ ۚ فَنِعْمَ الْمَوْلٰى وَ نِعْمَ النَّصِیْرُ.[2]

ترجمو: "۽ الله (جي دين) ۾ اهڙو جهاد ڪريو جهڙو ان جي جهاد جو حق آهي. انهيءَ اوهان کي پسند ڪيو ۽ اوهان تي دين ۾ ڪا اوکائي نه ڪيائين. اوهان جي پيءُ ابراهيم جو دين (اوهان جو دين ڪيائين). الله اوهان جو نالو هن کان اڳ ۽ هن (قرآن) ۾ مسلمان رکيو."

هن آيت ۾ هڪ ڳالھ ته هي ٻڌائي وئي آهي ته حضرت ابراهيم ع توهان جو پيءُ آهي ۽ هڪ ٻي پي هجڻ جي لحاظ کان بني اسماعيل ۽

1. پيدائش 15 : 18
2. سورة الحج : 78

بني اسرائيل ياءُ ياءُ آهن پر هي مماثلت هڪ ادني مماثلت آهي. حقيقيت هي آهي تہ ابراهيم جي مذهب تي هجڻ جي لحاظ کان، جيڪو توحيد جو مذهب هو، توحيد پرست بني اسرائيل ۽ موحد اسماعيل ياءُ ياءُ آهن. حضرت ابراهيم ع مسلمان هئا، يعقوب ع مسلمان هو. يوسف ع ۽ موسىٰ ع مسلمان هجڻ جي دعوي ڪئي آهي. هنن سيني کي توحيد جا مبلغ هجڻ جي ڪري الله چونڊيو. انهيءَ ڪري، هو صرف نسل ۽ ذات جي اعتبار کان ئي ياءُ ياءُ نہ رهيا، بلڪ الله جي انتخاب جي بنياد تي بہ ياءُ ياءُ ٿي ويا. هڪ ٻي جڳهہ تي هن حقيقت کي اجان بہ چٽي نموني بيان فرمايو ويو آهي:

اِنَّ اَوۡلَى النَّاسِ بِاِبۡرٰهِيۡمَ لَلَّذِيۡنَ اتَّبَعُوۡهُ وَهٰذَا النَّبِىُّ وَالَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا ؕ [1]

ترجمو: ”ابراهيم کي اهي ماڻهو ويجها آهن، جن سندس تابعداري ڪئي (خواهہ اهي اسماعيلي هجن يا اسرائيلي) ۽ هي پيغمبر ۽ جن مٿس ايمان آندو.(سي سڀ مسلمان هجڻ جي لحاظ کان ۽ موحد هجڻ جي هن جا تمام گهڻو ويجها آهن).“

مسيح ع جيڪڏهن تثليث پيءُ، پٽ ۽ روح القدس (ٽن خدائن) جي تعليم ڏني تہ هو موحد نہ رهيو. انهيءَ ڪري، موسىٰ ع سان هن جي مماثلت نہ رهي ۽ نہ ئي هو حقيقي معني ۾ ياءُ سڏائڻ جو مستحق رهيو. جو تہ مماثلت حقيقت ۾ روح ۽ عقيدي جي لحاظ کان هوندي آهي، نہ ڪ صرف جسماني اعتبار کان.“[2]

(v) قرآن جو طريقو

قرآن اسان کي ٻڌائي ٿو تہ سيني نبين جو رستو ساڳيو هو. سورة الشوري ۾ آهي تہ:

شَرَعَ لَكُمۡ مِّنَ الدِّيۡنِ مَا وَصّٰى بِهٖ نُوۡحًا وَّالَّذِىۡۤ اَوۡحَيۡنَاۤ اِلَيۡكَ وَمَا وَصَّيۡنَا بِهٖۤ اِبۡرٰهِيۡمَ وَمُوۡسٰى وَعِيۡسٰٓى اَنۡ اَقِيۡمُوا الدِّيۡنَ وَلَا تَتَفَرَّقُوۡا فِيۡهِ ؕ كَبُرَ عَلَى الۡمُشۡرِكِيۡنَ مَا تَدۡعُوۡهُمۡ اِلَيۡهِ ؕ اَللّٰهُ يَجۡتَبِىۡۤ اِلَيۡهِ مَنۡ يَّشَآءُ وَيَهۡدِىۡۤ اِلَيۡهِ مَنۡ يُّنِيۡبُ. [3]

ترجمو: ”اوهان لاءِ اهو دين مقرر ڪيائين جنهن (جي قائم ڪرڻ) جو نوح کي حڪم ڪيو هوائين ۽ جيڪو تو ڏانهن بہ وحي ڪيوسين ۽ اهو جنهن (جي قائم ڪرڻ) جو ابراهيم ۽ موسىٰ ۽ عيسي کي حڪم ڪيوسون تہ دين قائم ڪريو ۽ منجهس ڌار ڌار نہ ٿيو، مشرڪن کي اها (ڳالهہ) ڏکي لڳي جنهن ڏانهن کين سڏيندو آهين، الله جنهن کي گهري (تنهن کي) پاڻ ڏانهن چونڊيندو آهي.“

---

1. سورة آل عمران : 68
2. وديارٿي، عبدالحق، ”ميثاق النبيين“ (اردو)، دارالاشاعت ڪتب اسلاميہ، 17 ـ مولانا آزاد روڊ، جيڪب سرڪل، بمبئي 11، ص 338 ـ 339
3. سورة الشوري: 13

هتي مثال لاءِ جن پيغمبرن جو انتخاب ڪيو ويو اهي دنيا جا سڀ کان وڏي ۾ وڏا پيغمبر ٿي چڪا آهن. هنن کي اولوالعزم پيغمبر چيو ويندو آهي. جيئن ته هي سڀ خداءِ واحد جي طرفان مقرر ٿيل ۽ موڪليل هئا تنهنڪري هنن سڀني جي تعليمات ۾ ساڳي رهي آهي ۽ انهن سڀني جي تعليمات جو نچوڙ اهو هو ته هن جهان ۾ صرف اڪيلي الله جي عبادت ڪئي وڃي. سورة الانبياء ۾ آهي ته:

وَ مَآ اَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ مِنْ رَّسُوْلٍ اِلَّا نُوْحِیْٓ اِلَیْهِ اَنَّهٗ لَآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنَا فَاعْبُدُوْنِ [1]

ترجمو: ”۽ تو کان اڳ جيڪو (به) پيغمبر موڪليوسون تنهن ڏانهن هي ئي وحي ڪيوسون ته مون کانسواءِ ڪو عبادت جي لائق نه آهي تنهنڪري منهنجي عبادت ڪريو.“

پر هي به حقيقت آهي ته انهن کي الڳ الڳ شريعتون ڏنيون ويون. سورة المائده ۾ آهي ته:

وَ اَنْزَلْنَآ اِلَیْكَ الْكِتٰبَ بِالْحَقِّ مُصَدِّقًا لِّمَا بَیْنَ یَدَیْهِ مِنَ الْكِتٰبِ وَ مُهَیْمِنًا عَلَیْهِ فَاحْكُمْ بَیْنَهُمْ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ وَ لَا تَتَّبِعْ اَهْوَآءَهُمْ عَمَّا جَآءَكَ مِنَ الْحَقِّ ؕ لِكُلٍّ جَعَلْنَا مِنْكُمْ شِرْعَةً وَّ مِنْهَاجًا ؕ وَ لَوْ شَآءَ اللّٰهُ لَجَعَلَكُمْ اُمَّةً وَّاحِدَةً وَّ لٰكِنْ لِّیَبْلُوَكُمْ فِیْ مَآ اٰتٰىكُمْ فَاسْتَبِقُوا الْخَیْرٰتِ ؕ اِلَى اللّٰهِ مَرْجِعُكُمْ جَمِیْعًا فَیُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ فِیْهِ تَخْتَلِفُوْنَ [2]

ترجمو: ”۽ (اي پيغمبر) توڏانهن سچائي سان ڪتاب لاٿوسون جيڪي ڪتاب کانئس اڳ آهن تن جو سچو ڪندڙ ۽ مٿن نگهبان آهي تنهنڪري جيڪي الله لاٿو آهي تنهن موجب سندن وچ ۾ حڪم ڪر ۽ جيڪو حق تووٽ آيو آهي تنهن کان مڙي سندن سڌن جي تابعداري نه ڪر، **اوهان مان هر ڪنهن ٽوليءَ لاءِ شريعت ۽ (هڪ سنئين) واٽ مقرر ڪئي سون ۽ جيڪڏهن الله گهري ها ته** اوهان مڙني کي هڪ ٽولي ڪري ها. پر (گهريائين) ته جيڪي اوهان کي ڏنائين تنهن ۾ اوهان کي پرکي. تنهن ڪري چڱائي ڏانهن اڳرائي ڪريو. اوهان مڙني جو الله ڏانهن موٽڻ آهي. پوءِ جنهن (ڳالهه) بابت اوهين تڪرار ڪندڙ هيئو تنهنجي فيصلي جي اوهان کي خبر ڏيندو.“

قرآن جي هنن آيتن جي تشريح هڪ حديث ڪري ٿي جنهن ۾ چيو ويو آهي ته سڀ نبي پاڻ ۾ ڀائر آهن پر هي ته سڀني کي دستور مختلف ڏنو ويو آهي. صحيح بخاري ۾ اها حديث شريف هن ريت آهي:

حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ سِنَانٍ، حَدَّثَنَا فُلَيْحُ بْنُ سُلَيْمَانَ، حَدَّثَنَا هِلاَلُ بْنُ عَلِيٍّ، عَنْ عَبْدِ الرَّحْمَنِ بْنِ أَبِي عَمْرَةَ، عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ، قَالَ: قَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: «أَنَا أَوْلَى النَّاسِ بِعِيسَى ابْنِ مَرْيَمَ فِي الدُّنْيَا وَالآخِرَةِ، وَالأَنْبِيَاءُ إِخْوَةٌ لِعَلاَّتٍ، أُمَّهَاتُهُمْ شَتَّى وَدِينُهُمْ وَاحِدٌ» [3]

---

1. سورة الانبياء: 25
2. سورة المائده: 48
3. (i) المڪتبة الشاملة، جلد 4، ص 167، حديث نمبر 3443
(ii) وحيد الزمان، علامه، ”تيسيرالباري ترجمه و شرح صحيح بخاري“ (اردو)، تاج ڪمپني لميٽيڊ، ڪراچي - لاهور - راولپنڊي، جلد چهارم، ص 502

ترجمو: ”اسان سان محمد بن سنان بيان ڪيو، اسان سان فليح بن سليمان بيان ڪيو، اسان سان هلال بن علي، هن عبدالرحمان بن عمره کان ٻڌو، هن ابوهريره کان ته چيائين ته: رسول الله صلي الله عليه وسلم فرمايو ته:

”مان عيسي (عليه السلام) بن مريم (عليه السلام) کي دنيا ۽ آخرت ۾ سيني ماڻهن کان وڌيڪ نزديڪ آهيان ۽ سيئي پيغمبر پاڻ ۾ ماٽيلا ڀائر آهن. هنن جون مائرون جدا جدا آهن پر هنن جو دين واحد (يعني ساڳيوئي) آهي.“

مطلب ته سيني نبين جو دين ساڳيو آهي. جيڪو انهيءَ دين تي آهي اهو هنن جو آهي ۽ جيڪو انهي دين کان ڦريل آهي اهو هنن منجهان نه آهي. اهو ئي سبب آهي جو جڏهن نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي چاچي ابو لهب سندن مخالفت ڪئي ۽ نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم کي حد درجي جو ڏک ۽ تڪليف پهچايائين ته خود الله تبارڪ وتعالي پنهنجي ناراضگيءَ جو اظهار قرآن شريف ۾ هن ريت فرمايو ته:

تَبَّتْ يَدَآ اَبِيْ لَهَبٍ وَّتَبَّ ۭ. مَآ اَغْنٰى عَنْهُ مَالُهٗ وَمَا كَسَبَ ۭ. سَيَصْلٰى نَارًا ذَاتَ لَهَبٍ ښ. وَّامْرَاَتُهٗ ۭ حَمَّالَةَ الْحَطَبِ ښ. فِيْ جِيْدِهَا حَبْلٌ مِّنْ مَّسَدٍ.[1]

ترجمو: ”ابولهب جا هٿ ڀڳا ۽ (پاڻ به) هلاڪ ٿيو. سندس مال ۽ جيڪي ڪمايائين تنهن ڪانئس (الله جو عذاب) نه ٽاريو. جيئي واري باهه ۾ سگهو پوندو ۽ سندس زال به، جا ڪاٺين (جي) لڏ ڪڻندڙ آهي. جنهن جي ڳچيءَ ۾ ڪاٻر جو نوڙ پيل آهي.“

يعني رشتن جو بنياد به طريقت تي آهي. جيڪو طريقت تي نه آهي ته انهيءَ سان ڪنهن به نبيءَ جو ڪوبه رشتو، ڪوبه تعلق نه آهي. پوءِ اهو ڪٿي گهر جو ڀاتي ڇو نه هجي. اهوئي سبب آهي جڏهن حضرت نوح عه الله تعالي کان پنهنجي پٽ بابت دعا گهري ته الله تعالي کيس فرمايو ته هو تنهنجي اهلبيت مان نه آهي. قرآن شريف ۾ اها ڳالهه هن ريت بيان ٿيل آهي:

وَنَادٰى نُوْحٌ رَّبَّهٗ فَقَالَ رَبِّ اِنَّ ابْنِيْ مِنْ اَهْلِيْ وَاِنَّ وَعْدَكَ الْحَقُّ وَاَنْتَ اَحْكَمُ الْحٰكِمِيْنَ. قَالَ يٰنُوْحُ اِنَّهٗ لَيْسَ مِنْ اَهْلِكَ ښ اِنَّهٗ عَمَلٌ غَيْرُ صَالِحٍ ڰ فَلَا تَسْـَٔلْنِ مَا لَيْسَ لَكَ بِهٖ عِلْمٌ ۭ اِنِّىْٓ اَعِظُكَ اَنْ تَكُوْنَ مِنَ الْجٰهِلِيْنَ.[2]

ترجمو: ”۽ نوح پنهنجي پالڻهار کي سڏيو ۽ چيائين ته اي منهنجا پالڻهار منهنجو پٽ (به) منهنجي گهروارن مان آهي ۽ بيشڪ تنهنجو انجام بلڪل سچو آهي ۽ تون حاڪمن جو حاڪم آهين. (الله) فرمايو ته اي نوح اهو تنهنجي گهروارن مان نه آهي، ڇو ته اڻ سڌريل ڪمن وارو

---

1. سورة لهب: 1 ـ 5
2. سورة هود: 45 ـ 46

آهي. تنهنڪري، جنهنجي توکي خبر نہ آهي تنهن بابت مون کان نہ پڇ. آءٌ توکي نصيحت ٿو ڪريان متان جاهلن مان ٿين.“

يعني جيڪڏهن عمل هڪجهڙا نہ آهن تہ پٽ بہ پٽ نہ ٿو رهي. يا گهر جو ڀاتي نہ ٿو رهي. حضرت نوح عہ بہ اها ڳالهہ فورا تسليم ڪئي ۽ فرمايائين تہ:

قَالَ رَبِّ اِنِّيْٓ اَعُوْذُبِكَ اَنْ اَسْـَٔلَكَ مَا لَيْسَ لِيْ بِهٖ عِلْمٌ ۭ وَاِلَّا تَغْفِرْ لِيْ وَتَرْحَمْنِيْٓ اَكُنْ مِّنَ الْخٰسِرِيْنَ [1]

ترجمو: ”(نوح) چيو تہ اي منهنجا پالڻهار جنهن (ڳالهہ جي حقيقت) جي مون کي خبر نہ آهي تنهن بابت تو کان پڇڻ جي آءٌ تو وٽان پناهہ گهران ٿو. جي تون نہ بخشيندين ۽ رحم نہ ڪندين تہ ڇيئي وران مان ٿيندس.“

الله تبارڪ وتعالي فرمايو:

قِيْلَ يٰنُوْحُ اهْبِطْ بِسَلٰمٍ مِّنَّا وَبَرَكٰتٍ عَلَيْكَ وَعَلٰٓي اُمَمٍ مِّمَّنْ مَّعَكَ ۭ وَاُمَمٌ سَنُمَتِّعُهُمْ ثُمَّ يَمَسُّهُمْ مِّنَّا عَذَابٌ اَلِيْمٌ. [2]

ترجمو: ”چيو ويو تہ اي نوح اسان جي طرف کان سلامتي ۽ برڪتن سان لهہ جي توتي هجن ۽ انهن ٽولين تي (بہ) جيڪي توساڻ آهن ۽ (ٻيون ڪي) جماعتون هونديون جن کي آسودو ڪنداسون. وري انهن (مان ڪافرن) کي اسان وٽان ڏکوئيندڙ عذاب پهچندو.“

هن وقت زمين تي رهندڙ اسان سڀ انسان انهيءَ حضرت نوح عہ ۽ ان سان گڏ بچي ويندڙ ايمان وارن جي اولاد آهيون. پر هاڻي جيڪو حضرت نوح عہ جي فرمانن مطابق الله جي حڪم جي پيروي ڪندو تہ اهو حضرت نوح عہ جو سڏبو ۽ جيڪو حضرت نوح عہ جي تعليمات جي خلاف ڪم ڪندو تہ اهو ضرور ڌڪاريو ويندو. انهيءَ ڪري، حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم حضرت موسيٰ کي پنهنجو ڀاءُ سڏيندا هئا. ڇو تہ ٻئي الله جي حڪمن جي صحيح نموني تابعداري ڪندا هئا.

مسلمانن جي مديني هجرت ڪرڻ کان پوءِ حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم مهاجرن ۽ انصارن جي وچ ۾ رشتہءِ اخوت جو عملي طور تي اظهار ڪرايو. جنهن ۾ بنا ڪنهن رنگ، نسل، قوم جي امتياز جي صرف مسلمان هجڻ جي شرط سان ڀائپيءَ جو رشتو ڳنڍيو ويو. هن جا تفصيلات پنهنجي جاءِ تي هجرت کان بعد واري واقعات ۾ پيش ڪنداسين.

هنن سيني ڳالهين مان ثابت ٿيو تہ ڀاءُ صرف سڳي ڀاءُ کي نہ ٿو سڏجي سگهجي. جيڪڏهن اهڙو حساب ڪتاب ڪبو تہ لاوي بہ پنهنجي لاوي جو ڀاءُ نہ رهندو، بني اسرائيل جو ڀاءُ ٿيڻ تہ نهيو.

---

1. سورة هود: 47

2. سورة هود: 48

ڀائرن ۾ مٽ، مائٽ، عزيز، رشتيدار، ڪنهن قوم جي يا ڪنهن قبيلي جي تعلق يا مسلڪ، مذهب جي بنياد تي به ڀاءُ سڏجي سگهجن ٿا. يعني وڌائڻ چاهيندو ته وڌي ويندو. پر جيڪڏهن عيسائين وانگر ڪٽائڻ چاهيندو ته اهو ڀاءُ وارو رشتو صرف سڳي ڀاءُ تائين محدود ٿي ويندو.

هتي اسان بائيبل جي انهي ڪتاب استثنا جي باب 18 کان ئي مثال پيش ڪنداسين جنهن ۾ لاوي کي لاوي جو ڀاءُ سڏيو ويو آهي، سموري بني اسرائيل جو ڀاءُ نه سڏيو ويو آهي.

آيتون هن ريت آهن:

”۽ ساري اسرائيل ۾ جيڪي تنهنجا ڳوٺ آهن، تن مان جي ڪنهن ۾ به لاوي رهندو هجي ۽ جيڪڏهن اهو پنهنجيءَ دل جي پوري ارادي سان، انهيءَ جاءِ تي اچي، جا خداوند چونڊيندو ته هو پنهنجن سيني لاوي ڀائرن وانگر، جي اتي خداوند جي حضور ۾ حاضر هجن، خدواند پنهنجي خدا جي نالي خدمت ڪندو رهي.“[1]

جان گلڪرسٽ ايمانداري ايمانداري جي وڏي رٽ هڻي ٿو. پر هن جي پنهنجي ايمانداري اها آهي ته هو ساڳي باب ۾ آيت نمبر 1 ۽ 2 کان ته لفظ ڀائرن جو مثال پيش ڪري ٿو پر آيت نمبر 7 کي ڪائي وجي ٿو. ڇاڪاڻ جو اها آيت هن جا سڀ پول پڌرا ڪري ٿي.

هن آيت مان اسان کي هيٺيان نتيجا ملن ٿا:

(1) هي سمورو ڪلام الله تبارڪ وتعالي سان منسوب آهي. سو سمورو ڪلام الله تعالي طرفان آهي: حضرت موسیٰ ع جي پنهنجي زباني نه آهي.

(2) ”ساري اسرائيل ۾ جيڪي تنهنجا ڳوٺ آهن.“ مان مراد بني اسرائيل وارن جا سڀ ڳوٺ آهن. نه ڪ صرف لاوين جا ڳوٺ مراد آهن. لاوين کي هن ريت ظاهر ڪيو ويو آهي ته ”تن مان جي ڪنهن ۾ به لاوي رهندو هجي.“ يعني اهي ڳوٺ لاوين جا نه هئا ۽ انهن ۾ ڪنهن لاوي جو رهڻ ضروري به نه هو ۽ ڪن ڳوٺن ۾ ته ڪو لاوي نه به رهندو هوندو. يعني خطاب سيني بني اسرائيل وارن سان هو نه ڪ صرف لاوي قبيلي سان. انهي ڳالهه کي آيت نمبر 9 اجان به وڌيڪ چٽو ڪري ٿي.

”جڏهن تون انهيءَ ملڪ ۾ پهچين جو خداوند تنهنجو خدا توکي ڏئي ٿو، تڏهن تون انهن قومن وانگر مڪروه ڪم ڪرڻ متان سکين.“[2]

هتي قومن جو مثال ڏنو ويو آهي. جنهن مان به ظاهر ٿئي ٿو ته هي خطاب ٻين قبيلن جي مقابلي ۾ سموري بني اسرائيل قبيلي وارن سان آهي ۽ ان کان بعد وارن بيان ڪيل حڪمن کان به اسان جي ڳالهه جي

---

1. استثنا 18: 6 ـ 8
2. استثنا 18 : 9

تائيد ٿئي ٿي.

(3) لاوين کي لاوين جو ئي ياءُ سڏيو ويو آهي ۽ هن آيت ۾ بني اسرائيل جي باقي يارهن قبيلن جو ياءُ نہ سڏيو ويو آهي. هن مان اسان جي مراد اها نہ آهي تہ هو ڪو بني اسرائيل جي باقي يارهن قبيلن جو ياءُ سڏجڻ جي قابل نہ رهيو آهي. پر اسان جو مطلب هي آهي تہ هتي قرينو اهڙو آهي، جو لاوين کي لاوين جو ياءُ سڏيو ويو آهي. اهڙي ئي طرح استثنا 18:18 ۾ بني اسماعيل وارن کي بني اسرائيل وارن جو ياءُ سڏيو ويو آهي. چو تہ خطاب سموري بني اسرائيل قوم سان آهي نہ ڪ صرف لاوي سان، جهڙي طرح جان گلڪرسٽ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

جيڪڏهن هتي اهو چوڻ مقصود هجي ها تہ بني اسرائيل وارن مان بني اسرائيل وارن ڏانهن پيغمبر اٿاريو ويندو تہ چوڻ جو طريقو هي هجي ها تہ: ”توهان مان توهان ڏانهن پيغمبر اٿاريو ويندو.“ جيئن قرآن شريف ۾ عربن کي چيو ويو تہ توهان کان توهان ڏانهن رسولﷺ موڪليو ويو آهي. هيٺ اسان ڪجھ آيتون مثال طور پيش ڪري رهيا آهيون:

(1) كَمَآ اَرْسَلْنَا فِيْكُمْ رَسُوْلًا مِّنْكُمْ يَتْلُوْا عَلَيْكُمْ اٰيٰتِنَا وَيُزَكِّيْكُمْ وَيُعَلِّمُكُمُ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ وَيُعَلِّمُكُمْ مَّا لَمْ تَكُوْنُوْا تَعْلَمُوْنَ.[1]

ترجمو: ”جهڙي طرح اوهان تي نعمت پوري ڪئي سون (تهڙيءَ طرح) اوهان منهنجان پيغمبر اوهان ۾ موڪليو سون جو اسان جون آيتون اوهان تي پڙهندو آهي ۽ اوهان کي پاڪ ڪندو آهي ۽ اوهان کي ڪتاب ۽ حڪمت سيکاريندو آهي.“

(2) لَقَدْ مَنَّ اللّٰهُ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ اِذْ بَعَثَ فِيْهِمْ رَسُوْلًا مِّنْ اَنْفُسِهِمْ يَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِهٖ وَ يُزَكِّيْهِمْ وَ يُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ ۚ وَاِنْ كَانُوْا مِنْ قَبْلُ لَفِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ.[2]

ترجمو: ”بيشڪ الله مومنن تي وڏو احسان ڪيو آهي جڏهن تہ انهن ۾ سندن قوم مان پيغمبر موڪليائين جو ڪين سندس آيتون پڙهي ٻڌائيندو آهي ۽ ڪين پاڪ ڪندو آهي ۽ ڪين ڪتاب ۽ دانائي سيکاريندو آهي ۽ بيشڪ هن کان اڳ پڌري ڀل ۾ (ڀليل) هوا.“

(3) هُوَ الَّذِيْ بَعَثَ فِي الْاُمِّيّٖنَ رَسُوْلًا مِّنْهُمْ يَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِهٖ وَيُزَكِّيْهِمْ وَيُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ وَ اِنْ كَانُوْا مِنْ قَبْلُ لَفِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ۙ.[3]

ترجمو: ”(اللّٰه) اهو آهي جنهن اڻ پڙهلين ۾ انهن (جي قوم) مان هڪ پيغمبر پيدا ڪيو جو وٽن سندس آيتون پڙهندو آهي ۽ ڪين پاڪ ڪندو آهي ۽ ڪين ڪتاب ۽ دانائي سيکاريندو آهي ۽ بيشڪ اهي (هن

1 سورة البقره : 151

2. سورة آل عمران : 164

3. سورة الجمعہ : 2

ڪان) اڳ پڌري گمراهي ۾ هئا. “
حضرت ابراهيم عہ بہ ڪعبتہ الله جي بنيادن کڻڻ وقت اهڙي ئي دعا گهري هئي. تنهنڪري، حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم کي ”دعاءِ خليل“ بہ سڏيندا آهن.
اها هڪ ڏکي دعا آهي جيڪا پنهنجي جاءِ تي پيش ڪئي ويندي. هتي اسان صرف دعا جو اهو حصو بيان ڪنداسين جيڪو اسان کي اسان جو مطلب ظاهر ڪرڻ ۾ مدد ڪري رهيو آهي.

(4) رَبَّنَا وَابْعَثْ فِيهِمْ رَسُولًا مِّنْهُمْ يَتْلُوا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِكَ وَيُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ وَيُزَكِّيهِمْ ۭ اِنَّكَ اَنْتَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ.[1]

ترجمو: ”اي اسان جا پالڻهار انهن مان هڪ پيغمبر انهن ۾ موڪل جو تنهنجون آيتون مٿن پڙهي ۽ کين ڪتاب ۽ حڪمت سيکاري ۽ کين سڌاري، ڇو تہ تون ئي غالب حڪمت وارو آهين.“

اَكَانَ لِلنَّاسِ عَجَبًا اَنْ اَوْحَيْنَآ اِلٰى رَجُلٍ مِّنْهُمْ اَنْ اَنْذِرِ النَّاسَ وَبَشِّرِ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَنَّ لَهُمْ قَدَمَ صِدْقٍ عِنْدَ رَبِّهِمْ، قَالَ الْكٰفِرُوْنَ اِنَّ هٰذَا لَسٰحِرٌ مُّبِيْنٌ.[2]

ترجمو: ”ڇا ماڻهن لاءِ اها عجب جهڙي ڳالهہ ٿي پئي آهي تہ اسان خود منجهائن ئي هڪڙي ماڻهوءَ ڏانهن وحي موڪليو آهي تہ (غفلت ۾ پيل) ماڻهن کي خبردار ڪري ۽ جيڪي مڃين تن کي خوشخبري ڏئي ڇڏي تہ انهن لاءِ سندن رب وٽ سچي عزت ۽ وڏو مان آهي؟ (انهيءَ تي ئي) منڪرن چيو تہ هيءُ شخص تہ پڌرو جادوگر آهي.“

هنن سيني آيتن ۾ لفظ ”انهن مان“ ۽ ”انهن ۾“ استعمال ٿيل آهي. جيڪڏهن استثنا 18:18 ۾ بہ الله تعالي جو مقصود بني اسرائيل وارن ڏانهن بني اسرائيل مان پيغمبر موڪلڻ جو هجي ها تہ اتي بہ اهڙو ئي طريقو اختيار ڪيو وڃي ها ۽ لفظ ”انهن مان“ ”انهن ۾“ استعمال ڪيو وڃي ها. قوم عاد جي باري ۾ ارشاد آهي:

فَاَرْسَلْنَا فِيْهِمْ رَسُوْلًا مِّنْهُمْ اَنِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ۭ اَفَلَا تَتَّقُوْنَ.[3]

ترجمو: ”پوءِ منجهن هڪ پيغمبر انهن (جي قبيلي) مان موڪليو سون. (تنهن چين) تہ الله جي عبادت ڪريو. ان ڪان سواءِ اوهان جو ڪومعبود نہ آهي.“

هتي بہ لفظ ”انهن مان“ استعمال ڪيو ويو آهي، جيئن قاعدو آهي نہ ڪ انهن جي ڀائرن مان. آخر ۾ مان هي ڳالهہ چوندس تہ جيڪڏهن لفظ ”تنهنجي ڀائرن“ مان مراد بني اسرائيل کي تسليم ڪيو وڃي تہ پوءِ بني

---

1. سورة البقره : 129
2. سورة يونس: 2
3. سورة المومنون : 32

اسرائيل ۾ تہ حضرت موسیٰ عہ ۽ حضرت عيسیٰ عہ جي وچ ۾ تہ ڪيترائي نبي اچي چڪا آهن. پوءِ تہ حضرت موسیٰ عہ کان بعد حضرت يوشع عہ بن نون، حضرت دائود عہ، حضرت سليمان عہ، حضرت عزيرعہ، حضرت يرمياه عہ ۽ حضرت حزقيل عہ وغيره کي ڇڏي انهي جو مصداق حضرت عيسیٰ عہ کي قرار ڏيڻ تہ غلط آهي. بلڪ ڪنهن بہ صورت ۾ صحيح نہ آهي. هي جواب يقينا اهڙو جواب ثابت ٿيندو جو هر عيسائي لفظ ”تهنجي پائرن“ کي ڇڏي ايندڙ نبي بابت پيشنگوئي ۾ آيل ٻين صفتن ڏانهن پڇندو. اچو تہ اسان بہ هنن جي تعاقب ۾ ٻين صفتن ڏانهن هلون.

(ب) توجهڙو هڪ نبي اتاريندس

قرآن شريف ۾ آهي تہ:

اِنَّآ اَرْسَلْنَآ اِلَيْكُمْ رَسُوْلًا ۙ شَاهِدًا عَلَيْكُمْ كَمَآ اَرْسَلْنَآ اِلٰى فِرْعَوْنَ رَسُوْلًا.[1]

ترجمو: ”(اي ماڻهو) بيشڪ اسان اوهان ڏانهن هڪ پيغمبر اوهان تي شاهدي ڏيندڙ موڪليو. جهڙي طرح فرعون ڏانهن (موسیٰ) پيغمبر (ڪري) موڪليو سون.“

هن آيت ۾ الله تبارڪ و تعالي حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم کي مثل حضرت موسیٰ عہ طور پيش ڪري رهيو آهي. هڪ ٻي آيت جو بيان ڪجھ هن ريت آهي:

قَالُوْا يٰقَوْمَنَآ اِنَّا سَمِعْنَا كِتٰبًا اُنْزِلَ مِنْۢ بَعْدِ مُوْسٰى مُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ يَهْدِيْٓ اِلَى الْحَقِّ وَاِلٰى طَرِيْقٍ مُّسْتَقِيْمٍ.[2]

ترجمو: ”چيائون تہ اي اسان جي قوم بيشڪ اسان اهڙو ڪتاب ٻڌو جو موسیٰ کان پوءِ لاٿو ويو آهي. جو جيڪي ان کان اڳ (نازل ٿيل) هو تنهن کي سچو ڪندڙ آهي. سچي دين ڏانهن ۽ سڌي واٽ ڏانهن رستو ڏيکاري ٿو.“

هي هڪ جنن جي ٽولي هئي جيڪا حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي خدمت ۾ آئي ۽ تبليغ ۽ تعليم ٻڌي ڪري هي ٽولي جڏهن پنهنجي قوم ڏانهن موٽي تہ قرآن جي تعليمات کي حضرت موسیٰ عہ جي تعليمات جي مثل قرار ڏنائون.

الله تبارڪ وتعالي جو قرآن ۾ اهڙي طرح انهن جنن جي قول کي بيان ڪرڻ مان ثابت آهي تہ الله تعالي سندن قول جي تائيد ڪري ٿو. هڪ ٻي آيت ڪجھ هن ريت آهي:

قُلْ اَرَءَيْتُمْ اِنْ كَانَ مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ وَكَفَرْتُمْ بِهٖ وَشَهِدَ شَاهِدٌ مِّنْۢ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ عَلٰى مِثْلِهٖ فَاٰمَنَ وَ

---

1. سورة المزمل: 15
2. سورة الاحقاف: 30

اسْتَكْبَرْتُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِى الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ.[1]

ترجمو: ”(کين) چئو تہ ڏسو تہ سهي تہ جيڪڏهن (اهو قرآن) الله وٽان آيل آهي ۽ اوهين انکي نہ مڃيو ۽ بني اسرائيلن مان هڪ شاهد اهڙي (ڪتاب) تي شاهدي ڏني هجي پوءِ انهيءَ ايمان آندو ۽ اوهان (مڃڻ کان) وڏائي ڪئي. (تہ ضرور ظالم ٿيندو) بيشڪ الله ظالمن جي قوم کي سڌو رستو نہ ڏيکاريندو آهي.“

هي آيتون حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم ۽ سندن تعليمات کي حضرت موسیٰ عہ ۽ سندن تعليمات جي مثل قرار ڏئي رهيون آهن. اهڙي طرح اسان وٽ ڪيتريون ئي اهڙيون حديثون آهن جيڪي حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم کي مثل حضرت موسیٰ عہ قرار ڏئي رهيون آهن. صحيح مسلم ۾ هڪ حديث آهي تہ:

عَنْ عَامِرِ بْنِ سَعْدِ بْنِ أَبِي وَقَّاصٍ، عَنْ أَبِيهِ، قَالَ: قَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لِعَلِيٍّ: «أَنْتَ مِنِّي بِمَنْزِلَةِ هَارُونَ مِنْ مُوسَى، إِلَّا أَنَّهُ لَا نَبِيَّ بَعْدِي»

ترجمو: عامر بن سعد بن ابي وقاص پنهنجي پيءُ کان ٻڌو تہ رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم حضرت علي(عليہ السلام) کي فرمايو تہ:

”(يا علي عہ) اوهان جي نسبت (يا منزلت) مون سان اهڙي آهي، جهڙي هارون عہ جي موسیٰ عہ سان هئي سواءِ هن جي تہ مون کان بعد ڪونبي نہ آهي.“[2]

هتي نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم پاڻ کي مثل حضرت موسیٰ عہ قرار ڏين ٿا. سيرت ابن هشام ۾ آهي تہ:

”ابن اسحاق چون ٿا تہ مون وٽ سندن کان هي روايت پهتي آهي تہ حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم خيبر جي يهودين ڏانهن هن مضمون جو خط موڪليو:

1. سورة الاحقاف : 10

2. (i) النيشاپوري، القشيري، امام ابي الحسين مسلم بن حجاج بن مسلم، ”صحيح مسلم شريف“ مع شرح نووي (مختصر) (اردو)، مترجم: وحيدالزمان، علامہ، اسلامي ڪتب خانہ لاهور، ڪتاب الفضائل، جلد ششم، ص 89 - 90 (ii) المڪتبہ الشاملہ، صحيح مسلم، 43- كتاب الْفَضَائِلِ،4- بَابُ مِنْ فَضَائِلِ عَلِيِّ بْنِ أَبِي طَالِبٍ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ، جلد4، ص 1870، حديث نمبر2404،

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

هي خط آهي محمد رسول الله (صلي الله عليہ وآلہ وسلم) جي طرف کان جيڪي موسيٰ عہ جا صاحب ۽ ياءُ ۽ انهي ڪتاب جي تصديق ڪرڻ وارا آهن جيڪو موسيٰ عہ آندو هو. خبردار اي گروه توريت! توهان توريت ۾ لکيل ڏسو ٿا ۽ الله توهان کي فرمائي چڪو آهي:

مُحَمَّدٌ رَّسُوۡلُ اللّٰهِ ؕ وَ الَّذِيۡنَ مَعَهٗۤ اَشِدَّآءُ عَلَى الۡكُفَّارِ رُحَمَآءُ بَيۡنَهُمۡ تَرٰٮهُمۡ رُكَّعًا سُجَّدًا يَّبۡتَغُوۡنَ فَضۡلًا مِّنَ اللّٰهِ وَ رِضۡوَانًا ۫ سِيۡمَاهُمۡ فِىۡ وُجُوۡهِهِمۡ مِّنۡ اَثَرِ السُّجُوۡدِ ؕ ذٰ لِكَ مَثَلُهُمۡ فِى التَّوۡرٰٮةِ ۛۚ وَ مَثَلُهُمۡ فِى الۡاِنۡجِيۡلِ ۛۚ كَزَرۡعٍ اَخۡرَجَ شَطۡـَٔهٗ فَاٰزَرَهٗ فَاسۡتَغۡلَظَ فَاسۡتَوٰى عَلٰى سُوۡقِهٖ يُعۡجِبُ الزُّرَّاعَ لِيَـغِيۡظَ بِهِمُ الۡكُفَّارَ ؕ وَعَدَ اللّٰهُ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ مِنۡهُمۡ مَّغۡفِرَةً وَّاَجۡرًا عَظِيۡمًا .[1]

ترجمو: "محمد- الله جو موڪليل آهي ۽ جيڪي سندس سنگتي آهن سي ڪافرن تي ڏاڍا سخت آهن ۽ پاڻ ۾ مهربان آهن. ڪين رڪوع ڪندڙ سجدو ڪندڙ ڏسندو آهين. الله جو فضل ۽ رضامندي طلبيندا آهن. انهن جي نشاني سندس منهن ۾ سجدي جي اثر کان (پڌري) آهي. اها سندن وصف توريت ۾ آهي ۽ سندن وصف انجيل ۾ آهي. (اهي) انهي پوک وانگر آهن جنهن پنهنجو سلو ڪڍيو. پوءِ ان کي مضبوط ڪيائين پوءِ ٿلهو ٿيو. پوءِ پنهنجي سلي تي سڌي بيٺي جو ڪڙمين کي پئي وڻي (اسلامي غلبي جو بہ آخر اهڙو حال آهي) تانجو مؤمنن جي (ڏسڻ) ڪري ڪافرن کي ڪاوڙائي. جن ايمان آندو ۽ منجهائن چڱا ڪم ڪيا (تن کي) بخشش ۽ وڏي اجر جو الله انعام ڏنو آهي."

۽ بيشڪ مان توهان کي الله جو قسم ڏيان ٿو ۽ ان ڪتاب جي جيڪا هن توهان تي نازل ڪئي ۽ ان خدا جي جنهن توهان جي پهرين ماڻهن کي من ۽ سلوي کارايو ۽ انجو قسم ڏيان ٿو جنهن درياهہ کي خشڪ ڪري توهان کي فرعون کان نجات ڏياري، توهان مون کي هي ٻڌايو تہ توهان پنهنجي ڪتاب ۾ هي لکيل ڏسو ٿا يا نہ؟ تہ محمد تي ايمان آڻيو. جيڪڏهن توهان لکيل نہ ٿا ڏسو تہ پوءِ توهان تي ڪجهہ زبردستي نہ آهي. گمراهي کان هدايت واضح ٿي چڪي آهي ۽ مان توهان کي الله ۽ ان جي نبي ڏانهن سڏيان ٿو."[2]

قرآن، حديث ۽ تاريخ جي روايتن مان ثابت ٿيو تہ الله تبارڪ وتعالي حضرت محمد رسول اللّٰہ خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ

---

1. سورة الفتح: 29

2. الحميري، عبدالملک بن هشام بن ايوب، ابو محمد، "السيرة النبوية" (اردو)، مترجم: نظامي دهلوي، ياسين علي حسيني، سيد، اداره اسلاميات، لاهور-2، طباعت سوم: مئي 1994ع، جلد اول، ص 371

واصحابہ وسلم کي مثل موسیٰ عہ قرار ڏنو ۽ خود حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم بہ پاڻ کي موسیٰ عہ جو پاءُ سڏيو. بلڪ جنن بہ حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي تعليمات کي حضرت موسیٰ عہ جي تعليمات جي مثل قرار ڏنو.

هڪ مسلمان هجڻ جي حيثيت سان تہ اسان لاءِ مٿيون ڳالهيون ڪافي آهن. پر اڄڪلهہ جو زمانو انٽرنيٽ جو زمانو آهي. دنيا ڳنڍجي پئي آهي. فاصلا فرق نہ ٿا رکن. روزانہ عيسائين، هندن، ٻڌمت ۽ ٻين مذهب وارن سان سلام دعا ٿي وڃي ٿي ۽ انهن طرفان حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم تي هر وقت ناجائز بهتان تراشين ۽ الزامن جي ڀرمار رهندي آهي. هن موضوع تي بہ گرما گرم بحثون ٿينديون رهنديون آهن ۽ وڏي ڳالهہ تہ عيسائي حضرات دعويدار هوندا آهن تہ هي پيشنگوئي حضرت عيسیٰ عہ جي متعلق آهي. انهي ڪري، هو ننهن چوٽيءَ جو زور ڏيئي هن پيشنگوئي جي هر حصي کي حضرت عيسیٰ عہ جي متعلق ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. خصوصي طور اهڙن ماڻهن جي جواب لاءِ اسان پنهنجي موقف کي اجان بہ وڌيڪ تفصيل سان بيان ڪنداسين.

اسان کي خبر آهي تہ پيشنگوئيون مستقبل ۾ ٿيندڙ ڳالهين، واقعن جي لفظي تصوير هوندي آهي. حلانڪہ حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي باري ۾ تہ ان کان بہ وڌي ڪري باقاعدي سندن ذاتي نالا ٻڌايا ويا آهن. هيٺ اسان ڪجهہ نشانيون، علامتون بيان ڪنداسين، جن کي پڙهي ڪري توهان پاڻ ئي فيصلو ڏيندو تہ ها هي تصوير حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي آهي ۽ هي تصوير حضرت عيسیٰ عہ جي ٿي نہ ٿي سگهي ۽ هي سڀ ڳالهيون ثابت ڪنديون تہ حضرت موسیٰ عہ جي مثل صرف حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم کي ئي قرار ڏيئي سگهجي ٿو ۽ حضرت عيسیٰ عہ کي حضرت موسیٰ عہ جي مثل قرار نہ ٿو ڏيئي سگهجي.

(1) حضرت موسیٰ عہ کي ماءُ ۽ پيءُ هئا. اهڙيءَ طرح حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم کي بہ ماءُ ۽ پيءُ هئا. حضرت عيسیٰ عہ کي صرف ماءُ هئي پيءُ ڪونہ هو.

(2) حضرت موسیٰ عہ ۽ حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي پيدائش نارمل طريقي سان ٿي. فطرتي طور تي مرد ۽ عورت جي ميلاپ ذريعي. پر حضرت عيسیٰ عہ جي پيدائش معجزاتي نموني ٿي – بغير پيءَ جي. لوقا اسان کي ٻڌائي ٿو تہ جڏهن حضرت مريم سلام الله عليها کي مقدس پٽ جي ڄمڻ جي خوشخبري ڏني وئي تہ حضرت مريم سلام الله عليها سوال ڪيو تہ:

”اها ڳالهہ ڪيئن ٿيندي جو مون اجا مرد جو منهن ئي ڪونہ ڏٺو آهي. تنهن تي ملائڪ وراڻي ڏيئي چيس تہ پاڪ روح توتي نازل ٿيندو ۽ خدا تعالي جي قدرت توتي ڇانو ڪندي: تنهن ڪري اهو پاڪ جو ڄمندو سو خدا جو فرزند ڪوٺبو.“[1]

قرآن شريف بہ حضرت عيسىٰ ع جي معجزاتي پيدائش جي سهڻن ۽ عزت ڀرين لفظن سان تصديق ڪري ٿو:

قَالَتْ رَبِّ اَنّٰى يَكُوْنُ لِىْ وَلَدٌ وَّ لَمْ يَمْسَسْنِىْ بَشَرٌ ؕ قَالَ كَذٰلِكِ اللّٰهُ يَخْلُقُ مَا يَشَآءُ ؕ اِذَا قَضٰٓى اَمْرًا فَاِنَّمَا يَقُوْلُ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ[2]

ترجمو: ”چيائين تہ اي منهنجا پالڻهار مونکي ڪيئن وياءُ ٿيندو؟ جو مون کي (ڪنهين) ماڻهو نہ ڇهيو آهي. ملائڪن چيو تہ الله جيڪي گهرندو آهي سو اهڙي طرح پيدا ڪندو آهي. جڏهن ڪو ڪم ڪندو آهي تہ ان لاءِ چئو چوندو آهي تہ ”ٿيءُ“ تہ ٿي پوندو آهي.“

(3) حضرت موسىٰ ع ۽ حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم شاديون ڪيون ۽ کين اولاد ٿيو. حضرت عيسىٰ ع آخر تائين ڪنوارو رهيو.

(4) حضرت موسىٰ ع کي پنهنجي قوم قبول ڪيو. حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم کي بہ پنهنجي قوم قبول ڪيو. حالانڪ حضرت موسىٰ ع کي پنهنجي قوم وڏيون تڪليفون ڏنيون. عربن بہ حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم کي وڏيون اذيتون ڏنيون. پر آخرڪار عربن حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم کي الله جي پيغمبر طور قبول ڪيو. پر حضرت عيسىٰ ع کي پنهنجي قوم قبول نہ ڪيو. بائيبل مطابق:

”هو پنهنجن وٽ آيو ۽ پنهنجن کيس قبول نہ ڪيو.“[3]

۽ هن وقت تائين اٽڪل بہ هزار سال گذرڻ جي باوجود بہ هن جا پنهنجا يهودي هن کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن.

(5) حضرت موسىٰ ع ۽ حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم پيغمبر هجڻ سان گڏوگڏ بادشاهہ بہ هئا. يعني هڪ پيغمبر جي حيثيت ۾ الله جو پيغام ماڻهن تائين پهچائيندا هئا ۽ هڪ بادشاهہ جي حيثيت ۾ ماڻهن جي زندگي ۽ موت جا فيصلا (الله جي حڪمن مطابق) بہ ڪندا هئا. حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم ڪيترن ئي ماڻهن کي ڪوڙن جي سزا ڏني، ڪن جا چوري جي سزا ۾ هٿ وڍيا ۽ ڪن کي زنا جي ڏوهہ ۾ رجم ڪيو. حضرت موسىٰ ع بہ سبت جي ڏينهن ڪاٺيون ميڙڻ واري کي

1. لوقا 1: 34 ـ 35
2. سورة آل عمران : 47
3. يوحنا 1 : 11

سنگسار ڪرايو[1]. پر حضرت عيسىٰ ع کان جڏهن پلاطس پڇيو ته:
”تون يهودين جو بادشاهه آهين ڇا؟“
ته حضرت عيسىٰ ع جواب ڏنو ته:
”منهنجي بادشاهت هن دنيا جي نه آهي. جيڪڏهن منهنجي بادشاهي بادشاهت هن دنيا جي هجي ها ته هوند منهنجا نوڪر وڙهن ها. انهيءَ لاءِ ته آءٌ يهودين جي حوالي نه ڪيو وڃان. پر هاڻي منهنجي بادشاهت هتي جي نه آهي.“[2]

انهي ڳالهه جي ڪري پلاطس حضرت عيسىٰ ع کي ڪڏهن به حڪومت لاءِ خطرو نه سمجهيو. جان گلڪرسٽ (John GiLchrist) پنهنجي ڪتابچي (Is Muhammad Foretold in the Bible) ۾ لکي ٿو ته:

”بائيبل ٻڌائي ٿو ته هن عهد ۾ اسرائيلي قوم خدا جي خصوصي نظر ڪرم جي ڳڏيل محور جي حيثيت سان مڪمل طور تي عيسائي ڪليسا ۾ تبديل ٿي چڪي آهي. اهڙيءَ طرح، جيئن حضرت موسىٰ ع هن زمين تي پنهنجي زندگي ۾ قوم جي رهنمائي ڪئي. اهڙيءَ طرح، اڄڪلهه حضرت عيسىٰ ع مٿي آسمان کان خدا جي ڪليسا ۾ پنهنجي تخت تي وينو اڳواٽي ڪري رهيو آهي. تنهنڪري هن حساب سان هو سچ پچ حضرت موسىٰ ع جهڙو آهي.“[3]

جان گلڪرسٽ جو هي بيان ايترو ته بي سرو ۽ بي تڪو آهي جو هن جي مٿان ڪيترائي مقالا لکي سگهجن ٿا. پر هتي انهي جي گنجائش ڪانه آهي. اسان صرف هن جي عقل تي افسوس ئي ڪري سگهون ٿا. مان صرف ايترو پڇڻ چاهيندس ته هن وقت حضرت موسىٰ ع ۽ حضرت عيسىٰ ع ٻئي آسمان ۾ آهن ته ڇا جان گلڪرسٽ آسمان ۾ حضرت موسىٰ ع کي حضرت عيسي علي السلام سان گڏ هڪ تخت تي ويهاري سگهي ٿو؟ ڇا خدا (يعني نعوذ باالله من ذالڪ جيئن هو حضرت عيسيٰ ع کي سمجهي رهيا آهن) ۽ انسان يعني حضرت موسىٰ ع (هنن جي مطابق) هڪ تي سگهن ٿا؟ ۽ گڏجي هڪ تخت تي ويهي هڪ جهڙا اختيارات استعمال ڪري سگهن ٿا؟

جان گلڪرسٽ ته حضرت عيسىٰ ع کي نه هن دنيا ۾ حضرت موسىٰ ع جهڙو ثابت ڪري سگهيو ۽ نه آسماني دنيا ۾ ۽ جهڙو هنن جو نظريو حضرت عيسىٰ ع بابت آهي ته انهيءَ حساب سان ته هو قيامت تائين ثابت نه ٿو ڪري سگهي.

(6) حضرت موسىٰ ع ۽ حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين

---

1. ڳاٿاٿو 15: 36
2. يوحنا 18: 36
3. گلڪرسٽ، جان، ”از محمد فورٽولڊ ان دي بائيبل؟“، ص 8 (انٽرنيٽ)

صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم پنهنجي قوم لاءِ نوان قانون ۽ قائدا آندا. حضرت موسىٰ ع نہ صرف ڏهہ حڪم آندا،[1] پر ان ڪان علاوه بہ شريعت جا ڪيترائي قانون ۽ قائدا پنهنجي قوم ڪي ڏنائين. حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي قوم بہ بگڙيل هئي. بت پرستي، زنا، جوا، شراب ۽ خونريزي وغيره هنن جي رڳ رڳ ۾ سمايل هئي. حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم انهن سڀني براين جي خلاف نوان قانون ۽ قائدا قوم ڪي ڏنا ۽ ان ڪان علاوه زڪوات، خيرات، صدقات، خمس ۽ حج وغيره بابت الهي احڪام پهچايا. پر حضرت عيسىٰ ع شريعت جي پراڻن حڪم ڪي ختم ڪرڻ ڪونہ آيو هو بلڪہ پراڻن حڪمن جو پورائو ڪرڻ ئي آيو هو. هن جي پنهنجي زباني آهي تہ:

"ائين نہ پانئيو تہ آئون توريت يا نبين جي لکت ڪي منسوخ ڪرڻ لاءِ آيو آهيان. آئون منسوخ ڪرڻ لاءِ نہ، پر پوري ڪرڻ لاءِ آيو آهيان. ڇالاءِ جو آئون اوهان ڪي سچ ٿو چوان تہ جيسين آسمان ۽ زمين ٽري نہ وڃن، تيسين توريت جي سڀني ڳالهين پورين ٿيڻ ڪان سواءِ، انهن مان ڪنهن بہ طرح هڪڙي زبر يا هڪڙو نڪتو بہ ٽري نہ ويندو."[2]

حضرت عيسىٰ ع پنهنجي وقت ۾ حضرت موسىٰ ع جي آندل شريعت مطابق نماز پڙهندو، روزا رکندو ۽ سبت جي ڏينهن جو احترام ڪندو هو. اهو ئي سبب هو جو يهودي پنهنجي پوري مخالفت جي باوجود هن ڪي ڪڏهن الزام نہ ڏيئي سگهيا تہ ڪو هو شريعت جا ڪم انجام نہ ٿو ڏئي.

اهڙيءَ طرح حضرت عيسىٰ ع حضرت موسىٰ ع جي شريعت ڪي مڪمل ڪرڻ آيو هو ۽ اهڙي طرح ئي هو آئيندي بہ حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي شريعت ڪي مڪمل ڪرڻ لاءِ ايندو، نہ ڪہ پنهنجي ڪا شريعت آڻيندو.

اهائي ڳالهہ حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم فرمائي ٿو تہ:

"ان وقت توهان جو ڇا حال هوندو جڏهن ابن مريم توهان جي درميان هوندو ۽ توهان جو امام توهان منجهان ئي هوندو."(مسلم، بيهقي عن ابي هريره)[3]

هڪ روايت ۾ آهي تہ: "جڏهن حضرت عيسىٰ ع ايندو تہ نماز جي وقت حضرت امام مهدي عليہ اسلام حضرت عيسىٰ ع ڪي فرمائيندا تہ

---

1. خروج 20 : 1 ـ 18
2. متي 5 : 17 ـ 18
3. هندي برهانپوري، علاءُالدين علي متقي بن حسام الدين، "ڪنزالعمال في سنن الاقوال و افعال"(اردو ترجمہ)، دارالاشاعت، ڪراچي، طباعت: سيپٽمبر 2009ع، جلد7، حصہ چهاردهم، ص 465 حديث نمبر 38840 ۽ ص 466 حديث نمبر38845

توهان نماز پڙهايو. پر حضرت عيسىٰ ع کين فرمائيندو ته نه، بلڪ هن امت کي اهڙي عزت بخشي وئي آهي جو اوهان هڪٻئي جا امير آهيو.“(مسند احمد، مسلم عن جابر).[1]

يعني اوهان نماز پڙهايو. اهڙيءَ ريت حضرت عيسىٰ ع حضرت امام مهدي ع جي پيشوائي ۾ نماز پڙهندو ۽ حضرت عيسىٰ ع حضرت محمد ص جي آندل شريعت جي نفاذ ۾ حضرت امام مهدي ع جي مدد ڪندو.

(7) حضرت موسىٰ ع جنگون ۽ جهاد ڪيو. جيئن ڪتاب الخروج ۾ آهي:

”پوءِ عماليقي آيا ۽ رفيديم ۾ بني اسرائيل سان جنگ ڪيائون... تا آخر.“[2]

حضور صلي الله عليه وآله وسلم کي به الله تعالي طرفان جهاد جو حڪم ٿيو. قرآن شريف ۾ ڪيتريون آيتون جهاد ۽ ان جي احڪامات بابت آهن. مثال طور:

وَقَاتِلُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ.[3]

ترجمو: ”۽ الله جي راهه ۾ جهاد ڪريو ۽ ڄاڻي ڇڏيو ته بيشڪ الله ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي.“[4]

وَقٰتِلُوْهُمْ حَتّٰى لَا تَكُوْنَ فِتْنَةٌ وَّيَكُوْنَ الدِّيْنُ لِلّٰهِ ۭ[5]

ترجمو: ”۽ انهن سان الله جي راهه ۾ جهاد ڪريو ايستائين جوفتنو ختم ٿي وڃي ۽ دين الله لاءِ ٿي وڃي (يعني پوري ڌرتي تي فقط الله جو دين غالب ٿئي).“[6]

پر اسان ڏسون ٿا ته حضرت عيسىٰ ع جي سموري زندگي جهاد ۽ ان جي ڳالهين کان پري رهي آهي.

(8) حضرت موسىٰ ع الله جا بندا ۽ الله جا رسول ع هئا. اهڙيءَ طرح حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليه وعلي آله واصحابه وسلم به الله جا بندا ۽ الله جا رسول ص هئا. جيئن اسان جي شهادت واري ڪلمي ۾ به آهي ته: أَشْهَدُ أَنْ لَا إِلَهَ إِلَّا اللهُ وَحْدَهُ لَا شَرِيكَ لَهُ، وَأَشْهَدُ أَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهُ وَرَسُولُهُ.

ترجمو: ”مان شهادت ڏيان ٿو ته ڪوبه معبود نه آهي سواءِ الله جي

---

1. هندي، برهانپروري، علاءُ الدين علي متقي بن...... جلد 7، حصہ چهاردهم.
2. خروج 17 : 8 - 16
3. سورة البقره : 244
4. ترجمو: بخاري، گل محمد شاهه، سيد، سيرت النبي صلي الله عليه وسلم (قرآن جي آئيني ۾)، مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور، ڇاپو پنجون: اپريل 2013ع، ص212
5. سورة البقره : 193
6. ترجمو: بخاري، گل محمد شاهه، سيد، سيرت النبي صلي الله عليه وسلم (قرآن جي آئيني ۾)، مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور، ڇاپو پنجون: اپريل 2013ع، ص212

جيڪو اڪيلو ۽ لاشريڪ آهي ۽ شهادت ڏيان ٿو تہ بيشڪ محمد سندن ٻانها ۽ ان جا رسول آهن.”

جڏهن تہ حضرت عيسىٰ ؑ عيسائين جي خيال ۾ معاذالله خدا هئا.

(9) حضرت موسىٰ ؑ ڪوهہ طور تي الله سان همڪلام ٿيو:

”۽ خداوند سينا جبل جي چوٽيءَ تي نازل ٿيو ۽ خداوند موسىٰ کي جبل جي چوٽيءَ تي سڏيو ۽ موسىٰ مٿي چڙهي ويو.“[1]

اهڙيءَ طرح الله تبارڪ وتعالي حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم کي معراج تي (آسمان تي) گهرائي ساڻس همڪلام ٿيو. جيئن قرآن شريف ۾ آهي:

سُبْحٰنَ الَّذِيْٓ اَسْرٰى بِعَبْدِهٖ لَيْلًا مِّنَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ اِلَى الْمَسْجِدِ الْاَقْصَا الَّذِيْ بٰرَكْنَا حَوْلَهٗ لِنُرِيَهٗ مِنْ اٰيٰتِنَا ۭ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيْعُ الْبَصِيْرُ.[2]

ترجمو: ”اهو (الله) پاڪ آهي جنهن پنهنجي ٻانهي محمد (صلي الله عليہ وآلہ وسلم) کي هڪڙي رات (جي اندر) تعظيم واري مسجد مان انهيءَ مسجد اقصي تائين جنهن جي چوڌاري برڪت رکي سون هن لاءِ سير ڪرايو تہ کيس پنهنجون نشانيون ڏيکاريون. بيشڪ اهوئي ٻڌندڙ ۽ ڏسندڙ آهي.“

پر حضرت عيسىٰ ؑ جي تاريخ ۾ اسان کي اهڙو ڪوبہ واقعو نہ ٿو ملي.

(10) حضرت موسىٰ ؑ پنهنجي تبليغ جي شروعات 40 سالن جي عمر ۾ شروع ڪئي. حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم چاليهن سالن کان بعد پنهنجي نبوت جو اعلان فرمايو. جڏهن تہ حضرت عيسىٰ ؑ تہ چاليهن سالن جي عمر کي ئي نہ پهتا. انهن پنهنجي نبوت جو اعلان 30 سالن جي عمر ۾ ڪيو ۽ تقريبا 33 سالن جي عمر ۾ آسمان تي کڄجي ويا.

(11)حضرت موسىٰ ؑ ڌنارڪو ڪم ڪيو. ڪتاب الخروج ۾ آهي تہ:

”هاڻي موسىٰ پنهنجي سهري يترو جا ڌڻ چاريندو هو ، جو مديان جو ڪاهن هو: ۽ هو ڌڻ کي بيابان جي پرئين پاسي وٺي ويو ۽ خدا جي جبل حورب وٽ آيو.“[3]

اهڙي طرح حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم بہ ٻڪريون چاريندا هئا. ننڍپڻ ۾ هو پنهنجي ٿڃ شريڪ ڀائرن سان حضرت بيبي حليمہ سعديہ رضہ جون ٻڪريون چارڻ ويندا هئا. جڏهن اتان واپس آيا تہ مڪي ۾ بہ ٻڪريون چاريندا هئا. جيئن پاڻ فرمائين ٿا تہ:

”اسان قراريط جي عيوض اهل مڪہ جون ٻڪريون چاريندا هئاسين.“

---

1. خروج 19: 20
2. سورة بني اسرائيل: 1
3. خروج 3: 1

حَدَّثَنَا أَحْمَدُ بْنُ مُحَمَّدٍ المَكِّيُّ، حَدَّثَنَا عَمْرُو بْنُ يَحْيَى، عَنْ جَدِّهِ، عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ، عَنِ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ: «مَا بَعَثَ اللهُ نَبِيًّا إِلَّا رَعَى الغَنَمَ»، فَقَالَ أَصْحَابُهُ: وَأَنْتَ ﷺ فَقَالَ: «نَعَمْ، كُنْتُ أَرْعَاهَا عَلَى قَرَارِيطَ لِأَهْلِ مَكَّةَ»[1]

جڏهن ته حضرت عيسىٰ ع جي پوري زندگي ۾ اهڙو ڪو واقعو نظر نه ٿو اچي.

(12) حضرت موسىٰ ع اڻ پڙهيل هئا. اهڙيءَ طرح حضرت محمد ﷺ جو هڪ لقب ئي ”امي“ يعني (اڻ پڙهيل) آهي. قرآن شريف آهي ته:

(i) اَلَّذِيْنَ يَتَّبِعُوْنَ الرَّسُوْلَ النَّبِيَّ الْاُمِّيَّ الَّذِيْ يَجِدُوْنَهٗ مَكْتُوْبًا عِنْدَهُمْ فِي التَّوْرٰىةِ وَ الْاِنْجِيْلِ[2]

ترجمو: ”(۽ پڻ آخرت جي رحمت انهن لاءِ لکندس) جيڪي انهي نبي امي پيغمبر جي تابعداري ڪندا آهن جنهن جون وصفون توريت ۽ انجيل ۾ پاڻ وٽ لکيلون لهندا آهن.“

(ii) فَاٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَ رَسُوْلِهِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الَّذِيْ يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَ كَلِمٰتِهٖ وَ اتَّبِعُوْهُ لَعَلَّكُمْ تَهْتَدُوْنَ.[3]

ترجمو: ”۽ سندس انهي امي نبيءَ تي ايمان آڻيو، جيڪو الله ۽ سندن حڪمن کي مڃيندو آهي ۽ ان جي تابعداري ڪريو ته مان اوهين سڌي واٽ لهو.“

(iii) وَ مَا كُنْتَ تَتْلُوْا مِنْ قَبْلِهٖ مِنْ كِتٰبٍ وَّ لَا تَخُطُّهٗ بِيَمِيْنِكَ اِذًا لَّارْتَابَ الْمُبْطِلُوْنَ.[4]

ترجمو: ”هن (ڪتاب جي نزول) کان اڳ توهان نه ڪو ڪتاب پڙهندا هئا ۽ نه پنهنجي هٿ سان لکندا هئا جيڪڏهن ائين هجي ها ته باطل پرستن کي شڪ پئجي وڃي ها.“

جڏهن ته انجيل مطابق حضرت عيسىٰ ع لکيل پڙهيل هئا. امي هجڻ نبي ڪريم ﷺ جي هڪ مشهور صفت آهي. وڌيڪ تفصيل ”امي نبي ﷺ“ واري پيشنگوئي ۾ ڏسو.

(13) حضرت موسىٰ ع انتهائي خوبصورت هئا. ڪتاب الخروج ۾ آهي ته:

”۽ اها زال (يعني حضرت موسىٰ ع جي ماءُ) حامله ٿي ۽ پٽ ڄايس؛ ۽ هن ٻار کي سهڻو ڏسي ٽن مهينن تائين لڪائي رکيو:“[5]

---

1. (i) **البخاري، محمد بن إسماعيل، أبي عبد الله**، ”صحيح البخاري“ (اردو)، ترجمو ۽ شرح: وحيدالزمان، علامہ، تاج ڪمپني لميٽيڊ، ڪراچي لاهوري راولپنڊي. جلد سوم، ص308

(ii) المڪتبہ الشاملہ، ”صحيح البخاري“، كِتَابُ الإِجَارَةِ، بَابُ رَعْيِ الغَنَمِ عَلَى قَرَارِيطَ، جلد 3، ص 88، حديث 2262

2. سورة الاعراف: 157
3. سورة الاعراف: 158
4. سورة العنڪبوت: 48
5. خروج 2: 2

نئين عهد نامي ۾ به انهيءَ ڳالهه جي تاعيد ملي ٿي:

”انهن ڏينهن ۾ موسيٰ ڄائو، جو ڏاڍو خوبصورت هو ۽ ٽن مهينن تائين هو پنهنجي پيءُ جي گهر ۾ نپنو.“[1]

مولانا مودودي صاحب فرمائين ٿا ته:

”هن کي (يعني حضرت موسيٰ ع کي) پياري صورت ڏني وئي ته جيئن فرعون جي گهروارن جي دل ۾ گهر ڪري وني.“[2]

(وَاَلْقَيْتُ عَلَيْكَ مَحَبَّةً مِّنِّيْ ۚ)[3]، مون پنهنجي طرفان تو تي پيار وڌو)

حضور صلي الله عليه وآله وسلم جي حسن جي ڪا حد ڪانه هئي. ڪن ڪيس يوسف ع ثاني جو لقب ڏنو ته ڪن وري کين حضرت يوسف ع کان به وڌيڪ حسن بيان ڪيو آهي.

ام معبد خزاعيه رضه پنهنجي مڙس کي پاڻ سڳورن ﷺ جو حليو ٻڌائيندي بيان ڪن ٿيون ته:

”پري کان ڏسڻ ۾ سڀ کان تابناڪ ۽ پرجمال ۽ ويجهي کان سڀ کان خوبصروت ۽ شيرين.“[4]

حضرت علي ع سندن حليو بيان ڪرڻ کان پوءِ فرمائين ٿا ته:

”پاڻ سڳورن ﷺ جو وصف بيان ڪندڙ اهو چئي سگهي ٿو ته مان پاڻ ﷺ کان پهريون ۽ پاڻ ﷺ کان بعد پاڻ ﷺ جهڙو نه ڏٺو.“[5]

حضرت براء جو بيان آهي ته:

”مون ڪڏهن به ڪا شيءِ پاڻ سڳورن ﷺ کان وڌيڪ خوبصورت نه ڏٺي.“[6]

حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم جي خوبصورتي تي ايترو لکيل آهي جو ان لاءِ الڳ باب جي ضرورت آهي. پر حضرت عيسيٰ ع جي سونهن بابت لکيل آهي ته: ”نه هن جي ڪا شڪل ۽ صورت آهي، نه خوبصورتي؛ ۽ جڏهن اسان هن تي نگاهه ڪريون ته ڪجهه حسن ۽ جمال نه آهي جو اسان هن جا مشتاق ٿيون.“[7]

متان ڪنهن دوست کي وهم ويهي ته هي ته ڪتاب يسعياه جي آيت

---

1. اعمال 7: 20
2. مودودي، ابوالاعلي، ”تفهيمات“ (اردو)، اسلامڪ پبليڪيشنز، لاهور- ڍاڪا، اشاعت هشتم: 1968ع، جلد اول، ص 294
3. سورة طه: 39
4. مبارڪپوري، صفي الرحمان، مولانا، ”الرحيق المختوم“(اردو)، المڪتبه السفليه لاهور، ص 644
5. ايضا - ص 645
6. ايضا - ص 646
7. يسعياه 53: 2

آهي. هن ۾ حضرت عيسىٰ ع جو ذڪر ڪيئن ٿيو. ته انهن دوستن جي خدمت ۾ عرض آهي ته ڪو به عيسائي عالم هن آيت جو حضرت عيسىٰ ع جي متعلق هجڻ جو انڪاري نه ٿي سگهي ٿو. عيسائي حضرات يسعياه جو باب 53 مڪمل طور تي حضرت عيسىٰ ع ڏانهن منسوب ڪندا آهن ۽ هن جون صفتون هتان بيان ڪندا آهن.

(14) حضرت موسىٰ ع کي بتن جي ٽوڙڻ جو حڪم مليو. ڪتاب ڳاڻاٽو ۾ آهي:

"پوءِ خداوند يردن جي ڪناري تي، يريحو جي سامهون، موآب جي ميدان ۾ موسىٰ کي فرمايو ۽ چيائينس ته، جڏهن اوهين يردن ندي اڪري، ڪنعان جي ملڪ ۾ داخل ٿيو. تڏهن اتي جي سڀني رهاڪن کي، پنهنجي اڳيان هڪالي ڪڍجو ۽ انهن جون پٿرن جون مورتون ۽ پلٽيل مورتون برباد ڪري ڇڏجو ۽ انهن جون اتانهون جايون ڊاهي ڇڏجو."[1]

ڪتاب الخروج ۾ اسان کي ملي ٿو ته حضرت موسىٰ ع بني اسرائيل وارن جي ٺاهيل ڳابي خلاف ڪيئن پنهنجي نفرت جو اظهار ڪري ٿو ۽ ان کي پيجي پورا ڪري ٿو. ڪتاب الخروج باب 32 آيت نمبر 20 ۾ آهي ته:

"۽ جيڪو ڳابو هنن جوڙيو هو سو باهه ۾ ساڙي ڇڏيائين ۽ انهي کي پيهي اٽو ڪري پاڻيءَ ۾ پکڙيائين ۽ اهو پاڻي بني اسرائيل کي پياريائين."

اهڙيءَ طرح حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليه وعلي آله واصحابه وسلم فتح مڪه جي وقت بتن ۾ ٺاڪوڙو وڌو ۽ ڪعبته الله ۾ موجود 360 بت پيجي پورا ڪري ڇڏيائين ۽ ان کان علاوه به اوسي پاسي جي بتن کي پيجڻ لاءِ مختلف اصحابن کي ذميواريون ڏنائين.

پر حضرت عيسىٰ ع اهڙو ڪو به ڪم سر انجام نه ڏنو.

(15) حضرت موسىٰ ع ماڻهن جي قضاوت ڪندو هو. ڪتاب الخروج ۾ آهي:

"ٻئي ڏينهن صبوح جو هيئن ٿيو ته، موسىٰ ماڻهن جي عدالت ڪرڻ وينو ۽ ماڻهو صبوح کان وٺي سانجهيءَ تائين موسىٰ جي اڳيان بيٺا هئا."[2]

"اهي هر وقت ماڻهن جي عدالت ڪندا هئا؛ مشڪل مقدما اهي موسىٰ وٽ آڻيندا هئا ۽ ننڍا مقدما پاڻ هلائيندا هئا."[3]

حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليه وعلي آله واصحابه وسلم جي سموري مدني زندگي فيصلن ۽ عدالتن سان ڀري پئي

1. ڳاڻاٽو 20: 52
2. خروج 18: 13
3. خروج 18: 26

آهي. ايتري تائين جو يهودي به، مذهبي طور تي ڪٽر مخالف هجڻ جي باوجود، پنهنجا فيصلا ڪٽي حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم وٽ ايندا هئا. پر حضرت عيسىٰ ع جي زندگيءَ ۾ اهڙو ڪجھ به نظر نہ ٿو اچي.

(16) حضرت موسىٰ ع جنهن ڏينهن پنهنجي قوم بني اسرائيل کي فرعون جي ظلم کان نجات ڏياري ۽ مصر کان هجرت ڪري ڪوھ سينا پهتا تہ ان ڏينهن کي ياد گار بڻائي يهودين هجري سن جاري ڪيو. اهڙي ريت حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم پنهنجي پوئلڳن کي مڪي جي ڪافرن جي ظلم کان نجات ڏيارائي، جڏهن مديني پهتا تہ ان ڏينهن کي مسلمانن هجري سن طور جاري ڪيو.

حضرت عيسىٰ ع کي هجرت جو اهڙو ڪو واقعو پيش نہ آيو.

(17) اهڙيءَ طرح عبراني مهينا قمري هوندا آهن. اسلامي مهينا بہ قمري هوندا آهن. پر عيسوي مهينا شمسي هوندا آهن.

(18) حضرت موسىٰ ع کي پنهنجي مشن ۾ ڪاميابي نصيب ٿي. اهڙيءَ طرح حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم بہ الله جو دين مڪمل ڪري دلجاءِ سان هي دنيا ڇڏيائون. جڏهن تہ حضرت عيسىٰ ع کي پنهنجي زندگيءَ ۾ پنهنجي مشن ۾ ڪاميابي نہ ملي.

(19) حضرت موسىٰ ع استقلال، استقامت ۽ رضامنديءَ سان هن جهان کي ڇڏيو.

حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم بہ الله سائين جي ديدار جي شوق ۾ "اللهم الحقني بالرفيق الاعلي" (يا الله مون کي رفيق اعلي سان ملحق ڪر) چوندا هن دنيا مان رخصت ٿيا.

جڏهن تہ حضرت عيسىٰ ع عيسائين مطابق وڏي واڪي سان پڪاريندي "ايلي ايلي لما سبقتني، يعني اي منهنجا خدا، اي منهنجا خدا تو مون کي ڇو ڇڏي ڏنو آهي؟" چوندي پنهنجو ساھ ڏنو.[1]

(20) حضرت موسىٰ ع هڪ سو ويھ سال جي عمر ۾ پنهنجي وقت جي حساب سان طبعي عمر کي پهچي انتقال فرمايائون.

"جڏهن موسىٰ وفات ڪئي، تڏهن سندس عمر هڪ سو ويھ ورهيہ هئي."[2]

حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم بہ ٽيهٺ سالن جي عمر کي پهچي پنهنجي وقت جي حساب سان طبعي عمر کي پهچي انتقال فرمايائون.

پر حضرت عيسىٰ ع کي ٽيٽيھ سالن جي عمر ۾، عيسائين مطابق

---

1 متي 27: 46 ۽ 50

2. استثنا 34: 7

(نعوذباالله) صليب تي چاڙهيو ويو.

(21) حضرت موسىٰ ع جو جسد خاڪي زمين ۾ دفن ٿيل آهي.

”۽ هو موآب جي ماٿري ۾ بيت فغور جي سامهون دفن ڪيو ويو. پر اڄ ڏينهن تائين ڪنهن به ماڻهوءَ کي انهي جي قبر جي خبر ڪانهي.“[1]

حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جو جسد خاڪي به زمين ۾ دفن ٿيل آهي ۽ سندن مديني ۾ عظيم الشان مقبرو آهي.

پر حضرت عيسىٰ ع جيئري جاڳندي آسمان ۾ هليو ويو.

”سو خداوند يسوع هنن سان ڳالهائڻ کان پوءِ آسمان ۾ چاڙهيو ويو ۽ خدا جي ساڄي پاسي وڃي ويٺو.“[2]

”۽ هو کين ٻاهر بيت عنياه جي سامهون وٺي آيو ۽ هٿ کڻي کين برڪت ڏنائين ۽ هيئن ٿيو، جو برڪت ڏيندي هنن کان جدا ٿي آسمان ۾ کڄي ويو.“[3]

(22) عيسائين جو عقيدو آهي ته حضرت عيسىٰ ع صليب تي چڙهڻ جي ڪري (نعوذباالله) لعنتي ٿي پيو. پولس رسول چوي ٿو ته:

”مسيح پاڻ اسانجو بدران لعنتي ٿي اسان کي شريعت جي لعنت کان ڇڏايو: ڇالاءِ جو لکيل آهي ته ”جيڪو به وڻ تي لٽڪايو وڃي ٿو سو لعنتي آهي.“[4]

نعوذ باالله جيڪڏهن حضرت عيسىٰ ع لعنتي ٿيو ته باقي امت جو ڇا حال هوندو.

حضرت موسىٰ ع ۽ حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي پوئلڳن جو سندن باري ۾ اهڙي ڪابہ راءِ نہ آهي.

(23) حضرت عيسىٰ ع عيسائين جي عقيدي مطابق مرڻ کان پوءِ جهنم ۾ داخل ٿيا. جڏهن ته حضرت موسىٰ ع ۽ حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم بابت نہ ڪو دوست ۽ نہ ئي ڪو سندن دشمن اهڙي ڳالهہ ڪري سگهي ٿو.

(24) حضرت عيسىٰ ع عيسائين جي عقيدي مطابق مرڻ کان پوءِ وري زنده ٿي هن ڌرتي تي آيا.

”۽ انهي ملائڪ ورندي ڏيئي زالن کي چيو، ته اوهين ڊڄو نہ، ڇالاءِ جو مون کي خبر آهي ته اوهين يسوع کي ٿيون ڳوليو، جنهن کي صليب

---

1. استثنا 34: 6
2. مرقس 16: 19
3. لوقا 24: 50 ـ 51
4. گلتين 3: 13

تي چاڙهيو هئائون. اهو هتي ڪونهي؛ جو تہ جيئن هن پاڻ چيو هو تيئن جيءُ اٿيو آهي. اچو جتي خداوند ليٽيو پيو هو. اها جاءِ ڏسو ۽ جلد وڃي سندس شاگردن کي چئو تہ هو مئلن مان جيءُ اٿيو آهي."[1]

"۽ ڏسو يسوع کين گڏيو ۽ چيائين تہ سلام ۽ هنن اچي پيرن تي ڪري کيس سجدو ڪيو. تڏهن يسوع هنن کي چيو تہ ڊڄو نہ، وڃي منهنجن ڀائرن کي چئو تہ اوهين گليل ڏانهن وڃو ۽ اتي مون کي ڏسندا."[2]

پر حضرت موسىٰ ع يا حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم بابت نہ سندن ڪنهن دوست ۽ نہ ئي ڪنهن دشمن جو اهڙو عقيدو آهي.

مٿيون سيئي ڳالهيون ثابت ڪن ٿيون تہ حضرت عيسىٰ ع ڪڏهن بہ ۽ ڪنهن بہ صورت ۾ "مثل موسىٰ ع" سڏجڻ جي لائق نہ آهي. جڏهن تہ حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم هر لحاظ کان حضرت موسىٰ ع جو پاءُ ۽ سندس مثل سڏجڻ جو اهل آهي.

(ت) حورب واري درخواست

"هي تنهنجي انهيءَ درخواست موجب ٿيندو، جڏهن تو حورب ۾ جماعت واري ڏينهن خداوند پنهنجي خدا کي چيو هو، تہ شل آءٌ خداوند پنهنجي خدا جو آواز وري نہ ٻڌان، نڪي آءٌ وري ڪڏهن هيءَ باهہ ڏسان، متان مري وڃان. تڏهن خداوند مون کي چيو، تہ هنن جو چوڻ برابر آهي. آءُ هنن جي لاءِ.....الخ."[3]

(i) جبل حورب (Mount Horeb)

حورب هڪ پهاڙ جو نالو آهي، جتي ڪتاب استثنا مطابق حضرت موسىٰ ع کي "ڏهہ حڪم" (Ten Commandments) ڏنا ويا هئا. ٻن جڳهن تي[4] هن کي خدا جو پهاڙ سڏيو ويو آهي. هن جبل کي يهواه (YHWH) جو جبل بہ سڏيندا آهن.

بائيبل جي ٻين حصن ۾ بيان ٿيل آهي تہ هي واقعو جبل سينا تي واقع ٿيو. جيتوڻيڪ اڪثر ڪري اهو خيال ڪيو ويندو آهي تہ حورب ۽ سينا ساڳي جڳهہ جا بہ نالا آهن. پر هي رايو بہ آهي تہ انهن ٻنهي جي جاءِ مختلف ٿي سگهي ٿي.

پروٽسٽنٽ مصلح جان ڪيلون (John CaLvin) هي خيال پيش ڪيو تہ سينا ۽ حورب ساڳيو جبل آهي، جنهن جو مشرقي حصو سينا سڏجي ٿو ۽ هن جو مغربي حصو حورب سڏجي ٿو.

---

1. متي 28: 5 ـ 7
2. متي 28: 9 ـ 10
3. استثنا 18: 16 ـ 17
4. خروج 3: 1 ۽ سلاطين 19 : 8

ابراهام بن عزرا (Abraham Ibn Ezra) جي تحقيق آهي تہ هي هڪ ئي جبل آهي. هن کي بہ چوٽيون آهن، جن جا هي بہ مختلف نالا آهن.

(مٿين سموري معلومات وڪيپيڊيا (Wikipedea) کان لفظ حورب (Horeb) جي تحت بيان ٿيل معلومات کان اخذ ڪيل آهي.)

مولانا عنايت رسول عباسي چرياڪوٽي مطابق:

”ڪوهہ طور جي ڏاکڻين حصي کي عبراني ۾ حوريب چون ٿا ۽ هن جو عرض 28 درجہ دقيقہ آهي ۽ اترئين حصي کي سينا، جنهنجو عرض 28 درجہ 35 دقيقہ آهي.“[1]

مولانا عنايت رسول عباسي چرياڪوٽي چون ٿا تہ:

”هي طول ۽ عرض هڪ نقشي مطبوع لندن کان جيڪو 1856ع ۾ ڇپيو آهي مون لکيو آهي.“[2]

مولانا عنايت رسول عباسي چرياڪوٽي پنهنجي ڪتاب ”بشري“ ۾ هڪ ٻئي هنڌ جيڪو ڪجھ لکيو آهي، اهو وري سندس مٿئين بيان جي بہ مخالف آهي تہ جان ڪيلون جي بيان جي بہ مخالف آهي. هو لکن ٿا تہ:

”هن پهاڙ (يعني جبل طور) جون ٽي چوٽيون آهن. جيڪا ان ۾ ننڍي ۽ اوڀر اتر جي ڪنڊ تي آهي ان کي حوريب چون ٿا ۽ ڏاکڻيون حصو هن پهاڙ جو سينائي سڏبو آهي. هڪ چوٽي اولهہ ڏکڻ تي واقع آهي. هي عرب ۾ آهي. هتي حضرت موسىٰ ع کي نبوت ملي هئي. هن پهاڙ وٽ هڪ ميدان آهي، جنهن کي عبراني ۾ هڪ ”هدهر سينائي“ يعني واديءِ سينا ۽ عربي ۾ ”طوي“ چوندا آهن.“[3]

بحرحال هي ٽئي بيان هڪ ٻئي سان ڪونہ ملن ٿا. جيڪا ڳالھ يقيني آهي اها هي تہ حورب ۽ سينا ڪوهہ طور جا حصا آهن ۽ حورب اهو حصو آهي جتي حضرت موسىٰ ع کي ڏھ حڪم مليا هئا.

مولانا عنايت رسول عباسي چرياڪوٽي لکن ٿا تہ:

”طور ۽ حجاز جي ميدان جي وچ ۾ سمنڊ آهي بحر قلزم- جڏهن قصير کان اڳتي هلندي آهي تہ ڦهلجندي آهي، اولهہ ڏکڻ ۾- ايتري تائين جو ويڪر 70 ميل تي ويندي آهي. انهيءَ وسيع ٽڪري کي ”برڪ غزندل“ چوندا آهن. واضح هجي تہ جيڪو علائقو دولسان قلزم جي وچ ۾ واقع آهي ان کي عربي ۾ تاران چوندا آهن.[4]

قرآن شريف ۾ ۽ اسلامي روايتن ۾ هن جبل کي ”الطور“، ”طور سينين“، ”طور جبل“ يا ”طور سينا“ سڏيو ويو آهي. هي جبل اپيٽ (جزيره

---

1. چرياڪوٽي، عباسي، عنايت رسول، ”بشري“ (اردو)، شرواني پرنٽنگ 1357 پريس علي ڳڙھ، 1938ع، ص 76
2. ايضا ـ ص 76
3. ايضا ـ ص 55
4. ايضا ـ ص 76

نما) سينا جي علائقي ۾ واقع آهي. هن وقت هي مصر جي ملڪ ۾ اچي ٿو ۽ هن کي مقامي ماڻهو ”جبل موسىٰ ع“ جي نالي سان سڏين ٿا.

تفسير نعيمي ۾ آهي تہ:

”الطور“ سرياني لفظ آهي. جنهنجي معني آهي سرسبز پهاڙ ۽ هاڻي هي لفظ ان پهاڙ جو نالو ٿي ويو آهي.“[1]

تفسير در منثور ۾ ڪجھ روايتون بيان ٿيل آهن، جن مطابق:

(1) ”طور سرياني زبان ۾ پهاڙ کي چوندا آهن.“

(2) ”نبطي ماڻهو پهاڙ کي طور چوندا آهن.“

(3) ”طور ان پهاڙ کي چون ٿا جيڪو ڪجھ پيدا ڪري. جيڪو ڪجھ بہ پيدا نہ ڪري اهو طور نہ آهي.“

(4) ”طور هڪ پهاڙ آهي جنهن جي ويجهو يهودي لٿا هئا. اهو هنن جي مٿان بلند ڪيو ويو هو ۽ چيو ويو هو تہ منهنجو حڪم مڃيو نہ تہ هي مان توهان جي مٿان هٽندس.“[2]

نقشي ۾ ڏسڻ سان خبر پوي ٿي تہ هي اپبيٽ سينا جي ڏکڻ ۾ واقع آهي.

جبل سينا سمنڊ جي سطح کان 7497 فوٽ بلند آهي. هي مصر جي ٻيو نمبر بلند ترين چوٽي آهي. پهريون نمبر تي بلند ترين چوٽي هن جي پرسان ئي جبل ڪيٿرائين آهي، جنهن جي بلندي 8625 فوٽ آهي. طور جبل جي چوٽيءَ تي ”حضرت موسىٰ ع جو غار“ بہ آهي. چيو ويندو آهي تہ اتي حضرت موسىٰ ع ڏھ حڪم وصول ڪرڻ لاءِ انتظار ڪيو هو.

اسوة الرسول ۾ لکيل آهي تہ:

يا قوت حموي ”مشترڪ“ ۾ لکي ٿو:

”الطور سابعة مواضع والطور ايضا علم بجبل بعينہ عند كورة تشتمل علي عدة قري بارض مصرمن جهة القبلية بينها وبين جبل فاران.“ (مشترڪ)

---

1. نعيمي، احمد يار خان، مفتي، حڪيم الامت، ”اشرف التفاسير تفسير نعيمي“ (اردو)، مڪتبہ اسلاميہ، 40 - اردو بازار، لاهور، پاره اول (جلد اول)، ص 386

2. السيوطي، عبدالرحمن بن ابي بڪر، جلال الدين، امام(متوفي 911 ھ)، ”تفسير دُرمنثور“ (اردو)، مترجمين: سيد محمد اقبال شاھ، محمد بوستان، محمد انور مگهالوي، ضياءُالقرآن پبلي ڪيشنز، لاهور- ڪراچي، پاڪستان، سال نومبر 2006ع ، جلد اول، ص 205

يعني طور ستن مقامن کي چوندا آهن. يعني طور جو اطلاق- انهن پهاڙن، چشمن ۽ شهرن تي ٿيندو آهي ۽ اهي شهر انهن سيني ننڍن ننڍن ڳوٺن تي بہ حاوي آهن، جيڪي مغربي مصر ۾ واقع آهن ۽ جيڪي ان جي جبل فاران جي وچ ۾ حدبندي آهن.

هاڻي انهن ستن مختلف مقامن جو تفصيل، علامہ شريف الادريس جي ڪتاب ”نزهة المشتاق“ جي عبارت کان هيٺ ملا حظہ ڪيو:

(1) طريق اخر علي ساحل البحرالقلزم.
(2) من مصر الي عين شمس.
(3) ثم الي بطن مغيره.
(4) ثم الي حرن فاران.
(5) وبالقرب فاران موضع صعب ذاسلك والزنج ايضا مغربا والر بور شرقا.
(6،7) ويسي جبلان من جبلان الي جبل الطورالي ايلة.

يعني:
(1) اها وادي يا رستو جيڪو بحر قلزم جي ڪناري ويندو آهي.
(2) جيڪو مصر کان عين شمس ڏانهن ويندو آهي.
(3) جيڪو بطن مغيره ڏانهن ويندو آهي.
(4) جيڪو بيابان فاران ڏانهن ويندو آهي.
(5) جيڪو فاران جي انهن سنگلاخ مقامن جي ويجهو آهي جنهن جي مغرب ۾ زنج ۽ مشرق ۾ ديور واقع آهي.
(6،7) انهن ٻن پهاڙن جا نالا آهن جيڪي جبل الطور جي سلسلي ۾ ايلہ جي طرف واقع آهن.

مٿين تفصيل مطابق ست جڳهون تنها طور جي نالي سان ثابت ٿي ويا. پر اصلي طور اهو ئي طور آهي جتان کان انوار قدرت جو ظهور ٿيو ۽ اها هڪ ئي اڄ تائين مشهور آهي ۽ هن جي سامهون ٻين جڳهن جي شهرت ڪا عظمت ۽ حيثيت نہ ٿي رکي.“[1]

طور جبل جي چوٽيءَ تي هڪ مسجد ٺهيل آهي، جيڪا هن وقت بہ مسلمان استعمال ڪري رهيا آهن. هن جبل جي عزت ۽ عظمت جو ٻيو ڪهڙو ثبوت ٿي سگهي ٿو جو قرآن شريف ۾ هن جبل جا قسم کنيا ويا آهن. سورة التين ۾ آهي:

وَالتِّيۡنِ وَالزَّيۡتُوۡنِ ۙ . وَطُوۡرِ سِيۡنِيۡنَ ۙ . وَهٰذَا الۡبَلَدِ الۡاَمِيۡنِ ۙ .[2]

ترجمو: ”انجير ۽ زيتون جو قسم آهي ۽ طور سينا جو ۽ هن امن واري شهر (مڪي) جو.“

---

1. فوق بلگرامي، اولاد حيدر، سيد، ”اسوة الرسول صلي الله عليہ وآلہ وسلم“ (اردو)، مصباح القرآن ٽرسٽ، لاهور، سال اشاعت: 2011ع، جلد اول، ص 268
2. سورة التين : 1 ـ 3

قرآن شريف ۾ هڪ سورة هن جبل جي نالي سان الطور آهي اتي ٻه طور جبل جو قسم کنيو ويو آهي:

وَالطُّوْرِ ۙ . وَكِتٰبٍ مَّسْطُوْرٍ ۙ . فِيْ رَقٍّ مَّنْشُوْرٍ ۙ .[1]

ترجمو: ”(جبل) طور جو قسم آهي ۽ لکيل ڪتاب جو قسم آهي. جيڪو کليل ورقن ۾ (لکيل) آهي.“

(طور سينا جي وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو عنوان ”خداوند سينا مان آيو“)

(ii) حورب پهاڙ تي خوفناڪ حالتن سان واسطو

(1) حورب وارو واقعو قرآن مطابق

بني اسرائيل وارن کي حورب پهاڙ وٽ کهڙن خوفناڪ حالتن کي منهن ڏيڻو پيو، ان بابت اچو ته ڏسون ته قرآن ڇاڻو بيان ڪري:

وَاِذْ قُلْتُمْ يٰمُوْسٰى لَنْ نُّؤْمِنَ لَكَ حَتّٰى نَرَى اللّٰهَ جَهْرَةً فَاَخَذَتْكُمُ الصّٰعِقَةُ وَاَنْتُمْ تَنْظُرُوْنَ . ثُمَّ بَعَثْنٰكُمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَوْتِكُمْ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ.[2]

ترجمو: ”۽، (ياد ڪريو ته) جڏهن اوهان چيو ته اي موسىٰ جيستائين الله ڇٽو (نه) ڏسنداسون تيستائين توکي ڪڏهن به نه مڃينداسون پوءِ اوهان تي وڄ اچي ڪڙڪي ۽ اوهين ڏسندا رهيؤ. وري اوهان جي مرڻ کان پوءِ اوهان کي جيئرو ڪيوسون ته مان اوهين شڪرانو ڪريو.“

وَلَمَّا جَآءَ مُوْسٰى لِمِيْقَاتِنَا وَكَلَّمَهٗ رَبُّهٗ ۙ قَالَ رَبِّ اَرِنِيْٓ اَنْظُرْ اِلَيْكَ ۭ قَالَ لَنْ تَرٰىنِيْ وَلٰكِنِ انْظُرْ اِلَى الْجَبَلِ فَاِنِ اسْتَقَرَّ مَكَانَهٗ فَسَوْفَ تَرٰىنِيْ ۚ فَلَمَّا تَجَلّٰى رَبُّهٗ لِلْجَبَلِ جَعَلَهٗ دَكًّا وَّخَرَّ مُوْسٰى صَعِقًا ۚ فَلَمَّآ اَفَاقَ قَالَ سُبْحٰنَكَ تُبْتُ اِلَيْكَ وَاَنَا اَوَّلُ الْمُؤْمِنِيْنَ . قَالَ يٰمُوْسٰٓى اِنِّى اصْطَفَيْتُكَ عَلَى النَّاسِ بِرِسٰلٰتِيْ وَبِكَلَامِيْ ۮ فَخُذْ مَآ اٰتَيْتُكَ وَكُنْ مِّنَ الشّٰكِرِيْنَ . وَكَتَبْنَا لَهٗ فِي الْاَلْوَاحِ مِنْ كُلِّ شَيْءٍ مَّوْعِظَةً وَّتَفْصِيْلًا لِّكُلِّ شَيْءٍ ۚ فَخُذْهَا بِقُوَّةٍ وَّاْمُرْ قَوْمَكَ يَاْخُذُوْا بِاَحْسَنِهَا ۭ سَاُورِيْكُمْ دَارَ الْفٰسِقِيْنَ.[3]

ترجمو: ”۽ جنهن مهل موسىٰ اسان جي انجام واري هنڌ آيو ۽ سندس پالڻهار ساڻس ڳالهايو (تنهن مهل) چيائين ته اي منهنجا پالڻهار مونکي پاڻ ڏيکار ته آءٌ تو کي ڏسان، (الله) چيو ته مونکي ڪڏهن نه ڏسي سگهندين پر جبل ڏانهن نهار پوءِ جيڪڏهن پنهنجي جاءِ تي ٽڪاءُ ڪيو ته تون مونکي ڏسي سگهندين، پوءِ جنهن مهل سندس پالڻهار جبل ڏانهن تجلو ڪيو (ته) ان کي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيائين ۽ موسىٰ بيهوش ٿي ڪري پيو. پوءِ جنهن مهل هوش ۾ آيو (ته) چوڻ لڳو ته تو کي پاڪائي جڳائي تنهنجي درگاهه ۾ توبه ڪيم ۽ آءٌ (سڀ کان) پهريون مؤمن آهيان. (الله) فرمايو ته اي موسىٰ مون توکي پنهنجي پيغمبريءَ ۽ پنهنجي ڳالهائڻ

---

1. سورة الطور : 1 ـ 3
2. سورة البقره : 55 ـ 56
3. سورة الاعراف : 143 ـ 145

سان ماڻهن کان پلارو ڪيو آهي، جيڪو (توريت) تو کي ڏنو اٿم سو وٺ ۽ شڪر ڪندڙن مان هج ۽ ان (موسىٰ) لاءِ سڀ ڪنهن شئي جي نصيحت واسطي ۽ سڀ ڪنهن شئي جي ڏار ڏار بيان واسطي (توريت) تختن ۾ لکي ڏنوسون ۽ (چيوويس) تہ ان کي پختائي سان وٺ ۽ پنهنجي قوم کي حڪم ڪر تہ ان جون چڱيون ڳالهيون (عمل ۾) وٺندا رهن. اوهان کي بدڪارن جي جاءِ سگهو ڏيکاريندس.“

هڪ جڳهہ تي قرآن شريف ۾ انهيءَ واقعي کي هن ريت بيان ڪيو ويو آهي.

وَاِذْ اَخَذْنَا مِيْثَاقَكُمْ وَ رَفَعْنَا فَوْقَكُمُ الطُّوْرَ ؕ خُذُوْا مَآ اٰتَيْنٰكُمْ بِقُوَّةٍ وَّ اذْكُرُوْا مَا فِيْهِ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ. ثُمَّ تَوَلَّيْتُمْ مِّنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ ۚ فَلَوْلَا فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ وَ رَحْمَتُهٗ لَكُنْتُمْ مِّنَ الْخٰسِرِيْنَ.[1]

ترجمو: ”۽ جڏهن اوهان کا انجام ورتوسين ۽ اوهان جي مٿان (جبل) طور کي کڙو ڪيوسون، (تڏهن چيوسون تہ) جيڪو (توريت) اوهان کي ڏنوسون سو سوگهو وٺو ۽ جيڪي منجهس آهي سو ياد ڪريو مان اوهان ڊڄو. وري ان کان پوءِ اوهين ڦريو پوءِ جيڪڏهن اوهان تي الله جو فضل ۽ سندس ٻاجهہ نہ ٿئي ها تہ اوهين ضرور ڇيئي وارن مان ٿيو ها.“

سورة الاعراف ۾ بيان ٿيل آهي تہ:

وَ اخْتَارَ مُوْسٰى قَوْمَهٗ سَبْعِيْنَ رَجُلًا لِّمِيْقَاتِنَا ۚ فَلَمَّآ اَخَذَتْهُمُ الرَّجْفَةُ قَالَ رَبِّ لَوْ شِئْتَ اَهْلَكْتَهُمْ مِّنْ قَبْلُ وَ اِيَّايَ ؕ اَتُهْلِكُنَا بِمَا فَعَلَ السُّفَهَآءُ مِنَّا ۚ اِنْ هِيَ اِلَّا فِتْنَتُكَ ؕ تُضِلُّ بِهَا مَنْ تَشَآءُ وَ تَهْدِيْ مَنْ تَشَآءُ ؕ اَنْتَ وَلِيُّنَا فَاغْفِرْ لَنَا وَ ارْحَمْنَا وَ اَنْتَ خَيْرُ الْغٰفِرِيْنَ. وَ اكْتُبْ لَنَا فِيْ هٰذِهِ الدُّنْيَا حَسَنَةً وَّ فِي الْاٰخِرَةِ اِنَّا هُدْنَآ اِلَيْكَ ؕ قَالَ عَذَابِيْٓ اُصِيْبُ بِهٖ مَنْ اَشَآءُ ۚ وَ رَحْمَتِيْ وَسِعَتْ كُلَّ شَيْءٍ ؕ فَسَاَكْتُبُهَا لِلَّذِيْنَ يَتَّقُوْنَ وَ يُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَ الَّذِيْنَ هُمْ بِاٰيٰتِنَا يُؤْمِنُوْنَ.[2]

ترجمو: ”۽ موسىٰ پنهنجي قوم مان ستر ڄڻا اسان جي انجام جي وقت لاءِ چونڊيا، پوءِ جنهن مهل انهن کي زلزلي ورتو (تہ موسىٰ) چيو تہ اي منهنجا پالڻهار جيڪڏهن (تون) گهرين ها تہ هن کان اڳ انهن کي ۽ خاص مون کي هلاڪ ڪري ڇڏين ها. اسان منجهان بي عقلن جيڪي ڪيو تنهن سببان اسان کي ڇو ٿو هلاڪ ڪرين؟ اها تنهنجي پرک (حڪمت) کان سواءِ نہ آهي.جنهن کي گهرين تنهن کي ان سان گمراهہ ڪندو آهين ۽ جنهن کي گهرندو آهين هدايت ڪندو آهين. تون اسان جو سنڀاليندڙ آهين. تنهن ڪري اسان کي بخش ۽ اسان تي ٻاجهہ ڪر ۽ تون (سڀ کان) چڱو بخشيندڙ آهين ۽ اسان لاءِ هن دنيا ۾ ۽ آخرت ۾ چڱائي لک. ڇو تہ اسان تو ڏانهن رجوع ٿيا آهيون.“

سورت الاعراف ۾ هڪ ٻي آيت ۾ انهي واقعي جو نقشو ڪجهہ هن ريت چٽيل آهي:

---

1. سورة البقره : 63 ـ 64
2. سورة الاعراف : 155 ـ 156

وَاِذْ نَتَقْنَا الْجَبَلَ فَوْقَهُمْ كَاَنَّهٗ ظُلَّةٌ وَّ ظَنُّوْٓا اَنَّهٗ وَاقِعٌۢ بِهِمْ ۚ خُذُوْا مَآ اٰتَيْنٰكُمْ بِقُوَّةٍ وَّاذْكُرُوْا مَا فِيْهِ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ.[1]

ترجمو: ”۽ (ياد ڪر) جڏهن انهن جي مٿان جبل کي ٽنگيوسون ڄڻ تہ اهو ڇٽي هو ۽ ڀانيائون تہ اهو مٿن ڪرندو، (کين چيوسون تہ) جيڪي اسان اوهان کي ڏنوآهي سو محڪم ڪري وٺو ۽ جيڪي منجهس آهي. سو ياد ڪندا رهو تہ مان اوهين (عذاب کان) بچو.“

هي هيون اهي خوفناڪ حالتون جن ڪي بني اسرائيل وارن کي حورب جبل (يعني طور جبل) تي پنهنجي ڪڌن ڪرتوتن سبب منهن ڏيڻو پيو. ڪڏهن کين بجليءَ اچي ورتو، ڪڏهن زلزلي تہ وري ڪڏهن حضرت جبرائيل عہ ڪوهہ طور کي مٿن آڻي بيهاريو. هاڻي هي واقعو هڪ دفعو ٿيو يا ٻہ دفعا يا چار دفعہ، پرهنن ۾ هڪ ڳالهہ مشترڪ هئي تہ هر دفعي الله تبارڪ وتعالي کين توريت جي حڪمن کي مضبوطيءَ سان پڪڙڻ جي تاڪيد ڪئي هئي.

الله تبارڪ وتعالي بني اسرائيل وارن کي عالمين تي فضيلت ڏني هئي.[2] هنن کي ڪتاب جو وارث بڻايو هئائين.[3] پر هي انتهائي نافرمان قوم نڪتي. پوءِ الله تعالي بہ هنن جي ميثاق جي خلاف ورزي ڪرڻ، الله جي آيتن جي انڪار ڪرڻ، انبياءَ کي ناحق قتل ڪرڻ ۽ هنن جي ڪفر ڪرڻ سبب هنن جي دلين تي مهر هڻي ڇڏي.[4] بلڪہ الله انهن تي لعنت ڪئي ۽ هنن جي دلين کي سخت ڪري ڇڏيو.[5] ۽ الله اعلان ڪيو تہ هو هنن يهودين تي قيامت تائين اهڙا ماڻهو ضرور مسلط ڪندو رهندو، جيڪي هنن کي بدترين عذاب ڏيندا رهندا.[6]

هونئن تہ بني اسرائيل جي نافرمانين جو جيڪڏهن ذڪر ڪجي تہ ان لاءِ هڪ الڳ دفتر جي ضرورت پئجي ويندي، پر مان هتي اوهان آڏو صرف ٻہ مثال قرآن شريف کان پيش ڪندس. سورت البقره ۾ آهي تہ:

(1)وَاِذْ اَخَذْنَا مِيْثَاقَكُمْ وَرَفَعْنَا فَوْقَكُمُ الطُّوْرَ ۭ خُذُوْا مَآ اٰتَيْنٰكُمْ بِقُوَّةٍ وَّاسْمَعُوْا ۭ قَالُوْا سَمِعْنَا وَعَصَيْنَا ۤ وَاُشْرِبُوْا فِيْ قُلُوْبِهِمُ الْعِجْلَ بِكُفْرِهِمْ ۭ قُلْ بِئْسَمَا يَاْمُرُكُمْ بِهٖٓ اِيْمَانُكُمْ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ.[7]

ترجمو: ”۽ جڏهن اوهان کان انجام ورتو سون ۽ اوهان جي مٿان طور (جبل) کڙو ڪيوسون، (چيوسون تہ) جيڪو اوهان کي ڏنو سون (يعني توريت) سو سوگهو وٺو ۽ ٻڌو. تڏهن چيائون ٻڌوسون ۽ نہ

1. سورة الاعراف : 171
2. سورة البقره : 47، الدخان : 33، المائده : 20
3. سورة المومن : 53 ـ 54
4. سورة النساء : 155
5. سورة البقره : 88
6. سورة الاعراف : 167
7. سورة البقره : 93

مجيوسون.“

ٻيو مثال سورت المائده کان پيش ڪجي ٿو:

(2) يٰقَوْمِ ادْخُلُوا الْاَرْضَ الْمُقَدَّسَةَ الَّتِىْ كَتَبَ اللّٰهُ لَكُمْ وَ لَا تَرْتَدُّوْا عَلٰٓى اَدْبَارِكُمْ فَتَنْقَلِبُوْا خٰسِرِيْنَ . قَالُوْا يٰمُوْسٰٓى اِنَّ فِيْهَا قَوْمًا جَبَّارِيْنَ ۖ وَ اِنَّا لَنْ نَّدْخُلَهَا حَتّٰى يَخْرُجُوْا مِنْهَا ۚ فَاِنْ يَّخْرُجُوْا مِنْهَا فَاِنَّا دٰخِلُوْنَ. قَالَ رَجُلٰنِ مِنَ الَّذِيْنَ يَخَافُوْنَ اَنْعَمَ اللّٰهُ عَلَيْهِمَا ادْخُلُوْا عَلَيْهِمُ الْبَابَ ۚ فَاِذَا دَخَلْتُمُوْهُ فَاِنَّكُمْ غٰلِبُوْنَ ۚ وَ عَلَى اللّٰهِ فَتَوَكَّلُوْٓا اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ . قَالُوْا يٰمُوْسٰٓى اِنَّا لَنْ نَّدْخُلَهَآ اَبَدًا مَّا دَامُوْا فِيْهَا فَاذْهَبْ اَنْتَ وَ رَبُّكَ فَقَاتِلَآ اِنَّا هٰهُنَا قٰعِدُوْنَ . قَالَ رَبِّ اِنِّىْ لَآ اَمْلِكُ اِلَّا نَفْسِىْ وَ اَخِىْ فَافْرُقْ بَيْنَنَا وَ بَيْنَ الْقَوْمِ الْفٰسِقِيْنَ . قَالَ فَاِنَّهَا مُحَرَّمَةٌ عَلَيْهِمْ اَرْبَعِيْنَ سَنَةً ۚ يَتِيْهُوْنَ فِى الْاَرْضِ ۗ فَلَا تَاْسَ عَلَى الْقَوْمِ الْفٰسِقِيْنَ . [1]

ترجمو: ”اَي منهنجي قوم پاڪ زمين ۾ گهڙو جا الله اوهان لاءِ نهرائي آهي ۽ پوئتي نہ ڦرو نہ تہ ڦري ڇيئي وارا ٿيندئو. چيائون تہ اي موسىٰ بيشڪ اتي ڏاڍي زور واري قوم آهي ۽ اسين منجهس ايسين ڪڏهن نہ گهڙنداسون جيسين اهي منجهائنس(نہ) نڪرن. پوءِ جيڪڏهن اهي اتان نڪرن تہ اسين گهڙڻ وارا آهيون. جيڪي خدا کان ڊڄندا هئا تن مان ٻہ ڄڻا جن تي الله نعمت ڪئي هئي سي چوڻ لڳا تہ در کان مٿن گهڙو، پوءِ جڏهن در کان لنگهيو تڏهن اوهين پڪ غالب آهيو ۽ جيڪڏهن مومن آهيو تہ الله تي ڀروسو ڪريو. چيائون تہ اي موسىٰ بيشڪ اسين اصلي ڪڏهن منجهس نہ گهڙنداسيون جيسين اهي منجهس رهندا. تنهنڪري تون ۽ تنهنجو پالڻهار وڃي وڙهو. بيشڪ اسين هتي (ئي) ويٺا آهيون. موسىٰ چيو تہ اي پالڻهار آءٌ پنهنجي سر ۽ پنهنجي ڀاءُ کان سواءِ (ٻئي) ڪنهن تي (ٻہ) اختيار نہ ٿو رکان تنهنڪري اسان جي ۽ بيفرمان قوم جي وچ ۾ جدائي ڪر. الله چيو تہ اها پاڪ زمين چاليهہ ورهيہ مٿن حرام ڪئي وئي آهي. زمين (يعني بر) ۾ حيران پريشان رهندا تنهنڪري بي دين قوم تي ڏک نہ ڪر.“

يسعياه نبي هن نافرمان قوم جو ذڪر هن ريت ڪري ٿو:

”پر اسرائيل جي بابت هو (يشعياه نبي) چوي ٿو تہ: آئون سڄو ڏينهن هڪڙيءَ نافرمان ۽ ضدي امت ڏانهن پنهنجا هٿ ڊگهيريندو رهيس.“[2]

هي هن فاسق قوم جي نافرمانين جا مثال هئا، جيڪي الله ۽ الله جي رسول کي سڌو سنئون جواب ڏيئي ويهندا هئا. الله تبارڪ و تعالي بہ کين سزائون ڏيندو ايندو هو. جيئن مٿين آيتن ۾ آهي تہ الله اها مقدس زمين هنن تي چاليهہ سالن لاءِ حرام ڪري ڇڏي. جڏهن اها نسل ختم ٿي ۽ نئين نسل پيدا ٿي تہ ان نسل کي اها سرزمين نصيب ٿي. پر جڏهن ڳالهہ

1. سورة المائده : 21 ـ 26
2. رومين 10 : 21

اتي پهتي جو هنن توريت ونڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ خود پنهنجي پيرن تي ڪهاڙي هڻندي دعا گهريائون ته اسان کي ڪڏهن به وري حورب گهرائي حڪم نه ٻڌايا وڃن، ته الله به چيو ته نيڪ آهي. هاڻي، مان هنن جي لاءِ هنن جي ڀائرن مان تو جهڙو نبي اٿاريندس. يعني اهو نبي خود هنن مان ڪو نه هوندو. ٻي ٻولي ۾ هنن کان نبوت جي منصب جي کسجڻ جو اعلان ٿي ويو. انهيءَ ڳالهه کي يهودي پليءَ پٽ ڄاڻن پيا. جيڪڏهن الله تبارڪ و تعالي جي توفيق شامل حال رهي ته انشاءالله انهيءَ موضوع تي ڪلي بحث ڪنداسين. هن وقت اچو ته ڏسون ته توريت ۾ اهو حورب وارو واقعو ڪيئن بيان ٿيل آهي؟

(2) حورب وارو واقعو توريت مطابق

توريت حورب واري واقعي جي دهشت هن ريت بيان ڪري ٿو.

توريت ۾ آهي ته حضرت موسیٰ ع پنهنجي قوم کي وٺي جبل سينا جي دامن ۾ لٿو. پوءِ ڪيس خداوند جو حڪم ٿيو ته هو پنهنجي قوم وارن کي پاڪ صاف ڪرائي چو ته ٽئين ڏينهن خداوند سينا جبل تي لهندو. پر ڪين سخت تنبيهه ڪئي وئي ته ڪو به ماڻهو جبل تي نه چڙهي اچي ۽ نه ئي جبل کي هٿ لائي جو اهو سنگسار ڪيو ويندو يا ماريو ويندو. ٽئين ڏينهن خداوند جي اچڻ سان جيڪا صورتحال پيش آئي ان کي توريت هن ريت چٽي ٿو.

”۽ ٽيئن ڏينهن صبوح جو بجلي چمڪڻ ۽ گجگوڙ ٿيڻ لڳي ۽ هڪڙو گهاٽو ڪڪر جبل جي مٿان آيو ۽ تريءَ جو تمام وڏو آواز ٿيو. اهڙو جو منزلگاهه جا سيئي ماڻهو ڏڪي ويا ۽ موسیٰ ماڻهن کي خدا سان گڏجڻ لاءِ منزلگاهه کان ٻاهر وٺي آيو ۽ اهي جبل جي هيٺ اچي بيٺا ۽ سينا جبل دونهين سان ڍڪجي ويو. ڇالاءِ جو خداوند باهه جي صورت ۾ انهي تي لٿو ۽ انهي جو دونهون ڪوري جي دونهين وانگر مٿي چڙهڻ لڳو ۽ سارو جبل ڏڏڻ لڳو. جڏهن تريءَ جو آواز درجي بدرجي وڌندو ويو. تڏهن موسیٰ ڳالهايو ۽ خداوند ڪيس هڪڙي آواز سان جواب ڏنو.“[1]

انهي کان پوءِ خدا جي ڏنل ڏهن حڪمن جو بيان آهي. انهيءَ کان بعد وري ڪتاب الخروج باب 20 ۾ هيئن لکيل آهي:

”پوءِ جڏهن سيني ماڻهن گجگوڙ، بجلي، تريءَ جو آواز ۽ جبل جو دونهون ڏٺو. تڏهن ڏڪي ويا ۽ پري وڃي ويٺا ۽ هنن موسیٰ کي چيو ته تون اسان سان ڳالهاءِ ته اسين ٻڌون. پر خدا اسان سان نه ڳالهائي، متان اسان مري وڃون.“[2]

ڪتاب استثنا ۾ حورب جون ڳالهيون حضرت موسیٰ ع جي زباني

---

1. خروج 19 : 16 ـ 19

2. خروج 20 : 18 ـ 19

بيان ٿيل آهن. جڏهن حضرت موسىٰ ع توريت جا مشهور ڏهہ حڪم (Ten Commandments) وٺي پنهنجي قوم وٽ آيو تہ هنن کي اهي ڏهہ حڪم پڙهي ٻڌائڻ کان پوءِ فرمايائين:

”اهي ڳالهيون خداوند انهي جبل وٽ، باهہ ۽ ڪڪر ۽ انڌڪار جي وچ مان، اوهان جي ساري جماعت کي وڏي آواز سان ٻڌايون ۽ انهيءَ کان سواءِ ٻيو ڪي بہ ڪين چيائين ۽ هن اهي پٿر جي ٻن تختين تي لکي مون کي ڏنيون ۽ هيئن ٿيو، تہ جڏهن جبل باهہ سان پئي ٻريو ۽ اوهان انڌڪار جي وچ مان اهو آواز ٻڌو، تڏهن اوهين مون وٽ آيا. يعني اوهانجن قبيلن جا رئيس ۽ اوهانجا بزرگ ۽ اوهان چيو تہ ڏس. خداوند اسان جي خدا پنهنجو جلال ۽ پنهنجي عظمت ڏيکاري آهي ۽ اسان هنجو آواز باهہ جي وچ مان ٻڌو آهي: اڄ اسان ڏٺو آهي، تہ خدا ماڻهو سان ڳالهائي ٿو، تہ بہ ماڻهو جيئرو ٿو رهي. تنهنڪري هاڻي اسين ڇو پنهنجي جان وڃايون؟ ڇالاءِ جو هيءُ وڏي باهہ اسانکي ساڙي ڇٽ ڪندي: جيڪڏهن اسين وري خداوند اسانجي خدا جو آواز ٻڌنداسين، تہ اسين مري وينداسين. ڇالاءِ جو اهڙو ڪهڙو انسان آهي جو اسان وانگر باهہ جي وچ مان زنده خدا کي ڳالهائيندو ٻڌي ۽ پوءِ بہ جيئرو رهي؟ تون ويجهو وڃ ۽ جيڪي خداوند اسانجو خدا توکي چوي سو ٻڌ: ۽ جيڪي خداوند اسان جو خدا توکي فرمائي، سو اسان کي ٻڌاءِ: ۽ اسين اهو ٻڌنداسين ۽ انهي تي عمل ڪنداسين ۽ جڏهن اوهان مون سان ڳالهايو پئي، تڏهن خداوند اوهان جون ڳالهيون ٻڌيون؛ ۽ خداوند مون کي چيو، تہ هنن ماڻهن جيڪي توسان ڳالهايو آهي؛ سو مون ٻڌو آهي: هننجو چوڻ درست آهي.“[1]

هي هيون قرآن ۽ توريت مطابق اهي وحشتناڪ حالتون جيڪي يهودين کي پنهنجي ڪرتوتن جي ڪري حورب ۾ پيش آيون ۽ انهن کي ڏسي ڪري هنن درخواست ڪئي تہ آئينده اسان کي اهڙيون حالتون پيش نہ اچن. جنهنجو نتيجو اهو نڪتو جو الله چيو تہ پلا هاڻي توهان کي نبوت ڏيئي ڪري ڪونہ آزمايو ويندو؛ پر توهان کي نبوت جي مقابلي ۾ آزمايو ويندو تہ توهان ڪيترا تابعدار نڪرو ٿا ؟

مولانا طالب حسين ڪرپالوي هن پيشنگوئي جي وضاحت ڪندي لکن ٿا تہ:

”(متين پيشنگوئي جي) هن عبارت ۾ حورب کان مراد اهو پهاڙ آهي جتي حضرت موسىٰ ع کي پهريون دفعو شريعت جا حڪم ڏنا ويا ۽ بني اسرائيل جي جنهن درخواست جو هن ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي، انهيءَ جو مطلب هي آهي تہ آئنده جيڪڏهن ڪا شريعت اسان کي ڏني وڃي تہ

1. استثنا 5 : 22 ـ 28

هنن خوفناڪ حالتن ۾ نہ ڏني وڃي، جيڪي حالتون حورب پهاڙ جي دامن ۾ شريعت ڏيڻ وقت پيدا ڪيون ويون هيون. انهيءَ جي جواب ۾ حضرت موسىٰ ع بني اسرائيل کي ٻڌائين ٿا تہ الله تعالي توهان جي هي درخواست منظور ڪري ورتي آهي. هن جو ارشاد آهي تہ مان هنن لاءِ هڪ اهڙو نبي اٿاريندس جنهن جي وات ۾ پنهنجو ڪلام وجهندس. يعني آئينده شريعت ڏيڻ وقت اهي خوفناڪ حالتون پيدا نہ ڪيون وينديون، جيڪي حورب پهاڙ جي دامن ۾ پيدا ڪيون ويون هيون. بلڪ هاڻي جيڪو نبي انهيءَ منصب تي مامور ڪيو ويندو، تنهنجي وات ۾ بس الله جو ڪلام وڌو ويندو ۽ هو اهو خدا جي خلق کي ٻڌائيندو."[1]

(ث) الله تبارڪ وتعالي پنهنجو ڪلام هن جي وات ۾ وجهندو

وَ النَّجْمِ اِذَا هَوٰى ۙ .مَا ضَلَّ صَاحِبُكُمْ وَ مَا غَوٰى ۚ . وَ مَا يَنْطِقُ عَنِ الْهَوٰى ؕ .اِنْ هُوَ اِلَّا وَحْيٌ يُّوْحٰى ۙ .[2]

ترجمو: "قسم آهي تاري جو جڏهن اهو لٿو، توهان جو ساٿي نہ ڀلو آهي نہ بيراهو ٿيو آهي. اهو پنهنجي نفس جي خواهش سان نہ ڳالهائيندو آهي. اهو (قرآن) تہ هڪ وحي آهي جيڪو مٿس نازل ڪيو ويندو آهي."

احمد ديدت صاحب پنهنجي ڪتابچي "وات دي بائيبل سيز اباؤٽ محمدؐ" (What the Bible says about Muhammad pbuh) ۾ هڪ عيسائي عالم سان پنهنجي مباحثي جو احوال ڏيندي "وردس ان دي مائوٿ" (Words in the Mouth) جي زير عنوان لکي ٿو تہ:

"توهان ڏٺو، شروعات ۾ جڏهن مون توهان کي (عيسائي عالم کي) چيو تہ استثنا جي باب 18 جي آيت 18 کوليو ۽ جيڪڏهن مان توهان کي (ان وقت) چوان ها تہ پڙهو ۽ جيڪڏهن توهان پڙهو ها تہ:

"چا مان پنهنجو ڪلام اوهان جي وات ۾ وجهي رهيو هجان ها ؟"

عيسائي عالم جواب ڏنو: "نہ."

"پر" مون جاري رکيو: "جيڪڏهن مان توهان کي عربيءَ جهڙي هڪ اهڙي زبان سيکاريندو هجان ها جنهنجي باري ۾ اوهان کي معلومات نہ هجي ها ۽ جيڪڏهن مان چوان ها تہ پڙهہ يا جيڪو مان چوان اهو منهنجي پٺيان دهراءِ : مثال طور:

(1) قُلْ هُوَاللّٰهُ اَحَدٌ ۚ : چئو تہ الله آهي اڪيلو.

(2) اَللّٰهُ الصَّمَدُ ۚ : الله سڀ کان بي نياز آهي ۽ سڀ ان جا محتاج آهن.

(3) لَمْ يَلِدْ ۙ وَلَمْ يُوْلَدْ ۙ : نہ ان جي ڪا اولاد آهي ۽ نہ هو ڪنهن جي اولاد آهي.

---

1. ڪرپالوي، طالب حسين، مولانا، "سيرت النبي صلي الله عليہ وآلہ وسلم" اسلاميہ دارالتبليغ، لاهور، يڪم اپريل 1991ع، جلد سوم، ص 66

2. سورة النجم : 1 ـ 4

(4) وَلَمْ يَكُنْ لَّهٗ كُفُوًا اَحَدٌ : ۽ سندس ڪوئي برابر نہ آهي.[1]

چا اهي ڏاريي ٻولي جا اڻ ٻڌل لفظ جيڪي تون دهرائين ٿو، مان تنهنجي وات ۾ نہ وجهي رهيو آهيان ؟

عيسائي عالم قبول ڪيو تہ اهو سچ پچ ائين آهي.

”هوبهو ساڳئي نموني“ مون چيو: ”قرآن پاڪ جا لفظ محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم تي قادر مطلق الله طرفان الهام طور نازل ٿيا هئا.“

تاريخ اسان کي ٻڌائي ٿي تہ محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم چاليهن سالن جي عمر جو هو. هو مڪي جي شهر کان ڪجهہ ٽي ميل اتر ۾ هڪ غار ۾ هو. هي مسلمانن جي مهيني رمضان جي ستاويهين جي رات هئي. فرشتن جي سردار (Archangel) جبرائيل هن کي پنهنجي مادري ٻولي ۾ چيو:

اقراء

جنهن جي معني آهي پڙهہ ! يا اعلان ڪر يا دهراءِ!

محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم ڊڄي ويجي ٿو ۽ هڪو ٻڪو ٿي ورندي ڏئي ٿو:

ما انا بقارءِ

جنهنجي معني آهي: مان پڙهيل نہ آهيان. فرشتو ڪيس ٻيهر چوي ٿو، نتيجو ساڳيو ملي ٿو. ٽئين دفعي فرشتو چوي ٿو:

اِقْرَاْ بِاسْمِ رَبِّكَ الَّذِیْ خَلَقَ ۚ.

هاڻي محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم آهستہ چوي ٿو، انهيءَ کي دهرائڻ، جيڪو هن کي گهرجي پيو ۽ هو لفظن کي دهرائي ٿو، جيئن اهي (جڻ) هن جي وات ۾ وڌا وجن پيا.

(1) اِقْرَاْ بِاسْمِ رَبِّكَ الَّذِیْ خَلَقَ ۚ

(اي پيغمبر) پنهنجي پالڻهار جي نالي سان پڙهہ جنهن (سارو جڳ) خلقيو.

(2) خَلَقَ الْاِنْسَانَ مِنْ عَلَقٍ ۚ

ماڻهوءَ کي رت جي دڳ مان ٺاهيائين.

(3) اِقْرَاْ وَ رَبُّكَ الْاَكْرَمُ ۙ

پڙهہ ۽ تنهنجو پالڻهار ڏاڍو سڳورو آهي.

(4) الَّذِیْ عَلَّمَ بِالْقَلَمِ ۙ

جنهن (ماڻهوءَ کي علم) قلم سان سيکاريو.

(5) عَلَّمَ الْاِنْسَانَ مَا لَمْ يَعْلَمْ ؕ

1. سورة الاخلاص : 1 ـ 4

ماڻهوءَ کي اهو سيکاريائين جو نہ ڄاڻندو هو.[1]

هي پهريون پنج آيتون آهن، جيڪي محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم تي نازل ٿيون، جيڪي هاڻي قرآن جي سورة 96 جي شروعات ۾ آهن.

(الف) وفا شعار گواهہ

جيئن ئي فرشتو هليو ويو، محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم تيزيءَ سان گهرڏانهن روانا ٿيا.

خوفزده ۽ پگهر ۾ شل، هن پنهنجي پياري گهرواريءَ خديجہ رض کي چيو تہ "هن کي اوڍي." هو سمهي پيا ۽ هن هن جي سار لڌي. جڏهن هن پنهنجي حالت تي ضابطو آندو، تہ هن هنکي تفصيل سان ٻڌايو تہ هن ڇا ڏٺو ۽ ڇا ٻڌو. هن هنکي هن مٿان پنهنجي ايمان جو يقين ڏياريو ۽ هي تہ الله هن سان ڪا خوفناڪ ڳالهہ ٿيڻ نہ ڏيندو. ڇا هي سڀ ڪجهہ ڪنهن مڪار جا اعترافات ٿي سگهن ٿا ؟ ڇا مڪار ماڻهو اعتراف ڪندا آهن تہ جڏهن الله جو فرشتو مٿان ڪان کو پيغام کڻي اچي ٽڪرائيندو آهي تہ هو خوف ۾ ونجي ٿا وڃن ۽ دهشتزده ۽ پگهر ۾ شل ٿي پنهنجي گهر وارين ڏانهن گهر پهچي ويندا آهن ؟

ڪوبہ نقاد هن جو رد عمل ۽ اعتراف ڏسي سگهي ٿو .جيڪي هڪ ايماندار، مخلص، سچائي واري ماڻهو-الامين-ايماندار، بلند ڪردار ۽ صادق طرفان هو. پنهنجن پوين ٽيويهن سالن جي پيغمبرانا زندگي جي دوران ڪلمات هن جي وات ۾ وڌا ويا ۽ هن اهي دهرايا. انهن هن جي دل ۽ دماغ تي اڻ مٽجندڙ اثر وڌا ۽ جيئن مقدس ڪتاب (قرآن پاڪ) جي ضخامت وڌي تہ اهي کجين جي پنن تي ۽ کلن تي ۽ جانورن جي کلهي وارن هڏن تي ۽ مخلص اصحابن جي دلين ۾ محفوظ ڪيا ويا. هن جي رحلت کان اڳ هنن ڪلمن کي اها ترتيت ڏني وئي جنهن ۾ اجڪلهہ اسان قرآن کي ڏسي رهيا آهيون.

ڪلمات (وحي) سچ پچ ۾ هن جي وات ۾ وڌا ويا، بلڪل اهڙيءَ طرح جيئن زير بحث پيشنگوئي ۾ پيشنگوئي ٿيل آهي تہ:

"آءٌ پنهنجو ڪلام هن جي وات ۾ وجهندس."[2] [3]

قرآن شريف ۾ ڪجهہ ٻيون آيتون بہ انهيءَ جي تائيد ۾آهن تہ حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم جيڪو ڪجهہ ڳالهائي ٿو سو وحي کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ آهي. مثال طور:

---

1. سورة العلق : 1 ـ 5
2. استثنا 18 : 18
3. ديدت، احمد، وات دي بائيبل سيز اباؤٽ محمد (صلي الله عليہ وآلہ وسلم) (Deedat, Ahmed, "What the Bible Says About Muhammad pbuh Printed at the Expence of Ministry of Awqaf and Islamic Affairs, Islamic Affairs Department, State Qatar (Gratis). 15th Print, March 2005, Page14-16)")

لَا تُحَرِّكْ بِهٖ لِسَانَكَ لِتَعْجَلَ بِهٖ ۔ اِنَّ عَلَيْنَا جَمْعَهٗ وَ قُرْاٰنَهٗ ۔ فَاِذَا قَرَاْنٰهُ فَاتَّبِعْ قُرْاٰنَهٗ ۔[1]

ترجمو: ”(اي پيغمبر وحي جي) قرآن پڙهڻ مهل پنهنجي زبان کي (هن لاءِ) نہ چور تہ اهو جلدي (ياد ڪري) وٺين ڇو تہ (تنهنجي سيني ۾) قرآن جو گڏ ڪرڻ ۽ ان جو پڙهڻ اسان جي ذمي آهي. پوءِ جڏهن قرآن (ملائڪ کان) پڙهايون تڏهن (پنهنجي دل) انجي پڙهڻ جي پٺيان لڳاءِ.“

فَتَعٰلَى اللّٰهُ الْمَلِكُ الْحَقُّ ۚ وَلَا تَعْجَلْ بِالْقُرْاٰنِ مِنْ قَبْلِ اَنْ يُّقْضٰٓى اِلَيْكَ وَحْيُهٗ ۫ وَقُلْ رَّبِّ زِدْنِيْ عِلْمًا ۔[2]

ترجمو: ”پوءِ الله سچو بادشاھ مٿاهون آهي ۽ قرآن (جي پڙهڻ) ۾ ان کان اڳ جو تو ڏانهن ان جو لهڻ پورو ڪجي تکڙ نہ ڪر ۽ چئو تہ اي منهنجا پالڻهار منهنجو علم وڌاءِ.“

هڪ مسلمان لاءِ هي ڳالهيون سمجهڻ بلڪل آسان آهن. پر هڪ غير مسلم لاءِ مشڪل هوندا آهن. ڇو تہ هنن ڳالهين کي سمجهڻ دوران هنن جي سوچ، سمجھ ۽ عقل تي پردا پئجي ويندا آهن. اهڙن عقل تي پردن پيلن مان هڪ جان گلڪرسٽ آهي. اچو تہ ڏسون تہ هو پيشنگوئي جي هنن لفظن تہ: ”آءٌ پنهنجو ڪلام هن جي وات ۾ وجهندس“ بابت ڇا فرمائي رهيو آهي:

”عيسائي اهو ايمان ڪونہ رکندا آهن تہ ڪو قرآن الله جو ڪلام آهي. پر خالص طور تي بحث جي خاطر اسان ڪٽي مڃون ٿا تہ جيڪڏهن خدا سچ پچ پنهنجوڪلام محمدﷺ جي وات ۾ وڌو بہ ڪٽي تہ ڇا اهو ثابت ڪري سگهي ٿو تہ استثنا 18:18 ۾ بيان ڪيل پيغمبر محمدﷺ آهي؟ اسان جي نظر ۾ هي بيان تہ: ”آءٌ پنهنجو ڪلام هن جي وات ۾ وجهندس“ ڪنهن بہ صورت ۾ حوالي ڏنل پيغمبر کي سڃاڻڻ ۾ مدد نہ ٿو ڪري. هي تہ هر پيغمبر جي لاءِ سچ آهي تہ خدا هن جي وات ۾ پنهنجو ڪلام وڌو.

خداوند ير مياه کي فرمايو:

”ڏس، مون پنهنجون ڳالهيون تنهنجي وات ۾ وڌيون آهن:“[3]

انهيءَ کان علاوه اسان استثنا 18:18 ۾ پڙهون ٿا تہ پيغمبر جيڪو موسىٰ جهڙو ٿيندو. (ان لاءِ آهي تہ):

”جيڪي آءُ هنکي فرمائيندس، سو هو هنن کي ٻڌائيندو.“

هاڻي اسان پڙهون ٿا تہ عيسي عليہ السلام هڪ دفعي پنهنجي حوارين کي چيو تہ:

”ڇالاءِ جو مون پاڻ ڪلام ڪونہ ڪيو آهي تہ ڇا چوان ۽ ڇا ڳالهايان ۽ آئون ڄاڻان ٿو تہ سندس حڪم هميشہ جي زندگي آهي: تنهنڪري جيڪي ڳالهيون آئون چوان ٿو سي اصل جيئن منهنجي پيءُ مونکي

---

1. سورة القيامة : 16 ـ 18
2. سورة طہٰ : 114
3. يرمياه 1 : 9

چيون آهن، تيئن ئي ٿو چوان.“[1]

هڪ ساڳئي قسم جو بيان جيڪو هن جي وضاحت ڪري ٿو ان عظيم عبادت ۾ ملي ٿو جيڪا عبادت عيسي ع ان آخري رات ۾ ڪئي هئي جڏهن هو پنهنجي حوارين سان هو. هن چيو:

”ڪلام جو تو مون کي ڏنو ، سو مون کين ڏنو آهي.“[2]

تنهنڪري ڪنهن به صورت ۾ ڪتاب استثنا 18:18 جي عبارت ۾ پيغمبر جي سڃاڻپ جو بنياد، هن حقيقت کان ته: ”خدا پنهنجو ڪلام هن جي وات ۾ وجهندو“ نه ٿو رکي سگهجي.

هر هڪ پيغمبر سان جيڪو سچو آهي اهائي صورتحال آهي ۽ عظيم پيغمبر، جنهن جو حوالو هن عبارت ۾ آهي، جيڪو اهڙيءَ طرح انفرادي طور تي موسىٰ جهڙو ٿيندو جهڙو ٻيو ڪو نه هوندو (سو) ضرور اهڙيءَ طرح ٻين ذريعن کان سڃاتو وڃي.“[3]

جان گلڪرسٽ کي سڀ کان پهريون ته هي ڳالهه سمجهڻ کپي ته پيشنگوئي ۾ ”آءٌ پنهنجو ڪلام هن جي وات ۾ وجهندس“ هن نبيءَ جي سڃاڻپ جي نشانين مان هڪ خاص نشاني آهي ۽ هن نشاني کي جان گلڪرسٽ سيني نبين لاءِ ساڳي صورتحال لکي مشتبه ۽ گم ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪئي آهي. پر هن جي ڏوڪي ۾ سطحي علم رکندڙ ئي اچي سگهي ٿو.

ٻي ڳالهه ته جيڪڏهن هي نشاني ٻين نبين جي نشانين کان منفرد نه هجي ها ته الله تبارڪ وتعالي ان کي سڃاڻپ جي هڪ نشاني طور بيان نه ڪري ها.

سموري 66 ڪتابن يا 72 ڪتابن واري بائيبل جي نسخي کي پڙهڻ کان بعد به ڪوبه شخص ثابت نه ٿو ڪري سگهي ته ڪو هڪڙو ئي ڪتاب اهڙو هجي جيڪو مڪمل طور تي خدا جو خطاب سڏجي سگهجي. ايتري تائين جو توريت جي پهرين پنجن (5) ڪتابن بابت جيئن دعوي ڪئي ويندي آهي ته هي حضرت موسىٰ ع کي الله تبارڪ وتعالي طرفان لکيل مليون آهن ۽ عيسائي خاص طور تي قرآن تي تنقيد ڪندي مسلمانن کي فخريا چوندا آهن ته توهان جو ڪتاب قرآن لکيل نازل ڪونه ٿيو آهي. اهو ته محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم پنهنجي طرفان ماڻهن کي لکرايو آهي. اهو توريت به هيئن لکيل آهي:

”۽ خداوند موسىٰ کي فرمايو ته.......“[4]

---

1. يوحنا 12 : 49 ـ 50
2. يوحنا 17 : 7
3. گلڪرسٽ، جان، ”از محمد فورٽولڊ ان دي بائيبل؟“، ص 8 (انٽرنيٽ)
4. ڳاڻاڻو 25 : 10

”۽ خداوند هارون کي فرمايو ته.....“[1]

”خداوند مونکي چيو........................“[2]

هي لکڻ جو طريقو ئي ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي ته هي ڪلام نه الله تبارڪ وتعالي جو لکيل آهي ۽ نه ئي حضرت موسىٰ ع جو لکيل آهي. پر هڪ ٽيون شخص آهي جيڪو هي سڀ ڳالهيون بيان ڪري رهيو آهي.

۽ ڪتاب استثنا جي آخري باب ۾ ته حضرت موسىٰ ع جي وفات ۽ دفن جو پڻ ذڪر ٿيل آهي. ته اهڙي شيءِ کي ڪيئن تسليم ڪجي ته هيءَ اها ئي شيءِ آهي، جيڪا الله تبارڪ وتعالي حضرت موسىٰ ع کي تختين تي لکي ڏنيون هيون.

انهي کان علاوه جيڪي به ڪتاب آهن، اهي پڻ ڪنهن نه ڪنهن ٽئين شخص جون لکڻيون آهن مثال طور:

(1) متي رسول جي معرفت انجيل.

(2) مرقس جي معرفت پاڪ انجيل.

(3) لوقا جي معرفت پاڪ انجيل.

(4) يوحنا رسول جي معرفت پاڪ انجيل.

هي پنهنجن نالن کان ئي ظاهر آهن ته هي انجيل نه الله تبارڪ وتعالي طرفان آهن ۽ نه ئي حضرت عيسىٰ ع ڪين لکرايو آهي. بلڪ هي ڪنهن ٽئين شخص طرفان لکيون ويون آهن. هنن ماڻهن اهي انجيل حضرت عيسىٰ ع جي آسمان تي ڪجي وڃڻ کان به 50 سال بعد لکيون آهن.

انهيءَ جي مقابلي اوهان قرآن شريف کي ڏسو! الله تبارڪ و تعالي پنهنجو ڪلام حضرت جبرائيل ع جي ذريئي حضور صلي الله عليه وآله وسلم جي قلب تي نازل فرمايو ۽ پاڻ سڳوراﷺ جن وحي کي انهيءَ نموني دهرائين ٿا. هن جو بيان اسان اڳ ۾ ڪري چڪا آهيون.(تفصيل لاءِ ڏسو سورة القيامة 16_18 ۽ سورة طه 114). اوهان قرآن شريف کي پڙهو ته شروع کان وٺي آخر تائين اوهان کي محسوس ٿيندو ته اسان سان الله تبارڪ وتعالي خود مخاطب آهي.

انهيءَ کي چئبو آهي ”پنهنجو ڪلام سندس وات ۾ وجهڻ.“

ٻئي طرف انجيلن جي حالت اها آهي جو اهي جو قرآن جو مقابلو ته نهيو پر سچ ۾ ته اهي حديث ۽ سيرت جي ڪتابن جو مقابلو ڪرڻ کان به قاصر آهن، جن کي مسلمانن وڏي دقت نظر کان بعد قبول عام جي سند ڏني آهي. جنهن جي ڪري علم رجال جو بنياد پيو ۽ مسلمانن دنيا کي هڪ نئين علم کان متعارف ڪرايو. حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم جي سموري زندگي جي قول، فعل، عمل ۽ تبليغ جي احوالن تي

---

1. ڳاڻاڻو 18 : 8

2. استثنا 10 : 1

مشتمل حديث ۽ سيرت جا اهي ڪتاب علم وارن اڳيان هنن انجيلن جي مقابلي ۾ وڌيڪ اعتماد وارا ليکبا.

اسان جي هن سموري بحث جو مطلب اهو آهي ته الله تبارڪ وتعالي پنهنجو ڪلام حضور صلي الله عليه وآله وسلم جي قلب تي نازل ڪيو، جيڪو هن وقت به اسان وٽ قرآن جي شڪل ۾ موجود آهي ۽ قرآن چئلينج ٿو ڪري ته جيڪڏهن توهان کي منهنجي الله جي ڪلام هجڻ ۾ شڪ آهي ته مون جهڙو ڪلام آڻي ڏيکاريو. چوڏهن سو (1400) سالن کان مٿي جو عرصو گذري ويو آهي. حضور صلي الله عليه وآله وسلم جي رحلت کان وٺي اڄ ڏينهن تائين، هر دور ۾ لکين اهڙا عيسائي، يهودي ۽ ٻيا غير مسلم رهيا آهن، جن جي مادري زبان عربي رهي آهي. پر هن وقت تائين ڪوبه قرآن جي انهيءَ چيلينج جو جواب نه ڏيئي سگهيو آهي ۽ نه ئي ڏيئي سگهندو.

ته مسٽر جان گلڪرسٽ الله جو ڪلام انهي کي چئبو آهي. باقي ته هر پيغمبر الله تبارڪ و تعالي جي حڪمن مطابق ۽ هن جي چوڻ مطابق ئي الله جي دين جي تبليغ ڪندا آهن ۽ انهيءَ ڳالهه ۾ سيني نبين ۾ ڪو فرق ڪونه آهي.

(ج) جيڪي آءٌ هن کي فرمائيندس سو هو هنن کي ٻڌائيندو

حضرت موسیٰ ع جي سيرت ۾ اسان کي ملي ٿو ته پاڻ پنهنجي حياتي جي آخري ڏينهن ۾ بني اسرائيل وارن کي گهرائي وصيت ڪئي هيائون. ڪتاب استثنا ۾ اها ڳالهه هن ريت بيان ٿيل آهي:

"اوهين پنهنجن قبيلن جي سيني بزرگن کي ۽ پنهنجن عملدارن کي مون وٽ وٺي اچو، ته آءٌ انهن جي ٻڌندي هي ڳالهيون چوان ۽ آسمان ۽ زمين جي مٿن شاهد ڪريان. ڇالاءِ جو مون کي خبر آهي ته منهنجي مرڻ کان پوءِ اوهين پاڻ کي بلڪل بگاڙي ڇڏيندا ۽ جن ڳالهين جو مون اوهان کي حڪم ڏنو آهي تنهن کان ڦري ويندا."[1]

اسان کي حضور صلي الله عليه وآله وسلم جي سيرت ۾ به حضرت موسیٰ ع وارو ڪردار ملي ٿو. سڀ کان پهريائين ته الله تبارڪ وتعالي کين حڪم فرمائيندي نظر اچي ٿو ته توهان کي جيڪو پيغام ڏنو ويو آهي سو عوام الناس تائين پهچايو.

قرآن شريف ۾ آهي ته:

يَاَيُّهَا الرَّسُوْلُ بَلِّغْ مَآ اُنْزِلَ اِلَيْكَ مِنْ رَّبِّكَ ؕ وَاِنْ لَّمْ تَفْعَلْ فَمَا بَلَّغْتَ رِسَالَتَهٗ ؕ وَ اللّٰهُ يَعْصِمُكَ مِنَ النَّاسِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِى الْقَوْمَ الْكٰفِرِيْنَ.[2]

ترجمو: "اي پيغمبر جيڪو "قرآن" تو ڏانهن تنهنجي پالڻهار وٽان

---

1. استثنا 31 : 28 ـ 29
2. سورة المائده : 67

لاٿو ويو آهي سو پهچاءِ ۽ جيڪڏهن ”ايئن“ نہ ڪيئي تہ سندس پيغام نہ پهچايئي. الله توکي ماڻهن کان پناهہ ڏيندو ۽ الله ڪافرن جي قوم کي سڌو رستو نہ ڏيکاريندو آهي.“

تفسير ابن ڪثير ۾ هن آيت جي تفسير ۾ لکيل آهي تہ:

”الله تعالي پنهنجي نبيءَ کي حڪم ڏيئي رهيو آهي تہ تعالي جا سڀ حڪم ماڻهن تائين پهچائي ڇڏ. حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم بہ ايئن ڪيو.

صحيح بخاري ۾ آهي تہ حضرت عائشہ رضہ فرمائين ٿيون تہ جيڪو توکي چوي تہ حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم ڪنهن نازل ڪيل حڪم کي لڪائي ڇڏيو تہ ڄاڻي ونو تہ اهو ڪوڙو آهي. الله پنهنجي نبيءَ کي هي حڪم ڏنو آهي. پوءِ پاڻ هن آيت جي تلاوت ڪيائون.“[1]

حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم پنهنجي آخري حج (حجتہ الوداع) دوران عرفہ جي مقام تي هڪ ڊگهو خطبو ڏنائون. ماڻهن اڳيان دين جا اهم احڪام بيان فرمايائون. علامہ وحيدالزمان پنهنجي ڪتاب تيسيراالباري ترجمہ وشرح صحيح بخاري جي نون جلدن مان اٺن جلدن جي آخر ۾ پنجن صفحن تي مشتمل اهو خطبو شامل ڪيو آهي. انهيءَ خطبي جي آخر ۾ حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم فرمائين ٿا تہ:

”ٻڌو! جيڪي ماڻهو هتي موجود آهن انهن کي کپي تہ هي احڪام ۽ هي ڳالهيون انهن ماڻهن کي ٻڌائين جيڪي هتي نہ آهن. ٿي سگهي ٿو تہ ڪو غير موجود توهان کان وڌيڪ سمجهڻ ۽ محفوظ رکڻ وارو هجي ۽ توهان کان منهنجي باري ۾ (الله وٽ) سوال ڪيو ويندو. ٻڌايو! توهان ڇا جواب ڏيندو؟“

ماڻهن جواب ڏنو:

”اسان هن ڳالهہ جي شهادت ڏينداسين تہ توهان صہ امانت (دين) پهچائي ڇڏيو ۽ توهان رسالت جو حق ادا ڪري ڇڏيو ۽ امت جي خير خواهي فرمائي.“

هي ٻڌي ڪري حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم پنهنجي شهادت جي آڱر آسمان ڏانهن کنئي ۽ ماڻهن ڏانهن اشارو ڪندي ٽي دفعہ فرمايائون:

خدايا گواهہ رهجانءِ!
خدايا گواهہ رهجانءِ!

---

1. ابن ڪثير، عمادالدين، علامہ ”تفسير ابن ڪثير“(اردو)، مترجم: جوناگڙهي، محمد صاحب، مولانا؛ دارالاشاعت، اردو بازار، ڪراچي، طباعت: آڪٽوبر 2002ع، جلد اول، ص 711

خدايا گواھ رھجانءِ!“[1]

انهيءَ کان بعد الله تبارڪ وتعالي قرآن ۾ ڪين سند ڏئي ٿو ته واقعي توهان کي جيڪي احڪام ڏنا ويا، توهان اهي ماڻهن تائين پهچائي ڇڏيا .لهذا توهان جو دين هاڻي مڪمل ٿي چڪو آهي:

اَلۡيَوۡمَ اَكۡمَلۡتُ لَكُمۡ دِيۡنَكُمۡ وَاَتۡمَمۡتُ عَلَيۡكُمۡ نِعۡمَتِىۡ وَرَضِيۡتُ لَكُمُ الۡاِسۡلَامَ دِيۡنًا ؕ [2]

ترجمو: ”اڄ اوهان جو دين اوهان لاءِ ڪامل ڪيم ۽ اوهان تي پنهنجي نعمت پوري ڪيم ۽ اوهان لاءِ دين اسلام پسند ڪيم.“

مٿين ڳالهين مان صاف ظاهر آهي ته الله تبارڪ وتعالي جيڪي ڪجهه حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم کي حڪم فرمايو اهو حڪم حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم انسانن تائين پهچائي ڇڏيو. جنهن جي گواهي اصحابن به ڏني ته الله تبارڪ وتعالي به انهيءَ جي تاعيد ڪئي.

ٻئي طرف اسان ڏسون ٿا ته حضرت عيسیٰ ع پنهنجي قوم کي فرمائيندي نظر اچي ٿو ته اهڙيون گهڻيون ڳالهيون آهن جيڪي مان اوهان آڏو بيان نہ ٿو ڪري سگهان. يعني انهيءَ وقت انسان جو ذهن اهي ڳالهيون قبول ڪرڻ جهڙو ڪونہ هو.

انجيل يوحنا ۾ آهي تہ:

”مون کي اجان به اوهان کي ڪيترين ڳالهيون چوڻيون آهن. پر اهي اوهين هينئر سهي ڪين سگهندا. پر جڏهن اهو، يعني سچ جو روح ايندو، تڏهن هو اوهانجو سونهون ٿي اوهان کي سموري سچ ۾ آڻيندو: ڇالاءِ جو هو پاڻُو نہ چوندو، پر جيڪي ڳالهيون ٻڌندو سي ئي چوندو ۽ جيڪي ڳالهيون ٿيڻ واريون آهن، سي اوهان کي ظاهر ڪري ٻڌائيندو.“[3]

هن جو مطلب هي نہ آهي ته ڪو حضرت عيسیٰ ع پنهنجي تبليغ ۾ ڪا ڪوتاهي ڪئي .يا الله جا حڪم ماڻهن تائين نہ پهچايا. پر ان وقت انساني شعور ايترو پختو نہ هو جو اهي ڳاليهون برداشت ڪري سگهي ها.

(ح) هو نبي الله جون ڳالهيون الله جو نالو وٺي ڪري چوندو

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ [4]

---

1. (i) **البخاري، محمد بن إسماعيل، أبي عبد الله**، ”صحيح البخارى“ (اردو)، ترجمو ۽ شرح: وحيدالزمان، علامہ تاج ڪمپني لميٽيڊ، ڪراچي - لاهور - راولپنڊي، آخر ڪتاب، ضميمو: ص 5

(ii) نعيمي، احمد خان، مفتي. ”مرءۃ المناجيح فى شرح مشكوۃ المصابيح“(اردو)، ضياءُ القرآن پبليڪيشنز، لاهور، جلد چهارم، ص116

(iii) الحميري، عبدالملڪ بن هشام بن ايوب، ابو محمد، ”السيرۃ النبوية“ مترجم: نظامي دهلوي، ياسين علي حسني، سيد، اداره اسلاميات، لاهور2، طباعت سوم: مئي 1994ع، جلد دوم، ص 389

2. سورة المائده : 3

3. يوحنا 16 : 12 - 15

4. سورة الفاتحہ : 1

ترجمو: ”شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان نهايت رحم وارو آهي.“

قرآن شريف ۾ هڪ سو چوڏهن سورتون آهن. قرآن جي هر سورت جي شروعات الله جي نالي سان آهي، سواءِ سورت توبہ جي. ڇوتہ هن جي شروعات ئي ڪافرن کي تنبيهہ ڪرڻ سان ٿئي ٿي، تہ اتي رحم ۽ مهرباني ۽ عنايت جي ڳالهہ مناسب ئي نہ آهي.

مسلمان پنهنجي هر ڪم جي شروعات ”بِسۡمِ اللهِ“ سان ڪندا آهن. حديث ۾ روايتن ۾ اسان کي ملي ٿو تہ ڪاڌو کائڻ وقت، وضو ڪرڻ وقت، جانور کي ذبح ڪرڻ وقت، ڪنهن سواري تي چڙهڻ جي وقت، ڪنهن سواري کان لهڻ جي وقت، ڪنهن کي ڪجهہ ڏيڻ جي وقت، ڪنهن کان ڪجهہ وٺڻ جي وقت، حتي ڪہ پنهنجي زال سان همبستري ڪرڻ وقت بہ ”بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ“ چوڻ کپي تا ڪہ فرزند نيڪ ۽ صالح پيدا ٿئي. يعني هر ڪم جي شروعات الله جي نالي سان (يعني ”بِسۡمِ اللهِ“ سان) ڪرڻ کپي. تفسير ابن ڪثير ۾ آهي تہ:

”حديث ۾ آهي تہ جنهن ڪم کي ”بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ“ سان شروع نہ ڪيو وڃي اهو بي برڪت هوندو آهي.“[1]

اسان ڏسون ٿا تہ عيسائي اتفاق سان يا ضرورت جي تحت ڪڏهن ڪڏهن لفظ ”خداوند حضرت عيسىٰ عہ نالي سان“ (In the Name of LORD Jesus) استعمال ڪندا آهن. يا ڪڏهن ڪڏهن (In the name of Father, Mother, Son, Holy Spirit.Ameen) چوندي نظر اچن ٿا. پر هي هنن وٽ ضروري نہ آهي ۽ ٻئي طرف اسان موجوده نئين عهدنامي ۾ حضرت عيسىٰ عہ کان يا سندس حوارين کان اهڙي ڪنهن ڳالهہ جو اظهار نہ ٿا ڏسون ۽ نہ انهن طرفان ڪا اهڙي تعليمات اسان کي ملي ٿي.

(خ) ۽ هيئن ٿيندو تہ جيڪي منهنجيون ڳالهيون هو منهنجي نالي چوندو سي جيڪڏهن ڪونہ ٻڌندو تہ آءٌ انهيءَ کان حساب وٺندس.

قرآن شريف ۾ آهي تہ:

يٰقَوۡمَنَاۤ اَجِيۡبُوۡا دَاعِيَ اللّٰهِ وَ اٰمِنُوۡا بِهٖ يَغۡفِرۡ لَكُمۡ مِّنۡ ذُنُوۡبِكُمۡ وَيُجِرۡكُمۡ مِّنۡ عَذَابٍ اَلِيۡمٍ . وَ مَنۡ لَّا يُجِبۡ دَاعِيَ اللّٰهِ فَلَيۡسَ بِمُعۡجِزٍ فِى الۡاَرۡضِ وَلَيۡسَ لَهٗ مِنۡ دُوۡنِهٖۤ اَوۡلِيَآءُ ؕ اُولٰۤئِكَ فِىۡ ضَلٰلٍ مُّبِيۡنٍ.[2]

ترجمو: ”اي اسان جي قوم الله جي (طرف) سڏيندڙ کي سڏ ڏيو ۽ ان تي ايمان آڻيو تہ (الله) اوهان جا ڪي ڏوهہ اوهان کي بخشي ۽ ڏکوئيندڙ عذاب کان اوهان کي ڇڏائي ۽ جيڪو الله ڏانهن سڏيندڙ کي سڏ

---

1. ابن ڪثير، عمادالدين، علامہ، ”تفسير ابن ڪثير“(اردو)، مترجم: جوناگڑهي، محمد صاحب، مولانا؛ دارالاشاعت، اردو بازار، ڪراچي، طباعت: آڪٽوبر 2002ع، جلد اول، ص 46
2. سورة الاحقاف : 31 - 32

نہ ڏيندو سو ملڪ ۾ (پنهنجي) ٽڪاڻو وارو نہ آهي ۽ الله کان سواءِ ان جا ڪي سچا نہ آهن. اهي پڌري گمراهي ۾ آهن.“

اِنَّآ اَرۡسَلۡنَآ اِلَيۡكُمۡ رَسُوۡلًا ۙ شَاهِدًا عَلَيۡكُمۡ كَمَآ اَرۡسَلۡنَآ اِلٰى فِرۡعَوۡنَ رَسُوۡلًا . فَعَصٰى فِرۡعَوۡنُ الرَّسُوۡلَ فَاَخَذۡنٰهُ اَخۡذًا وَّبِيۡلًا . فَكَيۡفَ تَتَّقُوۡنَ اِنۡ كَفَرۡتُمۡ يَوۡمًا يَّجۡعَلُ الۡوِلۡدَانَ شِيۡبًا . السَّمَآءُ مُنۡفَطِرٌۢ بِهٖ ؕ كَانَ وَعۡدُهٗ مَفۡعُوۡلًا .[1]

ترجمو: ”(اي ماڻهو) بيشڪ اسان اوهان ڏانهن هڪ پيغمبر اوهان تي شاهدي ڏيندڙ موڪليو جهڙيءَ طرح فرعون ڏانهن (موسىٰ کي) پيغمبر (ڪري) موڪليوسون. پوءِ فرعون ان پيغمبر جي نافرماني ڪئي تنهنڪري ان کي سخت پڪڙ ۾ پڪڙيوسون. پوءِ جيڪڏهن (اوهين) ڪافر رهندو تہ اهڙي ڏينهن کان ڪيئن بچندو جيڪو ٻارن کي ٻڍو ڪندو. ان ڏينهن ۾ آسمان ڦاٽندو. الله جو انجام(ضرور پورو) ٿيڻو آهي.“

مٿين آيتن جي تفسير ڪندي مولانا مودودي صاحب لکن ٿا تہ:

”يعني پهريون تہ توهان کي ڊڄڻ گهرجي تہ جيڪڏهن اسان جي موڪليل رسول جي ڳالهہ توهان نہ مڃي تہ ان جو اهو برو نتيجو توهان کي دنيا ۾ ئي ڏسڻو پوندو، جيڪو فرعون ان کان اڳ ۾ انهيءَ ڏوهہ جي نتيجي ۾ ڏسي چڪو آهي. پر فرض ڪريو تہ جيڪڏهن دنيا ۾ توهان تي ڪو عذاب نہ بہ موڪليو ويو تہ قيامت جي ڏينهن جي عذاب کان ڪيئن ڇٽندو.“[2]

(د) پر جيڪو نبي گستاخي ڪري ڪا اهڙي ڳالهہ منهنجي نالي چوندو، جنهنجو مون هنڪي حڪم نہ ڏنو هوندو، يا جيڪو ٻين معبودن جي نالي کي چوندو تہ اهو نبي ضرور ماريو ويندو.

قرآن شريف ۾ اها ڳالهہ اجان بہ وڌيڪ تفصيل ۽ تشريح سان بيان ٿيل آهي:

(1) وَلَوۡ تَقَوَّلَ عَلَيۡنَا بَعۡضَ الۡاَقَاوِيۡلِ . لَاَخَذۡنَا مِنۡهُ بِالۡيَمِيۡنِ . ثُمَّ لَقَطَعۡنَا مِنۡهُ الۡوَتِيۡنَ . فَمَا مِنۡكُمۡ مِّنۡ اَحَدٍ عَنۡهُ حٰجِزِيۡنَ .[3]

ترجمو: ”۽ جيڪڏهن (پيغمبر) اسان تي ڪي ڳالهيون (پاڻون) ٺاهي ها تہ ضرور سڄي هٿ کان ڪيس پڪڙيون ها. وري سندس دل جي رڳ وڍي ڇڏيون ها. پوءِ اوهان مان ڪو هڪڙو (اسان جي عذاب کي) ڪانئس جهلڻ وارو نہ آهي.“

(2) وَمَنۡ اَظۡلَمُ مِمَّنِ افۡتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اَوۡ قَالَ اُوۡحِىَ اِلَىَّ وَلَمۡ يُوۡحَ اِلَيۡهِ شَىۡءٌ وَّمَنۡ قَالَ سَاُنۡزِلُ

---

1. سورة المزمل : 15 ـ 18
2. مودودي، ابوالاعلي، سيد، ”تفهيم القرآن“ (سنڌي)، مترجم: مولانا جان محمد ۽ مولانا اميرالدين، سنڌ اسلامڪ پبليڪيشنز، حيدرآباد، ڇاپو ٽيون، سال 1995ع، جلد ڇهون، ص 141 ـ 142
3. سورة الحاقة : 44 ـ 47

مِثْلَ مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ ؕ وَلَوْ تَرٰٓى اِذِ الظّٰلِمُوْنَ فِيْ غَمَرٰتِ الْمَوْتِ وَالْمَلٰٓئِكَةُ بَاسِطُوْٓا اَيْدِيْهِمْ ۚ اَخْرِجُوْٓا اَنْفُسَكُمْ ؕ اَلْيَوْمَ تُجْزَوْنَ عَذَابَ الْهُوْنِ بِمَا كُنْتُمْ تَقُوْلُوْنَ عَلَى اللّٰهِ غَيْرَ الْحَقِّ وَكُنْتُمْ عَنْ اٰيٰتِهٖ تَسْتَكْبِرُوْنَ .[1]

ترجمو: ”۽ ان کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي جيڪو الله تي ڪوڙو ناھ ٺاهي يا چوي تہ مون ڏانهن وحي ڪيو ويو آهي ۽ ڏانهنس ڪجھ بہ وحي نہ ڪيو ويو هجي. يا چوي تہ جيئن الله (ڪتاب) نازل ڪيو آهي تيئن آءٌ (بہ) ڪتاب نازل ڪندس. (اي پيغمبر) جيڪڏهن ڏسين (تہ جيڪر عجيب لڳئي) جڏهن ظالم موت جي سڪراتين ۾ هوندا ۽ ملائڪ پنهنجن هٿن کي ڊگهو ڪندا، (۽ چوندا تہ) پنهنجن ساهن کي ٻاهر ڪيو. اڄ اوهان کي خواري واري عذاب جي سزا انهيءَ سببان ڏني ويندي جو اوهين الله تي ناحق چوندا هيو ۽ سندس آيتن کان وڏائي ڪندا هيو.“

(3) فَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اَوْ كَذَّبَ بِاٰيٰتِهٖ ؕ اِنَّهٗ لَا يُفْلِحُ الْمُجْرِمُوْنَ .[2]

ترجمو: ”پوءِ اُن کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي جو الله تي ڪوڙو ناھ ٺاهي يا سندس آيتن کي ڪوڙو ڄاڻي. سچ آهي تہ ڏوهاري نہ ڇٽندا.“

هتي مان هڪڙي ڳالھ جي وضاحت ڪندو هلان تہ توريت جي هن حڪم تہ:

”جيڪو نبي گستاخي ڪري ڪا اهڙي ڳالھ منهنجي نالي چوندو، جنهنجو مون هن کي حڪم نہ ڏنو هوندو، يا جيڪو ٻين معبودن جي نالي کي چوندو تہ اهو نبي ضرور ماريو ويندو.“ يا قرآن جي مٿين آيتن مان هي مراد نہ وٺو وڃي تہ جيڪي نبي قتل ٿيا اهي سڀ ڪوڙا نبي هئا. بلڪ ڪيترائي نبي ناحق قتل ٿيا ۽ انهن نبين جي قتل ڪرڻ يا ڪرائڻ ۾ بہ اڪثر بني اسرائيل وارا پيش پيش هوندا هئا.

قرآن شريف ۾ آهي تہ:

وَضُرِبَتْ عَلَيْهِمُ الذِّلَّةُ وَالْمَسْكَنَةُ ۗ وَبَآءُوْ بِغَضَبٍ مِّنَ اللّٰهِ ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ كَانُوْا يَكْفُرُوْنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَيَقْتُلُوْنَ النَّبِيّٖنَ بِغَيْرِ الْحَقِّ ؕ ذٰلِكَ بِمَا عَصَوْا وَّكَانُوْا يَعْتَدُوْنَ.[3]

ترجمو: ”خواري ۽ محتاجي مٿن هنئي وئي ۽ الله جي ڏمر هيٺ وريا، هيءَ هن ڪري آهي جو انهن الله جي حڪمن کي نہ ٿي مڃيو ۽ پيغمبرن کي ناحق ٿي ڪُٺائون. اهو ڪم بي فرمانيءَ سبب ٿي ڪيائون ۽ حد کان لنگهندڙ هئا.“

هنن بدبختن جي بدبختيءَ جي انتها وري هيءَ هوندي هئي جو ڪنهن نبيءَ کي نبي سمجھڻ کان پوءِ بہ قتل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا ۽ ان کان بعد انهنجي ٻي بدبختي هيءَ هوندي هئي جو انهيءَ نبيءَ کي قتل ڪرڻ بعد وڏي فخر سان اها ڳالھ بيان ڪندا هئا تہ اسان فلاڻي نبي

---

1. سورة الانعام : 93
2. سورة يونس : 17
3. سورة البقره : 61

کي قتل ڪيو آهي. تلمود ۾ آهي تہ:

”جڏهن شهر فتح ٿي ويو تہ هو (يعني نبوڪد نصر، جنهن کي اسان بخت نصر چوندا آهيون) هيڪل ۾ پنهنجي اميرن ۽ سردارن سان ويو ۽ اسرائيل جي خدا جو تمسخر ڪندي چوڻ لڳو:

”تون عظيم خدا آهين. جنهنجي سامهون دنيا ڏڪندي آهي ۽ اسان تنهنجي شهر ۽ تنهنجي هيڪل ۾ آهيون.“

هن ديوارن مان هڪ تي تير جي چوٽيءَ جو نشان ڏٺو جيئن ڪنهن کي هن جي ويجهو ماريو ويو يا قتل ڪيو ويو هجي ۽ هن پڇيو:

”ڪير هتي قتل ڪيو ويو هو؟“

ماڻهن جواب ڏنو تہ:

”سردار ڪاهن يهويدع جو پٽ ذڪريا، هن اسان جي خلاف ورزي تي اسان کي دڙڪو ڏنو تہ اسان هن جي ڳالهين کان بيزار ٿي پياسين ۽ هن کي قتل ڪري ڇڏيوسين.“[1]

يعني هنن جي مقدس ڪتابن ۾ اڄ تائين هنن جي ڪڌن ڪرتوتن بابت هنن جون پنهنجيون شاهديون لڪيل موجود آهن.

حضرت الياس عہ (ايلياه ، Elijah) ڏانهن جڏهن اخي اب جي مشرڪ زال ايزبل هڪ قاصد ذريعي قتل جي ڌمڪي ڏياري موڪلي تہ هو ڀڄي وڃي حورب جبل ۾ لڪو. ڪتاب 1_بادشاهہ ۾ آهي تہ:

”۽ اتي هو هڪڙيءَ غار ۾ اچي ٽڪيو: ۽ ڏس، خدا جو ڪلام وٽس آيو، جنهن چيس تہ اي ايلياه، تون هت ڇا ٿو ڪرين ۽ هن چيو تہ آءٌ خداوند، لشڪرن جي خدا لاءِ ڏاڍو سرگرم رهيو آهيان: ڇالاءِ جو بني اسرائيل تنهنجو عهد اقرار ڇڏي ڏنو آهي ۽ تنهنجون قربانگاهون ڊاهي ڇڏيون آهن ۽ تنهنجن نبين کي ترار سان ڪهي ڇڏيو اٿن: ۽ آءٌ، فقط آءٌ، وڃي بچيو آهيان: ۽ هو منهنجي بہ ساهہ پٺيان آهن.“[2]

انجيل ۾ حضرت الياس عہ جا لفظ هن طرح نقل ٿيل آهن.

”اي خداوند هنن تنهنجن نبين کي ماري وڌو آهي ۽ تنهنجون قربانگاهون ڊاهي ڇڏيون اٿن: باقي آءٌ اڪيلو وڃي بچيو آهيان، سو منهنجي پٺيان بہ هٿ ڌوئي لڳا آهن.“[3]

حضرت عيسىٰ عہ کي بہ هنن پنهنجي ظلم ۽ ستم جو نشانو بڻايو. هنن حضرت عيسىٰ عہ کي صليب تي چاڙهڻ جي پوري ڪوشش ڪئي ۽ پنهنجي خيال ۾ ڪامياب بہ ٿي ويا ۽ پوءِ فخريہ انداز ۾ محفلن ۾ ماڻهن

1. ”تالمود“ (اردو)، اصل زبان عبراني کان انگريزي ترجمو: ايڇ-پولانو، اردو ترجمو: اسٽيفن بشير، مڪتب عناويم پاڪستان، جي ٽي روڊ ساڌوڪي، ضلع گوجرانوالا، مئي 2006ع، ص 205

2. 1 ـ بادشاهہ 19 : 9 ـ 10

3. رومين 11 : 3

جي اڳيان بيان به ڪندا هئا ته اسان الله جي هڪ رسول کي قتل ڪري ڇڏيو آهي. قرآن ۾ آهي ته:

وَّ قَوۡلِهِمۡ اِنَّا قَتَلۡنَا الۡمَسِيۡحَ عِيۡسَى ابۡنَ مَرۡيَمَ رَسُوۡلَ اللّٰهِ ۚ [1]

ترجمو: ”۽ هنن جو چوڻ هو ته اسان مسيح، عيسي پٽ مريم، الله جي رسول کي قتل ڪيو آهي.“

يعني ڄاڻي واڻي هي تصديق ڪرڻ کان پوءِ ته هي الله جو رسول آهي هن کي ماريوسين. هي هنن جي نافرمانين جي انتها هئي.

عيسائي به اهو سمجهيون وينا آهن ته حضرت عيسىٰ ؑ کي يهودين صليب تي چاڙهايو. جيڪڏهن عيسائين جي سمجھ کي صحيح سمجهيو وڃي (جيڪو حقيقت ۾ غلط آهي ۽ اللهؔ پنهنجي رسول کي اهڙي ذلت کان محفوظ رکيو آهي) ته پوءِ توريت جي هن پيشنگوئي، **”پر جيڪو نبي گستاخي ڪري کا اهڙي ڳالھ منهنجي نالي چوندو، جنهنجو مون هن کي حڪم نه ڏنو هوندو، يا جيڪو ٻين معبودن جي نالي کي چوندو ته اهو نبي ضرور ماريو ويندو“**، جي مطابق حضرت عيسىٰ ؑ به (نعوذ بالله) ڪوڙا نبي ثابت ٿين ٿا.

پر جيڪڏهن عيسائي دعوي ڪن ته حضرت عيسىٰ ؑ ڪيترائي معجزات ڏيکاريا هئا ته انهيءَ جو رد به توريت ۾ ئي آهي، جيڪو ٻڌائي ٿو ته ڪوڙا نبي به معجزا ڏيکاري سگھن ٿا.

ڪتاب استثنا ۾ آهي ته:

”جيڪڏهن تنهنجي وچ ۾ ڪو نبي، يا خوابن ڏسڻ وارو ظاهر ٿئي ۽ اهو توکي ڪوبه نشان يا عجيب ڪم ڏيکاري ۽ جنهن ڪم جي هو توکي خبر ڏئي، سوپورو ٿئي ۽ پوءِ هو توکي اهڙن معبودن جي پيروي ڪرڻ ۽ انهنجي عبادت ڪرڻ لاءِ چوي، جن کان تون ناواقف هجين؛ ته تون انهي نبيءَ يا خوابن ڏسڻ واري جي ڳالھ اصل نه ٻڌج: ڇالاءِ جو خداوند اوهان جو خدا اوهان کي آزمائيندو، ته معلوم ڪري ته اوهين خداوند پنهنجي خدا کي پنهنجيءَ ساري دل سان ۽ پنهنجيءَ ساري جان سان پيار ڪريو ٿا يا نه. اوهين خداوند پنهنجي خداجي پيروي ڪجو، انهيءَ کان ڊڄو ۽ انهيءَ سان قائم رهجو ۽ انهيءَ نبيءَ يا خوابن ڏسڻ واري کي ماري ڇڏجو.“[2]

هنن آيتن مطابق:

(i) ڪوڙا نبي معجزا ڏيکاري سگھن ٿا.

(ii) جيڪڏهن ڪو نبي اهڙن معبودن ڏانهن سڏي جن معبودن کي بني اسرئيل وارا نه ٿا ڄاڻين ته اهو ڪوڙو نبي آهي.

---

1. سورة النساء : 157
2. استثنا 31 : 1 ـ 5

(iii) ڪوڙي نبي کي قتل ڪرڻ کپي.

عيسائين جا جيڪي عقيدا آهن، يعني:

(i) عقيده تثليث، يعني پيءُ، پٽ ۽ روح القدس تي ايمان آڻڻ.

(ii) خدا جو مجسم ٿيڻ.

(iii) خدا جو وچ بازار ۾ ڪٽجڻ.

جيڪڏهن چئجي ته اهڙن عقيدن جي تعليم (نعوذ بالله) حضرت عيسىٰ عہ ڏني هئي. ته پوءِ مٿين آيتن مطابق يهودين جو هن جي خلاف ڪنيل سڀ قدم صحيح هئا. ڇو ته يهودي اهڙي قسم جي معبودن کان واقف ئي ڪونہ هئا.

مطلب ته عيسائي عقيدا اهڙا آهن، جو مٿين استثنا جي آيت نمبر 18: 20 ۽ آيت نمبر 31 : 1 . 5 جي حساب سان ته حضرت عيسىٰ عہ جي خدا جو پٽ ٿيڻ يا خدائي ۾ حصو ملڻ ته نهيو، پر حضرت عيسىٰ عہ جي نبوت ئي خطري ۾ پئجي ٿي وڃي.

ٻئي طرف اسان ڏسون ٿا ته توريت ۽ قرآن جون آيتون حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي تائيد ۾ نظر اچن ٿيون.

مولانا غلام الرسول سعيدي صاحب ”تفسير تبيان القرآن“ ۾ سورة الحَاقَّة جي آيتن 44 کان 47 جي تفسير ڪندي لکي ٿو ته:

(ا) ”سيد نا محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي برحق رسول هجڻ جي دليل“

هن آيت ۾ ”يَمِيْن“ جو لفظ آهي. انهيءَ جي معني ساڄو هٿ آهي ۽ آيت جي معني اهڙي طرح آهي. جيڪڏهن هن تي وحي نہ ڪئي وڃي ها ۽ هو بغير وحي جي ڪنهن ڪلام کي اسان ڏانهن منسوب ڪن ها ته اسان هن جو ساڄو هٿ کپي وجهون ها. يا هن جي ساڄي هٿ کي تصرف کان روڪي ڇڏيون ها ۽ پوءِ هن جي شهہ رڳ کي ڪٽي هن کي هلاڪ ڪري ڇڏيون ها. هي معني حسن بصري ۽ ابو جعفر طبري کان منقول آهي ۽ ٻي معني هي آهي ته ساڄي هٿ کان مراد قوت ۽ طاقت آهي. ڇو ته ساڄو هٿ کاٻي هٿ جي نسبت زياده قوت وارو هوندو آهي. هن صورت ۾ آيت ۾ ذڪر ٿيل **”من“** زائد ٿيندو ۽ هاڻي هن آيت جي معني ٿيندي: ۽ جيڪڏهن اهو رسول پنهنجي طرف کان ڪا ڳالهہ ناهي ڪري اسان ڏانهن منسوب ڪري ها ته اسان هن کي پوري طاقت سان پڪڙيون ها. پوءِ اسان ضرور هن جي شهہ رڳ ڪٽي ڇڏيون ها.

انهيءَ کان بعد فرمايائون: پوءِ توهان مان ڪوبہ هن کي بچائڻ وارو نہ هجي ها. مقاتل ۽ ڪلبيءَ چيو: هن جي معني هي آهي: توهان مان ڪوبہ الله تعالي کي هن فعل کان روڪي نہ سگهي ها.“

مولانا صاحب وڌيڪ لکن ٿا تہ:

”هن آيت جو خلاصو هي آهي جيڪڏهن محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم اسان جا موڪليل برحق رسول نہ هجن ها تہ اسان هن جو ساڄو هٿ ڪٽي ڇڏيون ها. يا هن کي پوري طاقت سان پڪڙيون ها. پوءِ هن کي هلاڪ ڪري ڇڏيون ها ۽ جڏهن ايئن نہ ٿيو آهي تہ معلوم ٿيو تہ (سيدنا) محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم الله تعالي جا برحق رسول آهن.“[1]

حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي باري ۾ الله تبارڪ وتعالي خود اجان بہ وڌيڪ تصديق طور چوي ٿو تہ:

وَمَا يَنْطِقُ عَنِ الْهَوٰى ۗ . اِنْ هُوَ اِلَّا وَحْيٌ يُّوْحٰى ۙ .[2]

ترجمو: ”اهو پنهنجي نفس جي خواهش سان نہ ڳالهائيندو آهي، اهو (قرآن) تہ هڪ وحي آهي جيڪو مٿس نازل ڪيو ويندو آهي.“

يعني جيستائين مٿس ڪا وحي نازل نہ ٿئي تيستائين هو پنهنجي طرفان ڪا ڳالهہ ئي نہ ڪندو آهي.

هاڻي جنهن مٿان الله پاڻ تصديق جي مهر لڳائي ڇڏي تہ هو اسان جي وحي کان سواءِ، اسان جي تعليمات کان سواءِ ڪا تعليم نہ ڏيندو آهي، تہ انهيءَ شخص مٿان ڪهڙو شڪ ڪري سگهجي ٿو تہ ڪا فلاڻي تعليم هن پنهنجي نفس جي خواهش کان ڏني هوندي؟

(ذ + ر) اهو نبي غير خدا جي پرستش کان منع ڪندو ۽ توحيد جو واعظ ڪندو

حضرت موسیٰ عہ جي سموري زندگي الله تعالي جي وحدانيت جي تبليغ ڪندي گذري. فرعون سان اصل بحث الله جي وحدانيت متعلق ئي هو. موسیٰ فرعون کي هڪ الله کي ايمان آڻڻ جو چئي رهيو هو. جڏهن تہ فرعون خود پاڻ کي خدا طور پيش ڪري رهيو هو. ايتري تائين جو جڏهن دريا ۾ غرق ٿيڻ لڳو، تڏهن ايمان آڻڻ جي ڪوشش ڪيائين. پر ان وقت تائين هن جي لاءِ ايمان آڻڻ جو وقت گذري چڪو هو ۽ الله ڪيس عبرت جو نشان بڻائي ڇڏيو. فرعون کان نجات حاصل ڪرڻ کان پوءِ حضرت موسیٰ عہ جي قوم هرهر شرڪ ۾ پوڻ جي ڪوشش پئي ڪري. ڪڏهن حضرت موسیٰ عہ کي پئي چوي تہ اسان لاءِ بہ ڪو بعل جهڙو ديوتا هجڻ کپي، ڪڏهن گئوسالہ پرستي ۾ پئجي پئي وڃي. هر دفعي هر موقعي تي حضرت موسیٰ عہ کين ڦيرائي سڌي واٽ تي آڻي پيو.

ڪتاب استثنا ۾ الله تبارڪ وتعالي حضرت موسیٰ عہ کي فرمائي ٿو:

(i) ”تون خداوند پنهنجي خدا کان ڊڄندو رهج: رڳو انهي جي عبادت ڪج: ۽ انهي سان قائم رهج: ۽ انهي جي نالي جو قسم کڄ. اهو

1. سعيدي، غلام الرسول، تفسير”تبيان القرآن“ (اردو)، فريد بڪ اسٽال، 38 ـ اردو بازار، لاهور، الطبع الثامن: جمادي الاول 1434هہ مارچ 2013ع، جلد دوازدهم، ص 215

2. سورة النجم : 3 ـ 4

ئي تنهنجي تعريف جو حقدار آهي. اهو ئي تنهنجو خدا آهي."[1]

(ii) "مون کان سواءِ تنهنجي لاءِ ٻيو ڪوبہ خدا نہ هجي. تون پنهنجي لاءِ ڪابہ اڪريل مورت يا ڪنهن بہ شئي جي صورت نہ جوڙ، جا مٿي آسمان ۾، يا هيٺ زمين تي، يا زمين جي هيٺان پاڻيءَ ۾ آهي: تون انهن جي اڳيان سجدو نہ ڪر، نڪي انهن جي عبادت ڪر: ڇالاءِ جو آءٌ خداوند تنهنجو خدا غيرت وارو خدا آهيان."[2]

الله جي انهن سيني حڪمن جي پيروي ڪندي حضرت موسىٰ عہ پنهنجي طرفان تاڪيد طور وڌيڪ پنهنجي قوم کي فرمايو:

"اي اسرائيل، ٻڌ: خداوند اسان جو خدا هڪڙو ئي خداوند آهي. تون خداوند پنهنجي خدا کي پنهنجيءَ ساري دل، پنهنجيءَ ساريءَ جان ۽ پنهنجيءَ ساري طاقت سان پيار ڪر."[3]

حضرت عيسىٰ عہ کان هڪڙي فقيهہ پڇيو تہ:

"سيني حڪمن مان پهريون ڪهڙو آهي؟"

يسوع ورندي ڏني تہ: "پهريون هي آهي" ائين چئي حضرت عيسىٰ عہ مٿين عبارت پڙهي.[4]

هاڻي حضرت موسىٰ عہ ۽ حضرت عيسىٰ عہ چون تہ خداوند اسان جو خدا هڪڙوئي خداوند آهي. پر عيسائي پنهنجي هڪ ٽنگ تي بيٺل آهن ۽ چون ٿا تہ هو ٽي آهن ۽ انهن ٽنهي مان هڪڙو حضرت عيسىٰ عہ آهي ۽ انهيءَ تي بہ ضد ڪن تہ هو خدائي ۾ تہ حصيدار ۽ پائيوار آهي پر نبي بہ آهي ۽ هن پيشنگوئي جو مصداق بہ آهي. اهڙيءَ ضد جو ڇا علاج ٿي سگهي ٿو؟

حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي سموري زندگي الله جي وحدانيت جي تبليغ ڪندي گذري ۽ انهيءَ ڳالهہ تي ئي مڪي جي مشرڪن سان جنگ ۽ جدال رهيو، جيڪي بتن جي پوڄا ڪندا هئا ۽ 360 بت ڪعبة الله ۾ رکيون ويٺا هئا.

قرآن شريف جي سموري تعليمات جو محور بہ الله جي وحدانيت آهي. قرآن ۾ آهي تہ:

(i) وَاعْبُدُوا اللّٰهَ وَلَا تُشْرِكُوْا بِهٖ شَيْـًٔا[5]

ترجمو: "۽ (خاص) الله جي عبادت ڪريو ۽ ساڻس ڪنهن شيءَ کي شريڪ نہ ڪريو."

---

1. استثنا 10 : 20 ـ 21
2. استثنا 5 : 8 ـ 9
3. استثنا 6 : 1 ـ 4
4. مرقس 61 : 28 ـ 30
5. سورة النساء : 36

(ii) اِنَّ الشِّرۡكَ لَظُلۡمٌ عَظِيۡمٌ.[1]

ترجمو: ”بيشڪ شرڪ ظلم عظيم آهي.“

(iii) اِنَّ اللّٰهَ لَا يَغۡفِرُ اَنۡ يُّشۡرَكَ بِهٖ وَ يَغۡفِرُ مَا دُوۡنَ ذٰلِكَ لِمَنۡ يَّشَآءُ ۚ وَ مَنۡ يُّشۡرِكۡ بِاللّٰهِ فَقَدِ افۡتَرٰٓى اِثۡمًا عَظِيۡمًا.[2]

ترجمو: ”بيشڪ الله هيءُ (ڏوهه) نہ بخشيندو جو (ڪنهن کي بہ) ساڻس شريڪ ڪيو وڃي ۽ ان کان سواءِ ٻيا (ڏوهہ) جنهن کي وڻيس تنهن کي بخشيندو ۽ جيڪو الله سان (ڪنهن کي بہ) شريڪ ٺهرائيندو تنهن بيشڪ وڏي گناهہ جو بهتان ٻڌو.“

صحيح مسلم ۾ حضرت عبدالله بن مسعود رضہ کان هڪ روايت هن ريت آهي:

(86) حَدَّثَنَا عُثْمَانُ بْنُ أَبِي شَيْبَةَ، وَإِسْحَاقُ بْنُ إِبْرَاهِيمَ، قَالَ إِسْحَاقُ: أَخْبَرَنَا جَرِيرٌ، وَقَالَ عُثْمَانُ: حَدَّثَنَا جَرِيرٌ، عَنْ مَنْصُورٍ، عَنْ أَبِي وَائِلٍ، عَنْ عَمْرِو بْنِ شُرَحْبِيلَ، عَنْ عَبْدِ اللهِ، قَالَ: سَأَلْتُ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ أَيُّ الذَّنْبِ أَعْظَمُ عِنْدَ اللهِ؟ قَالَ: «أَنْ تَجْعَلَ لِلَّهِ نِدًّا وَهُوَ خَلَقَكَ» قَالَ: قُلْتُ لَهُ: إِنَّ ذَلِكَ لَعَظِيمٌ، قَالَ: قُلْتُ: ثُمَّ أَيٌّ؟ قَالَ: «ثُمَّ أَنْ تَقْتُلَ وَلَدَكَ مَخَافَةَ أَنْ يَطْعَمَ مَعَكَ» قَالَ: قُلْتُ: ثُمَّ أَيٌّ؟ قَالَ: «ثُمَّ أَنْ تُزَانِيَ حَلِيلَةَ جَارِكَ»[3]

ترجمو: ”حضرت عبدالله ابن مسعودؓ کان روايت آهي تہ فرمائين ٿا تہ مون پڇيو:

”يا رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم ! الله جي آڏو سڀ کان وڏو گناهہ ڪهڙو آهي؟“

فرمايائون: ”هي تہ تون الله تعالي جو شريڪ ٺهرائين، حالانڪ هن توکي پيدا ڪيو آهي“

مون چيو: ”هي تہ وڏو گناہ آهي. مون پڇيو تہ ان کان پوءِ ڪهڙو گناہ آهي؟“

فرمايائون: ”تون پنهنجي اولاد (ڇوڪرو هجي يا ڇوڪري) کي قتل ڪرين، هن خوف کان تہ هو تو سان ماني کائيندو.“

مون پڇيو: ”پوءِ ڪهڙو گناہ آهي؟“

فرمايائون: ”تون پنهنجي پاڙيسري جي عورت سان زنا ڪرين.“[4]

مطلب تہ سڀ کان وڏو گناهہ شرڪ آهي. هر گناهہ بخشش جي قابل آهي پر شرڪ بخشش جي لائق نہ آهي. هي موضوع اهڙو آهي جو هن

---

1. سورة لقمان : 13
2. سورة النساء : 48
3. المڪتبة الشاملة، صحيح مسلم، جلد 1، ص 90، حديث نمبر 86
4. النيسابوري، القشيري، امام ابي الحسين مسلم بن الحجاج بن مسلم، ”صحيح مسلم شريف“ مع شرح نووي(مختصر) (اردو)، اردو مترجم: وحيد الزمان، علامہ، اسلامي ڪتب خانہ، لاهور، ڪتاب الايمان، جلد اول، ص 174، حديث نمبر 257

مٿان ڪتابن جا ڪتاب لکيل آهن. ڇو ته هي موضوع پيغمبرن جي تعليمات جو بنياد ۽ اساس آهي. اهوئي سبب آهي ته حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم کي الله تبارڪ وتعالي حڪم فرمايو ته يهودين ۽ عيسائين کي چئو ته اچو ته اسان هن هڪ ڪلمي تي ڪٺي ٿيون ته الله هڪ آهي ۽ ان جو ڪو شريڪ نه آهي ۽ صرف ان هڪ الله جي عبادت ڪريون. سورة آل عمران ۾ آهي ته:

قُلْ يٰٓاَهْلَ الْكِتٰبِ تَعَالَوْا اِلٰى كَلِمَةٍ سَوَآءٍۢ بَيْنَنَا وَبَيْنَكُمْ اَلَّا نَعْبُدَ اِلَّا اللّٰهَ وَلَا نُشْرِكَ بِهٖ شَيْـًٔا وَّلَا يَتَّخِذَ بَعْضُنَا بَعْضًا اَرْبَابًا مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ ۭ فَاِنْ تَوَلَّوْا فَقُوْلُوا اشْهَدُوْا بِاَنَّا مُسْلِمُوْنَ.[1]

ترجمو: ”(اي پيغمبر) چئو ته اي ڪتاب وارو هڪ ڳالهه ڏانهن اچو جا اسان ۽ اوهان جي وچ ۾ هڪ جهڙي آهي ته الله کان سواءِ ڪنهنجي عبادت نه ڪريون ۽ نڪي ساڻس ڪنهن شيءَ کي شريڪ ڪريون ۽ نڪي اسان مان ڪو ڪنهن کي (به) الله ڌاران پالڻهار ڪري مڃي. پوءِ جيڪڏهن ڦرن ته چئو ته شاهد هجو اسين پڪ مسلمان آهيون.“

هن جي مقابلي ۾ توهان عيسائين جي خداءِ ثلاثه واري تعليمات کي پيٽي ڏسو. هر انصاف پسند ماڻهو چوندو ته حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليه وعلي آله واصحابه وسلم جي تعليمات ئي سچي تعليمات آهي. اسان جي چوڻ جو مطلب هي نه آهي ته ڪو حضرت عيسىٰ ع جي تعليمات ڪوڙي ۽ غلط هئي. نه بلڪه عيسائين حضرت عيسىٰ ع جي تعليمات کي تبديل ڪري ڇڏيو، يا هن جي صحيح حفاظت نه ڪري سگهيا، يا برناباس جهڙي معلومات جي صحيح ذريعي کي ڇڏي ڏيڻ جي ڪري ۽ پال جهڙي غلط ماڻهو جي ڪِرِ لڳڻ سبب حضرت عيسىٰ ع جي صحيح تعليمات کي وڃائي ويٺا.

(ز) ان نبيءَ جون سڀئي پيشنگوئيون پوريون ٿينديون

”جڏهن ڪو نبي خداوند جي نالي کي چوي ۽ هنجي چوڻ موجب نه ٿئي ۽ هن جي ڳالهه پوري نه ٿئي، ته اها ڳالهه خداوند جي طرفان نه آهي پر انهيءَ نبيءَ گستاخي ڪري چئي آهي.“[2]

حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم جي ٿيل پيشنگوئين بابت هڪ پورو ڪتاب لکجي سگهجي ٿو پر اسين هتي قرآن ۾ آيل پيشنگوئين مان ڪجهه پيشنگوئيون پيش ڪنداسين.

(i) فتح مڪه بابت پيشنگوئي

صلح حديبيه جي وقت جڏهن مسلمان عمرو ڪرڻ کان سواءِ مڪي کان واپس ٿيا ته منافق بغليون هڻڻ لڳا. ان وقت الله تبارڪ وتعالي طرفان مسلمانن کي تسلي ڏني وئي ته هي توهان جي کليل فتح آهي ۽ ان

1. سورة آل عمران : 64
2. استثنا 18 : 22

کان بعد سورة فتح ۾ فتح مڪ جي پيشنگوئي ڪئي وئي. قرآن ۾ اها پيشنگوئي هن ريت بيان ٿيل آهي:

لَقَدۡ صَدَقَ اللّٰهُ رَسُوۡلَهُ الرُّءۡيَا بِالۡحَقِّ ۚ لَتَدۡخُلُنَّ الۡمَسۡجِدَ الۡحَرَامَ اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ اٰمِنِيۡنَ ۙ مُحَلِّقِيۡنَ رُءُوۡسَكُمۡ وَ مُقَصِّرِيۡنَ ۙ لَا تَخَافُوۡنَ ؕ فَعَلِمَ مَا لَمۡ تَعۡلَمُوۡا فَجَعَلَ مِنۡ دُوۡنِ ذٰلِكَ فَتۡحًا قَرِيۡبًا.[1]

ترجمو: ”بيشڪ الله پنهنجي پيغمبر کي سچو خواب ڏيکاريو، ته جيڪڏهن الله گهريو آهي ته پنهنجا مٿا ڪوڙائي ۽ وار ڪترائي تعظيم واريءَ مسجد ۾ بي پوا ٿي ضرور گهڙندو (۽) نه ڊڄندو. پوءِ جيڪي نه ڄاڻندا آهيو سو الله ڄاتو پوءِ ان کان اڳ هڪ ويجهي فتح ڏني.“

علامہ حسين بخش جاڙا هن آيت جي فتح مڪہ کان علاوه اجان بہ بي وڌيڪ تفسير ڪن ٿا تہ:

”مِنۡ دُوۡنِ ذٰلِكَ“: يعني الله مڪي ۾ داخل ٿيڻ کان پهريان هڪ ٻي فتح مسلمانن کي عطا فرمائي ڇڏي ۽ اها هئي فتح خيبر. يعني صلح حديبيہ کان پوءِ واپس مديني ۾ ويا ۽ اتي ويهہ ڏينهن قيام کان بعد خيبر ڏانهن 7 هجري ۾ هليا ويا ۽ خيبر وجي فتح ڪيائون.“[2]

(ii) بازنطينين جي فتح

هن پيشنگوئي بابت ڳالهائيندي محترم هارون يحي صاحب فرمائين ٿا:

”مستقبل جي باري ۾ هڪ حيرت ۾ وجهندڙ انڪشاف قرآن ۾ سورة روم جي ابتدائي آيتن ۾ ملي ٿو. جيڪو رومي سلطنت جي مشرقي حصي ۾ قائم بازنطيني سلطنت جي متعلق آهي. هنن آيتن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ بازنطيني سلطنت هڪ عظيم شڪست سان منهن ڏنو. پر هي تہ انهن کي عنقريب ئي فتح نصيب ٿيندي.“

الٓمّٓ ۚ. غُلِبَتِ الرُّوۡمُ ۙ. فِىۡۤ اَدۡنَى الۡاَرۡضِ وَهُمۡ مِّنۡۢ بَعۡدِ غَلَبِهِمۡ سَيَغۡلِبُوۡنَ ۙ. فِىۡ بِضۡعِ سِنِيۡنَ ؕ لِلّٰهِ الۡاَمۡرُ مِنۡ قَبۡلُ وَمِنۡۢ بَعۡدُ ؕ وَيَوۡمَئِذٍ يَّفۡرَحُ الۡمُؤۡمِنُوۡنَ.[3]

ترجمو: ”الم- رومين شڪست کاڌي. ويجهي ملڪ ۾ ۽ اهي ئي پنهنجي شڪست کائڻ کان پوءِ سگهوئي غالب ٿيندا. ٿورن ورهن ۾، الله جي ئي (هٿ ۾) حڪومت اڳي توڙي پوءِ آهي ۽ انهيءَ ڏينهن مومن خوش ٿيندا.“[4]

---

1. سورة الفتح : 27
2. جاڙا، حسين بخش، علامہ، ”تفسير انوار النجف في اسرار المصحف“ (اردو)، مڪتبہ انوار النجف درياخان، ضلع بکر، جولاءِ 1993ع، جلد 13، ص 89
3. سورة الروم : 1 ـ 4
4. يحي، هارون، ”معجزات قرآني“ (اردو)، مترجم: شير محمد، فضلي سنز پبليڪيشنز، ڪراچي، اشاعت چهارم، فيبروري 2006، ص 68

”هن سورت جي ابتدائي آيتن ۾ جيڪا پيشنگوئي ڪئي وئي آهي، سا قرآن مجيد جي ڪلام الاهي هئڻ ۽ حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي سچي رسول هئڻ جي پڌرين شاهدين مان هڪ آهي. ان کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي تہ انهن تاريخي واقعن تي هڪ تفصيلي نظر وڌي وڃي، جيڪي انهن آيتن سان واسطو رکن ٿا.

سيد ابوالاعلي مودودي صاحب سورة روم جو تاريخي پس منظر بيان ڪندي لکن ٿا تہ:

”نبي صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي نبوت کان 8 ورهيہ اڳ جو واقعو آهي تہ قيصر روم ماريس (Mauric) جي خلاف بغاوت ٿي ۽ هڪ شخص فوڪاس (Phocas) نالي سلطنت جي تخت تي قبضو ڪري ويٺو. هن شخص پهريون تہ قيصر روم جي اکين آڏو سندس پنج پٽ ڪهرايا، پوءِ خود قيصر کي قتل ڪرائي، پيءُ پٽن جا سر قسطنطنيہ ۾ سر عام لٽڪائي ڇڏيا ۽ ان کان ڪجهہ ڏينهن پوءِ سندس زال ۽ ٽن ڌيئرن کي بہ مارائي ڇڏيائين. هن واقعي جي ڪري ايران جي بادشاهہ خسرو پرويز کي روم تي ڪاهہ ڪرڻ لاءِ بهترين اخلاقي بهانو ملي ويو. قيصر ماريس ان جو محسن هو. انهيءَ جي مدد سان پرويز کي تخت نصيب ٿيو هو. ان کي هو سندس پيءُ چوندو. هو ان ڪري هن اعلان ڪيو تہ مان غاصب فوڪاس کان ان ظلم جو وير وٺندس. جيڪو هن منهنجي مجازي پيءُ ۽ سندس اولاد تي ٽوڙيو آهي. سنہ603ع ۾ هن رومي سلطنت خلاف جنگ جي شروعات ڪئي ۽ ٿورڙن سالن ۾ اهو فوڪاس جي فوجن کي لاڳيتيون شڪستون ڏيندي: هڪ پاسي ايشيا ڪوچڪ ۽ ايڊيسا (هاڻوڪي اورفا) تائين ۽ ٻئي پاسي شام ۾ حلب ۽ انطاڪيہ تائين پهچي ويو. رومي سلطنت جي سردارن هي ڏسي تہ فوڪاس ملڪ کي بچائي نٿو سگهي، سو آفريڪا جي گورنر کان مدد گهريائون. هن پنهنجي پٽ هرقل (Heraclius) کي هڪ جنگي ٻيڙي سان گڏ قسطنطنيہ موڪليو. سندس پهچندي ئي فوڪاس کي تخت تان لاٿو ويو. ان جي هنڌ تي هرقل کي قيصر بڻايو ويو ۽ ان اقتدار ۾ اچي فوڪاس سان ساڳي اهائي تعدي ڪئي، جيڪا هن ماريس سان ڪئي هئي. هي 610ع جو واقعو آهي. هي اهوئي سال آهي، جنهن ۾ الله تعالي طرفان نبي صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن نبوت جي منصب تي سرفراز ٿيا.

خسرو پرويز جنهن اخلاقي بهاني جي آڌار تي جنگ جوٽي هئي سو فوڪاس جي معزولي ۽ قتل کان پوءِ ختم ٿي چڪو هو. جيڪڏهن سچ پچ ان جي جنگ جو مقصد غاصب فوڪاس کان سندس ظلم جو بدلو وٺڻ هجي ها تہ ان جي مارجي وڃڻ تي کيس نئين قيصر سان ناهہ ڪرڻ

گهرجي ها. پر ان پوءِ بہ جنگ جاري رکي ۽ هاڻي ان جنگ کي هن مجوسيت ۽ مسيحيت جي مذهبي جنگ جو رنگ ڏيئي ڇڏيو. عيسائين جي جن فرقن کي رومي حڪومت جي سرڪاري ڪليسيا ملحد قرار ڏيئي ورهين کان ظلم جي گهاڻي ۾ پيڙهيو هو(يعني نسطور ي ۽ يعقوبي وغيره) تن جون سموريون همدرديون بہ چڙهائي ڪندڙ مجوسين سان شامل ٿي ويون. يهودين بہ مجوسين جو ساٿ ڏنو. ايتري تائين جو خسرو پريز جي فوج ۾ پرتي ٿيندڙ يهودين جو تعداد 26 هزار تائين وڃي پهتو.

هرقل ان ڪاهہ کي روڪي نہ سگهيو. تخت تي ويهندي ئي پهريون اطلاع جيڪو اوڀر مان مليو سو انطاڪيہ تي ايراني قبضي جو هو. ان کان پوءِ دمشق فتح ٿيو. پوءِ 614ع ۾ بيت المقدس تي قبضو ڪري ايرانين مسيحي دنيا تي ظلم جي حد ڪري ڇڏي. 91 هزار عيسائي ان شهر ۾ ڪُنا ويا. سندن سڀ کان وڏيڪ مقدس ڪليسا ڪنيسة القيامة(Holy Sepulchre) برباد ڪئي وئي. اصلي صليب جنهنجي باري ۾ عيسائين جو عقيدو هو تہ انهيءَ تي مسيح جان ڏني هئي، سا مجوسين ڪسي مدائن رسائي ڇڏي. لاٽ پادري زڪرياه کي بہ اهي ٻڌي ويا ۽ شهر جي وڏن وڏن گرجائن کي ڊاهي ڇڏيائون. ان فتح جي نشي ۾ جنهن نموني خسرو پرويز مست ٿيو هو، تنهنجو اندازو ان خط مان ٿئي ٿو جيڪو هن بيت المقدس مان هرقل کي لکيو هو. ان ۾ اهو چوي ٿو:

”سيني خدائن کان وڏي خدا، سڄي روءِ زمين جي مالڪ خسرو جي طرفان سندس ڪميني ۽ بي شعور ٻانهي هرقل جي نالي.

تون چوين ٿو تہ توکي پنهنجي رب تي ڀروسو آهي. چو نہ تنهنجي رب يروشلم کي منهنجي هٿان بچايو؟“

هن فتح کان پوءِ هڪ سال اندر ايراني فوجون اردن، فلسطين ۽ جزيره نما سينا جي سموري علائقي تي قبضو ڪري مصر جي حدن تائين وڃي پهتيون. هي اهو زمانو هو جڏهن مڪي شريف ۾ ان کان گهڻو وڏيڪ تاريخي اهميت رکندڙ هڪ جنگ جاري هئي. جتي توحيد جا شيدائي محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي اڳواڻي ۾ ۽ شرڪ جا پوڄاري قريشي سردارن جي رهنمائي ۾ هڪ ٻئي سان جنگ جوٽيل هئا ۽ نوبت ايستائين وڃي پهتي جو 615ع ۾ مسلمانن جي هڪ وڏي تعداد کي پنهنجا گهر ٻار ڇڏي حبش جي عيسائي حڪومت (جيڪا روم جي پرجهلو هئي) جي پناهہ وٺڻي پئي. ان وقت رومي سلطنت تي ايران جي غلبي جو ٻول سڀ ڪنهن جي زبان تي هو. مڪي جا مشرڪ ان تي ڪڇيون هڻي رهيا هئا ۽ مسلمانن کي چوندا وتندا هئا تہ ڏسو ٻاهہ جا پوڄاري ايراني سوڀيارا ٿي رهيا آهن ۽ وحي ۽ رسالت جا مڃيندڙ هار تي هار کائيندا پيا وڃن. اهڙيءَ طرح اسان عرب جا بت پرست بہ توهان ۽ توهان جي دين کي

مٿائي رهنداسين.

انهن حالتن ۾ قرآن مجيد جي اها سورت نازل ٿي ۽ ان ۾ هي پيشنگوئي ڪئي وئي ته: **"ويجهي سرزمين ۾ رومي مغلوب ٿي ويا آهن. پر ان غلبي کان پوءِ ٿورڙن سالن ۾ ئي اهي غالب ٿي ويندا ۽ هي اهو ڏينهن هوندو جڏهن الله جي ڏنل سوڀ سان ايمان وارا خوش ٿيندا."**

هن ۾ هڪ جي بجاءِ ٻه پيشنگوئيون هيون. هڪ هي ته رومين کي غلبو نصيب ٿيندو. ٻيو هي ته مسلمانن کي به انهيءَ زماني ۾ سوڀ حاصل ٿيندي. ظاهر ۾ پري پري تائين ڪٿي به ان جا اهڃاڻ ڏسڻ ۾ نه ٿي آيا ته انهن مان ڪا هڪ پيشنگوئي به ٿورڙن ورهين ۾ پوري ٿي ويندي. هڪ پاسي ڳاڻ ڳٽيا مسلمان هئا، جيڪي مڪي ۾ ستايا ۽ ڏتڙيا ٿي ويا ۽ هن پيشنگوئي کان اٺ سال پوءِ تائين انهنجي غلبي ۽ سوڀ جو ڪو امڪان ڏسڻ ۾ نٿي آيو. ٻئي پاسي روم جي هار ڏينهون ڏينهن وڌندي ٿي وئي. 619ع تائين سمورو مصر ايران جي قبضي ۾ اچي ويو ۽ مجوسي فوجن طرابلس جي ويجهو وڃي پنهنجا جهنڊا کوڙيا. ايشيا ڪوچڪ ۾ ايراني فوجون رومين کي ماريندي ڌڪيندي باسفورس جي ڪناري تائين وڃي پهتيون ۽ 617ع ۾ انهن وڃي قسطنطنيه جي سامهون خلقدون (Chalcedon) (هاڻوڪي قاضي ڪوئي) تي قبضو ڪري ورتو. قيصر خسرو وٽ ايلچي موڪلي انتهائي نيزاري سان درخواست ڪئي ته مان هر قيمت تي ناهه ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. پرهن جواب ڏنو ته:

"هاڻي مان قيصر کي ان وقت تائين امان نه ڏيندس، جيستائين اهو ٻيڙين ۾ جڪڙجي منهنجي اڳيان حاضر نه ٿئي ۽ پنهنجي صليبي خدا کي ڇڏي باهه جي خدا جي بندگي اختيار نه ڪري وٺي."

آخرڪار قيصر ايتري قدر همت هاري ويٺو جو ان قسطنطنيه ڇڏي قرطاجه (Carthage) (هاڻوڪي تيونس) منتقل ٿيڻ جو ارادو ڪيو. مطلب ته مورخ گبن جي بقول:

"قرآن مجيد جي هن پيشنگوئي جي ست اٺ سال پوءِ تائين به حالتون اهڙيون هيون جو ڪو شخص هي تصور به نه ڪري سگهندو هو جو رومي حڪومت ايران تي غالب اچي ويندي. بلڪ غلبو ته پري رهيو، ان وقت ته ڪنهن کي اها به اميد نه هئي ته هاڻي اها سلطنت باقي به رهي سگهندي."[1]

وري اڳتي هلي مودودي صاحب لکن ٿا ته:

---

1. مودودي، ابوالاعلي، سيد، "تفهيم القرآن"(سنڌي)، مترجم: پٽو، مولانا جان محمد ۽ محترم، مولانا امير الدين، سنڌ اسلامڪ پبليڪيشنز، حيدرآباد، ڇاپو ٽيون، سال 1995ع، جلد ٽيون، ص 764 ـ 766 (بحوالہ : Gibbon , Decline and Fall of The Roman Empire , Vol-11 , Page 788, Modern Library , New York)

”سنہ 622ع ۾ هيڏانهن نبي صلي الله عليہ وآلہ وسلم هجرت ڪري مديني شريف ويا ۽ هوڏانهن قيصر هرقل ماٺ ميٺ ۾ قسطنطنيہ کان بحراسود جي رستي طرابزون ڏانهن روانو ٿيو. جتي هن ايران تي پٺيان کان حملي ڪرڻ جي تياري ڪئي. هن جوابي حملي لاءِ قيصر ڪليسا کان رقم گهري ۽ مسيحي ڪليسا جي اسقف اعظم سرجيس (Sergius) مسيحيت کي مجوسيت کان بچائڻ لاءِ گرجائن جي نذرانن جي گڏ ٿيل دولت وياج تي قرض ڏنو. هرقل پنهنجو حملو سن 623ع ۾ آرمينيا کان شروع ڪيو ۽ ٻئي سال سن 624ع ۾ هن آزربائيجان ۾ گهڙي زرتشت جي جاءِ پيدائش ارمياه (Clorumia) کي تباهہ ڪري ڇڏيو ۽ ايرانين جي وڏي آتشڪدي کي ناس ڪري ڇڏيو. خدا جي قدرت جو ڪرشمو ڏسو جو هي اهو سال هو جنهن ۾ مسلمانن کي بدر جي هنڌ تي پهريون ڀيرو مشرڪن جي مقابلي ۾ پڌري سوڀ نصيب ٿي. اهڙي طرح اهي ٻئي پيشنگوئيون جيڪي سورة روم ۾ ڪيون ويون هيون سي ڏهن ورهين جي مدت پوري ٿيڻ کان اڳ ۾ هڪ ئي وقت ۾ پوريون ٿيون.

پوءِ روم جون فوجون ايرانين کي لاڳيتو ڌڪينديون هليون ويون.نينوي جي فيصلو ڪندڙ ويڙهہ (سنہ 627ع) ۾ انهن ايراني حڪومت جي چيلهہ ڀڃي ڪري ڇڏي. ان کان پوءِ ايراني بادشاهن جي قيام گاهہ دستگرد (دسڪره الملڪ) کي تباهہ ڪيو ويو ۽ اڳتي وڌي هرقل جا لشڪر بلڪل طيسفون (Ctesiphon) جي سامهون وڃي پهتا، جيڪو ايران جي گادي جو هنڌ هو. سنہ 628ع ۾ خسرو پرويز جي گهر ۾ بغاوت اٿي. ان کي قيد ڪيو ويو. سندس اکين آڏو ان جا 18 پٽ قتل ڪيا ويا ۽ ڪن ڏينهن کان پوءِ اهو پاڻ بہ قيد جي سختين سان هلاڪ ٿي ويو. اهو ساڳيو ئي سال هو جنهن ۾ صلح حديبيہ واقع ٿي. جنهن کي قرآن **”فتح عظيم“** چوي ٿو ۽ اهوئي سال هو جنهن ۾ خسرو جي پٽ قباد ثاني سيني والاريل رومي علائقن کان دستبردار ٿي ۽ اصلي صليب موٽائي روم سان ناهہ ڪري ورتو. سنہ 629ع ۾ قيصر **”مقدس صليب“** کي ان جي هنڌ تي رکڻ لاءِ پاڻ بيت المقدس ويو ۽ انهي سال نبي صلي الله عليہ وآلہ وسلم قضا عمرو ادا ڪرڻ لاءِ هجرت کان پوءِ پهريون ڀيرو مڪي شريف ۾ داخل ٿيا.

ان کان پوءِ ڪنهن لاءِ بہ ان ڳالهہ ۾ شڪ ۽ شبهو ڪرڻ جي ڪا گنجائش نہ رهي تہ پيشنگوئي بلڪل سچي هئي. عرب جي گهڻن مشرڪن ان تي ايمان آندو.“[1]

هارون يحي لکي ٿو تہ:

”بت پرست ايرانين جي هٿان عيسائي بازنطينين جي بدترين شڪست کان تقريبا ست سال بعد هي آيتون لڳ ڀڳ 620ع ۾ نازل ٿيون.

1. ص 766 - 767

هنن آيتن ۾ ٻڌايو ويو تہ بازنطيني عنقريب فتحياب ٿيندا.در حقيقت بازنطينين هنن شڪست کان فورا بعد ايترا شديد نقصان کنيا هئا جو هنن جي بقا ناممڪن نظر اچي رهي هئي. ڪجا ڪہ ٻيهر فتحمند ٿين. ان وقت صرف ايران ئي نہ، بلڪ آورا (Avars)، سلاوي (Slavs) ۽ لومبارڊ (Lombards) نسلون بہ بازنطيني سلطنت لاءِ شديد خطرن جو باعث هيون. آوار (Avars) تہ قسطنطينہ جي شهر جي فصيل تائين وڃي پهتا هئا. بازنطيني بادشاهہ هرڪوليس (هرقل) حڪم ڏنو تہ گرجا گهرن ۾ موجود سمورو سون ۽ چاندي پگهرائي ڪري فوجن جي اخراجات پوري ڪرڻ لاءِ سڪا ٺاهيا وڃن. جڏهن اهي بہ ناڪافي ثابت ٿيا تہ پتل جا مجسما ۽ بت بہ پگهرايا ويا تاڪ انهن کي نقدي ۾ بدلائي سگهجي.گهڻن ئي گورنرن بادشاهہ هرڪوليس جي خلاف بغاوت ڪري ڇڏي.اهڙيءَ طرح سلطنت ختم ٿيڻ واري هئي. ميسوپوٽيميا (Mesopotamia)، سيليسيا (Cilicia)، شام، فلسطين، مصر ۽ آرمينيا جي علائقن ۾ جيڪي ٻهريون بازنطيني سلطنت وٽ هيون، انهن ۾ بت پرست ايراني حملہ آور داخل ٿي ويا هئا."[1]

"مختصر هي تہ انهيءَ دور ۾ پوري دنيا بازنطيني سلطنت جي تباهي جي توقع ڪري رهي هئي. پر عين انهيءَ وقت سوره روم جون ابتدائي آيتون نازل ٿيون، جنهن ۾ ايندڙ ڪجهہ سالن ۾ بازنطينين جي فتح جو اعلان ڪيو ويو. هي فتح ڪجهہ ايتري ناممڪن نظر اچي رهي هئي جو عرب جا مشرڪ تہ ايترو اڳتي هلي ويا جو انهن آيتن جو مذاق اڏارڻ لڳا هئا ۽ انهن جي خيال هو تہ قرآن ۾ اعلان ٿيل فتح بازنطينين کي ڪڏهن بہ حاصل ٿي نہ سگهندي.

سوره روم جي ابتدائي آيتن جي نازل ٿيڻ جي تقريبا ستن سالن کان پوءِ، ڊسمبر 627ع ۾ بازنطيني ۽ ايراني سلطنتن جي وچ ۾ نينوا جي مقام تي هڪ فيصلہ ڪن جنگ وڙهي وئي ۽ ان وقت غير متوقع طور تي بازنطيني فوجن ايراني فوجن کي شڪست فاش ڏني. ڪجهہ مهينن کان پوءِ ايرانين کي بازنطينين سان هڪ معاهدو ڪرڻو پيو، جنهن ۾ هنن کي حاصل ٿيل علائقا مجبورا واپس ڪرڻا پيا."[2]

"آخر ڪار قرآن ۾ خدا جو اعلان **"فتح روم"** معجزانہ طور تي سچ ثابت ٿيو.

هنن آيتن ۾ هڪ ٻيو معجزو هڪ جاگرافيائي حقيقت جو اعلان هو، جيڪو ان وقت ڪنهن جي علم ۾ نہ هو.

سورت روم جي ٽين آيت ۾ اطلاع ڏنو ويو تہ رومين کي دنيا جي

---

1. يحي، هارون، "معجزات قرآني" (اردو)، مترجم: شير محمد، فضلي سنز پبليڪيشنز، ڪراچي، اشاعت چهارم، فيبروري 2006، ص 69 (بحوالہ: Warren Tread Gold, "A History of Byzantine State and Society", Standford University Press, 1997, P 287-299)
2. ايضا ـ ص 70

سڀ کان وڌيڪ نشيبي مقام تي شڪست ڏني وئي. قرآن جي ڪيترن ئي ترجمن ۾ انهن عربي ڪلمن ”اَدۡنَى الۡاَرۡضِ“ جو ترجمو ”**ويجهي علائقي**“ ڪيو ويو آهي. مگر هي اصل لفظن جي لغوي معني نہ آهي. بلڪ تمثيلي ترجماني جي ڪوشش آهي. عربي ۾ لفظ ”اَدۡنَى“ لفظ ”ديني“ کان نڪتل آهي، جنهن جي معني ”**هيٺاهين**“ آهي ۽ ”الۡاَرۡضِ“ جنهنجي معني ”**دنيا**“ آهي. انڪري اظهار ”اَدۡنَى الۡاَرۡضِ“ جي معني ”**زمين جي سڀ کان هيٺاهين واري جڳهہ**“ ٿيندي.

هيءَ ڳالهہ دلچسپي کان خالي نہ آهي تہ بازنطيني سلطنت ۽ ايرانين جي وچ ۾ وڙهيل هن جنگ جو فيصلائتو ۽ دوبدو مقابلو جنهن ۾ بازنطينين کي شڪست ٿي ۽ اهي يروشلم کان محروم ٿي ويا، واقعي دنيا جي پست ترين مقام تي ٿيو. هي مخصوص علائقو بحر مردار جو طاس (Basin) آهي. جيڪو شام، فلسطين ۽ اردن جي نقطۂ اتصال (Intersection Point) تي واقع آهي. بحرمردار (Dead Sea) سطح سمنڊ کان 395 ميٽر جي گهرائي ۾ واقع آهي ۽ هي واقعي دنيا جو پست ترين مقام آهي.

هن جو مطلب هي آهي تہ بازنطيني دنيا جي پست ترين مقام تي شڪست کائي ويا. جيئن مذڪوره آيت ۾ ٻڌايو ويو آهي.

هن حقيقت جو سڀ کان دلچسپ پهلو هي آهي تہ بحرمردار جي ماهين صرف پيمائش جي جديد طريقي سان ماپي سگهبي آهي. انهيءَ کان اڳ ڪنهن لاءِ هي ممڪن نہ هو تہ هو ڄاڻي سگهي ها تہ بحرمردار زمين جي سطح جي پست ترين جاءِ آهي. پر هن علائقي کي قرآن ڪريم ۾ زمين تي دنيا جو پست ترين مقام چيو آهي. انهيءَ ڪري، هي هڪ ٻيو ثبوت آهي تہ قرآن الهامي ڪلام آهي.“[1]

(iii) يهودين جي باري ۾ پيشنگوئي تہ هو ڪڏهن موت جي تمنا نہ ڪندا

اسلام ۾ خودڪشي حرام آهي پر الله تبارڪ وتعالي جي ديدار جي شوق ۾ جنت داخل ٿيڻ لاءِ يا شهادت جي حصول لاءِ موت جي تمنا ڪرڻ کي عالمن جائز قرار ڏنو آهي. جيئن اسان ڏسون ٿا تہ گهڻن ئي صالح مسلمانن شهادت جي موت جي تمنا ڪئي ۽ انهن جي اها تمنا پوري بہ ٿي. صحيح بخاري مطابق حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي رحلت وقت سندن زبان مبارڪ تي آخري ڪلمات هي هئا:

---

1. يحي، هارون، ”معجزات قرآني“ (اردو)، مترجم: شير محمد، فضلي سنز پبليڪيشنز، ڪراچي، اشاعت چهارم، فيبروري 2006، ص 70 - 71 (بحوالہ: Warren Tread Gold, "A History of Byzantine State and Society", Standford University Press, 1997, P 287-299)

”اللهم الرفيق الاعلي“ (اي الله رفيق اعلي)[1]

صحيح بخاري ۾ آهي تہ حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم الله سان ملاقات، جنت ۽ شهادت جي حصول لاءِ موت جي تمنا ڪئي آهي. امام بخاري پنهنجي سند سان ابوهريره رضہ کان روايت ڪن ٿا، جنهن جو آخري حصو هن ريت آهي تہ رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم فرمايو تہ:

وَلَوَدِدْتُ أَنِّي أُقْتَلُ فِي سَبِيلِ اللهِ ثُمَّ أُحْيَا، ثُمَّ أُقْتَلُ ثُمَّ أُحْيَا، ثُمَّ أُقْتَلُ»

”مان هي پسند ڪريان ٿو تہ الله جي راهہ ۾ قتل ڪيو وڃان، وري زندهہ ڪيو وڃان، وري قتل ڪيو وڃان، وري زندهہ ڪيو وڃان، وري قتل ڪيو وڃان.“[2]

پر يهودين جي باري ۾ پيشنگوئي ڪئي وئي آهي تہ هي ڪڏهن بہ موت جي تمنا نہ ڪندا. قرآن ۾ آهي تہ:

قُلْ اِنْ كَانَتْ لَكُمُ الدَّارُ الْاٰخِرَةُ عِنْدَ اللّٰهِ خَالِصَةً مِّنْ دُوْنِ النَّاسِ فَتَمَنَّوُا الْمَوْتَ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ . وَ لَنْ يَّتَمَنَّوْهُ اَبَدًا بِمَا قَدَّمَتْ اَيْدِيْهِمْ ؕ وَ اللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِالظّٰلِمِيْنَ . وَلَتَجِدَنَّهُمْ اَحْرَصَ النَّاسِ عَلٰى حَيٰوةٍ ۚ وَ مِنَ الَّذِيْنَ اَشْرَكُوْا ۚ يَوَدُّ اَحَدُهُمْ لَوْ يُعَمَّرُ اَلْفَ سَنَةٍ ۚ وَ مَا هُوَ بِمُزَحْزِحِهٖ مِنَ الْعَذَابِ اَنْ يُّعَمَّرَ ؕ وَ اللّٰهُ بَصِيْرٌۢ بِمَا يَعْمَلُوْنَ.[3]

ترجمو: ”(اي پيغمبر ڪين) چئو تہ جيڪڏهن آخرت جو گهر الله وٽ ٻين ماڻهن کانسواءِ خلاصو اوهان لاءِ آهي تہ جيڪڏهن (پنهنجي چوڻ ۾) سچا آهيو تہ موت گهرو ۽ جيڪي ڪرتوت سندن هٿن اڳي موڪليا آهن تن سببان ان (موت) کي ڪڏهن بہ نہ گهرندا ۽ الله ظالمن کي (چڱيءَ طرح) ڄاڻندڙ آهي ۽ (اي پيغمبر) انهن (يهودين) کي جيئڻ تي ماڻهن ۽ مشرڪن کا وڌيڪ حرص وارو ضرور لهندين. منجهائن هرڪ گهرندو آهي جيڪر هزار ورهہ جياريو وڃي ها ۽ اهو (ايڏو جيئڻ) کيس عذاب کان پري ڪرڻ وارو نہ آهي ۽ جيڪي ڪندا آهن تنهن کي الله ڏسندڙ آهي.“

علامہ غلام الرسول سعيدي صاحب هنن آيتن جي تفسير ڪندي لکن ٿا تہ:

(iv) قرآن مجيد جي صداقت ۽ اسان جي نبي صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي نبوت جي دليل

هي آيت قرآن مجيد جي حقانيت ۽ اسان جي نبي سيدنا حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي نبوت تي دليل آهي. چو تہ قرآن مجيد

---

1. **البخاري، محمد بن إسماعيل، أبي عبد الله، ”صحيح البخاري“** (اردو)، ترجمو ۽ شرح: وحيدالزمان، علامہ، تاج ڪمپني لميٽيڊ، ڪراچي ـ لاهور ـ راولپنڊي، باب آخر ما تڪلم النبي صلي الله عليہ وسلم، جلد پنجم، ص 589

2. (i) ايضاً، جلد اول، ص 35

(ii) المڪتبة الشاملة، **صحيح البخاري**، جلد 1، ص 16، حديث نمبر: 36

3. سورة البقره : 94 ـ 96

هي پيشنگوئي ڪئي ته يهودي موت جي تمنا هرگز نه ڪندا. جيڪڏهن يهودي سچا هئا ته هو موت جي تمنا ڪن ها ۽ رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم کي اڇي چون ها ته:

"ڏس اسان موت جي تمنا ڪري ورتي آهي."

۽ ايئن قرآن ڪوڙو ثابت ٿي وڃي ها ۽ پاڻ صه جي نبوت باطل ٿي وڃي ها. هي وڏي نازڪ ۽ خطرناڪ پيشنگوئي هئي. نبي صلي الله عليه وآله وسلم پنهنجي مخالفن ۽ دشمنن جي متعلق پيشنگوئي ڪئي ته:

"هو موت جي تمنا نه ٿا ڪري سگهن ۽ ڪڏهن به نه ڪندا."

هنن لاءِ وڏو آسان هو ته پاڻ ﷺ جي نبوت جي دعوي کي باطل ڪرڻ لاءِ موت جي تمنا ڪري وٺن ها. پر ائين نه ٿي سگهيو ۽ پاڻ ﷺ جي نبوت جو صداقت ۽ قرآن مجيد جي حقانيت ظاهر ٿي وئي. ڪوڙو نبي ڪڏهن اهڙي پيشنگوئي جي جرات نه ٿو ڪري سگهي، جنهن کي باطل ڪرڻ مخالف جي اختيار ۾ هجي ۽ هن جي تمنا ڪرڻ تي موقوف هجي. ڪوڙي نبي جي ڪا پيشنگوئي پوري نه ٿيندي آهي.

مرزا غلام احمد محمدي بيگم سان نڪاح جي پيشنگوئي ڪئي. پر هن جو نڪاح مرزا سلطان محمد سان ٿي ويو. وري هن پيشنگوئي ڪئي ته سلطان محمد اڍائي سالن کا پوءِ مري ويندو ۽ محمدي بيگم هن جي نڪاح ۾ اچي ويندي. پر غلام احمد مري ويو ۽ مرزا سلطان محمد انهيءَ کان بعد به دير تائين زنده رهيو. اهڙيءَ طرح هن هڪ بيمار عيسائي پادري اٿم جي متعلق پيشنگوئي ڪئي ته هو 05 سيپٽمبر 1894ع تي مري ويندو. پر هو انهيءَ تاريخ تي نه مئو. بلڪ تندرست ٿي ويو."[1]

بحرحال يهودين موت جي تمنا نه ڪئي. لڳي رهيو هيو ته هنن کي يقين هو ته حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليه وعلي آله واصحابه وسلم سچو نبي آهي ۽ هن جو هر چوڻ سچ ٿيندو ۽ جيڪڏهن اسان موت جي تمنا ڪئي ته پوءِ اها يقينا پوري به ٿي ويندي. علامه غلام الرسول سعيدي صاحب لکن ٿا ته:

"امام ابن جرير پنهنجي سند سان روايت ڪن ٿا ته:

حضرت ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو: جيڪڏهن هو هڪ ڏينهن به موت جي تمنا ڪن ها ته روءِ زمين تي ڪو به يهودي زنده نه رهي ها ۽ يهوديت صفحه هستي کان مٽجي وڃي ها."[2]

---

1. سعيدي، غلام رسول، علامه، تفسير "تبيان القرآن" (اردو)، فريد بوڪ اسٽال لاهور، الطبع الثالث عشر: جمادي الاول 1434هه/ اپريل 2013ع، جلد اول ص 453

2. سعيدي، غلام رسول، علامه، تفسير "تبيان القرآن" (اردو)، فريد بوڪ اسٽال لاهور، الطبع الثالث عشر: جمادي الاول 1434هه/ اپريل 2013ع، جلد اول ص 453 (بحواله: جامع البيان ج ا ص 336 _337، مطبوعه: دارالمعرفة، بيروت، 1409هه)

جيڪڏهن ڪو چوي ته:

”جيڪڏهن يهودي حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم کي سچو نبي صہ ڪري سڃاڻن پيا ته پوءِ ايمان ڇو نہ آندائون؟“

ته انهن لاءِ عرض آهي ته هو هن پيشنگوئي ۾ صفحي نمبر 143،144 ڏانهن رجوع ڪن جتي هو حضرت زڪرياه ۽ حضرت عيسىٰ ع بابت فخر سان چون ٿا ته اسان هنن نبين ۽ رسولن کي قتل ڪيو هو. يا وري اهي هجرت جي بعد يهودين سان معاملات ڏانهن رجوع ڪن. جتي هو هڪٻئي کي ٻڌائين ٿا ته حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم سچو نبي آهي. پر اسان مٿن ايمان نہ آڻيندا سين. يعني يهودين جي عادت بڻجي چڪي هئي ته نبين کي سڃاڻڻ کان بعد، هنن کي سچو نبي سمجهندي بہ هنن جي مخالفت ڪندا هئا ۽ يهودين جي حساب سان اها ڪا نئين ڳالهہ نہ هئي، يا ڪا حيرت ۾ وجهڻ ڳالهہ نہ هئي. بحر حال هي پيشنگوئي هميشہ هميشہ جي لاءِ آهي ته يهودي ڪڏهن بہ موت جي تمنا نہ ڪندا. قرآن جي هي پيشنگوئي پنهنجي مخالفن لاءِ اڄ بہ انهيءَ پيشنگوئي وانگر قرآن ۽ ان جي آڻيندڙ جي سچائيءَ جي ثبوت لاءِ چيلينج طور بيٺل آهي، جنهن پيشنگوئي ۾ قرآن چيلينج ڪري ٿو ته جيڪڏهن توهان سچا آهيو ته هن قرآن جي سورتن جهڙي هڪڙي سورة پيش ڪريو.

(س) سچي نبيءَ کان خوف ڪر، ڪوڙي نبيءَ کان خوف نہ ڪر

”جڏهن ڪو نبي خداوند جي نالي کي چوي ۽ هن جي چوڻ موجب نہ ٿئي ۽ هن جي ڳالهہ پوري نہ ٿئي ته اها ڳالهہ خداوند جي طرفان نہ آهي. پر انهي نبيءَ گستاخي ڪري چئي آهي. تون انهيءَ کان متان ڊڄين.“[1]

اسان هن پيشنگوئي جي مٿئين حصي تي ڳالهائي چڪا آهيون. هتي صرف انهيءَ سان بحث ٿيندو ته ڪوڙي نبي کان ڊڄڻ نہ کپي. ٻي معني ته صرف سچي نبي کان ڊڄڻ کپي. ڇو ته هن جي سچائي وٽ ڪندي.

دنيا ۾ ڪيترائي ڪوڙا نبي ٿي چڪا آهن. خود حضور صلي الله عليہ وآليہ وسلم جو فرمان آهي ته مون کان پوءِ 30 ڪوڙا نبي پيدا ٿيندا. مسند احمد بن حنبل ۾ لکيل آهي ته:

وَإِنَّهُ سَيَكُونُ فِي أُمَّتِي كَذَّابُونَ ثَلَاثُونَ كُلُّهُمْ يَزْعُمُ أَنَّهُ نَبِيٌّ، وَأَنَا خَاتَمُ النَّبِيِّينَ لَا نَبِيَّ بَعْدِي،

ترجمو: ”۽ عنقريب منهنجي امت ۾ ٽيهہ ڪوڙا ايندا. جنهن مان هر هڪ بزعم خويش پنهنجو پاڻ کي نبي قرار ڏيندا هوندا. حالانڪ مان آخري نبي آهيان ۽ مون کان بعد ڪو نبي اچڻو نہ آهي.“[2]

---

1. استثنا 18 : 22
2. احمد بن حنبل ، مسند احمد بن حنبل (اردو) ، ڪتب رحمانيہ ، اردو بازار ، لاهور. جلد دهم،

(i) مرزا غلام قادياني ۽ هن جا ڪوڙ

هتي اسان انهن ڪوڙن نبين مان نموني جي طور تي مرزا غلام احمد قادياني ۽ کي پيش ڪريون ٿا. قادياني سموري دنيا ۾ ڦهليل آهن. دنيا ۾ هي پاڻ کي مسلمان سڏرائيندا آهن. ايتري تائين جو هنن جا ٽي وي چينل به مسلم-1، مسلم-2، وغيره جي نالن سان آهن. ذوالفقار علي ڀٽو پنهنجي دور حڪومت ۾ هنن کي ڪافر قرار ڏيئي هميشہ لاءِ مسلمانن جي جان هن لعنت مان ڇڏائي ڇڏي.

مرزا غلام چوندو هو تہ:

"مان جيڪو پنهنجي مرضي سان ڳالهائيندو آهيان، حقيقت ۾ اهو وحي جي نزول کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ آهي."[1]

۽ هو هي بہ چوندو هو تہ:

"منهنجي سچائي يا ڪوڙن کي پرکڻ لاءِ منهنجي پيشنگوئين کان وڌيڪ بهتر ڪو طريقو نہ آهي."[2]

۽ هو هي بہ چوندو هو تہ:

"هي ممڪن ئي نہ آهي جو پيغمبر جي پيشنگوئي ۾ دير ٿئي."[3]

هن پنهنجي زندگيءَ ۾ اڻ ڳڻيون ڪوڙيون پيشنگوئيون ڪيون جن مان گهڻين تہ وڏيون شهرتون ماڻيون. ڪجهہ پيشنگوئيون اسان صفحي نمبر 158 تي "تفسير تبيان القرآن" جي حوالي سان پيش ڪيون آهن.

(1) گهڻين شادين ۽ گهڻي اولاد بابت پيشنگوئيون:

مرزا چيو تہ:

"خدا مونکي خوشخبري ڏني آهي تہ مونکي هڪ محترم عورت مان بيشمار ٻار ٿيندا جنهن سان مان هن وحي کان بعد شادي ڪندس."[4]

"مون فيبروري 1886ع ۾ خدا کان هن وحي جي نزول کان بعد هڪ بيان ڏنو هو تہ: هن مون کي هن بيان کان بعد شادين جي خوشخبري ڏني آهي ۽ جلدئي مان سنين لڇڻن ۽ اخلاق وارين عورتن سان شاديون ڪندس ۽ مون کي انهن مان ٻار ٿيندا."[5]

مرزا غلام هي بيان ان وقت ڏنو هو جڏهن هو 46 ورهين جو هو. هن پيشنگوئي کان بعد هن ڪڏهن بہ ڪابہ شادي نہ ڪئي.

ص471، حديث نمبر 22757 ، (المڪتبہ الشاملہ ۾ هن حديث جو نمبر 22395 آهي)

1. تبليغ رسالت، جلد 5، ص 58،
2. روحاني خزائن ، جلد 19، ص288،
3. روحاني خزائن،جلد 19 ، ص 5،
4. تبليغ رسالت، جلد 5، ص 58،
5. روحاني خزائن،جلد 1، ص 89

(2) پنهنجي زال کي پٽن ڄڻ جون پيشنگوئيون:

مرزا غلام پنهنجي زال کي پٽن جي ڄڻ جون ڪيتريون ئي پيشنگوئيون ڪيون. پر هڪ به پوري نه ٿي.

(3) ڪنواري ۽ بيوه سان شادي جي پيشنگوئي:

”هي خدا جو ارادو آهي ته هو منهنجي نڪاح ۾ ٻه عورتون آڻيندو. هڪ ڪنواري هوندي ۽ ٻي بيوهه. تنهنڪري، اهو الهام جيڪو ڪنواري سان تعلق رکي ٿو اهو پورو ٿيو آهي ۽ هن وقت خدا جي فضل سان مون کي انهيءَ زال مان چار پٽ آهن. مان اجان تائين بيوه عورت جي متعلق ٿيل الهام جي پوري ٿيڻ لاءِ انتظار ۾ آهيان.“[1]

(4) وڏي حياتيءَ بابت پيشنگوئي:

مرزا غلام دعوي ڪئي ته سندس زندگي جي واڌاري بابت وحي نازل ٿي آهي:

”دشمن منهنجي موت جي خواهش رکن ٿا ۽ ان بابت پيشنگوئيون ڪن ٿا. تنهنڪري، خدا مونکي خوشخبري ڏني آهي ته مان اسي (80) سال يا وڌيڪ زنده رهندس.“[2]

(5) پنهنجي موت بابت پيشنگوئي:

مرزا غلام چيو ته:

”مان يا ته مڪي ۾ مرندس يا مديني ۾.“[3]

مرزا غلام ڪڏهن به نه مڪو ڏٺائين نه مدينو. هو لاهور ۾ مئو ۽ هن کي قاديان ۾ دفن ڪيو ويو.

هي صرف نموني طور مرزا جون ڪجهه غلط پيشنگوئيون پيش ڪيون ويون آهن. ورنه لسٽ وڏي آهي. دل ته چوي ٿي ته مرزا جون اهي سڀ ڪوڙيون پيشنگوئيون پيش ڪري پوءِ انهن جي چڱيءَ ريت چنڊ ڇاڻ ڪري پيش ڪجن ،پر ايئن ڪرڻ سان اسان پنهنجي موضوع کان گهڻو پري هٽي وينداسين.

هي سڀ ڪجهه پيش ڪرڻ جو مطلب هي آهي ته اسان جي موضوع سخن پيشنگوئي ۾ چيل آهي ته اهڙن ڪوڙن نبين کان بچڻ جي ڪا ضرورت نه آهي. ڇو ته انهن تي ايمان نه آڻڻ سان اسان جو ڪو نقصان نه ٿيندو. پر حقيقت ۾ انهن تي ايمان آڻڻ کان بچڻ کپي. ڇو ته جيڪڏهن ڪنهن به سبب يا مجبوري جي ڪري انسان اهڙي ڪنهن شخص جي ڳالهين تي يقين رکي مٿس ايمان آڻيندو ته هو به هن سان گڏ جهنم جي باهه جو ٻرڻ بڻبو.

---

1. روحاني خزائن ،جلد 15 ، ص201
2. روحاني خزائن ،جلد 19 ، ص 239 مواهب الرحمان ، ص 21
3. تذڪره، ص 591

توريت جي موضوع سخن پيشنگوئي جو هيو مطلب ٿيندو تہ صرف سچي نبين جي نبوت تي ايمان نہ آڻڻ کان ڊڄجي. چو تہ هنن تي ايمان نہ آڻڻ جو مطلب خسارو ئي خسارو آهي. حضرت موسىٰ عہ تي فرعون جهڙو بادشاھ، ايمان نہ آڻڻ سبب سمنڊ ۾ ٻڏي غرق ٿيو. اهڙيءَ طرح حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم تي ايمان نہ آڻڻ سبب يهودي، جيڪي پنهنجي علائقي جا مجيل حڪمران، سردار، بهادر ۽ ڌن دولت وار هئا، تباھ ۽ برباد ٿي ويا.

(ii) آخري ڳالھ

مقدس ڪتاب (يعني تورات وغيره) جي گمشدگي کان پوءِ جڏهن حضرت عزير عہ (عزرا نبي) پنهنجي حافظي مطابق هن کي مرتب ڪيو تہ ان ۾ هو شاهدي ڏئي تہ اڄ ڏينهن تائين ڪو بہ حضرت موسىٰ عہ جهڙو نبي پيدا نہ ٿيو آهي. ڪتاب استثنا ۾ هن جا لفظ ڪجھ هن ريت آهن.

”انهيءَ وقت کان وٺي اسرائيل ۾ موسىٰ جهڙو نبي پيدا ڪونہ ٿيو، جنهن سان خداوند روبرو ملاقات ڪئي.“[1]

۽ هي ڳالھ بہ صرف اسان مسلمان نہ ٿا چئون پر عيسائي بہ چوندا تہ حضرت عيسىٰ عہ هن دنيا جي گولي تي رهندي، ڪڏهن الله سان روبرو ملاقات نہ ڪئي. پر هي حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم ئي آهن. جيڪي آسمان تي وڃي معراج ڪري آيا ۽ انهيءَ معراج بابت مسلمانن الڳ ضخيم ڪتاب لکيا آهن.

اسان مسلمان دعوي سان چئون ٿا تہ حضرت عيسىٰ عہ خود پاڻ يا سندس ڪنهن حواريءَ ڪڏهن بہ اها دعوي نہ ڪئي تہ ڪو ڪتاب استثنا جي باب 18 جي آيت 18 واري پيشنگوئي جو مصداق ڪو حضرت عيسىٰ عہ آهن.

حضرت عيسىٰ عہ کان 33 سال بعد بہ پطرس انهيءَ پيشنگوئي جي پوري ٿيڻ جو منتظر ٿو نظر اچي. ڪتاب رسولن جا ڪم ۾ پطرس جو وعظ نقل ٿيل آهي، جيڪو هن يروشلم ۾ هيڪل اندر ڪيو هو. هو انهيءَ وعظ ۾ چوي ٿو تہ:

”تنهنڪري اوهين توبھ ڪريو ۽ ڦري اچو، تہ اوهان جا گناھ ميٽجي وڃن ۽ انهي طرح خداوند جي حضور مان تازگيءَ جا ڏينهن اچن؛ تہ هو، مسيح يعني يسوع کي موڪلي، جو اوهان جي لاءِ مقرر ٿيل آهي. هو تيستائين ضرور آسمان ۾ رهندو جيستائين ڪ سيني ڳالهين جي بحالي ٿيڻ جا ڏينهن اچن، جن بابت خدا پنهنجي پاڪ نبين جي واتان دنيا جي شروع کان وٺي چيو هو. جيئن موسىٰ چيو تہ ”خداوند خدا اوهان لاءِ اوهان جي ڀائرن مان مون جهڙو هڪڙو نبي ڪڙو ڪندو؛ اهو جيڪي بہ

---

[1] استثنا 34 : 10

ڳالهيون اوهان کي ٻڌائي سي سڀ ٻڌجو ۽ هيئن ٿيندو تہ جيڪو بہ ماڻهو انهيءَ نبيءَ جي ڳالهہ نہ ٻڌندو، سو امت مان بلڪل برباد ٿي ويندو.“ هائو ۽ سڀ نبي، سموئيل کان وٺي جيڪي بہ ڪائنس پوءِ ٿيا، تن مان جن جن نبوت ڪئي، تن سيني بہ هنن ڏينهن جو ذڪر ڪيو آهي.“[1]

پطرس حضرت عيسىٰ عہ جي ٿي وڃڻ کان 33 سال بعد بہ چٽي نموني چوي ٿو تہ توبهہ ڪيو تاڪ الله تبارڪ وتعالي حضرت عيسىٰ عہ کي ٻيهر موڪلي. پر هو ان وقت تائين آسمان ۾ رهندو جيستائين سڀ پيشنگوئيون پوريون نہ ٿين ۽ پوءِ خصوصي طور تي هو استثنا 18: 15-22 واري پيشنگوئي کي دهرائي ٿو ۽ واضع ڪري ٿو تہ اها پيشنگوئي اجان رهيل آهي ۽ اها پيشنگوئي بہ پوري ٿيڻي آهي.

سندس سمجهہ ۽ عقل تہ ڏسو! حضرت عيسىٰ عہ آيو بہ سهي ۽ موٽي واپس بہ ويو، پر پيشنگوئي پنهنجي جاءِ تي رهجي وئي. سو، هو انهيءَ پيشنگوئي کي پوري ڪرڻ لاءِ وري موٽي ايندو. يعني پهريون انهيءَ پيشنگوئي جو مصداق نہ هو پر هاڻي ايندو تہ انهيءَ پيشنگوئي جو مصداق بڻجي ويندو. بي سمجهيءَ جي بہ ڪا حد هوندي آهي، پر هتي سڀ ليڪا لتاڙيل ٿا نظر اچن. فَاعْتَبِرُوْا يٰٓاُولِي الْاَبْصَارِ.

انهيءَ سان گڏوگڏ هو اهو بہ ٻڌائي ٿو تہ اها پيشنگوئي سيني نبين پنهنجي پنهنجي امت کي تاڪيد ڪري ٻڌائي آهي.

توريت جي ڪتاب استثنا 18: 5-22 ۾ بيان ٿيل پيشنگوئي بابت هن وقت تائين اسان جيڪو ڪجهہ پيش ڪيو آهي، اهو ساڃاهہ وندن، سوچ، سمجهہ ۽ شعور رکندڙ انسانن جي اکين کولڻ لاءِ ڪافي آهي. هي پيشنگوئي بنا شڪ ۽ شبهہ جي هر لحاظ کان حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم لاءِ فٽ نظر اچي ٿي. جڏهن تہ هن جي مقابلي ۾ يهودي خاموش آهن ۽ اجان انهيءَ نبي جا منتظر آهن ۽ صرف عيسائي ئي آهن، جيڪي حضرت عيسىٰ عہ کي هن جو مصداق سمجهن ٿا. جنهن جو رد اسان جا بجا هن پيشنگوئي جي نقطن جي وضاحت دوران ڪري چڪا آهيون. سڀ کان وڏي بد قسمتي عيسائين لاءِ اها آهي جو هو پنهنجي ئي ڪتاب کي ٽوڙي مروڙي پيش ڪندا آهن ۽ پاڻ لاءِ پاڻ گمراهيءَ جا رستا ڳولهيندا آهن. جيڪڏهن هو صرف پنهنجي انهيءَ ٽوڙ مروڙ کان پرهيز ڪن تہ بہ ايمان وارن ۾ شامل ٿي ويندا.

هن قوم کي حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم بابت ايتري تاڪيد ٿيل هئي جو قرآن دعوي سان چوي ٿو تہ:

---

1. رسولن جا ڪم 3 : 19 ـ 24

اَلَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ يَعْرِفُوْنَهٗ كَمَا يَعْرِفُوْنَ اَبْنَآءَهُمْ ؕ اَلَّذِيْنَ خَسِرُوْٓا اَنْفُسَهُمْ فَهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ.

”جن کي اسان ڪتاب ڏنو آهي اهي هن (محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم) کي ايئن سڃاڻن ٿا جيئن پنهنجي پٽن کي (سڃاڻين ٿا). جن پنهنجو پاڻ کي خساري ۾ وجهي رکيو آهي اهي ايمان نہ آڻين ٿا.“[1]

پر هٺ ڌرمي جو ڪو علاج ڪونهي. جيڪو ڪا ڳالهہ سمجهڻ ئي نہ چاهي تہ ان کي ڪو بہ ڪجهہ سمجهائي نہ ٿو سگهي ۽ اهو مک ۾ مک سبب آهي انسانيت جي گمراهيءَ جو.

پطرس جو بيان سيني عيسائين جي سيني ڳالهين کي رد ٿو ڪري. چو تہ جيڪڏهن انهيءَ پيشنگوئي جا مصداق حضرت عيسىٰ ع هجن ها تہ پطرس حضرت عيسىٰ ع کان 33 سال بعد ان نبيءَ جي اچڻ جو ذڪر نہ ڪري ها.

پطرس جي هن وعظ کان بعد عيسائين وٽ حضرت عيسىٰ ع کي انهيءَ پيشنگوئي جو مصداق سمجهڻ وارو آپشن ختم ٿيل آهي. هاڻي هنن وٽ بہ ٻيا آپشن آهن. هڪ هي تہ: ٻين يهودين وانگر هي بہ انهيءَ نبيءَ جي اچڻ جو انتظار ڪن.

يا حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم کي انهيءَ جو مصداق سمجهي انهيءَ مٿان پنهنجو ايمان آڻن ۽ اهو آهي بہ صاف، صحيح ۽ سچ جو رستو.

---

1. سورة الانعام : 20

(4) خداوند فاران جبل مان چمڪيو

خدا جي ٻانهي موسىٰ ع پنهنجي مرڻ کان اڳي بني اسرائيل کي جيڪا برڪت ڏني سا هيءَ آهي:
هن چيو تہ:
”خداوند سيناءَ مان آيو ۽ شعير مان انهن تي ظاهر ٿيو، هو فاران جبل مان چمڪيو ۽ لکن پاڪ ماڻهن منجهان آيو: هنجي ساڄي هٿ ۾ انهنجي لاءِ باهہ جهڙي شريعت هئي.“[1]
ڪتاب حبقوق ۾ بہ مٿين آيتن سان مطابقت رکندڙ هڪ آيت آهي جيڪا هن ريت آهي:
”خداوند تيمان مان آيو ۽ پاڪ خدا فاران جي جبل تان هن جي جلال آسمانن کي ڍڪي ڇڏيو ۽ زمين هن جي تعريف سان معمور هئي.“[2]
ڪتاب حبقوق جي پيشنگوئي تي اسان الڳ سان بحث ڪنداسين. هتي هن آيت کي صرف استثنا 2:33 واري آيت سان مطابقت جي ڪري پيش ڪيو ويو آهي.
بحث جي باقاعدي آغاز کان اڳ اوهان آڏو قرآن شريف جون ڪجهہ آيتون پيش ڪجن ٿيون، جيڪي استثنا 2:33 آيت سان مطابقت رکن ٿيون. سورت التين جون اهي آيتون ڪجهہ هن ريت آهن.

وَالتِّيْنِ وَالزَّيْتُوْنِ ۙ . وَطُوْرِ سِيْنِيْنَ ۙ . وَهٰذَا الْبَلَدِ الْاَمِيْنِ ۙ .[3]

ترجمو: ”انجير ۽ زيتون جو قسم آهي ۽ طور سينا جو ۽ هن امن واري شهر (مڪي) جو.“
ڪتاب استثنا جي باب 33 آيت نمبر 2 جون هيٺيون ڇهہ ڳالهيون بحث طلب آهن، جن جي باري ۾ اسان پنهنجو موقف پيش ڪنداسين.

(الف) خداوند سينا مان آيو.
(ب) شعير مان انهن تي ظاهر ٿيو.
(ت) هو فاران جبل مان چڪيو.
(ث) لکن پاڪ ماڻهن منجهان آيو.
(ج) هن جي ساڄي هٿ ۾.
(ح) هنن لاءِ باهہ جهڙي شريعت هئي.

---

1. استثنا 33 : 1 ـ 3
2. حبقوق 3 : 3
3. سورة التين : 1 ـ 3

(الف) خداوند سينا مان آيو

سيناءِ يا جبل سينا يا طور سينا متعلق اسان گذشتہ پيشنگوئي ”موسىٰ جهڙو نبي“ ۾ بحث ڪري چڪا آهيون. تفصيل لاءِ ڏسو صفحہ نمبر 121 کان صفحہ نمبر 125 تائين، حورب جبل جي عنوان تحت. هتي بہ اسان پنهنجي محترم قارئين جي ذوق خاطر ٻن ڪتابن ڪا اقتباس پيش ڪري رهيا آهيون.

پهريون اقتباس ڪتاب ”بشري“ کان آهي. جنهن ۾ لکيل آهي تہ:

”سينائي: عربي ۾ هن کي سينا چون ٿا. هي هڪ پهاڙي علائقو آهي، بحراحمر جي ٻنهي شاخن جي وچ ۾. هن علائقي ۾ هڪ پهاڙ آهي، ان کي هر سيناءِ چون ٿا. عربي ۾ طورسينا. هرو طور معني پهاڙ آهي.

هن پهاڙ جون ٽي چوٽيون آهن. جيڪا ان ۾ ننڍي ۽ اوڀر اتر جي ڪنڊ تي آهي، ان کي حوريب چون ٿا ۽ ڏاکڻيون حصو هن پهاڙ جو سيناءِ سڏبو آهي. هڪ چوٽي اولهہ ڏکڻ تي واقع آهي. هي عرب ۾ آهي. هتي حضرت موسىٰ کي نبوت ملي هئي. هن پهاڙ وٽ هڪ ميدان آهي، جنهن کي عبراني ۾ ”هد هر سينائي“ يعني واديءِ سينا ۽ عربي ۾ طوي چوندا آهن.“[1]

ٻيو اقتباس ڪتاب ”ميثاق النبيين“ کان پيش ڪجي ٿو. لکيل آهي تہ:

”طور سينا بائيبل جي مطابق خداوند يهووه جو تخت گاهہ آهي. هن جي جاءِ وقوع يهودين جي مختلف فرقن جي خيالات ۽ بائيبل جي قسمين قسمين حوالاجات جي ڪري مختلف ملي ٿو ۽ موجوده آزاد خيال مسيحي عالم ان کي ۽ حورب جبل کي سج ۽ چنڊ جي پرستش جا مظاهر قرار ڏين ٿا. (سين ۽ سينا= چنڊ، حورب= ساڙيندڙ تيز ۽ تکي ڏپ يا سج) پر متفقہ مذهبي نقطہءِ نگاهہ کان هي ڳالهہ مسلم آهي تہ اهو مقام جتي حضرت موسىٰ عہ کي شريعت ڏني وئي هئي يا اسرائيل جي قوم جي ديني ۽ دنياوي ارتقاءَ جي بنياد رکي وئي هئي، (اها) طور سينا آهي.“[2]

(ب) شعير مان انهن تي ظاهر ٿيو

”بشري“ ۾ لکيل آهي تہ:

”سعيرہ هڪ پهاڙي ضلعو آهي، ايدوميا جو. جنهن تي عيص جي اولاد قبضو ڪري رهائش اختيار ڪئي آهي. هي بحرالملح جي ڪناري کان بحراحمر جي مشرقي شاخ تائين ڦهليل آهي. هن ۾ هڪ پهاڙ آهي، ان

---

1. چرياڪوٽي، عباسي، عنايت رسول، مولانا، ”بشري“ (اردو)، شرواني پرٽنگ پريس، علي ڳڙهہ، 1357هہ_ 1938ع، ص 55
2. وديارٿي، عبدالحق، ”ميثاق النبيين“ (اردو)، دارالاشاعت ڪتب اسلاميہ، 17 - مولانا آزاد روڊ، جيڪب سرڪل، بمبئي 11، ص 352

جو عبراني ۾ نالو سعير آهي. هن جي اترئين حصي کي عربي ۾ حبال چون ٿا ۽ ڏاکڻئين کي شراھ. هي بہ ملڪ عرب ۾ فلسطين جي سرحد تي واقع آهي. حضرت موسي انهيءَ رستي کان شام تي حملو ڪرڻ پئي چاهيو، پر عيص جي اولاد رستو نہ ڏنو."[1]

ميثاق النبيين ۾ آهي تہ:

"بائيبل مطابق هي آهي تہ حضرت اسحاق ع جي وڏي پٽ عيسو جو پٽ ادوم هو. انهيءَ جي اولاد جبل شعير ۾ آباد ٿي. هي شخص ادومي قبيلي جو پيءُ سڏجي ٿو. آهستہ آهستہ انهن ماڻهن انهيءَ جبل شعير ۾ پنهنجي سلطنت قائم ڪري ورتي، جنهن جي يهوديہ جي سلطنت سان هميشہ جنگ رهندي هئي. هي سلطنت مردار ڊنڍ جي طرف عرابہ جي ڏکڻ کان اوڀر جي طرف ويھ ميلن جي فاصلي تي واقع هئي. جبل شعير: سعر بمعني وار کان مشتق آهي. اوڀڙ (ٻوٽن جي ڦٽڻ يا نسرڻ واري حالت) ۽ ساوڪ جي ڪري هن پهاڙ جو هي نالو رکيو ويو هو. موجوده زماني ۾ پهاڙ جو زياده تر حصو خشڪ آهي. جيتوڻيڪ هن جا ڪجھ ٽڪرا هاڻي بہ سر سبز آهن."[2]

جبل شعير ۾ شروع ۾ حوري يا حورين قبيلو رهندو هو. جيئن ڪتاب پيدائش ۾ آهي تہ:

"۽ حورين کي سندن جبل شعير ۾ مارينڊا مارينڊا ايل فاران تائين آيا، جو رڻ پٽ جي ويجهو آهي."[3]

"شعير حوريءَ جا پٽ، جي انهي ملڪ جا رهاڪو هئا، سي هي آهن"[4]

۽ انهي کان بعد حوريءَ جي اولاد جو ذڪر ٿيل آهي ۽ حوريءَ جي اولاد جي ذڪر ڪرڻ بعد انهن جي سردارن جو ذڪر آهي ۽ آخر ۾ لکيل آهي تہ:

"هي انهن حورين جا سردار آهن جي شعير جي ملڪ ۾ هئا."

وليم ميڪڊونلڊ مطابق شعير نالي شهر بہ هو. هو لکي ٿو تہ:

"شعير ۽ فاران جا شهر سينا ۽ ڪنعان جي راھ ۾ هئا."[5]

---

1. چرياڪوٽي، عباسي، عنايت رسول، مولانا، "بشري" (اردو)، شرواني پرنٽنگ پريس، علي ڳڙھ ،1357ھ_ 1938ع، ص 56
2. وديارٿي، عبدالحق، "ميثاق النبيين" (اردو)، دارالاشاعت ڪتب اسلاميہ، 17 ـ مولانا آزاد روڊ، جيڪب سرڪل، بمبئي 11، ص 354
3. پيدائش 14: 6
4. پيدائش 36: 20
5. ميڪڊونلڊ، وليم، تفسيرالڪتاب (پيدائش- استثنا) اردو، مترجم: ڊي- چند، سموئيل، بشپ، مسيح اشاعت خانہ 36-فيروزپور روڊ، لاهور 2016ع، ص 33

متين آيتن مان اسان کي خبر پوي ٿي ته شعير هڪ جابلو علائقو آهي ۽ اهو هڪ ملڪ يا سلطنت آهي ۽ انهيءَ علائقي ۾ شعير نالي هڪ شهر به آهي. اتي حورين قبيلو ۽ انهن جا سردار رهندا ۽ حڪومت ڪندا هئا. پر پوءِ هيئن ٿيو جو ادومين انهن تي حملو ڪري انهيءَ ملڪ تي قبضو ڪري ورتو. ڪتاب استثنا ۾ آهي ته:

”۽ شعير ۾ پهرين حوري رهندا هئا. پر بني عيسو انهن کي پڄائي ڪڍيو؛ ۽ انهن کي برباد ڪري پاڻ انهن جي جاءِ تي رهڻ لڳا؛ جيئن اسرائيلين پنهنجي ورثي واري ملڪ ۾ ڪيو، جو خداوند انهن کي ڏنو.“[1]

بني عيسو وارا ئي ادومي سڏبا آهن. ڇو ته عيسو جو ئي ٻيو نالو ادوم آهي. جيئن ڪتاب پيدائش ۾ آهي ته: ”تڏهن عيسو، جنهن جو ٻيو نالو ادوم به ٿو سڏجي، سو وڃي شعير جبل ۾ رهڻ لڳو.“[2]

”۽ شعير جبل وارن ادومين جي پيءُ عيسو جو نسب نامو هن ريت آهي.“[3]

عيسو ۽ حضرت يعقوب ع پاڻ ۾ جاڙا پائر هئا. هنن جي پيدائش جو ذڪر توريت ۾ هن ريت ٿيل آهي: ”پوءِ جڏهن هنجي (حضرت اسحاق ع جي زال ربقه جي) ويا مڻ جا ڏينهن اچي پريا، تڏهن ڏٺائون ته سندس پيٽ ۾ جاڙا ٻار هئا. پهريون ڳاڙهو نڪتو ۽ هنجو بت پوستين وانگر هو، تنهنڪري انهيجو نالو عيسو رکيائون. تنهن کان پوءِ سندس ڀاءُ پنهنجي هٿ ۾ عيسو جي کڙي جهلي نڪتو ۽ انهي جو نالو يعقوب رکيائون: جڏهن اضحاق کي هي ٻار ڄاوا، تڏهن هو سٺ ورهين جو هو.“[4]

هي جبل شعير، شعير جي علائقي، شعير شهر ۽ اتان جي ماڻهن بابت ڪجهه بنيادي معلومات هئي جيڪا قارئين آڏو پيش ڪئي وئي. ورنه جبل شعير جي هڪ ڊگهي تاريخ آهي.

اسان جي زير بحث آيت ۾ جبل شعير جو جيڪو ذڪر آهي اهو حضرت عيسىٰ ع ڏانهن اشارو آهي. قيس الڪبليءَ مطابق هي اهو علائقو آهي جتي حضرت عيسىٰ ع پيدا ٿيو هو. هو لکي ٿو ته:

“Jesus was born in an area called Seir”

يعني: ”حضرت عيسىٰ ع شعير نالي هڪ علائقي ۾ پيدا ٿيو.“[5]

---

1. استثنا 2: 12
2. پيدائش 36: 8
3. پيدائش 36: 9
4. پيدائش 25: 24 ـ 26
5. Al Kalby, Kais, “Prophet Muhammad The Last Messanger in the Bible”, Tahrike Tarsile Qur’an, 801-10 5st. Ave Elmhurst, NY, New York 11373, EIGHTH EDITION 2005, USA, P-195

مطلب تہ هن آيت ۾ ”**شعير مان انهن تي ظاهر ٿيو**“ مان مراد **حضرت** عيسىٰ عہ جو ظهور آهي. جيئن ”**خداوند سينا مان آيو**“ مان مراد الله تبارڪ و تعالي جو **حضرت** موسىٰ عہ سان جبل سينا تي خاص ملاقات ڪرڻ ۽ ڪيس شريعت جا احڪام ڏيڻ آهي ۽ ”**فاران جبل مان چمڪيو**“ مان مراد حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم آهن، جن جي تبليغ جو مرڪز فاران جبل وارو علائقو هو.

(ت) هو فاران (Paran) جبل مان چمڪيو

مسلمان جاگرافيدان يعقوت الحموي لکي ٿو تہ:

”فاران، عربيءَ ۾ تبديل ٿيل عبراني لفظ، بائيبل ۾ بيان ٿيل مڪي جي نالن مان هڪ نالو آهي.“[1]

قيس الڪلبي لکي ٿو تہ:

”عبراني لفظ **پاران (عربي فاران)** جي معني آهي: ”**ہہ ماڻهو اسماعيل؏ ۽ هاجرا جو پنهنجي ڪٽنب کي ڇڏڻ**.“ عربي ۾ فاران جي معني: ”**ہہ شخص جيڪي ڀڄي ويا**“. عربيءَ ۾ هن جي معني خوف جي ڪري ڇڏي وڃڻ نہ آهي. هن جو مطلب پنهجو پاڻ کي ٻين کان الڳ رکڻ آهي.“

هن ڪيس ۾ عربي ۾ لفظ **فاران** جي معني ٿيندي: ”**الله ڏانهن ڀڄڻ**“ پر صحيح سمجهڻ لاءِ معني ٿيندي: ”**وطن تبديل ڪرڻ (هجرت ڪرڻ)**.“ پيغمبر اسماعيل ۽ هن جي ماءُ هاجره الله جي منصوبي جي پيروي ڪري رهيا هئا. اهي مڪي جي صحرا ۾ موڪليا ويا هئا تاڪ اهڙي زمين جيڪا ڪنهن جي ملڪيت يا مستقل طور تي ڪنهن جي قبضي ۾ نہ هئي، اتي هڪ نئين قوم جي شروعات ڪن.“[2]

(i) فاران جو محل وقوع

وڪيپيڊيا مطابق:

”پاران (Paran) يا فاران (Faran) اڪثر ڪري، خصوصي طور تي جتي مڪو واقع آهي، انجي ويجهو جهنگل ۽ پهاڙن لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي. **الحمداني** پنهنجي ڪتاب جاگرافي آف دي اربن پيننسولا (Geography Of The Arabian Peninsula) جي صفحي نمبر 285 ۾ چئي ٿو تہ: مڪي جي چوڌاري پاران (Paran) جبل ”**عماليق**“ جي پٽ ”**پاران**“ جي پٺيان سڏبا آهن.

السمعني عبدالڪريم پنهنجي ڪتاب (Kitab Al-Ansaab: The Book of Surnames) ۾ چوي ٿو تہ فاراني لقب حجاز ۾ مڪي جي ويجهو فاران

---

1. انٽرنيٽ https://en.m.wikipedia.org

2. Al Kalby, Kais, "Prophet Muhammad The Last Messanger in the Bible", Tahrike Tarsile Qur'an, 801-10 5st. Ave Elmhurst, NY, New York 11373, EIGHTH EDITION 2005, USA, P-195

جبل ڪان ورتل آهي.“[1]

مولانا طالب حسين ڪرپالوي لکي ٿو تہ:

”۽ فاران ڪان جبل فاران مراد آهي، جيڪو مڪ معظمہ ۾ آهي ۽ جنهن کي جبل حرا چيو ويندو آهي. جتي رسولن جا شهنشاهہ، مجرمن جا شفيع، بي ڪسن جا وسيلا محمد مصطفي عليہ التحية والثناء اڪيلائي ۾ عبادت ڪندا هئا ۽ انهيءَ جاءِ تي وحي جو نزول ٿيو ۽ قرآن پاڪ جو نزول شروع ٿيو. بس **”جبل فاران مان چمڪيو“** مان مراد نبي ڪريم عليہ افضل الصلوٰة والتسليم تي قرآن پاڪ جو نزول آهي.“[2]

(ii) بائيبل تي هڪ نظر

اچو تہ بائيبل تي هڪ نظر وجهون ۽ ڏسون تہ بائيبل **”فاران“** يا **”پاران“** جو ذڪر ڪيئن ٿو ڪري؟

قرآن، حديث ۽ تاريخ جي ڪتاب جي مطالعي سان اسان کي خبر پوي ٿي تہ حضرت اسماعيل عہ ۽ حضرت بيبي هاجره پنهنجي سموري حياتي مڪي ۾ گذاري آهي. توريت انهيءَ علائقي کي **”بير سبع“** ۽ **”فاران“** جي نالي سڏي ٿو.

(A) ڪتاب پيدائش ۾ لکيل آهي تہ:

”سو ابرهام صبوح جو سوير اٿيو ۽ ماني پاڻيءَ سان ڀريل هڪڙي مشڪ هاجره کي سندس ڪلهي تي رکي ڏنائين ۽ ٻار سميت روانو ڪري ڇڏيائينس. هو اتان نڪري بير سبع جو رڻ پٽ ۾ رلندي رهي. جڏهن مشڪ جو پاڻي کپي ويو، تڏهن هن انهي ٻار کي هڪڙي ٻوڙي هيٺ ڪٽي ڇڏيو ۽ پاڻ هنجي سامهون تير جي ڏڪ جيترو پري وڃي ويهي رهي. چالاءِ جو چيائين تہ ٻار کي مرندو نہ ڏسان. سو انهي جي سامهون ويهي زار زار روئڻ لڳي ۽ خدا انهيءَ ڇوڪر جو آواز ٻڌو ۽ خدا جي فرشتي آسمان مان هاجره کي سڏي چيو تہ اي هاجره، توکي ڪهڙي تڪليف آهي؟ ڊڄ نہ، جتي ڇوڪر پيو آهي، اتان ئي خدا هنجو آواز ٻڌو آهي. اٿ، ڇوڪر کي ڪٽي پنهنجن هٿن ۾ ڪر؛ چالاءِ جو آءٌ هنکي هڪڙي وڏي قوم بڻائيندس ۽ خدا هنجيون اکيون کوليون ۽ هن پاڻيءَ جو هڪڙو کوهہ ڏٺو ۽ وڃي پنهنجي مشڪ پاڻيءَ سان ڀري آڻي ڇوڪر کي پياريائين. خدا انهي ڇوڪر سان هو ۽ هو وڏي وڏو ٿيو ۽ بيابان ۾ رهي وڏو تير انداز ٿيو ۽ هو فاران جي رڻ پٽ ۾ رهڻ لڳو ۽ سندس ماءُ هنجي لاءِ مصر جي ملڪ مان زال آندي.“[3]

---

1. انٽرنيٽ https://en.m.wikipedia.org
2. ڪرپالوي، طالب حسين، مولانا، ”سيرت النبي صلي الله عليہ وآلہ وسلم“ اسلاميہ دارالتبليغ، لاهور، يڪم اپريل 1991ع، جلد سوم، ص 42
3. پيدائش 21: 14 - 21

هتي فاران کي رڻ پٽ سڏيو ويو آهي. حالانڪ ڪتاب استثنا باب 33: 2 ۾ فاران کي جبل ڪري سڏيو ويو آهي. اهو انهيءَ ڪري جو اهو جبل غيرآباد جبل آهي ۽ مڪو باوجود چوڌاري جبلن جي هجڻ جي هڪ واديءَ جو ذڪ ڏئي ٿي. تنهنڪري، قرآن شريف ۾ هن کي "وادٍ غَيْرِ ذِيْ زَرْعٍ" (يعني: ناقابل زراعت وادي) سڏيو ويو آهي.

رَبَّنَآ اِنِّيْٓ اَسْكَنْتُ مِنْ ذُرِّيَّتِيْ بِوَادٍ غَيْرِ ذِيْ زَرْعٍ عِنْدَ بَيْتِكَ الْمُحَرَّمِ ۙ .[1]

ترجمو: "اي اسان جا پالڻهار! مون پنهنجي اولاد مان ڪن کي غيرآباد ميدان ۾ (يعني: فاران جي رڻپٽ ۾) تنهنجي تعظيم واري گهر وٽ ٽڪايو آهي."

فاران جي صحيح ماڳ مڪان بابت وڏيون وڏيون بحثون ڪيون وڃن ٿيون. پر منهنجي خيال ۾ ڪتاب پيدائش 21:21 انهيءَ کي بلڪل صاف ڪري ڇڏيو آهي ت اهو علائقو ٻيو ڪو ب ن بلڪ مڪ مڪرم آهي.

گلتين ڏنهن لکيل پولس رسول جي خط ۾ لکيل آهي ت:

"اوهين جي شريعت جي ماتحت رهڻ ٿا گهرو سي مونکي ٻڌايو ت اوهين شريعت نٿا ٻڌو ڇا؟ ڇا لاءِ جو لکيل آهي ت ابراهيم کي ب پٽ هئا، هڪڙو ٻانهيءَ مان ۽ ٻيو آزاد مان. مگر ٻانهيءَ وارو پٽ جسماني طور ڄائو هو، پر آزاد زال وارو پٽ واعدي جي ڪري ڄائو. انهن ڳالهين ۾ هڪڙو مثال آهي: ڇالاءِ جو اهي زالون ڄڻ ت ب عهد آهن: هڪڙو سينا جبل وارو، جنهن ڪري غلام ئي پيدا ٿا ٿين ۽ اها آهي هاجره. هاڻي اها هاجره عرب جو سينا جبل آهي ۽ هاڻوڪي يروشلم جي برابر آهي. ڇالاءِ جو هوءَ پنهنجن ٻارن سميت غلاميءَ ۾ آهي. پر يروشلم جو مٿي آهي سو آزاد آهي ۽ اها اسان جي ماءُ آهي."[2]

مٿين آيتن جي ڪري ٿي سگهي ٿو ڪجھ مسيحي علماء فاران کي سينا قرار ڏيڻ جي ڪوشش ڪن. ڇو ت مٿين آيت ۾ لکيل آهي ت: "هڪڙو جبل سينا وارو، جنهن ڪري غلام ئي پيدا ٿين ٿا ۽ اها آهي هاجره."[3]

پر ٻي آيت ۾ انهيءَ جي تشريح آهي جنهن ۾ لکيل آهي ت: "هاڻي اها هاجره عرب جو سينا جبل آهي."[4]

هي ڳالهيون لکيل ت حضرت بيبي هاجره لاءِ آهن. پر هي تمثيلي آهن ۽ اصل ڇوڻ جو مطلب آهي ت اها جاءِ جتي حضرت بيبي هاجره رهي ٿي ايئن ئي مقدس آهي جيئن هنن لاءِ جبل سينا ۽ يروشلم.

---

1. سورة ابراهيم: 37
2. گلتين4: 21 - 26
3. گلتين4: 24
4. گلتين 4: 25

ڪتاب پيدائش جي باب 21 ۾ ٻن جڳھن جو ذڪر ٿيل آهي.هڪ ته ”فاران“ جنهن بابت هن ريت لکيل آهي ته:

”هو فاران جي رڻ پٽ ۾ رهڻ لڳو.“[1]

۽ ٻيو ”بيرسبع“ جنهنجو ذڪر هن ريت ٿيل آهي ته:

”هو بير سبع جي رڻ پٽ ۾ رلندي رهي.“[2]

مولانا عنايت رسول عباسي چريا ڪوٽي بيرسبع بابت فرمائين ٿا ته:

”منهنجي ويجهو اهو مقام صفا ۽ مروه آهي. بير عبراني ۽ عربي ۾ کوھ کي چوندا آهن. شبع سبع عبراني ۽ عربي ۾ ست کي چوندا آهن. جيئن ته هاجره صفا ۽ مروه جي وچ ۾ ست دفعا ڊوڙي هئي، جنهن کان بعد زمزم جو کوھ مليو هو، ته انهيءَ ميدان کي خدا بير سبع سان بيان ڪيو. اڄ تائين اهل اسلام بين الصفا والمروة ست دفعه سعي ڪندا آهن. هي رسم برابر قريش ۾ يادگار طور جاري آهي. حضرت اسماعيل ۽ هاجره جو حال جيڪو ڪجھ ان جي اولاد کان ملي اهو پڪو آهي، ان کان جيڪو ٻين قومن کان ملي. انهن بزرگن جو حال مسلمانن ۾ وڏي شرح ۽ بسط سان مشهور آهي. هي واقعو يعني هاجره جو پريشان ٿيڻ ۽ اڄ جي شدت ۽ زمزم جو صفا ۽ مروه جي وچ ۾ نمودار ٿيڻ مشهور آهي. تنهنڪري، بيرسبع جيڪو هن آيت ۾ لکيل آهي، ان کان مقصود بين الصفا والمروه آهي. يهودي ۽ نصراني بيرسبع اهو مقام مراد وٺن ٿا جيڪو ملڪ شام ۾ آهي. گرينس ۾ لکيل آهي ته هن نالي جا ڇھ ست مقام آهن. يهود ۽ نصاري کان بيرسبع جي تعين ۾ غلطي ٿي. بيرسبع جيڪو شام ۾ آهي، اتي ڪيترائي کوھ آهن ۽ حضرت هاجره انهيءَ ميدان ۾ حضرت ابراهيم سان برابر چڪر ۾ گشت ۾ رهندي هئي. اتي هنن کي پريشان ٿيڻ جي ڪا وجه ڪانه هئي ۽ پاڻي به ناياب نه هو. ها بين الصفا والمروه اهڙو ئي مقام هو جتي پاڻي لاءِ انسان وحشت زده ۽ پريشان ٿئي ها. ان کان علاوه آيت نمبر 20 ۾ ذڪر ٿيل آهي ته مدبار ۾ قيام ڪيائين. مدبار عبراني ۾ ميدان کي چوندا آهن. گرنيس ۾ لکيل آهي ته هي لفظ جڏهن معروف هوندو آهي ته ان کان مقصود عرب هوندو آهي ۽ هتي به معروف آهي. تنهنڪري، هن جو ترجمو اسان عرب ڪيو آهي. بس سياق ڪلام کان ظاهر آهي ته بعد ان واقعي جي هاجره عرب ۾ قيام فرمايو. بس بيرسبع کي ملڪ شام ۾ نه هجڻ کپي، بلڪ عرب ۾ ۽ عرب ۾ ڪوبه مقام انهي نالي سان مشهور نه آهي.

انهيءَ کان بعد لکيل آهي ته هن فاران جي ميدان ۾ رهائش اختيار ڪئي. انهن بيانن کان واضع ٿي ويو ته فاران مڪي جو ميدان آهي، جتي

---

1. پيدائش 21: 21
2. پيدائش 21: 15

حضرت اسماعيل رهندو هو. حضرت اسماعيل ۽ حضرت هاجره جو مزار بہ مکي معظمہ ۾ حطيم جي ويجهو آهي. تنهنڪري، فاران جتي حضرت اسماعيل رهندو هو، مکہ معظمہ کان سواءِ ٻيو مقام نہ ٿو ٿي سگهي."[1]

(B) ڪتاب ڳاڻاڻو ۾ اسان کي فاران جو ذڪر هيئن ملي ٿو.

"پوءِ ٻئي ورهيہ جي ٻئي مهيني جي ويهين تاريخ هيئن ٿيو، جو شاهدي واري خيمي تان ڪڪر ڪڇي متي ٿيو ۽ بني اسرائيل سيناء جي بيابان مان ڪوچ ڪري پنهنجي سفر تي نڪتا ۽ ڪڪر **فاران جي بيابان** ۾ اچي بيٺو."[2]

هن آيت ۾ فاران کي بيابان سڏيو ويو آهي. جڏهن تہ ڪتاب استثنا 33: 2 ۾ فاران کي جبل سڏيو ويو آهي. بظاهر هي متضاد ڳالهہ نظر اچي ٿي. پر انهيءَ ۾ ڪو اختلاف نہ آهي.

علامہ چرياڪوٽي لکن ٿا تہ:

"فاران جو سموري حجاز تي بہ اطلاق ٿيندو آهي. جڏهن مدبر فاران يعني ميدان فاران چيو ويندو آهي تہ انهيءَ کان مراد حجاز جو ملک هوندو آهي ۽ هرفاران يعني جبل فاران کان (مراد) مکہ معظمہ (هوندو آهي)."[3]

اهڙيءَ طرح فاران ۽ جبل شعير بہ الڳ الڳ مقام آهن.

(C) ڪتاب پيدائش ۾ آهي تہ:

"۽ حورين کي سندن جبل شعير ۾ ماريندا ماريندا ايل فاران تائين آيا، جورڻ پٽ جي ويجهو آهي. پوءِ هو موٽي عين مصفات يعني قادس ۾ آيا ۽ عماليقين جي سڄي ملک کي ۽ اموري جي، حصيصون تبر ۾ رهندا هئا. تن کي بہ ماريائون."[4]

هنن آيتن مان هي بہ خبر پوي ٿي تہ فاران ۽ قادس بہ الڳ الڳ مقام آهن.

(D) توريت جي ڪتاب ڳاڻاڻو ۾ آهي تہ:

"تنهن کان پوءِ ماڻهو حصيرات مان روانا ٿيا ۽ فاران جي بيان ۾ وڃي تنبوهنياءُ. پوءِ خداوند موسي کي فرمايو ۽ چيائينس تہ تون ماڻهو موڪل تہ اهي وڃي ڪنعان جي ملک جي جاسوسي ڪن، جو ملک آءٌ بني اسرائيل کي ڏيڻ وارو آهيان. هر هڪ اباڻي قبيلي مان هڪڙو ماڻهو، جو

---

1. چرياڪوٽي، عباسي، عنايت رسول، مولانا، "بشري" (اردو)، شرواني پرنٽنگ پريس، علي ڳڙهہ،1357هـ_ 1938ع، ص 56 ـ 57
2. ڳاڻاڻو 10: 11 ـ 12
3. چرياڪوٽي، عباسي، عنايت رسول، مولانا، "بشري" (اردو)، شرواني پرنٽنگ پريس، علي ڳڙهہ، 1357هـ_ 1938ع، ص 61
4. پيدائش14: 6 ـ 7

منجهن سردار هجي، تنهن کي موڪل. سو موسي خداوند جي حڪم موجب انهن کي فاران جي بيابان مان موڪليو. اهي سڀ بني اسرائيل جا سردار هئا.“[1]

(E) ڪتاب ڳاڻاڻو ئي ۾ آهي ته:

”۽ هو انهيءَ جي جاسوسي ڪري چاليهن ڏينهن کان پوءِ موٽي آيا. پوءِ هو فاران جي بيابان ۾ قادس منجهه، موسي ۽ هارون ۽ بني اسرائيل جي ساري جماعت وٽ آيا ۽ اچي حال احوال ڏنائُ ۽ انهيءَ زمين جو ميوو ڏيکا رياءُ.“[2]

(F) ڪتاب 1- بادشاه ۾ آهي ته:

”۽ هو مديان مان نڪتا ۽ فاران ۾ آيا: ۽ فاران مان ماڻهو وٺي مصر ۾، مصر جي بادشاهه فرعون وٽ آيا. جنهن هن کي هڪڙو گهر ڏنو ۽ کاڌو مقرر ڪري ڏنائينس ۽ زمين به ڏنائينس.“[3]

هن سموري بحث مان ثابت ٿيو ته فاران اهو علائقو آهي جتي حضرت اسماعيل عه ۽ حضرت بيبي هاجره پنهنجي زندگي گذاري، يعني مڪ مڪرمہ وارو علائقو ۽ هتي خداوند جو فاران جبل مان چمڪڻ مان مراد، فاران جبل جي علائقي ۾ پنهنجي پاڪ شريعت موڪلڻ آهي ۽ انهيءَ علائقي ۾ الله جي احڪامن کي جاري ڪرڻ وارو حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم ئي آهي. اهڙن ئي صاف ۽ چٽين نشانين جي ڪري الله تبارڪ وتعالي قرآن ۾ دعوي ڪري ٿو ته هي يهودي حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم کي پنهنجي پٽن کان به وڌيڪ سڃاڻن ٿا.

(ث) لکن پاڪ ماڻهن منجهان آيو

سڀ کان پهريان اچو ته استثنا 33 جي آيت نمبر 2 تي وري هڪ نظر وجهون. هي آيت چوي ٿي ته:

”خداوند سيناء مان آيو ۽ شعير مان انهن تي ظاهر ٿيو: هو فاران جبل مان چمڪيو ۽ لکن پاڪ ماڻهن منجهان آيو“

هاڻي اچو ته هن آيت جي عبراني تجزيي (Hebrew Analysis) تي به هڪ نظر وجهون ۽ ڏسون ته اتي ڇا لکيل آهي؟

---

1. ڳاڻاڻو14: 16 ۽ 13 : 1 ـ 3
2. ڳاڻاڻو13: 25 ـ 26
3. 1 ـ بادشاه11: 18

انگريزي ۾ ترجمو	اچار	عبراني لفظ
And he said	**way-yō-mar,**	וַיֹּאמַ֗ר
Yahweh	Yah-weh	יְהוָ֞ה
from Sinai	mis-sî-nay	מִסִּינַ֥י
came	bā	בָּא֙
and dawned	wə-zā-rah	וְזָרַ֤ח
from Seir	miś-śê-‘îr	מִשֵּׂעִיר֙
on them	lā-mōw,	לָ֔מוֹ
He shone forth	hō-w-pî-a‘	הוֹפִ֙יעַ֙
from Mount	mê-har	מֵהַ֣ר
Paran	pā-rān,	פָּארָ֔ן
and He came	wə-’ā-tāh	וְאָתָ֖ה
with ten thousands	mê-rib-bōt	מֵרִבְבֹ֣ת
of holy ones	qō-deš;	קֹ֑דֶשׁ

(382)

1

انصاف پسند ماڻهو پاڻ انصاف ڪري سگهن ٿا تہ: ”وت ٽين ٿائوزنڊ هولي ونس“ (with ten thousand holy ones) جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ”لکن پاڪ ماڻهن منجهان“ ڪو نہ ٺهندو آهي.

اهل ڪتاب وارن بائيبل ۾ تحريفات جو جيڪو رڪارڊ قائم ڪيو آهي انهيءَ جو مثال پوري انساني تاريخ ۾ نہ ٿو ملي. انهن تحريفن جي ڪري بائيبل جي اصل تعليم ئي مسخ ٿي وئي ۽ هو گمراهيءَ جي اهڙي دلدل ۾ ڦاسي پيا جتان هنن جو ٻاهر نڪرڻ ناممڪن آهي. ايتري حد تائين

1. انٽرنيٽ https://biblehub.com/text/deuteronomy/33-2.htm

جو الله تبارڪ و تعالي کي هنن کان نبوت، قيادت ۽ سيادت جو هر عهدو کسڻو پئجي ويو.

هن وقت به هو انهيءَ گمراهيءَ ۾ آهن ته دنيا جي قيادت جا لائق، فائق ۽ حقدار هو ئي آهن.

بائيبل ۾، خاص طور تي **”پراڻي عهدنامي“** ۾ جتي جتي اسان جي پياري پيغمبر حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليه وآله وسلم جو ذڪر آيو آهي، يا انهيءَ جي باري ۾ ڪجهه فرمايو ويو آهي، ته عيسائي حضرات مان جيڪي ماڻهو گناهن تي دلير آهن، يا جيڪي ٻين کي بيوقوف سمجهندا آهن، يا جيڪي پنهنجن کي بيوقوف بڻائڻ جا ماهر هوندا آهن، انهن هنن پيشنگوئين کي حضرت عيسىٰ ع تي فٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پر جڏهن ٻين عيسائين ڏٺو ته اهي ماڻهو پنهنجي انهيءَ ڪوشش ۾ ناڪام وڃي رهيا آهن، ته هنن وري پنهنجي بائيبل جي نسخي ۾ گهٽي عياري کان ڪم وٺندي، انهيءَ **لفظ** يا جملي ۾ ترميم ڪري هن جي مطلب کي مبهم، ناقابل فهم يا غير واضح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته جملي کي ئي غائب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

اسان پنهنجي دعوي جي سچائي ۾ صرف ايترو چونداسين ته جيڪڏهن هنن کي يقين هجي ها ته هيءَ پيشنگوئي حضرت عيسىٰ ع لاءِ آهي ته هو انهيءَ جي حفاظت ڪن ها ۽ انهيءَ پيشنگوئيءَ کي پنهنجو پاڻ خراب نه ڪن ها. هن پيشنگوئيءَ ۾ به لفظ **”ڏهه هزار“** هنن جي نڙيءَ ۾ اٽڪي پوي ٿو. ڇو ته هو ڏسن ٿا ته لفظ **”ڏهه هزار“** حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليه وعلي آله واصحابه وسلم کي ظاهر ڪري ٿو.

مڪي جي فتح جي وقت حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم سان سندس مقدس اصحابن جو تعداد **”ڏهه هزار“** هو.

وري جڏهن هو لفظ **”ڏهه هزار“** ۾ ترميم يا تحريف ڪري لکندا آهن **”هڪ لک“**، ته هو ڏسندا آهن ته آخري حج جي موقعي تي حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليه وعلي آله واصحابه وسلم سان **”سوا لک“** ماڻهو ساڻ هئا ۽ اهي ٻئي تعداد هن وقت تائين بني اسرائيل جي ڪنهن به نبيءَ تي فٽ نه ٿا ٻيهن.

تنهنڪري، عيسائي ڪنفيوز ٿي ويندا آهن، يا ٻين کي ڪنفيوز ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ ڪنفيوز ٿي هو انهي لفظ کي ”لکين“ لکڻ شروع ڪندا آهن ۽ جڏهن ڏسندا آهن ته انهيءَ سان به مسئلو حل

ٿيندي نظر نہ ٿو اچي تہ هو لکڻ شروع ڪندا آهن ”لاتعداد“ يا ”اڻ ڳڻيا“.

جتي جتي بہ هنن کي حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي باري ۾ ڪا پيشنگوئي نظر آئي آهي تہ اتي هنن جي قلم ڪرشما ڏيکارڻ شروع ڪيا آهن. هي جڳهہ بہ اهڙن جڳهن مان هڪ جڳهہ آهي. اسان کي خبر آهي تہ بائيبل جا ٻہ درجن کان وڌيڪ ورشن (version) آهن. هر ورشن ۾ انهيءَ جي ترجمي ۾ گھوٻي هنئي وئي آهي. ان کان علاوه بائيبل دنيا جي هزارين زبانن ۾ ترجمو ٿيندو آهي. اسان انهن سيني ورشنن يا دنيا جي سيني زبانن ۾ ٿيل هنن جي بوقلموني تہ ڏيکاري نہ ٿا سگهون، پر مثال طور لاءِ اوهان آڏو ڪجهہ ضرور پيش ڪري سگهون ٿا. انٽرنيٽ تي بائيبل ليگ انٽرنيشنل (Bible League International) جي طرفان پيش ڪيل عربي زبان جي بائيبل ۾ اهي آيتون هن ريت لکيل آهن:

”هٰذه هِي البَرَكَةَ الّتِي اَعَطاها مُوسى، رَجل الله، لبنى اسرائيل قبل موته. قال اتى الله من سيناء، واشرق علينا كالشمس من سعير، اشرق من جبل فاران، و معه عشرات الالوف من قديسيه، و جنوده الاقوياء عن يمينه.“[1]

”عشرات الالوف من قديسيہ“ جي معني ٿيندي ”ڏهين هزار قدسين مان“. يعني توهان ڪاٿو ئي نہ ٿا لڳائي سگهو تہ انهن جو تعداد ڪيترو هو. وري اچو هڪ ٻي سائيٽ ڪرسٽ يونائيٽ (Christunite) تي ڏسون ٿا تہ اتي هنن آيتن جو ترجمو ڪيئن ٿيل آهي؟ زبان ساڳي عربي ئي آهي:

”وهذه هى البركة التى بارك بها موسى، رجل الله، بنى اسرائيل قبل موته. فقال جاء الرب من سيناء، واشرق لهم من سعير، وتلالا من جبل فاران، واتى من ربوات القدس، وعن يمينه نار شريعة لهم.“[2]

”ربوات القدس“جي معني آهي”هزارين مقدس“. مٿين ٻنهي عبارتن ۾ ٻيا بہ الاهي فرق آهن. عربيءَ ۾ ٿوري بہ شد بد رکڻ وارو آسانيءَ سان سمجهي سگهي ٿو. هنن پنهنجي مقدس ڪتابن جو اهڙو حشر ڪيو آهي جو توهان تہ نهيو پر خود هو ئي توهان کي پڪ سان نہ ٻڌائي سگهندا تہ الله تبارڪ و تعالي جو اصل ڪلام ڪهڙو آهي. هنن جي سڄي بائيبل کي غير يقيني بنائي ڇڏڻ سبب الله تبارڪ و تعالي هنن کان نبوت، سيادت ۽ قيادت کسي ورتي.

هي تہ هئا عربي بائيبل، هاڻي اچو تہ ڏسون تہ انگريزي جي بائيبلن ۾ هنن ڪهڙا گل ٽيڙيا آهن.

ڪنگ جيمز ورشن (King James Version) بائيبل مطابق هي آيتون

---

1. استثنا 33: 1 ـ 2، انٽرنيٽ https://www.bibleleague.org/bible-downloads/
2. انٽرنيٽ https://www.christunite.com/index.php/arabic-bible-in-pdf

هن ريت آهن:

(1) “And this is the blessing, herewith Moses the man of God blessed the children of Israel before his death.

(2). And he said, The LORD came from Sinai, and rose up from Seir unto them; he shined forth from mount Paran, and he came with ten thousands of saints: from his right hand went a fiery law for them; ”

ڪرسٽ يونائيٽ وارن جي طرفان شايع ٿيل انگريزي زبان جي بائيبل نيوانٽرنيشنل ورشن (New International Version) NIV ۾ ڪجهه هن ريت لکيل آهي:

“This is the blessing that Moses the man of God pronounced on the Israelites before his death. He said: ‘The Lord came from Sinai and dawned over them from Seir; he shone forth from Mount Paran. He came with myriads of holy ones from the south, from his mountain slopes.”[1]

نيو روائيزڊ اسٽينبرڊ ورشن (NRSV) ۾ هن ريت لکيل آهي:

“This is the blessing with which Moses, the man of God, blessed the Israelites before his death.[2] He said:The LORD came from Sinai, and dawned from Seir upon us;[a] he shone forth from Mount Paran.With him were myriads of holy ones;[b] at his right, a host of his own.[c] [3] Indeed, O favorite among[d] peoples, all his holy ones were in your charge; they marched at your heels, accepted direction from you.” [2]

بائيبل سوسائٽي طرفان شايع ٿيل گڊ نيوز بائيبل ۾ ڪجهه هن ريت لکيل آهي:

[1]These are the blessings that Moses, the man of God, pronounced on the people of Israel before he died.

[2]The LORD came from Mount Sinai;
he rose like the sun over Edom
and shone on his people from Mount Paran.
10,000 angels were with him,
a flaming fire at his right hand.[3]

هن سوسائٽي وارن ته حد ڪري ڇڏي. هڪ طرف ڏهن هزارن جو تعداد انگن ۾ لکي هڪ مسئلو صاف ڪري ڇڏيائون ته ٻئي طرف وري انهن کي ملائڪ لکي هڪ نئون بحث شروع ڪرائي ڇڏيائون. يعني هميشه هنن جي هڪ ڪنڊ سڌي هوندي آهي ته ٻي ڪنڊ ڦريل هوندي آهي.

ڪتاب ميثاق النبيين ۾ لکيل آهي ته:

”هڪ وڏي عرصي کان بائيبل جو ترجمو: ”ڏهه هزار پاڪ ماڻهن منجهان“ ڪيو ويندو هو. پر هاڻي ڪجهه وقت کان وني نون ترجمن ۾ هن

---

1. انٽرنيٽ https://www.christunite.com/index.php/bible/niv-1984-bible-pdf

2. انٽرنيٽ https://www.biblegateway.com/passage/?search=Deuteronomy%2033:1-3&version=NRSV

3. انٽرنيٽ https://www.biblesociety.org.uk/explore-the-bible/read/eng/GNB/Deut/33/

پيشنگوئي کي مبهم بڻائڻ لاءِ "لکن پاڪ ماڻهن منجهان" ڪيو ويڻ لڳو آهي.[1]

عيسائي حضرات پنهنجي عادت کا مجبور آهن ۽ بائيبل جي ترجمي ۾ پنهنجي مرضي مطابق گهوبيون هٽندا رهندا آهن. اهوئي سبب آهي جو هن وقت نہ توريت، نہ زبور ۽ نہ ئي انجيل پنهنجي اصلوڪي حالت ۾ آهي.

صاحب ڪتاب ميثاق النبيين "عبراني جي اصل لفظ تي بحث" ڪندي لکي ٿو تہ:

"زير بحث آيت جي عبري لفظن ۾ هڪ لفظ "ربوث" آهي، جنهن جي معني اسان"ڏهہ هزار" ڪئي آهي. هي لفظ انبياءَ جي ڪتابن ۾ ڪيترن ئي جڳهن تي استعمال ٿيل آهي. هن جو مادو "ربث" آهي ۽ معني ڏهہ هزار. ڏسو نحمياه 7:71 "[2]

۽ وليم جينس جي عبري انگريزي لغت ۾ ربوث جي معني لکيل آهي:

(ربوث) A myriad ten thousands

(شيتي ربوث)Twice ten thousands.

ڪڏهن ڪڏهن ربوث جي آخري "ٿا" کي ڪيرائي بہ انهن معنائن ۾ استعمال ڪندا آهن. جيئن تورايخ اول 29: 7، عزرا 2: 14 نحمياه 7: 66، زبور 68: 18.

بس مسيحين جو نئون ترجمو "لکين ملائڪ" صرف پيشنگوئي کي مبهم بڻائڻ لاءِ آهي. بيو لفظ "قودش" آهي. جنهن جو ترجمو هاڻي "ملائڪ" ڪري ڇڏيو اٿن. هي مطلق پاڪيزه ۽ پاڪ معني رکي ٿو ۽ هرهڪ پاڪ ۽ مقدس شئي قوم ۽ جڳهہ لاءِ استعمال ٿيو آهي. مثال طور:

"آدمہ قودش" (خروج 3: 5 =مقدس سرزمين)

"مقوم هقوديش" (احبار 10: 17 ، 14: 13 = مقدس جڳهہ)

"هرقاديشي" (زبور 2: 6 منهنجو مقدس پهاڙ)

"عم قوديش" (دانيال 12: 7 مقدس ماڻهو)

بس جملو "مرببوث قودش" جي معني بائيبل جي لغت ۽ محاورن

---

1. وديارٿي، عبدالحق، "ميثاق النبيين" (اردو)، دارالاشاعت ڪتب اسلاميہ 17 - مولانا آزاد روڊ، جيڪب سرڪل، بمبئي 11، ص 359

2. "۽ ابن جي گهراڻن جي رئيسن مان ڪن ڪم جي خزاني ۾ سون جا ويهہ هزار درهم ۽ چانديءَ جا بہ هزار بہ سئو منهہ ڏنا." (نحمياه 71:7) ويهہ هزار درهم مان مراد بہ دفعا ڏهہ هزار جيئن مٿي "شيتي ربوث" جي معني لکيل آهي.

جي مطابق ”ڏهه هزار پاڪ ماڻهن سان“ آهي.“[1]

اهڙيءَ طرح ئي نئين عهد نامي جي هڪ آيت ۾ جتي ”ڏهن هزارن“ جي لفظ جو ترجمو ”لکن پاڪ ٽيلن“ سان تبديل ڪيو ويو آهي. هي بہ حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم بابت هڪ پيشنگوئي ئي آهي. اڄڪلهہ جي مروج نئين عهد نامي ۾ اها پيشنگوئي هن ريت لکيل آهي:

”۽ انهن جي ئي نسبت ۾ حنوڪ، جو آدم جي ستين پيڙهيءَ ۾ هو تنهن پيشنگوئي ڪري چيو تہ ڏسو، خداوند پنهنجن لکن پاڪ ٽيلن سان آيو. انهي لاءِ تہ سڀني جو انصاف ڪري ۽ سڀني بيدينن کي، سندن انهن سڀني بيدينيءَ جي ڪمن لاءِ، جي هنن بيدينيءَ سان ڪيا آهن ۽ انهن سڀني سخت ڳالهين لاءِ بيدين گنهگارن سندس بر خلاف ڪيون آهن، ڏوهاري ٺهرائي.“[2]

هي آيتون بذات خود حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم بابت مستقل پيشنگوئيون پيش ڪري رهيون آهن. هنن پيشنگوئين تي بحث پنهنجي جي جاءِ تي ڪيو ويندو. هتي صرف ايترو ٻڌائڻ مقصود هو تہ عيسائين حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي نشانين کي ڪيئن مٽائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

هي الله جي نور کي ڦوڪن سان وسائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا پر الله پنهنجي نور کي پورو ڪري رهندو. ڀلي ڪافرن ۽ مشرڪن کي اهو ڪيترو بہ ڪٺي برو لڳي.

۽ توهان ڏسندو تہ حنوڪ جي پيشنگوئي انگريزي بائيبل ڪنگ جيمز ورشن ۾ هن ريت لکيل آهي.

“14. And Enoch also, the seventh from Adam, prophesied of those saying, behold the Lord cometh with ten thousands of his saints,” [3]

توهان ڏٺو تہ هتي ٻنهي جاين تي ترجمو ٽين ٿائوزنڊس “Ten Thousands” ٽيل آهي. جڏهن تہ توهان سنڌي يا اردو بائيبل جي ترجمي ۾ ”لکن پاڪ ٽيلن“ ۽ ”لاکهون قدوسيون“ ترجمو ٽيل ڏسندو ۽ مٿي تہ اوهان ڏسي آيا آهيو تہ قدوسين کي بہ مٽائي هاڻي ملائڪ ڪرڻ جي ڪوشش ٿي رهي آهي.

اهو ڏهن هزارن جو تعداد اسان کي هندن جي ڪتابن ۾ بہ ملي ٿو ۽ عالمن جو خيال آهي تہ اهي بہ حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم بابت ئي پيشنگوئيون آهن. مثال طور:

اٿرويد جي ويهين باب ۾ ڪجهہ سوڪت آهن، جيڪي ڪنتاپ

---

1. وديارٿي، عبدالحق، ”ميثاق النبيين“ (اردو)، دارالاشاعت ڪتب اسلاميہ، 17 ـ مولانا آزاد روڊ، جيڪب سرڪل، بمبئي 11، ص 359 ـ 360

2. يهوداه : 14 ـ 15

3. يهوداه : 14

سوڪت سڏائجن ٿا. انهيءَ جي ٽين نمبر منتر جو ترجمو ڪتاب ميثاق النبيين ۾ هن ريت ٿيل آهي.

”پنڊت کيم ڪرن جي ترجمي مطابق:

”هن انهي هوشيار ماڻهوءَ کي سئو دينار، ڏهہ تسبجون ۽ ٽي سو گهوڙا ۽ ڏهہ هزار ڳئون ڏنا آهن.“

پنڊت راجہ رام صاحب پروفيسر ڊي. اي. وي. ڪاليج جو ترجمو هيئن آهي:

”هن مامح (محمد) رشي کي سئو دينار، ڏهہ ملائون، ٽي سئو گهوڙا ۽ ڏهہ هزار ڳئون ڏنا.“[1]

ڪتاب ”محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم هندو ڪتابون مين“ ۾ لکيل آهي تہ:

رگ ويدڪانڊ 5، منڊل 27، منتر 1، هن ريت آهي:

”عظمت ۽ حق واري باحڪمت، طاقتور ۽ دريا دل مامح (محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم) مون کي پنهنجي ڪلام سان مشرف ڪيو. هي رحمت اللعالمين (صلي الله عليہ وآلہ وسلم) پنهنجي ڏهہ هزار جانباز ۽ خوبين واري ساٿين سان ممتاز ٿيو.“[2]

هنن سيني پيشنگوئين ۾ مستقبل جون ڳالهيون اهڙيءَ طرح ماضي جي صيغي ۾ ڪيون ويون آهن، ڄڻ تہ اهي ٿي چڪيون آهن. اسان کي انهيءَ لکت جي طريقي سان هر هنڌ واسطو پوندو. لکت جي انهيءَ طريقي جي وضاحت ڪندي ”وليم ميڪڊونلڊ“ يهوداهہ جي خط جي آيت نمبر 14-15 جي تفسير ۾ ڪتاب جي حاشيہ تي لکي ٿو تہ:

”هي سامي زبان جو ماضي الماضي آهي. انهيءَ کي اسان نبوتي فعل ماضي مطلق چئي سگهون ٿا. جنهن ۾ مستقبل جي ڪنهن واقعي کي اهڙيءَ طرح بيان ڪيو ويندو آهي، ڄڻ اهو ماضي ۾ واقع ٿي چڪو آهي.“[3]

اهڙيءَ طرح عيسائي انهيءَ پيشنگوئي کي حضرت عيسىٰ عہ جي بيهر اچڻ تي منطبق ڪرڻ جي ڪوشش بہ ڪندا آهن. وڌيڪ تفصيل سان انهيءَ پيشنگوئي جي وضاحت ڪندي لکيو ويندو.

بحر حال ڪتاب استثنا باب 33 آيت نمبر2 ۾ ”لکن پاڪ ٿيل ماڻهن“

---

1. وديارٿي، عبدالحق، ”ميثاق النبيين“ (اردو)، دارالاشاعت ڪتب اسلاميہ، 17 ـ مولانا آزاد روڊ، جيڪب سرڪل، بمبئي 11، ص 106 ـ 107

2. ابن اڪبر، ”محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم هندو ڪتابون مين“، دارالاندلس، لاهور، ص 96

3. ميڪڊونلڊ، وليم، ”تفسيرالڪتاب“، جلد ششم (عبرانيون-مڪاشفہ) اردو، مترجم: ڊي-چند ، سموئيل، بشپ، مسيح اشاعت خانہ 36-فيروزپور روڊ ، لاهور 2015ع، ص 368

يا ”ڏهہ هزار قدسين“ مان مراد حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم ئي آهن. ڇو تہ حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم اهي واحد نبي آهن، جيڪي فتح مڪہ جي وقت ڏهہ هزار ماڻهن سان آيا ۽ حجتہ الوداع جي موقعي تي سوا لک ماڻهن سان آيا. ٻيو ڪو بہ نبي هن پيشنگوئي جو مصداق نہ ٿو ٿي سگهي. چاهي انهيءَ کي ڏهہ هزار ڪري ڳڻين يا لک ڪري ڳڻين.

(ج) هن جي ساڄي هٿ ۾

ساڄي هٿ جو مثال قوت، طاقت، حڪومت، حڪمت ۽ نيڪيءَ لاءِ استعمال ڪيو ويندوآهي. قرآن شريف ۾ اهڙا ڪيترائي مثال آهن. اسان صرف هڪ مثال پيش ڪنداسين، جيڪو اسان جي مقصد سان مطابقت رکي ٿو. سورة الزمر ۾ آهي تہ:

وَالْاَرْضُ جَمِيْعًا قَبْضَتُهٗ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ وَالسَّمٰوٰتُ مَطْوِيّٰتٌۢ بِيَمِيْنِهٖ ۭ سُبْحٰنَهٗ وَتَعٰلٰى عَمَّا يُشْرِكُوْنَ[1]

ترجمو: ”۽ قيامت جي ڏينهن ساري زمين سندس مٺ ۾ هوندي ۽ آسمان سندس ساڄي هٿ ۾ ويڙهيل هوندا، اهو پاڪ آهي ۽ انهيءَ کان مٿانهون آهي جيڪي ساڻس شريڪ ٺهرائيندا آهن.“

هتي زمين الله جي مٺ ۾ ۽ آسمان سندس ساڄي هٿ ۾ ويڙهيل کان مراد زمين ۽ آسمان ۽ ان جي هرشئي هن جي مڪمل ڪنٽرول ۽ اختيار ۾ هوندي. نہ ڪہ هن مان مراد اهي شيون ڪو الله جي هٿ ۾ هونديون. الله تبارڪ وتعالي جسم کان پاڪ ۽ پاڪيزه آهي. تنهنڪري بنا ڪنهن فاصلي جي چيو ويو تہ:

”اهو پاڪ آهي ۽ انهيءَ کان مٿانهون آهي جيڪي شريڪ ٺهرائيندا آهن.“

جيئن ڪو شخص هن جملي مان ڀٽڪي غلط معني نہ وٺي.

ميثاق النبين ۾ لکيل آهي تہ:

”عبري ۽ عربي ٻنهي زبانن ۾ يمين (ساڄو هٿ) جو محاورو برڪت، بندگي، حڪومت ۽ طاقت جو اظهار ڪندو آهي.“[2]

(ح) هنن لاءِ باهہ جهڙي شريعت هئي

توريت ۾ شريعت جا ڪجهہ حڪم بيان ڪندي چيو ويو آهي تہ:

”۽ جيڪو ڪنهن جانور کي ڏڪ هڻي ماري وجهي، سو انهي جو عيوضو ڀري ڏئي: جان جي عيوض جان ۽ جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي پاڙيسريءَ کي عيبدار ڪري وجهي؛ تہ جيئن هن ڪيو هجي، تيئن ساڻس

1. سورة الزمر : 67

2. وديارٿي، عبدالحق، ”ميثاق النبيين“ (اردو)، دارالاشاعت ڪتب اسلاميہ، 17 ـ مولانا آزاد روڊ، جيڪب سرڪل، بمبئي 11، ص 360

۽ ڪيو وڃي؛ پيچ جي عيوض پيچ، اک جي عيوض اک، ڏند جي عيوض ڏند: جهڙو عيب هن ڪنهن ماڻهوءَ ۾ ڪيو هجي، تهڙو منجهس ۽ ڪيو وڃي. جيڪو ڪنهن جانور کي ماري وجهندو سو انهيءَ جو عيوضو ڀري ڏيندو: ۽ جيڪو ڪنهن ماڻهوءَ کي ماري وجهندو سو قتل ڪيو ويندو. اوهان جي لاءِ هڪڙي ئي شريعت آهي، جهڙي ملڪ جي ڄاول جي لاءِ تهڙي پرديسين جي لاءِ: ڇا لاءِ جو آءٌ خداوند اوهان جو خدا آهيان."[1]

۽ ٻئي هنڌ هن ريت لکيل آهي ته:

"جان جي لاءِ جان، اک جي لاءِ اک، ڏند جي لاءِ ڏند، هٿ جي لاءِ هٿ ۽ پير جي لاءِ پير ونڃ"[2]

شريعت موسوي ته اهڙي سخت هئي پر حضرت عيسىٰ عه انهي ۾ تمام گهڻي نرمي آڻي ڇڏي. پاڻ عه فرمائين ٿا:

"اوهان ٻڌو آهي جو چيو ويو هو، ته اک جي عيوض ۾ اک ۽ ڏند جي عيوض ۾ ڏند: پر آئون اوهان کي چوان ٿو ته جيڪو بڇڙو آهي، تنهنجي سامهون نه ٿيو: پر جيڪو توکي تنهنجي ساڄي ڳل تي چماٽ هڻي، تنهن کي ٻيو به ڦيرائي ڏي ۽ جيڪڏهن ڪو ماڻهو توتي عدالت ۾ دعوي ڪرڻ گهري ۽ تنهنجو پهراڻ ڪٽي وڃي، ته انهي کي پنهنجو ڪوٽ به ڏيئي ڇڏ. جيڪو توکي بيگر ۾ هڪڙو ميل ونئي وڃي، تنهن سان ٻه ميل وڃ. جيڪو توکان ڪي گهري، تنهن کي ڏي ۽ جيڪو توکان اڌارو وٺڻ گهري تنهن کان منهن نه موڙ."[3]

هن مان ثابت ٿيو ته هن پيشنگوئي جو مصداق حضرت عيسىٰ عه جي شريعت ٿي ئي نه ٿي سگهي. ڇو ته:

هي شريعت آتشي شريعت نه ٿي سڏجي سگهجي ۽ اهڙيءَ طرح، هن مان اهو به ثابت ٿئي ٿو ته هن پيشنگوئي جو مصداق حضرت عيسىٰ عه نه ٿو ٿي سگهي.

انهيءَ جي مقابل حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي شريعت ئي اها شريعت آهي جنهن کي آتشي شريعت چئي سگهجي ٿو. حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم نه صرف حضرت موسىٰ عه جي شريعت کي بحال ڪن ٿا. پر ان کان وڌيڪ سخت احڪام جنهن ۾ چور جو هٿ ڪپڻ ۽ جهاد وغيره جو حڪم به بيان ڪن ٿا.

قرآن شريف ۾ توريت جي مٿين حڪمن جي بحالي بابت آيت هن ريت آهي:

---

1. لاوي سرشتو 24 : 18 ـ 22
2. استثنا 19 : 21
3. متي 5 : 38 ـ 42

وَ كَتَبْنَا عَلَيْهِمْ فِيْهَآ اَنَّ النَّفْسَ بِالنَّفْسِ ۙ وَ الْعَيْنَ بِالْعَيْنِ وَ الْاَنْفَ بِالْاَنْفِ وَ الْاُذُنَ بِالْاُذُنِ وَ السِّنَّ بِالسِّنِّ ۙ وَ الْجُرُوْحَ قِصَاصٌ ؕ فَمَنْ تَصَدَّقَ بِهٖ فَهُوَ كَفَّارَةٌ لَّهٗ ؕ وَ مَنْ لَّمْ يَحْكُمْ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ.[1]

ترجمو: "۽ انهن (يهودين) تي توريت ۾ لازم ڪيو سون ته ماڻهوءَ جو عيوض ماڻهو ۽ اک جو عيوض اک ۽ نڪ جو عيوض نڪ ۽ ڪن جو عيوض ڪن ۽ ڏند جو عيوض ڏند ۽ ڦٽ جو عيوض اوترو ڦٽ آهي. پوءِ جيڪو ان کي بخشندو تنهن لاءِ اهو (بخشڻ) سندس گناهن جو ڪفارو آهي ۽ جيڪو الله لاٿو آهي تنهن سان جيڪي حڪم نه ڪندا سي ئي ظالم آهن."

1. سورة المائده : 45

ڪتاب زبور جو تعارف

اسان مسلمانن مطابق زبور حضرت دائود عہ تي الله تبارڪ وتعالي طرفان نازل ٿيل ڪتاب آهي ۽ هن ڪتاب جو شمار چئن وڏن الهامي ڪتابن ۾ ڪيو ويندو آهي پر يهودي ۽ عيسائي هن ڪتاب کي پراڻي عهدنامي جي ڪتابن مان هڪ ڪتاب طور پيش ڪندا آهن. يهودي ۽ عيسائي مصنفين مطابق زبور ڪنهن هڪ شخص جو لکيل ڪتاب نہ آهي. بلڪ هن جا مصنف گهڻا ئي ماڻهو آهن جن مختلف دور ۾ هنن کي لکيو آهي.

هماري ڪتاب مقدس ۾ لکيل آهي تہ:

”ٻہ ٽهائي زبورن جي شروع ۾ مصنفن جا نالا درج آهن. جيئن تہ انهن جو ذڪر هفتادي ترجمن ۾ آهي ان ڪري گهٽ ۾ گهٽ 150 قبل مسيح کان پهريان ڏنا ويا هئا ۽ جيئن تہ انهن ۾ گهڻا جلاوطني کان پهريان جا آهن. انهيءَ ڪري، اهي نالا جن سان منسوب ڪيا ويا آهن غالبن گهڻو قديم آهن. اهي هيٺيان آهن:

موسي جو هڪ زبور آهي (90)، دائود جا 73 زبور آهن جيڪي خاص ڪري زبور جي پهرين ۽ ٻئي ڪتاب ۾ ملندا آهن. سليمان جا ٻہ(72، 127) آصف جا 12(73،50کان83)، بني قورح جا يارهن (42کان 49،84،85،87)، هيمان ازراخي جو هڪ (88) ۽ ايتان ازراخي جو هڪ (89) آهي.

اهڙيءَ طرح سڀني زبورن جو اڌ دائود جي نالي سان منسوب ڪيو ويندو آهي. انهيءَ ڪري، هن کي تمام مجموعي جو مصنف تصور ڪيو ويندو آهي. جيڪي نقاد هن ڳالهہ کي نہ ٿا مڃين تہ دائود ڪي زبور لکيا آهن ۽ اهي جيڪي انهن سڀني کي اسيري جي زماني جي تصنيف ٻڌائين ٿا، قديم زماني جي روايت جي مضبوطيءَ صداقت کي سمجهڻ کا قاصر آهن.“ [1]

وليم ميڪڊونلڊ لکي ٿو تہ:

”اسان 49 يا تقريبا هڪ ٽهائي زبورن جي مصنفن جا نالا بہ نہ ٿا ڄاڻون.“[2]

وڪيپيڊيا ۾ زبور جي باب 84 بابت لکيل آهي تہ:

“The Psalm Could have been written before or after the excile in Babylon (16th Century BCE). It is attributed to the sons of Korah, and was

---

1. مينلي، جي ٽي، ”هماري ڪتب مقدس“ (اردو)، مسيحي اشاعت خانہ لاهور، 2017ع، پيرو ارڙهون، ص 280

2. ميڪڊونلڊ، وليم، ”تفسير الڪتاب“ (اردو)، (ايوب_زبور) مترجم: ڊي چند، سموئيل، بشپ، مسيحي اشاعت خانہ لاهور، 2016ع ، ص 268

compiled by David into the Book of Psalms.”[1]

(هي زبور سورهين صدي بي سي اي ۾ بابل ڏانهن جلاوطني کان اڳ ۾ يا جلاوطنيءَ کان بعد ۾ لکيل آهي. هي قورح جي پٽن ڏانهن منسوب آهي ۽ زبورن جي ڪتاب ۾ دائود جي هٿان مرتب ٿيل آهي.)

هنن سيني ڳالهين ۾ نظر رکندي جڏهن اسان پراڻي عهد نامي جو مطالعو ڪريون ٿا ته اسان کي خبر پوي ٿي ته زبور جي لکڻ جو عهد گهڻو تڻو حضرت دائود ع وارو دور ئي آهي. عيسائي عالمن زبور جي لکندڙن جا جيڪي نالا لکيا آهن، انهن مان حضرت موسىٰ ع کان سواءِ ٻيا تقريبا سڀ ڪردار اسان کي حضرت دائود ع جي عهد جا ئي ملن ٿا. سليمان، آسف (يا آصف)، قورحين، هيمان هي سڀ ڪردار اوهان کي 1_تواريخ جي باب 25 ۽ 26 ۾ ملي ويندا.

ٻين بني قورحين جو ذڪر اسان کي 2_ تواريخ باب 20: 19 ۾ ملي ٿو. پر اهي حضرت دائود ع کان گهڻو پوءِ پيدا ٿيا هئا ۽ اسان مٿي وڪيپيڊيا ۾ پڙهي آيا آهيون ته بني قورحين جي زبورن جو مرتب ڪندڙ حضرت دائود ع آهي. بحر حال هنن جو چوڻ آهي ته هي زبور هڪ ڊگهي عرصي دوران مختلف مصنفن(۽ شاعرن) لکيا ۽ تاليف ڪيا. بني اسرائيل وارن انهن کي گڏيل طور مرتب ڪيو. هو انهن کي عبادتن ۾ استعمال ڪندا هئا. 2 ـ تواريخ ۾ آهي ته:

”حزقياه بادشاه ۽ اميرن، لاوين کي حڪم ڏنو ته دائود جي ۽ آسف غيب دان جي، لفظن ۾ خدا جي تعريف جا راڳ ڳائين ۽ هنن خوشيءَ سان راڳ ڳايا ۽ هنن پنهنجا سر جهڪايا ۽ سجدو ڪياءُ.“[2]

آخرڪار انهن کي مقدس ڪتابن ۾ شامل ڪيو ويو.

هنن انهن 150 زبورن کي پنجن مجموعن يا ڪتابن ۾ ورهايو آهي.

پهريون ڪتاب : باب 1 کان باب41 تائين

ٻيو ڪتاب : باب 42 کان باب 72 تائين

ٽيون ڪتاب : باب 73 کان باب 89 تائين

چوٿون ڪتاب : باب 90 کان باب 106 تائين

پنجون ڪتاب : باب 107 کان 150 تائين

حضرت عيسىٰ ع به انهن زبورن کي استعمال ڪيو آهي. نئين عهدنامي جي مصنفن هنن مان اقتباس ورتا آهن.

اسان مسلمانن جي ڄاڻ مطابق زبور اهو ڪتاب آهي جيڪو الله تبارڪ وتعالي حضرت دائود ع تي نازل فرمايو هو. قرآن ۾ آهي ته:

---

1. https://en.m.wikipedia.org/wiki/Psalm-84

2. 2 ـ تواريخ 29 : 30

وَاٰتَيْنَا دَاوٗدَ زَبُوْرًا[1] ”۽ اسان دائود کي زبور عطا ڪيو.“

ٿي سگھي ٿو تہ ٻيا بہ ڪي اهڙا ماڻهو موجود هجن يا ٿي گذريا هجن جيڪي زبور جهڙي ڪا شئي پڙهندا هجن پر حضرت دائود عہ جي زبور پڙهڻ جو شان ئي نرالو هو. الله تبارڪ وتعالي سندن آواز ۾، لهجي ۾ ۽ ترنم ۾ اها مناس ڏني هئي، اها تاثير پيري ڇڏي هئي جو جڏهن بہ هو زبور پڙهندا هئا تہ جهنگ جا پکي پکڻ بہ سندس چوڌاري مڙي ويندا هئا. الله تبارڪ وتعالي کيس اهڙيون صلاحيتون عطا فرمايون جيڪي ڪنهن نبي کي نصيب نہ ٿيون. قرآن ۾ آهي تہ:

وَلَقَدْ اٰتَيْنَا دَاوٗدَ مِنَّا فَضْلًا ۭ يٰجِبَالُ اَوِّبِيْ مَعَهٗ وَالطَّيْرَ ۚ وَاَلَنَّا لَهُ الْحَدِيْدَ. اَنِ اعْمَلْ سٰبِغٰتٍ وَّقَدِّرْ فِي السَّرْدِ وَاعْمَلُوْا صَالِحًا ۭ اِنِّيْ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ.[2]

ترجمو: ”۽ اسان دائود کي پنهنجو فضل عطا ڪيو. اي پهاڙو! هن سان گڏ تسبيح ڪريو ۽ پکي (بہ) ۽ هن جي لاءِ اسان لوهي کي نرم ڪري ڇڏيو. جيئن ڪشادا زرهون ٺاهيو ۽ ڪڙين کي اندازي سان جوڙيو ۽ توهان سڀ نيڪ عمل ڪريو، جيڪو ڪندا آهيو بيشڪ مان ان کي ڏسڻ وارو آهيان.“

حضرت دائود عہ کي هي سڀ شيون معجزي طور مليل هيون. ايئن لڳي رهيو آهي تہ حضرت دائود عليہ السلام کي هي معجزو تہ هن سان گڏ پکي، پکڻ ۽ پهاڙ بہ الله تبارڪ و تعاليٰ جي تسبيح ۽ تحليل ڪرڻ لڳندا هئا، ان ڪري عطا ڪيو ويو جو تہ ان وقت زبور ۽ مزامير جو وڏو زور هو. جيئن حضرت موسيٰ عليہ السلام کي جادوگرن جي مقابلي ۾ معجزو عطا ڪيو ويو جو تہ ان وقت جادوگرن جو زور هو. حضرت عيسيٰ عليہ السلام کي مئلن کي جيارڻ جو معجزو ۽ بيمارن کي صحتياب ڪرڻ جو معجزو عطا ڪيو ويو جو تہ ان وقت حڪمت جو زور هو. اسان جي پياري نبي صلي الله عليہ وآلہ وسلم کي قرآن جو معجزو عطا ڪيو ويو جو تہ سندن وقت ۾ عربن ۾ زبان آوريءَ جو وڏو زور هو. هو پاڻ کي عرب يعني زبان آور ۽ باقي سموري دنيا کي بخم يعني گونگو سڏيندا هئا. اهريءَ ريت حضرت دائود عليہ السلام کي زبور عطا ڪيو ويو.

اڃو تہ ڏسون تہ حضرت دائود عليہ السلام زبور ۾ اسان جي نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي ڪهڙي تعريف ۽ ڪهڙي ثنا ڪئي آهي.

---

1. سورة النساء : 163
2. سورة سبا : 110 ـ 111

(5) وَلَقَدْ كَتَبْنَا فِي الزَّبُوْرِ مِنْۢ بَعْدِ الذِّكْرِ

”بدڪارن جي ڪري تون پاڻکي خفي نہ ڪر، نڪي بڇڙائي ڪندڙن سان ريس ڪر. ڇالاءِ جو اهي گاهہ وانگي سگهوئي وڍجي ويندا ۽ سائي ٻوٽي وانگر ڪومائجي ويندا. تون خداوند تي ڀروسو رکي ڀلائي ڪر؛ ۽ ملڪ ۾ رهي ايمانداريءَ سان هل. خداوند ۾ خوش رهہ؛ ۽ هو تنهنجي دل جون مرادون پوريون ڪندو.پنهنجون واٽون خداوند جي حوالي ڪر؛ ۽ مٿس ڀروسو رک، هو پاڻيهي تنهنجو مطلب پورو ڪندو. هو تنهنجي راستبازي سوجهري وانگي ظاهر ڪندو ۽ تنهنجو انصاف ٻپهرن جي روشنيءَ وانگر چمڪندو.

خداوند جي حضور ۾ راضي رهہ ۽ صبر سان سندس انتظار ڪر: جيڪو ماڻهو پنهنجين واٽن ۾ ڪامياب ٿو ٿئي ۽ بڇڙا منصوبا ٻڌي پورا ٿو ڪري، تنهنجي ڪري پاڻکي خفي نہ ڪر ۽ غصي ڪان پاسو ڪر ۽ ڪاوڙ کي ڇڏي ڏي: پاڻکي خفي نہ ڪر، انهيءَ ۾ برائي آهي. ڇالاءِ جو بدڪار تباهہ ٿي ويندا: پر جيڪي خداوند جا منتظر آهن سي زمين جا وارث ٿيندا. ڇو جو ٿوري دير ڪانپوءِ بدڪار هوندوئي ڪونہ: تون انهيجي جاءِ ۾ چتائي نهاريندين پر هو هوندوئي ڪين. پر حليم ماڻهو زمين جا وارث ٿيندا؛ ۽ جهجهي سلامتيءَ جي ڪري سرها ٿيندا.

بدڪار ماڻهو سچار جي برخلاف منصوبو ٿو رٿي ۽ مٿس ڏند ٿو ڪرٽي. خداوند انهي تي کلندو: ڇو جو هو ڏسي ٿو تہ انهيجو ڏينهن اچي پهتو آهي. بدڪار ترار ڪڍي آهي ۽ پنهنجون ڪمانون ڪشيون اٿن؛ انهي لاءِ تہ غريبن ۽ محتاجن کي ڪيرائي ڇڏين ۽ چڱيءَ حال وارن کي قتل ڪن. انهن جي ترار سندين ئي دلين ۾ گهري ويندي ۽ انهنجون ڪمانون ڀڄي پونديون.

راستباز ماڻهوءَ وٽ جيڪي ٿورو آهي سو بڇڙن جي گهڻي دولت کان چڱو آهي. ڇالاءِ جو بدڪارن جون ٻانهون ڀڄي پونديون: پر خداوند راستباز کي سنڀالي ٿو. خداوند کي ڪامل ماڻهوءَ جي ڏينهن جي خبر آهي: ۽ انهنجي ميراث هميشہ لاءِ رهندي. اهي ڏکئي وقت شرمندا ڪين ٿيندا: ۽ ڏڪار جي وقت ڍاول رهندا. پر بڇڙا ماڻهوبرباد ٿي ويندا ۽ خداوند جا دشمن ساوڪ ۽ گاهہ وانگر نابود ٿي ويندا: اهي دونهين وانگر اڏامي ويندا.

بدڪار اڌارو وٺي وري موٽائي نٿو ڏئي، پر راستباز رحمدل ٿي ڏئي ٿو. ڇو تہ جن تي هنجي برڪت آهي سي، زمين جا وارث ٿيندا؛ ۽ جن تي سندس لعنت آهي سي تباهہ ٿي ويندا. جڏهن ماڻهوءَ جي واٽ خداوند

ڪي وٺي ٿي؛ تڏهن هو انهيجي چال ڪي قائم ٿو ڪري. جيتوڻيڪ هو ڪري پوي تڏهن بہ هو اتيئي پيو ڪين رهندو: ڇالاءِ جو خداوند هنڪي هٿ ڏيئي سنڀالي وٺندو.

آءٌ جوان هوس ۽ هاڻي ٻڍو ٿيو آهيان؛ پر تڏهن بہ راستباز ڪي بيوس ۽ سندس اولاد ڪي ٽڪر پنندو ڪونہ ڏٺو اٿم. هو سارو ڏينهن رحم ڪري قرض ٿو ڏئي؛ ۽ هن جي اولاد ڪي برڪت ٿي ملي. بڇڙائيءَ کان پري ٿي ۽ نيڪي ڪر؛ تہ تون سداءِ قائم رهندين. ڇو جو خداوند ڪي انصاف وڻي ٿو ۽ هو پنهنجن مقدسن ڪي ڇڏي نٿو ڏئي؛ اهي هميشہ محفوظ آهن: پر بڇڙن جو نسل تباهہ ٿي ويندو.

راستباز ماڻهو زمين جا وارث ٿيندا ۽ سداءِ منجهس رهندا.

راستباز جي واتان ڏاهپ ٿي نڪري ۽ سندس زبان انصاف جي ڳالهہ ٿي ڪري. هنجي خدا جي شريعت سندس دل ۾ آهي؛ هنجو پير ڪڏهن ڪين ترڪندو. بڇڙو ماڻهو سچار جو وجهہ پيو ڳولهي تہ ڪيس قتل ڪري. خداوند هنڪي انهيجي هٿ ۾ ڪين ڇڏيندو ۽ جڏهن هنجي عدالت ٿيندي تڏهن ڪيس ڏوهي ڪين ٺهرائيندو.

خداوند جي انتظار ۾ رهہ ۽ هنجي واٽ تي هل ۽ هو توکي زمين جي وارث ٿيڻ لاءِ سرفراز ڪندو: ۽ جڏهن بڇڙا تباهہ ٿيندا، تڏهن تون اهو ڏسندين. مون بدڪار کي ڏاڍو زور وٺندو ڏٺو، جهڙو پليءَ زمين ۾ لڳل سائو وڻ؛ پر جڏهن ڪو ماڻهو اتان لنگهيو، تڏهن اهو هوئي ڪين: مون سندس ڳولها ڪئي، پر هو لڌوئي ڪونہ.

ڪامل ماڻهو تي نظر ڪر ۽ سچار کي ڏس: ڇو تہ هنجي پڇاڙيءَ ۾ سلامتي آهي. پر بدڪار هيڪاندا برباد ٿيندا: بڇڙن جي بڇڙائي ۾ تباهي آهي. راستبازن جي نجات خداوند جي طرفان آهي: ۽ مصيبت جي وقت اهوئي سندس مضبوط قلعو آهي.

خداوند انهنجي مدد ٿو ڪري ۽ ڪين بچائي ٿو: هو ڪين بڇڙن کان بچائي ڇٽڪارو ٿو ڏئين، ڇالاءِ جو انهن منجهس پناهہ ورتي آهي.[1]

تشريح

هنن آيتن جو سڀ کان اهم موضوع آهي تہ:

”راستباز ماڻهو زمين جا وارث ٿيندا.“

اسان جي بحث جو محور بہ اهڙيون ئي آيتون رهنديون. قرآن شريف ۾ الله تبارڪ وتعالي فرمائي ٿو، بلڪ دعوي ڪري ٿو تہ:

وَلَقَدْ كَتَبْنَا فِي الزَّبُوْرِ مِنْ بَعْدِ الذِّكْرِ اَنَّ الْاَرْضَ يَرِثُهَا عِبَادِيَ الصّٰلِحُوْنَ.2

---

1. زبور 37 : 1 ـ 40
2. سورة الانبياء : 105

ترجمو: ”۽ اسان نصيحت ڪرڻ کان پوءِ زبور ۾ هي لکي چڪا آهيون تہ زمين جا وارث اسان جا نيڪ بندا ٿيندا.“

۽ مٿين آيتن ۾ ڇهہ دفعا مختلف لفظن ۾ انهيءَ ڳالهہ کي دهرايو ويو آهي.

(1) آيت نمبر 9 ۾ چيو ويو آهي تہ:

”ڇالاءِ جو بدڪار تباهہ ٿي ويندا: پر جيڪي خداوند جا منتظر آهن سي زمين جا وارث ٿيندا.“

(2) آيت نمبر 11 ۾ فرمايو ويو آهي تہ:

”پر حليم ماڻهو زمين جا وارث ٿيندا؛ ۽ جهجهي سلامتيءَ جي ڪري سرها ٿيندا.“

(3) آيت نمبر 18 ۾ فرمايو ويو آهي تہ:

”خداوند کي ڪامل ماڻهوءَ جي ڏينهن جي خبر آهي: ۽ انهنجي ميراث هميشہ لاءِ رهندي.“

(4) آيت نمبر 22 ۾ فرمايو ويو آهي تہ:

”ڇو تہ جن تي هنجي برڪت آهي سي، زمين جا وارث ٿيندا؛ ۽ جن تي سندس لعنت آهي سي تباهہ ٿي ويندا.“

(5) آيت نمبر 29 ۾ فرمايو ويو آهي تہ:

”راستباز ماڻهو زمين جا وارث ٿيندا ۽ سداءِ منجهس رهندا.“

(6) آيت نمبر 34 ۾ فرمايو ويو آهي تہ:

”خداوند جي انتظار ۾ رهہ ۽ هنجي واٽ تي هل ۽ هو توکي زمين جي وارث ٿيڻ لاءِ سرفراز ڪندو: ۽ جڏهن بڇڙا تباهہ ٿيندا، تڏهن تون اهو ڏسندين.“

اسان ڏسون ٿا تہ ”پراڻي عهدنامي“ ۽ ”نئين عهدنامي“ ۾ بي انتها تحريفون ٿيل آهن. پر الله تبارڪ وتعالي جنهن ڳالهہ ڏانهن اشارو ڪيو آهي تہ هي شئي زبور ۾ لکيل آهي تہ:

”زمين جا وارث الله جا نيڪ ۽ صالح بندا ٿيندا.“

اها عبارت زبور ۾ پوري باب جي طور جيئن جو تيئن محفوظ آهي ۽ اها شئي قرآن شريف ۽ اسان جي پياري پيغمبر حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي صداقت جو چٽو ثبوت آهي.

(الف) ذڪر مان مراد

تفسير نمونہ ۾ آهي تہ:

”ذڪر“ دراصل ”يادگيري“ يا انهيءَ شئي جي معني ۾ آهي ”جيڪو تذڪرو يا يادگيري جو باعث بڻجي“. قرآن جي آيتن ۾ انهيءَ معني ۾

استعمال ٿيو آهي.“[1]

قرآن شريف ۾ انهيءَ جو اطلاق توريت تي بہ ٿيل آهي:

وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسٰى وَهٰرُوْنَ الْفُرْقَانَ وَضِيَآءً وَّ ذِكْرًا لِّلْمُتَّقِيْنَ.[2]

ترجمو: ”۽ بيشڪ اسان موسي ۽ هارون کي فرقان، نور ۽ ذڪر عطا فرمايو.“

انهيءَ جو اطلاق خود قرآن شريف تي بہ ٿيل آهي:

وَهٰذَا ذِكْرٌ مُّبٰرَكٌ اَنْزَلْنٰهُ ؕ اَفَاَنْتُمْ لَهٗ مُنْكِرُوْنَ.[3]

ترجمو: ”۽ هي مبارڪ ذڪر آهي جنهن کي اسان نازل فرمايو آهي، تہ ڇا توهان انهيءَ جو انڪار ڪريو ٿا؟“

اِنْ هُوَ اِلَّا ذِكْرٌ لِّلْعٰلَمِيْنَ.[4]

ترجمو: ”هي جهان جي ماڻهن لاءِ ذڪر آهي.“

پر مٿين آيت ۾ انهيءَ جو اطلاق توريت تي ٿيل آهي تہ:

”اسان توريت کان بعد زبور ۾ هي لکي ڇڏيو هو تہ زمين جا وارث الله جا نيڪ ٻانها ٿيندا.“

هتي هي نقطو قابل غور آهي تہ هن آيت ۾ توريت ۽ زبور جو تہ ذڪر ٿيل آهي پر انجيل جو ذڪر ٿيل نہ آهي. اسان جي ناقص راءِ مطابق اهو انهيءَ ڪري آهي جو توريت ۽ زبور يهودين، عيسائين ۽ مسلمانن سڀني وٽ متفق عليہ مقدس ڪتاب آهن، پر انجيل کي يهودي ڪونہ مڃيندا آهن.

(ب) صالح ٻندن مان مراد

سوال آهي تہ اهي ڪهڙا نيڪ ۽ صالح ٻندا هوندا جيڪي زمين جا وارث ٿيندا؟ ظاهر ۾ تہ اسان ڏسون ٿا تہ بني اسرائيل وارا فرعون کي شڪست ڏيئي مصر، فلسطين ۽ اسرائيل جي سرزمين جا وارث ٿي ويا. ايتري تائين جو حضرت دائود ع ۽ خصوصن حضرت سليمان ع جي دور ۾ هو روءِ زمين جا حاڪم ٿي ويا. پر جڏهن هنن نافرمانيون ڪرڻ شروع ڪيون تہ هنن تي ٻين ملڪن ڪاهون ڪرڻ شروع ڪيون. پهرين بخت نصر ڪاهي آيو ۽ 100 سال تائين هو هنن جا غلام بڻجي ويا. جڏهن ڪورش اعظم آيو تڏهن هن هنن جي جان انهيءَ غلامي مان ڇڏائي. وري رومي هنن تي ڪاهي آيا ۽ 300 سالن تائين فلسطين ۽ اسرائيل تي انهن

---

1. شيرازي، ناصر مڪارم، آيت الله العظمي، ”تفسير نمونہ“ (اردو)، مترجم: نجفي، صفدر حسين، سيد، مصباح القرآن ٽرسٽ، لاهور، تاريخ اشاعت ربيع الثاني 1421هہ، جلد 7، ص 571

2. سورة الانبياء : 48

3. سورة الانبياء : 50

4. سورة التڪوير : 27

جي حڪومت رهي. ايتري تائين جو ان وقت جو رومي حاڪم عيسائي ٿي ويو ۽ اتي صالحين جي حڪومت موٽي آئي.

اسان ڏسون ٿا تہ مسلمان جڏهن اٿيا تہ هر طرف هنن فتح جا جهنڊا لهرائڻ شروع ڪيا. وري جڏهن هو عيش عشرت، ظلم ۽ ڏاڍ، پنهنجن جي نااتفاقين ۽ گناهن جي دلدل ۾ ڦاسي پيا تہ هو ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويا.

هن وقت دنيا تي امريڪا، روس، چين، فرانس، برطانيہ ۽ جرمني جي حڪومت آهي. ڇا انهن حڪومتن کي نيڪ ۽ صالح ماڻهن جي حڪومت چئي سگهجي ٿو؟

جواب آهي: "نہ!"

تہ پوءِ اهي ڪهڙا نيڪ ۽ صالح بندا ٿيندا جيڪي زمين جا وارث ٿيندا؟

تفسير نمونہ ۾ اسان کي نيڪ ۽ صالح بندن جا شرط لکيل ملن ٿا:

"بندن جي خدا ڏانهن اضافت تي توجہ ڪندي، هنن جي ايمان ۽ توحيد جو مسئلو واضع ٿي وڃي ٿو ۽ لفظ "صالحين" ڏانهن توجہ ڪرڻ سان جيڪو هڪ وسيع معني رکي ٿو، تمام اهليتون ۽ لياقتون ذهن ۾ اچي وڃن ٿيون:

عمل ۽ تقوي جي لحاظ کان اهليت.

علم ۽ آگاهي جي لحاظ کان اهليت.

قدرت ۽ قوت جي لحاظ کان اهليت.

۽ تدبير ۽ نظم ۽ ضبط ۽ اجتماعي شعور کان اهليت.

جنهن وقت صاحب ايمان بندا اهڙي قسم جون اهليتون حاصل ڪري وٺن، تہ خدا بہ ڪمڪ ۽ مدد ڪري ٿو تہ هو مستڪبرين کي شڪست ڏيئي سگهن، انهن جي ڏوهاري هٿن کي زمين جي حڪومت کان هٽائي سگهن ۽ هنن جي ميراثن جا وارث بڻجي سگهن.

انهيءَ بنياد تي صرف "مستضعف" ٿيڻ دشمن تي ڪاميابي ۽ روءِ زمين جي حڪومت لاءِ ڪافي نہ هوندو. بلڪ هڪ طرف ايمان ضروري آهي ۽ ٻئي طرف اهليتن جو حصول. جهان جا مستضعفين جيستائين انهن ٻنهي اصولن کي زنده نہ ڪندا روءِ زمين جي حڪومت تائين پهچي نہ ٿا سگهن."[1]

(ت) زمين جي وراثت هن دنيا لاءِ يا آخرت لاءِ ؟

مسلمانن ۽ عيسائين وٽ ٻنهي قسم جون روايتون ملن ٿيون. ٻئي ڌريون انهيءَ ڳالهہ جون قائل آهن تہ آخرت ۾ هن ڌرتيءَ جا وارث الله جا

---

1. شيرازي، ناصر مڪارم، آيت الله العظمي، "تفسير نمونہ" (اردو)، مترجم: نجفي، صفدر حسين، سيد، مصباح القرآن ٽرسٽ، لاهور، تاريخ اشاعت ربيع الثاني 1421هہ، جلد 7، ص 572

نيڪ ۽ صالح ٻانها ٿيندا. ظاهري طور تي ٻه آيتن جي مراد اها نظر اچي ٿي. انجيل متي ۾ آهي ته:

”۽ هو ميڙاڪا ڏسي جبل تي چڙهي ويو: ۽ جڏهن هو ويهي رهيو، تڏهن سندس شاگرد وٽس آيا: ۽ هو پنهنجو وات کولي هنن کي تعليم ڏيڻ لڳو ته:

”مبارڪ آهن اهي جي دل جا غريب آهن، ڇا لاءِ جو آسمان جي بادشاهت انهن ئي جي آهي. مبارڪ آهن اهي جي غمگين آهن، ڇالاءِ جو انهن کي تسلي ملندي. مبارڪ آهن اهي جي حليم آهن، ڇالاءِ جو اهي زمين جا وارث ٿيندا. مبارڪ آهن اهي جي سچائي جا بکايل ۽ اڃايل آهن، ڇالاءِ جو اهي ڍائبا. مبارڪ آهن اهي جي رحمدل آهن، ڇالاءِ جو انهن تي رحم ٿيندو. مبارڪ آهن اهي جي دل جا پاڪ آهن، ڇالاءِ جو اهي خدا کي ڏسندا. مبارڪ آهن اهي جي صلح ڪرائين ڇالاءِ جو اهي خدا جا ٻار سڏبا. مبارڪ آهن اهي جن کي سچائي جي ڪري ستائين ٿا، ڇالاءِ جو آسمان جي بادشاهت انهن جي ئي آهي.“[1]

هنن آيتن ۾ زمين جي وراثت سان گڏ آسمان جي بادشاهت جو ذڪر ٿيل آهي. جنهن مان صاف ظاهر آهي ته هي آخرت جي وراثت جو ذڪر آهي، نه ڪه هن جهان جي وراثت جو.

اهڙيءَ طرح قرآن شريف جي آيتن مان ٻه لڳي ٿو ته هي آخرت جي وراثت جو ذڪر آهي. سورة الانبياء ۾ آهي ته:

فَمَنْ يَّعْمَلْ مِنَ الصّٰلِحٰتِ وَ هُوَ مُؤْمِنٌ فَلَا كُفْرَانَ لِسَعْيِهٖ ۚ وَ اِنَّا لَهٗ كٰتِبُوْنَ. وَ حَرٰمٌ عَلٰى قَرْيَةٍ اَهْلَكْنٰهَاۤ اَنَّهُمْ لَا يَرْجِعُوْنَ. حَتّٰۤى اِذَا فُتِحَتْ يَاْجُوْجُ وَ مَاْجُوْجُ وَ هُمْ مِّنْ كُلِّ حَدَبٍ يَّنْسِلُوْنَ. وَ اقْتَرَبَ الْوَعْدُ الْحَقُّ فَاِذَا هِيَ شَاخِصَةٌ اَبْصَارُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ؕ يٰوَيْلَنَا قَدْ كُنَّا فِيْ غَفْلَةٍ مِّنْ هٰذَا بَلْ كُنَّا ظٰلِمِيْنَ. اِنَّكُمْ وَ مَا تَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ حَصَبُ جَهَنَّمَ ؕ اَنْتُمْ لَهَا وٰرِدُوْنَ. لَوْ كَانَ هٰۤؤُلَآءِ اٰلِهَةً مَّا وَرَدُوْهَا ؕ وَ كُلٌّ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ. لَهُمْ فِيْهَا زَفِيْرٌ وَّ هُمْ فِيْهَا لَا يَسْمَعُوْنَ. اِنَّ الَّذِيْنَ سَبَقَتْ لَهُمْ مِّنَّا الْحُسْنٰۤى ۙ اُولٰٓئِكَ عَنْهَا مُبْعَدُوْنَ. لَا يَسْمَعُوْنَ حَسِيْسَهَا ۚ وَ هُمْ فِيْ مَا اشْتَهَتْ اَنْفُسُهُمْ خٰلِدُوْنَ. لَا يَحْزُنُهُمُ الْفَزَعُ الْاَكْبَرُ وَ تَتَلَقّٰىهُمُ الْمَلٰٓئِكَةُ ؕ هٰذَا يَوْمُكُمُ الَّذِيْ كُنْتُمْ تُوْعَدُوْنَ. يَوْمَ نَطْوِي السَّمَآءَ كَطَيِّ السِّجِلِّ لِلْكُتُبِ ؕ كَمَا بَدَاْنَاۤ اَوَّلَ خَلْقٍ نُّعِيْدُهٗ ؕ وَعْدًا عَلَيْنَا ؕ اِنَّا كُنَّا فٰعِلِيْنَ. اِنَّ فِيْ هٰذَا لَبَلٰغًا لِّقَوْمٍ عٰبِدِيْنَ.[2]

ترجمو: ”پوءِ جيڪو چڱا ڪم ڪندو ۽ اهو مومن ٻه هوندو تنهنجي ڪوشش جي بي قدري نه ڪبي ۽ اسين ان لاءِ لکندڙ آهيون ۽ جنهن ڳوٺ کي ناس ڪيوسون تنهن تي حرام ٿيل آهي ته وري موٽي ايندا اهي. تانجو جڏهن ياجوج ۽ ماجوج کي کولبو ۽ اهي سڀ ڪنهن دڙي کان ڊوڙندا ۽ (جڏهن) سچو واعدو پهچندو تڏهن اوچتو ئي ڪافرن جون اکيون نري ويندايون، (چوندا ته) هاءِ ارمان بيشڪ هن (حال) کان بي خبريءَ ۾ هواسون

---

1. متي 5 : 1 ـ 10
2. سورة الانبياء : 94 ـ 106

بلڪ اسين ئي ظالم هواسون. اوهين ۽ جن کي الله ڪانسواءِ پوڄيندا آهيو سي دوزخ جو ٻارڻ آهيو، ان ۾ اوهين گهڙندڙ آهيو. جيڪڏهن اهي (بت) معبود هجن ها ته ان (دوزخ) ۾ نه گهڙن ها ۽ مڙي ئي منجهس سدائين رهڻ وارا آهن. منجهس انهن کي رڙيون هونديون ۽ اهي منجهس (ڪي) نه ٻڌندا. جن لاءِ اڳي ئي اسان چڱائي (لکيل) آهي اهي ان (دوزخ) کان پري ڪبا. اهي ان جي پٽڪ نه ٻڌندا ۽ جنهن (عيش) ۾ سندن جيءُ (رهڻ) گهرندو تنهن ۾ اهي سدائين رهندا. کين تمام وڏو خوف ملول نه ڪندو ۽ کين ملائڪ گڏبا، (۽ چوندن ته) هيءُ اهو ڏينهن آهي جنهن جو اوهان کي واعدو ڏنو ويندو هو. جنهن ڏينهن آسمان کي ڪاغذ جي ويڙهيءَ وانگي ويڙهينداسون، جيئن پهريون ٻڻايوسون (تيئن) ان کي وري ٻڻائينداسون، اهو انجام اسان تي لازم آهي، اسين ڪرڻ وارا آهيون ۽ بيشڪ توريت کان پوءِ زبور ۾ لکيوسون ته منهنجا صالح ٻانها زمين جا وارث ٿيندا. هن (قصي) ۾ عبادت ڪندڙ قوم لاءِ (مطلب جي) پورائي آهي.“

هنن آيتن مان صاف ظاهر آهي ته هي آخرت جي وراثت جو ذڪر آهي. پر عيسائي هجن توڙي مسلمان، اهي هن ڳالهه جا به قائل نظر اچن ٿا ته هن جهان ۾ به نيڪ ماڻهن کي هن زمين جي وراثت ملي سگهي ٿي.

عيسائي چون ٿا ته حضرت عيسىٰ ع ايندو ۽ هو اچي ڪري ظالمن ۽ بي ايمانن کي ختم ڪندو. ايماندار ۽ راستباز نجات حاصل ڪندا ۽ سلامت رهندا ۽ هن زمين جا وارث ٿيندا.

مسلمانن جو چوڻ آهي ته حضرت امام محمد مهدي ع اچي ڪري مظلومن کي ظالمن جي چنبي کان بچائيندو ۽ هن ڌرتي تي اهڙيءَ طرح عدل ۽ انصاف سان ڀري ڇڏيندو، جهڙيءَ طرح اڳ هو ظلم ۽ زيادتيءَ سان ڀريل هوندي. اهڙيءَ طرح زمين جي وراثت الله جي نيڪ ۽ صالح بندن ڏانهن منتقل ٿيندي. مسلمان حضرت عيسىٰ ع جي اچڻ جا به قائل آهن. پر هن جو اچڻ حضرت امام محمد مهدي ع جي مددگار طور هوندو، نه ڪه هو پنهنجي شريعت تي عملدرآمد ڪرائيندو. هو حضرت امام مهدي ع جي اقتدا ڪندو.

(ث) انتظار امام مهدي ع يا انتظار حضرت عيسي ع

زبور جي مٿين آيتن ۾ جڏهن چيو وڃي ٿو ته:

”خداوند جي انتظار ۾ رهه ۽ هنجي واٽ تي هل“

ته عيسائي حضرات چوندا آهن ته هن مان مراد اهو آهي ته حضرت عيسىٰ ع جي اچڻ جو انتظار ڪريو. وليم ميڪڊونلڊ آيت نمبر 9 کان 11 جي تشريح ڪندي لکي ٿو ته:

”اهو ڏينهن اچي رهيو آهي هن دنيا جي سيني براين کي درست ڪيو ويندو. انهيءَ وقت بدڪار ڪٽيا ويندا ۽ توڪل ڪرڻ وارا مقدس

انهن سڀني برڪتن جا وارث ٿيندا جن جو هنن سان واعدو ڪيو ويو آهي. تمام جلد بدڪردار غائب ٿي ويندا. جيڪڏهن توهان غور سان انهن کي تلاش ڪندو تہ توهان جي تلاش بي سود ٿيندي. انهيءَ ڏينهن حليم زمين جا وارث ٿيندا ۽ انهيءَ جي بي پناهہ خوشحالي کان لطف اندوز ٿيندا. اهو ڏينهن ڪڏهن ايندو؟ ڪليسا جي لاءِ انهيءَ جو آغاز انهيءَ ڏينهن ٿيندو جڏهن نجات ڏيندڙ جهڙ سان هيٺ ايندو ۽ پنهنجي منتظر ماڻهن کي آسماني گهر ۾ وٺي ويندو. اسرائيل جي ايماندار ماڻهن ۽ قومن جي لاءِ انهيءَ جو ان وقت آغاز هوندو جڏهن خداوند يسوع زمين تي واپس اچي ڪري پنهنجي دشمنن کي ختم ڪري ڇڏيندو ۽ سلامتيءَ جي هزار سالہ دور ۾ بادشاهي ڪندو.

ٻهاڙي وعظ ۾ يسوع انهي جلالي ڏينهن کي هنن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي:

”مبارڪ آهن اهي جيڪي حليم آهن. ڇو تہ اهي زمين جا وارث ٿيندا.“ (متي 5 : 5)“[1]

اڳتي هلي هو وري لکي ٿو تہ:

”اسرائيل جي سڀ کان وڏي اميد هي هئي تہ هو مسيح جي حڪومت جي تحت ملڪ ۾ آباد رهن. حقيقي يهودين جي آسماني اميد بہ هئي (عبرانين ڏانهن خط 11:10)[2] پر عهد عتيق جي دور ۾ هن ڳالهہ تي زور ڏنو ويندو هو تہ امن ۽ خوشحالي جي سنهري زماني ۾ اسرائيل جي ملڪ ۾ مادي برڪتون حاصل ٿينديون.جڏهن اسان پڙهون ٿا تہ صادق ملڪ ۾ هميشہ آباد رهندا تہ اسان کي سمجهڻ کپي تہ مسيح جي زميني بادشاهت هڪ هزار سال لاءِ هوندي ۽ پوءِ هي ابدي بادشاهت ۾ تبديل ٿي ويندي. ممڪن آهي تہ ابدي مملڪت ۾ نجات يافتہ اسرائيل نئين زمين ۾ آباد رهندا جنهن جو ذڪر مڪاشفو 21 : 1 ۾ آهي.[3] جيڪڏهن هي ڳالهہ درست آهي تہ زمين جي هميشہ هميشہ لاءِ وارث ٿيڻ جو مطلب لغوي طور وٺي سگهجي ٿو.“[4]

اهڙيءَ طرح عيسائي حضرات حضرت عيسىٰ ؑ جي اچڻ ۽ هن جو

---

1. ميڪڊونلڊ، وليم، ”تفسير الڪتاب“ (اردو)، (ايوب_زبور)، مترجم: ڊي چند، سموئيل، بشپ، مسيحي اشاعت خانہ لاهور، 2016ع، ص 171

2. ”ڇالاءِ جوهو انهي شهر جو اميدوار هو جنهنجو بنياد پيل آهي ۽ جنهنجو معمار ۽ اڏيندڙ خدا آهي.“

3. ”پوءِ مون هڪڙو نئون آسمان ۽ هڪڙي نئين زمين ڏٺي: ڇالاءِ جو پهريون آسمان ۽ پهرين زمين ڪانہ رهي؛ ۽ سمنڊ بہ ڪونہ هو.“

4. ميڪڊونلڊ، وليم، ”تفسير الڪتاب“ (اردو)، (ايوب_زبور)، مترجم: ڊي چند، سموئيل، بشپ، مسيحي اشاعت خانہ لاهور، 2016ع، ص 176

بدڪارن کي نيست ونابود ڪرڻ ۽ هن جهان ۾ هزار سال بادشاهت ڪرڻ ۽ ان کان بعد ان حڪومت جو ابدي جهان ۾ تبديل ٿي وڃڻ جا منتظر آهن.

اچو ته ڏسون ته مسلمان هنن آيتن ۾ انتظار مان ڇا ۽ ڪير مراد وٺن ٿا؟ تفسير نمونه ۾ سورة الانبياء جي آيت نمبر 105 ۽ 106 جي تفسير ڪندي لکيل آهي ته:

”ڪجھ روايتن ۾ هي آيت صراحت سان حضرت امام مهدي ع جي يارن ۽ انصارن سان تفسير ٿي آهي. جيئن مجمع البيان ۾ امام محمد باقر ع کان هن آيت جي هيٺ نقل ٿيل آهي:

هم اصحاب المهدي في آخرالزمان.

”اهي صالح ٻانها جن جو خدا هن آيت ۾ زمين جي وارثن جي عنوان سان ذڪر ڪيو آهي اهي آخري زماني ۾ مهدي جا اصحاب ۽ انصار آهن.“

تفسير قمي ۾ به هن آيت جي هيٺ لکيل آهي ته:

ان الارض يرثها عبادي الصالحون، قال القائم واصحابه.

”انهيءَ کان مراد ته زمين جا وارث خدا جا صالح بندا ٿيندا، مهدي قائم ۽ ان جا اصحاب آهن.“

بغير چوڻ جي هي ڳالھ واضح آهي ته هي روايتون انهيءَ هڪ عالي ۽ آشڪار مصداق جو بيان آهن. اسان ڪيترائي دفعه بيان ڪيو آهي ته هي تفسيرون آيت جي مفهوم جي عموميت کي محدود نه ڪن ٿيون.

تنهنڪري، جنهن زماني ۾ به ۽ جنهن جڳھ به خدا جا صالح ٻانها اٿي کڙا ٿيندا ته هو ڪامياب ٿي ويندا ۽ آخرڪار زمين ۽ ان جي حڪومت جا وارث ٿي ويندا.

مٿيون روايتون ته خصوصيت سان هن آيت جي تفسير جي باري ۾ آهن. ان کان علاوه به شيعه سني ڪتابن ۾ حد تواتر کي پهتل تمام گھڻيون روايتون آهن جيڪي پيغمبر اسلام ص ۽ ائمه اهلبيت ع کان منقول آهن: ۽ سڀ جو سڀ هن ڳالھ تي دلالت ڪن ٿيون ته آخرڪار هن جهان جي حڪومت صالحين جي هٿ اچي ويندي ۽ پيغمبر ص جي خاندان مان هڪ شخص قيام ڪندو جيڪو زمين کي عدل ۽ انصاف سان ايئن ڀري ڇڏيندو جهڙيءَ طرح هوءَ ظلم ۽ زيادتيءَ سان ڀريل هوندي.

انهن مان هڪ هي مشهور حديث آهي جيڪو اڪثر اسلامي منابع ۾ پيغمبر اڪرم ص کان نقل ٿيل آهي:

لولم يبق من الدنيا الا يوم. لطول الله ذالڪ اليوم حتي يبعث رجلا (صالحا) من اهل بيتي يملا الارض عدلا وقسطا ڪما ملئت ظلما و جورا.

”جيڪڏهن دنيا جي عمر ۾ هڪ ئي ڏينهن باقي رهجي وڃي، ته به خدا انهيءَ ڏينهن کي ايترو ڊگھو ڪري ڇڏيندو جو منهنجي خاندان مان

هڪ صالح مرد کي مبعوث ڪندو جيڪو زمين جي صفحي کي اهڙيءَ طرح سان عدل ۽ انصاف سان معمور ڪري ڇڏيندو جهڙيءَ طرح سان اها ظلم ۽ جور سان ڀريل هوندي.“

هي حديث انهن ئي لفظن سان يا تمام ٿوري فرق سان گهڻن ئي شيعہ ۽ اهلسنت جي ڪتابن ۾ نقل ٿيل آهي.“[1]

بحرحال هي سڀ آيتون قرآن شريف ۽ حضرت محمد صلي الله علي وآلہ وسلم جي حقانيت جو وڏو ثبوت آهن ۽ علم وارن تي حجت آهن. ٻي ڳالهہ تہ هنن اسلامي (شيعہ، سني) ۽ عيسائي روايتن مان هڪ ڳالهہ صاف ظاهر ٿي ٿئي تہ حضرت امام محمد مهدي عہ ۽ حضرت عيسىٰ عہ جڏهن ظهور ڪندا تہ هو هن جهان ۾ ڪافي عرصو رهندا، شاديون ڪندا ۽ ٻارن ٻچن وارا ٿيندا.

1. شيرازي، ناصر مڪارم، آيت الله العظمي، ”تفسير نمونہ“ (اردو)، مترجم: نجفي، صفدر حسين، سيد، مصباح القرآن ٽرسٽ، لاهور، تاريخ اشاعت ربيع الثاني 1421هہ، جلد 7، ص 573 - 574

(6) هڪ بادشاھ جو بيان

”منهنجي دل هڪڙي چڱي مضمون سان ڀرپور آهي: جيڪي مون بادشاھ جي بابت ڳاهيو آهي تنهنجو آءٌ بيان ٿو ڪريان: منهنجي زبان هڪڙي قابل ڪاتب جو قلم آهي. بني آدم ۾ تون سڀ کان سهڻو آهين؛ تنهنجا چپ فضل سان ڀرپور آهن: تنهن ڪري خدا تو کي هميشہ جي لاءِ برڪت ڏني آهي. اي پهلوان، تنهنجي ترار جا حشمت ۽ تنهنجو شان آهي، سا پنهنجيءَ چيلهہ سان ٻڌ. سچائي، حلم ۽ راستبازي جي شوڪت سان سواري ڪري اقبالمند ٿيءُ: ۽ تنهنجو ساڄو هٿ توکي هيبتناڪ ڪم سيکاريندو. تنهنجا تير تکا آهن؛ اهي بادشاھ جي دشمنن جي دلين ۾ لڳن ٿا ۽ قومون تنهنجي تابع ٿينديون. اي خدا تنهنجو تخت هميشہ تاءِ قائم آهي: صداقت جو عصو تنهنجي بادشاهيءَ جو عصو آهي. تو سچائيءَ کي پسند ڪيو آهي، پر بڇڙائي سان نفرت ڪئي اٿيئي: تنهن ڪري خدا، تنهنجي خدا، توکي تنهنجي سنگتين کان وڌيڪ خوشيءَ جي تيل سان مسح ڪيو آهي. تنهنجي سڀني ڪپڙن مان مر ۽ عود ۽ املداس جي خوشبوءِ پيئي اچي. عاج جي محلاتن ۾ تنبورن جي وڄڻ ڪري تون خوش آهين. شهزاديون تنهنجين آبرودار زالن ۾ آهن: ۽ اوفير جي سون سان سينگاريل راڻي تنهنجي ساڄي پاسي بيٺي آهي. اي ڌيءَ ڪن ڏيئي منهنجي ٻڌ ۽ غور ڪر؛ پنهنجي قوم جو ۽ پنهنجي پيءُ جو گهر وساري ڇڏ. پوءِ بادشاھ تنهنجيءَ سونهن تي سڪندو: هو تنهنجو ڌڻي آهي؛ تون کيس سجدو ڪر. صور جي ڌيءَ نذرانو آڻي اتي حاضر ٿيندي؛ ۽ قوم جا دولتمند ماڻهو تنهنجي نوازش گهرندا. بادشاھ جي ڌيءَ محلات ۾ بلڪل شان واري آهي: سندس ڪپڙن تي سون جو پرت آهي. هنڪي پرت واري پوشاڪ ڍڪائي بادشاھ وٽ آڻيندا: ۽ هن جون ڪنئاريون سهيليون جي سندس پٺيان پٺيان ٿيون هلن تنکي تو وٽ وٺي ايندا. هو انهنکي ڏاڍي خوشيءَ ۽ سرهائيءَ سان آڻيندا: اهي بادشاھ جي محلات ۾ داخل ٿينديون. تنهنجا ٻار تنهنجن ابن ڏاڏن جي جاءِ تي ايندا، تون انهن کي ساري زمين تي سردار مقرر ڪندين. منهنجي وسيلي سڀني پيڙهين ۾ تنهنجو نالو ياد رهندو: انهيءَ ڪري قومون هميشہ تنهنجا ٿورا مڃينديون.“[1]

تشريح

حضرت مولانا رحمت الله ڪيرانوي رحہ صاحب پنهنجي شهره آفاق ڪتاب ”اظهار الحق“ ۾ هنن آيتن جي بهترين تفسير ڪئي آهي. مولانا

---

1. زبور 45 : 1 ـ 17

اڪبر علي صاحب انهيءَ ڪتاب جو ”بائيبل سي قرآن تڪ“ جي نالي سان اردو ترجمو ڪيو آهي. اسان پنهنجي قارئين جي خدمت ۾ انهيءَ اردو ترجمي جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري پيش ڪري رهيا آهيون.

”هي ڳالهہ سڀني اهل ڪتاب (وارن) ڪي تسليم آهي تہ دائود عہ هن زبور ۾ هڪ اهڙي نبي جي بشارت ڏني آهي، جيڪو هن ڪان بعد ظاهر ٿيندو ۽ يهودين جي نزديڪ هن وقت تائين ڪو اهڙو نبي جيڪو انهن بيان ٿيل صفتن سان موصوف هجي، ظاهر نہ ٿيو آهي. پروٽيسٽنٽ عالم هن ڳالهہ جي دعوي ڪن ٿا تہ اهو نبي عيسي عہ آهن ۽ مسلمانن جي، اڳيان هجن يا پويان، هي دعوي آهي تہ انهيءَ نبي جا مصداق حضور صلي الله عليہ وسلم آهن.

اسان جو خيال آهي تہ هن زبور ۾ جنهن نبي جي بشارت ڏني وئي آهي تنهنجي هيٺ ڏنل صفتن جو ذڪر ڪيو ويو آهي:

(1) هو بي انتها حسين هوندو.

(2) هو سڀني انسانن ڪان افضل هوندو.

(3) نعمت هن جي ڀنهي چپن ڪان وهندي.

(4) هو برڪتن وارو هوندو.

(5) هو تلوار لڙڪائڻ وارو هوندو.

(6) هو طاقتور هوندو.

(7) حق ۽ صداقت ۽ وقار ۽ سڪون ۽ سچائي جو علمبردار هوندو.

(8) هن جي هٿان عجيب طور سان هدايت ٿيندي.

(9) هن جو تير تيز هوندو.

(10) قومون هن جي ماتحت ٿي ويندي‌ون.

(11) هو نيڪي کي پسند ڪرڻ وارو ۽ گناهہ کي مبغوض رکڻ وارو هوندو.

(12) بادشاهن جون ڌيئرون هن جون خدمت گذار هونديون.

(13) تحفا ۽ هديہ هن کي پيش ڪيا ويندا.

(14) قوم جا دولتمند هن جا مطيع ٿي ويندا.

(15) هن جي اولاد پنهنجن وڏن جي جاءِ تي دنيا جا سردار ٿيندا.

(16) هن جو نالو تمام نسلن ۾ هڪٻئي پنيان مشهور ۽ مذڪور ٿيندو.

(17) قومون هميشہ هن جي مدح ۽ ثنا ڪنديون.

حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم جو هنن بشارتن جو صحيح مصداق هجڻ

نمبر 1 : جي دليل هي آهي تہ ابوهريره رضہ جو بيان آهي تہ:

”مون حضور صلي الله عليہ وسلم ڪان وڌيڪ خوبصورت ۽ حسين ڪنهن کي نہ ڏٺو. ايئن معلوم ٿيندو هو تہ جڻ آفتاب پاڻ سڳورن صہ جي

منهن مبارڪ ڪان طلوع ٿي رهيو آهي. جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ مشڪندا هئا ته پت تائين چمڪي پوندي هئي.“

ام معبد رضي الله عنها پاڻ سڳورن جون وصفون بيان ڪندي چون ٿيون ته:

”پري ڪان پاڻ سڳورا ﷺ تمام انسانن ڪان وڌيڪ جميل ۽ ويجهو ڪان پاڻ سڳورا ﷺ تمام دنيا ڪان وڌيڪ حسين ۽ شيرين نظر ايندا هئا.“[1]

---

1. حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم مديني ڏانهن هجرت وقت رستي ۾ ڪجهه دير ام معبد خزاعيه رضه جي خيمي ۾ گذاريو. پاڻ سڳورن جي وڃڻ ڪان بعد سندس مڙس ابو معبد رضه پهتا. ان وقت ام معبد رضه ابو معبد رضه آڏو حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم جو حليو بيان فرمايو اهو ڪجهه هن ريت هو ته:

”چمڪندڙ رنگ، تابناڪ چهرو، خوبصورت ساخت، نه نڪتل پيٽ جو عيب، نه نوڙهي هجڻ جي خامي، جمال جهان تاب سان... پيڪر، سرمو پاتل اکيون، پنبڻيون وڏيون، گورو آواز، ڪنڌ ڊگهو، سفيد ۽ ڪاريون اکيون، ڪاريون ۽ سرمو پاتل پنبڻيون، سنها ۽ پاڻ ۾ مليل پروان، چمڪدار ڪارا وار، خاموش ٿين ته باوقار، گفتگو ڪن ته پر ڪشش، پري ڪان (ڏسڻ ۾) سڀ ڪان تابناڪ ۽ پرجمال، ويجهو ڪان سڀ ڪان خوبصورت ۽ شيرين. گفتگو ۾ چاشني، ڳالهه چٽي ۽ ڪري، نه مختصر نه فضول، انداز اهڙو جڻ موتين جي لار ڪان موتي ڪري رهيا هجن. وچولو قد، نه بندرو جو نظرن ڪي نه وٽي، نه ڊگهو جيڪو ناگوار لڳي. ٻن شاخن جي وچ ۾ اهڙي شاخ وانگر آهن جيڪو سڀ ڪان وڌيڪ تروتازه ۽ خوش منظر آهي. ساٿي پاڻ سڳورن ﷺ جي چوڌاري حلقو ٻڌايل، ڪجهه فرمائين ته توجهه سان ٻڌن ٿا، ڪو حڪم ڏين ته جهٽ ۾ بجا آڻين ٿا. مطاع مڪرم، نه ترش رو ۽ نه لغو ڳالهه ڪرڻ وارو.“

(ابن قيم، علامه، حافظ، ”زاد المعاد“ (اردو)، مترجم: جعفري، رئيس احمد، نفيس اڪيڊمي، ڪراچي، طبع 1990ع، جلد اول دوم، حصه دوم، ص 709)

جامع ترمذي ۾ حضرت علي ع کان نقل ٿيل هڪ روايت ۾ سندس حليو مبارڪ هن ريت درج ٿيل آهي:

3638۔ حَدَّثَنَا أَبُو جَعْفَرٍ مُحَمَّدُ بْنُ الحُسَيْنِ بْنِ أَبِي حَلِيمَةَ مِنْ قَصْرِ الأَحْنَفِ، وَأَحْمَدُ بْنُ عَبْدَةَ الضَّبِّيُّ، وَعَلِيُّ بْنُ حُجْرٍ المَعْنَى وَاحِدٌ، قَالُوا: حَدَّثَنَا عِيسَى بْنُ يُونُسَ قَالَ: حَدَّثَنَا عُمَرُ بْنُ عَبْدِ اللهِ مَوْلَى غُفْرَةَ قَالَ: حَدَّثَنِي إِبْرَاهِيمُ بْنُ مُحَمَّدٍ، مِنْ وَلَدِ عَلِيِّ بْنِ أَبِي طَالِبٍ قَالَ: كَانَ عَلِيٌّ، إِذَا وَصَفَ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ، قَالَ: ﷺ لَيْسَ بِالطَّوِيلِ المُمَّغِطِ وَلَا بِالقَصِيرِ المُتَرَدِّدِ وَكَانَ رَبْعَةً مِنَ القَوْمِ، وَلَمْ يَكُنْ بِالجَعْدِ القَطَطِ وَلَا بِالسَّبِطِ كَانَ جَعْدًا رَجِلًا وَلَمْ يَكُنْ بِالمُطَهَّمِ، وَلَا بِالمُكَلْثَمِ، وَكَانَ فِي الوَجْهِ تَدْوِيرٌ، أَبْيَضُ مُشْرَبٌ، أَدْعَجُ العَيْنَيْنِ، أَهْدَبُ الأَشْفَارِ، جَلِيلُ المُشَاشِ، وَالكَتَدِ، أَجْرَدُ ذُو مَسْرُبَةٍ شَثْنُ الكَفَّيْنِ وَالقَدَمَيْنِ، إِذَا مَشَى تَقَلَّعَ كَأَنَّمَا يَمْشِي فِي صَبَبٍ، وَإِذَا التَفَتَ التَفَتَ مَعًا، بَيْنَ كَتِفَيْهِ خَاتَمُ النُّبُوَّةِ وَهُوَ خَاتَمُ النَّبِيِّينَ، أَجْوَدُ النَّاسِ صَدْرًا، وَأَصْدَقُ النَّاسِ لَهْجَةً، وَأَلْيَنُهُمْ عَرِيكَةً، وَأَكْرَمُهُمْ عِشْرَةً، مَنْ رَآهُ بَدِيهَةً هَابَهُ، وَمَنْ خَالَطَهُ مَعْرِفَةً أَحَبَّهُ، يَقُولُ نَاعِتُهُ: لَمْ أَرَ قَبْلَهُ وَلَا بَعْدَهُ مِثْلَهُ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ ﷺ

(الترمذي، محمد بن عيسي، ابو عيسي، حافظ، امام، ”جامع الترمذي“ (انگلش)، ٽرانسليٽر: ابو خليل (آمريڪا)، اسلامڪ ريسرچ سيڪشن دارالسلام، جلد 6، ص 332_333، حديث نمبر 3638)

(ترجمو: ”علي بن ابي طالب ع جي اولاد مان هڪ شخص ابراهيم بن محمد چيو ته (حضرت) علي (عليه السلام) نبي صلي الله عليه وسلم جا وصف بيان ڪندي

نمبر2: جي شهادت لاءِ باري تعالي جو هيٺيون ارشاد ئي ڪافي آهي. قرآن حڪيم ۾ فرمايائين ته:

تِلْكَ الرُّسُلُ فَضَّلْنَا بَعْضَهُمْ عَلٰى بَعْضٍ ۘ[1]

ترجمو: ”انهن رسولن مان اسان بعض کي بعض تي فضيلت عطا ڪئي آهي.“

مفسرين چون ٿا ته وَ رَفَعَ بَعْضَهُمْ دَرَجٰتٍ جا مصداق حضور صلي الله عليہ وسلم آهن. يعني الله پاڪ صہ کي گهڻن ئي سببن جي ڪري سڀني نبين کان بلند ڪيو آهي. امام فخرالدين الرازي رحہ پنهنجي مشهور تفسير ۾ هن آيت شريف جي تفسير ۾ خوب سير حاصل بحث فرمائي آهي. نيز حضور صلي الله عليہ وسلم جو ارشاد گرامي آهي ته:

أَنَا سَيِّدُ وَلَدِ آدَمَ يَوْمَ القِيَامَةِ وَلَا فَخْرَ،[2]

ترجمو: ”مان قيامت جي ڏينهن آدم جي پٽن جو سردار ٿيندس ۽ مون کي انهي تي ڪجهه فخر نہ آهي.“

فرمايو ته:”پاڪ صہ نہ حد کان وڌيڪ ڊگها هئا ۽ نہ حد کان وڌيڪ ٻندرا. ماٿهن جي حساب سان وچولي قد جا هئا. وار نہ ته بلڪل گهنگهرو هئا، نہ ئي ايا ايا بلڪ ٻنهي جي وچ واري ڪيفيت هئي. هن جو مٿو نہ ته وڏو هو ۽ نہ ننڍو هو. چهرو مبارڪ گول هو ۽ رنگ گورو گلابي، هن جون اکيون گهاٽيون ڪاريون هيون، پنبٽيون ڊگهيون، هن جون هڏيون وڏيون ۽ ڪلها ويڪرا هئا (يعني مظبوط قد ڪاٺ جا هئا). سيني تي دن تائين وارن جي هلڪي لڪير هئي، باقي جسم وارن کان خالي هو، هٿن ۽ پيرن جون آڱريون گوشت سان پريل، هلندا هئا ته ڪجهه جهٽڪي سان پير ڪٽندا هئا ۽ ايئن هلندا هئا جڻ ڪنهن هيناهين تي هلي رهيا آهن. جڏهن ڪنهن ڏانهن متوجهه ٿيندا هئا ته پوري وجود سان متوجهه ٿيندا هئا (يا ڪٽي ايئن چئجي ته: جڏهن ڪنهن ڏانهن منهن ڦيرائيندا هئا ته جسم بہ انهي ڏانهن ڦيرائيندا هئا). ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ نبوت جي مهر لڳل هئي. پاڪ صہ خاتم الانبياء هئا. سيني کان وڌيڪ سخي دست ۽ سيني کان وڌيڪ جرئتمند، سيني کان وڌيڪ سچار ۽ سيني کان وڌيڪ عهد ۽ پيمان جا پابند. سيني کان وڌيڪ نرم طبيعت ۽ سيني کان وڌيڪ شريف ساٿي. جيڪو پاڪ صہ کي اوچتو ڏسندو هو ته مبهوت ٿي ويندو هو. جيڪو ڄاڻ سڃاڻ سان ملندو هو ته محبوب رکندو هو. پاڻ سڳورن جا وصف بيان ڪرڻ وارو اهوئي چئي سگهي ٿو ته مون پاڪ صہ کان پهريان ۽ پاڪ صہ کان بعد پاڪ صہ جهڙو نہ ڏٺو.“) پاڪ صہ جي سونهن ۽ سوڀيا بابت ڪيترين ئي روايتون بيان ڪيون ويون آهن. پر جيئن ته مٿيون ٻئي روايتون جامع ترين آهن تنهن ڪري اسان صرف انهن تي اڪتفا ڪيون ٿا.

[1]. سورة البقره : 253

[2]. مڪمل حديث هن ريت آهي:

3615 ـ حَدَّثَنَا ابْنُ أَبِي عُمَرَ قَالَ: حَدَّثَنَا سُفْيَانُ، عَنْ ابْنِ جُدْعَانَ، عَنْ أَبِي نَضْرَةَ، عَنْ أَبِي سَعِيدٍ، قَالَ: قَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: «أَنَا سَيِّدُ وَلَدِ آدَمَ يَوْمَ القِيَامَةِ وَلَا فَخْرَ، وَبِيَدِي لِوَاءُ الحَمْدِ وَلَا فَخْرَ، وَمَا مِنْ نَبِيٍّ يَوْمَئِذٍ آدَمُ فَمَنْ سِوَاهُ إِلَّا تَحْتَ لِوَائِي، وَأَنَا أَوَّلُ مَنْ تَنْشَقُّ عَنْهُ الأَرْضُ وَلَا فَخْرَ» . (المڪتبة الشاملة، جامع ترمذي، جلد 5، ص 587، حديث نمبر 3615)

يعني هي ڳالهہ مان فخر جي طور تي نہ چئي رهيو آهيان. بلڪ الله جي نعمت جي اعتراف جي طور تي چوان ٿو.

نمبر 3: هن جي ثبوت ڏيڻ يا دليل پيش ڪرڻ جي ڪا ضرورت نہ آهي. چو تہ پاڻ صہ جي فصاحت ۽ بلاغت جو موافق ۽ مخالف سيني ڪي اعتراف ۽ اقرار آهي. راوين حضور صلي الله عليہ وسلم جي ڪلام ۽ گفتگو جي صفت بيان ڪندي چيو آهي تہ پاڻ صہ سيني ماڻهن کان وڌيڪ صحيح ۽ سچي لهجي وارا هئا. انهيءَ ڪري پاڻ صہ فصاحت جي لحاظ کان افضل ۽ اڪمل مرتبو رکن پيا.

نمبر 4: هن جي ثبوت لاءِ الله جو ارشاد قرآن ڪريم ۾ موجود آهي تہ:

اِنَّ اللّٰهَ وَ مَلٰٓئِكَتَهٗ يُصَلُّوْنَ عَلَى النَّبِيِّ ۭ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَيْهِ وَ سَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا .[1]

ترجمو: ”بيشڪ الله ۽ سندس ملائڪ نبي تي رحمت موڪليندا آهن. اي ايمان وارو! اوهين بہ مٿس صلوات پڙهو ۽ پوري طرح سلام چئو.“

لکين ڪروڙين انسان پنجن نمازن ۾ پاڻ صہ تي درود شريف پڙهندا آهن.

نمبر 5: هي بہ ظاهر ۽ عيان آهي. خود حضور صلي الله عليہ وسلم جو ارشاد آهي تہ:

”مون کي الله تلوار ڏيئي ڪري موڪليو آهي.“[2]

نمبر 6: هن جو ثبوت هي آهي تہ پاڻ صہ جي جسماني قوت ڪمال درجي تي هئي. مشهور واقعو آهي تہ رڪانہ جيڪو عرب جو نالي وارو ۽ مشهور پهلوان هو ۽ جنهن جي جسماني قوت جو ڏاڪو ڄميل هو، مسلمان ٿيڻ کان اڳ هڪ دفعو اڪيلائي ۾ حضور صلي الله عليہ وسلم سان مڪي جي گهاٽي ۾ مليو. حضور صلي الله عليہ وسلم هن کي فرمايو تہ:

”ڇا تون خدا کان نہ ٿو ڊڃين؟ ۽ منهنجي دعوت قبول نہ ڪندين؟“

چوڻ لڳو: ”جيڪڏهن مون کي اوهان جي سچي هجڻ جو يقين ٿي وڃي تہ بيشڪ مان اوهان جي اتباع لاءِ تيار آهيان.“

پاڻ فرمايائون: ”ٺيڪ آهي! جيڪڏهن مان توکي ماري وجان تہ ڇا پوءِ توکي منهنجي سچي هجڻ جو يقين اچي ويندو؟“

چوڻ لڳو: ”ضرور...!“

---

1. سورة الاحزاب: 56 محترم ڪيرانوي صاحب هن آيت جو صرف اڳيون اڌ حصو لکيو آهي.

2. ”انا الرسول بالسيف“ لم اجده، و انما المعروف ”انا نبي الملحمہ“. اخرج الحڪيم عن حذيفہ، ڪنز، ص 111، ج6 (محمد تقي عثماني)

پاڻ صہ هن کي پڪڙي ڪري زمين تي ڪيرائي وڌو ۽ بلڪل بيوس ڪري ڇڏيو. هن چيو:

”اي محمد صہ ! يلا ٻيهر ڪيرائي ڏيکار!“

پاڻ صہ ٻيهر بہ هن کي ڊاهي وڌو.

چوڻ لڳو: ”اي محمد! وڏي عجيب ڳالهہ آهي.“

پاڻ صہ فرمايو: ”جيڪڏهن تون چاهين تہ مان توکي انهيءَ کان بہ وڌيڪ عجيب شئي ڏيکاري سگهان ٿو. پر شرط هي آهي تہ تون خدا کان ڊڄي منهنجي پيروي ڪرين تہ!“

چوڻ لڳو ”اهو ڇا آهي؟“

حضور صلي الله عليہ وسلم فرمايو تہ: ”تنهنجي سامهون هن وڻ کي گهرايان ٿو.“

سو پاڻ صہ وڻ کي سڏيو. هو پاڻ صہ جي ويجهو اچي بيهي رهيو. وري پاڻ صہ هن کي فرمايو واپس موٽي وڃ. هو پنهنجي جاءِ تي موٽي ويو. رڪانہ هي معجزا ڏسي جڏهن پنهنجي قوم ۾ وٺ ويو تہ چوڻ لڳو:

”اي بني عبد مناف! مون محمد صہ کان وڏي ڪري ڪو بہ جادوگر نہ ڏٺو آهي.“

پوءِ جيڪو ڪجهہ واقعو گذريو هو اهو ٻڌايائين.[1]

رهيو پاڻ صہ جي شجاعت ۽ بهادري سو انهيءَ جي شهادت ابن عمر رضي الله عنه عنہ جو هيٺيون قول ڏيئي رهيو آهي:

”مون پاڻ صہ کان وڌيڪ نہ ڪنهن کي بهادر ڏٺو نہ دلير ۽ نہ پاڻ صہ کان وڌيڪ ڪنهن کي سخي ڏٺم.“[2]

اهڙيءَ طرح حضرت علي ڪرم الله وجهہ جو ارشاد آهي:

”جڏهن جنگ جي باهہ ڀڙڪي ويندي هئي تہ اسان حضور صلي الله عليہ وسلم جي ذريعي سان پنهنجي بچڻ جي ڪوشش ڪندا هئاسين. اهڙن موقعن تي اسان سيني ۾ پاڻ صہ ئي دشمن جي سڀ کان ويجهو هوندا هئا. مون کي اهو منظر ياد آهي جڏهن جنگ بدر جي ڏينهن اسان حضور صلي الله عليہ وسلم جي پناهہ ورتيون بيٺا هئاسين ۽ پاڻ صہ اسان سيني کان وڌيڪ دشمن جي ويجهو هئا. انهيءَ ڏينهن پاڻ صہ سيني ماڻهن کان وڌيڪ شدت سان جنگ ڪئي.“[3]

نمبر 7: امانت ۽ سچائي تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جي جليل

---

1. اخرجہ البيهقي و ابو نعيم رحہ عن ابي امامہ (الخصائص الڪبري، ج اول، ص 129_130) محمد تقي عثماني

2. اخرجہ الدارمي رحہ عن ابن عمر (الخصائص الڪبري، ج اول، ص 72) محمد تقي عثماني

3. اخرجہ احمد والطبراني رحہ في الاوسط عن علي رضہ (الخصائص الڪبري، ج اول، ص 203) محمد تقي عثماني

القدر صفتن مان آهي. انهيءَ ڪري ئي نضر بن حارث قريش کي چيو هو ته:

”محمد توهان ۾ ننڍپڻ کان پرورش پاتي آهي. انهيءَ دور ۾ هو توهان ۾ مقبول ۽ پسنديده ۽ ڳالهه جا سچا پڪا، امانت ۾ مٿين درجي جا ثابت ٿيا. هاڻي جڏهن هن جي وارن ۾ سفيدي اچي وئي آهي ۽ جيڪو ڪجهه به هن توهان وٽ آندو آهي ته توهان چئو ٿا ته هو جادوگر آهن. نه! خدا جو قسم! هو هرگز جادوگر نه آهي.“[1]

هرقل شاهه روم ابو سفيان کان جڏهن حضور صلي الله عليه وسلم جو حال معلوم ڪيو ته پڇيائين ته:

”محمد ﷺ جيڪو ڪجهه دعوي ڪيو آهي، ڇا انهيءَ کان پهريان توهان هن کي ڪڏهن ڪوڙ ڳالهائيندي ڏٺو آهي؟“

هن جواب ڏنو ته: ”نه!“[2]

نمبر 8: هن جي دليل هي آهي ته پاڻ ﷺ جنگ بدر ۽ جنگ حنين جي موقعي تي مٺيءَ جي هڪ مٺ ڀري ڪافرن جي منهن ۽ ڇهري تي ڪٽي هنئي. جنهن جي نتيجي ۾ هي ٿيو ته ڪو هڪ ڪافر به اهڙو نه هيو جيڪو هن جي زد مان بچي ويو هجي. بلڪ سڀني کي پنهنجي اکين جي پئجي وئي هئي ۽ شڪست کائي ڀڳا هئا ۽ مسلمانن هنن کي قتل ۽ قيد ڪيو هو.[3]

اهڙي قسم جا واقعا هي پاڻ ﷺ جي هٿن جي عجيب هدايت ۽ رهنمائي آهي، جنهن کان گمراهه کي هدايت نصيب ٿي سگهي ٿي.

نمبر 9: هن جو ثبوت هي آهي ته اسمائيل ؑ جي اولاد قديم زماني کان تيراندازي ۾ ماهر هلندي ايندي هئي، جنهن کي دنيا ڄاڻندي هئي. حضور صلي الله عليه وسلم کي به هي ڪم ڏاڍو پسند هو. تنهن ڪري پاڻ ﷺ فرمايو ته:

”جلد ئي[4] توهان ماڻهو رومين تي فتح حاصل ڪندو ۽ الله توهان جي ڪم جي ڪفايت ڪندو. انهيءَ ڪري توهان مان ڪو شخص تير اندازي راند کان عاجز نه ٿئي.“

ٻي جڳهه تي فرمايائون: ”اي بني اسمائيل! تيراندازي ڪندا ڪيو

---

1. ”لقد ڪان محمد فيڪم غلاما حدثا ارضاڪم فيڪم واصدقڪم واعظمڪم امانته... الخ“ اخرجه ابن اسحاق والبيهقي وابونعيم عن ابن عباس رضه (الخصائص الڪبري، ج اول، ص 114) محمد تقي عثماني

2. الحديث طويل معروف اخرجه البخاري . محمد تقي عثماني

3. الحديث طويل معروف اخرجه البخاري. محمد تقي عثماني

4. لم اجده . محمد تقي عثماني

چو تہ توهان جو پيءُ بہ تيرانداز هو."[1]

۽ فرمايائون:

"جنهن تير جو فن سکيو پوءِ ان کي ڇڏي ڏنو انهيءَ جو اسان سان تعلق نہ آهي."[2]

نمبر 10: هن جي دليل پيش ڪرڻ جي ضرورت انهيءَ ڪري نہ آهي تہ حضور صلي الله عليہ وسلم جي پاڪ حياتيءَ ۾ ئي الله جي دين يعني اسلام ۾ ماڻهو جوق در جوق ۽ فوج در فوج داخل ٿيڻ لڳا هئا ۽ صرف ٻن سالن جي گهٽ مدت ۾ مسلمان هزارن کان وڌي لکن ۾ ٿي ويا.

نمبر 11: هي تہ ايتري قدر معروف ۽ مشهور آهي جو انهيءَ جو اقرار ۽ اعتراف ڪٽر کان ڪٽر مخالف کي بہ آهي. جيئن مسلک نمبر 2 ۾ معلوم ٿي چڪو آهي.

نمبر 12: هي هڪ حقيقت آهي تہ شهزاديون ۽ اميرزاديون طبقہ اولي جي مسلمانن جي حرم سرا ۾ داخل ٿيون ۽ انهن جون نوڪرياڻيون ٿيڻ جو فخر حاصل ڪيائون. انهن مان شهربانو جيڪا شاهہ ايران يزدجرد جي ڌيءَ هئي، امام حسين ﷺ جي زوجيت ۾ داخل ٿيون.

نمبر 13 ۽ 14 : جي ثبوت لاءِ هي ڳالهہ ڪافي آهي تہ نجاشي شاهہ حبشہ ۽ منذر بن سادي بحرين جو حڪمران ۽ سلطان عمان مطيع ۽ فرمانبردار ٿي ڪري اسلام ۾ داخل ٿيا. انهيءَ کان علاوه هرقل قيصر روم حضور صلي الله عليہ وسلم جي خدمت ۾ هديہ روانا ڪيا. قبطين جي بادشاهہ مقوقس بہ حضور صلي الله عليہ وسلم جي خدمت ۾ ٽي ٻانهيون، ٽي حبشي غلام، هڪ خوبصورت خچر ۽ ڪنن جا ڏکها گهوڙا ۽ تمام قيمتي ڪپڙا بطور هديو روانا ڪيا هئا.

نمبر 15: هن جي دليل هي آهي تہ امام حسن عہ جي اولاد مان گهٽائي خليفہ ٿيا ۽ مختلف ملڪن حجاز ۽ يمن، مصر ۽ مغرب، شام ۽ فارس، هندوستان وغيره ۾ هزارين امراء ۽ سلطان پاڻ صہ جي نسل کان ٿيندا رهيا ۽ اڄ تائين حجاز ۽ يمن ۽ ٻين گهڻن ملڪن ۾ بي شمار امير ۽ حاڪم حضور صلي الله عليہ وسلم جي نسل ۾ ملندا آهن. انشاءَ الله امام مهدي عہ بہ پاڻ صہ جي نسل کان ظاهر ٿيندا ۽ دنيا ۾ خدا جا خليفہ ٿيا. سندن جي مبارڪ عهد ۾ ئي الله جو دين تمام دينن تي غالب ٿي رهندو.

نمبر 16 ۽ 17: هن جي شهادت لاءِ هي ڳالهہ ڪافي آهي تہ هزارين

---

1. "ارموا بني اسمائيل فان اباکم کان راميا". اخرجہ البخاري رحہ عن سلمتہ بن الاکوع رضہ مرفوعا (جمع الفوائد، ج 1، صفحہ 19) محمد تقي عثماني

2. "ن تعلم الرمي ثم ترڪہ فليس مني" اخرجہ مسلم رحہ عن عقبہ بن عامر رضہ مرفوعا (ايضا) محمد تقي عثماني

لکين انسان مختلف قومن ۽ قبيلن جا پنج وقت وڏي آواز سان مختلف ملڪن ۾ ”اَشْهَدُ اَنْ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰہُ وَ اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰہِ ﷺ“ جون صدائون هڻندا آهن ۽ انهن پنجن وقتن ۾ اڻ ڳڻيا ۽ بي شمار نمازي پاڻ ﷺ تي درود پڙهندا آهن ۽ ڪين حافظ ۽ قاري پاڻ ﷺ جي منشور کي حفظ ڪندا آهن. مفسر پاڻ ﷺ جي آندل قرآن جي معني جي تفسير ۽ واعظ ماڻهون پاڻ ﷺ جي وعظ جي تبليغ ڪندا آهن. وڏا وڏا عالم ۽ سلطان روضي مبارڪ تي حاضر ٿيندا ۽ دروازي جي ٻاهران پاڻ ﷺ تي درود پڙهندا آهن ۽ پنهنجي چهرن کي روضہ اقدس جي مبارڪ خاڪ سان رڳڙيندا آهن ۽ پاڻ ﷺ کان شفاعت جي توقع رکندا آهن. هن جي برعکس هي شهادت ڪنهن طرح بہ پروٽيسٽنٽ عالمن جي باطل دعوي جي مطابق عيسىٰ ؑ جي حق ۾ صادق نہ ٿي اچي. انهيءَ ڪري هنن جي هي دعوي بہ آهي تہ ڪتاب اشعياه جي باب 53 ۾ ڏنل بشارت بہ عيسىٰ ؑ جي حق ۾ آهي ۽ انهيءَ جي هي عبارت آهي:

”هن کي نڪا صورت آهي، نڪا سونهن ۽ جڏهن اسين هنکي ڏسون ٿا تڏهن منجهس ڪا خوبصورتي ڪانهي جنهن ڪري اسين هنجا مشتاق ٿيون. هو ماڻهن ۾ حقير ۽ رد ٿيل هو: هو ڏکن ڀريو ماڻهو ۽ غم جو واقف اهڙو ڌڪاريل ماڻهو هو جنهن کان هو پنهنجو منهن ڦيرائين، اسان هن جو قدر نہ ڪيو.“[1]

غور ڪيو! هي صفتون ”زبور“ جي بيان ڪيل صفتن جي ضد ۽ ابتڙ آهن. انهيءَ ڪري عيسىٰ ؑ تي حسين ۽ طاقتور هجڻ صادق نہ ٿيندو. نہ هن تي هي ڳالهہ صادق اچي ٿي تہ هو تلوار لڙڪائڻ وارو ٿيندو ۽ نہ هي تہ هن جو تير ڀال وارو هوندو. نہ هي تہ دولتمند ماڻهو هن جا مطيع ٿيندا. نہ هي تہ هن جي خدمت ۾ هديا ۽ تحفا موڪليا ويندا.

هن جي ابتڙ عيسائي نقطہِ نظر مطابق ماڻهن عيسي ؑ کي گرفتار ڪيو، ذليل ڪيو، هن جو مذاق اڏاريو، ڪوڙن سان هن کي ماريائون ۽ پوءِ هن کي سوريءَ تي لڙڪايائون. اهڙيءَ طرح نہ هن جي زال هئي، نہ پٽ. تنهن ڪري، هي ڳالهہ بہ صادق نہ ٿي اچي سگهي تہ بادشاهن جون ڌيئرون هن جي گهر ۾ داخل ٿينديون. نہ هي تہ هن جي اولاد پنهنجي وڏن جي جاءِ تي زمين جي بادشاهہ ٿيندي.“[2]

---

1. يسعياه 53 : 2 ـ 3

2. ڪيرانوي، رحمت الله، مولانا، حضرت، ”اظهارالحق“ جو اردو ترجمو: ”بائيبل سي قرآن تڪ“، مترجم: اڪبر علي، مولانا، شرح ۽ تحقيق: عثماني، محمد تقي، مڪتبہ دارالعلوم، ڪراچي 14، طبع 10، رمضان المبارڪ 1437 ھ مطابق 16 جون 2016ع، جلد سوم، ص 268_277

(7) پاڪ بندا _ جن قرباني ڪري عهد ٻڌو آهي

”خدا، هائو خداوند خدا فرمايو آهي ۽ اڀرندي ڪان الهندي تائين دنيا کي سڏيو اٿس. صيون جو سونهن ۾ ڪامل آهي، تنهن مان خدا جو جلوو ظاهر ٿيو آهي. اسان جو خدا ايندو ۽ ماٺ ڪري ڪين وهندو: باهہ سندس اڳيان اڳيان ڀسم ڪندي ويندي ۽ سندس چوڌاري ڏاڍو طوفان پيو لڳندو. هو پنهنجن ماڻهن جي عدالت ڪرڻ لاءِ، مٿين آسمان کي ۽ زمين کي سڏيندو: تہ منهنجي پاڪ بندن کي مون وٽ گڏ ڪريو: جن قرباني ڪري مون سان عهد ڪيو آهي ۽ آسمان سندس راستبازي ظاهر ڪندا: ڇالاءِ جو خدا پاڻ منصف آهي“[1]

تشريح

عيسائي عالم هنن آيتن جي تشريح ڪندي چون ٿا تہ هي حضرت عيسىٰ عہ جي اچڻ جو ذڪر آهي. جڏهن تہ اسان مسلمانن جو موقف آهي تہ حضرت عيسىٰ عہ صرف يهودين ڏانهن آيو هو ۽ هنن آيتن ۾ سموري دنيا سان خطاب آهي. ٻيو تہ حضرت عيسىٰ عہ ڪڏهن بہ جنگ ۽ جهاد لاءِ ڪونہ نڪتو هو ۽ هنن آيتن ۾ باهہ ۽ طوفان جو ذڪر آهي. اهو صرف حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم جو امتياز آهي جو سندن تبليغ واري حياتيءَ جو وڏو حصو جنگ ۽ جهاد ۾ گذاريائون.

ٽيون هتي قربانيءَ جو ذڪر آهي ۽ حضرت عيسىٰ عہ جي سموري حياتيءَ ۾ ڪنهن بہ قربانيءَ جو ذڪر ڪونہ آهي. جڏهن تہ حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم ۽ مسلمان حضرت ابراهيم عہ ۽ حضرت اسمائيل عہ جي قربانيءَ جي يادگار طور حج ڪندا ۽ هر سال قرباني ڪندا رهندا آهن.

اڪثر عيسائي عالم جڏهن ڏسندا آهن تہ هي ڳالهيون حضرت عيسىٰ عہ تي فٽ ڪونہ ٿيون ٿيون تہ پوءِ هو هنن آيتن کي حضرت عيسىٰ عہ جي ٻيهر هن دنيا ۾ تشريف آڻڻ تي فٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. جيڪڏهن ائين ڪٿي تسليم بہ ڪجي تہ بہ اسان مسلمانن لاءِ هيءَ ڳالهہ يقيني آهي تہ پوءِ بہ هو اهو سڀ ڪجهہ اسان جي امام حضرت محمد مهدي عہ جي مدد طور ڪندو. بلڪ جيڪڏهن ائين تسليم بہ ڪيو وڃي تہ بہ اهي ڳالهيون حضرت امام محمد مهدي عہ بابت ئي مناسب ٿي سگهن ٿيون نہ ڪہ حضرت عيسىٰ عہ بابت.

---

1. زبور 50 : 1 ـ 6

(8) جيڪو رڻ پٽ مان سواري ڪري ٿو لنگهي تنهن لاءِ سڙڪ تيار ڪريو

”خدا جي حضور ۾ گيت ڳايو، هنجي نالي جي تعريف ڳايو: جو رڻ پٽ مان سواري ڪري ٿو لنگهي تنهن لاءِ سڙڪ تيار ڪريو: هنجو نالو ياد آهي: اوهين خدا جي حضور ۾ سرها ٿيو. خدا پنهنجيءَ پاڪ جاءِ ۾ يتيمن جو پيءُ ۽ بيوه زالن جو منصف آهي. خدا اڪيلن کي خاندانن وارو ٿو ڪري: هو قيدين کي ڇڏائي آسودو ٿو ڪري: پر فسادي سڪيءَ زمين ۾ ٿا رهن. اي خدا جڏهن تون پنهنجيءَ امت جي اڳيان هئين ۽ جڏهن تون بيابان مان لنگهئين: تڏهن ڌرتي ڌبي ۽ آسمان خدا جي حضور ۾ وهي ويا: ۽ سينا جبل بہ خدا جي حضور ۾ ڌڪڻ لڳو.“[1]

تشريح

(الف) خدا جي حضور ۾ گيت ڳايو

هي حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي مديني آمد جو ذڪر لڳي رهيو آهي. جڏهن حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن مڪي کان هجرت ڪري مديني داخل ٿيا تہ مديني جي انصارن وڏي خوشيءَ جو اظهار ڪيو. ڇوڪرين دف وڄائي وڄائي ڳائڻ شروع ڪيو:

طلع البدر علينا من ثنيات الوداع

”چنڊ نڪري آيو آهي ڪوه وداع جي گهاٽين مان“

انهيءَ جي ئي منظر ڪشي زبور ۾ هن ريت ڪئي وئي آهي:

”اي خدا انهن تنهنجي آمد ڏٺي آهي. بلڪ انهن منهنجي خدا، منهنجي بادشاه کي پاڪ مڪان ۾ ويندي ڏٺو آهي. اڳيان ڳائڻ وارا هئا ۽ پنيان وڄائڻ وارا هئا: ۽ وچ ۾ ڪنئاريون هيون جن دف پئي وڄايا.“[2]

(وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو: ”ڪوڙ ساريون خصوصيتون“)

(ب) رڻ پٽ مان لنگهندڙن لاءِ سڙڪ تيار ڪريو

هي ساڳي ئي ڳالهہ آهي جيڪا يسعياه نبي چئي هئي تہ:

”هڪڙي پڪارڻ واري جو آواز آهي، تہ اوهين بيابان ۾ خداوند جو رستو تيار ڪريو.“[3]

---

1. زبور 68 : 4 ـ 8
2. زبور 68 : 24 ـ 25
3. يسعياه 40 : 3

انجيل متيءَ ۾ آهي ته:

”انهن ڏينهن ۾ يوحنا بپتسما ڏيڻ وارو يهوديه جي رڻ پٽ ۾ منادي ڪندو آيو ۽ چوڻ لڳو ته اوهين توبهه ڪريو، ڇالاءِ جو آسمان جي بادشاهت ويجهي آئي آهي. هيءُ اهو آهي جنهن بابت يسعياه نبيءَ ذڪر ڪيو هو ته: ”رڻ پٽ ۾ هڪڙي پڪارڻ واري جو آواز ٿو اچي، ته اوهين خداوند جو رستو تيار ڪريو ۽ سندس واٽون سنيون ڪريو.“[1]

انجيل برناباس ۾ انهيءَ کي درست ڪري لکيو ويو آهي ته هي پڪارڻ وارو حضرت عيسىٰ ع هو جيڪو نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي لاءِ راهه تيار ڪري رهيو هو:

تڏهن يسوع چيو ته:

”مان هڪ آواز آهيان جيڪا سموري يهوديه ۾ پڪاري ٿي ته: خداوند جي رسول جي لاءِ راهه تيار ڪريو، جيئن يسعياه جي ڪتاب ۾ لکيل آهي.“[2]

وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو ”بيابان ۾ خداوند جو رستو تيار ڪريو“.

(ت) يتيمن جو پيءُ ۽ بيوهه زالن جو منصف

تاريخ گواهه آهي ته حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليه وعلي آله واصحابه وسلم يتيمن سان هڪ مربي پيءُ واري شفقت سان ملندو هو ۽ بيوهه زالن جي سار سنڀار لهندو هو. گهڻن بيوهه عورتن سان ته پاڻ شادي ڪري انهن کي تحفظ ڏنائون. اهڙين عورتن ۾ حضرت بيبي سوده رضہ بنت زمعه، حضرت بيبي زينب رضہ بنت خزيمه، حضرت بيبي زينب رضہ بنت جحش، حضرت بيبي ام سلمه رضہ بنت ابي اميه شامل آهن. پاڻ سڳورن صہ عملي طور تي اهڙين عورتن سان شادي ڪري مسلمانن کي بيوه عورتن سان شادي ڪرڻ جي ترغيب ڏني.

پر حقيقت ۾ انسانذات سان اهڙي همدرديءَ جو اظهار ڪرڻ انهن ماڻهن کي سمجهه ۾ ئي ڪو نه ايندو جيڪي پاڻ بيوه عورتن سان شادي ڪرڻ جا سخت ۽ ڪٽر مخالف هجن ۽ اهڙن ماڻهن تي ڪو الزام نه آهي جن جو مذهب ئي انهن کي اهڙو سبق ڏيندو هجي.

(ث) خدا اڪيلن کي خاندانن وارو ٿو ڪري

بيشڪ خدا جنهن کي وٽي تنهن کي اڻ ڳڻيو اولاد عطا ڪري ۽ جنهن کي وڻيس تنهن کي بي اولاد رکي، هن جو نسل ئي ختم ڪري ڇڏي.

اهو الله ئي آهي جنهن حضرت اسمائيل ع کي ٻارنهن پٽ عطا ڪيا. اڄڪلهه جو سمورو عرب پاڻ کي حضرت اسمائيل ع جي اولاد ٿو

1. متي 3 : 1 ـ 3
2. برناباس : 42

سڏرائي ۽ اهو الله ئي آهي جنهن حضرت يعقوب ع کي ٻارنهن پٽ عطا ڪيا ۽ اتان بني اسرائيل جا ٻارنهن قبيلا ٺهجي ويا.

۽ اهو الله ئي آهي جنهن حضرت علي ع کي ارڙهن پٽ عطا ڪيا ۽ اهو الله ئي آهي جنهن هڪ حضرت بيبي فاطمہ ع جي نسل کي ايترو وڌايو جو دنيا جي ڪا ڪنڊ سندس نسل کان خالي نہ آهي. جتي مسلمان آهن اتي سندس نسل مان ڪو نہ ڪو شخص ضرور موجود آهي.

هي سڀ هڪ شخص حضرت ابراهيم ع جي اولاد آهن ۽ الله تبارڪ وتعالي کي چيو تہ:

”مان تنهنجو اولاد واريءَ جي ذرن وانگر ڪندس. ايئن جو جيڪڏهن ڪو شخص واريءَ جي ذرن کي ڳڻي سگهندو تہ تنهنجو نسل بہ ڳڻي سگهبو“[1]

يعني جيئن واريءَ جا ذرا ڳڻجي نہ ٿا سگهجن، تيئن تنهنجي اولاد ڳڻجي نہ سگهبي.

(ج) جڏهن تون بيابان مان لنگهئين

هيءَ اها هيبت آهي، جيڪا حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي مديني اچڻ سان سندس دشمنن تي ڇانئجي وئي.

---

1. پيدائش 13 : 16

(9) مجبورن ۽ بيڪسن جو واهر وسيلو
تنهن تي هزارين درود و سلام

”اي خدا بادشاهه کي پنهنجا حڪم ۽ شهزادي کي پنهنجي راستبازي عطا ڪر. هو تنهنجيءَ امت جي راستبازيءَ سان ۽ تنهنجي غريبن جي انصاف سان عدالت ڪندو. تنهنجي امت جي لاءِ جبلن مان سلامتي ۽ ٽڪرين مان راستبازي پيدا ٿيندي. هو امت جي غريبن جو انصاف ڪندو ۽ محتاجن جي ٻارن کي بچائيندو ۽ ظالم کي وڍي ڇڏيندو. جيسين سج ۽ چنڊ قائم رهندا، تيسين سڀني پيڙهين جا ماڻهو تو کان ڊڄندا رهندا. جيئن ڪپيل گاهه تي برسات پوندي آهي ۽ مينهن جي وسڪار زمين کي پچائيندي آهي ۽ تيئن هو نازل ٿيندو. هنجي ڏينهن ۾ راستباز ماڻهو زور وٺندا ۽ جيسين چنڊ قائم آهي تيسين پوري سلامتي هوندي ۽ هڪڙي سمنڊ کان ٻئي سمنڊ تائين ۽ نديءَ کان زمين جي ڇيڙي تائين، هنجي حڪومت هلندي. بيابان جا رهاڪو وٽس اچي سجدو ڪندا؛ ۽ دشمن مٽي چٽيندا.

ترسيس ۽ ٻيٽن جا بادشاهه سوغاتون آڻيندا؛ ۽ صبا ۽ شيبا جا بادشاهه نذرانا پيش ڪندا. هائو سڀيئي بادشاهه هنجي اڳيان سجدو ڪندا؛ ۽ سڀ قومون سندس خدمت ڪنديون. ڇالاءِ ته جڏهن محتاج ۽ غريب ۽ لاچار دانهون ڪندا تڏهن هو کين ڇڏائيندو. هو غريب ۽ محتاج تي ڪهل ڪندو ۽ محتاجن جي جان بچائيندو. هو انهن جي جان ظلم ۽ زبردستيءَ کان بچائيندو؛ انهن جو رت سندس نظر ۾ قيمتي ٿيندو. هو جيئندا ۽ شيبا جو سون کيس ڏنو ويندو؛ ماڻهو هنڪي سدائين دعائون ڪندا؛ ۽ سڄو ڏينهن کيس مبارڪ پيا چوندا.

ملڪ ۾ جبلن جي چوٽيءَ تائين جهجهو ان ٿيندو؛ جنهن جا سنگ لبنان جي وڻن وانگي پيا لڏندا؛ ۽ شهر جا ماڻهو زمين جي گاهه وانگيان وڌندا ويجهندا. هنجو نالو هميشه تائين قائم رهندو؛ جيسين سج هوندو تيسين سندس نالو پيو هلندو؛ ماڻهن کي هنجي ڪري برڪت ملندي؛ ۽ سڀئي قومون هن کي خوش نصيب چونديون.

شل خداوند خدا، اسرائيل جو خدا، مبارڪ هجي، جوئي عجيب ڪم ٿو ڪري. هنجو جلال وارو نالو هميشه تائين مبارڪ هجي؛ شل سارو جهان هنجي جلال سان ڀرپور ٿئي. آمين ۽ آمين.“[1]

---

1. زبور 72 : 1 - 19

تشريح

هي زبور جو باب نمبر 72 مڪمل آهي.

عيسائي عالمن جو خيال آهي تہ زبور جو هي باب حضرت عيسىٰ عہ جي متعلق آهي وليم ميڪڊونلڊ چوي ٿو تہ:

”هن زبور جو آغاز هڪ دنياوي بادشاهہ (سليمان) لاءِ دعا سان ٿئي ٿو. پر تمام جلد اسان کي احساس ٿئي ٿو تہ زبور نويس سليمان کان پري خداوند يسوع مسيح جي حڪومت ۽ جلال ۽ حشمت ڏانهن نگاهہ ڪٽي ٿو.“[1]

شل نہ عقيدي جا پردا اکين تي پئجي وڃن. پوءِ سوچ، سمجھ، عقل ۽ فهم انسان کان ڇڏائجي ٿو وڃي. انسان جي پنهنجي عقيدي جو غلام بڻجي ٿو وڃي. الله تبارڪ وتعالي قرآن شريف ۾ هرهر انسان کي نصيحت ٿو ڪري تہ پنهنجو عقل ۽ فهم استعمال ڪريو ۽ پنهنجن وڏن جي غلط عقيدي جي ڪڍ لڳي بيوقوف نہ بڻجو.

زبور جي هن باب جون آيتون ڪنهن بہ صورت ۾ حضرت عيسىٰ عہ متعلق نہ ٿي سگهن ٿيون. اچو تہ هن آيتن جي ئي روشني ۾ حضرت عيسىٰ عہ ۽ حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي ڀيٽ ڪريون.

”اي خدا بادشاهہ کي پنهنجا حڪم ۽ شهزادي کي پنهنجي راستبازي عطا ڪر.“

حضرت عيسىٰ عہ ڪڏهن بہ حڪومت ڪونہ ڪئي. جڏهن تہ الله تبارڪ وتعالي حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم کي اهڙو موقعو عطا ڪيو.۽ اهو وقت بہ آيو جو عربستان جي هڪ وسيع علائقي تي باقائدي پاڻ سڳورن جو حڪم هلڻ لڳو.

هو تنهنجيءَ امت جي راستبازيءَ سان ۽ تنهنجي غريبن جي انصاف سان عدالت ڪندو

حڪومت نہ هجڻ جي ڪري حضرت عيسىٰ عہ امت جي يا غريبن جي انصاف سان عدالت ڪرڻ جي پوزيشن ۾ ئي ڪو نہ هو.

جڏهن تہ حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم وٽ اهڙو موقعو هيو ۽ ڪيترن ئي موقعن تي سندن عدل ۽ انصاف جي فيصلن سبب غريبن کي سندن حق مليا.

تنهنجي امت جي لاءِ جبلن مان سلامتي ۽ ٽڪرين مان راستبازي پيدا ٿيندي. هو امت جي غريبن جو انصاف ڪندو ۽ محتاجن جي ٻارن کي بچائيندو ۽ ظالم کي وڍي ڇڏيندو.

---

1. ميڪڊونلڊ، وليم، ”تفسير الڪتاب“ (اردو)، (ايوب_زبور) مترجم: ڊي چند، سموئيل، بشپ، مسيحي اشاعت خانہ، 36 فيروزپور روڊ، لاهور، 2016ع ، ص 268

حضرت عيسىٰ عہ تہ آخر تائين پنهنجي سلامتي لاءِ دعا گهرندو ۽ ڪوششون ڪندو رهيو. پر سندس ڪوششون بارآور ثابت نہ ٿيون. خود عيسائين جي چواڻي مطابق حضرت عيسىٰ عہ کي صليب تي چاڙهي ماريو ويو. قرآن انهيءَ ڳالهہ کي رد ٿو ڪري ۽ مسلمانن جو قران جي هر ڳالهہ تي ايمان آهي. تنهنڪري هو قرآن جي اطلاع يا معلومات کي ئي سچو سمجهن ٿا پر جيڪڏهن عيسائين جي ڳالهہ کي سچو سمجهيو وڃي تہ پوءِ چئبو تہ جيڪو شخص پنهنجو پاڻ کي بچائي نہ سگهيو اهو ٻين جي سلامتيءَ لاءِ ڇا پيو ڪري سگهي؟ جڏهن تہ حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم اهڙي معاشري جي تشڪيل ڏني جتي هر غريب ۽ امير لاءِ سلامتي هئي. آخر اهو وقت بہ آيو جو هيره کان وٺي شام تائين هڪ عورت اڪيلي نڪري پهتي پر واٽ تي هن کي ستائڻ وارو ڪوبہ نہ هو. اڄ بہ مڪي ۾ حرم جي علائقي ۾ ماڻهو کي مارڻ، ستائڻ، يا تنگ ڪرڻ تہ ٺهيو، پر پکي پکڻ جو شڪار ڪرڻ بہ حرام آهي. يعني انسانن سان گڏوگڏ جانورن ۽ پکين لاءِ بہ حرم جي علائقي ۾ امن ۽ سلامتي آهي.

جيسين سج ۽ چنڊ قائم رهندا، تيسين سيني پيڙهين جا ماڻهو توکان دڄندا رهندا.

حضرت عيسىٰ عہ جي تعليمات تہ اها هئي تہ جيڪو توهان جي هڪ ڳل تي چماٽ هڻي تہ ان کي ٻيو ڳل بہ ورائي ڏيو. جيڪو توهان کي هڪ ميل بيگر ۾ وٺي وڃي ان سان بہ ميل بيگر ۾ هليا وڃو.

”اوهان ٻڌو آهي جو چيو ويو هو، تہ اک جي عيوض ۾ اک ۽ ڏند جي عيوض ۾ ڏند: پر آئون اوهان کي چوان ٿو تہ جيڪو بڇڙو آهي، تنهنجي سامهون نہ ٿيو: پر جيڪو توکي تنهنجي ساڄي ڳل تي چماٽ هڻي، تنهن کي ٻيو بہ ڦيرائي ڏي ۽ جيڪڏهن ڪو ماڻهو توتي عدالت ۾ دعوي ڪرڻ گهري ۽ تنهنجو پهراڻ ڪٽي وڃي، تہ انهي کي پنهنجو ڪوٽ بہ ڏيئي ڇڏ. جيڪو توکي بيگر ۾ هڪڙو ميل وٺي وڃي، تنهن سان ٻہ ميل وڃ. جيڪو توکان ڪي گهري، تنهن کي ڏي ۽ جيڪو توکان اڌارو وٺڻ گهري تنهن کان منهن نہ موڙ.“[1]

هاڻي اهڙي شخص کان سندس ڪهڙو دشمن دڄندو، جنهن جو سبق ئي ايترو نرم هوندو. جڏهن تہ حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي اصحابن بابت هي لکيل آهي تہ اهي پاڻ ۾ نرم آهن ۽ پنهنجن دشمنن جي لاءِ سخت آهن.

مُحَمَّدٌ رَسُولُ اللهِ وَالَّذِينَ مَعَهُ أَشِدَّاءُ عَلَى الْكُفَّارِ رُحَمَاءُ بَيْنَهُمْ.[2]

ترجمو: ”محمد (صلي الله عليہ وآلہ وسلم) الله جا رسول آهن ۽

---

1. متي 5 : 38 - 42
2. سورة الفتح : 29

جيڪي هن سان گڏ آهن اهي ڪافرن مٿان سخت آهن. (۽ پاڻ ۾) هڪٻئي سان نرم آهن.“

اهڙي شخص کان ئي سندس دشمن ڏڄندا ۽ ڪنبدا.

جيئن ڪپيل گاهه تي برسات پوندي آهي ۽ مينهن جي وسڪار زمين کي پڄائيندي آهي ۽ تيئن هو نازل ٿيندو.

ڪپيل گاهه تي برسات پوڻ سان ڪپيل گاهه وري نئين سري سان ڦٽي پوندو آهي. حضرت عيسىٰ ع جي تعليمات جو يهودين مٿان ڪو خاص اثر نظر نه پيو اچي. پر حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليه وعلي آله واصحابه وسلم جي دور ۾ سندس پورو ڪٽنب ۽ عرب علائقو تقريبا مسلمان ٿي چڪو هو.

هنجي ڏينهن ۾ راستباز ماڻهو زور وٺندا ۽ جيسين چنڊ قائم آهي تيسين پوري سلامتي هوندي

حضرت عيسىٰ ع جي دور ۾ راستباز ماڻهن کي ايتري جرئت نه هئي جو حضرت عيسىٰ ع مٿان ٿيندڙ ظلم ۽ زيادتي کي روڪي سگهن يا کين صليب کان بچائي سگهن. حضرت عيسىٰ ع کي صليب تي چاڙهڻ وقت سندس حواري ڇڏي ڀڄي ويا هئا.

حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليه وعلي آله واصحابه وسلم جي دور ۾ نجد، حجاز ۽ يمن تي مسلمانن جي باقائدي حڪومت هئي. هن وقت به مڪي مديني ۾ پڪي پڪڻ لاءِ به سلامتي آهي ۽ هميشه تا قيامت رهندي.

۽ هڪڙي سمنڊ کان ٻئي سمنڊ تائين ۽ نديءَ کان زمين جي ڇيڙي تائين، هنجي حڪومت هلندي

هن وقت سموري دنيا ۾ مسلمان ملن ٿا.

بيابان جا رهاڪو وٽس اچي سجدو ڪندا: ۽ دشمن مٽي چٽيندا.

حضرت عيسىٰ ع ڪڏهن به پنهنجي دشمنن کي مٽي نه چٽائي سگهيا نه ئي هنن ڪڏهن ڪا اهڙي ڪوشش ڪئي هئي.

پر حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليه وعلي آله واصحابه وسلم پنهنجي دشمنن کي نيست ۽ نابود ڪري ڇڏيو هو. انهيءَ کان علاوه هر مسلمان مڪي ۽ مديني اچي الله جي دربار ۾ سجدي ريز ٿيندا آهن. هي واضح ۽ چٽيون نشانيون آهن سمجهه وارن لاءِ.

ترسيس ۽ ٻيٽن جا بادشاهه سوغاتون آڻيندا: ۽ صبا ۽ شيبا جا بادشاهه نذرانا پيش ڪندا

حضرت عيسىٰ ع کي ڪڏهن ڪنهن بادشاهه ڪا سوغات ڪانه موڪلي هئي. الٽو وقت جي حاڪم(عيسائين جي خيال مطابق) کين صليب تي چاڙهي ڇڏيو هو.

جڏهن تہ حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم ڏانهن ڪيترن ئي ملڪن جي بادشاهن سوڪڙيون پاڪڙيون موڪلي ڏنيون هيون.

ان وقت جي مصر جي بادشاه سندس خدمت ۾ ٻين تحفن سان گڏ هڪ عدد خچر جنهن جو نالو "دلدل" هو ۽ ٻہ نوڪراڻيون حضرت ماريہ قبطيہ رضي الله عنها ۽ حضرت سيرين رضي الله عنها موڪلي ڏنيون. نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم حضرت ماريہ قبطيہ رضي الله عنها ڪي پاڻ وٽ رکيو ۽ حضرت سيرين رضي الله عنها ڪي شاعر اسلام حضرت حسان بن ثابت انصاري رضي الله عنه جي حوالي ڪيائون. نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جو فرزند حضرت ابراهيم عہ انهيءَ بيبي حضرت ماريہ قبطيہ رضي الله عنها جي پيٽان پيدا ٿيا هئا.

روم جي قيصر هرقل بہ سندن خدمت اقدس ۾ حضرت دحيہ ڪلبي رضي الله عنه هٿان تحفا ۽ نذرانا موڪليا هئا.

يمامہ جي حاڪم هوذه بن علي بہ حضرت سليط رضي الله عنه هٿان سندن خدمت اقدس ۾ تحفا موڪليا ۽ هجر جو اٽيل ڪپڙو بہ موڪليو.

هائوسيپيئي بادشاهہ هنجي اڳيان سجدو ڪندا: ۽ سڀ قومون سندس خدمت ڪنديون.

هن وقت مڪو ۽ مدينو بادشاهن ۽ شهنشاهن جي سجدي ڪرڻ وري جاءِ آهي. هر سال وقت جا حاڪم اچي الله تعالي ڪي سجدو ڪندا آهن.

ڇالاءِ تہ جڏهن محتاج ۽ غريب ۽ لاچار دانهون ڪندا تڏهن هو ڪين ڇڏائيندو. هو غريب ۽ محتاج تي ڪهل ڪندو ۽ محتاجن جي جان بچائيندو. هو انهن جي جان ظلم ۽ زبردستيءَ ڪان بچائيندو؛ انهن جو رت سندس نظر ۾ قيمتي ٿيندو.

جيتوڻيڪ حضرت عيسيٰ عہ غريب ۽ لاچار بيمارن جي جان بيماري ڪان بچائي ۽ هنن ڪي صحتياب ڪيو. پر هو ڪنهن شخص ڪي ظلم ۽ زبردستيءَ ڪان نہ بچائي سگهيو.

حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم ۽ سندس اصحابن سڳورن ڪيترن ئي غلامن ڪي غلاميءَ ڪان نجات ڏياري ۽ هنن جي مالڪن جي ظلم ۽ زيادتيءَ ڪان هنن جي جان ڇڏرائي.

هو جيئندا ۽ شيبا جو سون ڪيس ڏنو ويندو: ماڻهو هنڪي سدائين دعائون ڪندا؛ ۽ سڄو ڏينهن ڪيس مبارڪ پيا چوندا.

شيبا (Sheba) سبا ڪي ئي سڏيو ويندو آهي. يعني يمن جو علائقو. حضرت عيسيٰ عہ ڪڏهن بہ يمن ڪونہ ويو ۽ نہ ئي يمن وارا ڏانهنس آيا.

يمن وارا حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي دور ۾ ئي مسلمان ٿي ويا هئا. حضرت علي

ع حجة الوداع جي ڏينهن ۾ يمن کان زکوات ۽ محصولات وصول ڪري حج جي ڏينهن ۾ مڪي ۾ اچي رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم سان گڏيا هئا. اڄ بہ يمن تي مسلمانن جي ئي حڪومت آهي.

ملڪ ۾ جبلن جي چوٽيءَ تائين جهجهو ان ٿيندو: جنهن جا سنگ لبنان جي وڻن وانگي پيا لڏندا: ۽ شهر جا ماڻهو زمين جي گاهہ وانگيان وڌندا ويجهندا.

حضرت عيسىٰ ع جي تاريخ ۾ بني اسرائيل وارن جي خوشحالي جو ڪو ذڪر ڪونہ ٿو ملي.

حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي اچڻ سان ملڪ مان قحط سالي ختم ٿي ۽ ملڪ ۾ خوشحالي ٿي. هن وقت بہ سعودي عرب جو خوشحال ترين ۽ آسودن ملڪن ۾ شمار ٿئي ٿو.

هنجو نالو هميشہ تائين قائم رهندو: جيسين سج هوندو تيسين سندس نالو پيو هلندو: ماڻهن کي هنجي ڪري برڪت ملندي: ۽ سيئي قومون هن کي خوش نصيب چونديون.

هيءَ آيت حضرت عيسىٰ ع ۽ حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم ٻنهي لاءِ برابر آهي:

پرهي اهائي آيت آهي جيڪا ٻڌائي ٿي تہ متيون آيتون حضرت سليمان ع جي متعلق نہ آهن. جو هن وقت ماڻهن کي برڪت حضرت سليمان ع جي ڪري نہ ٿي ملي. ٻئي طرف عيسائي حضرات بہ پل ۾ آهن تہ هنن کي ڪو حضرت عيسىٰ ع جي نالي تي برڪت ملندي آهي. ڇو تہ هو حضرت عيسىٰ ع متعلق غلط عقيدا رکندا آهن ۽ حضرت عيسىٰ ع جي اصل تعليمات کي مسخ ڪري چڪا آهن تہ هنن کي هاڻي برڪت ڪيڏانهن ملندي.

هن وقت جيڪو شخص چاهي تہ هن کي برڪت ملي تہ هن کي حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي تعليمات ۽ الله پاڪ جي اڻ تبديل ٿيل ڪلام قرآن پاڪ جي حڪمن مطابق هلڻو پوندو.

شل خداوند خدا، اسرائيل جو خدا، مبارڪ هجي، جوئي عجيب ڪم ٿو ڪري. هنجو جلال وارو نالو هميشہ تائين مبارڪ هجي: شل سارو جهان هنجي جلال سان پر پور ٿئي. آمين ۽ آمين.

هي دعا آهي ۽ هن جي جواب ۾ آمين ئي چئي سگهجي ٿو. الهي آمين.

(10) واديءِ بُڪم

”اي لشڪرن جا خداوند تنهنجا خيما ڪهڙا نہ دلپسند آهن!
منهنجي جان خداوند جي درگاهہ لاءِ ڏاڍي پئي سڪي، هائو هن لاءِ بيحال آهي؛ منهنجي دل ۽ منهنجو جسم ٻئي زنده خدا کي پيا پڪارين.
اي لشڪرن جا خداوند، اي منهنجا بادشاهہ ۽ منهنجا خدا، تنهنجي ئي گھر ۾ يعني قربانگاهہ وٽ جهرڪيءَ پنهنجو گھر ۽ ابابيل پنهنجو آکيرو جوڙيو آهي، جتي پنهنجا ٻچا رکي.
مبارڪ آهن اهي جيڪي تنهنجي گھر ۾ ٿا رهن؛ اهي سدائين تنهنجي تعريف ڪندا رهندا.
مبارڪ آهي اهو ماڻهو جنهنکي توکان طاقت ٿي ملي؛ ۽ جنهن جي دل ۾ صيون جا شاهي رستا آهن.
اهي ماتم جي وادي مان لنگهندين انهيءَ کي چشمن جي جاءِ ٿا بنائين؛ بلڪ آڳاٽو مينهن انهيءَ کي برڪتن سان پريوڇڏي.
اهي طاقت ۾ وڌندا ٿا وڃن، انهن مان هر ڪو صيون ۾ خدا جي حضور ۾ حاضري ٿئي ٿو.
اي خداوند لشڪرن جا خدا منهنجي دعا ٻڌ: اي يعقوب جا خدا، تون ڪن ڏي.
اي خدا، اي اسان جي ڍال، تون نظر ڪر ۽ پنهنجي مسح ڪيل جي منهن ڏانهن نهار.
ڇالاءِ جو تهنجيءَ درگاهہ ۾ هڪڙو ڏينهن هزار ڏينهن کان بهتر آهي.
بڇڙن جي تنبن ۾ رهڻ کان مون کي پنهنجي خدا جي گھر جو دربان ٿيڻ پسند آهي.
ڇو جو خداوند خدا سج ۽ ڍال آهي: خداوند فضل ۽ جلال ٿو بخشي؛ جيڪي سچائي تي ٿا هلن تن کان هو ڪا بہ چڱي شيءِ روڪي ڪين رکندو.
اي لشڪرن جا خداوند، جنهن ماڻهوءَ جو ڀروسو توتي آهي سو مبارڪ آهي.“[1]

تشريح

هي زبور جو 84 نمبر باب مڪمل آهي.

(الف) ڪجھ زبور جي باري ۾

جي ٿي مينلي مطابق زير بحث زبور 84 ، بني قورح سان تعلق رکي

---

1. زبور 84 : 1 ـ 12

تو ۽ وڪيپيڊيا مطابق انهيءَ زبور جو مرتب ڪندڙ حضرت دائود عہ آهي.

عيسائين جي تحقيق مان بہ اسان کي قابل قبول ڳالهہ اها ٿي ملي. باقي تہ توهان مٿي پڙهي آيا آهيو تہ عيسائي عالمن يا محققن ۾ اهڙا نقاد بہ آهن جيڪي زبورن مان ڪنهن بہ زبور کي حضرت دائود عہ جو لکيل تسليم ئي نہ ٿا ڪن.

هي سڀ تشريح ۽ وضاحتون اسان ان لاءِ ڪيون آهن تہ زبور جي هن باب ۾ مڪہ مڪرمہ ۽ ڪعبتہ الله جو ذڪر آهي. عيسائي حضرات هنن آيتن ۾ انهيءَ مان مراد يروشلم ۽ بيت المقدس وٺي رهيا آهن. وڌيڪ تفصيلي ذڪر آيتن جي تفسير ڪندي ڪيو ويندو.

(ب) آيتن جي تفسير

اي لشڪرن جا خداوند تنهنجا خيما ڪهڙا نہ دلپسند آهن!

حضرت دائود عہ جو دور عدنان کان اڳ وارو دور آهي. جنهن وقت مڪي ۾ خيمن جو رواج هو.

منهنجي جان خداوند جي درگاهہ لاءِ ڏاڍي پئي سڪي، هائو هن لاءِ بيحال آهي: منهنجي دل ۽ منهنجو جسم ٻئي زنده خدا کي پيا پڪارين.

سڪ انهيءَ ڳالهہ جي لڳندي آهي ، جيڪا شيءِ پري هوندي آهي. حضرت دائود عہ سندس احباب آسف، قورحين، هيمان سڀ يروشلم جا رهاڪو هئا. تہ پوءِ انهن کي خداوند جي ڪهڙي درگاهہ جي سڪ هئي، جنهن لاءِ هو بيحال هئا؟ جنهن لاءِ هنن جي دل ۽ جسم ٻئي پيا پڪارين؟

يقينن هي درگاهہ بيت الله ئي هو، جنهن لاءِ هو بيحال ٿيل هئا.

اي لشڪرن جا خداوند، اي منهنجا بادشاهہ ۽ منهنجا خدا، تنهنجي ئي گهر ۾ يعني قربانگاهہ وٽ جهرڪيءَ پنهنجو گهر ۽ ابابيل پنهنجو آکيرو جوڙيو آهي، جتي پنهنجا ٻچا رکي.

ڏنو وڃي تہ هي تمثيلي آهي ۽ انهن ماڻهن ڏانهن اشارو آهي جيڪي ڪعبتہ الله جي چوڌاري رهي رهيا هئا. خاص طور تي حضرت ابراهيم عہ ڏانهن اشارو آهي. جنهن هتي اچي پنهنجو گهر جوڙيو هو ۽ پنهنجا ٻار ٻچا (يعني حضرت اسمائيل عہ ۽ حضرت بيبي هاجره عليها السلام کي آڻي هتي ڪعبت الله جي ويجهو(ان وقت جي مشهور) بيابان ۾ رهايو هو.

مبارڪ آهن اهي جيڪي تنهنجي گهر ۾ ٿا رهن:

هي مٿين آيت نمبر 3 جي تشريح بہ آهي تہ ان سان گڏ سندس دل جي حسرت بہ آهي ۽ انهن ماڻهن تي رشڪ بہ آهي جيڪي ڪعبت الله جي چوڌاري رهي رهيا آهن. جيڪڏهن يروشلم يا بيت المقدس جي ڳالهہ هجي ها تہ هو خود اتي رهي رهيا هئا. هو پاڻ کي مبارڪ ڪيئن چئي پيا سگهن؟

"اهي سدائين تنهنجي تعريف كندا رهندا."

ڪعبت الله ئي واحد جڳهه آهي جتي ڏينهن رات 24 ڪلاڪ ئي الله جي حمد، ثنا، نماز ۽ طواف جاري آهي. انهيءَ جو مثال بيت المقدس پيش نه ٿو ڪري سگهي.

مبارڪ آهي اهو ماڻهو جنهنکي توکان طاقت ٿي ملي؛ ۽ جنهن جي دل ۾ صيون جا شاهي رستا آهن.اهي ماتم جي وادي مان لنگهندين انهيءَ کي چشمن جي جاءِ ٿا بنائين؛ بلڪ اڳاٿو مينهن انهيءَ کي برڪتن سان پريو ڇڏي. اهي طاقت ۾ وڌندا ٿا وڃن، انهن مان هر ڪو صيون ۾ خدا جي حضور ۾ حاضر ٿئي ٿو.

(i) واديءِ بڪه

هي آيتون بيت الله ۾ رهندڙ ماڻهن جي الله وٽ حيثيت بيان ڪن ٿيون.

(1) بائيبل سوسائٽي لاهور طرفان اردو زبان ۾ شايع ٿيل "ڪتاب مقدس" ۾ لفظ "ماتم ڪي وادي" يا "ماتم والي وادي" جي بجاءِ لفظ "واديءِ بڪا" آيل آهي ۽ اردو ڊائيجسٽ جي نومبر 1973ع واري ايڊيشن ۾ لفظ صرف "بڪه" استعمال ٿيل آهي.

(2) انگريزي بائيبل "ڪنگ جيمز ورشن" (King James Version) جي نسخي ۾ به "ويلي آف بڪه" (Valley of Bacca) لکيل آهي.

(3) بائيبل جي عربي نسخي ۾ به لفظ "وادي البڪاء" استعمال ٿيل آهي.

(4) پر سنڌيءَ ۾ "پاڪ ڪتاب" جي ترجمي ڪندڙ "بڪه" جو ترجمو ڪري ڇڏيو آهي ۽ "واديءِ بڪه" جي جاءِ تي "ماتم جي وادي" لکي ڇڏيو آهي؟

حقيقت ۾ "بڪه" مڪي جو پراڻو نالو آهي ۽ هنن ان جي شناخت ختم ڪرڻ لاءِ انهيءَ لفظ جو ترجمو ڪري ڇڏيو آهي. جيئن هنن:

لفظ "شيلوه" جو ترجمو ڪري ڇڏيو آهي.

لفظ "محمديم" جو ترجمو ڪري ڇڏيو آهي.

لفظ "فارقليط" جو ترجمو ڪري ڇڏيو آهي.

اهڙيءَ ريت هنن لفظ "بڪه" جو ترجمو ڪري ڇڏيو آهي.

اهو صحيح آهي ته لفظ "بڪه" جي هڪڙي معني "ماتم" به ٿي سگهي ٿي. ڇو ته "بڪه" جي هڪ معني: "(ڏک، درد ۽ تڪليف کان) دانهون، ڪوڪون ڪرڻ" يا "رڙيون ۽ رانيات ڪرڻ" آهي. جيئن اردوءَ ۾ چيو ويندو آهي "آه و بڪا ڪرنا". پر بائيبل جي سنڌي ترجمي ڪندڙن جي نيت اها ڪانه ٿي لڳي. بلڪ هنن انهيءَ لفظ جو ترجمو ڪري انهيءَ جاءِ جي شناخت ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ڇو ته "بڪه" مڪي جو

پراڻو نالو آهي. بائيبل جي مترجمين جي اها پراڻي عادت آهي ته هو نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم سان تعلق رکندڙ هر شيءِ جي سڃاڻپ ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهندا آهن.

هن ڳالهه مان اها خبر به پوي ٿي ته عيسائي حضرات مان جنهن ڪي وٽي ٿو اهو حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليه وعلي آله واصحابه وسلم سان نسبت رکندڙ ڳالهه کي ٿوڙي مروڙي پيش ڪرڻ جون ڪوشش ڪري ٿو ۽ ان کي ڪا جهل پل نه آهي.

(ii) قرآن ۾ ”بڪه“ جو ذڪر

قرآن شريف ۾ ”بڪه“ جو ذڪر ڪجهه هن ريت ٿيل آهي:

اِنَّ اَوَّلَ بَيۡتٍ وُّضِعَ لِلنَّاسِ لَلَّذِىۡ بِبَكَّةَ مُبٰرَكًا وَّهُدًى لِّلۡعٰلَمِيۡنَ.[1]

ترجمو: ”پهريون گهر جيڪو ماڻهن جي (عبادت ڪرڻ) لاءِ مقرر ڪيو ويو هو، اهو ئي آهي جيڪو ”بڪه“ ۾ آهي. بابرڪت ۽ جهانن لاءِ هدايت آهي.“

(iii) لفظ ”بڪه“ جي معني ۽ مفهوم

تفسير الميزان ۾ آهي ته:

”لفظ ”بڪه“ کان مراد سرزمين مڪه آهي، جتي هي گهر واقع آهي. ان کي ”بڪه“ سان موسوم ڪرڻ جو سبب اتي ماڻهن جي جم غفير جو گڏ ٿيڻ آهي. هي به چيو ويو آهي ته ”بڪه“ ئي ”مڪه“ آهي ۽ ان ۾ ”ب“ کي ”م“ ۾ تبديل ڪيو ويو آهي. جيئن عربن ۾ لفظ ”لازم“ کي ”لازب“ ۽ ”راتم“ کي ”راتب“ پڙهيو ويندو آهي.

هڪ قول هي آهي ته ”بڪه“ خانهءِ ڪعبه جو نالو آهي.

هڪ قول هي آهي ته هي ”مسجدالحرام“ جو نالو آهي.

هي به چيو ويو آهي ته هي ”مطاف“ (طواف ڪرڻ جي مخصوص احاطي) جو نالو آهي.[2]

تفسير تسنيم ۾ آهي ته:

”ڪن چيو آهي ته: مڪي جي معني به اها آهي ۽ انهيءَ جي اصل به اهو آهي ۽ باءِ ميم ۾ تبديل ٿيل آهي. جيئن: لازم ۽ لازب، جو ٻنهني جي معني ساڳي آهي ۽ جيئن: نبيط ۽ نميط (ويانا ۾ هڪ هنڌ جو نالو)، راتب ۽ راتم، مغمط ۽ مغبط.“[3]

---

1. سورة آل عمران : 96

2. طباطبائي، محمد حسين، سيد، آيت الله، ”الميزان في تفسيرالقرآن“ (اردو)، اردو مترجم: غديري، حسن رضا، آيت الله، الغدير اڪيڊمي، پاڪستان، جولاءِ 2008ع، جلد سوم، ص

3. آملي، جوادي، آيت الله، ”تفسير تسنيم“ (فارسي)، جلد پانزدهم، قسمت دوم، ص 115. (بحواله: ن. ڪ: التبيان، ج 2، ص 535 ۽ الڪشاف، ج 1، ص 387). (مترجم: احسان)

تفسير الميزان ۾ آهي تہ:

”ڪتاب ”علل الشرائع“ ۾ حضرت امام جعفر صادق عہ کان نقل ٿيل آهي تہ پاڻ عہ ارشاد فرمايائون تہ:

”موضع البيت بكة والقرية مكة“

يعني: ”بڪہ“ اها جاءِ آهي جتي خانۂ خدا واقع آهي ۽ ”مڪہ“ شهر جو نالو آهي.“[1]

(iv) **”بڪہ“ نالو رکڻ جو سبب**

تفسير الميزان ۾ آهي تہ:

”علل الشرائع“ ۾ حضرت امام جعفر صادق عہ جو فرمان ذکر ٿيل آهي. پاڻ عہ ارشاد فرمايائون تہ:

”انما سميت بكة بكة لان الناس يبكون فيها.“

يعني: ”بڪہ“ جي وجہ تسميہ هي آهي تہ ماڻهو هتي ڪثرت سان جمع ٿين ٿا (هجوم ڪن ٿا).“

”يبكون“ کان مراد ”يزدحمون“ آهي، يعني ازدحام ڪن ٿا.

انهيءَ ڪتاب (علل الشرائع) ۾ هڪ روايت حضرت امام باقر عہ کان نقل ٿيل آهي تہ پاڻ عہ ارشاد فرمايائون تہ:

”انما سميت مكة بكة، لانه يبك بها الرجل والنساء، والمرأة تصلى بين يديك وعن يمينك وعن شمالك ومعك ولابأس بذالك، انما يكره ذلك في سائر البلدان.“

يعني: ”مڪہ“ کي ”بڪہ“؟ ان ڪري چيو ويڻ لڳو جو اتي مردن ۽ عورتن جو مخلوط هجوم هوندو هو. (هاڻي بہ ايئن ٿيندو آهي تہ) عورت توهان جي سامهون، توهان جي سڄي، کٻي ۽ توهان جي اڳيان بيهي ڪري نماز ادا ڪندي آهي ۽ ان ۾ ڪو هرج نہ آهي. جڏهن تہ ٻين مقامن تي ايئن بيهي ڪري نماز پڙهڻ مڪروهہ آهي.“[2]

مولانا محمد عبدالرشيد نعماني ”لغات القرآن“ ۾ هڪ معني هي بہ لکن ٿا تہ:

”ڪجهہ ماڻهو چون ٿا تہ؛ ”بَكَّہ“، ”بَكٌّ“ کان مشتق آهي. جنهن جي معني مزاحمت ڪرڻ، ڦاڙي وجهڻ ۽ بگاڙي ڇڏڻ جي آهي. جو تہ سنت الاهي جاري آهي تہ جيڪو هتي الحاد ڦهلائيندو ۽ ظلم تي سندرو ٻڌندو تہ ان جي گردن ٽوڙي ويندي آهي. انهيءَ ڪري مڪہ جو نالو بڪہ ٿيو.“[3]

---

1. طباطبائي، محمد حسين، سيد، آيت الله، ”الميزان في تفسيرالقرآن“ (اردو)، اردو مترجم: غديري، حسن رضا، آيت الله، الغدير اڪيڊمي، لاهور، تاريخ اشاعت: جولاءِ 2008ع، جلد سوم، ص 790 (بحوالہ: علل الشرائع، باب 137، ص 397)

2. ايضا: ص 790_791 (بحوالہ: علل الشرائع، باب 137، ص 397)

3. نعماني، محمد عبدالرشيد، ”لغات القرآن مع فهرست الفاظ“ (اردو)، دارالاشاعت، اردوبازار، ڪراچي، طباعت:1994ع، جلد دوم، ص 43

مولانا حسن ظفر نقوي فرمائين ٿا تہ:

”(هن شهر جو) پهريون ”بڪہ“ نالو هو، بعد ۾ ”مڪہ“ ٿي ويو.

هن ڳالهہ جو مفهوم ڇا آهي؟

پهريون ”بڪہ“ ان ڪري چيو ويندو هو جو هي لفظ ”بڪاءَ“ کان نڪتل آهي. ماڻهو گريو ۽ زاري ڪندا هئا. طواف ڪرڻ وقت روئيندا ۽ دانهون ڪندا هئا. تہ ”بڪاءَ“ کان ”بڪہ“ ٿي ويو.

”مڪہ“ ان ڪري پيو جو جاهليت جي زماني ۾ جڏهن طواف ڪندا هئا تہ رڙيون ڪرڻ، چيخون ڪرڻ ۽ سيٽيون وڄائڻ تہ هن ڪي چوندا آهن ”مڪاه“. هن ڪي چوندا آهن شور مچائڻ، چيخون ڪرڻ، رڙيون ڪرڻ، سيٽيون وڄائڻ. تہ چون ٿا تہ هن جو نالو ”مڪہ“ پئجي ويو.

هي آهن ”بڪہ“ ۽ ”مڪہ“ جون روايتون. پر وڌيڪ صحيح نظر هي اچي ٿو تہ:”بڪہ“ کان مراد آهي اها جڳهہ جتي هي خانہءِ ڪعبہ تعمير ٿيل آهي، انهيءَ جو نالو ”بڪہ“ ۽ شهر جو نالو آهي ”مڪہ“.“[1]

اي خداوند لشڪرن جا خدا منهنجي دعا ٻڌ: اي يعقوب جا خدا، تون ڪن ڏي.

اي خدا، اي اسان جي ڍال، تون نظر ڪر ۽ پنهنجي مسح ڪيل جي منهن ڏانهن نهار.

پنهنجي مسح ڪيل جي منهن ڏانهن نهار.

”مسح ڪيل“ مان مراد ”اهو شخص جنهن کي مقدس تيل مکيو ويو هجي“. اڪثر ڪري وقت جي بادشاهن يا وڏن پادرين کي اهڙو تيل مکيو ويندو هيو. حضرت عيسىٰ ع کي ”مسيح“ انهيءَ ڪري سڏيندا هوا جو ماڻهو کيس خدا جو مسح ڪيل سمجهندا هوا. پري کان ئي ماڻهن کي لڳندو هيو جڻ سندن مٿي کان تيل ٽمندو هجي. مسلمانن وٽ بہ مسيح حضرت عيسىٰ ع کي ئي سڏيو ويندو آهي. ڇو تہ قرآن شريف ۾ حضرت عيسىٰ ع کي مسيح سڏيو ويو آهي. سوره مائده ۾ آهي تہ:

لَقَدْ كَفَرَ الَّذِيْنَ قَالُوْٓا اِنَّ اللّٰهَ هُوَ الْمَسِيْحُ ابْنُ مَرْيَمَ ؕ قُلْ فَمَنْ يَّمْلِكُ مِنَ اللّٰهِ شَيْـًٔا اِنْ اَرَادَ اَنْ يُّهْلِكَ الْمَسِيْحَ ابْنَ مَرْيَمَ وَ اُمَّهٗ وَ مَنْ فِي الْاَرْضِ جَمِيْعًا ؕ وَ لِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ وَ مَا بَيْنَهُمَا ؕ يَخْلُقُ مَا يَشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ.[2]

ترجمو: ”بيشڪ جن چيو تہ الله پاڻ مسيح پٽ مريم جو آهي سي بيشڪ ڪافر ٿيا. چئو تہ جيڪڏهن الله عيسي پٽ مريم جي کي ۽ سندس ماءُ کي ۽ جيڪي سيئي زمين ۾ آهن ناس ڪري تہ ڪير الله کان انهن کي ڪجهہ بچائي سگهندو ۽ آسمانن ۽ زمين جي ۽ جيڪي انهي جي وچ

1. نقوي، حسن ظفر، مولانا، ”تاريخ ڪعبہ“ (اردو)، مجموعہءِ تقارير، محفوظ بڪ ايجنسي، ڪراچي، طبع سوم، 1421 ھ بمطابق مارچ 2008ع، ص 47 ـ 48

2. سورة المائده : 17

۾ آهي تنهنجي بادشاهي الله جي آهي. جيڪي گهري ٿو سو پيدا ڪري ۽ الله سڀ ڪنهن شيءِ تي وسوارو آهي.“

سورت آل عمران جي هڪ آيت ۾ اجا بہ وڌيڪ صاف ۽ چٽي نموني حضرت عيسىٰ عہ کي مسيح سڏيو ويو آهي.

اِذْ قَالَتِ الْمَلٰٓئِكَةُ يٰمَرْيَمُ اِنَّ اللّٰهَ يُبَشِّرُكِ بِكَلِمَةٍ مِّنْهُ ۖ اسْمُهُ الْمَسِيْحُ عِيْسَى ابْنُ مَرْيَمَ وَجِيْهًا فِى الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ وَمِنَ الْمُقَرَّبِيْنَ. [1]

ترجمو: ”جڏهن فرشتن چيو: اي مريم! بيشڪ الله پاڻ وٽان توکي هڪ (خاص) ڪلمي جي خوشخبري ڏئي ٿو. جنهن جو نالو مسيح عيسي پٽ مريم آهي. اهو دنيا ۽ آخرت ۾ مرتبي وارو ٿيندو ۽ (اهو الله جي) مقربين مان آهي.“

تفسير تبيان القرآن ۾ لفظ مسيح جي معني هيٺ لکيل آهي تہ:

”مسيح ۽ عيسي جي باري ۾ بہ قول آهن.“

هڪ قول هي آهي تہ هي عبراني زبان جا لفظ آهن. ابوعبيده ۽ ليث چيو تہ مسيح عبراني زبان ۾ مشيح هو ۽ عربي زبان ۾ هي مسيح ٿي ويو ۽ عيسي اصل ۾ يشوع هو. جيئن چيائون تہ موسي اصل ۾ موشي يا ميشا هو. ٻيو قول هي آهي تہ هي عربي زبان جا الفاظ آهن ۽ مشتق آهن. اڪثر عالمن جو انهيءَ تي اتفاق آهي.

حضرت ابن عباس رضي الله عنه فرمايو حضرت عيسىٰ عہ کي مسيح ان ڪري چوندا آهن تہ هو بيمارن جي مٿان هٿ ڦيرائيندو (مسح ڪندو) هو تہ هو تندرست ٿي ويندا هئا.

احمد بن يحي چيو تہ ڪين مسيح انهيءَ ڪري چيو ويو جو پاڻ تمام تڪڙي قطع مسافت ڪري ونندا هئا.

ڪجھ عالمن چيو تہ پاڻ يتيمن جي مٿي تي ڪثرت سان شفقت جو هٿ ڦيرائيندا هئا. انهيءَ ڪري ڪين مسيح چيو ويو.

چوٿون سبب هي آهي تہ مسيح جي معني رڱڻ ۽ مٿائڻ بہ آهي. جيئن تہ سندس فرض ڪيل گناھ رڱڙيا ويا هئا انهيءَ ڪري ڪين مسيح چيو ويو.

پنجون سبب هي آهي تہ جنهن مبارڪ تيل سان انبياء عليهم السلام جي جسم تي مالش ڪئي ويندي هئي، انهيءَ تيل سان سندس جسم جي مالش ڪئي وئي. عالمن چيو آهي تہ الله تبارڪ وتعالي انهيءَ تيل کي انبياءَ عليهم السلام جي علامت بڻائي ڇڏيو آهي.

ڇهون سبب هي آهي تہ جنهن وقت هو پيدا ٿيا تہ انهن جي جسم تي تيل مالش ٿيل هئي.

ستون سبب هي آهي تہ جنهن وقت هو پيدا ٿيا، حضرت جبرائيل عہ

1. سورة آل عمران : 45

هنن تي پنهنجي پرن سان مسح ڪيو ته جيئن شيطان کان محفوظ رهن.

هي ست سبب حضرت عيسىٰ ع کي مسيح جو لقب ڏيڻ جا آهن ۽ دجال لعين کي جو مسيح چيو ويندو آهي انهيءَ جو سبب هي آهي ته هو ”ممسوح العين“ هوندو. يعني هن جي هڪ اک رڳڙيل يا مٽيل هوندي.“[1]

تفسير نعيمي ۾ حضرت عيسىٰ ع کي مسيح سڏڻ جو هڪڙو سبب بيو به بيان ڪيو ويو آهي ته:

”جيئن ته سندن پير ۾ کڏو نه هو يڪسان هو.“[2]

تفسير الميزان ۾ مٿين سببن مان گهٽن کي بيان ڪرڻ کان علاوه هي به لکيل آهي ته:”۽ تاريخ کان هي به ثابت ٿئي ٿو ته بني اسرائيل وارن وٽ رسم هئي ته جڏهن به هنن جي بادشاهه جي تاجپوشي ٿيندي هئي ته هنن جا عالم هن کي مقدس تيل هڻندا هئا (مسح ڪندا هئا) ته جيئن هن جي سلطنت بابرڪت هجي. انهيءَ لحاظ کان هن کي مسيحا (مشيحا) چيو ويندو هو ته جنهن جي معني يا ته ”بادشاهه“ آهي يا ”برڪت وارو“ آهي.“[3]

تفسير الميزان ۾ ئي آهي ته:

”هي سڀ تاويلون لفظ ”مسيح“ جي باري ۾ حضرت عيسىٰ ع کي انهيءَ لفظ سان موسوم ڪرڻ جي حوالي سان ذڪر ڪيون ويون آهن ۽ انهن جي باري ۾ مختلف دليلون به پيش ڪيون ويون آهن. پر انهيءَ حوالي سان جيڪا ڳالهه توجه جي قابل آهي اها هي ته هي لفظ انهيءَ بشارت ۽ خوشخبري جي ضمن ۾ موجود هو جيڪا (خوشخبري) حضرت جبرائيل ع حضرت مريم عليها السلام کي ڏني هئي. سو قرآن شريف ۾ چٽا لفظ موجود آهن: اِنَّ اللّٰهَ يُبَشِّرُكِ بِكَلِمَةٍ مِّنْهُ ۖ اسْمُهُ الْمَسِيحُ عِيسَى ابْنُ مَرْيَمَ (الله توکي پنهنجي ڪلمي جي خوشخبري ڏئي ٿو ته جنهن جو نالو مسيح عيسي بن مريم آهي ...... انهن لفظن سان ثابت ٿئي ٿو ته حضرت عيسىٰ ع جي ولادت کان اڳ خداوند عالم انهن کي ”مسيح“ (جي لقب) سان موسوم فرمايو هو، ته انهيءَ لفظ جو تعلق نابينا شخص کي بينا ڪرڻ يا بيمار شخص کي شفاياب ڪرڻ سان نه آهي.“[4]

---

1. سعيدي، غلام رسول، علامه، تفسير ”تبيان القرآن“ (اردو)، فريد بوڪ اسٽال، لاهور، الطبع الثالث عشر: جمادي الاول 1434هه/ اپريل 2013ع، جلد دوم ص 161
2. احمد يار خان، مفتي، ”تفسيرنعيمي“، مڪتبه اسلاميه، لاهور، تفسيرپاره سوم، ص 414
3. طباطبائي، محمد حسين، آيت الله العظمي، ”الميزان في تفسيرالقرآن“ (اردو)، مترجم: غديري، حسن رضا، آيت الله، الغدير اڪيڊمي، لاهور، تاريخ اشاعت: مئي 2008، بار اول، جلد سوم ص 465
4. ايضا ـ ص 464

مسند احمد بن حنبل ۾ حضرت ابوهريره کان نقل ٿيل آهي ته:

نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم (معراج واري رات حضرت عيسيٰ عليہ السلام سان پنهنجي ملاقات جو ذڪر ڪندي) فرمايو ته: ”هو وچوليقد جا سرخ ۽ سفيد رنگ جا ماڻهو هئا ۽ ايئن محسوس ٿي رهيو هو جو ڄڻ هاڻي جو هاڻي حمام مان نڪري اچي رهيا آهن“[1]

حضرت ابوهريره جو ئي بيان آهي ته: نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم حضرت عيسيٰ عليہ السلام جو ٻيهر هن دنيا ۾ تشريف آڻڻ جو بيان ڪندي فرمائين ٿا ته:

”...جڏهن (هو اچن ۽) توهان هن کي ڏسجو ته هيٺين علامتن کان هن کي سڃاڻجو.

هو وچولي قد جا هوندا، سرخ ۽ سفيد رنگ هوندو، گيڙو سان رڱيل ٻہ ڪپڙا هنن جي جسم تي هوندا. هنن جي مٿي کان پاڻي جا ٽيپا ٽِمندا محسوس ٿيندا، جيتوڻيڪ هنن کي پاڻيءَ جي تري ٻہ نہ پهتي هوندي...!“[2]

تفسير تبيان القرآن ۾ آهي ته:

”حضرت ابن عمر ﷺ بيان ڪن ٿا ته رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم فرمايو ته: مون خواب ۾ ڏٺو ته مان ڪعبي جو طواف ڪري رهيو آهيان. انهيءَ وقت مان سڌي وارن واري ڪڻڪ رنگي هڪ ماڻهو کي ڏٺو جنهن جي مٿي کان پاڻيءَ جا ڦڙا ٽمي رهيا هئا. مون پڇيو:

”هي ڪير آهي؟“

ماڻهن چيو: ”هي ابن مريم آهي.“[3]

اها نشاني حضرت عيسىٰ ع جي سڃاڻپ جي خاص نشاني آهي. ايئن محسوس ٿيندو ڄڻ سندن مٿي کان تيل ٽمي رهيو آهي. ڄڻ ته هاڻي جو هاڻي تازوئي سندن مسح ٿيل هجي. هنن سيني آيتن، حديثن ۽ روايتن جي روشني ۾ مسلمان حضرت عيسىٰ ع کي ئي مسيح سمجهندا ۽ سڏيندا آهن. پر انهيءَ جي ابتڙ انجيل جي مختلف نسخن ۾ حضرت عيسىٰ ع جي مسيح هجڻ جو انڪار ڪيو ويو آهي. انجيل برناباس ۾ آهي ته:

”سردار ڪاهنن پاڻ ۾ صلاح ڪئي هئي ته هن جي ڳالهين ۾ هن

---

1. احمد بن جنبل، ”مُسند احمد بن جنبل“ (اردو)، مترجم: محمد ظفر اقبال، مولانا، مڪتبہ رحمانيہ، اقراء سينٽر، غذني اسٽريٽ، اردو بازار، لاهور، جلد چهادم، ص 176، حديث نمبر 7776

2. ايضًا- جلد چهارم، ص 551، حديث نمبر 9259

3. سعيدي، غلام رسول، علامہ، ”تبيان القرآن“، فريد بوڪ اسٽال لاهور، الطبع الثالث عشر: جمادي الاول 1434هہ/ اپريل 2013ع، جلد دوم ص 164

کي ڦاسايون سو هنن لاوين ۽ ڪجھ فقيهن کي موڪليو تہ هن کان سوال ڪن تہ:

"تون ڪير آهين؟"

يسوع اقرار ڪيو ۽ سچي ڳالھ چئي: "مان مسيح نہ آهيان."

هنن چيو: "ڇا تون ايلياه يا يرمياه يا ڪوئي ٻيو قديم نبي آهين؟"

يسوع جواب ڏنو: "نہ."

پوءِ هنن چيو: "تون ڪير آهين؟ ٻڌاءِ تاڪہ جن اسان کي موڪليو آهي اسان انهن کي گواهي ڏيئي سگھون."

تڏهن يسوع چيو: "مان هڪ آواز آهيان جيڪا سموري يهوديہ ۾ پڪاري ٿي تہ خدواند جي رسول لاءِ راھ تيار ڪريو. جيئن يسعياه جي ڪتاب ۾ لکيل آهي."

هنن چيو: "جيڪڏهن تون مسيح نہ آهين . نہ ايلياه نہ ڪوئي نبي تہ تون نوان عقيدا ڇو سيکارين ٿو ۽ مسيح کان وڌيڪ پنهنجو چرچو ڪرائين ٿو؟"

يسوع جواب ڏنو: "جيڪي معجزا خدا منهنجي هٿ کان ڪرائي ٿو ان کان ظاهر آهي تہ مان اهوئي چوان ٿو جيڪا خدا جي مرضي آهي. نہ مان في الواقع پنهنجو پاڻ اهو چورايان ٿو جنهن جو تون ذڪر ڪرين ٿو. ڇو تہ مان انهيءَ لائق نہ آهيان جو خدا جي انهيءَ رسول جي جرابن جا بند يا جتين جا تسما کولي سگھان، جنهن کي توهان "مسيح" چئو ٿا، جيڪو مون کان پهرين ٺاهيو ويو ۽ مون کان بعد ايندو ۽ سچائي جو ڪلام آڻيندو جو هن جي دين جي انتها نہ هوندي."

لاوي ۽ فقيھ لاجواب ٿي ڪري هليا ويا ۽ سردار ڪاهنن کي سڀ ڪجھ چئي ٻڌايائون."[1]

ٻين انجيلن ۾ هي سڀ ڳالهيون حضرت يحیٰ عہ سان منسوب آهن. جيڪو اهي سڀ ڳالهيون يعني خداوند جو رسول وغيره حضرت عيسیٰ عہ کي سڏي ٿو ۽ انهيءَ بابت چوي ٿو تہ مان هن جو رستو ٺاهي رهيو آهيان يا مان هن جي جتين جي تسمن ڇوڙڻ لائق بہ نہ آهيان. تفصيل لاءِ ڏسو انجيل يوحنا 1:19 -27 ۽ يوحنا 5: 36 وغيره.

هنن سيني ڳالهين جي روشني ۾ ڏسبو تہ زبور 84 جون سڀ آيتون مڪي ۽ حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم ڏانهن اشارو ڪري رهيون آهن تہ هن جملي "پنهنجي مسح ڪيل جي منهن ڏانهن نهار" مان مراد بہ حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم ٿي سگھي ٿو ۽ انهيءَ جو مطلب هي ڪونہ ٿيندو تہ مسيح لقب حضرت

---

1. انجيل برناباس : 42

عيسىٰ عہ جو آهي تہ اهو مڪن نہ آهي، ڇو تہ اسان پڙهي آيا آهيون تہ مسح ڪرڻ يهودين ۾ عام هو ۽ هو هر بادشاهہ کي مسح ڪندا هئا. تہ انهيءَ جو مطلب اهو ڪونہ ٿيندو تہ اهي مسح ڪيل بادشاهہ "مسيح" ئي سڏجن. انهيءَ کان علاوه هو نبين کي ۽ وڏن پادرين کي بہ مسح ڪندا هئا. تہ اهڙيءَ طرح حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم کي بہ مسيح سڏجي سگهجي ٿو، جنهن ۾ ڪابہ قباحت نہ آهي.

ڇالاءِ جو تهنجيءَ درگاهہ ۾ هڪڙو ڏينهن هزار ڏينهن کان بهتر آهي. بڇڙن جي تنبن ۾ رهڻ کان مون کي پنهنجي خدا جي گهر جو دربان ٿيڻ پسند آهي.

هتي لفظ "خدا جو گهر" استعمال ٿيل آهي، يعني "الله جو گهر". عربي ۾ انهيءَ جو ترجمو ٿيندو "بيت الله". ڇوڻ جو مطلب تہ بيت الله ۾ گذاريل هڪڙو ڏينهن هزار ڏينهن کان بهتر آهي.

ذرا تصور ڪيو جيڪڏهن اها رات "ليلتہ القدر" جي رات هجي، جنهن جي باري ۾ قرآن ۾ چيل آهي تہ هي رات هزار مهينن کان بهتر آهي.[1] ۽ جيڪڏهن ڪنهن شخص کي اها رات بيت الله ۾ پوي تہ انهيءَ جو ڪاٿيتو ڇا بيهندو؟

ڇو جو خداوند خدا سج ۽ ڍال آهي: خداوند فضل ۽ جلال ٿو بخشي؛ جيڪي سچائي تي ٿا هلن تن کان هو ڪا بہ چڱي شيءِ روڪي ڪين رکندو.

ڪابہ شئي روڪي ڪين رکندو معني هر شئيءَ عنايت ڪندو. الله تبارڪ و تعالي جيترو فضل ۽ ڪرم حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم تي فرمايو ايترو فضل ۽ ڪرم بئي ڪنهن نبيءَ تي نہ فرمايو. قرآن شريف ۾ آهي تہ:

تِلْكَ الرُّسُلُ فَضَّلْنَا بَعْضَهُمْ عَلٰى بَعْضٍ.[2]

ترجمو: "اهي رسول آهن جن مان ڪن کي ڪن تي فضيلت ڏنيسون."

اَنْ يُّنَزِّلَ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ عَلٰى مَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ[3]

ترجمو: "الله پنهنجي بندن مان جنهن تي چاهي ٿو فضل ڪري ٿو."

اي لشڪرن جا خداوند، جنهن ماڻهوءَ جو ڀروسو توتي آهي سو مبارڪ آهي."

حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ

---

1. سورة القدر : 3
2. سورة البقره : 253
3. سورة البقره : 90

واصحابہ وسلم ئي اسان مسلمانن کي الله تي ڀروسي ڪرڻ جو درس ڏنو آهي.

توکلت علي الله (الله مٿان ئي منهنجو ڀروسو آهي)

هنن سڀني نتيجن کي نظر ۾ رکندي اهو يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ هي آيتون حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم بابت پيشنگوئين جي متعلق ئي آهن.

(11) خداوند جي حضور ۾ نئون گيت ڳايو

”خداوند جي حضور ۾ نئون گيت ڳايو: يا زمين جا سڀ رهاڪو، خداوند جي حضور ۾ گيت ڳايو.

خداوند جي حضور ۾ گيت ڳايو ۽ هنجي نالي کي مبارڪ چئو ۽ روزبروز سندس نجات جو بيان ڪريو.

قومن ۾ هنجو جلال ظاهر ڪريو ۽ سيني ماڻهن ۾ سندس عجيب ڪم جو بيان ڪريو

ڇالاءِ جو خداوند عظيم آهي ۽ تعريف جي لائق آهي: هو سيني معبودن کان وڌيڪ تعظيم جي لائق آهي.“[1]

تشريح

(الف) نئون گيت ڳايو

وليم ميڪڊونلڊ هنن آيتن جي تفسير ڪندي لکي ٿو ته:

”هي نئون گيت هڪ ترانو آهي. جيڪو ان وقت بلند ٿيندو جڏهن خداوند يسوع پنهنجي جلالي حڪومت کي شروع ڪرڻ لاءِ دنيا ۾ ايندو. هي نه صرف نئون گيت هوندو بلڪه عالمگير به هوندو. سموري دنيا جي ماڻهن جا آواز هن ۾ شامل ٿيندا. ماڻهو خداوند جي نالي کا مبارڪ چوندا ۽ هن جي نجات بخش قدرت جي مسلسل گواهي ڏيندا. هر روز هو ڪنهن نه ڪنهن کي ٻڌائيندا ته هو نجات ڏيندو آهي. جيڪو ڪجهه هو مستقبل ۾ ڪندا، اهو اسان کي هاڻي ڪرڻ کپي. يعني قومن ۾ هن جي جلال جو ۽ سيني ماڻهن ۾ هن جي عجائب جو بيان.“[2]

زبور جي باب 149 ۾ آهي ته:

”اوهين خداوند جي تعريف ڪريو، خداوند جي حضور ۾ نئون گيت ڳايو ۽ مقدسن جي جماعت ۾ سندس تعريف ڳايو.“[3]

هن باب جي آيتن جي تفسير ڪندي به وليم صاحب ساڳي ڳالهه ٿو دهرائي ته:

”هي سڀ ان وقت ٿيندو جڏهن يسوع دنيا ۾ واپس اچي حڪومت ڪندو جنهن لاءِ مدتن کان انتظار هيو.“[4]

---

1. زبور 96 : 1 ـ 4
2. ميڪڊونلڊ، وليم، ”تفسير الڪتاب“ (اردو)، (ايوب ـ زبور) مترجم: ڊي چند، سموئيل، بشپ، مسيحي اشاعت خانه، 36 فيروزپور روڊ، لاهور، 2016ع، ص 333 ـ 334
3. زبور 149 : 1
4. ميڪڊونلڊ، وليم، ”تفسير الڪتاب“ (اردو)، (ايوب ـ زبور) مترجم: ڊي چند، سموئيل، بشپ، مسيحي اشاعت خانه، 36 فيروزپور روڊ، لاهور، 2016ع، ص489

وليم صاحب پنهي آيتن ۾ ”نئون گيت“ مان توريت، زبور ۽ انجيل کان سواءِ ٻيو ڪو نئون ترانو مراد ورتي ٿو ۽ انهيءَ کي حضرت عيسىٰ ع جي اچڻ لاءِ مخصوص ڪري ٿو. جڏهن ته هن نئين تراني مان مراد قرآن کان علاوه ٻيو ڪو ڪلام ٿي نه ٿو سگهي.

چو ته اهو واحد ڪتاب آهي جيڪو ٻين سيني ڪتابن کي رد ٿو ڪري ۽ مختلف معاملن ۾ پنهنجو الڳ موقف ۽ طريقو بيان ٿو ڪري. چاهي اهو نماز جو طريقو هجي يا روزي جو طريقو هجي يا زڪوات جو مقدار يا شادي ۽ طلاق جا معاملا هجن، هي ٻين سيني ڪتابن کان الڳ پنهنجو موقف رکي ٿو. ورنه توريت کان بعد ايندڙ سڀ نبي صرف توريت جي وضاحت ڪندا رهندا هئا.

مولانا عنايت رسول عباسي چرياڪوٽي صاحب هنن آيتن جي وضاحت ڪندي لکن ٿا ته:

”هي قرآن جي نسبت خبر آهي، انهيءَ جي قرئت سموري دنيا جي واسطي نماز مقرر ٿيندي، فَاقْرَءُوْا مَا تَيَسَّرَ مِنَ الْقُرْاٰنِ.[1] جيڪڏهن هي خبر نسبت قرآن جي نه هجي ته پوءِ حاواش جي قيد فضول ٿي ويندي.

نئين تسبيح جيئن قرآن تي منطبق آهي اهڙي ڪنهن ڪتاب تي نه آهي. انجيل ۾ ته تسبيح مطلق نه آهي. صرف ڪجهه واعظ آهن. جيڪڏهن سليمان جي تسبيحن کي چئون ته اهي زبور جي مضمونن سان متقارب آهن ۽ زبان به اها ئي آهي ۽ قرآن جو جديد تسبيح هجڻ اظهر من الشمس (يعني سج وانگر روشن) آهي. واضح هجي ته حضرت موسي ع جي وقت ۾ نماز فرض نه هئي. توريت مان فرضيت صرف قرباني جي ثابت ٿئي ٿي. توريت جا احڪام اسان جي پيغمبر ﷺ جي بعثت تائين بدستور قائم رهيا. توريت ۾ هنن جي وڌائڻ خواه گهٽائڻ جي سخت ممانعت آهي. اصل نماز حمد باري تعالي آهي. بس هي حڪم ته سموري روءِ زمين تسبيح ڪن، هن کان مقصود اجراء نه آهي ۽ نه فرضيت صلوات مقصود آهي. نه ته حضرت دائود ع پنهنجي وقت ۾ جاري ڪن ها. بلڪ هي حڪايت آهي ڪنهن آئنده زماني جي. سو قرآن جو پڙهڻ حضور ﷺ جي وقت ۾ فرض ٿيو. قرآن ترجموشير آهي، قرآن علم نه آهي. اِنَّآ اَنْزَلْنٰهُ قُرْءٰنًا عَرَبِيًّا[2] جو لحاظ

---

1. ”بس جيترو آساني سان ٿي سگهي (اوترو) قرآن پڙهي وٺندا ڪيو.“ (سورة المزمل : 20)

2. ”اسان هن قرآن کي عربيءَ ۾ نازل ڪيو آهي.“ (سورة يوسف : 2)

ڪريو. يعني عربي پجن. قال الله تعالیٰ وَلَقَدْ اٰتَيْنٰكَ سَبْعًا مِّنَ الْمَثَانِيْ وَالْقُرْاٰنَ الْعَظِيْمَ[1]. مثاني جي معني گيت آهي. خصوصن ٽيپ جنهن کي بار بار ڳائيندا آهن.

آيت جي معني هي آهي ته ڏنو اسان توهان کي ستن آيتن جي ٽيپ ۽ وڏو گيت ۽ جيئن ته سوره فاتحہ کي نماز ۾ بار بار پڙهندا آهن، ته ان کي "سبع مثاني" سان تعبير ڪيائون. الغرض هن آيت ۾ نماز جي فرضيت ڏانهن اشارو آهي، جيڪو اسان جي پيغمبر جي زماني کان اڳي ڪونہ هئي."[2]

آخر ۾ اسان ڪتاب يسعياه مان ڪجھ آيتون پيش ڪريون ٿا، جيڪي صاف طور تي ظاهر ڪن ٿيون تہ انهيءَ "نئون گيت" مان مراد قرآن ۽ نئين شريعت کان سواءِ ٻيو ڪجھ بہ نہ آهي. يسعياه باب 42 ۾ آهي تہ:

"اوهين جي سمنڊ ڏانهن لهي ٿا وجو ۽ جيڪي منجهس آهيو، اي ٻيٽ ۽ انهي جا رهاڪو،خداوند جي لاءِ نئون گيت ڳايو ۽ زمين جي هڪڙي ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين سندس تعريف ڳايو. پلي تہ بيابان ۽ ان جا شهر ۽ قيدار جا آباد ڪيل ڳوٺ پنهنجو آواز مٿي ڪن. پلي تہ سلع جا رهاڪو ڳائين ۽ جبلن جي چوٽيءَ تان وڏي سڏ پڪارين."[3]

هتي نئون گيت جي نسبت بيابان، قيدار ۽ سلع جي رهاڪن سان بيان ڪرڻ مان چٽي نموني سمجھ ۾ اچي ٿو تہ هي عرب ۽ اتان جي رهاڪن جي ڳالھ آهي. هي قرآن ۽ محمد ۽ نئين شريعت جي ڳالھ آهي. (وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو "ڪوڙ ساريون خصوصيتون" ۽ "جيڪو رڻ پٽ مان سواري ڪري ٿو لنگهي تنهن لاءِ سڙڪ تيار ڪريو")

(ب) روزبروز سندس نجات بيان ڪريو

محترم عنايت رسول عباسي مطابق هي آذان ڏانهن اشارو آهي. انهيءَ ۾ روزانہ خدا جي نالي جي عظمت ۽ بشارت، فلاح ۽ نجات بيان ٿيندي آهي.[4]

روزانہ هر نماز ۾ چيو ويندو آهي:

حي علي الصلوات نماز ڏانهن اچو

---

1. "۽ اسان توهان کي ست (آيتون) جيڪي (نماز ۾) دهرائي پڙهيون وينديون آهن (يعني سوره الحمد) ۽ عظمت وارو قرآن عطا فرمايو آهي." (سورة الحجر : 87).
2. چرياڪوٽي، عباسي، عنايت رسول، مولانا، "بشري" (اردو)، شرواني پرنٽنگ پريس، علي ڳڙھ ،1357ھ ـ 1938ع، ص 175
3. يسعياه 42 : 10 ـ 11
4. چرياڪوٽي، عباسي، عنايت رسول، مولانا، "بشري" (اردو)، شرواني پرنٽنگ پريس، علي ڳڙھ ،1357ھـ 1938ع، ص 176

حي علي الفلاح فلاح (يعني نجات) ڏانهن اچو
حي علي خيرالعمل ڀلي ڪم ڏانهن اچو

اهي جملا ٻڌائين ٿا ته هي عمل ڪيڏو نه معزز ۽ مڪرم ۽ فلاح ۽ نجات ڏياريندڙ آهي.

(ت) محمد ﷺ

محترم عنايت رسول صاحب لفظ ”مهلال“جي معني: ”ستوده ـ محمود ـ محمد“ ڪئي آهي.

عربي لفظ ”محمد“ جي معني آهي: ”اهو جنهن جي تعريف ٿيل هجي“ يعني ”تعريف ٿيل“ ۽ سنڌي واري ”پراڻو عهدنامو“ ۾ هن آيت جو ترجمو ڪندي لفظ ”مهلال“ جو ترجمو ٿيل آهي ”تعريف جي لائق“ ۽ اشارو آهي الله جي ذات ڏانهن.

پر محترم عنايت رسول صاحب انهيءَ جي معني ڪن ٿا:

”بڑا ہے اللہ اور محمد قوی“[1]

يعني وڏو آهي الله ۽ محمد قوي.

”(يعني بيان ڪريو قبيلن ۾ هن جو جلال، سيني قومن ۾ هن جي عظمت ته الله وڏو آهي ۽ محمد ﷺ قوي آهي. سو آذان ۾ الله اڪبر پنج وقت پڙهيو ويندو آهي. ”أَشْهَدُ أَنْ لَا إِلٰهَ إِلَّا اللهُ وَأَشْهَدُ أَنَّ مُحَمَّدًا رَسُوْلُ اللهِ“ ڪان عظمت باري تعالي ۽ عظمت ان جي رسول جي ظاهر ٿئي ٿي.)“[2]

---

1. هن مان خبر پوي ٿي ته عيسائين طرفان بائيبل ۾ تحريفات روزانه جي بنياد تي جاري آهن.
2. چرياڪوٽي، عباسي، عنايت رسول، مولانا، ”بشري“ (اردو)، شرواني پرنٽنگ پريس، علي گڙهه ،1357هه_ 1938ع، ص 178

(12) ڪنڊ جو پٿر

”جنهن پٿر کي اڏيندڙن رد ڪري ڇڏيو سو ئي ڪنڊ جو پٿر يعني مک ڪيو ويو. هي خداوند جي طرفان ٿيو: ۽ اسان جي نظر ۾ عجيب آهي.“[1]

هڪ ڏينهن حضرت عيسىٰ ع بيت المقدس ۾ داخل ٿي تعليم ڏيڻ لڳو. اتي سردار، ڪاهن ۽ امت جا بزرگ وٽس آيا. هو مختلف مثال ڏيئي هنن کي سمجهائڻ لڳو. پر لڳي پيو ته هو سمجهي ڪونه رهيا هئا. تڏهن حضرت عيسىٰ ع مٿيون بيان نقل ڪندي فرمائين ٿا ته جيڪڏهن توهان نه سڌرندو ته هي امانت ان کي ڏني ويندي جيڪا ان جي اهل هوندي. هو فرمائين ٿا ته:

”اوهان ڪڏهن پاڪ ڪتاب ۾ نه پڙهيو آهي چا ته:

”جنهن پٿر کي اڏيندڙن رد ڪري ڇڏيو سوئي ڪنڊ جو سرو ڪيو ويو، هي خداوند جي طرفان ٿيو ۽ اسان جي نظر ۾ به عجب جهڙي ڳالهه آهي. تنهنڪري آئون اوهان کي چوان ٿو ته خدا جي بادشاهت اوهان کان کسي انهيءَ قوم کي ڏني ويندي، جا انهيءَ جو ڦل ڏيندي ۽ جيڪو انهيءَ پٿر تي ڪرندو سو پڃي پرزا پرزا ٿي پوندو. پر جنهن تي اهو ڪرندو تنهنکي چور چور ڪري ڇڏيندو.“[2]

حضرت عيسىٰ ع هتي واضح نموني فرمائي ٿو ته اها قيادت ۽ نبوت هنن کان کسجي ويندي ۽ اها ٻي قوم کي ملندي. هتي ”خدا جي بادشاهت“ مان مراد نبوت ۽ رسالت ئي آهي. چو ته ان وقت بني اسرائيل وارن جي بادشاهي ڪونه هئي جو ان بابت چيو وڃي ته هي ظاهري بادشاهي هن دنيا واري اوها کان کسي ويندي. بلڪ هي بادشاهي ”نبوت ۽ رسالت واري بادشاهي“ جي ڳالهه هئي. جنهن جو هو پاڻ کي اڪلوتو وارث سمجهندا هوا ۽ انهي زعم ۾ من مانيون ڪندا وتندا هوا ۽ سر عام الله جي نافرماني ڪندا وتندا هوا.

اها ڳالهه حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليه وعلي آله واصحابه وسلم هن ريت بيان فرمائي:

”منهنجي ۽ مون کان پهرئين انبياءَ جي مثال ان شخص وانگر آهي، جنهن هڪ گهر جوڙيو ۽ چا ته حسين ۽ جميل گهر جوڙيائين! ماڻهو انهيءَ گهر جي چوڌاري گهمي چوڻ لڳا ته اسان هن گهر کان سٺو ڪوبه

---

1. زبور 118 : 22 ـ 23

2. متي 22: 42-44، مرقس 12: 10-11، لوقا 20: 17-18)

گهر نہ ڏنو آهي. پر هن گهر ۾ هڪ سر نہ آهي سو مان اها سر آهيان."[1]

يسعياه نبيءَ انهي ڳالهہ کي هن ريت بيان فرمايو آهي:

"تنهن ڪري، خداوند خدا هيئن ٿو فرمائي تہ آءٌ صيون ۾ بنياد جي لاءِ هڪڙو پٿر ٿو رکان، اهو آزمايل پٿر ۽ پڪي بنياد جو ڪنڊ جي سري وارو قيمتي پٿر آهي."[2]

(وڌيڪ تشريح لاءِ ڏسو پيشنگوئي نمبر 17 "ڪنڊ جي سري وارو قيمتي پٿر")

---

1. (i) القشيري نيشاپوري، مسلم بن حجاج بن مسلم، ابي الحسين. الامام، "صحيح مسلم شريف(اردو)"، مترجم: وحيد الزمان، علامہ، اسلامي ڪتب خانہ،اردو بازار لاهور، جلد ششم، ص 21.

(ii) احمد بن حنبل، "مسند احمد بن حنبل" (اردو)، مڪتبہ رحمانيہ، لاهور، جلد 4، ص97_98

2. يسعياه 28 : 16

(13) وات ۾ خداوند جي تعريف، هٿن ۾ ٻه ڌاري ترار

”اوهين خداوند جي تعريف ڪريو، خداوند جي حضور ۾ نئون گيت ڳايو ۽ مقدسن جي جماعت ۾ سندس تعريف ڳايو. پلي ته اسرائيل پنهنجي خالق ۾ خوش رهي: ۽ بني صيون پنهنجي بادشاهه ۾ سرها ٿين. پلي ته اهي نچندي هنجي نالي جي تعريف ڪن: ۽ هنجي حضور ۾ دف ۽ بربط وڄائي تعريف ڳائين. ڇالاءِ جو خداوند پنهنجيءَ امت کان راضي آهي: هو نماڻن کي نجات سان سينگاريندو. پلي ته مقدس جلال جي ڪري خوش ٿين: ۽ هو پنهنجن هنڌن تي خوشيءَ جا گيت ڳائين. پلي ته انهن جي وات ۾ خداوند جي وڏي تعريف هجي ۽ سندس هٿن ۾ ٻه ڌاري ترار هجي: ته قومن کان وير وٺن ۽ ماڻهن کي سزا ڏين.انهن جي بادشاهن کي زنجيرن سان ٻڌن ۽ سندن اميرن کي زنجير وجهن. انهن تي لکيل فيصلي جي تعميل ڪن: اها عزت هنجي سيني مقدسن لاءِ آهي. اوهين خداوند جي تعريف ڪريو.“[1]

تشريح

(الف) خداوند جي تعريف

زبور الله تبارڪ وتعالي جي تعريف ۽ مناجات سان پرپور آهي. پراڻي عهد نامي جي ٻين ڪتابن ۾ به الله جي تعريف ٿيل آهي. الله جي سچي دين جي شروعات ئي الله جي تعريف سان آهي. هر دعا جي ابتدا الله جي تعريف سان ڪئي ويندي آهي. ٻيون سڀ ڳالهيون بعد جون هونديون آهن. الله تبارڪ وتعالي جي تعريف کان سوا هر دعا اڌوري هوندي آهي. قرآن شريف ۾ به ابتدا الله جي نالي سان ۽ الله جي تعريف سان ٿيل آهي:

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ (شروع الله جي نالي سان جيڪو وڏو مهربان ۽ نهايت ٻاجهارو آهي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۙ.[2] (سڀ تعريفون الله لاءِ آهن جيڪو سيني جهانن جو پالڻهار آهي)

(ب) خداوند جي حضور ۾ نئون گيت ڳايو

هن جي باري ۾ اسان تفصيلي بحث هيٺين پيشنگوئين ۾ ڪري

---

1. زبور 149 : 1 - 9
2. سورة الفاتحہ : 1

چڪا آهيون:

(i) پيشنگوئي نمبر 8 ”جيڪو رڻ پٽ مان سواري ڪري ٿو لنگهي تنهن لاءِ سڙڪ تيار ڪريو.“

(ii) پيشنگوئي نمبر 11 ”خداوند جي حضور ۾ نئون گيت ڳايو.“

(iii) پيشنگوئي نمبر 27 ”ڪوڙ ساريون خصوصيتون.“

(ت) جماعت ۾ تعريف ڳايو

روزانه نماز ۾ پنج دفعا باجماعت الله تبارڪ وتعالي جي تعريف جهڙي نموني مسلمان ڪندا آهن، انهيءَ جو مثال ڪو دين، ڪو مذهب، ڪو مڪتب فڪر نه ٿو ڏئي سگهي. هي مسلمانن جي ڪليل علامت بيان ڪئي وئي آهي.

(ث) اسرائيل پنهنجي خالق ۾ خوش رهي

عباسي صاحب هن آيت جي تشريح ڪندي لکي ٿو ته:

”حضرت دائود ع خبر ڏين ٿا ته ڪنهن بادشاهه جي جيڪو بني اسرائيل جو معاون ٿيندو. يعني دين خدا پرستي کي طاقت ڏيندو ۽ بت پرستن جي هٿان ان قوم کي بچائيندو. چو ته هو خدا جي طرفان هوندو. انهيءَ ڪري خدا کان خوش هجڻ کي يعني شڪرگذاري کي بيان ڪن ٿا. ”בְּכָבוֹד“ اوريني صيون کان مراد عرب ٿي سگهن ٿا، جو ته خشڪ زمين کي به چوندا آهن، جيئن مٿي گذري چڪو آهي.“[1]

(ج) وات ۾ خدا جي تعريف ۽ هٿن ۾ به ڌاري ترار

هي نشاني خالص طور تي مسلمانن جي آهي. جيڪي الله جي حمد ۽ تعريف ڪندا ۽ نماز ۽ قرآن به پڙهندا رهندا آهن ته جهاد ۾ به مشغول رهندا آهن. هيءَ علامت ٻي ڪنهن به قوم، قبيلي ۽ ملت ۾ نه ٿي ملي.

بقايا صفتون به مسلمانن جون بيان ٿيل آهن.

---

1. چرياڪوٽي، عباسي، عنايت رسول، مولانا، ”بشري“ (اردو)، شرواني پرنٽنگ پريس، علي ڳڙهه، 1357هه ـ 1938ع، ص 181_182

ڪتاب راڳن جو راڳ جو تعارف

پروٽيسٽنٽ چرچ (Protestant Church) مطابق پراڻو عهدنامون 39 ڪتابن جو مجموعو آهي. ڪيٿولڪ چرچ (Catholic Church) مطابق پراڻي عهدنامي ۾ 45 ڪتاب آهن. ڪتاب ”راڳن جو راڳ“ ٻنهي مجموعن ۾ موجود آهي. اردو ۾ انهي کي ”غزل الغزلات“ چيو ويندو آهي، انگريزيءَ ۾ ”سانگ آف سانگس“ (Song of Songs) يا ”سانگ آف سولومن“ (Song of Solomon) بہ چيو ويندو آهي. لفظ سانگ آف سولومن (Song of Solomon) مان صاف ظاهر آهي تہ هو هن ڪتاب کي حضرت سليمان عہ جي تصنيف ڪري مڃيندا آهن.

پراڻي عهد نامي ۾ حضرت سليمان عہ جي باري ۾ لکيل آهي تہ:

”هن ٽي هزار مثل چيا؛ ۽ هنجا گيت هڪ هزار ۽ پنج هئا.“[1]

پر ڪتاب ”راڳن جو راڳ“ جي نالي ڪان ئي خبر پوي ٿي تہ هن جيترا بہ گيت ڳايا چيا هجن، هي انهن سڀني کان عمد و ۽ اعلي درجي وارو آهي. وليم ميڪڊونلڊ لکي ٿو تہ:

”راڳن جو راڳ (اردو ۾ غزل الغزلات) عبرانيءَ ۾ ان محاوري جو ترجمو آهي جنهن جو مطلب آهي ”انتهائي نفيس ۽ لطيف نغمو.“ يهودي Midrash (عهد عتيق تي لکيل قديم يهودي تحريرن جو مجموعو) ۾ هن کي ”نغمن ۾ نهايت قابل تعريف ، نهايت عمدو ۽ اعلي ۽ وڏو قيمتي“ قرار ڏنو ويو آهي.[2]

(الف) ڪتاب جو موضوع

الهامي ڪتابن جو موضوع يا مقصد ڇا هجڻ ڪپي؟ ان بابت اسان کي پولس رسول ٻڌائي ٿو تہ:

”هر ڪا لکيت جا خدا جي الهام سان آهي سا تعليم، ڏوراپي ۽ سڌاري ۽ رستبازيءَ جي سيکارڻ لاءِ فائدي واري آهي.“[3]

پر مسئلو هي آهي تہ ڪتاب راڳن جو راڳ مٿين ڪسوٽيءَ تي پورو نہ ٿو لهي. توهان کي تہ ڪتاب ۾ عشقيہ شاعري ڪان سواءِ ٻيو ڪجھ هٿ حاصل ئي نہ ٿو ٿئي. وري ٻئي طرف ڏنو وڃي تہ هن ڪتاب کي

---

1. 1 ـ بادشاه 4 : 32

2. ميڪڊونلڊ، وليم، ”تفسيرالڪتاب“ (امثال ـ غزل الغزلات) (اردو)، مترجم: ڊي چند، سيموئيل، بشپ ۽ شيموئيل جيڪب، مسيحي اشاعت خانہ 36 فيروزپور روڊ، لاهور، 2016ع، ص245

3. تيمٿيس 3 : 16

الهامي ڪتابن جي لسٽ ۾ شامل ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن توهان هن کي الهامي ڪتاب نہ ٿا مڃو تہ پوءِ عهدنامي ۾ هن کي ڪيئن شامل ڪري سگهو ٿا؟ پراڻي يا نئين عهد نامي ۾ عشقيہ ڪهاڻين لاءِ ڪهڙي گنجائش آهي؟

وليم ميڪڊونلڊ لکي ٿو تہ:

”سمجهڻ جي لحاظ کان ”راڳن جو راڳ“ کي بائيبل مقدس جو مشڪل ترين ڪتاب خيال ڪيو ويندو آهي.

فرانزق ڊيلٽزق لکي ٿو تہ:

”راڳن جو راڳ ، پراڻي عهدنامي جو مبهم ترين ڪتاب آهي.“

جيڪڏهن توهان کي شاعري ، عشق ۽ فطرت سان لڳاءُ ۽ شغف آهي تہ توهان لاءِ هن ڪتاب کي سمجهڻ مشڪل نہ ٿيندو. پر سوال هي آهي تہ هي ڪتاب آهي ڇا ۽ هن جو مطلب ڇا آهي؟“[1]

صدين کان بعد بہ هن ڪتاب جي صحيح ۽ تسلي بخش وضاحت نہ ٿي سگهي آهي. ڇو تہ يهودي توڙي عيسائي عالم حقيقت کي تسليم ڪرڻ لاءِ نہ اڳ تيار هئا ۽ نہ ئي وري هاڻي تيار آهن.

(ب) راڳن جو راڳ جون پيشنگوئيون حضرت عيسىٰ ع لاءِ

يا

حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ و علي آلہ واصحابہ وسلم لاءِ ؟

اسان مسلمانن جو موقف آهي تہ هن ڪتاب ۾ حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم، مڪي، آبزمزم ۽ حجراسود وغيره جي باري ۾ پيشنگوئيون آهن تہ عيسائي حضرات هڪدم ڦري ڇون ٿا تہ:

”راڳن جي راڳ ۾ ڪابہ پيشنگوئي ڪونہ آهي. هي تہ هڪ عام عشقيہ ڪلام آهي. توهان هنن آيتن جو اڳ پٺ پڙهي ڏسو. هن ۾ محمد صہ تہ ڪنهن بہ صورت ۾ فٽ نہ ٿو ويهي.“

نيڪ آهي ڳهڙي ڪن لاءِ اسان ڪڻي مڃون ٿا تہ هن ۾ ڪا بہ پيشنگوئي نہ آهي ۽ هن ۾ حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم ڪنهن بہ صورت ۾ فٽ نہ ٿو ويهي. پر اچو تہ ڏسون تہ توهان جا عالم سڳورا ڇا ٿا چون؟

وليم ميڪڊونلڊ لکي ٿو تہ:

”مسيحي حلقن ۾ هن ڪتاب جي تشريح هيئن ڪئي وڃي ٿي تہ

---

1. ميڪڊونلڊ، وليم، ”تفسيرالڪتاب“ (امثال ـ غزل الغزلات) (اردو)، مترجم: ڊي چند، سيموئيل، بشپ ۽ شيموئيل جيڪب، مسيحي اشاعت خانہ 36 فيروزپور روڊ، لاهور، 2016ع، ص245

هي پنهنجي ڪنوار يعني ڪليسا لاءِ مسيح جو محبت جو بيان آهي. انهيءَ تشريح جي مطابق سليمان مسيح جي مثل آهي ۽ شولميت ڪليسا جي مثل آهي. تنهن هوندي به پاڪ ڪلام جو توجهه سان مطالعو ڪرڻ وارو تمام جلد معلوم ڪري وٺي ٿو ته هي هن ڪتاب جي بنيادي ۽ اولين تشريح نه ٿي سگهي ٿي. ڇو ته ڪيلسا هڪ ”راز“ هو. جيڪو مڪاشفي جو مطابق ازل کان لڪل رهيو ۽ نئين عهدنامي جي رسولن ۽ نبين جي زماني ۾ ظاهر ٿيو. (رومين 21: 25، 62: افسين 3: 9)[1] شايد ئي ڪو مسيحي انڪار ڪري هن نغمي مان ڪليسا جي لاءِ مسيح جي محبت جي خوبصورت تصوير پيش ڪئي وئي آهي. پر هي هن ڪتاب جي تفسير نه آهي. بلڪ اطلاق آهي. هن ڪتاب جي بنيادي تفسير يهوواه ۽ اسرائيلي قوم جي حوالي سان ٿيڻ کپي.“[2]

پائرو! هي ڪهڙو انصاف آهي؟

جيڪڏهن اسان راڳن جو راڳ جي آيتن متعلق چئون ٿا ته هي آيتون حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليه وعلي آله واصحابه وسلم متعلق آهن. توهان بنا ڪنهن هٻڪ جي چئو ٿا ته هن ۾ ته ڪابه پيشنگوئي ڪانه آهي ۽ هي ته هڪ عشقيه ڪلام آهي.

پر وري توهان ئي ماڻهو پنهنجي دين جي تبليغ ڪندي انهن آيتن کي حضرت عيسىٰ ع جي ڪليسا لاءِ عشق طور فٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيو. حالانڪ توهان جي بيان مان ئي اندازو ٿي وڃي ٿو ته توهان غلط بياني ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيو.

(ت) قرآن شريف جو بيان

قرآن شريف اسان کي ٻڌائي ٿو ته حضرت عيسىٰ ع يهودين کي حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليه وعلي آله واصحابه وسلم جي اچڻ بابت باقائدي سندس نالو کڻي پيشنگوئي فرمائي آهي. سورة الصف ۾ آهي ته:

وَاِذْ قَالَ عِيْسَى ابْنُ مَرْيَمَ يٰبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ اِنِّيْ رَسُوْلُ اللّٰهِ اِلَيْكُمْ مُّصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيَّ مِنَ التَّوْرٰىةِ وَ

---

1. ”هاڻي جو راز ازل کان وٺي پوشيده رکيو ويو هو ۽ هاڻي ازلي خدا جي حڪم موجب نبين جي لکيت جي وسيلي، سڀني قومن تي پڌرو ڪيو ويو آهي، انهيءَ لاءِ ته هو ايمان جا تابعدار ٿين. تنهن راز جي ظاهر ٿيڻ موجب خدا منهنجي خوشخبري، يعني يسوع مسيح جي بابت جيڪا منادي ٿي آهي، تنهن ۾ اوهان کي مضبوط ڪري.“ (رومين 16:25_26)
”۽ سڀني ماڻهن تي اها ڳالهه ظاهر ڪريان، ته سڀني شين جي خالق ۾ ازل کان جو راز پوشيده هو، تنهن جو انتظام ڪهڙو آهي.“ (افسين 3:9)

2. ميڪڊونلڊ، وليم، ”تفسيرالڪتاب“ (امثال ـ غزل الغزلات) (اردو)، مترجم: ڊي چند، سيموئيل، بشپ ۽ شيموئيل جيڪب، مسيحي اشاعت خانه 36 فيروزپور روڊ، لاهور، 2016ع، ص245

مُبَشِّرًا بِرَسُوْلٍ يَّاْتِيْ مِنْۢ بَعْدِي اسْمُهٗٓ اَحْمَدُ ؕ فَلَمَّا جَآءَهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ قَالُوْا هٰذَا سِحْرٌ مُّبِيْنٌ. [1]

ترجمو: ”۽ (اهو وقت يادڪر) جڏهن عيسي پٽ مريم جي چيو ته: اي بني اسرائيلو! بيشڪ آءٌ اوهان ڏانهن الله جو موڪليل آهيان. جيڪو توريت منهنجي اڳيان آهي تنهنجو سچو ڪندڙ آهيان ۽ هڪ اهڙي پيغمبر جي خوشخبري ڏيندڙ آهيان جو مون کان پوءِ ايندو. جنهن جو نالو احمد هوندو. پوءِ جنهن مهل اهو چٽن معجزن سان وٽن آيو ته چيائون ته هي پڌرو جادو آهي.“

يا وري الله تبارڪ وتعالي يهودين جي باري ۾ چوي ٿو ته هي حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم کي پنهنجي پٽن وانگر سڃاڻين ٿا. سورة البقره ۾ آهي:

اَلَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ يَعْرِفُوْنَهٗ كَمَا يَعْرِفُوْنَ اَبْنَآءَهُمْ ؕ وَ اِنَّ فَرِيْقًا مِّنْهُمْ لَيَكْتُمُوْنَ الْحَقَّ وَ هُمْ يَعْلَمُوْنَ. [2]

ترجمو: ”جن کي ڪتاب ڏنو سون سي هن کي ائين سڃاڻيندا آهن جيئن پنهنجن پٽن کي سڃاڻيندا آهن ۽ منجهائن ڪا ٽولي ڄاڻو هوندي بيشڪ سچ کي لڪائيندي آهي.“

سورة الانعام ۾ آهي ته:

اَلَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ يَعْرِفُوْنَهٗ كَمَا يَعْرِفُوْنَ اَبْنَآءَهُمْ ۘ اَلَّذِيْنَ خَسِرُوْٓا اَنْفُسَهُمْ فَهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ [3]

ترجمو: ”جن کي ڪتاب ڏنوسون سي ان (پيغمبر) کي اهڙيءَ طرح سڃاڻيندا آهن، جهڙيءَ طرح پنهنجن پٽن کي سڃاڻيندا آهن. جن پاڻ کي ڇيئي ۾ وڌو سي ايمان نه آڻيندا.“

مٿين آيتن تي بحث ڪرڻ جا گهڻا پهلو آهن. جيڪڏهن الله تبارڪ وتعالي جي توفيق شامل حال رهي ته انهيءَ تي بحث هن باب جي مقدمي ۾ ڪيو ويندو.

هتي اهو ٻڌائڻ مقصود آهي ته هڪ مسلمان لاءِ اها ڳالهه ڪافي هوندي آهي ته اها قرآن شريف ۾ بيان ٿيل آهي. قرآن جي تصديق لاءِ ٻاهرين شهادتن جي مسلمانن کي ضرورت نه هوندي آهي. بلڪ ٻاهرين ڳالهين جي تصديق قرآن ذريعي ڪئي ويندي آهي.

هاڻي جڏهن قرآن ۾ لکيل آهي ته حضرت عيسىٰ ع يهودين کي حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جو نالو ڪٺي سندن بابت پيشنگوئي ڪئي هئي ۽ اهل ڪتاب حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ

---

1. سورة الصف: 6
2. سورة البقره: 146
3. سورة الانعام: 20

وسلم جون نشانيون ايتريون واضح پنهنجي ڪتاب ۾ لکيل ڏسندا آهن جو هو ڪين پٽن وانگر سڃاڻيندا آهن؛ يعني جيئن پٽن جي سڃاڻپ ۾ ڪاغلطي نہ ٿي سگهي ٿي اهڙيءَ طرح ڪين حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي سڃاڻپ ۾ ڪين غلطي نہ ٿي سگهي ٿي. پوءِ اسان کي قرآن ئي ٻڌائي ٿو تہ هنن جو علم وارو ٿولو ڄاڻي واڻي اها ڳالهہ لڪائي ٿو.

مٿين ڳالهين کي نظر ۾ رکندي اسان مسلمان جڏهن بائيبل جو مطالعو ڪريون ٿا تہ اسان کي موجوده بائيبل ۾ ٻين ڪيترن ئي پيشنگوئين ۽ نشانين کان سواءِ چار جايون اهڙيون آهن جتي حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جو نالو کڻي پيشنگوئي ٿيل نظر اچي ٿو.

هڪ تہ هيءَ جاءِ آهي يعني راڳن جو راڳ 5: 16 ۾ ۽ ٻي جاءِ انجيل يوحنا باب 16: 7 ۾ جتي عبرانيءَ ۾ لفظ "فارقليط" استعمال ٿيل آهي. انجيل يوحنا جي پيشنگوئي ۽ ان جو تفصيل پنهنجي جاءِ تي جلد1 جي ٻئي حصي ۾ پيش ڪيو ويندو. ٽين جاءِ حجي 2 : 7 ۾ جتي لفظ "حمدا" آيل آهي جنهن جي معني "احمد" آهي. انهيءَ تي تفصيلي بحث هن ئي جلد ۾ ڪيو ويو آهي. چوٿين جاءِ زبور 96 : 4 آهي (صفحو نمبر231) جتي لفظ "مهلال" استعمال ٿيل آهي. محترم عنايت رسول صاحب لفظ "مهلال"جي معني: "ستوده ـ محمود ـ محمد" ڪئي آهي.

(14) محمديم

”هن جو وات تمام منو آهي؛ هائو هو بلڪل وٹندڙ آهي: اي يروشلم جون ڌيئون، اهو آهي منهنجو محبوب ۽ اهو آهي منهنجو دوست.“[1]

عبرانيءَ ۾ اهو هيئن لکيل آهي:

Hebrew Word	Pronunciation	English Meaning.
חִכּוֹ	hik-kōw	His mouth (is)
מַֽמְתַקִּ֔ים	mam-taq-qîm,	most sweet
וְכֻלּ֖וֹ	wə-kul-lōw	and yes he (is) altogether
מַחֲמַדִּ֑ים	ma-hă-mad-dîm;	lovely
זֶ֤ה	zeh	This (is)
דוֹדִי֙	dō-w-ḏî	my beloved
וְזֶ֣ה	wə-zeh	and this (is)
רֵעִ֔י	rê-'î,	my friend
בְּנ֖וֹת	bə-nō-wt	daughters
יְרוּשָׁלִָֽם׃	yə-rū-šā-lim.	Of Jerusalem

So it is translated in English (according to King James Version) as:

“His mouth is most sweet: yea, he is altogether lovely. This is my beloved, and this is my friend, O' daughters of Jerusalem.”

اڄڪلهه بائيبل جا جيڪي مروج نسخا آهن، انهن ۾ جيڪو ”پراڻو عهدنامو“ آهي سو عبراني ۽ آرامي زبان کان ترجمو ٿيل آهن، ”نئون عهدنامو“ يوناني زبان کان ترجمو ٿيل آهن ۽ ”اپوڪرائيفا“ يوناني ۽ لاطيني زبان کان ترجمو ٿيل آهن.

---

1. راڳن جو راڳ 5 : 16

(الف) لفظ محمد صہ

مسلمان عالمن جو چوڻ آهي تہ راڳن جو راڳ جي باب 5 آيت 16 ۾ حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جو نالو "**محمد**" آيل آهي: جيڪو عبرانيءَ ۾ لفظ "**محمدم**" (Muhammadim) جو اچار ڏئي ٿو ۽ انهيءَ ۾ "**ام**" (im) جمع جو صيغو آهي، پر هتي اهو احترامن استعمال ٿيل آهي. جيئن عبرانيءَ ۾ الله کي "**ايلوه**" (Eloh) چئبو آهي، پر احترامن "**ايلوهم**" (Elohim) استعمال ڪيو ويندو آهي. جنهن جو مطلب جمع جي حساب سان هڪ کان وڌيڪ الله نہ آهي. بلڪہ هتي احترام طور استعمال ٿيل آهي. عربي، اردو، سنڌي تقريبا سيني ايشيائي ٻولين ۾ جمع جا بہ صيغا هوندا آهن. هڪ احترام لاءِ ۽ هڪ تعداد لاءِ. جيئن اسان ڪنهن بزرگ کان جيتوڻيڪ هو اڪيلو هوندو آهي تہ بہ هيئن پڇندا آهيون تہ:

"توهان خوش آهيو؟"

تہ هتي توهان جو مطلب اهو ڪونہ ٿيندو تہ "تون ۽ تنهنجا غائب ساٿي." قرآن شريف ۾ بہ اسان ڏسون ٿا تہ الله تبارڪ وتعالي پاڻ لاءِ جمع جو صيغو استعمال ڪيو آهي.مثال طور هيٺيون آيتون ملاحظہ فرمايو:

إِنَّآ أَنزَلْنَٰهُ فِى لَيْلَةِ ٱلْقَدْرِ ۞.[1]

"بيشڪ اسان هن کي قدر واري رات ۾ لاٿو."

إِنَّآ أَعْطَيْنَٰكَ ٱلْكَوْثَرَ ۞.[2]

"بيشڪ اسان توهان کي ڪوثر عطا ڪيو."

اهڙي طرح بائيبل ۾ بہ عبرانيءَ ۾ خدا لاءِ ايلوهم استعمال ٿيل آهي. انٽرنيٽ تي ڪتاب پيدائش 1:1 جو ترجمو پيش ٿيل آهي.

عبراني لفظ	اچار	انگريزي ۾ ترجمو
בְּרֵאשִׁית	be_re_sit	in the beginning
בָּרָא	ba-ra	created
אֱלֹהִים	e-lo-him	God
אֵת	-------	--------
הַשָּׁמַיִם	has-sa-ma-yim	the heavens
וְאֵת	we-et	and
הָאָרֶץ׃	ha-a-res	the earth

1. سورة القدر : 1
2. سورة الكوثر : 1

هن آيت ۾ لفظ ”ايلوهم“ (Elohim) بہ جمع صيغو آهي تہ لفظ ”هسمايم“ (hassamayim) بہ جمع جو صيغو آهي. پر توهان ڏسندؤ تہ انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪندي ”ايلوهم“ (Elohim) جو ترجمو ”گاڊ“ (God) يعني هڪ خدا ڪيو ويو آهي، ”گاڊس“ (gods) يعني هڪ کان وڌيڪ خدا نہ ڪيو ويو آهي. جڏهن تہ لفظ ”هسمايم“ (hassamayim) جو ترجمو ”دي هيونس“ (the heavens) يعني هڪ کان وڌيڪ آسمان ڪيو ويو آهي يعني هتي جمع جو صيغو تعداد لاءِ استعمال ڪيو ويو آهي.

يعني عيسائين کي پورو پورو اندازو هو تہ لفظ ۾ ”ام“ (im) ڪٿي احترام لاءِ استعمال ٿيل آهي ۽ ڪٿي تعداد لاءِ استعمال ٿيل آهي.

پر حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي نالي جي باري ۾ هنن انهيءَ احتياط کان ڪم نہ ورتو ۽ نالي جو ترجمو ڪرڻ شروع ڪيائون. هنن اهو لحاظ ئي نہ رکيو تہ هن ۾ جمع جو صيغو ”ام“ (im) احترام لاءِ استعمال ٿيل آهي. تنهن ڪري ، هن جو تہ ترجمو ئي نہ ڪرڻ کپي. پر هو هن لفظ جو ترجمو ڪري رهيا آهن.

هنن عيسائين انگريزيءَ ۾ هن لفظ جو ترجمو ڪيو آهي ”آلٽوگيدرلولي“ (altogather lovely)، سنڌيءَ ۾ ”بلڪل وڻندڙ“ ۽ اردوءَ ۾ انهيءَ جو ترجمو ”سراپا عشق انگيز“ ڪيو اٿن. اهڙيءَ طرح انهن هر زبان ۽ هر ٻوليءَ ۾ انهيءَ لفظ جو ترجمو ڪيو آهي. ايتري تائين جو انگريزيءَ جي مختلف نسخن ۾ انهيءَ جو مختلف ترجمو ڪيو ويو آهي. ڪن نسخن ۾ اوهان کي انهيءَ لفظ جو ترجمو ملندو ”دي پريزڊ ون“ (The praised one). جيتوڻيڪ هي ترجمو لفظ محمد ﷺ جو صحيح ترجمو آهي، پر تنهن هوندي بہ جيڪڏهن ڪو شخص ڪتاب ۾ لفظ ”دي پريزڊ ون“ (The praised one) ڪٿي هزار دفعا بہ پڙهي تہ بہ هن کي خبر نہ پوندي تہ هي تہ حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جو نالو آهي ۽ ائين ئي ٿي رهيو آهي. چو تہ عيسائي هجن توڙي يهودي، هن لفظ جو ترجمو ”دي پريزڊ ون“(The praised one) مان مراد حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم کي وٺڻ لاءِ تيار ئي نہ آهن. بس الله جو شڪر آهي تہ لفظ محمدم (Muhammadim) هن وقت بہ عبراني جي نسخن ۾ پنهنجي اصلوکي حالت ۾ موجود آهي. عيسائي حضرات مٿين آيت جو عربي ترجمو هيئن ڪندا آهن:

فِي الْبَدْءِ خَلَقَ اللّٰهُ السَّمٰوٰتِ وَالاَرْضَ.[1]

(ب) ڪجھ اعتراضن جا جواب

(i) لفظ "محمديم" (Muhammadim) ٻين جڳھن تي بہ ستعمال ٿيل آهي:

لفظ "**محمدم**" يا "**محمديم**" (Muhammadim) صرف هن ڪتاب "راڳن جي راڳ" جي هن آيت ۾ آيل آهي. پر انهيءَ ڳالھ کي مشتبہ بڻائڻ لاءِ عيسائي حضرات چوڻ لڳندا آهن تہ هي لفظ ٻين جڳھن تي بہ استعمال ٿيل آهي ۽ اتي هن مان مراد "**محمد**" ڪنهن بہ صورت ۾ ونجي نہ ٿو سگھجي.

ڪتاب "ميثاق النبيين" ۾ ڪلڪتي جي اخبار "ايپي فيني" جي نامہ نگار جي حوالي سان بيان آهي تہ:

"لفظ "**محمديم**" بائيبل جي ٻين بہ ڪيترن ئي جڳھن تي آيو آهي ۽ هن جي معني محبوب ۽ مطلوب شيون آهن. حوالي لاءِ ڏسو عبراني بائيبل ڪتاب حزقيل 16:24 ۽ 1-بادشاھ 6:20."[2]

انهيءَ جو جواب ڏيندي ميثاق النبيين وارو لکي ٿو تہ:

"نامہ نگار "ايپي فيني" جو اهو اعتراض خالي فريب آهي. لفظ "محمديم" زير بحث آيت کان علاوه سڄي بائيبل ۾ ڪٿي بہ موجود نہ آهي حزقيل 16:24 ۽ 1-بادشاھ 6:20 ۾ تہ لفظ "محيمد" آهي. خبر نہ آهي تہ مسيحي نامہ نگار هي صريح غلط بياني ڇو ڪئي آهي."[3]

اچو تہ ڏسون تہ انٽرنيٽ تي اهي لفظ ڪيئن لکيل آهن.

ڪتاب جو نالو	عبراني لفظ	اچار	انگريزيءَ ۾ معني
حزقيل 16 : 24		mah-mad	the desire
1-بادشاھ 6 : 20		mah-mad	is pleasant
راڳن جو راڳ 5 : 16		ma-ha-mad-dim	Lovely

1. پيدائش 1 : 1
2. وديارٿي، عبدالحق، "ميثاق النبيين" (اردو)، دارالاشاعت ڪتب اسلاميہ، 17 ـ مولانا آزاد روڊ، جيڪب سرڪل، بمبئي 11، ص 384
3. ايضا ـ ص 385

انصاف پسند شخص خود ئي اعتراف ڪندو تہ هنن آيتن ۾ لفظ مختلف آهن. ٻي ڳالھ تہ هتي ساڳي ئي لفظ ”מַחְמַ□ד“ جو انگريزيءَ ۾ ترجمو حزقيل 16:24 ۾ ”the desire“ ڪيو ويو آهي ۽ 1-بادشاھ 6:20 ۾ ”is pleasant“ ڪيو ويو آهي. بحرحال ميثاق النبيين واري جي مطابق انهيءَ لفظ ”מַחְמַ□ד“ جو اچار ”محيمد“ آهي جڏهن تہ ”راڳن جو راڳ“ ۾ استعمال ٿيل عبرانيءَ جي لفظ ”מַחֲמַדִּ□ים“ جو اچار ”محمديم“ آهي.

(ii) ٻيو اعتراض: اسم عام اسم خاص

ٻي ڳالھ جيڪا ”ميثاق النبيين“ ۾ بيان ٿيل آهي ، اها هي تہ اخبار ”ايپي فيني“ جي نامہ نگار هڪ اعتراض اهو ڪيو آهي تہ هن آيت ۾ لفظ ”محمديم“ اسم عام (Common Noun) آهي، اسم خاص (Proper Noun) نہ آهي.

انهيءَ جو جواب ڏيندي ميثاق النبيين وارو لکي ٿو تہ:

”هي اعتراض انهيءَ ڪري غلط آهي جو، جيڪڏهن هن پيشنگوئي ۾ ڪنهن شخص جو ذڪر نہ آيل آهي تہ مسيحي پادري هن کي مسيح تي فٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڇو ڪري رهيا آهن؟ آيت جي ترتيب جي لحاظ کان هي ظاهر آهي تہ لفظ **”محمديم“** هتي موصوف آهي. جنهن جي معني انگريزي ترجمي ۾ **”هو سراپا عشق انگيز آهي“** ڪيو ويو آهي. اسان انهيءَ جو ترجمو ڪيون ٿا **”هو سراپا محمد صہ“** آهي.“[1]

(ت) حضورصلي الله عليہ وآلہ وسلم جي باري ۾ وڌيڪ پيشنگوئيون

هن راڳ ۾ حضرت عيسيٰ عہ جي متعلق اسان کي هڪ بہ اشارو نہ ٿو ملي. حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي باري ۾ اسان کي ٻيا بہ اشارا ملن ٿا. مثال طور باب 5 جي آيت 10 ۾ آهي:

”منهنجو محبوب اڇو ۽ ڳاڙهو آهي: ڏهن هزارن مان هو سڀ کان مک آهي.“[2]

ڏهن هزارن جو تعداد صرف حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم سان مخصوص آهي. فتح مڪ وقت مسلمانن جو تعداد ڏھ هزار هو. هي تعداد حضرت عيسيٰ عہ تي ڪنهن بہ طرح لاڳو نہ ٿو ٿي سگهي.

ميثاق النبيين ۾ آهي تہ: ”حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي سيرت تي ادني اطلاع رکڻ وارو شخص بہ ڄاڻي ٿو تہ:

---

1. وديارٿي، عبدالحق، ”ميثاق النبيين“ (اردو)، دارالاشاعت ڪتب اسلاميہ، 17 ـ مولانا آزاد روڊ، جيڪب سرڪل، بمبئي 11، ص 385

2. راڳن جو راڳ 5 : 10

(i) حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم جو چهرو مبارڪ روشن هو.

(ii) پاڻ سڳورن ﷺ جو رنگ ڳاڙهو هو، شامي ماڻهن وانگر سفيد نہ هو.

(iii) پاڻ سڳورا ﷺ پنهنجي ڏهہ هزار قدسين سان فتح مڪہ جي وقت نمايان امتياز ۽ حيثيت رکندا هئا. حضرت سليمان عہ حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم جو حليو مبارڪ بيان ڪري هن جو ڏهن هزارن ۾ ممتاز هجڻ ٻڌايو آهي. هي خوبي دنيا جي تاريخ ۾ صرف هڪ شخص جي نصيب ٿئي ٿي ۽ اهوئي حضرت سليمان عہ جو "**محمديم**" حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم آهن، جن جي معيت ۾ فتح مڪہ جي وقت ڏهہ هزار قدسي موجود هئا."[1]

ان کان علاوه ڪجهہ آيتون هتي اهڙيون بہ آهن ، جيڪي آب زمزم ڏانهن اشارو ڪن ٿيون. مثال طور:

(i) "مهنجي ڀيڻ، منهنجي ڪنئار، بند ٿيل باغ، يا بند ٿيل چشمو، يا مهر ٿيل حوض آهي."[2]

(ii) "تون باغن جو چشمو، آب حيات جو کوهہ ۽ لبنان مان وهي ايندڙ نهرون آهين."[3]

هي آيتون يا تہ حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم متعلق ٿي سگهن ٿيون يا آب زمزم جي کوهہ ڏانهن ئي اشارا ٿي سگهن ٿيون.

توهان کي حجر اسود ڏانهن اشارو ڪندڙ آيتون ملن ٿيون مثال طور:

"(2) پلي تہ هو پنهنجي وات جي چمين سان مونکي چمي: ڇالاءِ جو تنهنجي محبت شراب کان بهتر آهي.

(3) تنهنجن تيلن جي سرهي خوشبوءِ آهي ; تنهنجو نالو وهايل تيل وانگر آهي; تنهن ڪري ڪنئاريون ڇوڪريون توکي پيار ٿيون ڪن.

(4) مون کي ڇڪي وٺ، اسين تنهنجي پٺيان ڊوڙنديوسين. بادشاهہ مون کي پنهنجن ڪوٺين ۾ وني آيو آهي: اسين خوش ٿينديوسين، اسين شراب کان وڌيڪ تنهنجي محبت جو ذڪر ڪنديوسين: هو سچيءَ دل سان تنهنجون عاشق آهن.

(5)اي يروشلم جون ڇوڪريون! آءٌ ڪاري آهيان، پر سهڻي آهيان. جيئن قيدار جا تنبو آهن، جيئن سليمان جا پردا آهن.

---

1. وديارٿي، عبدالحق، "ميثاق النبيين" (اردو)، دارالاشاعت ڪتب اسلاميہ، 17 - مولانا آزاد روڊ، جيڪب سرڪل، بمبئي 11، ص 395
2. راڳن جو راڳ 4 : 12
3. راڳن جو راڳ 4 : 15

(6) مون ڏانهن نہ نهار، ڇالاءِ جو آءٌ سانوري آهيان. سج مون کي ڪارو ڪري ڇڏيو آهي."[1]

هنن آيتن کي غور سان ڏسڻ سان سمجهہ ۾ ايندو تہ هي ڪنهن مرد ۽ عورت جي عشق جي ڪهاڻي ۾ لکل ڪو بيو داستان آهي. هي نہ حضرت سليمان عہ جي باري ۾ آهي نہ ڪنهن عورت جي باري ۾ ٿي سگهي ٿو. هي سڀ علامتي شيون آهن ۽ اصل شئيءَ هن ۾ حجر اسود آهي، جيڪو ڪاري رنگ جو آهي، جنهن کي ڇهڻ لاءِ ڪنواريون ڇوڪرويون بہ بيتاب رهنديون آهن. يا نوان حاجي بہ ڪنوارين ڇوڪرين جي مثل آهن.

باقي جيڪي چون ٿا تہ حضرت سليمان عہ هي راڳ هڪ عورت جي عشق ۾ چيا آهن، تہ انهن کي بہ خبر هجڻ کپي تہ حضرت سليمان عہ جون تہ 700 گهرواريون ۽ 300 ڪنيزون هيون.

"۽ هنکي ست سئو زالون هيون، جي شهزاديون هيون ۽ ٽي سئو سريتون هيس."[2]

انهيءَ ڳالهہ جو اندازو عيسائي مصنفين کي بہ هو. تنهن ڪري هو چوڻ لڳا تہ سليمان عہ هي راڳ پنهنجي جوانيءَ جي دور ۾ چيا هئا، جڏهن اجان هن اهي شاديون نہ ڪيون هيون.

وليم ميڪڊونلڊ لکي ٿو تہ:

"هي روايت تہ اجان هو جوان هو ۽ گهٽين عورتن سان عياشي ۾ نہ پيو هو تمام منطقي ۽ قابل قبول آهي."[3]

يعني هنن کي پڪ نہ آهي تہ هي جوانيءَ جي دور جو چيل آهي، پر انهيءَ کي ايئن تسليم ڪرڻ کپي.

هي سڀ محنت هو صرف انهيءَ لاءِ ڪندا آهن تہ بس هنن آيتن مان حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي شخصيت جي ظاهر ٿيڻ جا امڪان رد ڪيا وڃن.

پر وري بہ هو قاسي پوندا آهن تہ آخر خالص عشقيہ راڳ جو الهامي ڪتابن جي وچ ۾ ڪهڙو ڪم آهي؟

حضرت مولانا رحمت الله ڪيرانوي صاحب پنهنجي ڪتاب اظهار الحق ۾ لکن ٿا:

"هن جي (يعني ڪتاب راڳن جي راڳ جي) حالت تہ تمام ئي ابتر

---

1. راڳن جو راڳ 1 : 2 ـ 5
2. 1 ـ بادشاهہ 11 : 3
3. ميڪڊونلڊ، وليم، "تفسيرالڪتاب" (امثال_غزل الغزلات) (اردو)، مترجم: ڊي چند، سيموئيل، بشپ ۽ شيموئيل جيڪب، مسيحي اشاعت خانہ لاهور، 2016ع، ص 247

آهي. ڪن جو خيال هن جي نسبت هي آهي ته هي سليمان ع جي تصنيف آهي يا هن جي همعصر جي؟ ڊاڪٽر ڪني ڪاٽ ۽ ڪجهه متاخرين جي راءِ هي آهي ته:

”هي دعوي ڪرڻ ته هي سليمان ع جي تصنيف آهي، قطعي غلط ۽ باطل آهي. ڇو ته هي هنجي وفات کان وڏي عرصي کان پوءِ لکي وئي آهي.“

پادري ٿيوڊور جيڪو پنجين صديءَ ۾ گذريو آهي: اهو هن ڪتاب جي ۽ ڪتاب جي بابن جي شديد مذمت ڪري ٿو. سيمن ۽ ليڪلرڪ هن جي سچائي کي تسليم نه ڪندا هئا. وشتن چوي ٿو ته:

”هي ناجائز ڳائڻ وڄائڻ آهي. مقدس ڪتابن کان هن کي خارج ڪرڻ ضروري آهي.“

ڪجهه متاخرين به اهو فيصلو ڪيو آهي. سملرجو قول آهي:

”هي ڪتاب جعلي آهي.“

وارڊ ڪيٿولڪ چوي ٿو ته:

”ڪاسلي يو فيصلو ڪيو آهي ته هن ڪتاب کي عهد عتيق جي ڪتابن کان خارج ڪيو وڃي. ڇو ته هي ناپاڪ ڳائڻ وڄائڻ آهي.“[1]

جيئن ته حضرت مولانا رحمت الله ڪيرانوي رحمت الله عليه جو هن ڪتاب جي انهيءَ باب جي لکڻ جو مقصد ئي صرف بائيبل تي تنقيد ڪرڻ جو هو. شايد تنهنڪري، هنن هن ڪتاب جي مثبت پهلو تي نه لکيو نه ئي توجه ڏني. اسان جو مقصد صرف اهو بيان ڪرڻ آهي ته عيسائي حضرات کي جڏهن ڪوشش جي باوجود پنهنجي مقصد جي شيءَ هن ڪتاب ۾ نه ملي ته هنن ۾ هڪ اهڙو گروهه به پيدا ٿي ويو جيڪو هن ڪتاب کي ئي خارج ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو. پر شايد هي ڳالهه هنن جي وس کان ٻاهر هئي جو هو اهو ڪونه ڪري سگهيا. هن وقت به پراڻي عهدنامي جي ڪتابن جو تعداد مختلف فرقن وٽ مختلف آهي پر هي ڪتاب هر فرقي وارو پنهنجي ڪتابن جي لسٽ ۾ شامل ڪيون وينو آهي.

هن ڪتاب جا مخالف شايد انهيءَ لاءِ به هن ڪتاب جي مخالفت ڪندا هجن ته هن ۾ حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليه وعلي آله واصحابه وسلم متعلق پيشنگوئيون آهن. والله اعلم.

(ث) سيهڙ چنگهان ٿي چوٽون پڇ

هڪ ٽين تفسير جي باري ۾ وليم ميڪڊونلڊ ٻڌائي ٿو:

---

1. ڪيرانوي، رحمت الله، مولانا، حضرت، ”اظهارالحق“ جو اردو ترجمو: ”بائيبل سي قرآن تڪ“، مترجم: اڪبر علي، مولانا، شرح ۽ تحقيق: عثماني، محمد تقي، مڪتبه دارالعلوم، ڪراچي 14، طبع 10، رمضان المبارڪ 1437 هه مطابق 16 جون 2016ع، ص 353

”هڪ ٽين تفسير شولميت کي اسرائيلي قوم جي انهيءَ بقايا جي مثل جي حيثيت سان ڏسي ٿي جيڪو ايندڙ ڏينهن ۾ ايماندار ۽ وفادار رهندو. سليمان خداوند يسوع جي مثل آهي. هي غزل انهيءَ محبت ڀري رفاقت جي تصوير پيش ڪري ٿي، جنهن کان بقايا ان وقت مستفيد ۽ لطف اندوز ٿيندو، جڏهن هو ان تي نظر ڪندا جنهن کي هن رنج پهچايو هو ۽ ايئن ماتم ڪندا جيئن ڪو پنهنجي سڪيلڌي پٽ جو ماتم ڪندو آهي. سليمان جي ڪثرت ازدواج هن جي مسيح خداوند جي مثل هجڻ ۾ رڪاوٽ نہ ٿي بڻجي. ”مثل“ ناقص ۽ اڌورا هوندا آهن. ”اصل“ ڪامل آهي.“[1]

ڏسو! هو ڪهڙي ريت هنن آيتن کي حضرت عيسىٰ ع تي فٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. بس هو هڪ ٽنگ تي بيٺا آهن تہ:
”سيهڙ جنگهان ٽي چوٽون پڇ.“

يعني ڦري گهري وري بہ ساڳي ڳالهہ ڪندا ۽ هو انهيءَ سلسلي ۾ ايتري قدر وڌي وڃن ٿا جو انهيءَ حضرت سليمان ع کي جنهن کي هو نبي ڪري مڃڻ لاءِ تيار نہ آهن ۽ هڪ بادشاهہ ڪري مڃين ٿا. انهيءَ کي مثل مسيح خداوند مڃڻ لاءِ تيار آهن. صرف انهيءَ لاءِ تہ هنن آيتن کي ڪنهن بہ صورت ۾ حضرت عيسىٰ ع بابت ثابت ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون ۽ اها ڳالهہ بہ ڪانئن وسري وڃي ٿي تہ هو ڪو اڳ ۾ اهو چئي چڪا آهن تہ: ”هنن آيتن ۾ ڪابہ پيشنگوئي ڪانهي ۽ هي تہ هڪ عشقيہ ڪلام کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ آهي.“

(ج) ميثاق النبيين واري جي تحقيق

هي پيشنگوئي وڏي اهميت واري آهي تنهنڪري اسان ڪوشش ڪنداسين تہ ضرورت مطابق هن جي باري ۾ اوهان کي وڌ ۾ وڌ معلومات مهيا ڪريون.

هن پيشنگوئي جي عبراني لفظن تي ميثاق النبيين واري محققانہ انداز ۾ تحقيق ڪئي آهي. اچو تہ اوهان آڏو ان جو ترجمو پيش ڪريون:

”آيت جا عبراني الفاظ عربي خط ۾ هيٺين ريت آهن:

”حکو مُمَتَقیم وِی کل مُحَمَدِیم زِہ دَودِی وِی زِہ ری عِی بَینَوت یَرُوشَلایَم.“ [2]

آيت جو پهريون لفظ ”حڪو“ آهي. جنهن جو مادو حخ يا حنخ آهي.

---

1. ميڪڊونلڊ، وليم، ”تفسيرالڪتاب“ (امثال_غزل الغزلات) (اردو)، مترجم: ڊي چند، سيموئيل، بشپ ۽ شيموئيل جيڪب، مسيحي اشاعت خانہ لاهور، 2016ع، ص 248

2. راڳن جو راڳ 5 : 16

<u>ḥik-kōw</u> <u>mam-ṯaq-qîm,</u> <u>wə-kul-lōw</u> <u>ma-ḥă-mad-dîm;</u> <u>zeh</u> <u>ḏō-w-ḏî</u> <u>wə-zeh</u> <u>rê-'î</u> <u>bə-nō-wt</u> yə-rū-šā-lim

جنهن جي لغوي معني:

(1) وات جو اندروني حصو.

(2) تالو (وات جي هيٺين حصي سميت).

(3) ڄاڙي . ڏسو ڪتاب ايوب باب 33 آيت 2 ۽ باب 20 آيت 13.

(4) ذائقي جي حس . ايوب 12: 11.

(5) زبان يا ڪلام . ايوب 2: 30.

انهن سڀني حوالن ۾ لفظ ”حڪو“ جو مصدر (مشتقات) استعمال ٿيل آهي. عبراني ۽ بائيبل ۾ اهڙن موقعن تي وات ۽ زبان ڪان مراد ڪلام هوندو آهي. مثلا:

”منهنجو وات سچ سچ چوي ٿو.“ امثال 18: 7

”مون پنهنجي وات کي هرگز اجازت نہ ڏني.“ ايوب 31: 2

بائيبل جي عام محاورن ۾ مطلق وات جو لفظ بہ اڪثر ڪلام جي معني ۾ استعمال ٿيندو آهي. ڏسو! ايوب 19: 16، زبور 73: 9 يسعياه 49: 2.

سو زير بحث آيت ۾ لفظ ”حڪو“ جي معني ”هن جو ڪلام“ آهي.

آيت ۾ ٻيو لفظ ”ممتقيم“ آهي. جنهن جو مادو ”متاق“ آهي ۽ معني مٺيءَ شئيءِ جو ڪائڻ ، شيريني يا ماکي آهي. ڏسو: ايوب 24: 10.

ڪتاب ڳاڻيٽو ۾ ”متق“ هڪ مقام ۽ چشمي جو نالو آهي. جيڪو عرب ۾ واقع آهي ۽ انهيءَ جڳهہ بني اسرائيل پنهنجي خروج جي دوران ۾ قيام ڪيو هو.“ (ڪتاب ڳاڻيٽو 33: 28)

زبان عرب ۾ ”متاق“ پاڻيءَ سان ڀريل ٿانو يا چشمي کي چوند آهن.

سو عبراني لغت جي بناءِ تي لفظ ”ممتقيم“ جي هن لفظي تحقيق کان معلوم ٿيو تہ هن جي معني ماکي، شيريني ۽ چشمي جي آهي.

”حڪو ممتقيم“ جي ڳڏيل معني ٿيندي:

”(1) هن جو ڪلام ماکي آهي.

(2) هن جي زبان شيرينين سان ڀريل آهي.

(3) هن جو وات هڪ شيرين چشمو آهي.“

قرآن مجيد جي هي تعريف نہ صرف قرآن ۾ موجود آهي. بلڪ سيل ڪارلائل ۽ ٻين مستشرقينن بہ قرآن شريف جي هي خوبي تسليم ڪئي آهي. مسيح جو پنهنجو ڪلام تہ دنيا ۾ ڪٿي موجو نہ آهي.

مسيح ۽ ڪليسا جو عشق بہ سڀ فرضي ڳالهيون آهن، جيڪي هن ڪان مراد ورتيون ويون آهن.

”ممتقيم“ جي آخر ۾ ”يم“ عظمت ۽ شان لاءِ آهي. اهو ئي سبب آهي جو بظاهر ”ممتقيم“ جمع جو صيغو هجڻ جي باوجود خود بائيبل جي ترجمي ڪندڙن هن کي واحد جي صيغي ۾ ترجمو ڪيو آهي. جنهن جو مقصد هي آهي تہ هن جو ڪلام پنهنجي عظمت ۽ شان جي لحاظ کان

مناس جو مجموعو هوندو ۽ اهو دنيا ۾ هڪ ئي ڪلام آهي، جنهن اعلي درجي جي فصيح ۽ بليغ ڪلام هجڻ جي دعوي ڪئي آهي ۽ ملڪ جي فصيحن جي ويجهو هميشہ هميشہ لاءِ ڪيس عربي زبان ۾فصاحت ۽ بلاغت جو معيار قرار ڏنو ويو.

(i) هو سراپا محمديم آهي

حضرت سليمان ع هن جي ڪلام جو مناس ٻڌائڻ کان بعد فرمائين ٿا: ”وي ڪل محمديم.“ ”۽ هو سراپا محمد آهي.“ يعني نہ صرف هن جو ڪلام ماکي ۽ مٺو آهي، پر هو پاڻ مجسم تعريف يا محمد ص آهي. لفظ محمديم جو مادو حمد آهي، جنهن جي معني عبراني لغت ۾ Pleasure, To take, Desire لکيل آهي. پر اهو ئي لفظ Gratitude ۽ تعريف Praise جي معني ۾ بہ استعمال ٿيندو آهي. يعني ڪنهن جي خوبي جي سبب مشڪور ٿيڻ ۽ هن جي تعريف ڪرڻ ”وي ڪل محمديم“ ۾ حضرت سليمان ع فرمائين ٿا:

”منهنجي محبوب ۾ سڀ خوبيون موجود آهن. هو تعريف وارو يا محمد ص آهي. يا هن جي هر ادا تعريف جي لائق آهي.“

”محمديم“ ۾ بہ ”يم“ جمع جي نہ بلڪ عظمت ۽ شان لاءِ آهي. جيئن لفظ ”ايلوهيم“ تي بحث ڪندي ”جيوئش انسائيڪلوپيڊيا“ (Jewish Encyclopedea) ۾ لکيل آهي:

“Elohim plurel in form though commonly constructed with a singular verb or adjective. This is most probable to be explained as the plurel of majesty or excellence expressing high diginity or greatness.”

ياد رهي تہ هي لفظ ”محمديم“ بائيبل ۾ صرف هڪ ئي دفعي يعني ”راڳن جي راڳ“ جي هن ئي آيت ۾ استعمال ٿيل آهي. ٻي جڳهہ نہ . ۽ بائيبل جي ترجمي ڪندڙن هن جو ترجمو ڪيو آهي: ”هو سراپا عشق انگيز آهي.“ هي ظاهر آهي تہ ڪنهن سان عشق ۽ محبت بہ هن جي ذاتي خوبين جي ڪري هوندي آهي. هن لفظ جي آخر ۾ ”يم“ استعمال هجڻ جي ڪري بائيبل جي ترجمي ڪندڙن کي نہ کپندو هو تہ هو هن جو ترجمو ڪن. بلڪ هيئن لکڻ کپندو هو تہ ”هو هستي مطلق محمد ص عظيم آهي.“

هن کان وڌي ڪري هن پيشنگوئي جو حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي حق ۾ هجڻ لاءِ ٻي ڪهڙي واضع دليل ٿي سگهي ٿي، جو خود حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم جو اسم مبارڪ هن ۾ موجود آهي. سموري بائيبل ۾ يسوع جي نالي سان ڪا پيشنگوئي موجود نہ آهي. لفظ مسيح تہ صفاتي نالو آهي. سندن ذاتي نالو تہ صرف يسوع هو. حيرت جي جاءِ آهي جو مسيحي ماڻهو يسوع جي نالي تي ڪا پيشنگوئي بائيبل ۾ موجود نہ هجڻ جي باوجود سوين بلڪ هزارين پيشنگوئيون هن جي نالي

تي فٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، پر حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم جو نالو "محمديم" صاف طور تي بائيبل ۾ موجود هجڻ تي بہ انهيءَ پيشنگوئي کي تسليم نہ ٿا ڪن ۽ مٿن ايمان نہ ٿا آڻين. ڇا هي نندا عذر تہ بائيبل ۾ لفظ "محمديم" ڪيترن ئي جڳهن تي آيل آهي، يا هي ڪا پيشنگوئي نہ آهي، هنن جي ڇوٽڪاري لاءِ ڪافي ٿي سگهن ٿا؟

(ii) سليمان جو محبوب نبي صہ اسماعيلي هوندو

حضرت سليمان عہ پنهنجي محبوب جو پهريون نشان شيرين ڪلام هجڻ ۽ هن جو نالو "محمديم" ٻڌائڻ تي ئي بس نہ ٿو ڪري. پر ٽيون نشان هي ٻڌائين ٿا تہ هو ڪهڙي شجره نسب کان هوندا. سو "محمديم" کان بعد فرمايائون: "زه دودي."

زه = هي.

دودي = دود جي عبراني لغت ۾ معني "دوست ۽ محبوب" جي آهي. پر خصوصيت سان هي لفظ چاچي يا پيءَ جي ڀاءُ لاءِ استعمال ٿيندو آهي. جيئن عبراني ۽ ڪلداني انگريزي لغت ۾ لکيل آهي:

A friend specially a father's brother or uncle by a father's side.

هن لفظ جي استعمال کان حضرت سليمان عہ جي مراد هي آهي تہ "محمديم" هن جي سئوٽن مان آهي. ڪو شخص غلطيءَ سان منهنجي محبوب کي اسرائيلي نہ سمجهي وٺي. هي ظاهر آهي تہ حضرت سليمان عہ بني اسرائيل مان هئا ۽ بني اسماعيل هن جا سئوٽ آهن. انهيءَ لحاظ کان هي پيشنگوئي حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم کان سواءِ دنيا جي ڪنهن ٻئي شخص جي حق ۾ صادق نہ اچي سگهي ٿي. هن ۾ دليلن جي هوندي بہ افسوس آهي تہ مسيحي هن کي مسيح جي حق ۾ سمجهي رهيا آهن. حالانڪہ متي ۽ لوقا جي بيان ڪيل شجره نسب ۾ مسيح حضرت سليمان عہ جي اولاد مان آهن ۽ "محمديم" بني اسماعيل يا چاچي جي اولاد کان آهي.

(iii) هو منهنجو دوست منهنجو پاڙيسري يا ٻي شاخ کان آهي

"محمديم" کي پنهنجو چاچو ظاهر ڪرڻ کان پوءِ حضرت سليمان عہ پنهنجي محبوب جو هڪ ٻيو نشان ٻڌايو آهي."وي زه ري عي."

وي زه = ۽ هي .

رعي= هن لفظ جو مادو رعہ آهي. جنهن جي معني بائيبل ۾ "پاڙيسري ۽ نسل انساني جي ٻي شاخ جي دوست" جي آهي. عبراني ڪلداني ۽ انگريزي لغت ۾ انهيءَ جي معني:

A companion, a friend with whom one has intercource.

حوالن لاءِ ڏسو: يرمياه 6: 21، ايوب 42: 10، 1-سموئيل 30: 26، ايوب 2: 11، ايوب 19: 21، امثال 25: 17، يرمياه 30: 1، خروج 20: 17 ۽ خروج 22: 25

هن لفظ ۾ ٻہ نشان آهن. (هڪ) تہ سليمان عہ جو محبوب ان جو پاڙيسري آهي. ملڪ شام سان عرب جو ملڪ مليل آهي. انهيءَ ڪري، اهو حضرت سليمان عہ جو پاڙيسري عربي آهي ۽ ٻي معني ٻي قوم يا شاخ ۽ دوست جي آهي. ظاهر آهي تہ حضرت سليمان عہ بني اسرائيلي آهن ۽ ٻي شاخ انهيءَ سلسلي جا بني اسماعيلي آهن. جڏهن تہ حضرت عہ فرمائين ٿا تہ:

”منهنجو محبوب بني اسماعيلي آهي.“

يعني هن جي قوم منهنجي قوم جو پاڙيسري ۽ اهو اسان جي ٻي شاخ مان هڪ محبوب آهي.

(iv) حضرت سليمان عہ جو محبوب شهر دارالسلام آهي

حضرت سليمان عہ هن نعتيہ غزل جي آخر ۾ فرمايو آهي:

بينوت يروشلايم

بينوت = اي ڌيئرو!

هي لفظ عبراني محاوري ۾ باشندن يا اهلن (رهندڙن) لاءِ استعمال ٿيندو آهي. لغت ۾ هن لفظ جي هيٺ لکيل آهي.

The inhabitans of a city or country both men and women.

مثال لاءِ ڏسو: يسعياه 16: 2، متي 5:1

يروشلايم = هن لفظ جي عام معني تہ يروشلم شهر ورتو ويندو آهي. پر زبان جي قواعد جي لحاظ کان هن جي معني ۾ وڏو اختلاف آهي. ڪجھ عبراني عالم هن جي اصل ”يروش شليم“ قرار ڏيئي ڪري هن جي معني ”مقبوضہ امن“ ڪن ٿا. جيڪو زبان جي قواعد جي لحاظ کان غلط آهي. اهڙي صورت ۾ ضرورت جي حساب سان يروشلم جي شين تي ”شد“ هجڻ کپي ها.

ڪجھ عبراني فاضلن جي ويجهو ”يروه“ بمعني ”بنياد رکڻ“ سان ”يرو“ نهيو آهي. جنهن جي معني بنياد (Foundation) آهي ۽ يروشلم جي معني ”امن جو بنياد“ آهي. غرض اهڙيءَ طرح هن جون ويهين معنائون بيان ڪيون وينديون آهن. دراصل هي لفظ ”بيرو“ عربي اشتقاق ”الوري“ بمعني ماڻهو يا گهر آهي ۽ بينوت يروشلم جي معني ”اي سلامتي واري، امن واري گهر جا رهندڙؤ!“

پر هر شخص جنهن بائيبل کي غور سان پڙهيو آهي، ڄاڻي ٿو تہ يروشلم ٻہ آهن: هڪ ويجهي وارو يروشلم ۽ ٻيو پري وارو يروشلم. هڪ هاجره جو يروشلم ۽ ٻيو ساره جو يروشلم.

پولس رسول گلتين ڏانهن پنهنجي خط ۾ لکي ٿو تہ:

”انهن ڳالهين ۾ هڪڙو مثال آهي: ڇالاءِ جو اهي زالون جڻ تہ ٻہ عهد آهن . هڪڙو سينا وارو، جنهن ڪري غلام ئي پيدا ٿا ٿين ۽ اها آهي هاجره. هاڻي اها هاجره عرب جو سينا جبل آهي ۽ هاڻوڪي يروشلم جي

برابر آهي، ڇالاءِ جو هوءَ پنهنجن ٻارن سميت غلاميءَ ۾ آهي. پر يروشلم جو مٿي آهي سو آزاد آهي ۽ اها اسان جي ماءُ آهي."[1]

سو هن حوالي جي بناء تي يروشلم ٻہ آهن. انهيءَ سبب جناب سليمان عہ ٻنهي يروشلم جي رهندڙن يا بني اسرائيل ۽ بني اسماعيل، يا ساره جي اولاد ۽ هاجره جي اولاد ٻنهي کي مخاطب تي ڇيو آهي. ڇو تہ هتي يروشلايم "تثنيہ" جو صيغو آهي. رهي هي ڳالهہ تہ يروشلم جي معني جي لحاظ کان حقيقي يروشلم يا سلامتي ۽ امن جو گهر ڪهڙو آهي؟ پولس شريعت کان آزد گهر کي حقيقي يروشلم يا سلامتيءَ جو گهر قرار ڏئي ٿو. پر هر هڪ عقلمند سمجهي سگهي ٿو تہ شريعت وارو ۽ قانون جو پابند گهر امن وارو ٿي سگهي ٿو يا بنا شريعت وارو ۽ قانون کان آزاد گهر امن ۽ سلامتيءَ وارو ٿي سگهي ٿو؟ هن لحاظ کان دنيا ۾ هڪ ئي گهر آهي. جيڪو بيت الحرام ۽ دارالسلام چورائڻ جو مستحق آهي ۽ اهو اهو يروشلم آهي جيڪو ملڪ عرب ۾ هاجره جو يروشلم آهي. جنهن کي هميشہ هميشہ کان محفوظ ۽ سلامتيءَ جو گهر قرار ڏنو ويو. جيڪو نہ صرف خود دشمنن کان محفوظ ۽ سلامت آهي، بلڪہ جيڪو شخص انهيءَ جي اندر داخل ٿي ويندو آهي اهو امن ۾ اچي ويندو آهي. جنهن جي نسبت فرمايو ويو آهي:

وَمَنْ دَخَلَهٗ كَانَ اٰمِنًا ۭ [2]

۽ جيڪو هن جي اندر داخل ٿي ويو اهو امن ۽ سلامتيءَ جي گهر ۾ اچي ويو. هي حقيقي يروشلم آهي. نہ ڪہ اهو يروشلم جنهن جي باري ۾ خود يروشلم جي پرستارن ۾ هي ضرب المثال آهي:

"Zion is turned into a desert. It lies in ruins. "Here all is desrert." Look for no joy here either from men or from mountain."

A wealthy and pious Jew came here to settle at Jerusalem. After two years stay he left it with the words:

Let him that wishes to have neither aulomhaze (the pleasure of this life) nor aulomhabo (those of the life to come) live at Jerusalem." (Dr. Frank's "Jew in the East").

جناب مسيح خود يروشلم تي نوحو ڇيو آهي. اهو انجيلن ۾ لکيل آهي. اهڙي صورت ۾ دشمنن جي هڪبئي پٺيان يروشلم ڇوڻ ئي غلط آهي. غرض اهو يروشلم جيڪو شريعت کان آزاد ٿي ويو، تباهہ ۽ برباد ڪري انهيءَ جون برڪتون هاجره جي يروشلم کي عطا ڪيون ويون. جيئن رب الافواج حجي نبي جي معرفت فرمايو هو، پورو ٿيو.

---

1. گلتين 4 : 24 ـ 25
2. سورة آل عمران : 97

”هن پوئين گهر جي رونق پهرين گهر جي رونق کان وڌيڪ ٿيندي، لشڪرن جو خداوند ٿو فرمائي ۽ مان هن گهر ۾ سلامتي بخشيندس. لشڪرن جو خداوند ٿو فرمائي.“[1]

قرآن شريف انهيءَ واقعي ڏانهن اشارو ڪندي فرمايو:

سُبۡحٰنَ الَّذِيۡۤ اَسۡرٰى بِعَبۡدِهٖ لَيۡلًا مِّنَ الۡمَسۡجِدِ الۡحَـرَامِ اِلَى الۡمَسۡجِدِ الۡاَقۡصَا الَّذِىۡ بٰرَكۡنَا حَوۡلَهٗ لِنُرِيَهٗ مِنۡ اٰيٰتِنَا ؕ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيۡعُ الۡبَصِيۡرُ.[2]

---

[1]. حجي 2 : 9 (نوٽ : اسان هن آيت جو ترجمو اردو ۽ اانگريزي بائيبل کي نظر ۾ رکندي پاڻ ڪيو آهي.سنڌي واري بائيبل جي ترجمي ۾ فرق آهي. اسان توهان جي معلومات لاءِ ٽنهي زبانن جي بائيبلن جو ترجمو پيش ڪري رهيا آهيون.
اردو بائبل ۾ هن ريت لکيل آهي:
”اس پچهلي گهر کي رونق پهلي گهر کي رونق سي زياده هوگي. رب الافواج فرماتا هي. اور مين اس مکان مين سلامتي بخشونگا. رب الافواج فرماتا هي.“
انگريزيءَ ترجمي واري بائيبل ۾ هن ريت لکيل آهي:
“The glory of this latter home shall be greater than of the former, saith the LORD of hosts: and in this place will I give peace, saith the LORD of hosts.”
بائيبل جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪندڙ هن ريت ترجمو ڪري ٿو:
”هن گهر جي پوئين رونق پهرئين کان وڌيڪ ٿيندي. لشڪرن جو خداوند ٿو فرمائي، تہ هتي آءٌ صلح ۽ سلامتي بخشيندس.“
سنڌيءَ وارو ترجمو مٿين ٻنهي ترجمن کان بلڪل مختلف معني ڏئي ٿو.
انگريزي ۽ اردو بائيبل مطابق:
”پوئين گهر جي رونق پهرئين گهر جي رونق کان وڌيڪ ٿيندي“
جڏهن تہ سنڌيءَ واري ترجمي مطابق:
”هڪ گهر جي پوئين رونق پهرئين رونق کان وڌيڪ ٿيندي.“
بائيبل جي سنڌيءَ واري ترجمي ۾فرق هجڻ کان علاوه آيت جي آخر ۾ جملو:”لشڪرن جو خداوند ٿو فرمائي“ حذف ٿيل آهي. اها غلطي هر شخص موجوده بائيبل ۾ ڏسي سگهي ٿو ۽ پاڻ اندازو ڪري سگهي ٿو تہ هنن عيسائين کي جڏهن خبر پئي هوندي تہ هتي تہ **”محمد ص“** جو صاف ۽ چٽو نالو لکيل آهي تہ هنن انهيءَ لفظ کي مٽائڻ يا تبديل ڪرڻ لاءِ ڇا ڇا نہ يا ڪهڙيون ڪهڙيون نہ ڪوششون ڪيون هونديون؟ ۽ انهن ڪوششن جي نتيجي ۾ لفظ **”محمديم“** کي ڪٿان جو ڪٿان پهچايو هوندو ۽ پهچائي ڇڏيو آهي؟
اهڙيءَ ريت هنن بائيبل جي هر آيت کي مشڪوڪ، ناقابل اعتماد ۽ غير يقيني بڻائي ڇڏيو آهي.)

[2]. ترجمو: ”اهو (الله) پاڪ آهي، جنهن پنهنجي ٻانهي (محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم) کي هڪڙي رات (جي اندر) تعظيم واري مسجد مان انهي مسجد اقصي تائين جنهن جي چوڌاري برڪت رکيسون هن لاءِ سير ڪرايو تہ کيس پنهنجون نشانيون ڏيکاريون. بيشڪ اهو ئي ٻڌندڙ ڏسندڙ آهي“
(سورة بني اسرائيل : 1)
دلچسپ ڳالهہ هي آهي تہ عربي جي لفظ ”اقصي“ جي معني آهي:
”انتهائي بعيد ڪنارو“ يا ”سري واري.“

انهيءَ سميع ۽ بصير خدا جڏهن ڏنو تہ بني اسرائيل پنهنجي شرارتن کان نہ ٿا مڙن تہ دائود عہ جي بددعا سان انهن کان سلطنت ڦري ورتائين ۽ مسيح عہ جي دعا سان نبوت ۽ روحانيت ختم ڪري ڇڏيائين ۽ ساره رضہ جي يروشلم جون برڪتون هاجره رضہ جي يروشلم کي عطا ڪيون ويون. ساره رضہ جي يروشلم حضرت سليمان عہ تي ڪفر، بت پرستي ۽ بدڪاري جا الزام هنيا. هاجره رضہ جي يروشلم کان جيڪو مٺي ماکي جو چشمو نڪتو، انهيءَ فرمايو:

وَمَا كَفَرَ سُلَيْمٰنُ وَلٰكِنَّ الشَّيٰطِيْنَ كَفَرُوْا [1]

("۽ سليمان بلڪل ڪفر نہ ڪيو بلڪ شيطانن ڪفر ڪيو")

انهن ئي ڪفر ڪيو. انهيءَ ڪري اهوئي سليمان عہ جو محبوب "**محمديم**" آهي. مبارڪ آهي اهو جيڪو ان تي ايمان آڻي ٿو ۽ سلامتيءَ جي يروشلم دارالسلام ۽ بيت الحرام ۾ داخل ٿئي ٿو."[2]

(ح) احمد ديدت جو بيان

مذاهب عالم جو مشهور اسڪالر محترم احمد ديدت صاحب پنهنجي هڪ تقرير ۾ هن پيشنگوئي تي ڳالهائيندي چوي ٿو تہ:

"شروعات ۾ جڏهن مان هن موضوع تي ڳالهائڻ شروع ڪيو تہ: بائيبل حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي باري ۾ ڇا ٿو چوي؟"

تہ شروع شروع ۾ ۽ ان کان گهڻو عرصو بعد تائين مان نہ ڄاڻندو هيس تہ:

"بائيبل ۾ حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم جو نالي سان حوالو ڏنل آهي."

لکيل پڙهيل ماڻهو پڇندا آهن تہ ڪٿي آهي؟ ۽ پاءُ سواگارٽ (Jimmy Swagart) جو چوڻ آهي تہ:

"مان بائيبل کي لاتعداد مرتبا پڙهي چڪو آهيان ۽ جيئن تہ مان سمجهان ٿو تہ مان هن کي ڪيترائي دفعا پڙهي چڪو آهيان تہ مون کان وڌيڪ ڪو پڙهيل نہ هوندو. مان يوناني ۽ عبراني ٻئي (زبانون) ڄاڻندو آهيان."

۽ ڪالهہ سوالن جوابن جي مرحلي دوران جڏهن هن کان پڇيو ويو تہ:

"ڇا حضرت محمدصلي الله عليہ وآلہ وسلم بائيبل ۾ ڄاڻايل آهي؟"

تہ هن پنهنجي سمجهہ ۽ معلومات مطابق جواب ڏنو تہ:

"گهڻائي مذهب بائيبل جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پنهنجي تعليمات ۽ عقيدن

---

1. سورة البقره : 102

2. وديارٿي، عبدالحق، "ميثاق النبيين" (اردو)، دارالاشاعت ڪتب اسلاميہ، 17 ـ مولانا آزاد روڊ، جيڪب سرڪل، بمبئي 11، ص 386 ـ 392

ڪي ڳولهيندا آهن ۽ قرآن بہ اهو ڪري ٿو. هو چوڻ چاهي ٿو تہ "**محمد**" بائيبل ۾ ڄاڻايل آهي. پر "**محمد**" اسان جي عهدنامي ۾ ڄاڻايل نہ آهي."

هن چيو تہ: "**محمد ﷺ جي باري ۾ هتي ڪجھ بہ نہ آهي.**"

(احمد ديت صاحب پنهنجي تقرير ۾ چوي ٿو تہ):

۽ هن ڪي (بائيبل ڪي) لاتعداد دفعا پڙهڻ جي باوجود ماڻهو انهيءَ ڪي (يعني محمدصلي الله عليہ وآلہ وسلم) جي نالي ڪي نہ ٿو ڏسي. اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟

اچو ڏسو! تہ اهو هن سان ڪيئن ٿيو؟

پهريون تہ اصل مقدس ڪتابن ۾ محمد ﷺ جو ذڪر نالي سان ٿيل آهي. عيسائي اختيارين مطابق پراڻي عهدنامي جو حقدار عبراني ٻولي آهي ۽ نئين عهدنامي جو يوناني ٻولي.

پراڻي عهدنامي ۾ ڪتاب "راڳن جي راڳ" جي باب 5 آيت 16 ۾ عبراني زبان ۾ هن ريت لکيل آهي ۽ مون کي يقين آهي تہ ياءُ سواگرت مون کي داد ڏيندو. جو تہ منهنجي خيال ۾ مون پاڻ ٻڌو آهي تہ هن چيو آهي تہ: "هو عبراني ڄاڻي ٿو ۽ هو يوناني ڄاڻي ٿو."

عبرانيءَ ۾ اهو هن ريت چوي ٿو:

"حڪو ممتقم وي ڪل محمدم زه دودي وي زه ري عي بينوت يروشلم."[1]

لفظ محمدم (Muhammadim) محمد+ام (Muhammad+im) آهي.

آءِ ايم= ام (im).

ام (im) عبرانيءَ ۾ احترام لاءِ جمع آهي(Plural of Respect). توهان کي خبر آهي تہ بائيبل جي پهرين ڪتاب پيدائش جي پهرين آيت ۾ لکيل آهي تہ:

"خدا شروعات ۾ آسمان ۽ زمين کي پيدا ڪيو."[2]

(هن آيت جي تشريح لاءِ متي آيل چارٽ ڏسو)

عبرانيءَ ۾ انهيءَ جڳهہ تي خدا لاءِ لفظ ايلوهم (Elohim) آيل آهي.

عبرانيءَ ۾:

ايل (El) خدا کي سڏيو ويندو آهي.

ايلوه (Eloh) خدا کي سڏيو ويندو آهي.

ايلوه (Eloh) + ام (im) =جمع جي صورت ۾ آهي، سموري ادب ۽ احترام سان چوڻ لاءِ، احترام لاءِ جمع.

---

1 .ḥik-kōw mam-ṯaq-qîm, wə-ḵul-lōw ma-ḥă-mad-dîm; zeh ḏō-w-ḏî wə-zeh rê-‘î bə-nō-wṯ yə-rū-šā-lim

2. پيدائش 1 : 1

سيني مشرقي زبانن ۾، عربي ۽ عبراني سميت، ٻن قسمن جا جمع استعمال ٿيندا آهن. منهنجي پنهنجي مادري زبان ۾ اسان وٽ احترام لاءِ جمع آهي ۽ تعداد لاءِ پڻ. اردو ۾ احترام لاءِ جمع آهي ۽ تعداد لاءِ پڻ.

پيدائش1:1 جو عربي متن هن ريت آهي: فِي الْبَدْءِ خَلَقَ اللّٰهُ السَّمَاوَاتِ وَالْاَرْضَ.

قرآن ۾ به اسان ساڳي ڳالهه ڏسون ٿا. مثال طور: هن آيت ۾ الله تبارڪ وتعالي فرمائي ٿو:

اِنَّا نَحْنُ نَزَّلْنَا الذِّكْرَ وَاِنَّا لَهٗ لَحٰفِظُوْنَ.[1]

ترجمو: "اسان نصيحت (يعني قرآن) نازل ڪيو ۽ اسين ضرور ان جي حفاظت ڪندڙ آهيون."

هي "اسان" ڪير آهي؟

ڪنهن مسلمان کان پڇو "هي اسان ڪير آهي؟"

ڇا هن مان مراد الله ج، جبرائيل ع ۽ محمد صہ آهن؟

جهڙيءَ طرح پيءُ، پٽ ۽ روح القدس جو عقيدو آهي؟

نه. بلڪل نه.

پر هتي ته "اسان" لکيل آهي. ته پوءِ "اسان" مان مراد ڪير آهي؟

قرآن شريف ۾ ئي آهي ته:

قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ.[2] "چئو ته الله هڪ آهي."

ڪنهن به عرب عيسائي ڪڏهن ڪنهن مسلمان کان نه پڇيو ته هي "اسان" ڪير آهي؟ چو ته هو ڄاڻي ٿو ته هن جي زبان ۾ ٻن قسمن جا جمع آهن. تعداد لاءِ جمع ۽ احترام لاءِ جمع.

هي اسان هڪ قسم جي شاهي طريقي واري احترام ڪرڻ آهي.

"اسان" پيدا ڪيو.

هاڻي هتي "اسان" مان ڪير مراد آهي؟

ڇا هتي مراد آهي ته هوءَ ۽ هن جو مڙس ۽ هن جو پٽ؟

نه ... نه.

هي اسان پنهنجي پاڻ لاءِ استعمال ٿيل آهي.

سو ايلوهم (Elohim) ۾ جمع احترام لاءِ آهي.

ايل (El) خدا آهي ايلوه (Eloh) خدا آهي ۽ ايلوهم (Elohim) هڪ کان وڌيڪ احترام جي طور (خدا لاءِ ئي استعمال ٿيل آهي).

پر اسان جا عيسائي ڀائر جڏهن هو "هولي ٽرنٽي" (Holy Trinity) کي ثابت ڪرڻ چاهيندا آهن. يعني خداوند تعالي جي هستي جيڪو ٽن شخصيتن ۾ ملي ٿو. سو اهي چوندا آهن ته هي "اسان" انهن ٽنهي لاءِ آيو

---

1. سورة الحجر : 9
2. سورة الاخلاص : 1

آهي. يعني.

(1) پيءُ،

(2) پٽ ۽

(3) روح القدس.

چو ته اهو جمع آهي.

چؤ ته ٺيڪ آهي . اسان قبول ڪيو ته اهو جمع ئي آهي.

جيڪڏهن اهو خدائن لاءِ آهي ۽ اهو صحيح ترجمو آهي (يعني جيئن توهان چئو ٿا).

پر دنيا ۾ ڪو به بائيبل نه آهي، پنهنجن درجنن مختلف نسخن (ورشنن Versions) سميت ڪو هڪڙو به بائيبل نه آهي جيڪو هيئن چوي:

"شروعات ۾ آسمان ۽ زمين کي خدائن (Gods OR gods) پيدا ڪيو."

مون پڇيو ته:

اوهان اهڙي بي ايماني چو ٿا ڪيو؟ جيڪڏهن اهو جمع آهي ته توهان جمع چو نه ٿا استعمال ڪيو ته:

شروعات ۾ آسمان ۽ زمين کي "خدائن" پيدا ڪيو.

توهان "خدا" چو ٿا لکو؟

جيڪڏهن اهو جمع (تعداد لاءِ) آهي ته ائين چئو ته:

"خدائن" (gods) پيءُ، پٽ ۽ روح القدس؛ هنن ٽنهي ملي ڪري آسمان ۽ زمين کي خلق ڪيو.

ڪنهن يهودي کان پڇو. هي هنن جو ڪتاب آهي. انهن کان پڇو ته ام (im) ڇا آهي؟

ته هو چوندو ته: "هي منهنجي زبان ۾ احترام لاءِ جمع جو صيغو آهي. الله هڪ آهي، پر اسان احترام طور ائين ڳالهائيندا آهيون."

اهڙيءَ طرح "محمدم" (Muhammadim) ۾ "ام" (im) احترام طور جمع لاءِ آهي.

عبرانيءَ ۾ لفظ ائين آهي، جنهن کي هو اصلي (Original) سڏين ٿا. اهو ائين آهي، پر هنن انهيءَ جو ترجمو ڪيو آهي.

انگريزيءَ ۾ آلٽوگيدر لولي (Altogether Lovely) طور .

This beloved of mine is "Altogather Lovely."

سليمان ؑ چوي ٿو.

جڏهن توهان آلٽوگيدر لولي (Altogether Lovely) پڙهو ٿا ته توهان لفظ محمد ﷺ سان لاڳاپيل ڪونه هوندا آهيو.

توهان هزارين دفعا پڙهندا وتو "آلٽوگيدر لولي" ... "آلٽوگيدر لولي."

يا ٻين زبانن ۾ توهان پڙهندا وتو "جنهنجي تعريف ٿيل آهي" ... "جنهن جي تعريف ٿيل آهي."

محمد ﷺ جي معني آهي ”جنهن جي تعريف ٿيل هجي.“ پر توهان سمجهي ڪونہ سگهندو تہ هو محمد ﷺ جي باري ۾ ڳالهائي رهيو آهي. جيتوڻيڪ محمد جي معني آهي ”جنهن جي تعريف ٿيل هجي.“

توهان کي ڪوبہ حق نہ آهي تہ توهان ماڻهن جي نالن جا ترجما ڪيو. ڪوبہ هجي توهان جو نالو توهان جي هٿ وس هجي.

”مسٽر بليڪ“ (Mr.Black) ”مسٽر بليڪ“ آهي، جيتوڻيڪ هو اڇو آهي. هي يورپين آهي يا ڪوڪيشن (Cocasion) آهي.

پر توهان عربيءَ ۾ ڪيس ايئن ڪونہ ٿا سڏي سگهو تہ ”مسٽراسود.“ هي ”مسٽر بليڪ“ آهي. اردوءَ ۾ مان چوندس تہ:

يہ ”مسٹر بليڪ“ هي.

مان ايئن ڪونہ ٿو چئي سگهان تہ:

يہ ”مسٹر کالا“ هي.

مون کي ڪو حق نہ ٿو پهچي تہ مان ماڻهن جي نالن جو ترجمو ڪريان.

توهان ڄاڻو ٿا تہ ڪنهن وقت ۾ ڏکڻ آفريڪا جو صدر ”منيئر سوارٽ“ (Muneer Swart) هو.

آفريڪي زبان ۾ ”منيئر“ (Muneer) معني ”جناب“ (Mister) آهي ۽ ”سوارٽ“ (Swart) معني ”ڪارو“ آهي.

”منيئر سوارٽ“ (Muneer Swart) جناب ڪارو آهي. پر مون کي لفظ ”منيئر سوارٽ“ ياد رکڻ کپي، توهان کي ڄاڻائڻ لاءِ تہ هي آفريڪي آهي.

جيڪڏهن مان هن کي ترجمو ڪريان ”مسٽر بليڪ“ (Mr.Black) تہ توهان سمجهندو تہ هي ڪو انگريز آهي. جيڪڏهن مان هن جو ترجمو ڪريان ”مسٽر ڪالا“ تہ توهان سمجهندو تہ هي ڪو پاڪستاني آهي. جيڪڏهن مان هن کي زولو ۾ ترجمو ڪريان ”ممز مياما“ جنهن جي معني ”مسٽر بليڪ“ آهي تہ توهان سمجهندو تہ سائوٿ آفريڪا جو صدر زولو آهي.

توهان کي ڪو حق نہ آهي تہ توهان ماڻهن جي نالن جو ترجمو ڪيو پر هي يعني عيسائي ايئن ڪري رهيا آهن.

يعني محمدم (Muhammadim) جو هنن ترجمو ڪيو آهي ”الٽوگيدر لولي“ (Altogether Lovely).

پر لفظ محمد عبراني جي اصل ڪتاب ۾ موجود آهي.

جڏهن اسان تجزيو ڪريون ٿا. وڌيڪ ثبوت پيش ڪرڻ لاءِ تہ اسان ڏسون ٿا تہ اها بيماري بائيبل جي ترجمي ڪندڙن ۾ عام آهي. خاص طور تي عيسائين ۾.

توهان ڏسو ٿا تہ هو نالن جو ترجمو ڪن ٿا. مثال طور:

"مساياح" (Messiah) حضرت عيسىٰ ع "مساياح" هو. "مساياح" عبراني لفظ آهي.

عربيءَ ۾ "مسيح" (۽ اردو ۾ مسيحا).

انهيءَ جو ترجمو ڪرائيسٽ (Christ) ڪيو ويو.

اهو ڪٿان آيو؟ توهان هن کي ڪرائيسٽ (Christ) ڪيئن ٿا سڏيو؟

مون چيو توهان کي خبر آهي ته عبراني (Hebrew) لفظ "مساياح" ۽ عربي جي "مسيح" جي معني آهي ته انائينٽ (To,Anoint) يعني مکڻ، ملڻ، ڇهڻ يا مسح ڪرڻ . ته رب اوور (To,Rub Over).

توهان کي خبر آهي ته اسان مسلمان جڏهن نماز پڙهڻ ويندا آهيون ته اسان وضو ڪندا آهيون. اسان وضو جي طور تي هٿ ڌوئيندا آهيون، ڏندن کي صاف ڪندا آهيون، منهن ڌوئيندا آهيون، پيرن کي ڌوئيندا آهيون ۽ ٻانهن کي نوڙ تائين ڌوئيندا آهيون ۽ ان کان علاوه اسان پنهنجا هٿ آلا ڪندا آهيون ۽ انهيءَ کي مٿي تي ڦيرائيندا آهيون.

هر هڪ مسلمان ايئن ڪندو آهي. خاص طور تي جيڪو پنج دفعا عبادت ڪندو آهي ته اهو ائين ڪندو آهي. هر دفعي جڏهن هو وضو ڪندو آهي ته هو پنهنجا هٿ آلا ڪندو آهي ۽ هٿن کي هيئن ڦيرائيندو آهي. (هن دفعي شيخ احمد ديدت صاحب باقاعدي پنهنجي ٽوپي لاهي مٿي تي ۽ ڳچيءَ تي هٿ ڦيرائي ڏيکاري ٿو.)

توهان انهيءَ کي ڇا چوندا آهيو؟ (مجمع مان آواز آيو) "مسح".

"مسح" اسان انهيءَ کي "مسح" چوندا آهيون.

"مساح" عبراني لفظ "مساحا" کان آيل آهي. ساڳي ئي لفظ "مساح" ۽ "مساحا" جو عبرانيءَ ۽ عربيءَ ٻنهي ۾ انهيءَ جو مطلب آهي ته رب (To,Rub) ته مساج (To,Massage) ۽ ته انائنٽ (To,Anoint).

(وڊيو ۾ هڪ اسٽڪر اچي ٿو جنهن ۾ لکيل آهي.)

MASAHA MEANS: TO,RUB, TO, WIPE OR TO,ANOINT

جنهن شخص سان ايئن ڪيو ويندو آهي انهيءَ کي "مساياح"(Messiah) يا "مسيح" سڏيو ويندو آهي. پادرين کي ۽ بادشاهن کي جڏهن مسح ڪيو ويندو هو، پاڪ شراب يا پاڪ پاڻيءَ سان ته انهيءَ جو مطلب ايئن ٿيندو هو ته اڄ کان وٺي تون اسان جو پاڪ امام (يعني پيشوا)

آهين، يا اسان جو بادشاهه آهين، يا حاڪم آهين.

هنن وٽ ڪالونائيزيشن سيئرمني (Colonization Ceremony) آهي.

گائوننگ سيئرمني (Gowning Ceremony) آهي.

هاڻي توهان وٽ انائنٽنگ سيئرمني (Anointing Ceremony) به آهي.

انهي جو اهو مطلب آهي انائنٽيڊ (Anointed) (مسح ڪيل).

"مساياح" (Messiah) جو يوناني ترجمو ٿيندو ڪرسٽوس(Christos). ڪرسٽوس جو مطلب ٿيندو مسح ڪيل.

۽ هنن (عيسائين) اوس (os) کي ڪڍي ڇڏيو. ڇو ته ڪرسٽوس ڪجهه ڏکهو هو. سو هنن باقي ڪرائيسٽ (Christ) بچايو.

ڪرائيسٽ (Christ) جو مطلب آهي مسح ڪيل. اهو جنهن کي مسح ڪيو ويو هجي. پادري ۽ بادشاهن کي مسح ڪيو ويندو هو. سو هي لقب آهي حضرت عيسىٰ ؑ جو.

(اچو ته ڏسون ته سندس (حضرت عيسىٰ ؑ) جي نالي جو ڪهڙو حشر ٿا ڪن) جيزس (Jesus) به وري هن جو نالو نه آهي. هن جو نالو ڪلاسيڪل يهيشوا (Yaheshua) آهي.

عيسو (Isso)

عيسي (Issa)

اهو هن جو نالو هو. جڏهن هو ڄائو هو ته هن جي ماءُ عبراني زبان ۾ هن کي نالو جيزس (Jesus) نه ڏنو هو. ڇو ته عبرانيءَ ۾ جيزس (Jesus) لفظ ئي ڪونه آهي.

جي (J) هنن وٽ آهي ئي ڪونه.

هي آهي:عيسس.. عيسو... عيسي ... يهيشوا ... ڪلاسيڪل يهيشوا.

پر هنن کي هي عادت آهي، مغربين کي. هنن کي بيماري آهي جتي ڪوبه جي (J) نه آهي اتي جي (J) استعمال ڪرڻ جي.

انهن کي اها بيماري آهي جنهن کي جي (J) جي بيماري ڪٺي چئجي.

ڇئو يوسف (Yousuf) ته هو چوندا جوزف (Joseph)، يعقوب (Yakoob) کي چوندا جيڪب (Jacob)، يوحنا (Youhana) کي چوندا جان (John).

اتي جتي جي (J) آهي ئي ڪونه اتي هو جي (J) لڳائيندا آهن. هو لفظ کي لاطيني بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن جيئن اهو مغربي لڳي.

اها هڪ بيماري آهي. سيني واسطيدارن ۾، پر خصوصي طور تي عيسائين ۾ اهو آهي. اهي جي (J) کي ڳنڍيندا آهن ڇئو يهوواهه (Yehovah) ته جهوواز وٽنس (Jehova's Witness) چوندا جيهوواهه (Jehovah).

سو هو اتي جي (J) کي ڳنڍيندا آهن جتي جي (J) نه هوندو آهي. جتي ڪٿي. هن کي مان ته چوان ٿو ته اهي مذهب ۾ جي واڪنگ (J-Walking) ڪن ٿا.

منهنجي ملڪ ۾ هڪ چاچو آهي جيڪو جي واڪنگ ڪندو آهي.

جي واڪنگ (J-Walking) جو مطلب آهي ته توهان اتان ڪراس ڪيو تا جتي ڪراسنگ پيڊسٽرين (Crossing Pedestrian) نه هوندو آهي. توهان ڄاڻو ٿا ته اسان جي مڪيه روڊن تي پيڊسٽرين ڪراسنگ (Crossing Pedestrian) لڳل هوندو آهي. جيڪڏهن توهان ڪنهن ٻئي هنڌان ڪراس ڪندا آهيو ته ٻئي طرف کان بيٺل پوليس توهان کي پڪڙي ٿي ۽ هو توهان کي هڪ ٽيڪيٽ ڏئي ٿي انهيءَ کي چئبو آهي جي واڪنگ (J-Walking).

۽ عيسائين ماڻهن جي نالن ۾ جي واڪنگ ڪئي آهي ڪنهن به هنڌتي ۽ هر هنڌ تي.

متي 7 آيت 22-23 ۾ حضرت عيسىٰ ع پنهنجي ٻيهر اچڻ وقت ڪجھ ماڻهن بابت پيشنگوئيون ڪندي فرمائين ٿا ته:

”انهيءَ ڏينهن گھڻا مون کي چوندا ته اي خداوند اي خدواند اسان تنهنجيون پيشنگوئيون نه ڪيون ڇا؟ ۽ اسان تنهنجي نالي ڀوت نه ڪڍيا ڇا؟ ۽ تنهنجي نالي گھڻائي معجزا نه ڪيا ڇا؟

تڏهن آئون ڪين صاف چوندس ته مون اوهان کي ڪڏهن به نه سڃاتو: اي بدڪارو مون وٽان ٽري وڃو.“ (متي7: 22-23)

شيخ احد ديدت انهيءَ مٿين واقعي بابت فرمائين ٿا ته:

حضرت عيسىٰ ع فرمائي ٿو ته هن جي ٻيهر اچڻ وقت جڏهن هو ايندو ته گھڻا ئي ماڻهو چوندا:

خداوند خداوند! ڇا اسان تنهنجي نالي سان پيشنگوئيون نه ڪيو هيون ڇا؟ ۽ تنهنجي نالي سان ڀوت ڪڍيا هئا ۽ تنهنجي نالي سان وڏا وڏا ڪم ڪيا هئا. ڇا تون اهو سڀ ڪجھ نه ٿو ڄاڻين؟

۽ اسان ڀوت ڪڍياسين ۽ اسان بيمارن کي شفا ڏنوسون ۽ انڌن ۽ ڪوڙهين جو علاج ڪيوسون.

ڇا اهو سڀ ڪجھ تنهنجي نالي سان نه ڪيوسون؟

حضرت عيسىٰ ع چوي ٿو ته پوءِ هنن لاءِ نبوت ڪندس، انهن ماڻهن لاءِ جيڪي چوندا ته اسان هي سڀ ڪجھ توهان جي نالي سان ڪيو آهي.

خداوند خداوند! اسان هي سڀ ڪجھ توهان جي نالي سان ڪيو آهي.

حضرت عيسىٰ ع چوي ٿو ته پوءِ مان انهن لاءِ نبوت ڪندس ته:

منهنجي ڪڏهن به توهان سان واقفيت نه هئي مون کان پري ٿيو بدڪارو منهنجي پاسي کان پري ٿيو منهنجي توهان سان ڪڏهن به واقفيت نه رهي آهي.

مان عيسائين کان پڇان ٿو.

هو توهان کي ڇالاءِ چوي ٿو ته مون کان پري ٿيو؟

اسان جي علائقائي زبان ۾ پري هٽ!

هو ڇالاءِ توهان کي چوي ٿو تہ منهنجي پاسي کان هٽي وڃو؟
توهان تہ اهو سڀ هن جي نالي سان ڪيو هو.
هو ڪنهن هندو کي ڪونہ ٿو چوي تہ مون کان هٽي پري ٿي.
هو ڪنهن مسلمان کي ڪونہ ٿو چوي تہ مونکان هٽي پري ٿي.
هو ڪنهن يهودي کي ڪونہ ٿو چوي تہ مون کان هٽي پري ٿي.
پر هو توهان کي چوي ٿو، عيسائين کي، جيڪي چون ٿا: ”خداوند خداوند!“
مان چوان ٿو تہ مان ڄاڻڻ چاهيان ٿو تہ ڇو؟
هو ڇو توهان کي چوي ٿو تہ هٽي پري ٿيو. جواب ڏيو؟
پر هنن وٽ ڪو جواب ئي نہ آهي.
هوڇا لاءِ توهان کي چوي ٿو؟
نہ يهودين کي، نہ هندن کي، نہ مسلمانن کي، پر توهان کي، پنهنجن پوئلڳن کي، جن معجزا ڪري ڏيکاريا انهن کي چوي ٿو: نڪري وڃو!
سو هو پنهنجي ٻيهر اچڻ وقت ڪجھ ڪم ڪرڻ چاهي ٿو.
پر هن جي ٻيهر اچڻ وقت اچو تہ هن کي سڃاڻيون.
هي حضرت عيسىٰ عہ آهي ۽ هن جي ٻيهر اچڻ وقت توهان رڙيون ٿا ڪريو:
جيزس ڪرائيسٽ (Jesus Christ) ... جيزس ڪرائسٽ (Jesus Christ) ...
پر مان چوان ٿو: هو توهان ڏي مڙي بہ ڪونہ ڏسندو ڇو تہ هن ڪڏهن پنهنجي زندگيءَ ۾ لفظ جيزس (Jesus) نہ ٻڌو آهي ۽ نہ ئي ڪڏهن لفظ ڪرائيسٽ (Christ) ٻڌو آهي. ڇو تہ هي نوان لفظ آهن. توهان پنهنجي طرفان مختلف جزا ملائي ٺاهيا آهن.
عيسي ... عيسو ... يهيشوا
توهان چئو تہ جيزس (Jesus)
هو ڄاڻندو ئي ڪونہ. هو چوندو تہ توهان ڇالاءِ رڙيون ٿا ڪريو؟
سو هنن لفظ مساياح (Messiah) جو ترجمو ڪرائيسٽ (Christ) ڪري ڇڏيو. ڪرائيسٽ هن ڪڏهن ٻڌو بہ نہ هو.
پيٽر (Peter) هن جو رهبر حواري.
توهان کي خبر آهي تہ هن جي آسمان تي کڄي وڃڻ کان اڳ اهو پيٽر هو، جنهن کي هو چوندو هو:
پيٽر منهنجي ڌڻ کي کاراءِ!
منهنجي رڍ جي ٻچي کي کاراءِ!
منهنجي رڍ کي کاراءِ!
مطلب تہ هو ٻين جي سنڀار ڪندو هو هو سڀني کان وڏو هو هو سڀني کان وڌيڪ بالغ نظر هو ٻين جي سنڀال ڪرڻ لاءِ بهترين ۽ قابل.
پيٽر جو نالو سائمن (Simon) هو.

مان چوان ٿو تہ پيٽر ڪڏهن بہ پنهنجي زندگيءَ ۾ پنهنجو نالو پيٽر نہ ٻڌو هوندو.

ڇا توهان هي ڄاڻو ٿا؟ توهان کي خبر آهي تہ هن جو نالو سائمن هو؟ حضرت عيسىٰ عہ هڪ موقعي تي هن جي ضري ۾ آئرش (Irish) ماڻهن وانگر جنگجو طبيعت جي ڪري، آئرش ماڻهو لڙاڪو ماڻهو هوندا آهن همٿ ڀريا هوندا آهن، ڇو تہ هن جي حوارين ۾ هوهڪ اهڙي قسم جو ماڻهو هو، سڀ کان وڌيڪ جنگجو. سوهن جي هڪ خاصيت بيان ڪندي فرمائي ٿو: سائمن تون ڪيفس (Cephas) آهين.

عبرانيءَ ۾ ڪيفس جي معني آهي پهاڙ. يعني تون هڪ پهاڙ وانگر آهين. تون ڪيفس آهين. ڪيفس معني جابلو پهاڙ.

سو عيسائين هن جو ترجمو ڪيو آهي پيٽرياس (Peterias).

يوناني ۾ پيٽرياس جي معني آهي جابلو پهاڙ، جتان توهان لفظ پيٽر ورتو. پيٽر ڪڏهن بہ پنهنجي زندگيءَ ۾ لفظ پيٽر نہ ٻڌو.

مون تي يقين ڪريو ماڻهو مون وٽ ايندا هئا ۽ مون کي چوندا هئا: تہ نہ توهان غلط آهيو.

مان انهن کي چوندو هيس : منهنجي درستگي ڪريو. لکيل پڙهيل ماڻهو. مان چوندو هيس تہ اچو مون سان ڳالهايو.

مان چوان ٿو تہ پيٽر ڪڏهن بہ پنهنجي زندگيءَ ۾ لفظ پيٽر نہ ٻڌو. هو سائمن ڪيفس هو. توهان ڪيفس جو ترجمو پيٽرياس ۾ ڪيو آهي. ڪيفس جي معني جابلو پهاڙ. پيٽرياس جي معني بہ آهي جابلو پهاڙ، جتان هاڻي لفظ پيٽر نڪتو آهي.

ڏسو تہ ڇا ٿيو؟ هيءَ هڪ قسم جي بيماري آهي. سيني سبجيڪٽ وارن ماڻهن ۾ آهي تہ اهي ڪوشش ڪندا آهن تہ لفظن جو تلفظ حڪومتي ماڻهن سان مطابقت رکي.

احساس ڪمتري!

اهو سيني ۾ آهي سائوٿ آفريڪا ۾ منهنجا پنهنجا ماڻهو اسان سيني انهيءَ بيماري مان گذري رهيا آهيون.

مان توهان جي باري ۾ نہ ٿو ڄاڻان. توهان سڀ هت نوان آهيو. پر جڏهن توهان ڪجهہ ڪميونٽي وارن سان ملندو تہ توهان کي خبر پوندي تہ هو توهان سان ڪهڙي هلت چلت ڪن ٿا.

اسان وٽ يوسف آهي ۽ اسان انهيءَ کي سڏيندا آهيون جو(Joe).

اسان وٽ فاطمہ آهي ۽ اسان انهيءَ سڏيندا آهيون تيما (Teema). توهان سمجهو ٿا نہ؟ هي ڪجهہ مغربي لڳندو آهي.

خديجہ اسان انهي کي سڏيندا آهيون، ديجہ (Dija).

ابراهيم ۽ توهان چوندئو ابراهام (Abraham) يا ابرام (Abram) ۽ اهو

احساس ڪمتري آهي جيڪو اسان سيني ۾ آهي.

۽ عيسائي انهيءَ بيماريءَ کان وانجهيل ڪونه آهن ۽ اهو مسئلو آهي. سال (Saul) ترجمو ڪيو ويو پال (Paul). جيڪڏهن توهان عيسائي تي ڪري پنهنجي ٻار جو نالو سال(Saul) رکندو ته ماڻهو سمجهندا ته توهان هڪ يهودي آهيو. پر جيڪڏهن توهان سال کي پال ۾ تبديل ڪندو ته پال يوناني يا رومن لڳندو آهي.

يهيشوا سوفيصد يهودي لڳندو آهي پر.

جيزس جڏهن توهان هن کي نئين قوميت ڏئي ڇڏي.

ڪرائيسٽ نئين قوميت ڏنل آهي.

مساياح اجا به يهودي آهي.

مسيح اجا به عربي آهي.

سو اسان ڇئون ٿا ته توهان نالو وڃائي ڇڏيو آهي.

جيزس ڪرائيسٽ (Jesus Christ) قرآن شريف مطابق هن ريت آهي.

وَاِذْ قَالَ عِيْسَى ابْنُ مَرْيَمَ يٰبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ اِنِّيْ رَسُوْلُ اللّٰهِ اِلَيْكُمْ مُّصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيَّ مِنَ التَّوْرٰىةِ وَمُبَشِّرًاۢ بِرَسُوْلٍ يَّاْتِيْ مِنْۢ بَعْدِي اسْمُهٗٓ اَحْمَدُ ۭ فَلَمَّا جَاۗءَهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ قَالُوْا هٰذَا سِحْرٌ مُّبِيْنٌ.[1]

ترجمو: "۽ اهو وقت يادڪر جڏهن عيسي پٽ مريم جي چيو ته اي بني اسرائيلو بيشڪ آءٌ اوهان ڏانهن الله جو موڪليل آهيان. جيڪو توريت منهنجي اڳيان آهي تنهنجو سچو ڪندڙ آهيان ۽ هڪ اهڙي پيغمبر جي خوشخبري ڏيندڙ آهيان جو مون کان پوءِ ايندو جنهنجو نالو احمد هوندو."

جنهنجو نالو احمد ﷺ هوندو جنهن جو ٻيو نالو محمد ﷺ آهي.

محمد ﷺ ۽ احمد ﷺ پيغمبر اعظم لاءِ استعمال ٿيل هڪ ٻئي جي مترادف احمد ﷺ اهو آهي جيڪو قرآن اسان کي ٻڌائي ٿو. پر عيسائي چون ٿا ته ڏسو اهو اسان جي ڪتاب ۾ نه آهي، اهو هتي ڪونه آهي: هتي نه محمد ﷺ آهي نه احمد ﷺ، توهان جي لاءِ هتي رهيل ڪجھ نه آهي.

پر توهان کي تجزيو ڪرڻو پوندو ته اتي ڇا آهي؟"[2]

هن جڳھ تي شيخ احمد ديدت صاحب انجيل يوحنا 16: 7 ۾ آيل لفظ "مددگار" (فارقليط) تي بحث ڪري ثابت ڪري ٿو ته: اهو لفظ حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليه وعلي آله واصحابه وسلم جي نالي "محمد" جي مترادف آهي. اهو هڪ مستقل بحث آهي جيڪو اسان "سيرت النبي صلي الله عليه وآله وسلم، جلد ڇهريون، حصو ٻيو (نئون عهدنامو)" جي پيشنگوئين جي باب ۾ ذڪر ڪنداسين. انشاءَ الله.

---

1. سورة الصف: 6

2. ديدت، احمد، وڊيو تقرير مان ورتل.

ڪتاب يسعياه جو تعارف

يسعياه جو ڪتاب بني اسرائيل جي هڪ وڏي پيغمبر حضرت يسعياه ع بن آموص ڏانهن منسوب آهي. علامہ ابن ڪثير هن کي ”حضرت شعيا بن امصيا ع“ لکي ٿو. هو لکي ٿو ته:

”محمد بن اسحاق رحمت الله عليہ فرمائين ٿا تہ حضرت شعيا حضرت زڪريا ۽ حضرت يحي عليهم السلام کان پهريون مبعوث ٿيا هئا. پاڻ ع انهن نبين ۾ شمار ٿين ٿا جن حضرت سيدنا عيسىٰ ع ۽ نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جون بشارتون ڏنيون هيون. هنن جي نبوت جي زماني ۾ بني اسرائيل تي حزقيا بادشاهہ حڪومت ڪندو هو. حزقيا حضرت شعيا ع جو مطيع ۽ فرمانبردار هو. پاڻ ع هن کي جيڪو حڪم ڏيندا هئا، هو بجا آڻيندو هو ۽ جنهن شئي کان روڪيندا هئا انهيءَ کان هو پاسو ڪندو هو.“[1]

حضرت يسعياه ع اٺين صدي قبل مسيح جي نصف آخر ۾ يروشلم ۾ ٿي گذريو آهي. هن نبيءَ جو دور تمام پر آشوب دور هو. هن جي دور ۾ بني اسرائيل وارن جون ٻہ سلطنتون هيون، سلطنت يهوداهہ ۽ سلطنت اسرائيل. حضرت يسعياه ع يهوداهہ جي بادشاهن عزياه، يوتام، آخز ۽ حزقياه جو دور ڏٺو.2 هن جي دور ۾ ڏاڪڻين سلطنت يهوداهہ کي پاڙيسري سلطنت اشور کان زبردست خطرو هو. هي هاڻوڪي اتر عراق جا رهندڙ هئا. هنن 734_732 قبل مسيح ۾ آرام (موجوده شام) کي تباه ڪيو ۽ 722_721 قبل مسيح ۾ سلطنت اسرائيل کي تباه ڪيو ۽ 701 قبل مسيح ۾ هنن يهوداه جي سلطنت کي پنهنجو مطيع يعني فرمانبردار بڻايو. پر تنهن هوندي بہ اشوري بادشاهہ سخيرب نہ مڙيو ۽ يهوداه جي سلطنت تي چڙهائي ڪري آيو. الله تبارڪ وتعالي پنهنجو معجزو ڏيکاريو. راتو رات خداوند جا فرشتا نڪري اشورين جي لشڪر ۾ ويا ۽ هنن جا هڪ لک پنجاسي هزار ماڻهو ماري ڇڏيائون. صبح جو سوير جڏهن ماڻهو اٿيا تہ هنن کي مئل ڏٺائون. اشوريہ جو بادشاه سخيرب هي حال ڏسي واپس موٽي نينوه پهتو.[3]

علامہ ابن ڪثير فرمائي ٿو تہ:

”الله تعالي سخاريب جي سموري لشڪر کي ماري ڇڏيو. صبح تي

---

1. ابن ڪثير، محمد بن اسمائيل، عماد الدين، حافظ، امام، ”قصص الانبياء“ (اردو)، مترجم: اويسي، محمد فيض احمد، ابوالصاح، مفتي، 2006ع، ص 729
2. يسعياه 1 : 1
3. 2 ـ سلاطين 19 : 35 ـ 36

تہ سخاريب ۽ ان جا پنج ساٿي جنهن ۾ بخت نصر بہ هو زنده هئا. باقي سمورو لشڪر هلاڪ ٿي چڪو هو. بني اسرائيل جي بادشاهہ هنن کي قيد ڪري ورتو. بيڙيون پارايائين ۽ سترهن ڏينهن تائين هنن کي ذلت ۽ رسوائيءَ جي حالت ۾ مختلف شهرن ۾ ڦيرائيندو رهيو. هنن مان هر هڪ کي جَوَن جُون بہ مانيون کائڻ لاءِ ملنديون هيون. پوءِ انهن کي قيدخاني ۾ وجهي ڇڏيائين.

الله تعالي حضرت شعيا عہ ڏانهن وحي فرمائي تہ: "حزقيا کي چئو تہ هنن کي ڇڏي ڏي. جيئن هي پنهنجي ملڪ واپس هليا وڃن ۽ وڃي ڪري ٻڌائين تہ هنن تي ڪهڙو عذاب نازل ٿيو."

جڏهن هي قيدي پنهنجي ملڪ پهتا ۽ سخاريب ماڻهن کي ٻڌايو تہ هنن تي ڇا گذري تہ هنن جي جادوگرن ۽ ڪاهنن چيو تہ:

"اسان توکي آگاهہ ڪري ڇڏيو هو تہ هنن جي خدا جو ڇا شان آهي؟ ۽ هنن جا نبي ڪيترا مضبوط آهن؟ پر توهان اسان جي هڪ نہ ٻڌي. بني اسرئيل هڪ اهڙي قوم آهي جنهنجي خدا کي ڪوبہ شڪست نہ ٿو ڏيئي سگهي."

سخاريب ڊڄي ويو ۽ ستن سالن بعد مري ويو."[1]

لڳي ٿو تہ بعد ۾ انهيءَ ذلت ۽ رسوائيءَ جو بدلو وٺڻ لاءِ بخت نصر يروشلم تي ڪاهہ ڪئي هئي. هن وڏو قتل عام ڪرايو هو. هيڪل کي تہ اهڙو تباهہ ڪيو هئائين جو هن جي ڪا هڪ سر بہ پنهنجي جاءِ تي نہ رهي هئي. بني اسرائيل جي سموري قبيلي کي غلام بڻائي بابل وٺي ويو. هن ئي جنگ ۾ توريت جون تقريبا سڀ ڪاپيون ضايع ٿي ويون. بعد ۾ حضرت عزيرعہ يادگيري تي موجوده توريت لڪرايو. هن ئي جنگ ۾ نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي آباءَ واجداد مان حضرت عدنان کي بخت نصر مارڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ان جي سفارش الله جي حڪم سان حضرت يرمياه عہ نبيءَ ڪئي ۽ بخت نصر کي چيائين تہ هن جي نسب مان ئي نبي آخرالزمان پيدا ٿيڻو آهي. ان وقت سندن عمر 12 سال هئي. حضرت يرمياه عہ کين پاڻ سان بابل وٺي ويو ۽ جڏهن اسيري جو دور ختم ٿيو تہ پاڻ موٽي پنهنجي قبيلي وارن وٽ عربستان آيا هئا.

علامہ ابن ڪثير لکي ٿو تہ:

"ابن اسحاق چون ٿا تہ بني اسرائيل جي بادشاهہ حزقيا جي وفات کان پوءِ بني اسرائيل ۾ فساد برپا ٿي ويو. انهن ۾ طرح طرح جون بدعتون شروع ٿي ويون ۽ هنن جون شرارتون وڌي ويون. الله تعالي حضرت شعيا عہ کي وحي فرمائي. پاڻ عہ بني اسرائيل وارن وٽ بيٺا.

---

1. ابن ڪثير، محمد بن اسمائيل، عماد الدين، حافظ، امام، "قصص الانبياءَ" (اردو)، مترجم: اويسي، محمد فيض احمد، ابوالصاح، مفتي، 2006ع، ص 730

وعظ فرمايائون ۽ انهن کي ٻڌايائون ته الله تعالي جو حڪم ڇا آهي ۽ هنن کي ڊيڄاريائون ته هن جو عذاب سخت آهي. باز نه ايندو ته توهان جو سخت عذاب سان واسطو پوندو.

جڏهن پاڻ عه انهن سان گفتگو ڪري چڪا ۽ الله جو پيغام پهچائي چڪا ته ماڻهو پاڻ عه کي قتل ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌيا. پاڻ عه ڀڄي ويا. هڪ وڻ جي ويجهو ٽپيا. وڻ ڦاٽي پيو. پاڻ عه ان ۾ داخل ٿي ويا. شيطان مردود جيڪو اهو سڀ ڪجهه ڏسي رهيو هو، انهيءَ پاڻ عه جي ڪپڙي جو هڪ ڪنڊ ظاهر ڪري ڇڏيو. جڏهن ماڻهن ڏٺو ته پاڻ عه وڻ جي ٿڙ ۾ لڪيل آهن ته آري ڪٽي آيا. وڻ تي رکي ان کي چيري ڇڏيائون. اهڙيءَ طرح پاڻ عه جو جسم مبارڪ به وڻ سان گڏ چيرجي ويو. انا لله وانا اليه راجعون.“[1]

هن جي زال جو نالو نبيه هو (3:8) ۽ هن جي پٽن مان وڏي جو نالو شيارياشوب (3:7)، وچين جوعمانوايل (14:7) ۽ ننڍي جو مهير شالال حاش بز(3:8) هو.

پراڻي عهدنامي جي سيني ڪتابن مان هن ڪتاب ۾ حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليه وعلي آله واصحابه وسلم بابت سڀ کان وڌيڪ پيشنگوئيون آهن. حضرت امام علي رضا عه به هڪ يهودي عالم ”راس الجالوت“ سان مناظري دوران يسعياه جي ڪتاب جي هڪ آيت مان به استدلال ورتو هو. پاڻ فرمائين ٿا ته:

”شعيا نبي جو قول توريت ۾ ذڪر ٿيل آهي ته: ”مون به سوار ڏٺا جن جي عڪس سان دنيا روشن ٿي وئي. انهن مان هڪ گڏهه تي سواري ڪيون بيٺو هو ۽ ٻيو اٺ تي. اي راس الجالوت تون ٻڌائي سگهين ٿو ته اهي ڪير هئا؟“ هن انڪار ڪيو. پاڻ فرمايائون: ”راڪب الحمار“ کان حضرت عيسىٰ عه ۽ ”راڪب الجمل“ کان حضرت محمد مصطفي صلعم مراد آهن.“[2]

موجوده ڪتاب يسعياه ۾ اها آيت هن ريت لکيل آهي:

”هن سوار ڏٺا جيڪي ٻه ٻه اچن پيا ۽ گڏهن ۽ اٺن تي سوار ۽ هن وڏي غور سان ٻڌو.“[3]

هي بابل جي زوال بابت هڪ رويا آهي. پنهنجي جاءِ تي هي هڪ مستقل پيشنگوئي آهي. جنهن ۾ بابل جي معبودن جي تباهيءَ جو ذڪر آهي:

”۽ ڏسو سپاهين جا غول ۽ انهن جا سوار ٻه ٻه ٿي ڪري اچن ٿا. وري هن هيئن چيو ته بابل ڪري پيو، ڪري پيو ۽ هن جي معبودن جا

---

1. ايضا ـ ص 730
2. ڪراروي، نجم الحسن،سيد، ”چوده ستاري“، اماميه ڪتب خانه لاهور، ص 455
3. يسعياه 21 : 7

سڀ تراشيل مورتيون بلڪل ڀڄل پيون آهن.“[1]

هي پيشنگوئي بہ حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ و اصحابہ وسلم بابت ئي صحيح لڳي ٿي. ڇو تہ نبي ڪريم صلي الله وآلہ وسلم جي امت ئي اچي هنن جون مورتيون ڀڃي پورا ڪري ڇڏيون هيون.

عيسائي حضرات هن ڪتاب جي پيشنگوئين کي حضرت عيسىٰ ع بابت منسوب ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. اسان اوهان آڏو هنن جي غلط بياني جا پول پڌرا ڪنداسين.

---

1. يسعياه 21 : 8

(15) سلامتيءَ جو شهزادو

”اڳوڻي وقت ۾ هن زبولون جي زمين کي ۽ نفتالي جي زمين کي حقارت جهڙو ڪيو هو. پر پوئين وقت ۾ هن انهيءَ کي سمنڊ جي رستي کان، يردن جي هن پرِ، يعني قومن جي گليل کي عزت وارو ڪيو آهي.

جيڪي ماڻهو اونداهيءَ ۾ هلندا هئا تن روشنائي ڏٺي آهي: جيڪي موت جي پاڇي واري زمين ۾ رهندا هئا، تن تي اها روشنائي چمڪي آهي.

تو قوم کي وڌايو آهي ۽ انهن جي خوشي بہ زياده ڪئي اٿئي: هو تنهنجي اڳيان اهڙي خوشي ٿا ڪن جهڙي فصل لڻڻ مهل ڪبي آهي، يا جهڙي خوشي لٽ جي مال ورهائڻ مهل ماڻهو ڪندا آهن.

ڇا لاءِ جو تو مديان جي ڏينهن ۾، هن جي بار جي پاڃاري ۽ هنجي ڪلهن جي لٺ ۽ هن تي ظلم ڪندڙ جو لڪڻ ڀڃي ڇڏيو آهي.

ڇا لاءِ جو جنگ ۾ هٿيارن ٻڌل ماڻهوءَ جا سڀ هٿيار ۽ رت ۾ ڀريل ڪپڙا، ساڙڻ جي لاءِ باه جي کاڻين جهڙا ٿيندا.

ڇا لاءِ جو اسان کي هڪڙو ٻار ڄائو آهي، اسان کي هڪڙو پٽ ڏنو ويو آهي: ۽ حڪومت انهيءَ جي ڪلهن تي هوندي: ۽ انهيءَ جو نالو عجيب، مشير، قادرخدا، دائم قائم ابو ۽ سلامتيءَ جو شهزادو رکيو ويندو.

انهيءَ جي بادشاهيءَ جي اقبالمندي ۽ سلامتيءَ جي حد ئي ڪانہ ٿيندي ۽ هو دائود جي تخت تي ۽ انجي بادشاهيءَ تي هن وقت کان وٺي هميشہ تائين قائم رهندو: ۽ انصاف ۽ سچائي سان انهيءَ کي قائم ڪندو. لشڪرن جي خداوند جي غيرت ائين ڪندي.“[1]

تشريح

زبولون ۽ نفتالي (حضرت يعقوب عہ جي اولاد هجڻ ڪري) مان مراد بني اسرائيل وارا آهن. هن زمين جا رهاڪو پنهنجي ڪردار جي ڪري حقارت ڀريا ٿي پيا. پر پوئين وقت ۾ هو عزت ڀريا ٿيندا.

(الف) قومن جو گليل

سنڌي بائيبل ۾ لکيل آهي ”قومن جو گليل“. جڏهن تہ اردو بائيبل ۾ ”غيرقومون ڪا جليل“ لکيل آهي. انٽرنيٽ تي اهو لفظ هن ريت ملي ٿو.

عبراني لفظ	اچار	انگريزي ۾ معني
גְּלִ֖יל	gə-lîl	in Galilee
הַגּוֹיִֽם׃	hag-gō-w-yim.	of the Gentiles

1. يسعياه 9 : 1 ـ 7

لفظ جينٽائيلز (Gentiles) معني ”غير قومون“ پر سنڌيءَ وارو انهيءَ جو ترجمو ڪري ٿو ”قومن جو گليل“ جڏهن ته لفظ ٺيٺ ڪپي ”غير قومن جي گليل.“

هن مان مراد اهو آهي ته سرزمين ته بني اسرائيل وارن واري ئي هوندي پر ان تي قبضو غير قومن جو ٿي ويندو. هاڻي اها زمين ”بني اسرئيل وارن جو گليل“ نه سڏبي. پر ”غير قومن جو گليل“ سڏبي ۽ جڏهن هو غير قومن جي هٿ هيٺ ايندي ته عزت پري هوندي. نه ڪه حقارت پري. هي هڪ چٽي نشانين مان هڪ نشان آهي.

(ب) اونداهيءَ ۾ هلندڙن روشني ڏٺي

هنن مان مراد بني اسرائيل وارا نه ٿا ٿي سگهن. ڇو ته هنن وٽان هميشه روشني ئي روشني رهي. هنن وٽ هڪڙو نبي وڃي پيو ته ٻيو اچي پيو. ڪڏهن ڪڏهن ته هنن وٽ هڪ ئي وقت ۾ ڪيترائي نبي نبوت ڪندا هئا. جنهنجو ثبوت حضرت موسىٰ عه ۽ حضرت هارون عه کان علاوه حضرت عيسىٰ عه ۽ حضرت يحي عه به آهن. پر هي عرب قوم ئي هئي جيڪا انداهيءَ ۾ هلي رهي هئي. انهن وٽ حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليه وعلي آله واصحابه وسلم قرآن جي روشني کڻي آيو.

(ت) هو تنهنجي اڳيان خوشي ٿا ڪن

حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليه وعلي آله واصحابه وسلم جي هجرت مدينه جي وقت مديني وارن وڏي خوشيءَ جو اظهار ڪيو هو. ڇوڪرين دف وڄائي گيت ڳائي سندس استقبال ڪيو هو. حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليه وعلي آله واصحابه وسلم کي هو پاڻ لاءِ هڪ وڏي نعمت سمجهي رهيا هئا. حضور صلي الله عليه وآله وسلم جي اچڻ کي هو پاڻ لاءِ هڪ وڏي دولت سمجهي رهيا هئا. حضور صلي الله عليه وآله وسلم جي اچڻ سان هنن وٽ ظلم ۽ ڏاڍ وارو ماحول ختم ٿي ويو ۽ هڪ اعتماد واري فضا قائم ٿي وئي.

(ث) اسان کي هڪڙو ٻار ڄائو آهي

اسان کي هڪڙو ٻار ڄائو آهي، اسان کي هڪڙو پٽ ڏنو ويو آهي. الله تبارڪ وتعالي بي عيب آهي. هن کي اولاد هجڻ جو هڪ مسلمان ته تصور به ڪري ڪونه ٿو سگهي. هو روزانه ڪيترائي پيرا چوندو آهي:

لَمۡ يَلِدۡ ۙ وَلَمۡ يُوۡلَدۡ ۙ.[1]

ترجمو: ”هن ڪنهن کي نه ڄڻيو آهي نه ئي هو ڪنهن مان پيدا ٿيو آهي.“

پوءِ هو ڪهڙيءَ ريت سوچي سگهي ٿو ته اللهؔ کي ڪو پٽ به پيدا

---

1. سورة الاخلاص: 3

ٿيو آهي؟

هيءَ پراڻي عهدنامي ۽ نئين عهدنامي ۾ پنهنجن نيڪ ٻانهن لاءِ اهڙي زبان استعمال ڪئي وئي آهي. جيڪو الله تبارڪ وتعالي جي حڪمن تي هلندو هو انهيءَ کي الله جي پٽن ۾ ڳڻيو ويندو هو. جيئن پراڻي عهدنامي ۾ آهي:

”اوهين خدواند پنهنجي خدا جا ٻار آهيو.“[1]

نئين عهد نامي ۾ آهي:

”يسوع چيس ته مون کي هٿ نه لاءِ ڇو جو آءٌ چڙهي وڃان ٿو پنهنجي پيءُ ۽ اوهان جي پيءُ وٽ، پنهنجي خدا ۽ اوهان خداوٽ.“[2]

هي آيتون واضع ڪن ٿيون ته يسعياه 9: 6 ۾ جنهن ٻار بابت ذڪر ٿيل آهي اهو هڪ خاص ۽ اهم بندو ته آهي پر ڪو جسماني طور الله جو ڄڻيل ٻار نه آهي. اللهؑ جو هي خاص بندو حضرت عيسىٰ ع به ٿي سگهي ٿو، حضرت يحي ع به ٿي سگهي ٿو ته حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم به ٿي سگهي ٿو.

پر جيڪي ٻيون نشانيون هنن آيتن ۾ آهن اهي ٻڌائن ٿيون ته هي ذڪر حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جو آهي. جن مان ڪجھ نشانين جو ذڪر اسان مٿي ڪري چڪا آهيون. ٻين نشانين مان هڪ نشاني اها آهي ته: ”حڪومت انهيءَ جي ڪلهن تي هوندي.“

حضرت عيسىٰ ع جنهن جي نسبت عيسائي چون ٿا ته هي سڀ پيشنگوئيون انهيءَ جي باري ۾ آهن ته انهن کي خبر هجڻ کپي ته حضرت عيسىٰ ع ڪڏهن به حڪومت قائم نه ڪري سگهيو. اڄ تائين دنيا ۾ ڪو هڪڙو ملڪ به نه آهي جيڪو پاڻ کي عيسائي حڪومت سڏائي. پر حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم پنهنجي حياتيءَ ۾ هڪ حڪومت جو بنياد رکيون ويا هئا. جيڪا اڄ تائين اسلام جي نالي تي قائم آهي. ايران به اسلامي حڪومت هجڻ جو دعويدار آهي. خود پاڪستان جو وجود اسلام جي نالي تي آيو آهي.

(ج) ڪجھ ٻيون نشانيون

هڪ نشاني عجيب بيان ٿيل آهي. حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي تعليمات ڪافرن کي عجب ۾ وجهي ڇڏيو هو. هو حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جا عجيب ڪم ڏسي ڪيس ”**جادوگر**“ سڏڻ لڳا هئا.

---

1. استثنا 14 : 1
2. يوحنا 20 : 17

مشير: لفظ مشير کجھ مبھم آھي. جو تہ الله تبارڪ وتعالي پنھنجا ڪم بنا ڪنھن مشوري جي، پنھنجي مرضي سان ڪندو آھي. ھا! ھن مان مراد جيڪڏھن سفارش آھي تہ پوءِ صحيح آھي ۽ حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم سڀ کان اول سفارش ڪرڻ وارو ۽ شفاعت ڪرڻ وارو آھي.

قادر خدا: ھن مان اھو مراد نہ ورتو وڃي تہ اھو انسان قادر خدا سڏجي سگھجي ٿو، جيئن عيسائي حضرات حضرت عيسیٰ ع کي سڏيندا آھن. قادر خدا الله تبارڪ وتعالي پنھنجو پاڻ آھي. ھتي ھن لفظ مان مراد اھو آھي تہ ھن کي ڏسي خدا جي قدرت تي يقين ٿي وڃي تہ ”بيشڪ الله ھرشئي تي قدرت رکڻ وارو آھي“ (اِنَّ اللہَ عَلٰی کُلِّ شَیۡءٍ قَدِیۡرٌ). الله تبارڪ وتعالي جي ھن صفت کي قران ۾ تقريبا 37 دفعا دھرايو ويو آھي.

دائم قائم ابو: يعني ھن جي تعليمات ابد لاءِ ھوندي. آخر وقت ۾ جيڪڏھن حضرت عيسیٰ ع ايندو تہ بہ حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي تعليمات جي ئي پرچار ڪندو.

سلامتيءَ جو شھزادو: حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي دين جو نالو ئي سلامتيءَ وارو دين آھي ۽ مسلمان ھر ڪنھن سان ملڻ وقت چوندا آھن: ”اسلام عليڪم“ يعني ”توھان تي سلامتي ھجي.“ ھن وقت بہ جيڪا سلامتي سعودي عرب ۽ ايران ۾ آھي اھا فلسطين(اسرائيل) ۾ ڪانہ آھي. فلسطين اڄ بہ باھہ وانگر ٻري رھيو آھي ۽ روزانہ اتي مسلمان عورتن ۽ ٻارن کي ماريو ٿو وڃي.

دائود جي تخت تي هميشہ قائم رھندو: دائود جو تخت عرب علائقي ۾ ۽ فلسطين جي علائقي ۾ ھو. پر اتي اڄ بہ ڪا عيسائي حڪومت نہ آھي. ھر طرف مسلمانن جي ئي حڪومت آھي ۽ ھڪ ننڍڙي ٽڪري تي يھودين جي حڪومت آھي، پر عيسائين جي ڪابہ حڪومت نہ آھي. يعني ھي پيشنگوئي ڪنھن بہ صورت ۾ حضرت عيسیٰ ع تي فٽ نہ ٿي ويھي، جيئن عيسائي حضرات ڪوشش ڪري رھيا آھن. پر ھي سڀ نشانيون ۽ علامتون حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم ۽ ھن جي دين ڏانھن اشارو ڪري رھيون آھن.

(16) هجرت مدينہ ۽ جنگ بدر

”عرب بابت ڪلام:-
اي دوان جا قافلا، اوهين عرب جي ٻيلي ۾ ٽڪندا. جيڪو اڃيو هو تنهن کي پاڻي آڻي ڏنائون؛ تيما جي ملڪ جا رهاڪو ڀڳلن سان اچي گڏيا.
ڇالاءِ جو هو ترارين کان، اگهاڙين ترارين کان ۽ موڙيل ڪمان کان ۽ جنگ جي سختيءَ کان اٿي ڀڳا هئا. ڇالاءِ جو خداوند مون کي هيئن فرمايو آهي تہ هڪ سال اندر، مزورن جي سالن موجب، قيدار جي سڀ وڏائي گم ٿي ويندي ۽ تيراندازن جي شمار مان باقي رهيل مرد يعني قيدار جي اولاد مان بهادر ٿورا ٿيندا: ڇالاءِ جو خداوند، اسرائيل جي خدا ائين فرمايو آهي.“[1]

هن پيشنگوئي ۾ هيٺيون ڳالهيون بحث جوڳيون آهن.
(i)عرب بابت ڪلام
(ii) دوان جا قافلا
(iii) عرب جو ٻيلو
(iv) تيما جي اولاد
(v) ڀڳلن سان اچي گڏيا
(vi) هڪ سان اندر قيدار جي وڏائي گم ٿيندي.

(الف) عرب بابت ڪلام

انٽرنيٽ تي انهيءَ جملي معني عبراني ۽ انگريزيءَ ۾ هن ريت ڏنل آهي.

عبراني لفظ	اچار	انگريزي ۾ معني
מַשָּׂא	maś-śā	The burden
בַּעְרָב	.ba'-rāb;	against Arabia

ويبسٽر نيو ورلڊ ڊڪشنري (Webester's New World Dictionary) ۾ لفظ برڊن (burden) جي معني هن ريت لکيل آهي:

Burden= (1) anything that carried, load. (2) anything one has to bear or put up with; heavy load, as of work, duty, responsibility, sorrow, etc

انگريزي جي بائيبل ۾ اهو جملو هن ريت لکيل آهي:

1. يسعياه 21 : 13 ـ 17

"The burden upon Arabia."

اردو بائيبل ۾ لکيل آهي :

"عرب کي بابت بار نبوت"

هاڻي سنڌيءَ ۾ انهيءَ جو ترجمو ڪيو ويو آهي:

"عرب بابت ڪلام."

يعني ته معنائي مٽائي ڇڏيائون. "عرب بابت ڪلام" "عرب کي بابت بارنبوت" يا "دي برڊن اپ آن عربيا" (The burden upon Arabia) وارو مفهوم نه ٿو ڏئي.

قيس الڪلبي (Kais Al Klby) انهيءَ جملي جي مفهوم جي وضاحت ڪندي لکي ٿو ته:

"The word burden is understood a mean the burden of responsibilities. The responsibility was given to Prophet Muhammad (PBUH) to spread the word of God to the Arabs and to The Peoples of nations. The word "burden" is used in other places in the Bible to desesibe the "inspireation" that prophets received when angels brought them the word of God." [1]

(لفظ برڊن (burden) "ذميواري جي بار" جي معني ۾ سمجهيو ويندو آهي. حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم کي عربن ۽ قومن جي ماڻهن ۾ الله جي ڪلام ڦهلائڻ جي ذميواري ڏني وئي هئي. بائيبل ۾ ٻين جڳهن تي لفظ برڊن "وحي" کي بيان ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو ويو آهي. جيڪو پيغمبرن وصول ڪيو، جڏهن فرشتا الله جو ڪلام هنن وٽ کڻي آيا).

يعني برڊن(burden) مان مراد بار نبوت وحي يا هڪ ذميواري جو بيان آهي لفظ ڪلام انهيءَ جي پوري ترجماني نه ٿو ڪري.

(ب) دوان جا قافلا

اردو جي بائيبل ۾ "اي ددانيون کي قافلو" لکيل آهي. انگريزي جي بائيبل دوان کي "ديدانم" (Dedanim) لکيل آهي. انٽرنيٽ تي عبرانيءَ جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪندي انهيءَ کي ديدانائيٽس (Dedanites)لکيو ويو آهي. ٿي سگهي ٿو سنڌي پرٽنگ جي غلطيءَ سبب ددان کي دوان لکيو ويو هجي. ددان حضرت نوح عہ جي نسل مان هو. "ددان بن رعمہ بن ڪوش بن حام بن نوح."[2]

ڪوش جو خاندان گهڻو ڪري عرب ۾ رهندو هو ۽ هن فيملي جا ئي ڪجھ ميمبر آفريڪا ڏانهن، ايٿوپيا وغيره ۾ رهندا هئا. تنهن ڪري،

---

1. Al Kalby, Kais, "Prophet Muhammad The Last Messanger in the Bible", Tahrike Tarsile Qur'an, 801-10 5st. Ave Elmhurst, NY, New York 11373, EIGHTH EDITION 2005, USA, P-195

2. پيدائش 10 : 6 ـ 7

عرب علائقي کي مشرقي ڪوش بہ سڏيندا هئا ۽ ايٿوپيا وغيره جي علائقي کي مغربي ڪوش سڏيندا هئا.

(ت) عرب جو ٻيلو

مديني ۾ ڪجين جا اهڙا تہ گهاٽا باغ هوندا هئا، جڻ تہ ٻيلي جو ڏک ڏيندا هئا. اهو ئي سبب هو جو جنگ خندق جي وقت صرف اتر طرف کان کاهي کوٽي وئي هئي.

ڏکڻ اوڀر ۽ مغرب کان هو محفوظ هئا. ڇو تہ انهيءَ طرف کان پهاڙ ۽ گهاٽا باغ هئا ۽ هڪ طرف کان بنوقريظہ وارن جا گهر هئا، جن کان بہ دشمن لاءِ بنو قريظہ وارن جي راضپي کان سواءِ اچڻ ناممڪن هو.

(ث) تيما جي اولاد

تيما حضرت اسماعيل عہ جي هڪ پٽ جو نالو آهي. هن جي اولاد مدينہ جي علائقي ۾ ۽ حجاز ۾ آباد هئي.

(ج) ڀڳلن سان اچي گڏيا

هي حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم ۽ ٻين مسلمانن جي مکي کان مديني هجرت ڪري اچڻ وارن جو بيان آهي. تنهن ڪري، مسلمان ڀڳلن جي جاءِ تي لفظ ”هجرت ڪري ايندڙ“ استعمال ڪندا آهن. جن جي اڳيان تيما جا رهاڪو يعني مديني جا انصار پاڻي ۽ ماني کڻي اچي مليا.

(ح) هو ترارين ...... جنگ جي سختيءَ کان اتي ڀڳا

يعني اچڻ وارا مظلوم هئا ۽ هو ظلم، جبر ۽ ڏاڍ کان ڀڄي آيا هئا.

(خ) هڪ سال اندر قيدار جي وڏائي گم ٿيندي

هي جنگ بدر ڏانهن اشارو آهي، جيڪا هجرت جي ٻئي سال لڳي ۽ ان ۾ مکي جي ڪافرن جا وڏا وڏا شهسوار مسلمانن هٿي جهنم رسيد ڪري ڇڏيا. 70 ماڻهو مري ويا ۽ تقريبن 70 ماڻهو قيد ٿي ويا ۽ قيدار جي اولاد جي وڏائي گم ٿي وئي.

تاريخ انسانيت ۾ هن پيشنگوئي جا هن کان وڌيڪ واضح ۽ چٽي مصداق وارا اج تائين ڪونہ مليا آهن.

(17) ٻي ٻوليءَ سان ڳالهائيندو

”چالاءِ جو حڪم تي حڪم، حڪم تي حڪم آهي. قانون تي قانون، قانون تي قانون آهي؛ ٿورو هتي ٿورو هتي، نہ بلڪ ڌارين چپن وارن ماڻهن جي وسيلي ۽ ٻي ٻوليءَ سان هو هن امت سان ڳالهائيندو. جنهن کي هن چيو تہ هيءَ آرام جي جاءِ آهي، جيڪي ٿڪل آهن، تن کي اوهين آرام ڏيو؛هي فرحت جي جاءِ آهي: تڏهن بہ هنن نہ ٻڌو. تنهن ڪري، خداوند جو ڪلام انهنجي لاءِ حڪم تي حڪم، حڪم تي حڪم ٿيندو؛ قانون تي قانون، قانون تي قانون ٿيندو؛ ٿورو هتي ٿورو هتي. انهيءَ لاءِ تہ اهي وڃن ۽ پٺ تي ڪرن ۽ شڪست کائين ۽ ڦاسي پون ۽ گرفتار ٿين.“[1]

(الف) حڪم تي حڪم، حڪم تي حڪم آهي

هي قرآن شريف جي نزول ڏانهن اشارو آهي جيڪو حڪم تي حڪم، يعني توريت جي حڪمن مٿان حڪم تي نازل ٿيندو ۽ هن جي قانون جي مقابل پنهنجو قانون (ساڳيو يا ٻيو) لاڳو ڪندو. اهو بتدريج آهستي آهستي ٿي هتي هتي تي نازل ٿيندو. اهڙيءَ طرح اڳين حڪمن کي منسوخ ڪري ڇڏيندو.

(ب) ڌارين چپن وارن ماڻهن وسيلي

انهن چئين نشانين مان هڪ چئي نشاني هنن کي ڏنل هئي تہ آئينده اهڙو وقت اچڻ وارو آهي جو هنن کان نبوت، سيادت ۽ قيادت کسي ويندي. الله تبارڪ وتعالي حضرت جبرائيل عليہ السلام وسيلي هنن سان جيڪو سڌو سنئون رابطو رکيون پيو اچي، هاڻي اهو رابطو هنن کان ڪٽجي ويندو ۽ هاڻي هنن وٽ الله تبارڪ وتعالي ٻي ڪنهن ڌاري قوم جي وسيلي رابطو ڪندو ۽ هن ڏانهن پنهنجا احڪام ٻين ماڻهن وسيلي پهچائيندو. مديني جا يهودي اها ڳالهہ سمجهن پيا. هنن کي انهيءَ ڳالهہ جي پوري ريت خبر هئي.

مولانا مودودي صاحب لکن ٿا تہ:

”هي ڳالهہ تہ يهودي نبي صلي الله عليہ وسلم کي سڃاڻي ويا هئا تہ پاڻ اهي نبي آهن جن جو هو انتظار ڪري رهيا هئا. انهيءَ جا ڪيترائي ثبوت انهيءَ زماني ۾ ملي ويا هئا. سڀ کان وڌيڪ معتبر شهادت ام المومنين حضرت صفيہ رضہ جي آهي، جيڪا خود هڪ تمام وڏي يهودي عالم جي ڌيءَ ۽ هڪ ٻئي عالم جي ڀائٽي هئي. هو فرمائين ٿيون تہ جڏهن نبي صلي الله عليہ وآلہ وسلم مديني تشريف کڻي آيا تہ مهنجو پيءُ ۽ چاچو ٻئي ساڻس ملڻ ويا. وڏي دير تائين پاڻ سڳورن سان گفتگو

---

1. يسعياه 28: 10 ـ 13

ڪيائون. پوءِ جڏهن گهر واپس آيا تہ مون پنهنجي ڪنن سان انهن ٻنهي ڪي هي گفتگو ڪندي ٻڌو:

چاچو:"ڇا واقعي هي اهو نبي آهي، جنهن جون خبرون اسان جي ڪتابن ۾ ڏنيون ويون آهن؟"

پيءُ: "خدا جو قسم ها!"

چاچو: "ڇا توکي انهيءَ جو يقين آهي؟"

پيءُ: "ها!"

چاچو: "پوءِ ڇا ارادو آهي؟"

پيءُ: "جيستائين جان ۾ جان آهي انهيءَ جي مخالفت ڪندس ۽ هن جي ڳالهہ هلڻ نہ ڏيندس."[1]

اهڙيون ٻيون ڪيتريون ئي روايتون آهن جن مان ثابت ٿئي ٿو تہ يهودي حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جون نشانيون پنهنجن ڪتابن ۾ پڙهندا هئا ۽ ڪين سڃاڻيندا هئا تہ هي نبي آخرالزمان صہ آهي، پر هو ايمان آڻڻ لاءِ تيار نہ هئا. هڪ تہ نبين جي مخالفت ڪرڻ هنن جي عادت هوندي هئي. جيئن هنن حضرت يحي عہ ۽ حضرت عيسىٰ عہ جي مخالفت پنهنجي پوري قوت ۽ طاقت سان ڪئي هئي ۽ هو انهيءَ ۾ ڪا قباحت بہ محسوس ڪونہ ڪندا هئا ۽ سمجهندا هئا تہ الله تبارڪ وتعالي هنن تي هڪ تہ ناراض نہ ٿو ٿي سگهي ڇو تہ هو نبين جي اولاد آهن ۽ جيڪڏهن الله تبارڪ وتعالي ڪٿي ناراض ٿيو بہ تہ وڌ ۾ وڌ ڪجھ ڏينهن هنن کي جهنم جي باهہ ۾ ساڙيندو ۽ وري بہ هو جنت ۾ داخل ڪيا ويندا.

قرآن شريف هنن جي انهيءَ موقف کي نقل ڪيو آهي:

وَقَالُوْا لَنْ تَمَسَّنَا النَّارُ اِلَّآ اَيَّامًا مَّعْدُوْدَةً ۭ قُلْ اَتَّخَذْتُمْ عِنْدَ اللّٰهِ عَهْدًا فَلَنْ يُّخْلِفَ اللّٰهُ عَهْدَهٗٓ اَمْ تَقُوْلُوْنَ عَلَى اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ.[2]

ترجمو: "۽ چون ٿا تہ باهہ ڳڻيلن ڏينهن کان سواءِ اسان کي ڪڏهن نہ ڇهندي.(اي پيغمبر ڪين) چئو تہ الله وٽان اهڙو انجام ورتو اٿو ڇا؟ تہ الله پنهنجي انجام کي ڪڏهن نہ مٽيندو. يا الله تي اڻ ڄاتو ڪوڙ ڳالهائيندا آهيو؟"

هنن جي مخالفت جو ٻيو وڏو سبب اهو هو تہ حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم بني اسرائيل وارن مان نہ هو. بلڪ هو ذارين ۽ ٻي ٻوليءَ وارن مان ٿي پيو. حالانڪ هنن کي خبر هئي تہ اهو نبي ٻيءَ ٻوليءَ وارن مان ئي ٿيڻو آهي.

---

1. مودودي، ابوالاعلي، سيد، "يهوديت و نصرانيت"(اردو)، اسلامڪ بڪ پبلشرز، ڪويت، طبع اول 1976ع، ص235

2. سورة البقره : 80

تفسير نعيمي ۾ آهي ته:

”انهيءَ تفسير عزيزي ۾ هڪ جڳهه هي به آهي ته سلمه بن قيس فرمائين ٿا اسان جي محلي ۾ هڪ يهودي رهندو هو. مان انهيءَ زماني ۾ ڪمسن هيس. هڪ ڏينهن اسان وٽ محفل هئي. اتي اهو يهودي به اچي ويو ۽ سڏي چيائين ته:

”اي بت پرستو! ڇا نه ٿا ڄاڻو ته مرڻ کان پوءِ ڇا ٿيندو؟“

اسان سڀني چيو: ”تون ئي ٻڌاءِ!“

هن چيو: ”وري سڀني کي زندگي ملندي. عملن جو حساب ٿيندو. ميزان ٿيندو. دوزخ ظاهر ٿيندي. هر هڪ کي عملن جي حساب سان سزا ۽ جزا ملندي.“

اسان سڀني چيو: ”هي ته تمام پري جي ڳالهه آهي. هي ڪڏهن به ٿي نه ٿو سگهي.“

هن چيو: ”الله جو قسم! ضرور ٿيندو.“

سڀني پڇيو: ”تنهنجي دليل ڇا آهي؟“

هن چيو: ”منهنجي دليل اهو آخرالزمان پيغمبر آهي، جيڪو مڪي ۽ يمن ۾ ظاهر ٿيندو. اهو منهنجي ڳالهه جي تصديق ڪندو.“

اسان چيو: ”اهو ڪڏهن ٿيندو؟“

هن مجلس ۾ ڪٻي سڄي ڏسي ڪري مون ڏانهن اشارو ڪري چيو:

”جيڪڏهن هن نوجوان جي عمر وڌي ته هي انهيءَ پيغمبر کي ڏسندو.“

سلمه چوي ٿو ته اڃا ڪجهه ڏينهن گذريا ته حضور ﷺ جي نبوت جي خبر مشهور ٿي ۽ جڏهن حضور ﷺ مديني منوره ۾ تشريف ڪٺي آيا ته اسان سڀ مسلمان ٿي وياسين. اسان انهيءَ يهودي کي ڏٺو اهو ڪافر رهيو ۽ حسد ڪندو هو.

اسان هن کي چيو:

”توکي ڇا ٿي ويو آهي جو ان ﷺ جو منڪر آهين؟ڇا توکي پنهنجي اها ڳالهه ياد نه رهي جو تو اسان کي چئي هئي؟“

هن چيو: ”ياد ته آهي، پر هي اهو نبي نه آهي.“[1]

مطلب ته حسد هنن جي دين کي اهڙو ساڙي ڇڏيو جو هو حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليه وعلي آله واصحابه وسلم تي ايمان آڻڻ کان محروم رهجي ويا.

(ت) هيءَ فرحت جي جاءِ آهي

مسلمان مڪي ۾ ظلم ڏاڍ ۽ جبر هيٺ زندگي گذاري رهيا هئا. هجرت مدينه کان بعد هنن کي محسوس ٿيو ته هيءَ جاءِ فرحت انگيز ۽

---

1. نعيمي، احمد يار خان، مفتي، ”تفسيرنعيمي“، مڪتبه اسلاميه، لاهور، تفسيرپاره اول، جلد اول، ص475

مصيبتن کان آزاد آهي. سو هو هڪ قسم جي آزادي ۽ سڪون محسوس ڪري رهيا هئا.

(ث) جيڪي ٽڪل آهن انهن کي آرام ڪرڻ ڏيو

هي يهودين بابت آهي ته مسلمان جيڪي ٽڪي آيا آهن انهن کي آرام ڪرڻ ڏيو. حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم مديني پهچڻ سان مديني جي يهودين بني قينقاع، بني نضير ۽ بني قريظ وارن سان معاهدو ڪيو، جنهن کي ”ميثاق مدينہ“ جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. هن معاهدي ۾ هڪٻئي سان گڏجي سڏجي رهڻ، هڪٻئي جي مذهب ۽ نفس جو احترام ڪرڻ ۽ مديني شهر جي گڏجي حفاظت ڪرڻ جا معاهدا شامل هئا.

هن آيت ۾ انهيءَ معاهدي ڏانهن اشارو محسوس ٿو ٿئي ته انهيءَ معاهدي جو احترام ڪريو تاڪ هر ڪوئي سڪون ۽ آرام سان پنهنجو ڪم ڪري سگهي. پر يهودين انهيءَ معاهدي جو احترام نہ ڪيو ۽هر هڪ قبيلو هڪ هڪ ٿيندو معاهدي جي ڀڃڪڙيون ڪندو ويو.

(ج) انهيءَ لاءِ تہ اهي وڃن ۽ پٺ تي ڪرن شڪست، ڪائين

هاڻي هن دفعي جيڪو وري ”حڪم تي حڪم حڪم تي حڪم ٿيندو. قانون تي قانون، قانون تي قانون ٿيندو. ٿورو هتي ٿورو هتي“ کي وري دهرايو ويو آهي. اهو انهيءَ ڏانهن اشارو آهي تہ توريت جا حڪم ئي هنن جي خلاف ٿي پوندا ۽ هو انهن حڪمن ۽ ميثاق جي حڪمن آڏو مجبور ٿيندا ۽ ٿورا ٿورا ٿيندا پنهنجي انجام کي پهچندا ويندا.

هي آخري آيت ٻڌائي ٿي تہ هو شڪست کائيندا ۽ پنهنجي معاهدي جي دفعات ۽ قانون آڏو لاچار ٿي پوندا. هنن جا حوصلا پست ٿي ويندا ۽ هو پٺ تي ڪري پوندا ۽ پنهنجن ڳالهين ۾ پاڻ ڦاسي پوندا ۽ گرفتار ٿيندا.

مديني جي يهودين جي تاريخ جاڻيندڙ جڏهن هي آيتون پڙهندو تہ هن کي ذري جو بہ شڪ نہ گذرندو تہ هي آيتون انهن يهودين جي متعلق آهن، بلڪ هن جي ايمان ۾ اضافو ٿيندو.

(18) ڪنڊ جي سري وارو قيمتي پٿر

”تنهن ڪري اي ٺٺولي ڪندڙ ماڻهو، جي يروشلم ۾ رهندڙ امت تي حڪومت ٿا ڪريو، سي خداوند جو ڪلام ٻڌو: ڇا لاءِ جو اوهان چيو آهي ته اسان موت سان عهد اقرار ڪيو آهي ۽ دوزخ سان اسانجو انجام آهي؛ جڏهن سزا جي اٿل ٿيندي، تڏهن اها اسان ڏانهن نه ايندي: ڇا لاءِ جو اسان ڪوڙ کي پنهنجي پناهه ڪيو آهي ۽ دغا هيٺ اسان پاڻ کي لڪايو آهي: تنهن ڪري خداوند خدا هيئن ٿو فرمائي، ته آءُ صيون ۾ بنياد جي لاءِ هڪڙو پٿر ٿو رکان، اهو آزمايل پٿر ۽ پڪي بنياد جو قيمتي پٿر آهي: جيڪو ايمان آڻيندو، سو تڪڙ نه ڪندو. آءٌ عدالت کي ڏور ۽ سچائيءَ کي شاهد ڪندس ۽ ڳڙا ڪوڙ جي پناهه ٻهاري ويندا ۽ پناهه جي جاءِ جي مٿان پاڻي اٿلي ايندو ۽ موت سان ٻڌل اوهان جو عهد اقرار رد ٿي ويندو ۽ دوزخ سان اوهانجو انجام قائم نه رهندو. جڏهن سزا جي اٿل ايندي، تڏهن اوهين انهي جي هيٺ لتاڙجي ويندا. جيترا ڀيرا اها لنگهندي، اوترا ڀيرا اوهان کي پڪڙيندي: ڇا لاءِ جو هر صبوح جو ۽ ڏينهن جو ۽ رات جو اها اوهان تي اٿلندي ۽ انهي پيغام جو نتيجو رڳو ڊپ ٿيندو. ڇا لاءِ جو کٽولو اهڙو ننڍو آهي جو ان تي ماڻهو ٽنگون ڊگهيون ڪري نه سگهي ۽ سوڙ اهڙي سوڙهي آهي جو ان ۾ ماڻهو پاڻکي ويڙهي نه سگهي. ڇا لاءِ جو خداوند اهڙو اٿلندو جهڙو پراضيم جبل تي ۽ اهڙو ڪاوڙبو جهڙو جبعون جي واديءَ ۾: انهي لاءِ ته هو پنهنجو عجيب عمل آڻي پورو ڪري. تنهن ڪري هاڻي اوهين ٺٺولي نه ڪريو، متان اوهان جا بند مضبوط ڪيا وڃن: ڇا لاءِ جو مون خداوند، لشڪرن جي خداوند کان ٻڌو آهي، ته هن ساري ملڪ کي تباهه ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪيو آهي.“[1]

(الف) دوزخ سان انجام

يهودين جي هن قول کي الله تبارڪ و تعالي نقل ڪيو آهي ته:

”اوهان چيو آهي ته اسان موت سان عهد اقرار ڪيو آهي ۽ دوزخ سان اسانجو انجام آهي؛جڏهن سزا جي اٿل ٿيندي، تڏهن اها اسان ڏانهن نه ايندي.“[2]

انهيءَ غلط خيال ۽ غلط عقيدي جي ڪري هو هر گناهه ڪرڻ تي دلير ٿي ويا هئا ۽ ڪنهن به گناهه ڪرڻ کي پاڻ لاءِ عيب نه سمجهندا هئا. اهو ئي سبب آهي جو هو پنهنجو پاڻ ئي اقرار ڪن پيا ته:

”اسان ڪوڙ کي پنهنجي پناهه ڪيو آهي ۽ دغا هيٺ اسان پاڻ کي لڪايو آهي:“[3]

---

1. يسعياه 28 : 14 ـ 22
2. يسعياه 28 : 15
3. ايضا

قرآن شريف ۾ به الله تبارڪ وتعاليٰ سندن مٿئين قول کي نقل ڪندي فرمائين ٿا:

وَقَالُوْا لَنْ تَمَسَّنَا النَّارُ اِلَّآ اَيَّامًا مَّعْدُوْدَةً ۭ قُلْ اَتَّخَذْتُمْ عِنْدَ اللّٰهِ عَهْدًا فَلَنْ يُّخْلِفَ اللّٰهُ عَهْدَهٗٓ اَمْ تَقُوْلُوْنَ عَلَى اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ.[1]

ترجمو: ”۽ چون ٿا ته باھ ڳڻيلن ڏينهن کان سواءِ اسان کي ڪڏهن نه ڇهندي. (اي پيغمبر کين) چئو ته الله وٽان اهڙو انجام ورتو اٿو ڇا؟ ته الله پنهنجي انجام کي ڪڏهن نه ڦيريندو. يا الله تي اڻ ڄاتو (ڪوڙ) ڳالهائيندا آهيو؟“

هي غلط فهمي هنن کي ڇو ٿي هئي؟ ان بابت مختلف روايتون آهن. تفسير نعيمي ۾ يهودين جي سڀني قولن کي جمع ڪيو ويو آهي.

محترم احمد يار خان نعيمي لکن ٿا ته:

”اِلَّآ اَيَّامًا مَّعْدُوْدَةً ۭ“ (ڳڻيل ڏينهن کان سواءِ). انهيءَ ”اِلَّآ“ کان معلوم ٿئي ٿو ته انهن جو عقيدو هي هو ته:

”اسان جهنم ۾ ڪڏهن به نه رهنداسين. ها، ڪجھ ڏينهن اسان کي باھ جا پيڪا پهچي ويندا.“

هن ۾ عالمن جو اختلاف آهي ته ”ڳڻيل ڏينهن“ کان ڇا مراد آهي؟ ڪن چيو ته:

”ٿورڙا ڏينهن، خواھ ڪيترا به هجن. جيئن چيو ويندو آهي ته هتي ڳاڻاٽي جا ماڻهو هئا.“

ڪن چيو ته: ”ست ڏينهن. ڇو ته ايام جمع قلت آهي، جيڪو ڏهن تائين ڳالهائڻ سگهبو آهي ۽ هو ست ڏينهن ان ڪري چوندا آهن جو بني آدم جي زندگي ٽوٽل ست هزار سال آهي ۽ قيامت جو هڪ ڏينهن هڪ هزار سال جي برابر آهي. قرآن ڪريم به فرمائي ٿو ته:

وَاِنَّ يَوْمًا عِنْدَ رَبِّكَ كَاَلْفِ سَنَةٍ مِّمَّا تَعُدُّوْنَ.[2]

ترجمو:”۽ تنهنجي پالڻهار وٽ هڪ ڏينهن اوهان جي ڳاڻيٽي جي هزار ورهيه جي برابر آهي.“

انهيءَ حساب سان اسان کي ست ڏينهن باھ پهچندي.“

ڪن چيو ته: ”هن کان چاليھ ڏينهن مراد آهي. ڇو ته ايتريقدر انهن ڳابي جي پوڄا ڪئي هئي ۽ ايام جيتوڻيڪ جمع قلت آهي پر مجاز طور ڏھ کان وڌيڪ لاءِ به چيو ويندو آهي. جيئن قرآن ڪريم ۾ رمضان جي مهيني جي باري ۾ فرمايو ويو آهي:

اَيَّامًا مَّعْدُوْدٰتٍ ۭ[1] ((روزن جا ڏينهن) ڳڻپ جا چند ڏينهن آهن).

---

1. سورة البقره : 80
2. سورة الحج : 47

کن چيو تہ: ”چاليهہ سال. جيترو هو ميدان تيہ ۾ پريشان رهيا.“
ڪي يهودي چوندا آهن تہ:
”جهنم جي ٻنهي ڪنارن ۾ چاليهہ سالن جو فاصلو آهي. جڏهن اسان جهنم ۾ ويندا سين تہ اتي ترسنداسين ڪونہ. بلڪ پنهنجي پيءُ ڏاڏي جي شفاعت سان لنگهندا وينداسين ۽ چاليهن سالن ۾ اهو مفاصلو طئي ڪري وٺنداسين. اسان جا ابا ڏاڏا، انبياء ڪرام، الله تعالي وٽ اهڙا دخل اندازي ڪرڻ وارا آهن جو رب کي هنن جي هر ڳالهہ دٻجي مڃڻي پوندي آهي. رب تہ چاهيندو تہ اسان دوزخ ۾ پئون. پر اسان جا ابا ڏاڏا زور ڏيئي اسان کي پار پڄائيندا.“
هن قسم جي شفاعت ۽ وسيلو مڃڻ ڪفر ، بلڪ شرڪ آهي. رب تعالي ڏونس ۽ دٻاءُ کان پاڪ آهي:
لَمْ يَكُنْ لَّهُ وَلِيٌّ مِّنَ الذُّلِّ.[2]
ترجمو: ”نڪي ڪنهن هيٺائي سببان ان جو ڪو مددگار آهي.“
(اها آيت) انهيءَ تي گواهہ آهي.
ڪي يهودي چوندا هئا تہ: ”هر شخص کي گناهہ جيترو عذاب ٿيندو. يعني بالغ ٿيڻ کان پوءِ جيترا ڏينهن هن گناهہ يا ڪفر ڪيو اوترا ئي ڏينهن هن کي عذاب رهندو. چو تہ گناهہ کان وڌيڪ عذاب ڏيڻ ظلم آهي ۽ خدا ان کان پاڪ آهي.“
ڪي چوندا هئا تہ: ”روح اصل ۾ پاڪ، صاف، نوراني آهي. برن ڪمن سان ڪجهہ ميري (مڪدر) ٿي ويندي آهي. مرڻ کان پوءِ انهيءَ تي ڪجهہ ڏينهن گناهن جو غبار رهندو آهي. انهيءَ جو نالو عذاب آهي ۽ پوءِ هو صاف ٿي پنهنجي اصلي حالت تي اچي ويندي آهي. جيئن پاڻي اصل ۾ ٿڌو آهي. پر باهہ تي رکڻ سان گرم ٿي ويندو آهي ۽ انهيءَ کان بعد بہ ڪجهہ دير گرم رهندو آهي. پوءِ پنهنجو پاڻ ٿڌو ٿي ويندو آهي.“
ڪجهہ چوندا هئا تہ: ”اسان خدا جا پيارا ۽ هن جا پٽ آهيون. اسان کي هو ڪڏهن بہ عذاب نہ ڏيندو. بلڪ پياري پيءُ وانگر ڪجهہ ڏينهن تنبيهہ طور سزا ڏيندو.“
ڪي چوندا هئا تہ: ”گناهن جي طرح ڪفر جو عذاب بہ دائمي نہ آهي. بلڪ ڪافر جي بہ آخر ۾ نجات آهي.“
سبحان الله قرآن ڪريم هنن جي ايتري بڪواس کي هڪ لفظ ۾ بيان فرمائي ڇڏيو.“[3]

---

1. سورة البقره : 184
2. سورة بني اسرائيل : 111
3. نعيمي، احمد يار خان، مفتي، حڪيم الامت، ”اشرف التفاسير تفسير نعيمي“ (اردو)، مڪتبہ اسلاميہ، 40 ـ اردو بازار، لاهور، پاره اول، جلد اول، ص 436 ـ 437

تفسير تبيان القرآن ۾ آهي تہ:

”حضرت ابن عباس ﷺ بيان ڪن ٿا تہ: الله جي دشمنن يهودين چيو تہ:

”الله تعالي اسان کي جهنم ۾ صرف قسم پوري ڪرڻ لاءِ داخل ڪندو ۽ هي چاليهہ ڏينهن جي مدت آهي، جنهن ۾ اسان گابي جي پوڄا ڪئي هئي.“[1]

تفسير ابن ڪثير ۾ آهي تہ:

”ڪن جو قول آهي تہ هنن کي انهيءَ ڳالهہ جو ڄاڻ هو ته هو چون ٿا تہ توريت ۾ آهي تہ جهنم جي ٻنهي طرف زقوم جي وڻ تائين چاليهن سالن جو رستو آهي. تہ هو چوندا هئا تہ:

”انهيءَ مدت ڪان پوءِ عذاب اٿي ويندا.“

هڪ روايت ۾ آهي تہ هنن حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي سامهون اچي چيو تہ:

”چاليهہ ڏينهن تائين تہ اسان جهنم رهنداسين. پوءِ ٻيا ماڻهو اسان جي جاءِ تي اچي ويندا. يعني اوهان جي امت.“

پاڻ صلي الله عليہ وآلہ وسلم انهن جي مٿي تي هٿ رکي فرمايائون تہ:

”نہ. بلڪہ توهان هميشہ هميشہ جهنم ۾ پيا هوندو.“

انهيءَ تي هي آيت نازل ٿي.“[2]

هي تہ هيو هنن يهودين جو عقيدو، جنهن عقيدي جي بنياد تي هو دلير ٿي هر گناهہ ڪندا هئا. هڪ وڏي لسٽ آهي هنن جي گناهن جي، جنهنجي تفصيل جي هتي گنجائش نہ آهي. هو پنهنجن گناهن ۾ ايترا تہ دلير ٿي ويندا هئا جو نبي کي الله جو نبي سمجهندي بہ قتل ڪري ڇڏيندا هئا. انهيءَ ۾ ڪو بہ ڊپ محسوس نہ ڪندا هئا.

تفسير ابن ڪثير ۾ آهي تہ:

”حضرت ابوهريره فرمائين ٿا: خيبر جي فتح کان پوءِ حضورصلي الله عليہ وآلہ وسلم جي خدمت ۾ هديي جي طور تي ٻڪريءَ جو پڪل گوشت زهر آلود آيو. پاڻ صلي الله عليہ وآلہ وسلم فرمايو:

”هتي يهودين کي گڏ ڪري وٺو.“

پوءِ انهن کان پڇيائون:

---

1. سعيدي، غلام الرسول، ”تبيان القرآن“(اردو)، فريد بڪ اسٽال، لاهور، الطبع عشر: ربيع الثاني 1434هہ مئي 2013ع، جلد اول، ص 438 (بحوالہ: جامع البيان ج1، ص 302، مطبوعہ دارالمعرفہ بيروت، 1409 هہ)

2. ابن ڪثير، عمادالدين، علامہ ”تفسير ابن ڪثير“(اردو)، مترجم: جوناگڙهي، محمد صاحب، مولانا؛ دارالاشاعت، اردو زبان، ڪراچي ، آڪٽوبر 2002ع جلد اول، ص 180

توهان جو پيءُ ڪير آهي؟“
انهن چيو تہ: ”فلاڻو.“
پاڻ صلي الله عليہ وآلہ وسلم فرمايو:
”ڪوڙا آهيو! توهان جو پيءُ فلاڻو آهي.“
انهن چيوتہ: ”بجا ارشاد فرمايوآهي. اهو ئي اسان جو پيءُ آهي.“
پاڻ صلي الله عليہ وآلہ وسلم فرمايو:
”ڏسو! هاڻي مان توهان کان ڪجھ ٻيو پڇان ٿو. سچ سچ ٻڌائجو.“
هنن چيو: ”اي ابوالقاسم (صلي الله عليہ وآلہ وسلم)! جيڪڏهن ڪوڙ بہ هڻنداسين تہ توهان جي آڏو هلي نہ سگهندو. اسان تہ آزمائي چڪا آهيون.“
پاڻ صلي الله عليہ وآلہ وسلم فرمايو:
”جهنمي ڪهڙا ماڻهو آهن؟“
هنن چيو تہ: ”ڪجھ ڏينهن اسان آهيون، پوءِ اوهان جي امت.“
پاڻ صلي الله عليہ وآلہ وسلم فرمايو:
”پري ٿيو: هرگز نہ.“ وري فرمايائون: ”ڀلا ٻڌايو! هن گوشت ۾ توهان زهر ملايو آهي؟“
هنن چيو: ”ها.“
حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم پڇيو تہ: ”چو؟“
چيائون تہ: ”جيڪڏهن اوهان سچا آهيو تہ هي زهر اوهان کي ڪڏهن بہ نقصان نہ ڏيندو ۽ ڪوڙا آهيو تہ اوهان کان نجات حصل ڪري وٺنداسين.“ (مسند احمد، بخاري، نسائي)[1]

يعني جيڪڏهن نبي ڪٿي سچو بہ هجي تہ هنن کي انهي نبيءَ کي قتل ڪرڻ ۾ ڪا بہ ڪيٻاهٽ محسوس ڪو نہ ٿيندي هئي. اهو ئي سبب هو جو هنن حضرت زڪريا ؑ کي شهيد ڪري ڇڏيو ۽ حضرت عيسىٰ ؑ ۽ حضرت الياس ؑ جي قتل ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪيائون. حضرت عيسىٰ ؑ جي باري ۾ تہ هنن کي ڌوڪو ٿي پيو تہ هنن ڪيس صليب تي چاڙهائي مارائي ڇڏيو آهي. حضرت الياس ؑ هنن کان ڀڄي جان ڇڏائي. (تفصيل لاءِ ڏسو صفحو نمبر 143 ـ 144). مطلب تہ هو سمجهن پيا تہ هو ڪٿي ڪيترو بہ عظيم گناهہ ڪن تہ هنن کان پڇاڻو نہ ٿيندو. جيڪڏهن پڇاڻو ٿيندو تہ بہ صرف چند ڏينهن هو سزا ڪاٽيندا ۽ ان کان بعد هو وري جنت ۾ داخل ڪيا ويندا.

اسان جڏهن پراڻي عهدنامي کي پڙهون ٿا تہ ان ۾ ڪجھ اهڙيون

---

1. (i) ابن ڪثير، عمادالدين، علامہ، ”تفسير ابن ڪثير“(اردو)، مترجم: جوناگڙهي، محمد صاحب، مولانا: دارالاشاعت، اردو زبان، ڪراچي، آڪٽوبر 2002ع جلد اول، ص 180
(ii) محمد بن سعد (المتوفي 230هہ)، ”طبقات ابن سعد“ (اردو)، مترجم العمادي، عبدالله، نفيس اڪيڊمي، اردو بازار، ڪراچي، حصہ اول، ص 410-411

آيتون ملن ٿيون جيڪي يهودين جي غلط فهمي جو سبب ٿي سگهن ٿيون. مثال طور ڪتاب يسعياه باب 3 جون ڪجهه آيتون جيڪي هن ريت آهن:

”پر هاڻي اي يعقوب، خداوند جنهن توکي پيدا ڪيو آهي ۽ اي اسرائيل جنهن توکي جوڙيو آهي، سو هيئن ٿو فرمائي ته ڊڄ نه، ڇا لاءِ جو مون تنهنجو عيوضو ڏنو آهي؛ مون تنهنجو نالو وٺي توکي سڏيو آهي، تون منهنجو آهين. جڏهن تون پاڻيءَ مان لنگهندين تڏهن آءٌ تو سان هوندس؛ جڏهن ندين مان لنگهندين، تڏهن اهي توتي اٿلي نه پونديون: جڏهن تون باهه مان لنگهندين، تڏهن نه سڙندين؛ نڪي توتي مچ ٻرندو. ڇا لاءِ جو آءٌ خداوند تنهنجو خدا آهيان، اسرائيل جو پاڪ خدا، تنهنجو نجات ڏيندڙ .....“[1]

سو هي آهن اهي ڳالهيون جن کي بنياد بڻائي يهودي دعوائون ڪري سگهن ٿا. پر هن کان بعد اسان ڏسون ٿا ته حضرت يعقوب ع جي قوم بني اسرائيل پنهنجي عهد ۽ اقرار ۾ پختي نه نڪتي. سو الله تبارڪ وتعالي ڪين فرمائي ٿو ته:

”انهيءَ هوندي به اي يعقوب، تو مون کي نه پڪاريو، بلڪ اي اسرائيل تون مون کان بيزار ٿي پيو آهين. تو پنهنجي سوختني قربانين لاءِ ننڍو چوپايو مال منهنجي حضور ۾ نه آندو آهي؛ نڪي پنهنجين قربانين سان مون کي عزت ڏني اٿئي.....“[2]

الله تبارڪ وتعالي گهڻن ئي شڪايتن کان پوءِ فيصلو ڪري ٿو:

”تنهن ڪري، آءٌ پاڪ مڪان جي سردارن کي ناپاڪ ڪندس ۽ آءٌ يعقوب کي لعنت ۽ اسرائيل کي ملامت نهرائيندس.“[3]

۽ زير بحث آيتن ۾ ته هنن کي صاف صاف ٻڌايل آهي ته هنن کي سزا ملندي ۽ ضرور ملندي. جيئن فرمايو ويو آهي ته:

”آءٌ عدالت کي ڏور ۽ سچائيءَ کي شاهد ڪندس: ڳڙا ڪوڙ جي پناهه کي ٻهاري ويندا ۽ پناهه جي جاءِ جي مٿان پاڻي اٿلي ايندو ۽ موت سان ٻڌل اوهان جو عهد اقرار رد ٿي ويندو ۽ دوزخ سان اوهان جو انجام قائم نه رهندو. جڏهن سزا جي اٿل ايندي، تڏهن اوهين انهيءَ جي هيٺان لتاڙجي ويندا. جيترا ڀيرا اها لنگهندي، اوترا ڀيرا اوهان کي پڪڙيندي؛ ڇا لاءِ جو هر صبوح جو ۽ ڏينهن جو ۽ رات جو اها اوهان تي اٿلندي.“[4]

ڪيڏيون نه چٽيون ۽ صاف آيتون آهن، ته توهان جو ڪوڙ کو به

---

1. يسعياه 43 : 1 ـ 3
2. يسعياه 43 : 22 ـ 23
3. يسعياه 43 : 28
4. يسعياه 28 : 17 ـ 19

ڪم نہ ڪندو ۽ سڀ ڪجهہ عدل ۽ انصاف مطابق ٿيندو ۽ گناهگار کي روزانہ صبوح ۽ شام سزا ڏني ويندي ۽ "جيترا ڀيرا اها لنگهندي، اوترا ڀيرا اوهان کي پڪڙيندي" مان مراد آهي تہ جيستائين دوزخ قائم هوندو تيستائين توهان کي سزا پئي ملندي رهندي. يعني هو هميشہ هميشہ لاءِ جهنم ۾ هوندا.

قرآن شريف ۾ بہ هنن کي ساڳيو ئي جواب مليل آهي. جو تہ ٻنهي ڪتابن جو منبع ساڳيو ئي آهي. هنن جي هي چوڻ تہ: "باهہ ڳڻيلن ڏينهن کان سواءِ اسان کي ڪڏهن نہ ڇهندي"، جي جواب ۾ الله تبارڪ وتعالي هيئن فرمايو:

وَقَالُوْا لَنْ تَمَسَّنَا النَّارُ اِلَّآ اَيَّامًا مَّعْدُوْدَةً ؕ قُلْ اَتَّخَذْتُمْ عِنْدَ اللّٰهِ عَهْدًا فَلَنْ يُّخْلِفَ اللّٰهُ عَهْدَهٗٓ اَمْ تَقُوْلُوْنَ عَلَى اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ. بَلٰى مَنْ كَسَبَ سَيِّئَةً وَّاَحَاطَتْ بِهٖ خَطِيْٓـَٔتُهٗ فَاُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ. وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ.[1]

ترجمو: "۽ چون ٿا تہ باهہ ڳڻيلن ڏينهن کان سواءِ اسان کي ڪڏهن نہ ڇهندي (اي پيغمبر کين) چئو تہ الله وٽان اهڙو انجام ورتو اٿو ڇا؟ تہ الله پنهنجي انجام کي ڪڏهن نہ ڦيريندو يا الله تي اڻ ڄاتو (ڪوڙ) ڳالهائيندا آهيو. هائو. جن مدائي ڪمائي ۽ سندن بڇڙائي کين وڪوڙي وئي. سي دوزخي آهن، اهي منجهس سدائين رهڻ وارا آهن ۽ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا سي بهشتي آهن، اهي منجهس سدائين رهڻ وارا آهن."

هتي بہ اهو چيو ويو آهي تہ اوهان الله تي ڪوڙ ڳالهايو ٿا ۽ توهان جو اهو ڪوڙ ڪنهن ڪم جو نہ آهي ۽ جيڪي بہ برا هوندا سي پنهنجي برائي سبب هميشہ هميشہ لاءِ جهنم ۾ رهندا.

هو سمجهندا هئا تہ هو نبين جي اولاد آهن، تنهن ڪري، باهہ هنن کي ڪڏهن بہ نہ ساڙيندي. تفسير نعيمي ۾ آهي تہ:

"هنن وٽ هي مشهور هو تہ الله تعالي يعقوب ع سان عهد ڪيو هو تہ: "مان تنهنجن پٽن کي عذاب نہ ڏيندس، پر قسم پوري ڪرڻ لاءِ."

انهيءَ ڪري يهودي چوندا هئا تہ:

"اسان بہ هن جي اولاد آهيون. تنهنڪري، اسان کي بہ اهڙو ئي وقتي طور عذاب ٿيندو."[2]

پراڻي عهدنامي ۽ نئين عهدنامي ٻنهي ۾ الله تبارڪ وتعالي پنهنجن نيڪ ٻندن ۽ هن جي حڪم تي هلڻ وارن کي پنهنجو پٽ ڪري سڏيو آهي. خطاب جي هن طريقي ۾ خرابي ڪا بہ نہ هئي. بلڪ ايماندارن لاءِ وڏي سڪون جي ڳالهہ هوندي هئي. پر ٻرن ماڻهن انهيءَ جو غلط

---

1. سورة البقره : 80 ـ 82

2. نعيمي، احمد يار خان، مفتي، حڪيم الامت، "اشرف التفاسير تفسير نعيمي" (اردو)، مڪتبہ اسلاميہ، 40 ـ اردو بازار، لاهور، پاره اول، جلد اول، ص 437 ـ 438

استعمال ڪيو. آخر نتيجو اهو نڪتو جو عيسائين ۾ هڪ ٽولو اهڙو پيدا ٿيو جنهن حضرت عليہ السلام کي خدا جو پٽ قرار ڏيئي ڇڏيو.

بحرحال الله تبارڪ وتعالي هنن کي فرمايو تہ مان هي نبوت ۽ رسالت جي سعادت اوهان کان کسي ڪنهن ٻئي قوم ۽ قبيلي کي ڏيندس، جيڪو قبيلو انهيءَ جو اهل هوندو.

(ب) صيون (Zion)

”آءٌ صيون ۾ بنياد جي لاءِ هڪڙو پٿر ٿو رکان“

(i) صيون (Zion) جي معني:

اسٽينبرڊ ڊيسڪ ڊڪشنري (Standard Desk Dictionary) ۾ Zion (صيون) جي معني هن ريت لکيل آهي:

Zion:(1) A hill in Jerusalem, the site of the temple and royal residence of David and his successors, regarded by the Jews as a symbol for the centre of Jewish nation, culture, government, and religion.

(2)The Jewish people.

(3) Any place or community considered to be especially under God's rule.

(4) The heavenly Jeruslem; heaven. Also Sion.

يهودين لفظ صيون يا صيهون (Zion) کي پاڻ لاءِ مخصوص ڪري ڇڏيو آهي. خاص طور تي ٻي جنگ عظيم ۽ ان کان بعد جڏهن يهودين جي لڏپلاڻ ڪرائي اسرائيل کي وجود ۾ آندو ويو تہ ان وقت هي لفظ صيهونيت (Zionism) شهرت ماڻي ۽ نہ صرف يهودين پر مسلمانن بہ هن لفظ جو استعمال يهودين لاءِ مخصوص ڪري ڇڏيو. جيڪو هن وقت تائين رائج آهي. پر حقيقت ۾ هن جي اصل معني جيڪا ٽي نمبر تي ڏنل آهي، اها آهي. يعني ڪنهن بہ جڳهہ يا جماعت کي صيون سڏجي سگهجي ٿو، جيڪو الله جي حاڪميت ۾ هجي. اهو ئي سبب آهي جو جميڪا (Jamica) ۾ 1930 ۾ وجود ۾ ايندڙ مذهبي تحريڪ رسطفارين (Rastafarian) وارن جو عقيدو آهي تہ صيون (Zion) مان مراد هڪ مستقبل جي واعده گاهہ آهي ۽ اهو آفريڪا ۾ آهي.

انٽرنيٽ تي لفظ (Zion) جي ٽين معني هن ريت لکيل آهي:

(3) A land of future promise or return from exile:

(i) (among Jews) Israel.

(ii) (among Rastafarians) Africa.

يعني جڏهن يهودين کي ضرورت پئي تہ انهيءَ مستقبل جي واعده گاهہ کي انهن پاڻ لاءِ استعمال ڪيو ۽ جڏهن رسطفارين کي ضرورت پئي تہ هنن انهيءَ لفظ کي پاڻ لاءِ استعمال ڪيو.

رسطفارين (Rastafarian) جميڪا (Jamica) ۾ بنياد رکيل مذهبي تحريڪ سان تعلق رکندڙ ماڻهو کي چوندا آهن. هنن جو عقيدو آهي تہ

حبشہ (Ethopia) جو بادشاھ هيل سلاسي (Haile Salassie) مسيح (Messiah) آهي ۽ هي تہ ڪارا ماڻهو چونديل ماڻهو آهن ۽ اهي سڀ اڳي پوءِ پنهنجي آفريڪي وطن ڏانهن موٽي ايندا.

رسطفارين (Rastafarian) ماڻهو منفرد حلت وارا ماڻهو آهن. هنن جو لباس بہ منفرد هوندو آهي. هنن جا وار ڪسيل پٽين وانگر يا هر طرف لڙڪيل گهونگهريالن زلفن جي شڪل ۾ هوندا آهن. هو ڀنگ جي پٽين کي تمباڪو ڪري ڇڪيندا آهن ۽ هو سوئر جي گوشت ۽ صدفي جيڪو هڪ ساموندي خول وارو جانور هوندو آهي ۽ کير پيئڻ کان پرهيز ڪندا آهن.

(ii) صيهون ۾ بنياد لاءِ پٿر مان مراد

جيئن يروشلم صرف بيت المقدس جي شهر کي چئي نہ ٿو سگهجي، جيتوڻيڪ معروف ايئن آهي. (تفصيل لاءِ ڏسو صفحو نمبر . ۽ نئين عهدنامي جي پيشنگوئي نمبر ..... "نئون يروشلم")

اهڙيءَ طرح صيون بہ صرف بيت المقدس يا ان جي علائقي کي نہ ٿو چئي سگهجي، جيئن لفظ صيون جي معني ۾ لکيل آهي تہ:

"ڪنهن بہ جڳهہ يا جماعت کي جيڪا خالص الله جي حاڪميت لاءِ قائم هجي، کي صيون سڏجي سگهجي ٿو."

هيٺ اسان ڪجهہ آيتون پراڻي ۽ نئين عهدنامي کان پيش ڪري رهيا آهيون. جن مان مراد بيت المقدس نہ ٿو ٿي سگهي. بلڪ هنن مان مراد بيت الله ئي ٿي سگهي ٿو.

مڪاشفو ۾ آهي تہ:

"آءٌ انهيءَ تي پنهنجي خدا جو نالو ۽ پنهنجي خدا جي شهر جو نالو، يعني نئون يروشلم، جو منهنجي خدا وٽان آسمان مان لهي هيٺ ايندو ۽ خود پنهنجو نئون نالو لکندس."[1]

يعني انهيءَ نئين يروپشلم جي مقابلي هڪ ٻيو نئون يروشلم ٺاهيو ويندو. پولس رسول بہ چوي ٿو تہ هڪڙو هاجره وارو يروشلم آهي، تہ ٻيو ساره وارو يروشلم آهي.

صيون جو مثال بہ ساڳيو آهي. يسعياه نبي چوي ٿو تہ:

"اي صيون جاڳ جاڳ، زور وٺ؛ اي يروشلم پنهنجي سهڻي پوشاڪ ڍڪ؛ ڇا لاءِ جو اڄ کان پوءِ تو ۾ اڻ طهريل ۽ ناپاڪ ماڻهو ڪو نہ ايندو."[2]

ڪتاب ميثاق النبيين ۾ آهي تہ:

"هتي صيهون ۽ يروشلم جو جيڪو نشان ٻڌايو ويو آهي، اهو مڪہ

---

1. مڪاشفو 13 : 3
2. يسعياه 52 : 1

معظم کان سواءِ ڪنهن جاءِ تي نظر نہ ٿو اچي. مثال طور:
(1) صيهون بت پرستي ۽ شرڪ جو لباس لاهي توحيد جو لباس پاتو آهي. هي نشان صرف ڪعبت الله تي پورو لهي ٿو.
(2) هن صيهون ۾ مشرڪن ۽ ان ظهريلن جي داخلا بند ڪئي وئي آهي. ڪو بہ عيسائي يا يهو ڪو اڻ طهريل هن ۾ داخل نہ ٿو ٿي سگهي ۽ نہ مشرڪ هن ۾ آباد ٿي سگهي ٿو. پر اهو يروشلم پراڻو آهي. انهيءَ ۾ سڀئي طهريل ۽ اڻ طهريل ۽ مشرڪ داخل ٿيندا رهيا ۽ اجان تائين اتي رهن ٿا. انهيءَ صيهون جي باري ۾ هڪ ٻي جڳهہ تي لکيل آهي تہ:

”۽ پوين ڏينهن ۾ هيئن ٿيندو تہ خداوند جي گهر وارو جبل، جبلن جي چوٽيءَ تي قائم ٿيندو ۽ ٽڪرين کان مٿي ڪيو ويندو ۽ سڀ قومون ڏانهنس ڊوڙنديون ۽ گهڻيون قومون وينديون ۽ چونديون تہ اچو تہ خداوند جي جبل ڏانهن، يعني يعقوب جي خدا جي گهر ڏانهن هلون: ۽ هو اسان کي پنهنجا رستا سيکاريندو ۽ اسين ان جي واٽن تي هلنداسين: ڇا لاءِ جو صيون مان شريعت ۽ يروشلم مان خداوند جو ڪلام ظاهر ٿيندو. اهو قومن جي وچ ۾ عدالت ڪندو.“[1]

دنيا جون قومون انهيءَ صيهون ڏانهن روانو ٿين ٿيون، جيڪو مڪ معظم ۾ موجود آهي ۽ انهيءَ کان هڪ ڪامل ۽ مڪمل شريعت نڪتي ۽ اهڙو ڪلام نڪتو جنهن دنيا جي سڀني انساني نسلن کي مساوات جو درس ڏنو.

انهن حوالن ۾ آسماني يروشلم، نئون يروشلم، اڻ طهريلن جو انهيءَ ۾ داخل نہ ٿيڻ ۽ سڀني قومن جو انهيءَ ڏانهن روانو ٿيڻ جي نشانن کان ظاهر آهي تہ هي يروشلم ۽ صيهون بيت المقدس نہ آهي. بلڪ هي عرب جو يروشلم آهي. پولس جي بقول (گلتين 25:4) هاجره جو يروشلم (مڪو معظم) آهي. اهو عرب ۾ آهي. انهي نئين يروشلم ۽ صيهون کان خداوند جي شريعت ۽ انهيءَ جو ڪلام نڪتو ۽ انهيءَ قومن ۾ عدالت ڪئي ۽ سڀني قومن کي هڪ ئي مساوات وارو درجو عطا ڪيو.

زير بحث آيت ۾ صيهون ۾ پٿر رکڻ کان مراد نئين دين جو بنياد رکڻ آهي. مسيح ع تي ڪا بہ شريعت ۽ ڪلام مسلمات مسيحي بنيادن تي نازل نہ ٿيو. بس انهيءَ بشارت جا مصداق مسيح نہ آهن.“[2]

(ت) آزمايل پٿر

حضرت اسمائيل ع جي اولاد آزمايل آهي. هنن کي هڪ دفعو

---

1. يسعياه 2 : 2 ـ 4
2. وديارٿي، عبدالحق، ”ميثاق النبيين“ (اردو)، دارالاشاعت ڪتب اسلاميہ، 17 ـ مولانا آزاد روڊ، جيڪب سرڪل، بمبئي 11، ص 423

ڪنهن ڳالهہ جو پابند بڻايو ويندو آهي تہ اهي هميشہ لاءِ انهيءَ جا پابند رهن ٿا. انهيءَ جو ثبوت اهو آهي تہ حضرت اسمائيل عہ هنن کي جيڪا تعليم ڏيئي ويا هئا ، هو انهيءَ تعليم جي مسلسل پابندي ڪندا آيا هئا. ايتري تائين جو آخري ڏينهن ۾ عمرو بن لحي خزاعي ڪجهہ بت شام کان کڻي آيو. حالانڪ هو حاڪم هو پر تنهن هوندي بہ هو بني اسمائيل جي سموري قبيلي کي بت پرست نہ بڻائي سگهيو ۽ انهن ۾ توحيد جو تبليغ ڪرڻ وارا رهندا آيا. خاص طور تي نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جو گهراڻو توحيد پرست رهيو. سواءِ ابو لهب جهڙن چند ماڻهن جي، جيڪي ڳڻپ ۾ نہ ٿا اچي سگهن. ٻئي طرف اسان ڏسون ٿا تہ بني اسرائيل وارن ۾ حضرت اسحاق عہ کان وٺي حضرت يعقوب عہ، حضرت يوسف عہ، حضرت موسي عہ، حضرت دائود عليہ السلام، حضرت سليمان عہ ۽ انهن کان علاوه اڻ ڳڻيا نبي هنن جي اصلاح لاءِ آيا. جن مان گهڻن جا نالا اسان کي ياد آهن پر گهڻن جي تہ نالن جي بہ اسان کي خبر نہ آهي. هڪ ئي وقت ۾ هنن وٽ ستر ستر نبي بہ رهيا آهن. پر هو سڌرڻ جو نالو ئي ڪو نہ پيا وٺن. هنن جي ڪڌن ڪرتوتن کي بيان ڪرڻ لاءِ الڳ باب، الڳ ڪتاب جي ضرورت آهي. جنهن کي هتي بيان ڪرڻ جي گنجائش نہ آهي. هن ڪتاب ۾ ضرورت آهر ڪٿي ڪٿي هنن جي نافرمانين ڏانهن ڪجهہ اشارا ڪيا ويا آهن ۽ ٿي سگهي ٿو تہ اڳتي بہ انهن کي بيان ڪرڻ جي ضرورت پئجي وڃي. چوڻ جو مطلب هي آهي تہ حضرت اسمائيل عہ ۽ حضرت اسحاق عہ ٻئي ڀائر هئا. ٻئي نبي هئا. حضرت اسحاق عہ جي قبيلي بني اسرائيل ۾ سوين نبي آيا پر هو نہ سڌري نہ سڌريا. پر حضرت اسمائيل عہ جي اولاد کي جيڪو سبق مليو، هنن چڱيءَ طرح ياد رکيو. سو هي ان طرف اشارو آهي تہ هاڻي ڪنهن آزمايل کي آڻيو.

(ٿ) پڪي بنياد وارو پٿر

هن مان مراد حضرت ابراهيم عہ آهي، جنهن توحيد جو پڪو ۽ پختو بنياد رکيو هو. قومون پنهنجي نسبت هن ڏانهن ڏيندي فخر محسوس ڪنديون هيون. عرب بہ حضرت اسمائيل عہ جي اولاد هجڻ جي ڪري پنهنجي نسبت حضرت ابراهيم عہ ڏانهن ڏيندا هئا ۽ پاڻ کي دين ابراهيمي دين حنيف جا پيروڪار سڏائيندي فخر محسوس ڪندا هئا.

(ج) ڪنڊ جي سري وارو قيمتي پٿر

سنڌيءَ واري پاڪ ڪتاب پراڻو عهدنامو ۾ هن کي ”قيمتي پٿر“ لکيو ويو آهي. انگريزي جي ڪنگ جيمز ورشن (KJV) بائيبل ۾ هن کي ”اي پريشس ڪارنر اسٽون“ (a precious corner stone) لکيو ويو آهي، يعني ”ڪنڊ وارو قيمتي پٿر“. اردو واري بائيبل ۾ هن کي ”ڪوني ڪي سري ڪا قيمتي پٿر“ (ڪنڊ جي سري وارو قيمتي پٿر) سڏيو ويو آهي. بائيبل

جو سنڌي مترجم خبر نہ آهي تہ ”ڪند جي سري وارو“ لفظ ڇو حذف ڪري ويو آهي؟

هن سموري بحث جو مقصد اهو آهي تہ لفظ ”ڪنڊ جي سري وارو پٿر“ حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم لاءِ ٻين جاين تي بہ استعمال ٿيل آهي ۽ هتي بہ اهو لفظ حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم لاءِ ئي استعمال ٿيل آهي.

(i) عيسائين مطابق ”ڪنڊ جي سري وارو پٿر“ مان مراد

انهيءَ ڪان اڳ جو اسان هن آيت جي باري ۾ پنهنجي موقف جي تائيد ۾ ڪجهہ پيش ڪريون، اچو تہ ڏسون تہ عيسائي حضرات هن آيت مان ڇا مراد وٺن ٿا. هن آيت جي تشريح ڪندي عيسائي عالم جي ٽي ميئلي پنهنجي ڪتاب ”هماري ڪتب مقدسہ“ ۾ لکي ٿو تہ:

”هي زياده تر مسيح جي سلطنت جو حوالو هوندو، جيڪو يقيني، مستقل ۽ غير فاني هجڻ جي سبب اسوري، مصري ۽ خود يهوداه جي سلطنت ڪان نمايان امتياز رکي ٿي. ڇو تہ دائود جي سلطنت خدا جي غير فاني سلطنت جو پاڇو ۽ عڪس هو. هن مفهوم جي لاءِ داني ايل ۽ بنوڪد نضر جي خواب جي تعبير ڪي تصديق جي طور تي تسليم ڪري سگهجي ٿو.[1] پر ان ڪان علاوه هي پٿر بنياد جي لاءِ ڪنڊ جي سري وارو قيمتي پٿر خود مسيح جي لاءِ نشان ۽ علامت آهي. ان جي ذات ۽ ڪم ڪي ظاهر ڪرڻ جو هي ٻيو طريقو آهي. اسرائيل جو شيرين نغمہ سنج هن جو اهوئي مفهوم وٺي ٿو.

”جنهن پهڻ کي اڏيندڙن رد ڪري ڇڏيو سو ئي ڪنڊ جو پٿر يعني مکيہ ڪيو ويو. هي خداوند جي طرفان ٿيو؛ ۽ اسان جي نظر ۾ عجيب آهي.“[2]

اسان جو خداوند انهيءَ استعاري کي تاڪستان جي تمثيل ۾ پنهنجو پاڻ تي عائد ڪري ٿو. ڇو تہ يهودين هن کي رد ڪيو هو.[3] ابتدائي ڪليسا انهيءَ خيال ڪان واقف هئي ۽ پطرس رسول انهيءَ کي غير مبهم ۽ صاف طور تي واضح ڪرڻ ۾ ڪا هٻڪ محسوس نہ ڪئي. سو هو لکي ٿو تہ:

”انهيءَ پهڻ وٽ اچو جنهن کي معمارن رد ڪري ڇڏيو، پر جو خدا

---

1. داني ايل 2 : 34 ـ 44
2. زبور 118 : 22 ـ 23
3. لوقا 20 : 17

ڪي پسند ۽ قيمتي آهي ۽ اوهين به زنده پھڻ وانگر اڏجي روحاني گھر بڻجو، انھي لاءِ ته هڪڙي ڪاهنن جي پاڪ جماعت ٿئي، اهڙيون روحاني قربانيون چاڙهيو جو يسوع مسيح جي وسيلي خدا وٽ قبول ٿيون پون. چا لاءِ جو پاڪ ڪتاب ۾ لکيل آهي ته: ”ڏسو آئون صيون ۾ چونڊيل ۽ ڪنڊ جو قيمتي پھڻ ٿو رکان: ۽ جيڪو انھي تي ايمان آڻيندو سو شرمندو نه ٿيندو.“ تنھنڪري، اوهين جن ايمان آندو آهي، تن لاءِ اهو قيمتي آهي؛ پر جيڪي ايمان نه ٿا آڻين تنجي لاءِ ”جيڪو پھڻ اڏيندڙن رد ڪري ڇڏيو، سو ساڳيو ئي ڪنڊ جي سري جو پھڻ ٿي پيو“ ۽ ”ٺابڙجڻ جو پھڻ ۽ ٺوڪر کائڻ جو ڇپ:“ چا لاءِ جو هو نافرمان ٿي ڪلام کان گمراه ٿا ٿين: ۽ انھيجي لاءِ هو مقرر ڪيا ويا هئا.[1]“[2]

جي ٽي مينلي هنن آيتن مان آيت نمبر 4 جو منڍ ۽ آيت نمبر 7 جو آخر لکيو آهي. پر اسان پنھنجي قارئين جي سھوليت لاءِ مڪمل طور تي هي آيتون لکيون آهن ۽ آيت نمبر 8 به انھيءَ سان شامل ڪيو آهي.

اسان هڪ هڪ ڪري هنن جي هر ڳالھ جو رد ڪنداسين. جي ٽي مينلي لکي ٿو ته: ”هي زياده تر مسيح جي سلطنت جو حوالو هوندو، جيڪو يقيني، مستقل ۽ غير قانوني هجڻ جي سبب اسوري، مصري ۽ خود يهوداه جي سلطنت کان نمايان امتياز رکي ٿو. جو ته دائود جي سلطنت خدا جي غير قانوني سلطنت جو پاڇو ۽ عڪس ئي هو.“

هنن عيسائي حضرات کان هميشه اها ڳالھ چو وسري ويندي آهي ته حضرت عيسىٰ عہ پنھنجي حياتيءَ ۾ ڪنھن به سلطنت جو بنياد نه رکي سگھيو هو.

اها ڪھڙي غير فاني سلطنت آهي جيڪا حضرت عيسىٰ عہ يا سندن پوئلڳن قائم ڪئي آهي، جيڪا اسوري، مصري ۽ خود يهوداه جي سلطنت کان به نمايان امتياز رکي ٿي؟

داني ايل ۾ بنوڪد نضر جي جنھن خواب جو هتي حوالو ڏنو ويو آهي، اهو خود حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي سلطنت جي بشارت آهي. تفصيل لاءِ اسان انھيءَ بشارت تي الڳ سان پنھنجي جاءِ تي بحث ڪنداسين.

هو چوي ٿو ته:

---

1. پطرس 2 : 4 ـ 8

2. مدير اعلي: جي ٽي مينلي، ”هماري ڪتب مقدسہ“ (اردو)، اردو مترجمين: پروفيسر، جي ـ ايس ـ امام الدين ۽ مسز ڪي ـ ايل ـ ناصر، ص 386. نوٽ: هي ڪتاب ”دي نيو بائيبل هينڊ بوڪ“ (The New Bible Hand Book) جو اردو ترجمو آهي. هي انگلستان، امريڪا ۽ ڪجھ ٻين ملڪن جي 26 جيد عالمن جي گڏيل ڪاوش آهي، جنھن کي مسيحي اشاعت خانہ لاهور، 2017ع ۾ اردو ۾ ترجمو ڪري ڇاپيو آهي.

”پر ان کان علاوه هي پٿر بنياد جي لاءِ ڪنڊ جي سري جو قيمتي پٿر خود مسيح جي لاءِ نشان ۽ علامت آهي. ان جي ذات ۽ ڪم کي ظاهر ڪرڻ جو هي بيو طريقو آهي.“

اسان مسلمان چئون ٿا ته هي علامت ۽ هي نشاني حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي آهي.

جي ٽي مينلي زبور 118 جي آيت 22 ۽ 23 جو حوالو ڏيندي چوي ٿو ته اسان جو خداوند انهيءَ استعاري کي تاڪستان جي تمثيل ۾ پنهنجو پاڻ تي عائد ڪري ٿو. چو ته يهودين هن کي رد ڪيو هو. حوالي لاءِ هو لوقا 17:20 جو حوالو ڏئي ٿو ته اسان اوهان آڏو اها ڳالهہ هتي کان نقل ڪري پيش ڪريون ٿا. چو ته انهيءَ جڳهہ تي وڌيڪ تفصيل سان لکيل آهي.

ڳالهہ هن ريت آهي ته هڪ ڏينهن حضرت عيسىٰ ع بيت المقدس ۾ داخل ٿي تعليم ڏيڻ لڳو. اتي سردار ڪاهن ۽ امت جا بزرگ وٽس آيا. هو هن کان مختلف سوال ڪري رهيا هئا. انهيءَ وقت حضرت عيسىٰ ع پنهنجي تعليم دوران هنن کي فرمايو:

”اوهان ڪڏهن پاڪ ڪتاب ۾ نه پڙهيو آهي چا ته “ جنهن پهڻ کي اڏيندڙن رد ڪري ڇڏيو، سو ئي ڪنڊ جو سرو ڪيو ويو. هي خداوند جي طرفان ٿيو ۽ اسان جي نظر ۾ به عجب جهڙي ڳالهہ آهي.“

تنهنڪري، آئون اوهان کي چوان ٿو ته خدا جي بادشاهت اوهان کان کسي انهيءَ قوم کي ڏني ويندي، جا انهيءَ جو ڦل ڏيندي ۽ جيڪو انهيءَ پهڻ تي ڪرندو سو پڄي پرزا پرزا ٿي پوندو. پر جنهن تي اهو ڪرندو تنهن کي چور چور ڪري ڇڏيندو.“

۽ جڏهن سردار ڪاهنن ۽ فريسين هن جا مثال ٻڌا، تڏهن سهي ڪيائون ته هي اسان بابت ٿو چوي ۽ جڏهن انهن ڪيس جهلڻ جي ڪوشش ڪئي تڏهن ماڻهن کان ڊنا، جو اهي هن کي نبي ڪري ڄاڻندا هئا.“[1]

جي ٽي مينلي پطرس جو مثال ڏئي ٿو، جيڪو هنن آيتن کي حضرت عيسىٰ ع لاءِ استعمال ڪري ٿو. پولس به رومين ڏانهن پنهنجي خط ۾ اهڙي خيال جو اظهار ڪري ٿو. هو لکي ٿو ته:

”جيئن ڪ لکيل آهي ته: ”ڏسو، آئون صيون ۾ ٿابي کارائڻ وارو پهڻ ۽ ٺوڪر کارائڻ واري ڇپ ٿو رکان: ۽ جيڪو مٿس ايمان آڻيندو ته شرمندو نه ٿيندو.“[2]

(ii) پولس بمقابلہ حضرت عيسي ع

جيڪڏهن بنياد ئي غلط پئجي وڃي ته پوءِ اها سموري ديوار ۽ ان

---

1. متي 21 : 42 ـ 46، مرقس 12 : 10 ـ 12، لوقا 20 : 17 ـ 19

2. رومين 9 : 33

تي قائم ٿيل عمارت بہ ڪمزور ۽ غلط ٿي وڃي ٿي. شروعات ۾ ئي عيسائيت جي تبليغ ڪرڻ وارن مبلغن اهڙيون غلطيون ڪيون جنهن ڪري اصل دين عيسوي مسخ ٿي وئي. دين جو چهرو ئي بگڙي ويو ۽ هو الائي ڇا جو ڇا بڻجي ويو.

ٿي سگهي ٿو اسان جا قارئين هي سمجهن تہ اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟ پطرس ۽ پولس جهڙا ماڻهو ڪيئن نوڪر ڪائي سگهن ٿا، جڏهن تہ هو ٻين کي نوڪر ڪائڻ کان بچڻ جي نصيحت ڪري رهيا هجن؟ پر يقين ڪريو ايئن ٿيو آهي. اسان وٽ صرف هنن آيتن جو مثال نہ آهي، پر ان کان بہ وڌيڪ سنگين ۽ رنگين قسم جي نوڪرن جا مثال آهن.

مثال طور: طوهر جيڪا دين ابراهيمي ۾ جاري ٿيل اهڙي سنت آهي جيڪا هر ڪنهن لاءِ ۽ هميشہ هميشہ جي لاءِ آهي، تنهن کي پولس ختم ڪري ڇڏيو. اچو تہ پهريون ڏسون تہ انهيءَ سنت طوهر جي باري ۾ الله تبارڪ وتعالي جو حڪم ڇا آهي؟ ڪتاب پيدائش ۾ آهي تہ:

”۽ خدا ابرهام کي چيو تہ تون منهنجو عهد مجيندو رهج، تون ۽ توکان پوءِ تنهنجو اولاد، سيني پيڙهين تائين اهو مجيندا رهجو ۽ منهنجو عهد، جيڪو منهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾ ۽ توکان پوءِ تنهنجي نسل جي وچ ۾ آهي، جو اوهين مجيندا رهندا، سو هي آهي: تہ اوهان مان سڀ ڪنهن مرد جو ختنو ڪيو وڃي. اوهين پنهنجي بدن جي کل جو ختنو ڪرائجو: اهو منهنجي ۽ اوهان جي وچ ۾ ڪيل عهد جو نشان ٿيندو. اوهانجين سيني پيڙهين ۾ سڀ ڪنهن ڇوڪر جو، جڏهن هو اٺن ڏينهن جو ٿئي تڏهن ختنو ڪيو وڃي. پوءِ توڙي هو تنهنجي گهر ۾ ڄاول هجي يا ڪنهن ڌارئي ماڻهو کان، جو تنهنجي نسل مان نہ آهي پر پيسن تي خريد ڪيل آهي، سيڪو مرد جو تنهنجي گهر ۾ ڄاول هجي، يا پيسن تي خريد ڪيل هجي، تنهنجو ختنو ڪيو وڃي: منهنجو عهد اوهان جي جسم ۾ ابدي عهد ٿيندو ۽ نامختون مرد جنهنجي جسم جي کل جو ختنو ٿيل نہ هجي سو امت مان ٻاهر ڪڍيو وڃي: ڇا لاءِ جو هن منهنجو عهد ڀڳو آهي.“[1]

مٿين آيتن ۾ ختني جي باري ۾ تمام سخت احڪام نازل ٿيل آهن. ايتري تائين جو حڪم آهي تہ جيڪو ختنو نہ ڪرائي تہ ان کي امت مان ئي ٻاهر ڪڍيو وڃي.

حضرت موسیٰ عہ کي بہ ختني جو حڪم مليل هو.

”۽ اٺين ڏينهن انهي ڇوڪر جي بدن جي کل جو ختنو ڪيو وڃي.“[2]

خود حضرت عيسیٰ عہ جو بہ ختنو ڪرايو ويو هو. انجيل لوقا ۾ آهي تہ:

---

1. پيدائش 17 : 9 ـ 14
2. لاوي سرشتو 12 : 4

”۽ انهن ڏينهن کان پوءِ جڏهن هنجي ختني ڪرڻ جو وقت آيو، تڏهن سندس نالو يسوع رکيائون، جو نالو هنجي پيٽ ۾ پوڻ کان اڳي ملائڪ رکيو هو.“[1]

پر پولس اهڙو شخص آهي جيڪو الله تبارڪ وتعالي جي انهيءَ حڪم کي ليکي ۾ ئي نہ ٿو آڻي. هو انهيءَ حڪم کي ڪا اهميت ئي نہ ٿو ڏئي ۽ چوي ٿو تہ:

”ڇا لاءِ جو مختوني ڪجھ بہ نہ آهي ۽ نامختوني بہ ڪجھ بہ نہ آهي، پر جيڪي آهي سو نئين سر پيدا ٿيڻ آهي.“[2]

پولس پنهنجون ساڳيون ڳالهيون رومين 4:9_11 ۽ گلتين 5:2 ۾ بہ ورجائي ٿو. جديد مصنف بہ انهيءَ ڳالھ کي تسليم ڪن ٿا تہ پولس ختني جي اهميت کي ختم ڪري ڇڏيو. جي ٿي مينلي ”هماري ڪتب مقدس“ ۾ لکي ٿو تہ:

”هن دوري کان واپسي تي هنن کي خبر پئي تہ هن سوال تي خوب بحث ۽ مباحثو ٿي رهيو آهي تہ غير يهودين کي ڪهڙين شرطن تي ڪليسا ۾ پوري طور تي شريڪ ڪري سگهجي ٿو؟[3] انطاڪيہ ۾ هي رواج هو (۽ پولس ۽ برناباس پنهنجي بشارتي سفرن ۾ انهيءَ اصول جي تقليد ڪئي) تہ غير يهودين کي يهودين وانگر ڪليسا جي شراڪت ۽ رفاقت ۾ شريڪ ڪيو ويندو هو ۽ انهن تي ختني جي ڪا قيد نہ هئي (جيئن يهودي مريدن ۾ ٿيندي هئي) ۽ نہ ئي انهن کي موسوي شريعت جي رسمن جو پابند ٿيڻو پوندو هو. پر يروشلم جي ڪليسا جا زياده ڪٽر يهودي مسيحي هن ڳالھ تي ضد ڪيون بينا هئا تہ هي شرطون هنن تي ضرور لاڳو ڪيون وڃن. بس يروشلم جي ڪائونسل ۾ انطاڪيہ جا نمائندا موڪليا ويا. پولس ۽ برناباس انهن جا پيشوا هئا. انهيءَ ڪائونسل ۾ هي فيصلو ٿيو تہ اهڙي ڪا بہ شرط غير يهودي نون مريدن تي لاڳو نہ ڪئي وڃي. پر يهودي ۽ عبراني مسيحين ۾ راهہ ۽ روابط پيدا ڪرڻ ۽ گڏجي ڪائڻ پيئڻ لاءِ هي ڳالھ ضروري قرار ڏني وئي تہ غير يهودي مسيحي بتن جي قربانين جي گوشت کان ۽ خون ۽ گهٽو ڏنل جانورن کان ۽ حرامڪاري کان پرهيز ڪن ۽ هي تہ هو يهودين جي اعلي اخلاقي معيار تي ڪاربند رهن. جڏهن انجيل جي بنيادي اصولن جو تحفظ ٿي ويو تہ پولس ميل ميلاپ ڪرائڻ لاءِ سڀ ڪجھ ڪرڻ لاءِ تيار هو.“[4]

---

1. لوقا 2 : 21
2. گلتين 6 : 15
3. رسولن جا ڪم 15 : 1 ـ 21
4. مدير اعلي: جي ٽي مينلي، ”هماري ڪتب مقدس“ (اردو)، اردو مترجمين: پروفيسر، جي ـ ايس ـ امام الدين ۽ مسز ڪي ـ ايل ـ ناصر، مسيحي اشاعت خانہ لاهور، 2017ع، ص 486

هي سڀ ڪجهه انهيءَ لاءِ بيان ڪيو ويو ته اسان جي قارئين آڏو پولس جو ڪردار واضح ٿي اچي ته هو اهڙو شخص هو جيڪو ضرورت جي وقت دين جي ضروريات کي ئي ختم ڪري ڇڏيندو هو. هن جي ئي غلط تعليمات جي ڪري عيسائي گمراهه ٿي ڪري ٽرنٽي (Trinity) يعني ٽن خدائن جا قائل ٿيا. ورنه حضرت عيسىٰ ؑ جي تعليمات ۾ اهڙي ڪا به ڳالهه نه ٿي ملي ۽ هن جي ئي غلط تعليمات جي ڪري عيسائي سوئر جو گوشت کائڻ لڳا، ورنه ڪتاب استثنا ۾ سوئر جي حرام هجڻ جون ڇٽيون آيتون آهن.

هاڻي اچو ته اسين پنهنجي بحث ڏانهن واپس اچون. مٿين تشريح کان پوءِ هي ڳالهه واضح ٿي وئي ته پولس جي ڪنهن ڳالهه تي ڀروسو نه ٿو ڪري سگهجي. جيڪڏهن اسان کي حضرت عيسىٰ ؑ جي تعليمات ۾ پولس جي تعليمات جي خلاف ڪا ڳالهه ملي ته اسان کي حضرت عيسىٰ ؑ جي ڳالهه تي يقين ڪرڻ کپي ۽ انهيءَ جي مقابلي ۾ پولس جي ڳالهه تي يقين نه ڪرڻ کپي ۽ نه ئي مڃڻ کپي. هيءَ ڳالهه ڪرڻ انهيءَ لاءِ به ضروري هئي جو اڳتي هلي اسان کي اهڙين گهٽين ئي ڳالهين سان واسطو پوندو جو ڪنهن مسئلي ۾ حضرت عيسىٰ ؑ جو حڪم هڪڙو هوندو ته انهيءَ مسئلي ۾ پولس جو حڪم ٻيو ملندو.

(iii) حضرت عيسىٰ ؑ مطابق ”ڪنڊ جي سري وارو پٿر“ مان مراد

هاڻي اچو ته ڏسون ته زير بحث پيشنگوئي ۾ ”ڪنڊ جي سري واري پٿر“ مان حضرت عيسىٰ ؑ جي مطابق ڪير مراد آهي؟

سڀ کان پهريان ته حضرت عيسىٰ ؑ حضرت يسعياه ؑ نبيءَ جا لفظ دهرائي ٿو ته: ”جنهن پهڻ کي اڏيندڙن رد ڪري ڇڏيو سو ئي ڪنڊ جو سرو ڪيو ويو، هي خداوند جي طرفان ٿيو ۽ اسان جي نظر ۾ به عجب جهڙي ڳالهه آهي.“

سڀ کان پهريان ته هي ڳالهه سمجهڻ کپي ته ڇا حضرت عيسىٰ ؑ کو پهريون نبي هو جنهن کي يهودين رد ڪيو هو؟

جواب آهي_ نه.

بلڪ انهيءَ کان اڳ ڪيترائي نبي ٿي گذريا جن کي يهودين نڪرايو ۽ پنهنجي پر ۾ رد ڪري ڇڏيو. نه صرف نڪرايو بلڪ انهن کي قتل به ڪري ڇڏيو. ڪن نبين ڀڄي پنهنجي جان بچائي. (تفصيل لاءِ ڏسو صفحو نمبر143 ـ 144)

هتي مثال طور حضرت الياس ؑ جي اها دانهن ورجايون ٿا جيڪا هن حورب جبل ۾ لڪي الله تبارڪ وتعالي کي ڏني هئي. رومين ۾ لکيل آهي ته: ”اي خداوند هنن تنهنجن نبين کي ماري وڌو آهي ۽ تنهنجون قربانگاهون ڊاهي ڇڏيون اٿن: باقي آءٌ اڪيلو وڃي بچيو آهيان،

سو منهنجي پنيان بہ هٿ ڌوئي لڳا آهن.“[1]

حضرت زڪريا ع کي شهيد ڪرڻ جو واقعو هو فخر سان بيان ڪندا هئا.[2]

تہ پوءِ ڇا نبين جي عظمت ۾ ڪا گهٽتائي اچي وئي؟ يا ڇا الله تبارڪ وتعالي يهودين ڏانهن ڏسندو هو تہ هو ڪهڙي نبيءَ کي رد ٿا ڪن يا ڪهڙي کي قبول ٿا ڪن؟ ۽ ڇا انهن جي چوڻ تي الله تبارڪ وتعالي ڪنهن نبيءَ جي عزت کي گهٽ يا وڌ ڪندو هو جو هاڻي الله تبارڪ وتعالي يهودين جي بڇڙي اڻ بڇڙي ڪري حضرت عيسىٰ ع جي مان ۾ اضافو ڪري ڇڏيو؟ ۽ ڇا اها هئي عجب ۾ وجهندڙ ڳالهہ؟

نہ، بلڪل بہ نہ.

تہ پوءِ هنن لفظن جو مطلب ڇا آهي تہ: ”جنهن پهڻ کي اڏيندڙن رد ڪري ڇڏيو، تنهن کي ڪنڊ جو سرو ڪيو ويو؟“

سوال اهو آهي تہ اڏيندڙ ڪير آهي؟ ۽ رد ڪرڻ وارو ڪير آهي؟

جواب آهي تہ اڏيندڙ بہ الله آهي ۽ رد ڪندڙ بہ الله آهي.

انهيءَ کان بعد ۾ ٻيو سوال اهو ذهن ۾ ايندو آهي تہ لفظ ”اڏيندڙن“ جمع جو صيغو آهي، اهو الله تبارڪ وتعاليٰ لاءِ ڪيئن استعمال ٿي سگهي ٿو؟ انهيءَ جو جواب هي آهي تہ الله تبارڪ وتعالي پنهنجن نبين سان رابطو يا انهن جي مدد پنهنجن فرشتن جي ذريعي ڪندو آهي. تنهنڪري، هتي جمع جو صيغو استعمال ٿيل آهي. ورنہ جيئن لفظ ”اڏيندڙن“ يا ڪٿي لفظ ”رازن“ استعمال ٿيل آهي تہ انهيءَ جو مطلب اهو ونڻ نہ کپي تہ هتي ڪنهن عمارت جي ڳالهہ ٿي رهي آهي. هي علامت طور استعمال ٿيل آهي. اهڙيءَ طرح جمع جو صيغو بہ الله تبارڪ وتعالي پاڻ کي ۽ فرشتن کي ملائي استعمال ڪيو آهي.

انهيءَ کان بعد آخري سوال ذهن ۾ اهو ايندو آهي تہ: ”اهو پهڻ ڪير آهي جنهن کي رازن رد ڪيو؟“

اصل ۾ هي سموري محنت انهيءَ سوال جي جواب لاءِ ئي ڪئي وئي آهي، سو انهيءَ جو جواب بہ ڪجهہ تفصيل طلب آهي. هن سوال جي جواب لاءِ اسان کي حضرت ابراهيم ع کان وٺي حضرت بيبي هاجره رضہ ۽ حضرت اسماعيل ع ۽ حضرت اسماعيل ع جي اولاد جي تاريخ ۽ حضرت بيبي ساره رضہ ۽ حضرت اسحاق ع ۽ حضرت اسحاق ع جي آل اولاد جي تاريخ جو مطالعو ڪرڻو پوندو.

---

1. رومين 11 : 3، 1 - بادشاه 19 : 9 - 10

2. تالمود (اردو)، اصل زبان عبراني کان انگريزي ترجمو: ايچ-پولانو، اردو ترجمو: اسٽيفن بشير، مڪتب عناويم، پاڪستان، جي ٽي روڊ ساڌو کي ضلع گوجرانوالا، ص 205

يعني بني اسماعيل ۽ بني اسرائيل جي تاريخ پڙهڻي پوندي.

اسان ڏسون ٿا تہ حضرت اسحاق عہ جو پٽ حضرت يعقوب عہ نبي ٿيو، حضرت يعقوب عہ جو پٽ حضرت يوسف عہ نبي ٿيو ۽ ان کان بعد نبين جو هڪ اڻ کٽ سلسلو آهي جيڪو بني اسرائيل ۾ ٿيو. حضرت موسي عہ، حضرت هارونعہ، حضرت يوشع عہ، حضرت ايوب عہ، حضرت دائود عہ، حضرت سليمان عہ، حضرت زڪريا عہ، حضرت الياس عہ ويندي حضرت يحي تگ ۽ حضرت عيسىٰ عہ تائين اڻ ڳڻيا نبي ٿي گذريا. ڪڏهن ڪڏهن تہ هڪ ئي وقت ۾ ڪيئي ڪيئي نبي بہ ٿي گذريا.

ايترن نبين جو هنن جي خاندان مان هجڻ جي ڪري هنن ۾ فخر، غرور ۽ تڪبر اچي ويو. هو پاڻ کي ڪائنات ۾ سڀ کان بهترين مخلوق سمجهڻ لڳا جنهن جي اڳيان (نعوذ باالله) الله بہ مجبور هجي. هو سمجهڻ لڳا تہ هو جيڪو بہ گناهہ ڪندا اهو هنن کي معاف ٿي ويندو. هنن کان پڇاڻو ئي معاف آهي. جيڪڏهن آخرت ۾ هنن کي ڪا تڪليف آئي بہ تہ چند ڏينهن ايندي. وري هو جنت ۾ هوندا. هو سمجهن پيا تہ هو جنت لاءِ ٺاهيا ويا آهن.

ٻئي طرف اسان ڏسون ٿا تہ حضرت ابراهيم عہ حضرت اسماعيل عہ ۽ حضرت بيبي هاجره رضہ کي بظاهر بي يار ومددگار هڪ رڻ پٽ ۾ اڪيلو ڇڏيون هليو ٿو وڃي. انهيءَ کان بعد حضرت عيسىٰ عہ جي ظهور تائين هنن جي خاندان ۾ ڪنهن نبي جو نالو ۽ نشان ئي ڪونہ ٿو ملي. جيڪڏهن ملي ٿو تہ بہ مشڪوڪ آهي تہ هو نبي آهي بہ صحيح يا نہ؟

بني اسرائيل وارا بني اسمائيل کي نڪرايل ۽ رد ٿيل قوم سمجهندا ۽ سڏيندا هئا. هو هنن کي ٻانهيءَ جو ٻار سمجهندا هئا، پاڻ کان گهٽ ۽ غلام سمجهندا هئا. گلتين ۾ پولس رسول حضرت بيبي هاجره رضہ، حضرت اسماعيل عہ ۽ سندس اولاد جي باري ۾ پنهنجي خيالن جو اظهار هيئن ٿو ڪري:

”اوهين جي شريعت جي ماتحت رهڻ ٿا گهرو سي مون کي ٻڌايو تہ اوهين شريعت نہ ٿا ٻڌو ڇا؟ ڇا لاءِ جو لکيل آهي تہ ابراهيم کي بہ پٽ هئا، هڪڙو ٻانهيءَ مان ۽ ٻيو آزاد مان. مگر ٻانهيءَ وارو پٽ جسمانيءَ طرح ڄائو هو، پر آزاد زال وارو پٽ وعدي جي ڪري ڄائو. انهن ڳالهين ۾ هڪڙو مثال آهي: ڇا لاءِ جو اهي زالون ڄڻ تہ بہ عهد آهن: هڪڙو سينا جبل وارو، جنهن ڪري غلام ئي پيدا ٿا ٿين ۽ اها آهي هاجره. هاڻي اها هاجره عرب جو سينا جبل آهي ۽ هاڻوڪي يروشلم جي برابر آهي: ڇالاءِ جو هوءَ پنهنجن ٻارن سميت غلاميءَ ۾ آهي. پر يروشلم جو مٿي آهي سو آزاد آهي؛ ۽ اها اسان جي ماءُ آهي. ڇالاءِ جو لکيل آهي، تہ “اي سنڍ زال تون ٻار نہ ٿي ڄڻين، سا خوشيون ڪر؛ تون، جنهن کي ويم جي سورن

جي خبر ڪانهي، سا وڏي آواز سان رڙيون ڪر: ڇالاءِ جو مڙس واريءَ زال ڪان ندڙڪي زال جا ٻار گهڻا آهن.“ هاڻي اي ڀائرو اسين اضحاق وانگر واعدي جي اولاد آهيون. پر جيئن انهي وقت جسماني طرح پيدا ٿيل ٻار، روحاني طرح پيدا ٿيل ٻار کي ستائيندو هو: تيئن هاڻي بہ آهي. مگر پاڪ ڪتاب ڇا ٿو چوي؟ ٻانهيءَ ۽ سندس پٽ کي ڪڍي ڇڏ. ڇالاءِ جو ٻانهيءَ جو پٽ آزاد جي پٽ سان گڏ هرگز وارث نہ ٿيندو. تنهنڪري، اي ڀائرو، اسين ٻانهي جا ٻار نہ آهيون، پر آزاد زال جا آهيون.“[1]

هنن آيتن مان هر ڪو شخص آسانيءَ سان اندازو لڳائي سگهي ٿو تہ يهودي حضرات بني اسماعيل وارن کي پاڻ ڪان ڪيترو نہ ڪمتر سمجهن پيا ۽ انهن يهودين جو عيسائي ٿيڻ ڪان بعد بہ بني اسماعيل وارن جي باري ۾ سوچ تبديل نہ ٿي. هو بني اسماعيل وارن کي نڪرايل ۽ رد ٿيل سمجهندا هئا. هاڻي جڏهن سيني نبين جو سرتاج انهيءَ قوم مان ٿئي تہ هنن کي ڪيترو نہ عجيب لڳندو؟

انهيءَ کي بيان ڪندي فرمايو ويو تہ:

”هي خداوند جي طرفان ٿيو ۽ اسان جي نظر ۾ عجب جهڙي ڳالهہ آهي.“

ورنہ يهودين لاءِ ٻي ڪا عجب جهڙي ڳالهہ نہ ٿي هئي. نہ ئي حضرت عيسىٰ ع هنن وٽ پهريون نبي هو ۽ نہ ئي هو اهو پهريون نبي هو جنهن کي يهودين ستايو هجي يا قتل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هجي ۽ هن آيت ۾ اها ڳالهہ بہ واضع ٿي وڃي ٿي تہ هي سڀ ڪجهہ خداوند جي طرفان ٿيو آهي، نہ ڪ يهودين جي طرفان. تہ انهيءَ حساب سان اڏيندڙ الله آهي ۽ رازي جي نسبت بہ الله طرف ئي آهي جو جنهن انهيءَ ڪنڊ جي سري واري پٿر جي چونڊ ڪئي.

انهيءَ ڪان بعد حضرت عيسىٰ ع جي ڪلام کي جڏهن اسان اڳتي پڙهون ٿا تہ انهيءَ ڳالهہ جي اجان بہ وڌيڪ وضاحت ٿئي ٿي. هو چوي ٿو تہ:

”تنهنڪري. آئون اوهان کي چوان ٿو تہ خدا جي بادشاهت اوهان ڪان ڪسي انهيءَ قوم کي ڏني ويندي، جا انهيءَ جو ڦل ڏيندي.“

هي جملو وضاحت ڪندي چوي ٿو تہ: ”اهو ڪنڊ جي سري وارو پٿر“ اوهان مان ڪو نہ ٿيندو، بلڪ ٻي قوم مان ٿيندو. ڇٽي نموني چيل آهي تہ الله تبارڪ وتعالي جي توهان کي ڏنل بادشاهت توهان ڪان ڪسي ويندي ۽ اها هڪ ٻي قوم کي ملندي. ڇاڪاڻ جو توهان ڦل ڏيڻ بند ڪري چڪا آهيو ۽ الله تبارڪ وتعالي اوهان جي سڌرڻ ڪان نا اميد ٿي چڪو آهي. تنهنڪري، اها بادشاهت ٻي قوم کي ڏني ويندي.

هتي هن ڳالهہ جي وضاحت ڪرڻ ضروري آهي تہ اها بادشاهت ڪهڙي قسم جي بادشاهت هئي، جيڪا يهودين ڪان ڪسي وئي هئي؟

1. گلتين 4 : 21 ـ 31

بظاهر تہ حضرت عيسىٰ عہ جي وقت ۾ يهودي ٻين جا راڄ هئا. هنن جي بادشاهت تہ ڪانہ هئي. انهيءَ مان ثابت ٿيو تہ هي دنياوي بادشاهت يعني حڪومت جي ڳالهہ ڪانہ هئي پر نبوت ۽ رسالت جي ڳالهہ هئي. دنياجي روحاني قيادت جي ڳالهہ هئي. تہ اها نبوت ۽ حڪومت جنهن کي خدا جي بادشاهت سڏي سگهجي ٿي سا توهان کان کسي ڪنهن ٻي قوم کي ڏني ويندي ۽ انهيءَ جملي ۾ لفظ "تنهنڪري" انهيءَ جي وضاحت ٿو ڪري تہ مٿين ڳالهہ جيڪا حضرت يسعياه عہ نبيءَ چئي آهي تہ "جنهن پهڻ کي اڏيندڙن رد ڪري ڇڏيو، سو ئي ڪنڊ جو سرو ڪيو ويو، هي خداوند جي طرفان ٿيو ۽ اسان جي نظر ۾ بہ عجب جهڙي ڳالهہ آهي"، انهيءَ کي نظر ۾ رکندي مان يسوع اوهان کي چوان ٿو تہ خدا جي بادشاهت اوهان کان کسي ڪنهن ٻيءَ قوم کي ڏني ويندي جيڪا اسان جي سوچ مطابق رد ٿيل ۽ نڪرايل آهي ۽ اهڙي عجب جهڙي ڳالهہ ٿيڻي آهي ۽ ٿيندي. اڳتي وري انهيءَ پهڻ جي صفت حضرت عيسىٰ عہ هن ريت بيان فرمائي ٿو تہ:

"جيڪو انهيءَ پهڻ تي ڪرندو سو ڀجي پرزا پرزا ٿي پوندو."

يعني جيڪو انهيءَ قوم جي مخالفت ڪندو يا انهيءَ سان ٽڪرائيندو تہ اهو خود پاڻ ڀجي پورا پورا ٿي ويندو.

"پر جنهن تي اهو ڪرندو تنهن کي چور چور ڪري ڇڏيندو."

يعني جيڪڏهن اها قوم خود ڪنهن جي خلاف ٿيندي ۽ ڪنهن تي حملو ڪندي تہ بہ پنهنجي مخالف کي تباه ۽ برباد ڪري ڇڏيندي.

آخري آيت ۾ اهو ٻڌايو ويو آهي تہ سردار ڪاهن ۽ فريسي حضرت عيسىٰ عہ جي ڳالهہ ٻڌي هن جا مخالف ٿي پيا. پر عوام هن کي نبي مڃي پئي، تنهنڪري، سندس خلاف ڪو قدم کڻي نہ سگهيا.

(iv) حديث نبوي ﷺ

آخر ۾ اسان پنهنجي هن سموري بحث جو خاتمو حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي فرمان سان ڪيون ٿا تہ، پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ:

"منهنجي ۽ مون کان پهرين نبين جي مثال ان شخص وانگر آهي، جنهن هڪ گهر جوڙيو ۽ ڇا تہ حسين ۽ جميل گهر جوڙيائين! ماڻهو انهيءَ گهر جي چوڌاري گهمي چوڻ لڳا تہ: "اسان هن گهر کان سٺو ڪو بہ گهر نہ ڏٺو آهي، پر هن گهر ۾ هڪ سر نہ آهي."

سو مان اها سر آهيان."[1]

---

1. (i) النيشابوري، القشيري، امام ابي الحسين مسلم بن الحجاج بن مسلم، "صحيح مسلم شريف" مع شرح نووي(مختصر) (اردو)، اردو مترجم: وحيد الزمان، علامہ، اسلامي ڪتب خانہ، لاهور، ڪتاب الفضائل، باب ذڪر ڪونہ خاتم النبيين، 1790:4، رقم 2286

عربيءَ ۾ پوري حديث هن ريت آهي:

حَدَّثَنَا عَمْرُو بْنُ مُحَمَّدٍ النَّاقِدُ، حَدَّثَنَا سُفْيَانُ بْنُ عُيَيْنَةَ، عَنْ أَبِي الزِّنَادِ، عَنِ الْأَعْرَجِ، عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ، عَنِ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ: مَثَلِي وَمَثَلُ الْأَنْبِيَاءِ كَمَثَلِ رَجُلٍ بَنَى بُنْيَانًا فَأَحْسَنَهُ وَأَجْمَلَهُ، فَجَعَلَ النَّاسُ يُطِيفُونَ بِهِ، يَقُولُونَ: مَا رَأَيْنَا بُنْيَانًا أَحْسَنَ مِنْ هَذَا، إِلَّا هَذِهِ اللَّبِنَةَ، فَكُنْتُ أَنَا تِلْكَ اللَّبِنَةَ[1]

(ح) خداوند جو ملڪ کي تباه ڪرڻ جو پڪو ارادو

هن ڪان اڳ مثال ڏنو ويو آهي ته الله تبارڪ وتعالي هنن جي ڪرتوتن جي ڪري اهڙو ناراض ٿيندو جهڙو پراضيم جبل تي ۽ جبعون جي واديءَ ۾ هن پنهنجي ڪاوڙ جو اظهار ڪيو هو.

پراضيم جبل تي حضرت دائود عہ الله تبارڪ وتعالي جي اجازت سان چڙهائي ڪئي هئي ۽ اتان جي ماڻهن کي شڪست ڏني هئائين.[2]

جبعون وارن جو واقعو هيئن آهي ته جبعون وارن اٽڪل ڪري بني اسرائيل وارن سان صلح ڪيو. انهن ڏينهن ۾ بني اسرائيل وارن جو اڳواڻ حضرت يشوع عہ هو. جبعون وارا طاقتور هئا. يروشلم جي بادشاهه ادوني صدق کي خوف ٿيو ته متان هي مون تي حملو ڪن. تنهنڪري، هن حبرون جي بادشاهه هوهام کي ۽ يرموٿ جي بادشاهه پيرام کي ۽ لڪيس جي بادشاهه يافيع کي ۽ عجلون جي بادشاهه دبير کي پاڻ سان ملائي گڏجي جبعون تي حملو ڪيو. جبعون وارن حضرت يشوع عہ کي مدد لاءِ سڏيو جيڪو ان وقت جلجال ۾ هو. حضرت يشوع عہ جلجال مان نڪري اچي هنن پنجن ئي بادشاهن مٿان آسماني قهر تي ڪڙڪيو.

ڪتاب "يشوع" ۾ انهيءَ جو تفصيل هن ريت ڏنل آهي:

"تنهن تي يشوع پاڻ سان سڀ جنگي ماڻهو ۽ سڀ بهادر مرد وٺي جلجال مان نڪتو ۽ خداوند يشوع کي چيو ته ڊپ نه ڪر: ڇالاءِ جو مون هنن کي تنهنجي حوالي ڪيو آهي؛ هنن مان ڪو به ماڻهو تنهنجي اڳيان بيهي نه سگهندو. تنهن ڪري يشوع اوچتو هنن تي ڪاهي آيو ۽ سڄي رات جلجال مان نڪري پنڌ ڪندو ويو ۽ خداوند هنن کي اسرائيل جي اڳيان شڪست ڏياري ۽ جبعون وٽ هنن منجهه ڏاڍو ڪوس وڌائين؛ ۽ جيڪو رستو بيت حورون ڏانهن وڃي ٿو اتي هو هنن جي پنيان پيا ۽ هنن کي ماريندا، پڄائيندا، عزيقاه ۽ مقيده تائين ويا ۽ هيئن ٿيو جو جيئن هو اسرائيل جي اڳيان ڀڄندا ويا ۽ بيت حورون ڏي لهندا ويا، تيئن عزيقاه تائين خداوند هنن جي مٿان آسمان مان وڏا وڏا پٿر وسايا، جنهن ڪري هو

(ii) احمد بن حنبل، امام، "مسند احمد بن حنبل"(اردو)، مترجم: محمد ظفر اقبال، مولانا، مڪتبہ رحمانيہ، اردو بازار، لاهور، 256:2، رقم 7479

1. المڪتبة الشاملة، "صحيح مسلم"، جلد 4، ص 1790، حديث نمبر 2286

2. 2 ـ سموئيل 5 : 20، 1 ـ تواريخ 14 : 11

مري ويا:جن کي بني اسرائيل ترار سان قتل ڪيو،تن کان وڌيڪ ڳڙن سبب مئا.

جنهن ڏينهن خداوند امورين کي بني اسرائيل جي حوالي ڪيو تنهن ڏينهن يشوع خداوند کي عرض ڪيو ۽ بني اسرائيل جي اڳيان چيائين، تہ اي سج، تون جبعون تي ۽ اي چنڊ، تون ايالون جي واديءَ ۾ بينو رهہ ۽ سج هڪڙي هنڌ بيهي رهيو ۽ چنڊ بہ ترسي پيو، جيستائين ڪہ انهن ماڻهن پنهنجي دشمنن کان وير پئي ورتو. اهو آشر جي ڪتاب ۾ نہ لکيل آهي ڇا؟ انهيءَ طرح سج آسمان جي وچ ۾ ٽڪ ٻڌي بينو ۽ قريب سجو ڏينهن الهندي ڏانهن نہ لڙيو. انهي کان اڳي، يا انهي کان پوءِ، انهي جهڙو ڏينهن ڪڏهن ڪو نہ ٿيو، جنهن ۾ خداوند انسان جو آواز ٻڌو: ڇالاءِ جو خداوند اسرائيل جي پاران وڙهيو ۽ يشوع سڀ اسرائيلين سميت موٽي اچي جلجال ۾ منزل ڪئي.“[1]

بني اسرائيل وارا پنهنجي اها تاريخ چڱيءَ طرح ڄاڻين پيا ۽ پنهن جن ڪتابن ۾ پڙهندا رهندا هئا. سو الله تبارڪ وتعالي هنن کي اهي ڳالهيون ياد ڏياري چوي ٿو تہ توهان ڪنهن خوش فهمي ۾ نہ رهجو تہ اسان الله تبارڪ وتعالي جا پيارا آهيون ۽ نبين جي اولاد آهيون سو اسان ڇا بہ ڪريون تہ اسان کي ڪجهہ بہ نہ ٿيندو. بلڪہ گناهگارن کي هنن جي ڪڌن ڪرتوتن سبب سزا ملندي ۽ اوهان بہ انهيءَ کان مستثني نہ آهيو ۽ اهڙي ئي سزا ملندي جيئن پراضيم وارن کي ۽ جبعون جي واديءَ ۾ حضرت يشوع عہ جي مخالفن کي الله تبارڪ وتعالي سزا ڏني. جو هنن مٿان آسمان مان پٿر وسايائين ۽ انهن پٿرن ۽ ڳڙن سان ايترا مارياٺين جو بني اسرائيل وارن ايترا ماڻهو ترار سان نہ ماريا هئا ۽ سج چنڊ کي پنهنجي جاءِ تي بيهاري ڇڏيائين: جيستائين ڪہ دشمنن کي پوري طرح نيست ۽ نابود نہ ڪيائين. آخري آيتن ۾ حضرت يسعياه عہ فرمائي ٿو تہ: ”مون الله تبارڪ وتعالي کان ٻڌو آهي تہ هن توهان جي ملڪ کي تباهہ ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪري ڇڏيو آهي.“

وليم ميڪڊونلڊ هنن آيتن جي تشريح ڪندي لکي ٿو تہ:

”خداوند خدا غضبناڪ ٿي ڪري پنهنجي ماڻهن جي خلاف اٿندو. جيئن پهريان هو هنن جي دشمنن جي خلاف اٿيو هو. خدا لاءِ هي ڪم ڪرڻ بلڪل عجيب آهي. جيڪڏهن هو هن جي ڪم جي تحقير ڪندا يا ٺٺولي ڪندا تہ هنن جا ئي بند سخت ٿي ويندا.“[2]

---

1. يشوع 10 : 7 - 15
2. ميڪڊونلڊ، وليم، ”تفسيرالڪتاب“ (يسعياه_ داني ايل) (اردو)، مترجم: ڊي چند، سيموئيل، بشپ ۽ شيموئيل جيڪب، مسيحي اشاعت خانہ لاهور، 2016ع، ص 53

(19) اڻ پڙهيل (امي) کي ڪتاب ڏنو ويو

”اهي نشي ۾ آهن پر شراب سان نہ، اهي آٿڙن ٿا پر نشي جي ڪري نہ: ڇالاءِ جو خداوند اوهان تي گهاٽيءَ ننڊ جو روح موڪليو آهي ۽ اوهان جون اکيون بند ڪيون اٿس: ۽ اوهان جي نبين ۽ سردارن ۽ غيب ڏسندڙن کي ڍڪي ڇڏيو اٿس ۽ سيني جي رويا اوهان لاءِ هڪڙي مهر لڳل بند ڪتاب جي لفظن وانگر ٿيندي، جو ماڻهو ڪنهن عالم شخص کي ڏين ۽ چون تہ مهرباني ڪري هي پڙهہ ۽ هو چوي تہ آءٌ پڙهي نہ ٿو سگهان: ڇو تہ هن تي مهر لڳل آهي:

۽ وري اهو ڪتاب ڪنهن اڻ پڙهيل کي ڏين ۽ چون تہ مهرباني ڪري هي پڙهہ ۽ هو چوي تہ مون کي پڙهڻ نٿو اچي.

۽ خداوند فرمايو تہ هيءَ امت منهنجي ويجهو ٿي اچي ۽ پنهنجي وات سان ۽ پنهنجن چپن سان منهنجي تعظيم ٿي ڪري: پر پنهنجي دل مون کان پري ڪئي اٿس ۽ منهنجو ڊپ رڳو ماڻهن جي حڪم ڪري اٿس، جو کين سيکاريو ويو آهي.

تنهن ڪري ڏس، آءٌ هن امت ۾ هڪڙو عجيب ڪم ڪندس، بلڪل عجيب ۽ حيرت جهڙو ڪم ۽ انهنجي ڏاهن ماڻهن جي ڏاهپ ڇٽ ٿي ويندي ۽ انهن جي سمجهہ وارن جي سمجهہ گم ٿي ويندي.“[1]

(الف) صُمٌّ بُكْمٌ عُمْيٌ فَهُمْ لَا يَرْجِعُوْنَ

آيت نمبر 9 کان وٺي آيت نمبر 11 تائين بني اسرائيل وارن جي ايندڙ حالت بابت بيان ٿيل آهي تہ ايندڙ وقت ۾ هنن جي ڇا حالت وڃي ٿيندي؟ هو نشي جي حالت ۾ هوندا، يعني هنن جي سوچ، سمجهہ ۽ صلاحيت بلڪل ختم ٿي ويندي. هو ٿڙندا ٿاٻڙندا وتندا. هي بي سمجهائي جي انتهائي حالت آهي. حالانڪ هنن نہ نشو ڪيو هوندو نہ شراب پيتو هوندائون.

الله تبارڪ وتعالي فرمائي ٿو تہ پوءِ هو بہ مٿن رحمت وارو هٿ ڪڍي ڇڏيندو ۽ جنهن گهاٽيءَ ننڊ جي هنن کي خواهش هوندي اها هنن تي طاري ٿي ويندي. هنن جون اکيون بند ٿي وينديون. يعني هنن جي سوچ ۽ سمجهہ سڀ صلب ٿي ويندي. نبي، سردار يا غيب دان. هو ڪنهن جي بہ نصيحت ٻڌڻ، سمجهڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ کان قاصر ٿي ويندا. جيڪڏهن ڪنهن عالم وٽ بہ ڪٿي ڪتاب جي ڳالهہ ڪبي تہ بہ هو چوندو تہ مان هي پڙهي نہ ٿو سگهان. ڇو تہ هن تي مهر لڳل آهي. مهر اصل ۾ انهيءَ ڪتاب تي نہ بلڪ هن جي دل تي لڳل هوندي.

قرآن شريف ۾ اهڙن ماڻهن جي حالت هن ريت بيان ٿيل آهي:

---

[1]. يسعياه 29 : 9 ـ 14

خَتَمَ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ وَعَلٰى سَمْعِهِمْ ؕ وَعَلٰٓى اَبْصَارِهِمْ غِشَاوَةٌ ۫ وَّلَهُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ.[1]

ترجمو: ”اللهَ سندن دلين تي ۽ سندن ڪنن تي مهر هنئي آهي ۽ سندن اکين تي ڇوڙ (ڇڙهيل) آهن ۽ انهن لاءِ وڏو عذاب آهي.“

هڪ ٻيءَ جڳهه تي هيئن لکيل آهي:

وَمَثَلُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا كَمَثَلِ الَّذِىْ يَنْعِقُ بِمَا لَا يَسْمَعُ اِلَّا دُعَآءً وَّنِدَآءً ؕ صُمٌّۢ بُكْمٌ عُمْىٌ فَهُمْ لَا يَعْقِلُوْنَ[2]

ترجمو: ”۽ ڪافرن (کي سڏيندڙ) جو مثال ان ماڻهوءَ جي مثال وانگر آهي جو اهڙيءَ شئي کي واڪو ڪري ٻڌائي جا سڏ ۽ ڪوڪ ڪانسواءِ (ڪجهه) نه ٻڌي، (ڪافر) ٻوڙا، گونگا، انڌا آهن، تنهن ڪري اهي (ڪجهه به) نه ٿا سمجهن.“

الله تبارڪ وتعاليٰ پاڻ هتي به آيت نمبر 13 ۾ فرمائي ٿو ته:

”هيءَ امت منهنجي ويجهو ٿي اچي ۽ پنهنجي وات سان ۽ پنهنجن چپن سان منهنجي تعظيم ٿي ڪري: پر پنهنجي دل مون کان پري ڪئي اٿس ۽ منهنجو ڊپ رڳو ماڻهن جي حڪم ڪري اٿس، جو ڪين سيکاريو ويو آهي.“

يعني هي منهنجي عزت صرف ڏيکاءُ لاءِ ڪري رهيا آهن. هاڻي اجان به هنن جي سڌرڻ جو آسرو ۽ اميد ڪرڻ بلڪل فضول هو. تنهن ڪري الله تبارڪ وتعاليٰ فرمائي ٿو ته:

”ڏس، آءٌ هن امت ۾ هڪڙو عجيب ڪم ڪندس، بلڪل عجيب ۽ حيرت جهڙو ڪم ۽ انهن جي ڏاهن ماڻهن جي ڏاهپ ڇٽ ٿي ويندي ۽ انهن جي سمجهه وارن جي سمجهه گم ٿي ويندي.“

يعني انهن جي عقل جي رسائي ان تائين ختم ٿي ويندي ۽ اهو عجب ۽ حيرت ۾ وجهندڙ ڪم الله تبارڪ وتعاليٰ اهو ڪيو ته حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليه وعلي آله واصحابه وسلم کي سموري دنيا جي هدايت، رهبري ۽ رهنمائي لاءِ پنهنجي آخري نمائندي طور چونڊي، بني اسرائيل کان هميشه هميشه جي لاءِ نبوت ۽ رسالت کسي ورتي. بني اسرائيل وارن لاءِ هي هڪ وڏي صدمي جي ڳالهه هئي. مٿان وري قرآن شريف جي چيلينج هنن جا دماغ چڪرائي ڇڏيا، جنهنجو جواب هو اڄ ڏينهن تائين پيش ڪرڻ کان قاصر آهن.

(ب) اڻ پڙهيل کي ڪتاب ڏنو ويندو

بحرحال الله تبارڪ وتعاليٰ اعلان ڪري ٿو ته هو پنهنجو ڪتاب ۽ حڪمت جون ڳالهيون هڪ اڻ پڙهيل جي حوالي ڪندو:

”۽ وري اهو ڪتاب ڪنهن اڻ پڙهيل کي ڏين ۽ چون ته مهرباني ڪري هي پڙهه ۽ هو چوي ته مون کي پڙهڻ نه ٿو اچي.“

---

1. سورة البقره : 7
2. سورة البقره : 171

(i) لفظ ”اڻ پڙهيل“ (امي)

انٽرنيٽ تي آيت نمبر 12 جي عبراني لفظن جو انگريزيءَ ۾ لفظي ترجمو ڪجھ هن ريت ملي ٿو:

Hebrew Word	Pronunciation	English Meaning.
וְנִתַּן	wə-nit-tan	And is delivered
הַסֵּפֶר	has-sê-pēr,	the book
עַל	‘al	to
אֲשֶׁר	’ă-šer	one who
לֹא־	lō-	not
יָדַע	yā-da‘	is illiterate
סֵפֶר	sê-pēr	the book
קְרָא	lê-mōr	saying
קְרָא	qə-rā	Read
נָא־	nā-	please
זֶה	zeh;	this
וְאָמַר	wə-’ā-mar	and he says
לֹא	lō	not
יָדַעְתִּי	yā-da‘-tî	I am literate
סֵפֶר׃	sê-pēr.	the book
ס	s	--------

انگريزيءَ ۾ لکيل بائيبل ڪنگ جيمز ورشن (King James Version) ۾ آيت نمبر 12 هن ريت لکيل آهي:

“And the book is delivered to him that is not learned, saying, Read this, I pray thee: and he saith, I am not learned.”

”آءِ ايم ناٽ لرنڊ“ (I am not learned) يا ”آءِ ايم ناٽ لٽريٽ“ (I am not litrate) ٻنهي جي معني ٿيندي ”مان پڙهيل نہ آهيان“ يا ”مان اڻ پڙهيل آهيان“ يا ”مان امي آهيان“.

هن جي معني اها ڪڏهن بہ ٿي نہ ٿي سگهي تہ ”مون کي پڙهڻ نہ ٿو اچي.“

لڳي ٿو تہ بائيبل جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪندڙن ڪي حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي

متعلق آيتن جي پلي پت ڄاڻ هئي ۽ هنن ڄاڻي واڻي انهن آيتن کي مشتبہ بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

تي سگهي ٿو تہ ڪنهن شخص کي ”مون کي پڙهڻ نہ ٿو اچي“ ۽ ”مان اڻ پڙهيل آهيان“ ۾ فرق نظر نہ اچي ۽ هن کي ٻئي ڳالهيون ساڳيون لڳن. پر انهن ٻنهي ۾ فرق آهي. حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي اڻ پڙهيل ”امي“ هجڻ سان سڀ مسلمان متفق آهن تہ پاڻ سڳورا صلي الله عليہ وآلہ وسلم ڪنهن کان بہ لکڻ پڙهڻ ڪو نہ سکيا هئا. پر حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم کي پڙهڻ اچي پيو يا نہ؟ انهيءَ ۾ مسلمانن جو مختلف نظريو آهي. هڪڙا سندس ”پڙهڻ جي صلاحيت“ جا قائل آهن ۽ ٻيا انهيءَ جا قائل نہ آهن. جيڪي شخص حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي پڙهي سگهڻ جا قائل آهن انهن جو چوڻ آهي تہ پاڻ سڳورا صلي الله عليہ وآلہ وسلم الهامي طور پڙهيل هئا ۽ الله تعالي پنهنجي خاص عنايت سان ڪيس پڙهي سگهڻ جي صلاحيت عطا فرمائي هئي. تفصيلي بحث پنهنجي جاءِ تي ڪنداسين.

(ii) لفظ ”امي“ اسلامي روايتن ۾

تفسير قرطبي ۾ آهي تہ:

”حضرت ابن عباس ﷺ چيو: ”الاميون“ کان مراد تمام عرب آهن، خواهہ انهن مان ڪو لکڻ ڄاڻندو هو يا لکڻ نہ ڄاڻندو هو؛ ڇو تہ هو اهل ڪتاب نہ هئا.

هڪ قول هي ڪيو ويو:

”امي کان مراد اهي آهن جيڪي لکڻ نہ ڄاڻين. قريش اهڙيءَ طرح هئا.“

منصور ابراهيم کان روايت نقل ڪئي آهي، چيائين:

”امي اهو آهي جيڪو پڙهڻ لکڻ نہ ٿو ڄاڻي.“[1]

تفسير نمونہ ۾ آهي تہ:

”امي يا تہ ماده ”ام“، جنهن جي معني ماءُ جي آهي، يا ماده ”امت“ جنهن جي معني مجمع ۽ گروهہ جي آهن، کان ماخوذ ٿيل آهي.“[2]

تفسير قرطبي ۾ آهي تہ:

---

1. قرطبي، محمد بن احمد بن ابوبڪر، ابو عبدالله، امام، ”تفسير قرطبي مترجم“(اردو)، ترجمہ متن قرآن: الازهري، محمد ڪرم شاه، پير، زير اهتمام: اداره ضياءُ المصنفين ڀيره شريف، ضياءُ القرآن پبليڪيشنز،لاهور، ڪراچي، پاڪستان، سال اشاعت: 2012، بار اول، جلد نهم، ص 402_403

2. شيرازي، ناصر مڪارم، آيت الله العظمي، ”تفسير نمونہ“ (اردو)، مترجم: نجفي، صفدر حسين، سيد، مصباح القرآن ٹرسٹ، لاهور، ربيع الثاني 1421هہ، جلد 4، ص 292

”الامي_ هي امت يا اميت ڏانهن منسوب آهي. اهو جيڪو پنهنجي ولادت جي اصل حالت تي هجي. نہ هو لکڻ سگهي ۽ نہ پڙهڻ. هي ابن عزيز رحمت الله عليہ چيو آهي ۽ حضرت ابن عباس رضي الله عنه چيو تہ: تنهنجو نبي صلي الله عليہ وآلہ وسلم امي هو؛ نہ هو لکن ٿا، نہ پڙهن ٿا ۽ نہ هو حساب هڻن ٿا.“[1]

جيڪي مفسر ”امي“ کي ماده ”ام“ مان ماخوذ ٿيل سمجهندا آهن، انهن جو چوڻ آهي تہ جيئن تہ مڪي کي ”ام القري“ سڏيو ويندو آهي، انهيءَ حساب سان مڪي جي رهندڙن کي ”امي“ سڏيو ويندو آهي.

يهودي مڪي جي ڪافرن کي حقارت طور ”امي“ سڏيندا هئا. قرآن ۾ آهي تہ هو چوندا هئا تہ:

لَيْسَ عَلَيْنَا فِي الْأُمِّيِّينَ سَبِيلٌ ۚ [2]

ترجمو: ”اسان کان امیين جي باري ۾ پڇا ڳاڇا نہ ڪئي ويندي.“

الله تبارڪ وتعالي لفظ ”اميين“ کي لفظ ”اهل ڪتاب“ جي مقابل استعمال ڪري ٿو. جيئن فرمايو ويو آهي تہ:

وَقُلْ لِلَّذِينَ أُوتُوا الْكِتَابَ وَالْأُمِّيِّينَ أَأَسْلَمْتُمْ ۚ [3]

ترجمو: ”۽ چئو تہ انهن کي جن کي ڪتاب ڏنو ويو آهي ۽ اميين کي تہ ڇا توهان اسلام آندو آهي؟“

هن آيت مان صاف ظاهر ٿو ٿئي تہ ”امي“ انهيءَ شخص کي چيو ويندو آهي جيڪو نہ لکندو آهي ۽ نہ ڪتاب کي ڏسي پڙهندو آهي. ڪتاب يسعياه جي باب 29 آيت نمبر 12 ۾ بہ ”اڻ پڙهيل“ کان اها مراد آهي. قرآن شريف ۾ بہ اسان جي پياري نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جو ذڪر بہ بلڪل اهڙيءَ ريت تي ٿيل آهي.

سورت العنڪبوت ۾ آهي تہ:

وَمَا كُنْتَ تَتْلُو مِنْ قَبْلِهِ مِنْ كِتَابٍ وَلَا تَخُطُّهُ بِيَمِينِكَ ۖ إِذًا لَارْتَابَ الْمُبْطِلُونَ. [4]

ترجمو: ”۽ انهي (قرآن جي لهڻ) کان اڳ ڪو ڪتاب نڪي تون پڙهندو هئين ۽ نڪي اهو پنهنجي ساڄي هٿ سان لکندو هئين (جيڪڏهن لکين پڙهين ها) تہ انهيءَ مهل اهي ڪوڙا ضرور شڪ ۾ پون ها.“

قرآن شريف جي هڪ ٻي آيت پاڻ سڳورن ﷺ جي لکڻ پڙهڻ جي نفي هن ريت بيان ڪري ٿي:

---

1. قرطبي، محمد بن احمد بن ابوبڪر، ابو عبدالله، امام، ”تفسير قرطبي مترجم“(اردو)، ترجمہ متن قرآن: الازهري، محمد ڪرم شاه، پير، زير اهتمام: اداره ضياء المصنفين ڀيره شريف، ضياءُ القرآن پبليڪيشنز،لاهور،ڪراچي، سال اشاعت: 2012ع، بار اول، جلد چهارم، ص 352

2. سورة آل عمران : 75

3. سورة آل عمران : 20

4. سورة العنڪبوت : 48

وَكَذٰلِكَ اَوۡحَيۡنَاۤ اِلَيۡكَ رُوۡحًا مِّنۡ اَمۡرِنَا ؕ مَا كُنۡتَ تَدۡرِىۡ مَا الۡكِتٰبُ وَلَا الۡاِيۡمَانُ .[1]

ترجمو: ”۽ اهڙيءَ طرح (اي محمد صہ) اسان پنهنجي حڪم سان هڪ روح تو ڏانهن وحي ڪيو آهي. توکي ڪا خبر نہ هئي تہ ڪتاب ڇا ٿيندو آهي ۽ ايمان ڇا ٿيندو آهي؟“

هي آيتون صاف طور تي حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي مٿان وحي نازل ٿيڻ کان اڳ سندس لکڻ پڙهڻ جي صلاحيت جي نفي ڪري رهيون آهن.

(ت) حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي صفت ”امي“ جو قرآن ۾ ذڪر

سورت الاعراف ۾ آهي تہ:

اَلَّذِيۡنَ يَتَّبِعُوۡنَ الرَّسُوۡلَ النَّبِىَّ الۡاُمِّىَّ الَّذِىۡ يَجِدُوۡنَهٗ مَكۡتُوۡبًا عِنۡدَهُمۡ فِى التَّوۡرٰىةِ وَالۡاِنۡجِيۡلِ [2]

ترجمو: ”(۽ پڻ آخرت جي رحمت انهن لاءِ لکندس) جيڪي انهيءَ نبي امي پيغمبر جي تابعداري ڪندا آهن، جنهن جون وصفون توريت ۽ انجيل ۾ پاڻ وٽ لکيون لهندا آهن.“

هي انهن عيسائين ۽ يهودين جي باري ۾ آهي، جيڪي ان اڻ پڙهيل پيغمبر يعني حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جون صفتون پنهنجن ڪتابن ۾ ڏسي ڪيس سچائي مٿس ايمان آڻين ٿا.

سورت الاعراف جي اڳين آيت ۾ وري بہ لفظ امي کي دهرايو ويو آهي:

فَاٰمِنُوۡا بِاللّٰهِ وَرَسُوۡلِهِ النَّبِىِّ الۡاُمِّىِّ الَّذِىۡ يُؤۡمِنُ بِاللّٰهِ وَكَلِمٰتِهٖ وَاتَّبِعُوۡهُ لَعَلَّكُمۡ تَهۡتَدُوۡنَ .[3]

ترجمو: ”تنهن ڪري الله ۽ سندس انهي امي نبيءَ تي ايمان آڻيو جيڪو الله ۽ سندس حڪمن کي مڃيندو آهي ۽ ان جي تابعداري ڪريو تہ مان اوهين سڌي واٽ لهو.“

قرآن شريف ۾ سيني عربن کي بہ امي سڏيو ويو آهي. سورت جمع ۾ آهي تہ:

هُوَ الَّذِىۡ بَعَثَ فِى الۡاُمِّيّٖنَ رَسُوۡلًا مِّنۡهُمۡ يَتۡلُوۡا عَلَيۡهِمۡ اٰيٰتِهٖ وَيُزَكِّيۡهِمۡ وَيُعَلِّمُهُمُ الۡكِتٰبَ وَالۡحِكۡمَةَ ۚ وَاِنۡ كَانُوۡا مِنۡ قَبۡلُ لَفِىۡ ضَلٰلٍ مُّبِيۡنٍ ۙ .[4]

ترجمو: ”(الله) اهو آهي جنهن اڻ پڙهيلن ۾ انهن (جي قوم) مان هڪ پيغمبر مبعوث ڪيو جو وٽن سندس آيتون پڙهندو آهي ۽ کين پاڪ ڪندو آهي ۽ کين ڪتاب ۽ دانائي سيکاريندو آهي ۽ بيشڪ اهي (هن کان) اڳ پڌري گمراهي ۾ هئا.“

---

1. سورة الشوري : 52
2. سورة الاعراف : 157
3. سورة الاعراف : 158
4. سورة الجمعہ : 2

خود عرب ڪافر بہ مٿس ڪڏهن اهو الزام نہ هڻندا هئا تہ هي ڪو پنهنجي طرفان قرآن لکي اچي الله تي مڙهي ٿو. پر اعتراض ڪرڻ وارا اهو چوندا هئا تہ هي قرآن جا اهي قصا ٻين کان لکرائي کڻي ٿو اچي.جو تہ حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم سڄي عمر هنن وٽ گذاري هئي ۽ هنن کي خبر هئي تہ حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم ڪڏهن بہ ڪنهن کان لکڻ پڙهڻ ڪونہ سکيو آهي ۽ نہ ئي اڳ ڪو هو لک پڙهہ ڪندو هو. سو اهڙو اڻ پڙهيل ماڻهو هاڻي جو هنن وٽ انتهائي فصيح ۽ بليغ زبان ۾ آسماني ڪتابن جي تعليم ۽ نبين ۽ رسولن جي زندگي جا حال احوال بيان ڪري ٿو تہ پڪ سان هي اهي ڳالهيون ڪنهن کان لکرائي کڻي ٿو اچي.

الله تبارڪ وتعالي انهن ڪافرن جي انهيءَ الزام کي سورت الفرقان ۾ هن ريت نقل فرمايو آهي:

وَقَالُوٓا اَسَاطِيۡرُ الۡاَوَّلِيۡنَ اكۡتَتَبَهَا فَهِىَ تُمۡلٰى عَلَيۡهِ بُكۡرَةً وَّاَصِيۡلًا .[1]

ترجمو: ”۽ چيائون تہ (هي قرآن) اڳين جا قصا آهن جو اهي لکايا اٿس، پوءِ اهي مٿس صبح ۽ سانجهي پڙهبا آهن.“

سورت النحل ۾ هنن ڪافرن جو هڪ ٻيو قول نقل ڪندي الله تبارڪ وتعالي ان جو جواب بہ عنايت فرمائي ڇڏيو. اها آيت هن ريت آهي:

وَلَقَدۡ نَعۡلَمُ اَنَّهُمۡ يَقُوۡلُوۡنَ اِنَّمَا يُعَلِّمُهٗ بَشَرٌ ؕ لِسَانُ الَّذِىۡ يُلۡحِدُوۡنَ اِلَيۡهِ اَعۡجَمِىٌّ وَّ هٰذَا لِسَانٌ عَرَبِىٌّ مُّبِيۡنٌ.[2]

ترجمو: ”۽ بيشڪ ڄاڻندا آهيون تہ اهي چوندا آهن تہ ان (پيغمبر) کي ماڻهو سيکاريندو آهي. جنهن ڏانهن اهي نسبت ڪندا آهن تنهنجي ٻولي عجمي آهي ۽ هي (قرآن) پڌري عربي ٻولي ۾ آهي.“

هيءَ آيت بہ حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي اڻ پڙهيل ”امي“ هجڻ جو ثبوت آهي. جنهن ماڻهوءَ جي نسبت اهي ڪافر دعوي ڪن پيا تہ هي شخص پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآلہ وسلم کي قرآن سيکاري ٿو انهيءَ جي باري ۾ گهڻو اختلاف آهي تہ اهو ڪير هو؟ هي ڳالهہ يقيني ٿي لڳي تہ هو نصراني هو، غلام هو ۽ رومي هو. هن جو نالو جبر هو يا يعيش. هن جي ڪنيت ابو فکيهہ هئي.

اصل مطلب جي ڳالهہ هي آهي تہ الله تبارڪ وتعالي ڪافرن کي جواب ڏيندي فرمائي ٿو تہ توهان جنهن شخص ڏانهن انهيءَ ڳالهہ کي منسوب ڪري رهيا آهيو اهو تہ عجمي آهي ۽ هي قرآن تہ اهڙو عربي آهي

---

1. سورة الفرقان : 5
2. سورة النحل : 103

جو ان جو جواب عرب به ڏيئي نه ٿا سگهن. ته انهيءَ جي جواب ۾ ڪافرن موٽي اهو ڪونه چيو ته عجمي ته ڳالهه بيان ٿو ڪري، پر لکي محمد ﷺ پاڻ ٿو.

صحيح بخاري ۾ آهي ته رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم فرمايو ته:

”اسان اڻ پڙهيل امت آهيون، نه لکندا آهيون نه حساب ڪندا آهيون.“[1]

عربيءَ ۾ اها مڪمل حديث هن ريت آهي:

حَدَّثَنَا آدَمُ، حَدَّثَنَا شُعْبَةُ، حَدَّثَنَا الأَسْوَدُ بْنُ قَيْسٍ، حَدَّثَنَا سَعِيدُ بْنُ عَمْرٍو، أَنَّهُ سَمِعَ ابْنَ عُمَرَ رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا، عَنِ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ ، أَنَّهُ قَالَ: «إِنَّا أُمَّةٌ أُمِّيَّةٌ، لاَ نَكْتُبُ وَلاَ نَحْسُبُ، الشَّهْرُ هَكَذَا وَهَكَذَا» يَعْنِي مَرَّةً تِسْعَةً وَعِشْرِينَ، وَمَرَّةً ثَلاَثِينَ[2]

باقي جيڪي چون ٿا ته صلح حديبيه جي وقت حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليه وعلي آله واصحابه وسلم پنهنجو نالو ”محمد بن عبدالله“ لکيو هو، تنهن ڪري ثابت ٿيو ته حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليه وعلي آله واصحابه وسلم لکڻ پڙهڻ ڄاڻندا هئا ته:

پهرين ڳالهه ته سڄي عمر ۾ صرف پنهنجو نالو ”محمد بن عبدالله“ لکڻ سان ثابت نه ٿو ٿئي ته پاڻ سڳورا ﷺ لکڻ پڙهڻ ڄاڻندا هئا. ٻي ڳالهه ته هي جو چيو ويندو آهي ته پاڻ سڳورن ﷺ فلاڻي فلاڻي بادشاهه کي خط لکيو ته اهو انهيءَ مثل آهي جيئن چيو ويندو آهي ته پاڻ سڳورن ﷺ چور جو هٿ ڪٽيو يا فلاڻي مجرم کي ڪوڙا هنيا، ته نه ئي اهي هٿ حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليه وعلي آله واصحابه وسلم پاڻ ڪٽيا ۽ نه ئي مجرمن کي پاڻ پنهنجن هٿن سان ڪوڙا هنيا. اهڙيءَ طرح جڏهن چيو ويندو آهي ته حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليه وعلي آله واصحابه وسلم بادشاهن کي خط لکيا ته انهيءَ جو مطلب آهي ته حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم اهي خط انهن

---

1. (i) **البخاري، محمد بن إسماعيل، أبي عبد الله**، ”**صحيح البخاري**“ (اردو)، ترجمو ۽ شرح : وحيدالزمان، علامه، تاج ڪمپني لميٽيڊ، ڪراچي لاهور راولپنڊي. جلد 3، ص 86

(ii) سليمان بن اشعث، ابو دائود، حافظ، امام، ”سنن ابو دائود“ (انگريزي)، مترجم: ياسر قاضي (امريڪا)، شرح ۽ تدوين: عليزئي، زبير، ابو طاهر، حافظ، پبلشرز: دارالسلام ، ڪتاب الصيام، باب الشهر يکون تسعا وعشرين، جلد 3، ص ، 110، حديث نمبر 2319

2. **البخاري، محمد بن إسماعيل، أبي عبدالله**، ”**صحيح البخاري**“، المكتبة الشاملة، ج 3، ص 27، حديث 1913

بادشاهن جي نالي ڪنهن ڪان لکرائي انهن ڏانهن موڪليا. تاريخ ۾ هر هڪ ڪاتب جو نالو محفوظ آهي. پلا اهي ڳالهيون لکندڙ ڪڏهن هي چو نہ ٿا لکن تہ حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم پنهنجن هٿن سان قرآن لکيو، يا فلاڻي ڪا هڪڙي آيت نازل ٿيڻ ڪان پوءِ حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم پاڻ لکي؟ پر هميشہ اهو بڌائيندي نظر ايندا تہ هي سورت يا هي آيت نازل ٿيڻ ڪان پوءِ فلاڻي وحي جي ڪاتب لکي يا حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم فلاڻي ڪاتب ڪان لکرائي. قرآن جي نزول ڪان بعد حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم مختلف ڪاتبن ڪان اها وحي لکرائيندا هئا. ڪاتبان وحي جي نالي سان پورو باب لکي سگهجي ٿو. جيڪڏهن حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم پاڻ لکي سگهن پيا تہ پوءِ انهن ڪاتبان وحي کي تڪليف ڏيڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟

هن سموري بحث مان ثابت ٿيو تہ قرآن، حديث ۽ روايتن مطابق حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم اڻ پڙهيل (امي) هئا ۽ انهيءَ امي هجڻ جو مطلب هي آهي تہ پاڻ سڳورن صہ ڪڏهن بہ ڪنهن مخلوق ڪان لکڻ پڙهڻ ڪونہ سکيا هئا.

(ث) تاريخ مان تصديق

حقيقت ۾ تہ ڪتاب يسعياه جي باب 29 آيت 12 ۾ انهيءَ واقعي ڏانهن اشارو آهي جيڪو حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم سان غار حرا ۾ پيش آيو، جڏهن حضرت جبرائيل عہ الله تبارڪ وتعالي طرفان پهرين وحي کڻي اچي نازل ٿيو. اسان پنهنجي قارئين لاءِ هي واقعو مولوي محمد عظيم شيدا جي ڪتاب "سيرت مصطفي صہ" تان پيش ڪري رهيا آهيون:

"جڏهن سندن (يعني پاڻ سڳورن صہ جي) عمر چاليهن سالن کي پهتي تہ ماهہ رمضان جي پندرهين، سترهين يا ستاويهين تاريخ (مختلف روايتون آهن) هڪ صورت ڏٺائون، جنهن جو سر آسمان ۾ هو ۽ ان جڏهن پر ڪشادا ڪيا تہ مشرق ۽ مغرب ۾ پکڙجي ويا. ان جا ڏند سفيد ۽ چمڪندڙ، پيشاني مبارڪ نوراني، وار ڳاڙها مرجان جهڙا ۽ گردن ياقوت وانگر سرخ هو. سندس پيشاني تي لکيل هو:

''لَاإِلٰهَ إِلَّا اللّٰهُ وَأَشْهَدُ أَنَّ مُحَمَّدًا رَسُوْلُ اللّٰهِ''

هن جي مبارڪ صورت ڏسي، هيبت ۽ دهشت کي خيال ۾ آڻي فرمايائونس:

"تون ڪير آهين؟ مون تو جهڙي وڏي ۽ نوراني شڪل اڳ ڪڏهن

کان ڏني آهي."
جبرائيل عہ جواب ڏنو تہ:
"مان روح الامين آهيان، نبين ۽ مرسلن تي نازل ٿيندو آهيان."
پوءِ جبرائيل عہ چيو:
"اِقْرَأْ يَا مُحَمَّد!"
پاڻ فرمايائون تہ: "ما انا بقاري (مان پڙهيل ڪونہ آهيان)."
جبرائيل عہ وري بہ ساڳيءَ طرح پڙهڻ جو امر ڪيو. پاڻ حضور صہ جن وري ساڳيو جواب ڏنو. تڏهن ٽيون ڀيرو جبرائيل عہ ڪين ڀاڪر پائي، پاڻ سان ملائي، ڪجهہ زور ڏيئي پوءِ وري پڙهڻ لاءِ چيائون؛ پر جواب ساڳيو ئي مليس. پوءِ جبرائيل عہ چيو:
اِقْرَاْ بِاسْمِ رَبِّكَ الَّذِیْ خَلَقَ ۚ. خَلَقَ الْاِنْسَانَ مِنْ عَلَقٍ ۚ. اِقْرَاْ وَ رَبُّكَ الْاَكْرَمُ ۙ. الَّذِیْ عَلَّمَ بِالْقَلَمِ ۙ. عَلَّمَ الْاِنْسَانَ مَا لَمْ يَعْلَمْ ؕ.[1]
(پنهنجي رب سائين جي نالي سان پڙهہ، جيڪو پيدا ڪندڙ آهي؛ جنهن انسان کي رت جي ڏڳ مان پيدا ڪيو. پڙهہ ۽ تنهنجو رب سڀ‌کان وڏو سڳورو آهي جنهن قلم جي ذريعي سيکاريو. انسان کي اهو سيکاريائين، جيڪو هن نٿي ڄاتو.)
جبرائيل عہ زمين تي پر هنيو تہ پاڻيءَ جو هڪ چشمو پيدا ٿي پيو. پاڻ وضو ڪيائين ۽ حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم کي وضوءَ ڪرڻ لاءِ چيائين. پاڻ ڪريمن وضو ڪيو تہ جبرائيل عہ فرمايو:
"أَشْهَدُ أَنْ لَا إِلٰهَ إِلَّا اللهُ وَحْدَهُ لَا شَرِيكَ لَهُ، وَإِنَّكَ رَسُولُهُ بِالْحَقِّ بَعَثَكَ."
(شاهدي ٿو ڏيان تہ الله تعالي کان سواءِ ٻيو ڪو بہ (معبود بالحق) ڪونهي. هو هڪ آهي ۽ سندس شريڪ ڪو بہ ناهي. بيشڪ تون سندس رسول آهين. تو کي حق سان موڪليو اٿس.)
پوءِ جبرائيل عہ بہ رڪعتون نماز جون پڙهيون ۽ حضور صہ جن پويان اقتدا ڪئي. جبرائيل عہ چيو تہ:
"هيءَ نماز آهي، جا توکي ۽ تنهنجي امت کي ادا ڪرڻي پوندي."[2]
هي واقعو جڻ تہ ڪتاب يسعياه جي باب 29 آيت 12 جي تفسير آهي، جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ:
"۽ وري اهو ڪتاب ڪنهن اڻ پڙهيل کي ڏين ۽ چون تہ مهرباني ڪري هي پڙهہ ۽ هو چوي تہ مون کي پڙهڻ نہ ٿو اچي." ۽ هن واقعي ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ حضرت جبرائيل عہ حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم کي غار حرا ۾ اچي چون ٿا تہ:

---
1. سورة العلق : 1 ـ 5
2. شيدا، محمد عظيم، مولوي، "سيرت مصطفي صہ"، ڇاپو ڀهريون: رجب 1396ھ/جولاءِ 1976ع، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ص 25 ـ 26

”اِقْرَأْ يَا مُحَمَّد!“

۽ پاڻ سڳورا صلي الله عليہ وآلہ وسلم جواب ۾ فرمائين ٿا تہ:

”ما انا بقاري (مان پڙهيل ڪونہ آهيان).“

هاڻي هي اڻ پڙهيل ”امي“ هجڻ حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي اهڙي صفت آهي جنهن کي الله تبارڪ وتعالي پنهنجي مقدس رسولن آڏو پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي سڃاڻپ جي نشانين مان هڪ وڏي نشاني طور بيان ڪيو آهي ۽ انهن رسولن پنهنجي پنهنجي قوم کي حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي سڃاڻپ جي نشاني طور بيان ڪيو آهي.

علامہ غلام الرسول سعيدي صاحب تفسير تبيان القرآن ۾ علامہ سيد محمود آلوسي حنفي متوفي 1270 هہ جي حوالي سان لکن ٿا تہ:

”امام باقر (عليہ السلام) چيو آهي تہ پاڻ (صلي الله عليہ وآلہ وسلم) ام القري يعني مڪي جي رهڻ وارا هئا انهيءَ لاءِ پاڻ (صلي الله عليہ وآلہ وسلم) کي امي فرمايائون. پاڻ (صلي الله عليہ وآلہ وسلم) پنهنجي ام (ماءُ) ڏانهن منسوب هئا. يعني پاڻ (صلي الله عليہ وآلہ وسلم) انهيءَ حالت ۾ هئا، جنهن حالت ۾ پنهنجي ماءُ کان پيدا ٿيا هئا. پاڻ (صلي الله عليہ وآلہ وسلم) جو هي وصف ان تنبيهہ لاءِ بيان ڪيو ويو آهي تہ پاڻ (صلي الله عليہ وآلہ وسلم) پنهنجي پيدائشي حالت تي قائم رهڻ (يعني ڪنهن کان پڙهڻ، لکڻ نہ سکڻ) جي باوجود ايتريقدر عظيم علم رکندا هئا. سو هي معجزو آهي. امي جو لفظ صرف پاڻ (صلي الله عليہ وآلہ وسلم) جي حق ۾ مدح (يعني فضيلت) آهي ۽ باقين لاءِ اڻ پڙهيل هجڻ باعث فضيلت نہ آهي. جيئن تڪبر جو لفظ الله تعالي لاءِ مدح آهي ۽ ٻين جي حق ۾ مذمت آهي.“[1]

سو يسعياه 29 : 12 ۾ لکيل اڻ پڙهيل (امي) مان مراد حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم آهن ۽ اڄڪلهہ جيڪي عيسائي هنن آيتن مان مراد حضرت عيسىٰ عہ ۽ انجيل جي خوشخبري وٺي رهيا آهن، انهن جي خدمت ۾ عرض آهي تہ حضرت عيسىٰ عہ اڻ پڙهيل (امي) ڪونہ هئا، بلڪ لکيل پڙهيل هئا.

انجيل لوقا ۾ آهي تہ:

”۽ هو ناصرت شهر ۾ آيو، جتي پاڻ نپنو هو ۽ پنهنجي دستور موجب سبت جي ڏينهن عبادتخاني ۾ ويو ۽ پڙهڻ لاءِ اٿي بيٺو ۽ يسعياه نبيءَ جو ڪتاب ڏنائونس، سو کولي اهو هنڌ ڪڍيائين جتي هي لکيل هو تہ: ”خداوند جو روح مون تي آهي، ڇو تہ غريبن کي خوشخبري ٻڌائڻ لاءِ مون کي مسح ڪيو اٿس، تہ قيدين کي ڇٽڻ جي ۽ انڌن کي سڄي ٿيڻ جي

1. سعيدي، غلام الرسول، ”تبيان القرآن“(اردو)، فريد بک اسٽال، لاهور، الطبع عشر: ربيع الثاني 1434هہ مئي 2013ع، جلد چهارم، ص 358 ـ 359

خبر ٻڌايان ۽ جيڪي لتاڙيل آهن، تنکي آزاد ڪريان ۽ خداوند جي مقبول سال جي منادي ڪريان.“ پوءِ ڪتاب بند ڪري خدمتگار کي ڏنائين ۽ پاڻ ويهي رهيو: ۽ عبادتخاني ۾ سڀني جون اکيون وجي مٿس کتيون.“[1]

(ج) توريت ۽ انجيل ۾ قرآن جو ذڪر

قرآن جي دعوي آهي ته اڳين ڪتابن ۾ هن قرآن جو ذڪر آهي. سورت الشعراء ۾ آهي ته:

وَ اِنَّهٗ لَتَنْزِيْلُ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ. نَزَلَ بِهِ الرُّوْحُ الْاَمِيْنُ. عَلٰى قَلْبِكَ لِتَكُوْنَ مِنَ الْمُنْذِرِيْنَ . بِلِسَانٍ عَرَبِيٍّ مُّبِيْنٍ . وَ اِنَّهٗ لَفِيْ زُبُرِ الْاَوَّلِيْنَ . اَوَ لَمْ يَكُنْ لَّهُمْ اٰيَةً اَنْ يَّعْلَمَهٗ عُلَمٰٓؤُا بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ . وَ لَوْ نَزَّلْنٰهُ عَلٰى بَعْضِ الْاَعْجَمِيْنَ . فَقَرَاَهٗ عَلَيْهِمْ مَّا كَانُوْا بِهٖ مُؤْمِنِيْنَ . كَذٰلِكَ سَلَكْنٰهُ فِيْ قُلُوْبِ الْمُجْرِمِيْنَ . لَا يُؤْمِنُوْنَ بِهٖ حَتّٰى يَرَوُا الْعَذَابَ الْاَلِيْمَ . فَيَاْتِيَهُمْ بَغْتَةً وَّ هُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ . فَيَقُوْلُوْا هَلْ نَحْنُ مُنْظَرُوْنَ .[2]

ترجمو: ”۽ بيشڪ هي (قرآن) رب العالمين جو نازل ڪيل آهي. هن کي روح الامين ڪٺي آيو آهي. توهان جي دل تي لاٿو آهي، جيئن توهان ڊيڄاريندڙ ٿيو. صاف عربي زبان ۾ آهي ۽ بيشڪ اڳين نبين جي ڪتابن ۾ به هن (قرآن) جو ذڪر آهي. ڇا هنن لاءِ هي نشاني (ڪافي) نه آهي ته هن (قرآن جي حقانيت) کي بني اسرائيل جا عالم ڄاڻين ٿا؟ ۽ جيڪڏهن اسان هن (قرآن) کي ڪنهن عجمي تي نازل ڪيون ها ۽ هو انهيءَ کي پڙهي ڪري ٻڌائي ها ته پوءِ به هي ڪونه مڃين ها. اهڙيءَ طرح اسان گنهگارن جي دلين ۾ انڪار کي داخل ڪري ڇڏيو آهي. هو جيستائين دردناڪ عذاب نه ڏسندا، هن کي نه مڃيندا.“

جيتوڻيڪ هنن آيتن ۾ عرب جي مشرڪ ڪافرن کي خطاب ٿيل آهي. پر هي آيتون يهودين، عيسائين، بلڪ دنيا جي هر غير مسلم لاءِ نصيحت آهن. اسان هنن آيتن جي تفسير ۾ وڃڻ نه ٿا چاهيون. هي ذي شعور انسان پنهنجو پاڻ هنن آيتن مان سبق حاصل ڪري سگهي ٿو. هنن آيتن کي هتي بيان ڪرڻ مان اسان جو مقصد هي آهي ته قرآن دعوي ڪري ٿو ته هن جو ذڪر اڳين ڪتابن ۾ آهي. لفظ ”زبر“ ”زبور“ جي جمع آهي. هن مان مراد هي آهي ته اڳيان جيڪي زبور تي چڪا آهن انهن ۾ هن قرآن جو ذڪر آهي. اصل ۾ هي ڪنايو آهي. چوڻ مان مراد الله تبارڪ وتعالي طرفان نازل ٿيل الهامي ڪتاب آهن ۽ انهيءَ جو هڪڙو ثبوت ڪتاب يسعياه جي هيءَ آيت آهي:

”۽ وري اهو ڪتاب ڪنهن اڻ پڙهيل کي ڏين ۽ چون ته مهرباني ڪري هي پڙهه ۽ هو چوي ته مون کي پڙهڻ نه ٿو اچي.“[3]

هتي اهو ٻڌايو ويو آهي ته اهو ڪتاب هڪ اڻ پڙهيل (امي) کي ڏنو

---

1. لوقا 4 : 16 ـ 20
2. الشعراء : 192 ـ 203
3. يسعياه 29 : 12

ويندو. هن جي تشريح اسان مٿي ڪري چڪا آهيون.

(ح) انڌا ڏسندا ٻوڙا ٻڌندا

يسعياه نبي ٻڌائي ٿو ته انهيءَ امي نبي جي وقت ۾ علم وڌي ويندو. ماڻهن جي سمجهه وڌي ويندي. انڌن، ٻوڙن يعني بي سمجهن کي به سمجهه اچي ويندي ۽ غريب انهن ڏينهن ۾ خوشيون ڪندا، ڇو ته هي ڏينهن انهن جي ڇوٽڪاري جا ڏينهن هوندا:

”۽ انهيءَ ڏينهن ٻوڙا ڪتاب جون ڳالهيون ٻڌندا ۽ انڌن جون اکيون انڌڪار ۽ اونداهيءَ منجهان ڏسنديون. مسڪين به خداوند ۾ وڌيڪ خوش ٿيندا ۽ ماڻهن ۾ جيڪي غريب آهن سي اسرائيل جي پاڪ خدا ۾ سرها ٿيندا. ڇالاءِ جو خوفناڪ ماڻهو نابود ٿي ويندو ۽ ٺٺولي ڪندڙ فنا ٿي ويندو ۽ جيڪي بدڪاري لاءِ اکيون وجهيون ويٺا آهن سي تباهه ٿي ويندا.“[1]

---

1. **يسعياه** 29 : 18 ـ 20

(20) بني اسرائيل تي الله جو غصو

”هاڻي وڃي اهو هنجي اڳيان هڪڙيءَ تختي تي لک ۽ هڪڙي ڪتاب ۾ داخل ڪر، ته هو ايندڙ وقت لاءِ ۽ هميشه جي واسطي قائم رهي. ڇا لاءِ جو اها باغي امت آهي ۽ ڪوڙا ٻار آهن، اهڙا ٻار جي خداوند جي شريعت نٿا ٻڌن:

اهي غيب ڏسڻ واري کي چون ٿا ته: ”غيب نه ڏسو“ ۽ نبين کي چون ٿا ته: ”اسان کي نبووت جون سچيون ڳالهيون نه ٻڌايو: اسان کي وڻندڙ ڳالهيون ٻڌايو ۽ ڪوڙي نبووت ڪريو. رستي کان نڪري ٻاهر ٿيو، واٽ کان ڦري پاسي ٿيو، اسرائيل جي قدوس کي اسانجي اڳ کان پري ڪريو.“

تنهن ڪري، اسرائيل جو قدوس هيئن ٿو فرمائي، ته اوهين هن ڪلام جي حقارت ٿا ڪريو ۽ ظلم ۽ ڏنگائيءَ تي ڀروسو ٿا رکو ۽ انهي تي ٽيڪ ٿا ڏيو: تنهن ڪري هيءَ بڇڙائي اوهان لاءِ اهڙي ٿيندي جهڙي ڦاٽل ڀت جا ڪرڻ تي هجي، يا وڏي ڀت جنهن جو پيٽ ٻاهر نڪتل هجي، جا هڪڙي لحظي ۾ اوچتو ئي اوچتو ڀڄي ڪري پوي.

هو انهي کي ڪنيار جي ٿانو وانگر ڀڃندو ۽ انهي کي ڪين ڇڏيندو، پر ڀڃي پرزا پرزا ڪندو: ايتريقدر جو انهن ٽڪرن ۾ اهڙو ٽڪر ڪو نه لڀندو، جنهن ۾ چلهه مان ٽانڊو ڪڍجي، يا جنهن سان حوض مان پاڻي ڪيجي.

ڇا لاءِ جو خداوند خدا، اسرائيل جو قدوس هيئن ٿو فرمائي، ته موٽي اچڻ ۽ صبر ۾ رهڻ ڪري اوهان جي سلامتي آهي، خاموشيءَ ۽ ڀروسي ۾ اوهان جي طاقت آهي: پر اوهان ايئن ڪرڻ نه گهريو.

اوهان چيو ته نه، اسين گهوڙن تي چڙهي ڀڄي وينداسين: اوهين ڀڄندا: بلڪ اسين تکن گهوڙن تي سوار ٿينداسين: تنهن ڪري جيڪي اوهان جي پٺيان پوندا سي تکا ٿيندا.

هڪڙي جي ڌمڪيءَ سان هڪ هزار ڀڄندا: ۽ پنجن جي ڌمڪيءَ سان اوهين سڀ ڀڄي ويندا ۽ اوهين جبل جي چوٽيءَ تي روشنيءَ جي مينار وانگي ۽ ٽڪريءَ تي نشان وانگي رهجي ويندا.

تڏهن به خداوند اوهان تي مهرباني ڪرڻ لاءِ ترسندو ۽ اوهان تي رحم ڪرڻ لاءِ سرفراز ٿيندو: ڇالاءِ جو خداوند عادل خدا آهي: جيڪي هنجا منتظر آهن سي سڀ مبارڪ آهن.“[1]

---

1. يسعياه 30 : 8 ـ 18

تشريح

(الف) هڪڙيءَ تختي تي لک ۽ هڪڙي ڪتاب ۾ داخل ڪر

هڪڙيءَ تختي تي لکڻ يا ڪتاب ۾ داخل ڪرڻ مان مراد آهي تہ تقدير جو قطعي فيصلو لکڻ . . . الله تبارڪ وتعالي جو اڻ مٽ فيصلو لکڻ. . . هي لهجو سخت ناراضگيءَ وارو لهجو آهي ۽ هن لهجي مان ئي اندازو ٿي وڃي ٿو تہ اڳيان جيڪي حڪم ناما هوندا سي تمام سخت قسم جا هوندا ۽ هي بہ تہ انهن حڪم نامن ۾ ڪا رو رعايت ڪانہ ٿيندي، نہ ئي اهي تبديل ڪيا ويندا. چيو بہ ايئن ويو آهي تہ اهو حڪم نامو ايندڙ وقت لاءِ ۽ هميشہ هميشہ جي لاءِ آهي.

(ب) باغي امت

الله تبارڪ وتعالي بني اسرائيل کي ”باغي امت“ جو لقب ڏيئي ٿو ۽ بغاوت ڪهڙي بہ قسم جي هجي ان جي سزا ”موت“ هوندي آهي ۽ ايندڙ آيتن ۾ اسان کي انهن جي موت جي سزا جي بہ خبر پئجي ويندي. هن امت هميشہ بغاوت جو مظاهرو ڪيو آهي. ڪڏهن ڳابي جي پوڄا ڪيائون، ڪڏهن حضرت موسي کي فرمائش ڪيائون تہ اسان کي الله ڏيکار نہ تہ ايمان ڪو نہ آڻينداسين، ڪڏهن سبت جو حڪم ٽوڙيائون. باقي نبين جو قتل ڪرڻ تہ هنن لاءِ مسئلو ئي ڪونہ هو. لاتعداد الله جا نبي يا تہ پاڻ قتل ڪيائون يا ٻين کان ڪرايائون. خود حضرت يسعياه ع جي باري ۾ بہ اهو مشهور آهي تہ هن کي بہ هنن يهودين آريءَ سان چيري شهيد ڪيو. اهو بہ صرف انهيءَ ڪري تہ هو هنن کي نصيحتون ڪندو هو ۽ برائيءَ کان روڪيندو هو تہ هي هڪ اهڙي باغي امت آهي جنهن جي بغاوت جو سلسلو نہ ٿو بيهي.

حضرت يسعياه ع جي شهيد ڪرڻ کان پوءِ بہ هي بس ڪونہ ٿا ڪن. پر بعد ۾ بہ هنن جي انهيءَ قتلام جو سلسلو حضرت عيسىٰ ع تائين جاري رهي ٿو. انهيءَ کان بعد گهڻا قبيلا يثرب لڏي ٿا اچن. ڇو تہ هنن جي ڪتابن ۾ لکيل آهي ۽ هنن کي نبي ٻڌائي وڃن ٿا تہ: نبي آخرالزمان صہ جي هجرت جو مقام ”عير“ ۽ ”احد“ جبل جي وچ ۾ آهي ۽ اهو يثرب جو علائقو آهي. هنن کي هي بہ خبر آهي تہ اهو نبي جنگجو هوندو. سو هي خواهش پيا رکن تہ انهيءَ سان گڏجي ڪافرن خلاف جنگ ۾ شريڪ ٿيون. پر هنن جي قسمت لکجي چڪي هئي تہ:

”هيءَ امت هميشہ هميشہ لاءِ الله تبارڪ وتعالي جي باغي رهندي.“

سنڌيءَ ۾ اسان چوندا آهيون تہ: ”لکيو منجهہ نراڙ، قلم ڪياڙي نہ وهي.“

سو الله تبارڪ وتعالي سان بغاوت هنن جي سرشت ۾ آهي. سو

تقدير هنن جو پيچو نہ ٿي ڇڏي ۽ جيتري تائين اسان جي معلومات آهي تہ اهو پيچو قيامت تائين ڇڏڻ وارو نہ آهي. چو تہ دنيا جو بدبخت ترين انسان "دجال" بہ هنن مان ئي ٿيڻو آهي ۽ اهو بہ الله تبارڪ وتعالي جي چونديل ٻانهن حضرت امام محمد مهدي عہ ۽ حضرت عيسىٰ عہ سان جنگ جوٽيندو ۽ حضرت عيسىٰ عہ هن کي موجوده اسرائيل ملڪ جي "لد" شهر جي دروازي تي جهنم رسيد ڪندو. عيسائين لاءِ موقعو آهي تہ هو هن آيت مان عبرت حاصل ڪن ۽ الله تبارڪ وتعالي ۽ ان جي رسول جي پيروي ڪن تہ الله تبارڪ وتعالي کين معاف فرمائي سگهي ٿو. چو تہ بظاهر لڳي رهيو آهي تہ هن آيت مان عيسائي مراد نہ آهن.

(ت) ڪوڙا ٻار

"خدا جا پٽ"۽ "شيطان جا پٽ"، هي بائيبل ۾ استعمال ٿيندڙ اصطلاح آهن. جيڪي خدا جي حڪمن مطابق زندگي گذاريندا آهن، الله ۽ ان جي رسولن جي حڪمن جي پيروي ڪندا آهن، اهي "خدا جا فرزند" سڏبا آهن. جيڪي گنهگار هوندا آهن، سي "شيطان جا فرزند" سڏبا آهن.

انجيل ۾ آهي تہ:

"انهيءَ ڪان خدا جا فرزند ۽ ابليس جا فرزند ظاهر ٿيندا آهن. جيڪو راستبازي جا ڪم نہ ڪري ٿو اهو خدا ڪان نہ آهي ۽ اهو بہ نہ آهي جيڪو پنهنجي ڀاءُ سان محبت نہ رکي ٿو."[1]

ڪتاب ايوب ۾ آهي تہ:

"۽ هڪ ڏينهن خدا جا پٽ آيا تہ خداوند جي حضور ۾ حاضر ٿين."[2]

اهڙيءَ طرح بائيبل ۾ اهڙي قسم جا لاتعداد مثال ملن ٿا ۽ اهي اصطلاح عيسائين جي گمراهيءَ لاءِ ڏاڪڻ جو ڪم ڪيو. پهريون هنن حضرت عيسىٰ عہ کي خدا جو پٽ سڏيو. مراد هيو تہ خدا جي رستي تي هلڻ وارو. پوءِ خدا جو اڪلوتو پٽ سڏجڻ لڳو. پوءِ اڳتي هلي خدا جو واقعي پٽ ٿي ويو. يعني انهيءَ جي جنس مان ٿي ويو. پوءِ تہ خداوند بہ سڏجڻ لڳو. هتي الله تبارڪ وتعالي فرمائي ٿو تہ هي بني اسرائيل وارا هن جا سچا نہ آهن، بلڪہ ڪوڙا آهن. سو هو کين "ڪوڙا ٻار" سڏي ٿو. هو چوي ٿو تہ:

"هي اهڙا ٻار آهن جيڪي خداوند جي شريعت نٿا ٻڌن: اهي غيب ڏسڻ واري کي چون ٿا تہ: "غيب نہ ڏسو" ۽ نبين کي چون ٿا تہ: "اسان کي نبووت جون سچيون ڳالهيون نہ ٻڌايو: اسان کي وڻندڙ ڳالهيون ٻڌايو ۽ ڪوڙي نبووت ڪريو. رستي ڪان نڪري ٻاهر ٿيو، واٽ ڪان ڦري پاسي ٿيو، اسرائيل جي قدوس کي اسانجي اڳ ڪان پري ڪريو."

---

1. 1 ـ يوحنا 3 : 10
2. ايوب 1 : 6 ، 2 : 1

”اسرائيل جي قدوس کي اسانجي اڳ کان پري ڪريو.“

هي تہ بلڪل نفرت جو اظهار آهي. هاڻي اهڙن کان ڪهڙي توقع ٿي سگهي ٿي؟

(ث) بني اسرائيل جي سزا

الله تبارڪ وتعالي فرمائي ٿو تہ بني اسرائيل جيڪو برائيءَ جو رستو اختيار ڪيو آهي تہ هن کي ان جي سزا لاءِ بہ تيار رهڻ کپي ۽ اها سزا ڪهڙي هوندي؟ ان جي باري ۾ الله تعالي فرمائي ٿو تہ:

”تنهن ڪري، اسرائيل جو قدوس هيئن ٿو فرمائي، تہ اوهين هن ڪلام جي حقارت ٿا ڪريو ۽ ظلم ۽ ڏنگائيءَ تي ڀروسو ٿا رکو ۽ انهي تي ٽيڪ ٿا ڏيو؛ تنهن ڪري هيءَ بڇڙائي اوهان لاءِ اهڙي ٿيندي جهڙي ڦاٽل ڀت جا ڪرڻ تي هجي، يا وڏي ڀت جنهن جو پيٽ ٻاهر نڪتل هجي، جا هڪڙي لحظي ۾ اوچتو ئي اوچتو ڀڄي ڪري پوي. هو انهي کي ڪنڀار جي ٿانو وانگر ڀڃندو ۽ انهي کي ڪين ڇڏيندو، پر ڀڃي پرزا پرزا ڪندو؛ ايتريقدر جو انهن ٽڪرن ۾ اهڙو ٺڪر ڪو نہ لڀندو، جنهن ۾ چلهہ مان ٽانڊو ڪڍجي، يا جنهن سان حوض مان پاڻي ڪڍجي.“

(ج) گهوڙن تي چڙهي ڀڄي وينداسين

الله تبارڪ وتعالي هميشہ پنهنجي مخلوق تي مهربان رهيو آهي. بني اسرائيل جي ايترين نافرمانين جي باوجود بہ الله تعالي انهن جي سڌرڻ جي راهہ کليل ئي رکي تہ حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي اچڻ تي توهان الله تبارڪ وتعالي ڏانهن موٽي اچو ٿا تہ وري بہ اوهان لاءِ سلامتي آهي. صبر ڪرڻ يعني نبوت رسالت وغيره جي کسجي وڃڻ تي صبر ڪرڻ، خاموشي اختيار ڪرڻ، واويلا نہ ڪرڻ ۽ الله تعالي تي ڀروسو ڪرڻ ۾ اوهان جي سلامتي آهي. پر هاءِ ڙي بدقسمتي، بد نصيبي!

هو چوڻ لڳا تہ اسان هن کان بهتر آهيون. اسان هنن کان گوءِ کٽي وينداسين. الله سائين فرمائي ٿو تہ اها توهان جي غلط فهمي آهي. اچڻ وارا توهان کان تکا هوندا.

(ح) هڪڙي جي ڌمڪيءَ سان هڪ هزار ڀڄندا

”هڪڙي جي ڌمڪيءَ سان هڪ هزار ڀڄندا؛ ۽ پنجن جي ڌمڪيءَ سان اوهين سڀ ڀڄي ويندا ۽ اوهين جبل جي چوٽيءَ تي روشنيءَ جي مينار وانگي ۽ ٽڪريءَ تي نشان وانگي رهجي ويندا.“

الله تبارڪ وتعالي فرمائي ٿو تہ مان انهيءَ قوم کي اهڙي طاقت ڏيندس جو هن جو هڪ ماڻهو هڪ هزار جي برابر هوندو. جيڪڏهن هو پنج ماڻهو بہ گڏ ٿيندا تہ توهان سڀ ڀڄي ويندو. الله تبارڪ وتعالي مسلمانن کي اها طاقت عطا ڪندي فرمائين ٿا تہ:

يَاَيُّهَا النَّبِيُّ حَرِّضِ الْمُؤْمِنِيْنَ عَلَى الْقِتَالِ ؕ اِنْ يَّكُنْ مِّنْكُمْ عِشْرُوْنَ صٰبِرُوْنَ يَغْلِبُوْا مِائَتَيْنِ ۚ وَاِنْ
يَّكُنْ مِّنْكُمْ مِّائَةٌ يَّغْلِبُوْٓا اَلْفًا مِّنَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا يَفْقَهُوْنَ . اَلْـٰٔنَ خَفَّفَ اللّٰهُ عَنْكُمْ وَعَلِمَ اَنَّ فِيْكُمْ
ضَعْفًا ؕ فَاِنْ يَّكُنْ مِّنْكُمْ مِّائَةٌ صَابِرَةٌ يَّغْلِبُوْا مِائَتَيْنِ ۚ وَاِنْ يَّكُنْ مِّنْكُمْ اَلْفٌ يَّغْلِبُوْٓا اَلْفَيْنِ بِاِذْنِ اللّٰهِ ؕ وَاللّٰهُ
مَعَ الصّٰبِرِيْنَ .[1]

ترجمو: ”اي پيغمبر مومنن کي لڙائي تي همٿاءِ، جيڪڏهن اوهان مان صبر وارا ويهہ آهن تہ ٻن سون تي غالب ٿيندا ۽ جيڪڏهن اوهان مان سئو آهن تہ هڪ هزار ڪافرن تي غالب ٿيندا. هن ڪري جو اها اهڙي قوم آهي جا نہ سمجهندي آهي. هاڻي الله اوهان تان بار هلڪو ڪيو ۽ اوهان ۾ هيڻائي معلوم ڪيائين. پوءِ جيڪڏهن اوهان مان صبر وارا سئو هوندا تہ ٻن سون تي غالب ٿيندا ۽ جيڪڏهن اوهان مان هزار هوندا تہ ٻن هزارن تي الله جي حڪم سان غالب ٿيندا ۽ الله صابرن سان ساڻ آهي.“

هي جنگ بدر جي وقت نازل ٿيندڙ آيتون آهن. انهيءَ جنگ ۾ مسلمانن جو تعداد 313 هو ۽ ڪافرن جو تعداد هڪ هزار هو. ايترو گهٽ تعداد ۾ هوندي هنن کي الله جي حڪم سان فتح نصيب ٿي. هنن 70 ڪافر ماريا ۽ 70 کي قيدي بڻايائون. يهودي پنهنجي عادت کان مجبور ٿي هن نبيءَ سان بہ عداوت ڪيائون. پر هن پيري هنن جو واسطو هڪ جنگجو نبيءَ سان پئجي ويو. هن نبيءَ هنن کي تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيو. صرف فدڪ جي يهودين جزيو ڏيئي پنهنجي جان بچائي. باقين جا تہ جبلن ۽ ٽڪرين تي صرف نشان باقي رهجي ويا. سو انهيءَ ڏانهن پيشنگوئي ڪري ٻڌايو ويو آهي تہ: ”۽ اوهين جبل جي چوٽيءَ تي روشنيءَ جي مينار وانگي ۽ ٽڪريءَ تي نشان وانگي رهجي ويندا.“

حاجي سڳورا حج جي ارڪانن پوري ڪرڻ کان علاوه جيڪا خاص شئي ڏسي ايندا آهن اهي انهن يهودين جا نشان آهن. خاص طور تي خيبر جي يهودين جي ڊٺل مڪانن جا فوٽو ڪڍي ايندا آهن، يا وڊيو ٺاهي ايندا آهن.

(خ) جيڪي هنجا منتظر آهن، سي سڀ مبارڪ آهن

خداوند مهربان بہ آهي ۽ عادل بہ آهي. سو هو فرمائي ٿو تہ هو ڪنهن لاءِ بہ توبهہ جا يا واپسيءَ جا دروازا بند نہ ڪري ڇڏيندو. هو آخري گهڙيءَ تائين ترسندو تہ من ڪو ڀٽڪيلن مان واپس گهر اچي. ڇو تہ الله تبارڪ وتعالي پنهنجي ٻانهن کي ماءُ کان ستر دفعا وڌيڪ پيار ڪري ٿو. هي هن جي رحمت بہ آهي تہ سندس عدالت بہ. سو جيڪي واپس اچن ٿا الله انهن کي مبارڪ چوي ٿو. هو سڪن سان گڏ ساون کي نہ ساڙي ٿو. سو اهڙن يهودين جو بہ سنو تعداد آهي جيڪي مسلمان ٿي ڪري پنهنجي دنيا ۽ آخرت ٻئي محفوظ ڪري ويا. حضرت عبدالله بن سلام رضہ، حضرت ڪعب رضہ وغيره جهڙا وڏا عالم اهڙن يهودين مان هئا.

---

1. سورة الانفال : 65 ـ 66

(21) راستباز بادشاهه

”ڏسو هڪڙو بادشاهه راستبازيءَ سان بادشاهي ڪندو ۽ سردار عدالت سان حڪومت ڪندا. هڪڙو ماڻهو واءُ کان لڪڻ جي جاءِ ۽ طوفان کان پناهه وانگيان ٿيندو: سڪيءَ زمين ۾ پاڻيءَ جي ندين وانگي ۽ ماندائي وارو ملڪ ۾ وڏي ٽڪر جي ڇانو وانگي ٿيندو ۽ ڏسندڙ جي اکين ۾ ڌنڌ ڪونه ٿيندو ۽ جيڪي ٻڌندا سي اونائيندا. تڪڙن جي دل علم کي سمجهندي ۽ هڪڙن جي زبان صاف ڳالهائيندي. تڏهن ڪميڻو ماڻهو اڳتي سخي نه سڏبو، نڪي اناڙي سخي سڏجڻ ۾ ايندو. ڇا لاءِ جو ڪميڻو ماڻهو ڪميڻائيءَ جون ڳالهيون ڪندو ۽ انهيجي دل بڇڙائي جا خيال ڪندي، جو هو بيدينيءَ جهڙي هلت ڪندو ۽ خداوند جي برخلاف ڪوڙ چوندو، ته بکئي جي جان خالي رهي ۽ اجايل کي پاڻي نه ملي. اناڙيءَ جا هٿيار به بڇڙا آهن: هو بڇڙائيءَ جون رٿون ٿو رٿي، ته جڏهن محتاج سچ ڳالهائي، تڏهن به ڪوڙين ڳالهين سان ڪيس برباد ڪري پر سخي سخاوت جون رٿون ٿو رٿي: ۽ هو سخاوت جا ڪم ڪندو رهندو.“[1]

(الف) راستباز بادشاهه ۽ ان جا سردار

”ڏسو هڪڙو بادشاهه راستبازيءَ سان بادشاهي ڪندو ۽ سردار عدالت سان حڪومت ڪندا.“

يهودي عالم هن کان مراد حزقياه جي حڪومت وٺندا آهن. پر عيسائي عالم انهيءَ کي تسليم ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن. هو مختلف مثالن سان ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ته هي آيتون حضرت عيسىٰ ع جي بادشاهت بابت بشارتون ڏيئي رهيون آهن. پلپٽ (Pulpit) پنهنجي ڪمينٽري ۾ هن کي عنوان (Heading) ڏيئي ٿو ”اي پروفيسي آف مسيحز ڪنگڊم“ (A PROPHESY OF MESSIAH'S KONGDOM) ۽ پوءِ هڪ ڊگهي بحث ٿو ڪري ته هي حضرت عيس ع جي بادشاهت بابت پيشنگوئي آهي.

اسان مسلمانن مطابق هي اشارو واضع طور تي حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم ڏانهن آهي. جيڪڏهن پهريون ڪو شڪ هجي ها ته هجي ها پر هاڻي اهو ڇٽو تي چڪو آهي. حضرت عيسىٰ ع ڪڏهن به بادشاهي يا حڪومت نه ڪئي. نه ئي هن جي سردارن ڪا عدالت سان حڪومت ڪئي. هي حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم ئي آهن جنهن پاڻ به حڪومت ڪئي ۽ هن جي سردارن خلفاءِ راشدين به عدالت سان حڪومت ڪئي. پراڻي عهدنامي ۾ هي ۽ اهڙيون بيون آيتون آهن

1. يسعياه 32 : 1 ـ 8

جن کي پڙهي يهودي يا يهودين مان مسلمان ٿيندڙ حضرت عمر رضہ کي چوندا هئا تہ توهان جون نشانيون توريت ۾ لکيل آهن. باقي حضرت عيسیٰ عہ جا سردار تہ کيس ڏکئي وقت ۾ ڇڏي ڀڄي ويا هئا.

(ب) راستباز بادشاه جون خصوصيتون

”هڪڙو ماڻهو واءُ کان لکڻ جي جاءِ ۽ طوفان کان پناهہ وانگيان ٿيندو؛ سکيءَ زمين ۾ پاڻيءَ جي ندين وانگي ۽ ماندائي وارو ملک ۾ وڏي ٽڪر جي ڇانو وانگي ٿيندو.“

عيسائي حضرات وڏي شد مد سان هنن صفتن کي حضرت عيسیٰ عہ لاءِ بيان ڪندا آهن. پر هنن وٽ ثابت ڪرڻ لاءِ ڪجهہ نہ هوندو آهي. تڏهن مان چوان ٿو تہ جيئن وقت گذرندو وجي ٿو تيئن هي حقيقت واضع ٿيندي وجي ٿي تہ هي صفتون صرف ۽ صرف نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جون ئي آهن. جنهن جڏهن تبليغ ڪئي تہ هن وٽ سڀ کان پهريون اچي پناهہ وٺڻ وارا اهي پيڙهيل طبقي سان تعلق رکندڙ غريب، مسڪين، ڪمزور، هيٺا ۽ غلام هئا. پاڻ سڳورن صہ حضرت بيبي خديجہ الڪبري عليہ السلام جو سمورو مال ۽ دولت انهن تي خرچ ڪري ڇڏيو. سندس اصحابن سڳورن حضرت ابوبڪر رضہ ۽ حضرت عثمان رضہ وغيره بہ اهڙن ڪمن ۾ هٿ همراهي ڪرائي. اهڙيءَ طرح هو گهڻن ئي غلامن کي انهن جي مالڪن کان خريد ڪري آزاد ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. مشهور اصحابي حضرت بلال رضہ بہ انهن غلامن مان هڪ هو.

”۽ ڏسندڙ جي اکين ۾ ڌنڌ ڪونہ ٿيندو ۽ جيڪي ٻڌندا سي اونائيندا. تڪڙن جي دل علم کي سمجهندي ۽ هڪڙن جي زبان صاف ڳالهائيندي“

حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جا اصحاب سڳورا پاڻ سڳورن صہ جي معجزن تي ايمان آڻڻ وارا ۽ سندن هر ڳالهہ جي فورا تصديق ڪرڻ وارا ۽ مٿن يقين ڪرڻ وارا هئا. هو ڪڏهن بہ ڪنهن شڪ ۾ مبتلا نہ ٿيا. ٻئي طرف پاڻ سڳورا صلي الله عليہ وآلہ وسلم بہ عرب هئا تہ هنن جا اصحابي بہ اڪثر ڪري عرب سڳورا ئي هئا. سو هنن جي زبان بلڪل صاف ۽ چٽي هوندي هئي. ڳالهہ اهڙي چٽي ڪندا هئا جنهن ۾ ڪنهن کي ڦند ڦير يا وڪڙ سڪڙ نظر ڪونہ ايندو هو.

(ت) ڪميٽي جي ڪميٽائي

”تڏهن ڪميٽو ماڻهو اڳتي سخي نہ سڏبو، نکي اناڙي سخي سڏجڻ ۾ ايندو. ڇا لاءِ جو ڪميٽو ماڻهو ڪميٽائيءَ جون ڳالهيون ڪندو ۽ انهيجي دل بڇڙائي جا خيال ڪندي، جو هو بيدينيءَ جهڙي هلت ڪندو ۽ خداوند جي برخلاف ڪوڙ چوندو، تہ بکئي جي جان خالي رهي ۽ اجايل

ڪي پاڻي نہ ملي. اناڙيءَ جا هٿيار بہ ٻيڙا آهن: هو ٻيڙائيءَ جون رٿون ٿو رٿي، تہ جڏهن محتاج سچ ڳالهائي، تڏهن بہ ڪوڙين ڳالهين سان ڪيس برباد ڪري.“

هي ڪميٽي شخصيت عبد الله بن ابي جي آهي. هو چاهي پيو تہ ”اوس“ ۽ ”خزرج“ ٻنهي قبيلن جو چڱو مڙس سڏيو وڃان.

پر حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي اچڻ سان هن جا سڀ خواب چڪناچور ٿي ويا. مديني جي ماڻهن حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم کي پنهنجو رهبر ۽ رهنما تسليم ڪري ورتو. عبدالله بن ابي جي ڪرتوتن ڪيس زندگيءَ ۾ ئي منافق طور شهرت ڏياري. هو هميشہ ٻيڙيون رٿون رٿيندو وتندو هو. جنگ احد ۾ هو پنهن جا ٽي سئو منافق ساٿي وٺي اڌ رستي کان واپس هليو ويو. ڇو تہ هن جي شهر ۾ رهي دفاع ڪرڻ واري مشوري تي عمل نہ ڪيو ويو هو.

(ث) پر سخي سخاوت جا ڪم ڪندو رهندو

”پر سخي سخاوت جون رٿون ٿو رٿي: ۽ هو سخاوت جا ڪم ڪندو رهندو.“

هي آخري آيت نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي شان ۾ آهي. پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآلہ وسلم عبد الله بن ابي جي بيشمار ڪڌن ڪرتوتن جي باوجود هن جي مرڻ گهڙيءَ تائين هن جي خلاف طاقت هوندي بہ ڪو بہ قدم نہ کنيو. بلڪ هن جي مرڻ کان بعد بہ پاڻ سڳورن صہ ئي سندس نماز جنازه پڙهي ۽ حضرت عمر رضہ انهي نماز جنازه پڙهڻ جي مخالفت ڪندو رهجي ويو. يعني نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم پنهنجي سخاوت نہ ڇڏي ۽ هو آخر تائين سخاوت جا ڪم ڪندو رهيو.

(22) سلامتيءَ وارو گهر

منهنجيءَ امت تي جي زمين تي ڪنڊا ۽ ڪانڊيرا نڪرندا؛ هائو، خوش وقت شهر جي سيني خوشيءَ سان پريل گهرن ۾ به اهي نڪرندا.

ڇا لاءِ جو محلات سڃيو ڪيو ويندو؛ آباد شهر ويران ٿي ويندو: نڪر ۽ پهري وارو ٿلهه هميشه غارن وانگي ڪم ايندو ۽ گورخرن جي خوشي ۽ ڌڻن جو چراگاهه ٿيندو؛ جيسين ڪ مٿان اسان تي روح نازل ٿئي ۽ بيابان آباد بڻي تي پوي ۽ آباد بڻي ٻيلي وانگر شمار ٿئي.

تڏهن عدالت بيابان ۾ رهندي ۽ راستبازي آباد ٻنيءَ ۾ وسندي ۽ راستبازيءَ جو ڪم سلامتي ٿيندو ۽ راستبازيءَ جو نتيجو هميشه لاءِ آرام ۽ تسلي ٿيندو ۽ منهنجي امت سلامتيءَ واري گهر ۾، بي خوف، آرام ۽ فرحت جي جاين ۾ رهندي. پر ٻيلي جي بربادي‌ءَ وقت ڳرا وسندا ۽ شهر بلڪل ڊهي ويندو. اوهين جي نهرن جي پرسان پوک ٿا ڪريو ۽ ڏاندن ۽ گڏهن کي اوڏانهن ٿا موڪليو، سي مبارڪ آهيو.“[1]

تشريح

”منهنجيءَ امت تي جي زمين تي ڪنڊا ۽ ڪانڊيرا نڪرندا؛ هائو، خوش وقت شهر جي سيني خوشيءَ سان پريل گهرن ۾ به اهي نڪرندا.“

ڪنڊا ۽ ڪانڊيرا نڪرڻ ۽ غيرآباد ٿيڻ ، بربادي‌ءَ جون نشانيون آهن. الله تبارڪ وتعالي بني اسرائيل وارن کي هنن جي خاتمي جو ٻڌائي رهيو آهي ته هن وقت جيڪي نافرمانيون ڪري رهيا آهيو انهن جو نتيجو اهو نڪرندو ته اڳتي هلي اوهان ۾ برايون ئي برايون هونديون، ڪو نيڪ ڦل ڪونه هوندو.

خوش وقت شهر جي سيني خوشيءَ سان پريل گهرن ۾ به انهن ڪانڊيرن جي نڪرڻ جو مطلب اوهان جو ڪو به گهر برائي کان وانجهيل ڪونه هوندو.

سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي ته: ”اڇو ٻڌ ڪاري سان، رنگ نه مٽائي پر عادت ضرور مٽائي.“

سو الله تبارڪ وتعالي جي مٿين فرمان مان مراد هي آهي ته اوهان وٽ ڪو به خالص راستباز ماڻهو نه رهندو. توهان جي نيڪ ماڻهن ۾ به برايون پئجي وينديون. ته پوءِ ڇا ٿيندو؟

”ڇا لاءِ جو محلات سڃيو ڪيو ويندو؛ آباد شهر ويران ٿي ويندو: نڪر ۽ پهري وارو ٿلهه هميشه غارن وانگي ڪم ايندو ۽ گورخرن جي

---

1. يسعياه 32 : 13 ـ 19

خوشي ۽ ڌڻن جو چراگاهه ٿيندو:"

هتي محلات مان مراد بيت المقدس جو هيڪل ئي لڳي رهيو هو. ورنه يهودين وٽ اهڙا ڪي محلات ڪونه هئا، جن جي ڪا شهرت هجي يا جن جو ذڪر ايڏي شد ۽ مد سان ڪيو وڃي ۽ محلات جي سڄي ٽيڻ مان مراد آهي ته هيڪل ۾ عبارت ڪرڻ وارا ڪونه هوندا. شهر مان مراد يروشلم ئي آهي ته يروشلم شهر وارا عبادت ڇڏي ڏيندا. سو ته جڻ الله تبارڪ وتعالي جي نظرن ۾ ويران ئي ٿي ويندو.

"ٽڪر ۽ پهري وارو ٽلهه هميشه غارن وانگي ڪم ايندو"

هي ٽلهه هيڪل جو ئي آهي.¹ هن مان ثابت ٿو ٿئي ته هي ڪنهن بادشاه جي محلات جو ذڪر نه آهي، پر هيڪل جو ذڪر آهي. ان جي بربادي‍ءَ جو ذڪر آهي.

جان گل (John Gill) جو چوڻ آهي ته هي تباهي هميشه جي لاءِ هوندي. ان ڪري هن ڪي ڪلدانين هٿان يروشلم جي تباهي‍ءَ سان ۽ ستر سال جي قيد سان نه ٿو پيٽي سگهجي. پر هي آخري تباهي آهي جيڪا هن وقت تائين هلي رهي آهي.

"۽ گورخرن جي خوشي ۽ ڌڻن جو چراگاهه ٿيندو"

هن بابت جان گل لکي ٿو ته:

"a joy of wild asses; which delight in wild and desert places; see Job 39:5.

a pasture of flocks; where flocks of sheep feed, instead of being inhabited by men. Jarchi's note is pretty remarkable,

"for the desire, or at the will, of the Ishmaelites, and for the feeding of the Grecians, and their army;"

and certain it is that Jerusalem now is in the hands of the Ishmaelites, or Turks. The Targum is,

"the place which was a house of joy and gladness for kings is now become a spoil for armies." [2]

(ترجمو: "۽ گورخرن جي خوشي: جيڪا بيابان ۾ صحرائن ۾ خوشي ٿي ڏئي"[3]

هڪ ڌڻن جو چراگاهه: جتي ماڻهن جي رهڻ جي بجاءِ رڍن جو ڌڻ

---

1. "هن خداوند جي گهر جو مٿيون دروازو جوڙايو ۽ عوفل جي پٽ تي گهڻو ئي اڏياءِ." (2 تواريخ 3:27) "(هاڻي نتينيم عوفل ۾، پاڻي‍ءَ واري دروازي جي اڀرندي ڏانهن آهن ۽ ٽلهه جو نڪتو بيٺو آهي، تنهن جي سامهون رهندا هئا) انهي‍ءَ کان پوءِ تقوعين ٻئي حصي جي مرمت ڪئي جو وڏي ٻاهر نڪتل ٽلهه جي سامهون عوفل جي پٽ تاءِ آهي." (نحمياه 26:3_27)

2. https://biblehub.com/commentaries/isaiah/32-14.htm

3. "ڪنهن خچر کي آزاد ڇڏي ڏنو آهي؟ يا ڪنهن خچر جا بند کولي ڇڏيا آهن؟ انهي‍ءَ جو گهر مون بيابان ڪيو آهي ۽ کاري زمين کي انجي رهڻ جو هنڌ بنايو اٿم." (ايوب 39:5_6)

چرندو آهي. جارچيءَ جو نوٽ تمام اهم آهي:

”اسمائيلين جي خوشي لاءِ يا خواهش لاءِ ۽ يوناني يهودين جي فوج جي ڪاڏي خوراڪ لاءِ.“ ۽ يقينن هي اهو يروشلم آهي جيڪو هن وقت اسمائيلين وٽ يا ترڪن جي هٿن ۾ آهي. معني ته:

”جيڪا جاءِ بادشاهن لاءِ خوشيءَ جو گهر هئي اها هاڻي فوجين جو خرابو بڻجي وئي آهي.“

جارچي هڪ ميڊيول (Medival) فرينچ ربي هو. هن جو اصل نالو شلومو اتزهڪي (Shlomo Yitzchki) هو. هن تالمود ۽ تناخ (Talmud and Tanakh) جي بهترين شرح لکي آهي. هن جو دور 22 فيبروري 1040ع کان 13 جولاءِ 1105ع آهي. يروشلم کان گهڻو پري رهڻ جي ڪري يا انفارميشن جي کوٽ سبب هو چوي ٿو ته:

”يروشلم هن وقت اسمائيلين وٽ يا ترڪن وٽ آهي.“

هن کي شايد خبر پهتي هوندي ته يروشلم اسمائيلين وٽ هو پر هاڻي ترڪن (سلجوقين) جي هٿن ۾ اچي ويو آهي ۽ پڪي خبر نه هجڻ ڪري هو ايئن چوندو هجي.

بحرحال اسان جو موقف به هن پيشنگوئي بابت اهو ئي آهي ته هن ۾ يروشلم جي مسلمانن هٿان فتح ٿيڻ جو بيان آهي. پر مذهبي طور تي به يهودين جي پڇاڙيءَ بابت بيان ڪيو ويو آهي ۽ هڪ سلامتيءَ واري شهر جي پيشنگوئي ٿيل آهي. تفصيل واسطيدار آيتن ۾ بيان ڪنداسين.

هڪ ٻي ڳالهه جي وضاحت به ڪندو هلان ته منهنجي خيال ۾ جارچيءَ هن پيشنگوئي مان اسمائيلي انهيءَ ڪري مراد ورتو هوندو جو هن ۾ لفظ وائيلڊ ايسز (Wild asses) استعمال ٿيل آهي. جنهن جي معني سنڌي ترجمي واري بائيبل ۾ ”گورخر“ ٿيل آهي. جڏهن ته وائلڊ ايسز جي معني جهنگلي گڏه ٿيندو ۽ بائيبل ۾ هي ٻئي لفظ حضرت اسمائيل عہ لاءِ استعمال ٿيل آهن.

پيدائش 16 ـ 12 ۾ حضرت اسمائيل عہ لاءِ انگريزي بائيبل ۾ ”وائلڊ مين“ (Wild man)، اردو واري ۾ ”گورخر“ ۽ سنڌيءَ واري ۾ ”جهنگلي گڏه“ استعمال ٿيل آهي. نومبر 1973ع جي ”سياره ڈائجسٽ“ رسول صہ نمبر، جلد اول ۾ لفظ ”عربي“ استعمال ٿيل آهي.

عيسائين جي اهڙين حرڪتن جي ڪري لفظ جي معني ڪٿان جو وڃي ڪٿي تي پهچي ۽ اڪثر ته جملن جي معني ئي تبديل ٿي وڃي ٿي ۽ پوءِ هنن کي حق کي لڪائڻ جو موقعو ملي وڃي ٿو. پر ڪٿي هو اهو ڪم نه ڪري سگهيا آهن. اهڙا ڪيترائي مقام آهن، جتي نبي ڪريم صلي الله وآلہ وسلم يا سندس امت بابت پيشنگوئيون آهن ۽ انهن پيشنگوئين کي ڏسي اڄ به حق سچ جا مڃيندڙ مسلمان ٿي رهيا آهن.

حالانڪ جارچيءَ پنهنجي خيال ۾ هن پيشنگوئي کي اسمائيلين بابت مجيندي هن پيشنگوئي جي شڪل بگاڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جان گل بہ جارچيءَ جو حوالو ڏيئي هڪ قسم جي هن جي ڳالھ جي تائيد ڪئي آهي.

”جيسين ڪہ مٿان اسان تي روح نازل ٿئي“

هن مان مراد ڪي عيسائي حضرت عيسىٰ عہ جي پھرئين اچڻ کي وٺن ٿا. جيڪا نہ صرف مٿين آيت جي خلاف آهي بلڪ عيسائين جي وڏن عالمن جي تشريح جي بہ سراسر خلاف آهي. ڪجھ عيسائي عالم حضرت عيسىٰ عہ جي ٻيھر اچڻ کي وٺن ٿا.

پر هي بہ سندن عقيدي جي خلاف آهي. هو پاڪ روح حضرت جبرائيل عہ کي مڃين ٿا ۽ حضرت عيسىٰ عہ کي خدا جو پٽ ڪري مڃين ٿا.

هيءَ آيت صاف طور تي اسان جي پياري پيغمبر حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم ڏانھن اشارو ڪري ٿي ۽ بعد واريون آيتون بہ انھيءَ ڳالھ جي تائيد ڪن ٿيون.

”۽ بيابان آباد ٻني ٿي پوي ....“

لفظ بيابان جتي جتي آيو آهي انھيءَ مان مراد مڪي جو علائقو ئي ورتو ويو آهي. هن کي ئي ”غير آباد زمين“ (واديءِ ذي زرع) چيو ويو آهي.

”تڏهن عدالت بيابان ۾ رهندي“

هي بہ صاف بيان آهي تہ ان وقت دنيا مان عدالت نڪري ويندي ۽ عدالت صرف بيابان مان ملندي.

”۽ راستبازي آباد ٻنيءَ ۾ وسندي“

لڳي رهيو آهي تہ هتي ڪجھ تبديل ڪيو ويو آهي. ڇو جو اڳ ۾ لکيل آهي تہ آباد ٻني ٻيلي وانگر شمار ٿئي ۽ آيت 19 ۾ بہ ٻيلي جي بربادي لکيل آهي.

”۽ راستبازيءَ جو ڪم سلامتي ٿيندو ۽ راستبازيءَ جو نتيجو هميشہ لاءِ آرام ۽ تسلي ٿيندو.“

حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم مديني وارن کي راستبازي، تسلي ۽ هميشہ لاءِ آرام وارو ماحول ڏيئي ويو.

”۽ منھنجي امت سلامتيءَ واري گھر ۾، بي خوف، آرام ۽ فرحت جي جاين ۾ رهندي.“

هر غير جانبدار انسان تسليم ڪندو تہ هن وقت جيڪڏهن آرام ۽ سڪون وارا شھر آهن تہ مڪو ۽ مدينو آهن ۽ دنيا جو ڪو بہ شھر هن وانگر امن، سلامتي ۽ سڪون وارا نہ آهن. هي ڪعبت الله ئي آهي جتي

انسان تہ نهيو پر جانورن ۽ پکي پکڻ کي بہ سلامتيءَ جي گارنٽي آهي.

”پر ٻيلي جي بربادي۽ وقت ڳڙا وسندا ۽ شهر بلڪل ڊهي ويندو.

اوهين جي نهرن جي پرسان پوک ٽا ڪريو ۽ ڏاندن ۽ گڏهن کي اوڏانهن ٽا موڪليو، سي مبارڪ آهيو.“

هي يروشلم جي تباهي جو بيان آهي ۽ آخر ۾ ان وقت جي ماڻهن کي مبارڪ چيو ويو آهي، جو تہ هنن اهي مصيبتون نہ ڏٺيون هيون ۽ هنن جي زندگي هارپو ڪندي سڪون واري گذري رهي هئي.

(23) انهن جون سڀ خطائون معاف ڪيون وينديون

”تون اها خوفناڪ قوم نہ ڏسندين جنهن جون اونهيون ڳالهيون تون ڪين سمجهندين، جنهن جي ڌاري ٻولي تو کي سمجهہ ۾ ڪين ايندي.
صيون ڏانهن نظر ڪر جو اسانجين پاڪ رسمن جو شهر آهي: تنهنجون اکيون يروشلم کي ڏسنديون جو آرام جو گهر ۽ اهڙو تنبو آهي جو هٽايو نہ ويندو، جنهن جا ڪلا پٽيا نہ ويندا ۽ جنهن جي رسمن مان ڪوبہ نہ ڇڄندو. پر جلال وارو خداوند، وڏين ندين ۽ نهرن جي وچ ۾ پاڻ اتي موجود هوندو؛ جن ۾ نہ ڪا ڳنن واري ٻيڙي ويندي، نہ ڪو وڏو جهاز اتان لنگهندو. ڇا لاءِ جو خداوند، اسانجو منصف آهي، خداوند اسانجو شريعت ڏيندڙ آهي ۽ خداوند اسانجو بادشاهہ آهي؛ اهو اسان کي بچائيندو.
تنهنجون رسيون ڍريون ٿي ويون آهن؛ اهي پنهنجي کوهي جي پاڙ مضبوط ڪري نہ سگهيا، اهي پنهنجو مڙهہ چاڙهي نہ سگهيا: تڏهن وڏي لٽ جو مال ورهايو ويو؛ منڊن کي لٽ جو مال مليو. اتي جي رهاڪن مان ڪو ڪونہ چوندو تہ آءٌ بيمار آهيان: انهي ۾ رهندڙن ماڻهن جون خطائون معاف ڪيون وينديون.“[1]

تشريح

(19) **”تون اها خوفناڪ قوم . . . . . . !“**

خوفناڪ پنهنجي دشمنن لاءِ. عربن جڏهن فتوحات حاصل ڪرڻ شروع ڪيون تہ هنن جي دهشت هر طرف ڦهلجي ويئي. دشمن لاءِ سندن نالو ئي ڪافي هوندو هو. دوستن کي مٿن پورو اعتماد هوندو هو ۽ غريبن، بيڪسن ۽ مظلومن جو آسرو ۽ اميد هوندا هئا. ”تون ان کي نہ ڏسندين“ مان مراد هي آهي تہ اهي توهان جي وقت ۾ اچڻ وارا نہ آهن.

عيسائي عالم هن قوم مان مراد اشورين کي وٺن ٿا. پر بعد جون آيتون جيڪي وصفون انهن جون ٻڌائين ٿيون، سي منفي نہ آهن بلڪ مثبت آهن. ”جنهن جون اونهيون ڳالهيون تون ڪين سمجهندين“. ”اونهيون ڳالهيون“ مان مراد ”سوچ، سمجهہ، عقل ۽ فهم واريون ڳالهيون“ هونديون آهن. نہ ڪہ بي سمجهي ۽ جهالت واريون ڳالهيون، جيئن عيسائي عالم هن آيت مان مراد وٺي رهيا آهن. هي عربن جو وصف هو. هو پاڻ کي ”عرب“ يعني ”زبان آور“ ۽ ٻين قومن کي ”عجم“ يعني ”گونگو“ سڏيندي هئي.

---

1. يسعياه 33 : 19 ـ 24

(20) "صيون ڏانهن نظر ڪر جو اسانجين پاڪ رسمن جو شهر آهي."

حج بيت الله جون رسمون ئي اهڙيون نامور مذهبي رسمون آهن. جنهن جهڙيون پاڪ مذهبي رسمون دنيا جي ڪنهن بہ ڪنڊ ۾ نہ آهن.

"تنهنجيون اکيون يروشلم کي ڏسنديون"

هيءَ آيت بہ ثابت ڪري رهي آهي تہ هي مکو شريف آهي. يروشلم ۾ تہ هو اڳيئي رهيا پيا هئا . جيئن هو خود متين آيت نمبر 19 مان مراد وٺن ٿا تہ "تون اها خوفناڪ قوم نہ ڏسندين" معني اشورين جي قوم يروشلم ۾ داخل نہ ٿيندي. يعني هو يروشلم ۾ اڳي ئي رهيل هئا. ان يروشلم کي تہ هو روز ڏسندا هئا. سو هن مان مراد ڪو ٻيو يروشلم ئي ٿي سگهي ٿو. جيڪو ڪعبت الله کان سواءِ ٻيو ڪو بہ ٿي نہ ٿو سگهي.

"جو آرام جو گهر ۽ اهڙو تنبو آهي جو هٽايو نہ ويندو، جنهن جا ڪلا پٽيا نہ ويندا ۽ جنهن جي رسمن مان ڪوبہ نہ ڇڄندو."

هي سڀ خصوصيتون بيت الله شريف جون آهن. يروشلم تہ ڪڏهن بہ مستقل طور تي امن جو علائقو نہ رهيو آهي. هن وقت بہ اسرائيل فلسطينين تي ظلم ۽ ٻاهہ ۽ عورتن ۽ ٻارن جو قتلام ڪري رهيو آهي ۽ چوڌاري پنهنجي سيني پاڙيسرين سان ڦٽايون ٻيٺو آهي. خود بيت المقدس شهر جي حصن بخرن تي جنگ هلي رهي آهي.

(21) "پر جلال وارو خداوند.... نہ ڪو وڏو جهاز اتان لنگهندو"

يعني هر وقت الله جي رحمت اتي وسندي ۽ ندين ۽ نهرن جي نہ هجڻ جي باوجود هنن کي اڻ ڪٿ رزق عطا ڪيو ويندو.

(22) "ڇا لاءِ جو خداوند.... اهو اسان کي بچائيندو"

هي شريعت خداوندي موجب ٿيندو. اهو ئي حاڪم رهندو. هر هنڌ هن جو ئي حڪم هلندو. ڇو تہ شريعت مطابق اها قوم انهن سيني صفتن جي حقدار هوندي.

(23) "تنهنجون رسيون ڍريون ٿي ويون آهن.... منڊن کي لٽ جو مال مليو"

مال غنيمت ايترو ايندو جو جيڪو جنگ کان معذور يا منڊو، ٽنڊو هوندو تنهن کي بہ مال غنيمت مان حصو ملندو. هي سڀ ڪجهہ حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي دور ۾ ٿي گذريو. هن کي حضرت عيسىٰ عہ بابت چئي نہ ٿو سگهجي.

(24) "اتي جي رهاڪن مان ....خطائون معاف ڪيون وينديون."

اتي جا رهاڪو بهاني بازي ڪو نہ ڪندا. جيڪي بيمار هوندا آهن تہ بہ پابنديءَ سان نماز، روزو، حج، زڪوات ادا ڪندا آهن. اهڙن عبادت گذارن جون خطائون الله معاف ڪري ڇڏيندو. انشاء الله. آمين.

(24) بيابان ۽ ويران پٽ سرهو ٿيندو

بيابان ۽ ويران پٽ سرهو ٿيندو؛ ۽ رڻ پٽ خوشي ڪندو ۽ گلاب وانگي گل ڪندو.
هو بي نياز گل ڪندو ۽ هو خوشيءَ سان گيت ڳائي سرهو ٿيندو؛ لبنان جو شان ۽ ڪرمل ۽ شارون جي سرفرازي هنکي ڏني ويندي: اهي خداوند جو جلال ۽ اسان جي خدا جي سرفرازي ڏسندا.
اوهين ڪمزور هٿن کي زور وارا ڪريو ۽ نستا گوڏا مضبوط ڪريو.
جيڪي ڊڄڻيءَ وارا دل آهن، تنکي چئو ته مضبوط ٿيو ۽ ڊڄو نه: ڏسو، اوهان جو خدا وير ونڻ لاءِ ۽ بدلو ڏيڻ لاءِ ايندو؛ هو اچي اوهان کي بچائيندو.
تڏهن انڌن جون اکيون کلنديون ۽ ٻوڙن جا ڪن کوليا ويندا.
تڏهن منڊو ماڻهو هرڻ وانگي ٽپندو ۽ گونگي جي زبان ڳائڻ لڳندي: ڇالاءِ جو بيابان ۾ پاڻي ۽ رڻ پٽ ۾ چشما ڦاٽي نڪرندا.
۽ رج بدلجي ڍنڍ ٿي پوندي ۽ اجايل زمين پاڻيءَ جا چشما ٿيندي ۽ گدڙ جي سمهڻ جي جاءِ ۾ گاهه سان گڏ ڪانا ۽ ڪنگورا اپرندا.
اتي هڪڙو شاهي رستو جاري ٿيندو، هڪڙو رستو جو پاڪيزگيءَ جو رستو سڏجڻ ۾ ايندو؛ ڪو به ناپاڪ انهيءَ تان نه لنگهندو؛ پر اهو انهن مسافرن جي لاءِ ٿيندو، هائو، بيعقل به انهيءَ تي نه ڀلبا.
اتي شينهن ڪونه هوندو ۽ نه ڪو ڦاڙيندڙ جانور انهيءَ تي چڙهي ويندو، اهي اتي نه لڀندا، پر جيڪي ڇڏايا ويا آهن سي اتي هلندا.
خداوند جا خريد ڪيل موٽندا ۽ ڳائيندا صيون ۾ ايندا: ۽ انهن جي مٿن تي هميشه خوشي هوندي: اهي خوشي ۽ سرهائي حاصل ڪندا ۽ غم ۽ ماتم ڪونه رهندو.“[1]

تشريح

عيسائي حضرات هن مان مراد يا ته چرچ کي ونڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، يا وري هن مان مراد آخري وقت کي وٺندا آهن جڏهن دجال کي شڪست ملندي ۽ هر طرف خوشيءَ جو سمان هوندو.

پر هي ٻئي تفسيرون غلط آهن. بيابان ۽ ويران پٽ ۽ رڻ پٽ هي سڀ مڪي جي علائقي جا نالا آهن. هتي هن آيت ۾ مڪي کي خوشي ڪرڻ لاءِ چيو ويو آهي.

---

1. يسعياه 35 : 1 ـ 10

لبنان جو شان بہ هن کي ڏنو ويو آهي. لبنان ۽ يروشلم هڪٻئي جي مترادف سمجهيا ويندا هئا. سو هتي بہ لبنان يعني يروشلم جو شان بات الله ۽ مڪي جي سرزمين کي ڏيڻ جو بيان آهي. ڪرمل ۽ شارون (Karmal & Sharwan) يهوديہ جا بہ تمام لاپائتا علائقا هئا.

"اهي خداوند جو جلال ۽ اسان جي خدا جي سرفرازي ڏسندا."

عيسائي عالم هن مان مراد اسرائيل جو گهراڻو وٺن ٿا تہ اهي خداوند جو جلال ۽ خدا جي سرفرازي ڏسندا ۽ هو ڏاڍو ڦتڙن ٿا تہ ڪنهن نموني انهيءَ کي حضرت عيسىٰ عہ متعلق ثابت ڪريون، پر ناڪام وڃن ٿا. ڇو تہ اسرائيل جي گهراڻي هنن آيتن کان پوءِ ڪڏهن بہ خدا جو جلال يا ان جي سرفرازي نہ ڏٺي. پر اهو جلال عربستان ۾ نظر آيو. جڏهن مسلمانن کي هر طرف فتحيابي نصيب ٿي. بدر جي فتح، خندق ۾ ڪافرن تي الاهي عذاب، بنو نضير ۽ بنو قريظہ جو خاتمو ٿيڻ، خيبر جا قلعا فتح ٿيڻ، مڪي جي فتح، حنين جي فتح ۽ ان کان بعد مڪي جي مشرڪن کان بيزاري جو اعلان ٿيڻ، تبوڪ ۾ مسلمانن جو پنهنجو ڌاڪ ويهارڻ ۽ ڪنهن بني بشر کي مسلمانن جي سامهون اچڻ جي جرئت نہ ٿيڻ. هي سڀ خدا جي سرفرازيءَ ۽ جلال جو بيان ئي تہ آهي. هن کان بعد واريون آيتون ٻڌائن ٿيون تہ انهن ڏينهن ۾ ڪهڙا ڪهڙا واقعا رونما ٿيندا.

ڪمزور هٿن وارا ۽ ڊڄڻيءَ دل وارا غريبن، مسڪينن ۽ غلامن کي چيو ويو آهي، جيڪي شروعاتي مسلمان هئا.

انڌن جون اکيون ۽ ٻوڙن جا ڪن کلڻ مان مراد انهن جي سمجهہ ۽ سوچ وڌندي. منڊي ۽ گونگي جو مثال بہ علامتي آهي.

بيابان ۾ پاڻي ۽ رڻ پٽ ۾ چشما ڦاٽي نڪرڻ مان مراد هاڻي تہ اظهر من الشمس وانگر آهي تہ هي تيل جي دولت کي ئي سڏيو ويو آهي.

۽ گدڙن جي سمهڻ جي جاءِ ۾ گاهہ، ڪانا ۽ ڪنگورا اپڙڻ مان مراد جانورن جي رهائش وارا غيرآباد علائقا، جهر جهنگ آباد ٿي پوندا.

شاهي رستو ۽ پاڪيزگيءَ جو رستو مان مراد مڪي ڏانهن ويندڙ رستو آهي. جتي ڪنهن بہ غير مسلم کي وڃڻ جي اجازت نہ آهي.

اتي ٻي عقل بہ نہ ڀلبا مان مراد اتي حاجين جي رهنمائي جو هميشہ انتظام هوندو. سو جن کي حج جي ارڪانن جي خبر نہ هوندي تن کي بہ سڀ ڪجهہ سمجهايو ويندو ۽ هو ڪونہ ڀلبا.

اتي شينهن يا ڪو ڦاڙيندڙ جانور نہ هجڻ مان مراد اتي ڪنهن کي ڪا بہ تڪليف نہ ملندي.

اتي ڪوبہ غم ۽ ماتم نہ هوندو. هر ڪو الله جي عبادت ۾ سرهو هوندو يا توبهہ تائب ٿي هر غم کان نجات حاصل ڪندو.

(25) بيابان ۾ خداوند جو رستو تيار ڪريو

”هڪڙي پڪارڻ واري جو آواز آهي، تہ اوهين بيابان ۾ خداوند جو رستو تيار ڪريو. هر ڪا ماٿري بلند ٿيندي ۽ هر ڪو جبل ۽ ٽڪري هيٺانهين ڪئي ويندي؛ ۽ ڏنگو سنئون ڪيون ويندو ۽ ڪڏون ڪوٻا سڌا ڪيا ويندا ۽ خداوند جو جلال ظاهر ٿيندو ۽ سڀيئي ماڻهو انهي کي گڏ ڏسندا: ڇالاءِ جو خداوند پنهنجي واتان ايئن فرمايو آهي.“[1]

تشريح

ملاڪي جي ڪتاب ۾ آهي تہ:

”ڏسو آءٌ پنهنجو پيغمبر موڪليندس ۽ هو منهنجي اڳيان راهہ تيار ڪندو ۽ خداوند جنهن جا اوهين طالب آهيو سو اوچتو پنهنجي هيڪل ۾ ايندو.“[2]

(هن جي تشريح لاءِ ڏسو پيشنگوئي نمبر 36)

ڪتاب ”زبور“ ۾ آيت نمبر 3 جي مناسبت سان هڪ آيت هن ريت آهي: ”خدا جي حضور ۾ گيت ڳايو، هن جي نالي جي تعريف ڳايو: جو رڻ پٽ مان سواري ڪري ٿو لنگهي تنهن لاءِ سڙڪ تيار ڪريو؛ هنجو نالو ياہ آهي؛ اوهين خدا جي حضور ۾ سرها ٿيو.“[3]

(هن جي تشريح لاءِ ڏسو پيشنگوئي نمبر 7، صفحو نمبر 144)

(الف) لفظ بيابان مان مراد

لفظ ”بيابان“ جو ترجمو اردو بائيبل ۾ ”صحرا“ ڪيو ويو آهي، انگريزيءَ ۾ لفظ ”وائيلڊرنيس“ (Wilderness) استعمال ٿيل آهي. ميثاق النبيين جي حاشيہ ۾ آهي تہ: ”بائيبل جي ترجمي ڪندڙن “بعرابہ” جو ترجمو صحرا يا وائيلڊرنيس (Wilderness) ڪيو آهي. عبرانيءَ ۾ “عرابہ” عرب کي چوندا آهن.“[4]

سيد سليمان ندوي هن ملڪ تي ”عرب“ جو نالو پوڻ جو سبب بيان ڪندي فرمائين ٿا تہ: ”هاڻي ٻيو سوال هي آهي تہ هن ملڪ جو نالو ”عربة“ چو قرار ڏنو ويو؟ اصل هي آهي تہ تمام سامي زبانن ۾ ”عربہ“ صحرا ۽ باديہ جو مفهوم رکي ٿو. عبراني ۾ ”عربا“ (عبراني لفظ) بيابان ۽ ميدان کي چوندا آهن ۽ خود عربي زبان ۾ هن قديم مفهوم جا بقايا موجود آهن.

---

1. يسعياه 40 : 3 ـ 5
2. ملاڪي 3 : 1
3. زبور 68 : 4
4. وديارٿي، عبدالحق، ”ميثاق النبيين“ (اردو)، دارالاشاعت ڪتب اسلاميہ، 17 ـ مولانا آزاد روڊ، جيڪب سرڪل، بمبئي 11، ص 428

"عرابة" جي معني بدويت جي آهي ۽ اعراب اهل باديہ ۽ صحرانشينن جي لاءِ اچ تائين استعمال ۾ آهي.

جيئن تہ عرب جو ملڪ گھڻو ڪري هڪ بيابان بنا پاڻي ڪانجھي وارو آهي ۽ خاص طور تي اهو حصو جيڪو حجاز ڪان باديہ عرب ۽ شام ۽ سينا تائين ڦهليل آهي. انهيءَ ڪري هن جو نالو "عربا" قرار پيو ۽ پوءِ آهستہ آهستہ اتي جي رهندڙن کي "عرب" چوڻ لڳا.

قرآن مجيد ۾ لفظ "عرب" ملڪ عرب لاءِ ڪٿي بہ نہ ڳالهايو ويو آهي. حضرت اسمائيل (عليہ السلام) جي رهائش جي ذڪر ۾ "وَادٍ غَيْرِ ذِي زَرْعٍ" يعني "ناقابل زراعت وادي" هن کي چيو ويو آهي. اڪثر ماڻهو هن نالي کي عرب جي طبعي حالت جو بيان سمجهندا آهن. پر مٿي جيڪو حقيقي بيان آهي انهيءَ ڪان واضح آهي تہ هي لفظ "عرب" جو بعينہ لفظي ترجمو آهي. جيئن تہ انهيءَ عهد ۾ هن غيرآباد ملڪ جو ڪو نالو نہ هو. انهيءَ ڪري خود لفظ "غيرآباد ملڪ" هن جو نالو پئجي ويو. توريت ۾ بہ اسمائيل (عليہ السلام) جو مسڪن "مدبار" ٻڌايو ويو آهي. جنهن جي معني بيابان ۽ غيرآباد ايراضي جي آهي. جيڪو بلڪل "عرب" جو ترجمو ۽ "وَادٍ غَيْرِ ذِي زَرْعٍ" جي مطرادف آهي.

توريت ۾ لفظ "عربا" عرب جي هڪ خاص زمين جي ٽڪري جي معني ۾ ڪيترائي دفعا آيو آهي. پر يقينن انهيءَ وسعت سان اطلاق نہ ٿيو آهي جنهن وسعت سان هاڻي ڪيو ويندو آهي. لفظ "عربا" ڪان صرف اهو زمين جو ٽڪرو مراد ورتو ويو آهي جيڪو حجاز ڪان شام ۽ سينا تائين وسيع آهي.[1] عام ملڪ عرب جي لاءِ گھڻو ڪري اوپر ۽ اوپر جي زمين[2] جو استعمال ٿيو آهي ۽ ڪڏهن ڏکڻ جو.[3] چو تہ عرب فلسطين جي اوپر ۽ ڏکڻ ڀنهي ڪندن ۾ آهي."[4]

(ب) خداوند جو رستو تيار ڪرڻ يا واٽون سنيون ڪرڻ جو مطلب

خداوند جو رستو تيار ڪرڻ يا واٽون سنيون ڪرڻ جو مطلب زمين جي هيناهين مٿاهين کي درست ڪرڻ نہ آهي. پر هن مان انسانن جي اهڙي اخلاقي ۽ روحاني تربيت مراد آهي جنهن ڪان پوءِ هو الله تبارڪ وتعالي جي حڪمن جي پيروي ڪرڻ لاءِ ۽ رسولن جي تعليمات تي عمل ڪرڻ لاءِ دلي ۽ دماغي طور آماده ٿي وڃن.

---

1. ندوي، سليمان، سيد (المتوفي 1373ھ)، "تاريخ ارض القرآن" (اردو)، دارالاشاعت، مقابل مولوي مسافرخانہ، ڪراچي ـ 1، جلد اول، ص 52، بحوالہ: استثنا 1 : 701 ، 2 : 1
2. ايضاـ بحوالہ: پيدائش 25: 6، 10: 30، قاضي 6: 13، 1 ـ بادشاه 4: 30، ارميا 29 : 28
3. ايضا ـ بحوالہ: متي 12 : 12، پيدائش 13 : 9، 12 : 9
4. ايضا

وليم ميڪڊونلڊ لکي ٿو ته:

”هن جي (يعني حضرت عيسىٰ ع جي) آمد لاءِ تياري (جو مطلب) زمين جي خدوخال جي تياري نه آهي. بلڪه اخلاقي ۽ روحاني تياري آهي.

مورگن (Morgan) لکي ٿو ته:

”انسانن مان جيڪي ايماندار آهن اهي هن جي راهه تيار ۽ شاهراهه هموار ڪندا آهن. جڏهن هو پنهنجي ڪامل وفاداري هن جي حوالي ڪندا ۽ صرف انهن تي ڀروسو ڪندا آهن.“

پهاڙ ۽ ٽڪريون تڪبر واري سرڪش انسانن کي ۽ هيٺاهين ڪمزور ۽ ڪمتر ماڻهن کي ظاهر ڪندا آهن. ضروري آهي ته ڪردار جي هر هيٺاهين مٿاهين ۽ سختي هموار ڪئي وڃي. خداوند جو جلال (يعني خداوند بذات خود) آشڪار ٿيندو ۽ سڀئي بشر ان کي ڏسندا. (ڏسو مڪاشفو 7:1)“[1]

هنن آيتن ۾ ٻن شخصيتن جي باري ۾ پيشنگوئي آهي. هڪ ته آهي پڪارڻ وارو يا خبر ڪرڻ وارو ٻيو جنهن جي باري پڪاري رهيو آهي. يعني هو ٻڌائي رهيو آهي ته تيار ٿي بيهو ڪا بلند وبالا شخصيت اچڻ واري آهي ۽ تيار ٿي ان جو استقبال ڪريو. جيئن ڪو دربان ڪنهن بادشاهه جي دربار ۾ بادشاهه جي اچڻ جو اعلان ڪري، ته ان اعلان سان ويندل سڀ ماڻهو پنهنجي بي ترتيبي کي درست ڪري ترتيب سان ۽ خاموش ۽ با ادب ٿي قطار ۾ اٿي بيهندا آهن.

عيسائين جو موقف آهي ته اهو پڪارڻ وارو حضرت يحي ع هو جيڪو پڪاري پڪاري حضرت عيسىٰ ع جي آمد جو اعلان ڪري رهيو هو. اسان مسلمانن جو موقف آهي ته نه صرف حضرت يحي ع بلڪه خود حضرت عيسىٰ ع به اسان جي پياري پيغمبر حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم جي آمد جي باري ۾ اعلان ڪندا هئا ۽ واعظ پڻ فرمائيندا هئا.

(ت) عيسائين جو موقف

سڀ کان پهريان اسان انجيلن مان اهي اقتباس پيش ڪنداسين جيڪي عيسائي حضرات جي موقف جي تائيد ۾ آهن.

انجيل متيءَ ۾ آهي ته:

”انهن ڏينهن ۾ يوحنا بپتسما ڏيڻ وارو يهوديه جي رڻ پٽ ۾ منادي ڪندو آيو ۽ چوڻ لڳو ته اوهين توبهه ڪريو، ڇالاءِ جو آسمان جي بادشاهت ويجهي آئي آهي.

هيءُ اهو آهي جنهن بابت يسعياه نبيءَ ذڪر ڪيو هو، ته: ”رڻ پٽ ۾ هڪڙي پڪارڻ واري جو آواز ٿو اچي، ته اوهين خداوند جو رستو تيار

---

1. ميڪڊونلڊ، وليم، تفسيرالڪتاب (يسعياه-داني ايل) اردو، مترجم : ڊي-چند، سموئيل، بشپ، مسيح اشاعت خانه، 36-فيروزپور روڊ، لاهور 1989ع، ص 69

ڪريو ۽ سندس واٽون سنيون ڪريو.“

هي يوحنا اٺ جي وارن جي پوشاڪ پاتل چمڙي جو پٽڪو پنهنجي چيله سان ٻڌل رکندو هو ۽ هن جي خوراڪ ماڪڙ ۽ جهنگلي ماکي هئي. ان وقت يروشلم ۽ سموري يهوديه ۽ يردن جي پر پاسي جا سڀ ماڻهو نڪري ڪري هن وٽ ويا ۽ پنهنجي گناهن جو اقرار ڪري يردن دريا ۾ هن کان بپتسما ورتائون. پر جڏهن هن گهڻن فريسين ۽ صدوقين کي بپتسما وٺڻ لاءِ پاڻ وٽ ايندي ڏٺو ته هن چيو:

اي نانگ جا ٻچو! توهان کي ڪنهن ٻڌايو ته ايندڙ غضب کان ڀڄو؟ بس توبه جي موافق ميوو آڻيو ۽ پنهنجي دلين ۾ هي چوڻ جو خيال نه آڻيو ته ابرهام اسان جو پيءُ آهي، چو ته مان توهان کي چوان ٿو ته خدا هنن پٿرن مان ابرهام لاءِ اولاد پيدا ڪري سگهي ٿو ۽ هاڻي وڻن جي پاڙ تي ڪهاڙو رکيل آهي. بس جيڪو وڻ سٺو ميوو نه ٿو آڻي اهو ڪٽيو ۽ باهه ۾ وڌو ويندو آهي. مان توهان کي توبه لاءِ پاڻي سان بپتسما ڏيان ٿو پر جيڪو منهنجي پنيان اچي رهيو آهي اهو مون کان زورآور آهي. مان هن جون جتيون کڻڻ جي لائق نه آهيان. هو توهان کي روح القدس ۽ باهه سان بپتسما ڏيندو. هن جو ڇڄ هن جي هٿ ۾ آهي هو پنهنجي فصل کي خوب صاف ڪندو ۽ ڪڻڪ کي ته پانڊي ۾ جمع ڪندو پر ٻه کي اهڙي باهه ۾ ساڙيندو جا وسامڻ جي نه آهي. انهيءَ وقت يسوع گليل کان يردن جي ڪناري يوحنا وٽ هن کان بپتسما وٺڻ آيو. پر يوحنا هي چئي هن کي منع ڪرڻ لڳو ته مان پاڻ تو کان بپتسما وٺڻ جو محتاج آهيان ۽ تون مون وٽ آيو آهين؟

يسوع جواب ۾ هن کي چيو ته هاڻي ته ٿيڻ ئي ڏي. چو ته اسان کي اهڙيءَ طرح سموري راستبازي پوري ڪرڻ مناسب آهي. انهيءَ تي هن ٿيڻ ڏنو ۽ يسوع بپتسما وٺي ڪري في الفور پاڻي کان مٿي ويو ۽ ڏسو هن لاءِ آسمان کلي ويو ۽ هن خدا جي روح کي ڪبوتر وانگر لهندي ۽ پاڻ مٿان ايندي ڏٺو ۽ ڏسو آسمان مان هي آواز آيو ته هي منهنجو پيارو پٽ آهي جنهن کان مان خوش آهيان.“[1]

انجيل يوحنا ۾ آهي ته:

”۽ يوحنا جي گواهي هي آهي ته جڏهن يهودين يروشلم مان ڪاهن ۽ لاوي هي پڇڻ لاءِ هن وٽ موڪليا ته تون ڪير آهين؟ ته هن اقرار ڪيو ۽ انڪار نه ڪيائين بلڪ اقرار ڪيائين ته مان مسيح نه آهيان.

هنن هن کان پڇيو: ”پوءِ ڪير آهين؟ ڇا ايلياه آهين؟“

هن چيو: ”مان نه آهيان.“

”ڇا تون اهو نبي آهين؟“

---

[1]. متي 3 : 1 ـ 17

هن جواب ڏنو ته: ”نه.“

بس هنن هن کي چيو: ”پوءِ تون ڪير آهين؟ جيئن اسان پنهنجي موڪليندڙن کي ورندي ڏيون. تون پنهنجي حق ۾ ڇا چوين ٿو؟“

هن چيو: ”مان جيئن يسعياه نبيءَ چيو آهي: بيابان ۾ هڪ پڪارڻ واري جي آواز آهيان ته توهان خداوند جي راهه کي سڌو ڪريو.“

هي فريسين جي طرفان موڪليل هئا. هنن هن کان سوال ڪيو ته: ”جيڪڏهن تون نه مسيح آهين، نه ايلياه، نه اهو نبي ته پوءِ تون بپتسما ڇو ٿو ڏين؟“

يوحنا جواب ۾ هنن کي چيوته: ”مان پاڻيءَ سان بپتسما ڏيان ٿو. توهان جي وچ ۾ هڪ شخص بيٺو آهي جنهن کي توهان نه ٿا ڄاڻو. يعني مون کان بعد اچڻ وارو، جنهن جي جتيءَ جا تسما مان ڇوڙڻ لائق نه آهيان.“

هي ڳالهيون يردن جي پار بيت عنياه ۾ واقع ٿيون، جتي يوحنا بپتسما ڏيندو هو. ٻئي ڏينهن هن يسوع کي پاڻ طرف ايندي ڏسي چيو:

”ڏسو هي خدا جو گهيٽو آهي، جيڪو دنيا جا گناه کڻي وڃي ٿو. هي اهو آهي جنهن جي بابت مون چيو هو ته هڪ شخص مون کان بعد اچي ٿو، جيڪو مون کان مقدم آهي، ڇو ته هو مون کان پهريون هو ۽ مان ته هن کي نه پيو سڃاڻان. پر انهيءَ لاءِ پاڻيءَ سان بپتسما ڏيندو آيس ته هو اسرائيل تي ظاهر ٿئي.“

۽ يوحنا هي گواهي ڏني ته:

”مون روح کي ڪبوتر وانگر آسمان کان لهندي ڏٺو آهي ۽ هو هن مٿان بيهجي ويو ۽ مان ته هن کي سڃاڻان نه پيو، پر جنهن مون کي پاڻيءَ سان بپتسما ڏيڻ لاءِ موڪليو انهيءَ مون کي چيو ته جنهن تي روح کي لهندو ۽ بيهندو ڏسين اهو ئي روح القدس سان بپتسما ڏيڻ وارو آهي. سو مون ڏٺو ۽ گواهي ڏني آهي ته هي خدا جو پٽ آهي.“

ٻئي ڏينهن وري يوحنا ۽ هن جي شاگردن مان ٻه شخص بيٺا هئا ته، هن يسوع تي جيڪو وڃي رهيو هو نظر ڪري چيو: ”ڏسو! هي خدا جو گهيٽو آهي.“[1]

بظاهر ايئن لڳي رهيو آهي ته عيسائين جو موقف درست ۽ مضبوط آهي. پر ايئن نه آهي. اسان جلد ئي هنن جا پول پڌرا ڪنداسين.

(ث) مسلمانن جو موقف

اسان مسلمانن جو موقف آهي ته اهو پڪارڻ وارو نه صرف حضرت يحي ع هو پر حضرت عيسىٰ ع به انهن پڪارڻ وارن مان هو ۽ هو حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم جي آمد جو اعلان ڪري رهيا هئا.

---

1. يوحنا 1 : 19 ـ 36

چو تہ بني اسرائيل وارا پاڻ کي خدا جا پيارا سمجهي رهيا هئا. هاڻي هي سمجهائڻ وڌو ڏکيو کم هو تہ آئنده هنن مان کو پيغمبر اچڻ وارو کونهي ۽ هو هڪ ٻئي قبيلي کان ايندو ۽ نبوت ۽ سيادت ۽ روحاني قيادت هنن کان کسجي کنهن ٻئي قوم کي ملندي ۽ اها بہ ان قبيلي کي جنهن کي هو صدين کان حقارت سان ڏسندا آيا هئا ۽ جن کي هو ٻانهيءَ جا ٻار (حضرت بيبي هاجره رضہ جي ٻانهي هجڻ جي ڪري) يا غلام سمجهندا هئا. حقيقت ۾ هنن ٻنهي بزرگ پيغمبرن کي هي هڪ ڏاڍو ڏکيو ٽاسڪ مليل هو ۽ هو آخر تائين انهيءَ کي نڀائيندا آيا. اسان پنهنجي موقف جي تائيد ۾ ڪجھ نقطا بيان ڪنداسين.

(i) حضرت عيسىٰ عہ وڏو يا حضرت يحي عہ؟

انجيل شريف جو مطالعو ڪندڙ ماڻهو بظاهر تہ ڏسي ٿو تہ حضرت يحي عہ حضرت عيسىٰ عہ کي پاڻ کان وڏو تسليم ڪري ٿو، پاڻ کي هن جي جتين ڪڻڻ جي لائق بہ نہ سمجهي ٿو ۽ سمجهي ٿو تہ هو هن جي راهہ تيار ڪري رهيو آهي. پر انجيل جو قاري هي بہ محسوس ٿو ڪري تہ هنن جا قول ۽ فعل ان جي ابتڙ آهن. مثال طور:

جيڪڏهن حضرت عيسىٰ عہ حضرت يحي عہ کان وڏا هئا تہ حضرت يحي عليہ السلام کي پاڻ حضرت عيسىٰ عہ کان بپتسما وٺڻ کپي ها، نہ کہ هو حضرت عيسىٰ عہ کي بپتسما ڏئي ها. جيڪڏهن تسليم بہ ڪجي تہ هي هنن راستبازي کي پوري ڪرڻ لاءِ ڪيو ۽ هڪٻئي جي سچائي ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪيو، تہ بہ اسان ڏسون ٿا تہ حضرت عيسىٰ عہ حضرت يحي عہ کي سيني انسانن کان بلند درجي وارو سمجهن ٿا. هو چون ٿا تہ حضرت يحي عہ نبين کان بہ وڏا آهن ۽ جيڪي بہ عورتن کان پيدا ٿيا آهن انهن مان ڪوبہ يوحنا بپتسما ڏيڻ واري کان وڏو ڪو بہ نہ آهي. تفصيلي طور اهي آيتون ڪجھ هن ريت آهن:

”جڏهن هو روانا ٿيا تہ يسوع يوحنا جي بابت ماڻهن کي چوڻ شروع ڪيو تہ: ”توهان بيابان ۾ ڇا ڏسڻ ويا هئا؟ ڇا هوا ۾ لڏندڙ سرن کي؟ تہ پوءِ ڇا ڏسڻ ويا هئا؟ ڇا سنها ڪپڙا پاتل شخص کي؟ ڏسو جيڪي سنها ڪپڙا پائيندا آهن، اهي بادشاهن جي گهرن ۾ هوندا آهن. تہ پوءِ ڇو ويا هيو؟ ڇا هڪ نبي کي ڏسڻ؟ ها مان توهان کي چوان ٿو بلڪي نبيءَ کان بہ وڌي کي. هي اهو آهي جنهن جي باري ۾ لکيل آهي تہ ڏس مان پنهنجو پيغمبر تنهنجي اڳيان موڪليان ٿو جيڪو تنهنجو رستو تنهنجي اڳيان تيار ڪندو. مان توهان کي سچ ٿو چوان تہ جيڪي عورتن کان پيدا ٿيا آهن انهن مان يوحنا بپتسما ڏيڻ واري کان وڏو ڪوبہ نہ آهي، پر جيڪو آسمان جي بادشاهي ۾ ننڍو آهي اهو ان کان وڏو آهي ۽ يوحنا بپتسما ڏيڻ واري جي ڏينهن کان آسمان جي بادشاهي تي زور ٿيندو رهيو آهي ۽

زورآور ان کي کسي ونندا آهن. چو ته سڀ نبين ۽ توريت يوحنا تائين نبوت ڪئي ۽ چاهيو ته مڃو، ايلياه جيڪو اچڻ وارو هو اهو آهي. جنهن کي ٻڌڻ لاءِ ڪن آهن اهو ٻڌي."[1]

هنن آيتن ۾ گهڻيون ئي ڳالهيون بحث طلب آهن، پر اسان پنهنجي مقصد کان پري وڃڻ نه چاهينداسين. هتي حضرت عيسىٰ ع حضرت يحي ع کي هڪ نبيءَ کان به وڏو چئي ٿو ۽ عورت مان پيدا ٿيندڙ هر انسان کان به وڏو سڏين ٿا. ياد رهي ته حضرت عيسىٰ ع خود به هڪ عورت جي ئي پيدائش آهن ۽ جيتوڻيڪ سندن ڪو پيءُ ڪونهي پر تنهن هوندي به پيدائش هڪ عورت جي ئي آهن.

هتي هڪ ٻي پيشنگوئي به ٿيل آهي ته: "جيڪو آسمان جي بادشاهي ۾ ننڍو آهي اهو ان کان وڏو آهي."

يعني هي به حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم بابت آهي، چو ته اهي حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم ئي آهن جيڪي سڀ کان آخر ۾ آيا. يعني انهيءَ لحاظ کان سڀ کان ننڍا آهن ۽ سڀني نبين ۽ توريت يوحنا تائين انهيءَ بابت ذڪر ڪيو آهي. يعني هاڻي توريت وارا اڳتي پاڻ ۾ ڪنهن نبيءَ جي اچڻ جي اميد نه ڪن ۽ ايلياه جنهن جو هو انتظار ڪن ٿا، سو به اهو يوحنا ئي اٿو. هاڻي ڪنهن ايلياه جي نالي تي به ڪنهن جو انتظار نه ڪجو. حالانڪ يوحنا جي انجيل ۾ حضرت يحي ع پنهنجي ايلياه هجڻ جو انڪار ٿو ڪري.[2]

(ii) ڇا حضرت يحي ع کي حضرت عيسي ع جي حيثيت معلوم هئي؟

اسان مٿي پڙهي آيا آهيون ته حضرت يحي ع حضرت عيسىٰ ع بابت گهڻيون ئي ڳالهيون ٻڌائي ٿو. هو چوي ٿو ته: "مان توهان کي توبهہ لاءِ پاڻي سان بپتسما ڏيان ٿو پر جيڪو منهنجي پنيان اچي رهيو آهي اهو مون کان زورآور آهي. مان هن جون جتيون کڻڻ جي لائق نه آهيان. هو توهان کي روح القدس ۽ باهہ سان بپتسما ڏيندو. هن جو ڇڄ هن جي هٿ ۾ آهي هو پنهنجي فصل کي خوب صاف ڪندو ۽ ڪڻڪ کي ته پاندي ۾ جمع ڪندو پر بهہ کي اهڙي باهہ ۾ ساڙيندو جا وسامڻ جي نه آهي."[3]

۽ انجيل يوحنا ۾ چوي ٿو ته:

"ڏسو هي خدا جو گهيٽو آهي، جيڪو دنيا جا گناه کڻي وڃي ٿو. هي اهو آهي جنهن جي بابت مون چيو هو ته هڪ شخص مون کان بعد اچي ٿو، جيڪو مون کان مقدم آهي، چو ته هو مون کان پهريون هو ۽ مان

---

1. مٿي 11 : 7 ـ 15
2. يوحنا 1 : 21
3. مٿي 3 : 11 ـ 12

ته هن کي نه پيو سڃاڻان پر انهيءَ لاءِ پاڻيءَ سان بپتسما ڏيندو آيس ته هو اسرائيل تي ظاهر ٿئي.“

۽ هو گواهي ڏئي ٿو ته:

”مون روح کي ڪبوتر وانگر آسمان کان لهندي ڏٺو آهي ۽ هو هن مٿان بيهجي ويو ۽ مان ته هن کي سڃاڻان نه پيو، پر جنهن مون کي پاڻيءَ سان بپتسما ڏيڻ لاءِ موڪليو انهيءَ مون کي چيو ته جنهن تي روح کي لهندو ۽ بيهندو ڏسين اهو ئي روح القدس سان بپتسما ڏيڻ وارو آهي. سو مون ڏٺو ۽ گواهي ڏني آهي ته هي خدا جو پٽ آهي.“[1]

هي انهيءَ وقت جي ڳالهه آهي جڏهن حضرت يحي ع اجان قيد ۾ ڪو نه پيو هو. يعني آزاد هو. انهيءَ کان پوءِ وقت جو حاڪم کين قيد ڪري ٿو ۽ هڪ عورت جي چوڻ تي انهيءَ قيدخاني ۾ ئي کين شهيد ڪري ٿو. پر پنهنجي شهادت کان اڳ پاڻ پنهنجن شاگردن کي حضرت عيسیٰ ع ڏانهن موڪلين ٿا. انجيل متي ۾ آهي ته:

”۽ يوحنا قيدخاني ۾ مسيح جي ڪمن جو حال ٻڌي ڪري پنهنجي شاگردن جي معرفت پڇرايو ته:

”اچڻ وارو تون ئي آهين يا اسان ٻئي ڪنهن جي راهه ڏسون؟“

يسوع جواب ۾ هنن کي چيو ته:

”جيڪو ڪجهه توهان ٻڌو ٿا يا ڏسو ٿا اهو وڃي ڪري يوحنا سان بيان ڪريو ته انڌا ڏسن ٿا ۽ منڊا گهمن ٿا. ڪوڙهي پاڪ صاف ڪيا وڃن ٿا ۽ ٻوڙا ٻڌن ٿا ۽ مئل جيئاريا وڃن ٿا ۽ غريبن کي خوشخبري ٻڌائي وڃي ٿي ۽ مبارڪ اهو آهي جيڪو مون سبب ٿابو نه کائي.[2]

يعني اهو سوال ته اچڻ وارو تون ئي آهين يا اسان ٻئي ڪنهن جي راهه ڏسون؟ بذات خود مٿين سيني ڳالهين جو ڪباڙو ڪري ڇڏي ٿو جنهن مطابق حضرت يحي ع حضرت عيسیٰ ع کي سڃاڻين پيا. وڏي ۾ وڏو سوال ته اهو آهي ته جنهن شخص جي اچڻ جي منادي ڪرڻ لاءِ حضرت يحي ع جي خاص طور تي بعثت ٿي هئي، ڇا هو ان کي سڃاڻين ئي ڪو نه پيا؟

هن مان ثابت ٿيو ته حضرت يحي ع کي ته خبر هئي ته اهو اچڻ وارو جنهن جي هو منادي ٿو ڪري اهو ٻيو ڪو شخص آهي، پر حضرت عيسیٰ ع جي ڪمن بابت گهڻو ڪجهه ٻڌي ڪري هن ڪيس ياد ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي ته هو پنهنجي راهه کان ڀٽڪي ته ڪو نه ويو آهي؟ ڇو ته هن کي خبر هئي ته حضرت عيسیٰ ع کي به ساڳي منادي ڪرڻي آهي. هن کي به حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي صفتن جو بيان ڪرڻو آهي.

---

1. يوحنا 1 : 29 ـ 34
2. متي 11 : 1 ـ 6

ڪٿي هو پنهنجي مستقل نبوت ۽ رسالت جو بيان ته نه ٿو ڪري؟

وڏي ڳالهه ته جيڪڏهن حضرت يحي عه حضرت عيسىٰ عه جي لاءِ منادي ڪندڙ هجي ها ته پنهنجن شاگردن کي هن جو پوئلڳ ٿيڻ جي هدايت ڪري ها، پر هن پنهنجن پوئلڳن کي ڪڏهن به اهڙي هدايت يا نصيحت ڪا نه ڪئي. بلڪ هن جي پوئلڳن جو هميشه الڳ وجود رهيو. هي به ثبوت آهي ته هو حضرت عيسىٰ عه بابت منادي نه ڪري رهيا هئا.

(iii) انجيل برناباس جو بيان

انجيل برناباس عيسائين جي ڪيترن ئي ڪڌن ڪرتوتن جا پول پڌرا ڪري ٿو. اهو ئي سبب آهي جو نيقيا جي ڪائونسل ۾ ٻين ڪتابن سان گڏ هن انجيل جي خلاف به فيصلو ڏيئي هن کي بلڪل ختم ڪيو ويو. هن موضوع تي به انجيل برناباس ۾ آيتون آهن. انجيل برناباس ۾ آهي ته جڏهن سردار ڪاهن پاڻ ۾ صلاح ڪري حضرت عيسىٰ عه کي ڳالهين ۾ ڦاسائڻ لاءِ لاوين ۽ فقيهن کي موڪلين ٿا ته هو ڪاهنس پڇن ته: ”تون ڪير آهين؟“

ته ان وقت حضرت عيسىٰ عه ڪين جواب ڏئي ٿو ته:

”تڏهن يسوع چيو ته: ”مان هڪ آواز آهيان جيڪا سموري يهوديه ۾ پڪاري ٿي ته: ”خداوند جي رسول جي لاءِ راهه تيار ڪريو، جيئن يسعياه جي ڪتاب ۾ لکيل آهي.““[1]

هن جي تائيد ملاڪي نبي به ڪري ٿو. هو چوي ٿو ته:

”ڏسو آءٌ پنهنجو پيغمبر موڪليندس ۽ هو منهنجي اڳيان راهه تيار ڪندو ۽ خداوند جنهن جا اوهين طالب آهيو سو اوچتو پنهنجي هيڪل ۾ ايندو.“[2]

ملاڪي جي مٿين آيت تي اسان پنهنجي جاءِ تي بحث ڪنداسين ۽ ثابت ڪنداسين ته هيڪل ۾ اوچتو اچڻ وارو اسان جو پيارو پيغمبر حضرت محمد صه آهن. حقيقت ۾ ته حضرت عيسىٰ عه پنهنجي تبليغ دوران صاف ۽ چٽي نموني نالو کڻي حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليه وعلي آله واصحابه وسلم جي اچڻ جون پيشنگوئيون ڪري ٿو. اسان انهن پيشنگوئين تي ”نئين عهدنامي“ جي پيشنگوئين واري باب ۾ بحث ڪنداسين. حضرت عيسىٰ عه پنهنجو پيغام پوري سچائي، امانتداري، ديانتداري ۽ ايمانداري سان پهچايو. هاڻي هي پوين جو ڪم هو ته هن جو پيغام اوتري ئي سچائي، امانتداري، ديانتداري ۽ ايمانداريءَ سان اڳتي پهچائن. جنهن ۾ عيسائي فيل ويا.

توهان ڏسو ٿا ته هڪڙو انجيل ٻڌائي ٿو ته حضرت يحي عه اقرار ٿا

1. برناباس : 42
2. ملاڪي 3 : 1

ڪن تہ هو ايلياہ نہ آهي[1] ۽ ٻئي انجيل ۾ حضرت عيسىٰ عہ فرمائيندي نظر اچن ٿا تہ: ”(توهان مڃو يا نہ مڃو) ايلياہ جيڪو اچڻ وارو هو سو اهو آهي. جنهن کي ٻڌڻ لاءِ ڪن آهن سو ٻڌي وٺي.“[2]

هاڻي يقينن هنن ٻنهي انجيلن جي لکڻ وارن مان ڪنهن تہ هڪڙي نبي ڏانهن ڪوڙي ڳالهہ منسوب ڪئي هوندي.

(iv) حضرت عيسي عہ جي تبليغ جو فائدو

ڇا حضرت عيسىٰ عہ جي انهيءَ تبليغ جو اسان جي پياري پيغمبر حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم کي ڪو فائدو پهتو؟

جواب آهي: ”جي! ها. بلڪل فائدو پهتو آهي. بلڪہ حضرت عيسىٰ عہ جي انهيءَ تبليغ جي ڪري ئي اسان جي پياري پيغمبر حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم کي فتوحات حاصل ٿيون. جڏهن پاڻ سڳورن صہ کي تيرهن سال مڪي ۾ تبليغ ڪندي ڪو خاص نتيجو نہ مليو، سواءِ سوا سو يا ڏيڍ سو ماڻهن جي، جيڪي مسلمان ٿيا. هي مسلمان تہ ٿيا پر مڪي جي سرزمين باوجود پنهنجي ڪشادگيءَ جي هنن لاءِ تنگ ٿي پئي. انهن مان گهڻا حبشہ هجرت ڪري ويا. ڪي ڪيڏانهن تہ ڪي ڪيڏانهن ڇڙوڇڙ ٿي ويا. باقي جيڪي بچيا، تن کي هر وقت پنهنجي جان جو خطرو ٿي پيو. حضرت عباس رضہ وانگر ڪي تہ اهڙا بہ هئا جيڪي پنهنجي ايمان جو اظهار بہ نہ پيا ڪري سگهن. خود نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم کي طائف کان واپسي تي ابو معيط نالي هڪ ڪافر جي پناہ وٺي مڪي ۾ داخل ٿيڻو پيو ۽ هجرت واري رات تہ اها رات هئي جڏهن مڪي جي سيني قبيلن گڏجي حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم کي قتل ڪرڻ لاءِ سندس گهر جو گهيراءُ ڪيو هو. اهڙي وقت ۾ اهي يثرب (مديني) جا عيسائي ئي هئا جن مسلمان ٿي ڪري حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم کي پاڻ وٽ پناہ ڏني. هنن نہ صرف حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم کي پناہ ڏني بلڪہ جيڪي بہ مڪي ۾ ڦاٿل مسلمان هئا يا اوسي پاسي ۾ لڪل مسلمان هئا سيني لاءِ پناهگاہ بڻجي ويا ۽ مسمانن جي هر جنگ ۾ هنن جو مرڪزي ڪردار رهيو. يعني مسمانن جي هر فتح ۾ هنن جو حصو رهيو. ٻئي طرف اسان ڏسون ٿا تہ يثرب ۾ يا يثرب جي چوڌاري رهندڙ يهودين جو رويو بلڪل مختلف رهيو. حالانڪہ هنن جا وڏا پنهنجو ملڪ ڇڏي هتي انهيءَ لاءِ لڏي

---

1. يوحنا 1 : 21
2. متي 11 : 14 ـ 15

آيا هئا جو هنن کي نبين معرفت خبر پئجي وئي هئي تہ يثرب نبي آخرالزمان صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي هجرت ڪري اچڻ جو مقام آهي ۽ جڏهن حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم کي اکين سان ڏٺائون تڏهن بہ سڃاتائون، پر هنن جي بدبختي هنن کي مسلمان ٿيڻ نہ ڏنو ۽ هر يهودي قبيلي نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم سان جنگ ڪئي.

قرآن شريف بہ انهن ٻنهي (يهودين ۽ عيسائين) جي سوچ سمجهہ ۾ فرق کي بيان ڪري ٿو. سورة المَائدة ۾ آهي تہ:

لَتَجِدَنَّ اَشَدَّ النَّاسِ عَدَاوَةً لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوا الْيَهُوْدَ وَالَّذِيْنَ اَشْرَكُوْا ۚ وَلَتَجِدَنَّ اَقْرَبَهُمْ مَّوَدَّةً لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوا الَّذِيْنَ قَالُوْٓا اِنَّا نَصٰرٰى ۭ ذٰلِكَ بِاَنَّ مِنْهُمْ قِسِّيْسِيْنَ وَرُهْبَانًا وَّاَنَّهُمْ لَا يَسْتَكْبِرُوْنَ.[1]

ترجمو: ”(اي پيغمبر) توهان ڏسندو تہ مومنن سان سڀ کان وڌيڪ دشمني ڪرڻ وارا يهودي ۽ مشرڪ آهن ۽ دوستي جي لحاظ کان سڀ کان وڌيڪ مومنن جي ويجهو انهن ماڻهن کي ڏسندو جيڪي چون ٿا تہ اسان نصارا آهيون. اهو انهيءَ ڪري جو انهن ۾ عالم بہ آهن ۽ راهب بہ ۽ اهي تڪبر نہ ٿا ڪن.“

تاريخ ۾ ملي ٿو تہ يهودين نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم کي باقائدي سڃاڻڻ کان پوءِ ايمان جو انڪار ڪيو، نہ صرف ايمان جو انڪار ڪيائون بلڪ نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم سان جنگون ڪيائون. انهيءَ پست ذهنيت جي ڪري ئي هنن نبوت، سيادت ۽ قيادت وڃائي، پر تنهن هوندي بہ آخر تائين ڪونہ سڌريا. اسان هنن جي انهيءَ پست ذهنيت جو ذڪر اڳ بہ تفصيلي طور تي ڪري چڪا آهيون. هتي انهيءَ تفصيل جي ضرورت نہ آهي.

مطلب تہ حضرت عيسىٰ ع جي نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم بابت تبليغ نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم کي ۽ مسلمانن کي پورو پورو فائدو ڏنو ۽ ان وقت جي عربستان ۾ تقريبا سڀ عيسائي مسلمان ٿي ويا، سواءِ نجران جي عيسائين جي. جن بہ تسليم ٿي جزيو ڏيڻ قبول ڪيو ۽ اڳتي هلي حضرت عمر رضہ جي دور ۾ اهي بہ مسلمان ٿي ويا.

(v) روايتن ۾ اندروني شهادتون

(1) اڪثر هي سوال ذهن ۾ ايندو آهي تہ:

هي ڪهڙي قسم جو راهہ درست ڪرڻ جو طريقو آهي جو ٻئي ڄڻا ساڳي وقت موجود بہ آهن، پر اها خبر نہ ٿي پوي تہ هڪڙي ٻئي جي ڪهڙي مدد ڪئي ۽ هن لاءِ ڪهڙي راهہ درست ڪيائين. جيئن اسان مٿي بيان ڪري آيا آهيون تہ ڪيئن نہ حضرت عيسىٰ ع اسان جي پياري

---

1. سورة المائدة : 82

پيغمبر صہ جي لاءِ راهہ درست فرمائي جو هڪڙي قوم خاص انهيءَ لاءِ اچي يثرب ۾ آباد ٿي.

(2) جيئن فرمايو ويو آهي تہ ايندڙ شخص ماڻهن کي پاڪ روح ۽ باهہ سان بپتسما ڏيندو. پر حضرت عيسىٰ عہ اسان کي پاڪ روح ۽ باهہ سان بپتسما ڏيندي نظر ئي ڪونہ ٿا اچن ۽ هن وقت بہ ڪو هڪ بہ راهب، پادري يا ويندي پوپ تائين ڪو بہ پاڪ روح يا باهہ سان بپتسما ڏيندي نظر نہ ٿو اچي.

(3) چيو ويو تہ هو شخص پنهنجي ڪڻڪ کي پانڊي ۾ رکندو. يعني محفوظ رکندو. پر اسان ڏسون ٿا تہ حضرت عيسىٰ عہ ڀين جي تہ نهيو، خود پنهنجي بہ حفاظت نہ ڪري سگهيا.

(4) هي بہ چيو ويو تہ هو ٻهہ کي اهڙي باهہ ۾ ساڙيندو جيڪا وسامڻ جي ئي نہ آهي. هي ڪم بہ اسان جي پياري پيغمبر حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم ڏيکاري. جنهن مومن ۽ منافق ۾ فرق ڪيو ۽ منافقن کي ڌڪي ڌار ڪيائين. مسجد ضرار جيڪا منافقن جي بنياد تي قائم ڪئي وئي هئي تنهن کي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيائين. الله تبارڪ وتعالي خصوصي طور تي انهن جي نشاندهي ڪئي.

سورة التّوبَة ۾ الله تبارڪ وتعالي منافقن جي نشاندهي ڪندي فرمائين ٿا تہ:

وَ مِمَّنۡ حَوۡلَكُمۡ مِّنَ الۡاَعۡرَابِ مُنٰفِقُوۡنَ ؕ وَ مِنۡ اَهۡلِ الۡمَدِيۡنَةِ ۛ مَرَدُوۡا عَلَى النِّفَاقِ ۛ لَا تَعۡلَمُهُمۡ ؕ نَحۡنُ نَعۡلَمُهُمۡ ؕ سَنُعَذِّبُهُمۡ مَّرَّتَيۡنِ ثُمَّ يُرَدُّوۡنَ اِلٰى عَذَابٍ عَظِيۡمٍ.[1]

ترجمو: ”۽ تنهنجي ڀرپاسي جي ڪجهہ ٻهراڙي وارا منافق آهن ۽ ڪجهہ مديني وارا بہ نفاق تي اڙيل آهن. تون انهن کي نہ ٿو ڄاڻين، اسان ڄاڻون ٿا. اسان انهن کي ٻيڻو عذاب ڏينداسين ۽ پوءِ اهي وڏي عذاب ڏانهن موٽايا ويندا.“

تفسير تبيان القرآن ۾ آهي تہ:

”حضرت ابن عباس رضي الله تعالي عنہ هن آيت جي تفسير ۾ چيو آهي تہ:

”رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم جمع جي ڏينهن خطبي ڏيڻ لاءِ اٿي بيٺا ۽ فرمايائون: اي فلاڻا! تون نڪري وڃ، تون منافق آهين. اي فلاڻا! تون نڪري وڃ، تون منافق آهين. پاڻ سڳورن صہ منافقن جا نالا ڪڍي ڪڍي ڪري انهن کي مسجد مان ڪيڍي ڇڏيو ۽ انهن کي رسوا ڪري ڇڏيائين. انهيءَ ڏينهن ڪنهن ڪم جي ڪري ان وقت تائين حضرت عمر رضہ مسجد ۾ نہ پهتا هئا. جنهن وقت حضرت عمر رضہ آيا تہ هو مسجد

---

1. سورة التوبہ : 101

مان نڪري رهيا هئا. هو حضرت عمر رضہ کان لڪي رهيا هئا. هنن کي گمان هو تہ حضرت عمر رضہ کي واقعي جي حقيقت جي خبر پئجي وئي آهي.

هڪ شخص حضرت عمر رضہ کي چيو: ”توهان کي خوشخبري هجي، الله تعالي اڄ منافقن کي رسوا ڪري ڇڏيو.“

هي انهن تي عذاب اول هو، عذاب ثاني عذاب قبر آهي.“[1]

تاريخ ۽ سيرت جي ڪتابن ۾ انهن منافقن جو تعداد ڇٽيهہ ٻڌايو ويو آهي. سيني کي نالا ڪٽي سڏيو ويو ۽ سيني کي مسلمانن ڏٺو. اها هنن جي وڏي رسوائي ٿي جيڪا ڪنهن عذاب کان گهٽ نہ هئي.

ٻيو واقعو مسجد ضرار وارو هو. اهو واقعو سورة التّوبَة ۾ هن ريت بيان ٿيل آهي:

وَالَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا مَسْجِدًا ضِرَارًا وَّكُفْرًا وَّتَفْرِيْقًا بَيْنَ الْمُؤْمِنِيْنَ وَاِرْصَادًا لِّمَنْ حَارَبَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ مِنْ قَبْلُ ؕ وَلَيَحْلِفُنَّ اِنْ اَرَدْنَآ اِلَّا الْحُسْنٰى ؕ وَاللّٰهُ يَشْهَدُ اِنَّهُمْ لَكٰذِبُوْنَ. لَا تَقُمْ فِيْهِ اَبَدًا ؕ[2]

ترجمو: ”۽ (انهن ۾ اهڙا بہ آهن) جن هن غرض سان مسجد جوڙي تہ ضرر پهچائن ۽ ڪفر ڪن ۽ مومنن ۾ ڏڦيڙ وجهن ۽ جيڪي ماڻهو خدا ۽ ان جي رسول سان پهريون جنگ ڪري چڪا آهن انهن لاءِ گهات جي جاءِ بڻائين ۽ قسم کڻندا تہ اسان جو مقصد تہ صرف ڀلائي هئي پر الله گواهي ڏئي ٿو تہ اهي ڪوڙا آهن. تون انهيءَ (مسجد) ۾ ڪڏهن (وڃي) بيهجانءِ بہ نہ.“

نتيجو اهو ٿيو جو انهي مسجد کي ڍاهي ڪري ڪيس ساڙيو ويو. اها آهي تعبير بهہ کي ساڙڻ جي. جڏهن تہ حضرت عيسىٰ ع پاڻ منافقت جو شڪار ٿي ويو. هن کي پنهنجي ئي هڪ حواري چند سڪن عيوض گرفتار ڪرائي ڇڏيو.

(5) چيو ويو تہ: ”هي خدا جو گهيٽو آهي جيڪو دنيا جا گناهہ کڻي وڃي ٿو.“[3]

پر ڇا ڪو ڪنهن جا گناهہ کڻي وڃي سگهي ٿو؟ ڪو ڪيترو بہ بزرگ هجي ڪنهن جا گناهہ کڻي نہ ٿو سگهي. آخرت ۾ ڪنهن جي سفارش ڪري سگهي ٿو. اهو بہ ڪجهہ شرطن سان. نہ ڪہ هر ڪنهن جي سفارش ڪري سگهي ٿو. ايئن تہ ڪو بہ جنتي اٿي ڪري سيني اڳين پوين انسانن جا گناهہ پاڻ تي کڻي سيني جي سزا معاف ڪرائي سگهي ٿو. پوءِ تہ گناهہ ۽ ثواب جو ڪو تصور ئي باقي نہ ٿو رهي. جيڪڏهن ايئن هجي

1. سعيدي، غلام الرسول، ”تبيان القرآن“(اردو)، فريد بڪ اسٽال، لاهور، الطبع عشر: ربيع الثاني 1434ھ مئي 2013ع، جلد 5، ص 245
2. سورة التوبہ : 107
3. يوحنا 1 : 29

ها ته حضرت آدم ع جو پٽ قابيل، حضرت نوح ع جو پٽ ۽ زال ۽ حضرت لوط ع جي زال سي کان ڦريون جنتي ٿيندا، ڇو ته هو نبين جا رشتيدار آهن. پر ايئن نه آهي.

بحرحال هنن پنهنجي ڪتابن ۾ سچ ۽ ڪوڙ کي ايترو ته ملائي ڇڏيو آهي جو سچ ۽ ڪوڙ جي شناخت ئي ختم ڪري ڇڏي اٿن. پر اها ملاوٽ خود هنن کي ئي نقصان ڏئي رهي آهي، هنن کي ڀٽڪائي راهه نجات کان پري ڪري رهي آهي. ٻين کي انهيءَ مان ڪو نقصان ڪونه ٿو پهچي.

(26) خداوند خدا طاقتمند وانگي ايندو

”اڙي تون جو صيون کي خوشخبري ٻڌائين ٿو، مٿانهين جبل تي چڙهي وڃ؛ اڙي تون جو يروشلم کي خوشخبري ٻڌائين ٿو، زور سان پنهنجو آواز بلند ڪر؛ اهو بلند ڪر، ڊڄ نه، يهوداهه جي شهرن کي چئو ته ڏسو اوهان جو خدا! ڏسو، خداوند خدا طاقتمند وانگي ايندو ۽ هن جي ٻانهن سندس لاءِ حڪم هلائيندي: ڏسو، هنجو انجام ساڻس آهي ۽ هنجو عيوضو سندس اڳيان آهي. هو پنهنجو ڌڻ ڌنار وانگي چاريندو ۽ هو گهيٽن کي پنهنجين ٻانهن هيٺ گڏ ڪري پنهنجي پاڪر ۾ کڻي هلندو ۽ جيڪي کير پيارين ٿيون تنکي آهستي آهستي وٺي ويندو.“[1]

تشريح

عيسائي حضرات هنن آيتن ۾ ٻڌايل خوشخبري مان مراد حضرت عيسىٰ عه کي وٺندا آهن. پر هنن آيتن ۾ ٻڌايل صفتون حضرت عيسىٰ عه جون نه آهن. بلڪ حضرت محمد صلي الله عليه السلام جون آهن.

(الف) يهوداه جي شهرن کي چئو

ان وقت بني اسرائيل وارن جون ٻه سلطنتون هيون. هڪ اسرائيل ۽ ٻيو يهوداه. هي آيتون ان وقت جون آهن جڏهن اشورين هنن جون ٻئي سلطنتون تباهه ڪيون ۽ هنن جا گهڻا ئي ماڻهو اسير بڻائي بابل وٺي ويا. ان وقت هوبلڪل تباه حال، برباد ۽ نااميد ٿيل هئا. اهڙيءَ حالت ۾ هو ڪين اميد ڏياري رهيو هو ته يهوداهه جي سيني شهرن کي خوشخبري ڏيو ته هنن جون اميدون رنگ آڻينديون.

(ب) خداوند خدا طاقتمند وانگي ايندو

هي خوشخبري هئي ته اچڻ وارو پوري طاقت سان ايندو. هي اها خوشخبري آهي يهودي صدين کان وٺي جنهن جي انتظار ۾ رهيا. حضرت يحي عه ۽ حضرت عيسىٰ عه هنن جي انهيءَ خوشخبري جا مصداق نه بڻجي سگهيا، ڇو ته هو جنگجو نه هئا. سو هنن کي وڏي مايوسي ٿي. پر پوءِ هنن کي نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي مڪمل بايوڊاٽا ملي وئي ۽ هنن کي خبر پئجي وئي ته انهيءَ هستي جي هجرت وارو مقام کهڙو هوندو ۽ هن جي رهائش ڪٿي ٿيندي. سو يهودين توڙي عيسائين جي ڪجهه قبيلن اچي يثرب (مديني) ۽ ان جي پر پاسي ۾ ديرو ڄمايو. پوءِ نصيب جي ڳالهه هئي ته عيسائين ته ايمان آندو پر يهودين کي ازلي بدنصيبي ماريو، جو هو هميشه نبين جا دشمن رهندا آيا. سو هتي به

---

1. يسعياه 40 : 9 ـ 11

هنن جي سرشت ۾ ڪا تبديلي نہ آئي. پنهنجين عادتن کان مجبور! سڄاڻ کان پوءِ بہ ڄاڻي واڻي نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جا دشمن ٿي بيٺا.

(ت) هن جي ٻانهن سندس لاءِ حڪم هلائيندي

هي بہ طاقت جي علامت آهي. ٻانهن طاقت لاءِ استعمال ٿيندي آهي. عزيزن، قريبن لاءِ بہ ٻازو سڏيو ويندو آهي. ٻانهن ٻيلي ٿيڻ يعني ڪنهن بہ ڪم ۾ هٿ همراهي ڪرائڻ. مددگار دوستن لاءِ بہ استعمال ٿيندي آهي. "هن جي ٻانهن سندس لاءِ حڪم هلائيندي" مان هي بہ مراد ٿي سگهي ٿو تہ هو جيڪو ڪم چاهيندو انهيءَ کي انجام ڏيڻ جي صلاحيت رکندو. يا هن مان هي بہ مراد ٿي سگهي ٿو تہ هن جو ٻانهن ٻيلي شخص هن جي هر حڪم کا نافذ ڪرائڻ جي طاقت رکندو. هن معني ۾ مراد حضرت علي ع بہ ٿي سگهن ٿا، بلڪ آهن. ڇو تہ پاڻ ع شروع کان وٺي هميشہ حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جا بازو ۽ طاقت ٿي رهيا ۽ هميشہ حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي حڪمن کي نافذ ڪندا رهيا. پوءِ اهو ڪٺي وانذر عشيرتڪ الاقربين واري آيت جي نزول بعد ٻانهن ٻيلي ٿيڻ جو اعلان هجي يا هجرت جي رات نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي بستر تي سمهڻ هجي يا حج جي موقعي تي سورت براءَت پڙهي مشرڪن کان بيزاري جو اعلان هجي يا يمن ۾ خالد بن وليد جي غلطين جو ازالو هجي يا خيبر ۾ يهودين جي قلعن کي تهہ وبالا ڪرڻ جو ڪم هجي. حضرت علي ع هر ڪم همٿ ۽ حوصلي سان انجام ڏنو. پاڻ ع ڪافرن سان هر جنگ ۾ نمايان ڪارناما انجام ڏنا، جن کي بيان ڪرڻ لاءِ هڪ مڪمل الڳ ڪتاب جي ضرورت آهي.

حضرت عيسىٰ ع وٽ اسان کي اهڙو ڪو بہ مثال نہ ٿو ملي. تنهن ڪري، حضرت عيسىٰ ع هن آيت جا مصداق نہ ٿا ٿي سگهن، جيئن عيسائين کي گمان آهي.

(ث) هن جو انجام ساڻس آهي

يعني هو جيڪا جدوجهد ڪندو ان جو ڦل هن کي ملندو. هي بہ حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي متعلق ئي صحيح لڳي ٿو. حضرت عيسىٰ ع جيتوڻيڪ لاتعداد معجزا ڏيکاريا، پر جڏهن يهودين جي سازش ڪري وقت جي حڪومت کي هن جي خلاف ڀيهاريو تہ حضرت عيسىٰ ع پنهنجي پوري ڪوشش جي باوجود پاڻ کي هنن جي هٿ چراند کان بچائي نہ سگهيا.

(ج) هن جو عيوضو سندس اڳيان آهي

هي بہ ساڳي معني ڏئي ٿو تہ حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جنهن ڪم لاءِ محنت ڪري ٿو انهيءَ جو ڦل ڪيس ملي ٿو. يا ٻي معني ۾ هن جي رسالت ۽ نبوت جي تبلغ ڪي بچائيندڙ (هن جو عيوضو) امام حسين ع سندس سامهون موجود آهي.

(ح) هو پنهنجو ڏڻ ڏنار وانگر چاريندو

هنن آيتن مان مراد آهي تہ هو پنهنجن پوئلڳن جي پوري پوري حفاظت ڪندو. حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم پنهنجي پوري حياتي پنهنجن پوئلڳن جي هر ضرورت جو خيال رکندا آيا. ڪڏهن ڪنهن ڪي تڪليف ۾ نہ ڇڏيائون. ايتري تائين جو حضرت بيبي خديجہ ع جو سمورو مال متاع انهن مٿان لائي ڇڏيائون ۽ آخرت ۾ بہ هو پنهنجي امت جي گنهگار بندن جي شفاعت ڪندا. انشاءَ الله.

جڏهن تہ حضرت عيسىٰ ع آخرت ۾ تہ بيشڪ ماڻهن جي شفاعت ڪندا. پر پنهنجي ظاهري زندگيءَ ۾ هو ڪنهن جي حفاظت نہ ڪري سگهيا. سندس زندگيءَ جي ڏکئي مرحلي ۾ سڀ حواري ڪيس اڪيلو ڇڏي ڀڄي ويا ۽ پاڻ ع پنهنجي حفاظت بہ نہ ڪري سگهيا.

(27) ڪوڙساريون خصوصيتون

”ڏسو منهنجو ٻانهو، جنهن کي آءٌ سنڀاليو اچان: منهنجو چونڊيل، جنهن مان منهنجي دل راضي آهي: مون پنهنجو روح انهيءَ تي نازل ڪيو آهي: هو قومن ۾ عدالت جاري ڪندو. هو رڙ نہ ڪندو، نڪي هل ڪندو، نڪي هن جو آواز گهٽيءَ ۾ ٻڌڻ ۾ ايندو. ڦٽل ڪانو بہ هو ڪين ڀڃندو ۽ دکيل سٽيءَ کي بہ هو ڪين وسائيندو: هو سچائيءَ سان عدالت جاري ڪندو. جيسين ڪہ هو زمين تي عدالت قائم نہ ڪندو، تيسين هو نڪي ٿڪبو، نڪي ٻي همت ٿيندو: ۽ ٻيٽ هنجي شريعت جو انتظار ڪندا.

خداوند خدا جنهن آسمان پيدا ڪيا ۽ انهن کي پکيڙيو آهي: جنهن زمين ۽ جيڪي منجهس نڪري ٿو سڀ پري پکيڙي ڇڏيو آهي: ۽ جيڪو انسان کي ساهہ ۽ جيڪي ڌرتيءَ تي هلن چلن ٿا، تن کي روح ٿو ڏئي، سو فرمائي ٿو تہ، مون خداوند توکي سچائيءَ سان سڏيو آهي، آءٌ تنهنجو هٿ جهليندس ۽ تنهنجي سنڀال ڪندس ۽ توکي امت جي لاءِ عهد ۽ قومن لاءِ سوجهرو ڪري ڏيندس: تہ تون انڌن جون اکيون کولين، قيدين کي قيد مان ڪڍين ۽ جيڪي اونداهيءَ ۾ ويٺا آهن، تنکي قيدخاني مان ڪڍين.

آءٌ خداوند آهيان: اهو منهنجو نالو آهي: آءٌ پنهنجو جلال ڪنهن ٻئي کي ڪين ڏيندس، نڪي پنهنجي تعريف اڪريل مورتن کي ڏيندس. ڏسو، اڳوٽيون ڳالهيون اڳي پوريون ٿيون آهن ۽ آءٌ نيون ڳالهيون ظاهر ٿو ڪريان: اهي پوريون ٿين تنهن کان اڳ ۾ آءٌ اوهان کي انهن جي خبر ٿو ڏيان. اوهين جي سمنڊ ڏانهن لهي ٿا وڃو ۽ جيڪي منجهس آهيو.

اي ٻيٽ ۽ انهي جا رهاڪو، خداوند جي لاءِ نئون گيت ڳايو ۽ زمين جي هڪڙي ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين سندس تعريف ڳايو. ڀلي تہ بيابان ۽ ان جا شهر ۽ قيدار جا آباد ڪيل ڳوٺ پنهنجو آواز مٿي ڪن: ڀلي تہ سلع جا رهاڪو ڳائين ۽ جبلن جي چوٽيءَ تان وڏي سڏ پڪارين. ڀلي تہ اهي خداوند جو جلال ظاهر ڪن ۽ ٻيٽن ۾ هن جي تعريف پڙهي ڪن.

خداوند بهادر مرد وانگر نڪرندو، هو جنگي مرد وانگي غيرت پيدا ڪندو: هو رڙ ڪندو، هائو، هو وڏا سڏ ڪندو: هو پنهنجي دشمن تي غالب ٿيندو.

آءٌ گهڻو وقت ماٺ ڪري ويٺو آهيان: مون صبر ڪري پاڻ کي پٺي روڪيو آهي: هاڻي آءٌ سورائتيءَ زال وانگي رڙيون ڪندس: آءٌ سهڪندس ۽ ايا ساهہ کڻندس.

آءٌ جبلن ۽ ٽڪرين کي ويران ڪندس ۽ انهن جو سڀ گاهہ ٻوٽو

سڪائي ڇڏيندس: آءٌ ندين کي ٻيٽ ڪندس ۽ ڍنڍن کي سڪائي ڇڏيندس.

آءٌ انڌن کي انهيءَ رستي کان آڻيندس، جنهن جي انهن کي خبر ڪانهي: آءٌ کين انهن واٽن تان هلائيندس جنجي انهنکي سڌ ڪانهي: آءٌ انهن جي اڳيان اونده کي سوجهرو ڪندس ۽ ڏنگين جاين کي سنئون ڪندس، آءٌ اهي ڪم ڪندس ۽ آءٌ انهن کي ڇڏي نہ ڏيندس.

اهي جي اڪريل مورتن تي ڀروسو ٿا رکن ۽ جي پلٽيل مورتن کي چون ٿا تہ اوهين خدا آهيو، سي پٺ تي ڦيريا ويندا ۽ اهي ڏاڍا شرمنده ٿيندا."[1]

تشريح

هنن سترهن آيتن ۾ حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جون لڳاتار ڪيتريون ئي وصفون ۽ نشانيون بيان ڪيون ويون آهن.

عيسائي حضرات پنهنجي عادت مطابق هنن آيتن کي حضرت عيسيٰ عہ تي فٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. پر هنن جي راءِ سان صرف عيسائي ئي متفق ٿي سگهن ٿا. اسان پنهنجي روش مطابق هڪ هڪ ڪري هر آيت جي تشريح ڪنداسين. اميد تہ علم ۽ ڄاڻ وارا اسان جي موقف جي درستگيءَ جو اعتراف ڪندا. انشاءَ الله.

(الف) ڏسو منهنجو بندو، جنهن کي آءٌ سنڀاليو اچان: منهنجو چونڊيل، جنهن مان منهنجي دل راضي آهي: مون پنهنجو روح انهيءَ تي نازل ڪيو آهي: هو قومن ۾ عدالت جاري ڪندو.

(i) ڏسو منهنجو بندو

بظاهر هي آيتون حضرت يعقوب عہ لاءِ استعمال ٿيل نظر اچي رهيون آهن. چو تہ هن کان اڳ ۽ پٺ وارن بابن ۾ حضرت يعقوب عہ کي مخاطب ڪيو ويو آهي يا ان جو حوالو ڏنو ويو آهي. هن کان اڳ واري باب ۾ لکيل آهي تہ:

"پر اي منهنجا بندا اسرائيل، اي منهنجا چونڊيل يعقوب تون منهنجي دوست ابرهام جي نسل مان آهين. مون توکي زمين جي سرحدن مان هٿ ڪيو آهي ۽ انهيءَ جي ڪنڊن مان سڏيو اٿم، مون تو کي چيو آهي تہ تون منهنجو بندو آهين، مون توکي چونڊيو آهي ۽ توکي رد ڪونہ ڪيو اٿم."[2]

اچو تہ ڏسون تہ عيسائي حضرات لفظ "بندو" جو مصداق ڪنهن کي سمجهن ٿا؟

وليم ميڪڊونلڊ يسعياه جي باب 42 آيت 1 - 4 جي تفسير ڪندي

---

1. يسعياه 42 : 1 - 17
2. يسعياه 41 : 8 - 9

لکي ٿو تہ:

”يسعياه خادم (يعني بندو) جو نالو مسيح موعود لاءِ، پوري اسرائيلي قوم لاءِ، ديندار بقيہ (43 : 10) لاءِ ۽ خورس لاءِ استعمال کيو آهي. سياق ۽ سباق کان اکثر واضع ٿي ويندو آهي تہ هن کان ڇا مراد آهي؟ آيتن 1 ـ 4 ۾ هي نالو واضع طور تي خداوند يسوع لاءِ استعمال ٿيو آهي. جنهن کي خدا سنڀاليو، برگزيده کيو ۽ جنهن تي پنهنجو روح وڌو. هو قومن ۾ عدالت جاري ڪندو...“ وغيره وغيره [1]

يعني لفظ ”بندو“ مختلف جڳهن تي مختلف ماڻهن ۽ مختلف گروهن لاءِ استعمال ٿيل آهي ۽ عيسائين مطابق هتي اهو لفظ حضرت عيسىٰ ؑجي لاءِ استعمال ٿيل آهي. انگريزيءَ واري بائيبل ۾ لفظ ”بندا“ لاءِ ”سرونٽ“ (Servent) استعمال ٿيل آهي. اهو لفظ ڪٿي بہ حضرت عيسىٰ ؑ لاءِ استعمال ٿيل نہ آهي. عيسائي حضرات جڏهن هنن آيتن جو مصداق حضرت عيسىٰ ؑ قرار ڏيندا آهن تہ هنن کي هي لفظ پريشان ڪندو آهي، ڇو تہ هو حضرت عيسىٰ ؑ کي خدا جو پٽ ڪري مڃيندا آهن. تہ خدا جو پٽ ”خدا جو بندو“ ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟ پر پوءِ بہ هو پنهنجي هٺ ڌرمي ڏيکاريندا آهن ۽ چوندا آهن تہ:

”جيتوڻيڪ هو خدا جو پٽ آهي پر تنهن هوندي بہ هو خدا جو بندو (Servent) آهي.“

عيسائي حضرات ڇا بہ ڪن پر هن لفظ کي حضرت عيسي ؑ لاءِ ثابت نہ ٿا ڪري سگهن. اسان مسلمانن مطابق هر انسان الله جو بندو آهي پر جڏهن اهو صفت طور اچي تہ ان مان مراد صرف حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم ئي هوندا آهن. اسان انهيءَ کي ثابت بہ ڪري سگهون ٿا.

محترم شبلي نعماني يسعياه نبيءَ جي هنن آيتن جي تشريح ڪندي فرمائي ٿو تہ: ”سڀ کان پهريون هي تہ هن پيغمبر کي ”بندو“ ۽ ”رسول“ جي وصف سان ياد ڪيو ويو آهي. هي اها وصف آهي جيڪا حضور صلي الله عليہ وسلم جي ذات گرامي سان مخصوص آهي. حضور صلي الله عليہ وسلم کان سواءِ ڪو بہ پيغمبر هن وصف سان شهرت نہ ٿو رکي. هي اسلام جو ئي پيغمبر آهي، جنهن جو فخر صرف ”عبديت“ ۽ ”رسالت“ آهي. هن دنيا ۾ پنهنجي نالي جو اعلان ئي انهن لفظن سان ڪيو آهي:

”عَبۡدُهٗ وَرَسُوۡلُهٗ“

ڪنهن مسلمان جي ڪا بہ نماز انهيءَ وقت تائين ختم نہ ٿي ٿئي

---

1. ميڪڊونلڊ، وليم، ”تفسيرالڪتاب (يسعياه–داني ايل)“ اردو، مترجم : ڊي–چند، سموئيل، بشپ، مسيح اشاعت خانہ 36–فيروزپور روڊ، لاهور 1989 ع، ص 73

جيستائين هو پنهنجي زبان سان تشهد ۾ هي ادا ڪري نہ ٿو وٺي:

”وَأَشْهَدُ أَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهُ وَرَسُولُهُ“

”۽ مان گواهي ڏيان ٿو تہ محمد هن (الله) جو بندو ۽ هن جو رسول آهي.“

هن موقعي تي هڪ خاص نڪتو بيان جي لائق آهي تہ ٻيا نبي جهڙيءَ طرح ”خليل الله“، ”ڪليم الله“، ”روح الله“ وغيره جي خطابن سان مشرف آهن، حضور صلي الله عليہ وسلم جو سڀ کان وڏو خطاب ”عبدالله“ (الله جو بندو) آهي. معراج ۾ جيڪو الله جي قربت جي آخري منزل ۽ انساني رتبي جي آخري شرفيابي هئي، حضور صلي الله عليہ وسلم انهيءَ لقب سان پڪاريا ويا:

سُبْحٰنَ الَّذِيْٓ اَسْرٰى بِعَبْدِهٖ...[1]

ترجمو: ”پاڪ آهي اهو (الله) جيڪو وٺي ويو هڪ رات پنهنجي ”بندي“ کي...“

وَاِنْ كُنْتُمْ فِيْ رَيْبٍ مِّمَّا نَزَّلْنَا عَلٰى عَبْدِنَا...[2]

ترجمو: ”۽ جيڪڏهن توهان کي انهيءَ ڳالهہ ۾ شڪ آهي (تہ اهو ڪتاب) جيڪو اسان پنهنجي بندي تي لاٿو آهي...“

تَبٰرَكَ الَّذِيْ نَزَّلَ الْفُرْقَانَ عَلٰى عَبْدِهٖ...[3]

ترجمو: ”نهايت برڪت وارو آهي اهو جنهن هيءُ فرقان (حق ۽ ناحق کي کولي پڌرو ڪندڙ) پنهنجي بندي تي نازل ڪيو آهي.“

وَّاَنَّهٗ لَمَّا قَامَ عَبْدُ اللّٰهِ يَدْعُوْهُ...[4]

ترجمو: ”۽ اهو تہ جڏهن الله جو بندو ڪيس سڏڻ لاءِ اٿيو...“

حضور صلي الله عليہ وسلم ٻئي گوڏا متي ڪري کاڌو کائيندا هئا. انهيءَ جو سبب هي ارشاد فرمائيندا هئا تہ:

”مان الله جو بندو آهيان. اهڙيءَ طرح کائيندو آهيان، جهڙيءَ طرح غلام کائيندا آهن.“[5]

(ii) جنهن کي آءٌ سنڀاليو اچان

هن جملي مان خبر پوي ٿي تہ اها شخصيت هڪ وڏي اهميت واري آهي، جنهن جي الله تبارڪ وتعالي حفاظت ڪيون پيو اچي ۽ هن مان اها خبر بہ پوي ٿي تہ اها شئي اجان پردي پنيان آهي ۽ آشڪارا نہ آهي. تنهن

---

1. سورة بني اسرائيل : 1
2. سورة البقره : 23
3. سورة الفرقان : 1
4. سورة الجن : 19
5. نعماني، شبلي رحہ علامہ ۽ ندوي، سليمان، سيد، ”سيرت النبي صلي الله عليہ وسلم“، الميزان ناشران وتاجران ڪتب، الڪريم مارڪيٽ، اردو بازار، لاهور، سن اشاعت: 2004ع، جلد سوم، ص 408 _409

ڪري حضرت يعقوب عہ هن جا مصداق نہ ٿا ٿي سگهن ۽ نہ ئي حضرت عيسىٰ عہ هن جا مصداق ٿي سگهن ٿا. هن جي سنپال جو طريقو الله تبارڪ وتعالي خود قرآن مجيد ۾ هن ريت بيان ڪيو آهي:

وَتَقَلُّبَكَ فِي السّٰجِدِيْنَ.[1]

ترجمو: "۽ (هو) سجدي گذارن ۾ اوهان جي پلٽجڻ کي ڏسي ٿو."

مفسرين ڪرام هن آيت جي هڪ تفسير هي ڪئي آهي تہ "الله تبارڪ وتعالي اوهان کي هڪ نبيءَ جي صلب کان ٻئي نبيءَ جي صلب ۾ منتقل ٿيندي ڏسي ٿو."

تفسير نمونہ ۾ آهي تہ:

"تفسير مجمع البيان" ۾ آهي تہ حضرت امام باقر عہ ۽ امام جعفر صادق عہ هن جملي جي وضاحت هنن لفظن ۾ فرمايائون تہ:

"في اصلاب النبيين نبي بعد نبي، حتي اخرجہ من صلب ابيہ عن نكاح غير سفاح من لدن آدم."

ترجمو: "نبين جي صلب ۾ رکيو، هڪ پيغمبر کان ٻئي پيغمبر جي صلب ۾، ايتري تائين جو خداوند عالم پاڻ سڳورن صہ کي پاڻ سڳورن صہ جي پيءَ جي صلب کان ٻاهر ڪڍيو. پاڪيزه نڪاح سان ۽ هر طرح جي ناپاڪي ۽ گندگي کان پري رکيو، آدم کان وٺي."

(هن سلسلي ۾ اسان وٽ گهڻيون ئي روايتون آهن. تفصيل لاءِ ڏسو "سيرت النبي صہ، جلد 2، باب حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي آباء واجداد جو ايمان".)

هي آهي سنپالڻ جي معني ۽ مفهوم ۽ پاڻ سڳورن صہ جي باري ۾ ئي هر نبي کان عهد ۽ اقرار ورتو ويو تہ جڏهن هو اچي تہ اوهان ۽ اوهان جي ملت تي فرض آهي تہ هن جو ساٿ ڏين.

محترم سيد سليمان ندوي صاحب هن مان مراد "رسالت" ورتو آهي ۽ ڪيٿولڪ بائيبل (اردو) ۾ بہ هنن آيتن کي عنوان ڏيندي لکيو ويو آهي تہ:

"خدا ڪي بندي ڪي رسالت"

محترم سيد سليمان ندوي هن جي شرح ۾ لکن ٿا تہ:

"ٻيو وصف رسول آهي: جيتوڻيڪ دنيا ۾ هزارين پيغمبر آيا آهن، پر لفظ "رسول" سان انهن جي نالن کي شهرت نہ آهي. هي صرف حضور صلي الله عليہ وسلم جو وصف آهي، جيڪي سيني مسلمانن جي زبانن تي رسول الله صلي الله عليہ وسلم جي نالي سان ملقب آهن. ايتري تائين جو عيسائين ۾ بہ "دي پرافٽ" (يعني مخصوص پيغمبر) پاڻ سڳورن صہ جو نالو آهي.

---

1. سورة الشعراء : 219

قرآن صراحت سان فرمايو آهي:

مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ ؕ [1]

ترجمو: ”محمد الله جو رسول آهي.“

يَسْتَغْفِرْ لَكُمْ رَسُوْلُ اللّٰهِ [2]

ترجمو: ”الله جو رسول توهان لاءِ بخشش جي دعا گهري.“

لَقَدْ جَآءَكُمْ رَسُوْلٌ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ [3]

ترجمو: ”ڏسو، توهان وٽ هڪڙو رسول آيو آهي، جيڪو خود توهان منجهان ئي آهي.“

وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ فِيْكُمْ رَسُوْلَ اللّٰهِ ؕ [4]

ترجمو: ”۽ ڄاڻو ته توهان ۾ الله جو رسول موجود آهي.“

لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِيْ رَسُوْلِ اللّٰهِ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ [5]

ترجمو: ”حقيقت ۾ توهان لاءِ الله جي رسول ۾ هڪ نهايت سهڻو نمونو آهي.“

يٰٓاَيُّهَا الرَّسُوْلُ بَلِّغْ مَآ اُنْزِلَ اِلَيْكَ مِنْ رَّبِّكَ ؕ [6]

ترجمو: ”اي رسول! جيڪو توتي تنهنجي رب پاران نازل ٿيو آهي اهو ماڻهن تائين پهچاءِ.“

هنن جڳهن کان علاوه ٻين ويهين جاين تي حضور صلي الله عليہ وسلم لاءِ هي لفظ استعمال ٿيو آهي. ايتري تائين جو حضرت عيسىٰ عہ جيڪا بشارت ڏني آهي، اها بہ انهيءَ ”رسول“ جي لفظ سان ڏني آهي:

وَمُبَشِّرًۢا بِرَسُوْلٍ يَّاْتِيْ مِنْۢ بَعْدِي اسْمُهٗٓ اَحْمَدُ ؕ [7]

ترجمو: ”۽ خوشخبري ڏيندڙ آهيان هڪ رسول جي، جيڪو مون کان بعد ايندو، جنهن جو نالو هوندو احمد.“[8]

(iii) ”منهنجو چونديل“ (المصطفي)

هونئن تہ هر نبي الله جو چونديل ئي هوندو آهي. اهو ڪهڙو نبي آهي جيڪو بنا الله تبارڪ وتعالي جي چوندڄ جي پنهنجو پاڻ نبي ٿي ويو هجي؟

---

1. سورة الفتح : 29
2. سورة المنافقون : 5
3. سورة التوبہ : 128
4. سورة الحجرات : 7
5. سورة الاحزاب : 21
6. سورة المائده : 67
7. سورة الصف : 6
8. نعماني، شبلي رحہ علامہ ۽ ندوي، سليمان، سيد، ”سيرت النبي صلي الله عليہ وسلم“، الميزان ناشران وتاجران ڪتب، الڪريم مارڪيٽ، اردو بازار، لاهور، سن اشاعت: 2004ع، جلد سوم، ص 409

هي لفظ حضرت يعقوب عہ لاءِ بہ استعمال ٿيل آهي.[1] پر هي لفظ حضرت يعقوب عہ لاءِ شهرت حاصل نہ ڪري سگهيو. ٻئي طرف حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جو تہ خاص نالن مان هڪ نالو "المصطفي" آهي. حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي سيرت نگارن مان گهڻا ئي پنهنجي ڪتاب جو نالو "سيرت المصطفي ﷺ" نالي سان رکندا آهن ۽ هن نالي مان هر مسلم ۽ غير مسلم بنا ڪنهن غور وفڪر جي سمجهي ويندو آهي تہ هي ڪتاب حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي احوال بابت آهي. ڪڏهن بہ ڪنهن يهودي يا عيسائي يا ڪنهن ٻئي ڪي لفظ "المصطفي" ڏسي خيال نہ ايندو تہ هي ڪتاب ڪو حضرت يعقوب عہ يا حضرت عيسىٰ عہ بابت ٿي سگهي ٿو. تہ پوءِ هو هتي ان مان مراد حضرت عيسىٰعہ ڪيئن وٺي سگهن ٿا؟ ٻيو تہ جيڪڏهن هن مان مراد حضرت عيسىٰ عہ کي ورتو وڃي تہ ان مان ثابت ٿيندو تہ حضرت عيسىٰ عہ خدا نہ آهي بلڪ خدا جو چونڊيل آهي. يعني خدا کان الڳ ڪا شئي آهي، ڪا جنس آهي ۽ هن جنس سان تعلق رکندڙ هن جهڙا ٻيا بہ ڪي آهن جن مان ڪيس الله تبارڪ وتعالي چونڊيو آهي. تہ اهو عيسائين جي عقيدي جي بہ خلاف ڳالهہ ٿي پوندي، جنهن مطابق هو حضرت عيسىٰ عہ کي خدا ۽ ان جو حصو سمجهن ٿا.

بحر حال حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم جو لقب "المصطفي" (خاص چونڊيل) عالم آشڪار آهي. جامع ترمذي ۾ آهي تہ:

3605ـ حَدَّثَنَا خَلَّادُ بْنُ أَسْلَمَ قَالَ: حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ مُصْعَبٍ قَالَ: حَدَّثَنَا الأَوْزَاعِيُّ، عَنْ أَبِي عَمَّارٍ، عَنْ وَاثِلَةَ بْنِ الأَسْقَعِ، قَالَ: قَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: «إِنَّ اللهَ اصْطَفَى مِنْ وَلَدِ إِبْرَاهِيمَ، إِسْمَاعِيلَ، وَاصْطَفَى مِنْ وَلَدِ إِسْمَاعِيلَ بَنِي كِنَانَةَ، وَاصْطَفَى مِنْ بَنِي كِنَانَةَ قُرَيْشًا، وَاصْطَفَى مِنْ قُرَيْشٍ بَنِي هَاشِمٍ، وَاصْطَفَانِي مِنْ بَنِي هَاشِمٍ» : «هَذَا حَدِيثٌ حَسَنٌ صَحِيحٌ»

ترجمو: "اسان سان خلاد بن اسلم بيان ڪيو، چيائين: اسان سان محمد بن مصعب بيان ڪيو، چيائين: اسان سان اوزاعي بيان ڪيو، ابي عمار چيو تہ واثلہ بن اسقع ٻڌايو تہ رسول الله صلي الله عليہ وسلم فرمايو تہ: "بيشڪ الله ابراهيم عہ جي اولاد کان اسمائيل عہ کي چونڊيو ۽ اسمائيل عہ جي اولاد کان بني ڪنانہ کي چونڊيو ۽ بني ڪنانہ کان قريش کي چونڊيو ۽ قريش مان بني هاشم کي چونڊيو ۽ بني هاشم کان مون کي چونڊيائين." هي حديث حسن آهي صحيح آهي.[2]

---

1. يسعياه 41 : 8 ـ 9

2. (i) ترمذي، محمد بن عيسي، ابو عيسي، امام "جامع ترمذي" (اردو)، مترجم علامہ وحيدالزمان، اسلامي ڪتب خانہ فضل الاهي مارڪيٽ، چوڪ اردو بازار، لاهور، ابواب المناقب عن رسول اللّٰہ، باب ماجاءَ في فضل النبي، جلد دوم، ص 575 .
(ii) مڪتبة شاملة ، "جامع ترمذي"، جلد 5، ص 583 ، حديث نمبر 3605

هونئن تہ هر نبي الله جو چونڊيل هوندو آهي. پر هن آيت ۾ لفظ چونڊيل ايندڙ نبي جي صفت طور تي استعمال ٿيل آهي ۽ اهڙيءَ طرح استعمال ٿيل آهي جڻ ٻڌڻ وارو سمجهي رهيو هجي تہ هي ڪنهن جو ذڪر آهي. ايئن لڳي رهيو آهي تہ هن جو ذڪر اڳ بہ ٿيندو رهندو هجي ۽ ماڻهن کي ٻڌايل هجي تہ هڪڙو خاص چونڊيل ماڻهو اچڻو آهي. هي اهو آهي جنهن جو عهد هر نبي کان ورتو ويل هو تہ اهو چونڊيل نبي جڏهن اچي تہ هن جي مدد ڪرڻ توهان ۽ توهان جي پيروڪارن تي فرض آهي. چو تہ ٻيا نبي صرف پنهنجي پنهنجي علائقي، پنهنجي پنهنجي قوم ۽ قبيلي لاءِ هئا. پر هي نبي رحمت اللعالمين هوندو. هن جي رحمت سڀني قومن ۽ قبيلن لاءِ هوندي. هي سڀني قومن ۽ قبيلن لاءِ نبي هوندو. چو تہ هي نبي سڀني نبين مان نبين جي سرتاج ۽ سردار طور چونڊيل آهي.

(iv) جنهن مان منهنجي دل راضي آهي

هي آهي تہ عام ڳالهہ. يعني هر نبيءَ کان الله راضي هوندو آهي. پر هتي هر صفت ”خصوصي صفت“ طور بيان ٿيل آهي. يعني هن کان خاص طور تي راضي ٿيل آهي. يا وري هتي اها خصوصيت آهي تہ هو الله کي اڳ ۾ ئي راضي ڪري چڪو آهي. هي اشارو آهي تہ هن نبيءَ اڳ ۾ ئي اهڙو ڪو ڪم ڪيو آهي جنهن جي ڪري الله مٿس خصوصي طور تي راضي آهي. اسان کي خبر آهي تہ حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جڏهن نور جي شڪل ۾ پيدا ٿيا تہ پاڻ تسبيح ڪندا هئا. ان وقت کان وٺي الله مٿن راضي آهي.

سيد سليمان ندوي لکن ٿا تہ:

”چوٿين صفت هي بيان ٿيل آهي تہ ”جنهن مان منهنجي دل راضي آهي“. هي وصف صرف حضور صلي الله عليہ وسلم لاءِ بلڪ پاڻ سڳورن صہ جي وسيلي سان سڀني محمدي پيروڪارن ۾ عام آهي.

مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ ؕ وَ الَّذِيْنَ مَعَهٗۤ اَشِدَّآءُ عَلَى الْكُفَّارِ رُحَمَآءُ بَيْنَهُمْ تَرٰىهُمْ رُكَّعًا سُجَّدًا يَّبْتَغُوْنَ فَضْلًا مِّنَ اللّٰهِ وَ رِضْوَانًا ٞ سِيْمَاهُمْ فِيْ وُجُوْهِهِمْ مِّنْ اَثَرِ السُّجُوْدِ ؕ ذٰلِكَ مَثَلُهُمْ فِي التَّوْرٰىةِ ۛۚ وَ مَثَلُهُمْ فِي الْاِنْجِيْلِ[1]

ترجمو: ”محمد الله جو رسول آهي ۽ جيڪي ماڻهو ان جا ساٿي آهن، سي ڪافرن تي سخت ۽ هڪٻئي تي مهربان آهن. تون جڏهن مٿن نظر وجهندين تہ ڪين رڪوع سجدا ڪندي ۽ الله جو فضل ۽ راضپو ڳوليندي ئي ڏسندين. سجدن جا نشان سندن پيشانين تي موجود آهن، جن سان هو الڳ سڃاتا وڃن ٿا. اهو انهن جو احوال توريت ۾ آهي ۽ اهو ئي انجيل ۾.“

---

1. سورة الفتح : 29

رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُمۡ وَرَضُوۡا عَنۡهُ ؕ [1]

ترجمو: "الله هنن کان راضي ٿيو ۽ هو الله کان راضي ٿيا."

لَقَدۡ رَضِيَ اللّٰهُ عَنِ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ [2]

ترجمو: "بيشڪ الله مومنين کان راضي ٿيو."

سيني نبين جي امتن مان هي مخصوص وصف محمدي امت جو ئي آهي. هن جا پوئلڳ "رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ" جي دعا سان هميشه مخاطب ٿيندا آهن."[3]

(v) مون پنهنجو روح انهيءَ تي نازل ڪيو

هتي"پنهنجو روح" مان مراد "روح القدس" يعني حضرت جبرائيل ع آهي. جيڪو الله تبارڪ وتعالي طرفان قرآن جون آيتون ۽ ٻيا احڪامات کڻي حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم وٽ ايندا هئا.

قرآن شريف ۾ انهيءَ ڳالهه جو ذڪر هن ريت ٿيل آهي:

وَكَذٰلِكَ اَوۡحَيۡنَاۤ اِلَيۡكَ رُوۡحًا مِّنۡ اَمۡرِنَا ؕ [4]

ترجمو: "۽ اهڙيءَ طرح اسان پنهنجي حڪم سان هڪڙو روح تو ڏانهن وحي ڪيو آهي."

نَزَلَ بِهِ الرُّوۡحُ الۡاَمِيۡنُ. [5]

ترجمو: "جنهن کي ساڻ کڻي امانت وارو روح (جبرائيل) اچي لٿو آهي."

قُلۡ نَزَّلَهٗ رُوۡحُ الۡقُدُسِ مِنۡ رَّبِّكَ بِالۡحَقِّ [6]

ترجمو: "چوين ته ان کي ته پاڪ روح منهنجي رب وٽان حق سان نازل ڪيو آهي."

(vi) يهودين جي پاڪ روح سان دشمني

اڄڪلهه جا عيسائي حضرات "روح القدس" يعني حضرت جبرائيل ع کي ٽن مان هڪ اقنوم جي حيثيت ڏيندا آهن. يعني ڪين ٽرنٽي (Trinity) جو هڪ حصو سمجهندا آهن. ٻئي طرف اسان ڏسون ٿا ته حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليه وعلي آله واصحابه وسلم جي دور ۾ يهودي حضرت جبرائيل ع سان کلم کلا دشمني جو اظهار ڪندا رهيا. ايتري تائين جو الله تبارڪ وتعالي کي قرآن شريف ۾ انهيءَ جو جواب

---

1. سورة المائده : 119، سورة التوبه : 100، سورة المجادله : 22، سورة البينه : 8

2. سورة الفتح : 18

3. نعماني، شبلي رحه، علامه ۽ ندوي، سليمان، سيد، "سيرت النبي صلي الله عليه وسلم"، الميزان ناشران وتاجران ڪتب، اردو بازار، لاهور، سن اشاعت: 2004ع، جلد سوم، ص 410

4. سورة الشوري : 52

5. سورة الشعراء : 193

6. سورة النحل : 102

ڏيڻو پئجي ويو. سورت البقره ۾ الله تبارڪ وتعالي فرمائي ٿو ته:

قُلْ مَنْ كَانَ عَدُوًّا لِّجِبْرِيْلَ فَاِنَّهٗ نَزَّلَهٗ عَلٰى قَلْبِكَ بِاِذْنِ اللّٰهِ مُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ وَهُدًى وَّ بُشْرٰى لِلْمُؤْمِنِيْنَ. مَنْ كَانَ عَدُوًّا لِّلّٰهِ وَمَلٰٓئِكَتِهٖ وَرُسُلِهٖ وَجِبْرِيْلَ وَمِيْكٰلَ فَاِنَّ اللّٰهَ عَدُوٌّ لِّلْكٰفِرِيْنَ. [1]

ترجمو: ”انهن کي چئو ته جيڪو به جبرائيل جو دشمن ٿيندو ان کي ڄاڻڻ گهرجي ته جبرائيل ته الله جي ئي حڪم سان اهو قرآن تنهنجي دل تي نازل ڪيو آهي. جيڪو اڳ آيل ڪتابن جي تصديق ۽ تائيد ٿو ڪري ۽ ايمان آڻيندڙن لاءِ هدايت ۽ ڪاميابيءَ جي خوشخبري ٿي آيو آهي. (جيڪڏهن جبرائيل سان دشمنيءَ جو سبب اهو آهي ته ٻڌائي ڇڏين ته) جيڪي به الله ۽ سندس ملائڪن ۽ رسولن ۽ جبرائيل ۽ ميڪائيل جا دشمن آهن ته الله انهن ڪافرن جو دشمن آهي.“

(vii) يهودي عالمن جا حضرت محمد ﷺ کان سوال

تفسير الميزان ۾ لکيل آهي ته:

”تفسير مجمع البيان ۾ هنن ٻنهي آيتن: ”قُلْ مَنْ كَانَ عَدُوًّا لِّجِبْرِيْلَ...“، ”مَنْ كَانَ عَدُوًّا لِّلّٰهِ...“ جي تفسير ۾ ذڪر ٿيل آهي ته: حضرت ابن عباس رضه فرمايو:

”هنن آيتن جي نازل ٿيڻ جو سبب هي ٿيو جو جڏهن حضرت پيغمبر اسلام محمد مصطفي صلي الله عليه وآله وسلم مڪي کان هجرت ڪري مدينه منوره تشريف کڻي آيا ته يهودين جو هڪ عالم جنهن جو نالو ”عبدالله بن صوريا“ هو، اهو فدڪ جي ڪجهه يهودين سان گڏجي حضور ﷺ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو انهن ماڻهن حضور ﷺ کان پڇيو:

(يامحمد كيف نومك؟ فقد أخبرنا عن نوم النبي الذي يأتي في آخر الزمان.)

”اي محمد! اوهان پنهنجي ننڊ جي ڪيفيت کان آگاهه ڪريو! ڇو ته اسان کي آخرالزمان ۾ اچڻ واري نبي جي ننڊ جي باري ۾ ڪجهه ڳالهيون ٻڌايون ويون آهن.“

حضور ﷺ جواب ڏنو: (تنام عيناي وقلبي يقظان.)

”منهنجي ننڊ جي ڪيفيت هي آهي ته منهنجون اکيون سمهي پونديون آهن... انهن تي ننڊ طاري ٿي ويندي آهي... جڏهن ته منهنجي دل جاڳيل رهندي آهي.“

هنن چيو: (صدقت يا محمد فأخبرنا عن الولد يكون من الرجل أو المرأة؟)

”اي محمد! اوهان بلڪل سچ فرمايو آهي. هي ٻڌايو ته ٻار مرد کان آهي يا عورت کان؟“

حضور ﷺ جواب ڏنو: (أما العظام والعصب والعروق فمن الرجل وأما اللحم والدم والظفر والشعر فمن المرأة.)

---

1. سورة البقره : 97 ـ 98

”هڏيون، مشڪون ۽ رڳون مرد (پيءُ) ڪان ۽ گوشت، خون، نهن ۽ وار عورت (ماءُ) ڪان هوندا آهن.“

انهن چيو: (صدقت يا محمد، فما بال الولد يشبه أعمامه وليس له من شبه أخواله شيء أو يشبه أخواله وليس فيه من شبه أعمامه شيء)

”هي به اوهان درست ٻڌايو آهي اي محمد! هاڻي هي ٻڌايو ته انهيءَ جو ڪهڙو سبب آهي جو ٻار ۾ يا ته پنهن جن چاچن جي شباهت ملندي آهي ۽ مامن جي شباهت نه ملندي آهي. يا مامن جي شباهت ملندي آهي ۽ چاچن جي شباهت نه ملندي آهي؟“

حضورﷺ ارشاد فرمايو: (أيهما علا ماءه كان الشبه له)

”ٻنهي (مرد ۽ عورت) مان جنهن جو پاڻي (نطفو) بلندي تي بيهندو (وڌيڪ طاقتور هوندو) ٻار ۾ انهيءَ جي شباهت ملندي.“

هنن چيو: (صدقت يا محمد، فأخبرنا عن ربك ما هو)

”هي به اوهان صحيح ٻڌايو اي محمد! هاڻي اوهان پنهنجي پروردگار جي باري ۾ ٻڌايو. هو ڇا آهي؟“

حضورﷺ الله جي باري ۾ ٻڌائڻ چاهيو ته سورت اخلاص نازل ٿي:

قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ ۚ . اَللّٰهُ الصَّمَدُ ۚ . لَمْ يَلِدْ ۙ وَلَمْ يُوْلَدْ ۙ . وَلَمْ يَكُنْ لَّهٗ كُفُوًا اَحَدٌ .[1]

”چئو ته الله هڪ آهي. الله بي نياز آهي. هن ڪنهن کي نه ڄڻيو آهي ۽ نه ڪنهن هن کي ڄڻيو آهي ۽ نه ئي ڪو هن جو همسر آهي.“

هن کان پوءِ يهودي عالم ابن صوريا چيو:

(خصلة واحدة إن قلتها آمنت بك واتبعتك. أي ملك يأتيك بما ينزل الله عليك)

”هاڻي هڪ ڳالهه رهجي وئي آهي. جيڪڏهن توهان ان جو صحيح جواب ڏئي ڇڏيو ته اسان توهان تي ايمان آڻينداسين ۽ اوهان جي پيروي ڪنداسين. اهو هي ته: توهان تي الله جي طرف کان ڪهڙو فرشتو وحي کڻي ايندو آهي؟“

حضورﷺ ارشاد فرمايو: ”جبرائيل.“

هي ٻڌي ڪري ابن صوريا چيو:

(ذاك عدونا ينزل بالقتال والشدة والحرب وميكائيل ينزل باليسر والرخاء فلو كان ميكائيل هو الذي يأتيك لآمنا بك)

”اهو ئي اسان جو دشمن آهي. هو جنگ جو حڪم ۽ نهايت سخت قسم جا احڪام کڻي ايندو آهي. جڏهن ته ميڪائيل آساني ۽ نرمي جا پيغام آڻيندو آهي. جيڪڏهن ميڪائيل خدا جي وحي اوهان وٽ کڻي ايندو

---

1. سورة الاخلاص : 1 ـ 4

هجي ها تہ اسان توهان تي ضرور ايمان آڻيون ها.“[1]

يعني توهان هر ڳالهہ ۾ پاس آهيو. ٻين لفظن ۾ توهان يقينن الله جا موڪليل سچا نبي آهيو. پر جيئن تہ توهان تي وحي آڻيندڙ جبرائيل عہ آهي ۽ جبرائيل عہ اسان جو دشمن آهي. انهيءَ ڪري، اسان توهان تي ايمان ڪونہ آڻينداسين. الله کي کپي تہ توهان ڏانهن ميڪائيل ذريعي وحي موڪلي تہ پوءِ اوهان تي ايمان آڻينداسين. الله تعالي کي بہ فرمائش ڪري ڇڏيائون. حضرت موسىٰ عہ جي وقت بہ هنن جون اهڙيون فرمائشون هونديون هيون. ٻين قومن جي بتن کي ڏسي حضرت موسي عليہ السلام کي چوڻ لڳا تہ: اسان لاءِ بہ بت هجي جنهن جي پوڄا ڪريون. يا اسان کي ظاهر ظهور خدا ڏيکار نہ تہ توتي ايمان نہ آڻينداسين.[2]

مٿين حديث جي روشني ۾ هن جاءِ تي يهودين جي ٻن غلط ڳالهين تي بحث ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو.

(1) علم اچڻ بعد انهيءَ جو انڪار ڪرڻ
(2) حضرت جبرائيل عہ سان دشمني.

(1) علم اچڻ بعد انهيءَ جو انڪار ڪرڻ

الله تبارڪ وتعالي هنن جي اهڙن ڪرتوتن جو قرآن شريف ۾ ذڪر ڪيو آهي. سوره آل عمران ۾ آهي تہ:

اِنَّ الدِّيْنَ عِنْدَ اللّٰهِ الْاِسْلَامُ ۗ وَمَا اخْتَلَفَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ اِلَّا مِنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَهُمُ الْعِلْمُ بَغْيًا بَيْنَهُمْ ۗ وَمَنْ يَّكْفُرْ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ فَاِنَّ اللّٰهَ سَرِيْعُ الْحِسَابِ.[3]

ترجمو: ”الله وٽ دين فقط اسلام آهي، انهيءَ دين کان هٽي جيڪي مختلف طريقا انهن ماڻهن اختيار ڪيا هئا جن کي ڪتاب ڏنو ويو هو، سو بہ تڏهن جڏهن وٽن علم بہ پهچي ويو هو، سو رڳو هڪٻئي سان ڏاڍائي ڪرڻ خاطر ايئن ڪيو هئائون ۽ جيڪو الله جي حڪمن ۽ هدايتن جي تابعداريءَ کان انڪار ڪندو الله انهيءَ کان حساب وٺڻ ۾ ڪا بہ دير نہ ٿي لڳي.“

يعني الله جي آڏو دين فقط اسلام آهي. هر نبي جيڪو ڪنهن قوم يا قبيلي وٽ آيو هجي، ڪهڙي بہ زبان ۽ رنگت جو هجي انهيءَ دين اسلام جي ئي تعليمات پنهنجي قوم، قبيلي آڏو پيش ڪئي. اهڙي ئي

---

1. طباطبائي، محمد حسين، سيد، آيت الله، ”الميزان في تفسيرالقرآن“ (اردو)، مترجم: غديري، حسن رضا، آيت الله، الغدير اڪيڊمي، پاڪستان، تاريخ اشاعت: سيپٽمبر2006ع،جلد 1، ص 541 - 543
نوٽ: اسان حديث جو ترجمو اردو واري عبارت کان سنڌيءَ ۾ ڪيو آهي. نہ ڪہ عربيءَ واري عبارت کان.
2. سورة البقره : 55
3. سورة آل عمران : 19

طريقي سان جيڪي ڪتاب نازل ٿيا ته انهن ۾ به دين اسلام جي ئي تعليمات هئي. يهودي ۽ نصاري ته اهل ڪتاب هئا. انهن وٽ به علم پهچي ويو هو. پر پوءِ هنن هڪٻئي سان ڏاڍائي ڪرڻ خاطر ئي اختلاف ڪيو. يهودي چوندا هئا عزيرعہ الله جو پٽ آهي. نصاري چوڻ لڳا ته حضرت عيسي عہ الله جو پٽ آهي ۽ انهن ٻنهي حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم جو انڪار ڪيو ۽ چيائون ته نبوت جا بني اسمائيل کان وڌيڪ اسان حقدار آهيون. ڇو ته هو اڻ پڙهيل ۽ جاهل قوم آهي ۽ اسان لکيل پڙهيل اهل ڪتاب آهيون. پر جيئن ته هنن وٽ علم اچي ويو هو. نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جون سڀ صفتون هو پنهنجن ڪتابن ۾ ڏسي پڙهي رهيا هئا.

نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم کان اهي معجزا ٿي رهيا هئا جيڪي هن جي نبوت جي تصديق لاءِ ڪافي هئا. پر پوءِ به هو انڪاري هئا. ٿي سگهي ٿو ته ماڻهو تعجب ڪائين ته ايئن ڪيئن ممڪن آهي جو ڪنهن نبي کي مڃڻ کان پوءِ انڪاري ٿين؟

ته انهن دوستن کي گذارش آهي ته اهي مٿين حديث جو مطالعو غور سان ڪن. هو ڪليو ڪلايو چئي رهيا آهن ته توهان جون سڀ ڳالهيون درست آهن. پر جيئن ته توهان تي وحي آڻيندڙ حضرت جبرائيل عہ آهي انهيءَ ڪري اسان توهان تي ايمان ڪونہ آڻيندا سين.

يعني هنن جي ايمان آڻڻ ۾ هنن جي حضرت جبرائيل عہ سان دشمني رڪاوٽ هئي. يهودين جي تاريخ ۾ اسان ڏسون ٿا ته هو هميشہ نبين جي مخالفت ڪندا آيا آهن. نہ صرف نبين جي مخالفت ڪندا آيا پر نبين کي ناحق قتل به ڪندا آيا. (تفصيل لاءِ ڏسو ص 141 کان 143)

(2) حضرت جبرائيل عہ سان يهودين جي دشمني جا سبب

اسان ڪوشش ڪنداسين ته مختصر طور تي يهودين جي حضرت جبرائيل عہ سان دشمني جا سبب بيان ڪريون تا ڪہ پنهنجي موضوع کان گهڻو پري نڪري نہ وڃون.

پهريون سبب: جيئن مٿين حديث ۾ هنن جو پنهنجو اعتراف آهي ته حضرت جبرائيل عہ الله تبارڪ وتعالي وٽان جنگ جا حڪم ۽ نهايت سخت قسم جا احڪامات کڻي نازل ٿيندو آهي.

قرآن اسان کي ٻڌائي ٿو ته يهودي وڏي زندگي ۽ عيش ۽ آرام جا وڏا خواهشمند هئا. ايتري تائين جو جيڪو هنن جي آرام طلبي جي خلاف حڪم کڻي ايندو هو ته ڀلي کڻي اهو الله تبارڪ وتعالي جي طرفان ئي کڻي ڇو نہ هجي، ان کي پنهنجو دشمن سمجهندا هئا. اهڙو ئي هڪ حڪم جڏهن حضرت موسیٰ عہ کين ڏنو ته ان کي به جواب ڏيئي ويهي رهيا. قرآن ۾ ان جو ذڪر ڪجهہ هن ريت آهي:

يٰقَوْمِ ادْخُلُوا الْاَرْضَ الْمُقَدَّسَةَ الَّتِيْ كَتَبَ اللّٰهُ لَكُمْ وَلَا تَرْتَدُّوْا عَلٰٓى اَدْبَارِكُمْ فَتَنْقَلِبُوْا خٰسِرِيْنَ. قَالُوْا يٰمُوْسٰٓى اِنَّ فِيْهَا قَوْمًا جَبَّارِيْنَ ۖ وَاِنَّا لَنْ نَّدْخُلَهَا حَتّٰى يَخْرُجُوْا مِنْهَا ۚ فَاِنْ يَّخْرُجُوْا مِنْهَا فَاِنَّا دٰخِلُوْنَ. قَالَ رَجُلٰنِ مِنَ الَّذِيْنَ يَخَافُوْنَ اَنْعَمَ اللّٰهُ عَلَيْهِمَا ادْخُلُوْا عَلَيْهِمُ الْبَابَ ۚ فَاِذَا دَخَلْتُمُوْهُ فَاِنَّكُمْ غٰلِبُوْنَ ۖ وَعَلَى اللّٰهِ فَتَوَكَّلُوْٓا اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ. قَالُوْا يٰمُوْسٰٓى اِنَّا لَنْ نَّدْخُلَهَآ اَبَدًا مَّا دَامُوْا فِيْهَا فَاذْهَبْ اَنْتَ وَرَبُّكَ فَقَاتِلَآ اِنَّا هٰهُنَا قٰعِدُوْنَ. قَالَ رَبِّ اِنِّيْ لَآ اَمْلِكُ اِلَّا نَفْسِيْ وَاَخِيْ فَافْرُقْ بَيْنَنَا وَبَيْنَ الْقَوْمِ الْفٰسِقِيْنَ. قَالَ فَاِنَّهَا مُحَرَّمَةٌ عَلَيْهِمْ اَرْبَعِيْنَ سَنَةً ۚ يَتِيْهُوْنَ فِي الْاَرْضِ ؕ فَلَا تَاْسَ عَلَى الْقَوْمِ الْفٰسِقِيْنَ. [1]

ترجمو: (موسيٰ پنهنجي قوم کي چيو):

”اي منهنجي قوم! توهان ارض مقدس (يعني شام ملڪ)، جنهن کي خدا توهان جي نالي لکي ڇڏيو آهي، ۾ هلي داخل ٿيو ۽ (ڏسو مقابلي جي وقت) پٺ تي نہ ڦري وڃجو نہ تہ نقصان ۾ پئجي ويندو.“

هو چوڻ لڳا: ”موسي اتي تہ وڏا زبردست ماڻهو (رهندا) آهن ۽ جيستائين اهي ان سرزمين کان نڪري نہ وڃن توهان اتي وڃي نہ ٿا سگهو. ها! جيڪڏهن اهي اتان نڪري وڃن تہ اسان وڃي داخل ٿينداسين.“

جيڪي ماڻهو (خدا کان) ڊڄن پيا انهن مان ٻہ شخص جن تي خدا جي عنايت هئي، چوڻ لڳا تہ:

”انهن ماڻهن تي دروازي جي رستي حملو ڪيو. جڏهن توهان دروازي کان داخل ٿي ويو تہ فتح توهان جي آهي ۽ خدا تي ئي ڀروسو رکو بشرط توهان صاحب ايمان آهيو.“

چيائون تہ: ”اي موسي! جيستائين اهي ماڻهو اتي آهن اسان ڪڏهن بہ اتي وڃي نہ ٿا سگهون. (جيڪڏهن وڙهڻو ضروري آهي تہ) تون ۽ تنهنجو خدا وڃو ۽ وڙهو. اسان تہ هتي وينا ئي رهنداسين.“

موسي (پروردگار کي) التجا ڪئي تہ: پروردگار! مان پنهنجي ۽ پنهنجي ڀاءُ کان سوا ٻئي ڪنهن تي اختيار نہ رکان ٿو. تون اسان ۾ ۽ هن فاسق قوم ۾ فرق رک.“

خدا فرمايو تہ: ”اهو ملڪ چاليهن سالن تائين هنن تي حرام ڪيو ويو آهي (تہ اتي وڃي نہ سگهندا ۽ جهنگ جي) زمين ۾ سرگردان ڦرندا رهندا. تہ انهن نافرمان ماڻهن جي حال تي افسوس نہ ڪر.“

هنن آيتن جي پڙهڻ کان پوءِ ڪجهہ ڪجهہ اندازو ٿي وڃي ٿو تہ يهودي قوم ڪهڙي قسم جي هئي ۽ هو حضرت جبرائيل عہ کان نفرت جو ڪري پئي. ظاهر آهي تہ حضرت موسىٰ عہ وٽ اهي سڀ احڪام حضرت جبرائيل عہ ئي ڪڻي ايندو هو تہ اهڙن گندن ماڻهن جي ان سان دشمني ٿيڻ لازمي هئي.

ٻيو سبب: تفسير نعيمي ۾ آهي تہ: ”هي ماڻهو عذاب کان بچڻ لاءِ

---

1. سورة المائده : 21 ـ 26

عذاب جي فرشتي حضرت جبرائي عہ جا دشمن آهن.“[1]

ٽيون سبب: تفسير نعيميءِ ۾ هڪ روايت جي آخر ۾ لکيل آهي تہ:

(جڏهن حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم هنن جي سيني سوالن جا جواب ڏنا تہ آخر ۾) هنن پڇيو تہ:

”توهان تي وحي ڪير آڻيندو آهي؟ اوهان جو رفيق غمگسار ڪهڙو فرشتو آهي؟“

فرمايائون: ”حضرت جبرائيل عہ!“

هي ئي سيني پيغمبرن تي وحي آڻيندو هو ۽ هي ئي هن جا بہ رفيق هئا. چيائون: ”بس! اسان ايمان ڪونہ آڻينداسين.“

فرمايائون: ”چو...؟“

چيائون تہ: ”جبرائيل عہ تہ يهودين جو پراڻو دشمن آهي. جيڪڏهن ميڪائيل عہ قرآن آڻين ها تہ اسان ايمان آڻيون ها.“

فرمايائون: ”هن توهان سان ڪهڙي دشمني ڪئي؟“

چيائون: ”هڪ دشمني نہ بلڪ ويهين ڪيائين.

(1) رسالت اسان جي خاندان ۾ هئي، هاڻي انهيءَ هي عهدو بني اسمائيل کي ڏيئي ڇڏيو.

(2) اسان جي بزرگن تي طرحين طرحين جا عذاب آڻڻ وارو بہ اهو ئي حضرت آهي.

(3) اسان جي نبي خبر ڏني هئي تہ هڪ ڇوڪرو بخت نصر عراق ۾ فلاڻي تاريخ تي پيدا ٿيندو ۽ فلاڻي جاءِ ۾ رهندو. اهو بيت المقدس کي ويران ۽ بني اسرائيل کي تباه ۽ برباد ڪندو. اسان جي بزرگن ڪجهہ قاتل اوڏانهن موڪليا جيئن هن کي ڪنهن ترڪيب سان قتل ڪري ڇڏين. انهن انهيءَ ٻار کي قابو بہ ڪري ورتو هو. پر انهيءَ جبرائيل انهي کي بچايو. جنهن تي انهيءَ بخت نصر اسان جي قوم کي هلاڪ ڪري ڇڏيو. ٻڌايو انهيءَ کان وڌيڪ اسان جو دشمن ڪير آهي؟“[2]

چوٿون سبب: تفسير نعيمي ۾ ئي آهي تہ:

”حضرت عمر رضہ کي هڪ سوال جو جواب ڏيندي يهودي چون ٿا تہ: ”جبرائيل عہ اسان جو دشمن آهي، جو اسان جا راز تنهنجي نبي صہ تائين پهچائي ڇڏيندو آهي ۽ اسان مٿان سڀ مصيبتون هن جي ئي هٿان آيون آهن.“[3]

---

1. نعيمي، احمد يار خان، ”تفسير نعيمي“(اردو)، مڪتبہ اسلاميہ، لاهور، پاره 1، ص 502
2. نعيمي، احمد يار خان، ”تفسير نعيمي“(اردو)، مڪتبہ اسلاميہ، لاهور، پاره 1، ص 503
3. ايضا : پاره 1، ص 503

(viii) هو قومن ۾ عدالت جاري ڪندو

هن آيت جي تشريح ڪندي ايمي جي اوڊن (Amy G. Oden) لکن ٿيون ته:

"This passage in Isaiah shows God Speaking into the pain of exile to send a servent who will bring justice, and not to Israel only but to all antions."[1]

(يسعياه جو هي ٽڪرو ظاهر ڪري ٿو ته خدا جلاوطنيءَ جي درد ڪان ڳالهائي ٿو. پنهنجو هڪ نوڪر موڪلڻ لاءِ، جيڪو نه صرف اسرائيل لاءِ پر سڀني قومن لاءِ انصاف آڻيندو.)

يعني اچڻ وارو سڀني قومن ۾ عدالت آڻيندو. عيسائين کي خبر آهي ته عدالت اهو ڪري سگهندو جنهن کي حڪومت جي طاقت هجي. ورنه انسان پاڻ سان به عدالت نه ٿو ڪري سگهي ۽ هنن کي اها به خبر آهي ته حضرت عيسىٰ عہ ڪڏهن به حڪومتي طاقت حاصل ڪا نه ڪئي. تنهن ڪري، هو چوڻ لڳندا آهن ته هي عدالت حضرت عيسىٰ عہ روحاني طور ڪندو. يعني هو هڪ ڪوڙ کي لڪائڻ لاءِ ٻئي ڪوڙ جو سهارو وٺڻ لڳندا آهن.

اچو ته ڏسون ته خود حضرت عيسىٰ عہ انهيءَ بابت ڇا فرمائي رهيا آهن. انجيل يوحنا ۾ آهي ته حضرت عيسىٰ عہ پنهنجي حوارين کي هڪ ڏکو خطاب فرمايو جنهن جو ڪجهه حصو هن ريت آهي:

"تنهن هوندي به آئون اوهان کي سچ ٿو چوان، ته اوهان جي لاءِ فائدي واري ڳالهه هيءَ آهي ته آئون وڃان، ڇا لاءِ ته جيڪڏهن آئون نه ويندس ته اهو مددگار اوهان وٽ ڪين ايندو؛ پر جي ويندس ته وٽي اوهان ڏانهن موڪليندوسانس ۽ هو جڏهن ايندو، تڏهن دنيا کي گناهه ۽ راستبازيءَ ۽ عدالت نسبت ڏوهاري ٺهرائيندو: گناهه نسبت، جو هو مون تي ايمان نٿا آڻين؛ راستبازيءَ نسبت جو آئون پيءُ وٽ ٿو وڃان ۽ اوهين مون کي وري نه ڏسندا، عدالت نسبت جو هن دنيا جي سردار جي عدالت ٿي چڪي آهي."[2]

هن پيشنگوئي تي تبصرو ته پنهنجي جاءِ تي انجيل جي پيشنگوئين جي بيان ۾ ڪنداسين. هتي اهو بيان ڪرڻو آهي ته عيسائي چوندا آهن ته يسعياه 42:1 وارو عدالت ڪندڙ حضرت عيسىٰ عہ آهي. پر اسان ڏسون ٿا ته انجيل يوحنا ۾ حضرت عيسىٰ عہ خود انهيءَ جي نفي ٿو ڪري ۽ چوي ٿو ته اهو ڪو ٻيو آهي جيڪو دنيا جو سردار آهي. جيڪو منهنجي وڃڻ

1. (i) https://www.workingpreacher.org>preaching

(ii) Isaiah 42:1_9 commentary by Amy G. Oden-working Preacher-Preaching...

2. يوحنا 16 : 7 ـ 10

ڪان بعد ئي ايندو. اهو اچي هنن هلندڙ عدالتن کي ڏوهاري ٺهرائيندو ۽ دنيا ۾ صحيح عدالت ۽ انصاف ڪندو. ڊاڪٽر قيس الڪلبي هن آيت مٿان تبصرو ڪندي لکي ٿو ته:

"The Jewish and Christian scholars never claimed that Paul, because they know these verses only fit a prophet from the Gentiles and that Prophet is Prophet Muhammad (pbuh)." [1]

(يهودي ۽ عيسائي عالمن ڪڏهن به هن ڪان پال جي (مراد هجڻ جي) دعوي نه ڪئي آهي. ڇو ته هو ڄاڻن ٿا ته هي آيتون صرف غير قومن جي پيغمبر لاءِ فٽ آهن ۽ اهو پيغمبر حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم آهي.)

حقيقت سان ڏنو وڃي ته اهو حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم ئي آهي، جنهن اچي غريبن، بيڪسن، عورتن، بيواهن، يتيم ٻارن، غلامن ۽ مسڪينن کي انصاف ڏياريو. انهن کي ٻين جي برابر حق ڏياريا. مڪي جي ڪافر سردارن جو حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم تي هڪ وڏو اعتراض اهو به هو ته هنن جا حق ۽ هنن جي غلامن جا حق برابر ڪيئن ٿي سگهن ٿا؟ هو ۽ هنن جا غلام ڪيئن هڪبئي جي برابر ٿي سگهن ٿا؟ هن وقت به جيڪڏهن انهيءَ شريعت کي باقائدي لاڳو ڪيو وڃي ته دنيا ۾ عدل، انصاف، امن ۽ ڀائيچاري واري بي مثال فضا پيدا ٿي وڃي.

(ب) هو رڙ نه ڪندو، نڪي هل ڪندو، نڪي هن جو آواز گهٽيءَ ۾ ٻڌڻ ۾ ايندو

علامہ شبلي نعماني هن آيت جي شرح ڪندي لکي ٿو ته:

"اصحابن پاڻ سڳورن صہ جي سيرت جي خط وخال جي به تصوير ڪڍي آهي. متعدد اصحابن ڪان روايت آهي ته پاڻ سڳورا صہ ڪڏهن به زور سان نه کلندا هئا. بلڪہ صرف مشڪندا هئا." [2]

شمائل ترمذي ۾ حضرت هند رضہ ڪان روايت آهي ته: "حضور صلي الله عليہ وسلم اڪثر چپ رهندا هئا. بنا ضرورت ڪڏهن به گفتگو نه فرمائيندا هئا. هڪ هڪ فقرو الڳ ۽ صاف ۽ چٽو هوندو هو. کلندا تمام ٿورو هئا. کل ايندي هئي ته مشڪي ڇڏيندا هئا."

حضرت عائشہ رضہ ڪان ڪنهن شخص پاڻ صہ جا اخلاق پڇيا. هنن جواب ڏنو ته: "حضور صلي الله عليہ وسلم بدگو نه هئا ۽ نه بازارن ۾ شور ڪندا هئا."

---

1. Al-Kalby, Kais, "Prophet Muhammad The Last Messenger In The Bible", page 265

2. ترمذي، محمد بن عيسي، ابو عيسي، "جامع ترمذي" (انگريزي)، مترجم: ابو خليل (يو ايس اي)، اسلامڪ ريسرچ سيڪشن دارالسلام، جلد 6، ص 336، حديث نمبر 3642

حضرت علي رضہ کان حضرت حسين رضہ پڇيو تہ پاڻ صہ جا وصف ڇا هئا؟ فرمايائون: "پاڻ صہ گوڙ ۽ شور نہ ڪندا هئا."[1]

(ت) ڦٽل ڪانو بہ هو ڪين ڀڃيندو ۽ دکيل سٽيءَ کي بہ هو ڪين وسائيندو

يعني ڪيترو بہ ڪو غريب، لاچار، مسڪين، غلام يا ڪو بيوس انسان هجي هو ان سان ڪا بہ زيادتي نہ ڪندو. نہ ڪا بي انصافي ان سان ڪندو. نہ ئي ڪنهن اميد جي ڏيئي کي وسائي ڇڏيندو. ڇو تہ هو آيو ئي آهي عدل ۽ انصاف ڪرڻ لاءِ. سو هو پوري سچائيءَ سان انهن کي انصاف ڏياريندو ۽ انهن کي ظلم، زيادتي ۽ بي انصافيءَ کان بچائيندو.

هي آيتون نہ حضرت يعقوب عہ تي فٽ اچن ٿيون نہ حضرت عيسىٰ عہ تي. هنن ٻنهي مان ڪنهن بہ اقتدار حاصل ڪري اهڙا غير معمولي ڪم ڪونہ ڪيا هئا.

حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم ئي اهو واحد پيغمبر آهي جنهن عدل ۽ انصاف جو علم بلند ڪيو ۽ غريبن ۽ لاچارن ۽ مسڪينن جو هٿڏوڪي تي بيٺو. اهو ئي سبب آهي جو هن جي ابتدائي پيروڪارن ۾ اڪثر غريب، مسڪين، غلام ۽ معاشري جا پيڙهيل شخص ملن ٿا ۽ هو ۽ هن جا ساٿي انهن غلامن کي انهن جي مالڪن کان خريد ڪري ڪين آزاد ڪندا رهيا ۽ هنن کي سندن جي مالڪن جي ظلم ۽ زيادتيءَ کان نجات ڏياريندا رهيا.

سيرت النبي صہ شبلي نعماني ۾ مٿين آيت جي تشريح ڪندي لکيل آهي تہ:

"قرآن مجيد پاڻ سڳورن صہ جي هن وصف کي ڇٽي نموني بيان ڪيو آهي:

(i) وَاِنَّكَ لَعَلٰى خُلُقٍ عَظِيْمٍ.[2]

ترجمو: "۽ بيشڪ اوهان وڏي خلق تي آهيو."

(ii) فَبِمَا رَحْمَةٍ مِّنَ اللّٰهِ لِنْتَ لَهُمْ ۚ وَلَوْ كُنْتَ فَظًّا غَلِيْظَ الْقَلْبِ لَانْفَضُّوْا مِنْ حَوْلِكَ ۠[3]

ترجمو: "پوءِ (اي پيغمبر) الله جي ٻاجهہ سبباں انهن لاءِ نرم ٿيو آهين ۽ جيڪڏهن ڪاوڙيل سخت دل هجين ها تہ ضرور تنهنجي آس پاس کان ڀڄي اٿن ها."

---

1. نعماني، شبلي رحہ علامہ ۽ ندوي، سليمان، سيد، "سيرت النبي صلي الله عليہ وسلم"، الميزان ناشران وتاجران ڪتب، اردو بازار، لاهور، سن اشاعت: 2004ع، جلد سوم، ص 410. نوٽ! هي ٻئي روايتون شمائل ترمذي، باب خلق النبي صلي الله عليہ وسلم ۾ آهن. حضرت عائشہ رضہ واري روايت سند ابو دائود طيالسي ص 214 ۽ مستدرڪ حاڪم ۾ بہ آهي. (سليمان ندوي)

2. سورة القلم : 4

3. سورة آل عمران : 159

(iii) لَقَدْ جَآءَكُمْ رَسُوْلٌ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ عَزِيْزٌ عَلَيْهِ مَا عَنِتُّمْ حَرِيْصٌ عَلَيْكُمْ بِالْمُؤْمِنِيْنَ رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ.[1]

ترجمو: ”(اي ماڻھو) بيشڪ اوھان جي جنس منجھان اوھان وٽ پيغمبر آيو آھي. اوھان جو ڏک مٿس اوکو آھي. اوھان (جي ھدايت) تي حريص آھي. مسلمانن تي شفقت ڪندڙ مھربان آھي.“[2]

ھنن آيتن مان اھو مراد نہ آھي تہ ٻين نبين ۾ اھي صفتون نہ ھيون. پر فرق ھي ھو تہ ٻين نبين مان ڪن نبين جھڙوڪ: حضرت نوح عہ، حضرت ھود عہ ۽ حضرت صالح عہ پنھنجي نافرمانن لاءِ، ڪافرن لاءِ بد دعا گھري انھن کي ختم ڪرائي ڇڏيو. پر رحمت اللعالمين نبي حضرت محمد صلي اللہ عليہ وآلہ وسلم طائف ۾پيش آيل دل ڏاريندڙ واقعي ۾ بہ صبر کان ڪم ورتو ۽ حضرت جبرائيل عہ جي طائف کي تباھ ڪرڻ جي اجازت گھرڻ تي انڪار ڪيائون ۽ بلڪ اللہ تبارڪ وتعالي کان ھي دعا گھريائون تہ:

”يا اللہ ھنن کي معاف فرما! چو تہ ھي مون کي نہ ٿا سڃاڻين.“

يعني پاڻ سڳورن ﷺ ڪڏھن بہ قوم لاءِ اجتمائي طور تي بد دعا نہ گھري. ھي واقعو سيرت جي ھر ڪتاب ۾ بيان ٿيل آھي.

سيرت النبي شبلي نعماني ۾ وڌيڪ لکيل آھي تہ:

”حضرت عائشہ رضہ چون ٿيون تہ: ”پاڻ سڳورن ﷺ ڪڏھن بہ ڪنھن کان ذاتي انتقام نہ ورتو. پاڻ (صلي اللہ عليہ وسلم) برائي جي بدلي ۾ برائي نہ ڪندا ھئا. بلڪ معاف ڪندا ھئا ۽ درگذر فرمائيندا ھئا. پاڻ ﷺ ڪنھن کي پنھنجي ھٿ سان نہ ماريائون.“

حضرت علي رضہ چون ٿا تہ: ”پاڻ ﷺ خنده جبين، نرم خو، مھربان طبيعت جا ھئا. سخت مزاج ۽ تنگ دل نہ ھئا.“

ھند بن ابي ھالہ رضہ جيڪو چئي تہ پاڻ ﷺ جي آغوش ۾ پليل ھئا، بيان ڪن ٿا تہ:

”پاڻ نرم خو ھئا. سخت مزاج نہ ھئا. خود پنھنجي ذاتي معاملي ۾ ڪڏھن بہ ڪاوڙ نہ فرمايائون ۽ نہ ڪنھن کان انتقام ورتائون.“[3]

حضرت انس رضہ خاص خادم چون ٿا تہ:

”مون ڏھ سال پاڻ ﷺ جي خدمت ڪئي. پر پاڻ ڪڏھن بہ ڪنھن

---

1. سورة التوبہ : 128

2. نعماني، شبلي رحہ، علامہ ۽ ندوي، سليمان، سيد، ”سيرت النبي صلي اللہ عليہ وسلم“، الميزان ناشران وتاجران ڪتب، اردو بازار، لاھور، سن اشاعت: 2004ع، جلد سوم، ص410

3. ھي سڀ روايتون شمائل ترمذي ۾ ذڪر ٿيل آھن. (سليمان ندوي)

معاملي ۾ منهنجو پچاڻو نہ ڪيائون.“[1]

مالڪ بن حويرث رضہ جيڪو ويهن(20)ڏينهن تائين پاڻ سڳورن صہ جي صحبت ۾ رهيا. چون ٿا تہ: ”پاڻ صہ رحيم المزاج ۽ رقيق القلب هئا.“[2]

(ث) هو سچائي سان عدالت جاري ڪندو. جيسين ڪہ هو زمين تي عدالت قائم نہ ڪندو، تيسين هو نہ ٿڪبو، نڪي بي همٿ ٿيندو

يعني هو سچائي سان انصاف ڪندو ۽ انصاف ڪندي ڪڏهن بہ نہ ٿڪندو. نڪي ماڻهن جي چوڻ ۾ اچي بي همٿ ٿي انصاف جو دامن ڇڏي ڏيندو. تاريخ ۾ پاڻ صہ جي انصاف ۽ عدالت جي باري ۾ ڪيترائي واقعا ملن ٿا. هڪ دفعي يهودي هڪ زنا جو ڪيس ڪٺي حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم وٽ آيا. زاني خيبر جو هڪ شاهوڪار ماڻهو هو. عورت بہ خيبر جي هڪ وڏي خاندان سان تعلق رکي پئي. هو هنن کي سنگسار ٿيڻ کان بچائڻ آيا هئا. ڇو تہ هنن جي شريعت ۾ زاني جي سزا سنگسار ڪرڻ هو. جيئن ڪتاب شريعت جو دور ۾ لکيل آهي تہ: ”جيڪڏهن ڪا ڪنئاري ڇوڪري، جا ڪنهن مرد سان مڱيل هجي ۽ ڪو ٻيو ماڻهو انهيءَ کي شهر ۾ ڏسي سمهي؛ تہ اوهين انهن ٻنهي کي انهي شهر جي دروازي تي آڻي، ڪين سنگسار ڪري ماري ڇڏجو. انهيءَ ڇوڪري کي هن ڪري جو هو شهر ۾ هئي تڏهن بہ رڙيون نہ ڪياءِ ۽ انهيءَ ماڻهوءَ کي هن ڪري جو هن پنهنجي پاڙيسريءَ جي زال کي بي آبرو ڪيو: انهيءَ طرح تون اها خرابي پنهنجي وچ مان ڪڍي ڇڏج.“[3]

نبي سائينءَ پڇين تہ: ”اوهان جي شريعت ۾ ڇا آهي؟“

تہ هو غلط بياني ڪرڻ لڳا. پر جڏهن توريت گهرايو ويو تہ سچائي ظاهر ٿي پئي. حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم هنن ٻنهي جي سنگسار ڪرڻ جو حڪم ڏنو.[4] اهڙيءَ طرح هڪ دفعي مسلمان هڪ عورت جو ڪيس ڪٺي آيا، جنهن چوري ڪئي هئي. عورت سني خاندان مان هئي. مسلمانن چاهيو پئي تہ ڪنهن طريقي سان انهيءَ عورت جو هٿ ڪپجڻ کان بچي پوي. پر پاڻ سڳورن صہ فرمايو تہ:

”جيڪڏهن محمد صہ جي ڌيءَ فاطمہ عہ چوري ڪري ها تہ ان جو بہ هٿ ڪپيو وڃي ها!“[5]

---

1. صحيح مسلم وابو دائود ڪتاب الادب. (سليمان ندوي)

2. نعماني، شبلي رحہ علامہ ۽ ندوي، سليمان، سيد، ”سيرت النبي صلي الله عليہ وسلم“، الميزان ناشران وتاجران ڪتب، اردو بازار، لاهور، سن اشاعت: 2004ع، جلد سوم، ص411 (صحيح بخاري. باب رحمت الناس. (سليمان ندوي)

3. استثنا 22 : 22 ـ 23

4. البخاري، مهمد بن اسماعيل، ابي عبدالللہ ”صحيح البخاري“ (اردو)، ترجمو ۽ شرح: وحيد الزمان، علامہ، تاج ڪمپني لميٽيڊ، ڪراچي،لاهور،راولپهنڊي، جلد هشتم، ص 585

3. ايضا. جلد هشتم، ص 539

سو اهڙيءَ طرح هو سچائيءَ سان عدالت ڪندو هو.

سيرت النبي صہ شبلي نعماني ۾ لکيل آهي تہ: ”حضرت اشعياء عہ چون ٿا تہ ”هو عدالت کي قائم ڪندو جيئن دائمي رهي.“ سو حضور صلي الله عليہ وسلم نبي آخرالزمان آهن. پاڻ سڳورن صہ کان پوءِ ڪو نبي نہ ٿيندو ۽ نہ پاڻ سڳورن صہ جي شريعت منسوخ ٿيندي. پاڻ سڳورا صہ آخري دين کڻي آيا جيڪو قيامت تائين دائم رهندو.

وري چون ٿا تہ: ”انهيءَ وقت تائين هن کي زوال نہ ٿيندو ۽ نہ ئي ملندو جيستائين سچائي کان زمين تي عدالت قائم نہ ڪن.“ يعني جيستائين هن جي شريعت ۽ تعليم قائم نہ ٿيندي، هن کي موت نہ ايندو.

ظاهر آهي هي وصف حضرت عيسىٰ عہ تي صادق نہ ٿو اچي. هو پنهنجي تعليم ۽ شريعت جي استحڪام کان پهريان هن دنيا کان اٿي ويا. هي مخصوص وصف حضور صلي الله عليہ وسلم جو آهي جيڪي ان وقت تائين دنيا ۾ تشريف فرما رهيا، جيستائين پاڻ سڳورن صہ جي تعليم ۽ شريعت مڪمل ظهور ۽ ڪامل استحڪام حاصل ڪري نہ ورتو. سو جڏهن هي ڳالهہ حاصل ٿي وئي تہ پاڻ سڳورن صہ کي هن فاني دنيا کان رخصت جي اجازت ملي. حضرت اشعياء عہ جي هي پيشنگوئي قرآن مجيد جي هن سوره جي مطابق آهي:

اِذَا جَآءَ نَصۡرُ اللّٰهِ وَ الۡفَتۡحُ ۙ . وَ رَاَيۡتَ النَّاسَ يَدۡخُلُوۡنَ فِيۡ دِيۡنِ اللّٰهِ اَفۡوَاجًا ۙ . فَسَبِّحۡ بِحَمۡدِ رَبِّكَ وَ اسۡتَغۡفِرۡهُ ؕ اِنَّهٗ كَانَ تَوَّابًا.[1]

ترجمو: ”جڏهن الله جي مدد ۽ سوڀ اچي ۽ ماڻهن کي الله جي دين ۾ ٽوليون ٽوليون ٿي گهڙندو ڏسين. تڏهن (تون) پنهنجي پالڻهار جي ساراهہ سان گڏ پاڪائي بيان ڪر. بيشڪ اهو باجهہ سان موٽندو آهي.“

جڏهن هي سوره نازل ٿي تہ حضور صلي الله عليہ وسلم سيني اصحابن کي گڏ ڪري فرمايو: ”خدا جي هڪ بندي کي اختيار ڏنو ويو هو تہ چاهي هو هن دنيا کي قبول ڪري يا ٻي دنيا جو سفر اختيار ڪري. پر انهيءَ بندي آخرت کي پسند ڪيو.“

حضرت ابوبڪر رضہ اهو ٻڌي روئي پيا. هو سمجهي ويا تہ: ”هي بندو ڪير آهي.“

حضرت عمر رضہ ابن عباس رضہ کان امتحان جي طور تي هن سوره جو مطلب پڇيو. هن جواب ڏنو تہ ”هن ۾ حضور صلي الله عليہ وسلم جي وفات جو اشارو آهي.“ حضرت عمر رضہ بہ هن جي تصديق ڪئي.[2]

---

1. سورة النصر: 1 - 3

2. نعماني، شبلي رحہ، علامہ ۽ ندوي، سليمان، سيد، ”سيرت النبي صلي الله عليہ وسلم“، الميزان ناشران وتاجران ڪتب، اردو بازار، لاهور، سن اشاعت: 2004ع، جلد سوم، ص 411

(ج) خداوند خدا جنهن آسمان پيدا ڪيا ۽ انهن کي پکيڙيو؛ جنهن زمين ۽ جيڪي منجهس نڪري ٿو سڀ پري پکيڙي ڇڏيو آهي؛ ۽ جيڪو انسان کي ساهه ۽ جيڪي ڌرتيءَ تي هلن چلن ٿا، تن کي روح ٿو ڏئي.

هن آيت ۾ الله تبارڪ وتعالي جون صفتون بيان ڪيون ويون آهن. ”جنهن آسمان پيدا ڪيا ۽ انهن کي پکيڙيو آهي؛ جنهن زمين ۽ جيڪي منجهس نڪري ٿو سڀ پري پکيڙي ڇڏيو آهي.“

هي عجيب ڳالهه آهي ته پراڻو عهدنامو جا ڪتاب هجن يا قرآن شريف هجي، جڏهن به زمين ۽ آسمان جو ذڪر آيو آهي ته هميشہ آسمان جمع جي صورت ۾ بيان ڪيا ويا آهن ۽ زمين واحد جي طور بيان ڪيو ويو آهي.

قرآن جي بس صرف هڪڙي آيت کي وٺي، جنهن ۾ ستن آسمانن سان گڏ ان جهڙي زمين جو ذڪر آهي، عالمن سڀورن چوڻ شروع ڪيو آهي ته آسمان ست آهن ته زمين به ست آهن. پر ظاهر طور تي آيتن مان مراد ست آسمان ۽ هڪ زمين آهي.

(ح) مون خداوند تو کي سچائيءَ سان سڏيو آهي، آءٌ تنهنجو هٿ جهليندس ۽ تنهنجي سنڀال ڪندس ۽ تو کي امت جي لاءِ عهد ۽ قومن لاءِ سوجهرو ڪري ڏيندس؛

سچائي سان سڏڻ مان مراد هن کي سچائي جي واٽ تي رکڻ آهي ۽ سچائي جي واٽ کان ذرو به پري نہ ڇڏڻ آهي.

جارچي (Jarchi) ۽ ابن عذرا (Aben Ezra) پنهنجي شرح ۾ هن مان مراد حضرت يسعياه عہ کي ورتو آهي ته ان کي سڏيو ويو آهي. ڪمچي (Kimchi) هن مان مراد بني اسرائيل جي سيني ماڻهن کي ورتو آهي. جان گل (John Gill) هن مان مراد حضرت عيسي عہ کي ورتو آهي.[1]

يعني هنن کي پاڻ کي سمجهه ۾ ئي نہ ٿو اچي ته هن مان اصل مراد ڪير آهي؟ اهو سڀ انهيءَ ڪري آهي جو هو سچائي جو ساٿ ڇڏي خواهشن جي پنيان لڳا آهن.

”هٿ جهلڻ“ کان مراد توکي ڪڏهن به ڪنهن غلط راهه تي هلڻ کان بچائيندس. يا هر قسم جي تڪليفن ۽ ڏکن ڏاکڙن مان تو کي پار ڪرائيندس. هڪ مثال ننڍي ٻار جو آهي. جنهن کي ننڍپڻ ۾ اسان هٿ کان وٺي هلندا آهيون ۽ هن کي ٿڙڻ، ٿاٻڙڻ يا غلط رستي تي هلڻ کان بچائيندا آهيون. ٻيو اسان وٽ هي به آهي ته ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن شخص تي وقت ايندو آهي ته ان جا سڄڻ جڏهن ڏسندا آهن ته هو هن جي تڪليف يا مسئلو حل نہ ڪري سگهندا آهن. يا سمجهندا آهن ته ايندڙ وقت ۾ اهڙا ڪي مسئلا تي سگهن ٿا جو هو هن جي مدد نہ ڪري سگهندا ته هو هن کي

---

1. جان گل، ايڪسپوزيشن آف دي بائيبل.

وني ڪري ٻئي اهڙي طاقتور ماڻهوءَ وٽ ويندا آهن ۽ چوندا آهن ته اسان هن جو هٿ توهان جي هٿ ۾ ڏيون ٿا. ته توهان آئينده هن جي هر طرح جي حفاظت ۽ سار سنڀال رکجو.

يعني "هٿ مان جهلڻ" مان مراد هر قسم جي ڏنگاين، ڦڏاين يا آفتن ۽ مصيبتن کان محفوظ رکڻ آهي.

هي پيشنگوئي نه ڪنهن به صورت ۾ حضرت عيسىٰ ع تي فٽ ڪونه ٿي ويهي. الله تبارڪ وتعالي عيسائين جي عقيدي مطابق (نعوذ بالله) حضرت عيسىٰ ع جي حفاظت ڪرڻ ۾ بلڪل ناڪام ويو. يهودين ڪيس نه صرف جهلرايو، پر گهٽين ۾ ڪين گهلرايو ۽ گهلرائي گهلرائي آخر ۾ (نعوذ بالله) صليب تي به چاڙهرايو. جتي هو (نعوذ بالله) خدا کي فرياد ڪندو مري ويو. پر خدا ڪيس بچائڻ لاءِ نه آيو.(نعوذ بالله ذالڪ).

جڏهن ته اسان حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم جي سيرت ۾ ڏسون ٿا ته نندپڻ کان وني الله تبارڪ وتعالي سندس مڪمل طور تي حفاظت ڪندي نظر اچي ٿو. چاهي اهي لغو قسم جا مشغلا هجن، يا شيطان جا ٻيا ڦند ڦير هجن، الله تبارڪ وتعالي ڪين هر قسم جي بي حيائيءَ کان دور رکندي نظر ٿو اچي.

هجرت مدينه جي واقعي دوران جڏهن قريش جا سڀ قبيلا پاڻ سڳورن صہ کي قتل ڪرڻ لاءِ سندس گهر جو گهيراءُ ڪن ٿا ته الله تبارڪ وتعالي انهن کي انڌو ڪري ڇڏي ٿو ۽ پاڻ سڳورا صہ هنن سيني جي وچان سوره ياسين پڙهندا گذري وڃن ٿا، پر ڪنهن جي نظر مٿن ڪانه ٿي پوي. وري قريش وارا سندن ڳولا ڪندي جڏهن غار ثور جي منهن تي اچن ٿا، جتي حضور صلي الله عليه وآله وسلم ۽ حضرت ابو بڪر رضہ لڪل هئا ته الله تبارڪ وتعالي اهڙا انتظام ٿو ڪري ڇڏي جو قريش وارا نظر ڪٿي غار اندر ڏسڻ گوارا ئي ڪونه ٿا ڪن ۽ هليا ٿا وڃن ۽ سراقه بن جعشم جڏهن پاڻ سڳورن صہ کي ڳوليندو، ڪين ڏسي وني ٿو ته ٽي دفعا هن جو گهوڙو ٿاٻو ڪائي ٿو ۽ هو گهوڙي تان ڪري پوي ٿو ۽ پوءِ فال ڪڍي ٿو ته هر دفعي ڪيس منع اچي ٿي. آخر مجبور ٿي پاڻ سڳورن صہ کان معافي وني واپس موٽي ٿو.

۽ جڏهن هڪ جنگ دوران پاڻ سڳورا صہ هڪ وڻ هينان اڪيلا هٿيار پنهوار لاٿيون آرامي هئا ته هڪ دشمن اگهاڙي ترار ڪٽي اچي مٿن بيهي ٿو ۽ ڪين جاڳائي چوي ٿو ته:

"اڄ اوهان کي مون کان ڪير بچائي سگهي ٿو؟"

نه پاڻ سڳورا صہ پوري سڪون سان چون ٿا ته: "الله."

بس پاڻ سڳورن صہ جي ايتري چوڻ سان ڪافر جي بدن تي لرزو طاري ٿئي ٿو ۽ هن جي هٿ کان ترار ڪري پوي ٿي. پاڻ سڳورا صہ سندس ئي ترار ڪٽي پڇن ٿا ته:

”هاڻي تون ٻڌاءِ تہ تو کي مون کان ڪير بچائي سگهي ٿو؟“
تہ ڪافر ڪنبدي چوي ٿو تہ ڪوبہ نہ!“
پاڻ سڳورا ﷺ هن کي معاف ڪري ڇڏين ٿا ۽ هو ڪافر پاڻ سڳورن ﷺ جو ايڏو اخلاق ڏسي مسلمان ٿي وڃي ٿو.[1]

انهيءَ کي ڇٺبو آهي سنڀال ڪرڻ. انهيءَ کي ڇٺبو آهي حفاظت ڪرڻ. پاڻ سڳورن ﷺ جي سيرت ۾ اسان کي اهڙا ڪيترائي مثال ملن ٿا. اسان صرف نموني خاطر مٿيون روايتون بيان ڪيون آهن.

امت لاءِ عهد مان مراد اهو عهد آهي جيڪو الله تبارڪ تعالي مسلمانن کان ورتو آهي تہ هو ڪنهن کي الله جو شريڪ نہ ڪندا، الله ۽ رسول ﷺ جي نافرماني نہ ڪندا ۽ اولي الامر جي چئي آکيي ۾ رهندا ۽ امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر ڪندا ۽ براين کان پاڻ بہ بچندا ۽ ٻين کي بہ بچڻ جي تلقين ڪندا ۽ ڀلائيءَ ڏانهن رغبت رکندا ۽ ٻين کي انهيءَ جي نصيحت ۽ وصيت ڪندا.

”قومن لاءِ سوجهرو ڪرڻ“ مان مراد هڪ اهڙي آئيڊيل قوم بڻائڻ آهي، جيڪا ٻين قومن لاءِ نمونہ عمل هجي، جنهن کي ٻيون قومون پنهنجو رول ماڊل بڻائي پنهن جا قائدا قانون بڻائين.

اسان اڳ ۾ بہ عرض ڪري چڪا آهيون تہ حضرت عيسىٰ ؑ صرف بني اسرائيل جي گمشده رڍن (يعني بني اسرائيل جي گمراهن) کي ڳولهڻ ۽ انهن کي سنئين واٽ لائڻ آيو هو،[2] نہ صرف ايترو پر پنهنجن حوارين کي بہ تاڪيد ڪئي هئائين تہ هو بني اسرائيل کان سواءِ ٻين قومن ۾ تبليغ نہ ڪن.[3]

پر الله تبارڪ وتعالي حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم کي رحمت اللعالمين ڪري موڪليو.[4]

سيرت النبي ﷺ شبلي نعماني ۾ هن آيت جي تشريح ۾ لکيل آهي تہ:

”انهيءَ کان بعد اشعياء خدا جو وعدو ٻڌائين ٿا:
(آءٌ تنهنجو هٿ جهليندس ۽ تنهنجي حفاظت ڪندس.“

هي واعدو بہ حضور صلي الله عليہ وسلم سان پورو ٿيو. پاڻ سڳورن ﷺ اڪيلو ۽ تنها دعوت ۽ توحيد جي ان وقت اشاعت ڪئي

---

1. البخاري، محمد بن اسماعيل، ابي عبدالله، ”صحيح البخاري“ (اردو)، ترجمو ۽شرح: وحيد الزمان، علامہ، تاج ڪمپني لميٽيڊ، ڪراچي لاهور راولپنڊي، ڪتاب المغازي، باب غزوة ذا الرقاع، جلد پنجم، ص 364-366
2. متي 15 : 24
3. متي 10 : 5 ـ 6
4. سورة الانبياء : 107

جڏهن ملڪ عرب جو ذرو ذرو پاڻ سڳورن صہ جي رت جو پياسو هو ۽ خدا کان سواءِ ڪوبہ پاڻ سڳورن صہ جو دستگير نہ هو. هن (يعني خدا) دشمنن جي گهيري ۾ نازڪ کان نازڪ ۽ خطرناڪ کان خطرناڪ حملن ۾ پاڻ سڳورن صہ جي ذات گرامي کي محفوظ رکيو ۽ سفر اشعيا جي وعدي کي قرآن جي ذريعي ٻيهر دهرايو ۽ مڪي ۾ عين ان وقت جڏهن دشمنن جي عداوت جو سج پوري چوٽ چڙهيل هو تہ هي آيت نازل ٿي:

(i) وَاِذْ قُلْنَا لَكَ اِنَّ رَبَّكَ اَحَاطَ بِالنَّاسِ ط [1]

ترجمو: ”۽ (اي پيغمبر ياد ڪر) جنهن مهل توکي چيوسون تہ تنهنجي پالڻهار ماڻهن کي (پنهنجي قدرت سان) گهيري ورتو آهي (تہ توتي هٿ وجهن).“

(ii) وَاصْبِرْ لِحُكْمِ رَبِّكَ فَاِنَّكَ بِاَعْيُنِنَا [2]

ترجمو: ”۽ (اي پيغمبر) تون پنهنجي پالڻهار جي حڪم (اچڻ) تائين صبر ڪر، ڇو تہ تون اسان جي نظر هيٺ آهين.“

(iii) وَاللّٰهُ يَعْصِمُكَ مِنَ النَّاسِ ط [3]

ترجمو: ”الله تو کي ماڻهن کان پناهہ ڏيندو.“

اصحاب سڳورا پنهنجي جان نثاري سان حضور صہ جي خيمي جي چوڌاري پهرو ڏيندا هئا. جڏهن هي آيت نازل ٿي تہ پاڻ سڳورن صہ خيمي کان مٿو مبارڪ ٻاهر ڪڍي فرمايو:

”ماڻهو! واپس وڃو جو خدا منهنجي حفاظت جو پاڻ وعدو ڪيو آهي.“

هن وصف جا مستحق حضرت عيسي عہ نہ ٿي سگهن ٿا، جيڪي عيسائين جي اقرار مطابق رومين جي هٿان گرفتار ٿي ڪري سوليءَ تي لٽڪايا ويا.“[4]

(خ) تہ تون انڌن جون اکيون کولين، قيدين کي قيد مان ڪڍين ۽ جيڪي اونداهيءَ ۾ ويٺا آهن تنکي قيدخاني مان ڪڍين:

”**تہ تون انڌن جون اکيون کولين**“ مان مراد هي نہ آهي تہ جيڪي اکين کان نابين آهن يا ظاهري اکين کان ڏسي نہ ٿا سگهن، تون انهن جون اکيون ٺيڪ ڪري کين ڏسڻ لائق بڻائين، جيئن عيسائين جي دعوي آهي تہ حضرت عيسىٰ عہ انڌن کي سڄو ڪندو هو. پر هتي انڌن مان مراد عقل

1. سورة بني اسرائيل : 60
2. سورة الطور : 48
3. سورة المائده : 67
4. نعماني، شبلي رحہ، علامہ ۽ ندوي، سليمان، سيد، ”سيرت النبي صلي الله عليہ وسلم“، الميزان ناشران وتاجران ڪتب، اردو بازار، لاهور، سن اشاعت: 2004ع، جلد سوم، ص 411

۽ علم جا انڌا آهن. انهن عقل ۽ علم جي انڌن کي دين ۽ ايمان جي سمجهه ڏيڻ ۽ علم جي روشني عطا ڪرڻ آهي. جيئن اڳتي هلي اسان قرآن جون آيتون پيش ڪنداسين.

”قيدين کي قيد مان ڪڍين“ مان مراد جيڪي جسماني طور تي پابند ۽ سلاسل آهن انهن کي آزاد ڪرائين. هنن ۾ غلام ۽ ڪنيز اچي وڃن ٿا، جن کي پاڻ سڳورن ﷺ ۽ اصحابن سڳورن انهن جي مالڪن کان خريد ڪري ڪري کين آزادي ڏياري. مشهور اصحابي حضرت ياسر رضہ، حضرت بيبي سميہ رضہ، حضرت زيد بن حارث رضہ ۽ حضرت بلال حبشي رضہ اهڙن غلامن مان هئا ۽ آيت مان مراد معاشري ۽ سماج جا قيد ۽ بند بہ آهن جتي ماڻهو سماجي براين ۾ پاڻ کي مجبور، ڦاٿل ۽ قيد ٿيل محسوس ڪري ٿو. اهڙين براين کان آزادي بہ آهي. هن وقت بہ اسان جي سماج ۾ اهڙيون هٿڪڙيون لڳل آهن جن کان اسان کي جند ڇڏائڻ نہ صرف مشڪل بلڪ ناممڪن نظر اچي ٿو ۽ مسلمانن جو انهن براين ۾ جڪڙجي وڃڻ جو سبب صحيح اسلامي تعليمات تي عمل نہ ڪرڻ آهي.

”۽ جيڪي اونداهيءَ ۾ وينا آهن، تنکي قيد مان ڪڍين“. هن مان مراد بہ ساڳي آهي تہ هو گناهن ۽ براين جي ضلالت ۾ گهيريل آهن. علم جي روشنيءَ کان محروم، اونداهين ۾ وينا آهن. پنهنجي سوچ سمجهہ ۽ سماج ۽ معاشري جي قيدخاني ۾ بند ٿيل آهن. انهن کي سماج ۽ معاشري جي هر برائي کان آزاد ڪرائين ۽ هر خدا آڏو ڪنڌ جهڪائيندڙ کي صرف هڪ الله آڏو جهڪڻ جو درس ڏين ۽ بين سيني خدائن جي غلامي کان آزاد ڪرائين.

هيٺ اسان قرآن شريف کان ڪجهہ آيتون پيش ڪري رهيا آهيون، جيڪي مٿين آيت جي تشريح ڪري رهيون آهن:

(i) اَلَّذِيْنَ يَتَّبِعُوْنَ الرَّسُوْلَ النَّبِيَّ الْاُمِّيَّ الَّذِىْ يَجِدُوْنَهٗ مَكْتُوْبًا عِنْدَهُمْ فِى التَّوْرٰىةِ وَ الْاِنْجِيْلِ ۡ يَاْمُرُهُمْ بِالْمَعْرُوْفِ وَ يَنْهٰهُمْ عَنِ الْمُنْكَرِ وَ يُحِلُّ لَهُمُ الطَّيِّبٰتِ وَ يُحَرِّمُ عَلَيْهِمُ الْخَبٰٓئِثَ وَ يَضَعُ عَنْهُمْ اِصْرَهُمْ وَ الْاَغْلٰلَ الَّتِىْ كَانَتْ عَلَيْهِمْ ؕ فَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِهٖ وَ عَزَّرُوْهُ وَ نَصَرُوْهُ وَ اتَّبَعُوا النُّوْرَ الَّذِىْٓ اُنْزِلَ مَعَهٗٓ ۙ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ. قُلْ يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اِنِّىْ رَسُوْلُ اللّٰهِ اِلَيْكُمْ جَمِيْعًا الَّذِىْ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ۚ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ يُحْىٖ وَ يُمِيْتُ ۖ فَاٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَ رَسُوْلِهِ النَّبِىِّ الْاُمِّىِّ الَّذِىْ يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَ كَلِمٰتِهٖ وَ اتَّبِعُوْهُ لَعَلَّكُمْ تَهْتَدُوْنَ. [1]

ترجمو: ”(۽ پڻ آخرت جي رحمت انهن لاءِ لکندس) جيڪي انهيءَ نبي امي پيغمبر جي تابعداري ڪندا آهن، جنهن جون وصفون توريت ۽ انجيل ۾ پاڻ وٽ لکيلون لهندا آهن. (اهو) انهن کي چڱن ڪمن جو حڪم ڪندو آهي ۽ مندن ڪمن کان انهن کي جهليندو آهي ۽ سنيون شيون انهن لاءِ حلال ڪندو آهي ۽ پليت شيون مٿن حرام ڪندو آهي ۽ سندن

1. سورة الاعراف : 157 ـ 158

ڳرو بار ۽ جيڪي تڪليفون مٿن هيون سي ڪاٽئن لاهيندو آهي. پوءِ جن ان تي ايمان آندو ۽ سندس تعظيم ڪئي ۽ ڪيس مدد ڏنائون ۽ انهيءَ نور (ڪلام الله) جي تابعداري ڪيائون جيڪو ساڻس لاٿو ويو سي ئي ڇٽل آهن. (اي پيغمبر) چئو تہ اي انسانو! آءٌ اوهان مڙني ڏانهن ان الله جو پيغمبر (ٿي آيو) آهيان. جنهن جي آسمانن ۽ زمين ۾ بادشاهي آهي. ان ڪان سواءِ (ٻيو) ڪو عبادت جي لائق نہ آهي. اهو جياريندو آهي ۽ ماريندو آهي. تنهن ڪري، الله ۽ سندس انهيءَ نبي امي تي ايمان آڻيو جيڪو الله ۽ سندس حڪمن کي مڃيندو آهي ۽ ان جي تابعداري ڪريو تہ مان اوهين سڌي واٽ لهو."

(ii) يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ اِنَّآ اَرْسَلْنٰكَ شَاهِدًا وَّ مُبَشِّرًا وَّ نَذِيْرًا . وَّ دَاعِيًا اِلَى اللّٰهِ بِاِذْنِهٖ وَسِرَاجًا مُّنِيْرًا . وَ بَشِّرِ الْمُؤْمِنِيْنَ بِاَنَّ لَهُمْ مِّنَ اللّٰهِ فَضْلًا كَبِيْرًا .[1]

ترجمو: "اي پيغمبر بيشڪ اسان توکي شاهدي ڏيندڙ ۽ خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري موڪليو ۽ الله ڏانهن سندس حڪم سان سڏيندڙ ۽ روشن ڏيئو (ڪري موڪليوسون) ۽ مومنن کي خوشخبري ڏي تہ انهن لاءِ الله جي پار ڪان وڏو فضل آهي."

(iii) يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ قَدْ جَآءَكُمْ بُرْهَانٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَ اَنْزَلْنَآ اِلَيْكُمْ نُوْرًا مُّبِيْنًا . فَاَمَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِاللّٰهِ وَ اعْتَصَمُوْا بِهٖ فَسَيُدْخِلُهُمْ فِيْ رَحْمَةٍ مِّنْهُ وَ فَضْلٍ ۙ وَّيَهْدِيْهِمْ اِلَيْهِ صِرَاطًا مُّسْتَقِيْمًا .[2]

ترجمو: "اي ماڻهو! بيشڪ اوهان وٽ اوهان جي پالڻهار ڪان هڪ پڪي سند آئي آهي ۽ اوهان ڏانهن چٽو سوجهرو (قرآن) لاٿوسون. پوءِ جن الله کي مڃيو ۽ ڪيس چنبڙي ورتو تن کي پنهنجي پاران ٻاجه ۽ فضل هيٺ سگهو داخل ڪندو ۽ پاڻ ڏانهن ڪين سڌو رستو ڏيکاريندو."

(iv) فَاٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ وَ النُّوْرِ الَّذِيْٓ اَنْزَلْنَا ؕ وَ اللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ .[3]

ترجمو: "تنهن ڪري الله ۽ سندس پيغمبر تي ايمان آڻيو ۽ انهيءَ نور (قرآن) تي بہ جيڪو نازل ڪيوسون ۽ جيڪي ڪندا آهيو تنهنجي الله خبر رکندڙ آهي."

(v) وَ مَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا رَحْمَةً لِّلْعٰلَمِيْنَ .[4]

ترجمو: "(اي پيغمبر) تو کي خاص جهانن جي رحمت لاءِ موڪليوسون."

(vi) كِتٰبٌ اَنْزَلْنٰهُ اِلَيْكَ لِتُخْرِجَ النَّاسَ مِنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ ۙ بِاِذْنِ رَبِّهِمْ اِلٰى صِرَاطِ الْعَزِيْزِ الْحَمِيْدِ ۙ[5]

ترجمو: "هيءُ ڪتاب آهي جو (اي پيغمبر) اهو اسان تو ڏانهن هن لاءِ

---

1. سورة الاحزاب : 45 ـ 47
2. سورة النساء : 174 ـ 175
3. سورة التغابن: 8
4. سورة الانبياء: 107
5. سورة ابراهيم: 1

نازل ڪيو آهي تہ ماڻهن کي اونداهين مان سوجهري ڏانهن ڪڍين ۽ سندس رب جي حڪم سان انهي ساراهيل واٽ تي آڻين.“

(vii) وَلٰكِنْ جَعَلْنٰهُ نُوْرًا نَّهْدِيْ بِهٖ مَنْ نَّشَآءُ مِنْ عِبَادِنَا ؕ وَاِنَّكَ لَتَهْدِيْٓ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ .[1]

ترجمو: ”پر قرآن کي نور ڪيو اٿئون. پنهنجن ٻانهن مان جنهن کي گهرون (تنهن کي) ان سان سڌو رستو ڏيکاريندا آهيون ۽ بيشڪ تون سڌي رستي ڏانهن هدايت ڪندو آهين.“

(د) آءٌ خداوند آهيان: اهو منهنجو نالو آهي: آءٌ پنهنجو جلال ڪنهن ٻئي کي ڪين ڏيندس، نڪي پنهنجي تعريف اڪريل مورتن کي ڏيندس

(i) انا الرب هذا اسمي

انگريزيءَ ۾ آهي تہ: ”آءِ ايم دي لارڊ، دس از ماءِ نيم“ (I am the LORD, this is My name) پر **لفظ** ”لارڊ“ (LORD) **الله** جو نالو نہ ٿي سگهي ٿو. هتي عبرانيءَ ۾ **لفظ** ”يهواه“ (Yah_weh) آهي. يهودين ۽ عيسائين وٽ الله جو اهو نالو مشهور آهي. هن آيت کي وني عيسائي مبلغ پنهنجي دين جي تبليغ ڪندا آهن تہ خداوند متعال جو ذاتي نالو ”يهواه“ آهي. سو جيڪڏهن قرآن سچو هجي ها تہ هو بہ خداوند متعال کي ”يهو واه“ جي نالي سان سڏي ها ڇو تہ ”الله“ خداوند متعال جو نالو نہ آهي ۽ عام اڻ پڙهيل جاهل عيسائي ۽ لکيل پڙهيل جاهل عيسائي انٽرنيٽ تي **”الله“** جي خلاف نازيبا ڪلمات استعمال ڪندا آهن، بلڪ حد کان وڌيڪ گهٽياپڻ جو ثبوت ڏيندا آهن.

تڏهن اسان هنن کي ياد ڏياريندا آهيون تہ توهان پنهن جا عربي ترجمي وارا بائيبل پڙهي ڏسو. عربيءَ واري بائيبل ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ هزار ٽي سو ستهٺ آيتن ۾ **”الله“** جو لفظ خداوند جي لاءِ استعمال ٿيل آهي ۽ ڪن ڪن آيتن ۾ تہ ٻہ ٻہ دفعا اهو لفظ استعمال ٿيل آهي.

مثال جي لاءِ ڪجهہ آيتون پيش ڪجن ٿيون:

1. فِى الْبَدْءِ خَلَقَ اللهُ السَّمَاوَاتِ وَالأَرْضَ،
2. وَإِذْ كَانَتِ الأَرْضُ مُشَوَّشَةً وَمُقْفِرَةً وَتَكْتَنِفُ الظُّلْمَةُ وَجْهَ الْمِيَاهِ، وَإِذْ كَانَ رُوحُ اللهِ يُرَفْرِفُ عَلَى سَطْحِ الْمِيَاهِ،
3. أَمَرَ اللهُ: «لِيَكُنْ نُورٌ». فَصَارَ نُورٌ،
4. وَرَأَى اللهُ النُّورَ فَاسْتَحْسَنَهُ وَفَصَلَ بَيْنَهُ وَبَيْنَ الظَّلامِ.
5. وَسَمَّى اللهُ النُّورَ نَهَاراً، أَمَّا الظَّلامُ فَسَمَّاهُ لَيْلاً. وَهَكَذَا جَاءَ مَسَاءٌ أَعْقَبَهُ صَبَاحٌ، فَكَانَ الْيَوْمَ الأَوَّلَ.[2]

ڪنهن بہ ذي شعور ماڻهو جي سمجهہ لاءِ هي شروعاتي پنج آيتون

---

1. سورة الشوري: 52
2. پيدائش 1 : 1 ـ 5

ئي ڪافي آهن. هي آيتون ثابت ڪن ٿيون ته عرب عيسائي لفظ **"الله"** کي خدا جي بدران استعمال ڪندا آهن ۽ اتي هنن جو لفظ **"الله"** ڪان مراد خداوند متعال ئي هوندو آهي. پر باقي دنيا ۾ **"الله"** جي خلاف ايتري پروپيگنڊه ڪئي ويندي آهي جو پڙهيل، اڻ پڙهيل هر قسم جا عيسائي **الله** جي خلاف نازيبا الفاظ استعمال ڪندي نظر ايندا آهن.

بائيبل جا مترجم جڏهن بائيبل جو ترجمو ڪندا آهن ته هو لفظ "يهواه" جو به ترجمو ڪري ڇڏيندا آهن.

انگريزيءَ ۾ انهي جو ترجمو "لارڊ" (LORD) ڪندا آهن.

سنڌيءَ ۾ انهيءَ جو ترجمو "خداوند" ڪيو اٿن.

اردو ۾ انهيءَ جو ترجمو "يهواه" ئي ڪيو اٿن.

عربيءَ ۾ انهيءَ جو ترجمو "رب" ڪيو اٿن.

ڪرڻ ته هنن کي ايئن ئي کپي ها جو هن جو ترجمو ئي نه ڪن ها. جيئن هنن اردو جي بائيبل ۾ ڪيو آهي. پر نالن جي ترجمي ڪرڻ جي هنن کي عادت آهي. جيئن هنن ڪوه "سلع" جو ترجمو ڪري ڇڏيو، جنهن جي ڪري، ڪوه "سلع" جي سڃاڻپ ئي ختم ٿي وئي. (تفصيل اڳتي اچي رهيو آهي)

لفظ "شلوه" جو ترجمو ڪري هن جي سڃاڻپ ختم ڪري ڇڏيائون. (ڏسو "شلوه")

لفظ "محمد" جو ترجمو ڪري ان لفظ جي سڃاڻپ ختم ڪري ڇڏيائون. (ڏسو "محمديم")

اهڙيءَ طرح هنن لفظ "يهواه" جا ترجما ڪري "يهواه" لفظ جي پنهنجي سڃاڻپ ختم ڪري ڇڏيائون. مٿان وري دعوي ڪرڻ لڳا ته **"الله"** "يهواه" نه آهي ۽ "يهواه" جو عربي ترجمو "رب" ڪري ڇڏيائون. حالانڪه هو "ايلوهم" جو ترجمو **"الله"** ڪندا آيا آهن. جيڪڏهن پڇبو ته پلا "ايلوهم" ۽ "يهواه" الڳ الڳ شخصيتون آهن؟

ته چوندا ته: "نه!"

"پوءِ توهان ايلوهم جو ترجمو **"الله"** ڪري ڇڏيو آهي ۽ "ايلوهم" ۽ "يهواه" ساڳي شخصيت آهي ته انهيءَ جو مطلب ته "يهواه" ۽ **"الله"** به ساڳي شخصيت ٿيو نه؟"

يا وري سوال ڪجي ته:

"توهان جي عربي جي بائيبل ۾ آهي ته: "1فِي الْبَدْءِ خَلَقَ اللهُ السَّمَاوَاتِ وَالأَرْضَ،" يعني "سڀ کان پهريان **الله** آسمان ۽ زمين پيدا ڪيا."

يعني خلقت ڪرڻ وارو خلقت جو مالڪ **"الله"** آهي، "يهواه" نه آهي ۽ بيو ته جڏهن **الله** تبارڪ وتعالي آسمان ۽ زمين پيدا ڪري رهيو هو ته اوهان جو "يهواه" ڪٿي هو؟"

ته هي سوال هنن کي ياڙي ڪري ڇڏيندا آهن. پوءِ هو وري پلٽو

ڪائي چوندا آهن تہ:

”يلا جنهن **الله** کي اسان مڃيندا آهيون توهان بہ انهيءَ **الله** کي مڃيندا آهيو؟ يعني ٽرنٽي (Trinity) وارو **الله**. يعني پيءُ، پٽ ۽ روح القدس.“ ۽ چوندا آهن تہ: ”قرآن جو **الله** ٻيو آهي ۽ بائيبل جو **الله** ٻيو آهي ۽ اسان قرآن واري **الله** جي هڄو ڪندا آهيون.“

ڪيڏي نہ بي سمجهي واري ڳالهہ هي ڪندا آهن. فاعتبروا يا اولي الابصار. اسان وري هنن کان جوابي سوال ڪندا آهيون تہ: ”ڇا يهودي بہ انهيءَ **”الله“** کي مڃيندا آهن، جنهن **”الله“** کي اوهان مڃيندا آهيو؟ يعني ٽرنٽي واري **الله** کي؟

تہ يقينن چوندا تہ: ”نہ!“

تہ پوءِ هو انهيءَ ۾ عافيت سمجهندا آهن تہ بحث جو اختتام انهيءَ ڳالهہ تي ٿئي تہ جنهن **الله** کي اسان مڃيندا آهيون تنهن کي توهان نہ مڃيندا آهيو ۽ جنهن **الله** کي اوهان مڃيندا آهيو انهيءَ **الله** کي اسان ڪونہ مڃيندا آهيون. يعني جان ڇڏائڻ جي چڪر ۾ هو بحث جي رخ کي موڙڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. هي منهنجو ذاتي تجربو آهي.

(ii) آءٌ پنهنجو جلال ڪنهن ٻئي کي ڪين ڏيندس

يعني ڪم تہ مان ڪيان پر نالو ڪنهن ٻئي جو ٿئي، ايئن ڪرڻ ڪونہ ڇڏيندس. جيڪي ڪم الله تبارڪ وتعالي حضرت عيسىٰ ع هٿان ڪرايا تہ عيسائين اهي ڪم الله جي بدران حضرت عيسىٰ ع ڏانهن منسوب ڪري ڇڏيا. حالانڪ حضرت عيسىٰ ع خود فرمائيندا رهيا تہ هي جيڪي ڪم مان ڪريان ٿو سو سڀ الله جي قدرت ذريعي ڪريان ٿو:

(1) ”مان پنهنجي سر ڪجهہ ڪري نہ ٿو سگهان.“[1]

(2) ”پر جيڪڏهن آئون خدا جي روح جي مدد سان ڀوت ٿو ڪڍان.“[2]

(3) ”منهنجو پيءُ جنهن اهي مون کي ڏنيون آهن سو سڀني کان وڏو آهي ۽ ڪنهن کي بہ طاقت نہ آهي تہ پيءُ جي هٿ مان اهي کسي سگهي.“[3]

پر عيسائين الله جو جلال حضرت عيسىٰ ع کي ڏيئي ڇڏيو ۽ هن کي خدا ۽ خدا جو پٽ بڻائي ڇڏيو. اهو بہ هڪ سبب بڻيو جو الله هنن کان رسالت کسي ٻي قوم کي ڏيئي ڇڏي.

(iii) نڪي پنهنجي تعريف اڪريل مورتن کي ڏيندس

اسان تاريخ ۾ ڏسون ٿا تہ انسان مورتيون بڻائڻ ۽ انهن کي پوڄڻ ۾ مشغول آهي ۽ انهن کي پنهنجو سڀ ڪجهہ سمجهي پيو. هو انهن

---

1. يوحنا 5 : 30
2. متي 12 : 28
3. يوحنا 10 : 29

مورتين کي هر شئي جو ڪارڻ سمجهي ٿو. هنن جي تعريف ڪري ٿو، هنن جي عبادت ڪري ٿو.

الله تبارڪ وتعالي وري اهڙن انسانن کي موڪلڻ ۾ مشغول آهي، جيڪو انهن بتن کي پيجي پورا ڪندا ٿا وتن. جيئن حضرت ابراهيم عہ پنهنجي وقت ۾ سوين بت پيجي پورا ڪيا هئا. اهڙيءَ طرح فتح مڪہ جي وقت حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم ۽ سندس اصحابن سڀني سوين بت پيجي پرزا پرزا ڪري ڇڏيا هئا.

الله جي دين جو ڪم ئي بتن کي پيجي تباهہ ۽ برباد ڪرڻ آهي. الله تبارڪ وتعالي فرمائي ٿو تہ مان پنهنجن ڪمن جي تعريف انهن اڪيل مورتن جي حوالي نہ ڪندس.

(iv) محمد تقي عثماني جي تحقيق

مولانا رحمت الله ڪيرانوي صاحب پنهنجي ڪتاب "اظهار الحق" ۾ حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم متعلق بشارتون بيان ڪندي ڪتاب يسعياه جي باب 42 ۾ بيان ٿيل بشارتن جي هيٺ مٿيون اٺ آيتون حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم متعلق بشارتن ۾ شامل نہ ٿو ڪري.

محترم محمد تقي عثماني صاحب انهيءَ ڳالهہ تي بحث ڪندي فرمائين ٿا تہ:

"مصنف جو خيال هي آهي تہ هن باب نمبر 42 ۾ آيت 9 کان پهريان جنهن نبي جون علامتون ذڪر ڪيون ويون آهن اهي حضور صلي الله عليہ وسلم جون نہ آهن. بلڪ ڪنهن ٻئي نبي جون آهن. پر ڪجهہ ٻيا اهل علم مثلا مولانا سيد سليمان ندوي رحہ جو خيال آهي تہ هي علامتون بہ حضور صلي الله عليہ وسلم جون ئي آهن ۽ اسان کي بہ اها ڳالهہ درست معلوم ٿئي ٿي. باب 42 جون شروعاتي اٺ آيتون هي آهن:

"ڏسو منهنجو بندو، جنهن کي آءٌ سنڀاليو اچان؛ منهنجو چونڊيل، جنهن مان منهنجي دل راضي آهي: مون پنهنجو روح انهيءَ تي نازل ڪيو آهي؛ هو قومن ۾ عدالت جاري ڪندو. هو رڙ نہ ڪندو، نڪي هل ڪندو، نڪي هنجو آواز گهٽيءَ ۾ ٻڌڻ ۾ ايندو، ڦٽل ڪانو بہ هو ڪين ڀڃيندو ۽ دکيل سٽيءَ کي بہ هو ڪين وسائيندو: هو سچائيءَ سان عدالت جاري ڪندو. جيسين ڪہ هو زمين تي عدالت قائم نہ ڪندو، تيسين هو نہ ٿڪبو، نڪي بي همت ٿيندو ۽ ٻيٽ هن جي شريعت جو انتظار ڪندا. خداوند خدا جنهن آسمان پيدا ڪيا ۽ انهن کي پکيڙيو؛ جنهن زمين ۽ جيڪي منجهس نڪري ٿوسپ پري پکيڙي ڇڏيو آهي؛ ۽ جيڪو انسان کي ساهہ ۽ جيڪي ڏرتيءَ تي هلن چلن ٿا، تن کي روح ٿو ڏئي، سو فرمائي ٿو تہ، مون خداوند توکي سچائيءَ سان سڏيو آهي، آءٌ تنهنجو هٿ

جهليندس ۽ تنهنجي سنڀال ڪندس ۽ توکي امت جي لاءِ عهد ۽ قومن لاءِ سوجهرو ڪري ڏيندس، ته تون انڌن جون اکيون کولين، قيدين کي قيد مان ڪڍين ۽ جيڪي اونداهيءَ ۾ ويٺا آهن، تنکي قيدخاني مان ڪڍين. آءٌ خداوند آهيان: اهو منهنجو نالو آهي: آءٌ پنهنجو جلال ڪنهن ٻئي کي ڪين ڏيندس، نکي پنهنجي تعريف اکريل مورتن کي ڏيندس.“[1]

اسان جي ويجهو هي عبارت حضور صلي الله عليہ وسلم جي حق ۾ آهي ۽ هن کان بعد جيڪو جملو آهي ته:

”ڏسو، اڳوڻيون ڳالهيون اچي پوريون ٿيون آهن ۽ آءٌ نيون ڳالهيون ظاهر ڪريان ٿو.“[2]

حقيقت ۾ اهو جملو معترضہ آهي، جنهن جو مقصد پنهنجي پيشنگوئي جي اهميت کي اهڙيءَ طرح واضع ڪرڻ آهي ته مون جيڪي پويون پيشنگوئيون هن کان اڳ ڪيون هيون اهي واقع ٿي ويون. انهيءَ ڪري هي بہ ضرور واقع ٿينديون.

مٿي ذڪر ٿيل عبارت گهڻن سببن جي ڪري حضرت عيسىٰ ع جي حق ۾ نہ ٿي سگهن ٿيون.

اول تہ انهيءَ ڪري جو هن ۾ هڪ جملو آهي تہ:

”جيسين ڪہ هو زمين تي عدالت قائم نہ ڪندو، تيسين هو نکي ٿڪبو، نکي بي همٿ ٿيندو.“[3]

حالانڪہ حضرت عيسىٰ ع پنهنجي عدالت ۽ حڪومت کان پهريان ئي آسمان تي تشريف کڻي ويا.

ٻيو انهيءَ ڪري جو هن ۾ هڪ جملو آهي تہ:

”آءٌ تنهنجو هٿ جهليندس ۽ تنهنجي سنڀال ڪندس.“[4]

حالانڪہ عيسائي نظريي جي مطابق تہ حضرت عيسىٰ ع سوليءَ تي چڙهڻ وقت خدا کي رڙ ڪري سڏيندو ئي رهجي ويو. ايتري تائين جو (معاذالله) هن جو انتقال ٿي ويو ۽ اسلامي عقيدي مطابق بہ هن کي حڪومت گهٽ ۾ گهٽ حاصل نہ ٿي سگهي.

ٽيون انهيءَ ڪري جو هن عبارت جو آخري جملو بہ هن ڳالھ جي گواهي ڏيئي رهيو آهي تہ جنهن نبي جي بشارت ڏني وڃي ٿي اهو خاص طور تي بت پرستي جي خاتمي کي پنهنجو مقصد بڻائيندو. حالانڪہ حضرت عيسىٰ ع کي بت پرستن سان ڪو واسطو نہ رهيو هو.

هن جي ابتڙ هي بشارت سو في صد حضور صلي الله عليہ وسلم

---

1. يسعياه 42 : 1 ـ 8
2. يسعياه 42 : 9
3. يسعاه 42 : 4
4. يسعياه 42 : 6

تي صادق اچي تي. حضرت ڪعب ؓ عنہ اصحابن جي دور ۾ هڪ مشهور يهودي عالم هو. جيڪو مسلمان ٿي ويو هو. هن کان ڄڏهن پڇيو ويو تہ: ”توريت جي ڪهڙي عبارت حضور صلي اللہ عليہ وسلم جي بشارت ڏئي ٿي؟“

تہ هن هڪ عبارت جو عربي ترجمو ڪري ٻڌايو، اها عبارت ڪتاب يسعياه جي هن عبارت جي سو في صد مطابق آهي. اسان بخاري جي ڪتاب التفسير کان حضرت ڪعب رضہ[1] جي بيان ڪيل عبارت هڪ هڪ جملو ڪري نقل ڪيون ٿا. انهي کي ڪتاب يسعياه جي هڪ هڪ جملي سان ملائيندا وڃو:

قَالَ فِي التوراةِ يا أيها النبي إنا أر()نا& %$#ا "!بشرا،	توريت ۾ اللہ چيو آهي تہ اي نبي! اسان توکي شاهد ۽ بشارت (خوشخبري) ڏيڻ وارو ڪري موڪليو آهي.

يسعياه ۾ آهي تہ: ”هو قومن ۾ عدالت جاري ڪندو.“ (1:42)

"/اِر.ا_ا)؛!+*،	”اميين جي پناهہ آهيو.“ (امي کان مراد اهي آهن جن کي پهريان شريعت نہ ملي هجي.)

يسعياه ۾ آهي تہ: ”آءٌ کين انهن واٹن تان هلائيندس جنجي انهن کي سڌ ڪانهي.“ (16:42)

أز2 1بِ#0 "ر(وِلي،	”توهان منهنجا ٻانها ۽ منهنجا رسول آهيو.“

يسعياه جي شروع ۾ آهي: ”ڏسو منهنجو ٻندو“ ۽ پوءِ آهي: ”مون پنهنجو روح انهيءَ تي نازل ڪيو آهي.“ (1:42)

---

1. صحيح بخاري ۾ هي حديث ٻن جڳهن تي روايت ٿيل آهي ۽ ٻنهي جڳهن تي هي حديث عبداللہ بن عمرو بن العاص کان روايت ٿيل آهي. مسند احمد ۾ بہ عطاء بن يسار عبداللہ بن عمرو بن العاص کان روايت ڪرڻ کان بعد چوي ٿو تہ:
”مان وري بہ ڪعب رضہ سان مليس تہ انهيءَ کان بہ اهو سوال پڇيم تہ ٻنهي جي جواب ۾ هڪ حرف جو بہ فرق نہ هو.“
(i) احمد بن حنبل، امام، ”مسند احمد بن حنبل“(اردو)، مترجم: محمد ظفر اقبال، مولانا، مڪتبہ رحمانيہ، اردو بازار، لاهور، جلد سوم، ص 543_544
البتہ سنن دارمي ۾ هي روايت ابو صالح ڪعب رضہ کان روايت ڪري ٿو. پر انهيءَ روايت ۾ هن روايت جي مقابلي ۾ ڪجهہ جملن جي مٿا سٺا ۽ گهٽ وڌائي ٿيل آهي.
(ii) التميمي الدارمي، عبداللہ بن عبدالرحمان، ابو محمد، ”سنن دارمي“ (اردو)، مترجم: بنت حماد، عبدالستار، حافظ، شيخ الحديث، انصار السنہ پبليڪيشنز، لاهور، جلد اول، ص 60_61، حديث: 5

(8+7 ﺍﻟﺘﻮ35	”مان تنهنجو نالو خدا تي ڀروسو رکڻ وارو رکيو آهي.“

يسعياه ۾ آهي: ”منهنجو بندو، جنهن کي آءٌ سنڀاليو اچان.“ (1:42)
” آءٌ تنهنجو هٿ جهليندس ۽ تنهنجي سنڀال ڪندس.“ (6:42)

9#ﻭ " : " ،<+(= : " <?@A+ ،ﺭ?B" ﻭ?C DE" ،FG+HJ FG+HJ@	”توهان نہ بدخصلت آهيو ۽ نہ سنگدل (يعني ڪمزورن کي نہ ستائڻ وارو) توهان برائي جو بدلو برائي سان نہ ڏيو ٿا. بلڪ معاف ڪريو ٿا ۽ درگذر ڪريو ٿا.“

اشعياه عہ (يعني يسعياه عہ) تمثيل ۽ استعاري ۾ چوي ٿو: ”قتل ڪانو بہ هو ڪين ڀڃيندو ۽ دڪيل سٽيءَ کي بہ هو ڪين وسائيندو: هو سچائيءَ سان عدالت جاري ڪندو.“ (3:42)

" : (LM ﻓﻲ KI(ﻭﺍ I،	”توهان بازارن ۾ شور ڪرڻ وارا نہ آهيو.“

يسعياه ۾ آهي: ”هو رڙ نہ ڪندو، نڪي هل ڪندو، نڪي هن جو آواز گهٽيءَ ۾ ٻڌڻ ۾ ايندو.“ (2:42)

FI(6I O@P+Q R/ O(JI OSQ DJ" ،JIUﻭCI	”۽ الله تعالي اوهان جو روح ان وقت تائين هرگز قبض نہ ڪندو جيستائين اوهان جي ذريعي ٽيڏي قوم کي سڌو نہ ڪري ڇڏي.“

يسعياه ۾ آهي: ”جيسين ڪہ هو زمين تي عدالت قائم نہ ڪندو، تيسين هو نہ ٿڪبو، نڪي بي همت ٿيندو.“ (4:42)

،O(JI UI O:I : WIﻭIﻭQ V=@	”ايتري تائين جو هو چون تہ الله کان سواءِ ڪو عبادت جي لائق ناهي.“

يسعياه ۾ آهي: ”آءٌ خداوند آهيان: اهو منهنجو نالو آهي: آءٌ پنهنجو جلالڪنهن ٻئي کي ڪين ڏيندس. نڪي پنهنجي تعريف اڪريل مورتن کي ڏيندس.“ (8:42)

"?\ ﻫﺎ@ ﺃ1+ﻧﺎ 81+ﺍ، "[Zﺍﻧﺎ 8Y ،ﻭ(ﻕ" ،ﻭ@ .[?(=	”بس انهيءَ توحيد جي ڪلمي جي ذريعي هو انڌن اکين، ٻوڙن ڪنن ۽ پردو پيل دلين کي کولي ڇڏيندو.“

يسعياه ۾ آهي تہ: ”تون انڌن جون اکيون کولين، قيدين کي قيد مان ڪڍين. جيڪي اونداهيءَ ۾ ويٺا آهن، تنکي قيدخاني مان ڪڍين.“ (7:42)

هن پيشنگوئي جو هڪ هڪ حرف حضور صلي الله عليہ وسلم تي صادق آهي. حضرت عبدالله بن عمرو رضہ جي حديث ۽ بائيبل جي عبارت ۾ ڪٿي ڪٿي تقديم ۽ تاخير يا صيغن جو فرق ضرور آهي. پر ايترو فرق تہ بائيبل جي تقريبا هر نسخي ۾ ٻئي نسخي جي مقابلي ۾ هوندو آهي.

وري انهيءَ عبارت ۾ اچڻ واري نبي لاءِ ”ٻانهو“ يا ”ٻندو“ جو لفظ استعمال ڪيو ويو آهي. جيڪو خاص طور تي حضور صلي الله عليہ وسلم جو لقب آهي. ٻين نبين مان ڪنهن کي ”ڪليم الله“ چيو ويندو آهي، ڪنهن کي ”روح الله“ ۽ ڪنهن کي ”خليل الله“ پر ”عبد الله“ جو خصوصي خطاب حضور ختم المرتبت صلي الله عليہ وسلم ئي کي مليو آهي. انهيءَ لفظ سان ”برگزيده“ استعمال ڪيو ويو آهي، جيڪو ”مصطفيٰ“ جو ترجمو آهي ۽ حضور صلي الله عليہ وسلم جو معروف لقب آهي.“[1]

(ذ) ڏسو اڳوڻيون ڳالهيون اچي پوريون ٿيون آهن ۽ آءٌ نيون ڳالهيون ٿو ظاهر ڪريان؛ اهي پوريون ٿين تنهن کان اڳ ۾ آءٌ اوهان کي انهن جي خبر ٿو ڏيان.

هي آيتون نهايت صاف نموني چون ٿيون تہ هي ڳالهيون حضرت يعقوب عہ بابت نہ آهن، جيئن ڪجهہ عيسائي عالمن جو خيال آهي. حضرت يعقوب عہ گذري چڪو هو، يا جيڪڏهن هن گفتگو کي ماضي ۾ ڪٿي وجي حضرت يعقوب عہ جي دور سان بہ ملايون تہ بہ هي صاف چوي ٿو تہ مان هي پيشنگوئيون ايندڙ وقت لاءِ ڪري رهيو آهيان. اهڙيءَ طرح بہ هي آيتون هن ڳالهہ کي چٽيون ٿيون ڪن تہ هي مستقبل بابت پيشنگوئيون آهن.

هن آيت هن سڄي باب کي حضرت يعقوب عہ جي متعلق هجڻ جي يڪسر نفي ڪري ڇڏي آهي. تنهن ڪري هنن سيني آيتن جو حضرت يعقوب عہ بابت هجڻ تي بحث ئي بيڪار آهي.

باقي ٻيو آهي حضرت عيسىٰ عہ جنهن بابت گهڻن عيسائي عالمن جو خيال آهي تہ هنن آيتن مان هو مراد آهي. انهيءَ بابت اسان ضرورت آهر وضاحت ڪندا ٿا اچون. باقي ٻئي ڪنهن نبي جي باري ۾ هنن آيتن جي هجڻ جو ڪنهن بہ عالم خيال جو اظهار نہ ڪيو آهي.

(ر) اوهين جي سمنڊ ڏانهن لهي ٿا وڃو ۽ جيڪي منجهس آهيو، اي ٻيٽ ۽ ان جا رهاڪو، خداوند جي لاءِ نئون گيت ڳايو ۽ زمين جي هڪڙي ڇيڙي

---

1. ڪيرانوي، رحمت الله، مولانا، حضرت، ”اظهارالحق“ جو اردو ترجمو: ”بائيبل سي قرآن تڪ“، مترجم: اڪبر علي، مولانا، شرح ۽ تحقيق: عثماني، محمد تقي، مڪتبہ دارالعلوم، ڪراچي 14، طبع 10، رمضان المبارڪ 1437 هہ مطابق 16 جون 2016ع، جلد سوم، باب ششم، ص 284_289 (حاشيہ)

کان ٻئي چيڙي تائين سندس تعريف ڳايو.

هي عربستان جي رهاڪن ڏانهن اشارو آهي. عربستان ئي اها مقدس سرزمين آهي جيڪا ٻيٽ جي صورت ۾ آهي. جنهن جي ٽن طرفن کان سمنڊ آهي. خداوند جي لاءِ نئون گيت ڳائڻ جو مطلب نئين شريعت ۽ نوان احڪام آهن. زمين جي هڪ چيڙي کان ٻئي چيڙي تائين پيغام پهچائڻ جو ذمو صرف مسلمانن کي ڏنو ويو آهي ۽ اسان بار بار ٻڌائيندا آيا آهيون ته حضرت عيسىٰ عہ صرف پنهنجي قوم لاءِ آيو هو. هو پاڻ فرمائين ٿا ته:

”آئون رڳو اسرائيل جي گهراڻي جي گم ٿيل رڍن لاءِ موڪليو ويو آهيان.“[1]

۽ پنهنجن حوارين کي به تاڪيد ڪري فرمائين ٿا ته بني اسرائيل کان سواءِ ٻين قومن ۾ نه وڃو:

”انهن ٻارهن کي يسوع روانو ڪيو ۽ تاڪيد ڪري چيائين، ته غير قومن جي راهه ۾ متان وڃو ۽ سامرين جي ڪنهن به شهر ۾ متان گهڙو: بلڪ اسرائيل جي گهراڻي جون رڍون جيڪي گمراهه ٿي ويون آهن تن وٽ وڃو.“[2]

۽ نه ئي حضرت يعقوب عہ هن پيشنگوئي جو مصداق ٿي سگهي ٿو. اڳين آيت ۾ هن جون ٻيون اجان به وڌيڪ چٽيون نشانيون ملن ٿيون.

(ز) پلي ته بيابان ۽ ان جا شهر ۽ قيدار جا آباد ڪيل ڳوٺ پنهنجو آواز مٿي ڪن؛ پلي ته سلع جا رهاڪو ڳائين ۽ جبلن جي چوٽيءَ تان وڏي سڏ پڪارين

(i) لفظ سلع جي تحقيق

مولانا اڪبر علي صاحب استاذ حديث دارالعلوم ڪراچي حضرت مولانا رحمت الله ڪيرانوي رحہ صاحب جي شهره آفاق تاليف ”اظهار الحق“ جو اردو ترجمو ڪيو آهي ۽ محترم محمد تقي عثماني صاحب استاذ دارالعلوم ڪراچيءَ وري انهيءَ جي ”شرح ۽ تحقيق“ لکي آهي.

محترم محمد تقي عثماني صاحب لفظ ”سلع“ جي تشريح ۽ تحقيق ڪندي جيڪو ڪجھ لکيو آهي اسان انهيءَ جو سنڌي ترجمو پيش ڪري رهيا آهيون: ”سلع“: اظهار الحق ۾ مصنف جنهن عربي ترجمي کان نقل ڪيو آهي، انهيءَ ۾ ”سلع“ جي جڳهه تي ”پهاڙ“ جو لفظ آهي.[3] موجوده

---

[1]. متي 15: 25

2. متي 10: 5 ـ 6

3. منهنجي سامهون ڪرسٽ يونائيٽ (Christunite) وارن جو عربي بائيبل آهي جنهن ۾ لفظ ”سالع“ (لترنم سڪان سالع) استعمال ٿيل آهي ۽ جيڪڏهن لفظ ”سالع“ جي معني انٽرنيٽ تي ڏسڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو ته اردو ۾ هن جي معني اچي ٿي ”اجناس“.

انگريزي ترجمن ۾ بہ ايئن ئي آهي. پر موجوده اردو ترجمي ۽ عربي ترجمي مطبوعہ 1865ع ۾ هتي "سلع" جو لفظ آهي ۽ تحقيق کان معلوم ٿيو تہ اصل عبراني ۾ هتي لفظ "سلع" ئي آهي. پر جيئن تہ "سلع" جي معني "پهاڙ" آهي ۽ بائيبل جا مترجم اڪثر جاين جي نالن جو بہ ترجمو ڪري ڇڏيندا آهن. انهيءَ ڪري انهيءَ جي جاءِ تي "پهاڙ" لکي ڇڏيائون. هن تحقيق سان هي پيشنگوئي اجان بہ وڌيڪ قطعي طور تي حضور صلي الله عليہ وسلم جي حق ۾ ٿي وڃي ٿي. ڇو تہ "سلع" مديني طيبہ جي هڪ پهاڙ جو نالو آهي. جيڪو قديم اهل عرب ۾ بہ انهيءَ نالي سان مشهور هو. قيس بن ذريح جو شعر آهي:

لعمرڪ انني لا حب سلعا لرويتہ ومن اڪناف سلع

حضور صلي الله عليہ وسلم جي زماني ۾ بہ "سلع" جي نالي سان مشهور ۽ معروف هو. (ڏسو صحيح مسلم ۾ غزوه تبوڪ جي تحت حضرت ڪعب رضہ جي مشهور طويل حديث) ۽ اڄ بہ "سلع" جي نالي سان مشهور آهي. هاڻي هن جملي تي غور فرمايو جيڪو يسعياه جي ڪتاب ۾ لکيل آهي:

"يلي تہ سلع جا رهاڪو گيت ڳائين."

توهان کي خبر آهي تہ جڏهن حضور صلي الله عليہ وسلم مدينہ طيبہ تشريف ڪٺي آيا تہ مديني جون ڇوڪريون هي عربي نغمو ڳائي رهيون هيون:

طلع البدر علينا من ثنيات الوداع

(اسان تي ثنيات الوداع جي گهاٽين کان چوڏهين جو چنڊ اڀريو آهي.) ۽ لطف جي ڳالهہ هي آهي تہ ثنيات الوداع درحقيقت "ڪوهہ سلع" ئي جي سلسلي جون گهاٽيون آهن. جن جو اڄ بہ هر شخص مدينہ طيبہ ۾ مشاهدو ڪري سگهي ٿو. هي درست آهي تہ "سلع" جي نالي سان هڪ قلعو شام جي "واديءِ موسي" ۾ بہ واقع آهي.[1] پر گهڻن سببن جي ڪري يسعياه جي ڪتاب ۾ لکيل مٿين پيشنگوئي مان اهو "سلع" مراد نہ ٿي سگهي ٿو. پهريون تہ انهيءَ ڪري جو آڪسفورڊ بائيبل ڪنڪارڊنس جا مولفين هن لفظ جي شرح ڪندي لکن ٿا تہ:"عرب جو قديم مرڪزي شهر جنهنجي بنياد بني عيسو رکي هئي.(ص 265، لفظ)"

واضح هجي تہ حضرت عيسو حضرت اسمائيل عہ جا ڄاٽا هئا.[2] ۽ "واديءِ موسي" جو قلعو شام ۾ آهي. انهيءَ کي عرب جو شهر نہ چئي سگهجي ٿو. ٻيو انهيءَ ڪري جو هن پيشنگوئي ۾ لفظ سلع کان پهريان

---

1. بحوالہ : معجم البلدان موي، ص 237 ج 3، القاموس المحيط ص 39، ج 3
2. پيدائش 28 : 9، 25 : 13، 36 : 3

هي جملو آهي تہ: ”۽ قيدار جا آباد ڪيل ڳوٺ پنهنجو آواز مٿي ڪن.“

جنهن کان خبر پوي ٿي تہ سلع کان مراد اهو سلع آهي جيڪو قيدار جي ڳوٺن جي ويجهو هجي. قيدار حضرت اسمائيل ؑ جي صاحبزادي جو نالو هو.[1] ۽ هن جي اولاد ملڪ عرب جي بيابان ۾ آباد هئي، جيئن ڪتاب يسعياه 21 : 13 ـ 17 کان صاف ظاهر ٿئي ٿو. اهڙي صورت ۾ سلع کان مراد شام جو ڪو علائقو مراد نہ ٿي سگهي ٿو.

ٽيون انهيءَ ڪري جو جيڪا بشارت حضرت اشعياء ؑ جي واسطي سان هن باب 42 ۾ بيان ڪئي وئي آهي انهيءَ جو ڪجهہ حصو پهرئين باب 41 ۾ هن طرح آهي:

”ڪنهن اڀرندي کان هڪڙي کي کڙو ڪيو آهي، جنهن کي هن راستبازيءَ سان پنهنجن قدمن ۾ سڏيو آهي؟“

هن جملي ۾ چيو ويو آهي تہ اهو نبي اڀرندي کان مبعوث ٿيندو ۽ ”اڀرندي“ جو لفظ تورات ۾ عام طور کان عرب ملڪ لاءِ استعمال ٿيو آهي.[2]

چوٿون انهيءَ ڪري جو جيڪڏهن ”سلع“ کان مراد شام وارو سلع هجي تہ ظاهر آهي تہ انهيءَ کان مراد حضرت عيسىٰ ؑ ٿيندا. حالانڪ هن بشارت ۾ چيو ويو آهي تہ:

”خداوند بهادر مرد وانگي نڪرندو، هو جنگي مرد وانگر غيرت پيدا ڪندو.“

هي جملو ۽ هن کان بعد وارا سيئي جملا هن ڳالهہ جي گواهي ڏين ٿا تہ جنهن نبي جي بشارت ڏني وڃي ٿي اهو جهاد ڪندو ۽ پنهنجن دشمنن کي تهس نهس ڪري ڇڏيندو ۽ حضرت عيسىٰ ؑ نہ صرف هي تہ جنگ نہ ڪئي، بلڪ عيسائين جو نظريو تہ هي آهي تہ هن کي هن جي دشمنن سوري ڏيئي ڇڏي هئي. (معاذ الله)

پنجون هن ڪري تہ هن بشارت جو آخري جملو پوري وضاحت سان هن ڳالهہ کي ظاهر ڪري رهيو آهي تہ جنهن نبي جي بشارت ڏني وڃي ٿي انهي جو خصوصي مشن بت پرستي جو استحصال ڪرڻ آهي ۽ هن کي زياده تر بت پرستن سان واسطو پوندو. حالانڪ عيسي ؑ جي تقريبن پوري زندگي يهودين سان مقابلي ۾ گذري آهي. بت پرستن سان سندن ڪو قابل ذڪر واسطو نہ رهيو.

هن جي برخلاف حضور صلي الله عليہ وسلم جيڪو عرب ۾ مبعوث ٿيو هو جهاد جي ذريعي خدا جي دشمنن کي ذليل ۽ خوار بہ ڪيو ۽ پاڻ ﷺ جي مڪي زندگي جا تيرهن سال پوري جا پورا بت پرستن سان

---

1. 1 ـ تواريخ 1 : 3
2. ڏسو ارض القرآن سيد سليمان ندوي رحہ، جلد اول، ص 52

مقابلو ڪرڻ ۾ صرف ٿيا ۽ جڏهن پاڻ صہ هن دنيا کان تشريف کڻي ويا تہ پوري عرب جزيري ۾ ڪو هڪ بہ بت پرست باقي نہ رهيو هو.

انهن ناقابل انڪار حقيقتن جي بنياد تي هن پيشنگوئي جو مصداق سواءِ حضور صلي الله عليہ وسلم جي ڪوبہ نہ ٿي سگهي ٿو.“[1]

(ii) پلي تہ بيابان ۽ ان جا شهر ۽ قيدار جا آباد ڪيل ڳوٺ پنهنجو آواز مٿي ڪن

هي انتهائي واضع ۽ چٽيون نشانيون آهن. مڪي کي بيابان بہ سڏيو ويندو آهي. قرآن ۾ هن کي ”واديءِ ذي زرع“ (ناقابل زراعت وادي)، سڏيو ويو آهي. عرب قيدار جي نسل مان هئا.

سلع جبل احد جي هڪ وڏي ٽڪري کي ئي سڏيو ويندو آهي.

هن آيت جي تشريح ڪندي عيسائي عالم ڏاڍا گهبرايل نظر ايندا آهن. عام طور تي لفظ قيدار ۽ سلع کي پنهنجي تشريح ۾ ئي نہ آڻيندا آهن. جيڪڏهن تشريح ڪندا آهن تہ بہ صرف قيدار جي ۽ چوندا آهن تہ اهي جاهل ترين ماڻهو آهن، جيڪي جبلن جي چوٽيءَ تان وڏي آواز سان رڙيون ڪندا آهن. حالانڪہ آيتن جو بيان ظاهر ڪري ٿو تہ هي انهن جي خصوصيت جي لاءِ آهي، نہ ڪہ مذمت لاءِ ۽ هو ڪو هميشہ جبلن تان رڙيون ڪري پڇندا ڪونہ وتندا هئا. پر هيءَ هڪ پيشنگوئي آهي تہ هڪ ڏينهن اهڙو هوندو جو هو جبلن جي چوٽيءَ تي چڙهي يا مٿانهين جڳهن تي چڙهي ڪنهن جو انتظار ڪندا ۽ جڏهن هن کي پري کان ايندو ڏسندا تہ هڪبئي کي خوشخبري ٻڌائيندي سڏ ڪندا. هي واقعو آهي هجرت النبي صہ جو ۽ ڪيڏي نہ واضع ۽ چٽي پيشنگوئي آهي! پهريون اسان اوهان آڏو حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جو مڪي کان هجرت ڪري اچڻ واري واقعي ۾ ”مديني ۾ داخل ٿيڻ وارو منظر“ بيان ڪنداسين. جيئي اوهان آڏو پيشنگوئي جون ڳالهيون صاف ۽ واضع ٿين.

ابن جوزي جو بيان آهي تہ: ”حضرت عائشہ رضہ کان روايت آهي تہ مدينہ طيبہ ۾ اهل اسلام کي جڏهن هي خبر پهتي تہ نبي پاڪ صلي الله عليہ وآلہ وسلم مڪہ مڪرمہ کان سفر فرمائي چڪا آهن، تہ هر ڏينهن مقام حره ۾ صبح سويري انتظار ۾ اڪيون راهہ ۾ وجهي ويهندا هئا ۽ جڏهن منجهند جو تيز ترين گرمي پوڻ شروع ٿيندي هئي تہ گهرن ڏانهن موٽندا هئا. هڪ ڏينهن گهڻو انتظار ڪيائون. پر جڏهن طلعت مقصود و

---

1. ڪيرانوي، رحمت الله، مولانا، حضرت، ”اظهارالحق“ جو اردو ترجمو: ”بائيبل سي قرآن تڪ“، مترجم: اڪبر علي، مولانا، شرح ۽ تحقيق: عثماني، محمد تقي، مڪتبہ دارالعلوم، ڪراچي 14، طبع 10، رمضان المبارڪ 1437 هہ مطابق 16 جون 2016ع، جلد سوم، ص 281_284 (حاشيہ)

محبوب سان اکين کي منور نہ ڪري سگھيا تہ گھرن ڏانهن موٽيا. انهيءَ دوران هڪ يهودي مديني جي دڙن مان هڪ دڙي تي ڪا شئي ڏسڻ لاءِ چڙهيو تہ حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم کي ۽ پاڻ سڳورن صہ جي ساٿين کي ڏٺائين جيڪي سفيدي ۽ نورانيت جي ڪري چمڪي رهيا هئا ۽ جتي هنن جا پاڇاوان پون پيا، سراب ختم ٿيندو نظر اچي پيو. يهودي هي منظر ڏسي بي اختيار سڏڻ لڳو:

”اي معشر عرب! هي رهيو توهان جو بخت ۽ اقبال جنهن جو انتظار ڪندا رهندا هيو!“

مسلمانن تيزيءَ سان هٿيار سنياريا ۽ ڊوڙندا استقبال لاءِ مقام حره تي پهتا. پاڻ صہ هنن کي وٺي ڪري رستي جي ساڄي طرف بني عمرو بن عوف ۾ قيام فرما ٿيا. سرور عالم صلي الله عليہ وآلہ وسلم چپ چاپ وينا رهيا ۽ حضرت ابو بڪر رضي الله عنه ماڻهن جي سامهون بيٺا رهيا. (انهن کي سفر جي تفصيلات کان آگاهہ ڪندا رهيا ۽ سوالن جا جواب ڏيندا رهيا.)[1]

هي قبا جي آبادي هئي. جيڪو مديني منوره کان ٽن ميلن جي فاصلي تي آهي. تاريخ جي ڪتابن ۾ ڏاڍا جذباتي منظر قلمبند ٿيل آهن. تفصيل هجرت مدينہ واري واقعي ۾ بيان ڪنداسين. هتي مختصرا مديني ۾ داخلا جو منظر علامہ شبلي نعماني جي ڪتاب کان پيش ڪريون ٿا. علامہ صاحب لکن ٿا تہ:

”ماڻهن کي جڏهن تشريف آوري جي خبر معلوم ٿي تہ هر طرف کان ماڻهو جوش مسرت کان پيش قدمي لاءِ ڊوڙيا. پاڻ سڳورن صہ جا ناناڻا رشتيدار بنونجار هٿيار سجائي ڪري آيا. قبا کان مديني تائين (رستي جي) ٻنهي طرفن کان جان نثارن جون صفون هيون. رستي ۾ انصار جا خاندان ايندا هئا. هر قبيلو سامهون اچي عرض ڪندو هو:

”حضور! هي گهر آهي، هي مال آهي، هي جان آهي.“

پاڻ صہ شڪرگذاري جو اظهار فرمائيندا هئا ۽ دعاءِ خير ڏيندا هئا. شهر ويجهو اچي ويو تہ جوش جو هي عالم هو جو پرديدار عورتون ڇتين تي چڙهي آيون ۽ ڳائڻ لڳيون:

طلع البدر علينا من ثنيات الوداع
وجب الشکر علينا ما دعا لله داع

ترجمو: ”چنڊ نڪري آيو آهي، ڪوهہ وداع جي گهاٽين مان، اسان تي شڪر واجب آهي، جيستائين دعا گهرڻ وارا دعا گهرن.“

---

1. ابن جوزي، عبدالرحمان، امام، ”سيرت سيدالانبياء صلي الله عليہ وسلم“ ترجمہ ”الوفا باحوال المصطفي صلي الله عليہ وسلم“، مترجم: سيالوي، محمد اشرف، علامہ، فريد بڪ اسٽال، لاهور، ربيع الثاني 1423 هہ بمطابق جون 2002ع، ص 298_299

معصوم ڇوڪريون دف وڄائي وڄائي ڳائينديون رهيون:

نحن جوار من بني النجار   يا حبذا محمدا من جار

ترجمو: ”اسان خاندان نجار جون ڇوڪريون آهيون. محمد (صلي الله عليہ وسلم) ڇا تہ سنو پاڙيسري آهي.“

پاڻ صلي الله عليہ وسلم انهن ڇوڪرين جي طرف خطاب ڪري فرمايو:

”ڇا توهان مون کي چاهيو ٿيون؟“

چيائون: ”ها!“

پاڻ صہ فرمايائون تہ:

”مان بہ توهان کي چاهيان ٿو.“[1]

هي آهي اهو منظر جنهن جي باري ۾ پيشنگوئي ٿيل آهي تہ:

”پلي تہ بيابان ۽ ان جا شهر ۽قيدار جا آباد ڪيل ڳوٺ پنهنجو آواز مٿي ڪن؛ پلي تہ سلع جا رهاڪو ڳائين ۽ جبلن جي چوٽيءَ تان وڏي سڏ پڪارين.“[2]

زبور ۾ آهي تہ:

”خدا جي حضور ۾ گيت ڳايو، هنجي نالي جي تعريف ڳايو: جو رڻ پٽ مان سواري ڪري ٿو لنگهي تنهن لاءِ سڙڪ تيار ڪريو؛ هنجو نالو ياه آهي: اوهين خدا جي حضور ۾ سرها ٿيو.“[3]

زبور جي انهيءَ باب ۾ ئي آهي:

”اي خدا انهن تنهنجي آمد ڏٺي آهي. بلڪ انهن منهنجي خدا، منهنجي بادشاهہ کي پاڪ مڪان ۾ ويندي ڏٺو آهي. اڳيان ڳائڻ وارا هئا ۽ پٺيان وڄائڻ وارا هئا؛ وچ ۾ ڪنئاريون هيون جن دف پئي وڄايا.“[4]

هنن آيتن ۾ ڪيتري نہ حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي مديني اچڻ جي منظرڪشي ۽ سندن استقبال جي منظرڪشي ڪئي وئي آهي!

ڪيتريون نہ چٽيون ۽ واضع آيتون آهن؟ جن کي پڙهي ڪري ماڻهو حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي وصفن کان واقف ٿئي ٿو، هن جو ايمان وڌيڪ مظبوط ٿئي ٿو ۽ حضرت عبد الله بن سلام جهڙا يهودي عالم چئي ٿا ڏين تہ:

---

1. نعماني، شبلي رحہ علامہ ۽ ندوي، سليمان، سيد، ”سيرت النبي صلي الله عليہ وسلم“، الميزان ناشران وتاجران ڪتب، اردو بازار، لاهور، سن اشاعت: 2004ع، جلد اول، ص 168

2. يسعياه 42: 11

3. زبور 68: 4

4. زبور 68: 24 ـ 25

”اسان پنهنجن پٽن کان وڌيڪ حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم کي سڃاڻون. ڇو تہ عورتن جي باري ۾ اسان کي پڪ نہ آهي تہ هنن اسان سان دوکو نہ ڪيو هوندو. پر حضور صلي الله وآلہ وسلم بابت اسان کي پڪ آهي تہ هيءُ ئي الله طرفان موڪليل اهو رسول ﷺ آهي جنهن جون نشانيون اسان جي ڪتابن ۾ آهن.“ (تفصيل لاءِ ڏسو صفحونمبر 45-46)

(س) پلي تہ اهي خداوند جو جلال ظاهر ڪن ۽ پيٽن ۾ هن جي تعريف پڙري ڪن

بيشڪ حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم ۽ سندس امت اهو ڪم ڪري ڏيکاريو. ڪعبت الله جيڪو غير خدائن سان آباد هيو، ان جو هڪ هڪ بت پيجي پورا ڪري وڏائون ۽ اوري پري وارن بتن کي بہ ملياميٽ ڪري ڏيکاريائون ۽ سموري عرب ۾ صرف هڪ الله جو نالو بلند ٿي ويو.

حضرت عيسىٰ ؑ انجيل يوحنا ۾ حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم بابت پيشنگوئيون ڪندي ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جون خصوصيتون ٻڌائيندي، پاڻ سڳورن ﷺ جي هڪڙي خصوصيت هي بہ ٻڌائين ٿا تہ:

”هو منهنجو جلال ظاهر ڪندو.“[1]

سو حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم اچي گواهي ڏني تہ يهودي جيڪي حضرت عيسىٰ ؑ ۽ سندن مقدس ماءُ تي تهمت هڻن ٿا سي غلط آهن ۽ حضرت عيسىٰ ؑ الله جو ڪلمو آهن ۽ هو ٻئي هر قسم جي تهمت کان پاڪ ۽ پاڪيزہ آهن ۽ هي بہ فرمايائون تہ حضرت عيسىٰ عليہ السلام آخري وقت ۾ ٻيهر ظهور ڪندا ۽ هو يهودين ۽ عيسائين سان جنگ ڪندا ۽ يهودين جي اڳواڻ دجال کي اسرائيل جي شهر ”لُد“ جي دروازي تي قتل ڪندا. هن مان هي بہ ثابت ٿيو تہ الله جو جلال ۽ حضرت عيسىٰ ؑ ٻنهي جو جلال ظاهر ڪرڻ وارو حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم آهي.

(ش) خداوند بهادر مرد وانگي نڪرندو، هو جنگي مرد وانگي غيرت پيدا ڪندو: هو رڙ ڪندو، هائو، هو وڏا سڏ ڪندو: هو پنهنجي دشمن تي غالب ٿيندو

(i)جنگجو ۽ فاتح نبي جي انتظار ۾

”خداوند بهادر مرد وانگي نڪرندو“ مان مراد اهو نہ آهي تہ الله لشڪر وني پاڻ نڪرندو. هن مان مراد اهو آهي تہ الله کي مڃڻ وارا بهادريءَ جو مظاهرو ڪندا ۽ الله جو نڪرڻ مطلب الله تبارڪ وتعالي جو انهن مٿان هٿ هوندو، يعني الله جي تائيد انهن کي حاصل هوندي.

”هو رڙ ڪندو، هو وڏا سڏ ڪندو“ مان مراد جنگ جي ميدان ۾ جنگي جوانن جون هڪلون آهن.

---

1. يوحنا 16 : 14

(ii) هو پنهنجي دشمن تي غالب ٿيندو

توريت ۾ لکيل هي ۽ هن جهڙين ٻين آيتن کي پڙهي ڪري يهودين کي يقين ٿي ويو هو ته هڪ اهڙو نبي اچڻ وارو آهي، هڪ اهڙو جوڌو جوان، اهڙو جنگجو جنهن جي اڳواڻيءَ ۾ هو دنيا فتح ڪري وجهندا. هنن نبي آخرالزمان جون صفتون پنهنجن ڪتابن ۾ پڙهيون هيون. هنن جي علم مطابق هو عرب جي شهرن مان هڪ شهر جنهن کي "ذات النخل" چئبو آهي تشريف فرما ٿيندا. سو هو اندازي سان اچي يثرب (مديني) ۽ ان جي آس پاس رهڻ لڳا. هنن جي هن جدوجهد بابت گهڻا ئي قصا مشهور آهن. اسان ڪوشش ڪيون ٿا ته اوهان آڏو هنن جا مستند حالات بيان ڪريون.

(iii) يهودين جي ڪهاڻي امام جعفر صادق ع جي زباني

حضرت امام جعفر صادق ع يهودين جو مديني اچڻ جو قصو تفصيلي طور بيان ڪيو آهي. تفسير الميزان ۾ آهي ته:

"ڪتاب تفسير العياشي ۾ آيت مبارڪ "وَ لَمَّا جَآءَهُمۡ كِتٰبٌ مِّنۡ عِنۡدِ اللّٰهِ مُصَدِّقٌ لِّمَا مَعَهُمۡ ....." جي تفسير ۾ حضرت امام جعفر صادق ع کان نقل ٿيل آهي ته پاڻ ع ارشاد فرمايو:

"يهودين پنهنجي ڪتاب ۾ پڙهي رکيو هو ته رسول خدا محمد صلي الله عليه وآله وسلم جي هجرت جو مقام "عير" ۽ "احد" جي پهاڙين جي وچ ۾ هوندو. انهيءَ ڪري هو ان مقام جي ڳولا ۾ نڪري پيا ۽ هلندي هلندي هڪ پهاڙ تائين پهچي ويا، جنهن کي "حداد" چيو ويندو هو ۽ چوڻ لڳا ته "حداد" ۽ "احد" ساڳي آهن. (هڪ ئي پهاڙ جا ٻه نالا آهن، يا وري تلفظ جو فرق آهي). پوءِ اتان ٽولا ٽولا ٿي ڪري مختلف جاين تي هليا ويا. ڪجهه ماڻهو "تيما" جي علائقي ۾، ڪجهه "فدڪ" ۾ ۽ ڪجهه ماڻهو "خيبر" ۾ رهائش پذير ٿي ويا.

هڪ دفعي "تيما" ۾ رهيل ماڻهن پنهنجي ٻين ڀائرن (۽ سنگتين) سان ملڻ جي خواهش ڪئي. انهيءَ وچ ۾ هڪ اعرابي اتان گذريو ته هنن هن کان ڪجهه اٺ ڪرائي تي ورتا. هن ڳوناٺي عرب هنن کي چيو ته:

"مان توهان کي "عير" ۽ "احد" جي پهاڙن جي وچ کان وٺي هلندس."

هنن چيو ته: "جڏهن "عير" ۽ "احد" جي علائقي جي وچ کان ٽپڻ لڳين ته اسان کي ٻڌائجانءِ." هلندي هلندي جڏهن هو مديني جي سرزمين تي پهتا ته هن هنن کي اشارو ڪري چيو ته:

"هو "عير" آهي ۽ هي "احد" آهي ۽ هيءَ جاءِ انهن ٻنهي پهاڙن جي وچ تي واقع آهي."

هو ماڻهو انهيءَ جاءِ تي لٿا ۽ هنن هن عرب کي چيو ته:

"هاڻي اسان پنهنجي منزل مقصود تي پهچي ويا آهيون. هاڻي اسان کي توهان جي سواري...اٺ... جي ضرورت نه آهي. هاڻي توهان جيڏانهن وڃڻ چاهيو ٿا، هليا وڃو."

انهيءَ ڪان پوءِ هنن پنهنجن انهن پائرن کي جيڪي "فدڪ" ۽ "خيبر" ۾ رهيل هئا، خط لکيو تہ اسان انهيءَ مقام... مقام هجرت.... تي پهچي ويا آهيون. توهان بہ اسان وٽ اچي وڃو. هنن جواب موڪليو تہ اسان هتي مستقل رهائش اختيار ڪري ورتي آهي ۽ ڪم ڪار ۽ روزگار ۾ مصروف آهيون ۽ اسان فاصلي جي لحاظ ڪان اوهان ڪان وڌيڪ پري بہ ڪونہ آهيون. تنهن ڪري، جڏهن ڳالهہ پوري ٿي وڃي... يعني پيغمبر اسلام ﷺ هجرت ڪري تشريف آڻين.... تہ اسان فورن اوهان وٽ اچي ويندا سين. انهيءَ ڪان پوءِ هو انهيءَ جاءِ تي رهائش پذير ٿي ويا ۽ ڪافي مال ۽ دولت جمع ڪري ورتائون.

جڏهن هنن جي تمام گهڻي مالدار ٿيڻ جي خبر "تبع" نالي بادشاهہ کي پئي تہ هن هنن تي حملو ڪري ڏنو. هو هن ڪان بچڻ لاءِ قلعن ۾ لڪي ويا. "تبع" هنن جو محاصرو ڪري ورتو. وري هنن کي امان ڏيئي ڇڏيائين. هو هن وٽ آيا تہ هن چيو تہ:

"مون کي هي علائقو تمام پسند اچي ويو آهي ۽ مان توهان سان هتي رهڻ چاهيان ٿو."

هنن چيو: "ايئن هرگز نہ ٿي سگهي ٿو. ڇو تہ هي الله جي نبي جي هجرت جي جاءِ آهي. تنهن ڪري جيستائين هو هجرت ڪري هن جاءِ تي اچي نہ وڃن ڪو بہ شخص... بادشاه جي حيثيت سان... هتي رهائش پذير نہ ٿي سگهي ٿو."

هنن جو جواب ٻڌي ڪري "تبع" چيو تہ: "جيڪڏهن اهڙي ڳالهہ آهي تہ مان پنهنجي خاندان جا ڪجهہ فرد هتي ڇڏيون ٿو وڃان. اهي توهان ماڻهن سان هتي قيام ڪندا. تاڪہ جڏهن اهي (پيغمبر) تشريف آڻين تہ هي انهن جي مدد ڪن ۽ هن جو ساٿ ڏين."

سو هن ٻن قبيلن "اوس" ۽ "خزرج" کي هنن وٽ رهايو ۽ جڏهن هنن ٻنهي قبيلن اتي پنهنجو نڪاڻو مظبوط ڪري ورتو ۽ هنن جو تعداد گهڻو ٿي ويو تہ هو هنن (يهودين) جي مال متاع تي ٽٽي پيا ۽ طرح طرح سان هنن جي مال ۽ دولت تي هٿ وجهڻ شروع ڪري ڇڏيو.

آخر ڪار يهودي هنن کي چوڻ لڳا تہ:

"جڏهن حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم تشريف آڻيندا تہ اسان توهان کي پنهنجي سرزمين مان ڪڍي ٻاهر ڪنداسين ۽ پنهنجو مال ملڪيت توهان ڪان واپس وٺنداسين."

بس جڏهن خداوند عالم حضرت محمد ﷺ کي مبعوث فرمايو تہ انهن انصارن (اوس ۽ خزرج جي ماڻهن) حضور ﷺ تي ايمان آندو پر يهودين پاڻ سڳورن ﷺ تي ايمان آڻڻ ڪان انڪار ڪري ڇڏيو. انهيءَ واقعي ڏانهن اشارو ڪندي خداوند عالم ارشاد فرمايو:

وَ لَمَّا جَآءَهُمْ كِتٰبٌ مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ مُصَدِّقٌ لِّمَا مَعَهُمْ ۙ وَ كَانُوْا مِنْ قَبْلُ يَسْتَفْتِحُوْنَ عَلَى الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ۚ فَلَمَّا جَآءَهُمْ مَّا عَرَفُوْا كَفَرُوْا بِهٖ ۚ فَلَعْنَةُ اللّٰهِ عَلَى الْكٰفِرِيْنَ.[1]

ترجمو: ”۽ (هن کان) اڳ ڪافرن تي سوڀ (جون دعائون) گهرندا هئا. پوءِ جڏهن وٽن آيو جنهن کي سڃاتائون تڏهن ان جو انڪار ڪيائون. پوءِ ڪافرن تي الله جي لعنت آهي.“[2]

”تبع“ يمن جي (حميري سبا جي) عرب بادشاهن جو لقب هوندو هو، جيئن ايران جي شهنشاه جو لقب ”ڪسري“ هوندو هو، روم جي شهنشاه جو ”قيصر“ يا حبش جي بادشاه جو ”نجاشي“ ۽ مصر جي بادشاهن جو ”فرعون“. هي تبع اول هو. هن جو نالو اسعد ابو ڪريب الحميري هو. ابن شهر آشوب مطابق هي انهن پنجن بادشاهن مان هو جن سموري دنيا تي حڪومت ڪئي.[3] هي ئي اهو پهريون شخص هو جنهن ڪعبت الله کي مڪمل طور تي چادر (قسوه) سان ڍڪيو.

هو وڏي لاءُ لشڪر سان نڪتو هو. هن جي لشڪر ۾ 4000 عالم شريڪ هئا. هن جا عالم هنن کان اڳ آيل نبين جا ڪتاب پڙهي چڪا هئا. هنن مديني جي مٽي کڻي ان کي سنگهي ڏٺو ۽ شهر جي بيهڪ جو مشاهدو ڪيائون. ڪتاب ۾ لکيل آخري پيغمبر جي هجرت واري جاءِ جون سڀ نشانيون موجود هيون. عالمن جي خوشي جي حد نہ رهي.4000 عالمن مان 400 عالمن اتي رهڻ جو فيصلو ڪيو. عالمن بادشاه آڏو پنهنجي خواهش جو اظهار ڪيو ۽ چيائون:

”جيڪڏهن قسمت ساٿ ڏنو تہ هڪ ڏينهن اسان پيغمبر سان ملاقات ڪنداسين. پر جيڪڏهن ملاقات نہ ڪري سگهياسين تہ پيغمبر جي جتين جي ڌوڙ اسان جي قبرن کي نصيب ٿيندي. جيڪا اسان لاءِ باعث رحمت ۽ اسان جي ڇوٽڪاري جو سبب بڻجندي.“

بادشاه نہ صرف هنن جي درخواست قبول ڪئي پر انهن کي 400 گهر بہ ٺهرائي ڏنائين ۽ هڪ خط بہ پيغمبر جي نالي لکي انهن عالمن جي وڏي کي ڏنائين. جيڪو ڦرندي گهرندي نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي دور ۾ حضرت ابو ايوب انصاري رضہ جي سنڀال هيٺ پهتو. حضرت ابو ايوب انصاري رضہ اهو خط پنهنجي غلام ابو ليلي کي ڍڪي رکڻ لاءِ ڏنو.

---

1. سورة البقره : 89

2. طباطبائي، محمد حسين، سيد، آيت الله، ”الميزان في تفسيرالقرآن“ (اردو)، اردو مترجم: غديري، حسن رضا، آيت الله، الغدير اڪيڊمي، پاڪستان ، جولاءِ 2002ع، جلد اول، ص 524_525

3. http://passagetomadina.org/index.php/history/travelers-of-madina/170-tubba-as-ad-abu-kurib-al-himyari-the-king-of-yemen

جڏهن نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي ظهور جي خبر حضرت ابو ايوب انصاري رضہ کي پئي تہ اهو خط ابو ليلي جي هٿان پاڻ سڳورن ڏانهن روانو ڪيائين. ابو ليلي جڏهن اهو خط کڻي مکي پهتو تہ حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم کيس ڏسندي ئي فرمايو تہ:

"ڇا تون ابو ليلي آهين؟ ۽ تو وٽ منهنجي نالي تبع اول جو خط آهي."

ابو ليلي چون ٿا تہ مان هي ٻڌي حيران ٿي ويس ۽ جيئن تہ مان اجان هنن کي نہ سڃاڻان پيو سو عرض ڪيم:

"توهان جي صورت جادوگرن ۽ ڪاهنن واري تہ نہ ٿي لڳي! پوءِ ٻنا ڄاڻ سڃاڻ جي اوهان مون کي ڪيئن سڃاتو؟ ۽ خط جو ٻڌايو؟"

پاڻ فرمايائون: "مان شفيع المذنبيين آهيان، مان خاتم النبيين آهيان، مان محمد رسول الله آهيان. آڻ اهو تبع جو خط ڪٿي آهي؟"

جڏهن مون خط پيش ڪيو تہ پاڻ سڳورن ان اهو خط پڙهي[1] ٽي دفعا فرمايو:

"مرحبا بالتبع، مرحبا بالاخ الصالح."[2]

بحر حال تبع بادشاه جا رهايل ٻئي قبيلا "اوس" ۽ "خزرج" جيڪي نبي ڪريم صلي الله وآلہ وسلم جي اچڻ وقت عيسائي هئا سي ايمان آڻي مسلمان ٿي ويا. پر يهودي نبي ڪريم صلي الله وآلہ وسلم کي سڃاڻڻ کان پوءِ بہ بدنصيب رهجي ويا. هن موضوع جي مطابقت سان گهڻيون ئي روايتون آهن. پر اسان انهن تي ئي اڪتفا ڪريون ٿا.

(ص) آءٌ گهڻو وقت ماٺ ڪري ويٺو آهيان؛ مون صبر ڪري پاڻکي پئي روڪيو آهي. هاڻي آءٌ سورائتي زال وانگر رڙيون ڪندس؛ آءٌ سهڪندس ۽ ايا ساهہ کڻندس.

هن ۾ ائين لڳي ٿو تہ الله تبارڪ وتعالي بني اسرائيل وارن کي خطاب ڪندي فرمائي رهيو آهي تہ مان پنهنجي خاص ٻندي کي موڪلڻ کان روڪيون ويٺو هيس ۽ توهان جي آسري تي هيس تہ توهان ڪجهہ منهنجي دين جي تبليغ ۽ تشريح ڪندو. پر توهان منهنجي معيار تي پورا ڪين لٿا آهيو ۽ مون صبر ۽ آزمائش جي حد ڪري ڇڏي آهي. هاڻي توهان جي سڌرڻ جو ڪو آسرو اميد نہ آهي. هن کان وڌيڪ انتظار نہ ٿو

---

1. پاڻ سڳورا ان لکيل پڙهيل ڪونہ هئا ۽ روايت ۾ ملي ٿو تہ پاڻ سڳورن ان اهو خط حضرت علي ع کي پڙهڻ لاءِ ڏنو هو.

2. اسان هي مطالب سيد محمد ديدار علي شاه الوري جي ڪتاب "تفسير ميزان الاديان" (مقدمہ) جلد اول، ص 155 - 156 تان ورتا آهن. مرڪزي دارالعلوم حزب الاحناف، لاهور کان 24 جولاءِ سنہ 2004ع بمطابق 6 جمادي الثاني 1425ھ جو ڇپيل آهي.

تي سگهي ۽ مان جلد ئي پنهنجو پيارو پيغمبر موڪليندس.

(ض) آءٌ جبلن ۽ ٽڪرين کي ويران ڪندس ۽ انهن جو سڀ گاهه پوٽو سڪائي ڇڏيندس: آءٌ ندين کي ٻيٽ ڪندس ۽ ڍنڍن کي سڪائي ڇڏيندس.

هي اهي پيشنگوئيون آهن ۽ اهي علامتون آهن جيڪي حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليه وعلي آله واصحابه وسلم جي پيدائش جي وقت دنيا ۾ ظهور پذير ٿيون هيون. انهيءَ وقت ڪسري جي محل جا 14 ڪنگرا ڪري پيا هئا، ايران جو آتشڪده اوچتو وسامي ويو هو، درياءِ ساوه سڪي ويو. سيد الوري ۾ لکيل آهي ته:

تزلزل در ايوان ڪسري فتاد.

”جان دو عالم صلي الله عليه وسلم جي دنيا ۾ اچڻ سان ئي ڪفر ۽ شرڪ جي ايوانن ۾ ڪهرام مچي ويو. قصر ڪسري جا چوڏهن ڪنگرا پٽجي ڪري پيا، بحيره طبريه جو پاڻي گهٽجي ويو، شام جي وادي سماوه جو پاڻي رڪجي ويو، قم جي پرسان وهندڙ درياءِ ساوه جو پاڻي زمين ۾ هليو ويو، هزار سالن کان روشن اها ”مقدس باهه“ جنهن جي ايراني پوڄا ڪندا هئا هڪدم وسامي ويو ۽ ڪيترن ئي بتڪدن ۾ نصب صنعت آزري جا شاهڪار ڪنبي ڪري پيا.

هي انڌي عقيدي جي جوش ۾ گهڙيل ديومالائي افسانه نه آهن: بلڪه تاريخ اسلام جا تصديق ٿيل واقعا آهن، جن کي بيان ڪرڻ ۾ اسلام جو مورخ ۽ سيرت نگار هم زبان آهن.

انتهائي مظبوط ۽ مستحڪم محل جو ڏڪي ۽ ڪنبي وڃڻ ۽ هن جي خوبصورتي ۾ اضافو ڪندڙ ٻاويهه (22) ڪنگرن مان چوڏهن (14) جو ڪري پوڻ، اهڙو واقعو هو جنهن ڪسري کي تمام ڊيڄاري ڇڏيو. پهرين ته هن ڪوشش ڪئي ته هن خبر کي لڪيل رکيو وڃي ۽ ڪنهن سان ذڪر نه ڪيو وڃي. پر پوءِ هن کي خيال آيو ته اهڙيو ڳالهيون لڪائڻ سان لڪي نه سگهنديون آهن. انهيءَ ڪري، پنهنجي وزيرن، جرنيلن ۽ ملڪ جي ٻين عهديدارن جو اجتماع ڪرايو. جڏهن سڀ ماڻهو گڏ ٿي ويا ته ڪسري هنن کان پڇيو:

”توهان کي خبر آهي ته اڄ هي اجتماع ڪهڙي سلسلي ۾ ٿي رهيو آهي؟“

”نه حضور!“ هنن جواب ڏنو. ”شهنشاهه عالي جاهه جي ٻڌائڻ کان سواءِ اسان ڪيئن ڄاڻي سگهون ٿا.“

سو ڪسري هنن کي محل جي زلزلي ۽ ڪنگرن جي ڊهڻ جي تفصيلات کان آگاهه ڪيو.

انهيءَ دوران اطلاع مليو ته عظيم آتشڪده ۾ روشن باهه، جيڪا هزار سال جي ڊگهي عرصي ۾ ڪڏهن هڪ لحضي لاءِ به نه وسامي وئي.

ايليا کان آيل قاصد اطلاع ڏنو تہ درياءِ ساوه خشڪ ٿي ويو.

شام کان اطلاع مليو تہ واديءِ سماوه جو پاڻي بند ٿي ويو.

طبريہ کان خبر پهتي تہ بحيره طبريہ خشڪ ٿي ويو.

هڪبئي پنيان پهتل هنن هيبت ۾ وجهندڙ خبرن ڪسري کي ڏڪائي ڇڏيو.

موبذان (وڏو پجاري) بہ دربار ۾ موجود هو. رهيل سهيل ڪسر انهيءَ پوري ڪري ڇڏي. چوڻ لڳو:

”يزدان بادشاه کي سلامت رکي! مون اڄ رات هڪ عجيب خواب ڏٺو آهي.“

”ڇا خواب ڏٺو آهي توهان؟“ ڪسري پڇيو.

”مون توانا اٺ ڏٺا جن جي پنيان پنيان خالص عربي گهوڙا اچي رهيا هئا. مان انهن کي دجلہ پار ڪندي ۽ اوسي پاسي وارن شهرن ۾ پکڙندي ڏٺو آهي.“

”مقدس موبذان! هڪبئي پنيان ٿيندڙ هنن عجيب و غريب حالتن جي آخر ڇا وجہ آهي؟“ ڪسري بيتابي کان پڇيو.

”منهنجو علم انهيءَ سلسلي ۾ محدود آهي.“ موبذان جواب ڏنو. ”مان صرف ايترو ئي ڄاڻي سگهيو آهيان تہ عرب ڏانهن ڪو غير معمولي واقعو پيش آيو آهي. جيڪڏهن توهان تفصيل ڄاڻڻ جا خواهشمند آهيو تہ غسان کان ڪنهن وڏي عالم کي گهرائي وٺو. اهي اهڙن ڳالهين جي تعبير جا ماهر آهن.“

ڪسري انهيءَ وقت غسان جي حاڪم نعمان بن منذر کي لکيو تہ مون ڏانهن هڪ پائي جو عالم موڪل. اهڙو عالم جيڪو منهنجي سوالن جو تشفي بخش جواب ڏئي سگهي.

نعمان هڪ وڏي عالم عبدالمسيح کي موڪلي ڏنو.

عبدالمسيح جڏهن ڪسري جي روبرو ٿيو تہ ڪسري پڇيس:

”ڇا توهان منهنجي سيني سوالن جا تسلي بخش جواب ڏيئي سگهندو؟“

”توهان سوال ڪيو، جيڪڏهن مون کي انهن جا جواب معلوم ٿيا تہ عرض ڪندس، ورنہ ڪنهن بئي وڏي عالم جو پتو ڏيندس.“

انهيءَ تي ڪسري موبذان جو خواب ۽ ان وقت تائين پيش ايندڙ بيا واقعا بنا ڪنهن گهٽ وڌاءُ جي بيان ڪري ٻڌايا.

عبدالمسيح ڪجهہ گهڙيون غور ڪندو رهيو. پوءِ چوڻ لڳو:

”هي واقعا ايترا حيرت ۾ وجهندڙ آهن جو انهن جي صحيح توجيهہ بيان ڪرڻ کان قاصر آهيان. البتہ شام ۾ منهنجو مامو سطيح رهي ٿو. جيڪو تمام وڏو علم وارو آهي. جيڪڏهن ان سان رابطو ڪيو وڃي تہ

هو هر واقعي جي صحيح توجيهہ بيان ڪري ٻڌائيندو.“

ڪسري چيو: ”بهتر هي آهي تہ اوهان پاڻ شام وڃو ۽ پنهنجي مامي سان ملي ڪري انهن واقعن جي صحيح تعبير معلوم ڪري مون کي مطلع ڪيو.“

عبدالمسيح جڏهن ڏگهو سفر ڪري سطيح تائين پهتو تہ انهيءَ وقت سطيح آخري پساهن ۾ هو. عبدالمسيح هن سان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي پر هن ڪجهہ جواب نہ ڏنو.

عبدالمسيح پنهنجي مامي جي مزاج کان واقف هو. ڄاڻي پيو تہ عمدا شعر مامي جي ڪمزوري آهن. سو في البديهہ هڪ نهايت عمدو نظم چيائين، جنهن ۾ پنهنجي شام جي سفر جي تفصيل ۽ ڪيفيت انتهائي خوبصورت انداز ۾ بيان ڪيائين. نظم ٻڌي ڪري سطيح جي چهري تي رونق اچي وئي ۽ عبدالمسيح جي ڪجهہ ٻڌائڻ کان پهريان پنهنجي مخصوص انداز ۾ ڳالهائڻ لڳو:

”عبدالمسيح،“ علي جمل مشيح، اتي سطيح، وقد اوفي علي الضريح.

(عبدالمسيح هڪ تيز رفتار اٺ تي سوار ٿي ڪري سطيح وٽ اهڙي وقت ۾ پهتو، جڏهن سطيح قبر ڪناري لڳي چڪو آهي.)

بعثڪ ملڪ ساسان، لارتجاس الايوان، وخمود النيران، ورويا الموبذان.

(توکي ساساني بادشاه محل جي زلزلي، باهہ جي وسامڻ ۽ موبذان جي خواب جي توجيهہ ۽ تعبير معلوم ڪرڻ لاءِ موڪليو آهي.)

سطيح جي وسعت علمي جي انتها هي آهي جو موبذان جي خواب جي تمام تفصيل بہ هن پاڻ ئي بيان ڪري ڇڏي. پوءِ چوڏهن ڪنگرن جي ڪرڻ جي توجيهہ بيان ڪيائين.

يملڪ منهم ملوڪ وملڪات، علي عدد الشرفات، وڪل ماهو آت آت.

(انهن ۾ چوڏهن بادشاهہ ۽ ملڪائون ٿينديون. ڪنگرن جي تعداد مطابق ۽ جيڪو ڪجهہ پيش اچڻ وارا آهي اهو بحرحال پيش اچي رهندو.)

يعني ملڪ ايران تي چوڏهن حڪمران هڪٻئي پٺيان حڪمراني ڪندا. انهيءَ کان بعد ايرانين جي حڪومت جو دور ختم ٿي ويندو. هي تقدير جو اٽل فيصلو آهي.

هزار سال باهہ جي وسامڻ ۽ متعدد دريائن جو پاڻي خشڪ ٿي وڃڻ جي باري ۾ هن ٻڌايو تہ هي ”صاحب الهراوت“[1] جي ظهور جون علامتون

---

1. هراوت نندي لٺ کي چوندا آهن. جان دو عالم صلي الله عليہ وآلہ وسلم پنهنجي هٿ مبارڪ ۾ عمومن عصو رکندا هئا، جنهن کان بيا ڪم وٺڻ کان علاوه نماز جي وقت سامهون کوڙي ڇڏيندا هئا، جيئن ”ستره“ ٿي وڃي ۽ اڳيان گذرڻ وارن کي تڪليف نہ ٿئي. انهيءَ ڪري پاڻ سڳورن ﷺ جو هڪ لقب ”صاحب الهراوت“ بہ آهي.(سيد الوري)

آهن ۽ جڏهن هي علامتون ظاهر ٿين ته سمجهي ونو ته ”ايراني حڪومت جو خاتمو قريب آهي.“ [1]

هي سڀ ڳالهيون انهيءَ آيت مطابق آهن ته:

”آءٌ جبلن ۽ ٽڪرين کي ويران ڪندس ۽ انهن جو سڀ گاهه ٻوٽو سڪائي ڇڏيندس: آءٌ ندين کي ٻيٽ ڪندس ۽ ڍنڍن کي سڪائي ڇڏيندس.“

۽ پراڻي عهدنامي جون اهڙيون ئي آيتون سطيح جهڙن جي علم جو ذريعو بڻيون ۽ الله تبارڪ وتعالي حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم متعلق ايتريون ته چٽيون آيتون نازل ڪيون هيون جوڪو بہ عالم الله آڏو دعوي نہ ڪري سگهندو ته هن کي ڳالهه سمجهه ۾ نہ آئي هئي. الله تبارڪ وتعالي دعوي ٿو ڪري ته:

”هي يهودي حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم کي ايئن سڃاڻين ٿا جيئن پنهنجي پٽن کي.“

(ط) آءٌ انڌن کي انهيءَ رستي کان آڻيندس، جنهن جي انهن کي خبر ڪانهي؛ آءٌ ڪين انهن واٽن تان هلائيندس جنجي انهنکي سڌ ڪانهي: آءٌ انهن جي اڳيان اندهه کي سوجهرو ڪندس ۽ ڏنگين جاين کي سنئون ڪندس، آءٌ اهي ڪم ڪندس ۽ آءٌ انهن کي ڇڏي نہ ڏيندس.

(i) آءٌ انڌن کي انهيءَ رستي کان آڻيندس.

سيد سليمان ندوي هنن آيتن جي تشريح ڪندي لکن ٿا ته:

”آءٌ انڌن کي انهيءَ رستي کان آڻيندس، جنهن جي انهن کي خبر ڪانهي؛ آءٌ ڪين انهن واٽن تان هلائيندس جنجي انهنکي سڌ ڪانهي:“

هن فقري ۾ هي ارشاد آهي ته اهو امين (اڻ پڙهيلن) جو پيغمبر ۽ ان قوم جو داعي هوندو جنهن (قوم) کي ڪڏهن سڌي رستي جي هدايت نہ ملي.

هي صفت اهل عرب جي آهي، جن کي پاڻ سڳورن ﷺ کان اڳ ڪو بہ صاحب شريعت پيغمبر نہ مليو. حضرت عيسىٰ ؑ بني اسرائيل ۾ مبعوث ٿيا هئا، جن کي شريعت ملي چڪي هئي. انهيءَ ڪري، هي انهن جي صفت نہ ٿي سگهي ٿي. بلڪ هي صرف پيغمبر ﷺ عرب جو وصف خاص آهي.

سو قرآن مجيد صاف چيو:

(1) لِتُنْذِرَ قَوْمًا مَّآ اَتٰىهُمْ مِّنْ نَّذِيْرٍ مِّنْ قَبْلِكَ لَعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ. [2]

ترجمو: ”ته تون انهيءَ قوم کي ڊيڄارين جن وٽ توکان اڳ ڪو ڊيڄاريندڙ نہ آيو ته مان اهي نصيحت وٺن.“

---

1. دائم، عبدالدائم، قاضي، ”سيد الوري“ (اردو)، جنگ پبلشرز پريس، 13 سر آغا خان روڊ، لاهور، سال اشاعت: جولاءِ 1996ع، جلد اول، ص 95 ـ 99

2. سورة القصص : 46

(2) لِتُنۡذِرَ قَوۡمًا مَّآ اَتٰىهُمۡ مِّنۡ نَّذِيۡرٍ مِّنۡ قَبۡلِكَ لَعَلَّهُمۡ يَهۡتَدُوۡنَ.[1]

ترجمو: ”تہ تون انهيءَ قوم کي ڊيڄارين جن وٽ توکان اڳ کو ڊيڄاريندڙ نہ آيو تہ مان اهي هدايت لهن.“

(3) اِنَّكَ لَمِنَ الۡمُرۡسَلِيۡنَ ۙ. عَلٰى صِرَاطٍ مُّسۡتَقِيۡمٍ ؕ. تَنۡزِيۡلَ الۡعَزِيۡزِ الرَّحِيۡمِ ۙ. لِتُنۡذِرَ قَوۡمًا مَّآ اُنۡذِرَ اٰبَآؤُهُمۡ فَهُمۡ غٰفِلُوۡنَ.[2]

ترجمو: ”تہ بيشڪ تون رسولن مان آهين. (بيشڪ تون) سڌي واٽ تي آهين. (الله) غالب مهربان وٽان (قرآن جو) لاهڻ آهي. (هن لاءِ) تہ اهڙي قوم کي ڊيڄارين جو سندين پيءُ ڏاڏا نہ ڊيڄاريا ويا آهن. تنهن ڪري اهي بي خبر آهن.“

(4) هُوَ الَّذِيۡ بَعَثَ فِى الۡاُمِّيّٖنَ رَسُوۡلًا مِّنۡهُمۡ يَتۡلُوۡا عَلَيۡهِمۡ اٰيٰتِهٖ وَيُزَكِّيۡهِمۡ وَيُعَلِّمُهُمُ الۡكِتٰبَ وَالۡحِكۡمَةَ ۚ وَاِنۡ كَانُوۡا مِنۡ قَبۡلُ لَفِىۡ ضَلٰلٍ مُّبِيۡنٍ ۙ.[3]

ترجمو: ”(الله) اهو آهي جنهن اڻ پڙهيلن ۾ انهن (جي قوم) مان هڪ پيغمبر پيدا ڪيو جو وٽن سندس آيتون پڙهندو آهي ۽ کين پاڪ ڪندو آهي ۽ کين ڪتاب ۽ دانائي سيکاريندو آهي ۽ بيشڪ اهي (هن کان) اڳ پڌري گمراهي ۾ هئا.“

(5) وَهٰذَا كِتٰبٌ اَنۡزَلۡنٰهُ مُبٰرَكٌ فَاتَّبِعُوۡهُ وَاتَّقُوۡا لَعَلَّكُمۡ تُرۡحَمُوۡنَ. اَنۡ تَقُوۡلُوۡۤا اِنَّمَاۤ اُنۡزِلَ الۡكِتٰبُ عَلٰى طَآئِفَتَيۡنِ مِنۡ قَبۡلِنَا ۖ وَاِنۡ كُنَّا عَنۡ دِرَاسَتِهِمۡ لَغٰفِلِيۡنَ. اَوۡ تَقُوۡلُوۡا لَوۡ اَنَّاۤ اُنۡزِلَ عَلَيۡنَا الۡكِتٰبُ لَكُنَّاۤ اَهۡدٰى مِنۡهُمۡ ۚ فَقَدۡ جَآءَكُمۡ بَيِّنَةٌ مِّنۡ رَّبِّكُمۡ وَهُدًى وَّرَحۡمَةٌ ۚ[4]

ترجمو: ”هيءَ برڪت وارو ڪتاب (يعني قرآن) لاٿوسون تنهن ڪري ان جي تابعداري ڪريو ۽ ڊڄو تہ اوهان تي ٻاجھہ ڪئي وڃي. (هن لاءِ لاٿوسون تہ اي ڪافرو) متان چوڻ لڳو تہ اسان کان اڳ وارين ٻن ٽولين ڪانسواءِ ٻئي (ڪنهن) تي ڪتاب نہ لاٿو ويو آهي ۽ اسين سندس پڙهي کان بيخبر هئاسون. يا چوڻ لڳو تہ جيڪڏهن اسان تي ڪو ڪتاب نازل ٿئي ها تہ (اسين) ضرور انهن کان وڌيڪ هدايت وارا ٿيون ها. پوءِ بيشڪ اوهان جي پالڻهار کان (روشن) دليل ۽ هدايت ۽ ٻاجھہ اوهان وٽ آئي آهي.“

(6) وَمَاۤ اٰتَيۡنٰهُمۡ مِّنۡ كُتُبٍ يَّدۡرُسُوۡنَهَا وَمَاۤ اَرۡسَلۡنَاۤ اِلَيۡهِمۡ قَبۡلَكَ مِنۡ نَّذِيۡرٍ.[5]

ترجمو: ”حالانڪ انهن (مشرڪن) کي نڪو ڪو ڪتاب ڏنوسون جنهن کي پڙهن ۽ نڪي توکان اڳ ڊيڄاريندڙ انهن ڏانهن موڪليوسون.“

هن بشارت جي تمام فقرن تي جيڪو شخص هن تفصيل سان نظر

---

1. سورة السجده: 3
2. سورة يس: 3 ـ 6
3. سورة الجمعہ: 2، سورة البقره : 129، سورة آل عمران : 164
4. سورة الانعام: 155 ـ 156
5. سورة سبا: 44

وجهندو ۽ سوانح نبوي سان بحرف تطبيق تي غور ڪندو، اهو هن يقين کي پيدا ڪرڻ تي مجبور هوندو ته هن بشارت جو مصداق محمد بن عبدالله رضہ ڪان سواءِ ڪو ٻيو نہ ٿي سگهي ٿو.

هُوَالَّذِیۡ یُنَزِّلُ عَلٰی عَبۡدِہٖۤ اٰیٰتٍۭ بَیِّنٰتٍ لِّیُخۡرِجَکُمۡ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَی النُّوۡرِ ؕ وَاِنَّ اللّٰہَ بِکُمۡ لَرَءُوۡفٌ رَّحِیۡمٌ .[1]

ترجمو: ”(الله) اهو آهي جيڪو پنهنجي ٻانهي (محمد) تي پڌريون آيتون نازل ڪندو آهي ته (ڪفر جي) اونداهين مان (اسلام جي) سوجهري ڏانهن اوهان کي ڪڍي ۽ بيشڪ الله اوهان تي شفقت ڪندڙ مهربان آهي.“[2]

(ii) آءٌ انهن جي اکيان اندھ کي سوجهرو ڪندس

حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي بعثت کان اڳ عرب بلڪل اونداهين ۾ غرق هئا. دنيا جي هر برائي هنن ۾ ڪاهي پئي هئي. هنن کي دنيا ۽ آخرت مان ڪنهن جي سڌ ڪانہ هئي. مٿي ڪيل بحث مان بہ اسان کي خبر پوي ٿي تہ نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم اچڻ سان ئي هنن کي علم ۽ عمل جي روشني ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ دنيا ۽ آخرت جي سعادت حاصل ڪرڻ ۾ هنن جي رهنمائي ڪئي. الله تبارڪ وتعالي بہ مومنن جو ساٿ ڏنو. قرآن ۾ آهي تہ:

اَللّٰہُ وَلِیُّ الَّذِیۡنَ اٰمَنُوۡا ۙ یُخۡرِجُهُمۡ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَی النُّوۡرِ ۬ ؕ وَ الَّذِیۡنَ کَفَرُوۡۤا اَوۡلِیٰٓـُٔهُمُ الطَّاغُوۡتُ ۙ یُخۡرِجُوۡنَهُمۡ مِّنَ النُّوۡرِ اِلَی الظُّلُمٰتِ ؕ اُولٰٓئِکَ اَصۡحٰبُ النَّارِ ۚ هُمۡ فِیۡهَا خٰلِدُوۡنَ .[3]

ترجمو: ”الله مومنن جو سنڀاليندڙ آهي. ڪين اونداهين مان سوجهري ڏانهن ڪيندو آهي ۽ جيڪي (انڪار ڪندڙ) ڪافر آهن انهن جا مددگار طاغوت آهن. جيڪي ڪين سوجهري مان اونداهين ڏانهن ڪيندا آهن. اهي دوزخي آهن. جنهن ۾ اهي سدائين رهڻ وارا آهن.“

(iii) ۽ ڏنگين جاين کي سنئون ڪندس

نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جا جيڪي بہ دشمن هئا اهي توڙي ڪافر هجن، مشرڪ هجن يا اهل ڪتاب يهودي ۽ عيسائي، سڀ سندن حياتيءَ ۾ سرنگون ٿي ويا ۽ مديني کي ۽ خصوصي طور تي مڪي کي ڪافرن، مشرڪن ۽ يهودين ۽ عيسائين کان پاڪ ڪيو ويو.

(iv) ۽ آءٌ انهن کي ڇڏي نہ ڏيندس

”آءٌ انهن کي ڇڏي نہ ڏيندس“ مان مراد آهي تہ هي دين اهڙو هوندو

---

1. سورة الحديد : 9
2. نعماني، شبلي رحہ علامہ ۽ ندوي، سليمان، سيد، ”سيرت النبي صلي الله عليہ وسلم“، الميزان ناشران وتاجران ڪتب، اردو بازار، لاهور، سن اشاعت: 2004ع، جلد سوم، ص 413_414
3. سورة البقره : 257

جو انهيءَ تي عمل ڪرڻ وارن سان منهنجو هميشہ هميشہ جو ساٿ هوندو. يعني تا قيامت. يقينا انهيءَ دين کي بہ اهڙو ڪامل هجڻ کپي جو اهو هر زماني جي ضرورتن کي پورو ڪندڙ ۽ هر زماني ۾ قابل قبول ۽ قابل عمل هجي. يعني سائنس ۽ ٽيڪنالاجي ۽ نين نين ٿيوريز (Theories) جو مقابلو ڪندڙ هجي. سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي خلاف نہ هجي. سائنس ۽ ٽيڪنالاجي هن جو رد ڪندڙ نہ هجي، بلڪ سائنس ۽ ٽيڪنالاجي هن جي ڳالهين جا تصديق ڪندڙ هجن.

الله تبارڪ وتعالي ”دين اسلام“ کي هڪ ”ڪامل دين“ طور متعارف ڪرائي ٿو:

اَلْيَوْمَ اَكْمَلْتُ لَكُمْ دِيْنَكُمْ وَاَتْمَمْتُ عَلَيْكُمْ نِعْمَتِيْ وَرَضِيْتُ لَكُمُ الْاِسْلَامَ دِيْنًا ۭ [1]

ترجمو: ”اڄ اوهان جو دين اوهان لاءِ ڪامل ڪيم ۽ اوهان تي پنهنجي نعمت پوري ڪيم ۽ اوهان لاءِ دين ”اسلام“ پسند ڪيم.“

هاڻي هي ڪامل دين صرف مسلمانن لاءِ نہ آهي. پر هي سموري دنيا لاءِ، پوري عالم انسانيت لاءِ آهي. الله تبارڪ وتعالي فرمائي ٿو تہ دين هميشہ کان صرف ”اسلام“ رهيو آهي:

اِنَّ الدِّيْنَ عِنْدَ اللّٰهِ الْاِسْلَامُ ۣ وَمَا اخْتَلَفَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ اِلَّا مِنْۢ بَعْدِ مَا جَاۗءَھُمُ الْعِلْمُ بَغْيًۢا بَيْنَھُمْ ۭ وَمَنْ يَّكْفُرْ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ فَاِنَّ اللّٰهَ سَرِيْعُ الْحِسَابِ. [2]

ترجمو: ”بيشڪ وڻندڙ دين الله وٽ ”اسلام“ آهي ۽ جن کي ڪتاب (توريت ۽ انجيل) ڏنو ويو تن (اڳ) تڪرار نہ ڪيو، پر وٽن علم آيو تنهن ڪان پوءِ پاڻ ۾ ضد سببان تڪرار ڪيائون ۽ جيڪو الله جي حڪمن کي نہ مڃيندو تہ بيشڪ الله (بہ) سگهو حساب وٺندڙ آهي.“

هاڻي جڏهن الله تبارڪ وتعالي جو دين هميشہ کان اسلام رهيو آهي ۽ هاڻي اهو دين پنهنجي ڪامل صورت ۾ نافذ بہ ٿي چڪو آهي تہ الله تبارڪ وتعالي فرمائي ٿو تہ: هاڻي انهيءَ کان بعد ”اسلام“ کان سواءِ ڪو بہ دين قبول نہ ڪيو ويندو:

وَمَنْ يَّبْتَغِ غَيْرَ الْاِسْلَامِ دِيْنًا فَلَنْ يُّقْبَلَ مِنْهُ ۚ وَھُوَ فِي الْاٰخِرَةِ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ. [3]

ترجمو: ”۽ جيڪو ”اسلام“ ڌاران ٻيو دين طلبيندو تنهن ڪان اهو ڪڏهن بہ نہ قبول ڪبو ۽ اهو آخرت ۾ خساري وارن مان آهي.“

هن آيت مطابق الله تبارڪ وتعالي ٻين سيني دينن کي منسوخ يا رد ڪري ڇڏيو آهي. سواءِ دين ”اسلام“ جي ۽ قيامت تائين الله جو دين اهو رهڻو آهي. الله انهيءَ دين ۾ ڪابہ تبديلي نہ آڻيندو. اهو ئي سبب آهي جو

---

1. سورة المائده: 3
2. سورة آل عمران: 19
3. سورة آل عمران: 85

جڏهن حضرت عيسىٰ عہ ايندو تہ اهو بہ هن ئي دين جو پابند رهندو ۽ هن دين جي تبليغ ڪندو. اهو آهي هن آيت جو مفهوم تہ:

”آءٌ انهن کي ڇڏي نہ ڏيندس.“

(ظ) اهي جي اڪريل مورتن تي ڀروسو ٿا رکن ۽ جي پلٽيل مورتن کي چون ٿا تہ اوهين خدا آهيو، سي پٺ تي ڦيريا ويندا ۽ اهي ڏاڍا شرمنده ٿيندا

مڪي جا مشرڪ ۽ ڪافر بتن جي پوڄا ڪندڙ بہ دفعا مسلمانن آڏو شرمنده ٿيا. هڪ دفعو مڪي جي فتح وقت، جڏهن قريش جا سڀ اڪابر ڪعبت الله ۾ حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم اڳيان عاجزيءَ سان بيٺا هئا.

محترم شبلي نعمانيءَ ان وقت انهن جي حالت جي منظرڪشي ڪجهہ هن ريت ڪئي آهي:

”خطبي کان بعد پاڻ سڳورن صہ مجمع ڏانهن ڏٺو تہ قريش جا جبار سامهون هئا. انهن ۾ اهي حوصلامند بہ هئا جيڪي اسلام کي مٽائڻ ۾ سڀ کان اڳيان اڳواڻ هئا. اهي بہ هئا جن جون زبانون رسول الله صلي الله عليہ وسلم تي گارين جا بادل وسائيندا هئا. اهي بہ هئا جن جا تيغ و سنان قدسي پيڪر صلي الله عليہ وسلم جي رستي ۾ ڪنڊا وڇائيندا هئا. اهي بہ هئا جيڪي وعظ جي وقت حضور صلي الله عليہ وسلم جي ڪڙين کي رتو رت ڪري ڇڏيندا هئا. اهي بہ هئا جن جي حملن جو ٻوڏ مديني جي ڀتين سان اچي اچي ٽڪرائيندو هو. اهي بہ هئا جيڪي مسلمانن کي تپندڙ واريءَ ۾ ليٽائي انهن جي سينن تي باهہ جون مهرون هڻندا هئا.

رحمت عالم صلي الله عليہ وسلم انهن ڏانهن ڏٺو ۽ خوف ڏياريندڙ لهجي ۾ پڇيو:

”توهان کي ڪجهہ خبر آهي تہ مان توهان سان ڪهڙو معاملو ڪرڻ وارو آهيان؟“

هي ماڻهو جيتوڻيڪ ظالم هئا، شقي هئا، بي رحم هئا، پر مزاج شناس هئا. رڙ ڪري چوڻ لڳا:

اخ ڪريم وابن اخ ڪريم

”تون شريف ڀاءُ آهين ۽ شريف ڀاءُ جو فرزند آهين.“

ارشاد ٿيو:

لَا تَثۡرِيۡبَ عَلَيۡكُمُ الۡيَوۡمَ. اذهبوا فانتم الطلقاء.

”اڄ توهان تي ڪا ميار ڪانہ آهي. وڃو! بس توهان سڀ آزاد آهيو.“[1]

1. نعماني، شبلي رحہ علامہ ۽ ندوي، سليمان، سيد، ”سيرت النبي صلي الله عليہ وسلم“، الميزان ناشران وتاجران ڪتب، اردو بازار، لاهور، سن اشاعت: 2004ع، جلد اول، ص 535

هي جملو ”لَا تَثۡرِيۡبَ عَلَيۡكُمُ الۡيَوۡمَ“ (اڄ توهان تي ڪا ميار نہ آهي)، نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم قرآن شريف کان ئي نقل ڪيو آهي. هي اهو واقعو آهي جڏهن حضرت يوسف عہ جي خون جا پياسا ڀائر سندس آڏو شرمندو ٿيا بيٺا هئا تہ هن پنهنجن ڀائرن کي فرمايو تہ:

”لَا تَثۡرِيۡبَ عَلَيۡكُمُ الۡيَوۡمَ“.[1]

ساڳي صورتحال نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي آڏو هئي جو هن جي خون جا پياسا هن جي قبيلي وارا مٽ مائٽ ۽ عزيز رشتيدار سندس آڏو شرمندو ٿيا بيٺا هئا ۽ پاڻ سڀني کي ساڳي جملو دهرايو تہ:

”لَا تَثۡرِيۡبَ عَلَيۡكُمُ الۡيَوۡمَ“.

مطلب تہ يسعياه 42 : 17 مطابق اڪريل مورتن تي ڀروسو رکڻ وارا ۽ ڍلٽيل مورتن کي خدا سڏڻ وارا انتهائي درجي جا شرمنده ٿيا. ٻيهر هو ان وقت شرمنده ٿيا جڏهن سورة التّوبَة جون ڀهريون آيتون نازل ٿيون. سن 9 هجري حج جي موقعي تي حضرت علي عہ سورة التّوبَة جون چاليهہ آيتون پڙهي مشرڪن کان بيزاري جو اعلان ڪيو ۽ فرمايائون تہ:

”هاڻي ڪو بہ مشرڪ خانہء ڪعبہ ۾ داخل نہ ٿي سگهندو. نہ ئي ڪو هاڻي اگهاڙو ٿي حج ڪري سگهندو ۽ اهي سڀ معاهدا جيڪي مشرڪن سان هئا، انهن ۾ نقض عهد سبب اڄ کان چار مهينا پوء ٽٽي ويندا.“

حضرت ابوهريره رضہ وغيره هن اعلان جي اهڙي زور زور سان منادي ڪئي جو هنن جي نڙي ويهجي وئي.“[2]

۽ هي ڳالهہ انهيء پيشنگوئي جي مصداق ٿي تہ:

”سي پٺ تي ڦيريا ويندا.“

الله اسان کي حق سچ جي سمجهہ جي سگهہ عطا فرمائي ۽ الله اسان سڀني کي دين ”اسلام“ جي صحيح سمجهہ عطا فرمائي ۽ انهيء تي عمل ڪرڻ جي بہ توفيق عنايت فرمائي. آمين يا رب العالمين.

---

1. سورة يوسف : 92

2. نعماني، شبلي رحہ علامہ ۽ ندوي، سليمان، سيد، ”سيرت النبي صلي الله عليہ وسلم“، الميزان ناشران وتاجران ڪتب، اردو بازار، لاهور، سن اشاعت: 2004ع، جلد اول، ص588

(28) الله جو چونڊيل

”جيڪو بہ منهنجي نالي سڏجي ٿو ۽ جنهن کي مون پنهنجي جلال جي لاءِ پيدا ڪيو آهي؛ تنهن کي مون جوڙيو آهي؛ هائو انهي کي مون بنايو آهي. انهن انڌن ماڻهن کي ڪڍي ٻاهر آڻ جنکي اکيون آهن ۽ انهن ٻوڙن کي جنهن کي ڪن آهن. ڀلي تہ سڀ قومون گڏ ڪيون وڃن ۽ امتون اچي گڏ ٿين: انهن مان ڪير اهو ٻڌائي سگهندو ۽ اسان کي اڳوڻيون ڳالهيون ڏيکاري سگهندو: ڀلي تہ اهي پنهن جا شاهد آڻين تہ اهي سچا ثابت ٿين: يا ڀلي تہ اهي ٻڌن ۽ چون تہ اهو سچ آهي.

خداوند فرمائي ٿو تہ اوهين منهن جا شاهد آهيو ۽ منهنجو بندو جنهنکي مون چونڊيو آهي: انهيءَ لاءِ تہ اوهين ڄاڻو ۽ مون تي ايمان آڻيو ۽ سمجهو تہ آءٌ اهو آهيان: مون کان اڳي ڪو بہ خدا نہ ٿيو آهي، نڪي مون کان پوءِ ٿيڻو آهي. آءٌ ئي فقط خداوند آهيان: ۽ مون کان سواءِ ڪو بہ نجات بخشيندڙ ڪونهي.“[1]

تشريح

”جيڪو بہ“ مان مراد ”هر ڪ“ آهي. ”منهنجي نالي سڏجڻ“ مان مراد ”خدا جا ٻار“ سڏجڻ وارا. هي اصطلاح بائيبل وارا انهن لاءِ استعمال ڪندا آهن جيڪي الله ۽ ان جي رسول جي تابعداري ڪندا آهن. يعني نيڪ ٻانهن لاءِ ۽ برن لاءِ ”شيطان جاٻار“ استعمال ڪندا آهن.

”۽ جنهن کي مون پنهنجي جلال لاءِ پيدا ڪيو آهي“ هي جملو انهن ماڻهن کي محدود ٿو ڪري. هن مان سڀ نيڪ ٻانها مراد نہ آهن. بلڪ انهن نيڪ ٻانهن مان چونڊيل ٻانها مراد آهن. عيسائي عالم جملي جي هن حصي مان بہ عام نيڪ انسان مراد وٺن ٿا. جيڪو درست نہ آهي. آيت جو آخري حصو انهيءَ جي وڌيڪ تشريح ڪري ٿو تہ:

”تنهن کي مون جوڙيو آهي؛ هائو انهي کي مون بنايو آهي“.

هر انسان جيڪو نيڪ آهي توڙي بد انهيءَ کي الله خلق ڪيو آهي. تہ هتي ايتري تاڪيد ڇو آهي؟ اهو انهيءَ ڪري جو هتي چونڊيل ماڻهن جي ڳالهہ ٿي رهي آهي. الله سائين فرمائي ٿو تہ انهيءَ کي مون چونڊيو آهي. هتي ”انهيءَ کي مون بڻايو آهي“ مان مراد ”انهيءَ کي اهو منصب مون ڏنو آهي“ ٿيندو. اصل جيڪا ڳالهہ بيان ڪرڻي آهي، هي ان جو تلهہ آهي.

”انهن انڌن ماڻهن کي ڪڍي ٻاهر آڻ جنکي اکيون آهن ۽ انهن ٻوڙن کي جنهن کي ڪن آهن“

---

1. يسعياه 43 : 7 ـ 11

هي لهجو ڪاوڙ وارو لهجو لڳي رهيو آهي. اڪين وارن انڌن ۽ ڪنن وارن ٻوڙن مان مراد اهي ظاهري اکيون ۽ ڪن رکندڙ ماڻهو آهن جيڪي الله ۽ رسول جي ڪا ڳالهه ڏسڻ يا ٻڌڻ نه پيا چاهين. هاڻي هنن سان هڪ هڪاڻي ڪري ڪجهه فيصلا ٻڌائڻا هئا. سو چيو ويو ته انهن کي ٻاهر ڪڍي سيني جي روبرو آڻيو.

"پلي ته سڀ قومون گڏ ڪيون وڃن ۽ امتون اچي گڏ ٿين: انهن مان ڪير اهو ٻڌائي سگهندو ۽ اسان کي اڳوٽيون ڳالهيون ڏيکاري سگهندو: پلي ته اهي پنهن جا شاهد آڻين ته اهي سچا ثابت ٿين: يا پلي ته اهي ٻڌن ۽ چون ته اهو سچ آهي"

لڳي ايئن رهيو آهي ته اهڙي ڪا ڳالهه هئي جيڪا ڪجهه ماڻهو تسليم ڪرڻ لاءِ تيار نه هئا. سو چيو ويو ته پلي سمورو جهان اچي ڪٺي ٿئي. سمورو جهان شاهد ٻڌجي ته هو سچا آهن يا اسين سچا آهيون.

"خداوند فرمائي ٿو ته اوهين منهن جا شاهد آهيو"

يعني اوهان سڀ... پر ڇاجا شاهد آهيو؟ هاڻي هن ڪان بعد ان جو بيان آهي. جنهن لاءِ هي سڀ محنت ڪئي وئي آهي ته:

"۽ منهنجو بندو جنهنکي مون چونڊيو آهي:"

يعني منهنجو بندو جنهن کي مون چونڊيو آهي اهو به شاهد آهي.

هاڻي هي شاهد بندو ڪير آهي. عيسائي عالمن مطابق اهو هينئين مان ڪو به ٿي سگهي ٿو:

(1) **حضرت يسعياه عہ**

(2) **سائرس**

(3) **بني اسرائيل**

(4) **حضرت عيسي عہ**

حقيقت ۾ هن مان مراد يا ته حضرت يسعياه عہ ٿي سگهي ٿو يا وري حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم. باقي ٻين جو ته ڪهڙو ئي نه ٿو لڳي سگهي.

قرآن شريف ۾ نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي باري ۾ فرمايو ويو آهي ته "اسان تو کي شاهد ۽ خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري موڪليو آهي."[1]

حضرت ڪعب رضہ ڪان روايت ٿيل هڪ ڊگهي حديث ۾ نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي تورات ۾ صفتن جي باري ۾ فرمايو ويو آهي ته:

"قَالَ فِي التَّوْرَاةِ يَا أَيُّهَا النَّبِيُّ إِنَّا أَرْسَلْنَاكَ شَاهِدًا وَمُبَشِّرًا"

"توريت ۾ الله چيو آهي ته اي نبي! اسان توکي شاهد ۽ بشارت

---

1. سورة الاحزاب : 45، سورة الفتح : 8

(خوشخبري) ڏيڻ وارو ڪري موڪليو آهي.“

ءِ هي به فرمايو ويو آهي ته:

”أَنْتَ عَبْدِي وَرَسُولِي“

”توهان منهن جا ٻانها ءِ منهن جا رسول آهيو.“[1]

يسعياه (1:42) جي شروع ۾ آهي: ”ڏسو منهنجو بندو“ ۽ پوءِ آهي:

”مون پنهنجو روح انهيءَ تي نازل ڪيو آهي.“

نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي ۽ سندس امت جي ٻين مثان شاهد هجڻ جي باري ۾ تفصيلي بحث لاءِ ڏسو پيشنگوئي ”امتن مثان شاهد ۽ سردار“.

۽ ”منهنجو بندو“ ۽ ”منهنجو چونديل“ جي باري ۾ تفصيلي بحث لاءِ ڏسو پيشنگوئي ”ڪوڙ ساريون خصوصيتون.“

انهيءَ کان بعد فرمايو ويو آهي ته:

”انهيءَ لاءِ ته اوهين ڄاڻو ۽ مون تي ايمان آڻيو ۽ سمجهو ته آءٌ اهو آهيان: مون کان اڳي ڪو به خدا نه ٿيو آهي، نڪي مون کان پوءِ ٿيڻو آهي. آءٌ ئي فقط خداوند آهيان؛ ۽ مون کان سواءِ ڪو به نجات بخشيندڙ ڪونهي.“

هي آهي نتيجو: ته اها سموري محنت صرف هن گواهي لاءِ هوندي ته الله تبارڪ وتعالي کي اڪيلو ۽ واحد تسليم ڪيو وڃي ۽ هن کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي خدا تسليم نه ڪيو وڃي. نه هن سان ڪي شريڪ ۽ ڀائيوار پيدا ڪيا وڃن.

افسوس آهي عيسائين تي ته ايتري چٽي آيت هوندي به هنن خدا جا به ڀائيوار پيدا ڪري ڇڏيا. يعني ٽن خدائن وارو عقيدو اختيار ڪيائون. يعني: پيءُ، پٽ ۽ روح القدس.

هاڻي اسان مسلمانن تي ذميواري آهي ته اسان شاهد بڻجون ته الله هڪ ۽ اڪيلو آهي، هن سان سندس خدائي ۾ ڪنهن به قسم جو ڪو به ڀائيوار نه آهي.

هتي خدا لاءِ لفظ ”يهواه“ استعمال ٿيل آهي. لفظ ”يهواه“ ۽ لفظ ”الله“ تي بحث لاءِ ڏسو پيشنگوئي ”ڪوڙ ساريون خصوصيتون.“

---

1. احمد بن حنبل، امام، ”مسند احمد بن حنبل“(اردو)، مترجم: محمد ظفر اقبال، مولانا، مڪتبه رحمانيه، اردو بازار، لاهور، جلد سوم، ص 543 ـ 544

(29) آءٌ بيابان ۾ رستو ناهيندس

”اوهين اڳوڻيون ڳالهيون ياد نہ ڪريو، نڪي قديم زماني جي ڳالهين تي غور ڪريو: ڏسو، آءٌ هڪڙو نئون ڪم ڪندس؛ اهو هينئر ظاهر ٿيندو ڇا؛ اوهين انهيءَ کان ناواقف رهندا؟ بلڪ آءٌ بيابان ۾ رستو ناهيندس ۽ رڻ پٽ ۾ نديون وهائيندس. جهنگلي جانور، گدڙ ۽ اٺ پکي بہ منهنجي عزت ڪندا؛ ڇا لاءِ جو آءٌ پنهنجي امت، پنهنجي چونڊيلن کي پيڻ لاءِ بيابان ۾ پاڻي ۽ رڻ پٽ ۾ نديون ٿو ڏيان. اها امت جا مون پنهنجي لاءِ جوڙي، تہ اهي منهنجي تعريف ڪن.“[1]

تشريح

”اوهين اڳوڻيون ڳالهيون ياد نہ ڪريو...“

يعني توهان صرف ڳالهيون ۽ پراڻا حوال نہ ڪريو. قديم زماني جون اهي فخريہ ڳالهيون نہ ڪريو.

”ڏسو، آءٌ هڪڙو نئون ڪم ڪندس...“

يعني اهڙو ڪم جيڪو اوهان اڳي نہ ڏٺو هوندو. اهو هن وقت تہ ظاهر نہ ٿيندو. نہ ئي هن وقت جي ماڻهن جو انهيءَ سان واسطو پوندو. پر توهان کي ياد رکڻ کپي. جيئن توهان جي پونين کي ياد رهي تہ:

”آءٌ بيابان ۾ رستو ناهيندس ۽ رڻ پٽ ۾ نديون وهائيندس“

اسان اڳ اهو بيان ڪري چڪا آهيون تہ ”بيابان“ ۽ ”رڻ پٽ“ مان بائيبل جي مراد اڪثر مڪي جو علائقو هوندو آهي.

”بيابان ۾ رستو ناهڻ“ مان مراد نبوت ۽ رسالت جو رستو آهي. يعني هڪ اهڙو وقت اچڻ وارو آهي جڏهن منهنجي فرشتن جي اچ وڃ جو رستو مڪي جو علائقو ٿيندو ۽ ”رڻ پٽ ۾ نديون“ مان مراد خيبر ۽ طائف جا سرسبز علائقا آهن.

الله تبارڪ وتعالي حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ و اصحابہ وسلم بابت بائيبل ۾ اشاريون تہ نشانيون ٻڌايون هيون جو يهودي ۽ عيسائي عالم پاڻ سڳورن ﷺ جي هجرت جي جاءِ کان بہ واقف هئا. مديني ۽ انهيءَ جي ارد گرد رهندڙ عيسائي توڙي يهودي پري پري کان لڏي اچي انهن جاين تي اچي قيام پذير ٿيا هئا تہ هي جاءِ اها جاءِ آهي جتي آخري پيغمبر حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جن هجرت ڪري ايندا. اها ٻي ڳالھ آهي تہ عيسائي تہ جلد مسلمان ٿي ويا پر يهودين وڏو وقت ورتو ۽

---

1. يسعياه 43 : 18 ـ 21

پوءِ بہ ٽورا يهودي مسلمان ٿيا. نبين سان جنگ ڪرڻ هنن جي سرشت ۾ هو. سو هتي بہ پنهنجي عادتن کان مجبور ٿي ڪري ڄاڻي واڻي نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جو انڪار ڪيائون.

حضرت سلمان فارسي رضہ بہ نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي ظهور جي انتظار ۾ لڏي اچي مديني جي پاسي ۾ رهڻ لڳا هئا.

الله تبارڪ وتعالي اتان جون وڏيڪ نشانيون ٻڌائين ٿا تہ اتي:

”جهنگلي جانور، گدڙ ۽ اٺ پکي بہ منهنجي عزت ڪندا“

اسان کي تاريخ ۾ ڪيترائي اهڙا واقعا ملن ٿا تہ جهنگلي جانورن، جهنگلي پکين، گهرو جانورن، گهوڙن، اٺن وغيره نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جو نہ صرف احترام ڪيو بلڪہ سندن حڪم مڃيا ۽ مختلف موقعن تي مددگار ساٿي ٿي بيٺا. هيٺ اسان انهن مان ڪجهہ مثال پيش ڪري رهيا آهيون.

(الف) ڪوريئڙو، جهنگلي ڪبوتر ۽ وڻ ٽڻ ٻوٽا

هي غار ثور جو واقعو آهي، جڏهن حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم حضرت علي عہ کي پنهنجي بستري تي سمهاري، حضرت ابوبڪر رضہ کي ساڻ وٺي راتو رات مڪي کان مديني ڏانهن هجرت ڪرڻ لاءِ نڪتا. اسان هي واقعو محمد حسين هيڪل جي ڪتاب ”حيات محمد صلي الله عليہ وسلم“ کان نقل ڪري رهيا آهيون. محمد حسين هيڪل لکن ٿا تہ:

”رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن سچا ٽي ڏينهن ابوبڪر سان گڏ غار ثور ۾ لڪا رهيا، قريش ڏينهن رات هڪ ڪري سندن جاچ ڪندا رهيا. ڪين اها ڳڻتي اصل ڳاريندي ٿي وئي تہ اڄ جيڪڏهن پاڻ سڳورا اسان جي هٿن مان نڪري ٿا وڃن ۽ وڃي ٿا مديني پهچن تہ سياڻي اسان جو حشر ڪهڙو ڪندا؟ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن غار اندر هر پاسي کان ڏيان هٽايون ويني تي الله جي عبادت ڪئي. ڪين ڪو اونو ئي ڪونہ هو. پنهنجي جهلجي پوڻ يا بچي نڪرڻ جو معاملو الله تي رکي ڇڏيائون ۽ ابوبڪر ٻاهران ڪنهن اچڻ واري آواز ٻڌڻ لاءِ ڪن ڏيو وينا هئا تہ ڪٿي ايئن نہ ٿئي جو مڪي وارن مان ڪنهن اسان جي لڪڻ جو پتو لڳائي ورتو هجي.

(i) غار ثور تي قريش جو اچڻ

ان دوران قريش جو هڪ مسلح جٿو ڳولا ڪندو اچي غار جي مٿان بيٺو. ويجهو ئي هڪ ڌنار ڌڻ چاري رهيو هو. ڪانئس پڇا ڳاڇا ڪيائون. جنهن جواب ۾ چين ممڪن آهي غار ۾ موجود هجن، پر مون پنهنجي اکين سان ڪنهن ماڻهوءَ کي ان منجهہ اندر ويندي ڪونہ ڏٺو آهي. ابوبڪر تہ ڪن ڏيو وينو هو، سو تہ ڌنار جو جواب ٻڌي ڇڪرائجي ويو. پگهرجي

پاڻي تي ويو. خوف وچان ساهه تي گهٽيس. ڪري به چا تي سگهيو. الله تي رکي ڪٽي ماٺ ڪيائين. ايتري ۾ هڪ قريشي نوجوان غار جي ويجهو اچي پهتو. پر ان غار ۾ اندر جهاتي پائڻ بنائي موٽ ڪاڏي. سندس ساٿين ڪانئس پڇيو ته:

"ويجهو وڃڻ باوجود تو منجهس نهاري به ڪونه ڏٺو؟"

جواب ڏنائين: "ڏسان ڇا؟ غار جي منهن تي محمد جي ڄمڻ کان به اڳ جي ڪوريئڙي جي ڄار وچائي پئي آهي. غار جي ڪناري تي ٻن جهنگلي ڪبوترن جا آکيرا نهيا پيا آهن. اندرئين پاسي چوڌاري سڪل گاهه پکڙيو پيو آهي. انهن مان مون کي اندازو ٿيو ته غار ۾ ڪوبه ماڻهو نه هوندو. جنهن ڪري بنا جهاتي پائڻ جي واپس موٽي آيس."

(ii) **غار ثور ۾ رسول الله جي دل جي تسڪين**

ان ڇڪتاڻ ۽ بيچينيءَ واري صورتحال ۾ به رسول الله کي جيئن پوءِ تيئن سڪون ايندو ويو. پاڻ نماز ۽ دعا تان پنهنجو ڌيان هٽڻ ئي ڪونه ٿي ڏنائون. پر ابوبڪر رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي ڳڻتيءَ ۾ ايترو ته ورتل هو جو وجي رسول الله جن جي پاسي ۾ ويٺو ته حملو ٿئي به ته وار پاڻ تي سهان. رسول الله جو وار به ونگو نه ٿئي. ان مهل ٻنهي جهانن جي سردار ابوبڪر کي چيو:

"لَا تَحْزَنْ اِنَّ اللّٰهَ مَعَنَا"[1] "پريشان نه ٿيءُ. الله اسان سان گڏ آهي."

هيءُ واقعو حديث جي ڪن ڪتابن ۾ هن طرح آيل آهي ته ابوبڪر ڳولا لاءِ ايندڙن جو ٻڌي اچي رسول الله کي آهستي آواز ۾ عرض ڪيو:

"يا رسول الله. منجهائن ڪنهن هيٺ نهاري ورتو ته اسان کي ڏسي وٺندو."

پاڻ سڳورن اهو ٻڌي ڪيس فرمايو:

"ابوبڪر گهٻرائين ڇو ٿو؟ پاڻ ٻن سان ٽيون اسان جو ئي الله گڏ آهي."

قريش جڏهن ڏٺو ته غار جي ڪنارن تي وٽن جون ٽاريون اهڙيءَ طرح ڳتيل آهن جو انهن کي ڪٽڻ بنا منجهس داخل ٿيڻ ناممڪن آهي. تڏهن کين اهو يقين اچي ويو ته اندر ڪوبه ماڻهو پهتل نه آهي ۽ جيڏانهن جا هئا، بيني پير اوڏانهن واپس ويا.

ابوبڪر انهن جي موٽڻ جو کڙڪو ٻڌو ته الله ۽ سندس رسول مٿان سندس ايمان تهائين وڌي ويو ۽ پاڻ سڳورن وڏي واڪي "الحمد لله، الله اڪبر" چئي ڏنو.

(iii) **غار ثور جو معجزو**

غار جي منهن تي ڪوريئڙي جي ڄار، جهنگلي ڪبوتر جو آکيرو ۽

---

1. سورة التوبه : 40

وڻن جي اهڙي پکيڙ جو انهن جي ڪنڊ بنا اندر پهچڻ ناممڪن آهي. سيرت نگارن ان کي معجزو سڏيو آهي. ان جو سبب اهو ته رسول الله جي غار ۾ اندر وڃڻ کان پهريائين انهن مان ڪاشئي ڪانه هئي. الله جو رسول پنهنجي ساٿيءَ سان گڏ غار ۾ لٿو. پويان ڪوريئڙي ڄار ٺاهي. ڪٺان ٻه ڪبوتر اڏاڻا ۽ اچي غار جي منهن ۾ پنهنجو آکيرو ٺاهي منجهس آنا رکي ڇڏيائون. ڪناري مٿان ٺي هڪ ٻوٽي پٿرن مان سلو ڪڍيو ۽ ٿوري دير ۾ سندس ٽاريون غار مٿان اهڙيون وڇائجي ويون جڻ ڪنهن سٽي ڇڏيون هجن.

مغربي محقق درمنگهم لکي ٿو ته:

”صرف هيءَ ٽي معجزا آهن، جيڪي اسلامي تاريخ ۾ پڪيءَ طرح آيل آهن. يعني ڪوريئڙي جو ڄار، ڪبوتر جو آکيرو ۽ وڻن جي ٽارين جو جهڳٽو، پر اهي شيون ته عام طور ٿينديون رهنديون آهن.“[1]

(ب) شينهن جو پاڻ سڳورن ﷺ جي غلام سفينه جي خدمت ڪرڻ

سبل الهدي والرشاد ۾ لکيل آهي ته:

”ابن سعد، ابو يعلي، بزاز، حاڪم ۽ بيهقي رحمت الله عليهم رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جي آزاد ڪيل غلام سفينه ؓ کان روايت ڪئي آهي ۽ حاڪم رحمت الله عليه انهيءَ کي صحيح قرار ڏنو آهي. هو فرمائين ٿا:

مان سمنڊ ۾ هڪ ڪشتي ۾ سوار ٿيس ته اها ڪشتي ڀڄي پئي. مان انهيءَ جي هڪ تختي تي سوار ٿيس ته هن مون کي گهاٽن وڻن واري (جزيري) ۾ وڃي ڪڍيو. جنهن ۾ شينهن ڪثرت سان رهندا هئا ته هڪ شينهن سامهون آيو. جڏهن مون هن کي ڏٺو ته مون چيو:

”اي ابوالحارث! مان رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جو آزاد ڪيل غلام سفينه آهيان.“

ته هو مون ڏانهن متوجه ٿيو ۽ هن پنهنجو ڪلهو ۽ پهلو مون کي هنيو. جڻ ته مان هن جي محبت ڀريل آواز ٻڌي رهيو آهيان. پوءِ هو منهنجي پاسي ۾ هلندو رهيو. ايتري تائين جو مون کي رستي تي بيهاريائين. پوءِ ڪجهه دير بعد مون هن کي ڏٺو ته هو مون کي الوداع چئي رهيو هو.[2]

---

1. هيڪل، محمد حسين، ”حيات محمد صلي الله عليه وسلم“ (سنڌي)، سنڌيڪار: راڄپر، محمد انس، مولانا، سنڌي اڪيڊمي ڪراچي، پهريون ڇاپو 2001ع، ص 288 ـ 289

2. الشامي، الصالحي، محمد بن يوسف، الامام، ”سبل الهدي والرشاد في سيره خير العباد صلي الله عليه وسلم“ (اردو)، مترجم: عبيد الرحمان، مولانا، مڪتبه رحمانيه، جلد نهم، ص 560 ـ 561

(ت) سرڪش اٺ کي قابو ڪرڻ

سبل الهدي والرشاد ۾ ئي آهي تہ:

”ابو نعيم رحمت الله عليہ بريده ﷺ کان روايت ڪيو آهي تہ:

انصار مان هڪ شخص نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم وٽ آيو ۽ عرض ڪيائين:

”يا رسول الله صلي الله عليہ وسلم! اسان جي گهر هڪ اٺ آهي جيڪو حملو ڪري ٿو ۽ اسان مان ڪوبہ هن جي ويجهو وڃڻ جي طاقت نہ ٿو رکي.“

نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم هن سان اٿي بيٺا ۽ اسان پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وسلم سان اٿي بيٺاسين. تہ پاڻ صلي الله عليہ وسلم هن جي دروازي تي تشريف کڻي ويا ۽ دروازي کي کوليو. تہ جڏهن اٺ پاڻ صلي الله عليہ وسلم کي ڏٺو تہ پاڻ صلي الله عليہ وسلم وٽ آيو ۽ پاڻ صلي الله عليہ وسلم کي سجدو ڪيائين ۽ پنهنجي ڪنڌ جو اڳيون حصو جهڪائي ڇڏيائين. تہ نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم هن جي مٿي کي پڪڙيو ۽ هن تي هٿ ڦيرايائين. پوءِ ناڪيلي گهرايائين ۽ هن کي ناڪيلي وڌائين. پوءِ هن کي مالڪ جي حوالي ڪري ڇڏيائين.

تہ پاڻ صلي الله عليہ وسلم کي ابوبڪر رضہ ۽ عمر رضہ چيو:

”يا رسول الله صلي الله عليہ وسلم! هن توهان کي سڃاڻي ورتو هو تہ توهان نبي آهيو؟“

پاڻ فرمايائون: ڪابہ شئي اهڙي نہ آهي جيڪا هي نہ ڄاڻندي هجي تہ مان الله جو رسول آهيان، سواءِ ڪافر جنن ۽ انسانن جي.“[1]

تاريخ ۽ سيرت جي ڪتابن ۾ جانورن توڙي وڻ ٽڻ ٻوٽن ويندي پٿرن تائين لاءِ اهڙا ڪيترائي واقعا درج آهن، جن ۾ هنن حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي نبوت جو اقرار ڪيو هجي يا سندن حڪمن جي تعميل ڪئي هجي. انهن سڀني کي لکڻ لاءِ هڪ الڳ باب جي ضرورت آهي.

”آءُ پنهنجي امت، پنهنجي چونڊيلن کي پيئڻ لاءِ بيابان ۾ پاڻي ۽ رڻ پٽ ۾ نديون ٿو ڏيان.“

لفظ ”پنهنجي امت“ مان ساڻس محبت ۽ پنهنجائپ وارو احساس نظر اچي ٿو. بيابان ۾ پاڻي ڏيڻ ۽ رڻ پٽ ۾ نديون ڏيڻ مان مراد عرب جي مشهور بي آب وگياه رڻ ۾ آب زمزم جهڙو اڻ کٽ پاڻيءَ جو چشمو عطا ڪرڻ ۽ بر ۾ بازاريون ٻڌائڻ آهي ۽ عربن جهڙي قوم کي تيل جي

---

1. الشامي، الصالحي، محمد بن يوسف، الامام، ”سبل الهدي والرشاد في سيره خير العباد صلي الله عليہ وسلم“ (اردو)، مترجم: عبيد الرحمان، مولانا، مڪتبہ رحمانيہ، جلد نهم، ص 554

ندين سان مالا مال ڪرڻ آهي. هي ڪليل نشانيون سوچ، سمجهہ ۽ عقل رکڻ وارن لاءِ ڪافي آهن.

”اها امت جا مون پنهنجي لاءِ جوڙي، تہ اهي منهنجي تعريف ڪن.“

قرآن شريف ۾ آهي تہ الله تبارڪ وتعالي جنن ۽ انسانن کي پنهنجي عبادت لاءِ پيدا ڪيو آهي:

وَمَاخَلَقْتُ الْجِنَّ وَالْاِنْسَ اِلَّالِيَعْبُدُوْنِ.[1]

ترجمو: ”۽ اسان جن ۽ انسان کي خلق نہ ڪيو آهي سواءِ پنهنجي عبادت جي.“

پر جنن ۽ انسانن جي اڪثريت نافرمان ۽ ناشڪري نڪتي. سو الله تبارڪ وتعالي هڪ امت تي خصوصي نظر ڪرم ڪئي. يسعياه جي مٿين آيت انهيءَ جي باري ۾ آهي تہ مون انهيءَ امت کي پنهنجي لاءِ جوڙيو آهي. يعني هن کي نافرماني ۽ ناشڪري کان محفوظ ڪيو آهي، بچايو آهي ، جيئن هو منهنجي تعريف ڪن. هي مسلمانن جو اهو ٽولو آهي جيڪو نماز پڙهي ٿو، قرآن پڙهي ٿو، قرآن جي حڪمن تي غور وفڪر ڪري ٿو ۽ انهيءَ تي پوري طرح عمل پيرا ٿيڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. هي اهي ماڻهو آهن جيڪي تهجد گذار آهن. جيڪي نيڪي جو حڪم ڪن ٿا ۽ بديءَ کان روڪين ٿا. جيڪي رات ڏينهن الله جي خلقت هن ڪائنات وغيره تي غور وفڪر ڪن ٿا ۽ چون ٿا:

”يا الله! بيشڪ تو هن ڪائنات کي فضول ۽ بيڪار پيدا نہ ڪيو آهي.“

هي هميشہ الله جي عبادت، الله جي تعريف ۽ حمد ۽ ثنا ڪندي گذاريندا آهن.

---

1. سورة الذاريات: 56

(30) ڏهاڳڻ جو اولاد سهاڳڻ کان گهڻو آهي

”اي سنڍ تون جنهن کي ٻار نہ ٿي ٿيو، سا ڳاءِ، تون جنهن ويم جا سور نہ سنا آهن، سا وڏي آواز سان ڳائڻ شروع ڪر، ڇا لاءِ جو خداوند فرمائي ٿو تہ ڏهاڳڻ جو اولاد سهاڳڻ جي اولاد کان گهڻو آهي. پنهنجي تنبوءَ جي جاءِ ڪشادي ڪر ۽ پنهنجي جاءِ جي پردن کي پکيڙ، ڍرائي نہ ڪر، پنهنجون طنابون ڊگهيون ڪر ۽ پنهن جا ڪلا مضبوط ڪر. ڇا لاءِ جو تون ساڄي پاسي ۽ کاٻي پاسي پکڙبئين؛ ۽ تنهنجو نسل قومن تي قبضو ڪندو ۽ ويران شهرن کي آباد ڪندو.

ڊپ نہ ڪر؛ ڇالاءِ جو تون شرمندي نہ ٿيندينءَ: پريشان نہ ٿي؛ ڇو جو تون بدنام نہ ٿيندينءَ، تون پنهنجي جوانيءَ جي شرمندگي وساري ڇڏيندينءَ ۽ پنهنجي ڏهاڳ جو مهڻو وري ياد نہ ڪندينءَ.

ڇالاءِ جو جنهن توکي جوڙيو آهي، سو تنهنجو مڙس آهي؛ هو ساري زمين جو خدا سڏيو ويندو. ڇالاءِ جو خداوند توکي ايئن سڏيو آهي.

جو جڻ تہ تون ڇڏي ڏنل ۽ دل جي ڏکي هئين، جنهنکي جواني ۾ کڏي ڇڏيو هجيس: تنهنجو خدا فرمائي ٿو، تہ مون توکي هڪڙي لحظي لاءِ ڇڏي ڏنو آهي؛ پر گهڻي ٻاجهہ سان آءٌ توکي گڏ ڪندس.

خداوند تنهنجو ڇڏائيندڙ فرمائي ٿو تہ تمام گهڻيءَ ڪاوڙ ۾ مون هڪ لحظي واسطي پنهنجو منهن توکان لڪايو، پر هميشہ واري مهربانيءَ سان آءٌ تو تي رحم ڪندس.“[1]

تشريح

مولانا عنايت رسول چرياڪوٽي هنن آيتن جي تمام سهڻي تفسير ڪئي آهي. اسان انهيءَ جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري پيش ڪري رهيا آهيون:

”هي خدا جي طرف کان مسجد ڪعبہ کي بشارت هئي. جيئن تہ انبياء بلڪ عمومن خدا پرست خدا جا پٽ سڏبا آهن ۽ ڪعبي جي مسجد ۾ وڏي مدت کان خدا پرستي نہ ٿي رهي هئي ۽ نہ اتان کو پيغمبر نڪتو هو. حضرت اسمائيل عہ کان ڪجهہ عرصي کان پوءِ اتي بت پرستي شروع ٿي وئي. مسجد بتن سان ٺمٺار ٿيل هئي. ستاره پرستي دنيا ۽ آخرت جي فلاح جو سبب سمجهيا ويندا هئا. هندوستان تائين جا ماڻهو اتي تيرٿ ۽ درشن لاءِ ويندا هئا. بخلاف بيت المقدس جي، جو اتي برابر خدا پرستي ٿيندي رهي ۽ انبياء بني اسرائيل جي هدايت لاءِ برابر مبعوث ٿيندا هئا.

---

1. يسعياه 54 : 1 ـ 8

جيتوڻيڪ اربعام بن نباط جي وقت کان اتي بہ ستاره پرستي پکڙجي وئي هئي. تنهن هوندي بہ ڪجهہ نہ ڪجهہ ماڻهو خدا پرستي بہ ڪندا هئا. ڪعبي وانگر بلڪل بت خانو نہ ٿي ويو هو. بس جيئن تہ اتي پيغمبر آخرالزمان صہ جي زماني تائين ڪوئي نبي نہ ٿيو هو، انهيءَ ڪري خدا هن کي عقيمہ چوي ٿو ۽ بشارت ڏئي ٿو تہ گهڻو خوش ٿي. ڇو تہ تنهنجا حاجي بيت المقدس جي حاجين کان وڌي ويندا. ڇو تہ هي مسجد ويران هئي ۽ بيت المقدس آباد. انهيءَ ڪري ڏهاڳڻ کان مراد ڪعبو آهي ۽ سهاڳڻ کان بيت المقدس ۽ اولاد کان مراد حاجي آهن. ظاهر آهي تہ بيت المقدس ۾ صرف هڪ قوم جو حج ٿيندو هو ۽ هتي سموري دنيا جا ماڻهو حج لاءِ ويندا آهن. بس اولاد ڏهاڳڻ جي وڌي وئي سهاڳڻ جي اولاد کان. هيءَ ڳالهہ اسان جي پيغمبر جي وقت پوري ٿي ۽ ڪعبي کي انهيءَ ڪري بہ ڏهاڳڻ چيو ويو جو اتي هاجره رضہ جي اولاد رهي ٿي. جنهن کي حضرت ابراهيم ترڪ ڪري اتي پهچايو هو ۽ حضرت ساره رضہ جيڪا پاڻ کي منڪوحہ سمجهندي هئي، ان جي اولاد سان بيت المقدس آباد هو. تہ ڄڻ تہ ڪنايو آهي تہ هاجره رضہ جي اولاد جا پوئلڳ وڌي ويندا ساره رضہ جي اولاد جي پوئلڳن کان. هي ڳالهہ اڪين ڏٺي مشاهدي ۾ آهي. انهيءَ کان پوءِ چوي ٿو تہ پنهنجي خيمي جو مقام وسيع ڪر.

خيمن ۾ رهڻ عربن جو دستور هو، بخلاف بني اسرائيل، جو هو شهرن ۾ آباد هئا. انهيءَ ڪري چوي ٿو تہ پنهنجي خيمن جي جاءِ کي وسيع ڪر، يعني تنهنجا خيما هفت اقليم ۾ پکڙبا. سو ايئن ٿيو ۽ اڳين جي نسبت هاڻي حرم چئني طرفن کان وڌيو آهي. انهيءَ کان بعد چوي ٿو تہ تنهنجي خيمي جي چوب نصب ٿيندي. يعني عالمين لاءِ قبلو ٿيندينءَ. قال الله تعالي:

فَوَلِّ وَجْهَكَ شَطْرَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ؕ وَحَيْثُ مَا كُنْتُمْ فَوَلُّوْا وُجُوْهَكُمْ شَطْرَهٗ ؕ وَاِنَّ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ لَيَعْلَمُوْنَ اَنَّهُ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّهِمْ ؕ وَمَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا يَعْمَلُوْنَ.[1]

ترجمو: ”پوءِ (اي پيغمبر) پنهنجي منهن کي تعظيم واريءَ مسجد ڏانهن ڦيراءِ ۽ (اي مسلمانو) اوهين جتي هجو تتي پنهن جا منهن اوڏاهين ڦيرايو ۽ جن کي ڪتاب ڏنو ويو آهي سي ضرور ڄاڻن ٿا تہ اهو (ڦيرائڻ) سندن پالڻهار وٽان بلڪل سچ آهي ۽ جيڪي ڪندا آهن تنهن کان الله بي خبر نہ آهي.“

انهيءَ کان پوءِ چوي ٿو تہ پنهنجون طنابون ڊگهيون ڪر ۽ پنهن جا ڪلا مضبوط ڪر. ڇو تہ ساڄي پاسي وارن ۽ کابي پاسي وارن کي تون مغلوب ڪندينءَ ۽ تنهنجي نسل قبيلن جي مالڪ ٿيندي ۽ ويران شهرن

1. سورة البقره : 144

کي آباد ڪندي. ويران شهر مان مراد بيت المقدس وغيره آهي. جيڪو اسلام جي دور ڪان آباد ٿيو. يعني خدا پرستي اتي بہ جاري ٿي ۽ نجس ۽ اڻ طهريل سڀ نڪري ويا.

انهيءَ ڪان پوءِ چوي ٿو تہ:

”ڊپ نہ ڪر. ڇا لاءِ جو تون شرمنده نہ ٿيندينءَ.“

يعني تو ۾ بت پرستيءَ جو پاڇو ڪڏهن بہ نہ ٿيندو ۽ تون هميشہ سڀني آفتن ڪان محفوظ رهي ڪري عالمين لاءِ قبلو رهندينءَ.

هاڻي انهيءَ ڪان پوءِ چوي ٿو تہ هي ڪڏهن ٿيندو. جڏهن، ٻالڪپڻ واري عورت يعني بيت المقدس ناراض ڪندي. توکي ڏهاڳڻ عورت وانگر خدا يعني هاجره رضہ وانگر خدا توکي گهرائيندو جو حضرت ابراهيم عہ حضرت ساره رضہ جي وفات ڪان پوءِ هن کي گهرايو هو. اهڙيءَ طرح خدا توکي بيت المقدس جي خرابيءَ ڪان پوءِ قبلو مقرر ڪندي. پوءِ چوي ٿو تہ ٿورن ڏينهن لاءِ مون توکي ڇڏيو هو ۽ وڏي رحمت سان توکي گهرائيندس. يعني قبلو مقرر ڪندس. ڇو تہ هي حضرت آدم عہ جي وقت ڪان مسجد پرستش گاهہ ذوالجلال وحده لاشريڪ لہ جي هئي. پر ڪجهہ ڏينهن ڪان بت خانو بڻجي وئي هئي. وڏي رحمت ڪان ڪنايو آهي ذات بابرڪات سرور ڪائنات ڪان:

وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا رَحْمَةً لِّلْعٰلَمِيْنَ.[1]

ترجمو: ”۽ اسان توکي نہ موڪليو آهي، سواءِ عالمين لاءِ رحمت ڪري.“

انهيءَ جو خيال ڪريو. حديث جي ڪتابن ۾ پاڻ سڳورن صہ جو نالو ”نبي الرحمت“ لکيل آهي.

انهيءَ ڪان پوءِ دائمي رحمت سان توتي رحم ڪيم. يعني شريعت جيڪا توڪان جاري ٿيندي منسوخ نہ ٿيندي ۽ هميشہ اتي حج ۽ قرباني ۽ خدا پرستي قائم رهندي ۽ ڪافرن جي هٿن ڪان محفوظ رهندي.“[2]

---

1. سورة الانبياء : 107
2. چرياڪوٽي، عباسي، عنايت رسول، ”بشري“، شرواني پرنٽنگ پريس علي ڳڙهہ 1357هہ_1938ع، ص 326_328

(31) هميشہ جي سلامتيءَ وارو عهد

”ڇا لاءِ جو منهنجي لاءِ اهو نوح جي طوفان وانگي آهي: جهڙيءَ طرح مون قسم کنيو آهي تہ نوح جي طوفان وارو پاڻي وري زمين جي مٿان اٿلي نہ پوندو، تهڙيءَ طرح مون هي بہ قسم کنيو آهي تہ آءٌ وري تو تي نہ ڪاوڙبس ۽ نڪي توکي ملامت ڪندس. ڇالاءِ جو خداوند جنهن جو رحم تو تي آهي، سو فرمائي ٿو تہ جبل هليا وڃن ۽ ٽڪريون هٽجي وڃن؛ پر منهنجي مهرباني تو تان نہ هٽندي، نڪي منهنجو سلامتيءَ وارو عهد ٽري ويندو.“[1]

تشريح

هي آيتون گذشتہ آيتن جو تسلسل آهن. اڳين آيتن ۾ چيو ويو هو تہ دائمي رحمت سان تو تي رحم ڪيم ۽ هتي وري قسم کڻي عهد ڪيو وڃي ٿو تہ اڄ کان بعد نہ تو تي ڪاوڙ جو اظهار ڪبو، نہ ئي ملامت ڪئي ويندي ۽ ڇا بہ ڪڏهن تي پوي پر منهنجي سلامتيءَ وارو عهد ڪنهن بہ صورت ۾ تو کان نہ ٽرندو.

(الف) بني اسرائيل تي الله ۽ رسول جي لعنت

يهودي ۽ عيسائي دعوي ڪندا آهن تہ هي آيتون اسرائيل ۽ بني اسرائيل جي لاءِ نازل ٿيون آهن. پر اسان ڏسون ٿا تہ الله تبارڪ وتعالي اسرائيل جي بابت چوي ٿو تہ:

”تنهن ڪري، آءٌ پاڪ مڪان جي سردارن کي ناپاڪ ڪندس ۽ يعقوب کي لعنت ۽ اسرائيل کي ملامت ٺهرائيندس.“[2]

قرآن شريف بہ انهيءَ جي تائيد ڪري ٿو ۽ ٻڌائي ٿو تہ بني اسرائيل تي سندن نافرمانين سبب نبين سڳورن لعنت فرمائي آهي:

لُعِنَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْۢ بَنِيْٓ اِسْرَاۗءِيْلَ عَلٰي لِسَانِ دَاوٗدَ وَعِيْسَى ابْنِ مَرْيَمَ ۭ ذٰلِكَ بِمَا عَصَوْا وَّكَانُوْا يَعْتَدُوْنَ. كَانُوْا لَا يَتَنَاهَوْنَ عَنْ مُّنْكَرٍ فَعَلُوْهُ ۭ لَبِئْسَ مَا كَانُوْا يَفْعَلُوْنَ.[3]

ترجمو: ”بني اسرائيلن مان جيڪي ڪافر ٿيا تن تي دائود ۽ عيسي پٽ مريم جي زبان سان لعنت ڪئي وئي آهي. اهو هن سببان آهي جو بي فرماني ڪيائون ۽ حد کان لنگهندا هوا. جيڪي بد ڪم ڪندا هوا تن کان هڪٻئي کي نہ جهليندا هوا. جيڪي ڪندا هئا سو ضرور بد آهي.“

سو هنن آيتن مان صاف ظاهر آهي تہ اهو سلامتيءَ وارو ابدي عهد

---

1. يسعياه 54 : 9 ـ 10
2. يسعياه 43 : 28
3. سورة المائده : 78 ـ 79

بني اسرائيل وارن سان ڪونہ هو.

ٿي سگهي ٿو تہ ڪي دوست چون تہ لعنت ملامت واري آيت باب 43 ۾ يعني اڳ ۾ آهي ۽ ابدي عهد بعد ۾ ٻڌو ويو آهي، يعني باب 54 ۾. تہ انهيءَ لاءِ عرض آهي تہ حضرت عيسىٰ عہ جو اچڻ يسعياه کان گهٽ ۾ گهٽ پوءِ آهي. پر جيڪڏهن ڪو چوي تہ حضرت عيسىٰ عہ جي زباني لعنت قرآن ۾ آيل آهي ۽ اها بہ صرف نافرمانن لاءِ. تہ انهن لاءِ عرض آهي تہ اسان ڏسون ٿا تہ گذريل صدي يعني 1948ع تائين بني اسرائيل وارا دربدر ٿيل هئا ۽ بني اسرائيل جو نالو نشان ئي ڪونہ هو. هي تہ پلو ٿيو امريڪا، برطانيہ، روس، جرمني ۽ فرانس جو جن 1948ع ۾ سازش ڪري يهودين کي سموري دنيا مان لڏائي اچي فلسطين ۾ آباد ڪيو ۽ اسرائيل نالي هڪ ناجائز رياست کي زبردستي وجود ۾ آندو. چوڻ جو مطلب هو تہ جيڪڏهن الله تبارڪ وتعالي جو عهد بني اسرائيل وارن سان هو ۽ اسرائيل کي ڇيو پيو وڃي تہ:

”جبل هليا وڃن، ٽڪريون هٽجي وڃن؛ پر منهنجي مهرباني تو تان نہ هٽندي، نڪي سلامتيءَ وارو عهد ٽري ويندو.“

تہ پوءِ بني اسرائيل وارا صدين کان ملڪان ملڪ دربدر ۽ پريشان حال زندگي ڇو گذاري؟ ڇا انهيءَ کي الله جي طرفان سلامتي يا مهرباني چئي سگهجي ٿو؟ ڇا هولوڪاسٽ وارو واقعو بہ بني اسرائيل تي الله جي رحمت طور ڳڻيو ويندو؟ جڏهن هٽلر هنن کي ٽولن جي شڪل ۾ موت حوالي ڪري رهيو هو، جنهن کي ٻڌي ڪري اڄ جي يهودي تي بہ ڪنبڻي طاري ٿي وڃي ٿي.

هن وقت بہ هي چوڌاري خوف ۽ دهشت ۾ ورتل آهن. چوڌاري سيني ملڪن سان هنن جي دشمني آهي.

رحمت، مهرباني ۽ سلامتي انهيءَ کي نہ چئبو آهي. رحمت تہ ڪعبت الله ۾ آهي ۽ انهيءَ جي آس پاس آهي. جتي نہ خوف آهي نہ خطرو. بلڪ پناه آهي، سلامتي آهي، سڪون آهي. جتي هزارن سالن کان ڪنهن بني بشر کي پکي پکڻ کي مارڻ جي بہ اجازت نہ آهي. رحمت انهيءَ کي چئبو آهي.

(ب) يسعياه جو ابدي عهد بابت بيان

يسعياه باب 60 ۾ انهيءَ ابدي عهد متعلق ڪجهہ آيتون هيٺين ريت آيل آهن:

”آءٌ تنهنجي عملدارن کي سلامتي ۽ تنهنجي ڍل اڳاڙڻ وارن کي سچائي بڻائيندس. تنهنجي ملڪ ۾ وري ظلم زبردستي ٻڌڻ ۾ نہ ايندي، نڪي تنهنجين سرحدن ۾ ويراني ۽ بربادي ٻڌڻ ۾ ايندي؛ پر تون پنهنجين ڀتين کي نجات ۽ پنهن جن دروازن کي تعريف سڏيندينءَ. اڳتي وري تو

ڪي ڏينهن جي سوجهري لاءِ سج جي ضرورت ڪانہ پوندي، نڪي چنڊ روشنائيءَ لاءِ تو تي چمڪندو: پر خداوند تو لاءِ هميشہ جي روشني ٿيندو ۽ تنهنجو خدا تنهنجو جلال ٿيندو. تنهنجو سج اڳتي وري نہ لهندو، نڪي چنڊ وري گم ٿي ويندو: پر خداوند تنهنجي هميشہ جي روشنائي ٿيندو ۽ تنهنجي ماتم جا ڏينهن پورا ٿي ويندا. تنهنجي سڄي امت راستباز ٿيندي ۽ اهي هميشہ لاءِ زمين جا وارث ٿيندا. اهي منهنجي پوکيل وڻ جي ٽاري ۽ منهنجي هٿن جو ڪم ٿيندا، انهي لاءِ تہ منهنجو جلال ظاهر ٿئي. هڪڙي ننڍڙي مان هزار ٿيندا ۽ ٿوري مان زبردست قوم ٿيندي: آءٌ خداوند پوري وقت تي جلد اهو ڪندس."[1]

بني اسرائيل وارا مٿين آيتن مان ڪنهن هڪ آيت جي بہ مصداق نہ اڳ ثابت ٿيا ۽ نہ ئي هن وقت آهن:

"آءٌ تنهنجي عملدارن کي سلامتي ۽ تنهنجي ڍل اڳاڙڻ وارن کي سچائي بڻائيندس. تنهنجي ملڪ ۾ وري ظلم زبردستي ٻڌڻ ۾ نہ ايندي، نڪي تنهنجين سرحدن ۾ ويراني ۽ بربادي ٻڌڻ ۾ ايندي؛ پر تون پنهنجين ڀتين کي نجات ۽ پنهن جن دروازن کي تعريف سڏيندينءَ."

هنن وٽ ڪڏهن بہ سلامتي نہ رهي. هميشہ ظلم زيادتي ۽ بربادي ۽ ويراني رهي. هن کان بعد ئي بخت نصر جو مٿن حملو ٿئي ٿو. هنن جي شهرن کي تباہ برباد ڪيو ٿو وڃي. هنن جي مقدس هيڪل کي اهڙيءَ ريت پيچي پورا ڪيو وڃي ٿو جو هن جي هڪ سر بہ پنهنجي جاءِ تي قائم نہ ٿي رهي. جيڪي ماريا وڃن ٿا باقي جيڪي بچن ٿا تن کي قيد ڪري بابل ڏانهن تڙپال ڪيو ٿو وڃي. هنن جي هي تباهي تاريخي دستاويز طور هنن وٽ ئي محفوظ آهي.

"اڳتي وري تو کي ڏينهن جي سوجهري لاءِ سج جي ضرورت ڪانہ پوندي، نڪي چنڊ روشنائيءَ لاءِ تو تي چمڪندو: پر خداوند تو لاءِ هميشہ جي روشني ٿيندو ۽ تنهنجو خدا تنهنجو جلال ٿيندو. تنهنجو سج اڳتي وري نہ لهندو، نڪي چنڊ وري گم ٿي ويندو: پر خداوند تنهنجي هميشہ جي روشنائي ٿيندو."

هي سڀ آيتون بہ جهڙي نموني عرب قوم لاءِ فٽ بيهن ٿيون، ڪنهن بہ قوم لاءِ اهڙو فٽ نہ بيهن ٿيون. ڇو تہ الله تبارڪ وتعالي عربن کي ئي دائمي شريعت عطا فرمائي ٿو، جيڪا تاقيامت لاءِ آهي.

"۽ تنهنجي ماتم جا ڏينهن پورا ٿي ويندا."

سنت ئي بخت نصر هنن کي اهڙو ماتم ڪرايو جو هن وقت بہ اهو هنن کان ڪونہ وسري ٿو. تازو ماتم هنن کي جيڪو هٽلر ڪرايو ان جا زخم اڃان هو چٽي رهيا آهن.

---

1. يسعياہ 60: 17 ـ 22

”تنهنجي سڀ امت راستباز ٿيندي ۽ اهي هميشہ لاءِ زمين جا وارث ٿيندا. اهي منهنجي پوکيل وڻ جي ٽاري ۽ منهنجي هٿن جو ڪم ٿيندا، انهي لاءِ تہ منهنجو جلال ظاهر ٿئي.“

هنن جي امت ڪلهہ بہ ڪوڙي مشهور هئي، اڄ بہ مشهور آهي. اڄ بہ مٿن پنهن جا دوست بہ ڀروسو ڪو نہ ٿا رکن. مٿي بيان ڪري چڪا آهيون تہ هنن صدين کان دربدر جي زندگي گذاري. هاڻي وڃي هڪ ننڍڙي حڪومت ملي سا بہ ٻين جي سهاري تي هلي رهي آهي. اڄ بہ اهي سهارا ڪڍيا وڃن تہ هو هڪ ڏينهن بہ حڪومت ڪي قائم رکي نہ سگهن.

”هڪڙي ننڍڙي مان هزار ٿيندا ۽ ٿوري مان زبردست قوم ٿيندي: آءٌ خداوند پوري وقت تي جلد اهو ڪندس.“

هي بني اسمائيل وارا آهن جن جون هن وقت دنيا ۾ ڪيتريون ئي سلطنتون قائم آهن. انهيءَ کان علاوه صرف حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي نسل تي نظر ڪئي وڃي تہ اها دنيا جي هر ڪنڊ ڪڙڇ ۾ نظر اچي رهي آهي. مختلف ملڪن تي حاڪم تہ ڪيترن ئي ٻين ملڪن ۾ ڪليدي عهدن تي نظر اچي ٿي. بائيبل جي ڪتاب يسعياه ۾ هڪ ٻي جاءِ تي انهيءَ ابدي عهد بابت هن ريت بيان ٿيل آهي:

”ڇا لاءِ جو آءٌ خداوند عدالت کي پسند ٿو ڪريان ۽ ڦرمار ۽ بي انصافيءَ کان نفرت ٿو ڪريان: آءٌ انهنکي سچائيءَ سان سندن عيوضو ڏيندس ۽ آءٌ انهن سان هميشہ لاءِ عهد ڪندس ۽ انهنجو نسل قومن ۾ مشهور ٿيندو ۽ انهنجو اولاد امتن ۾: جيڪي انهن کي ڏسندا سي سڀ قبول ڪندا تہ هي اهو نسل آهي جنهن کي خداوند برڪت ڏني آهي.

آءٌ خداوند ۾ گهڻو خوش ٿيندس، منهنجو روح منهنجي خدا ۾ راضي رهندو: ڇالاءِ جو هن جيئن ڪو گهوٽ پاڳ ڪي ڇٽ سان سينگاري، يا ڪا ڪنئار پاڻ کي جواهرن سان سينگاري، تيئن مون کي نجات جي پوشاڪ پهرائي آهي. هن مونکي راستبازيءَ جو وڳو ڍڪايو آهي. ڇالاءِ تہ جيئن زمين پنهن جا سلا ڪڍي ٿي ۽ جيئن باغ ۾ جيڪي پوکجي ٿو تنهن کي اهو ٻاهر ٿو ڪڍي: تيئن خداوند بہ راستبازي ۽ تعريف کي سڀني قومن تي ظاهر ڪندو.“ (يسعياه 8:61_11)

”ڇا لاءِ جو آءٌ خداوند عدالت کي پسند ٿو ڪريان ۽ ڦرمار ۽ بي انصافيءَ کان نفرت ٿو ڪريان:“

هر غير جانبدار ماڻهو گواهي ڏيندو تہ عدالت ۽ انصاف اسلامي ملڪن ۾ آهي ۽ اسرائيل ۾ ظلم، زبردستي ۽ نا انصافي آهي. هو بي گناہ فلسطينين تي ظلم ۽ زيادتي جي انتها ڪيون بيٺا آهن. هو روزانہ بين الاقوامي قانون کي پنهنجي پيرن هيٺان لتاڙين ٿا. ڇا الله تبارڪ وتعالي اهڙن ماڻهن جي انصاف ۽ عدالت جي ڳالهہ ٿو ڪري؟

”آءُ انهن کي سچائيءَ سان سندن عيوضو ڏيندس ۽ آءُ انهن سان هميشہ لاءِ عهد ڪندس.“

الله تبارڪ وتعاليٰ مسلمانن تي مهربان آهي. هن وقت هر ملڪ عرب ملڪن سان دوستي ڪي پاڻ لاءِ باعث فخر سمجهي ٿو. مسلمان هميشہ لاءِ الله جي پاڪ شريعت جا وارث آهن.

”۽ انهنجو نسل قومن ۾ مشهور ٿيندو ۽ انهنجو اولاد امتن ۾: جيڪي انهن کي ڏسندا سي سڀ قبول ڪندا تہ هي اهو نسل آهي جنهن کي خداوند برڪت ڏني آهي.“

عرب ۽ سيد سموري دنيا ۾ مشهور معروف آهن. سموري دنيا کين عزت جي نگاه سان ڏسي ٿي. عربن ۽ سيدن ۾ جيڪا برڪت آهي سا بہ دنيا ۾ مشهور آهي.

آخري آيتن ۾ حضرت يسعياه ع بہ الله تبارڪ وتعاليٰ جي فيصلي تي پنهنجي خوشي جو اظهار ڪري رهيو آهي ۽ پنهنجي راضي هجڻ جو اعلان ڪري ٿو ۽ اهو هر نبيءَ جو طريقو آهي تہ هو الله تبارڪ وتعاليٰ جي هر فيصلي تي راضي هوندو آهي ۽ آخر ۾ الله جي فيصلي جي تائيد ڪندي فرمائين ٿا تہ اهڙيءَ طرح بني اسرائيل ۽ دنيا تي راستبازي ظاهر ٿيندي ۽ الله تبارڪ وتعاليٰ جي تعريف ڪندڙن جي تعريف جي بہ دنيا کي خبر پوندي.

بائيبل جي هنن سمورين آيتن مان هيءَ ڳالهہ چٽيءَ طرح ثابت ٿئي ٿي تہ الله تبارڪ وتعاليٰ جو ابدي شريعت ۽ ابدي سلامتيءَ جو عهد مسلمانن لاءِ ئي آهي. جيئن هنن جي دين جو نالو ئي سلامتيءَ وارو دين آهي. الله اسان کي سوچ، سمجهہ ۽ عقل عطا فرمائي تا ڪہ اسان الله تبارڪ وتعاليٰ جي صحيح ۽ سچي دين جي پيروي ڪيون.

(32) امتن مٿان شاهد ۽ سردار

”اوهين پنهنجو ڪن ڏيو ۽ مون ڏانهن اچو: ٻڌو ته اوهان جو روح جيئرو رهي: ۽ آءٌ اوهان سان هميشه لاءِ عهد ڪندس، يعني دائود واريون سچيون رحمتون نازل ڪندس. ڏسو مون هن کي امتن لاءِ شاهد ۽ انهن جي لاءِ مهندار ۽ سردار مقرر ڪيو آهي. ڏس تون انهيءَ قوم کي سڏيندين جنهن کي تون نه ٿو سڃاڻين ۽ اها قوم جا توکي نٿي سڃاڻي سا تووٽ ڊوڙندي ايندي، اهو خداوند تنهنجي خدا ۽ اسرائيل جي قدوس جي ڪري ٿيندو: ڇا لاءِ جو انهيءَ تو کي جلال بخشيو آهي.“[1]

(الف) امتن لاءِ شاهد

مسلمان عالمن جو خيال آهي ته هي آيتون حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليه وعلي آله واصحابه وسلم ۽ سندس امت بابت پيشنگوئيون آهن.

(i) قرآن جي گواهي

قرآن شريف ۾ حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليه وعلي آله واصحابه وسلم کي ۽ سندس امت کي ٻين امتن مٿان شاهد هجڻ کي هن ريت بيان ڪيو ويو آهي:

(1) وَكَذٰلِكَ جَعَلْنٰكُمْ اُمَّةً وَّسَطًا لِّتَكُوْنُوْا شُهَدَآءَ عَلَى النَّاسِ وَيَكُوْنَ الرَّسُوْلُ عَلَيْكُمْ شَهِيْدًا ط[2]

ترجمو: ”۽ اهڙيءَ طرح توهان کي درمياني امت بڻايوسون تاڪه (توهان) ماڻهن تي شاهد هجو ۽ پيغمبر (محمد صلي الله عليه وآله وسلم) اوهان تي شاهد هجي.“

(2) مِلَّةَ اَبِيْكُمْ اِبْرٰهِيْمَ ط هُوَ سَمّٰىكُمُ الْمُسْلِمِيْنَ ۵ مِنْ قَبْلُ وَفِيْ هٰذَا لِيَكُوْنَ الرَّسُوْلُ شَهِيْدًا عَلَيْكُمْ وَ تَكُوْنُوْا شُهَدَآءَ عَلَى النَّاسِ.[3]

ترجمو: ”هي توهان جي پيءُ ابراهيم جو دين آهي. انهيءَ توهان جو نالو مسلمان رکيو آهي: هن (قرآن) کان پهريون ۽ هن (قرآن) ۾ به، تا ڪه هي رسول توهان تي شاهد رهي ۽ توهان ماڻهن تي شاهد رهو.“

(ii) لفظ شهيد يا شاهد جي معني

مولانا محمد عبدالرشيد نعماني لفظ ”شهادة“ جي معني لکن ٿا:
”گواهي، قطعي خبر، ظاهر، ڪليل.
اصل ۾ ته هي ”شهد يشهد“ جو مصدر آهي، پر اسم ٿي ڪري به

1. يسعياه 55 : 3 ـ 5
2. سورة البقره : 143
3. سورة الحج : 78

استعمال ٿيندو آهي.

”شهادات“: جمع.

امام راغب لکن ٿا تہ:

”شهود ۽ شهادة جي معني هن جي حضور (موجود رهڻ، سامهون هجڻ) جي آهي، جيڪو مشاهدي سان هجي. مشاهدو چاهي بصرسان هجي يا بصيرت جي ذريعي ۽ ڪڏهن صرف حضور کي بہ چوندا آهن. جيئن: ”عالم الغيب والشهادة“ (غيب ۽ ظاهر جي ڄاڻ رکڻ وارو) پر ”شهود“ (جواستعمال) حضور مجرد سان اولي آهي ۽ شهادة ’جو انهيءَ حضور جي لاءِ جو مشاهدي سان هجي. نيز شهادة اهو بيان آهي جو انهي علم جي بنياد تي سرزد ٿئي جيڪو بصيرت جي مشاهدي يا بصر جي مشاهدي جي ذريعي حاصل ٿيو هجي.“[1]

۽ ”شهيد“ جي معني ۾ لکن ٿا تہ:

”گواهہ، شاهد، نگران، احوال ٻڌائڻ وارو، اقرار ڪرڻ وارو. امام راغب لکيو آهي تہ شهيد شاهد کي بہ چيو ويندو آهي ۽ ڪنهن شئي جو مشاهدو ڪرڻ واري کي بہ. علامہ ابوالسعادات مبارڪ ابن الاثير جزري ”النهايہ في غريب الحديث والآيہ“ ۾ لکن ٿا تہ:

”حق تعالي جي نالن ۾ شهيد اها ذات آهي جنهن جي علم کان ڪا شئي غائب نہ هجي ۽ شاهد جي معني حاضر جي آهي. فعيل فاعل جي معني ۾ مبالغي جي وزنن سان آهي. جڏهن مطلق علم جي اعتبار کان هجي تہ الله عليم آهي ۽ باطني ڳالهين جو خيال ڪيو وڃي تہ خبير آهي ۽ ظاهري ڳالهين جو خيال ڪيو وڃي تہ شهيد آهي ۽ ڪڏهن هن معني سان هي بہ ملحوظ هوندو آهي تہ هو قيامت ۾ خلق تي گواهہ هوندو“

”۽ شريعت ۾ شهيد اهو شخص آهي جيڪو الله جي راهہ ۾ قتل ڪيو ويو هجي.“[2]

’مولانا صاحب اجان بہ وڌيڪ تشريح ڪئي آهي پر اها تشريح اسان جي موضوع کان گهڻو پري آهي.‘

مٿين آيت پڙهڻ کان پوءِ ذهن ۾ پهريون سوال جيڪو اڀرندو آهي اهو هي تہ آخر ڪا امت گواهي ڪيئن ڏيئي سگهي ٿي، جڏهن تہ هو واقعي جي وقت موجود ئي نہ هجي؟

ٻيو سوال اهو اٿندو آهي تہ ڇا امت جا سڀ ماڻهو شاهد بڻبا يا امت مان چونديل، نيڪ ۽ صالح افراد شاهد ٿيندا؟

اچو تہ ڏسون تہ عالم سڳورا انهيءَ سلسلي ۾ ڇا فرمائين ٿا؟

---

1. نعماني، محمد عبدالرشيد، ”لغات القرآن مع فهرست الفاظ“(اردو)، دارالاشاعت، اردوبازار، ڪراچي، طباعت:1994ع، جلد سوم(د تا ش)، ص 295

2. ايضا _ ص 298

صحيح بخاري ۾ آهي ته:

حَدَّثَنَا مُوسَى بْنُ إِسْمَاعِيلَ، حَدَّثَنَا عَبْدُ الوَاحِدِ بْنُ زِيَادٍ، حَدَّثَنَا الأَعْمَشُ، عَنْ أَبِي صَالِحٍ، عَنْ أَبِي سَعِيدٍ، قَالَ: قَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: يَجِيءُ نُوحٌ وَأُمَّتُهُ، فَيَقُولُ اللَّهُ تَعَالَى، هَلْ بَلَّغْتَ ﷺ فَيَقُولُ نَعَمْ أَيْ رَبِّ، فَيَقُولُ لِأُمَّتِهِ: هَلْ بَلَّغَكُمْ ﷺ فَيَقُولُونَ لاَ مَا جَاءَنَا مِنْ نَبِيٍّ، فَيَقُولُ لِنُوحٍ: مَنْ يَشْهَدُ لَكَ ﷺ فَيَقُولُ: مُحَمَّدٌ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَأُمَّتُهُ، فَنَشْهَدُ أَنَّهُ قَدْ بَلَّغَ، وَهُوَ قَوْلُهُ جَلَّ ذِكْرُهُ: وَكَذَلِكَ جَعَلْنَاكُمْ أُمَّةً وَسَطًا لِتَكُونُوا شُهَدَاءَ عَلَى النَّاسِ وَالوَسَطُ العَدْلُ.

ترجمو: ”اسان سان موسي بن اسمائيل بيان ڪيو، چيائين اسان کي عبدالواحد بن زياد ٻڌايو، اسان سان اعمش، انهيءَ ابي صالح کان، هن ابي سعيد (ابو سعيد خذري رضہ) کان. هن چيو ته رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم فرمايو ته:

”قيامت جي ڏينهن حضرت نوح عہ ۽ ان جي امت کي گهرايو ويندو. هو چوندو: ”مان حاضر آهيان اي رب !“

الله تعالي فرمائيندو: ”ڇا توهان تبليغ ڪئي هئي؟“

هو چوندا: ”ها!“

وري هن جي امت کان پڇيو ويندو: ”ڇا حضرت نوح عہ توهان کي تبليغ ڪئي هئي؟“

هن جي امت چوندي : ”اسان وٽ ڪو نبي ڪونہ آيو هو.“

الله تعالي حضرت نوح عہ کان پڇندا: ”توهان وٽ ڪو گواهہ آهي؟“

بس هو چوندو: ”حضرت محمد صلي الله وآلہ وسلم ۽ ان جي امت.“

۽ هو گواهي ڏيندا ته هن (حضرت نوح عہ الله جو) پيغام پهچايو هو ۽ اها ئي مراد آهي هن آيت مان:

”وَكَذٰلِكَ جَعَلْنٰكُمْ أُمَّةً وَّسَطًا لِّتَكُوْنُوْا شُهَدَآءَ عَلَى النَّاسِ“ عدل ۾ معتدل.“[1]

تفسير تبيان القرآن ۾ آهي ته: ”امام نسائي روايت ڪن ٿا ته حضرت ابو سعيد خذري رضي الله تعالي عنہ بيان ڪيو ته:

”قيامت جي ڏينهن هڪ نبي ايندو ۽ هن سان هڪ شخص هوندو ۽ هڪ نبي ايندو هن سان ٻہ شخص هوندا ۽ هڪ نبي ايندو، هن سان گهڻا ماڻهو هوندا. هن کي چيو ويندو:

”ڇا تو پنهنجي قوم ۾ تبليغ ڪئي هئي؟“

---

1. (i) **البخاري، محمد بن إسماعيل، أبي عبد الله، ”صحيح البخاري“** (اردو)، ترجمو ۽ شرح : وحيدالزمان، علامہ، تاج ڪمپني لميٽيڊ، ڪراچي لاهور راولپنڊي، جلد چهارم، ص 415

(ii) المڪتبہ الشامل: **”صحيح البخاري“، باب: قول الله تعالي** {إِنَّا أَرْسَلْنَا نُوحًا إِلَى قَوْمِهِ أَنْ أَنْذِرْ قَوْمَكَ مِنْ قَبْلِ أَنْ يَأْتِيَهُمْ عَذَابٌ أَلِيمٌ} [نوح: 1]-إِلَى آخِرِ السُّورَةِ **حديث نمبر** 3339 ، **جلد** 4، ص 134

هو چوندو: ”ها!“

پوءِ هن جي قوم کي گهرايو ويندو. هنن کان پڇيو ويندو: ”ڇا هن توهان کي تبليغ ڪئي هئي؟“

هو چوندا: ”نہ.“

پوءِ هن نبي کان پڇيو ويندو: ”تنهنجي حق ۾ ڪير گواهي ڏيندو؟“

هو چوندو: ”محمد صلي الله عليہ و آلہ وسلم جي امت.“

پوءِ محمد صلي الله عليہ و آلہ وسلم جي امت کي گهرايو ويندو ۽ پڇيو ويندو: ”ڇا هنن تبليغ ڪئي هئي؟“

هو چوندا: ”ها!“

وري پڇيو ويندو: ”توهان کي انهيءَ جو علم ڪيئن ٿيو؟“

هو چوندا تہ: ”اسان جي نبي صلي الله عليہ و آلہ وسلم اسان کي خبر ڏني هئي تہ (سڀ) رسولن تبليغ ڪئي هئي.“ ۽ اها هن آيت جي تفسير آهي.“[1]

(iii) **ڇا گواهي لاءِ موقعي تي موجود هجڻ ضروري آهي؟**

ايئن لڳي رهيو آهي تہ هي گواهي غيب جي گواهي هوندي. رسول ڪريم صلي الله وآلہ وسلم جي امت سڀ ڳوري اها گواهي بہ ان گواهي وانگر ڏيندي، جيئن هن وقت الله جي وجود ۽ هن جي پاڪ صفتن جي گواهي ڏيون ٿا، حضرت محمد صلي الله وآلہ وسلم کي ڏسڻ بنا هن جي رسالت تي ايمان آڻيون ٿا، الله جي موڪليل بين نبين تي ايمان آڻيون ٿا، انهن نبين تي لٿل ڪتابن ۽ صحيفن تي ايمان آڻيون ٿا، قيامت جي ڏينهن ۽ ان ڏينهن تي ٿيندڙ حساب ڪتاب تي ايمان آڻيون ٿا، قيامت جي ڏينهن ٿيندڙ جزا ۽ سزا تي پڻ ايمان آڻيون ٿا ۽ جنت ۽ جهنم کي ڏسڻ بنا انهن تي ايمان آڻيون ٿا.

آيت الله محمد حسين نجفي پنهنجي تفسير ۾ لکن ٿا تہ:

”ڪجهہ بدعقيدي وارا ماڻهو جيڪي خدا وانگر ائمہ اهلبيت عليهم السلام کي بہ هر وقت ۽ هر جاءِ تي حاضر ناظر ڄاڻين ٿا. اهي پنهنجي انهيءَ عقل ۽ نقل جي خلاف بري عقيدي جي تائيد ۾ وڏي شد ۽ مد سان هي آيت مبارڪ پيش ڪندا آهن تہ:

“گواهہ اهو هوندو آهي جيڪو ڪنهن واقعي جو چشم ديد گواهہ هجي.“

انهيءَ جو جواب ڇڻو آهي تہ گواهہ لاءِ اصل واقعي جي وقت موجود هجڻ ضروري نہ آهي. بلڪ اصل واقعي جي باري ۾ هن جو علم ۽ يقين ضروري آهي، خواهہ ڪنهن بہ ذريعي کان هجي.

---

1. سعيدي، غلام الرسول، ”تبيان القرآن“(اردو)، فريد بڪ اسٽال، لاهور، الطبع عشر: ربيع الثاني 1434هہ مئي 2013ع، جلد اول، ص 570

لغت عرب ۾ شاهد ۽ شهيد ۾ ڪو فرق نہ آهي. ٻنهي لفظن جو مصدر شهود ۽ حصل مصدر شهادت آهي ۽ شهادت جي معني لغات القرآن والحديث جي ڪتابن ۾ قطعي خبر (خبر قاطع) لکيل آهي. ملاحظہ ڪيو لسان العرب، قاموس، المنجد وغيره. شرح صحيفہ ڪاملہ موسوم بہ رياض السالڪين صفحہ نمبر 72 تي لکيل آهي:

"كل من عرف حال شخص فله ان يشهد عليه فان الشهادة خبر قاطع"

يعني جيڪو شخص ڪنهن جي حالتن کان آگاهہ هجي ان جي باري ۾ گواهي ڏيئي سگهي ٿو. جو تہ شهادت قطعي خبر جو نالو آهي."[1]

(iv) ڪهڙا ماڻهو شاهد ٿيندا؟

سوال هي آهي تہ ڇا حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جو هر امتي شاهدي ڏيڻ جي لائق هوندو؟ جڏهن تہ هنن ۾ فاسق، فاجر ۽ بدڪار بہ هوندا !

آيت الله محمد حسين نجفي لکن ٿا تہ:

"حضرت امام جعفر صادق عہ فرمائين ٿا تہ: ڀلاڀوري امت ڪيئن بهترين امت ٿي سگهي ٿي، جڏهن تہ هن امت حضرت اميرالمومنين علي ابن ابي طالب عہ ۽ حضرت امام حسن عہ ۽ حسين عہ کي شهيد ڪيو؟" (تفسير قمي و برهان وغيره)"[2]

مفتي احمد يار خان نعيمي فرمائين ٿا تہ:

"آخرت ۾ شهادت لاءِ متقي ۽ پرهيزگار مسلمان ئي پيش ٿيندا. ڪوڙا، وعده خلافي ڪرڻ وارا، لعن طعن ڪرڻ وارا نہ ڪنهن جي شفاعت ڪندا نہ گواهي ڏيندا.(خزائن العرفان)"[3]

قرآن جي مٿين آيت سڳوري فرمائي ٿي تہ: "۽ اهڙيءَ طرح توهان کي درمياني امت بڻايوسون تاڪہ (توهان) ماڻهن تي شاهد هجو ۽ پيغمبر (محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم) اوهان تي شاهد هجي." هن مان ثابت ٿو ٿئي تہ هن امت ۾ شاهد بڻجڻ جي صلاحيت ان ڪري پيدا ٿي جو الله تبارڪ و تعالي اسان کي امت وسط بڻايو. يعني امت وسط بڻجڻ ۽ شاهد بڻجڻ ۾ ضرور ڪو ربط يا تعلق آهي؟ انهيءَ ربط يا تعلق کي سمجهڻ لاءِ اچو تہ ڏسون تہ امت وسط مان ڇا مراد آهي؟

(v) امت وسط

---

1. نجفي، محسن علي، "الڪوثر في تفسيرالقرآن"(اردو)، البلاغ المبين، اسلام آباد، بار دوم: ذي القعد 1429 هہ نومبر 2008 ع، جلد اول، ص 323

2. نجفي، محمد حسين، الشيخ، آيت الله، "فيضان الرحمان في تفسير القرآن"(اردو)، مصباح القرآن ٽرسٽ، لاهور، سال اشاعت: 2015 ع، جلد 2، 48 - 49

3. نعيمي، احمد يار خان، مفتي، حڪيم الامت، "اشرف التفاسير تفسير نعيمي" (اردو)، مڪتبہ اسلاميہ، 40 - اردو بازار، لاهور، پاره دوم، ص 24

امت وسط معني: وچين امت، معتدل، اعتدال واري امت.

هن امت جا احڪام به اعتدال وارا ۽ هر دور ۽ هر جاءِ تي قابل عمل هوندا آهن. نه هن امت ۾ اهڙي سختي آهي جهڙي يهودي قوم تي هئي. يعني: سبت جي ڏينهن تي ڪم ڪار ڪرڻ تي پابندي. حڪم جي خلاف ورزي ڪرڻ وارن جا چهرا مسخ ڪرڻ، انهن کي ڀولا، باندر ۽ خنزير بڻائي ڇڏڻ، نافرماني ڪرڻ تي انهن جا شهر تباهه ڪرڻ يا انهن کي دربدر جون ٺوڪرون کارائڻ، انهن تي حلال شيون حرام ڪري ڇڏڻ، يا سموري رات تلوار کڻي هڪٻئي کي قتل ڪرڻ جو حڪم ڏيڻ. يعني نافرماني ڪرڻ تي سخت کان سخت سزائون ڏيڻ، نماز صرف مخصوص جڳهن تي پڙهي سگهڻ. نه ئي وري عيسائين وانگر اسان کي حڪم مليل آهي ته جيڪو توهان جي کاٻي ڳل تي چماٽ هڻي تنهن کي ساڄو ڳل به ڏيئي ڇڏيو. جيڪو توهان کي بيگار ۾ هڪ ڪوهه وٺي وڃي تنهن سان به ڪوهه هليا وڃو. بلڪ اسان وٽ اهو حڪم آهي ته جيتري تڪليف توهان کي ملي توهان به اوترو ئي بدلو وٺڻ جا حقدار آهيو. اهو ئي سبب آهي جو جڏهن ابن ملجم حضرت علي ع تي وار ڪيو ته پاڻ ع پنهنجي فرزند امام حسن ع کي فرمايائون ته:

”اي پٽ! جيڪڏهن مان زنده بچي ويس ته مون کي اختيار هوندو ته هن کي سزا ڏيان يا معاف ڪري ڇڏيان. پر جيڪڏهن مان هن ضرب جي نتيجي ۾ رحلت ڪئي ته تون هن کي قصاص ۾ قتل ڪرڻ کان پوءِ هن جا هٿ پير نه ڪٽجانءِ. ڇو ته مون رسول الله (ص) کي فرمائيندي ٻڌو آهي ته: ”اياكم والمثلة وهو بالكلب العقور“

ترجمو: ”خبردار ڪنهن کي مثلو نه ڪجو. جيتوڻيڪ چڪ هڻڻ وارو (يعني ڇتو) ڪتو ڇو نه هجي.“

۽ هن جي قيد وارن ڏينهن ۾ جيڪو پاڻ کائو اهو هن کي کائڻ لاءِ ڏجو ۽ جيڪو پاڻ پيئو اهو هن کي پيئڻ لاءِ ڏجو.“[1]

انهيءَ کان علاوه الله تبارڪ وتعالي هن امت لاءِ سموري زمين پاڪ و پاڪيزه قرار ڏني آهي سواءِ گندگي جي مقامن ۽ غير قانوني ۽ غصبي جاين کان اسان هر جاءِ تي نماز يا قرآن پڙهي سگهون ٿا، يا ٻي ڪا انفرادي يا اجتمائي عبادت ڪري سگهون ٿا ۽ گهڻيون ئي اهڙيون شيون حلال ڪيون ويون جيڪي ٻين امتن مٿان حلال ڪو نه هيون يا انهن پاڻ پنهنجي مٿان حرام ڪري ڇڏيون هيون. صحيح بخاري ۾ روايت آهي ته:

حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ سِنَانٍ هُوَ العَوَقِيُّ، قَالَ: حَدَّثَنَا هُشَيْمٌ، قَالَ: ح وَحَدَّثَنِي سَعِيدُ بْنُ النَّضْرِ، قَالَ:

---

1. جعفر حسين، مفتي، ”سيرت اميرالمومنين ع“ (اردو)، معراج ڪمپني، لاهور، جلد اول، ص 675

أَخْبَرَنَا هُشَيْمٌ، قَالَ: أَخْبَرَنَا سَيَّارٌ، قَالَ: حَدَّثَنَا يَزِيدُ هُوَ ابْنُ صُهَيْبٍ الفَقِيرُ، قَالَ: أَخْبَرَنَا جَابِرُ بْنُ عَبْدِ اللَّهِ، أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ: أُعْطِيتُ خَمْسًا لَمْ يُعْطَهُنَّ أَحَدٌ قَبْلِي: نُصِرْتُ بِالرُّعْبِ مَسِيرَةَ شَهْرٍ، وَجُعِلَتْ لِي الأَرْضُ مَسْجِدًا وَطَهُورًا، فَأَيُّمَا رَجُلٍ مِنْ أُمَّتِي أَدْرَكَتْهُ الصَّلاَةُ فَلْيُصَلِّ، وَأُحِلَّتْ لِي المَغَانِمُ وَلَمْ تَحِلَّ لِأَحَدٍ قَبْلِي، وَأُعْطِيتُ الشَّفَاعَةَ، وَكَانَ النَّبِيُّ يُبْعَثُ إِلَى قَوْمِهِ خَاصَّةً وَبُعِثْتُ إِلَى النَّاسِ عَامَّةً.

”اسان سان محمد بن سنان عوقي بيان ڪيو، چيائين اسان سان هشيم بن بشير، ٻي سند: (امام بخاري فرمايو) ۽ مون سان سعيد بن نضر بيان ڪيو، چيائين اسان کي (انهيءَ) هشيم خبر ڏني، چيائين اسان سان سيار بن ابي سيار چيو، اسان سان يزيد بن صهيب الفقير بيان ڪيو، چيائين اسان کي جابر بن عبدالله خبر ڏني ته: رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم فرمايو ته:

“مون کي پنج نعمتون اهڙيون ڏنيون ويون آهن، جيڪي مون کان پهريان ڪنهن کي نہ ڏنيون ويون آهن. مان هڪ مهيني جي فاصلي کان رعب جي ذريعي مدد ڪيو ويو آهيان ۽ مون لاءِ سموري زمين مسجد ۽ پاڪائي جو ذريعو بڻائي وئي آهي جو منهنجي امت جي ماڻهن کي جنهن جاءِ تي نماز اچي وڃي اهو اتي پڙهي وٺي ۽ مون لاءِ غنيمتون حلال ڪيون ويون، مون کان پهريان ڪنهن لاءِ حلال نہ ڪيون ويون ۽ مون کي وڏي شفاعت ڏني وئي ٻيا نبي خاص پنهنجي قوم ڏانهن موڪليا ويندا هئا مان سيني انسانن لاءِ موڪليو ويو آهيان.“[1]

۽ ٻيو تي سگهي ٿو تہ امت وسط مان مراد هي هجي تہ هيءَ امت ٻين امتن ۽ قيامت جي وچ ۾ آهي. هن امت کان پوءِ بس قيامت اچڻ واري آهي. باقي ٻي ڪا امت نہ اچڻي آهي. والله اعلم.

آيت الله محمد حسين نجفي متين آيت جي تفسير ڪندي فرمائين ٿا تہ:

”امت وسط جو مطلب آهي بهترين امت. جو تہ هي حقيقت ڪنهن وضاحت جي محتاج نہ آهي تہ هر شئي جو وچيون حصو ئي هن جو اعلي حصو هوندو آهي. مثال طور: انسان جي زندگي جو وچيون حصو، جيڪو عهد شباب سڏبو آهي، زندگيءَ جو بهترين حصو آهي. ڏينهن جو وچيون حصو ٻپهري آهي، جنهن ۾ روشني پنهنجي ارتقاء جي نقطي تي هوندي آهي. اهڙيءَ طرح اخلاق ۾ ميانہ روي ئي قابل ستائش هوندي آهي ۽ افراط ۽ تفريط ٻئي پهلو مذموم هوندا آهن. جيئن بخل ۽ اسراف جي

---

1. (i) **البخاري، محمد بن إسماعيل، أبي عبد الله**، ”**صحيح البخاري**“ (اردو)، ترجمو ۽ شرح : وحيدالزمان، علامہ، تاج ڪمپني لميٽيڊ، ڪراچي لاهور راولپنڊي، جلد اول، ص236 _ 237

(ii) **المڪتبہ الشاملہ، صحيح البخاري**، كِتَابُ التَّيَمُّمِ، **جلد 1، ص 74، حديث نمبر** 335

وچئين حالت جو نالو سخاوت آهي. بزدلي ۽ طيش جي وچئين حالت جو نالو شجاعت آهي. وعلي هذا القياس.

انهيءَ بنا تي حضرت رسول خدا صلي الله عليہ وآلہ وسلم جو ارشاد آهي: خيرالامور اوساطها. خداوند عالم امت محمدي کي هن عظيم الشان خطاب سان نوازيو آهي، جو تہ هن جا اخلاق، حڪم، سياست ۽ تهذيب وتمدن غرض تہ پوري نظام شريعت ۾ نہ افراط آهي نہ تفريط.بلڪہ پورو اعتدال ۽ توازن ملي ٿو.

اسان جي متعدد حديثن ۾ وارد آهي تہ امت وسط کان عام امت جا فرد مراد نہ آهن. بلڪ ڪجهہ مخصوص هستيون مراد آهن. ڀلا جن ماڻهن جي دنيا ۾ هڪ صاع کجور تي گواهي قبول نہ ٿي ٿئي اهي آخرت ۾ ماڻهن جي عملن جا گواهہ ڪهڙيءَ طرح بڻجي سگهن ٿا؟ انهيءَ جي ڪري هن جا حقيقي مصداق ائمہ اهل بيت عليهم السلام آهن.

”نحن الامة الوسطى ونحن شهداء الله على خلقه وحجة فى ارضه“

ترجمو: ”امت وسط اسان آهيون ۽ خدا جي مخلوق تي گواهہ اسان آهيون ۽ خدا جي زمين ۾ خدا جا حجت اسان آهيون.“ (الڪافي، بصائر درجات، تفسير برهان، تفسير صافي، نورالثقلين ۽ سابع، بحارالانوار وغيره).

حضرت امام محمد باقر عہ کان روايت آهي تہ:

”الينا يرجع الغالى وبنا يلحق المقصر“

ترجمو: ”غالي اسان ڏانهن موٽي ڪري رجوع ڪندا آهن ۽ مقصر ترقي ڪري اسان سان ملحق ٿيندا آهن.“ (مجمع البيان)[1]

شيخ محسن علي نجفي پنهنجي تفسير ۾ لکن ٿا تہ:

”ڪجهہ مفسرين وسط کان مراد ميانہ روي وٺن ٿا:

يعني: ”هن امت ۾افراط و تفريط نہ آهي، بلڪي هن جي عقائد ۽ افڪار ۾ ميانہ روي آهي. هيمادي شين کي ضرورت کان وڌيڪ اهميت نہ ٿي ڏئي ۽ نہ ئي ترڪ دنيا ۽ رهبانيت جي قائل آهي. پنهنجي ادراڪات ۽ نظريات ۾ ميانہ رو آهي. انڌي تقليد هن جو شيوو نہ آهي. هن ۾ فڪري جمود نہ ملي ٿو. هي عقل کي مقام ڏيئي ۽ تجربن کي بہ تسليم ڪري ٿي. هڪٻئي جو پاڻ ۾ تعلقات ۽ گڏيل امور ۾ بہ ميانہ رو آهي. انفرادي ۽ اجتمائي حقن جي مخالف نہ آهي. محل وقوع جي اعتبار کان بہ هي امت زمين جي عين وسط ۾ آهي ۽ مغرب ۽مشرق ٻنهي لاءِ اهميت وارو آهي. عهد ۽ زماني جي اعتبار کان بہ وسط ۾ واقع ٿي آهي جو انسانيت جي

---

1. نجفي، محمد حسين، الشيخ، آيت الله، ”فيضان الرحمان في تفسير القرآن“(اردو)، مصباح القرآن ٽرسٽ، لاهور، سال اشاعت: 2015ع، جلد اول، ص 322 _ 323

فڪري ناپختگي ۽ ٻاراڻي عمر کان بعد عقلي رشد جو آغاز ٻہ هن ئي امت کان ٿيو.“[1]

هي سڀ ڳالهيون پنهنجي جاءِ تي درست آهن پر آيت کان هي مطلب مراد نہ ٿو ونجي سگهجي. ڇو تہ مٿي ذڪر ٿيل خاصيتن جي پيش نظر نہ تہ هي امت ٻين ماڻهن تي گواهہ بڻجي سگهي ٿي، نہ رسول (ص) هن امت تي گواهہ بڻجي سگهن ٿا. يعني گواهہ بڻجڻ سان انهن ڳالهين جو ڪو ربط نہ آهي. جڏهن تہ آيت ۾ **وسط** ۽ **شهادت** جي وچ ۾ ربط بيان ڪيو ويو آهي. انهيءَ کان علاوه امت ڪي عملن ۽ ڪردار جي وچ ۾ نہ، بلڪ رسول ۽ ماڻهن جي وسط ۾ قرار ڏنو ويو آهي. هن آيت جو مفهوم ڄاڻڻ لاءِ هينين ڳالهين تي توجهہ ڏيڻ ضروري آهي:

(1) آيتن جو تسلسل امامت جي منتقلي سان مربوط آهي، تہ هي منصب حضرت اسمائيل (ع) جي ذريت ڏانهن منتقل ٿي رهيو آهي.

(2) امت وسط جو تعلق ابراهيم (ع) جي دعا سان آهي، ڇو تہ پاڻ (ع) هي دعا گهري هئائون:

وَمِنۡ ذُرِّيَّتِنَآ اُمَّةً مُّسۡلِمَةً لَّكَ...[2]

ترجمو: ”۽ اسان جي ذريت مان پنهنجي هڪ فرمانبردار امت پيدا ڪر.“

انهيءَ کان علاوه هن امت وسط کي مخاطب ٿي ڪري فرمايائون:

مِلَّةَ اَبِيۡكُمۡ اِبۡرٰهِيۡمَ ؕ هُوَ سَمّٰٮكُمُ الۡمُسۡلِمِيۡنَ ۙ مِنۡ قَبۡلُ وَفِىۡ هٰذَا لِيَكُوۡنَ الرَّسُوۡلُ شَهِيۡدًا عَلَيۡكُمۡ وَتَكُوۡنُوۡا شُهَدَآءَ عَلَى النَّاسِ ۖ.

ترجمو: ”هي توهان جي پيءُ ابراهيم جو دين آهي. انهيءَ توهان جو نالو مسلمان رکيو آهي؛ هن (قرآن) کان پهريون ۽ هن (قرآن) ۾ بہ، تا ڪہ هي رسول توهان تي شاهد رهي ۽ توهان ماڻهن تي شاهد رهو.؟“

هن آيت جي دلالت وڏيڪ چٽي آهي، ڇو تہ هن ۾ ٻہ موارد اهڙا آهن جيڪي ائمہ طاهرين (ع) جي امت وسط هجڻ تي واضع دليل آهن:

ا_ آيت جي اول ۾ ”مِلَّةَ اَبِيۡكُمۡ“ جو جملو ٻڌائي رهيو آهي تہ امت وسط کان مراد ابراهيم (ع) جي ذريت آهي، جيڪي ائمہ طاهرين عليهم السلام آهن.

اا _ ٻيو مورد ”وَتَكُوۡنُوۡا شُهَدَآءَ عَلَى النَّاسِ“ آهي، جو امت وسط تي گواهہ آهي ۽ ماڻهن تي گواهہ تہ صرف ائمہ ۽ انبياءُ ٿي سگهن ٿا. تنهنڪري، ثابت ٿيو تہ امت وسط کان مراد ائمہ طاهرين عليهم السلام آهن.

(3) قرآن جي ٻين آيتن کان معلوم ٿو ٿئي تہ شهادت ۽ گواهي فقط

---

1. في ضلال القرآن هن ئي آيت جي هيٺ
2. سورة البقره : 128

اهو ڏيئي سگهي ٿو جنهن جو ماڻهن جي عملن سان ڪو تعلق ۽ ربط هجي. جهڙيءَ طرح انساني عملن تي موڪل فرشتا ۽ انساني عضوا قيامت جي ڏينهن گواهي ڏيندا:

يَّوْمَ تَشْهَدُ عَلَيْهِمْ اَلْسِنَتُهُمْ وَ اَيْدِيْهِمْ وَ اَرْجُلُهُمْ بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ.[1]

ترجمو: ”انهيءَ ڏينهن انهن جون زبانون ۽ انهن جا هٿ ۽ انهن جا پير انهن سڀني عملن جي گواهي ڏيندا جيڪي هو ڪندا هئا.“

تنهنڪري، غير مربوط ماڻهو گواهه نه ٿا ٿي سگهن. ڇو ته ماڻهو پنهنجي عملن جي انجام ڏيڻ ۾ هنن ڏانهن رجوع ڪرڻ جا پابند نه آهن ۽ نه ئي هو ماڻهن جي عملن جا عيني شاهد آهن. انهيءَ ڪري، قيامت جي ڏينهن الله تعالي جي بارگاهه ۾ قائم ٿيڻ واري عدالت ۾ فقط اهي هستيون گواهي ڏيئي سگهنديون جيڪي ماڻهن جي عملن جي صحت ۽ بطلان جي ڪسوٽي آهن. ارشاد قدرت آهي:

وَيَقُوْلُ الْاَشْهَادُ هٰٓؤُلَآءِ الَّذِيْنَ كَذَبُوْا عَلٰى رَبِّهِمْ ۚ[2]

ترجمو: ”۽ گواهه چوندا: اهي ئي ماڻهو آهن جن پنهنجي رب تي ڪوڙ هنيو هو.“

(4) قيامت جي ڏينهن ظاهري عملن جو نه، بلڪ حقيقتن تي مبني حساب ڪتاب ٿيندو:

وَلٰكِنْ يُّؤَاخِذُكُمْ بِمَا كَسَبَتْ قُلُوْبُكُمْ ۭ[3]

ترجمو: ”ها جيڪي قسمون توهان سچيءَ دل سان کائو ٿا ان جو پڇاڻو ٿيندو.“

(5) جيتوڻيڪ خطاب امت سان آهي پر مراد امت جا اعيان ۽ سرڪرده فرد آهن. جهڙيءَ طرح الله تعالي بني اسرائيل کي خطاب ڪري فرمايو:

وَاَنِّىْ فَضَّلْتُكُمْ عَلَى الْعٰلَمِيْنَ.[4]

ترجمو: ”۽ مون توهان کي عالمين تي فضيلت ڏني.“

پر مراد هي آهي ته هي فضيلت سڀني کي نه، بلڪ ڪن کي ڏني وئي. انهن حقيقتن کان معلوم ٿو ٿئي ته امت وسط کان مراد ابراهيم (ع) جا اهي فرد آهن جن لاءِ پاڻ (ع) دعا ڪئي ۽ جيڪي امت جي عملن جا حقيقت شناس آهن. اهي اعلي انساني قدرن جا مالڪ آهن ۽ انهن قدرن کي ماڻهن کان نه بلڪ رسول الله (ص) کان وٺندا آهن. اهي الله وٽ ۽ الله جي رسول (ص) وٽ جوابده آهن ۽ ماڻهو هنن آڏو جوابده آهن.

---

1. سورة النور: 24
2. سورة هود: 18
3. سورة البقره: 225
4. سورة البقره: 47

تنهنڪري، امت وسط مان مراد ائمہ طاهرين عليهم السلام آهن، جن کي خدا جي رسول (ص)، خدا جي حڪم سان امت تي گواه قرار ڏنو آهي. جو تہ هي حق ۽ باطل ۾ تميز ڪرڻ لاءِ معيار ۽ ميزان آهن. جڏهن تہ غير معصوم ماڻهو نہ تہ معيار بڻجي سگهن ٿا ۽ نہ ئي شاهد ٿي سگهن ٿا.“

حديثون

”حضرت امام محمد باقر عہ کان روايت آهي تہ:

”ماڻهن تي گواهہ صرف ائمہ ۽ انبياءَ (ع) ئي ٿي سگهن ٿا. الله جو پوري امت کان شهادت طلب ڪرڻ درست نہ آهي. جو تہ هن ۾ ڪجهہ اهڙا ماڻهو بہ آهن جن جي شهادت ساڳ جي هڪ ڳنڙي لاءِ بہ قابل قبول نہ آهي.“[1]

انهيءَ کان علاوه امام جعفر صادق (ع) کان روايت آهي تہ:

”اسان ئي امت وسط آهيون ۽ اسان ئي خدا جي مخلوق تي هن جا گواهہ آهيون.“[2]

هن سموري بحث مان ثابت ٿيو تہ هن امت جا متقي ۽ پرهيزگار يعني نيڪ ۽ صالح ٻانها ئي گواهہ بڻبا، جن جو بهترين مصداق امام سڳورا ۽ انبياءَ آهن.

ٻي ڳالهہ تہ هي آخرت ۾ شهادت وارو نظريو صرف مسلمانن وٽ آهي. ٻئي ڪنهن بہ مڪتب، يا مذهب ۾ نہ آهي. اهو بہ هڪ ثبوت آهي تہ مٿين آيت (يسعياه 3:55) حضرت محمد صلي الله وآلہ وسلم ۽ ان جي امت جي باري ۾ آهي.

(vi) ملت ابيڪم

آخر ۾ لفظ ملت ابيڪم جي باري ۾ بہ لفظ.

مِلَّةَ اَبِيۡكُمۡ اِبۡرٰهِيۡمَ ؕ هُوَ سَمّٰٮكُمُ الۡمُسۡلِمِيۡنَ ۙ مِنۡ قَبۡلُ وَفِىۡ هٰذَا لِيَكُوۡنَ الرَّسُوۡلُ شَهِيۡدًا عَلَيۡكُمۡ وَتَكُوۡنُوۡا شُهَدَآءَ عَلَى النَّاسِ ۖ ۚ[3]

ترجمو: ”هي توهان جي پيءُ ابراهيم جو دين آهي. انهيءَ توهان جو نالو مسلمان رکيو آهي؛ هن (قرآن) کان پهريون ۽ هن (قرآن) ۾ بہ، تا ڪہ هي رسول توهان تي شاهد رهي ۽ توهان ماڻهن تي شاهد رهو.“

هتي بلڪل صاف لفظن ۾ چيل آهي تہ حضرت ابراهيم عہ اوهان جو پيءُ آهي. خطاب ۾ سڀ کان پهريون عرب جا قريش آهن، جو تہ نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم انهيءَ قبيلي مان هئا. ان کان بعد اهي

---

1. بحارالانوار 23 : 351

2. نجفي، محسن علي، ”الڪوثر في تفسيرالقرآن“ (اردو)، البلاغ المبين، اسلام آباد، بار دوم: ذي القعد 1429 هہ نومبر 2008ع، جلد اول، ص 419 _ 422

3. سورة الحج : 78

سڀ عرب قبيلا اچي وڃن ٿا جيڪي حضرت اسمائيل عہ جي اولاد آهن. هي جواب آهي اڄ جي انهن جاهل ۽ ڪند ذهن ماڻهن لاءِ جيڪي هر ڳالهہ تي اعتراض ڪندا آهن ۽ چپ چپ ڪري چوندا آهن تہ عرب تہ حضرت ابراهيم عہ جي اولاد ئي نہ آهن ۽ هڪ مصدقہ تاريخي حقيقت جو بہ انڪاري ٿي بيهن ٿا. هي هنن جي تعصب جي انتها ڏيکاري ٿو. ان وقت جي ڪنهن يهودي، عيسائي يا ڪنهن نسب جي ماهر تہ اهڙو اعتراض ڪرڻ جي جرئت نہ ڪئي، جن ڪي ماڻهن جي ويهن پيڙهين تائين نسب نامو ياد هوندو هو. پر اڄ جو ماڻهو جنهن کي پنهنجي پڙڏاڏي جي خبر نہ آهي، اهو اعتراض ڪري بيهي ٿو تہ عرب يا رسول ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جو حضرت ابراهيم عہ سان تعلق نہ آهي.

(ب) امتن لاءِ مهندار ۽ سردار

الله تبارڪ وتعالي حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم کي ساري جهان جو سردار ڪري موڪليو آهي. اسان مسلمانن وٽ سندن هڪ لقب "سردار دو جهان" يعني بنهي جهانن جو سردار مشهور آهي. يعني پاڻ سڳورا صہ نہ صرف هن جهان ۾ سيني انسانن جا سردار آهن پر آخرت ۾ بہ سيني جا سردار هوندا ۽ سندن سرداري ۾ دنيا جي هر مخلوق يعني جن و انس ۽ چرند پرند سڀ اچي وڃن ٿا. اهو ئي سبب آهي جو حضرت عيسىٰ عہ بيهر هن جهان ۾ اچڻ تي حضرت محمد مهدي عہ جي اقتدا ۾ نماز پڙهندو. آخرت ۾ بہ حالت اها هوندي جو هر نبي جي نظر رحمت اللعالمين تي هوندي تہ هو الله تبارڪ و تعالي اڳيان لب ڪشائي ڪن. حديث ۾ آهي تہ:

حَدَّثَنَا عَفَّانُ، حَدَّثَنَا حَمَّادُ بْنُ سَلَمَةَ، عَنْ عَلِيِّ بْنِ زَيْدٍ، عَنْ أَبِي نَضْرَةَ، قَالَ: خَطَبَنَا ابْنُ عَبَّاسٍ عَلَى مِنْبَرِ الْبَصْرَةِ، فَقَالَ: قَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: سُورَةٌ إِنَّهُ لَمْ يَكُنْ نَبِيٌّ إِلا لَهُ دَعْوَةٌ قَدْ تَنَجَّزَهَا فِي الدُّنْيَا، وَإِنِّي قَدِ اخْتَبَأْتُ دَعْوَتِي شَفَاعَةً لِأُمَّتِي، وَأَنَا سَيِّدُ وَلَدِ آدَمَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ، وَلا فَخْرَ، وَأَنَا أَوَّلُ مَنْ تَنْشَقُّ عَنْهُ الْأَرْضُ، وَلا فَخْرَ، وَبِيَدِي لِوَاءُ الْحَمْدِ، وَلا فَخْرَ، آدَمُ فَمَنْ دُونَهُ تَحْتَ لِوَائِي، وَلا فَخْرَ، وَيَطُولُ يَوْمُ الْقِيَامَةِ عَلَى النَّاسِ، فَيَقُولُ بَعْضُهُمْ لِبَعْضٍ: انْطَلِقُوا بِنَا إِلَى آدَمَ أَبِي الْبَشَرِ، فَيَشْفَعْ إِلَى رَبِّنَا عَزَّ وَجَلَّ، فَلْيَقْضِ بَيْنَنَا، فَيَأْتُونَ آدَمَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ، فَيَقُولُونَ: يَا آدَمُ، أَنْتَ الَّذِي خَلَقَكَ اللهُ بِيَدِهِ، وَأَسْكَنَكَ جَنَّتَهُ، وَأَسْجَدَ لَكَ مَلائِكَتَهُ، اشْفَعْ لَنَا إِلَى رَبِّنَا فَلْيَقْضِ بَيْنَنَا، فَيَقُولُ: إِنِّي لَسْتُ هُنَاكُمْ، إِنِّي قَدْ أُخْرِجْتُ مِنَ الْجَنَّةِ بِخَطِيئَتِي، وَإِنَّهُ لَا يُهِمُّنِي الْيَوْمَ إِلا نَفْسِي، وَلَكِنِ ائْتُوا نُوحًا رَأْسَ النَّبِيِّينَ، فَيَأْتُونَ نُوحًا، فَيَقُولُونَ: يَا نُوحُ، اشْفَعْ لَنَا إِلَى رَبِّنَا فَلْيَقْضِ بَيْنَنَا، فَيَقُولُ: إِنِّي لَسْتُ هُنَاكُمْ، إِنِّي دَعَوْتُ بِدَعْوَةٍ أَغْرَقَتْ أَهْلَ الْأَرْضِ، وَإِنَّهُ لَا يُهِمُّنِي الْيَوْمَ إِلا نَفْسِي، وَلَكِنِ ائْتُوا إِبْرَاهِيمَ خَلِيلَ اللهِ، فَيَأْتُونَ إِبْرَاهِيمَ، فَيَقُولُونَ: يَا إِبْرَاهِيمُ، اشْفَعْ لَنَا إِلَى رَبِّنَا، فَلْيَقْضِ بَيْنَنَا، فَيَقُولُ: إِنِّي لَسْتُ هُنَاكُمْ، إِنِّي كَذَبْتُ فِي الْإِسْلامِ ثَلاثَ كِذْبَاتٍ ـ

وَاللهِ إِنْ حَاوَلَ بِهِنَّ إِلا عَنْ دِينِ اللهِ: قَوْلُهُ: {إِنِّي سَقِيمٌ} [الصافات: 89] وَقَوْلُهُ: {بَلْ فَعَلَهُ كَبِيرُهُمْ هَذَا فَاسْأَلُوهُمْ إِنْ كَانُوا يَنْطِقُونَ} [الأنبياء: 63] ، وَقَوْلُهُ لِامْرَأَتِهِ حِينَ أَتَى عَلَى الْمَلِكِ: أُخْتِي - وَإِنَّهُ لَا يُهِمُّنِي الْيَوْمَ إِلا نَفْسِي، وَلَكِنِ ائْتُوا مُوسَى الَّذِي اصْطَفَاهُ اللهُ بِرِسَالَتِهِ وَكَلَامِهِ، فَيَأْتُونَهُ، فَيَقُولُونَ: يَا مُوسَى، أَنْتَ الَّذِي اصْطَفَاكَ اللهُ بِرِسَالَتِهِ وَكَلَّمَكَ، (1) فَاشْفَعْ لَنَا إِلَى رَبِّكَ، فَلْيَقْضِ بَيْنَنَا، فَيَقُولُ: لَسْتُ هُنَاكُمْ إِنِّي قَتَلْتُ نَفْسًا بِغَيْرِ نَفْسٍ، وَإِنَّهُ لَا يُهِمُّنِي الْيَوْمَ إِلا نَفْسِي، وَلَكِنِ ائْتُوا عِيسَى رُوحَ اللهِ وَكَلِمَتَهُ، فَيَأْتُونَ عِيسَى فَيَقُولُونَ: اشْفَعْ لَنَا إِلَى رَبِّكَ، فَلْيَقْضِ بَيْنَنَا. فَيَقُولُ: إِنِّي لَسْتُ هُنَاكُمْ، إِنِّي اتُّخِذْتُ إِلَهًا مِنْ دُونِ اللهِ، وَإِنَّهُ لَا يُهِمُّنِي الْيَوْمَ إِلا نَفْسِي، وَلَكِنْ أَرَأَيْتُمْ لَوْ كَانَ مَتَاعٌ فِي وِعَاءٍ مَخْتُومٍ عَلَيْهِ، أَكَانَ يُقْدَرُ عَلَى مَا فِي جَوْفِهِ حَتَّى يُفَضَّ الْخَاتَمُ ﷺ قَالَ: فَيَقُولُونَ: لَا، قَالَ: فَيَقُولُ إِنَّ مُحَمَّدًا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ خَاتَمُ النَّبِيِّينَ، وَقَدْ حَضَرَ الْيَوْمَ وَقَدْ غُفِرَ لَهُ مَا تَقَدَّمَ مِنْ ذَنْبِهِ وَمَا تَأَخَّرَ سُوْرَةٌ قَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: سُوْرَةٌ فَيَأْتُونِي فَيَقُولُونَ: يَا مُحَمَّدُ، اشْفَعْ لَنَا إِلَى رَبِّكَ، فَلْيَقْضِ بَيْنَنَا، فَأَقُولُ: أَنَا لَهَا، حَتَّى يَأْذَنَ اللهُ عَزَّوَجَلَّ، لِمَنْ شَاءَ وَيَرْضَى، فَإِذَا أَرَادَ اللهُ تَبَارَكَ وَتَعَالَى أَنْ يَصْدَعَ بَيْنَ خَلْقِهِ نَادَى مُنَادٍ: أَيْنَ أَحْمَدُ وَأُمَّتُهُ ﷺ فَنَحْنُ الْآخِرُونَ الْأَوَّلُونَ، نَحْنُ آخِرُ الْأُمَمِ، وَأَوَّلُ مَنْ يُحَاسَبُ، فَتُفْرَجُ لَنَا الْأُمَمُ عَنْ طَرِيقِنَا، فَنَمْضِي غُرًّا مُحَجَّلِينَ مِنْ أَثَرِ الطُّهُورِ، فَتَقُولُ الْأُمَمُ: كَادَتْ هَذِهِ الْأُمَّةُ أَنْ تَكُونَ أَنْبِيَاءَ كُلُّهَا، فَآتِي (1) بَابَ الْجَنَّةِ، فَآخُذُ بِحَلْقَةِ الْبَابِ، فَأَقْرَعُ الْبَابَ، فَيُقَالُ: مَنْ أَنْتَ ﷺ فَأَقُولُ: أَنَا مُحَمَّدٌ، فَيُفْتَحُ لِي، فَآتِي رَبِّي عَزَّوَجَلَّ عَلَى كُرْسِيِّهِ - أَوْ سَرِيرِهِ شَكَّ حَمَّادٌ - فَأَخِرُّ لَهُ سَاجِدًا، فَأَحْمَدُهُ بِمَحَامِدَ لَمْ يَحْمَدْهُ بِهَا أَحَدٌ كَانَ قَبْلِي، وَلَيْسَ يَحْمَدُهُ بِهَا أَحَدٌ بَعْدِي، (2) فَيُقَالُ: يَا مُحَمَّدُ ارْفَعْ رَأْسَكَ، وَسَلْ تُعْطَهْ، وَقُلْ تُسْمَعْ، وَاشْفَعْ تُشَفَّعْ، فَأَرْفَعُ رَأْسِي فَأَقُولُ: أَيْ رَبِّ، أُمَّتِي أُمَّتِي، فَيَقُولُ: أَخْرِجْ مَنْ كَانَ فِي قَلْبِهِ مِثْقَالُ كَذَا وَكَذَا - لَمْ يَحْفَظْ حَمَّادٌ -، ثُمَّ أَعُودُ فَأَسْجُدُ فَأَقُولُ: مَا قُلْتُ، فَيُقَالُ: ارْفَعْ رَأْسَكَ، وَقُلْ تُسْمَعْ، وَسَلْ تُعْطَهْ، وَاشْفَعْ تُشَفَّعْ، فَأَقُولُ: أَيْ رَبِّ أُمَّتِي، أُمَّتِي، فَيَقُولُ: أَخْرِجْ مَنْ كَانَ فِي قَلْبِهِ مِثْقَالُ كَذَا وَكَذَا، دُونَ الْأَوَّلِ، ثُمَّ أَعُودُ، فَأَسْجُدُ، فَأَقُولُ مِثْلَ ذَلِكَ، فَيُقَالُ لِيَ: ارْفَعْ رَأْسَكَ، وَقُلْ تُسْمَعْ، وَسَلْ تُعْطَهْ، وَاشْفَعْ تُشَفَّعْ، فَأَقُولُ: أَيْ رَبِّ أُمَّتِي، أُمَّتِي ﷺ فَقَالَ: أَخْرِجْ مَنْ كَانَ فِي قَلْبِهِ مِثْقَالُ كَذَا وَكَذَا، دُونَ ذَلِكَ. (3)

ترجمو: ”اسان سان عفان ڳالهه ڪئي، اسان سان حماد بن سلمه، مون علي بن زيد کان ٻڌو ته ابو نضره رحمت الله عليه چون ٿا ته هڪ دفعي بصره جي جامع جي منبر تي خطبو ڏيندي حضرت ابن عباس رضي الله تعالي عنه فرمايو ته جناب رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم ارشاد فرمايو ته:

”هر نبي جي گهڻ ۾ گهڻ هڪ دعا اهڙي ضرور هئي جو هنن دنيا ۾ پوري ڪرائي پر مون پنهنجي دعا کي قيامت جي ڏينهن پنهنجي امت جي شفاعت لاءِ ذخيرو ڪري ڇڏيو آهي. مان قيامت جي ڏينهن تمام اولاد آدم جو سردار هوندس ۽ مان انهي تي فخر نه ٿو ڪريان. مان ئي اهو پهريون شخص هوندس جنهن کان زمين کي هٽايو ويندو ۽ مان انهيءَ تي به فخر نه ٿو ڪريان. منهنجي ئي هٿ ۾ **”لواءالحمد“** (حمد جو

جهندو) هوندو ۽ مان انهيءَ تي بہ فخر نہ ٿو ڪريان. حضرت آدم ع ۽ هن ڪان علاوه سڀ ماڻهو منهنجي جهنڊي جي هيٺان هوندا ۽ مان انهيءَ تي بہ فخر نہ ٿو ڪريان.

قيامت جو ڏينهن ماڻهن ڪي ڏاڍو ڏکيو محسوس ٿيندو. هو هڪٻئي کي چوندا تہ اچو تہ حضرت آدم ع وٽ هلون ٿا. هو ابوالبشر آهن. هو اسان جي پروردگار آڏو اسان جي سفارش ڪن تاڪہ هو اسان جو حساب ڪتاب شروع ڪن. سو هو حضرت آدم ع وٽ ايندا ۽ هن کي عرض ڪندا تہ اي آدم ع توهان اهي آهيو جنهن کي الله پنهنجي هٿ مبارڪ سان پيدا فرمايو، پنهنجي جنت ۾ رهايو، پنهنجي فرشتن کان سجدو ڪرايو. توهان پروردگار کي سفارش ڪريو تہ اسان جو حساب شروع ڪن. هو چوندا تہ مان انهيءَ ڪم جو اهل نہ آهيان. مون کي منهنجي هڪ خطا جي ڪري جنت کان ڪڍيو ويو هيو. اڄ تہ مون کي صرف پنهنجي فڪر آهي. البتہ توهان حضرت نوح ع وٽ هليا وڃو جيڪو سڀني نبين جي جڙ آهي.

سو ساري مخلوق ۽ تمام انسان حضرت نوح ع وٽ ايندا ۽ هن کي عرض ڪندا تہ اي نوح ع توهان اسان جي پروردگار کي سفارش ڪريو تا ڪہ هو اسان جو حساب شروع ڪن. هو فرمائيندا تہ مان انهي ڪم جو اهل نہ آهيان. مان هڪ دعا گهري هئي جنهن جي ڪري زمين وارن کي غرق ڪيو ويو هو. اڄ تہ مون کي صرف پنهنجي فڪر آهي. البتہ توهان خليل الله ابراهيم ع وٽ هليا وڃو.

سو سڀ حضرت ابراهيم ع جي خدمت ۾ حاضر ٿي ويندا ۽ عرض ڪندا تہ اي ابراهيم ع توهان اسان جي پروردگار کي سفارش ڪريو تا ڪہ هو اسان جو حساب شروع ڪن. هو فرمائيندا تہ مان انهي ڪم جو اهل نہ آهيان. مان اسلام جي زماني ۾ ٽي دفعا ذو معني لفظ ڳالهايا هيم ، جن کان مراد بخدا دين ئي هيو.(هڪ تہ پنهنجو پاڻ کي بيمار ٻڌايو هو ، ٻيو هي فرمايو هيائين تہ هنن بتن کي هنن جي وڏي ڀڳو آهي ۽ ٽيون هي تہ مصر جي بادشاه آڏو پنهنجي گهر واري کي پنهنجي ڀيڻ ڄاڻايو هيائين). اڄ تہ مون کي صرف پنهنجي فڪر آهي. البتہ توهان حضرت موسیٰ ع وٽ هليا وڃو جنهن کي الله پنهنجي پيغمبري ۽ پنهنجي ڪلام لاءِ چونڊيو هيو.

هاڻي سڀ ماڻهو حضرت موسیٰ ع وٽ پهچندا ۽ هن کي چوندا تہ اي موسي ع توهان ئي تہ آهيو جنهن کي الله پنهنجي پيغمبري لاءِ چونڊيو هيو ۽ توهان سان بنا ڪنهن واسطي جي ڪلام فرمايو هو.اوهان پنهنجي پروردگار کي سفارش ڪري اسان جو حساب شروع ڪرايو. هو فرمائيندا تہ مان انهي ڪم جو اهل نہ آهيان. مان هڪ شخص کي بغير

ڪنهن نفس جي بدلي ۾ قتل ڪيو هو. انهيءَ ڪري اڄ ته مون کي صرف پنهنجي فڪر آهي. البته توهان حضرت عيسيٰ ع وٽ هليا وڃو. جيڪو روح الله ۽ ڪلمته الله آهن. سو سڀ ماڻهو حضرت عيسيٰ ع وٽ هليا ويندا ۽ هن کي عرض ڪندا ته توهان پنهنجي پروردگار کي سفارش ڪريو تا ڪه هو اسان جو حساب شروع ڪن. هو فرمائيندا ته مان انهي ڪم جو اهل نه آهيان . ماڻهن الله کي ڇڏي مون کي معبود بڻايو هو. انهيءَ ڪري اڄ ته مون کي صرف پنهنجي فڪر آهي.البته هي ٻڌايو ته جيڪڏهن ڪا شئي اهڙي ٿانو ۾ پيل هجي جنهن تي مهر لڳل هجي. ڇا مهر ٽوڙڻ کان سواءِ انهي برتن کان ڪا شئي حاصل ڪري سگهجي ٿي؟

ماڻهو چوندا ته نه.

انهيءَ تي حضرت عيسيٰ ع فرمائيندا ته حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم سڀني نبين جي مهر آهن.اڄ هو هتي موجود به آهن ۽ هن جا اڳيان پويان سڀ گناهه معاف به ٿي چڪا آهن. (تنهن ڪري توهان هن وٽ وڃو)

نبي صلي الله عليه وآله وسلم فرمايو ته پوءِ اهي سڀ مون وٽ ايندا ۽ عرض ڪندا ته:

”اي محمد صلي الله عليه وآله وسلم! پنهنجي رب کي سفارش ڪري اسان جو حساب شروع ڪرايو.“

نبي صلي الله عليه وآله وسلم فرمائيندا ته:

”ها! مان انهيءَ جو اهل آهيان. ايتري تائين جو الله هر انهيءَ شخص کي اجازت ڏيئي ڇڏي جنهن کي چاهي ۽ جنهن کان خوش هجي.“

جڏهن الله تعالي پنهنجي مخلوق جي وچ ۾ فيصلو ڪرڻ جو ارادو فرمائيندو ته هڪ منادي اعلان ڪندو ته:

”احمد (صلي الله عليه وآله وسلم) ۽ ان جي امت ڪٿي آهن؟“

اسان سڀني کان آخر ۾ آياسين ۽ سڀني کان اڳيان هونداسين. اسان سڀني کان آخري امت آهيون، پر سڀني کان پهريون اسان جو حساب ٿيندو ۽ سڀ امتون اسان لاءِ رستو ڇڏي ڏينديون ۽ اسان پنهنجي وضو جي اثر کان روشن پيشانين سان روانا ٿي ويندا سين. ٻيون امتون هي ڏسي ڪري چونديون ته سيئي ماڻهو نبي محسوس ٿين ٿا.

بحرحال! مان جنت جي دروازي تي پهچي ڪري دروازي جو ڪڙو پڪڙي کڙڪائيندس، ته اندر کان پڇيو ويندو ته:

”توهان ڪير آهيو؟“

مان چوندس ته: ”مان محمد (صلي الله عليه وآله وسلم) آهيان.“

سو دروازو کوليو ويندو. مان پنهنجي پروردگار جي حضور ۾ حاضر ٿيندس. جيڪو پنهنجي تخت تي رونق افروز هوندا. مان هن جي

سامهون سجده ريز ٿي ويندس ۽ هن جي اهڙي تعريف ڪندس جو مون ڪان اڳ ڪنهن به اهڙي تعريف نه ڪئي هوندي ۽ نه بعد ۾ ڪو ڪري سگهندو. پوءِ مون کي چيو ويندو ته:

”اي محمد (صلي الله عليه وآله وسلم)! مٿو ته کڻو. توهان جيڪي گهرندو توهان کي ملندو. جيڪا ڳالهه چوندو اها ٻڌي ويندي ۽ جنهن جي سفارش ڪندو قبول ٿيندي.“

مان پنهنجو مٿو کڻي عرض ڪندس ته :

”پروردگار! منهنجي امت ! منهنجي امت !“

ارشاد ٿيندو ته: ”جنهن جي دل ۾ هيتري مثقال (راوي هن جو مقدار ياد نه رکي سگهيو) جي برابر ايمان هجي انهيءَ کي جهنم کان ڪڍي ڇڏيو.“

ايئن ڪرڻ کان پوءِ مان (وري ٻيهر) واپس ايندس ۽ بارگاهه خداوندي ۾ سجده ريز ٿي ڪري ساڳيءَ طرح هن جي تعريف ڪندس ۽ مٿي ذڪر ٿيل سوال جواب کان پوءِ مون کي چيو ويندو ته:

”جنهن جي دل ۾ هيتري مثقال (ڀهرئين مقدار کان به گهٽ مقدار) جيترو ايمان موجود هجي ، انهيءَ کي جهنم کان ڪڍي وٺو.“

ٽين دفعي به ايئن ٿيندو.“[1]

(ت) تون انهيءَ قوم کي سڏيندين جنهن کي تون نه ٿو سڃاڻين ۽ اها قوم جا توکي نٿي سڃاڻي سا تو وٽ ڊوڙندي ايندي.

هي ڪيڏي نه وڏي سچائي بيان ٿيل آهي؟ سموري جهان کي خبر آهي ته حضور صلي الله عليه وآله وسلم کي شروع ۾ پنهنجي قوم وارن قبول نه ڪيو ۽ حضور جن مديني جي عيسائين کي دين جي دعوت ڏني ۽ هو سندس آواز تي لبيڪ چئي ڊوڙندا آيا.

(ث) اهو خداوند تنهنجي خدا ۽ اسرائيل جي قدوس جي ڪري ٿيندو: ڇا لاءِ جو انهيءَ تو کي جلال بخشيو آهي.

هي بني اسرائيل وارن کي تاڪيد طور چيو ويو آهي ته متان توهان حق کي ڏسي پوءِ ڦري نه وڃجو، ڇو ته اهو سڀ ڪجهه توهان جي خدا ۽ اسرائيل جي قدوس طرفان ٿيندو. هن وقت توهان کي عزت آبرو انهيءَ ئي ڏنو آهي.

هي انهن ماڻهن تي به حجت آهي جيڪي چون ٿا ته بني اسرائيل وارن جو يا عيسائين جو خدا ٻيو آهي ۽ مسلمانن جو الله ٻيو آهي. حالانڪه هو خود پنهنجي بائيبل جو عربي ۾ ترجمو ڪندي لفظ ”ايلوهم“ (Elohim)جو ترجمو ”الله“ ڪندا آهن. پر پوءِ به ڊٺائي سان چوندا آهن ته

---

1. احمد بن حنبل، امام، ”مسند احمد بن حنبل (اردو)“، مترجم: محمد ظفر اقبال، مولانا، ڪتب رحمانيه ، اردو بازار، لاهور. جلد 2، ص 212_ 215

بائيبل جو الله ٻيو آهي ۽ مسلمانن جو الله ٻيو آهي.

مسلمانن سان تعصب ۽ دشمني ۾ اهي سڀ حدون اورانگهي ويندا آهن. ايتري تائين جو الله تبارڪ وتعالي جي شان ۾ انتهائي غليظ ترين زبان استعمال ڪندا آهن. اڪثر ڪري غير عرب عيسائين ڪي هي زبان استعمال ڪندي ڏٺو ويو آهي. جڏهن انهن کي ٻڌايو ويندو آهي ته توهان جي عربي جي بائيبل ۾ ”ايلوهم“ جو ترجمو ”الله“ ڪيو ويو آهي (فِي الْبَدْءِ خَلَقَ اللهُ السَّمَاوَاتِ وَالارْضَ. پيدائش 1:1) ته هو چوندا آهن اسان بائيبل جي الله جي نه پر قرآن جي الله جي شان ۾ گستاخي ڪري رهيا آهيون. انهيءَ ڪان وڌيڪ عبرت جو مقام ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟

فَاعْتَبِرُوْا يَاُولِى الْاَبْصَارِ.

ڪتاب حزقي ايل جو تعارف

”حزقي ايل هڪ ڪاهن هو ۽ يهودي ڪاهنن جي هڪ خاندان سان تعلق رکندو هو. هن ڪتاب جو مصنف حزقي ايل آهي ۽ هن جي ئي نالي تي هن ڪتاب جو نالو رکيو ويو آهي. حزقي ايل جو مطلب ”خدا قوت بخشيندو“. مصنف جو پورو نالو حزقي ايل بن بوزي آهي. هو يرمياه نبي جو همعصر هو. خدا هن کي 593 قبل مسيح نبي ٿيڻ لاءِ چونڊيو. هو تقريبا 20 سال نبوت جي درجي تي فائز رهيو.“[1]

چيو وڃي ٿو ته حضرت ذوالڪفل عہ ئي حزقي ايل يا حزقيال يا حزقيل نبي آهن. حضرت ذوالڪفل عہ جو قرآن شريف ۾ ٻن جاين تي ذڪر آهي:

(1) وَاِسۡمٰعِيۡلَ وَاِدۡرِيۡسَ وَذَاالۡكِفۡلِ ؕ كُلٌّ مِّنَ الصّٰبِرِيۡنَ. وَاَدۡخَلۡنٰهُمۡ فِىۡ رَحۡمَتِنَا ؕ اِنَّهُمۡ مِّنَ الصّٰلِحِيۡنَ[2]

ترجمو: ”۽ اسمائيل ۽ ادريس ۽ ذوالڪفل کي (به ياد ڪريو). هي سڀ صبر ڪرڻ وارا هئا ۽ اسان هنن کي پنهنجي رحمت ۾ داخل ڪيو. بيشڪ اهي نيڪوڪار هئا.“

(2) وَاذۡكُرۡ اِسۡمٰعِيۡلَ وَالۡيَسَعَ وَذَاالۡكِفۡلِ ؕ وَكُلٌّ مِّنَ الۡاَخۡيَارِ.[3]

ترجمو: ”۽ اسمائيل ۽ اليسع ۽ ذوالڪفل کي ياد ڪريو ۽ اهي سڀ نيڪ ماڻهو هئا.“

مولانا حفظ الرحمان سيوهاروي پنهنجي ڪتاب ”قصص القرآن“ ۾ لکن ٿا ته:

”۽ ڪجهه معاصرين جو خيال آهي ته ذوالڪفل حزقيل عہ جو لقب آهي ۽ هڪ ٻئي معاصر جي عجيب راءِ آهي ته ذوالڪفل ”گوتم ٻڌ“ جو لقب آهي. ڇا لاءِ جو هن جي سلطنت جو نالو ”ڪپل“ هو جنهن جو معرب ”ڪفل“ آهي ۽ عربي ۾ ”ذو“ صاحب ۽ مالڪ لاءِ ايندو آهي. تنهنڪري صاحب مال لاءِ ”ذومال“ ۽ شهر جي مالڪ لاءِ ”ذوبلد“ ڪثرت سان استعمال آهي. انهيءَ ڪري هتي به ڪپل جي مالڪ ۽ بادشاهه کي ”ذوالڪفل“ چيو ويو.“[4]

مولانا صاحب چون ٿا ته هي هڪ ذڪر آهي. هن جي ڪابہ تاريخي

---

1. ڪتاب_حزقي_ايل https://ur.wikipedia.org/wiki
2. سورة الانبياء : 85 ـ 86
3. سورة ص : 48
4. سيوهاروي، محمد حفظ الرحمان، مولانا، ”قصص القرآن“ (اردو)، دارالاشاعت اردو بازار، ڪراچي، 2002ع، جلد اول دوم، ص 592

حيثيت نہ آهي.

بحر حال قرآن شريف ۾ حضرت حزقيل عہ جو نالو کڻي ذڪر ٿيل نہ آهي. پر قرآن جي مفسرين ڪرام جي متفق راءِ آهي تہ قرآن ۾ جن ماڻهن جو طاعون جي وبا کان ڀڄڻ جو ذڪر آهي انهن کي جيئارڻ وارو حضرت حزقيل عہ آهي. قرآن شريف ۾ اها آيت هن ريت آهي:

اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ خَرَجُوْا مِنْ دِيَارِهِمْ وَهُمْ اُلُوْفٌ حَذَرَ الْمَوْتِ ۪ فَقَالَ لَهُمُ اللّٰهُ مُوْتُوْا ۫ ثُمَّ اَحْيَاهُمْ ۭ اِنَّ اللّٰهَ لَذُوْ فَضْلٍ عَلَى النَّاسِ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَشْكُرُوْنَ.[1]

ترجمو: ”ڇا تو انهن ماڻهن کي نہ ڏٺو جيڪي (گهڻي ۾) هزارين ئي هئا ۽ موت جي ڊپ کان پنهنجي گهرن کان نڪري ڀڳا هئا. تہ خدا هنن کي حڪم ڏنو تہ مري وڃو. وري انهن کي زنده بہ ڪري ڇڏيائين. ڪجهہ شڪ نہ آهي تہ الله تعالي ماڻهن تي تمام فضل ڪرڻ وارو آهي. پر اڪثر ماڻهو شڪر نہ ڪن ٿا.“

هن جي تفسير ۾ مفسرين ڪرام لکن ٿا تہ:

”امام ابن جرير، ابن المنذر ۽ ابن ابي حاتم اسباط عن السدي عن ابي مالڪ جي طريق کان روايت ڪئي آهي تہ داوردان واسط جي ويجهو هڪ ديهہ هو. ان ۾ طاعون جو مرض پکڙجي ويو هو. بس ڪجهہ ماڻهو پنهنجي جاءِ تي ترسيل رهيا. ڪجهہ ڀڄي نڪتا. بس جيڪي ترسيل هئا انهن تي موت طاري ٿي وئي ۽ جيڪي نڪري ويا هئا اهي بچي ويا هئا. جڏهن طاعون جو مرض ختم ٿي ويو تہ اهي واپس آيا. بس جيڪي ماڻهو باقي هئا انهن چيو تہ:

”اسان جا پائر اسان کان وڌيڪ محتاط هئا. جيڪڏهن اسان بہ ايئن ئي ڪيون ها جيئن انهن ڪيو تہ اسان بہ سلامت رهون ها. جيڪڏهن اسان طاعون جي اچڻ تائين باقي رهياسين تہ اسان بہ ايئن ڪنداسين جيئن هنن ڪيو هو.“

بس ٻئي سال طاعون وري پکڙجي ويو. هو سڀ گڏجي نڪتا، جيڪي پنهنجي جاءِ تي ترسي پيا هئا ۽ جيڪي ڀڄي ويا هئا. هو اٽڪل ٽيهہ هزار فرد هئا. هو هليا، ايتري تائين جو هڪ کليل وادي ۾ آيا. بس هو ٻن پهاڙن جي وچ ۾ لٿا.

الله تعالي انهن ڏانهن بہ فرشتا موڪليا، هڪ وادي جي مٿين طرف کان هڪ هيٺين طرف کان. انهن فرشتن ندا ڏني:

”مري وڃو!“

تہ هو مري ويا. پوءِ جيترو الله چاهيو انهيءَ حالت ۾ پيا رهيا.

پوءِ حزقيل نبي هنن وٽان گذريو. هن هنن جون هڏيون ڏسي ڪري عجب ورتو ۽ ٻيهجي ويا. الله تعالي حضرت حزقيل ڏانهن وحي فرمائي

---

1. سورة البقره : 243

تہ:

”انهن هڏين کي ندا ڏي! تہ اي هڏيو! الله توهان کي گڏ ٿيڻ جو حڪم ٿو ڏئي.“

بس اهي هڏيون وادي جي هيٺان ۽ مٿان کان گڏ ٿي ويون. ايتري تائين جو هڏي پنهنجي جسم سان ملي وئي. هي هڪ بوتو بڻجي ويا. نہ انهن کي گوشت هو ۽ نہ خون هو. وري الله تعالي پنهنجي نبي حضرت حزقيل ڏانهن وحي فرمائي تہ:

”انهن کي سڏ تہ الله تعالي توهان کي حڪم ڏئي ٿو تہ گوشت پهريو.“

تہ هڏين تي گوشت چڙهي ويو. وري الله تعالي حزقيل ڏانهن وحي فرمائي تہ:

”انهن هڏين کي چئو تہ الله توهان کي اٿي بيهڻ جو حڪم ڏئي ٿو.“

بس هو زندهہ ٿي اٿي بيٺا. پوءِ هو پنهنجن شهرن ڏانهن موٽي آيا. اهي ترسيل رهيا، جڏهن تہ هو ڪپڙا نہ پائيندا هئا، سواءِ ان جي هنن تي ڪفن هوندو هو. ان زماني جا ماڻهو هنن کي سڃاڻيندا هئا تہ هي اهي ماڻهو آهن جيڪي مري ويا هئا. پوءِ هو ترسيل رهيا ايتري تائين جو ان کان بعد هنن جي اصل موت واقع ٿي.

اسباط فرمائين ٿا تہ منصور مجاهد کان روايت ڪئي آهي تہ:

جڏهن هو اٿيا تہ هنن جي زبان تي هو:

سُبْحٰنَكَ اللّٰهُمَّ رَبَّنَا لَآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنْتَ...الخ[1]

اهو ساڳيوئي قصو ٿوري فرق سان ڪتاب حزقي ايل جي باب 37 ۾ بيان ڪيو ويو آهي. ياجوج ماجوج جو قصو بہ هن ئي ڪتاب ۾ آهي. هي قصو ٻن بابن 38 ۽ 39 تي مشتمل آهي. هن ۾ ياجوج کي جوج ۽ ماجوج کي ماجوج ئي سڏيو ويو آهي. هن ۾ زماني جي آخري دور ۾ هنن جو اچڻ ۽ دنيا جو ٻن بلاڪن ظالمن ۽ مظلومن ۾ تقسيم ٿيڻ ۽ ان وقت جي واقعات تي مشتمل آهي. هن ۾ زمين جي دن جو بہ ذڪر آهي ۽ جوج کي خبردار ڪيو ٿو وڃي تہ تون ٻين جاين سان گڏ زمين جي دن تي بہ حملي ڪرڻ جو سوچيندين. ڪتاب حزقي ايل ۾ جوج کي مخاطب ٿي ڪري چيو ويو آهي تہ:

”خداوند هيئن فرمائي ٿو تہ ان وقت هيئن ٿيندو تہ گهٽائي مضمون تنهنجي دل ۾ ايندا ۽ تون برو منصوبو ٻڌندين ۽ تون چوندين تہ مان ٻهراڙي جي سرزمين تي حملو ڪندس. مان انهن تي حملو ڪندس جيڪي راحت ۽ آرام سان رهن ٿا. جن کي نہ فصيل آهن نہ ديوارون ۽ نہ

---

1. السيوطي، عبدالرحمن بن ابي بکر جلال الدين، امام، ”تفسير دُرِمنثور“ (اردو)، جلد اول، ص 801

دروازا. جيئن تون قرين ۽ مال کي کسي وٺين ۽ انهن ويرانن تي جيڪي هاڻي آباد آهن ۽ انهن ماڻهن تي جيڪي سيني قومن کان گڏ ڪيا ويا آهن جيڪي مال ملڪيت ۽ ڍڳن وارا آهن ۽ زمين جي دن تي رهڻ وارا آهن تون پنهنجو هٿ هلائين.“[1]

بائيبل جي انگريزي نسخن ۾ ”زمين جي دن“ کي ”نيول آف دي لينڊ“ (Navel of the land) سڏيو ويو آهي. ڪٿي هن کي ”سينٽر آف دي لينڊ“ (Centre of the land) ۽ ڪٿي ”مڊسٽ آف دي لينڊ“ (Midst of the land) سڏيو ويو آهي.

هو ”مرڪز“، ”محور“، ”وچ“ يا ”دن“ يا ڇا به ڪٺي سڏين. سيني جي معني مان مراد مڪ معظم ئي نڪرندو. ڇو ته اهو ئي زمين جو وچ آهي. سڀ کان پهريان زمين جو اهو حصو پاڻيءَ کان ٻاهر نڪتو هو. اها 25 ذوالقعد جي رات هئي ۽ انهيءَ واقعي کي ”دحوالارض“ سڏيندا آهن. ”دحوالارض“ هڪ قرآني ۽ حديثي اصطلاح آهي جنهن جي معني ”وڇائڻ يا ڪنهن شئي کي هٽائڻ آهي. انهيءَ رات پاڻيءَ کي هٽائي ان مان زمين کي ٻاهر ڪڍيو ويو هو. ”مفاتيح الجنان“ ۾ آهي ته:

”هي دحوالارض جي رات آهي جو هن ۾ خانہ ڪعبہ جي هيٺيان پاڻيءَ تي زمين کي وڇايو ويو هو. هيءَ وڏي فضيلت واري رات آهي. هن ۾ الله تعالي جي رحمت نازل ٿيندي آهي. تنهن ڪري هن ۾ عبادت ۾ مصروف رهڻ اجر ۽ ثواب جو باعث آهي.

حسن بن علي وشا کان روايت آهي ته مان ننڍو ئي هيس جو هڪ دفعو 25 ذوالقعد جي رات جو پنهنجي والد سان امام علي رضا ع وٽ ويس ۽ رات جو ڪاڌو حضرت ع سان ڪاڌوسين. تڏهن پاڻ ع فرمايو:

”اڄ جي رات ئي حضرت ابراهيم ع ۽ حضرت عيسیٰ ع جي ولادت ٿي ۽ زمين کي خانہ ڪعبہ جي هيٺيان وڇايو ويو. بس جيڪو شخص هن ڏينهن روزو رکندو ته اهو ايئن ٿيندو جو هن سٺ مهينن جا روزا رکيا آهن.“ هڪ روايت مطابق پاڻ ع فرمايو ته:

”اهو هي ئي ڏينهن هوندو جڏهن قائم آل محمد ع جو قيام شروع ٿيندو.“[2]

بائيبل جي ٻين ڪتابن وانگر حضرت حزقيل ع ڏانهن منسوب هي ڪتاب به ساقط آهي. هن جي مندرجات تي مڪمل ڀروسو نہ ٿو ڪري سگهجي. هن ڪتاب جي:

(1) باب 16:23_30 ۾ يروشلم جي باري ۾ فحش زبان استعمال ڪئي

---

1. حزقي ايل 38 : 10 ـ 12
2. قمي، عباس، شيخ، ”مفاتيح الجنان“ (اردو)، مترجم: نجفي، رياض حسين، سيد، العمران پبليڪيشنز ، اندرون موچي دروازه، لاهور، ص 486

وئي آهي. جيڪا زبان الله ڏانهن منسوب نہ ٿي ڪري سگهجي.

(2) باب 1:23_49 (مڪمل باب) فحاشت تي مبني آهي. ڪو بہ شريف ماڻهو هن کي پنهنجي ماءُ، ڀيڻ يا ڌيءَ کي پڙهي ٻڌائي نہ ٿو سگهي. اهو ئي سبب آهي جو هڪ ڊبيٽ ۾، جنهن جو موضوع ”از دي بائيبل گاڊز ورڊ“ (Is The Bible God's Word) هو، محترم احمد ديدت صاحب پنهنجي مخالف عيسائي عالم جمي سواگارٽ (Jimmy Swaggart) کي چيلينج ڪري ٿو تہ جيڪڏهن هو هتي هن مجمعي ۾ هن باب کي پڙهي ڏيکاري تہ هو کيس هڪ سئو ڊالر انعام ڏيندو. تہ اهو عالم حامي تہ ڀري ٿو پر ڪتاب پڙهڻ وقت چالاڪي ڪري هڪ ورق اٿلائي پوءِ پڙهڻ شروع ڪري ٿو، اهو بہ 160ميل في ڪلاڪ جي اسپيڊ سان. اهڙيءَ ريت هو شرط کٽي ٿو وڃي. محترم احمد ديدت صاحب بعد ۾ اڪثر انهيءَ جو ذڪر ڪلي ڪندو هو تہ اهو عيسائي عالم ڪيس هڪ وڏي مجمعي جي سامهون ڪيئن نڳي ويو؟

سو اهڙو ڪلام الله جو ڪلام نہ ٿي سگهي ٿو، جنهن کي پڙهندي شرمندگي محسوس ٿئي. تنهن هوندي بہ هن ڪتاب کي مڪمل طور تي رد نہ ڪري سگهجي ٿو.

(33) پڇاڙيءَ جي سزا ــ حق جو حقدار کي ملڻ

”پوءِ اي سخت ڦٽيل شرير شخص، اسرائيل جا سردار، جنھنجو ڏينھن اچي پھتو آھي، يعني پڇاڙيءَ جي سزا جو وقت. خداوند خدا ھيئن ٿو فرمائي تہ پنھنجي پڳ ۽ چٽ لاھي ڇڏ: ھي اڳتي اھڙو ساڳيو نہ رھندو: جيڪي ھيٺ آھي تنکي مٿي کر ۽ جيڪي مٿي آھي تنکي ھيٺ کر.

آءٌ انھيءَ کي اونڌو کندس، اونڌو، اونڌو کندس، پوءِ ھي اڳتي اھڙو نہ رھندو. جيستائين اھو اچي جنھنجو حق آھي. آءٌ اھو انھيءَ کي ڏيندس ۽ تون اي آدمزاد، نبووت کر، تہ خداوند خدا بني عمون جي نسبت ۽ سندس خواريءَ جي نسبت ۾ ھيئن ٿو فرمائي: ۽ تون چئو تہ ھڪڙي ترار کڍي وئي آھي، کوس لاءِ چمڪائي وئي آھي، تہ اھا وڄ وانگر ناس کري.

جيسين کہ ھو تنھنجي لاءِ اجايون شيون ڏسن ۽ تنھنجي لاءِ کوڙيون فالون وجھن، انھيءَ لاءِ تہ توکي انھن شريرن جي کنڌن تي رکن جي سخت ڦٽيل آھن، جنجو ڏينھن اچي پھتو آھي، يعني پڇاڙي جي سزا جو وقت. انھيءَ کي موٽائي ميان ۾ وجھہ. جنھن ھنڌ تون پيدا ٿيو ھئين، جنھن زمين ۾ تون ڄائو ھئين، انھيءَ ۾ آءٌ تنھنجي عدالت کندس ۽ آءٌ پنھنجي کاوڙ تو تي ڇنڊيندس: آءٌ پنھنجي غضب جي باھہ توتي ڦوکي وجھندس ۽ آءٌ جھنگلي ماڻھن جي ھٿ ۾ ڏيندس، جي ماري چٽ کرڻ ۾ ھوشيار آھن. تون باھہ ۾ کاٺين جي بجاءِ ٿيندين: تنھنجو رت انھيءَ زمين جي وچ ۾ وھندو: تون وري اڳتي ياد کيو نہ ويندين: ڇالاءِ جو مون خداوند ايئن فرمايو آھي.“[1]

(الف) پڇاڙيءَ جي سزا جو وقت

الله تبارڪ وتعالي ھن کي پڇاڙيءَ جي سزا جو وقت سڏيو آھي. يعني ھي آخري سزا آھي. يعني ھي سزا اھڙي آھي جو ھن کان بعد بني اسرائيل کنھن سزا جي لائق ئي نہ رھندو. ھي آخرت جي سزا جو ذکر نہ آھي، بلڪ ھن دنيا جي سزا جو ذکر ھلي رھيو آھي.

(ب) پنھنجي پڳ ۽ چٽ لاھي ڇڏ

مطلب ھي آھي تہ دنيا مٿان تنھنجي جيڪا مذھبي سرداري يا پڳداري آھي اھا ھاڻي ختم ٿيڻ واري آھي. جيڪي ھيٺ آھن انھن کي مٿي آندو ويندو. ھنن مان مراد بني اسمائيل وارا آھن. جيڪي مذھبي لحاظ کان ھيٺ ٿيل آھن. ڇالاءِ جو ھنن وٽ حضرت اسمائيل عہ کان وٺي بعد ۾ کوبہ نبي کونہ پھتو آھي ۽ جيڪي مٿي آھن انھن کي ھيٺ آندو ويندو. ھنن مان مراد بني اسمائيل وارا آھن جيڪي دنيا ۾ کنھن کي پاڻ

1. حزقي ايل 21 : 25 ـ 32

جهڙو نہ سمجهندا آهن ۽ ايئن هيو بہ صحيح. قرآن ۾ آهي تہ اسان ڪين عالمين تي فضيلت ڏني.[1] هاڻي اها فضيلت ختم ٿيڻ واري هئي. سو چيو ويو تہ پاڻ ڪي بزرگ، سردار، پڳدار يا چڱو مڙس يا دين جو نيڪيدار سڏرائڻ بند ڪيو وڃي.

(ت) آءٌ هن ڪي اونڌو ڪندس

اونڌو ڪرڻ مان مراد هڪ منو "ڏينگرو ئي ڏيري ڪرڻ" آهي، "نہ رهيگا بانس نہ بجيگي بانسري." يعني سڀ ڪجهہ هن جي الٽ ڪندس ۽ هن جي شڪل ئي تبديل ٿي ويندي. يعني هي اڳ وارو"قومن جو پير و مرشد" نہ رهندو ۽ هن ۾ اهي صلاحيتون نہ رهنديون.

(ث) جيستائين اهو اچي جنهنجو حق آهي

يعني اهو حقدار اچڻ وارو آهي. هي حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي اچڻ ڏانهن اشارو آهي. مٿيون نشانيون يا هن ڪان بعد جيڪي نشانيون يا علامتون بيان ٿيل آهن سي سڀ سندس حق ۾ آهن تہ اهو اچڻ وارو حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم آهي. هي سرداري يا بادشاهي انهيءَ جي لاءِ ئي آهي.

عيسائي حضرات هن مان مراد حضرت عيسىٰ ع ڪي وٺندا آهن. پر جيڪي بہ نشانيون هنن آيتن ۾ بيان ڪيون ويون آهن، اهي حضرت عيسىٰ ع جي شخصيت سان مطابقت نہ ٿيون رکن. اهي نشانيون صاف ۽ واضع طور تي حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي شخصيت سان مطابقت رکن ٿيون.

عيسائي حضرات لفظ "شلوه"[2] جي هڪ معني "اهو جنهنجو هي آهي" ڪندا آهن. يعني جيڪو هن جو حقدار آهي. هي هن آيت جي بلڪل مطابق ترجماني آهي. اتي بہ يهوداهہ ڪان بادشاهي ۽ حڪومت جو عصو کسجڻ جي ڳالهہ هئي، هتي بہ اسرائيل جي سردار ڪان هي شئي کسجڻ جي ڳالهہ آهي. (تفصيل لاءِ ڏسو پيشنگوئي "شيلوه")

(ج) ترار ڪڍي وئي آهي

هتي ترار مان مراد حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم بذات خود يا سندن شريعت يا بئي آهن. ترار علامت آهي جنگ جي. يعني هن جي اچڻ سان جنگيون لڳنديون. ڪوس لاءِ چمڪائڻ مان مراد دشمنن تي ڪڙڪڻ آهي. جيئن حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم يهودين تي ۽ مڪي جي ڪافرن تي ڪڙڪيا. وڄ وانگر ناس ڪرڻ مان مراد وڏن وڏن

---

1. سورة البقره:47
2. پيدائش 10:49

دشمنن کي بلڪل صفحہ هستي کان مٽائي ڇڏڻ آهي، جيئن يهودي، مرتد، ڪوڙي نبوت جي دعويدارن کي ۽ وڏن وڏن ڪافرن کي مڪي ۽ مديني جي علائقي مان بلڪل نيست ۽ نابود ڪيو ويو.
هي تنهنجي پڇاڙيءَ جي شروعات ٿيندي. هن کان بعد تون پنهنجي شريعت جو پرچار نہ ڪري سگهندين.

(ح) جنهن زمين ۾ تون چائو آهين انهيءَ جاءِ تي تنهنجي عدالت ڪندس

بني اسرائيل وارن جو اصل وطن فلسطين آهي، تہ انهيءَ مناسبت سان هي چيو پيو وڃي تہ آخري عدالت انصاف تو سان انهيءَ جڳهہ تي ڪيو ويندو. هن مان مراد حضرت عمر رضہ جي دور ۾ ٿيندڙ بيت المقدس جي فتح بہ ٿي سگهي ٿي يا هن مان مراد حضرت امام محمد مهدي عہ ۽ حضرت عيسىٰ عہ سان دجال جو ٿيندڙ آخري معرڪو بہ ٿي سگهي ٿو، جيڪو بہ موجوده اسرائيل جي شهر لد ۾ ٿيندو. يا هن مان مراد آخرت ۾ بني اسرائيل وارن سان حساب ڪتاب بہ ٿي سگهي ٿو، جيڪو بہ انهيءَ مقام تي ٿي سگهي ٿو. پر ٻين آيتن جي اشاري مان لڳي ٿو تہ سڀ کان وڌيڪ صحيح ڳالهہ اول الذڪر ڳالهہ ٿي سگهي ٿي.

(خ) جهنگلي ماڻهن جي حوالي ٿيندين

بني اسرائيل وارا بني اسمائيل وارن کي جهنگلي سڏيندا هئا. خود بائيبل ۾ حضرت اسمائيل عہ کي "جهنگلي گڏهہ" سڏيو ويو آهي. ڏسو پيدائش 12:16 .

هن کان وڌيڪ چٽي آيت ڪهڙي ٿي سگهي ٿي تہ هو عربن جي حوالي ڪيا ويندا ۽ انهن ۾ بہ بني اسمائيل وارن جي حوالي ٿيندا ۽ تاريخ شاهد آهي تہ هيءَ ڳالهہ سچ ثابت ٿي.

(د) تون وري ياد نہ ڪيو ويندين

يعني فيصلو ٿي چڪو آهي ۽ هن کان پوءِ تنهنجي لاءِ معافي جي گنجائش بہ نہ آهي. جيئن اڳي تون غلطي ڪندو هئين ۽ سزا ملندي هيئي. پر وري معافي وٺي پنهنجي جان ڇڏائيندو هئين. هاڻي ايئن ٿيڻ وارو ڪونهي. هي تنهنجي سيادت، قيادت، هدايت، رهبري ۽ رهنمائي ۽ دين جي نيڪيداري وارو عهدو هميشہ هميشہ لاءِ ختم ٿي ويندو ۽ حق حقدار کي ملي ويندو، جنهن ۾ انهن ذميوارين نڀائڻ جون صلاحيتون آهن.

باهہ ۾ ڪاٺين جي بجاءِ ٿيڻ جو مطلب تون جهنم ۾ داخل ڪيو ويندين. (سواءِ نيڪ ٻانهن جي، جيڪي تمام گهٽ هوندا، ڳڻپ ۾ نہ اچڻ جي برابر) ۽ جيئن قرآن شريف ۾ آهي تہ انسان ۽ پٿر جهنم جو ٻارڻ ٻڻبا.[1]

1. سورة البقره : 24

ڪتاب داني ايل جو تعارف

”هي ڪتاب داني ايل نبي سان منسوب آهي. داني ايل نبي کي اردو (سنڌي) ۾ دانيال نبي به لکيو ويو آهي. هن کي ڇهين صدي قبل مسيح جي تصنيف قرار ڏنو ويندو آهي. داني ايل جو تعلق انهن يهودين سان هو جيڪي يهوداه (جي سلطنت) ۾ اقتدار ۾ هئا. هن ڪتاب جو موضوع اهي ماڻهو آهن جيڪي بابل ۾ شاهه بابل جي غلامي ۾ پنهنجي زندگي گذاري رهيا هئا. داني ايل پنهنجي زندگي جا ابتدائي ڏينهن بابل ۾ ئي گذاريا هئا. اتان کان علم حاصل ڪري هو عالم به بڻجي چڪو هو. هن ڪتاب کي هن بابل ۾ ئي لکيو. 530 قبل مسيح ۾ جڏهن ڪورش (Cyrus) بابل کي فتح ڪيو ته انهيءَ زماني ۾ هن ڪتاب کي لکيو ويو.“[1]

”يهودي مذهب وارا داني ايل کي نبي نه ٿا مڃين. هنن جو عقيدو آهي ته نبوت حجي، زڪريا ۽ ملاڪي سان ختم ٿي وئي. هن جي ڪتاب کي عبراني بائيبل ۾ انبياء ۾ شامل نه ڪيو ويندو آهي. (عبراني بائيبل جا ٽي حصا هوندا آهن: توريت، انبياء ۽ تحريرون). شايد انهيءَ جو سبب انهي جو مواد آهي، جيڪو نبوتي ڪتابن سان مطابقت نه رکي ٿو. پر انهي جي باوجود قديم زماني جي ”بحر ميت جا مخطوطات“ ۽ يوناني متن جي اضافي ڪهاڻين ۾ ملندڙ ڪتاب داني ايل جون اٺ نقل ٿيل تحريرون داني ايل جي نبوت ۽ مقبوليت جا ثبوت آهن.“[2]

حضرت دانيال عہ جو ذڪر نه قرآن شريف ۾ آهي ۽ نه ئي حديث ۾ آهي. هن جو ذڪر صرف اسرائيليات ۾ ملي ٿو. پوءِ به اسان کي هڪ واقعو مسمانن وٽ حضرت دانيال عہ جي نسبت ملي ٿو ته حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم فرمايو ته حضرت دانيال عہ دعا گهري هئي ته مون کي حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي امت دفن ڪري. جڏهن ابو موسي اشعري تستر فتح ڪيو ته کيس اها سعادت نصيب ٿي. اخسويرس جي شرير وزير اعظم هامان کين شهيد ڪيو هو. هن وقت دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن بابل، ڪرڪوڪ، مقداديہ، عالمير، ايران، سمرقند ۾ سندن نالي سان مزار منسوب آهن.

---

1. ڪتاب_داني_ايل https://ur.wikipedia.org/wiki/
2. داني_ايل https://ur.wikipedia.org/wiki/

(34) هميشہ رهڻ واري بادشاهت

”۽ انهن بادشاهن جي ڏينهن ۾ آسمان وارو خدا هڪڙي بادشاهت برپا ڪندو جا ڪڏهن بہ ناس نہ ٿيندي ۽ نہ انهيجي بادشاهت ٻي ڪنهن قوم کي ملندي؛ پر اها ٻيون سڀ بادشاهتون ڀجي پرزا پرزا ڪري چٽ ڪندي ۽ پاڻ هميشہ لاءِ قائم رهندي. جيئن تو ڏٺو تہ هڪ پهڻ هٿن کان سواءِ جبل مان وڍجي نڪري آيو ۽ انهي لوهہ، پتل، مٽي، چاندي ۽ سون کي ڀجي پرزا پرزا ڪيو؛ تيئن عظيم خدا، بادشاهہ کي اهو ڪجهہ ڏيکاريو آهي جو هن کان پوءِ ٿيڻ وارو آهي: ۽ اهو خواب سچو آهي ۽ ان جو تعبير بہ يقيني آهي.“[1]

تشريح

سن 604 قبل مسيح ۾ بابل جي بادشاهہ بخت نصر (بنوڪد نضر) يهودين جي سلطنت يهوداهہ تي حملو ڪيو ۽ ان وقت يهودين جي بادشاهہ يهويقيم کي شڪست ڏيئي يروشلم ۾ تباهي ۽ برباديءَ جي نئين تاريخ رقم ڪيائين. هو يهودين تي خدا جو قهر بڻجي نازل ٿيو ۽ خون جون نديون وهائي ڇڏيائين. هيڪل جي هڪ هڪ سر کي ڀجي پورا ڪيائين ۽ بائيبل جو ڪو بہ ثابت نسخو يهودين وٽ نہ ڇڏيائين. جيڪي يهودي بچيا تن کي غلام بڻائي بابل وٺي ويو. حضرت دانيال عہ بہ انهن غلامن مان هڪ هو. حضرت دانيال عہ ۽ ٽي ٻيا خاص بادشاه جي محل جي خدمت لاءِ چونڊيا ويا. پاڻ عہ اتي تعليم حاصل ڪري وڏي علمي مرتبي تي پهتا. ايتريقدر جو جڏهن بادشاه بخت نصر هڪ خواب ڏٺو تہ ان خواب کي ۽ ان خواب جي تعبير کي ٻڌائڻ وارو حضرت دانيال عہ کان سواءِ ٻيو ڪوبہ نہ هو. اهو سمورو قصو ڪتاب دانيال ۾ بيان ٿيل آهي. پر اسان غير ضروري ڊيگهہ کان بچڻ لاءِ صرف ضرورت وارين آيتن کي هتي نقل ڪيو آهي.

ٿي سگهي ٿو تہ ان وقت ۾ هن جي تعبير سمجهڻ ڏکي هجي. پر هنن ڏينهن ۾ جڏهن حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم انهيءَ پيشنگوئي جا مصداق ثابت ٿي چڪا آهن ۽ هر شئي واضح ۽ روز روشن وانگر چٽي ٿي چڪي آهي پوءِ بہ عيسائي حضرات پنهنجي هٺ ڌرمي تي بيٺا آهن تہ هنن آيتن مان مراد اڄڪلهہ جو ”عيسائي چرچ“ آهي. حالانڪ هنن آيتن ۾ هڪ بادشاهہ جي ڳالهہ آهي ڪنهن اداري جي ڳالهہ نہ آهي.

---

1. داني ايل 2 : 44 ـ 45

هن جي بادشاهت ٻي قوم کي نہ ملندي مان مراد بہ حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي نبوت آهي جيکا عالمگير آهي ۽ ٻئي ڪنهن کي ملڻ واري نہ آهي. هي پنهنجي جاءِ تي ختم نبوت جو اعلان بہ آهي.

”ٻيون بادشاهتون پيچي پرزا پرزا ڪري چٽ ڪندي“. هن وقت گهٽيون ئي بادشاهتون چٽ ڪري ڇڏيون آهن ۽ آئنده بہ جڏهن حضرت امام محمد مهدي ع اينداتہ پاڻ ع حضرت عيسىٰ ع سان ملي ڪري سموري دنيا مان رهيل بادشاهتون هميشہ هميشہ لاءِ ختم ڪندا ۽ سندن بادشاهي هميشہ هميشہ لاءِ قائم رهندي.

”هڪ پهڻ هٿن کان سواءِ جبل مان وڍجي نڪري آيو“ هن جي تشريح لاءِ ڏسو ”ڪندجي سري وارو قيمتي پٿر.“

ڪتاب يوايل جو تعارف

يو ايل جو ڪتاب پنهنجو تعارف هن ريت ڪرائي ٿو: ”خداوند جو ڪلام جيڪو يوايل بن فتوايل تي نازل ٿيو.“[1]

يوايل نبي جي باري ۾ معلومات نہ هجڻ جي برابر آهن. لفظ ”يوايل“ جي معني ”اهو جنهنجو خدا يهواه آهي“ يعني ”يهواه جي پوڄا ڪندڙ“. اسان سنڌيءَ ۾ ڪٿي چئون ٿا: ”الله جو ٻانهو“. هي عيسائين جي نبين جي لسٽ ۾ ننڍن نبين جي لسٽ ۾ ٻارهون نمبر آهي. ڪي عالم هن جي تصنيف جو زمانو نائين صدي قبل مسيح ٻڌائين ٿا تہ ڪي وري ڇهين صدي قبل مسيح. بحر حال هي يقيني آهي تہ ان وقت ايرانين جي حڪومت هئي.

1. يو ايل 1 : 1

(35) ۽ چنڊ ٻہ ٽڪر ٿي ويو

”فيصلي واري واديءَ ۾ خداوند جو ڏينهن ويجهو آهي. سج ۽ چنڊ لڙاٽجي تا وجن ۽ تارا پنهنجي روشنائي بند ڪري تا ڇڏين.“[1]

(الف) قرآن سان مطابقت

هي آيتون بلڪل قرآن جي انهن آيتن جي مطابق آهن جن ۾ الله تبارڪ وتعالي نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي طرفان ڪافرن آڏو هڪ صاف ۽ صريح معجزو پيش ڪرڻ واري واقعي ڪي بيان ڪندي فرمائين ٿا تہ:

اِقْتَرَبَتِ السَّاعَةُ وَ انْشَقَّ الْقَمَرُ. وَ اِنْ يَّرَوْا اٰيَةً يُّعْرِضُوْا وَ يَقُوْلُوْا سِحْرٌ مُّسْتَمِرٌّ. وَ كَذَّبُوْا وَ اتَّبَعُوْٓا اَهْوَآءَهُمْ وَكُلُّ اَمْرٍ مُّسْتَقِرٌّ.[2]

ترجمو: ”قيامت ويجهو آئي ۽ چنڊ چيرجي پيو ۽ جيڪڏهن (ڪافر) ڪا نشاني ڏسندا آهن تہ منهن موڙيندا ۽ چوندا تہ هي جادو آهي ۽ ڪوڙ ڄاتائون ۽ پنهنجين سڌن تي هليا ۽ سيڪو ڪم پنهنجي وقت تي ٺهرايل آهي.“

مٿين ڪتاب يوايل جي آيت ۾ چنڊ جي لڙاٽجڻ جو ذڪر آهي. ٻہ ٽڪر ٿيڻ جو ذڪر نہ آهي. پر محترم عنايت رسول عباسي صاحب هنن جا پول پڌرا ڪري ٿو. هو فرمائي ٿو تہ:

دام یہ لفظ بمعنی خون کثیر الاستعمال مثل عربی دم کی ہے لیکن بعض محاورات میں اطلاق اس کا مقتول پر بھی آیا ہے۔ بخوف تطویل سند درج نہیں کرتے، اور بمعنی منقطع و منشق۔ (ترجمہ) سورج ہو جائیگا تیرہ اور قمر منشق خدا کے بڑے اور بھیانک دن کے آنے سے پہلے۔ پس مقصود یہ ہے کہ قریب قیامت کے شمس مظلم ھو جائیگا اور قمر شق۔[3]

سوال اهو آهي تہ جيڪڏهن آيت ۾ چنڊ جي شق ٿيڻ يا ٻہ ٽڪر ٿيڻ جو ذڪر آهي تہ عيسائي حضرات هن جي معني لڙاٽجڻ ڇو لکندا آهن؟

جواب آهي تہ اڪثر عيسائي حضرات لفظن جي معني پنهنجي مرضيءَ مطابق ڪندا آهن، جنهن جو ثبوت اسان ڪيترائي پيرا ڏيئي چڪا آهيون. تفصيل لاءِ ڏسو پيشنگوئي ”شلوہ“ ۽ ”محمديم.“

هتي هن آيت ۾ ٻہ هنن پنهنجي روايتي حرفت ڏيکاري آهي. اسان

---

1. يو ايل 3 : 14 - 15
2. سورة القمر : 1 - 3
3. چريا ڪوٽي، عباسي، عنايت رسول مولانا، ”بشريٰ“ (اردو) شرواني پرٽنگ پريس، علي گڙهہ، 1357هہ- 1938ع، 232- 233

ڏسون ٿا تہ بائيبل جي سيني نسخن ۾ اسان کي اها ساڳي معني نہ ٿي ملي. ڪجھ نسخن ۾ هن جي معني ٻي لکيل آهي. ڪمپليٽ جيوئش بائيبل (Complete Jewish Bible _CJB) ۾ اها آيت هن ريت لکيل آهي:

(2:31) The sun will be turned into darkness and the moon into blood before the coming of the great and terrible Day of *ADONAI*."

ترجمو: "سج اونداهيءَ ۾ تبديل ٿي ويندو ۽ چنڊ خون ۾ خدا جي عظيم ۽ دهشتناڪ ڏينهن جي اچڻ کان اڳ." [1]

بائيبل جي هن نسخي ۾ چنڊ جو خون ۾ تبديل ٿي وڃڻ جو ذڪر آهي. جيئن محترم عنايت رسول عباسي صاحب ٻڌايو هو تہ هن لفظ جي هڪ معني خون بہ آهي. هڪ ٻئي نسخي ۾ اها آيت هن ريت لکيل آهي:

4 The sun will darken,
the moon turn blood-red,
Before the day of the LORD arrives,
that great and terrible day.
New American Bible (Revised Edition) (NABRE)[2]

ترجمو: "سج اونداهو ٿي ويندو،
چنڊ ڳاڙهي رت ۾ تبديل ٿي ويندو،
خدا جي ڏينهن جي اچڻ کان اڳ،
عظيم ۽ دهشتناڪ ڏينهن."

هن نسخي ۾ چنڊ جو ڳاڙهي خون ۾ تبديل ٿيڻ جو ذڪر آهي. هڪ ٻئي نسخي ۾ اهي آيتون هن ريت لکيل آهن:

"The sky turns black,
sun and moon go dark, stars burn out.
GOD roars from Zion, shouts from Jerusalem."
The Message (MSG)[3]

ترجمو: "آسمان ڪارو ٿي وڃي ٿو،
سج ۽ چنڊ اونداها ٿي وڃن ٿا، تارا ٻري اٿن ٿا.
خدا صيون مان گروڙ ڪري ٿو ۽ يروشلم مان رڙ."

هن نسخي جو تہ سر پير ئي پنهنجو آهي ۽ اهڙيءَ طرح هنن آيتن جي معني پنهنجي مرضيءَ موجب ڪئي آهي. حقيقت ۾ تہ جيڪڏهن اسان وٽ هنن آيتن جي مطابق قرآن جون آيتون نہ هجن ها تہ اسان کي بہ اندازو نہ ٿي سگهي ها تہ هنن ماڻهن هنن آيتن جي معني ۾ ڪا ڦير ڦار ڪئي آهي.

1. https://www.biblegateway.com/passage/?search=Joel+3&version=CJB
2. https://www.biblegateway.com/passage/?search=Joel+3&version=NABRE
3. https://www.biblegateway.com/passage/?search=Joel+3&version=MSG

عيسائين هن آيت کي قيامت جي ڏينهن بابت مخصوص سمجهيو آهي. پر هنن آيتن ۾ قيامت جي ڏينهن جي ويجهو اچڻ جي ڳالهہ ڪئي وئي آهي نہ ڪہ بجنسہ قيامت جي ڏينهن جي. يعني هي معجزا ان وقت ظاهر ٿيندا جڏهن ان کان بعد ڪو اهڙا معجزا ڏيکارڻ وارو ڪونہ ايندو، بلڪہ ان کان بعد بس قيامت ئي اچڻي آهي. ٻئي طرف اسان ڏسون ٿا تہ قرآن شريف ۾ بہ حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي ٿيل معجزي کي اهڙن ئي لفظن ۾ بيان ڪيو آهي. هن مان هي بہ خبر پوي ٿي تہ ٻنهي ڳالهين جو منبع ساڳيو آهي.

۽ هي جيڪو چيو وڃي ٿو تہ هن آيت ۾ تہ سج ۽ چنڊ ٻنهي بابت خبر ڏني وئي آهي ۽ قرآن ۾ تہ صرف هڪڙي چنڊ بابت خبر ڏني وئي آهي؟

تہ ان جو جواب هي آهي تہ اهو ضروري نہ آهي تہ اهي ٻئي واقعا گڏ وقوع پذير ٿين. نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم سان ٻئي واقعا ٿي چڪا آهن. پر مختلف موقعن تي. اسان اهي ٻئي واقعا اوهان آڏو حديث ۽ تاريخ جي روشني ۾ پيش ڪنداسين.

(ب) شق القمر حديث ۽ روايتن جي روشني ۾

قرآن شريف هن واقعي کي هڪ عظيم معجزي طور پيش ڪري رهيو آهي. حديث شريف ۽ روايتن ۾ انهيءَ واقعي جا تفصيلات ملن ٿا.

مسند احمد بہ حنبل، صحيح بخاري، صحيح مسلم، بحارالانوار، سنن بيهقي، تفسير در منثور، تفسير ابن ڪثير ۽ هر وڏي تفسير ۾ مختلف الفاظن سان متواتر روايتن سان هي واقعو ڪجهہ هن ريت بيان ٿيل آهي:

”هي واقعو هجرت کان 5 سال اڳ جو آهي. يعني تقريبا سن 8 نبوي ۾ جڏهن مسلمان شعب ابي طالب ۾ محصور هئا ۽ صرف حج جي ڏينهن ۾ ٻاهر نڪري سگهندا هئا. هي مقاطعي جو ٻيو سال هو ۽ ذي الحج جي 14_15 تاريخ جي وچين رات هئي (ڪن روايتن ۾ 18 ذي الحج بہ آيل آهي). حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم پنهنجن اصحابن حضرت عبدالله رضہ بن مسعود، حضرت حذيفہ رضہ، حضرت جبير رضہ بن معطم وغيره سان مني ۾ هئا ۽ چنڊ بہ پورو هو. ان وقت ابوجهل، وليد بن مغيره ۽ عاص بن وائل وغيره ڪافرن گڏجي ڪري نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي خدمت ۾ سوال اٿاريو تہ:

”جيڪڏهن توهان سچا آهيو تہ چنڊ کي بہ ٽڪر ڪري ڏيکاريو.“

نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن فرمايو تہ:

”جيڪڏهن مان ايئن ڪري ڏيکاريان تہ ڇا توهان ايمان آڻيندو؟“

سيني چيو تہ: ”ها!“

پاڻ سڳورن ﷺ الله تبارڪ وتعالي کان دعا فرمائي ۽ چنڊ ڏانهن آڱر کڻي اشارو ڪيائون تہ چنڊ ٻہ ٽڪر ٿي پيو ۽ ٻئي ٽڪر هڪ ٻئي کان ايترو پري هٽي ويا جو جبل حرا ٻنهي ٽڪرن جي وچ مان نظر اچي رهيو هو.

نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم هر هڪ ڪافر کي سڏي چوڻ لڳا تہ:

”اي فلاڻا! گواهہ رهجانءِ! اي فلاڻا! گواهہ رهجانءِ!“

هر ڪنهن اهو معجزو ڏٺو. مسلمانن جي ايمان ۾ اضافو ٿيو. پر ڪافر چوڻ لڳا تہ:

”هي تہ ڪليل جادو آهي!“

هي بس هڪ لحظي لاءِ ٿيو ۽ وري چنڊ جا ٻئي ٽڪر پاڻ ۾ ملي ويا.

ابوجهل چيو تہ:

”اسان هن واقعي جي تحقيق ڪنداسين تہ جيڪڏهن هي جادو آهي تہ صرف اسان تي ٿي سگهي ٿو. پر جيڪي ماڻهو هتي موجود نہ آهن يا ٻين شهرن يا ٻين ملڪن ۾ آهن تہ انهن تي جادو نہ ٿي سگهي ٿو.“

حالانڪہ انهيءَ کان اڳ انهن جو موقف هو تہ جادو صرف زميني مخلوق تي ٿي سگهي ٿو، آسماني مخلوق تي نہ ٿي سگهي ٿو. اهو ئي سوچي هنن چنڊ جي ٻہ ٽڪر ٿيڻ وارو معجزو گهريو هو. پر جن جي نصيب ۾ ايمان آڻڻ ڪونہ هو تہ هنن ايمان وري بہ نہ آندو.

پوءِ بہ هنن منهنجي پڪائي برقرار رکڻ لاءِ ٻاهران ايندڙ ماڻهن کان چنڊ جي ٻہ ٽڪر ٿيڻ جي ڳالهہ پڇي تہ انهن بہ ان جي تصديق ڪئي ۽ پنهنجي تعجب جو اظهار بہ ڪيو. پر ڪافرن جو ڪفر ختم نہ ٿيو.

انهيءَ معجزي مان ابوجهل جهڙن جي دل ۾ ايمان جي ڪا بہ چڻنگ نہ ٻري سگهي ۽ اهي جاهل جا جاهل رهيا، پر انهيءَ معجزي مان ٻين گهڻن ماڻهن کي فائدو پيو جو اهي ايمان جي دولت سان مالامال ٿي ويا.

(ت) مالابار جي راجا جو چنڊ کي ٻہ ٽڪر ٿيندي ڏسڻ

هندوستان جي ڏکڻ اولهہ ۾ واقع مالابار رياست جي ماڻهن ۾ هي ڳالهہ مشهور آهي تہ مالابار جي راجا چڪراوتي فارمسِ چنڊ جي ٻہ ٽڪر ٿيڻ جو منظر پنهنجي اکين سان ڏٺو. هن سوچيو تہ ضرور زمين تي ڪجهہ اهڙو ٿيو آهي جو انهيءَ جي نتيجي ۾ هي واقعو ظاهر ٿيو آهي. سو هن انهيءَ واقعي جي تحقيق لاءِ پنهن جا ڪارندا ڊوڙايا تہ هن کي خبر ملي تہ هي معجزو مڪي ۾ ڪنهن نبي جي هٿان ظاهر ٿيو آهي. انهيءَ نبي جي اچڻ جي پيشنگوئي عرب ۾ پهريون ئي ملندي هئي.

سو هن نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم سان ملاقات جو

پروگرام بڻايو ۽ پنهنجي پٽ کي پنهنجو قائم مقام بڻائي عرب ڏانهن سفر تي روانو ٿيو. اتي هن نبيءِ رحمت صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي بارگاهہ ۾ حاضري ڏني ۽ اسلام جو شرف حاصل ڪيائين. نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي هدايت مطابق جڏهن هو واپسي جي سفر تي روانو ٿيو تہ يمن جي ظفر ساحل تي هو وفات ڪري ويو. يمن ۾ اڄ بہ انهيءَ جو مقبرو موجود آهي. جنهن کي "هندوستاني راجا جو مقبرو" چيو ويندو آهي ۽ ماڻهو ان کي ڏسڻ لاءِ اتان جو سفر بہ ڪندا آهن.

انهيءَ معجزي جي ظاهر ٿيڻ جي ڪري ۽ راجا جي مسلمان ٿيڻ جي ڪري مالابار جي ماڻهن اسلام قبول ڪيو هو. اهڙيءَ طرح هندوستان ۾ سڀ کان پهريان انهيءَ علائقي جا ماڻهو مسلمان ٿيا. انهيءَ کان بعد هنن عربن سان پنهنجي تجارت وڌائي. نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي بعثت کان اڳ عرب جا ماڻهو انهيءَ علائقي جي ساحل کان گذري ڪري تجارت جي غرض سان چين ويندا هئا.

هي سڀ واقعو ۽ وڌيڪ تفصيل لنڊن ۾ واقع "انڊين آفيس لائبرري" جي پراڻن مخطوطن ۾ ملي ٿو. جنهن جو حوالو نمبر آهي (Arabic, 2807152_173).

(ٿ) چين جي هڪ قديم عمارت جي پٿرن ۾ چنڊ جي بہ ٽڪر ٿيڻ جو ذڪر

ڪجهہ غير ملڪي اخبارن هڪ خبر نشر ڪئي هئي جنهنجو عربي ترجمو آستانہ کان نڪرڻ واري اخبار "الانسان" ۾ شايع ٿيو هو. ان جو خلاصو هي آهي تہ چين جي هڪ قديم عمارت کان ڪجهہ پٿر نڪتا آهن جن تي لکيل آهي تہ:

"هن مڪان جي تعمير فلاڻي سال ۾ ٿي، جنهن سال هڪ وڏو آسماني حادثو هن طرح ظاهر ٿيو هو جو چنڊ ٻن حصن ۾ ورهائجي ويو هو."

ماهرين ان پٿر تي لکيل تاريخ جو جڏهن حساب هنيو تہ ٺيڪ اها تاريخ هئي جڏهن رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي آڱرين جي اشاري سان "شق القمر وارو معجزو ظاهر ٿيو هو."[1]

محترم عنايت رسول عباسي صاحب دعوي ڪن ٿا تہ:

"هن اهل فرنگ جي هڪ ڪتاب ۾ ڏٺو آهي تہ انهيءَ ۾ لکيل آهي تہ فلاڻي سنہ ۾ هڪ "ڪوڪب ذوذنب" ڦاٽي پيو هو. حالانڪ هو اهڙن ڪوڪبن کي زميني مواد نہ ٿا ڳڻين ۽ انهيءَ جي ضخامت چنڊ کان وڏي هئي."[2]

---

1. باڪوره الڪلام، بحوالہ محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم ص383، مطبع دارالڪتب العلميہ بيروت. سنہ1975ع

2. چرياڪوٽي، عباسي، عنايت رسول، مولانا، "بشري" (اردو)، شرواني پرنٽنگ پريس، علي ڳڙهہ ،1357هہ_ 1938ع، ص 235

(ج) جديد سائنسدانن جي تصديق

انهيءَ کان علاوه اسان ڏسون ٿا ته چنڊ تي ناسا (NASA) طرفان ويل سائنسدان برملا اظهار ڪن ٿا ۽ تصويرون ۽ وڊيو ڏيکارين ٿا ته چنڊ تي صاف ۽ واضع طور تي اهڙي هڪ لڪير، اهڙو نشان آهي جيڪو چٽي نموني ٻڌائي ٿو ته ڪنهن وقت ۾ چنڊ ٻه حصه تي وري پاڻ ۾ ملي ويو آهي.

(ح) سج جو حضرت علي ع لاءِ موٽڻ

هاڻي اچون ٿا سج واري معجزي جي بيان ڏانهن ته: ”سج ٻه لڙاٽجي وڃي ٿو“ يا ”سج اونداهو ٿي وڃي ٿو“ يا ”سج اونداهيءَ ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو.“

اسان جي خيال ۾ ته هن آيت جي سمجهڻ ۾ غلطي ڪئي وئي آهي. هتي سج جي پلٽجڻ جو ذڪر آهي. اونداهيءَ کان روشني ڏانهن ۽ وري روشنيءَ کان اونداهيءَ ڏانهن. هي اهو معجزو آهي جيڪو حضرت علي ع جي خاطر انجام ڏنو ويو هو. ڪتاب ”مناقب آل ابي طالب ع“ ۾ لکيل آهي ته:

”عام طور تي مشهور آهي ته پاڻ (عليہ السلام) لاءِ ٻه دفعا سج موٽيو. رسول الله (صلي الله عليہ وآلہ وسلم) جي زندگيءَ ۾ مقام اڪراع غميم ۾ ۽ رسول الله (صلي الله عليہ وآلہ وسلم) جي وفات کان بعد بابل جي مقام تي پاڻ ع) جي خاطر سج موٽيو.

رسول الله (صلي الله عليہ وآلہ وسلم) جي زندگيءَ ۾ سج موٽڻ جو واقعو هيٺيان حضرات بيان ڪندا آهن:

(1) (حضرت بيبي) ام سلمہ (رضي الله عنها) (2) (حضرت بيبي) اسما (رضي الله عنها) بنت عميس (3) (حضرت) جابر (رضي الله تعالي عنہ) انصاري (4) (حضرت) ابوذر (رضي الله عنه) (5) (حضرت عبدالله رضي الله عنه) بن عباس (رضي الله عنه) (6) (حضرت ابوسعيد) خذري (رضي الله عنه) (7) (حضرت) ابو هريره (رضي الله عنه) (8) (حضرت) امام جعفر صادق ع.

(واقعو ڪجهہ هن ريت آهي ته) رسول الله (صلي الله عليہ وآلہ وسلم) ڪراع غميم جي مقام تي (عصر جي) نماز ادا فرمائي. جڏهن سلام ڦيريائون ته پاڻ (صلي الله عليہ وآلہ وسلم) تي وحي نازل ٿي وئي. حضور (صلي الله عليہ وآلہ وسلم) انهيءَ حالت ۾ هئا ته حضرت علي ع اچي سهارو ڏنو. انهيءَ حالت ۾ سج غروب (اونداهو) ٿي ويو. قرآن حضور (صلي الله عليہ وآلہ وسلم) تي نازل ٿي رهيو هو. وحي جي ختم ٿيڻ کان پوءِ رسول الله (صلي الله عليہ وآلہ وسلم) پڇيو:

”اي علي ع! اوهان نماز پڙهي؟“

عرض ڪيائون: ”نہ!“

۽ سمورو قصو بيان ڪيائون.

فرمايائون: ”مان دعا ڪريان ٿو. الله تعالي تنهنجي خاطر سج کي واپس موٽائيندو.“

رسول الله (صلي الله عليہ وآلہ وسلم) بارگاه خداوندي ۾ دعا فرمائي. سج چمڪندو واپس موٽي آيو.

ابو جعفر طحاوي جي روايت مطابق نبي (صلي الله عليہ وآلہ وسلم) فرمايو:

”اي معبود! علي ع تنهنجي ۽ تنهنجي رسول ص جي اطاعت ۾ هو. هن تي سج کي واپس موٽاءِ.“

سج واپس ٿيو. علي (عليہ السلام) اٿي ڪري نماز ادا فرمائي. نماز کان فارغ ٿيا تہ سج لهي ويو. ستارا ظاهر ٿي ويا.

ابوبڪر مهرويہ جي روايت ۾ (حضرت بيبي) اسما (رضي الله عنها) کان روايت آهي تہ:

”خدا جو قسم! سج جي غروب ٿيڻ وقت هن هڪ آواز ٻڌو، جهڙو آريءَ سان ڪاٺي چيرڻ وقت پيدا ٿيندو آهي.“

هي واقعو غزوه خيبر ۾ صهبا جي مقام تي ٿيو هو.

روايت آهي تہ جڏهن پاڻ (عليہ السلام) رسول الله (صلي الله عليہ وآلہ وسلم) کي سهارو ڏنيون بيٺا هئا تہ نماز اشارن سان ادا فرمايائون ۽ جڏهن سج موٽي آيو تہ رسول الله (صلي الله عليہ وآلہ وسلم) جي حڪم سان نماز پڙهيائون.

هن جي باري ۾ هينين شاعرن شعر چيا آهن.

(1) صاحب (2) مضجع بصري (3) سيد حميري (4) ابن حماد (5) علي بہ احمد رسول الله (صلي الله عليہ وآلہ وسلم) جي وفات کان بعد جويره بن سهر، ابورافع ۽ (حضرت امام) حسين بن علي ع جي روايت مطابق حضرت امير ع بابل جي مقام کان درياءِ فرات کا پار ڪيو. حضرت امير ع هڪ ٽولي سان نماز ادا ڪئي. ماڻهن دريا پار نہ ڪيو هو تہ سج لهي ويو. ڪافي ماڻهن جي عصر جي نماز فوت ٿي وئي. بارگاهہ خداوندي ۾ دعا ڪيائون. سج واپس موٽي آيو. انهيءَ وقت سج افق ۾ هو. جڏهن ماڻهن نماز جو سلام ڦيرايو تہ سج وري غائب ٿي ويو. ماڻهن شديد گڙگڙاهٽ ٻڌي ۽ ڊڄي ويا. تهليل، تسبيح ۽ تڪبيرون شروع ڪيائون. بابل جي سرزمين تي ساعده جي مقام تي ”مسجد رد الشمس“ مشهور ۽ معروف آهي.“[1]

---

1. شهر آشوب، محمد بن علي، حافظ، محدث (متوفي 588 هہ)، ”عمدة المطالب“ (اردو) ترجمو: ”مناقب آل ابي طالب ع“، مترجم ۽ حواشي: محمد شريف، ملڪ العلماء، انصاف پريس، ريلوي روڊ، لاهور، جلد اول، ص 689

ڪتاب جي مترجم حاشي ۾ نوٽ هڻندي لکيو آهي تہ: ”هن احقر مسجد رد الشمس کي 1961ع ۾ ڏٺو آهي. حلہ جي پرسان آهي، جيڪا پڪي سڙڪ ڪربلا معلي کان نجف اشرف وجي ٿي، انهيءَ جي ڪناري تي واقع آهي. وڌيڪ وضاحت اسان جي ترجمي ڪيل ڪتاب ”عيون المعجزات ۾ ڏسندا.“

(خ) پراڻي عهدنامي ۾ سج چنڊ جي معجزن جو ذڪر

هتي انهن تعصب ۾ ورتل ماڻهن لاءِ، جن جي اکين تي پٽي پيل آهي ۽ جيڪي نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم ۽ امامن سڳورن عليهما السلام هٿان اهڙن معجزن جا انڪاري آهن، خاص طور تي سج، چنڊ ۽ تارن جو انهن جي تابعداري ڪرڻ بابت شش وپنج ۾ ورتل آهن، انهن جي سمجهاڻي خاطر تہ اهي ناممڪن ڳالهيون نہ آهن ۽ اهڙا معجزا اڳ بہ الله تبارڪ وتعالي جي نبين سڳورن ۽ مقدس هستين هٿان ظهور پذير ٿي چڪا آهن، هڪ اهڙي ئي معجزي جو مثال پراڻي عهد نامي کان پنهنجي قارئين آڏو پيش ڪريون ٿا.

يشوع جي ڪتاب ۾ لکيل آهي تہ:

”جنهن ڏينهن خداوند امورين کي بني اسرائيل جي حوالي ڪيو تنهن ڏينهن يشوع خداوند کي عرض ڪيو ۽ بني اسرائيل جي اڳيان چياءِ، تہ يا سج تون جبعون تي ۽ اي چنڊ، تون ايالون جي واديءَ ۾ بيٺو رهہ ۽ سج هڪڙي هنڌ بيهي رهيو ۽ چنڊ بہ ترسي پيو، جيستائين ڪ انهن ماڻهن پنهنجي دشمنن کان وير پئي ورتو. اهو آشر جي ڪتاب ۾ نہ لکيل آهي ڇا؟ انهيءَ طرح سج آسمان جي وچ ۾ ٽڪ ٻڌي بيٺو ۽ قريب سڄو ڏينهن الهندي ڏانهن نہ لڙيو. انهيءَ کان اڳي، يا انهيءَ کان پوءِ، انهيءَ جهڙو ڏينهن ڪڏهن ڪونہ ٿيو، جنهن ۾ خداوند انسان جو آواز ٻڌو: ڇالاءِ جو خداوند اسرائيل پاران وڙهيو.“[1]

يوايل جي مٿين آيت تہ بلڪل سوره القمر جي آيت جهڙي آهي. تنهن ڪري:

”اي اهل ڪتاب! سڀ کان اڳ انهيءَ ڳالهہ جا انڪاري توهان نہ ٿيو. جڏهن تہ توهان پنهنجن ڪتابن ۾ اها ڳالهہ پڙهي بہ رهيا آهيو.“

---

1. يشوع 10 : 12 ـ 14

ڪتاب حبقوق جو تعارف

هي ڪتاب حضرت حبقوق عہ ڏانهن منسوب آهي. هي ڪتاب تمام مختصر آهي. حضرت حبقوق عہ کي ٻارهن "اصغر انبياءَ" ۾ شمار ڪيو ويندو آهي. سندس جي باري ۾ گهٽي معلومات ڪانہ آهي. پاڻ عہ 612 قبل مسيح ۾ تبليغ ڪندي نظر اچن ٿا. هي صفنياه نبي کان ڪجهہ اڳ هو. سندس دفن ٿيڻ بابت مختلف روايتون آهن. تاريخ ۾ ٻن جاين تي سندس مقبرا آهن، اسرائيل ۽ ايران. اسرائيل ۾ دفن ٿيڻ بابت يهودي روايت:

"حبقوق جي دفن واري جاءِ يهودي روايت موجب اتر اسرائيل جي اتر واري گليلي علائقي ۾ هڪ جبل طور تي، ڳوٺ قاديرم ۽ هوڪوڪ جي ويجهو آهي، سفيد کان ڇهہ ميل ڏکڻ اولهہ ۽ جبل تبور کان ٻارهن ميل پري. 20 صدي عيسويءَ دوران اڏيل هڪ ننڍڙي پٿر جي عمارت، مقبرن جي حفاظت ڪري رهي آهي. 12 صدي عيسوي جي شروعات کان هڪ روايت آهي تہ حبقوق جي قبر هن مقام تي آهي. پر قبر پڻ يعقوق جي مقامي شيخ جي ٿي سگهي ٿي، جيڪو "حقوق" جي نالي بائبل واري جڳهہ سان لاڳاپيل آهي، جنهن جي عبرانيءَ ۾ تلفظ ۽ هِجي "حبقوق" جي ويجهو آهن. هن ماڳ ۾ آثار قديمہ طور ڪيترين ئي دفن ٿيلن جون جايون آهن جيڪي ٻئي مندر واري دور تائين جون آهن."1

ايران ۾ دفن ٿيڻ جي جاءِ:

"ايران جي اولهہ ۾ Tuyserkan جي شهر جي ڏکڻ ۾ هڪ مزار پڻ حبقوق جي دفن واري جاءِ مڃي وڃي ٿي. اهو ايران جي ثقافتي ورثي، دستڪاري ۽ سياحت جي تنظيم طرفان محفوظ آهي. تنظيم همدان صوبي جي گائني ٻڌائي ٿي تہ حبقوق کي سليمان جي مندر جو سنڀاليندڙ مڃيو ويندو هو ۽ هو بابل وارن هٿان گرفتار ٿي ويو ۽ ڪجهہ سالن تائين انهن جي قيد ۾ رهيو. سائرس عظيم هٿان آزاد ٿيڻ بعد، هو ايباٽانا ڏانهن ويو ۽ ايستائين اتي رهيو جيستائين کيس موت آيو ۽ ويجهو ئي ڪٿي کيس دفن ڪيو ويو، جيڪو هن وقت Tuyserkan۾ آهي. مقامي مسلمانن وٽ کيس "حبغوغ" (Habaghugh) ۽ "حيغوغ" (Hayaghugh) بہ سڏيو ويندو آهي."2

قرآن ۾ حضرت حبقوق عہ نبي جو ذڪر نہ آهي. پر اسان ڏسون ٿا تہ حضرت امام علي رضا عہ هڪ يهودي "راس الجالوت" سان مناظري دوران نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي برحق نبي هجڻ جو ڪتاب حبقوق کان بہ استدلال ورتي تو. مناظرو ڏسو آهي. انهيءَ ڪري

---

1. https://en.wikipedia.org/wiki/Habakkuk

2. ايضاً

هتي اسان صرف سندس ڪتاب حبقوق کان استدلال وارو جملو نقل ڪنداسين ته مناظري دوران حضرت امام علي رضا ع راس الجالوت کان سوال ڪن ٿا ته:

"ڇا تون حضرت حبقوق نبي جي هن قول کان واقف آهين ته: "خدا پنهنجو بيان جبل فاران کان آندو ۽ سمورا آسمان الاهي حمد (جي آوازن) سان ڀرجي ويا. هن جي امت ۽ هن جا لشڪر خشڪي ۽ تري ۾ جنگ ڪندا. هنن تي هڪ ڪتاب ايندو ۽ سڀ ڪجهه بيت المقدس جي خرابي کان پوءِ ٿيندو."

انهيءَ کان پوءِ حضرت امام علي رضا ع ڪائنس ٻيا سوال به ڪري ٿو، جن جا جواب هو نه ڏيئي سگهي ٿو.[1]

1. ڪراروي، نجم الحسن، سيد، "چوده ستاري"، اماميه ڪتب خانه لاهور، ص 455

(36) هن زماني ۾ انهيءَ کي ظاهر ڪر

شگايونوت جي سُر تي حبقوق نبي جي دعا:
”اي خداوند مان تنهنجي شهرت ٻڌي ۽ ڊڄي ويس.
اي خداوند هن ئي زماني ۾ پنهنجو ڪم بحال ڪر.
هن ئي زماني ۾ هن کي ظاهر ڪر.
خداوند تيمان مان آيو،
۽ پاڪ خدا فاران جي جبل تان.
هن جي جلال آسمان کي ڍڪي ڇڏيو.
۽ زمين هن جي تعريف سان معمور ٿي وئي.
هن جي جگمگاهٽ نور وانگر هئي
هن جي هٿن کان ڪرڻا نڪرندا هئا
۽ انهيءَ ۾ هن جي قدرت لڪل هئي.
وبا هن جي اڳيان اڳيان هلندي هئي
۽ آتشي تير هن جي قدمن کان نڪرندا هئا
هو اٿي بيٺو ۽ زمين ڪنبي وئي
هن نگاهه ڪئي ۽ قومون پراگنده ٿي ويون
ازلي پهاڙ ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويا
قديم دڙا جهڪي ويا
هن جون راهون ازلي آهن.“ [1]

تشريح

(الف) هن ئي زماني ۾ هن کي ظاهر ڪر

هي هڪ دعا آهي جيڪا حضرت حبقوق ؑ نبيءَ الله تبارڪ وتعالي کي ٻاڏائي گهري هئي. هن دعا جو هي حصو (آيت نمبر 2 کان آيت نمبر 6 تائين) اسان جي نبي ڪريم حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليه وعلي آله واصحابه وسلم سان تعلق رکي ٿو. آيتن مان صاف لڳي ٿو ته حضرت حبقوق ؑ کي نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي باري ۾ خبر پئجي چڪي هئي ته پاڻ ﷺ جن اچڻا آهن ۽ يقينن هي خبر به پئجي چڪي هوندي ته پاڻ ﷺ جن مصيبتن کان ڇوٽڪارو ڏياريندڙ، غريبن ۽ مسڪينن جا واهر وسيلا ۽ هر درد جو درمان هوندا. بعينه اهڙيءَ طرح جهڙيءَ طرح اسان امام محمد مهدي ؑ جي باري ۾ سوچي رهيا آهيون ۽ ڪيس هر ڏک ۽ تڪليف ۽ مصيبت کان ڇوٽڪاري لاءِ اميد ۽ آسرو سمجهي رهيا آهيون ۽ جهڙيءَ طرح اسان کي امام محمد مهدي ؑ

---

1. حبقوق 3 : 1 ـ 6

جي باري ۾ اسان کي صحيح تاريخ ۽ ڏينهن جي خبر نہ آهي تہ پاڻ عہ کھڙي ڏينهن ظهور ڪندا. اسان وٽ سندس ظهور جي لاءِ صرف علامتون آهن، جن کي ڏسي ڪري اسان صرف اندازا هڻي سگهون ٿا. بلڪل اهڙيءَ طرح حضرت حبقوق عہ کي نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي آمد جي صحيح ڏينهن ۽ تاريخ کان واقفيت ڪانہ هئي. صرف ڪيس ڪجهہ نشانين ۽ ڪجهہ علامتن جي ڄاڻ هئي ۽ پاڻ عہ صرف اندازو ڪري پيا سگهن تہ هو ڪنهن وقت بہ ظهور ڪري سگهن ٿا. ان وقت حق وارن تي ظلم زيادتي جو بازار گرم هو.

جيئن اڄڪلهہ جا سپر پاور ملڪ پنهنجي من ماني ڪيون بيٺا آهن ۽ غريب ۽ پيڻل قومن تي ظلم ۽ زيادتي جي نئين تاريخ لکي رهيا آهن. فلسطين، ڪشمير، ميانمار، عراق، شام، يمن، بحرين هر هنڌ مظلوم ظالمن جي چنبن ۾ ڦاٿل آهن ۽ ظالمن عدل ۽ ظلم جي معني ئي مٽائي ڇڏي آهي. اهڙيءَ طرح ان وقت غريبن جون آهون، ڪوڪون بس نہ پيون ڪن. هيڪل تباهہ ٿي چڪو هو. بني اسرائيل وارا بابل ۾ اسيري جو دور گذاري رهيا هئا. انهيءَ حالت ۾ ڪوروش اعظم بابل تي حملو ڪري هنن کي بابل وارن جي اسيري کان نجات تہ ڏياريو. پر هنن جي حالت اهڙي ٿي چڪي هئي جو هو دين کان بر ۽ بيزار ٿي پيا هئا.

اهڙيءَ حالت ۾ حضرت حبقوق عہ الله تبارڪ وتعالي کان دعا گهري رهيا آهن تہ پنهنجي انهيءَ مظلومن جي همدرد ۽ هڏڏوڪي، غريبن ۽ مسڪينن جي حمايتي، انهيءَ نجات ڏياريندڙ جنگجو کي هينئر ئي موڪل، جيئن هو اچي ۽ سيني جو ڏک درد دور ڪري. بلڪل اهڙيءَ طرح جهڙيءَ طرح اسان حضرت امام مهدي عہ ۽ حضرت عيسىٰ عہ جي ظهور جون دعائون گهرندا آهيون تہ جيئن هو اچن ۽ هن جهان مان ظلم ۽ زيادتي جو خاتمو آڻين ۽ غريبن ۽ مظلومن کي عدل ۽ انصاف ڏيارين.

حضرت حبقوق عہ فرمائين ٿا تہ:

”اي خداوند مان تنهنجي شهرت ٻڌي ۽ ڊڄي ويس.“

يعني هن جي جنگجو فطرت جو ٻڌي ڪري ڊڄي ويس. تہ اچڻ وارو ظالمن تي اهڙو اچي ڪڙڪندو. پر ڪيس دلجاءِ هئي تہ هو مظلومن جو حمايتي ۽ انهن کي انصاف ڏيارڻ وارو هوندو ۽ هنن جو ڏک سک جو ساٿي هوندو. تنهن ڪري فرمائين ٿا تہ:

”اي خداوند هن ئي زماني ۾ پنهنجو ڪم بحال ڪر“

يعني هن کي هن ئي زماني ۾ موڪل. جهڙي نموني اسان دعا گهرندا آهيون تہ: يا الله! امام مهدي عہ کي هاڻي جو هاڻي موڪل، جيئن اسان بہ هن جي نجات مان فائدو وٺون.

وري تاڪيد طور فرمائين ٿا تہ:

”هن ئي زماني ۾ هن کي ظاهر ڪر“

هن مان خبر پوي ٿي تہ ڪين پاڻ سڳورن ﷺ جي ظهور جي وقت جي صحيح معلومات اجان ڪانہ هئي.

(ب) خداوند تيمان مان آيو ۽ پاڪ خدا فاران جي جبل تان

تيمان ادوم جي اتر اولهہ ۾ هڪ ضلع آهي. هتي ٻن نبين ڏانهن انهن جي علائقن جي حوالي سان ياد ڪيو ويو آهي. تيمان جي حوالي سان حضرت عيسىٰ ع کي چو تہ اهو علائقو سندس جي ڳَٽپ ۾ ايندو ۽ فاران جي حوالي سان حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم کي چو تہ اهو علائقو سندس جي ڳَٽپ ۾ ايندو. حضرت حبقوق ع کي ٻنهي بزرگ نبين جي اچڻ جي خبر هئي. جيئن اسان کي ٻن بزرگ شخصيتن حضرت امام محمد مهدي ع ۽ حضرت عيسىٰ ع جي اچڻ جي خبر آهي. تہ هو ٻنهي جي اچڻ جي دعا بہ گهري رهيا هئا تہ اطلاع بہ ڏيئي رهيا هئا. جهڙيءَ طرح حضرت موسىٰ ع هنن ٻنهي بزرگ شخصيتن جي اچڻ جي خبر ڏني هئي:

”خدا جي ٻانهي موسي ع پنهنجي مرڻ کان اڳي بني اسرائيل کي جيڪا برڪت ڏني سا هيءَ آهي: هن چيو تہ: ”خداوند سيناء مان آيو ۽ شعير مان انهن تي ظاهر ٿيو؛ هو فاران جبل مان چمڪيو ۽ لکن پاڪ ماڻهن منجهان آيو: هنجي ساڄي هٿ ۾ انهنجي لاءِ باهہ جهڙي شريعت هئي.“[1]

هن ۾ حضرت موسىٰ ع الله تبارڪ وتعالي جي طرفان ڪيس خود کي مليل برڪت جو بہ ذڪر ڪيون ويو تہ؛ ”خداوند سينا مان آيو“ ۽ ٻيو تہ هتي حضرت عيسىٰ ع کي ”شعير“ جي علائقي جي حوالي سان ياد ڪيو ويو آهي، جڏهن تہ زير بحث آيت ۾ ڪيس ”تيمان“ جي علائقي جي حوالي سان ياد ڪيو ويو آهي. انهيءَ جي ايتري خاص اهميت نہ آهي. نہ ئي عيسائي حضرات انهيءَ تي بحث ڪندا آهن. عيسائي حضرات حضرت عيسىٰ ع جي اچڻ جي باري ۾ هڪ پيشنگوئي ”قاضين جو ڪتاب“ مان بہ پيش ڪندا آهن:

”اي خداوند! جڏهن تون شعير کان هلئين،
جڏهن تون ادوم جي ميدان کان ٻاهر نڪتين،
تہ زمين ڪنبي اٿي ۽ آسمان ٽِٽي پيو،
ها! بادل وسيا.
پهاڙ خداوند جي حضوري سبب ۽ اهو سينا بہ خداوند اسرائيل جي خدا جي حضوري سبب ڪنبجي ويا.“[2]

---

1. استثنا 33 : 1 ـ 2
2. قاضي 5 : 4 ـ 5

هن پيشنگوئي ۾ حضرت عيسىٰ عہ جو ذڪر آهي "شعير" ۽ "ادوم" ٻنهي جي حوالي سان ڪيو ويو آهي ۽ مٿي اسان بيان ڪري چڪا آهيون تہ "تيمان" ادوم جو هڪ ضلع آهي. تيمان جو ذڪر هڪ ٻيءَ جاءِ تي ڪجھہ هن ريت بيان ٿيل آهي:

"اي تيمان تنهنجا بهادر گهٻرائجي ويندا،
ايتري تائين جو ڪوهستان عيسو جي باشندن مان،
هر هڪ کي ڪٽيو ويندو."[1]

عيسائين جو مسئلو هي آهي تہ هو هر پيشنگوئي کي حضرت عيسىٰ عہ ڏانهن منسوب ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. سو پنهنجي عادت مطابق هتي بہ "تيمان" سان گڏ "فاران" کي بہ حضرت عيسىٰ عہ جو علائقو ڳڻين ٿا، جيڪو درست نہ آهي. "فاران" مڪي جي جبلن ۽ مڪي جي علائقي کي سڏيو ويندو آهي. اسان انهيءَ تي تفصيلي بحث پيشنگوئي "خداوند فاران جبل مان چمڪيو" ۾ ڪري چڪا آهيون.

مٿين پيشنگوئي ۾ باقي جيڪي صفتون بيان ٿيل آهن اهي بہ حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جون آهن، نہ ڪہ حضرت عيسىٰ عہ جون.

---

1. عبدياه 1 : 9

ڪتاب حجي جو تعارف

هي ڪتاب حجي عہ نبي ڏانهن منسوب آهي. هي هڪ مختصر ڪتاب آهي. هي ڪتاب يروشلم ۾ هڪ نئين هيڪل جي بنياد رکڻ جي باري ۾ آهي. هن ڪان هي اندازو هنيو ويو تہ هي ڪتاب يروشلم ۾ لکيو ويو آهي. هن ۾ اهي پيغام درج ٿيل آهن جيڪي 520 قبل مسيح ۾ الله تبارڪ وتعالي طرفان حجي عہ نبي کي موڪليا ويا. انهيءَ وقت ايران جي تخت تي دارا بادشاه ويٺل هو. هن ڪتاب ۾ يهودين کي هي پيغام ڏنو ويو آهي تہ برباد ٿيل هيڪل کي ٻيهر تعمير ڪيو وڃي. هي اهو زمانو هو جڏهن يروشلم جو گورنر زوروبابل (Zorobabel) هو ۽ سردار ڪاهن يشور هو. انهن ٻنهي هيڪل جي نئين سر اڏاوت ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. اهڙيءَ طرح 516 قبل مسيح ۾ هيڪل جي تعمير مڪمل ٿي وئي. حجي عہ نبي جو شمار عبراني انبياءِ اصغر ۾ ڪيو ويندو آهي. هي بابل ڪان جلاوطني جي خاتمي ڪان پوءِ آخري ٽن نبين ۾ شامل آهي. ٻہ ٻيا حضرت زڪريا عہ ۽ حضرت ملاڪي عہ آهن.

(37) اِسۡمُهٗۤ اَحۡمَدُ

”لشڪرن جو خداوند ٿو فرمائي آءٌ سڀني قومن کي لوڏيندس ۽ سڀني قومن جون دلپسند شيون اينديون ۽ آءٌ هن گهر کي جلال سان ڀري ڇڏيندس. لشڪرن جو خداوند ٿو فرمائي تہ چاندي منهنجي آهي ۽ سون بہ منهنجو آهي. هن گهر جي پوئين رونق پهرئين کان وڏيڪ ٿيندي: ۽ لشڪرن جو خداوند ٿو فرمائي تہ هتي آءٌ صلح سلامتي بخشيندس.“[1]

تشريح

”سڀني قومن کي لوڏيندس“ معني سڀني قومن کان امتحان ورتو ويندو.

”سڀني قومن جون دلپسند شيون اينديون.“

هن آيت ۾ عبراني لفظ ”حمده“ (hem-dat) جو ترجمو ”دلپسند شيون ڪيو ويو آهي، جيڪو درست نہ آهي. هي لفظ عبراني چارٽ ۾ هن ريت ڏيکاريو ويو آهي.

عبراني لفظ	اچار	انگريزي ۾ ترجمو
וְהִרְעַשְׁתִּי	wə-hir-‘aš-tî	And I will shake
אֶת־	’et-	-----
כָּל־	kāl-	all
הַגּוֹיִם	hag-gō-w-yim,	nations
וּבָאוּ	ū-bā-’ū	and they shall come
חֶמְדַּת	hem-dat	to the Desire

محترم عبدالاحد دائود صاحب هن لفظ جي بهترين تشريح ڪئي آهي ۽ ثابت ڪيو آهي تہ اصل ۾ هتي اهو لفظ ”احمد“ آهي جنهنجو ترجمو ڪري ان ۾ تحريف ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. محترم عبدالاحد دائود جو اصل نالو ريورنڊ ڊيوڊ بنجامن ڪلداني (Rev: David Binjamin Keldani) هو. پاڻ هڪ ناليوارا نسطوري عيسائي هئا. هو ايران جي شهر اروميہ ۾ بشپ جي عهدي تي فائز هئا. جنگ عظيم اول کان بعد

---

1. حجي 2 : 7 ـ 9

اسلام جي حقانيت کان متاثر ٿي ڪري مسلمان ٿيا. هيٺ اسان سندس تحقيق پيش ڪري رهيا آهيون.

(الف) عبدالاحد دائود جو بيان

پاڻ مٿين آيتن جي تشريح ڪندي لکن ٿا ته:

”يهودي ۽ مسيحي مبصرين گڏيل طور تي مٿين پيشنگوئي ۾ ڏنل ٻٽي وعدي کي وڏي اهميت ڏين ٿا. هو ٻيئي لفظ ”حمدا“ (Himda) ۾ هڪ مسيحا جي متعلق پيشنگوئي کي سمجهندا آهن. سچ پچ ۾ هتي هڪ عجيب پيشنگوئي آهي. جنهنجي تصديق چار دفعا دهرايل ”لشڪرن جو خداوند ٿو فرمائي“ واري آسماني حلف جي معمول واري بائيبل جي فارمولي کان ٿئي ٿي.

جيڪڏهن هن پيشنگوئي جي لفظن ”حمدا“ (himda) ۽ ”شلوم“ (shlom) جي معني ”خواهش“ (desire) ۽ ”امن“ (peace) فرض ڪئي وڃي ته هي پيشنگوئي هڪ ناقابل فهم خواهش کان سواءِ ڪجهه به نه رهي ٿي. پر جيڪڏهن اسان ”حمدا“ جي اصطلاح کي هڪ نوس خيال، هڪ شخص ۽ حقيقت سمجهون ۽ لفظ شلوم کي ڪا حالت نه پر هڪ زنده ۽ فعال قوت ۽ هڪ يقيني طور تي قائم مذهب سمجهون، ته هي پيشنگوئي لازمي طور تي هڪ شخص احمد ۽ اسلام جي وجود بابت سچ ۽ انجام پذير هجڻ کپي. حمدا (himda) ۽ شلوم (shalom) يا شلاما (shlama) کي بلڪل ساڳي اهميت آهي جهڙي احمد (Ahmed) ۽ اسلام (Islam) کي.

هن پيشنگوئي جي پوري ٿيڻ کي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ کان پهريان جيترو ٿي سگهي اوترو مختصر طور تي ٻنهي لفظن جي اشتقاقن جي وضاحت ڪرڻ سٺي رهندي.

(1) حمدا (Himda) : اصل عبراني متن ۾ موجود شق هن طرح پڙهي ٿي:

”وي يوو حمدت ڪول هگوئييم“ (ve yavu himdath kol haggoyim)

جيڪو لفظي طور تي انگريزي ۾ هن ريت ترجمو ڪيو ويندو:

”ايند ول ڪم دي حمدا آف آل نيشنس“ (and will come Himda of all nations)

(يعني: سڀني قومن جو حمدا ايندو).

عبرانيءَ ۾ جينيٽو ڪيس (genitive case) ۾ آخري ”ھ“ (h) تبديل ٿي ويندو آهي ”ث“ (th) يا ”ت“ (t) ۾، جيئن عربيءَ ۾ آهي. هي لفظ قديم عبرانيءَ مان نڪتل آهي يا بلڪ آرامي مان. اصل هن جي حمد (اڪرن جو تلفظ حمد hemed) آهي. عبرانيءَ ۾ حمد (hemed) عام طور تي وڏي خواهش، لالچ، بک ۽ هوس جي فهم ۾ استعمال ٿيندو آهي. (موسي ع جي آندل ڏهن حڪمن مان) نائون حڪم آهي ته:

”لو تحمود اش ريئخا“ (Lo tahmod ish reikha)

يعني : "تون پنهنجي پاڙيسري جي زال جي لالچ نہ ڪجانءِ"[1]

عربيءَ ۾ فعل حمده (hemida) ساڳين حرفن حمد (hmd) جي معني "تعريف ڪرڻ" ۽ اهڙيءَ طرح آهي. جيڪو تمام گهڻو خواهشمند، لالچ ۽ گهربل آهي انهيءَ ڪان بہ وڌيڪ ساراهيل ۽ قابل ذڪر آهي. ٻنهي معنائن مان ڪهڙو بہ اختيار ڪجي، حقيقت هي آهي تہ "احمد" حمدا (Himda) جو غير متنازعہ ۽ فيصلائتو معني رهي ٿو.

قرآن پاڪ ٻڌائي ٿو تہ حضرت عيسي عہ اسرائيل جي ماڻهن ۾ "احمد" جي اچڻ جو اعلان ڪيو هو:

وَاِذْ قَالَ عِيْسَى ابْنُ مَرْيَمَ يٰبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ اِنِّيْ رَسُوْلُ اللّٰهِ اِلَيْكُمْ مُّصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيَّ مِنَ التَّوْرٰىةِ وَمُبَشِّرًاۢ بِرَسُوْلٍ يَّاْتِيْ مِنْۢ بَعْدِي اسْمُهٗٓ اَحْمَدُ ۭ فَلَمَّا جَاۗءَهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ قَالُوْا هٰذَا سِحْرٌ مُّبِيْنٌ[2]

ترجمو: "۽ (اهو وقت بہ ياد ڪريو) مريم (عہ) جي پٽ عيسي (عليہ السلام) چيو تہ اي بني اسرائيل مان توهان وٽ الله جو موڪليل آيو آهيان (۽) جيڪو (ڪتاب) مون ڪان پهريون اچي چڪو آهي (يعني) تورات ان جي تصديق ڪريان ٿو ۽ هڪ پيغمبر جيڪو مون ڪان بعد ايندو جنهن جو نالو احمد هوندو ان جي بشارت ڏيان ٿو. (پوءِ) جڏهن هو ماڻهن وٽ ڪليل نشانيون ڪڻي آيو تہ چوڻ لڳا تہ هي تہ صاف جادو آهي."

انجيل يوحنا، جيڪو يوناني ۾ لکيو ويو، لفظ پاراڪليتوس (Paracletos) استعمال ڪري ٿو. هي هڪ غير مهذب شڪل آهي، ڪلاسيڪل يوناني ادب ڪان اڻ واقف. پر پيريڪليتوس (Periclytos) پنهنجي خصوصيات "نامور"، "شاندار" ۽ "ساراهيل" ۾ "احمد" سان بلڪل مماثلت رکي ٿو. ضروري آهي تہ هن جو ترجمو يوناني جي "حمدا" يا حمدا جي آرامي شڪل ۾ ڪيو وڃي، جيئن يسوع مسيح چيو. افسوس! هتي ڪو بہ انجيل عيسي جي ڳالهايل زبان ۾ موجود نہ آهي!

(2) **شلوم** : لفظ شلوم (Shalom)، شلاما (Shlama) ۽ عربي "سلام" ۽ "اسلام" جي اشتقاق ۽ اهميت جي باري ۾ مان پڙهندڙن کي لساني تفصيلات ۾ ڇڪي گرفتار ڪرڻ ضروري نہ سمجهان ٿو. هر سامي عالم ڄاڻي ٿو تہ شلوم ۽ اسلام هڪ ئي اصل ڪان نڪتل آهن. ٻنهي جي معني امن، تسليم ڪرڻ ۽ استعفي آهي.

هي ڇنو ٿي ويو. مان حجي جي هن پيشنگوئي جي هڪ مختصر نمائش جي تجويز ڏيان ٿو. هن کي بهتر سمجهڻ لاءِ مون کي پراڻي عهدنامي جي آخري ڪتاب ملاڪائي (Mallachai)، ملاخي (Mallakhi) يا مستند نسخي مطابق ملاڪي (Malachi) ڪان هڪ پيشنگوئي نقل ڪرڻ جي اجازت ڏيو:

---

1. استثنا 5 : 21

2. سورة الصف : 6

”ڏسو آءٌ پنهنجو پيغمبر موڪليندس ۽ هو منهنجي اڳيان راهہ تيار ڪندو ۽ خداوند جنهن جا اوهين طالب آهيو سو اوچتو پنهنجي هيڪل ۾ ايندو: ڏسو، لشڪرن جو خداوند ٿو فرمائي تہ عهد جو پيغمبر جنهن جا اوهين خواهشمند آهيو، اُهو ايندو.“[1]

۽ پوءِ هنن پراسرار قصن جو تقابل انهيءَ حڪمت سان جيڪا قرآن جي مقدس آيت ۾ مجسم آهي ، سان ڪريو:

سُبْحٰنَ الَّذِيْٓ اَسْرٰى بِعَبْدِهٖ لَيْلًا مِّنَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ اِلَى الْمَسْجِدِ الْاَقْصَا الَّذِيْ بٰرَكْنَا حَوْلَهٗ لِنُرِيَهٗ مِنْ اٰيٰتِنَا ۭ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيْعُ الْبَصِيْرُ.[2]

ترجمو: ”اُها (ذات) پاڪ آهي جو هڪ رات پنهنجي بندي (يعني محمد صہ) کي مسجدالحرام (يعني خانہءِ ڪعبہ) کان مسجد اقصي (يعني بيت المقدس) تائين، جنهن جي چوڌاري اسان برڪتون رکيون آهن، وٺي ويو: جيئن اسان هن کي پنهنجي (قدرت جون) نشانيون ڏيکاريون. بيشڪ هو ٻڌڻ وارو (۽) ڏسڻ وارو آهي.“

يقينن، هيڪل ۾ اوچتو ايندڙ شخص، جيئن مٿي ذڪر ڪيل بائيبل جي ٻن دستاويزن ۾ اڳڪٿي ڪئي وئي آهي، پيغمبر محمد صہ آهي، نہ ڪہ حضرت عيسي (عليہ السلام).

هينيان دليل هر غير جانبدار مبصر کي قائل ڪرڻ لاءِ يقينن ڪافي آهن.

(1) ٻن چوحرفي لفظن (tetrograms) حمدا (Hamida) ۽ احمد (Ahmed) ۾ رشتيداري، تعلق ۽ مماثلت انهيءَ کان علاوه بنياد حمد (hmd) جي سڄاڻپ جنهن کان ٻئي اسم نڪتل آهن، شڪ جو ڪو هڪ بہ جزو نہ ٿا ڇڏين تہ جملي ”اينڊ دي حمدا آف آل نيشنس ول ڪم“ (and the Hamida of all nations will come) (۽ سيني قومن جو حمدا ايندو) ۾ موضوع بحث ”احمد صہ“ آهي، جنهن کي ”محمد صہ“ چئجي ٿو. هتي حمدا ۽ ٻئي ڪنهن نالي ”يسوع“، ”مسيح“ يا ”نجات ڏياريندڙ“ ۾ پري پري جو ڪو بہ اشتقاقي ڳانڍاپو نظر نہ ٿو اچي. ايتري تائين جو ڪو هڪ بہ حرف پاڻ ۾ نہ ٿو ملي.

(2) ٽوڙي جو هي دليل ڏنو وڃي تہ عبراني فارم حمد ”Hmdh“ (پڙهو حمده himdah) جي هڪ تجريدي بنيادي معني آهي ”خواهش، هوس، لالچ ۽ تعريف“ تہ دليل وري بہ اسان جي مقالي جي حق ۾ هوندي: تڏهن عبراني فارم، اشتقاق ۾ عربي فارم حمده (Himdah) جي معني ۽ هڪجهڙائيءَ ۾ بلڪل برابر هوندو يا بلڪہ سڃاڻپ سان.

توهان چوحرفي لفظ حمده (tetrogam Hmdh) کي ڪٿي ڪهڙي بہ معني

---

1. ملاڪي 3: 1
2. سورة بني اسرائيل: 1

۾ ونو، هن جو تعلق احمد ۽ احمدازم سان فيصلائتو آهي ۽ يسوع ۽ يسوعيت سان هن جو ڪجهہ ڏيڻ وٺڻ نہ آهي. جيڪڏهن سينٽ جيروم (St: Jerome) ۽ هن کان اڳ هفتادي (Septuagint) مصنفن لاطيني ڪيوپڊٽاس يا سيڪ يوٿيميا ("Latin "cupiditas" or Seek "euthymia) ڪي تحرير ۾ آڻڻ جي بجاءِ حمده (Hmdh) جي عبراني فارم ڪي برقرار رکيو هجي ها تہ يقينن بادشاہ جيمز (King James) طرفان مقرر ڪيل مترجمين مستند نسخي مان اصل شڪل ۾ ٻيهر بائيبل ڪي پيش ڪري سگهن ها ۽ بائيبل سوسائٽي وارا پنهنجن ترجمن لاءِ اسلامي زبانن ڪي ترجيح ڏين ها.

(3) زوروبابل (Zorobabel) جو هيڪل سليمان واري کان وڌيڪ شاندار هو ڇو تہ جيئن ملاڪيءَ پيشنگوئي ڪئي تہ "عظيم پيغمبر" يا "عهد جو پيغمبر". "ادونائي" (Adonai) يا "پيغمبرن جو سيد" اوچتو اچڻو هو ۽ جيئن پيغمبر محمد صہ پنهنجي رات جي سفر ۾ سچ پچ ڪيو، جيئن قرآن جو فرمان آهي. زوروبابل جي هيڪل جي مرمت ۽ ٻيهر تعمير عظيم هيرود (The Great Herod) هٿان ٿي ۽ يسوع، يقينن انهيءَ هيڪل ڪي پنهنجي بار بار جي دوري جي هر موقعي تي پنهنجي موجودگي ۽ پنهنجي مقدس ماڻهن جي موجودگي سان اعزاز بخشيو. يقينن، هر پيغمبر جي خدا جي گهر ۾ موجودگي عبادتخاني جي وقار ۽ تقدس ۾ اضافو ڪندو آهي. پر اهو ضرور تسليم ڪرڻ گهرجي تہ انجيل جيڪي مسيح جي هيڪل جي دورن ۽ هن جي تعليمات ڪي رڪارڊ ڪيو آهي، پنهنجي سامعين ۾ ڪنهن هڪ بہ تبديلي جي عمل ڪي ذڪر ڪرڻ ۾ ناڪام رهيا آهن. هن جي هيڪل جي سيني دورن جو اختتام، ايمان نہ آڻيندڙ ڪاهنن ۽ فريسين سان سخت بحث تي بيان ڪيو ويو آهي. نتيجي ۾ هي بہ ضرور شامل ڪيو وڃي تہ يسوع نہ صرف دنيا ۾ "امن" نہ پيو آڻي جيئن هن ڄاڻي واڻي اعلان ڪيو،[1] پر هن هيڪل جي مڪمل تباهي جي پيشنگوئي ڪئي،[2] جيڪا لڳ ڀڳ 40 سالن بعد رومين جي هٿان پوري ٿي، جڏهن يهودين جو بابل جي قيد بعد غير يهودي علائقن ۾ منتشر ٿي وڃڻ وارو انتشار مڪمل طور تي (نئون نئون) ختم ٿيو هو.

(4) "احمد"، جيڪو "محمد" جي نالي جو ٻيو فارم آهي ۽ ساڳي اصل ۽ اهميت وارو آهي، معني "تعريف ٿيل"، پنهنجي رات جي سفر دوران تباهہ ٿيل هيڪل جي مقدس جاءِ جو دورو ڪيو، جيئن قرآن پاڪ بيان ڪيو آهي ۽ هن جي پنهنجي اصحابن سان پنهنجي متواتر بيان مطابق تڏهن اتي نماز جي خدائي خدمت انجام ڏنائين ۽ سيني پيغمبرن جي موجودگيءَ ۾ الله تبارڪ وتعالي جي تعريف بيان ڪيائين ۽ اهو

---

1. متي 24، مرقس 8، لوقا 21
2. متي 10 : 34 وغيره

تڏهن جو هو تہ: ”الله هڪ رات پنهنجي بندي (يعني محمد صہ) کي مسجدالحرام (يعني خانۂ ڪعبہ) کان مسجد اقصيٰ (يعني بيت المقدس تائين، جنهن جي چوڌاري الله برڪتون رکيون آهن، وٺي ويو: جيئن پنهنجي آخري پيغمبر کي پنهنجي (قدرت جون) نشانيون ڏيکاري.“

جيڪڏهن موسيٰ عہ ۽ الياس عہ جسماني طور تي تبديليءَ واري جبل تي حاضر ٿي سگهن ٿا تہ اهي ۽ سڀيئي هزارين پيغمبر يروشلم جي هيڪل جي ميدان ۾ اچي سگهن ٿا ۽ اهو پيغمبر ”محمد صہ“ جي ”هيڪل ۾ اوچتو اچڻ“ دوران ٿيو.[1] اهو تہ خدا حقيقت ۾ هن کي ”خوشيءَ سان“ پري چڏيو.[2]

آمنہ رضہ، عبدالله رضہ جي بيوهہ، جيڪي ٻئي اسلام جي ظهور کان اڳ فوت ٿيا، پنهنجي يتيم پٽ جو نالو ”احمد“ رکيو، تاريخ انسانيت جو پهريون اسم خاص، منهنجي عاجز عقيدي مطابق اسلام جي حق ۾ ”عظيم معجزو“ آهي. ٻئي خليفي حضرت عمر رضہ جو هيڪل کي ٻيهر تعمير ڪرائڻ ۽ يروشلم جي عاليشان مسجد دنيا جي خاتمي تائين ابراهيم عہ ۽ اسمائيل عہ سان الله تعاليٰ جي ڪيل عهد جي حقانيت جو هميشہ هميشہ لاءِ يادگار طور رهندي.[3]“

(ب) عيسائين جو لفظ حمده (hem-dat) کي مسخ ڪرڻ جا طريقا

عيسائي حضرات هن لفظ حمده (hem-dat) عجب تماشو ڪيو آهي.

ڪن ماڻهن هن کي زبردستي حضرت عيسيٰ عہ تي فٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. زبردستي انهيءَ ڪري جو هي ڪنهن بہ طريقي سان حضرت عيسيٰ عہ تي فٽ ڪو نہ ٿو ٻيهي، جيئن مٿي محترم عبدالاحد دائود صاحب پنهنجي بيان ۾ اظهار ڪري چڪو آهي. باقي جن کي سمجهہ ۾ نہ آيو آهي تہ انهيءَ ڪوشش ڪئي آهي تہ هن لفظ کي اهڙي نموني بگاڙي ڇڏجي جو هي لفظ ”احمد“ جي بہ معني نہ ڏيئي سگهي. يا ڪو انهيءَ جي باري ۾ سوچي بہ نہ. يعني راند ئي ڦٽوڙي. هيٺ اسان بائيبل جي مختلف انگريزي نسخن مان هن لفظ جي معني اوهان آڏو پيش ڪري رهيا آهيون.

اوهان پاڻ اندازو هڻو تہ هنن ڪهڙي نموني هن لفظ جي معني کي مسخ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

---

1. ملاڪي 3 : 1
2. حجي 2
3. دائود، عبدالاحد، پروفيسر، (اڳوڻو: ريورنڊ ڊيوڊ بنجامن ڪلداني، بشپ آف ارميہ)، ”محمد ان دي بائيبل“ (Muhammad in The Bible) ص 11_14

(1) قيمتي شيون: Precious Things =
(American Standard Version "ASV")

(2) سيني قومن جي خواهش يا پسند جي شئي: The desire of all nations =
(21st Century King James Version "KJ21")

(3) پسند جي لائق يا قيمتي شيون: Desirable and precious things =
(Amplified Bible"AMP")

(4) خواهش ۽ قيمتي شيون: Desire and precious things=
(Amplified Bible Classic Edition "AMPC")

(5) سيني قومن جا خزانا: Treasures of the all nations=
(Christian Standard Bible "CSB")

(6) سيني قومن جي دولت: The wealth of all the nations=
(Common English Bible "CEB")

(7) ۽ هو تو وٽ هر قوم کان دولت آڻيندا:
And they will come to you with wealth from every nation=
(Easy to Read Version "ERV")

(8) ۽ هڪ اهو جنهن جي سيني قومن کي خواهش آهي ايندو:
And the one whom all nations desire will come=
(GOD'S WORD Translation "GW")

(9) سڀئي قومون پنهنجو دولت آڻينديون:
All the nations will bring their wealth=
(International Children's Bible "ICB")

(10) ۽ هڪ سيني قومن جي خواهش ٿيل ايندو:
And the One Desired by all nations will come=
(International Standard Version "ISV")

(11) سيني غير قومن جي خواهش ايندو:
And the desire of all the Gentiles shall come=
(Jubilee Bible 2000 "JUB")

(12) هو دولت جا انبار آڻيندا: They'll bring bushels of wealth=
(The Message "MSG")

(13) دنيا جا دولتمند ايندا: The riches of all nations will come=
(New Life Version "NLV")

(14) ۽ جيڪو ڪجهه دنيا جي اکين ۾ قيمتي آهي خوشيءَ سان منهنجي گهر آندو ويندو:
And all that is valuable in the eyes of world will be willingly brought to My house=
(The Voice "VOICE")

(15) سيني ماڻهن کي گهربل ايندو: The desired to all folks shall come=
(Wycliffe Bible "WYC")

هنن کان علاوه ٻه هنن جي ٻين نسخن ۾ گهڻو ڪجهه آهي. خود هنن نسخن جي جملن ۾ به گهڻو ڪجهه غلط ملط آهي. پر اسان جي هن وقت جي بحث کي اهي ڳالهيون گهڻو پري وٺي وينديون، سو انهن کان پرهيز ڪيو ٿو وڃي. مٿين نسخن کي پڙهي ڪري جتي عيسائين جي

ڪم علمي يا بد دیانتي جو احساس ٿئي ٿو تہ انهيءَ جاءِ تي ڪجھ ڪم جون ڳالهيون بہ ملن ٿيون. اهو هي تہ ڪن نسخن ۾ ”حمدا“ جو ترجمو ڪندي اشارو ڏنو ويو آهي تہ ”حمدا“ ڪنهن جذبي، ڪنهن مال يا دولت، يا ڪنهن تعريف يا توصيف جو نالو نہ آهي بلڪہ ”حمدا“ هڪ شخصيت، هڪ انساني وجود جو نالو آهي. انهيءَ جا مثال هيٺ پيش ڪجن ٿا:

”۽ هڪ سيني قومن جي خواهش ٿيل ايندو.“

”۽ هڪ اهو جنهنجي سيني قومن کي خواهش آهي ايندو.“

”سيني ماڻهن کي گهربل ايندا.“

”سيني غير قومن جي خواهش ايندو.“

شايد هي ڪوششون يا حقيقت بيانيون انهن هن ڪري ڪيون آهن تا ڪہ انهن جي ذريعي حضرت عيسىٰ ع جي وجود کي ثابت ڪرڻ ۾ هنن کي سولائي لڳي. پر اسان مٿي محترم عبدالاحد دائود صاحب جو عالمانہ تجزيو پيش ڪري چڪا آهيون، جنهن ۾ هو ڪيرئون اچي ڪري ڏين ٿا. هو فرمائين ٿا تہ:

”ٻن چوحرفي لفظن (tetrograms) حمدا (Hamida) ۽ احمد (Ahmed) ۾ رشتيداري، تعلق ۽ مماثلت انهيءَ کان علاوه بنياد حمد (hmd) جي سڄاڻپ جنهن کان ٻئي اسم نڪتل آهن، شڪ جو ڪو هڪ بہ جزو نہ ٿا ڇڏين تہ جملي ”ايند دي حمدا آف آل نيشنس ول ڪم“ (and the Hamida of all nations will come) (۽ سيني قومن جو حمدا ايندو) ۾ موضوع بحث ”احمد ص“ آهي، جنهن کي ”محمد ص“ چئجي ٿو. هتي حمدا ۽ ٻئي ڪنهن نالي ”يسوع“، ”مسيح“ يا ”نجات ڏيارينڊڙ“ ۾ پري پري جو ڪو بہ اشتقاقي ڳانڍاپو نظر نہ ٿو اچي. ايتري تائين جو ڪو هڪ بہ حرف پاڻ ۾ نہ ٿو ملي.“[1]

1. دائود، عبدالاحد، پروفيسر، (اڳوڻو: ريورنڊ: ڊيوڊ بنجامن ڪلداني، بشپ آف ارميہ)، ”محمد ان دي بائيبل“ (Muhammad in The Bible) ص 12

ڪتاب ملاڪي جو تعارف

هي ڪتاب حضرت ملاڪي ؑ ڏانهن منسوب آهي. بائيبل ۾ هن کان اڳ ملاڪي نالي ڪو به ماڻهو نه گذري چڪو آهي. ملاڪي يا ملاخي جي معني ۽ مفهوم آهي ”خدا تائين پهچائڻ ۾ مددگار“ يا ”خدا جي مدد پهچائڻ ۾ مددگار“ يا ”خدا تائين پهچائڻ وارو.“

حضرت ملاڪي ؑ جو شمار ”انبياءِ اصغر“ ۾ ڪيو ويندو آهي. هي ڪتاب ”پراڻو عهدنامو“ جو آخري نبي آهي. هن جو تعلق زبولون جي قبيلي سان ٻڌايو وڃي ٿو. يهودي هن کي نبي ڪري مڃيندا آهن ۽ هن جي ڪتاب کي وحي الاهي تسليم ڪندا آهن. حضرت ملاڪي ؑ حضرت نحمياه ؑ ۽ حضرت عزرا ؑ جو همعصر هو. هن جي نبوت جو دور حضرت حجي ؑ ۽ حضرت زڪرياه ؑ کان بعد جو آهي. هن جي دور ۾ يهودين ۾ تمام گهٽيون برائيون پئجي ويون هيون. هو هيڪل جو عشر ۽ هديه نه ڏيندا هئا، سبت جي حرمت کي وساري وينا هئا، رشوت خوري عام ٿي چڪي هئي، هو غيرن ۾ شاديون ڪرڻ لڳا هئا ۽ هنن مان سنت (طوهر) به ختم ٿيندي نظر اچي ٿي، تڏهن ته هو عهد (يعني طوهر) جي رسول ﷺ کي ياد ڪندي نظر اچي ٿو. حضرت ملاڪي ؑ جي تبليغ جا محور اهي سڀ برائيون هيون. سندس انتقال يروشلم ۾ ٿيو.

(38) عهد (يعني طوهر) جو رسول صہ

”ڏسو آءٌ پنهنجو پيغمبر موڪليندس ۽ هو منهنجي اڳيان راهہ تيار ڪندو ۽ خداوند جنهن جا اوهين طالب آهيو سو اوچتو پنهنجي هيڪل ۾ ايندو؛ ڏسو، لشڪرن جو خداوند ٿو فرمائي تہ عهد جو پيغمبر جنهن جا اوهين خواهشمند آهيو، اُهو ايندو. پر هن جي آمد جو ڏينهن ڪير سهي سگهندو؟ ۽ جڏهن هو ظاهر ٿيندو تڏهن ڪير بيهي سگهندو؟ ڇالاءِ جو هو سوناري جي باهہ ۽ ڌوٻيءَ جي صابڻ وانگي آهي.“[1]

تشريح

”ڏسو آءٌ پنهنجو پيغمبر موڪليندس ۽ هو منهنجي اڳيان راهہ تيار ڪندو“

عيسائين مطابق اهو حضرت يحيٰ عہ هو جيڪو حضرت عيسىٰ عہ جي لاءِ راهہ تيار ڪرڻ آيا هئا. اسان مسلمانن جي دعوي آهي تہ هو ۽ حضرت عيسىٰ عہ ٻئي اسان جي پياري پيغمبر حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جي لاءِ راهہ تيار ڪرڻ آيا هئا جيئن انجيل برناباس ۾ لکيل آهي. انهيءَ موضوع تي تفصيلي بحث اسان اڳ ۾ پيشنگوئي ”بيابان ۾ خداوند جو رستو تيار ڪريو“ ۾ ڪري چڪا آهيون، انهيءَ بابت اوڏانهن رجوع ڪريو.

”۽ خداوند جنهن جا اوهين طالب آهيو سو اوچتو پنهنجي هيڪل ۾ ايندو؛“

هن مان مراد حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم جو فتح مڪہ جي وقت قوت ۽ طاقت سان ڪعبت الله ۾ اچڻ آهي ۽ ڪافر سندس ايئن اچڻ ڏسي مبهوت ٿي ويا هئا. محترم عبدالاحد دائود هن آيت جي تشريح ڪندي فرمائين ٿا تہ هن مان مراد حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم جو معراج واري سفر دوران رات جو اوچتو هيڪل (بيت المقدس) ۾ اچڻ آهي. تفصيل لاءِ ڏسو صفحو نمبر 474 ـ 476 .

”لشڪرن جو خداوند ٿو فرمائي تہ عهد جو پيغمبر جنهن جا اوهين خواهشمند آهيو، اُهو ايندو“

عيسائين حسب روايت ”عهد جي پيغمبر“ جي معني مختلف لفظن سان فرمايو آهي. ڪٿي ”ميسينجر آف ڪووينن“ (Messenger of the covenant)،[2] ڪٿي ”اينجل آف ڪووينن“ (Angel of the covenant)،[3] ڪٿي

---

1. ملاڪي 3 : 1 ـ 2
2. https://www.biblegateway.com/passage/?search=Malachi+3&version=KJV
3. https://www.biblegateway.com/passage/?search=Malachi+3&version=DARBY

”ميسينجر آر انجيل آف دي ڪووينٽ“ (Messenger or Angel of the covenant)،[1] ڪٿي وري ”دي ون وٿ دي نيوز آف ايگريمينٽ“ (The one with the news of agreement)،[2] ڪٿي ”دي اينجل آف دي ٽيسٽامينٽ“ (The angel of the testament)،[3] ڪٿي وري پورو جملو مٽائي ڇڏيو اٿن جيئن هڪ هنڌ لکيو اٿن تہ ”دي ميسسينجر يو ڊزاير از ڪمنگ وٿ ماءِ پرامز“ (The Messenger you desire is coming with my promise)[4] ٻئي هنڌ لکيو اٿن تہ: ”دي ميسينجر يو آر ويٽنگ فار، دي ون وهو ول ٽيل اباؤٽ ماءِ اگريمينٽ“ (The messenger you are waiting for, the one who will tell about my agrement)،[5] ڪٿي وري ”دي ميسينجر آف اگريمينٽ“ (The messenger of the agreement)،[6] ڪٿي وري ”دي ميسينجر آف دي ايگريمينٽ (ڪووينٽ، ٽريٽي)“ (The messenger of agreement [covenant; treaty)،[7] ڪٿي ”دي ميسينجر آف دي پرامز“ (The messenger of the promise)،[8] ڪٿي وري ”دي ميسينجر آف گاڊز پرامزز“ (The Messenger of God's promises)،[9] ڪٿي وري ”دي ميسينجر آف گاڊز ڪووينٽ“ (The Messenger of God's covenant)،[10] ڪٿي وري ”دي اينجل آف دي ٽيسٽامينٽ“ (The angel of the testament)[11] لکيو اٿن.

توهان ڏسندو تہ هنن بائيبل جي هيترن سارن (درجن کان وڌيڪ) ورشنز ۾ هڪ جو ترجمو ٻئي سان نہ ٿو ملي. اجان تہ اسان پوري عبارت جي ترجمي جو فرق بيان ڪونہ ڪيو آهي. جيڪڏهن انهيءَ فرق کي هتي بيان ڪرڻ شروع ڪيون تہ هي هڪ وڏي مضمون جي شڪل اختيار ڪري ويندو. هيترن سارن مختلف ترجمن ڪرڻ کان پوءِ بہ عبارت جو صحيح ترجمو نہ ڪري سگهيا. چو تہ هنن سيني جي نيت ۾ ئي فتور آهي. هن جو صحيح ترجمو آهي ”ختني (طوهر) وارو پيغمبر.“ تفصيل هيٺ اچي رهيو آهي.

---

1. https://www.biblegateway.com/passage/?search=Malachi+3&version=AMPC
2. https://www.biblegateway.com/passage/?search=Malachi+3&version=NLV
3. https://www.biblegateway.com/passage/?search=Malachi+3&version=DRA
4. https://www.biblegateway.com/passage/?search=Malachi+3&version=CEV
5. https://www.biblegateway.com/passage/?search=Malachi+3&version=ERV
6. https://www.biblegateway.com/passage/?search=Malachi+3&version=ICB
7. https://www.biblegateway.com/passage/?search=Malachi+3&version=EXB
8. https://www.biblegateway.com/passage/?search=Malachi+3&version=GW
9. https://www.biblegateway.com/passage/?search=Malachi+3&version=TLB
10. https://www.biblegateway.com/passage/?search=Malachi+3&version=VOICE
11. https://www.biblegateway.com/passage/?search=Malachi+3&version=WYC

(الف) عهد جي معني

هنن مٿين سڀني معنائن کي جيڪڏهن يڪجا ڪجي ته نتيجو اهو نڪرندو ته اچڻ وارو اهو آهي: جنهن جي باري ۾ عهد ٿيل آهي ته اهو ايندو. يا وعدو ٿيل آهي يا ان بابت معاهدو ٿيل آهي. انهيءَ لاءِ انگريزيءَ ۾ هيٺيان لفظ استعمال ٿيل آهن:

(i) ڪووينٽ (Covenant) يعني عهد.

(ii) پرامز (Promise) يعني واعدو.

(iii) ايگريمينٽ (Agreement) معاهدو.

(iv) ٽريٽي (Treaty) يعني معاهدو.

(v) دي اينجل آف دي ٽيسٽامينٽ (The angel of the testament) يعني عهدنامي وارو فرشتو. هنن مان آخري مفهوم ته ذڪر جي قابل نه آهي، جو ته اچڻ واري هڪ انساني شخصيت آهي نه ڪه فرشتو. اها ڳالهه اڳ ۾ پٽ واري مفهوم کان صاف معلوم ٿئي ٿو.

هنن سڀني معنائن مان اهو نتيجو نڪري ٿو ته هڪ اهڙي شخصيت اچڻ واري آهي جنهن جي باري ۾ الله تبارڪ وتعالي اڳ ۾ ئي عهد، يا واعدو يا معاهدو ڪري چڪو آهي ۽ انهيءَ جي اچڻ بابت الله تبارڪ وتعالي اڳ ۾ ئي ٻڌائي چڪو آهي. انهيءَ جي شهرت ماڻهن کي معلوم ۽ معروف آهي. انهيءَ ڪري ماڻهن کي انهيءَ جي اچڻ جو انتظار به آهي.

حضرت ملاڪي ع "پراڻو عهدنامو" جو آخري پيغمبر آهي. هن کان اڳ انهيءَ اچڻ واري بابت گهڻيون ئي نشانيون ۽ علامتون بيان ڪيون ويون هيون. جيئن اوهان هن کان اڳ اسان جون بيان ڪيل حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم بابت نشانين طور پڙهي چڪا آهيو. جن کي ٻيهر دهرائڻ غير ضروري طوالت جو سبب ٿيندو. مختصرن ته توهان "شيلوه"، موسي جهڙو نبي ص، خداوند فاران جبل مان چمڪيو، رڻ پٽ مان سواري ڪري لنگهندڙ، ڪنڌ جو پهڻ، محمديم، ٻي ٻوليءَ ۾ ڳالهائيندڙ، ڪنڌ جي سري وارو قيمتي پٿر، اڻ پڙهيل (امي) کي ڪتاب ملڻ، بيابان ۾ خداوند جو رستو تيار ڪريو، خداوند طاقتمند وانگي ايندو، بيابان ۽ ان جا شهر ۽ قيدار جا آباد ڪيل ڳوٺ پنهنجو آواز بلند ڪن، الله جو چونڊيل، امتن مٿان شاهد ۽ سردار، حق جو حقدار کي ملڻ، چنڊ جو به ٽڪر ٿيڻ، اِسْمُهٗ اَحْمَدُ وغيره وغيره ۾ نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي اچڻ بابت لاتعداد پيشنگوئيون پڙهي چڪا آهيو. اهي سڀ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي عهد جي حيثيت رکن ٿيون ۽ هتي جنهن عهد جي پيغمبر جي اچڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي ان جي بازگشت انهن سڀني پيشنگوئين ڏانهن ۽ خصوصن ان عهد ڏانهن آهي جيڪو الله تبارڪ وتعالي حضرت ابراهيم ع سان ٻڌو هو. بلڪه مٿين سڀني عهدن جي

بازگشت بہ حضرت ابراهيم عہ سان ٻڌل عهد ڏانهن آهي. پر سوال اهو آهي تہ آخر اهو عهد ڪهڙو آهي؟ ان جي نوعيت ڇا آهي؟

(ب) عهد مان مراد

سوال هي آهي تہ اهو عهد ڪهڙو آهي؟ انهيءَ مان مراد ڇا آهي؟

اسان بائيبل ۾ ڏسون ٿا تہ الله تبارڪ وتعالي حضرت ابراهيم عہ سان مختلف عهد ڪندي نظر اچي ٿو.

(1) حضرت ابراهيم عہ جي اولاد کي وڌائڻ ۽ کيس ملڪ ڏيڻ جو واعدو.

(2) حضرت ابراهيم عہ جي پيروڪارن ۾ ختني (طوهر) جو عهد قائم ڪرڻ ۽ ختني وارو رسول موڪلڻ جو واعدو ڪرڻ.

(3) حضرت ابراهيم عہ جو پٽ کي ذبح ڪرڻ جو امتحان ڏيڻ جي نتيجي ۾ کيس ماڻهن جو امام مقرر ڪرڻ ۽ ساڻس هميشہ جو عهد ڪرڻ. اسان ترتيبوار هر هڪ تي بحث ڪنداسين.

(1)حضرت ابراهيم عہ جي اولاد کي وڌائڻ ۽ کيس ملڪ ڏيڻ جو واعدو.

هن بابت اسان سڀ کان پهرئين پيشنگوئي "الله تبارڪ وتعالي جو حضرت ابراهيم عہ سان واعدو" ۾ ذڪر ڪري چڪا آهيون. وري بہ انهن مان ڪجھہ آيتون اوهان آڏو پيش ڪجن ٿيون:

(i) "آءٌ تو مان هڪڙي وڏي قوم پيدا ڪندس، توکي برڪت ڏيندس، تنهنجو نالو سرفراز ڪندس ۽ تون برڪت جو سبب ٿيندين. جيڪي توکي مبارڪ چوندا، تن کي آءٌ برڪت ڏيندس ۽ جيڪي توکي پٽيندا تن تي لعنت ڪندس. توکان زمين جي سيني قبيلن کي برڪت ملندي."[1]

(ii) "... خداوند ابرام کي چيو تہ پنهنجون اکيون مٿي کڻ ۽ جتي تون بيٺو آهين، اتان اتر، ڏکڻ، اڀرندي ۽ الهندي پاسي نهار: ڇالاءِ تہ جيڪو ملڪ تون ڏسين ٿو. سو سڀ آءٌ توکي ۽ تنهنجي اولاد کي هميشہ لاءِ ڏيندس ۽ آءٌ تنهنجو اولاد زمين جي واريءَ جيترو ڪندس، اهڙو جو جيڪڏهن ڪو ماڻهو واريءَ جي ذرن کي ڳڻي سگهندو، تہ تنهنجي اولاد کي بہ ڳڻي سگهندو. اٿي هن زمين جي ديگھہ ۽ ويڪر گهمي ڏس، ڇو تہ اها آءٌ توکي ڏيندس."[2]

(iii) "انهي ڏينهن خداوند ابرام سان هڪڙو عهد ڪيو ۽ چيائينس تہ مون هي ملڪ مصر جي نديءَ کان وٺي وڏي ندي يعني فرات ندي تاءِ تنهنجي اولاد کي ڏنو آهي. يعني قيني، قنزي، قدموني، حتي، فرزي، رفائني، اموري، ڪنعاني، جرجاسي ۽ يبوسي، انهن سيني جو ملڪ مون تنهنجي اولاد کي ڏنو آهي."[3]

---

1. پيدائش 12 : 2 ـ 3
2. پيدائش 13 : 14 ـ 17
3. پيدائش 15 : 18 ـ 21

تالمود ۾ اها ڳالهه هن ريت بيان ٿيل آهي:

”اٺ ۽ ڪنعان جي زمين تي واپس وڃ. تون تنهنجي زال ۽ اهي سڀ جيڪي تنهنجي گهر ۾ پيدا ٿيا ۽ اهي سڀ جانون جيڪي تو حاران ۾ تيار ڪيون. ڇو ته مان توکي مصر جي دريا کان وٺي وڏي دريا يعني درياءِ افرات تائين جي زمين ڏئي چڪو آهيان.“[1]

اسان کي خبر آهي ته مصر جي ندي مشهور عالم ندي ”نيل ندي“ آهي. پر وليم ميڪڊونلڊ (William MacDonald) چوي ٿو ته: ”عام خيال آهي ته هي ننڍڙي ندي غزه جي ڏکڻ ۾ آهي ۽ اڄڪلهه انهي کي ”وادي العرش“ چيو ويندو آهي. مصر جي نديءَ مان نيل ندي مراد نه آهي.“[2]

هي عيسائين جو گمراهه ڪرڻ جو طريقو آهي. ڇو ته جيڪو علائقو ٻڌايو ويو آهي، انهيءَ مطابق نيل نديءَ جو علائقو مصر، حبشه ۽ سوڊان وغيره وارو علائقو آهي ۽ فرات نديءَ مان مراد عراق، اردن، شام ۽ ترڪي وغيره آهن.

اهو ئي سبب آهي جو اسرائيل پنهنجن حدن ۾ رهڻ لاءِ تيار نه آهي. هو هر وقت ڪنهن نه ڪنهن مسلمان ملڪ سان ڪهاند ڪيون پيو اچي ۽ هميشه ”گريٽر اسرائيل“ جي ڳالهه ڪندي نظر اچي ٿو. ڇو ته هنن کي يقين آهي ته الله تبارڪ وتعالي اهي سڀ ملڪ کيس ڏيڻ جو واعدو ڪيو آهي. انهيءَ گريٽر اسرائيل جي نقشي ۾ اڪثر عرب ملڪ اچي وڃن ٿا، جيڪي هاڻي مسلمانن وٽ آهن. هنن بائيبل ۾ تحريفون ڪري پنهنجي نسل کي به گمراهه ڪري ڇڏيو آهي. جيڪڏهن هنن اهي تحريفون نه ڪيون هجن ها ته اڄ جي نسل کي به خبر هجي ها ته اهو عهد اسحاق ع سان نه هو بلڪ عهد اسمائيل ع سان هو.

حضرت اسحاق ع سان جيڪو عهد هو، اهو ڪجهه هن ريت هو:

”پوءِ موسي موآب جي ميدان مان نبو جبل جي پسگهه نالي چوٽيءَ تي چڙهي ويو، جا يريحو جي سامهون آهي ۽ خداوند هن کي جلعاد جو سڄو ملڪ دان تائين ۽ فتاليءَ جو سڄو ملڪ ۽ افرائيم ۽ منسيءَ جو سڄو ملڪ ۽ يهوداهه جو سڄو ملڪ، پڇين سمنڊ تائين ۽ ڏکڻ جو ملڪ ۽ کجين جي وڻن واري شهر يريحو جي ماٿري واري ميدان صغر تائين ڏيکاريو ۽ خداوند هنکي چيو، ته هي اهو ملڪ آهي، جنهن بابت مون ابرهام سان، اضحاق سان ۽ يعقوب سان، قسم کڻي چيو هو ته اهو تنهنجي اولاد کي ڏيندس: اهو مون توکي تنهنجين اکين سان ڏيکاريو

---

1. تالمود (اردو)، عبراني کان انگريزي ترجمو:ايچ-پولانو، اردو ترجمو: اسٽيفن بشير، ص 40

2. ميڪڊونلڊ، وليم، تفسيرالکتاب (پيدائش-استثنا) اردو، مترجم: ڊي-چند، سموئيل، بشپ، مسيح اشاعت خانه، 36-فيروزپور روڊ، لاهور 1989ع، ص 40

آهي، پر تون لنگهي انهي تائين نہ ويندين. سو خداوند جي ٻانهي موسي، خداوند جي حڪم موجب، موآب جي ملڪ ۾ وفات ڪئي.“[1]

الله تبارڪ وتعاليٰ پنهنجو عهد پورو ڪيو. اها زمين بني اسرائيل وارن کي ملي. پر پوءِ هنن الله جي اطاعت کان منهن موڙي ڇڏيو. گناهن ۾ غرق ٿي ويا. ايتري تائين جو بدمست ٿي ڪري سرعام نبين کي مارڻ لڳا. الله تبارڪ وتعاليٰ هنن جي انهن ڪڌن ڪرتوتن تي سخت ناراض ٿيو.

هن جي ناراضگيءَ جي اظهار بابت اسان مختلف جڳهن تي بائيبل کان آيتون نقل ڪيون آهن. تفصيل لاءِ ڏسو پيشنگوئي نمبر 19 ”بني اسرائيل تي الله جو غصو“ يا صفحہ نمبر... تي ڏسو”خداوند جو ملڪ تباہ ڪرڻ جو پڪو ارادو“جنهن ۾ حضرت يسعياہ عہ کين ٻڌائي ٿو تہ:

”مون الله تبارڪ وتعاليٰ کان ٻڌو آهي تہ هن توهان جي ملڪ کي تباھ ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪري ڇڏيو آهي.“[2]

يا اڳتي هلي حضرت يسعياہ عہ ٻڌائي ٿو تہ الله تبارڪ وتعاليٰ فرمائي ٿو تہ:

”آءٌ پاڪ مڪان جي سردارن کي ناپاڪ ڪندس ۽ يعقوب کي لعنت ۽ اسرائيل کي ملامت ٺهرائيندس.“[3]

يا وري حضرت حزقيل عہ جي زباني کين ٻڌايل آهي تہ:

”پوءِ اي سخت قتيل شرير شخص، اسرائيل جا سردار، جنهن جو ڏينهن اچي پهتو آهي، يعني پڇاڙيءَ جي سزا جو وقت. خداوند خدا هيئن ٿو فرمائي تہ پنهنجي پڳ ۽ ڇٽ لاهي ڇڏ: هي اڳتي اهڙو ساڳيو نہ رهندو: جيڪي هيٺ آهي تنکي مٿي ڪر ۽ جيڪي مٿي آهي تنکي هيٺ ڪر. آءٌ انهيءَ کي اونڌو ڪندس، اونڌو، اونڌو ڪندس، پوءِ هي اڳتي اهڙو نہ رهندو. جيستائين اهو اچي جنهن جو حق آهي. آءٌ اهو انهيءَ کي ڏيندس ۽ تون اي آدمزاد، نبووت ڪر، تہ خداوند خدا بني عمون جي نسبت ۽ سندس خواريءَ جي نسبت ۾ هيئن ٿو فرمائي: ۽ تون چئو تہ هڪڙي ترار ڪڍي وئي آهي، ڪوس لاءِ چمڪائي وئي آهي، تہ اها وڄ وانگر ناس ڪري. جيسين ڪہ هو تنهنجي لاءِ اجايون شيون ڏسن ۽ تنهنجي لاءِ ڪوڙيون فالون وجهن، انهيءَ لاءِ تہ توکي انهن شريرن جي ڪنڌن تي رکن جي سخت قتيل آهن، جنجو ڏينهن اچي پهتو آهي، يعني پڇاڙي جي سزا جو وقت. انهيءَ کي موٽائي ميان ۾ وجهہ. جنهن هنڌ تون پيدا ٿيو هيئن، جنهن زمين ۾ تون ڄائو هيئن، انهيءَ ۾ آءٌ تنهنجي عدالت ڪندس ۽ آءٌ

---

1. استثنا 34 : 1 ـ 5
2. يسعياہ 28 : 22
3. يسعياہ 43 : 28

پنهنجي ڪاوڙ تو تي ڇنڊيندس؛ آءٌ پنهنجي غضب جي باھ توتي ڦوڪي وجهندس ۽ آءٌ جهنگلي ماڻهن جي هٿ ۾ ڏيندس، جي ماري ڇٽ ڪرڻ ۾ هوشيار آهن. تون باھ ۾ ڪاٺين جي بجاءِ ٿيندين؛ تنهنجو رت انهيءَ زمين جي وچ ۾ وهندو: تون وري اڳتي ياد ڪيو نہ ويندين: ڇالاءِ جو مون خداوند ايئن فرمايو آهي.”[1]

جيئن تہ اهو ابدي عهد نہ هو تنهن ڪري هنن جي نافرمانين جي سزا ۾ ڪانئن اهو سڀ ڪجهہ کسيو ويو ۽ نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي اچڻ سان اهو سمورو علائقو عربن کي مليو. جيڪو چوڏهن سو سالن کان مسلمانن جي هٿ ۾ آهي ۽ اهو هن ڳالھ جو ثبوت بہ آهي تہ: ”اهو ابدي عهد حضرت اسمائيل عہ سان ڪيو ويو هو.“

تنهن ڪري جڏهن حقدار آيو تہ انهيءَ کي حق ملي ويو. ”شيلوه“ جي هڪڙي معني اها بہ آهي تہ: ”جڏهن اهو اچي جنهنجو هي حق آهي.“

گذريل 70 سالن کان امريڪا، برطانيہ، روس، جرمني ۽ فرانس سازش ڪري يهودين کي ”اسرائيل“ نالي هڪ ننڍڙي رياست ٺاهي ڏني آهي ۽ وڏي زور ۽ جبر سان ان کي قائم رکيون اچن ٿا.

پر انهيءَ مان هو حضرت ابراهيم عہ سان ڪيل واعدي جا مصداق نہ ٿا ٿي سگهجن.

(2) حضرت ابراهيم عہ جي پيرو ڪارن ۾ ختني جو عهد قائم ڪرڻ ۽ ختني وارو رسول صہ موڪلڻ جو واعدو ڪرڻ.

ٻيو موقف هي آهي تہ هتي هن عبارت جو ترجمو ”عهد جو رسول“ ڪرڻ ئي غلط آهي. ڇو تہ لفظ آهي ”ملک الختان“ جنهنجي معني آهي ”ختني وارو رسول“.

بائيبل ۾ اهو ختني وارو عهد هن ريت بيان ٿيل آهي:

”جڏهن ابرام نوانوي ورهين جو ٿيو، تڏهن خداوند ابرام کي ڏيکاري ڏني ۽ چيائينس تہ آءٌ قادر مطلق خدا آهيان، تون منهنجي حضور ۾ هل ۽ ڪامل ٿي. آءٌ پنهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾ عهد ڪندس ۽ توکي گهڻو وڌائيندس. تڏهن ابرام جهڪي سجدو ڪيو: ۽ خدا ساڻس ڳالهايو ۽ چيائينس تہ ڏس، منهنجو تو سان عهد آهي. تون گهڻن قومن جو پيءُ ٿيندين اڳتي تنهنجو نالو ابرام نہ پر ابرهام سڏبو، ڇالاءِ جو مون توکي گهڻين قومن جو پيءُ ڪيو آهي. آءُ توکي گهڻي اولاد وارو ڪندس. تومان قومون پيدا ڪندس ۽ تنهنجي اولاد مان بادشاھ نڪرندا. آءٌ پنهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾ ۽ توکان پوءِ تنهنجي نسل جي وچ ۾، انهن جي سڀني پيڙهين لاءِ ابدي عهد ڪندس. آءٌ تنهنجو ۽ توکان پوءِ تنهنجي اولاد جو خدا ٿيندس. آءٌ توکي ۽ توکان پوءِ تنهنجي اولاد کي هيءَ زمين، يعني ڪنعان

---

1. حزقي ايل 21 : 25 ـ 32

جو سارو ملڪ جنهن ۾ تون پرديسي آهين، سو هميشہ جي لاءِ قبضي ۾ ڏيندس ۽ آءٌ انهن جو خدا ٿيندس ۽ خدا ابرهام کي چيو تہ تون منهنجو عهد مجيندو رهجہ تون ۽ توکان پوءِ تنهنجو اولاد، سيني پيڙهين تائين اهو مجيندا رهجو ۽ منهنجو عهد، جيڪو منهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾ ۽ توکان پوءِ تنهنجي نسل جي وچ ۾ آهي، جو اوهين مجيندا رهندا سوهي آهي؛ تہ اوهان مان سڀ ڪنهن مرد جو ختنو ڪيو وڃي. اوهين پنهنجي بدن جي کل جو ختنو ڪرائجو؛ اهو منهنجي ۽ اوهان جي وچ ۾ ڪيل عهد جو نشان ٿيندو. اوهان جي سيني پيڙهين ۾ سڀ ڪنهن ڇوڪر جو جڏهن هو اٺن ڏينهن جو ٿئي، تڏهن ختنو ڪيو وڃي. پوءِ توڙي هو تنهنجي گهر ۾ ڄاول هجي يا ڪنهن ڌارئي ماڻهوءَ کان، جو تنهنجي نسل مان نہ آهي، پر پيسن تي خريد ڪيل آهي. سيڪو مرد جو تنهنجي گهر ۾ ڄاول هجي، يا پيسن تي خريد ڪيل هجي، تنهنجو ختنو ڪيو وڃي: منهنجو عهد اوهان جي جسم ۾ ابدي عهد ٿيندو ۽ نامختون مرد جنهنجي جسم جي کل جو ختنو ٿيل نہ هجي سو امت مان ٻاهر ڪڍيو وڃي؛ ڇالاءِ جو هن منهنجو عهد ڀڳو آهي."[1]

سو الله تبارڪ وتعالي فرمايو تہ:

"خدا ابرهام کي چيو تہ تون منهنجو عهد مجيندو رهجہ تون ۽ توکان پوءِ تنهنجو اولاد، سيني پيڙهين تائين اهو مجيندا رهجو ۽ منهنجو عهد، جيڪو منهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾ ۽ توکان پوءِ تنهنجي نسل جي وچ ۾ آهي، جو اوهين مجيندا رهندا سوهي آهي؛ تہ اوهان مان سڀ ڪنهن مرد جو ختنو ڪيو وڃي. اوهين پنهنجي بدن جي کل جو ختنو ڪرائجو؛ اهو منهنجي ۽ اوهان جي وچ ۾ ڪيل عهد جو نشان ٿيندو."

يعني هي آهي اهو عهد جيڪو حضرت ابراهيم عہ سان ڪيو ويو هو. اڳتي فرمائين ٿا تہ:

"منهنجو عهد اوهان جي جسم ۾ ابدي عهد ٿيندو."

وري فرمائين ٿا تہ:

"نامختون مرد جنهنجي جسم جي کل جو ختنو ٿيل نہ هجي سو امت مان ٻاهر ڪڍيو وڃي؛ ڇالاءِ جو هن منهنجو عهد ڀڳو آهي."

يهودي هن عهد جا سخت پابند هئا. اسان ڏسون ٿا تہ جڏهن ڪنعان جي شهر سڪم ۾ اتان جي حاڪم امير حوي حمور جو پٽ سڪم حضرت يعقوب عہ جي اڪيلي ڌيءَ دينہ جي آبروريزي ڪري ٿو ۽ بعد ۾ امير پنهنجي پٽ لاءِ هن جي ٻانهن گهري ٿو تہ حضرت يعقوب عہ ۽ هن جا پٽ هنن جي آڏو صرف هڪ شرط رکن ٿا تہ پهريون هو سڀ پنهنجو ختنو ڪرائين پوءِ اسان توهان سان نياڻين جي ڏي وٺ ڪنداسين ۽ هو هنن جي

1. پيدائش 17 : 1 ـ 14

اها شرط مجيندي سيئي پنهنجو ختنو ڪرائين ٿا. پر پوءِ حضرت يعقوب ع جا ٻه پٽ عهد کي ٽوڙيندي هنن جي سيني مردن کي قتل ڪري ڇڏين ٿا ۽ هنن جو سڀ مال متاع ڦرن ٿا. هي سمورو واقعو ڪتاب پيدائش جي باب 34 ۾ تفصيل سان لکيل آهي.

هن مان اها به خبر پوي ٿي ته يهودين جو دين عالمگير دين نه هو بلڪ اهو صرف هنن جي پنهنجي قبيلي لاءِ هو. هو ٻين کي پنهنجي مذهب ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت ئي ڪونه ڏيندا هئا ۽ حضرت عيسىٰ ع ته آيو ئي هن دين ۾ پيل بگاڙ کي درست ڪرڻ لاءِ هو نه ڪ ٻين قومن ۾ تبليغ ڪرڻ لاءِ آيو هو ۽ ٻيو هن ڳالهه جي به خبر پئجي وئي ته عهد شڪني يهودين جي وڏن ڪان وٺي هنن ۾ هئي. سو تاريخ هنن جي عهد شڪنين سان ڀري پئي آهي. قرآن به هنن جي گهڻين عهد شڪنين جو ذڪر ڪري ٿو جيڪو هو الله سان ڪري پوءِ ان کي ٽوڙي ڇڏيندا هئا. بلڪ چوندا هئا:

سَمِعْنَا وَعَصَيْنَا[1] يعني: "ٻڌوسون ۽ نه مڃيوسون."

بحرحال پوءِ به هو ختني واري عهد کي برقرار رکيون پيا اچن. پر عيسائين الله تبارڪ وتعالي جي ايڏي وڏي تاڪيد ڪان پوءِ به ختني جي عهد کي پنيءَ پر اڇلائي ڦٽو ڪري ڇڏيو. حالانڪ حضرت عيسىٰ ع جو ختنو ڪيو ويو هو:

"جڏهن اٺ ڏينهن پورا ٿيا ۽ هن جي ختني جو وقت آيو ته هن جو نالو يسوع رکيو ويو جيڪو فرشتي هن جي رحم ۾ پوڻ ڪان اڳ رکيو هو."[2]

پر اسان ڏسون ٿا ته عيسائي حضرت عيسىٰ ع ڪان وڌيڪ پولس جي تعليمات تي عمل ڪري رهيا آهن. جنهن هنن ۾ ٽرنٽي (Trinity) جو بنياد رکيو، سوئر کي حلال ڪري ڇڏيو ۽ ختني جي اهميت کي بلڪل ختم ڪري ڇڏيو. هن چيو ته:

"ڏسو! مان پولس توهان کي چوان ٿو ته جيڪڏهن اوهين ختنو ڪرائيندا ته مسيح ڪان اوهان کي ڪو فائدو ڪونه پهچندو. آئون سڀ ڪنهن ختني ٿيل ماڻهوءَ تي وري به شاهدي ٿو ڏيان، ته اهو ساري شريعت تي عمل ڪرڻ لاءِ ٻڌل آهي. اوهين جي پاڻيو ٿا ته شريعت جي وسيلي راستباز ثابت ٿيون، سي مسيح ڪان ڌار ٿي ويا؛ اوهين فضل ڪان محروم آهيو. ڇالاءِ جو اسين روح جي وسيلي ايمان جي ڪري راستبازيءَ جي اميد جا منتظر آهيون. ڇالاءِ جو مسيح يسوع ۾ نڪي مختوني ڪنهن

---

1. سورة البقره : 93
2. لوقا 2 : 21

ڪم جي آهي، نڪي نامختوني؛ پر ايمان، جو محبت جي وسيلي اثر ڪري.“[1]

وري اڳتي فرمائين ٿا ته:

”ڏسو! ڪهڙن نه وڏن وڏن اکرن سان مون پنهنجي هٿ سان اوهان ڪي لکيو آهي. جيڪي ماڻهو جسماني ڏيک ڪرڻ ٿا گهرن سي اوهانکي ختني ڪرائڻ لاءِ زور ٿا ڪن، رڳو انهي لاءِ ته مسيح جي صليب جي سبب هو ستايا نه وڃن. ڇالاءِ جو ختني وارا پاڻ به شريعت تي عمل نه ٿا ڪن؛ پر اهي رڳو انهي لاءِ اوهانجو ختنو ڪرائڻ ٿا گهرن ته اوهان جي جسماني حالت تي فخر ڪن. پر شل ايئن نه ٿئي ته آئون ڪنهن ڳالهه تي به فخر ڪريان، سواءِ پنهنجي خداوند يسوع مسيح جي صليب تي، جنهنجي وسيلي جهان منهنجي نسبت صليب تي چڙهيو آهي ۽ آئون جهان جي نسبت. ڇالاءِ جو مختوني ڪجهه به نه آهي ۽ نامختوني به ڪجهه نه آهي، پر جيڪي آهي سو نئين سر پيدا ٿيڻ آهي ۽ جيڪي به انهي قاعدي تي هلندا، تن تي ۽ خدا جي اسرائيل تي، شل رحم ۽ اطمينان هجي.“[2]

حضرت عيسىٰ ع جي حوارين مان هڪ برناباس اهڙو هو جيڪو عيسائين ۾ پونڌڙ هنن گمراهه ڪندڙ عقيدن کي سمجهي پيو. هو انهن غلط عقيدن خلاف اٿي بيٺو. هن چيو:

”عزيزو! بيشڪ خداءِ عظيم لاريب عجيب هن پوئين زماني ۾ پنهنجي نبي يسوع مسيح جي معرفت اسان جي سار سنڀال پنهنجي مهربانيءَ سان ڪئي. انهن آيتن ۽ هن تعليم جي باري ۾ جنهن کي شيطان تقوي جي نمائشي دعوي سان گهڻن ئي ماڻهن کي گمراهه ڪرڻ جو ذريعو بڻايو آهي.

(اهڙي ماڻهو ڪي) هو سخت ڪفر جي منادي ڪرڻ وارا آهن.

مسيح کي خدا جو پٽ چون ٿا ۽ ختنو ڪرائڻ کان انڪار ڪن ٿا جنهنجو خدا هميشه حڪم ڏنو آهي. هر نجس گوشت کي جائز ٻڌائين ٿا.

هي اهڙا ماڻهو آهن جو انهن جي ڳڻپ ۾ پولس به گمراهه ٿيو. هو (پولس) جو هن جي نسبت ڪجهه چوان، افسوس سان ئي چوان ٿو. اهو ئي اهڙو سبب آهي جو انهيءَ جي وجه کان مان هن حق کي لکي رهيو آهيان. جيئن ته مان انهيءَ وچ ۾ ڏٺو ۽ آهي جڏهن ته مان يسوع جي رفاقت ۾ هيس ۽ هي انهيءَ لاءِ لکان ٿو ته جيئن توهان ڇوٽڪارو حاصل ڪيو.“[3]

---

1. گلتين 5 : 1 ـ 6
2. گلتين 6 : 11 ـ 16
3. انجيل برناباس (اردو)، مترجم: انصاري، محمد حليم، مولانا، اداره اسلاميات، ڪراچي لاهور، پهريون دفعو، ربيع الاول 1424 هه، 2003ع، ص 109.

پر عيسائين چا ڪيو جو انهيءَ محترم برناباس ع جي انجيل کي رد ٿيل ڪتابن ۾ شامل ڪري هميشه هميشه لاءِ اڇلائي ڇڏيو. صدين بعد هن جو نسخو دستياب ٿيو. پر عيسائي اڄ تائين انهيءَ کي مڃڻ لاءِ تيار نه آهن. ٻئي طرف گمراهه پولس جي تعليمات کي پنهنجي ڪتاب ”نئين عهدنامي“ ۾ شامل ڪري پنهنجي گمراهيءَ جو رستو گهڙي ڇڏيو.

پولس جي تعليمات جو نتيجو هي نڪتو ته عيسائين ختنو ڪرائڻ ئي ڇڏي ڏنو.

هاڻي جڏهن توهان حضرت ابراهيم ع جي عهد کي ئي ختم ڪري ڇڏيو. جنهن جي باري ۾ حضرت ابراهيم ع فرمايو ته:

”نامختون مرد جنهنجي جسم جي کل جو ختنو ٿيل نه هجي سو امت مان ئي ٻاهر ڪيو وڃي. ڇا لاءِ جو هن منهنجو عهد ڀڳو آهي.“

ته توهان ته حضرت ابراهيم ع جي امت مان ئي ٻاهر نڪري ويا آهيو. توهان ڏٺو آهي ته امريڪا بهادر ايران سان ايٽمي معاهدو ڪري جنهن ۾ ٻيا ملڪ به شامل هئا يڪطرفو معاهدي کان علحدگيءَ جو اعلان ڪيو ۽ جڏهن انهيءَ معاهدي تحت ايران تي هٿيارن جي خريد فروخت جي پابنديءَ جي مدت ختم ٿيڻ تي آئي ته امريڪا بهادر وري ميدان ۾ اچي ويو ته ايران تي هٿيارن جي خريد فروخت جي پابندي جي مدت وڌائي وڃي ۽ چوڻ لڳو ته اڃان مان معاهدي جو فريق آهيان. تڏهن ڪيس ٻين ملڪن به چيو ته تون هاڻي معاهدي جو فريق نه رهيو آهين. تنهن ڪان پوءِ هن الڳ ڪان ايران تي پابندين هڻڻ لاءِ قرارداد پيش ڪئي ۽ دنيا ۾ پهريون دفعو امريڪا جي قرارداد رد ٿي وئي ۽ هن کي وڏي شرمندگيءَ کي منهن ڏيڻو پيو.

سو عيسائي حضرات جڏهن عهد کي پنهنجي هٿن سان رديءَ جي ٽوڪري ۾ وجهي ڇڏيو ته پوءِ هاڻي ڪهڙو عهد؟ ڪهڙو عهد جو رسول؟ هو ڪنهن جي ڳالهه ڪن پيا؟

جڏهن ته اسان ڏسون ٿا ته مسلمان حضرت ابراهيم ع سان الله تبارڪ وتعالي جي ڪيل انهيءَ عهد جي باقاعدي پاسداري ڪندي نظر اچن ٿا ۽ پنهنجي پٽن جو ختنو (طوهر) وڏي ڌام ڌوم سان ڪندي نظر اچن ٿا. جيڪڏهن ڪنهن شخص کي پنهنجي پٽ جو ختنو (طوهر) ڪرڻ ۾ ڪنهن به سبب کان دير ٿي وڃي ٿي ته سندس عزيز واقارب ۽ دوست و احباب ڪيس هي چوندي نظر اچن ٿا ته:

”ادا! پنهنجي پٽ کي مسلمان ته ڪر!“

يعني هن جو ختنو (طوهر) ته ڪر. يعني مسلمان ان وقت تائين مسلمان نه ٿو سڏجي سگهجي جيستائين هو پنهنجي سنت طوهر نه ٿو ڪري.

هن مان ثابت ٿيوته اهو عهد وارو رسول يا سنت طوهر وارو رسول اسان جو پيارو پيغمبر حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليه وعلي آله واصحابه وسلم آهي، نه ڪه حضرت عيسي ع هن پيشنگوئي ۾ حضرت عيسىٰ ع جو ڪردار صرف ايترو آهي جو هو حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليه وعلي آله واصحابه وسلم جي راهه تيار ڪرڻ لاءِ آيو هو. جيئن فرمايو ويو آهي ته:

”ڏسو! آءٌ پنهنجو پيغمبر موڪليندس ۽ هو منهنجي اڳيان راهه تيار ڪندو.“

(i) شبلي نعماني جي تحقيق

سيرت النبي شبلي نعماني ۾ هنن آيتن جي تفسير ۾ لکيل آهي ته:

”صحيح بخاري ۾ آهي ته: ابن الناطور جيڪو بيت المقدس جو امير (گورنر) هو، هرقل جو مصاحب ۽ شام جي عيسائين جو اسقف (وڏو پادري) هو، هو بيان ڪري ٿو ته:

”هڪ ڏينهن صبح جو هرقل بيت المقدس ۾ تمام پريشان حال هو. هن جي درٻارين چيو:

”اڄ اوهان جي حالت تمام بدليل آهي.“

ابن الناطور چيو: هرقل نجومي هو، ستارن ۾ غور ۽ فڪر ڪندو هو. هن هنن ماڻهن جي سوال جي جواب ۾ چيو:

”اڄ رات جڏهن مان ستارن ۾ غور ڪيو ته مون ڏٺو ته ختني (طوهر ڪرڻ) واري قوم جو بادشاه (مَلِڪَ الخِتَانِ) غالب اچي ويو آهي. سو هن زماني ۾ ماڻهن ۾ ڪير ختنو ڪندا آهن؟“

هنن چيو ته:

”صرف يهودي ختنو ڪندا آهن. سو توهان پريشان نه ٿيو ۽ توهان پنهنجي ملڪ جي سيني شهرن ڪي هي حڪم لکي ڪري موڪليو ته هن سال يهودين وٽ جيترا ٻار پيدا ٿين سڀ قتل ڪيا وڃن.“

بس هو ماڻهو انهي معاملي ۾ مشغول هئا ته هرقل وٽ هڪ شخص ڪي آندو ويو جنهن ڪي غَسَانَ جي بادشاه موڪليو هو. هن رسول الله صلي الله عليه وسلم جي ظهور جي خبر ڏني. جڏهن هرقل هن جي پوري خبر معلوم ڪري ورتي ته چيائين:

”وڃي معلوم ڪر ته هو ختني جا قائل آهن يا نه؟“

هن پاڻ سڳورن ﷺ جا حالات معلوم ڪيا ته ماڻهن ٻڌايو ته هو ختني جا قائل آهن ۽ هرقل هن شخص کان عربن جي باري ۾ سوال ڪيو ته هن چيو ته:

”عرب ختنو ڪندا آهن.“

پوءِ هرقل چيو ته: ”هي ئي امت جا بادشاه آهن، جيڪي ظاهر ٿي

چڪا آهن.“

هرقل جو هڪ گورنر روميہ ۾ هو. جيڪو علم ۾ هن جي ٽڪر جو هو. هرقل هن کي خط لکي ڪري معلوم ڪيو ۽ خود هرقل حمص جي لاءِ روانو ٿيو. اڃان هو حمص نہ پهتو هو تہ هن وٽ هن جي دوست جو خط اچي ويو. هن جي راءِ بہ هرقل جي موافق هئي تہ نبي صلي الله عليہ وسلم جو ظهور ٿي ويو آهي ۽ پاڻ صہ برحق نبي آهن. تڏهن هرقل روم جي سردارن کي پنهنجي حمص جي محل ۾ گهرايو ۽ دروازن کي بند ڪرڻ جو حڪم ڏنو. محل جا دروازا بند ڪيا ويا. پوءِ هو هنن جي سامهون آيو.

پوءِ چيائين: ”اي روم جي جماعت! هميشہ جي ڪاميابي ۽ هدايت جي حصول جي باري ۾ پنهنجي ملڪ جي بقا جي باري ۾ توهان جي ڪهڙي راءِ آهي؟ سو توهان انهيءَ نبي جي بيعت ڪري وٺو.“

هي ٻڌندي ئي هو وحشي گڏهن وانگر دروازن ڏانهن ڊوڙيا. پر دروازا تہ بند ڪيا ويا هئا. آخرڪار جڏهن هرقل هنن جي انهيءَ وحشت کي ڏٺو ۽ هنن جي ايمان کان مايوس ٿي ويو تہ چيائين: ”هنن کي مون وٽ واپس آڻيو.“

۽ چيائين: ”مون هاڻي جيڪا تجويز پيش ڪئي هئي تہ انهيءَ کان مان توهان جي دين جي شدت کي آزمائي رهيو هيس. سو مون کي خبر پئجي وئي.“

پوءِ انهن سيني سردارن هرقل کي سجدو ڪيو ۽ هن کان راضي ٿي ويا ۽ اهو هرقل جو آخري شان هو.“[1]

اسان جا محدث هن خبر جي صحيح حقيقت نہ سمجهي سگهيا آهن ۽ انهيءَ جي ڪري ”ملڪ الختان“ جو تلفظ نہ مَلِڪ (بادشاه) آهي ۽ نہ مَلَڪَ (فرشتو)، بلڪہ ملاڪ آهي، جنهن جي معني ”فرستاده ۽ پيغمبر“ جي آهي. جنهنجي اصل عربي ۾ ”لوڪ“ بمعني ”پيغام“ آهي. جيڪڏهن هي لفظ عربي تلفظ ۾ مَلَڪَ پڙهيو وڃي تہ هي لفظ هن موقعي تي ”فرشتي“ جي اصطلاحي معني ۾ نہ، بلڪہ فرستاده جي لغوي معني ۾ مستعمل ٿيو آهي. قيصر (هرقل) جو هي لفظ ”ملاڪ الختان“ (ختني وارو پيغمبر) استعمال ڪرڻ درحقيقت توريت جي هڪ پيشنگوئي ڏانهن اشارو آهي.

---

1. سيرت النبي صہ شبلي نعماني ۾ هن حديث جي آخري حصي کي ڪجهہ مختصر ڪيو ويو آهي. اسان محترم غلام الرسول سعيدي جي ڪتاب ”نعمت الباري في شرح صحيح بخاري“ کان مڪمل طور تي لکيو آهي. سعيدي، غلام الرسول، علامہ، ”نعمت الباري في شرح صحيح بخاري“، فريدي بڪ اسٽال 38_اردو بازار، لاهور، الطبع السابع: شوال1434هہ سيپٽمبر 2013ع، جلد اول، ص 154، حديث نمبر 7

ملاخيا (ملاڪي) نبي جي ڪتاب ۾ هي پيشنگوئي هنن لفظن ۾ موجود آهي:

”ڏسو آءٌ پنهنجو پيغمبر موڪليندس ۽ هو منهنجي اڳيان راهه تيار ڪندو ۽ خداوند جنهن جا اوهين طالب آهيو سو اوچتو پنهنجي هيڪل ۾ ايندو؛ ڏسو، لشڪرن جو خداوند ٿو فرمائي ته؛ ”ختني وارو پيغمبر“ جنهن جا اوهين خواهشمند آهيو، اُهو ايندو. پر هن جي آمد جو ڏينهن ڪير سهي سگهندو؟ ۽ جڏهن هو ظاهر ٿيندو تڏهن ڪير بيهي سگهندو؟ ڇالاءِ جو هو سوناري جي باهه ۽ ڌوٻيءَ جي صابڻ وانگي آهي.“[1]

اڄڪلهه جي ترجمن ۾ ”ختني وارو پيغمب“ جي بجاءِ ”عهد جو پيغمبر“ لکيل آهي. هي ترجمو صحيح نه ڪٽي هجي ته هن جي معني هي آهي ته الله تعالي حضرت ابراهيم ع جي دعا جي جواب ۾ جنهن پيغمبر جي بعثت جو واعدو فرمايو هو ان جي متعلق هي بشارت آهي. پر اصل هي آهي ته توريت جي زبان ۾ ”ختنو“ نسل ابراهيمي جي جسم تي خدا ۽ ابراهيم ع جي وچ ۾ ”عهد ۽ ميثاق“ جي مُهر جو نالو آهي. توريت ۾ جتي ”ختني“ جو حڪم آهي، لکيل آهي:

”۽ منهنجو عهد، جيڪو منهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾ ۽ تو ڪان پوءِ تنهنجي نسل جي وچ ۾ آهي؛ جو اوهين مڃيندا رهندا، سو هي آهي، ته اوهان مان سڀ ڪنهن مرد جو ختنو ڪيو وڃي.“[2]

انهيءَ ڪري ”ختني“ جي بجاءِ ترجمي ڪندڙن ”عهد“ جو لفظ رکي ڇڏيو. معلوم ٿو ٿئي ته حضور صلي الله عليہ وسلم جي ولادت جي ويجهي زماني ۾ هن پيشنگوئي مطابق انهيءَ ”ختني واري پيغمبر“ جو يهودين ۽ نصارن ٻنهي کي انتظار هو ۽ روم جو قيصر (هرقل) انهيءَ پيشنگوئي جي پوري ٿيڻ جو منتظر هو.

انهيءَ ڪان اها خبر به پئي ته هي بشارت حضرت عيسىٰ ع جي حق ۾ نه هئي. ڇو ته جيڪڏهن هن جي حق ۾ هجي ها ته عيسائي قيصر هُن جي اچڻ جو منتظر نه هجي ها. ”ختني جو پيغمبر“ جي لفظ مان هن ڳالهه جو اشارو به سمجهيو ويندو آهي ته اهو مختون قوم ۾ ظاهر ٿيندو ۽ عيسائي مذهب هن رسم کي باطل قرار ڏنو آهي. يهوديت ڪان پوءِ اسلام ئي آهي جنهن ابراهيم ع جي نسل جي انهيءَ عهد کي دنيا ۾ هميشہ برقرار رکيو آهي.“[3]

---

1. ملاڪي 3 : 1 ـ 2
2. پيدائش 17 : 10
3. نعماني، شبلي رحہ علامہ ۽ ندوي، سليمان، سيد، ”سيرت النبي صلي الله عليہ وسلم“، الميزان ناشران وتاجران ڪتب، اردو بازار، لاهور، سن اشاعت: 2004ع، جلد سوم، ص 415_416

(ii) اسلام قبول ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ وڏي پادري ضغاطر جو قتل

علامہ غلام الرسول سعيدي صحيح بخاري واري مٿين حديث جو حوالو ڏيندي لکي ٿو تہ:

”هن حديث ۾ ذڪر ٿيل آهي تہ هرقل جو هڪ دوست روميہ (روم جي شهر) ۾ هو،جيڪو علم ۾ هن جي ٽڪر جو هو. هرقل هن کي خط لکي ڪري معلوم ڪيو ۽ هو پاڻ حمص روانو ٿي ويو. اجان حمص نہ پهتو هو تہ هن وٽ هن جي دوست جو خط اچي ويو. هن جي راءِ بہ هرقل جي موافق هئي تہ نبي صلي الله عليہ وآلہ وسلم جو ظهور ٿي چڪو آهي ۽ پاڻ صہ برحق نبي آهن. هرقل جي هن دوست جو نالو ضغاطر هو. هن جي باري ۾ حافظ ابن حجر عسقلاني متوفي 852 ھ لکن ٿا:

”حضرت دحيہ رضہ بيان ڪن ٿا تہ جڏهن مان نبي صلي الله عليہ وآلہ وسلم جو خط کڻي ضغاطر وٽ ويس تہ هن چيو:

”اِهي ئي اُهي نبي صہ آهن جنهنجو اسين انتظار ڪري رهيا هياسون ۽ جنهن جي اسان کي حضرت عيسي عہ بشارت ڏني هئي. سو مان تصديق ٿو ڪريان ۽ هن جو اتباع ڪندس.“

قيصر هن کي چيو:”پر جيڪڏهن مون ايئن ڪيو تہ منهنجي حڪومت هلي ويندي ۽ هي ماڻهو مون کي قتل ڪري ڇڏيندا.“

هن قصي جي آخر ۾ آهي تہ ”مون کي وڏي پادري (ضغاطر) چيو:

”هي خط کڻي پنهنجي پيغمبر وٽ وڃ ۽ ان کي منهنجو سلام چئجانءِ ۽ هن کي هي خبر ڏجانءِ تہ مان گواهي ٿو ڏيان تہ الله کان سواءِ ڪو بہ عبادت جو مستحق نہ آهي ۽ بيشڪ محمد الله جا رسول آهن. مون ان تي ايمان آندو آهي ۽ مان هن جي تصديق ڪري ڇڏي آهي ۽ بيشڪ عيسائي منهنجو انڪار ڪندا.“

پوءِ هو هنن ڏانهن ويو ۽ هنن هن کي قتل ڪري ڇڏيو.

امام ابن اسحاق جي روايت ۾ هن ريت آهي تہ هرقل حضرت دحيہ رضہ کي ضغاطر رومي ڏانهن موڪليو ۽ ضغاطر پنهنجي اسلام کي ظاهر ڪري ڇڏيو ۽ هن مٿان پهريان جيڪو لباس هو، انهيءَ کي لاهي ڇڏيائين ۽ سفيد لباس پهري ڇڏيائين ۽ رومين کي اسلام جي دعوت ڏنائين. هنن هن کي ماريو ڪٽيو ۽ قتل ڪري ڇڏيو ۽ جڏهن حضرت دحيہ رضہ ٻيهر هرقل وٽ ويو تہ هن چيو: ”مون توکي پهريان بہ چيو هو تہ مون کي رومين کان پنهنجي جان جو خطرو آهي.“[1]

1. سعيدي، غلام الرسول، علامہ ”نعمت الباري في شرح صحيح بخاري“ (اردو)، فريدي بڪ اسٽال 38_اردو بازار، لاهور، الطبع السابع: شوال1434ھ سيپٽمبر 2013ع، ج اول، ص 160، حديث نمبر 7 بحوالہ: فتح الباري ج1 ص 519_520 دارالمعرفہ بيروت، 1421ھ

هن واقعي کي بيان ڪرڻ جو مقصد هي هو تہ روم جو وڏو پادري هرقل جي زباني ”ختني واري رسول“ جو ٻڌي ڪري مسلمان ٿيو. نہ صرف پاڻ مسلمان ٿيو پر ٻين کي بہ اسلام جي دعوت ڏنائين ۽ شهادت جو مرتبو حاصل ڪيائين. ٻئي طرف هرقل کي اِها سعادت نصيب نہ ٿي بلڪ الٽو بعد ۾ هن مسلمانن سان جنگون ڪيون. تفصيل جنگ تبوڪ جي ذڪر ۾ بيان ڪيو ويندو.

(3) حضرت ابراهيم ع جو پٽ کي ذبح ڪرڻ جو امتحان ڏيڻ جي نتيجي ۾ ڪيس ماڻهن جو امام مقرر ڪرڻ ۽ ساڻس هميشہ جو عهد ڪرڻ.

هي هڪ تمام ڏکيو امتحان هو. عمر جي آخري حصي ۾، 86 سالن جي عمر ۾، جڏهن سڪي سڪي هڪڙو پٽ ڄائو ۽ جڏهن هو تيرهن چوڏهن سالن جو ٿئي ٿو تہ الله تبارڪ وتعالي جي حڪم تي بنا ڪنهن هٻڪ يا هچڪچاهٽ جي انهيءَ اڪيلي ۽ سڪيلڌي پٽ کي قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃڻ، بلڪ (پنهنجي پر ۾) قربان ڪري ڇڏڻ، تمام وڏو ۽ تمام سخت امتحان هو. انهيءَ ۾ جڏهن ڪامياب ٿي وڃي ٿو تہ الله تبارڪ وتعالي ساڻس عهد ڪري ٿو تہ:

”۽ خداوند جي فرشتي آسمان کان ٻيهر ابرهام کي سڏيو ۽ چيو تہ: خداوند فرمائي ٿو تہ چو تہ تو هي ڪم ڪيو جو پنهنجي پٽ کي بہ جيڪو تنهنجو اڪيلو آهي انهيءَ کان بہ دريغ نہ ڪيو. انهيءَ ڪري مون بہ پنهنجي ذات جو قسم ڪنيو آهي تہ مان توکي برڪت تي برڪت ڏيندس ۽ تنهنجي نسل کي وڌائيندي وڌائيندي آسمان جي تارن ۽ سمنڊ جي ڪناري جي واري وانگر ڪري ڇڏيندس ۽ تنهنجي اولاد دشمنن جي ڦاٽڪ جي مالڪ ٿيندي ۽ تنهنجي نسل جي وسيلي سان زمين جون سڀ قومون برڪت حاصل ڪنديون. چو تہ تو منهنجي ڳالھ مڃي.“[1]

قرباني جي واقعي جي حد تائين يهودي، عيسائي ۽ مسلمان سڀ متفق آهن تہ حضرت ابراهيم ع جي هٿان سندس پٽ جي قرباني جو واقعو پيش آيو. پر اهو پٽ ڪهڙو هو؟ انهيءَ بابت اختلاف آهي.

(1) سواءِ چند نالي ماتر يهودين ۽ عيسائين جي جيڪي بہ پنهنجي عقيدي جو اظهار ظاهر ظهور ڪليل نموني ڪري نہ ٿا سگهن باقي سڀ انهيءَ ڳالھ تي متفق آهن تہ ذبح جي واقعي ۾ حضرت اسحاق ع هو.

(2) مسلمانن جي قديم عالمن ۾ اختلاف رهيو آهي، پر اڄڪلھ هر مسلمان اڳيان اها ڳالھ چٽي ٿي چڪي آهي تہ ذبيح الله حضرت اسمائيل ع آهي. اسان حضرت اسمائيل ع تي ڪلمو بہ هيئن پڙهندا آهيون تہ:

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ اِسْمٰعِيْلُ ذَبِيْحُ اللّٰهِ

---

1. پيدائش 22 : 15 ـ 18

(i) اِسۡمٰعِيۡلُ ذَبِيۡحُ اللّٰهِ

توريت جي ڪتاب پيدائش ۾ اهو واقعو هن ريت بيان ٿيل آهي:

”انهن ڳالهين کان پوءِ هيئن ٿيو جو خدا ابرهام جي آزمائش ورتي ۽ چيائينس ته:

”اي ابرهام!“

هن چيو ته: ”اجهو آئون حاضر آهيان.“

تڏهن هن چيو ته: ”تنهنجو پٽ، تنهنجوسڪيلڌو پٽ اضحاق، جنهن کي تون پيار ٿو ڪرين، تنهن کي وٺي مورياه جي ملڪ ۾ وڃ ۽ اتي جيڪو جبل آءٌ توکي ڏيکاريان، تنهن تي هنکي سوختني قرباني لاءِ چاڙهه.“

تڏهن ابرهام صبح جو سوير اٿي پنهنجو گڏهه پلاڻيو ۽ قربانيءَ جي ساڙڻ لاءِ ڪاٺيون چيريائي، پوءِ پنهنجا ٻه نوڪر ۽ پنهنجي پٽ اضحاق کي پاڻ سان وٺي، انهيءَ هنڌ ويو، جنهن جو خدا ڏس ڏنو هوس. ٽئين ڏينهن ابرهام پنهنجيون اکيون مٿي کڻي پري کان اهو هنڌ ڏٺو. تڏهن ابرهام پنهنجن نوڪرن کي چيو:

”اوهين هتي گڏهه وٽ ترسو. آءٌ ۽ ڇوڪر اڳتي ٿا وڃون ۽ اسين عبادت ڪري اوهان وٽ موٽي اينداسين.“

وري ابرهام قربانيءَ جون ڪاٺيون کڻي پنهنجي پٽ اضحاق تي رکيون ۽ باهه ۽ ڪاتي پنهنجي هٿ ۾ کنياءِ ۽ ٻئي گڏجي اٿي هليا.

تڏهن اضحاق پنهنجي پيءُ ابرهام کي چيو ته : ”اي بابا!“

هن جواب ڏنو ته: ”اجهو منهنجا پٽ!“

هن چيو: ”ڏس! باهه ۽ ڪاٺيون ته آهن پر سوختني قرباني لاءِ گهيٽو ڪٿي آهي؟“

تڏهن ابرهام چيو ته: ”منهنجا پٽ! خدا پاڻيهي سوختني قربانيءَ جي لاءِ گهيٽو موجود ڪندو.“

سو هو ٻئي گڏجي هلندا ويا. جڏهن انهي هنڌ آيا جنهنجو خدا ڏس ڏنو هوس، تڏهن ابرهام اتي قربانگاهه جوڙي ۽ ان تي ڪاٺيون ناهي رکياءِ ۽ پنهنجي پٽ اضحاق کي ٻڌي ڪاٺين جي مٿان رکيائين. پوءِ ابرهام پنهنجو هٿ ڊگهيڙي پنهنجي پٽ کي کهڻ لاءِ ڪاتي ڪنئي. تڏهن خداوند جي فرشتي آسمان مان سڏ ڪري چيس ته:

”اي ابرهام! اي ابرهام!“

هن چيو: ”اجهو آءٌ حاضر آهيان!“

۽ هن چيو ته: ”ڇوڪر تي هٿ نه کڻ ۽ کي ٻه نه ڪرينس: هاڻي مون کي خبر پيئي آهي ته توکي خدا جو خوف آهي. ڇالاءِ جو تو پنهنجو پٽ، سڪيلڌو پٽ ٻه مون کان وانجهي نه رکيو آهي.“

پوءِ ابرهام پنهنجيون اکيون مٿي کڻي نهاريو ۽ پنهنجي پنيان هڪڙو گهيٽو ڏٺاءِ جنهنجا سڱ هڪڙي گهاٽي ٻوڙي ۾ اٽڪيل هئا. تڏهن ابرهام وڃي اهو گهيٽو آندو ۽ پنهنجي پٽ جي بدران انهي جي سوختني قرباني ڪياءِ ۽ ابرهام انهي هنڌ جو نالو يهوواه يري رکيو، جيئن اڄ ڏينهن تاءِ به چوڻ ۾ ٿو اچي، ته خداوند جي جبل تي موجود ڪيو ويندو."[1]

اهڙيءَ ريت حضرت ابراهيم ع عظيم ۽ ناقابل يقين امتحان ۾ پاس ٿي ويو. الله تبارڪ وتعالي کيس انعام به اوترو ئي ڏنو:

"پوءِ خداوند جي فرشتي ٻيو ڀيرو آسمان مان ابرهام کي سڏي چيو ته:

"انهي لاءِ ته تو هي ڪم ڪيو آهي ۽ پنهنجو پٽ، پنهنجو سڪيلڌو پٽ به مون کان وانجهي نه رکيو، تنهنڪري مون پنهنجو قسم کنيو آهي ته آءٌ توکي برڪت تي برڪت ڏيندس ۽ تنهنجي اولاد کي وڌائيندي وڌائيندي ايترو ڪندس، جيترا آسمان جا تارا آهن ۽ جيتري سمنڊ جي ڪناري جي واري آهي ۽ تنهنجو اولاد دشمنن جي دروازي تي قبضو ڪندو. تنهنجي نسل جي وسيلي زمين جي سڀني قومن کي برڪت ملندي؛ ڇالاءِ جو تو منهنجو چوڻ مڃيو آهي. پوءِ ابرهام موٽي پنهنجن نوڪرن وٽ آيو ۽ اهي روانا ٿيا ۽ گڏجي بيرسبع ۾ آيا؛ ۽ ابرهام بيرسبع ۾ رهڻ لڳو."[2]

اسان ڏسون ٿا ته وڏي عرصي تائين حضرت ابراهيم ع اولاد کان ٿي ٿئي. ايتري تائين جو حضرت ساره رضہ پاڻ کان بلڪل مايوس ۽ نااميد ٿي وڃي ٿي. اهڙيءَ حالت ۾ هوءَ حضرت ابراهيم ع پنهنجي ٻانهي حضرت هاجره رضہ کي زال بڻائي ڏئي ٿي ۽ کيس چوي ٿي ته شايد هن مان هنن کي ٻار ملي ۽ هنن جو هي فيصلو درست ثابت ٿئي ٿو. حضرت ٻيٻي هاجره رضہ کي جلد ئي حمل ٻيهجي وڃي ٿو. حمل ٻيهجڻ تي حضرت ٻيٻي هاجره رضہ ۾ احساس برتري پيدا ٿئي ٿي، جيڪا حضرت ٻيٻي ساره رضہ کي بري محسوس ٿئي ٿي. هوءَ انهيءَ ڳالهه جي شڪايت حضرت ابراهيم ع سان ڪري ٿي. حضرت ابراهيم ع سندس دل رکڻ لاءِ ڪلي ڇوٽ ڏئي ٿو. تنهن تي حضرت ٻيٻي ساره رضہ حضرت ٻيٻي هاجره رضہ تي سختي ڪرڻ لڳي ٿي، جيڪا حضرت ٻيٻي هاجره رضہ برداشت نه ٿي ڪري سگهي ۽ ڀڄي وڃي ٿي. رستي ۾ کيس هڪ فرشتو ملي ٿو. جيڪو کيس حضرت اسمائيل ع جي پيدائش جي خوشخبري ڏئي ٿو. هن جون صفتون بيان ڪري ٿو ۽ هن کي واپس موٽي وڃڻ جو مشورو ڏئي ٿو. هوءَ فرشتي جي مشوري تي عمل ڪندي واپس موٽي اچي ٿي ۽ اچي

1. پيدائش 22 : 1 ـ 14
2. پيدائش 22 : 15 ـ 19

ڪري حضرت اسمائيل عہ کي جنم ڏئي ٿي.

هن قصي تي سڀ يهودي، عيسائي ۽ مسلمان متفق آهن. يعني ان وقت تائين حضرت ابراهيم عہ بي اولاد هيو ۽ هي سندس پهريون پٽ هو. تہ پوءِ حضرت اسحاق عہ حضرت ابراهيم عہ جو پهريون ۽ اڪيلو پٽ ڪيئن ٿيو؟

ڪتاب پيدائش ۾ لکيل آهي تہ:

”جڏهن ابرام کان هاجره کي اسماعيل پيدا ٿيو تڏهن ابرام ڇهاسي ورهين جو هو.“[1]

۽ حضرت اسحاق عہ جي پيدائش جي باري ۾ لکيل آهي تہ:

”جڏهن هن جو پٽ اضحاق هن کان پيدا ٿيو تہ ابرهام سئو سالن جو هو.“[2]

هي ثبوت آهي تہ حضرت ابراهيم عہ جو وڏو پٽ حضرت اسمائيل عہ آهي ۽ هو حضرت اسحاق عہ کان گهٽ ۾ گهٽ چوڏهن سال وڏو آهي.

وري اسان ذبح واري واقعي تي نظر وجهون ٿا تہ اتي صاف لکيل آهي تہ:

”تنهنجو پٽ، تنهنجوسڪيلڏو پٽ... جنهن کي تون پيار ٿو ڪرين، تنهن کي وٺي مورياه جي ملڪ ۾ وڃ ۽ اتي جيڪو جبل آءٌ توکي ڏيکاريان، تنهن تي هنکي سوختني قرباني لاءِ چاڙهہ.“[3]

سڪيلڏو پٽ چوڻ مان مراد آهي اڪيلو يا اڪلوتو پٽ يعني ان وقت تائين حضرت ابراهيم عہ کي صرف هڪ پٽ ڄائو هو ۽ اڃان ڪيس ٻيو ڪو پٽ ٿيو ئي ڪونہ هو. انهيءَ جي گواهي خداوند ۽ ان جي فرشتي طرفان ڪيس برڪت ڏيڻ وقت وري ٻيهر بہ ڏني وڃي ٿي:

”انهي لاءِ تہ تو هي ڪم ڪيو آهي ۽ پنهنجو پٽ، پنهنجو سڪيلڏو پٽ بہ مون کان وانجهي نہ رکيو، تنهنڪري مون پنهنجو قسم کنيو آهي تہ آءٌ توکي برڪت تي برڪت ڏيندس...“[4]

باقي جيڪو هنن انهن آيتن جي وچ ۾ حضرت اسحاق عہ جو نالو شامل ڪيو آهي تہ اها هنن جي ظاهر ظهور خيانت جي نشاني آهي. هن مان هي بہ ظاهر ٿئي ٿو تہ اهو واقعو حضرت اسحاق عہ جي پيدائش کان اڳ جو آهي ۽ هي هنن جي ٻي خيانت آهي جو هو انهيءَ واقعي کي حضرت اسحاق عہ جي پيدائش کان بعد تائين ڪٺي آيا آهن.

انهيءَ کان علاوه اسان ڏسون ٿا تہ الله تبارڪ وتعالي جڏهن حضرت

---

1. پيدائش 16 : 16
2. پيدائش 21 : 5
3. پيدائش 22 : 2
4. پيدائش 22 : 16 ـ 17

ابراهيم عہ کي حضرت اسحاق عہ جي بشارت ڏين ٿا تہ ان وقت کيس هن جي آل اولاد بابت بہ خوشخبري ڏين ٿا. جيئن لکيل آهي تہ:

”پوءِ خداوند ابرهام کي چيو تہ ساري ، جا تنهنجي زال آهي ، تنهن کي اڳتي ساري نہ سڏجہ ، پر هن جو نالو ساره ٿيندو. آءُ هن کي برڪت ڏيندس ۽ سندس پيٽان توکي هڪڙو پٽ ڏيندس. هائو آءُ هن کي برڪت ڏيندس ۽ هو قومن جي ماءُ ٿيندي ۽ امت جا بادشاهہ منجهانس پيدا ٿيندا.“[1]

وري اڳتي هلي بيهر فرمائين ٿا تہ:

”پر خدا ابرهام کي چيو تہ نہ، تنهنجي زال ساره تو لاءِ پٽ ڄڻيندي، تون انهي جو نالو اضحاق رکجہ: آءٌ انهي سان ۽ انهي کان پوءِ سندس اولاد سان پنهنجو عهد، جو ابدي عهد آهي، سو قائم ڪندس.“[2]

جڏهن حضرت اسحاق عہ جي پيدا ٿيڻ کان اڳ ئي اهو بيان ڪيو تو وجي تہ هن جي نسل مان قومون پيدا ٿينديون، بادشاه پيدا ٿيندا ۽ هن جي اولاد سان عهد ٻڌو ويندو، تہ پوءِ هن جي پيدا ٿيڻ کان بعد هن جي شادي يا هن کي آل اولاد ٿيڻ کان ئي اڳ ذبح ڪرڻ جو حڪم هڪ يونڊي مذاق کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ چئبو، جيڪو خداوند عالم جي پاڪ ذات کان محال آهي.

اڪثر عيسائي عالم هن مسئلي کي چڱيءَ طرح ڄاڻين ٿا. هنن کي احساس آهي تہ سڌي ڳالهہ ڪرڻ سان هنن جو موقف ڪوڙو ثابت ٿيندو. تنهن ڪري، هو هڪ ٻي يونڊي ڳالهہ ڪندا آهن تہ:

”جيئن تہ حضرت اسمائيل عہ ٻانهيءَ جو ٻار آهي. تنهن ڪري، اهو ڳڻپ ۾ نہ ايندو. سو اهڙيءَ طرح حضرت اسحاق عہ حضرت ابراهيم عہ جو پهريون ۽ اڪيلو پٽ ليکبو.“

سنڌيءَ ۾ هڪ اصطلاح آهي ”ڪوڪڙو ئي ٻاهر ڪڍي ڇڏڻ.“ سو هو پنهنجي پر ۾ ڪوڪڙوئي ٻاهر ڪڍي اڇلائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. پر هاڻي، اهو ڪوڪڙو صرف ڪوڪڙو نہ رهيو آهي. بلڪ وڏي وڻ ٿي الائي ڪيترا ڦل، فروٽ ۽ ميوا ڏيئي چڪو آهي.

هي سڀ ڪجهہ پولس جي ڪارستاني آهي. جنهن اڳ ۾ ئي هنن جي دين ۾ نہ ڄاڻ ڪيتريون ئي تبديليون آڻي هن جي شڪل ئي بگاڙي چڪو هو. هو محترم فرمائي ٿو تہ:

”مون کي ٻڌايو تہ. توهان جيڪي شريعت جي ماتحت ٿيڻ چاهيو ٿا، ڇا شريعت جي ڳالهہ ٻڌو نہ ٿا؟ هي لکيل آهي تہ ابرهام جا ٻہ پٽ هئا. هڪ ٻانهيءَ کان، ٻيو آزاد کان. پر ٻانهيءَ جو پٽ جسماني طور ۽ آزاد جو پٽ واعدي جي سبب پيدا ٿيو. انهن ڳالهين ۾ مثال ملي ٿو. انهيءَ ڪري جو

1. پيدائش 17 : 15 ـ 16
2. پيدائش 17 : 19

هي عورتون ٻه آهن. ٻه عهد آهن. هڪ ڪوهه سينا تي جو جنهن کان غلام ئي پيدا ٿين ٿا ۽ اها هاجره آهي ۽ هاجره عرب جو ڪوهه سينا آهي ۽ موجوده يروشلم انهيءَ جو جواب آهي. جو ته هو پنهنجي ڇوڪرن سميت غلاميءَ ۾ آهي. پر عالم بالا جي يروشلم آزاد آهي ۽ اها اسان جي ماءُ آهي. ڇو ته لکيل آهي ته:

اي سنڍ! تون جنهن جي اولاد نه ٿي ٿئي خوشيون ملهاءِ.

تون جو ويم جي سور کان واقف نه آهين آواز بلند ڪري رڙ ڪر ڇو ته بيکس ڇڏيل جي اولاد مڙس واريءَ جي اولاد کان وڌيڪ ٿيندي.

بس اي ڀائرو! اسان اضحاق وانگر واعدي جا فرزند آهيون ۽ جيئن ان وقت جسماني پيدائش وارو روحاني پيدائش واري کي ستائيندو هو تيئن ئي اڄ به ٿيندو آهي. پر ڪتاب مقدس ڇا چوي ٿو؟ هي ته ٻانهي ۽ ان جي پٽ کي ڪڍي ڇڏ ڇو ته ٻانهيءَ جو پٽ آزاد جي پٽ سان هرگز وارث نه ٿيندو. بس اي ڀائرو! اسان ٻانهيءَ جا پٽ نه بلڪ آزاد جا آهيون.

مسيح اسان کا آزاد رهڻ لاءِ آزاد ڪيو آهي. بس قائم رهو ۽ ٻيهر غلاميءَ جي جوئي ۾ نه جٽو.“[1]

هن بزرگ جي کهڙي ڳالهه ڪجي، جيڪو وات پٽي ٿو ته رڳو ڪوڙ ئي ڳالهائي ٿو. سڀ کان پهريون ڪوڙ ته هن هي ڳالهايو ۽ اهو به ڪتاب جي حوالي سان ته ”حضرت ابراهيم عہ کي ٻه پٽ هئا.“

حضرت ابراهيم عہ کي ٻه نه بلڪ اٺ پٽ هئا.

۽ هن کي ٻه نه بلڪ ٽي گهرواريون هيون.

سندس ٽين گهرواري حضرت بيبي قطوره رضہ هئي، جنهن کان حضرت ابراهيم عہ کي ڇهه پٽ هئا. ڪتاب پيدائش ۾ آهي ته:

”۽ ابرهام وري هڪ ٻي زال ڪئي جنهن جو نالو قطوره هو ۽ هن کان زمران ۽ يقسان ۽ مدان ۽ مديان ۽ اسباق ۽ سوخ پيدا ٿيا.“[2]

۽ انهيءَ کان پوءِ تفصيل آهي ته انهن ڇهن پٽن مان کهڙا کهڙا قبيلا بڻيا. هي مديان اهو آهي جنهن جي نالي تي مدائن شهر آهي ۽ جنهن جي نسل مان الله جو بزرگ پيغمبر حضرت شعيب عہ ٿي چڪو آهي.

هاڻي هن کي ڪوڙو چئجي يا بائيبل کي؟ ۽ هٽي به بائيبل جي متان ٿو ته: ”لکيل آهي“. نه ڄاڻ اهو ڪٿي لکيل آهي جيڪو صرف هي پڙهي سگهي ٿو. ٻيو ڪوڙ هو هي هٽي ٿو ته حضرت بيبي هاجره رضہ ٻانهي آهي. هي اسان اڳتي ثابت ڪنداسين ته هوءَ ٻانهي نه بلڪ شهزادي آهي ۽ هي نه صرف پاڻ گمراهه ٿيو آهي پر هن پوري عيسائي قوم کي گمراهه ڪري ڇڏيو آهي. ٽيون ڪوڙ اهو هٽي ٿو ته حضرت بيبي هاجره

---

1. گلتين 4 : 21 ـ 31 ۽ 5 : 1
2. پيدائش 25 : 1 ـ 2

رضہ کان صرف غلام پيدا ٿين ٿا.

خبر نہ آهي تہ هي بزرگ کهڙي تاريخ جو ڪتاب پڙهي ٿو يا هن کي پنهنجي بزرگيءَ تي خبر پيئجي وئي تہ هو غلام آهن؟ غلام آهن تہ ڪنهن جا غلام آهن؟ ۽ ڪنهن ڪنهن جا غلام رهي چڪا آهن. هو هميشہ آزاد رهيا آهن. بلڪہ شروع کان وني حضرت بيبي هاجره رضہ ۽ حضرت اسمائيل عہ ۽ حضرت اسمائيل عہ جي پٽن جي بنو جرهم قبيلي تي حاڪميت قائم ٿي. اهڙيءَ طرح حضرت ابراهيم عہ جي نسل مان اهي اسمائيلي ئي آهن جن عرب علائقي ۾ پهريون پنهنجي سلطنت قائم ڪئي. گهٽي عرصي کان پوءِ اها سلطنت بنو خزاعہ قبيلي کي ملي. جن ڪعبي ۾ بت پرستي شروع ڪرائي. وري حضرت قصي رضہ پنهنجي دور ۾ اها حڪومت واپس ورتي. جڏهن تہ اهي بني اسرائيل وارا هئا جيڪي سڀ جو سڀ پهريون فرعون جي غلام ۾ رهيا ۽ ڪجهہ عرصي کان پوءِ وري بخت نصر جي غلاميءَ ۾ رهيا. ڳالهہ ڪرڻ وقت هو اهي سڀ ڳالهيون وساري ويهندا آهن يا وري پنهنجي خفت مٽائڻ خاطر اهڙيون ڳاهيون ڪندا آهن. جو تہ بني اسمائيل وارا ڪڏهن بہ ڪنهنجا غلام نہ رهيا آهن.

چوٿون ڪوڙ هن اهو هنيو تہ ٻانهيءَ جا ٻار وارث نہ ٿيندا آهن. حضرت بيبي هاجره رضہ نہ ٻانهي هئي. نہ ئي بي نڪاحي هئي ۽ نہ ئي هن جا ٻار ٻانهيءَ جا ٻار سڏجي سگهن ٿا. پر هنن جي تاريخ ۾ آهي تہ ٻانهيءَ جا ٻار وارث ٿيندا رهيا آهن. تفصيلي بحث اڳتي اچي رهيو آهي.

ڏسو! هو شريعت جي نالي تي شريعت کي برباد ڪرڻ جو ڪيڏو نہ ماهر آهي؟ اهو انهيءَ ڪري بہ ٿيو جو هو حضرت عيسىٰ عہ جي نافرماني ڪري تبليغ لاءِ غير قومن ۾ ويو جيڪي شريعت کان واقف ئي ڪونہ هئا. پوءِ انهن کي جيڪي ڪجهہ هن ٻڌايو هنن انهيءَ کي پٿر جي لڪير سمجهي ان تي عمل ڪيو. هتي اسان انهي موضوع تي گهڻو بحث نہ ڪري سگهون ٿا. اسان پنهنجي مقصد ڏانهن واپس اچون ٿا.

هتي اسان پنهنجي بحث کي ٻن حصن ۾ ورهائينداسين.

حضرت بيبي هاجره رضہ ٻانهي يا شهزادي؟

يهودين ۽ عيسائين جا مقدس ٻانهيءَ جا ٻار.

(ii) حضرت بيبي هاجره رضہ ٻانهي يا شهزادي ؟

(a) اسلامي روايت

حضرت ابراهيم عہ کي حضرت بيبي هاجره رضہ مصر جي بادشاه مصر جي سفر دوران ڏني هئي. صحيح بخاري ۾ اها روايت حضرت ابراهيم عہ جي ٽن ڪوڙن جي ضمن ۾ هن ريت آيل آهي:

حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ مَحْبُوبٍ، حَدَّثَنَا حَمَّادُ بْنُ زَيْدٍ، عَنْ أَيُّوبَ، عَنْ مُحَمَّدٍ، عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ، قَالَ: لَمْ يَكْذِبْ إِبْرَاهِيمُ × إِلَّا ثَلَاثَ كَذَبَاتٍ، ثِنْتَيْنِ مِنْهُنَّ فِي ذَاتِ اللهِ عَزَّ وَجَلَّ، قَوْلُهُ {إِنِّي

سَقِيمٌ} [1] . وَقَوْلُهُ: {بَلْ فَعَلَهُ كَبِيرُهُمْ هَذَا} [2]. وَقَالَ: بَيْنَا هُوَ ذَاتَ يَوْمٍ وَسَارَةُ، إِذْ أَتَى عَلَى جَبَّارٍ مِنَ الجَبَابِرَةِ، فَقِيلَ لَهُ: إِنَّ هَا هُنَا رَجُلًا مَعَهُ امْرَأَةٌ مِنْ أَحْسَنِ النَّاسِ، فَأَرْسَلَ إِلَيْهِ فَسَأَلَهُ عَنْهَا، فَقَالَ: مَنْ هَذِهِ؟ قَالَ: أُخْتِي، فَأَتَى سَارَةَ قَالَ: يَا سَارَةُ: لَيْسَ عَلَى وَجْهِ الأَرْضِ مُؤْمِنٌ غَيْرِي وَغَيْرَكِ، وَإِنَّ هَذَا سَأَلَنِي فَأَخْبَرْتُهُ أَنَّكِ أُخْتِي، فَلاَ تُكَذِّبِينِي، فَأَرْسَلَ إِلَيْهَا فَلَمَّا دَخَلَتْ عَلَيْهِ ذَهَبَ يَتَنَاوَلُهَا بِيَدِهِ فَأُخِذَ، فَقَالَ: ادْعِي اللَّهَ لِي وَلاَ أَضُرُّكِ، فَدَعَتِ اللَّهَ فَأُطْلِقَ، ثُمَّ تَنَاوَلَهَا الثَّانِيَةَ فَأُخِذَ مِثْلَهَا أَوْ أَشَدَّ، فَقَالَ: ادْعِي اللَّهَ لِي وَلاَ أَضُرُّكِ، فَدَعَتْ فَأُطْلِقَ، فَدَعَا بَعْضَ حَجَبَتِهِ، فَقَالَ: إِنَّكُمْ لَمْ تَأْتُونِي بِإِنْسَانٍ، إِنَّمَا أَتَيْتُمُونِي بِشَيْطَانٍ، فَأَخْدَمَهَا هَاجَرَ، فَأَتَتْهُ وَهُوَ قَائِمٌ يُصَلِّي، فَأَوْمَأَ بِيَدِهِ: مَهْيَا، قَالَتْ: رَدَّ اللَّهُ كَيْدَ الكَافِرِ، أَوِ الفَاجِرِ، فِي نَحْرِهِ، وَأَخْدَمَ هَاجَرَ قَالَ أَبُو هُرَيْرَةَ تِلْكَ أُمُّكُمْ يَا بَنِي مَاءِ السَّمَاءِ. [3]

ترجمو: ”اسان کي محمد بن محبوب بيان ڪيو، اسان سان حماد بن زيد بيان ڪيو تہ، اسان کي ايوب ٻڌايو، اسان کي محمد ٻڌايو، اسان کي ابو هريره رضہ ٻڌايو، چيائين تہ:

”ابراهيم عہ ڪوڙ نہ ڳالهايو سواءِ ٽن ڪوڙن جي. ٻہ دفعا الله جي ذات جي خاطر: چيائين: {إِنِّي سَقِيمٌ} ۽ چيائين: {بَلْ فَعَلَهُ كَبِيرُهُمْ هَذَا}. ٽيون ان وقت جڏهن ابراهيم عہ ۽ ساره رضہ ڪنهن سفر دوران جبارن مان هڪ جبار جي علائقي مان گذري رهيا هئا تہ ڪنهن ماڻهوءَ وڃي جبار کي ٻڌايو تہ:

”هن ماڻهو (ابراهيم عہ) سان هڪ خوبصورت عورت آهي.“

سو هن ابراهيم عہ کي گهرايو ۽ ڪائنس پڇيائين تہ:

”اها عورت ڪير آهي؟“

هن چيو: ”منهنجي ڀيڻ آهي.“

ابراهيم عہ ساره رضہ وٽ ويو ۽ چيائين:

”اي ساره! توکان ۽ مون کان سواءِ هن ڌرتيءَ جي سطح تي ڪو بہ ايمان وارو ڪونہ آهي. هن شخص مون کان تو بابت پڇيو. مون هن کي چيو آهي تہ تون منهنجي ڀيڻ آهين. سو مون کي ڪوڙو نہ ڪجانءِ. پوءِ جبار ساره رضہ کي گهرايو. (۽ رات جو) جڏهن هن پنهنجو هٿ ساره رضہ کي پڪڙڻ لاءِ وڌايو تہ هن جو هٿ شل ٿي ويو. هن ساره رضہ کي چيو تہ:

”الله کان منهنجي لاءِ دعا گهر. مان توکي تڪليف نہ ڏيندس.“

سو ساره رضہ الله کان هن جي تندرستي لاءِ دعا گهري ۽ هو شفاياب ٿي ويو. هن وري ساره رضہ ڏانهن هٿ وڌايو تہ هن جو هٿ وري اڳ کان بہ وڌيڪ شل ٿي ويو. هن وري ساره رضہ کي درخواست ڪئي تہ:

”الله کان منهنجي لاءِ دعا گهر. مان توکي تڪليف نہ ڏيندس.“

ساره رضہ ٻيهر الله کان دعا گهري ۽ هو بلڪل نيڪ ٿي ويو.

---

1. سورة الصافات : 89
2. سورة الانبياء : 63
3. مکتبة شاملة، ”صحيح البخاري“، جلد 4، ص 140، حديث نمبر 3358

هن پنهنجي هڪ محافظ کي سڏيو (جنهن هن کي آندو هيو) ۽ چيائين:”تو ڪنهن انسان کي نہ آندو آهي پر تو مون وٽ هڪ شيطان کي آندو آهي.“

پوءِ جبار ساره رضہ کي خدمت لاءِ هاجره رضہ ڏنائين. پوءِ ساره رضہ ابراهيم عہ وٽ ان وقت آئي جڏهن هو نماز پڙهي رهيو هو. هٿ جي اشاري سان پڇيائين تہ: ”ڇا ٿيو؟“

هن جواب ڏنو تہ: ”الله ڪافر جي منصوبي کي ناڪام ڪيو ۽ مون کي خدمت لاءِ هاجره رضہ ڏنائين.“

پوءِ ابوهريره رضہ (پنهنجي ٻڌندڙن کي) چيو:

”اها هئي اوهان جي امڙ! اي بني ماءِ السماء (يعني عرب).“[1]

هي ڳالھ مشهور آهي تہ هي مصر جو بادشاه هو جيڪو وڏو ظالم هو ۽ جيڪڏهن ڪنهن وٽ ڪا سهڻي عورت ڏسندو هو تہ اها هن کان کسي وٺندو هو.

مولانا حفظ الرحمان جو چوڻ آهي تہ گهڻن ئي عالمن حضرت ابراهيم عہ ڏانهن ڪوڙ جي نسبت هجڻ ڪري هن حديث ۽ ”حديث شفاعت“ جنهن ۾ هنن واقعن ڏانهن اشارو آهي، کي رد ڪري ڇڏيو آهي. هنن جو چوڻ آهي تہ:

”هي اخبار احآد آهن. تنهن ڪري جرئت سان هي چوڻ ڪپي تہ جيتوڻيڪ هي حديثون صحيحين جون آهن تنهن ڪري مشهور جي حد تائين پهچي ويون آهن، پر راوي کي هنن روايتن ۾ سخت مغالطو ٿيو آهي. تنهن ڪري هرگز قابل قبول نہ آهن. ڇوتہ ڪنهن نبيءَ ڏانهن ڪذب جي نسبت ڏيڻ جي مقابلي ۾ راوي جي غلطي جو اعتراف ڪرڻ گهڻو بهتر ۽ صحيح طريقہ ڪار آهي.“

امام رازي رحہ جو انهيءَ طرف لاڙو آهي. مشهور مصري عالم عبدالوهاب نجار ”قصص الانبياء“ ۾ امام رازي جي راءِ سان موافقت ڪئي آهي. وڏي تفصيلي بحث ڪان پوءِ هن واقعي کان ئي انڪار ڪري ڇڏيو آهي.“[2]

قرآن شريف ۾ آهي تہ:

وَاذْكُرْ فِي الْكِتٰبِ اِبْرٰهِيْمَ ۵ۭ اِنَّهٗ كَانَ صِدِّيْقًا نَّبِيًّا.[3]

ترجمو: ”۽ هن ڪتاب ۾ ابراهيم کي ياد ڪر. بيشڪ هو وڏو سچو

---

1. **البخاري، محمد بن إسماعيل، أبي عبد الله،** ”**صحيح البخاري**“ (انگريزي)، ترجمو: خان، محمد محسن، ڊاڪٽر، رياض، سعودي عرب، جلد 4، ص 347_348، حديث نمبر 3358

2. سيوهاروي، محمد حفظ الرحمان، مولانا، ”قصص القرآن“ (اردو)، دارالاشاعت اردو بازار، ڪراچي، 2002ع، جلد اول، ص 156 ـ 157

3. سورة مريم : 41

نبي هو.“

بحرحال جنهن جي سچائيءَ جي گواهي الله تبارڪ وتعالي ڏئي ان جي نسبت ڪوڙ ڏانهن نہ ٿي ڏيئي سگهجي. بلڪ هي آيت اهڙي بيان جي ڪوڙي هجڻ تي ثبوت آهي.

يا جيڪڏهن ڪو عالم اهڙي ڪوڙ جي ڪا مظبوط تاويل ڪري تہ پوءِ انهيءَ تي غور بہ ڪري سگهجي ٿو. پر اها تاويل قرآن جي ڪنهن بہ آيت جي خلاف نہ هجڻ کپي.

بحرحال هتي اسان جو موضوع حضرت بيبي هاجره رضہ آهي، جنهن جي باري ۾ مشهور آهي تہ اها مصر جي بادشاهہ طرفان مليل هئي. بحث صرف انهيءَ تي آهي تہ هوءَ مصر جي بادشاه جي ڌيءَ هئي يا ڪنيز؟

مولانا حفظ الرحمان سيوهاروي دعوي ڪري ٿو تہ حضرت بيبي هاجره رضہ مصر جي بادشاه جي ڌيءَ هئي ۽ هن حضرت ابراهيم عہ کي ڪيس زال ڪري ڏني هئي نہ ڪہ ٻانهي يا نوڪرياڻي. هو فرمائين ٿا:

”هنن سڀني روايتن کان هي ڳالهہ يقيني معلوم ٿي ٿئي تہ حضرت ابراهيم عہ پنهنجي زال ساره رضہ ۽ پنهنجي ڀائٽيي حضرت لوط عہ سان مصر تشريف کڻي ويا هئا.

۽ هي اهو زمانو آهي جڏهن مصر جي حڪومت اهڙي خاندان جي هٿ ۾ آهي جيڪو سامي قوم سان تعلق رکي ٿو ۽ اهڙيءَ طرح حضرت ابراهيم عہ سان نسبي سلسلي ۾ وابستہ هو. هتي پهچي ڪري ابراهيم عہ ۽ فرعون مصر جي وچ ۾ ضرور اهڙو ڪو واقعو پيش آيو جنهن سان هن کي يقين ٿي ويو تہ ابراهيم عہ ۽ هن جو خاندان الله جو مقبول ۽ برگزيده خاندان آهي. هي ڏسي ڪري هن حضرت ابراهيم عہ ۽ هن جي زال حضرت ساره رضہ جو وڏو اعزاز (احترام) ڪيو ۽ هنن کي هر قسم جي مال متاع سان نوازيائين ۽ صرف انهيءَ تي بس نہ ڪيائين بلڪ پنهنجي قديم خانداني رشتي کي مضبوط ۽ مستحڪم ڪرڻ لاءِ پنهنجي ڌيءَ هاجره کي بہ هن جي زوجيت ۾ ڏيئي ڇڏيائين. جيڪا انهيءَ وقت جي رسم ورواج جي حساب سان پهرين ۽ وڏي زال جي خدمت گذار قرار ڏني وئي. انهيءَ تاريخي قياس جي سڀ کان وڏي شهادت خود يهودين وٽ بہ موجود آهي.

”سفر اشعياء ۾ (جيڪا يهودين جي معتبر تاريخ آهي) ذڪر ٿيل آهي تہ حضرت ابراهيم عہ جي زماني ۾ مصر جو بادشاه حضرت جو هموطن هو.“[1]

(b) عيسائي ۽ يهودي روايتون

---

1. سيوهاروي، محمد حفظ الرحمان، مولانا، ”قصص القرآن“ (اردو)، دارالاشاعت اردو بازار، ڪراچي، 2002ع، جلد اول، ص 162 (بحوالہ ارض القرآن ج 2 ص 41)

توريت جي ڪتاب پيدائش ۾ مٿيون ڪتاب صحيح بخاري وارو واقعو هن ريت بيان ٿيل آهي:

”۽ انهي ملڪ ۾ ڏڪر پيو ۽ ابرام مصر ڏانهن ويو تہ اتي ترسي پوي، ڇو تہ ملڪ ۾ سخت ڏڪار هو ۽ ائين ٿيو جو جڏهن هو مصر ۾ داخل ٿيڻ تي هو تہ هن پنهنجي زال ساري کي چيو:

”ڏس! مان ڄاڻان ٿو تہ تون ڏسڻ ۾ خوبصورت عورت آهين ۽ هيئن ٿيندو تہ مصري توکي ڏسي ڪري چوندا تہ هيءَ هن جي زال آهي. سو هو مون کي تہ ماري ڇڏيندا پر توکي زنده رکي ڇڏيندا. سو تون هي چئجانءِ تہ مان هن جي ڀيڻ آهيان. جيئن تنهنجي سبب کان منهنجي خير ٿئي ۽ منهنجي جان تنهنجي ڪري بچيل رهي.“

۽ هيئن ٿيو تہ جڏهن ابرام مصر ۾ آيو تہ مصرين هن عورت کي ڏٺو تہ هوءَ نهايت خوبصورت آهي ۽ فرعون جي اميرن هن کي ڏسي ڪري فرعون جي حضور ۾ هن جي تعريف ڪئي ۽ هوءَ عورت فرعون جي گهر ۾ پهچائي وئي ۽ هن هن جي خاطر ابرام تي احسان ڪيو ۽ رڍون، ٻڪريون ۽ ڳئون، ڏاند، گڏهہ ۽ اٺ هن وٽ ٿي ويا.

پر خداوند فرعون ۽ هن جي خاندان تي ابرام جي زال ساري جي ڪري وڏيون وڏيون بلائون نازل ڪيون. تڏهن فرعون ابرام کي گهرائي هن کي چيوتہ:

”تو مون سان هي ڇا ڪيو؟ تو مون کي ڇو نہ ٻڌايو تہ هيءَ تنهنجي زال آهي؟ تو هي ڇو چيو تہ هيءَ منهنجي ڀيڻ آهي؟ مون انهيءَ لاءِ هن کي ورتو تہ هوءَ منهنجي زال بڻجي. سو ڏس! تنهنجي زال حاضر آهي. هن کي وٺ ۽ هليو وڃ.“

۽ فرعون هن جي حق ۾ پنهنجي ماڻهن کي هدايت ڪئي ۽ هنن هن کي ۽ هن جي زال کي هن جي سڀ مال سان روانو ڪري ڇڏيو.“[1]

هنن آيتن جي شرح ۾ ئي لڪيل آهي تہ مصر جي فرعون حضرت بيبي هاجره رضہ کي حضرت ابراهيم عہ جي حوالي ڪيو.

مونکي خبر نہ آهي تہ يهودي پنهنجي عالمن جي بيان جو ڪيترو احترام ڪندا آهن، ڇو تہ هنن جا عالم لکن ٿا تہ حضرت بيبي هاجره رضہ مصر جي فرعون جي ڌيءَ هئي، جيئن اڳتي هلي اسان بيان ڪنداسين. پر عيسائين وٽ مشهور آهي تہ حضرت بيبي هاجره رضہ حضرت بيبي ساره رضہ جي ٻانهي هئي. هنن جا عالم بہ ائين لکن ٿا ۽ انهن سڀني جو سرخيل يا اڳواڻ پولس آهي. اسان مٿي هن جو پورو بيان لکي چڪا آهيون.

ڪتاب پيدائش ۾ آهي تہ:

---

1. پيدائش 12 : 10 ـ 20

”ابرام جي زال ساري کي ڪا اولاد نہ تي. هن جي هڪ مصري ٻانهي هئي جنهن جو نالو هاجره هو ۽ ساريءَ ابرام کي چيو تہ:

”ڏس! خداوند مون کي تہ اولاد کان محروم رکيو آهي. سو تون منهنجي ٻانهيءَ وٽ وڃ. شايد هن کان منهنجو گهر آباد ٿئي.“

۽ ابرام ساريءَ جي ڳالهہ مڃي ۽ ابرام کي ڪنعان جي ملڪ ۾ رهندي ڏهہ سال ٿي ويا هئا جڏهن هن جي زال ساريءَ پنهنجي مصري ٻانهي هن کي ڏني تہ هن جي زال ٿئي ۽ هو هاجره وٽ ويو ۽ هوءَ حمل سان ٿي وئي.“[1]

”گلز ايڪسپوزيشن آف انٽاير بائيبل“ ۾ هنن آيتن جي شرح هن ريت ٿيل آهي:

Gill's Exposition of the Entire Bible

Now Sarai, Abram's wife, bare him no children,.... She is before said to be barren, and he to be childless, Genesis 11:30; God had promised him a seed, but as yet he had none, which was a trial of his faith; he had been married many years to Sarai his wife, she was his wife when they came out of Ur of the Chaldees, and how long before cannot be said; they stayed and dwelt some time at Haran, the Jews (x) say five years, and they had been now ten years in the land of Canaan, Genesis 16:3; and were advanced in years, the one being seventy five, and the other eighty five, so that there was no great probability of having any children, wherefore the following step was taken:

and she had an handmaid, an Egyptian, whose name was Hagar; no doubt but she had many, but this was a principal one, that might be over others, and was chiefly entrusted with the care and management of family affairs under her mistress; she might be the daughter of an Egyptian, born in Abram's house, as Eliezer was the son of a Syrian of Damascus, born there also; or she might be one of the maidservants Pharaoh, king of Egypt, gave to Abram, Genesis 12:16; the Jews (y) have a tradition, that she was a daughter of Pharaoh, who, when he saw the wonders done for Sarai, said, it is better that my daughter should be a handmaid in this house, than a mistress in another, and therefore gave her to Sarai; others say (z) she was a daughter of his by a concubine, but neither is probable: from her came the people called Hagarites, 1 Chronicles 5:10, and Hagarenes, Psalm 83:6; and there were a people in Arabia called Agraei, both by Strabo (a) and Pliny (b); and the latter speaks of a royal city in that country called Agra, which seem to have their names from this person. Melo (c), an Heathen writer, speaking of Abram, says, that he had two wives, one of his own country, and akin to him, and the other an Egyptian, a servant; of the Egyptian he beget twelve sons, who, going into Arabia, divided the country among them, and were the first that reigned over

---

1. پيدائش 16 : 1 ـ 4

the inhabitants of it; as to her twelve sons, he mistakes, for these were not Hagar's sons by Abram, but her grandsons, the sons of Ishmael, see Genesis 17:20.[1]

ترجمو: ”هاڻي ساري، ابراهيم جي زال، هن کان کا اولاد نہ ٿي... هن جي باري ۾ اڳ ۾ ئي چيو ويو تہ هوءَ سنڍ هئي ۽ هن کي کو ٻار ٻچو ڪونہ هو.[2] خدا هن سان اولاد جو واعدو ڪيو هو، پر اجان تائين هن کي کو بہ نہ ٿيو هو، جيڪو هن جي ايمان جو امتحان هو. هن کي ساري پنهنجي زال سان شادي ڪئي ڪيترائي سال ٿي چڪا هئا. هوءَ ان وقت کان وٺي هن جي زال هئي جڏهن هو ڪلدانيہ جي ار (شهر) کان آيا هئا ۽ ڪيترو عرصو هن کان اڳ رهيا اهو نہ ٿو چئي سگهجي. هو ڪجهہ وقت حاران ۾ رهيا. يهودي چون ٿا تہ پنج سال ۽ هاڻي ڪنعان جي زمين ۾ هنن کي ڏهہ سال ٿي ويا هئا[3] ۽ سال گذرندا پيا وڃن. هڪڙي پنجهتر سالن جي ٿي وئي، تہ ٻيو پنجاسي سالن جو. سو ڪنهن ٻار جي پيدا ٿيڻ جو کو امڪان ڪونہ هو. تنهن ڪري هينيان قدم کنيا ويا:

۽ هن وٽ هڪ ٻانهي هئي، هڪ مصري، جنهن جو نالو هاجره هو. انهيءَ ۾ شڪ نہ آهي تہ هن وٽ ڪيتريون ئي (ٻانهيون) هيون، پر هيءَ سيني مان فائق هئي، جيڪا ٻين مٿان سبقت رکي پئي ۽ هن جي نگرانيءَ ۾ هن کي بنيادي طور تي خاندان جي سار سنڀار ۽ انتظام جي ذميداري سونپيل هئي. هوءَ ابرام جي گهر ۾ پيدا ٿيل، ڪنهن مصريءَ جي ڌيءَ ٿي سگهي ٿي، جيئن العيزر هڪ دمشق جو شامي هن جي گهر ۾ پيدا ٿيو هو. يا هوءَ ابرام کي مصر جي بادشاہ فرعون طرفان مليل نوڪرياڻين مان هڪ هئي.[4] يهودين وٽ روايت آهي تہ هوءَ فرعون جي هڪ ڌيءَ هئي. جنهن جڏهن ساريءَ کان عجب جهڙا ڪم ٿيندي ڏٺا تہ هن چيو تہ:

”اهو بهتر ٿيندو جو منهنجي ڌيءَ هن گهر ۾ ٻانهي ٿي رهي بنسبت ٻئي هنڌ جي جتي هوءَ ماڪياڻي ٿي رهي.“

تنهنڪري، هن هن کي ساريءَ کي ڏنو. ٻين جو چوڻ آهي تہ هوءَ هن جي هڪ ٻانهيءَ کان هن جي ڌيءَ هئي. پر (ٻنهي ڳالهين مان) ڪوبہ ممڪن نہ آهي. هن کان آيل ماڻهو ”هاجري“ (Hagarites) سڏجن ٿا،[5] ۽ ”هاجري“ (Hagarenes).[6] ۽ عرب ۾ ڪجهہ ماڻهو آهن جيڪي ”حجر وارا“ (Agraei) سڏجن ٿا. استربو ۽ پليني ٻنهي کان ۽ ٻيو انهيءَ ملڪ ۾ هڪ

1. https://biblehub.com/commentaries/genesis/16-1.htm

2. پيدائش 11: 30
3. پيدائش 16: 3
4. پيدائش 12: 16
5. 1 ـ تواريخ 5: 10
6. زبور 83: 6

شاهي شهر ”حجر“ جي باري ۾ ڳالهائي ٿو. جنهن جي باري ۾ لڳي ٿو ته هنن جا نالا هن شخص (هاجره) کان ورتا ويا آهن. ميلو، هڪ ملحد لکندڙ، ابرام جي باري ۾ ڳالهائي ٿو، چوي ٿو ته:

”هن کي ٻه گهرواريون هيون. هڪڙي هن جي پنهنجي ملڪ مان هئي، هن جي مائٽياڻي ۽ ٻيءَ مصري هئي، هڪ نوڪرياڻي. مصريءَ مان هن کي ٻارهن پٽ ٿيا. هو عرب ۾ ويا ۽ ملڪ کي انهن ۾ ورهايائين ۽ اهي پهريان هيا جن اتان جي رهندڙن مٿان حڪومت ڪئي.“

هن (هاجره) جي ٻارهن پٽن جي باري ۾ هن کان غلطي ٿي آهي، اهي ابرام کي هاجره کان پٽ نه هئا، پر هن جا پوٽا هئا، اسماعيل جا پٽ. ڏسو پيدائش 20:17 .“

پنهنجي پر ۾ عيسائين جي طرفان هنن آيتن بابت ۽ خاص طور تي حضرت بيبي هاجره رضہ جي حسب نسب بابت جامع ترين بيان آهي. ٻي ڪنهن به تفسير ۾ مون ايترو جامع بيان نه ڏٺو آهي ۽ هن جي به حالت هي آهي جو هي سموري جو سمورو بيان اندازن ۽ ڏڪن تي هلي رهيو آهي. جيئن هو چوي ٿو ته:

”هوءَ ابرام جي گهر ۾ پيدا ٿيل، ڪنهن مصريءَ جي ڌيءَ ٿي سگهي ٿي، جيئن العيزر هڪ دمشق جو شامي هن جي گهر ۾ پيدا ٿيو هو. يا هوءَ ابرام کي مصر جي بادشاه فرعون طرفان مليل نوڪرياڻين مان هڪ هئي.“

هي سڀ ڏڪن کان سواءِ ڪجهه به نه آهن. وري هو يهودين جي هڪ مستند روايت کي بيان ڪري ٿو:

”يهودين وٽ روايت آهي ته هوءَ فرعون جي هڪ ڌيءَ هئي. جنهن جڏهن ساريءَ کان عجب جهڙا ڪم ٿيندي ڏٺا ته هن چيو ته:

”اهو بهتر ٿيندو جو منهنجي ڌيءَ هن گهر ۾ ٻانهي ٿي رهي بنسبت ٻئي هنڌ جي جتي هوءَ ماڪياڻي ٿي رهي.“

۽ ڏسو! هو پهريون انهيءَ روايت کي مشڪوڪ بڻائي ٿو ۽ چوي ٿو ته:

”ٻين جو چوڻ آهي ته هوءَ هن جي هڪ ٻانهيءَ کان هن جي ڌيءَ هئي.“

۽ پوءِ جڏهن سمجهي ٿو ته هاڻي ماڻهن جو هڪ مستند روايت کي رد ڪرڻ لاءِ مائيندڙ سيٽ تي ويو آهي ته هو هڪدم انهن ٻنهي روايتن کي رد ڪري ڇڏي ٿو:

”پر (ٻنهي ڳالهين مان) ڪو به ممڪن نه آهي.“

۽ ”حجر“ وارن جي ڳالهه ڪري ٿو جن جو اسمائيلين سان ڪو تعلق ئي نه آهي ۽ اهي هنن کان گهڻو اڳ تي چڪا هئا ۽ انهن ماڻهن جي غلط

بياني جي حد اها آهي جو مجبور ٿي خود هن کي به هنن جي بيان جي هڪ حصي کي رد ڪرڻو ٿو پوي:

”هن (هاجره) جي ٻارهن پٽن جي باري ۾ هن کان غلطي ٿي آهي، اهي ابرام کي هاجره کان پٽ نه هئا، پر هن جا پوٽا هئا، اسماعيل جا پٽ. ڏسو پيدائش 20:17“

هاڻي هنن عيسائين تي ڪهڙو اعتماد ڪجي، جيڪي پاڻ کان اڳ مستند روايتن کي رد ڪري ڇڏين ٿا ۽ پنهنجا ڏڪا هڻن ٿا ۽ غلط بيانن کي ترجيح ڏين ٿا. هنن جي حالت صاف ظاهر آهي. هن کان وڌيڪ هنن تي ڇا تبصرو ڪجي!

اچو ته ڏسون ته يهودي حضرات هن جي باري ۾ ڇا ٿا چون؟

يهودين جي مقدس ڪتاب ”بيريشث رباح“ (Bereshit Rabbah) جي باب45 آيت 1 (1:45) ۾ لکيل آهي ته:

“..Rabbi Shimon ben Yohai said Hagar was Pharaoh's daughter. When he saw the deeds on behalf of Sarah in his house, he took his daughter and gave her to him, saying, 'better that my daughter by a maidservant in this house than a mistress in another house.' This is what is written: "She had an Egyptian handmaid whose name was Hagar." [In other words:] ha agrikh: 'This is your reward.'”

ترجمو: ”ربي شمن بين يوهائي چوي ٿو ته هاجره فرعون جي ڌيءَ هئي. جڏهن هن پنهنجي گهر ۾ ساره جي طرفان (عجيب) ڪم ڏٺا ته هن پنهنجي ڌيءَ کي (ساڻ) ڪنيو ۽ اها هي چوندي هن جي حوالي ڪري ڇڏيائين ته:

”چڱو آهي ته منهنجي ڌيءَ هن گهر ۾ نوڪرياڻي ٿي رهي، بنسبت ان جي جو هوءَ ڪنهن ٻئي گهر ۾ مالڪياڻي ٿي رهي.“

اهو آهي جيڪو لکيل آهي ته: ”هن وٽ هڪ مصري ٻانهي هئي جنهنجو نالو هاجره هو.“ (ٻين لفظن ۾) ها اگرخ: ”هيءَ تنهنجو انعام آهي.“[1]

يهودين جو مشهور ربي شلومو يتزڪي (Rabbi Shlomo Yitzchaki) جيڪو يهودين وٽ رشي (Rashi) جي سرنامه (acronym) سان مشهور آهي ۽ مسلمانن ۾ ربي شلومو اسحاق مشهور آهي جو ته لاطينيءَ ۾ انهيءَ جو نالو اهو (Rabbi Solomon Isaac) آهي. عيسائين وٽ هو جارچي (Jarchi) جي نالي سان مشهور آهي. هن مشهور مفسر تناخ (Tanakh) جي تفسير ڪندي ڪتاب پيدائش 1:16 جي تفسير ۾ ”بيريشث رباح“ کان متين روايت نقل

---

[1]. https://www.sefaria.org/Bereishit_Rabbah.45.4?lang=bi&with=all&lang2=en

ڪري ٿو.[1] يعني هو انهيءَ روايت کي تسليم ڪري ٿو.[2]

”بيريشٿ رباح“ يهودين جي بنيادي تفسيرن مان آهي ۽ انهيءَ ۾ جنهن عالم ”ربي شمن بين يوهائي“ (Rabbi Shimon ben Yohai) جي حوالي سان ڳالهه ڪئي وئي آهي اهو خود يهودين جو معزز عالم آهي. جڏهن اهڙن بنيادي لکندڙن وٽ مشهور آهي ته پونين لکندڙن جو انهيءَ کي نظر انداز ڪرڻ معني صاف صاف لڳي ٿو ته دال ۾ ڪجهه ڪارو آهي، يا نيتن ۾ فتور آهي. هنن وٽ مٿين روايت کي رد ڪرڻ لاءِ ڪا مظبوط دليل هجڻ کپي ها. بنا دليل جي بنيادي ماخذ کي رد ڪرڻ علم وارن جو ڪم نه هوندو آهي. ثابت ٿيو ته حضرت بيبي هاجره رضہ مصر جي شهزادي هئي ۽ ڪا ڪنيز، ٻانهي يا نوڪرياڻي نه هئي.

حڪيم محمد ثاقب عوانڻ صاحب هن موضوع تي بحث ڪندي لکن ٿا ته: ”حضرت هاجره رضہ ٻانهي نه هئي. هوءَ ته شهزادي هئي. فرعون مصر جي ڌيءَ هئي. حضرت ابراهيم عہ، جنهن جي هاجره رضہ زال هئي، جيڪڏهن ڪا پست مخلوق هجي ها ته ڇا حضرت ابراهيم عہ کي ڪو معزز رشتو نه ملي رهيو هو جو هو هڪ ٻانهيءَ سان شادي ڪرڻ تي مجبور ٿي وڃي؟ جيئن ڪو بادشاه شهزاديءَ سان شادي ڪري وٺي؟

جيڪڏهن ائين نه آهي ته يقينن حضرت ابراهيم عہ هاجره رضہ کي هڪ عالي نسب خاتون سمجهي ڪري شادي ڪئي ۽ الله کان دعائون گهري هن جي پيٽ کان پنهنجو وارث ورتو ۽ جڏهن وارث پيدا ٿي ويو ته ٻيهر اولاد لاءِ دعا نه گهريائين. بلڪ تيرهن سالن کان پوءِ جڏهن فرشتي حضرت ابراهيم عہ کي هڪ ٻئي پٽ جي خوشخبري ڏني جيڪو ساره رضہ جي پيٽ کان ٿيندو ته ابراهيم عہ خوشيءَ جو اظهار ئي نه ڪيو:

”۽ ابراهيم خدا کي چيو ته ڪاش! اسمائيل ئي تنهنجي حضور ۾ زنده رهي.“[3]

هاجره رضہ ته شهزادي هئي جيڪا مصر جي فرعون جي صاحبزادي هئي. جڏهن مصر جي فرعون کي خبر پئجي وئي ته ابراهيم عہ الله جو نيڪ ۽ برگزيده ٻانهو آهي ته انهيءَ ڪري، هن پنهنجي صاحبزادي هاجره رضہ کي گهڻو ئي دولت، مال، جانور ۽ نوڪرن چاڪرن ساڻ ڪيس رخصت ڪري ڇڏيو. جيئن سندس سٺي تربيت ٿئي. خود فرعون کي ان جي نسبت سان برڪت رحمت حاصل ٿئي ۽ هن جي خطا به معاف ٿئي. پوءِ جڏهن

---

1 . A HANDMAID, AN EGYPTIAN — She was a daughter of Pharaoh when he saw the miracles which had been performed for Sarah's take he said, "It is better for my daughter to be a handmaid in this man's house than be mistress in another man's house" (Genesis Rabbah 45:1).

2. https://www.sefaria.org/Rashi_on_Genesis.16.1.1?lang=bi

3. پيدائش 17 : 18

هاجره رضہ مکي ۾ رهائش اختيار ڪئي تہ هن جي پيءُ مصر ڪان هاجره رضہ جي لاءِ مکي ۾ ڪاڏ پيت جو سامان وغيره پهچائڻ لاءِ درياءِ نيل ڪان ونئي بحيره احمر تائين هڪ نهر کوٽائي هئي. جنهن کان بعد اوربان، قيصر تينجوس شاه دارا (ان جي) تجديد ڪرائي. هيءَ اها نهر آهي جنهن کي بعد ۾ فاروق اعظم رضي الله عنه نئين سري کان کوٽايو هو.

چا ٻانهيءَ لاءِ کو ايئن ڪندو آهي؟ وري هاجره رضہ پنهنجي پٽ جي شادي بہ مصر ۾ ڪئي. ڇا هي سڀ هڪ ٻانهي ۽ ٻانهيءَ جي پٽ لاءِ ممڪن آهي؟"

انهيءَ کان بعد حڪيم صاحب ربي شلومو اسحاق جي متين روايت کي نقل ڪري ٿو ۽ ان کان پوءِ فرمائي ٿو تہ:

"ربي شلومو مفسر تورات جي هن شهادت کان بعد تفصيل جي ضرورت باقي نہ رهي ٿي، ليڪن هن شهادت جي توثيق ۾ اسان ايتريقدر ظاهر ڪرڻ ضروري سمجهون ٿا تہ عبراني زبان ۾ ٻانهيءَ غلام جي مختلف حالتن لاءِ مختلف الفاظ موجود آهن:

(1) بليد بايث : اهڙن ٻارن کي چيو ويندو آهي جيڪي پيدائشي غلام هجن.

(2) مقنت ڪسف : اها ٻانهي غلام جيڪا روپين سان خريد ڪئي ويندي آهي.

(3) شيبوت حرب : اهڙي ٻانهي يا غلام جيڪا جنگ ۾ بطور غنيمت حاصل ٿيندي آهي.

هاڻي مڪمل تورات ڏسي وڃو. هنن ٽنهي لفظن مان کو بہ لفظ حضرت هاجره رضہ لاءِ استعمال ٿيل نہ آهي. هي تہ بعد ۾ ترجمي ڪندڙن جو اضافو آهي، جن کي بني اسمائيل سان ضد ۽ عداوت آهي.

توريت ۾ ڪابہ اهڙي شئي نہ ٿي ملي جنهن کان ساره رضہ جي هاجره رضہ تي فضيلت ثابت ٿئي.

"خدا هاجره جي درد ۽ غم کي ٻڌو"	(پيدائش 11:16)
"خدا ساره جي درد ۽ غم کي ٻڌو"	(پيدائش 14:18)
"خدا هاجره جي پٽ اسمائيل جو نالو رکيو"	(پيدائش 11:16)
"خدا ساره جي پٽ اسحاق جو نالو رکيو"	(پيدائش 19:17)
"خدا هاجره جي پٽ اسمائيل کي برڪت ڏني"	(پيدائش 20:17)
"خدا ساره جي پٽ اسحاق کي برڪت ڏني"	(پيدائش 24:26)
"خدا اسمائيل سان هو"	(پيدائش 20:21)
"خدا اسحاق سان هو"	(پيدائش 24:26)
"اسمائيل قومن ۽ بادشاهن جو پيءُ ٿيندو"	(پيدائش 16:25)
"اسحاق قومن ۽ بادشاهن جو پيءُ ٿيندو"	(پيدائش 16:17)

کھڙي اهڙي فضيلت آهي جا ساره رضہ ۾ موجود هجي ۽ هاجره رضہ ۾ نہ آهي؟ يهودي ۽ نصراني تہ ايئن ثابت نہ ٿا ڪري سگهن. البتہ توريت ۾ آهي تہ خدا جي فرشتي هاجره رضہ کي هن جي پٽ جي خوشخبري ڏني ۽ ساره رضہ جي پٽ جي خوشخبري لاءِ فرشتو ساره رضہ سان ڪلام نہ ٿو ڪري، بلڪ حضرت ابراهيم عہ سان ڪلام ڪري ٿو. انهيءَ ڪري هاجره رضہ جي فضيلت وڌيڪ هوندي.

جيڪڏهن حضرت ساره رضہ ڪاوڙ ۾ پنهنجي پهاڄ کي ٻانهي چئي ڇڏيو تہ انهيءَ جو مطلب نہ آهي تہ هن کي ٻانهي ئي سمجهيو وڃي. جيڪڏهن ڪنهن جي چوڻ سان ڪا ٻانهي يا غلام ٿي سگهي ٿي تہ پوءِ بني اسرائيل جي باري ۾ ڇا خيال آهي، جيڪي فرعون جي چوڻ سان هن جا غلام هئا؟"[1]

(iii) يهودين ۽ عيسائين جا مقدس غلام ۽ ٻانهيءَ جا ٻار

حضرت بيبي هاجره رضہ ٻانهي ڪانہ هئي. هوءَ مصر جي فرعون جي ڌيءَ هئي ۽ شهزادي هئي. يهودي ۽ عيسائي حضرت اسحاق عہ ڏانهن غلط فضيلتون بيان ڪرڻ خاطر حضرت اسمائيل عہ کي ٻانهيءَ جو ٻار قرار ڏيئي حضرت ابراهيم عہ جي پٽن جي ڳٽپ مان ئي ٻاهر ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندا آهن تہ جيئن حضرت اسحاق عہ کي حضرت ابراهيم عہ جو پهريون جائز ٻار تسليم ڪرايو وڃي. جيڪڏهن حضرت بيبي هاجره رضہ کي ٻانهي ئي تسليم ڪيو وڃي تہ پوءِ بہ حضرت بيبي ساره رضہ ڪيس حضرت ابراهيم عہ جي حوالي زال طور ڪيو هو نہ ڪہ ناجائز ٻار پيدا ڪرڻ خاطر، جيئن توريت ۾ آهي تہ:

"جڏهن هن جي زال ساره پنهنجي مصر جي ٻانهي هن کي ڏني تہ هن جي زال ٿئي ۽ هو هاجره وٽ ويو ۽ هو حمل سان ٿي وئي."[2]

مصيبت هي آهي جو يهودين ۽ عيسائين وٽ پاڻ لاءِ هڪڙو پيمانو هوندو آهي تہ ٻين لاءِ ٻيو. هو هي سڀ انهيءَ لاءِ بہ ڪندا آهن تہ هو پاڻ پنهنجي ڪتابن موجب ٻانهيءَ جا ٻار، غلام ۽ ناجائز اولاد آهن.

(1) حضرت يعقوب عہ کي چار زالون هيون. جنهن مان بہ پاڻ ۾ ڀينرون هيون، لياه ۽ راخل. بہ انهن جون ٻانهيون هيون، زلفہ جيڪا لياه جي ٻانهي هئي ۽ بلهاه جيڪا راخل جي ٻانهي هئي.

حضرت يعقوب عہ جو لقب اسرائيل هو، جنهن مان يهودي بني اسرائيل سڏجڻ لڳا. انهيءَ بني اسرائيل جا ٻارهن قبيلا هئا جيڪي حضرت يعقوب عہ جي ٻارهن پٽن مان ٺهيا. حضرت يعقوب عہ کي اهي

---

1. ثاقب، محمد عمران، حڪيم، "بائيبل اور محمد رسول الله صلي الله عليہ وسلم"، مڪتبہ قدوسيہ اردو بازار، لاهور، 2011ع، ص 49 ـ 51
2. پيدائش 16 : 3 ـ 4

ٻارهن ئي پٽ لياه ۽ راخل مان ڪونہ هئا، بلڪ ڪيس:
”بہ پٽ زلفہ مان هئا، دان ۽ نفتالي.“
”۽ بہ پٽ بلهاه مان ٿيا، جد ۽ آشر.“
حضرت يعقوب عہ جا اهي چار پٽ چئن قبيلن جا مالڪ بڻيا ۽ هن وقت بہ گهٽائي يهودي پاڻ کي انهن قبيلن ڏانهن منسوب ڪندا هوندا.
ڇا دان، نفتالي، جد ۽ آشر پنهنجي پيءَ جو پٽ سڏائڻ بند ڪيو هو يا هو هن جي ورهاست جا حقدار نہ ٿيا هئا يا حضرت يعقوب عہ جي برڪتن جا حصيدار نہ بڻيا هئا؟
پيدائش باب 49 حضرت يعقوب عہ جو پنهنجي ٻارهن پٽن کي برڪتن ڏيڻ تي مشتمل آهي، جنهن ۾ هي چار ئي پائر بہ شامل آهن.
(2) حضرت يوسف عہ کي بہ دفعا وڪيو ويو ۽ بہ دفعا خريد ڪري غلام بڻايو ويو. پهريون دفعو پائرن ڪيس اسمائيلين هٿان وڪيو، جيئن حضرت يوسف عہ پنهنجي پائرن کي گلا طور چوندي نظر اچي ٿو تہ:
”تڏهن هن چيو تہ مان توهان جو پاءُ يوسف آهيان جنهن کي توهان وڪڻي ڪري مصر پهچايو.“[1]
۽ ٻيهر فوطيفار ڪيس اسمائيلين کان خريد ڪري ٿو:
”۽ يوسف کي مصر آندائون ۽ فوطيفار مصري جيڪو فرعون جو هڪ حاڪم ۽ جلودارن جو سردار هو هن کي اسمائيلين جي هٿان جيڪي هن کي اتي وني ويا هئا خريد ڪري ورتو.“[2]
حضرت يوسف عہ جو غلام جي حيثيت سان وڪرو ٿي وڃڻ مشهور قصو آهي. اسان مثال خاطر صرف بہ آيتون نقل ڪيون آهن.
(3) حضرت يوسف عہ جڏهن مصر جو حاڪم ٿيو تہ هن پنهنجي پيءُ ۽ سيني پائرن کي مصر ۾ گهرائي ورتو. جيستائين حضرت يوسف عہ هنن ۾ هو، هو مصر جا حاڪم رهيا. حضرت يوسف عہ کان پوءِ هنن جي حيثيت تبديل ٿيندي وئي. ايتري تائين جو جڏهن حضرت موسیٰ عہ جو دور آيو تہ سمورو بني اسرائيل فرعون جو غلام بڻجي چڪو هو. تالمود ۾ آهي تہ:
”جڏهن مصرين ڏٺو تہ اسرائيلين آزادي جو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي تہ هنن پنهنجي غلامن جي خلاف جنگ ڪرڻ لاءِ صف بندي ڪئي ۽ ملڪ مصر جا امير هنن جي سامهون پنهنجي زمينن تي پيجي ويا. جڏهن فرعون کي خبر پئي تہ هنن سان ڪهڙو واقعو ٿيو آهي؟ ۽ ڪيئن هنن مان ڪيترا قتل ٿيا؟ تہ هن چيو تہ:
”اسان بيوقوفي ڪئي جو پنهنجن غلامن کي وڃڻ جي اجازت

---

1. پيدائش 45 : 4
2. پيدائش 39 : 1

ڏنوسين. اسان پنهنجي قلعن کي تعمير ڪرڻ ۽ سرن کي بڻائڻ ۾ هنن جي کوٽ محسوس ڪنداسين ۽ جڏهن اسان جا معاون اها ڳالهه ٻڌندا ته هو اسان جي خلاف بغاوت ڪندا، جيڪڏهن اسان اسرائيلين کي زبردستي واپس نه آندو. ڇو ته هو چوندا ته: جيڪڏهن غلام هنن جي خلاف ڪاميابيءَ سان بغاوت ڪري سگهن ٿا ته اسان جهڙن حڪمرانن ۽ اميرن لاءِ ڪيترو آسان هوندو جو هن جي جوئي کي پنهنجي ڪنڌ کان لاهي ڦٽو ڪيون؟"[1]

(4) بخت نصر بادشاه هن سموري قوم کي غلام بڻائي بابل ۾ اسير بڻائي وٺي ويو. جتي هو ڪيترائي سال غلاميءَ ۾ رهيا. وڏي عرصي بعد ڪوروش اعظم ڪين نجات ڏياري.

هنن جي پنهنجي ڪتابن موجب هي ته سموري قوم ئي غلامن جي آهي. انهيءَ کان به وڌي ڪري هنن جي پنهنجي ڪتابن موجب هو محرمات سان ناجائز رشتن جي پيداوار آهن. اسان ان جي ڪجهه جهلڪ "ڪتاب پيدائش جو تعارف" ۾ پيش ڪري چڪا آهيون. هي ايتري بيشرم قوم آهي جو اسان ته هنن جا قصا به نقل ڪندي شرمندگي محسوس ڪيون ٿا. جو هنن جي حسب نسب ۾ ۽ هنن جي انهن ڳالهين جي زد ۾ وڏا وڏا نبي ۽ رسول اچي وڃن ٿا. جيڪي ماڻهو پنهنجو پٽڪو ايئن ڏوڙ ڪري سگهن ٿا ته انهن کي ٻين جي پٽڪي لاهڻ ۾ ڪيترو حجاب محسوس ٿيندو؟

هن وقت به بني اسرائيل دنيا جي بدترين مجرم قوم ۾ شمار ٿئي ٿي. اهو ڪهڙو بين الاقوامي جرم آهي جيڪو اسرائيل نه ڪيو آهي؟ اهو ڪهڙو بين الاقوامي قانون آهي جنهن جي ڀڃڪڙي اسرائيل نه ڪئي هجي؟

ظلم، زيادتي، معصوم ٻارن جو قتل، ريپ، معاهدا ڪري ڦري وڃڻ، معاهدن جي خلاف ورزي. دنيا جي ڪنهن به ڏوهه کي هن نه ڇڏيو.

دنيا ۾ وڌ ۾ وڌ قرارداد اسرائيل جي خلاف پيش ڪيا ويا. پر هر قرارداد کي امريڪا بهادر ويٽو ڪري رد ڪري ڇڏيو. باقي جيڪي به قرارداد اسرائيل جي خلاف پاس ٿيا تن کي اسرائيل پنهنجي پيرن جي هينان لتاڙي ڇڏيو. يعني هاڻي هن کي بلڪل ڪليل ڇوٽ مليل آهي ته هو سڀ ڪجهه ڪري سگهي ٿو ۽ هو ڇا به ڪري پر هن جي خلاف ڪجهه به نه ڪري سگهجي ٿو.

بحرحال هو حضرت بيبي هاجره رضه کي ٻانهي سڏي ڪري حضرت اسمائيل عه جي جاءِ تي حضرت اسحاق عه کي ذبيح الله ثابت نه ٿا ڪري

---

1. تالمود (اردو)، اصل زبان عبراني کان انگريزي ترجمو: ايچ- پولانو، اردو ترجمو: اسٽيفن بشير، مڪتب عناويم، پاڪستان، جي ٽي روڊ ساڌو کي ضلع گوجرانوالا ص 95 ـ 96

سگهن. ذبيح الله حضرت اسمائيل ع ئي آهن. هن وقت مسلمان ئي هر سال حج جي دوران قرباني ڪري انهيءَ ڏينهن جي ياد ملهائيندا آهن. انهيءَ ڳالهه کي حڪيم محمد عمران ثاقب تمام سهڻي نموني بيان ڪيو آهي. اچو ته هن جي زباني ٻڌون. هو فرمائين ٿا ته:

”پوءِ تاريخ ۽ زماني جي روش گواه آهي. ڇا دنيا جا يهودي يا عيسائي اسحاق ع جي قرباني ملهائيندا آهن؟ توريت ڪان ئي ڏيکاريو ته اسحاق جي پٽن هن يادگار جي ڏينهن خوشي ملهائي؟

هي فرعون کان آزادي جون رسمون ته ملهائيندا آهن. يهودي ختني (طوهر) جو ڏينهن ته ملهائيندا آهن. جڏهن ڪو ٻار ٿيندو آهي ته انين ڏينهن ان جو طوهر ڪندا آهن. عيد فصيح ته ملهائيندا آهن. يوم الخميس، يوم پوريم ۽ ٻيا تهوار ته ملهائيندا آهن پر ڪڏهن ڪنهن يهوديءَ اسحاق ع جي قربانيءَ کي ياد رکيو يا ملهايو؟

يهودين کان پوءِ ساڳيو سوال عيسائين کان آهي ته عيسائي بپتسمه ۽ عشاءِ رباني کي ته ڪڏهن به نه وساريو. آچر جو ڏينهن باقاعدي ملهائيندا آهن. ڪرسمس ۽ ايسٽر جي ته انتهائي وڏي خوشي ڪندا آهن. ڇا ڪڏهن ڪنهن عيسائي قرباني جو ڏينهن به ملهايو؟

جواب نفي ۾ آهي. ڇو ته يهودين ۽ عيسائين کي هن سان واسطو ئي نه آهي. حقيقت انهيءَ جي ابتڙ آهي. هنن ته صرف تحريف جو سهارو وٺي ڪري هاجره رضه کي ٻانهي ۽ اسمائيل ع کان ذبيح جو اعزاز ڦرڻ ۽ بي مهل اسحاق ع سان جوڙڻ ۽ اسحاق کي عهد جو پيغمبر ثابت ڪرڻ لاءِ الله جي ڪلام ۾ تحريف جا مجرم بڻيا.

هاڻي اچو مسلمانن طرف: دنياڀر جا مسلمان انهن ئي پهاڙن تي سعي ڪندا آهن، جن پهاڙن تي سيده هاجره رضه ڊوڙي ڪري چڙهيون ۽ پاڻي ڏسنديون يا ڪنهن فرد بشر کي ڳولهينديون رهيون جيئن پنهنجي ٻار کي ڪنهن به طرح بچائي سگهن. وري حج کان فراغت بعد انهيءَ جاءِ تي ئي حاجي قرباني جا جانور ذبح ڪندا آهن جتي اسماعيل ع ”تَلَّهُ لِلْجَبِينِ“ جو مظاهرو ڪيو هو ۽ دنياڀر جا مسلمان پنهنجي پنهنجي جاءِ تي قرباني جو فريضو ادا ڪندا آهن ۽ شڪر ڪندا آهن ته الله تعالي اسماعيل ع جي جاءِ تي گهيٽي جي قرباني قبول فرمائي.

سڀ مسلمان عيدالاضحي وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهائيندا آهن. حج جي موقعي تي هر حاجي گهٽ ۾ گهٽ به قربانيون ڪندو آهي ۽ حج ته آهي ئي حضرت ابراهيم ع، حضرت هاجره رضه ۽ حضرت اسمائيل ع جي يادگار. هتي گڏ ٿي ڪري دنياڀر جا لکين مسلمان الله جي وحدانيت، اجايل پٽ لاءِ هاجره رضه جي بيقراري ۽ اسمائيل ع جي قرباني جو ابدي عمل تازه ڪندا آهن.

هونئن بہ صحيح معني ۾ قرباني پهرئين جي ئي ٿي سگهي ٿي. انهيءَ جي تائيد توريت کان بہ ٿئي ٿي. هڪ انسان جي دل ۾ انهيءَ پٽ جي محبت شديد ترين ٿي سگهي ٿي جيڪو سالن جي دعائن کان پوءِ پوڙهپ ۾ 86 سالن جي عمر ۾ پيدا ٿيو هجي.

اهڙي پهرئين ۽ اڪيلي پٽ جي قرباني سڀ کان وڏيڪ ڏکي آزمائش هوندي آهي ۽ هابيل بہ جڏهن قرباني پيش ڪئي تہ هن بہ پنهنجي جانورن جا پهريان (ٻار) پسند ڪيا ۽ الله کي اها قرباني پسند آئي. تنهن ڪري الله ابراهيم ؑ کي پهرئين ۽ اڪيلي پٽ جي قرباني جو چيو. اهوئي هن کي سڀ کان وڏيڪ پيارو هو. نہ تہ چوڏهن پندرهن سالن جي پٽ جي موجودگيءَ ۾ ٻئي پٽ جي قرباني ايتري صبرآزما نہ ٿي سگهي ٿي."[1]

ثابت ٿيو تہ ذبيح الله حضرت اسمائيل ؑ هو ۽ الله تبارڪ وتعالي کيس حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم انعام طور ڏنو هو ۽ اهو ئي عهد هو ۽ **عهد جو رسول ﷺ** جيڪو اچڻو هو. هن عهد جي اهميت اها هئي جو اڳيون شريعتون صرف مخصوص قبيلن لاءِ ۽ مخصوص وقت لاءِ هونديون هيون. پر هي رسول ﷺ جيڪو اچڻو هو تنهنجي شريعت سموري دنيا جي جن وانس لاءِ حجت ٿيڻي هئي ۽ هميشہ لاءِ ٿيڻي هئي يعني قيامت تائين تبديل نہ ٿيڻي هئي ۽ هر ڪنهن ننڍي وڏي کي بنا ڪنهن رنگ، نسل، قوم، قبيلي جي ان جي پابندي ڪرڻي هئي. انهيءَ کي ئي **هميشہ جو عهد** سڏيو ويو هو.

اهو ئي سبب آهي جو يهودي ۽ عيسائي بيهوش پيا ٿين تہ ڪوڙ تي بہ اهو اعزاز حاصل ڪجي. پر هي خدا جي طرفان ٿيڻو هيو. سو ڪنهن ننگيءَ يا ناه سان هٿ نہ پيو ڪري سگهجي ۽ آخرڪار اهو وقت بہ آيو جو حقدار کي حق مليو.

"پر هن جي آمد جو ڏينهن ڪير سهي سگهندو؟ ۽ جڏهن هو ظاهر ٿيندو تڏهن ڪير بيهي سگهندو؟ ڇالاءِ جو هو سوناري جي باهہ ۽ ڌوٻيءَ جي صابڻ وانگي آهي."

يعني اهو وقت امتحان جو هوندو تہ ڪير هن مٿان ايمان آڻي ٿو. ڪير هن سان بيهي ٿو، ڪير هن جو مخالف ٿئي ٿو. مديني جا يهودي حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليہ وعلي آلہ واصحابہ وسلم سان نہ بيهي سگهيا.

هڪ تہ مديني جي يهودين مان ايمان آڻڻ وارا اٽي ۾ لوڻ برابر هئا. ٻيا وري جيڪي بچيا سي بہ هر دفعي معاهدو ڪري ان جي خلاف ورزي

---

1. ثاقب، محمد عمران، حڪيم، "بائيبل اور محمد رسول الله صلي الله عليہ وسلم"، مڪتبہ قدوسيہ، اردو بازار، لاهور، 2011ع، ص 61_ 63

ڪرڻ وارا ٿي پيا. پر حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليه وعلي آله واصحابه وسلم وٽ مومن ۽ منافق جي ڇنڊ ڇاڻ هئي. تنهن ڪري فرمايو ويو آهي ته:

”هو سوناري جي باهه وانگر ڦيٽ جي ذري پرزي کي ڪڍي ٻاهر ڦٽو ڪندو ۽ ڌوٻيءَ جي صابڻ وانگي هر گندگيءَ کان پاڪ ۽ صاف ڪري ڇڏيندو.“

دعائن جو طلبگار

احسان الله جمالي

آچر، 26 جولاءِ 2020ع

ترامڙي . اسلام آباد

ڪتابيات

قرآن مجيد

تفسيرن جا ڪتاب

(1) طباطبائي، محمد حسين، سيد، آيت الله، "الميزان في تفسيرالقرآن" (اردو)، اردو مترجم: غديري، حسن رضا، آيت الله، الغدير اڪيڊمي، پاڪستان.

(2) السيوطي، عبدالرحمن بن ابي بڪر، جلال الدين، امام(متوفي 911 هہ)، "تفسير دُرِمنثور" (اردو)، مترجمين: سيد محمد اقبال شاهہ، محمد بوستان، محمد انور مگهالوي، ضياءُالقرآن پبلي ڪيشنز، لاهور - ڪراچي، پاڪستان، سال نومبر 2006ع .

(3) ابن ڪثير، عمادالدين، علامہ، "تفسير ابن ڪثير" (اردو)، مترجم: جوناگڙهي، محمد صاحب، مولانا؛ دارالاشاعت، اردو بازار، ڪراچي، طباعت: آڪٽوبر 2002ع

(4) شيرازي، ناصر مڪارم، آيت الله العظمي، "تفسير نمونہ" (اردو)، مترجم: نجفي، صفدر حسين، سيد، مصباح القرآن ٽرسٽ، لاهور، تاريخ اشاعت ربيع الثاني 1421هہ.

(5) مودودي، ابوالاعلي، "تفهيم القرآن" (اردو)، ترجمان القرآن، لاهور، 19 اشاعت: ربيع الاول 1411هہ، سيپٽمبر 1990ع.

(6) مودودي، ابوالاعلي، سيد، "تفهيم القرآن" (سنڌي)، مترجم: پٺو، مولانا جان محمد ۽ محترم، مولانا امير الدين، سنڌ اسلامڪ پبليڪيشنز حيدرآباد، ڇاپو ٽيون، سال 1995ع.

(7) نعيمي، احمد يار خان، مفتي، حڪيم الامت، "اشرف التفاسير تفسير نعيمي" (اردو)، مڪتبہ اسلاميہ، 40 - اردو بازار، لاهور.

(8) سعيدي، غلام الرسول، تفسير"تبيان القرآن" (اردو)، فريد بڪ اسٽال، 38 - اردو بازار، لاهور، الطبع عشر: ربيع الثاني 1434هہ مئي 2013ع.

(9) نجفي، محمد حسين، الشيخ، آيت الله، "فيضان الرحمان في تفسير القرآن" (اردو)، مصباح القرآن ٽرسٽ، لاهور، سال اشاعت: 2015ع.

(10) جاڙا، حسين بخش، علامہ، "تفسير انوار النجف في اسرار المصحف" (اردو)، مڪتبہ انوار النجف درياخان، ضلع بکر، جولاءِ 1993ع.

(11) نجفي، محسن علي، "الڪوثر في تفسيرالقرآن" (اردو)، البلاغ

المبين، اسلام آباد، بار دوم: ذي القعد 1429 ھ نومبر 2008 ع،
(12) نورنگ زاده، محمد عثمان، مخدوم، "تفسير تنويرالايمان" (سنڌي)، اداره اشاعت ڪتب وتاجران، شاهي بازار، شڪارپور، 1988 ع،
(13) قرطبي، محمد بن احمد بن ابوبڪر، ابو عبدالله، امام، "تفسير قرطبي مترجم" (اردو)، ترجمہ متن قرآن: الازهري، محمد ڪرم شاه، پير، زير اهتمام: اداره ضياء المصنفين پيره شريف، ضياءُ القرآن پبليڪيشنز، لاهور، ڪراچي، پاڪستان، سال اشاعت: 2012، بار اول
(14) آملي، جوادي، آيت الله، "تفسير تسنيم" (فارسي)، (انٽرنيٽ)
(15) الوري، شاه، محمد ديدار علي، سيد، "تفسير ميزان الاديان" (مقدمہ)، مرڪزي دارالعلوم حزب الاحناف، لاهور،24 جولاءِ سنہ 2004 ع بمطابق 6 جمادي الثاني 1425ھ،

حديثن جا ڪتاب

(1) ڪليني رحہ، الشيخ بن محمد يعقوب، "الشافي ترجمہ اصول ڪافي" (اردو)، مترجمہ: رضوي، منير حسين، سيد، مصباح القرآن ٽرسٽ، لاهور.
(2) **البخاري، محمد بن إسماعيل، أبي عبد الله،** "**صحيح البخاري**" (اردو)، ترجمو ۽ شرح: وحيدالزمان، علامہ، تاج ڪمپني لميٽيڊ، ڪراچي - لاهور - راولپنڊي.
(3) **البخاري، محمد بن اِسماعيل، أبي عبدالله،** "**صحيح البخاري**" (انگريزي)، ترجمو: خان، محمد محسن، ڊاڪٽر، رياض، سعودي عرب،
(4) سعيدي، غلام الرسول، علامہ، "نعمت الباري في شرح صحيح بخاري" (اردو)، فريدي بڪ اسٽال 38_اردو بازار، لاهور، الطبع السابع: شوال1434ھ سيپٽمبر 2013 ع.
(5) النيشابوري، القشيري، امام ابي الحسين مسلم بن الحجاج بن مسلم، "صحيح مسلم شريف" مع شرح نووي(مختصر) (اردو)، اردو مترجمہ: وحيد الزمان، علامہ، اسلامي ڪتب خانہ، لاهور.
(6) سليمان بن اشعث، ابو دائود، حافظ، امام، "سنن ابو دائود" (انگريزي)، مترجمہ: ياسر قاضي (امريڪا)، شرح ۽ تدوين: عليزئي، زبير، ابو طاهر، حافظ، پبلشرز: دارالسلام.
(7) احمد بن حنبل، امام، "مسند احمد بن حنبل" (اردو)، مترجمہ: محمد ظفر اقبال، مولانا، مڪتبہ رحمانيہ، اردو بازار، لاهور.
(8) ترمذي، محمد بن عيسي، ابو عيسي، امام "جامع ترمذي" (اردو)، مترجمہ علامہ وحيدالزمان، اسلامي ڪتب خانہ، فضل الاهي مارڪيٽ، چوڪ اردو بازار، لاهور.
(9) ترمذي، محمد بن عيسي، ابو عيسي، "جامع ترمذي" (انگريزي)،

مترجم: ابو خليل (يو ايس اي)، اسلامڪ ريسرچ سيڪشن دارالسلام.
(10)التميمي الدارمي، عبدالله بن عبدالرحمان، ابو محمد، ”سنن دارمي“ (اردو)، مترجم: بنت حماد، عبدالستار، حافظ، شيخ الحديث، انصار السنہ پبليڪيشنز، لاهور.
(11)هندي برهانپوري، علاءُالدين علي متقي بن حسام الدين، ”ڪنزالعمال في سنن الاقوال و افعال“ (اردو ترجمہ)، دارالاشاعت، ڪراچي، طباعت: سيپٽمبر 2009ع.
(12)نعيمي، احمد خان، مفتي. ”مرءة المناجيح فى شرح مشكوة المصابيح“(اردو)، ضياءُ القرآن پبليڪيشنز، لاهور.
(13)المڪتبة الشاملة
(14) سجستاني، سليمان بن اشحث، ابو دائود، ”سنن ابودائود شريف“ (اردو)، مترجم: وحيد الزمان، علامہ، اسلامي ڪتب خانہ، فضل الهيٰ مارڪيٽ، اردوبازار، لاهور.
(15) المڪتبہ الشاملہ: البيهقي، احمد بن الحسين بن علي، ابوبڪر، حافظ، ”السنن الڪبريٰ“ (عربي).

سيرت جا ڪتاب

(1) الحميري، عبدالملڪ بن هشام بن ايوب، ابو محمد، ”السيرة النبوية“ مترجم: نظامي دهلوي، ياسين علي حسني، سيد، اداره اسلاميات، لاهور2، طباعت سوم: مئي 1994ع.
(2) ابن جوزي، عبدالرحمان، امام، ”سيرت سيدالانبياء صلي الله عليہ وسلم“ ترجمہ ”الوفا باحوال المصطفي صلي الله عليہ وسلم“، مترجم: سيالوي، محمد اشرف، علامہ، فريد بڪ اسٽال، لاهور، ربيع الثاني 1423 هہ بمطابق جون 2002ع.
(3) الشامي، الصالحي، محمد بن يوسف، الامام، ”سبل الهدي والرشاد في سيره خير العباد صلي الله عليہ وسلم“ (اردو)، مترجم: عبيد الرحمان، مولانا، مڪتبہ رحمانيہ، جلد نهم، ص 560_561
(4) ابن قيم، علامہ، حافظ، ”زاد المعاد“ (اردو)، مترجم: جعفري، رئيس احمد، نفيس اڪيدمي، ڪراچي، طبع 1990ع.
(5) نعماني، شبلي رحہ، علامہ ۽ ندوي، سليمان، سيد، ”سيرت النبي صلي الله عليہ وسلم“، الميزان ناشران وتاجران ڪتب، الڪريم مارڪيٽ، اردو بازار، لاهور، سن اشاعت: 2004ع.
(6) مبارڪپوري، صفي الرحمان، مولانا، ”الرحيق المختوم“(اردو)، المڪتبہ السفليہ، لاهور.
(7) فوق بلگرامي، اولاد حيدر، سيد، ”اسوة الرسول صلي الله عليہ وآلہ

وسلم" (اردو)، مصباح القرآن ٽرسٽ، لاهور، سال اشاعت: 2011ع،
(8) ڪرپالوي، طالب حسين، مولانا، "سيرت النبي صلي الله عليہ وآلہ وسلم" اسلاميہ دارالتبليغ، لاهور، يڪم اپريل 1991ع،
(9) هيڪل، محمد حسين، "حيات محمد صلي الله عليہ وسلم" (سنڌي)، سنڌيڪار: راڄپر، محمد انس، مولانا، سنڌي اڪيڊمي ڪراچي، پهريون ڇاپو 2001ع.
(10) شيدا، محمد عظيم، مولوي، "سيرت مصطفي ﷺ"، ڇاپو پهريون: رجب 1396ھ/جولاءِ 1976ع، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد.
(11) بخاري، گل محمد شاهه، سيد، سيرت النبي صلي الله عليہ وسلم (قرآن جي آئيني ۾)، مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور، ڇاپو پنجون: اپريل 2013ع.
(12) دائم، عبدالدائم، قاضي، "سيد الوري" (اردو)، جنگ پبلشرز پريس، 13 سر آغا خان روڊ، لاهور، سال اشاعت: جولاءِ 1996ع.

تاريخ جا ڪتاب

(1) علامہ محمد محمدي اشتهاردي، قصص الانبياء (اردو)، مترجم: علامہ آزاد حسين مشهدي، اداره منهاج الصالحين، لاهور.
(2) ابن ڪثير، محمد بن اسمائيل، عماد الدين، حافظ، امام، "قصص الانبياء" (اردو)، مترجم: اويسي، محمد فيض احمد، ابوالصاح، مفتي.
(3) ڪراروي، نجم الحسن، سيد، "چوده ستاري"، اماميہ ڪتب خانہ، لاهور،
(4) جعفر حسين، مفتي، "سيرت اميرالمومنين تگ"(اردو)، معراج ڪمپني، لاهور.
(5) سيوهاروي، محمد حفظ الرحمان، مولانا، "قصص القرآن" (اردو)، دارالاشاعت اردو بازار، ڪراچي، 2002ع.
(6) محمد بن سعد (المتوفي 230 ھ)، "طبقات ابن سعد" (اردو)، مترجم: العمادي، عبدالله، نفيس اڪيڊمي، اردو بازار، ڪراچي.

ٻين مذهبن جا مقدس ڪتاب

(1) بائيبل : اردو ، سنڌي، انگريزي، عبراني.
انگريزي بائيبل جا اهي نسخا جن کان آيتون نقل ڪيون ويون آهن:
(i) Amplified Bible, Classic Edition (AMPC)
(ii) Contemporary English Version (CEV)
(iii) Common English Bible (CEB)
(iv) Christian Standard Bible (CSB)
(v) Complete Jewish Bible (CJB)
(vi) Darby Translation (DARBY)

(vii) Douay-Rheims 1899 American Edition (DRA)
(viii) Easy-to-Read Version (ERV)
(ix) English Standerd Version (ESV)
(x) Expanded Bible (EXB)
(xi) GOD'S WORD Translation (GW)
(xii) Good News Translation (GNT)
(xiii) International Children's Bible (ICB)
(xiv) International Standerd Version (ISV)
(xv) King James Version (KJV)
(xvi) Living Bible (TLB)
(xvii) New Life Version (NLV)
(xviii) The Messege (MSG)
(xix) The Voice (VOICE)
(xx) Wycliffe Bible (WYC)
(xxi) Yong's Literal Translation (YLT)

(2) انجيل برناباس (اردو)، مترجم: انصاري، محمد حليم، مولانا، اداره اسلاميات، ڪراچي لاهور، پهريون دفعو، ربيع الاول 1424 هه، 2003ع.
(3) ميڪڊونلڊ، وليم، "تفسيرالڪتاب" (اردو)، (پيدائش-استثنا)، مترجم: ڊي-چند، سموئيل، بشپ، مسيح اشاعت خانه، 36-فيروزپور روڊ، لاهور 2016ع.
(4) ميڪڊونلڊ، وليم، "تفسير الڪتاب" (اردو)، (ايوب_زبور)، مترجم: ڊي چند، سموئيل، بشپ، مسيحي اشاعت خانه، لاهور، 2016ع.
(5) ميڪڊونلڊ، وليم، "تفسيرالڪتاب" (امثال_غزل الغزلات) (اردو)، مترجم: ڊي چند، سيموئيل، بشپ ۽ شيموئيل جيڪب، مسيحي اشاعت خانه، لاهور، 2016ع.
(6) ميڪڊونلڊ، "وليم، تفسيرالڪتاب" (يسعياه-داني ايل) اردو، مترجم: ڊي-چند، سموئيل، بشپ، مسيح اشاعت خانه، 36-فيروزپور روڊ، لاهور 1989ع.
(7) ميڪڊونلڊ، وليم، "تفسيرالڪتاب" (اردو)، جلد دوم (لوقا - يوحنا)، مترجم: سموئيل، جيڪب، مسيحي اشاعت خانه، 36 فيروزپور روڊ، لاهور، سال اشاعت: 2016ع
(8) ميڪڊونلڊ، وليم، "تفسيرالڪتاب" (اردو)، جلد ششم (عبرانيون-مڪاشفه)، مترجم: سموئيل، جيڪب، مسيح اشاعت خانه، 36-فيروزپور روڊ ، لاهور 2015ع
(9) تالمود (اردو)، اصل زبان عبراني کان انگريزي ترجمو: ايچ-پولانو، اردو ترجمو: استيفن بشير. مڪتب عناويم، پاڪستان، جي ٽي روڊ

ساڈو کي ضلع گوجرانوالا
(10) مدير اعلي: جي ٹي مينلي، "هماري کتب مقدسہ" (اردو)، اردو مترجمين: پروفيسر جي . ايس . امام الدين ۽ مسز کي . ايل . ناصر، مسيحي اشاعت خانہ 36 فيروزپور روڊ، لاهور، 2017ع.

متفرقات

(1) کيرانوي، رحمت الله، مولانا، حضرت، "اظهارالحق" جو اردو ترجمو: "بائيبل سي قرآن تک"، مترجم: اکبر علي، مولانا، شرح ۽ تحقيق: عثماني، محمد تقي، مکتبہ دارالعلوم، کراچي 14، طبع 10، رمضان المبارک 1437 هہ مطابق 16 جون 2016ع.
(2) مصباحي، جاويد احمد عنبر، "بائيبل مين نقوش محمدي"، انس پبليکيشنز، لاهور، سن اشاعت بار اول، جمادي الاول سن 1434 هہ /مارچ 2013ع).
(3) گلکرسٽ، جان، "از محمد فورٽولڊ ان دي بائيبل" (انٽرنيٽ) (Gilchrist, John, "Is Muhammad Foretold in the Bible?")
(4) ديدت، احمد، واٹ دي بائيبل سيز اباؤٹ محمد (صلي الله عليہ وآلہ وسلم) (Deedat, Ahmed, "What the Bible Says About Muhammad pbuh Printed at the Expence of Ministry of Awqaf and Islamic Affairs, Islamic Affairs Department, State Qatar (Gratis). 15th Print, March 2005)")
(5) وديارٿي، عبدالحق، "ميثاق النبيين" (اردو)، دارالاشاعت کتب اسلاميہ، 17 ـ مولانا آزاد روڊ، جيکب سرکل، بمبئي 11 .
(6) مودودي، ابوالاعلي، تفهيمات، اسلامک پبليکيشنز، لاهور ڈاکا، اشاعت هشتم 1968ع، جلد اول.
(7) مودودي، ابوالاعلي، سيد، "يهوديت و نصرانيت" (اردو)، اسلامک بک پبلشرز، کويت، طبع اول 1976ع.
(8) چرياکوٽي، عباسي، عنايت رسول، مولانا، "بشري" (اردو)، شرواني پرنٽنگ پريس، علي گڑهہ،1357هہ_ 1938ع.
(9) شهر آشوب، محمد بن علي، حافظ، محدث (متوفي 588 هہ)، "عمده المطالب" (اردو) ترجمو: "مناقب آل ابي طالب عہ"، مترجم ۽ حواشي: محمد شريف، ملک العلماء، انصاف پريس، ريلوي روڊ، لاهور.
(10) يحي، هارون، "معجزات قرآني" (اردو)، مترجم: شير محمد، فضلي سنز پبليکيشنز، کراچي، اشاعت چهارم، فيبروري 2006.
(11) دائود، عبدالاحد، پروفيسر، (اڱوٺو: ريورنڊ: ڊيوڊ بنجامن کلداني، بشپ آف ارميہ)، "محمد ان دي بائيبل" (Muhammad in The Bible)
(12) ثاقب، محمد عمران، حکيم، "بائيبل اور محمد رسول الله صلي الله عليہ وسلم"، مکتبہ قدوسيہ، اردو بازار، لاهور، 2011ع.
(13) الاعظمي، ابن اکبر، "محمد صلي الله عليہ وسلم هندو کتابون مين"، دارالاندلس، لاهور.

(14) المكتبة الشاملة

(15) نعماني، محمد عبدالرشيد، ”لغات القرآن مع فهرست الفاظ“ (اردو)، دارالاشاعت، اردوبازار، ڪراچي، طباعت:1994ع،

(16) المنجد (عربي_اردو)، دارالاشاعت، ڪراچي، ڇاپو يارهون، سال 1994ع

(17) Al Kalby, Kais, “Prophet Muhammad The Last Messanger in the Bible”, Tahrike Tarsile Qur’an, 801-10 5st. Ave Elmhurst, NY, New York 11373, (EIGHTH EDITION) 2005, USA, P-195

(18) قمي، عباس، شيخ، ”مفاتيح الجنان“ (اردو)، مترجم: نجفي، رياض حسين، سيد، العمران پبليڪيشنز ، اندرون موچي دروازه، لاهور،

(19) نقوي، حسن ظفر، مولانا، ”تاريخ ڪعبہ“ (اردو)، مجموعۂ تقارير، محفوظ بڪ ايجنسي، ڪراچي، طبع سوم، 1421 هه بمطابق مارچ 2008ع.

(20) ”آداب اسلامي“ (اردو)، مؤلفين: مدرسين حوزه علميہ قم القدس، معراج ڪمپني، اردو بازار، لاهور.

انٽرنيٽ
(Internet)

https://en.m.wikipedia.org

https://biblehub.com/text/deuteronomy/33-2.htm

https://biblehub.com/commentaries/isaiah/32-14.htm

https://www.bibleleague.org/bible-downloads/

https://www.christunite.com/index.php/arabic-bible-in-pdf

https://www.christunite.com/index.php/bible/niv-1984-bible-pdf

https://www.biblegateway.com/passage/?search=Deuteronomy%2033:1-3&version=NRSV

https://www.biblesociety.org.uk/explore-the-bible/read/eng/GNB/Deut/33/

https://en.m.wikipedia.org/wiki/Psalm-84

https://www.workingpreacher.org>preaching

https://www.biblegateway.com/passage/?search=Joel+3&version=CJB

https://www.biblegateway.com/passage/?search=Joel+3&version=NABRE

https://www.biblegateway.com/passage/?search=Joel+3&version=MSG

Isaiah 42:1_9 commentary by Amy G. Oden-working Preacher-Preaching...

https://en.wikipedia.org/wiki/Habakkuk

https://ur.wikipedia.org/wiki/دانی_ایل

https://ur.wikipedia.org/wiki/کتاب_دانی_ایل

https://ur.wikipedia.org/wikiکتاب_حزقی_ایل

http://www.aviny.com/quran/tasnim/jeld-4/tasnim-01.aspx

http://www.aviny.com/quran/tasnim/fehrest.aspx

http://passagetomadina.org/index.php/history/travelers-of-madina/170-tubba-as-ad-abu-kurib-al-himyari-the-king-of-yemen